# تعليم جو مسيحائي ڪردار

M. IBRAHIM JOYO
CENTENNIAL CELEBRATIONS
سنو ساله جشن

سنڌيڪار

## محمد ابراهيم جويو



- **ايميلي عرف تعليم**
  جي. جي. روسو
- **ٻارن جي تعليم**
  پليوٽارڃ
- **علم تدريس مظلومن لاءِ**
  پائلو فريري
- **ٻارن جو مسيح**
  اينڊ بلائٽن

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

2015

# تعليم جو مسيحائي ڪردار

[چار ڪتاب: ايميلي عرف تعليم، ٻارن جي تعليم،
علم تدريس مظلومن لاءِ ٻارن جو مسيح]

M. IBRAHIM
JOYO
CENTENNIAL CELEBRATIONS
سئو ساله جشن


سنڌيڪار

**محمد ابراهيم جويو**

مرتب

**تاج جويو**



**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي**

حيدرآباد، سنڌ

2015ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • پبلشر پاران | ڊاڪٽر فهميده حسين | 5 |
| • پـ اڪر | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 7 |
| • روشن خيال مفڪر ۽ مترجم | تاج جويو | 9 |
| • | | |

①

| | | |
|---|---|---|
| • **ايميلي عرف تعليم:** | جي. جي. روسو | 13 |

②

| | | |
|---|---|---|
| • **ٻارن جي تعليم:** | پليو ٽارچ | 93 |

③

| | | |
|---|---|---|
| • **علم تدريس مظلومن لاءِ:** | پائلو فريري | 135 |

④

| | | |
|---|---|---|
| • **ٻارن جو مسيح:** | اينڊ بلاٽن | 347 |

# پبلشر پاران

بيمار رڳو ماڻهو ڪونہ ٿيندا آهن، جن کي ڪو مسيحا دوا سان ٺيڪ ڪري، پر قومون بہ بيمار ٿينديون آهن، جن جي مسيحائيءَ لاءِ هڪڙو ئي يڪ ٽِڪ نسخو ڪارآمد ٿيندو آهي، سو آهي صحيح وقت تي، اُن قوم جي ٻارن کي ڏنل اهڙي تعليم، جيڪا سندن انساني ڪردار جي سنوار ڪري ۽ سندن مثبت ذهني اوسر ۾ ڀرپور طريقي سان حصو وٺي، کين بهتر انسان بنائي؛ منجهن سچ ۽ ڪوڙ گناهہ ۽ ثواب، ظالم ۽ مظلوم، چڱي ۽ مٺي جي فرق بابت ساڃهہ پيدا ڪري ۽ کين مثبت قدرن ڏانهن راغب ڪري، ناڪاري قدرن کان بُڇان ڏياري

روايتي رسمي تعليم تہ رڳو اکر۔ سڃاڻ پيدا ڪري سگهي ٿي، طوطي وانگر ڪتاب رٽي پڙهڻ سيکاري سگهي ٿي ۽ اهڙي تعليم سان خواندگيءَ جي شرح ۾ بہ اضافو ٿي سگهي ٿو، پر ڪوبہ ٻار۔ چوڪرو يا چوڪري۔ پنهنجي پاڻ، ڪتنب ۽ سماج جي لاءِ ڪو ڪارائتو ڪردار ادا ڪري، آزادي، انساني برابري، ڀائپيءَ، سماجي انصاف، رواداريءَ، روشن خياليءَ ۽ ترقي پسنديءَ جا قدر سڃاڻي، انهن تي عمل ڪري، ان لاءِ ضروري آهي تہ کيس بنياد کان ئي تيار ڪجي، نصابي ڪتابن ۽ استاد جي وسيلي سان گڏوگڏ آڪاڻين، ناميارين شخصيتن جي زندگيءَ جي واقعن ۽ قول ۽ فعل بابت ٻڌائجي يا واڌو پڙهڻ (Spplimentry reading) لاءِ ڪتاب مهيا ڪري ڏجن... ان ڳالهہ جي اهميت ۽ افاديت کان قوم جا ڏاها استاد چڱيءَ ريت واقف هوندا آهن. اسان جي قوم جو اهڙو ڏاهو ۽ استاد محترم محمد ابراهيم جويو کان وڌ ڀلا ڀيو ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن انهيءَ ڳالهہ جي اهميت کي سامهون رکي، مختلف ملڪن جي ڏاهن استادن جا ڪتاب ترجمو ڪري ڇپائي ڇپايا تہ جيئن انهن مان لاڀ پرائي

سگهجي. پهرين صدي عيسويءَ يوناني ڏاهي پليو ٽارچ جو تعليم بابت فلسفو هجي يا 18 صدي عيسويءَ جي گهڻ پاسائين فرينچ اسڪالر جين جيڪس روسو جو 'ايميليءَ' جي لاءِ لکيل تعليم جو نظريو يا 20 صديءَ ۾ برازيل ۾ تعليم جي ماهر پائلو فريريءَ جو پيڙيل طبقن لاءِ تدريس جو نظام- اهي سمورا سماج لاءِ ڪارائتا سمجهي، سائين محمد ابراهيم جويي، انهن بابت لکيل ڪتاب، خاص انهيءَ مقصد سان ترجمو ڪيا ته جيئن سنڌ جا استاد، مائٽ ۽ تعليمي ماهر، انهن مان پنهنجي ملڪ ۽ ماحول مطابق ڪارائتيون ڳالهيون حاصل ڪري، انهن جو اطلاق هتي ڪن.

ويهين صديءَ جي انگلنڊ جي ليکڪا اينڊ بلائٽن، ٻاراڻي ادب جو تمام وڏو نالو آهي، سندس ڪتابن جون سيريز 'فيمس فائيو'، 'سيڪريٽ سيون' وغيره ٻارن ۾ پڙهڻ جي عادت وجهڻ جي ڏس ۾ مشهور آهن، سندس ڪتاب 'ٻارن جو مسيح' ترجمو ڪرڻ پويان ٻه جويي صاحب جو مقصد ٻارن کي ڪهاڻين ذريعي اخلاقي تربيت ڏيڻ آهي.

مجموعي طرح ڏٺو وڃي ته هنن سمورن ڪتابن کي ترجمو ڪري، انهن ۾ موجود 'تعليم جي مسيحائي ڪردار' کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جنهن جي ذريعي سنڌي قوم جي مستقبل، اُن جي ٻارن ۽ پيڙيل طبقن جي بهتر اوسر ۽ ذهني ترقيءَ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سائين محمد ابراهيم جويي جي سؤ ساله سالگرهه جي موقعي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سندس ترجمو ڪيل هنن اهم ڪتابن کي سهيڙي، هڪ هنڌ شايع ڪيو ويو آهي، ته جيئن هن موضوع جي اهميت کي اجاگر ڪري سگهجي، جنهن سان سنڌ جي آئيندي جي سنوار جو ڪم ونڻ جي توقع آهي.

10 - فيبروري 2015ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# ٻه اکر

سائين محمد ابراهيم جويي جي سؤ ساله جشنن جي سلسلي جي هڪڙي اهم ڳنڍجاڙي 21 فيبروري 2015 تي مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران رٿي ويئي آهي. ان موقعي تي ٻولي جي بااختيار اداري پاران ٻه ڪتاب شايع ڪرائي پڌرو ڪيا ويندا، انهن مان هڪ ڪتاب ’تعليم جو مسيحائي ڪردار‘ آهي، اهو ڪتاب محمد ابراهيم جويو جي چُونڊ ترجمو ڪيل ڪتابن جو مجموعو آهي.

محمد ابراهيم جويو صاحب جڏهين سنڌي چوٿون درجو تمام سٺي مارڪن سان پاس ڪيو هو ته ڪيس ان وقت جي تعليم کاتي پاران ٻه ڪتاب انعام ۾ ڏنا ويا هئا. سندس استاد ٽيڪڻ مل ڪيس مبارڪون ڏيندي اهو چيو هو ته ”تون ڀاڳ وارو آهين، جو توکي اهي ڪتاب انعام ۾ مليا آهن. ڪتاب انسان جو سڀ کان سٺو دوست آهي، ۽ اهي ڪتاب تنهنجي رهنمائي ۽ رهبري ڪندا رهندا ۽ تون انهن ڪتابن کي ڪيترا ڀيرا پڙهين، پر انهن کي پڙهندي تون ٿڪبين ڪونه“ اها هدايت ٻالڪ محمد ابراهيم پنهنجي هينئن سان اهڙي ته هنڊائي ڇڏي آهي، جو اڄ جڏهين هو پنهنجي زندگي جي سوين سال ۾ هلي رهيو آهي، ته ان مرحلي تي سندس محبوب مشغلو ڪتابن جو اڀياس ڪرڻ آهي. سندس ننڍڙي پلنگ جي اڌ حصي تي رڳو ڪتاب ئي رکيل هوندا آهن. جن جو اڀياس ڪندو رهندو آهي. هن پنهنجي اڀياس واري اها عادت سنڌ واسين کي به منتقل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، ۽ مختلف دورن ۾ سنڌ واسين جي رهنمائي ۽ رهبري ڪندي مختلف موضوعن تي مختلف ڪتاب پيش ڪيا.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ پاڻ اهو محسوس ڪيائون تہ دنيا جو بهترين بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اچڻ گهرجي، جيئن اسين دنيا جي مختلف ڏاهن جي سوچ، فڪر ۽ ڏاهپ مان لاڀ پرائيندي پنهنجي ترقي جا ارتقائي مرحلا طئي ڪيون، پاڻ ان ڏس ۾ ڪيترن ئي سنڌيڪارن کي نہ فقط همٿائيندا هئا، پر ترجمي جي ڪري انهن جي رهنمائي بہ ڪندا هئا. گڏوگڏ پاڻ بہ ڪتابن جي ترجمن جي ڪم کي جاري رکيائون.

هن جلد ۾ هيٺيان چار ڪتاب شامل آهن:

1- ايميلي عرف تعليم 2- ٻارن جي تعليم

3- علم تدريس مظلومن لاءِ 4- ٻارن جو مسيح

اهي چارئي ڪتاب تعليم سان لاڳاپيل آهن ۽ دنيا جي برک ڏاهن جي سوچ، فڪر ۽ ڏاهپ جو نچوڙ آهن، جنهن دور ۾ هي ڪتاب ترجمو ٿي سنڌي ٻولي جي زينت بڻيا، ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انهن جي سنڌي ٻولي ۾ اهميت ۽ افاديت ساڳي آهي ۽ رهندي، بلڪ اڄوڪي دور ۾ جڏهن علم ۽ ادب ڏانهن پڙهندڙن جو لاڙو گهٽجي رهيو آهي تہ جويو صاحب جي لکڻين جي اڀياس جي گهرج اڃان وڌيڪ محسوس ٿي رهي آهي.

محمد ابراهيم جويو سو ساله جشن ڪاميٽي، سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي ٿورائتي آهي، جنهن اسان جي سڏ جي هاڪاري موٽ ڏيندي، انهن ڪتابن کي هيڪاندو ڪري شايع ڪرايو آهي. پروگرام موجب ٻين ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو مختلف مرحلن تي هلندڙ آهي ۽ اميد تہ ٻيا ڪتاب بہ ترت اوهان تائين پهچندا.

ڪراچي
15 فيبروري 2015

پروفيسر محمد سليم ميمڻ
سيڪريٽري
محمد ابراهيم جويو سو ساله جشن ڪاميٽي

## روشن خيال مفڪر ۽ مترجم (مهاڳ)

سائين محمد ابراهيم جويو سنڌ جي فڪري ۽ ادبي تحريڪ جو اُستاد ۽ سونهون آهي. سماجن ۽ قومن جي شعور جي تشڪيل ۽ قومي تشخص جي تعمير، اديب، دانشور ۽ مفڪر ڪندا آهن. ويهين صديءَ ۾ محمد ابراهيم جويي جهڙي مفڪر جو پيدا ٿيڻ ۽ اُن جي اڄ ايڪهين صديءَ ۾ موجودگي، تاريخ جو هڪ غير معمولي ڪرشمو آهي.

جڏهن 1940ع واريءَ ڏهاڪي ۾ سنڌ فڪري طرح هڪ ٻه واٽي تي هئي: هڪ پاسي مسلم ليگ 'ٻه قومي نظريي' جي علمبردار بڻيل هئي ۽ ٻئي طرف ڪانگريس 'گڏيل هندستاني قوميت' جي پرچارڪ هئي، اُن وقت جويو صاحب، ٽيهن ٻٽيهن سالن جو نوجوان، سرڪاري ملازمت ۾ هوندي هڪ اهڙيءَ واٽ جو پانڌيئڙو هو جيڪا ايم. اين. راءِ جي ترقي پسند فڪري لهر سان لاڳاپيل هئي. اها فڪري واٽ، هڪ طرف سائنسي شعور سان پرپور ۽ عوام دوست هئي ته ٻئي طرف مظلوم قومن جي حامي وطن پرست فڪر سان سرشار هئي. سندس ڪتاب 'Save Sindh, Save the Continent' هجي يا سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن 'دانهن' عنوان سان لکيل خط هجي، جويي صاحب سنڌ ۾ هڪ اهڙي فڪر جي اڳواڻي پئي ڪئي، جيڪو انسانذات جي صدين جي فڪري پورهيي ۽ 'سنڌوءَ جي ساڃاهه' جو تسلسل هو. ان حوالي سان جويو صاحب سائنسي، عقليت پسند ۽ عوام دوست مفڪر آهي. هن صدين جي وهم پرستيءَ ۽ خود فريبيءَ ۾ ويڙهيل روحانيت جي جهنگ مان سنڌي ماڻهن کي ڪڍي منجهن سائنسي ۽ مادي شعور کي پکيڙيو ۽ سنڌ ۾ 'نئين جاڳرتا' جا بنياد وڌا. اڄ سنڌ ۾ جيڪا علمي ادبي ڏاهپ، ساڃاهه ۽ فڪري سگهه موجود آهي، اُن ۾ محمد ابراهيم جويي جو ٻين مفڪرن سان گڏ اهم ۽ وڏو ڪردار آهي.

جويو صاحب دور انديش نگاهه جو صاحب آهي. هن کي جيڪا پنهنجي سنڌ ساڻيهه، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ ادب سان بيپناهه محبت ۽ اُن جي روشن ۽ تابناڪ، سلامت ۽ سدا قائم مستقبل لاءِ اون آهي، اُن جو ثبوت سندس ڪتاب **'سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو'** آهي، جيڪو 1947ع ۾ سندس هٿ ۾ هو ۽ اڄ ٻه اُهو جهنڊي جي روپ ۾ سندس هٿ مان نه ڪِريو

آهي. هن ڪتاب جي اُها حيثيت آهي، جيڪا بُنياد پرستيءَ جي لهر کي مستقبل ۾ روڪڻ لاءِ جي. ايم. سيد جي ڪتاب 'جيئن ڏٺو آه مون' کي حاصل آهي، يا جيڪا خود پرست روحانيت جي ڳُن مان ڇٽائي جي فڪر کي ڪيڙڻ لاءِ 'پيغامِ لطيف' ڪتاب کي رهي آهي.

ڪنهن سماج جي پستيءَ ۽ زوال جو بُنيادي ڪارڻ اُن جي علمي ۽ ذهني غُربت (Intellectual Impoverishment) هوندي آهي. اسان خوش نصيب آهيون، جو سنڌي سماج مان 'علمي ۽ ذهني غربت' ختم ڪرڻ لاءِ 19 صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ مرزا قليچ بيگ ڪوشش ڪئي ۽ اڳتي هلي فڪري ۽ علمي ميدان جو اُهو جُمود، محمد ابراهيم جويي ختم ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي.

اڄ جڏهن اسان جي ادبي ماحول ۾ علميت ۽ سنجيدگي ۽ فضيلت جي کوٽ محسوس ٿي رهي آهي، اُن وقت جويي صاحب جي تحريرن ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو مطالعو انتهائي ضروري ٿي پيو آهي.

جويي صاحب تہ ماهي مهراڻ جي 1955ع واري دور ۾ ادبي ۽ فڪري، شعور ۽ تنقيدي روايت کي وڏي هٿي ڏني ۽ سندس سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تحريڪ ۾ قدر ۽ منزلت نهايت متانهين آهي. هن هميشہ نئين نسل کي همٿايو ۽ اُتساهيو آهي. هن ادارا ۽ اديب ٺاهيا آهن. سندس عظمت ۽ وابستگي زمانن جي طوفان ۾ ڪڏهن بہ جهڪي نہ ٿي آهي. جهڙا اڇا اُجرا ڪپڙا جويي صاحب جو 'ٽريڊ مارڪ' آهن، اهڙي اڇي اُجري دل، اڇا اُجرا خيال ۽ سوچون رکي ٿو. اڄ کان 100 سال اڳ، 'آباد' نالي ڳوٺڙي ۾ هڪ هاريءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هن شخص، سڄي ڄمار سنڌ جي فڪري ۽ ادبي رهنمائي ڪئي آهي. سندس طبعزاد تحريرن سان گڏ هن جي ترجمن سنڌ ۾ وڏي فڪري تبديلي آندي آهي. شيخ اياز، سراج، شمشير الحيدريءَ، علي احمد بروهيءَ، رسول بخش پليجي، ايم. ايچ پنهور ۽ عبدالغفور الستيءَ کان وٺي اسان تائين هر جديد، ترقي پسند ۽ وطن دوست فڪر جو پوئلڳ جويي صاحب جو سڌيءَ اڻ سڌيءَ طرح شاگرد رهيو آهي. هن ٽي. ايس. ايليٽ، يونان جي تعليمدان پليو ٽارچ، فرانس جي انقلابي مفڪر روسو، جارج پوليزر، پائلو فريري، اينڊ بلاٽنن، ايمل ايرڪمين، اليگزينڊر چيٽريان،

برتالٽ پريخت، هارڊ موئر، اسٽيفن زويگ ۽ جي. ايم. مهڪريءَ سميت ڪيترن مفڪرن ۽ فلاسافرن جون تحريرون ترجمو ۽ Transcribe ڪيون آهن. هي ڄاڻ جو اُهو ديوتا آهي، جنهن کي سراج راجا چچ جي دور جي اُن پروهت سان ڀيٽيو هو جنهن جي ڄاڻ، ڏيا ۽ حشمت ڏسي راجا چچ جا حوصلا خطا ٿي ويا هئا. سراج لکيو آهي ته: "ائين لڳي ٿو ته اهي علم ۽ ڄاڻ جا پروهت جوڻ متائي، هر دور ۾ ابراهيم جويي جهڙا ماڻهو بڻجيو پون."

'تعليم جو مسيحائي ڪردار' ـ ڪتابي جُلد ۾ جويي صاحب جي ترجمي ڪيل چئن ڪتابن کي سهيڙيو ويو آهي: (1) ايميلي عرف تعليم: جي. جي. روسو (2) ٻارن جي تعليم: پليو ٽارچ، (3) علم تدريس مظلومن لاءِ: پائلو فريري، (4) ٻارن جو مسيح: اينڊ بلاٽن.

(1) **ايميلي عرف تعليم،** روسي (Jean Jacques Rousseau) جي 450 صفحن جي ضخيم ڪتاب جو اختصار آهي، جنهن ۾ هن پنهنجو تعليم ڏيڻ جو طريقو نهايت دلچسپ پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي. روسي کي وفات ڪئي 250 سال ٿي ويا، ڪيترا تعليمي ماهر پيدا ٿيا، پر 'ايميلي' جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته اُنهن ڪي نوان اُصول ڳولي ڪونه ڪڍيا، بنيادي اُصول اهي ئي آهن، جيڪي روسي بيان ڪيا آهن. روسي ٻار جي تعليم جو هر پهلو ٻار جي نفسياتي ۽ جبلي گهُرجن جي بنياد تي رکيو آهي ۽ هن ٻار جي تعليم جو طريقو قدرت (Nature) جي رهنمائي تي ڇڏي ڏنو آهي. روسي مطابق: سماج تعليم وسيلي اهڙا فرد پيدا ڪري، جيڪي پاڻ کي عالمگير برادريءَ جا فرد سمجهن. روسي 'عمراني معاهدو' ۽ 'ايميلي' نالي به ڪتاب 1762ع لکي پيش ڪيا، ٻنهي ڪتابن جو بنياد، انسان جي فطري مساوات، اخوت ۽ حُريت تي ٻيٺل آهي، ٻنهي جي تبليغ جو واحد مقصد هي آهي ته اُنهن بنيادي اصولن جو تحفظ عام تعليم ۽ تدريس جي وسيلي ڪيو وڃي ۽ اُنهن جو استعمال سماج جي هر صحيح قانون جو روح هجڻ گهرجي، ٻي حالت ۾ تعليم، تعليم نه رهندي

(2) **ٻارن جي تعليم:** هن ڪتاب جو مصنف پليو ٽارچ، پهرين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري يونان جي ڊيلفي شهر ويجهو ڪيرونا ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هي يونان جي عالمن ۽ بزرگن وانگر رومي حڪومت جو اعزازي صلاحڪار به هو هو شهرت جي اوج وقت روم کي خيرباد چئي پنهنجي

ننڍڙي گنمام ڳوٺڙي ۾ اچي رهيو هو. جتي غريباڻي روزگار جي بندوبست بعد ڳوٺ جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت ۾ لڳي ويو. ڪتاب 'ٻارن جي تعليم'، هن موضوع تي قديم زماني جي واحد تڪميلي تصنيف جي حيثيت رکي ٿو. 'نئين سجاڳيءَ' واري دور ۾ جيڪي به عالم ۽ سڌارڪ پيدا ٿيا، سي هن مضمون کان بيحد متاثر ٿيا. هن ڪتاب مان ٻارن جا مائٽ، استاد ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ صاحب وڏو فائدو وٺي سگهن ٿا.

(3) **علم تدريس مظلومن لاءِ:** پائلو فريريءَ جو هي ڪتاب هڪ تعليمي ڪتاب آهي. هن اسپينش عالم جو خيال آهي تہ تعليم آزادي ۽ سماجي تبديليءَ جو هڪ رستو آهي. هن جي نظر ۾ اُها تعليم 'بئنڪاري' نہ پر مسئلن کي کولي آڏو رکندڙ تعليم هجي، ڪرامتي نہ پر آزاد ۽ جمهوري تعليم هجي. ڳالهہ ٻولهہ مخالف نہ پر ڳالهہ ٻولهہ پسند تعليم هجي. هن 'بئنڪاري' تعليم کي ظلم پسند ۽ مڙهيل تعليم سڏيندي، اُن کي گگدام ۽ ماٺ جي تهذيب 'Culture of Silence' سڏيو آهي، جيڪا مظلوم ۽ غريب تي مڙهي وڃي ٿي.

(4) **ٻارن جو مسيح:** هيءَ ڪتاب، اينڊ بلاٽن جي ڪتاب 'Children's life of Christ' جو ترجمو آهي، جيڪو جويي صاحب 1989ع ۾ ٻارن جي عالمي سال جي تحفي طور، سنڌي پڙهندڙ ٻارن لاءِ ترجمو ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ مسيح جي جنم کان وٺي صليب تي چڙهڻ ۽ سندس طرفان بيان ڪيل 'آسماني بادشاهت' جي چاڻ ۽ تعليم ڏيڻ جو تفصيل ڏنل آهي. حضرت مسيح جي نظر ۾ 'آسماني بادشاهت' ۾ اهو ئي داخل ٿي سگهي ٿو جيڪو هڪ معصوم ٻار وانگر پاڻ کي ننڍو ڪري سمجهندو. هن جي نظر ۾ جيسين ماڻهو ننڍڙن ٻارڙن جهڙا معصوم ۽ سباجها نہ ٿيندا، تيسين ڪنهن بہ طرح 'آسمان جي بادشاهت' ۾ شامل نہ ٿي سگهندا.

اميد تہ هي جويي صاحب جي ترجمو ڪيل چئن ڪتابن جو گڏيل ڪتاب، تعليم جي مسيحي ڪردار، سنڌ جي نئين نسل جي رهبريءَ لاءِ هڪ ڪارائتو ۽ سگهارو ڪتاب ثابت ٿيندو.

**— تاج جويو**

10 فيبروري 2015ع

1

# ايميلي عرف تعليم

جي. جي. روسو

سنڌيڪار

**محمد ابراهيم جويو**

پهریون چاپو: 1949ع
ٻيو چاپو:        1995ع

## ترتيب


- انتساب 17
- پيش لفظ 19
- ويچار 21
- تعارف 23
- ايميلي عرف تعليم ـ چونڊ ۽ اختصار 43
- حوالا ۽ اُنهن جي تشريح 77
- ڏکين لفظن جي معنيٰ 85

# انتساب

پنهنجي حقير ذهن ۾ تصور جي هيءَ اڏاري ورتل پُونجي وابستہ تو ڪريان انهيءَ معصوم محبوبہ جي پاڪيزه ۽ دلنواز ياد سان، جيڪا منهنجي رفيق حيات هئي، ۽ جنهن پنهنجو ثمر حيات منهنجي حوالي ڪري، مون سان حياتيءَ جي رفاقت جا ڏاڍا ڇِنا. ۽ مون سان هميشہ هميشہ جون موڪلائيون ڪيون!

هڪڙي ڀيري، جڏهن مون ڪيس 'ايميليءَ' جا ڀهريان ورق پڙهي پئي ٻُڌايا ۽ سمجهايا، تڏهن پاڻ هڪ نفيس ۽ دلگداز آواز ۾ چيائين، " هي جو هاڻي منهنجي ساهہ سان گڏ ڀيو ساهہُ مون وٽ آهي، سو جڏهن منهنجي ساهہ ڪان الڳ پنهنجي منهن ساهہ ڪڻڻ جهڙو ٿيندو، تڏهن هن ڪي ڏسان تہ تون ڪهڙو پختو ۽ قابل ڪار ٿو بنائين!... اڳي چوندي هيس تہ شل منهنجي عمر بہ توکي ملي، پر هاڻي چوان ٿي تہ شل تنهنجي حياتي بہ هُن ڪي نصيب ٿئي: شل هيءُ اسان جو روشن تارو، جو هاڻي اُبرڻ وارو آهي، دنيا جي آسمانَ تي هميشہ هميشہ چمڪندو رهي!.... بس، اِهي ئي سموريون آهن منهنجي دل جون باقي اُميدون!"

ڪٿي آهي اُهو سماج، ڪٿي آهي اُهو انصاف ۽ اُها آزادي، جن ۾ هڙيءَ ساهہَ صدقي ڪنڌڙ مهربان، منڙيءَ ماءُ جون اهي محبت ڀريون معصوم اُميدون پوريون ٿي سگهن؟

— م. ا. ج

—

اها هڪ حقيقت آهي تہ پيسٽالازيءَ تعليم جا گهڻا اصول 'ايميليءَ' تان ورتا. وڏو شرف روسي جو چئبو جو سندس ڪتاب پيسٽالازيءَ جهڙي بلند پايہ تعليمي ماهر جي پڻ رهنمائي ڪئي.

—

# پيش لفظ

هيءَ ڪتاب 'ايميلي عرف تعليم- چونڊ ۽ اختصار'، جيئن سندس نالي مان ظاهر آهي، چونڊيل آهي روسو جي ڪتاب 'ايميليءَ' مان، جو هڪ 450 صفحن جو ضخيم ڪتاب آهي. اُنهيءَ ڪتاب ۾ روسي پنهنجو تعليم ڏيڻ جو طريقو نهايت دلچسپ پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي. هن فرانسيسي فيلسوف جڏهن هيءَ ڪتاب پڌرو ڪيو، تڏهن مغربي ملڪن، خاص ڪري فرانس، ۾ ماتم مچي ويو: ڇي "هيءَ انقلابي ڪتاب آهي". انهي ڪري هن غريب کي ڪيتريون سختيون سهڻيون پيون.

ڀلا هيءَ ڪتاب تعليمي اصولن ۽ طريقن ۾ انقلاب ڇو نہ آڻي؟ سترهينءَ ۽ ارڙهينءَ صديءَ ۾ سڄي يورپ ۾ تعليم ڏيڻ جو مروج نمونو ڏهڻو ڪري هڪ ئي هو يعني ساڳيا ئي ڪتاب ساڳئي نموني ۾ صدين جون صديون پاڙهيا ويندا هئا. وڏن لاءِ بہ ساڳيو قاعدو تہ ننڍن لاءِ بہ ساڳيو- رڳون مڙيئي ٻوٽ ڪاريون. عملي تعليم جو تہ نام نشان بہ ڪو نہ هو. ٻار ڇا آهي، من (ذهن) ڪيئن ٿو ڪم ڪري ۽ اُن جون گهرجون ڪهڙيون آهن، ۽ اُنهيءَ پٽاندر تعليم جي طريقي کي بہ ڦيرائبو وڃجي، انهن ۽ ٻين اهڙين نيڪ ڳالهين ڏي ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو ويندو هو. مطلب تہ اهو بنهہ نظرانداز ڪيو ويو هو تہ ٻار جي بہ تعليم جي دنيا ۾ ڪا هستي آهي. هيءَ فطرتي ڳالهہ آهي تہ عام پسند ۽ مروج طريقي ڪار ۾ جيڪڏهن توري بہ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪبي، پوءِ اها تبديلي ڪيتري قدر بہ ڪري مفيد هجي، تہ عام ماڻهن کي پسند نہ ايندي آهي. هتي تہ روسي نہ فقط تعليم جي طريقي ۾، پر خود تعليم جي مواد ۾ بہ هڪ سري ڪان بئي سري تائين، هڪ بنيادي تبديلي آڻڻ ٿي گهريءَ سو جيڪڏهن هن ڪان ۽ سندس ڪتاب ڪان ماڻهو ڇرڪڻ لڳا تہ عجب ڪونهي.

پيستالازي (1746ع- 1827ع) پهريون تعليمي ماهر هو جنهن علم النفس يا من وديا کي تعليم ڏيڻ جي فن ۾ ڪم آندو. ڪيس "تعليمي نفسيات جو ابو" ڪري ليکيو وڃي ٿو. اها هڪ حقيقت آهي تہ پيستالازيءَ تعليم جا گهڻا اصول "ايميليءَ" تان ورتا. وڏو شرف روسي جو ڇئبو جو سندس ڪتاب پيستالازيءَ جهڙي بلند پايہ تعليمي ماهر جي پڻ رهنمائي ڪئي.

جديد تعليم جو مقصد آهي تہ شاگرد کي ذهني ۽ جسماني تربيت اهڙيءَ طرح ڏجي، جو هو قوم ۽ سماج لاءِ هڪ ڪاريگر فرد ثابت

**ايميلي عرف تعليم**

ٿئي. روسي پنهنجي تعليمي تلقين ۾ اهي بيئي مقصد گڏوگڏ پيش نظر رکيا آهن.

روسي کي گذرئي اٽڪل 200 سال ٿي ويا آهن. ۽ انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا تعليم جا ماهر پيدا ٿيا آهن. جن تعليمي نظريا ۽ طريقا پيش ڪيا آهن. پر "ايميليءَ" جي غور سان مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿيندو تہ انهن ماهرن ڪي نوان اصول ڪونہ ڳولي ڪڍيا آهن. بنيادي اصول اهي ئي آهن. جي روسي بيان ڪيا آهن: انهن ماهرن فقط وڌيڪ تشريح يا تعميل ڪئي آهي.

روسي ٻار جي تعليم جو هر هڪ پهلو ٻار جي نفسياتي يا جِبلي گهرجن جي بنياد تي رکيو آهي ۽ انهيءَ تعليم کي مؤثر ڪرڻ لاءِ عملي قلم بہ ڏسيا اٿس.

روسي، ٻار جي تعليم جو طريقو قدرت (Nature) جي رهنمائيءَ تي ڇڏي ڏنو آهي. انهيءَ ۾ ڪن کي قدري اختلاف تي سگهي ٿو. پر روسو پاڻ چوي ٿو تہ : "ممڪن آهي تہ آءٌ ڪٿي غلط بہ هجان. پر جيڪڏهن ڪو منهنجي غلطي خيال ۾ رکي، سوچ ويچار ڪري، اصلاح جو رستو ڳولي ڪڍندو تہ آءٌ پنهنجي محنت سجائي سمجهندس"

روسي جي تلقين تہ "سماج. تعليم وسيلي اهڙا فرد پيدا ڪري، جي پاڻ کي عالمگير برادريءَ جا فرد سمجهن ۽ ثابت ڪري ڏيکارين" - سونهري اکرن ۾ لکڻ جي لائق آهي. انهيءَ نصيحت تي جيڪڏهن قومون عمل ڪن. تہ هوند هاڻوڪي متحده قومن جي منڊل جهڙين جماعتن ڏانهن دانهن ڪٿي وڃڻ جي ڪنهن کي ضرورت ئي ڪانہ ٿئي. خالص ۽ صحيح اسلام جي بہ اُها ئي تعليم ۽ اها ئي تلقين آهي. مگر افسوس جو اسان پاڻ کي مسلمان چوائڻ وارا انهيءَ تعليم کي سمجهڻ ۽ انهيءَ تلقين تي عمل پيرا ٿيڻ بدران اڄ محض خودپسنديءَ جي هوشربائن ۾ ئي محو ويٺا آهيون.

عزيزم مسٽر محمد ابراهيم محنت وٺي روسي جي ڪتاب جي عارفانہ چونڊ ۽ ان جو عالمانہ اختصار لکيو آهي. انهيءَ مبارڪ ڪم ۾ جيڪا خوش اسلوبي، علم دوست ۽ سليم راءِ هن صاحب ڏيکاري آهي، سا واقعي تحسين جوڳي آهي.

اُميد تہ هيءَ ننڍڙو ڪتاب اُستادن خواهہ تعليم سان دلچسپي رکندڙ اصحابن لاءِ مفيد ۽ ڪارگر ثابت ٿيندو.

ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد (سنڌ)
24.12.1949

**غلام حسين احمد خان سومرو**
بي. اي، ايل. ايل. بي، بي. ٽي.

"In Islam, 'Allah' and 'Truth' are used as identical terms. The same word 'Haq' has been used for both. Islam is also identified with Nature, within and without. Therefore Islam, in its true essence, is an urge to seek Truth in life and Nature."

(Excerpt from the 73rd Convocation Address at Lahore University, Punjab, delivered by Mr. Ghulam Mohammad, the then Finance Minister, Pakistan.)

❋

"اسلام ۾ 'الله' ۽ 'سچ' ٻئي هم معنيٰ لفظ آهن: ٻنهي لاءِ هڪڙو ئي لفظ 'حق' استعمال ۾ آيل آهي. ساڳيءَ طرح اسلام جي مشابهت ڪل عالم فطرت سان پڻ مسلم آهي. ثابت ٿيو تہ اسلام حقيقت ۾ هڪ جذبو آهي عالم حيات توڙي ٻئي ڪل عالم فطرت ۾ سچ کي ڳولڻ جو."

(پاڪستان جي سابق وزير ماليات, مسٽر غلام محمد, جي خطبي جو اقتباس, جيڪو پاڻ لاهور يونيورسٽيءَ جي ٽيهترئين ساليانہ اجتماع جي موقعي تي پڙهيائون).

سمنڊ جي سپِين، تنهين ماڻڪ ميڙيا،
چِلُرَ جي چوئين، تن سانکوڙنا ۽ سُتيون!

# تعارف

جين جئڪس روسو (Jean- Jacques Rousseau) اُنهن انسانن مان آهي جن تهذيب ۽ تمدن جي دنيا تي پنهنجي طبعزاد فڪر ۽ خيال جا اهي دل آويز ۽ لازوال نقش ڄڙي ڇڏيا آهن، جيڪي ڪنهن به حالت ۾ ڪڏهن به منجهڻ ۽ ميسارجڻ جا نه آهن. دنيا اهڙن ڪامل شخصن جا جيتري قدر به ڳڻ ڳائي ۽ احسان مڃي اوترو ٿورو.

مٿي اُتي منهنجي، جي هُئا سِرَن سَوَ هزار،
ته تنهنجيءَ ساڻ تنوار، هَر هَر وڍيم هيڪڙو.

ارڙهينءَ صديءَ جي هن عظيم الشان مفڪر ۽ اديب پنهنجي وقت جي دنيا ۽ سماجي ماحول کي هڪ اڻ ڳُس پارکوءَ وانگر ڏٺو جانچيو اٿلايو پٿلايو پرکيو ۽ پروڙيو ۽ اُن جي اوڻاين ۽ ادڻگاين جي نبض تي اهڙيءَ طرح ته وڃي پنهنجي حڪيمانه آڱر رکي، جو اُن جي ڪوڙهئي جسم ۾ هڪدم هڪ قسم جي عام بيچيني، هنگامه آرائي، اٿل پٿل شروع ٿي ويئي. ۽ عام انسانن جي دل و دماغ ۾ اها سمجهه اها خودشناسي، خود اعتمادي ۽ عمل پروري پيدا ٿي، جو هو قدامت پرست، دل شڪسته ۽ بيڪس غلامن مان ڦري، قدامت شڪن، تعمير پسند ۽ حق و صداقت ۽ آزاديءَ جا شير دل سپاهي بنجي، پنهنجي مستقبل جا پاڻ معمار بنيا، ۽ تهذيب وتمدن ۽ علم و دانش جي موجوده جديد دور جا ڪامياب پيشور ثابت ٿيا.

انسانن جي برابريءَ، برادريءَ ۽ آزاديءَ جي معنيٰ خيز نعرن سان فرانس ۾ 1789ع ۾ هڪ اهڙو دور رس نتيجن سان ڀريل، تاريخي انقلاب عمل ۾ آيو جنهن دنيا کي پهريون ڀيرو جمهوريت جي تحريڪ جي بنيادي منطق ۽ عملي شڪل ۽ صورت سان روشناس ڪيو. يورپ جا جاگيردار ۽ مطلق العنان بادشاهه جيڪي عوام مٿان حڪومت ۽ فرمان روائي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي خدا جا عيوضي ڪري سمجهندا ۽ سڏائيندا هئا، تن پنهنجي وجود کي اهڙيءَ طرح غير محفوظ ڏسي، پنهنجي سموريءَ منظم ۽ متحد قوت سان ان انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ويهن ئي نَهن جا زور لڳايا. ۽ انقلاب جي مرڪز يعني فرانس جي عوامي جمهوريت تي ديوانه وار حملن مٿان حملا

ڪيا. انقلاب جي حفاظت ۽ علمبرداريءَ جو ڪم اتفاقاً نيپولين بونا پارٽ جي حصي ۾ آيو جنهن پنهنجي ڪمال بهادريءَ ۽ قابليت سان انقلاب جي ايستائين حفاظت ۽ پرورش ڪئي جيستائين ان جي پيغام ۽ تعليم جون پاڙون مضبوط ۽ پختيون وڃي ٿيون. انقلاب جي هن محافظ نيپولين، هڪ هنڌ تقرير ڪندي روسي جي تعريف ۾ هي الفاظ استعمال ڪيا آهن ته "هن ڪانسواءِ فرانس ۾ اهڙو انقلاب اصل وجود ۾ ڪين اچي سگهي ها."

روسُو 28 جون، 1712ع ۾ سئٽزرلنڊ جي هڪ آزاد ۽ خودمختيار شهر جينيوا (Geneva) ۾ آئزڪ روسو – پيءُ – ۽ سوزن برنارڊ- ماءُ- منجهان پيدا ٿيو. سندس آبا و اجداد اصل فرانس جا ويٺل، عيسائي مذهب جي پروٽيسٽنٽ فرقي جا هئا، ۽ اها پنهنجن مذهبي اعتقادن سبب ئي فرانس مان ترڪي جينيوا شهر ۾ هجرت ڪري اچي ويٺا هئا. سندس پيءُ جو موروثي ڌنڌو گهڙي سازيءَ جو هو ۽ سندس ماءُ هڪ وزير جي ڌيءُ هئي. پنهنجي والدين جي نڌيپڻ جي باهمي سڪ ۽ پيار جو داستان ۽ عشق ۽ محبت جي شاديءَ جو احوال روسو پنهنجي " اعتراف نامہ"(Confessions) جي پهرين صفحن ۾ نهايت دل آويز نموني ۾ بيان ٿو ڪري، ۽ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن جنم ڏيئي جڏهن سندس والده اوچتو ئي اوچتو وفات ڪري ويئي تڏهن باقي سموري عمر سندس پيءُ ڪيئن اُنهيءَ ناگهاني فراق جي صدمي لاءِ ڪيس ئي جوابدار سمجهندو ايندو هو! "ڪڏهن ڪڏهن والد محترم اچانڪ مون کي چوندو هو 'جين! اچ ته توکي تنهنجي پياريءَ امڙيءَ جون ڳالهيون ٻڌايان!' مان ڪيس وراڻيندو هوس، 'ها، پر ابا! توهان کي ته خبر آهي ته مون کان اڳي توهان ئي روئي وهندا !' تنهن تي والد محترم جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي ايندا هئا. محبت پريءَ هنج ۾ وهاريندو هو ۽ نهايت پرپيل آواز ۾ چوندو هو 'جين! چا ٿو سمجهين، جيڪڏهن تون منهنجي سُوزن جي نشاني نه هجين ها ته ايترو هوند توکي پيار ڪريان ها!"

روسي جي زندگيءَ جي هيءَ هڪ عجيب و غريب خصوصيت آهي ته 37 ورهين جي ڄمار تائين هو بلڪل پنهنجي پيءُ وانگر، صرف هڪ محجوب، آسائش پسند، پورالو، ويسارو، ارادي جي قوت کان يڪسر محروم، رواجي، نازڪ مزاج، زود رنج، لاپرواهہ حد کان زياده جذباتي ۽ پاٽيهي

پنهنجي مشڪلاتن پيدا ڪرڻ وارو بي ميار سوڊو بنيو هيڏانهن هوڏانهن وتندو هو گهمندو ڦرندو ۽ سير ڪندو. منجهس جيڪي بہ پوشيده لياقتون ۽ صلاحيتون موجود هيون تن کان هو خود پاڻ بہ يڪسر غافل ۽ لا علم هو. منجهس هڪ خاصيت سا ضرور هوندي هئي تہ هو ڪتابن جو بيحد شوقين هوندو هو ۽ ڪتابن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هو ڪابہ مهل ڪمهل ڪين ڏسندو هو. اها عادت بہ هن پنهنجي مشفق و مهربان پيءُ جي صحبت ۾ پرائي، ايتري قدر جو هو پاڻ ٻڌائي ٿو " مون کي ياد نہ آهي تہ آءٌ ڪڏهن پڙهڻ سکيس، مگر پهريون دفعو جڏهن مان پنهنجي منهن چڱي خاصي انداز ۾ هڪڙو ڪتاب پڙهي ويس تڏهن منهنجي دل تي جيڪو اثر ٿيو سو مون کي چڱي طرح ياد آهي، تنهن وقت آءٌ شايد ستن ورهين جو هوس. هر رات مانيءَ کانپوءِ آءٌ ۽ منهنجو والد محترم گڏجي والده مرحوم جي جمع ڪيل ڪتابن مان هڪڙو نہ ٻيو ڪتاب کڻي پڙهڻ ويهي رهندا هئاسون. والد محترم جو مقصد شروعات ۾ فقط هيءُ هوندو هو تہ منهنجي پڙهڻ جي لياقت وڌي، پر اهڙيءَ طرح ڪتاب پڙهندي پڙهندي ٻنهي کي ايترو تہ مزو اچي ويندو هو ۽ ان جي دلچسپ ڳالهين ۾ ٻئي ايترو تہ محو ٿي ويندا هئاسون، جو يا تہ سمورو ڪتاب ختم ڪري پوءِ اٿندا هئاسون، يا تہ وري پڙهندي پڙهندي پرهہ ڦٽي ويندي هئي تہ صبح جو درين ۾ پکين جون ٻوليون ٻڌي والد محترم هڪ عجيب مونجهاري ۾ اچي ويندو هو ۽ واڻڻ وانگر ڪکو وکو ٿي چوندو هو 'جين! اڄ تہ هاڻي سمهون، آءٌ تہ تو کان ٻئي وڌيڪ ٻار ٿي پيو آهيان!"

37 ورهين جي عمر ۾ روسي جي زندگيءَ ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ اهڙو غير معمولي واقعو پيش آيو جو اُن کانپوءِ روسو روسو نہ رهيو: سندس زندگيءَ ۾ اهڙي تہ هڪ بنيادي ڪايا پلٽ اچي ويئي جو هو خود پاڻ بہ ان تي غور ڪندي ڪندي حيرت ۾ پئجي ويندو هو. باقي ساري حياتي، جڏهن بہ کيس اهو واقعو ياد ايندو هو، تڏهن هڪدم سندس بدن ۾ لرزش پيدا ٿي ويندي هئي، ۽ وار ڪاندارجي ويندا هئس.

1749ع جي اونهاري جي موسم ۾ هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي دوست ڊڊرٽ (Didort) جي ملاقات لاءِ گهران روانو ٿيو. ڊڊرٽ ان وقت هڪ سياسيُ قيديءَ جي حيثيت ۾ سرڪاري حوالات ۾ بند هو. قيدخانو اٽڪل چار ميل

پري هو. رستي تي ڪو خاص وڻ ترڻ بہ ڪو نہ هو ۽ ڪيس پيرين پنڌ اهو سارو مفاصلو طئي ڪرڻو هو. هلندي هلندي دل ۾ ڪي وندرائڻ لاءِ هن هڪ ادبي رسالي جا ورق ورائڻ شروع ڪيا. اوچتو ئي اوچتو سندس نظر ڊجون جي درسگاهہ (Academy of Dijon) طرفان شايع ٿيل هڪ اشتهار تي وڃي پيئي جنهن ۾ هيٺئين موضوع تي بهترين مضمون لکڻ واري کي انعام جي آڇ ڪئي ويئي هئي. "علم ۽ فن جي ترقيءَ ڪري انسان جا اخلاق سڌريا آهن يا بگڙيا آهن؟" هن پڌرائيءَ جي پڙهڻ سان هن ائين ڀانيو ڄڻ "منهنجو دماغ اوچتو ئي اوچتو ڪنهن جبل سان ٽڪرجي پاش پاش ٿي ويو هجي. هزارها خيال ۽ فڪر منهنجي ذهن ۾ بجليءَ وانگر چمڪڻ لڳا. ساهہ گهٽجي ويم. بيان کان ٻاهر بيچيني ۽ ٻوساٽ محسوس ڪيم. هڪ بي جان ٻوٽي وانگر سامهون هڪ وڻ هيٺان ڪٽي ڀاڻ ڦٿو ڪيم. پگهر ۾ شل ٿي ويس. پنهنجي بدن کي ڀانيم تہ ڄڻ ٽانڊن تي پيو پچي ۽ سيڪجي. دير دير سان جڏهن ان نيم غشيءَ جهڙيءَ حالت مان فراغت مليم تڏهن ڏٺم تہ قميص جي دامن ڳوڙهن سان آلي ٿي ويئي هيم. اُنهيءَ ئي گهڙيءَ کان وٺي مون هڪ نئينءَ دنيا ۾ پير پاتو ۽ پاڻ کي هڪ نئين انسان جي جامي ۾ ڏٺم." انهيءَ روءِ روسي کي نہ فقط ڊجون درسگاهہ جي پيش ڪيل سوال جو جواب ميسر آيو پر ان سان گڏ حقيقي علم جي بحر جا دروازا بہ ڄڻ مٿس کلي پيا، جنهن الهامي علم جي بنياد تي گويا هن پنهنجا آئينده مڙيئي ڪتاب لکيا. هن واقعي سندس اصلي وجود کان کيس آگاهہ ڪيو ۽ کيس سندس پوشيده جوهرن ۽ صلاحيتن سان واقف ڪري ڦهريون پيرو خود شناسيءَ جا روحاني راز عطا ڪيا. هن واقعي کان پوءِ لڳاتار 15 سال روسي پنهنجي قلم سان پنهنجي همعصر دور جي ذهن ۽ خيال کي ايڏو تہ وٺي لوڏيو ڊانو ۽ ٿاهيو جو ان کان پوءِ اهو دور وري ساڳيو دور نہ رهيو – سياست، اخلاقيات، تعليم، نفسيات ۽ ادب جو نئون دور ڦهريائين يورپ ۾ ۽ يورپ کان پوءِ هڪدم ساريءَ دنيا ۾ پکڙجڻ ۽ ڦهلجڻ شروع ٿي ويو!

مَرُ تہ آئين مڱڻا، مام پَروُڙي مون،
جيڪا ڳالهہ ڳالهيين، سا سڀ سمجهيسُون،
تنهن ۾ تَسج تون، جيڪي پويئي پَٽ ۾.

روسي جو دلي ذوق هميشہ معلم جي ڏنڏي ڏانهن رهندو هو. 1730ع ۾ جڏهن 23 سالن جو هو تڏهن پنهنجي پيءُ ڏانهن هڪ خط لکيائين جنهن ۾ پنهنجي انهيءَ خواهش جو اظهار هو هيئين لفظن ۾ ڪري: "جيڪي بہ ڏنڏا آءُ هن وقت پنهنجي خيال ۾ آڻي سگهان ٿو تن سڀني مان فقط ماستريءَ جو ڏنڏوئي آهي جنهن لاءِ پاڻ کي طبعاً شائق ۽ لائق ٿو سمجهان." تنهن کان سگهوئي پوءِ انهي شريف ڏنڏي کي هن عملاً پڻ اختيار ڪيو: هڪ دفعو1740ع کان 1741ع تائين ليان (Lyon) شهر ۾، ۽ ٻيو دفعو 1743ع ۾ پئرس شهر ۾ – پر ان ابتدائي تجربي مان ڪيس ڪا نمايان ڪاميابي ڪانہ پلئي پئي سگهي. تنهن هوندي بہ 1740ع ۾ ئي هن پنهنجا تعليمي اصول هڪ 'تجويز' جي صورت ۾ قلمبند ڪيا، جن ۾ پنهنجي "ايميليءَ" ۾ 20 سال پوءِ جيڪي تعليمي اصول هن 50 ورهين جي ڄمار ۾ ويهي بيان ڪيا آهن، تن جي مختصر جهلڪ صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهڙيءَ طرح "ايميليءَ" جي تيار ڪرڻ ۾، جيئن هو پاڻ ٻڌائي ٿو ڪيس گويا لڳاتار 20 سالن جو فڪر ڪرڻو پيو. هن سموري عرصي ۾ جيڪي ڪجھ سندس مشاهدي ۾ آيو ۽ جيڪي ڪجھ هن زندگيءَ جي خالص مطالعي ۽ تجربي مان حاصل ڪيو، تنهن جو نچوڙ ۽ مغز هن ٻن ڪتابن "معاهده عمراني" (The Social Contract) ۽ "ايميلي عرف تعليم" – جي صورت ۾ دنيا جي اڳيان ٽن سالن جي لاڳيتيءَ محنت سان ساڳئي وقت لکي 1762ع ۾ پيش ڪيو.

هنن ٻنهي ڪتابن جو هڪٻئي سان نهايت گهرو تعلق ۽ واسطو آهي. ٻنهي ۾ جيڪي بہ اصول روسي ويهي بيان ڪيا ۽ پڙهايا آهن تن جو بنياد انسان جي فطرتي مساوات، اخوت ۽ حريت تي بيٺل آهي: ٻنهي جي سموريءَ تبليغ جو واحد مقصد هيءُ آهي تہ انهن بنيادي اصولن جو تحفظ عام تعليم و تدريس جي وسيلي ڪيو وڃي، ۽ انهن جو استعمال سماج جي هر صحيح قانون جو روح هئڻ گهرجي: ٻيءَ حالت ۾ تعليم تعليم نہ رهندي بلڪ ان کي محض گمراهي ۽ ذلالت سمجهيو ويندو، ۽ قانون قانون نہ رهندو بلڪ ان کي محض ظلم و استبداد ۽ جبر و تشدد جو هڪ اوزار سمجهيو ويندو.

هي ٻئي ڪتاب روسي جي قلم جا بهترين شاهڪار آهن. ارڙهينءَ صديءَ جي انقلابي دور جا هي ٻئي ڪتاب پيشرو ۽ پيغمبر

هئا. شايد انهيءَ ئي سبب ڪري، تنهن زماني جي سماج هنن ٻنهي ڪتابن کي ڪتب فروشن وٽ پهچڻ سان ئي باهه ۾ وجهي جلائي ڇڏڻ جي فتويٰ صادر ڪري ڇڏي. 1760ع ۾ "ايميلي" لکجي پورو ٿيو ۽ 1762 ۾ " معاهده عمرانيءَ" سان گڏ هالنڊ (Holland) ۾ جڏهن ڇپجي پڌرو ٿيو. تڏهن فوراً ان کي فرينچ پارليامينٽ طرفان خلاف قانون ٺهرائي ضبط ڪيو ويو ۽ پئرس ۾ سرڪاري طور ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت گاهه (Palais de Justice) جي ڏاڪڻ هينان پڌري پٽ ساڙيو ويو: ساڳئي وقت هيءَ به اعلان ڪيو ويو ته "فقط ڪتاب کي ساڙڻ ڪافي نه آهي، پر تنهن سان گڏ مصنف کي به جيئري جلائڻ گهرجي."

فرينچ پارليامينٽ طرفان روسي کي آخر جلاوطن ڪيو ويو. فرانس کي خيرباد چئي، هيءَ مرد مجاهد سئٽزرلنڊ ۾ پهتو پر عدل ۽ انصاف، حق ۽ نيڪيءَ جي ازلي دشمنن هتي به سندس پيڇو ڪين ڇڏيو: نائين ڏينهن ڪانپوءِ هتي به "ايميليءَ" کي سرڪاري طور برسر عام جلايو ويو. هن زماني جو احوال لکندي روسو ٻڌائي ٿو "ساري يورپ ۾ منهنجي خلاف نفرت ۽ ملامت جو هڪ اهڙو دلخراش شور ۽ غوغا بلند ٿي ويو جنهن جو مثال شايد مشڪل ملي. هر طرف کان مون کي ڪافر، دهريو، خونخوار جانور، ڇتو ٻگهڙ، انسان دشمن درندو ۽ ٻين اهڙن ذلت آميز لقبن سان نوازيو ويو!"

اهڙيءَ طرح، جهالت ۽ تاريڪيءَ جي علمبردارن جي نفرت ۽ عداوت کان ڀڄندو لڪندو ۽ پڄندو هو آخر پرشيا (Prussia) جي هڪ آزاد خيال ۽ نيڪ دل گورنر، لارڊ ڪيٿ (Keith)، وٽ اچي پناهه گزين ٿيو جتي هن اڍائي سال ڪجهه قدر محفوظ ۽ سلامت گذاريا. اتفاقن لارڊ ڪيٿ کي ڪنهن ٻئي صوبي ڏانهن تبديل ٿي وڃڻو پيو: فوراً ضلعي جي پادرين طرفان روسي تي "عدو عيسيٰ (Antichrist) جي فتويٰ صادر ڪئي ويئي، مٿس ديولين جا دروازا بند ڪيا ويا، ۽ مختلف طريقن سان سندس برخلاف جاهل ۽ معتقد عوام کي ڀڙڪايو ويو: ٻاهر نڪرندو هو ته مٿس زالون، مرد توڙي معصوم ٻارڙا پٿرن ۽ پٿرن جا وسڪارا ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا هئا. هڪ دفعي ته ماڳهين مٿس بندوق سامهين ڪئي ويئي. آخر ماهه سيپٽمبر 1765ع ۾ سندس مڪان تي رات جو حملو ڪرايو ويو جنهن ڪيس اتان وري لڪي

ڇپي ڀڄڻ تي مجبور ڪيو. پوءِ هو ٻيهر سئٽزرلئنڊ جي سر زمين ۾ داخل ٿيو پر ڪٿان ٿو ڪيس ڪو آرام جا چار ڏينهن گهارڻ ڏئي! اُتان جي حڪومت طرفان ملڪ نيڪالي يا گرفتاريءَ جو حڪم ٻيهر ٻڌي، هو پنهنجو نالو نشان بدلائي، هڪ روپوش گنهگار وانگر، پئرس مان ٿيندو مشهور انگريز تاريخ نويس ڊئوڊ هيوم(David Hume) وٽ انگليند ۾ وڃي ڪجهه عرصو ٽڪيو. انگلنڊ ۾ بہ روسي کي چين ۽ آرام جون چار گهڙيون نصيب ڪين ٿيون. 1767ع جي مئي مهيني ۾، هو اتان موٽي فرانس ۾ آيو جتي هڪ شڪار ٿيندڙ بيوس ۽ ڪمزور جانور وانگر، هو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ٻئي هنڌان ٽئين هنڌ لڪندو ڀڄندو رهيو. هن زماني ۾، سندس ذهني ڪيفيت جو اندازو هن مان لڳائي ٿو سگهجي تہ هو جيڪڏهن ڪنهن دوست ڏانهن لڪ چوريءَ ۾ ڪو خط لکندو هو تہ ڀڄاڙيءَ ۾ پنهنجي صحيح هيئن وجهندو هو: ”آءُ آهيان اوهان جو معصوم — روسو.“

آخرڪار ڪيس پئرس ۾ موٽي اچڻ جي رخصت ملي، جتي هن هڪ مسواڙي غريباڻي گهر ۾ پنهنجي لاٽاني زندگي جا آخري لمحا گذارڻ شروع ڪيا. اجا آرام ۽ اطمينان جون بہ گهڙيون ئي ڪين گذريس، تہ مٿس سماجي جلادن ۽ جاسوسن وري اچي وارو وار شروع ڪئي. هڪ ٽڪل ٽنل، بيڪس ۽ بيوس پکيءَ وانگر پاڻ کي محبوس ۽ مجبور سمجهي، هن هڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو جنهن جو نالو رکيائين ”روسي جي جين جئڪس کان آڏي پڇا“. هن ڪتاب ۾ هن پنهنجي شخصيت جي، نهايت نازڪ ۽ لطيف پيرايي ۾، هڪ بي خوف تورتڪ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ڪتاب لکي پورو ڪيائين، تڏهن انسانن جي اڳيان ان کي پيش ڪرڻ بدران، هن ارادو ڪيو تہ عيسائي مذهب جي پئرس ۾ وڏي ۾ وڏيءَ ديول ناٽرڊم (Notre Dame) جي منبر تي وڃي، خدا جي سامهون عرض رکان. سندس انهيءَ عمل مان فقط بہ نتيجا ٿي نڪري سگهيا — يا تہ هو انسانن جي هٿان انصاف پلئي پوڻ کان بنهہ نااميد ٿي چڪو هو يا تہ وري سندن ڏيان پنهنجي بيڪسيءَ ۽ مظلوميت ڏانهن انهيءَ صورت ۾ ڇڪائڻ ٿي گهريائين. بهرحال ناٽرڊم جا دروازا بہ مٿس بند ڪيا ويا، ۽ پنهنجي ان معصوم ترين ارادي تي بہ هو عمل ڪري ڪين سگهيو.

هن واقعي ڪانپوءِ، ڪيس ويتر يقين ٿي ويو تہ دنيا ۽ سماج ڪيس فقط چيپاٽڻ ۽ چيچلائڻ تي ڳهريو. انهيءَ يقين جي ماتحت هو لکي ٿو "فرانس ۾ شايد آءٌ ئي هڪڙو شخص آهيان، جنهن جو ايمان خدا ۾ آهي، هن زمين تي آءٌ تن تنها آهيان: نہ منهنجو ڪو ڀاءُ آهي، نہ وري ڪو دوست. نہ منهنجو ڪو پاڙيسري آهي، نہ وري ڪو سنگتي ساٿي، انسانن مون کي اڪيلو ڀري اڇلائي ڪٽي ڦٽو ڪيو آهي: منهنجي دل ۾ انسان لاءِ ايتري خير خواهي، ايتري همدردي، ايتري محبت!....اُهي ئي ساڳيا مون جهڙا انسان وري مون کان ايترو متنفر، ايترو ٿهندڙ ۽ احتراز ڪندڙ!..... ازل کان وٺي آءٌ اڪيلو آهيان. منهنجي پيرن هيٺان زمين ڪانهي، ۽ آءٌ هيٺ جهڪندو ٿو وڃان..... هڪ بدنصيب ۽ بيوس فاني انسان وانگر: پر ساڳئي وقت منهنجو آواز نيڪيءَ ۽ صداقت جو آواز آهي... آءٌ خود خدا وانگر خاموش ۽ بي خوف، حق ۽ انصاف تي اڄ بہ پهاڙ وانگر قائم آهيان!"

20 مئي 1778ع ۾، جڏهن روسي کي زندگيءَ جا ڪي چند هفتا باقي هن فاني دنيا ۾ گذارڻا هئا، تڏهن ڪيس هڪ نيڪدل دولتمند شخص ايم-ڊي جراردن (M. de Girardin) نالي، پئرس جي غريباڻي جهوپڙيءَ مان وٺي، اتان ٿورو ئي پري ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجي هڪ عاليشان ۽ بهترين بنگلي ۾ وڃي رهايو جتي هن حياتيءَ جون باقي گهڙيون نهايت مسرت ۽ اطمينان واريون گذاريون. ايتري قدر جو سندس صحت ۾ هڪ نمايان اصلاح ۽ بهتري نظر اچڻ لڳي پر:

مرا در منزل جانان چہ امن و عيش چون هر دم
جرس فرياد مي دارد کہ بربنديد محملها!

خميس ڏينهن صبح جو، 2 جولاءِ 1778ع تي، اجل جي داعيءَ آخرڪار اوچتو ئي اوچتو پنهنجي زماني جي هن دُريڪتا کي سميٽڻ لاءِ سندس زندگيءَ جي دروازي تي اچي دستڪ ڏني، ۽ هن تارڪ الدنيا ۽ مصلح عالم، مجاهد مرد، سڏ تي خنده پيشانيءَ سان لبيڪ چئي، پنهنجو ساهہ سندس سپرد ڪيو.

اڳي پوءِ مران، مَرُ مران مارڳ تي،
مٿي پوءِ پِريان، خُونُ منهنجو جيڏيون!

فڪر و دانش جي اها پونجي، جنهن جي بنياد تي موجوده زماني جو هڪ تعليم يافته شخص پنهنجي سموري علم ۽ عقل جي عمارت جي تنظيم ۽ تعمير ڪري ٿو سا هيڙيءَ طرح سندس ورثي ۾ اچڻ کان صدها سال اڳ اُن زماني جي چند باغي انسانن جي ئي عرق ريزيءَ ۽ دماغ سوزيءَ جي پيداوار آهي، ۽ جنهن کي پيدا ڪرڻ ۽ محفوظ رکڻ ۾ انهن باغي انسانن کي نه معلوم پنهنجي پنهنجي سماج سان پنهنجي جسم ۽ جان جون ڪيتريون دلگداز بازيون لڳائڻيون پيون هونديون!

مرڻ وقت روسي کي شايد هي محسوس ڪري ڏک ٿيو هجي ته هڪ فراموش شده انسان وانگر ايڏيءَ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ هو هن دنيا کي الوداع چئي رهيو هو پر اها خبر ئي ڪيس ڪانه هئس ته هو نه فقط پنهنجي همعصر دور تي بلڪ، تهان ئي وڌيڪ، مستقبل تي هڪ لازوال فتح پائي چڪو هو. 1770ع کان 1778ع تائين خود سندس حياتيءَ ۾ ئي سندس جملي تصنيفات جا ڇهه ڇاپا ظاهر ٿي چڪا هئا. 1780ع کان وٺي فرانس جي ماڻهن، پنهنجي بادشاهن، راڻين ۽ شهزادن سميت، هن "مجذوب مفڪر" جي قبر جون زيارتون ڪرڻ شروع ڪيون. اهي سيئي نوجوان عالم ۽ مجاهد، جي اڳتي هلي، 1789ع ۾ ۽ تنهن کانپوءِ ، فرينچ انقلاب جا رهنما بنجڻا هئا، هڪٻئي سان هزارن اختلافن هوندي به روسي جا ساڳيائي گرمجوش معتقد ۽ مريد هئا. 7 مئي، 1794ع تي، فرينچ انقلابين طرفان فرينچ پارليامينٽ ۾ روسي کي "بني نوع انسان جو استاد" ۽ انقلاب جو پهريون داعي سڏيو ويو. جرمن فيلسوف 'ڪئنٽ' جڏهن "ايميلي" پڙهيو تڏهن سندس زبان مان بي ساخته هي لفظ نڪتا: "ڪو وقت هو جڏهن آءٌ فخر سان ائين چوندو ڦرندو هوس ته انسان جو امتياز ۽ احترام سندس علم تي ئي منحصر آهي ۽ ائين چئي آءٌ بي علم انسانن ڏانهن نفرت سان ڏسندو رهندو هوس. روسو ئي هو جنهن منهنجي اکين تان اونداهيءَ جي هيءَ پٽي کولي، علم جي نمائش برتريءَ کي هڪ پاسي رکي، هڪ انسان جي، سندس خالص انسان هئڻ جي بنا تي، عزت ڪرڻ آءٌ فقط روسي کان ئي سکيس."
100 سال پوءِ روس جو مشهور فيلسوف ٽالسٽاءِ (Tolstoy: 1828- 1910) جنهن جو مريد پاڻ کي چوائي مهاتما گانڌي (1869_1948ع) خوشي ۽ فخر

محسوس ڪندو هو تنهن تي روسي جي تعليم ايترو تہ اثر وڌو جو هو پنهنجي جوانيءَ جي زماني ۾ روسي جو لاڪيٽ تائنٽ طور پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهيو پيو گهمندو هو ۽ هميشہ سندس زبان تي هي لفظ هوندا هئا تہ " روسي جا ڪتاب ايترو تہ منهنجي دل کي وڻن ٿا. جو جڏهن انهن کي پڙهڻ ٿو وهان تڏهن ايئن ٿو محسوس ڪريان، ڄڻ اُهي مون پاڻ ويهي لکيا آهن. " حقيقت بہ اها آهي ۽ ٽالسٽاءِ جا سمورا ڪتاب تہ ائين آهن، ڄڻ اُهي روسي جي ڪتابن جا نوان ۽ تازا نسخا آهن. ۽ انهيءَ ڪري ئي ٽالسٽاءِ کي جديد زماني جو روسو سڏيو ويو آهي. موجوده زماني جي جديد تعليم جا سمورا نظريا ۽ اصول، روسي جي "ايميليءَ" مان ئي اخذ ٿيل آهن. سندس جنم ڀومي جينيوا شهر ۾، جيڪو نئين تعليم جو مشهور معروف ادارو آهي، سو روسي جي ئي نالي سان منسوب آهي.

"ايميليءَ" جي باري ۾ لارڊ مارلي (Morley) جو هيءُ رايو آهي: "علم ادب جي تاريخ ۾ هي ڪتاب تاقيامت زنده رهندو. اهڙن ڪتابن جي اهميت ۽ وقعت نہ فقط سندن هر هڪ صفحي ۽ هر هڪ باب ۾ موجود آهي، پر سندن اصلي قيمت ۽ قدر صحيح طور فقط تڏهن ڪٿي سگهجي ٿو جڏهن انهن کي اول تا آخر پڙهجي، سمجهجي ۽ پروڙجي. هن ڪتاب انساني اخلاق جي بنيادن کي مضبوط ڪيو، مائٽن کي سندن فرض ادائيءَ ۽ ان جي اهميت سان روشناس ڪيو. رسوماتي ۽ مروج غلط خيالن جي بنيادن کي ڪاري ضرب لڳائي، معصوم ٻارڙن جي زندگيءَ ۾ گهرو چؤديواريءَ اندر توڙي اسڪولن جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺڙين ۾ تازين هوائن جون هيرون ۽ روشنيءَ جا سيلاب آندا. تعليمي عمل ۾ غلاميءَ، بندش ۽ هٺ ڌرميءَ عيوض آزاديءَ، هڪ ڪنڌ ڪان ٻيءَ ڪنڌ تائين نيڪيءَ، سادگيءَ، خودداريءَ ۽ انسانيت جون لهرين مٿان لهريون پيدا ڪيون ۽ ڦهلايون. ۽ والدين جي سڪ ۽ ٻاجهہ جي جذبن کي لوڏيو جاڳايو ۽ جنبش ۾ آندو تہ جيئن هو پنهنجي گلن جهڙن معصومن جي نازڪ زندگين کي جيئڻ پوءِ تيئن زياده خوشيءَ، زياده تازگيءَ ۽ زياده محبت جا پاٺي ڏيندا رهن. هيءُ ڪتاب معصوم ٻارڙن لاءِ گويا آزاديءَ ۽ شادمانيءَ جو هڪ صحيفو يا فرمان هو."

ٻئي هڪ تعليمي ماهر، بيگم فريڊريڪا مئڪڊونالڊ (Mrs Frederika Macdonald)جو چوڻ آهي تہ " روسي هن ڪتاب جي وسيلي ٻار جي حقن جو اعلان ڪيو ۽ انهن قديم تعليمي سرشتن کي ختم ڪري ڇڏيو جن ۾ ايئن سمجهيو ويندو هو تہ ٻار فطرتاً هڪ شرارتي جيوُ آهي. پيسٽالازي توڙي فروبيل کان بہ اڳ روسي اسان جي جديد تعليم جا بنياد وڌا، ۽ سڏريل دنيا کي ان غلط رويي ۽ عمل تي ننديو ۽ پشيمان ٿيڻ جو موقعو ڏنو جنهن ماتحت انسان جي زندگيءَ جي ابتدائي زماني جون سموريون خوشيون ختم ڪيون وينديون هيون. معصوميت جا مرڻئي امنگ ۽ جذبا گهٽيا ۽ چيپاٽيا ويندا هئا، ۽ ٻارڙن جي نازڪ ۽ صغير اُميدن ۽ خواهشن جون مکڙيون کلي گل ٿيڻ کان اڳ ئي پٽجي ۽ مروڙجي واو ڪر تي وينديون هيون."

روسي " ايميليءَ" کي پنهنجو "آخرين ۽ بهترين" شاهڪار ڪري سڏيو آهي. هڪ اهڙو شاهڪار جنهن جي پيش ڪرڻ سان " مون اهي سڀ ٿورا لاٿا ۽ احسان چڪايا آهن. جيڪي انساني برادريءَ مون کي جنم ڏيئي، منهنجي پرورش ڪري، ۽ هيتري وقت تائين منهنجي زندگيءَ جي ضرورتن پوري ڪرڻ ۾ مون کي مدد ڏيئي، مون تي ٻئي ڪيا آهن."

ان زماني جي ماڻهن جا "ايميليءَ" جي باري ۾ ڪهڙا رايا هئا، سي روسو هيٺينءَ ريت بيان ٿو ڪري: " مون کي ڪو بہ ٻيو اهڙو ڪتاب ڪونہ سجهي، جنهن کي ماڻهن پنهنجي منهن مخفي طرح ايترو ساراهيو هجي، پر نہ معلوم ڪهڙي ڳالهہ آهي جو جڏهن " ايميليءَ" جي باري ۾ راءِ زني ڪرڻ جو ظاهر ظهور ٻين جي اڳيان ڪنهن کي موقعو ٿو ملي، تہ يا تہ سندس زبان تي مهرون لڳي ٿيون وڃن، يا تہ ان جي گلا ۾ سندن زبان مرڳو آپي کان ٿي ٻاهر نڪريو وڃي! ڏسڻا وائسڻا ماڻهو هن عجيب منافقيءَ ۾ مون گرفتار ڏٺا. مئڊيم ڊي بفلرس (Madam de Boufflers) مون ڏانهن خط ۾ لکيو 'ايميليءَ جي مصنف جو مجسمو تعمير ڪرڻ گهرجي، هو بني نوع انسان طرفان حقيقي عزت ۽ احترام جو حقدار آهي — هيءَ خط مون ڏانهن ورندڙ ٽپال ۾ موٽائي موڪلي ڇڏيندا!..... ڇو؟ ان جو جواب مون کان نہ پڇندا !' ڊي آليمبرٽ (D. Alembert) خط ۾ لکيم، ""ايميلي" اوهان جي واقعي بهترين ۽ اعليٰ تصنيف آهي، ۽ هيءَ ڪتاب اوهان کي واقعي دنيا جي اديبن جو

سرتاج ثابت ٿو ڪري' – پر مون کي هي ڏسي عجب وڻي ويو ته هن صاحب ان خط تي پنهنجي رڳو صحيح به ڪانه وڌي هئي. جيتوڻيڪ هو پنهنجي هر هڪ خط ۾ هميشه صحيح وجهڻ جو عادي هوا ايم ـ ڊي بليئر (M. D Blaire) کي جڏهن "ايميلي" پڙهي ٻڌايو ويو تڏهن هن صاحب عجيب جوش ۾ جذبي ماتحت هڪدم وراڻيو "هيءَ هڪ بهترين ۽ بي مثال ڪتاب آهي، پر افسوس جو هن مان جلدئي اهي ڳالهيون پيدا ٿينديون جيڪي سندس مصنف لاءِ هر گز چڱيون ثابت نه ٿينديون."

انساني تاريخ هميشه هيءَ ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته جڏهن ڪوڙ تخت تاج جو وارث ۽ طاقت ۽ اقتدار جو مالڪ بنجي، سماج ۾ ظاهر ٿيندو آهي، تڏهن سچ ويچارو پنهنجي وجود کي مخفي رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ورنه ته ڪيس يا ڦاسيءَ جي تختن تي لٽڪڻو پوندو آهي يا قيد و بند جي اونداهين چوديوارين اندر پنهنجي زندگيءَ جا آخري لمحا ڪاٽڻا پوندا آهن. ان حالت ۾ ميدان خالي ڏسي، ڪوڙ پاڻ کي سچ ڪري مشهور ڪرائڻ ۽ مڃارائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته ڪوڙ کي ذاتي طرح زنده رهڻ ۽ مقبول عام ٿيڻ جي ڪا صلاحيت نه آهي، تنهن ڪري هو پنهنجي وجود کي محض جبر ۽ تشدد جي وسيلي ئي محفوظ رکڻ ممڪن ڄاڻندو آهي. انهيءَ صورت حال ۾، ڪوڙ جي هٿان هيسايل ۽ آزاريل انسان، عام طرح ظاهري طور، ڪوڙ جي بيعت ۽ فرمانبرداريءَ جو دم پريندا رهندا آهن، پر ڇاڪاڻ ته انسان جي فطرت کان هيءَ ڳالهه بعيد آهي ته ڪوڙ کي سچ تسليم ڪري، سواءِ انهن جي جيڪي ڪوڙ جي نفعي تي ٽڳن ٿا، تنهنڪري عام انسان پنهنجي منهن ۾ مخفي طرح ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ سچ کي سچ سمجهندا، محسوس ڪندا ۽ ظاهر ڪندا ايندا آهن. ظاهريءَ طرح ڪوڙ جي مدح گوئي ۽ مخفي طرح سچ جو اعتراف. هيءَ آهي اها عام منافقي جيڪا جڏهن ڪنهن سماج ۾ چوڌاري پکڙجي ۽ ڦهلجي ويندي آهي، تڏهن ايئن سمجهجي ته اهو سماج هڪ نئين انقلاب لاءِ تيار ۽ منتظر آهي، جنهن ۾ ڪوڙ جي تخت تاج جو تاراج ۽ برباد ٿيڻ ۽ طاقت و اقتدار جو مليااميٽ ٿي وڃڻ هڪ يقيني اَمر آهي. روسي جي زماني ۾ پڻ هڪ اهڙي ئي قسم جو سماج وجود ۾ هو جنهن جي عنقريب تخريب جو چٽاءُ ۽

ان جي جاءِ تي هڪ نئين ۽ بهتر سماج جي تعمير جي خوشخبري هن پنهنجي ڪتاب "ايميليءَ" ۾ پنهنجي همعصر انسانن جي گوشگذار ڪئي. روسي جي مرڻ کان فقط يارهن ورهين کان پوءِ سندس انهيءَ چتاءَ ۽ سندس انهيءَ خوشخبريءَ جي عملي صورت جو مشاهدو فرانس جي ماڻهن پنهنجي اکئين پاڻ ڪيو ۽ روسي جي روح کي دعائون موڪليون!

"ايميليءَ" جي مهاڳ ۾ روسو ٻڌائي ٿو تہ " ڪنهن بہ خاص طريقي ڪار کي سمجهڻ لاءِ ٻن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. پهريون تہ اهو طريقو بذات خود صحيح آهي يا نہ، ۽ ٻيو تہ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو يا نہ؟ پهرينءَ ڳالهہ جي فيصلي ڪرڻ لاءِ هيءَ ڪافي آهي تہ ڏسجي تہ اهو طريقو فطرت جي عين مطابق آهي يا ان جي برعڪس فطرت جي قانونن ۽ تقاضائن جي بغاوت ۽خلاف ورزيءَ تي مبني آهي؟ ٻيءَ ڳالهہ جو فيصلو حالتن تي مدار ٿو رکي، مثلاً هڪ قسم جو طريقو فرانس ۾ ڪامياب ٿيندو پر سئزرلنڊ ۾ شايد نہ بہ ٿئي، هاڻ ڪامياب ٿيندو پر 100 سالن کانپوءِ شايد نہ بہ ٿئي، وغيره وغيره. مون جيڪو تعليم جو طريقو 'ايميلي' ۾ بيان ڪيو ۽ سمجهايو آهي، تنهن ۾ مون اهڙين مختلف حالتن کي خيال ۾ نہ رکيو آهي. مون فقط عام انساني فطرت جي قانون ۽ تقاضا کي خيال ۾ رکي، پنهنجو طريقو مرتب ڪيو آهي، ۽ منهنجي دعويٰ بہ اها آهي تہ ان ۾، ڪنهن بہ وقتي ۽ ملڪي مصلحتن ۽ ضرورتن کي خيال ۾ نہ آڻي، مون فقط اهي اصول ٻڌايا آهن، جيڪي عام انسانن لاءِ هر هنڌ ۽ هر حالت ۾ يڪسان مفيد ۽ ڪارآمد ثابت ٿي سگهن ٿا."

آخر ۾، روسي تي ڪن تعليمي ماهرن طرفان جيڪي عام اعتراض ڪيا ويندا آهن انهن جي باري ۾ ٻہ- چار لفظ لکڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

پهريون اعتراض هيءَ آهي تہ روسي جي طريقي تعليم ۾ امڪان هيءَ آهي تہ ٻار جي عمر جا پهريان 12 ورهيہ فضول ٽينگ ٽپي ۾ ضايع ٿي وڃن. ان سلسلي ۾ روسي جو تعليمي اصول حقيقتاً هي آهي:

'12 ورهين جي عمر تائين ٻار کي ٻار سمجهجي، ۽ کيس سماجي قانونن ۽ بندشن ۽ غلاميءَ سيکارڻ بدران فقط فطرت جي قانونن جي پابنديءَ تي هيرائجي، يعني فقط سندس بدن، عضون، حواسن ۽ قوت کي

مشق ڏيندو رهجي، ته جيئن سندس ذهن کي نصاب يا امتحاني تعليم جي کمهلي ۽ اڻ وڻندڙ بار ۽ بوجي کڻڻ بدران، فطرتي گهرجن مطابق اپرڻ ۽ اسرڻ لاءِ خاطر خواهه موقعو ۽ فرصت ملي وڃي.'

جيتوڻيڪ اعتراض جو جواب خود انهيءَ اصول ۾ اڳ ئي موجود آهي، تنهن هوندي به ان جو مزيد جواب روسو پاڻ هنن لفظن ۾ ڏنو ڏئي: "اوهان کي ڊپ ٿو وٺي ته هو (ٻار) پنهنجي اوائلي عمر بيڪار ۽ نڪمي گذاريندو؟ ڇا، خوش گذارڻ بيڪاري آهي؟ آءُ ته چوندس ته هو آئنده سڄي عمر ۾ ايترو مشغول وري ڪڏهن به ڪين گذاريندو! خود افلاطون به کيل تماشي، راند روند، راڳ روپ ۽ ٻين اهڙين ونذر وارين مشغولين دوران ئي ٻارن کي تعليم ڏيڻ لازمي ٺهرائي آهي.۽ سندس نظر ۾ تعليم جو بنيادي مقصد چڻ پورو ٿي ويو جڏهن ٻارن کي اها ڳالهه سيکاري ويئي ته هو خوش ڪيئن گذارين! اوهان مون کي 12 سالن جو ٻار آڻي ڏيو جنهن کي ڪجهه به نه ايندو هجي. پندرهن سالن جي عمر ۾ آءُ کيس موٽائي اوهان جي حوالي ڪندس. اوهان ڏسندا ته هن کي ڪم از ڪم اهو سڀ ڪجهه اچي ٿو جو اوهان پنهنجي شاگرد کي ٻالڪپڻي کان وٺي 'سيکاريو' آهي. فرق فقط اوهان کي هيءُ ڏسڻ ۾ ايندو ته اوهان جو شاگرد جيڪي ڄاڻي ٿو سو رڳو طوطي وانگر کيس بر زبان ياد آهي، ۽ منهنجو شاگرد جيڪي ڄاڻي ٿو تنهن کي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ به کيس اچي ٿو."

ٻيو اعتراض جو عام طرح روسي جي ڏسيل تعليمي طريقي تي ڪيو ويو آهي، سو هيءُ آهي ته هو ٻار جي تعليم فقط قدرت يا فطرت (Nature) تي ڇڏي ٿو ڏئي، جنهن جو نتيجو ممڪن آهي ته فقط هيءُ نڪري ته ٻار هڪ وحشي يا، گهٽ ۾ گهٽ هڪ خودپرست ۽ خودپسند انسان بنجي پوي. هن اعتراض جي باري ۾ جيتوڻيڪ فقط هيءُ چوڻ ڪافي ٿيندو ته روسو ٻار جي تعليم ۾ فطرت جي فقط رهنمائي لازمي ٿو ٺهرائي، تنهن هوندي به ضروري ٿو ڄاڻان ته روسي جا ان باري ۾ مفصل خيال هتي پيش ڪري ڇڏيان.

"ايميليءَ" جي شروعات روسو اجهو هيئن ٿو ڪري:

"خداوند تعاليٰ سيني شين کي نيڪ ۽ نيڪيءَ ڏانهن مائل ٿو پيدا ڪري، انسان انهن ۾ دست اندازي ڪري ڪين خراب ۽ خرابيءَ ڏانهن مائل

بنائي ڇڏي ته هڪڙيءَ زمين جي پيدائش هو بيءَ زمين مان زوريءَ اپائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، هڪڙي وڻ جو ميوو هو ٻئي وڻ مان حاصل ڪرڻ ٿو چاهي، وقت، جاءِ ۽ قدرتي حالتن کي هو موڙي ۽ مروڙي، انهن ۾ فضول بکيڙو ۽ انتشار پيدا ڪري ٿو ڦٽي ڪري، هو پنهنجي دروازي جي ڪتي، سواريءَ جي گهوڙي ۽ خدمتگذار غلام جي فطرت کي پنهنجي فائدي خاطر اهڙيءَ طرح تي بيڪار ۽ معطل ڪري ٿو ڇڏي، جو سندن سڄاٽپ ئي مشڪل ٿيو پوي. هر ڪنهن چيز کي هو بد تهذيب ۽ بد شڪل بنائي برباد ڪرڻ پٺيان لڳل رهي ٿو، ڪيس ڪابه چيز پنهنجي اصلوڪيءَ صورت ۾ فطري حالت ۾ نٿي پسند پوي. خود پاڻ جهڙي هڪ انسان کان به سندس فطرت جا خزانا ۽ جوهر ڦري، ڪيس پنهنجي سواريءَ واري گهوڙي وانگر هو خاص قسم جا پنڌ سيکارڻ گهري ٿو ۽ پنهنجي باغ جي وڻن وانگر سندن شڪل شبيهه جي، پنهنجيءَ مرضيءَ موجب، هو ازسرنو تعمير ۽ تشڪيل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهي ٿو.

"باوجود انهيءَ جي، هيءَ حقيقت آهي ته انهيءَ تعليم ۽ سکيا کان سواءِ حالتون تنهان ئي وڌيڪ بدتر ۽ حوصله شڪن ٿي پونديون، ۽ مهذب انسان انهيءَ باهمي تعليم کانسواءِ پنهنجي موجوده مقام تي هڪ پل به قائم رهي نه سگهندو. موجوده حالتن ۾ هڪ شخص کي جمڻ کان وٺي جيڪڏهن پنهنجي حال ۾ آزاد ۽ ڇڙواڳ ڇڏي ڏجي، ته هو يقينن ٻين سڀني کان زياده وحشي درندو ٿي پوندو. ذهن جون مصنوعي خود فريبيون، ٻين جي خيالن جي تقليد ۽ خوش اعتقادي، حيواني ضرورتن جو دٻاءُ، روزمره پيش ايندڙ قابل نفرت مثال ۽ اهڙيون ٻيون سماجي حالتون، جي هونئن به اسان تي هر گهڙيءَ اثر انداز ٿينديون رهن ٿيون، تن جي ماتحت ڪانئس پنهنجي ذاتي فطرت جي نعمت به هٿان ڇٽي ويندي ۽ ان جي جاءِ تي ڪيس ٻيو ڪجهه به مفيد ۽ قابل تعريف خزانو ميسر نه ايندو ۽ سندس فطرت هڪ انهيءَ نازڪ سلي وانگر وڃي رهندي، جو آمدرفت جي هڪ عام رستي جي وچ ۾ اتفاقن ڦٽي پيو آهي، جنهن کي سڀ ڪو ايندو ويندو هيڏانهن هوڏانهن پيو ٿيلهي ۽ ٿڏي، تان جو هو ڪنهن نه ڪنهن جي پيرن هيٺان لتاڙجي، آخر مورڳوئي ختم ٿي وڃي!

"اي نازڪ ۽ معصوم ٻالڪ جي رحمدل ۽ ساھ صدقي ڪندڙ ماءُ! آءُ توکي واسطو ٿو ڏيان تنھنجي محبت جو: تون پنھنجي انھيءَ نازڪ انگور کي انھيءَ عام رستي تان ھڪ پاسي ڪري سگھين ٿي، ۽ ان کي سماجي رسم رواج جي تباھ ڪن چيپاٽ کان محفوظ رکي سگھين ٿي: انھيءَ کي تون پنھنجي ساھ سان سنيال ۽ پنھنجي خالص محبت جا پاڻي ڏي: ھڪ ڏينھن توکي ھو اُھي رس ڀريا ميوا ڪارائيندو جو ھيڪر تنھنجا سپ ڏک ڏولاوا ڏور ٿي ويندا: ھاڻي ئي تون ھن جي چوڌاري پنھنجي مھر ۽ شفقت جي عالم پناھ ڏيئي ڇڏ: آءُ ٿو توکي ترتيب ڏيکاريان، پر ان کي عملي صورت تون ۽ فقط تون ئي ڏيئي ٿي سگھين.

" جيئن فصل کي زراعت رستي اپائي سگھجي ٿو تيئن انسان کي تعليم رستي سڌاري ٿو سگھجي. جيڪڏھن ڪو شخص شروع ۾ ئي قداور ۽ قوي جمي پوي، تہ سندس قد ۽ سندس قوت سندس ڪھڙي ڪم جا ٿيندا، جي ڪيس انھي جي استعمال جو ھنر حاصل نہ ھوندو؟ اِھي تہ پاڻ ڪيس نقصان ۾ وجھندا، ڇاڪاڻ تہ سندس ڏگھو قد ۽ پوري قوت ڏسي، ڪو بہ ڪيس ڪنھن قسم جي مدد ۽ دستگيريءَ جو محتاج ڪين ڀائيندو ۽ ھو پاڻ ڳالھائڻ جي ھنر کان محروم ۽ ڳالھائڻ معرفت جيڪي بہ خيال ظاھر ٿا ڪجن تن کان بنھ بي خبر ھئڻ سبب، ڪنھن ہئي تي پنھنجي محتاجي ظاھر بہ ڪري ڪين سگھندو نتيجو ھيءُ نڪرندو تہ ڪيس پنھنجي ضرورتن جو احساس ۽ گھرجن جو پورو علم ئي اچا حاصل ڪين ٿيندو تہ ھو ان پنھنجي ڊگھي قد ۽ ضرورت کان زياده قوت سميت وڃي قبر حوالي ٿيندو! اسين ھڪ صغير ٻالڪ جي ڪمزوريءَ ۽ بيچارگيءَ تي پنھنجو افسوس ٿا ظاھر ڪيون، پر اسين ھيءُ نٿا ڄاڻون تہ جيڪڏھن انسان جو جنم اھڙيءَ طرح ھڪ صغير ٻالڪ جي صورت ۾ ايامن کان وٺي نہ ٿيندو اچي ھا، تہ ھوند انسان ذات گھٽو گھٽو اڳي نيست ونابود ٿي چڪي ھا.

"اسين ضعيف ۽ ڪمزور ڄمون ٿا، اسان کي زور ۽ طاقت جو احتياج آھي، بيڪس ۽ بيچارا پيدا ٿيون ٿا، مدد دستگيريءَ جي اسان کي گھرج ٿئي ٿي، بي سمجھ ۽ بي عقل ٿي دنيا ۾ پير ٿا پايون، عقل ۽ سمجھ جي اسان کي درڪار محسوس ٿي ٿئي، جمڻ وقت جن چيزن کان اسين

هٿين خالي آهيون، انساني جامي پهرڻ وقت جن شين جو اسان کي احتياج آهي، اُهي ئي شيون، اُهي ئي چيزون اسان کي اسان جي تعليم معرفت بطور تحفي جي عطا ٿين ٿيون.

"اها تعليم اسان کي قدرت يا فطرت (Nature) هٿان، انسانن (Men) هٿان، ۽ طبعي شين (Things) هٿان پلئي پوي ٿي. اسان جي عضون ۽ اسان جي صلاحيتن جو اندروني اُڀرڻ ۽ اُسرڻ- هيءَ آهي فطرت جي تعليم جي ڪارروائي: پنهنجي عضون ۽ صلاحيتن جي هن تدريجي واڌ جي استعمال جي هنر ۽ انهن مان فائدن حاصل ڪرڻ جي ترتيب- هيءَ آهي انسانن جي تعليم جو نتيجو: پنهنجي طبعي ماحول سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري، شخصي تجربي دوران، جيڪي ڪجهه پرايون ٿا- هي آهي طبعي شين جي تعليم جي ڪار گذاري

" اهڙيءَ طرح اسان مان هر هڪ گويا ٽن استادن جي هٿ تي علم ٿو سکي. هاڻي جيڪڏهن هنن ٽنهي استادن جي تعليم جو هڪٻئي سان ٽڪر ۽ مقابلو ٿي ٿو پوي ته ويچاري شاگرد جي تعليم ناساز ۽ ناقص ٿي پوي ٿي، ۽ پوءِ هو غريب ڪڏهن به رڳو پنهنجو پاڻ سان به همشريڪ ۽ همصلاح نٿو رهي، پر جيڪڏهن انهن ٽنهي استادن جي تعليم ۾ وحدانيت ۽ هم آهنگي واقع ٿيو ٿي وڃي، ته پوءِ اسان جو شاگرد سڌو پنهنجي منزل مقصود تي وڃي ٿو رسي، هن جي شخصيت ۾ يڪ وجودي ۽ تنظيم پيدا ٿي ٿئي، ۽ پوءِ هو هڪ صحيح تعليم يافته انسان سمجهڻ ۽ سڏجڻ ۾ ايندو آهي.

"هاڻي، تعليمي عمل ۾ جن ٽن استادن جو هٿ آهي، تن مان فطرت جو استاد ته اسان جي بنهه وس کان ٻاهر آهي. مٿس اسان جو ڪو به حڪم هلي نٿو سگهي: طبعي شيون به اسان جي مڪمل قبضي ۾ نه آهن: انسانن جي تعليم ئي آهي، جا اسان جي پنهنجي هٿ وس آهي، پر هن دائري ۾ به اسان جي سموري طاقت محض خيالي ۽ وهمي آهي، ڇاڪاڻ ته ڪير آهي، جو انهن سيني انسانن جي هر هڪ گفتي ۽ هر هڪ عمل کي پنهنجي هٿ وس رکڻ جي اميد رکي سگهي ٿو، جن سان ٻار کي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾، جمڻ جي گهڙيءَ کان وٺي، سڏيءَ طرح، واسطي ۽ لاڳاپي ۾ اچڻو ٿو پوي!

"تعليم کي جيڪڏهن هڪ فن يا هنر جي حيثيت ۾ خيال ۾ تو آڻجي تہ پوءِ ڏسڻ ۾ هيئن ٿو اچي تہ ان ۾ ڪاميابيءَ جو حاصل ٿيڻ قريب قريب هڪ ناممڪن امر آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪاميابيءَ جا جيڪي لازمي شرط آهن، سي اسان جي وس کان ٻاهر آهن: اسان جي ڪوشش ۽ اسان جي محنت ئي اسان کي پنهنجو مقصد اڪثين ڏيکاري سگهن ٿيون، پر جيڪڏهن ان مقصد کي رسڻو ۽ اسان جي غريباڻي غوراب کي ساحل تي پهچڻو آهي، تہ پوءِ اسان کي ضرور ڪنهن اتفاقي سٺائي واءَ لاءِ ترسڻو ۽ انتظار ڪڍڻو پوندو."

"اسان جو اهو ساحل ڪٿي آهي؟ اسان جو اهو مقصد ڪهڙو آهي؟ اُهو ئي جيڪو اسان جي فطرت اسان جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي، يعني صحيح ۽ صالح انسان بنجڻ. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هيءَ اشد ضروري آهي تہ تعليم جا متي بيان ڪيل ٽيئي وسيلا همراهہ ۽ هم آهنگ رهي ڪري، اسان جي تعليم جي تڪميل ڪن. تنهنڪري اهي ٻہ وسيلا، يعني طبعي شيون ۽ انسان، جيڪي ڪجهہ قدر اسان جي هٿ وس آهن، تن کي ضرور ٽئين استاد، جو اسان جي وس کان بنهہ ٻاهر آهي، يعني فطرت جي استاد جي ئي رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪرڻو آهي ۽ ان جي ئي پيرويءَ ۽ فرمانبرداريءَ ۾ پنهنجا اثر ۽ نتيجا ظاهر ڪرڻا آهن."

اڄ سمجهان ٿو تہ روسي جي ايتريءَ مفصل ۽ واضح تشريح کانپوءِ متس اهو اعتراض تہ سندس تعليم جي طريقي ۾ امڪان هن ڳالهہ جو آهي تہ ٻار هڪ وحشي يا زياده ۾ زياده هڪ خود پرست ۽ خودپسند انسان بنجي پوي، ڪنهن بہ طرح هڪ معقول اعتراض نٿو رهي سگهي: ٻيءَ حالت ۾ محض اڻ ڄاڻائيءَ يا غلط فهميءَ کي انهيءَ اعتراض جو سبب سمجهڻو پوندو. ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ خود روسي کي بہ پنهنجي طريقي تعليم تي خاص انهيءَ اعتراض جي پيدا ٿيڻ جو انديشو هو. تنهنڪري اهڙيءَ غلط فهميءَ جو ڪو امڪان ئي مرڳو پيدا نہ ٿئي تنهن لاءِ هن "ايميلي" ۾ اڳتي هلي، هيٺين لفظن ۾ پنهنجي خيال جي هڪ فيصلہ ڪن سمجهاڻي پيش ڪئي آهي:

## تعليم جو مسيحائي ڪردار

"جڏهن آءٌ ايميلي کي هڪ اهڙي انسان بنجڻ جي تربيت ڏيڻ ٿو چاهيان جو عين فطرت جي منشا مطابق هجي، تڏهن منهنجي هر گز اها مرضي ڪانهي تہ آءٌ کيس محض هڪ وحشي بنائي، موٽائي هڪ جهنگلي زندگي گذارڻ لاءِ آماده ڪريان. برعڪس ان جي منهنجو مقصد تہ فقط هيءُ آهي تہ هو سماج ۾ رهي ڪري، ۽ سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ضرورت آهر ڀرو وٺندي بہ، ٻين ماڻهن جي شخصي حرص هوس ۽ پاروٿن خيالن ۽ عقيدن جو شڪار بنجڻ کان پاڻ کي محفوظ ۽ سلامت رکي سگهي: پنهنجا ڪن ۽ اکيون کولي هلي، ۽ جيڪي ڪي ڏسي وائسي، تنهن کي ضروري غور ۽ فڪر ڪرڻ کانپوءِ ئي قبول ڪري، پنهنجي دل کي هڪ احساس رکندڙ دل بنائي، ۽ خالص عقل کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ جو قبضو ۽ غلبو پنهنجي دماغ مٿان قائم ۽ مسلط ٿيڻ نہ ڏئي."

هيءَ هڪ ناقابل انڪار حقيقت آهي- ۽ تعليم جي مڃني ماهرن ان کي هميشہ تسليم پڻ ڪيو آهي- تہ روسو ئي هو جنهن تعليم جي دنيا ۾ بنيادي طرح هڪ نئين قدر، هڪ نئين زاوي ۽ هڪ نئين نظريي جو آغاز ڪيو: جديد تعليم جي سموري جدت ۽ سموري تازگي روسي جي ئي رهين منت آهي.

برو هو ڀنڀور، جو آرياڻيءَ اجاريو،
ڇوريون ڇُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سو آتورُ جنهن ڏکيون ڏِکَ وهاريون!

دنيا جي هڙيءَ عظيم المرتبت شخصيت جي هڪ بهترين ۽ تاريخي شاهڪار جي چونڊ ۽ ان جي اختصار جو هيءُ نازڪ ۽ نفاست طلب ڪم، پنهنجي مڃني اوٽاين ۽ ڪمال ڪم مايگيءَ جي احساس رکڻ هوندي بہ جو مون هٿ ۾ کنيو سو فقط پنهنجن عزيز شاگردن جي بار بار تقاضا ۽ فرمائش تي، ۽ منجهن علم لاءِ جيڪو شوق ۽ دلي اشتياق ڏٺم، تنهن جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پيرا ڪلاس ۾ روسي جي فڪر ۽ تعليم تي تبصرو ڪندي، مون جيڪا سندن نگاهن ۾ چمڪ ۽ منهن تي مسرت ۽ روشنيءَ جي جهلڪ ڏٺي، تنهن ئي آخر مون کي آماده ڪيو تہ پنهنجي انتهائي عدم صلاحيت جي باوجود سندن سڪ ۽ پياس کي پنهنجي وس آهر ڪجهہ قدر زياده سيرآب ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان. هن ڪم کي جنهن نماڻائيءَ ۽

**ايميلي عرف تعليم**

جنهن ادب ۽ احترام سان مون هٿ وڌو تنهن جي مون کي ٿي ڄاڻ آهي، ۽ هن "مجذوب مفڪر" جي تصور حيات کي سميٽڻ ۽ سهيڙڻ ۾ مون کان ڪٿي ڪا سَهَوَ يا گستاخي نہ ٿي وڃي، تنهن جو خوف ۽ خيال هميشہ منهنجي دل تي رهيو. اميد اٿم تہ اُهي، جن لاءِ جُرئت ڪري هي گل چونڊيا اٿم ۽ گلن جو عرق نچوڙيو اٿم، ۽ پيا سيئي، جيڪي علم جا پياسا ۽ سچ جا سڪايل آهن، هن منهنجي ناچيز محنت مان اها سڳنڌ ۽ اها خوشبوءِ حاصل ڪندا، جيڪا گذريل ٻن سون ورهين کان وٺي علم و دانش جي دنيا کي پنهنجي پر بهار مسرتن ۽ دل نوازين سان زندگي جي نت نون رازن ۽ رمزن ۽ تروتازگين جي نعمت سان مالا مال ڪندي پئي آئي آهي.

آءُ پنهنجي معزز ۽محترم محسن مسٽر غلام حسين سومري بي. اي، ايل. ايل بي، بي، ٽيءَ جو نهايت شڪر گذار آهيان، جن پنهنجي بيش بها صلاح ۽ مشوري سان وقت بوقت مون کي نوازي، منهنجي قابل قدر رهبري ڪرڻ فرمائي، ڪتاب جي آخر ۾ جيڪا حوالن جي سمجهاڻي ۽ تشريح پيش ڪئي ويئي آهي، سا سندن ئي صلاح مشوري جو نتيجو آهي، نہ فقط ايترو پر صاحب جن منهنجي هن ناقص پورهئي کي نظر مان ڪڍي ۽ پسند فرمائي، پنهنجو پر معنيٰ پيش لفظ لکيو ۽ منهنجي لاجواب حوصلہ افزائي ڪرڻ فرمائي.

آءُ پنهنجي عزيز ۽ مخلص دوست مسٽر شيخ عبدالله جو بہ بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن نہ فقط وقت بوقت منهنجي علمي ۽ ادبي اوڻاين ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪائي، مناسب درستيون مون کي ڏسيون، ۽ ڪتاب جي طبعي تنظيم ۽ ترتيب ۽ طباعت جي سياويڪ غلطين درست ڪرڻ ۾، بلڪل پنهنجو ڪم سمجهي، منهنجي دستگيري ڪئي، پر ڪتاب جي سرورق توڙي ابتدا ۽ خاتمي واريون لاجواب تصويرون ڪڍي، انهن ۾روسي جي تعليمي طريقي جو اهو باڪمال تصور پيش ڪيو آهي، جنهن مان جي هڪ پاسي سندن هڪ قابل فنڪار هئڻ جي ثابتي ٿي ملي، تہ ٻئي پاسي وري سندس ڪمال علم دوستي ۽ ادب نوازي ظاهر ٿي ٿئي.

ٽريننگ ڪاليج فارمين، — محمد ابراهيم م جويو

حيدرآباد سنڌ

27_12_1949ع

# ايميلي عرف تعليم

چونڊ ۽ اختصار

ڪنُ تِي، ڪيچين ڪُڇيو ڪُڇ مٿان ڪُڇَن،
اِشارتـــون اُن جـــون، سُڪـــوتـــان سُڄـــن،
وٿـــان ويهـــي تـــن، سُڻ تـــہ سوزُ پِرائيين!

# ايميلي عرف تعليم

## چونڊ ۽ اختصار

فطرت جي ميزان ۾ انسان سڀيئي هڪجهڙا آهن. ۽ انسانيت جو پيشو سڀني لاءِ ساڳيو آهي. تنهنڪري جيڪو صحيح علم جو صاحب آهي، اهو انسان لازمي طرح ان توڙي ان سان تعلق رکندڙ ٻين سڀني ڌنڌن ۾ زياده ڪاميابي پائيندو. اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي ته منهنجو شاگرد فوج ۾ سپاهي، ديول ۾ پادري يا هڪ قانون دان وڪيل بڻجڻو آهي. چاڪاڻ ته سندس والدين هن لاءِ ڪو خاص ڌنڌو پسند ڪن. تنهن کان اڳ ئي قدرت ڪانئس انسان بنجڻ جي تقاضا ڪئي آهي: تنهنڪري آءٌ ته ڪيس زندگيءَ جو هنر ئي سيکارڻ پسند ڪندس. اسان جي سموري پڙهڻ پڙهائڻ جو واحد مقصد ۽ مرڪز آهي "انسان" ۽ سندس "ماحول".

زندگي دم جو يا ساهه جو نالو نه آهي: زندگي نالو آهي عمل جو اسان جي حواسن، اسان جي دماغ ۽ اسان جي سمورين فطري صلاحيتن جي استعمال جو- زندگي نالو آهي اسان جي وجود جي هر هڪ جزي جي استعمال جو جنهن دوران اسان کي پنهنجي هستيءَ جي ڄاڻ ۽ پروڙ پلئي پوي ٿي. زندگي عمر درازيءَ ۾ پوشيده نه آهي، زندگيءَ جو راز زندگي جي اٿاهه ذوق، اڻ کٽ روانيءَ ۽ پيهم تازگيءَ ۾ئي مضمر آهي.

برعڪس ان جي، اسان جي سموري ڍاهپ محض غلامانه خودفريبيءَ جي برابر وڃي رهي آهي، اسان جون سڀ رسمون رواج اڄ فقط ظلم ۽ استبداد ۽ جبر و تشدد تي ٻڌل آهن.موجوده انسان پاڻ کي مهذب ۽ سڌريل برابر سمجهي ٿو: پر هو غلام ڄمي ٿو ۽ غلام مري ٿو. معصوم ٻي زبان ٻار تنجڻن جي ٻي قياس گرفت ۽ ايذاءَ ۾ ڄائو ۽ ٻي جان مردي جو لاش ڪفن جي ڪپڙن ۾ سبجيءَ جڪڙجي، وڃي قبر جي تنگ ۽ تاريڪ چوڏيواريءَ جي حوالي ٿيو. انسان گويا پنهنجي سموري حياتي مروج ۽ رسومات قيد و بند ۾ گرفتار آهي.

اوهان فطرت ۽ فطرت جي طريقي ڪار کي خيال ۾ رکي ۽ ان جي ڏيکاريل راهه عمل تي گامزن ٿيو. فطرت ٻارڙن کي هميشه ڪنهن نه ڪنهن

ڪرت ۾ مشغول ۽ محو رکڻ پسند ڪري ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح ڪين هر ڪنهن قسم جي مشڪلات سان روشناس ڪري، پڪو ۽ پختو ڪندي رهي ٿي، ته جيئن سندن معصوم ۽ ڪچڙا دماغ رنج ۽ راحت جا ابتدائي سبق حاصل ڪري سگهن: اوهان به فطرت جي ڪامياب استاد سان هن ڳالهه ۾ تعاون ڪري، زندگيءَ جي آئنده سختين ۽ ڪجروين کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي ٻارن کي تربيت ڏيئي تيار ڪريو. آهستي آهستي ۽ درجي بدرجي اوهان جا ٻار بزدليءَ، منهن ڪچائيءَ ۽ خوف بدران همت ۽ بي ڊپائيءَ جا سبق سکي، بهادر ۽ بيخوف انسان بنجي پوندا.

هر ڪنهن قسم جي بدڪرداري ضعف ۽ ڪمزوريءَ مان پيدا ٿئي ٿي. ٻار شرير فقط هن ڪري آهي، جو هو ڪمزور ۽ ناتوان آهي، کيس قوي ۽ سگهارو بنايو ته هو ازخود درست ۽ دانشمند ٿي پوندو: جيڪڏهن اسان ۾ سڀ ڪجهه ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿي پوي، ته اسان کان هوند ڪا غلطي سرزد ٿئي ئي ڪانه ۽ اهوئي سبب آهي، جو قادر مطلق جي سڀني صفتن مان نيڪيءَ جي صفت سندس اهڙي صفت آهي، جو ان کي سندس هستيءَ جي تصور کان ڪڏهن به علحدہ نٿو ڪري سگهجي.

آءٌ اها ڪوشش هرگز ڪين ڪندس ته ايميليءَ کي ڪو ايذاءُ نه رسي. جي هن ڪو ڏکو ڏومو نه ڪاڏو جي پاڻ کي ڪڏهن نه ايذايائين ۽ اهڙيءَ طرح سور ۽ تڪليف سان واقفيت پيدا ڪرڻ کان سواءِ ئي هو وڏو ٿيندو رهيو. ته پوءِ ته مون کي پاڻ رنج ۽ افسوس ٿي پوندو. سور سهڻ ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ ته هڪ اهڙو ڪارائتو سبق آهي، جو کيس اول اول اُهوئي سکڻ گهرجي. ٻار کي اونداهي ۽ گهٽيل ڪمري ۾ گُڏو بنائي ويهاري ڇڏڻ بدران ته کيس هر روز ٻاهر ٻيلن ۾ ۽ باغن ۾ وٺي وڃو پلي ته اُتي هيڏانهن جو هوڏانهن ڊوڙي ڊڪي، پلي ته هِتي هُتي زور آزمايون ڪري ۽ ڏڪا ڏوما کائي. ڪِري ڪِري وري اٿي، جيترا دفعا ڪرندو اوترا دفعا اٿندو پاڻ اوترو جلد از خود پنهنجي پيرن پر اٿي بيهڻ سکي پوندو.

اوهان جو مطلب ڇا آهي؟ چي، "انسان ڪمزور آهي!" "ڪمزور" لفظ ته هڪ نسبتي معنيٰ ٿو رکي. ان جي نسبت اُنهيءَ جيوَ سان وابسته آهي، جنهن لاءِ ان جو استعمال ٿو ٿئي. هڪ جيت يا هڪ ڪيئون جنهن ۾

پنهنجي گهرجن پوري ڪرڻ جيتري بلڪ ان ڪان به زياده طاقت آهي، اهو ايڏي ڪمزوريءَ هوندي به ڪمزور هرگز ڪين آهي، هڪ هاٿي، هڪ شينهن، هڪ فاتح ۽ سورمو يا خود هڪ ديوتا، جنهن جا احتياج ۽ گهرجون سندس طاقت کان زيادهه آهن، سو ايڏيءَ طاقت هوندي به طاقتور هرگز ڪين ليکبو. تنهنڪري، اي انسان! تون به پنهنجي مخصوص فطري گهرجن ۽ تقاضائن موجب پنهنجي زندگي گذار ته هر قسم جي ڏک درد کان محفوظ رهين: فطرت جي گونا گون سرشتي ۾ پنهنجي مقرر شده مقام تي قائم رهه. توکي ان مقام انسانيت کان ڪابه طاقت تيلهي ۽ هٽائي، هرگز هيٺ ڪيرائي ڪين سگهندي: قانون فطرت جي همه گير ۽ اڻ ٽر تقاضا خلاف بغاوت نه ڪر!

اهو انسان حقيقي آزاديءَ جو مالڪ آهي، جيڪو خواهش فقط اها تو ڪري جنهن جي حاصل ڪرڻ جي هو پاڻ ۾ سگهه تو ساري سگهي، ۽ اهڙيءَ طرح جيئن تو چاهي تيئن تو ڪري، هيءُ منهنجو بنيادي اصول آهي. ٻار جي زندگيءَ سان هيءُ اصول لڳايو: تعليم جا سمورا قاعدا ۽ قانون اتان ئي ڦٽن ٿا.

انسان کي ٻن قسمن جي منت ڪشي يا محتاجي ڪرڻي پوي ٿي: ڪيس يا ته شين جي محتاجي ڪيڏي ٿي پوي، جا هڪ فطرت جي ڪار گذاري آهي، يا ته ڪيس انسانن جي محتاجي تي ڪيڏي پوي، جا وري سماج يا سوسائٽيءَ جي ڪار فرمائي آهي. شين جي محتاجي ڪرڻ ۾ تهذيب ۽ اخلاق جو سوال ئي ڪونه ٿو اُٿي، تنهنڪري ان مان انسان جي فطرتي آزاديءَ کي ڪو گزند ڪونه ٿو رسي، ۽ نڪي وري ان مان ڪنهن برائيءَ جي پيدا ٿيڻ جوئي ڪو امڪان آهي: انسانن جي محتاجي هڪ خلاف فطرت ڳالهه آهي، تنهنڪري هر ڪنهن قسم جي سماجي برائي ان مان ئي ڦُٽي، ۽ ان جي دوارا ئي آقا ۽ غلام ٻيئي ساڳئي انداز ۾ ذليل ۽ خوار خراب ٿي ٿا پون.

ٻار کي فقط شين جي محتاجي سيکاريو. سندس خواهش کي فقط فطري يا طبعي رڪاوٽن سان ٽڪرجي مڙڻ گهرجي، ڪيس سزا اهائي پوڻ گهرجي، جيڪا سندس عملن مان براهه راست بطور نتيجي جي پيدا ٿيندي هجي: نتيجو هي نڪرندو ته اهڙيون ساڳيون حالتون وري جڏهن سندس

زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندين. تڏهن هو پنهنجي ناڪاميءَ ۽ سرزنش جا گذريل مثال ۽ سبق ياد ڪري، ساڳئي قسم جي خواهشن ۽ عملن کان ازخود باز رهندو. اهڙيءَ طرح غلطيءَ کان سڌيءَ طرح منع ڪرڻ کان سواءِ ئي، جيڪڏهن کيس غلط ڪاريءَ کان بچائجي ۽ پاسو ڪرائجي، ته اها ڳالهه زياده تسلي بخش ۽ بهتر آهي. مطلب هيءَ آهي ته ٻار تي ڪو حڪم صادر ڪجي يا مٿس ڪو قاعدو ٺڦجي، تنهن کان بهتر آهي ته سندس زندگي جي ضبط و نظم جي ذميداري ۽ رکوالي سندس شخصي تجربي ۽ فطري بيچارگيءَ جي سپرد ڪري ڇڏي ڪجي.

توهان جو ٻار جيڪي واتان گهرندو وڃي، سو کيس هڪدم حاضر ٿي ملندو وڃي- ائين نه ٿيڻ گهرجي، کيس فقط اهو ڪي ڪجهه ملڻ گهرجي، جنهن جي کيس گهرج هجي: توهان جو ٻار ڪنهن جي حڪم جي پيرويءَ يا فرمانبرداريءَ ماتحت ڪو ڪم ڪري- ائين هر گز نه ٿيڻ گهرجي، کيس اهو ڪي ڪجهه ڪرڻ کپي، جنهن جو ٿيڻ ۽ ڪرڻ هو بذات خود لازمي ۽ ضروري ڄاڻي. ”فرمان“ ۽ ”فرمانبرداري“- هي لفظ سندس لغت مان ڪڍي ڇڏڻا پوندا. ساڳيءَ طرح ” فرض“ ۽ ” مجبوري“-هي لفظ ته سندس ڪنهن ڪم جا ڪينهن: انهن لفظن بدران ”سگهه يا قوت“، ”ضرورت“ ، ”فطري ڪمزوري“ ۽ ”خود ضابطگي“- هنن لفظن جو سندس زندگيءَ سان اهم ۽ گهرو واسطو رهڻ گهرجي.

انهيءَ طريقي سان اوهان کيس صابر ۽ شاڪر، قانع ۽ بردبار، متوازن ۽ ديرينه طبع بنائي سگهندا، پوءِ ڪٿي کيس سندس مرضيءَ مطابق هر ڪا شيءِ ميسر نه به ٿيندي هجي، ڇاڪاڻ ته انسان جي فطرت جو اهو هڪ پڌرو راز آهي ته هو آسپاس جي طبيعاتي يا جنسي شين جي اڏنگاين ۽ ستم ظريفين کي صبر سان برداشت ڪندو رهندو آهي، پر پاڻ جهڙي هڪ انسان جي ٿوري ۾ ٿوري بي توجهي ۽ ڪناراڪشي به کيس آپي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ لاءِ ڪافي دليل ٿي سگهي ٿو.

هيءَ هڪ ثابت شده ۽ اٽل قانون ڪري سمجهڻ گهرجي ته فطرت جون اوائلي رغبتون ۽ رجحان يا فطرت جا اوائلي لاڙا هميشه نيڪ هوندا آهن، انسان جي دل ۾ ڪو به آبدي گناهه موجود ڪونه آهي: انسان ۾ جيڪي

ٻه ٻرايون پوءِ پيدا ٿيون ٿين، تن مان هر هڪ ڪيئن ٿي پيدا ٿئي ٿي ۽ ڇو ٿي پيدا ٿئي- هنن سوالن جا جواب نهايت آسانيءَ سان ڏيئي سگهجن ٿا. هاڻي اهي ٻرايون انسان ۾ پيدا ٿين، ۽ پوءِ انهن کي ڪڍڻ جي ويهي ڪوشش ڪجي، تنهن کان ته زياده بهتر آهي ته انهن ٻراين کي مرڳو شروع کان پيدا ئي ٿيڻ نه ڏجي: تنهنڪري ڪم از ڪم ابتدائي سالن ۾ ٻار جي تعليم فقط "دفاعي يا بچاءَ واري" تعليم هئڻ گهرجي، جنهن ۾ ٻار کي نيڪو ڪاريءَ ۽ حق پرستيءَ جي غير ضروري ۽ بي اثر سبقن سيکارڻ بدران فقط سندس دل ۽ دماغ کي ٻرائيءَ ۽ غلطي جي آلايش کان بچائڻ گهرجي، ۽ اهريءَ طرح جيترو گهڻو عرصو ٿي سگهي اوترو ٻار جي فطري پاڪيزگيءَ ۽ معصوميت کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

اخلاقيات جو هڪ ئي سبق جو ٻار لاءِ هن منزل تي درست ۽ مناسب ٿيندو- ۽ اهو سبق زندگيءَ جي هر دور لاءِ ساڳئي قسم جي اهميت رکي ٿو- سو هيءَ آهي ته " ڪنهن کي ٻه نه ايذاءِ". نيڪو ڪاريءَ جا جيڪي ٻه قانون آهن، سي جيڪڏهن هن هڪڙي بنيادي قانون جي ماتحت نه آيا، ته سمجهجي ته اهي سڀ قانون خطرناڪ ابتا ۽ برخود غلط آهن. ڪير آهي، جو نيڪوڪاري ڪونه ٿو ڪري؟ هر ڪو انسان ڪونه ڪو ڀلائي جو ڪم ڪري ٿو- هن ڳالهه ۾ هڪ بدڪار انسان ٻه هڪ نيڪ ماڻهوءَ جي برابر آهي، پر ڇاڪاڻ ته هو جيڪڏهن هڪ کي خوش ٿو ڪري ته سوَن کي ايذاءُ ٿو رسائي، تنهنڪري سندس ڀلائيءَ واري عمل مان پڻ هزارين عذاب ٿا اپرن. اهوئي سبب آهي، جو انسانن جي هيءَ دنيا ڪيترن "سخي مردن ۽ داني پُرشن" جي موجود هوندي ٻه لاتعداد ڏکن ۽ مصيبتن سان ڀري پيئي آهي.

انسان جو فهم ۽ عقل محدود آهي: ڪو ٻه انسان سيني شين جي ڄاڻ يا سمورو علم حاصل ڪري نٿو سگهي، نه فقط ايترو پر هو ڀاڻ جهڙن ٻين انسانن جي حاصل ڪيل اڌوري علم تي ٻه پوري دسترس حاصل ڪرڻ کان قاصر آهي: ۽ ڇاڪاڻ ته هر ڪنهن قسم جي ڪوڙ يا غلط ڳالهه جي مقابلي ۾ ضد ۾ صحيح ڳالهه يا سچ موجود آهي، تنهنڪري دنيا ۾ سچيون ۽ صحيح ڳالهيون اوتريون ئي آهن جيترا ڪوڙ يا جيتريون غلط ڳالهيون:

ثابت ٿيو تہ اسان کي جيڪي ڪجھ سيکارڻو آهي، تنهن جو انتخاب ۽ چونڊ ڪرڻي پوندي. ڏاهي ۽ سمجهدار ماڻهوءَ جو تنهنڪري هيءُ فرض ٿيو تہ اهو ٿورو ڪي گهڻو علم، جنهن ۾ انسان جي ڀلائي ۽ فائدو آهي، فقط تنهن جوئي مطالعو ڪيو وڃي، ۽ ٻار کي بہ اوتري ئي علم سان روشناس ڪرايو وڃي تہ جيئن هو بہ مناسب ۽ مفيد ڏاهپ ۽ سمجهداريءَ سان مالامال ٿئي. جيڪي ڪجھ علم دنيا ۾ موجود آهن، هرويرو اهو سمورو علم جي ٻارن نہ سکيو تہ ڪا وڏي ڳالھ ڪانهي: ٻار کي تہ فقط اهو علم، جو مفيد ۽ ڪارائتو آهي، سوئي سکڻ گهرجي.

هن حقيقت کي هر گهڙيءَ پنهنجي سامهون رکو- لاعلميءَ يا اڻ ڄاڻائيءَ ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪو نقصان ڪو نہ رسايو آهي: غلط ڄاڻ يا غلط علم ئي انسان جو شروع کان وٺي هڪ خونخوار دشمن ٿي پئي رهيو آهي. انسان پنهنجو رستو ڀلجي گهمراھ ٿو ٿئي، سو ڪڏهن بہ اڻ ڄاڻائي ڪري نہ، پر محض هڪ غلط خبر کي صحيح خبر سمجهي، پنهنجي ان "علم" تي ٺلهي ايمان ۽ خودسري ڪرڻ ڪري ئي سندس اهو حال ٿو ٿئي.

اسان کي خبر پهچائڻ جا ابتدائي ذريعا فقط اسان جا حواس آهن، حواسن وسيلي خبر حاصل ڪري، خيالن جي دنيا آباد ڪرڻ- هيءُ هڪ درست عمل آهي، پر هڪ ڳالھ جو خيال رهي تہ حواس جي دنيا کي مرڳو خيرباد چئي اڌ ۾ ڇڏي ڪري، خالص خيالي دنيا ۾ تصوراتي پرواز ڪرڻ، نہ فقط هڪ بيسود بلڪ هڪ گمراھ ڪن عمل آهي. هر ڪنهن قسم جي فڪر يا خيال تي فقط حواسن جي معرفت ئي رسائي حاصل ٿي سگهي ٿي، تنهنڪري فهم ۽ عقل جي ابتدائي استعمال لاءِ فقط حواسن کي ئي رهبر بنائڻ گهرجي. ڪتابن کي ڇڏي ڪريو دنيا جو مطالعو ڪريو: حقيقت جي معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ فقط حقيقتن کي ئي خيال ۾ رکو.

پنهنجي شاگرد کي هيرايو تہ قدرت جي گوناگون نظارن کي هو پاڻ ڏسي وائسي، ۽ پنهنجو پاڻ دفتر قدرت جي ورق گرداني ڪرڻ جو دل ۾ چاھ پيدا ڪري: جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ هن جي مشاهدي جي قوت وڌي، سندس فڪر ۽ ذهن جي نشونما ٿئي، ۽ سندس فطري جوهر اُڀرن ۽ اُسرن، تہ پوءِ جلدبازيءَ کان ڪم نہ وٺو ائين نہ ٿئي، جو فقط اوهان کان ٻڌي، ڪٿي

ڳالهين تي ڳنڍي ڏئي، ۽ اهڙي طرح منجهس جيڪا علم لاءِ سڪ ۽ پياس پيدا ٿي هجي، سا هڪدم اداري علم مان سير آب ٿي وڃي: ڪيس علم اهو پلئہ پوڻ گهرجي، جو هن پنهنجي سر پاڻ، هٿ پير هڻي، حاصل ڪيو هجي. جيڪڏهن اوهان هن کي پنهنجي عقل تي هلڻ جي موقعي ڏيڻ بدران ٻين جي عقل تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ ٻين جي پيروي ۽ تقليد سيکاري، تہ پوءِ سندس پنهنجو عقل محض ٻين جي عقل جو پرستار بنجي پوندو ۽ هو پاڻ محض ٻين جي خيالن ۽ وسوسن جي ڏورين ۾ بطور هڪ ٻي جان رانديڪي جي رهجي ويندو. جيڪڏهن هو ڪا اوڻائي ڪري وجهي، تہ هڪدم سندس غلطين کي ويهي درست نہ ڪريو ڪجهہ ترسو- ڏسو تہ هو پنهنجي غلطين کي ازخود محسوس ڪري جلدئي پنهنجو پاڻ درست ڪري ٿو وٺي نہ! گهٽي ۾ گهٽو اوهان رڳو موقعو ڏسي اهڙي ڪا صورتحال پيدا ڪيو جنهن مان سندس غلطيون ڪيس ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ اچي وڃن. ياد رکو تہ جيڪڏهن ڪا غلطي ئي ڪين ڪندو تہ سکندو وري ڪٿان؟- اهو سوار ئي ڪينهي جو ڪڏهن ڪريو ناهي!

منهنجي طريقي تعليم جو هيءُ هڪ لازمي نڪتو آهي- ٻار کي ٿورو ئي سيکاريو هرويرو گهٽي سيکارڻ جي ضرورت ڪانهي، پر جيڪي ڪي ڪيس سيکاريو سو اڻ چٽو ۽ منجهيل نہ هجي. مون کي اهو خيال ڪين ٿيندو تہ ڪو هو ڪجهہ ڪين ٿو ڄاڻي، بشرطيڪ هو غلط ڄاڻ کان پاڪ هجي: آءٌ هن کي حقيقن سان فقط هن ڪري متعارف ٿو ڪرايان تہ متان انهن جي بدران هو غلط ڳالهين کي ڪٽي، قبول نہ ڪري ويهي رهي. فيصلي ۽ تميز جي صلاحيت ۽ سمجهداريءَ ۽ ڏاهپ جي پيدا ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. رسوماتي ۽ مروج غلط عقيدا ٿولن جا ٿولا ڪري هڪدم انسان جي ذهن تي حملا آور ٿيندا آهن: اسان کي هنن کان ئي ٻار جي ذهن کي محفوظ رکڻو آهي.

اوهان تي اهو فرض هرگز عائد ڪونہ ٿو ٿئي تہ ٻار کي سمورا علم اوهان ئي سيکاريو. اوهان جو ڪم فقط هيءُ آهي تہ سندس دل ۾ انهن علمن لاءِ چاهہ ۽ شوق جاڳايو ۽ جڏهن اهو سندس چاهہ ۽ شوق وڌي پختو ۽ گهرو ٿئي، تہ انهن علمن حاصل ڪرڻ جا صحيح رستا ۽ درست طريقا ڪيس ڏيکاريو. مفيد ۽ اثرائتيءَ تعليم جو هيءُ هڪ بنيادي اصول آهي.

جيڪا بہ معرفت ۽ خبر، مختلف شين متعلق، انسان هن نموني پنهنجي پاڻ حاصل ڪري ٿو اها زياده صاف زياده معقول ۽ زياده معتبر آهي، بنسبت اُنهيءَ جي جيڪا ڪيس رڳو ٻين جي واتان ٻڌڻ سان ملي ٿي: نہ فقط ايترو پر انهيءَ نموني سندس عقل ٻين جي تقليد ۽ غلامانہ پيرويءَ جي عادت کان دائمي آزادي ٿو پائي، ۽ اهڙيءَ طرح منجهس اها غور ۽ فڪر جي صلاحيت ٿي پيدا ٿئي، جنهن جي وسيلي هو خالص تخيلاتي دنيا ۾ پڻ نهايت سلامتيءَ ۽ ڪاميابيءَ سان پنهنجي عقل ۽ خيال جون بلند پروازيون ڪري سگهي ٿي.

اسان جا حقيقي استاد اسان جو تجربو ۽ اسان جا حواس آهن: هيءَ بہ ظاهر آهي تہ اُهو علم جو انسان جي شايان شان آهي سو هو ڪڏهن بہ سکي ڪين سگهندو، سواءِ انهن ذريعن ۽ وسيلن جي جيڪي سندس فطرت، انهيءَ روءِ پسند ڪري سندس ئي ڀلائيءَ ۽ فائدي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيا آهن.

جڏهن اسان پنهنجي شاگرد کي لفظ " ڪارائتو يا مفيد" سمجهائي ڪنهن نموني ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو تہ پوءِ اسان کي گويا هڪڙو وڏيڪ وسيلو ملي ويو جنهن سان اسان هن کي پنهنجي هٿ وس رکي سگهون ٿا. " هن ۾ ڪهڙو فائدو آهي يا هن مان ڪهڙو ٿو ڪارج سِڌِ ٿئي؟" - هن سوال جي ڪسوٽيءَ تي آءٌ ۽ هو ٻيئي پوءِ پنهنجي زندگين جي هرهڪ عمل جي تورتڪ ۽ پرک ڪندا رهنداسين.

مون کي لفظي تشريح بازيون يا زباني سمجهاڻيون هرگز ڪين ٿيون پسند پون: ننڍڙا ٻار نڪي انهن ڏانهن ڪو ڌيان ٿا ڏين ۽ نڪي وري انهن جي ڪين ڪا يادگيري ئي رهي ٿي. جنسي شيون!! جنسي شين جو استعمال، جنسي شين جو مشاهدو ۽ جنسي شين جو تجربو! هيءَ ڳالهہ آءٌ جيترا ڀيرا وري وري دهرايان اوترو ٿورو. اسين رڳو لفظن تي ڀيا ٿا پنهنجون زور آزمايون ڪريون،، اسان استاد رڳو لفاظي ۽ بڪ بڪ ڪندا ٿا رهون، پوءِ اسان جا شاگرد بہ اسان جي پيروي ڪريو اسان جي ئي لفاظيءَ ۽ بڪ بڪ جو نقل ڪرڻ شروع ڪري ٿا ڏين.

آءُ ڪتابن کان بيزار آهيان: ڪتاب اسان کي چا تا سيکارين؟۔ فقط هي تہ انهن شين جون محض بي سود. ڏکيون ڏکيون ڳالهيون ڪندا وتو جن جي اسان کي ڪا بہ معقول ۽ معتبر پروڙ ڪانهي. پر جيڪڏهن هرويرو ڪتابن کانسواءِ اسان جو ڪم نٿو اُڪلي تہ منهنجي نظر ۾ هڪڙو ڪتاب آهي، جو آءُ سمجهان ٿو تہ فطرت جي ڏسيل تعليمي طريقي مطابق مرتب ٿيل آهي، اهو بي مثل ۽ عجيب و غريب ڪتاب ڪهڙو آهي؟ اهو ڪو ارسطوءَ جو افلاطون جو يا سقراط جو جوڙيل ڪونهي: اهو ڪتاب آهي ”رابنسن ڪروزو.“ هي اهو ڪتاب آهي، جنهن کي اوهان پاڻ بہ عام طرح ”ٻارن جي ڏانو جو ڪتاب“ ڪري سڏيندا آهيو. ايميليءَ کي اول اول آءُ هيءُ ئي ڪتاب پڙهڻ لاءِ هٿ ۾ ڏيندس، ڪافي مدت تائين سمورو ڪتبخانو فقط هن ئي ڪتاب تائين محدود رهندو سندس زندگيءَ ۾ آخر تائين هن ڪتاب کي هڪ اهم ۽ عزت واري جڳهہ حاصل رهندي.

اوهان جو مکيہ مقصد هيءُ هئڻ گهرجي تہ اوهان پنهنجي شاگرد جي راهہ کان اهي سمورا خلاف فطرت ننڍ وڏائيءَ ۽ خادم مخدوميت وارا سماجي تعلقات ۽ لڳ لاڳاپا دور رکو جن کي انساني عقل سمجهڻ کان هونئن بہ قاصر آهي: پوءِ جڏهن هن جي علم جو اڃياس وڌي ان حد تي اچي پهچي، جو ڪيس انسانن جي باهمي احتياج ۽ باهمي تعاون وارن سبقن پڙهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ مجبور ٿي پئو ۽ ان کي ضروري ڄاڻو تڏهن بہ دور ازڪار اخلاقيات جي هڪ خشڪ ۽ بي اثر واعظ ۽ ناصح جي حيثيت ۾ نہ پر هڪ حقيقت شناس رهبر جي حيثيت ۾ سندس سمورو ڌيان فقط انسانن جي هنرمنديءَ ۽ صنعت، ڪلن جي ڪاريگريءَ ۽ مشينن وسيلي ٿيندڙ ڪار ڪرت ڏانهن ڇڪايو تان تہ انهن مان هو هيءُ سبق حاصل ڪري وٺي تہ محنت ۽ پورهيو انسانن جي زندگي لاءِ ڪيتريقدر نہ ضروري آهي، ۽ بني نوع انسان کي هڪٻئي جي مدد، همراهيءَ دستگيريءَ جي ڪيڏي نہ بنيادي درڪار ۽ ضرورت آهي!

موجوده سماج ۾ عام طرح مختلف ڌنڌن ۽ هنرن جي عزت ۽ قدرُ سندن عام استعمال، ڪم يا فائدي جي بنا تي نہ، بلڪ ان جي بلڪل برعڪس سندن عدم استعمال، نڪمائي ۽ نقصان جي بنا تي ڪيو ٿو

وجي. اوهان ٿورو ويچار تہ ڪريو تہ جيڪڏهن اوهان پاڻ ان قسم جي پست ذهنيت سان هم راءِ آهيو ۽ پنهنجن شاگردن جي دماغن ۾ پڻ اهڙي قسم جي ذهنيت پيدا ٿيڻ تي اوهان خاموش ۽ خوش آهيو. تہ پوءِ اوهان جي توڙي انهن جي آخر ڪهڙي حالت ٿيندي! مثلاً جيڪڏهن هو ڏسن ٿا تہ اهان هڪ جوهريءَ جي دوڪان تي جوهريءَ جي اٿاهہ عزت ٿا ڪريو ۽ بنسبت ان جي هڪ لوهار جي دوڪان تي لوهار جي عزت تہ نهيو پر مرڳو ان کي حقير ۽ نيچ سمجهي ساڻس نفرت سان پيش ٿا اچو ۽ اهڙيءَ طرح سندن سامهون هڪ طرف محض رنگ روپ ۽ هارسينگار جو ملهہ ٿو مقرر ٿئي تہ ٻئي طرف هڪ واقعي مفيد ۽ ڪارائتي شيءِ پيئي تي ٽڏجي ۽ ٿيلهجي. "انڌير نگري چرپٽ راجا. ٽڪي سير ڀاڄي ٽڪي سير کاڄا"، واري مثال کان بہ وڌيڪ ابتو مثال سندن اکين اڳيان، اهڙيءَ طرح، هر روز ظاهر پيو ٿو ٿئي. تہ پوءِ "اڳهيو ڪائو ڪچ. ماڻڪن موٽ تي" واريءَ ان حالت کي اهي اوهان جا شاگرد هڪ عين عادلانہ ۽ منصفانہ حالت ڪري تسليم نہ ڪندا تہ پيو ڇا ڪندا!

جنهن بہ وقت اوهان جي شاگردن ۾ اها ذهنيت ۽ اهڙا خيال پيدا ٿي ويا. پوءِ اوهان خوش ٿيا. خاموش ويهي رهيا توڙي بي خبر رهجي ويا. تنهن وقت اٿين سمجهو تہ وڌيڪ ڪنهن تعليم ڏيڻ جا نہ اوهان پاڻ اهل آهيو. ۽ نہ وري ان مان ڪو فائدو ئي ڪنهن کي ٿيندو. اوهان جا شاگرد بہ هوبهو ٻين عام رواجي شاگردن جهڙائي اوهان وٽان رخصت ٿيندا. افسوس اهو ٿيندو تہ اوهان پنهنجي عمر جا توڙي انهن جي عمر جا سڄا سارا قيمتي ڇوڏهن ورهيہ فضول برباد ۽ ضايع ڪيا.

فطرت جي نظام جو هيءُ پڌرو فيصلو آهي تہ پورهئي پٽاندر ئي ڦل پلئي پوڻ گهرجي: هر حالت ۾ اهو پورهيو هنر يا ڌنڌو جيڪو زياده ۾ زياده عام فائدي وارو ۽ ضروري آهي، سو ئي سڀ کان زياده عزت ۽ احترام جي لائق آهي.

انهيءَ لحاظ سان. منهنجي خيال ۾. زراعت جو هنر انسانن جي سڀني هنرن ۾ جيڪڏهن هڪ طرف جهوني ۾ جهونو تہ ٻئي طرف سڀ کان زياده فضيلت. عزت ۽ شرافت وارو هنر آهي! ذاتن جي استعمال جا هنر آءٌ

ٻئي درجي ۾ شمار ٿو ڪريان. تنهن ڪان پوءِ ڪاٺ جي استعمال جا هنر، ۽ پوءِ ٻيا اهڙا هنر مٿئين اصول پٽاندر هڪٻئي پٺيان ٻيهاري سگهجن ٿا.

ٻار جي فطري رغبتن ۽ لاڙن کي جيڪڏهن ڪوڙ ٻڌائي ۽ فريب ڏيئي، موڙي ۽ بگاڙي، خراب نہ ڪيو ويو آهي، تہ هو بہ انهن انساني ڏانڌن ۽ هنرن جي اهميت ۽ احترام انهيءَ ئي ترتيب سان سڃاڻندو ۽ قائم رکندو. هنن ڳالهين بنسبت ايميلي پنهنجي دلپسند ڪتاب "رابنسن ڪروزو" مان ڪيتري قدر مفيد اثرائتا سبق سکي سگهندو ان جو اندازو انهيءَ ڪتاب کي ٻيهر پڙهي، نهايت آسانيءَ سان اوهان پاڻ لڳائي سگهو ٿا.

اهڙي طرح، ٻار پاڻ انساني سماج جو هڪ ڪارائتو فرد بنجي سگهي، تنهن ڪان اڳ ئي ڪيس انسانن جي باهمي تعلقات ۽ لڳ لاڳاپن جي صحيح خبر پوريءَ طرح ذهن نشين ٿي وڃي ٿي. ايميليءَ ڏسي ٿو تہ جيڪڏهن ڪيس پنهنجي استعمال لاءِ ڪي سهوليتون ۽ اوزار گهرج ۾ آهن، ۽ چاهي ٿو تہ اهي ڪيس حاصل ٿين، تہ ان لاءِ لازمي آهي تہ ٻين انسانن وٽ سندن پنهنجي استعمال جا گهربل اوزار ۽ سهوليتون پڻ موجود هئڻ گهرجن. ۽ اهڙيءَ طرح سندس پنهنجي ضرورت واريون شيون ڪيس ٻين وٽان فقط تڏهن ميسر ٿي سگهنديون جڏهن هو پاڻ ٻين جي ضرورت واريون شيون بدلي ۾ کين ميسر ڪري ڏيندو. زندگيءَ ۾ شين جي هن عام مٽا سٽا ۽ ڏي وٺ جي ضرورت آءٌ ڪيس آساني سان محسوس ڪرائي سگهان ٿو اهڙي طرح انسانن جي باهمي تعاون واري اصول کي قبول ڪرڻ ۾ ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ ۾ نہ فقط ڪيس ڪو بہ عار نہ ٿيندو بلڪ ان کي بني نوع انسان جي جيئدان، خوشحاليءَ ۽ آئنده ترقيءَ جو هو واحد ۽ لازمي ذريعو ڪري شمار ڪندو. هر ڪنهن انسان کي زنده رهڻو آهي: جنهن کي جيترو انسان دوستيءَ جو جذبو ۽ احساس دل ۾ موجود آهي، تنهن کي هيءَ دليل اوترو دل سان لڳندو ۽ پسند پوندو پر آءٌ سمجهان ٿو تہ جڏهن خود پنهنجي ساهہ جو سوال ٿو درپيش اچي، تڏهن تہ هيءَ دليل هر ڪنهن لاءِ هڪ لاجواب قانون ۽ ناقابل انڪار حقيقت بنجيو وڃي.

جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪا اهڙي درد انگيز ۽ جانگذار صورت حال واقع ٿي ٿئي، جنهن ۾ هڪ انسانُ، سواءِ ٻين انسانن کي ايذائڻ جي، پنهنجو

زنده رهڻ مشڪل ۽ محال ٿو ڏسي، ۽ اهڙي طرح پنهنجي جيئڻ لاءِ هو مجبور ڪيو ٿو وڃي تہ ٻين جون حق تلفيون يا ٻيون اهڙيون انسان آزار ڪارروايون ڪري، تہ پوءِ اهڙي هڪ بيوس ۽ مجبور ملزم انسان کي جهلي ڦاهيءَ تي وڃي لٽڪائڻ ڪٿان جو انصاف آهي؟

مون کي مون پرين، ٻڌي وِڌو ٻارِ ۾،
اُيا ايئن چون، متان پاندُ پُسائيين!

انصاف جي تقاضا تہ هيءَ آهي تہ ڦاسي جي تختي تي فقط انهن انسان نما حيوانن کي ٽنگڻ گهرجي جيڪي انهيءَ مائل بہ گناهہ صورت حال جي پيدا ٿيڻ لاءِ جوابدار آهن، ۽ جن هن ملزم شخص جي سامهون زنده رهڻ لاءِ فقط هڪ ئي رستو کليل ڇڏيو آهي، تہ هو اهي گناهہ ڪري.

اوهان موجوده سماجي نظام کي هڪ دائم ۽ قائم شيءِ سمجهي، متس ڪلي اعتبار ۽ ڀروسو رکيو ويٺا آهيو: اوهان نٿا ڄاڻو تہ هيءَ اوهان جو "محبوب" نظام پڻ فطرت جي اٽل قانون جي ماتحت تبديليءَ ڏانهن مائل آهي، هر گهڙيءَ ۽ وقت بوقت تبديل ٿيندو ٿو رهي. انفرادي حالت ۾ تہ روزمرهہ اوهان اکئين پيا ٿا ڏسو تہ وڏن مان ننڍا، تونگرن مان گدا، بادشاهن مان غلام ائين ئي هڪڙا نہ پيا ٿيندا رهن ٿا: اجتماعي حالت ۾ فطرت جو هيءَ قانون، جو نهايت خاموشيءَ سان پنهنجو اثر عمل پورو ڪندو رهي ٿو، تنهن ڏانهن اوهان ايترو توجهہ ڪو نہ ٿا ڏيو ۽ ان ڪان اوهان، بي خبر ۽ لاپرواهہ ڪنڌ هينان ويهاڻا ڏيو بي خوف و خطر، اگهور ننڊ ۾ غافل ستا پيا رهو ۽ نٿا ڄاڻو تہ اوهان جي اولاد ۽ اوهان جي آئنده نسلن کي ڪهڙي قسم جي عجيب و غريب ۽ اوچتي ڀونچال سان روشناس ٿيڻو آهي، سو ائين نہ سمجهو تہ اوهان يا اوهان جا ڀويان فطرت جي هنن ناگهاني چيره دستين ۽ ستم ظريفين کان هميشہ محفوظ رهجي ويندا. اوهان جي هن بوسيده ۽ پاروٿي سماج جي وجود جو پيالو لبريز ٿي چڪو آهي، ۽ سندس سياهہ ڪارين جي حساب ڪتاب جو وقت في الواقع قريب آهي: اوهان ۽ اسان اڄ هڪ ازغيبي انقلاب جي بنهہ ڪناري تي بيٺا آهيون.

سماج جي دائري کان بلڪل الڳ ٿي هڪ تنهائي پسند گوشہ نشين، جنهن کي پاڻ جهڙن ٻين انسانن سان ڪا سروڪار يا ڏيٺي وٺي

ڪانہ آهي، سو پنهنجي زندگي پلي جيئڻ وٽيس تيئڻ گذاريءَ پر سماج اندر رهي ڪري زندگي گذارڻ جا سندس سامهون فقط ٻہ رستا کليل آهن: يا تہ هو ٻين جي مٿان چٽي ٻنجي ويهي رهي، ۽ ٻين جي ٿهيل ٺڪيل خون تي چوُرن ۽ مڇرن وانگر پنهنجا نيش کوڙي پنهنجو "هل من مزيد"* پڪارڻ وارو پيٽ پاليندو رهي، يا تہ هو پاڻ پنهنجي حصي واري محنت ۽ پورهيو پورو ڪري ٻين جي دلين تي پنهنجي زنده رهڻ جو حق ثابت ڪري، ۽ اهڙيءَ طرح ٻين پاڻ جهڙن انسانن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي، محنت ۽ مشقت جي ڏي وٺ ڪري، باهمي تعاون جي اصول ماتحت، پنهنجي زندگي، حق ۽ حلال خوريءَ جي بنا تي، امن ۽ آزاديءَ سان گذارڻ پسند ڪري. سماج ۾ رهندڙ هر هڪ انسان پورهئي ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهي، پوءِ هو غريب هجي يا شاهوڪار، ضعيف هجي توڙي طاقتمند: نڪمو ۽ سست الوجود انسان، پوءِ اهو ڪير بہ هجي، ظاهر ظهور سماج جو هڪ سينہ زور چور آهي.

پنهنجي اوچي مقام تان ٻہ قدم رنج فرمائي، ٿورو هيٺ لهي، هڪ پورهيت انسان جي حيثيت قبول ڪريو ۽ اختيار ڪيو خاطري رکو تہ ائين ڪرڻ سان ئي پنهنجي موجوده مقام کان ٻہ قدم زياده اوچي حيثيت اوهان کي حاصل ٿي سگهي ٿي.

ايميليءَ کي ڪو نہ ڪو هنر يا ڏنڌو سکڻو پوندو. اوهان منهن ڪڙو ڪري وراٽيو ٿا، "ڪم از ڪم ڪو شريف ڏنڌو تہ سکي!" شرافت مان اوهان جي پلا مراد آخر ڇا آهي؟ ظاهر آهي تہ آءٌ کيس لاڪ جي "نوجوان نوبزادي" وانگر ڪا پرت بازي، ڪاميناڪاري يا ڪا رنگريزي ڪانہ سيکاريندس، نڪي وري آءٌ کيس ڪو گويو ڪو ائڪٽر يا ڪو ليکڪ ۽ ڪتاب ساز بنائيندس: انهن ۽ اهڙن ٻين بيڪار جنسار بازيءَ ۽ ٽڪساليءَ جي ڏنڌن کانسواءِ پلي تہ جيڪو هنر سندس دل کي وٽي سو وڃي سکي، منهنجي هر گز اها مرضي ڪانهي تہ سندس ذاتي پسند ۾ ڪا دست اندازي ڪريان. ايترو سو آهي تہ هڪ "شاعر" جي بدران جيڪڏهن هو هڪ موچي وڃي ٿيو تہ مون کي اها ڳالهہ وڌيڪ پسند پوندي: منهنجي خيال ۾

---

* آهي اڃا ڪي وڌيڪ؟

جيڪڏهن هو چينيءَ جي ٿانون تي نقاشي ڪرڻ بدران وچي رستن ۽ گهٽين ۾ سرن ۽ پٿرن جا فرش تعمير ڪري ته وڌيڪ بهتر ٿيندو.

اوهان چوندا ته ” مفيد ۽ ڪارائتا ته پوليس وارا، جاسوس ۽ ڦاسين ڏيڻ تي مقرر ڪيل جلاد به آهن!“ بلڪل صحيح پر انهن شخصن جا ڪم ۽ فائدا محض سندن حڪومت جي وجود ”مقدس“ سان ئي وابسته آهن، ۽ جيڪا حڪومت پوليس وارن جاسوسن ۽ جلادن جي لاتعداد لشڪرن کان سواءِ پنهنجو وجود محفوظ ۽ سلامت نٿي سمجهي، اها حڪومت خود هڪ بي سود ۽ بي ڪار چيز آهي.

هاڻي، انهيءَ ڳالهه کي ڇڏيو. آءٌ برابر غلط هوس. هڪ شرافت وارو ڌنڌو پسند ڪجي، رڳو اها ڳالهه به ته ڪافي نه آهي، ڌنڌو واقعي اهو پسند ڪرڻ گهرجي، جنهن مان ڪڏهن به اهي قابل نفرت صفتون ۽ جوهر دل ۾ پيدا نه ٿي سگهن جيڪي انسانيت جي برعڪس ۽ برخلاف هجن. آءٌ اوهان سان مڪمل طرح هم راءِ آهيان ته ”ڌنڌو يا هنر اهو پسند ڪجي، جيڪو شرافت ۽ عزت ڀريو هجيءِ“ پر اوهان ڪٿي مون کي ٻڌايو ته ڪارآمد محنت ۽ خدمت گذاريءَ کان سواءِ ٻي اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن کي شريف سڏجي ۽ جنهن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ پاڻ مٿان لازم ڄاڻجي؟

بهرحال ايميليءَ کي ڪو نه ڪو ڌنڌو ضرور سکڻو پوندو: ڌنڌو هو ڪهڙو به ڪٿي سگهي، پر اهو هڪ مفيد ۽ ڪارائتو ضرور هوندو. پوءِ جيڪڏهن ڪيس هڪ نڪمي ۽ سست وحشيءَ جي لعنتاڻي کان بچڻو آهي، ته هڪ ڪڙميءَ وانگر هو پورهيو ڪندو، ۽ هڪ فيلسوف وانگر هو فڪر ڪندو. تعليم جو اهم راز به هن ۾ پوشيده آهي ته دماغ جو استعمال جسم کي راحت ۽ آرام ڏئي، ۽ جسم جي ورزش دماغ کي فرحت ۽ تروتازگي بهم پهچائي.

ايميلي انهيءَ روءِ هٿ پورهيو ۽ ڪار ڪرت ڪرڻ شروع ئي مس ڪندو ته ڪيس سماجي ننڍ وڏاين ۽ انساني غير برابرين جي ڇاڻ پوڻ شروع ٿيندي، ۽ ان باري ۾ سٽت ئي مختلف مسئلن متعلق هو مون کان جواب طلبي ڪرڻ شروع ڪندو. هنن سماجي غير برابرين ڏانهن سندس ڌيان اڳ ڪڏهن به ايترو سڌوسنئون ڪو نه ڇڪايو ويو هو پر هاڻي جو انهن ڳالهين

سان سندس سڌيءَ طرح ڪم ۽ واسطو پيدا ٿيندو ته هو ضرور پنهنجي هيستائين حاصل ڪيل علم ۽ اختيار ڪيل اصولن جي ڪسوٽيءَ تي هن عجيب و غريب ۽ غيرمعمولي صورتحال کي پرکڻ شروع ڪندو ۽ پوءِ جڏهن هو ان کي ظاهر ظهور عدل ۽ انصاف جي برعڪس ۽ فطرت جي تقاضا ۽ قانون جي برخلاف پائيندو ته لازمي طرح حق ۽ ناحق، ظلم ۽ انصاف جي پروڙ منجهس پيدا ٿيڻ شروع ٿيندي

هي هڪڙو سوال بار بار سندس زبان تي تري ايندو ته هي جي پاڻ کي وڏو ۽ ٻين کي ننڍو سمجهن ٿا، هي جي پاڻ جهڙن لاتعداد انسانن کان پنهنجا هٿ پير چمارائين ٿا ۽ پنهنجي پوڄا ۽ پرستش ڪرائين ٿا، هي جي پاڻ کي آقا ۽ ٻين کي پنهنجو غلام ڪري سمجهن ٿا_ آخر هنن ۾ اها ڪهڙي خاص امتيازي خصوصيت آهي جنهن جي آڌار تي هي ايترو ايمان ۽ ايتري وڏائي ٿا ڪن، ۽ انسانيت جي ايڏي وڏي هتڪ ۽ بي عزتي ڪرڻ جي همت ۽ جُرئت ٿا رکن؟ ڇا هي سڀ فقط انهيءَ ڪري آهي، جو هو پاڻ شاهوڪار ۽ طاقتور آهن، ۽ ٻيا مفلس ۽ ڪمزور؟ طاقت ته منجهس اها آهي، جو ڪک ڀڃي ٻه ٻه ڪڏهن ڪين ٿا ڪن: شاهوڪاري سندن محض هڪ ڌاڙو آهي انهن مفلسن ۽ ڪمزورن جي طاقت ۽ محنت سان پيدا ڪيل مال ۽ دولت جو جنهن تي ساري دنيا ٽڳي ۽ هلي رهي آهي!

اهڙي طرح فڪر ڪندي ڪندي، جڏهن هو هن نتيجي تي ٿو رسي ته هي سيئي سماجي غير برابريون برخود غلط آهن، ۽ انهن مان نظام فطرت خلاف هڪ کلم کلا انساني بغاوت جي بوءِ ٿي اچي: يعني، جڏهن هو سمجهي ٿو ته هيءَ صورتحال ته "ستا کائين ويٺن کي ۽ وينا کائين بيٺن کي"_ هڪ سراسر ظلم ۽ انڌير آهي،_ تڏهن سندس دل ۾ اهي منگ ۽ اهي ارادا پيدا ٿا ٿين، جن جي مدد سان بني نوع انسان هيستائين پنهنجي انفرادي توڙي اجتماعي زندگي پٺي سڌاري ۽ سنواري آهي، ۽ جن جي ئي وجود تي انسان جي سموري آئينده ترقيءَ ۽ عروج جو انحصار آهي.

انهيءَ طريقي سان اُسان ايميليءَ کي هڪ محنت ڪش فيلسوف بنايو آهي، هاڻي هو هڪ معمار به آهي ۽ مفڪر به: "هٿ هاڄ ۾، دل يار ڏي" واريءَ مصداق مطابق هاڻي هو پورهيو به ڪندو رهندو ۽ پنهنجو پاڻ

پروڙيندو به رهندو. هاڻ اسان جو باقي هيءُ ڪم رهيو ته ڪيس هڪ پيار پري، نرم، سياجهي ۽ لطيف دل پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪريون، ۽ اهڙيءَ طرح سندس "عقل" کي "عشق" معرفت پختو ۽ مڪمل بنايون.

انهيءَ تازي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا وک اڳتي وڌايون، تنهن کان اڳ بهتر ٿيندو ته پوئتي لنئوٽو ورائي نهاريون ۽ ڏسون ته ڪيتريءَ حد تائين اسين پنهنجو سفر طئي ڪري چڪا آهيون.

ايميلي واقعي ٿورو علم حاصل ڪري سگهيو آهي، پر جيترو علم هن پرايو آهي سو سندس پنهنجو ٿي پرايل آهي، ۽ ان تي ڪيس مڪمل قبضو ۽ عبور حاصل آهي. اهو علم اڌورو ۽ ناقص علم نه آهي. جيڪي ڪجهه هو ٿورو يا گهڻو ڄاڻي ٿو ۽ خوب ڄاڻي ٿو. تنهن مان هڪڙي ڳالهه سڀ کان زياده قيمتي ۽ املهه هيءُ ٿو هو ڄاڻي ته دنيا ۾ گهڻيون ڳالهيون اهڙيون پيون آهن جن جي ڪيس سردست ڪا ڄاڻ ڪانهي، پر اميد اٿس ته آئنده ڪنهن وقت ڪيس انهن جي خبر ضرور پئجي ويندي. تنهان ئي گهڻيون ڳالهيون اهڙيون به آهن جن جي ڄاڻ بين ماڻهن کي آهي، پر ڪيس شايد انهن جي خبر ڪڏهن به پئجي نه سگهي، ۽ بيون اهڙيون بيشمار ڳالهيون پڻ دنيا ۾ آهن جن جو علم شايد ڪنهن کي به ڪڏهن حاصل ٿي نه سگهي. هن کي پنهنجي دماغ تي پروسو آهي.- انهي ڪري نه ته وٽس علم آهي، پر رڳو انهيءَ ڪري ته منجهس علم حاصل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ لياقت آهي: هو بيدار مغز ۽ تيز فهم آهي، ۽ هر حالت ۾ هردم تيار رهڻ جي منجهس عادت آهي. آءٌ ڪائنس مطمئن آهيان، ڇاڪاڻ ته ڪيس پنهنجي هر عمل جي ماهيت، ۽ پنهنجي هر عقيدي جو منطق معلوم آهي: سندس باري ۾ مون کي ڪابه ڳڻتي ۽ پريشاني ڪانهي، ڇاڪاڻ ته ڪيس اها بخوبي ڄاڻ آهي ته هو ڇا ٿو ڪري ۽ ڇو ٿو ائين ڪري، ڇا ٿو سمجهي ۽ ڇو ٿو ان کي ائين سمجهي ۽ ائين قبول ڪري.

منهنجو مقصد ئي اهو آهي ته ڪيس آءٌ پاڻ ڪو به ٺهيل ٺڪيل علم ڪٽي هٿ ۾ نه ڏيان، فقط ڪيس اهي طريقا ۽ وسيلا علم حاصل ڪرڻ جا سيکاريان، جن جي مدد سان جنهن علم جي ڪيس ضرورت محسوس ٿئي، اهو علم هو پاڻ حاصل ڪري سگهي، ۽ ان علم جو هو مناسب ۽ صحيح قدر ڪرڻ سگهي، ۽ انهيءَ روءِ هو سچ کي هر حالت ۾ سڀ کان زياده عزيز ڄاڻي.

ايميلي هڪ جفاڪش ۽ محنتي، قانع ۽ صابر، مستقل مزاج ۽ باهمت نوجوان آهي. سندس تخيل جي قوت اڃا خاموش آهي، تنهنڪري آئنده جي ڪشالن ۽ خطرن جو ڪيس ڪو به اڃايو گهڻو انديشو ۽ خيال ڪونهي، جيڪي ٿوريون گهڻيون تڪليفون ۽ ايذاءَ ڪيس زندگيءَ ۾ سهڻا پون ٿا، تن ڪي هو صبر سان برداشت ڪرڻ ۽ مڙس ٿي منهن ڏيڻ بخوبي ڄاڻي ٿو. جيتوڻيڪ هو سکيو آهي ته جيڪا ڳالهه سندس ذاتي فطرت جي وس کان ٻاهر آهي، تنهن جو مقابلو ڪرڻ يا تنهن سان زور آزمائي ڪرڻ آهي جبل سان مٿو هڻڻ. تنهن هوندي به هو زندگيءَ جي لازمي خطرن ۽ مصيبتن جي سامهون پنهنجي همت جو سنڌرو ڇوڙي، بزدل ٿي، پنهنجي آڻ ۽ شڪست قبول ڪري، هٿ هٿ تي رکي يا مٿو جهلي ويهي رهڻ کان بالاتر آهي: نااميديءَ ۽ خوف جا ڀوت ڪڏهن به هن جي ويجهو ڪين ٿا اچن.

موت، جو انسان جو سڀ کان وڏو خطرو آهي، ۽ جنهن کان انسان سڀ کان وڌيڪ خوف ٿو کائي، تنهن جي ايميليءَ کي اڃا ڪا به خبر ڪانهي ته اهو ڇا آهي، پر ڄاڪاڻ ته هو ضرورت ۽ مجبوريءَ اڳيان سواءِ ڪنهن چون چرا جي پنهنجو سر تسليم خم ڪرڻ تي هريل ۽ ان لاءِ هميشه تيار آهي، تنهنڪري جڏهن موت اچي سندس زندگيءَ جي دروازي تي دستڪ ڏني، ۽ ڪيس مرڻو پيو تڏهن هو سواءِ ڪنهن رنجھ ڪنجھ ۽ ريڙهه پيڙهه جي، ڪلندي مشڪندي، پنهنجو ساهه سندس حوالي ڪري ڇڏيندو. اها وقت جي گهڙي، جنهن کي اسين سڀيئي ايترو ڏڪاريون ٿا، تنهن گهڙيءَ جي آڌو انسان جي فطرت کان، آءٌ سمجهان ٿو تقاضا به فقط اهائي ڪري ٿي سگهجي. آزاد زندگي گذارڻ ۽ سماجي قيد و بند ۽ محتاجين کان آجو ۽ فارغ گهارڻ- هيءُ ئي هڪ بهترين طريقو آهي موت لاءِ هر وقت تيار رهڻ جو. هاڻي ڇا ٿا ڀانيو ته اهو ٻار جنهن علم ۽ عمل جي انهيءَ منزل تائين پهچڻ ۾ پنهنجي زندگي جا پهريان پنڌرهن سال گذاريا آهن، تنهن جي اها عمر سچ پچ بيسود بيڪار گذري آهي؟

اسان جي زنده رهڻ جا مکيه ۾ مکيه وسيلا آهن اسان جي من جون سڌون ۽ خواهشون. تنهنڪري انهن کي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ ظاهر ظهور چريائي آهي: ٻئي ڪندي اهي مري به ڪين ٿيون سگهن، ڇو جو اهو

ٿيندو جڻ فطرت مٿان غالب پوڻ ۽ خالق جي ڪاريگريءَ ۽ تخليق کي نئين سر علحده صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ: ظاهر آهي تہ هيءَ ڳالهہ هڪ مطلقاً ناممڪن امر آهي.

جيڪي ماڻهو هنن خواهشن کي من ۾ پيدا ڪرڻ کان روڪڻ چاهين ٿا، سي بہ منهنجي خيال ۾ اهڙائي بي سمجهہ آهن جهڙا اهي جيڪي انهن کي مارڻ گهرن ٿا. خواهش کي مارڻ يا انهن کي پيدا ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ، اٺين آهي جنئين ٻہرن کان ٻير گهرڻ.

هن مان هيءَ ڳالهہ ثابت ڪانہ ٿي تہ سموريون خواهشون جيڪي اسين محسوس ڪريون ٿا ۽ ٻين جي من ۾ پيدا ٿينديون ڏسون ٿا، سي سيئي انسان جون فطرتي خواهشون آهن! انسان جي سيني خواهشن جو سرچشمو ۽ شروعات واقعي انسان جي فطرت ۾ ئي موجود آهي، پر جيئن هڪ نديءَ ۾ واٽ تي بي شمار نيون، نالا ۽ ننڍيون ننڍيون نهرون اچي ڇڙن ٿيون ۽ ان کي پنهنجا پنهنجا پاڻي پياري اچي پرين ٿيون، تان جو ٿوري ئي وقت ۾ اها خبر لهڻ ناممڪن ٿيو پوي تہ اصلوڪيءَ نديءَ جو پاڻي ڪهڙو ۽ نين، نالين ۽ نهرن جو پاڻي ڪهڙو، تيئن انسان جي فطري خواهشن ۾ بہ هزارها قسمن جون خارجي ۽ غير فطري ملاوتون اچي ٿيون گڏجن، ۽ پوءِ انهن جي وچ ۾ تميز ڪرڻ ۽ فرق سڃاڻڻ واقعي هڪ نازڪ سوال ٿي ٿو پوي. انسان جون فطري خواهشون نهايت محدود ۽ ٿوريون آهن، ۽ انهن جو مقصد آهي تہ کيس آزاد ۽ خودمختيار زندگي گذارڻ ۽ خلاف فطرت محتاجين کان فارغ رهڻ ۾ بطور وسيلي جي ڪم اچن. هاڻي ثابت ٿيو تہ باقي اهي سموريون خواهشون جيڪي جيئڻ ۾ مدد ڪرڻ بدران انسان کي خوار ۽ خراب ڪن ٿيون، سندس زندگي وبال جان بڻائين ٿيون، سندس آخرين خاتمي جا سامان پيدا ڪن ٿيون يا کيس خلاف فطرت غلاميءَ ۽ محتاجيءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪن ٿيون، اهي سيئي خواهشون غير فطري آهن، ۽ انهن جو سرچشمو ڪو ٻيو خلاف فطرت مقام آهي.

انسان جي خواهش جو سرچشمو جتان پيون سندس سموريون خواهشون ڦٽن ۽ ايرن ٿيون، فقط هڪ خواهش آهي، جيڪا ڄمڻ کان مرڻ تائين منجهس موجود آهي– ۽ اها آهي سندس " پنهنجي پاڻ لاءِ محبت".

انسان جي هيءَ خواهش منجهس هڪ نهايت قديم ۽ بطور هڪ اهم ترين جبلت جي جائي جَمَ کان وٺي موجود آهي: ٻيون سموريون سندس خواهشون هتان ئي نڪرن ٿيون. ۽ فقط انهيءَ هڪڙيءَ بنيادي خواهش جون زائد ۽ بدليل صورتون آهن. انهيءَ لحاظ سان جيڪڏهن ائين ڪٿي چئجي ته ٻيون مڙيئي خواهشون پڻ فطرتي آهن ته به شايد صحيح ٿئي، پر ڏنو هيئن ويو آهي ته اهي زائد ۽ بدليل خواهشون. ڪيترين حالتن ۾، انسانن کي فائدي بدران الٽو نقصان ٿيون رسائين. ۽ اصلوڪي مقصد کي مروڙي سروڙي ان جي بلڪل برخلاف ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿيون ڏين: ۽ نتيجو هيءُ ٿو نڪري ته انسان انهن غير فطري خواهشن جو غلام بڻجي. پنهنجي فطرت جي دائري کان ئي الڳ ٿيو وڃي. ۽ اهڙي طرح هو پنهنجو دشمن پاڻ بنجي . پنهنجي ئي برخلاف عجيب و غريب صف آراين ۽ زور آزماين ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو.

"پنهنجي پاڻ سان محبت" هميشه هڪ نيڪ خواهش آهي، هميشه نظام فطرت جي عين مطابق آهي. پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي حفاظت جو ڪم خاص طرح اسان جي پنهنجي ئي حوالي ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اسان مان هرهڪ جو اولين مقصد آهي پنهنجي زندگيءَ جي خبر گيري ڪرڻ ۽ ائين ٿيڻ به گهرجي، هاڻ جيڪڏهن پنهنجو پاڻ سان محبت نه ڪنداسون. پنهنجو پاڻ ۾ ڪا دلچسپي نه وٺنداسون. ته پوءِ جيڪا چيز يعني پنهنجي زندگي، جا اسان کي هڪ امانت طور سپرد ڪئي ويئي آهي، تنهن کي ڪيئن محفوظ رکي سگهنداسين؟

زنده رهڻ لاءِ لازمي آهي ته اسين پنهنجي پاڻ سان محبت ڪريون، تنهن جي معنيٰ هيءَ ٿي ته جيڪا به چيز اسان کي زنده رهڻ ۾ مدد ڏئي تنهن سان به محبت ڪريون، برخلاف هن جي جيڪا به چيز اسان کي زنده رهڻ ۾ آڏو ڦري تنهن سان اسين نفرت ڪريون. هيءُ آهي اُهو بنيادي اصول جنهن مان اسان جي محبت ۽ نفرت، دوستين ۽ دشمنين جا دائرا وسيع ٿيڻ شروع ٿا ٿين، ۽ اسان جي دلچسپين جا مرڪز محض خود خيالي ۽ خودپسنديءَ کان الڳ ٿي اسان سان سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح تعلق رکندڙ انهن سڀني شين، انسانن ۽ انساني قاعدن ۽ قانونن تائين وڃي ٿا پهچن، جن جو اسان جي زندگيءَ تي مفيد توڙي مضر اثر پوي ٿي.

هاڻي سمجهو تہ هڪ شخص آهي، جو "پنهنجي پاڻ سان محبت" واريءَ فطري خواهش ماتحت چاهي ٿو ۽ طلبي ٿو تہ ٻيا سڀيئي ڪيس ضرورت وقت زنده رهڻ ۾ مدد ڏين. يعني سندس سڀئي گهرجون ۽ ضرورتون پوريون ڪندا وتن. تان تہ هو پاڻ آساني سان زنده رهي سگهي. هيءُ شخص جيڪڏهن ائين چاهي ٿو تہ ٻيا سڀ انسان پنهنجي زندگيءَ جي پرورش ۽ حفاظت جي ڳالھ ڦٽي ڪري فقط سندس زندگيءَ جي پرورش ۽ حفاظت ۾ لڳي وڃن. تہ پوءِ جڻ پاڻ جهڙن ٻين انسانن جي " پنهنجي پاڻ سان محبت" واري فطري خواهش کي هو تسليم ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪري، ۽ ائين چاهي ٿو تہ سڄيءَ دنيا جي محبت ۽ پرستش جو واحد مرڪز هو پاڻ هجي، ۽ سمورا انسان کيس نذرانا ۽ نياز ڏن ۽ پيهت ڏيندا، معجونون ۽ مٺايون کارائيندا. فقط سندس چوڏاري ڦيريون پائيندا وتن: گويا هو پاڻ ڪنهن جو ڪينهي ۽ ٻيا سڀيئي سندس آهن. هيءُ آهي انسان جي خود غرضيءَ ۽ خود پرستيءَ جو هڪ خالص مثال. هاڻي، جي سمورا انسان اهڙيءَ طرح الڳ الڳ ديوتائون بنجي ويهي رهن، تہ پوءِ ڪير ڪنهن کي زنده رهڻ ۾ مدد ڪندو، ڪير ڪنهن سان محبت ڪندو، ڪير ڪنهن سان نفرت ڪندو؟ نتيجو هي نڪرندو تہ پوءِ هر ڪنهن کي پنهنجي سر تي پاڻ وساڻي پونديءَ يعني زنده رهڻ لاءِ هرڪو مک وانگر هر گهڙيءَ پنهنجو مٿو پٽيندو رهندو ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي نفسا نفسي لڳي وينديءَ ائين برابر آهي تہ ان حالت ۾ اخلاقيات جو يا تهذيب ۽ تمدن جو ڪو سوال ئي ڪونہ اٿندو. پر انسانن جي هزارها صدين جي حاصل ڪيل اِنفرادي توڙي سماجي ترقيءَ ۽ عروج جو پوءِ جيڪو حشر ٿيندو سو ظاهر آهي!

"پنهنجي پاڻ سان محبت" يا "فنا في النفس" واري خواهش جهڙي هڪ انسان ۾ آهي اهڙي ٻين انسانن ۾ پڻ موجود آهي: ساڳئي وقت انسان جي زندگيءَ جون گهرجون ۽ ضرورتون شروع کان وٺي وڌنديون وڌنديءَ موجوده مهذب ۽ سڌريل سماجي صورتحال ۾، ايتريون تہ بيشمار ۽ مختلف قسمن جون ٿي ويون آهن، جو انهن کي پورو ڪرڻ اڪيلي انسان جي وس کان ٻاهر آهي. انهن ٻن بنيادي حقيقتن جي بنا تي ئي انسان کي سماج ۾ رهڻو پيو ۽ کيس هڪ سماج ۾ رهندڙ جانور سڏيو ويو آهي.

زنده رهڻ لاءِ انسانن کي جڏهن باهمي احتياج جي ضرورت پيش آئي تڏهن فورن کين باهمي يا هڪٻئي سان سهڪار جي ضرورت پڻ محسوس ٿي، هن باهمي تعاون جي ضرورت سبب ئي بني نوع انسان سماجي نظام ۾ پاڻ کي منظم ڪيو: ۽ اهڙي طرح سياسيات، اقتصاديات ۽ اخلاقيات جا هي مختلف فلسفا ۽ نظريا- يا دنيا جا هي مختلف ڌرم ۽ مذهب- پنهنجي پنهنجي وقت ۽ ماحول جي ضرورتن ۽ تقاضائن مطابق انسان جي سماجي زندگيءَ کي خوشحال ۽ ڪامياب بنائڻ لاءِ مختلف وقتن تي وجود ۾ آيا.

ثابت ٿيو تہ انسان جي انفرادي زندگيءَ جو دارو مدار سندس سماجي زندگيءَ تي آهي. انسان پنهنجي ئي ترتيب ڪيل سماج جو هڪ جزو آهي. بني نوع انسان مثل هڪ جسم جي آهي ۽ هر هڪ انسان انفرادي طور ان جسم جي عضوي مثل آهي. اهي جيڪي پاڻ کي هن جسم جا عضوا نٿا ڪري تصور ڪن، ۽ پاڻ کي سماج يا بني نوع انسان جي وجود کان الڳ ڪري ٿا سمجهن، سي ايترا تہ ٿورا آهن جو انهن کي آسانيءَ سان نظر انداز ڪري ٿو سگهجي، نہ فقط ايترو پر کين خود انسان ڪري سمجهڻ ئي عبث آهي.

سماجي زندگيءَ ۾ هڪ انسان کي ڪٿي ڪهڙو بہ مرتبو ۽ ڪهڙو بہ مقام حاصل هجي، پر بهرحال هو هڪ انسان آهي، ۽ ان حيثيت ۾ هو ٻين سيني انسانن جي برابر آهي، انسان هر صورت ۽ هر حال ۾ ساڳيا آهن: جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ ظاهر آهي تہ جنهن مقام تي ۽ جنهن طبقي ۾ گهڻي ۾ گهڻا انسان بيٺل ۽ شامل هوندا، اهوئي مقام ۽ اهو ئي طبقو سڀ کان زياده محبت ۽ عزت جي لائق آهي.

سماج کي سمجهڻ لاءِ انسانن جي انفرادي زندگيءَ کي سمجهڻو پوندو: انسانن جي انفرادي زندگيءَ جي مطالعي ڪرڻ لاءِ سندن سماج جو مطالعو ڪرڻو پوندو. تنهنڪري جيڪي ماڻهو سياست ۽ اخلاقيات کي هڪٻئي کان الڳ تصور ڪن ٿا، اهي نہ اخلاقيات کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندا ۽ نہ سياست کي.

فطرت جي نظام ۽ انسانن جي وچ ۾ جيڪي ظاهري فرق ۽ تفاوت آهن، اهي ڪي ايڏا اهم ۽ بنيادي ڪين آهن، جو انهن جي بنا تي هڪڙا

انسان ٻين انسانن جي محض رحم ڪرم جا محتاج ٿي پون: حقيقت ته هيءَ آهي ته فطرت جي سامهون سمورن انسانن جي وچ ۾ پاڻ هڪ قسم جي لازوال، غير فاني ۽ مڪمل برابري ۽ مساوات بنيادي طرح قائم ۽ موجود آهي. برخلاف فطرت جي هن دائمي ۽ في الواقع برابريءَ جي، سماجي نظام ۾ انسانن جي حقن جي بي سود ۽ موهوم هڪجهڙائي جا رڳو ٺلها اعلان وقت بوقت وڏي وات ڪيا ويندا آهن: ساڳئي وقت جيڪي طريقا انهن "حقن جي برابريءَ" کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ، طاقت ۽ اختياريءَ وارن جي طرفان، استعمال ڪيا ويندا آهن، اُهي ئي طريقا ان برابريءَ کي التو ختم ڪرڻ جو ڪم ڪين ڏيندا آهن: سماج جي منظم ۽ متحد طاقت، چند دولتمند ۽ طاقتور ماڻهن سان هٿُ هٿ ۾ ملائي، ضعيفن ۽ ڪمزورن تي ظلم جي چڪيءَ جا پڙ پاڻ وڏيڪ چاپيندي رهندي آهي، ۽ اُنهي روءِ فطرت طرفان قائم ڪيل ميزان ۾ انتهائي بگيڙو ۽ انتشار پيدا ٿي پوندو آهي. نظام فطرت ۽ سماجي نظام جي اهڙي طرح ٽڪرجڻ ۽ مقابلي بازيءَ ڪري ئي ٻيون سموريون خرابيون ۽ بدعنوانيون انسانن جي سماجي زندگيءَ ۾ پيدا ٿيون ٿين۔ اقليت جي قدمن تي انسانن جي اڪثريت قربان ٿيندي رهي ٿي، عام مفاد کي چند شخصن جي ذاتي مفاد خاطر نظر انداز ڪيو ٿو وڃي، ٿورڙن کي مخدوميت ۽ آقائيت جا فرعوني خيال اچي ٿا دامن گير ٿين، ۽ گهڻن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهپ ۽ غلاميءَ جا آهني طوق چنبڙي ۽ جڪڙجي ٿا وڃن: بر سر اقتدار شخصن ۽ حڪومت جي ڪارپرزادن جا هي رعبدار لفظ "عدل و انصاف جي تقاضا... قوم جي بهتري ۽ بهبودي...نظام جو ضابطو.... امن امان جو قيام...وغيره وغيره"۔ ظلم واستبداد ۽ جبر و تشدد جا هي سمورا دلڪش لفظ ۽ هوشربا انداز حاڪمن ۽ زور آور شخصن جي هٿ ۾ محض هٿيار آهن محڪومن ۽ هيٺن تي ظلم ۽ ڏاڍ جي روا رکڻ جا. جن جي وسيلي هو پنهنجون سموريون غلط ڪاريون ۽ بهيمانه ڪارروايون لڪائڻ ۽ لنوائڻ ٿا چاهين.

آءٌ اوهان کي صلاح فقط هيءَ ڏيندس ته پنهنجي نوجوان شاگرد جي اهڙيءَ طرح رهبري ڪريو جو هو پنهنجا سنگتي ۽ ساٿي اُهي پيدا ڪري جن جي سنگت ۽ صحبت ۾ هو فقط نيڪيءَ ۽ ڀل مانسيءَ جا اثر جذب

ڪري سگهي، تان تہ ٻين سيني انسانن متعلق پڻ، جن سان گڏ عام طرح
ڪيس پنهنجي سماجي زندگيءَ جا ڏينهن گهارڻا پون ٿا، پنهنجي دل ۾ نيڪ
راءِ ۽ چڱا خيال قائم ڪري سگهي: ساڳئي وقت آءٌ اوهان کي هيءَ بہ مشورو
ڏيندس تہ اوهان ڪيس سماج ۽ موجوده سماجي صورتحال جو اهڙيءَ طرح
مطالعو ڪرايو جو اُتي جيڪي ڪجهہ خلاف فطرت واقع ٿي رهيو آهي
تنهن سڀ کي هو صريحاً نامناسب ۽ ناموزون سمجهي. هن کي ڄاڻڻ ۽ دل ۾
محسوس ڪرڻ گهرجي تہ انسان از روءِ فطرت نيڪ آهي، ڪيس گهرجي تہ
پنهنجي پاڙيسريءَ متعلق ڪا خاص راءِ قائم ڪري تنهن کان اڳ پنهنجي
اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي ۽ اهڙيءَ طرح انساني فطرت جي ميزان تي تور تڪ
ڪرڻ کانپوءِ ئي ان پنهنجي پاڙيسريءَ متعلق ڪو خاص فيصلو ڪري:
ساڳئي وقت ڪيس هيءَ ڳالهہ بہ ذهن نشين ٿيڻ گهرجي تہ سماج ۾ حضرت
انسان کي ڪيئن ۽ ڪيتري قدر نہ انسان جي خواريءَ ۽ ذلت جا مڙيئي
اسباب سندس پنهنجي غلط ۽ غليظ خيالن ۽ عقيدن ۾ ئي مضمر آهن!

ايميلي انهن سيني ڳالهين کي سمجهندو پروڙيندو ۽ پنهنجي دل
سان هنڊائيندو. هو ائين سمجهندو تہ سندس ٻهريون حق ۽ سندس ٻهريون
فرض آهي تہ هو پنهنجي مدد ۽ صحيح خير خواهي پاڻ ڪري، اهڙو ڪو بہ
ڪم نہ ڪري جنهن کي هو پاڻ مفيد ۽ چڱو نہ سمجهي ۽ جو سندس منهن
تي نہ پوي، پنهنجي حاصل ڪيل تجربي ۽ علم تي ڪامل ڀروسو رکي پر ان
تي اجايو ايمان ۽ فخر هر گز نہ ڪري، ڀاڻان وڏن جي مناسب عزت ۽ احترام
ڪري، سواءِ مناسب سبب ۽ ضرورت جي ڪنهن بہ حالت ۾ زبان ڪشائي
نہ ڪري، ۽ جڏهن ڪيس ڳالهائڻو پوي تڏهن سوچي ۽ ويچاري پوءِ پنهنجا
خيال پيش ڪري، بيهودين ۽ بي سود ڳالهين کان پاسو ڪري، نيڪو
ڪاريءَ ۽ حق گوئيءَ ۾ همت ۽ بي ڊپائي ڏيکاري، ۽ عدل و انصاف ۽ خوش
اخلاقيءَ کي، بذات خود صحيح ۽ دلپسند سمجهي، ۽ سواءِ ڪنهن شخصي
مفاد يا لالچ جي، پنهنجي طاقت ۽ وس آهر، هر حالت ۾ اُنهن کي فروغ ڏيڻ
جي ڪوشش ڪندو رهي.

ايميليءَ کي نہ فقط انسانن جي وچ ۾ پر خود حيوانن ۾ بہ گوڙ ۽ شور،
جهيڙو جهڳڙو ۽ وڙهڻ گرڻ ڪين ٿو وڻي، سندس سڀاجهي طبيعت صلح

ڪل جي شائق ۽ شيدا آهي، اها سندس سانتيڪي ۽ صلح پسند طبيعت انهيءَ تعليم ۽ تربيت جو نتيجو آهي، جنهن مان سندس دل ۾ ڪي بہ خود پسنديءَ ۽ خود پرستيءَ جا وهم ۽ ايمان پيدا ڪين ٿيا آهن، ۽ نڪي سندس من ۾ ٻين جي مٿان طاقت آزمائيءَ ۽ فرمانروائيءَ جون ئي ڪي خواهشون پيدا ٿيون آهن: هو ٻين کي ڪنهن تڪليف ۽ عذاب ۾ ڏسي، پاڻ ڪڏهن بہ خوش ڪين ٿو ٿئي، ٻين کي مصيبت ۽ ايذاءَ ۾ مبتلا ڏسندي پاڻ سندس دل کي ازخود ڏک ۽ ايذاءُ ٿو محسوس ٿئي: فطرت جي تقاضا بہ هوبهو اهائي آهي.

جڏهن آءٌ ايميليءَ کي هڪ اهڙي انسان بنجڻ جي تربيت ڏيڻ ٿو چاهيان، جو عين فطرت جي منشا مطابق هجي، تڏهن منهنجي هر گز اها مرضي ڪانهي تہ آءٌ ڪيس محض هڪ وحشي بنائي موٽائي هڪ جهنگلي زندگي گذارڻ لاءِ آماده ڪريان، برعڪس ان جي منهنجو مقصد تہ فقط هيءُ آهي تہ هو سماج ۾ رهي ڪري ۽ سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ضرورت آهر ڀهرو وٺندي بہ ٻين ماڻهن جي شخصي حرص هوس ۽ پاروتن خيالن ۽ عقيدن جي شڪار بنجڻ کان پاڻ کي محفوظ ۽ سلامت رکي سگهي: پنهنجا ڪن ۽ اکيون کولي هلي، ۽ جيڪي ڪي ڏسي وائسي تنهن کي ضروري غور ۽ فڪر ڪرڻ کان پوءِ ئي قبول ڪري، پنهنجي دل کي هڪ احساس رکندڙ دل بنائي، ۽ دل خالص عقل کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ جو قبضو ۽ غلبو پنهنجي دماغ مٿان قائم ۽ مسلط ٿيڻ نہ ڏئي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ ايميلي هاڻي ڪافي سمجهدار آهي، ۽ جنهن عمر ۾ هو هاڻي آهي تنهن ۾ ڪيس اها شديد ضرورت محسوس ٿي آهي تہ جنس ۽ جنسيت متعلق سندس مناسب ۽ مفيد رهبري ڪئي وڃي. هن ڳالهہ ۾ آءٌ سمجهان ٿو تہ خالص وعظ ۽ نصيحت کان ئي اسان کي ڪم وٺڻو پوندو ۽ ان مان مفيد نتيجي ۽ اثر پيدا ٿيڻ جي مون کي تسلي بخش اميد پڻ آهي.

هي عمر جو اهو ڏاڪو آهي، جنهن ۾ ايميليءَ کي ٻاراڻيءَ اوستا مان نڪري هڪ مڙس ماڻهوءَ جي عمر ۾ پير پائڻو آهي: سندس عمر جي هيءَ نازڪ ۽ اهم ڪڙي سندس آئنده ساريءَ حياتيءَ تي پنهنجا اثر ۽ نشان ثبت ڪرڻ واري آهي. جسماني توڙي نفسياتي نقطي نظر کان جيڪڏهن ڏسبو تہ ايميليءَ ۾ ڪيترين ئي عجيب ۽ غريب تبديلين، هن

وهي ۾ پير پائڻ سان ئي، پيدا ٿيڻ شروع ٿيون آهن. ايترين تڪڙين تبديلين کي پنهنجو پاڻ ۾ پيدا ٿيندي ڏسي، هو پاڻ حيران ۽ پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ انهن کي پاڻ مرادو سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي به هو انهيءَ فطرت جي ڪرشمي کي سمجهڻ لاءِ وڏيڪ بيچين رهي ٿو: سندس عمر جو هي اهو زمانو آهي، جنهن ۾ جيترو ساٿس همدردي، محبت ۽ نرمائيءَ ۽ گهڻگهرائيءَ سان پيش اچجي اوترو ٿورو.

مون هميشه ڏٺو آهي ته اهي نوجوان جيڪي جواني ۾ پير پائڻ سان ئي جنس پرستيءَ ۽ زناڪاريءَ کي وڃي ٿا ڇهن، تن جي طبيت هڪدم انسانيت ناآشنا، ۽ ظلم ڏانهن مائل ٿي پوي ٿي. سندن حريص مزاج محض حسي لذتن کي چنبڙي پوي ٿو ۽ هو بيحد بي صبر، ڏنگا ۽ چيڙاڪ ٿي پون ٿا. سندن خيال فقط هڪڙي شئي تائين محدود رهڻ ڪري ٻئي ڪنهن به طرف نهارڻ لاءِ تيار ناهي: هو رحم ۽ قياس جي جذبن کان مطلقاً محروم آهن. هو پنهنجي ادنيٰ ۾ ادنيٰ خواهش ۽ خوشيءَ لاءِ پنهنجي پيءُ، ماءُ بلڪ سڄي دنيا کي قربان ڪري ڇڏڻ لاءِ هر دم تيار رهن ٿا.

برخلاف انهيءَ جي، اهو نوجوان جنهن جي جوانيءَ جي بهار خوشين ڀريل معصوميت ۾ گذري ٿي، تنهن کي جنسيت جون اوائلي مفرح ۽ لطيف هيرون هڪ قسم جي نئين تازگي ۽ نئين زندگيءَ سان روشناس ٿيون ڪن، هن جي پيار ڀريءَ ۽ سڀاجهي دل جون نازڪ تارون پاڻ جهڙن انسانن جو دک درد ڏسي، خيرخواهيءَ ۽ همدرديءَ جي دلربا آوازن سان هڪدم ڀرجي اٿن ٿيون. پنهنجي دل واري دوست تي ڪڏهن ڪا نظر ٿي پويس ته سندس من خوشيءَ وچان اٿلون ڪائي موج ۾ اچي وڃي ٿو: هن جون ٻانهون سڪ ۽ سوز وچان محبت ڀريل ۽ معصوم ڳرانٽڙيون پائڻ چاهن ٿيون: هن جون ٻاجهاريون اکيون قرب ۽ قياس وچان گرم گرم ڳوڙها ڳاڙهي سگهن ٿيون: جيڪڏهن سندس هٿان ٿوري ۾ ٿوري ڪنهن ٻئي جي دل آزاري ٿي ٿئي ته ندامت ۽ پشيمانيءَ وچان سندس دل فوراً دک سان ڀرجي ٿي اُٿي: سندس جواني جو گرم رت جيڪڏهن اوچتو ئي اوچتو سندس طبيعت جي ميزان کي لوڏي ٿو ۽ هو بي صبر، چڙ چڙيو ۽ خشڪرُو ٿي ٿو پوي ته گهڙي کان پوءِ هڪدم وري هو پاڻ کي سنڀالي وٺي ٿو ۽ سندس سنجيده طبيعت ۾

اها ئي ساڳي بردباري، اها ئي ساڳي خنده روئي ۽ اها ئي ساڳي صلح جوئي هڪدم وري پيدا ٿيو وڃي، جيڪڏهن سندس دل کي ڪوئي بيو ڏکوئي ٿو وجهي، پوءِ ڪيس ڪٽي ڪيتري بہ خار لڳي ويئي هجي، تہ ڏوهي جي زبان مان بہ لفظ ارمان ۽ پشيمانيءَ جا ٻڌندي ئي سندس سموري شڪايت دور ٿي ويجي ٿي. هن کي هڪ دم معاف ڪري ٿو ڇڏي: ٻين جي اوٽاين ۽ غلطين کي اهڙيءَ ئي خنده پيشانيءَ ۽ فراخدليءَ سان در گذر ڪري ٿو ڇڏي جنهن سان هو پنهنجين غلطين ۽ اوٽاين کي سڌاري ۽ درست ٿو ڪري. بلوغت جو زمانو نفرت، حرص، هوس، خود پرستي انتقام جو زمانو نہ آهي: بلوغت جو زمانو محبت، پاڪيزه خواهشن، خود قربانيءَ ۽ لطف و ڪرم جو زمانو آهي. آءٌ يقين سان ٿو چوان تہ جيڪو نوجوان ويهن ورهن تائين صالح ۽ پاڪيزه تربيت پائي، پنهنجي فطري معصوميت کي محفوظ ۽ برقرار رکڻ ۾ ڪامياب رهي ٿو اهو نوجوان ان وهي ۾ هڪ سهٽي ۾ سهٽي، بهترين دل رکڻ واري، ۽ سڀ کان وڌيڪ سلڇڻي، خوش اخلاق ۽ سنجيده طبيعت انسان جو هڪ دل آويز ۽ درخشان مثال آهي: هو زندگي ۾ درياءَ دليءَ سان محبت ڏيئي ڄاڻي ٿو ۽ مقناطيسي دل کان محبت وٺي ڄاڻي ٿو.

ٻاراڻي اوستا ۾ ٻارن کي پڇ پڇ جي عادت گهڻي هوندي آهي. اها سندن فطرت آهي،سندن انهيءَ عادت کي روڪڻ ۽ دٻائڻ يا سندن سوالن جي صاف ۽ سلجهيل جوابن ڏيڻ بدران، ڪين هيسڻ ۽ چڙٻڻ يا ڪين منجهيل ۽ اڻپورا جواب ڏيڻ — اهو ٿيندو گويا مٿن صحيح علم ۽ ڄاڻ جا دروازا بند ڪرڻ. جنسيت متعلق پڻ ساڳي اها روش جيڪڏهن ساڻن وٺبي، تہ ظاهر آهي تہ هو پنهنجن سوالن جا جواب پيا ڪنهن نہ ڪنهن طرح ۽ ڪٿان نہ ڪٿان وٺندا، پر گمراهہ ۽ اجاڻ ساٿين کان، ڏارين ماڻهن جي غليظ ڳالهين مان، يا خود والدين جي بوس و ڪنار کي ڏسڻ ۽ سندن مخفي ۽ مام ڀريل رازدارين، سرگوشين ۽ اشاري بازين مان جيڪڏهن هو ڪي غلط اثر ۽ نتيجا جذب ڪندا وتن- تنهن کان بهتر آهي تہ سندن معصوم سوالن جا جواب، سواءِ ڪنهن رک رکاءَ جي، سواءِ ڪنهن هٻڪڻ ۽ هيسجڻ جي، سواءِ ڪنهن رازدارانہ ڪل چرچي جي، نهايت صاف، سلجهيل ۽ سڌا سنوان ڪين بروقت ئي ڏيئي ڇڏجن.

عام طرح ننڍين ڄاول ٻار ڪي ڏسي ٻار پنهنجي ماءُ کان جنسيت متعلق ڀيريون ڀيريون سوال هي پڇندا آهن ته ”اما، ٻلا ننڍڙا ٻار ڪٿان ٿا اچن؟“ هن معصوم سوالن تي ڪين ڇيڙائجي يا چڙبجي يا وٺي هيئن گمراهہ ڪجي ته ”ٻار آسمان مان ٿا اچن، خدا وٽان ٿا اچن، يا پريون ٽيون ڪين ڪٺي اسان کي ڏيئي وڃن“ ـ تنهن کان ته هي بهتر آهي ته ڪين ماءُ نهہ پهہ بہ ٽپو جواب هيءُ ڏيئي مطمئن ڪري ڇڏي ته ”ابا ننڍڙا ٻار زالون ڄڻينديون آهن، پر ڪين ٻارن ڄڻڻ ۾ ايتري تڪليف ٿيندي آهي، جو هو مري مري مس ٿيون بچن، ۽ ڪيتريون ته ويچاريون انهيءَ تڪليف ۾ صفا مريو بہ وڃن!“

جنهن نوعيت واري تعليم ۽ تربيت ماتحت، ايميليءَ پنهنجي ٻاراڻي اوستا گذاري آهي، تنهن ۾ شايد ڪيس جنسيت متعلق اهڙيءَ طرح سوالن پڇڻ جو ڪو موقعو ئي نہ مليو هجي: راند روند، ڊڪ ڊوڙ کل خوشيءَ ۽ ٽپڻ ڪڏڻ ۾ هو ايترو ته محو ۽ مشغول رهيو آهي، جو جن ڳالهين سان سندس ڪو واسطو ئي پيدا ڪين ٿيو آهي، تن جي ٻاري ۾ ٻي سود سوالن پڇڻ جي ڪيس ضرورت ئي ڪڏهن پيش ڪانہ آئي آهي.

ٻاراڻي اوستا ۾ جنسيت متعلق جيڪي اخلاق ۽ پاڪدامنيءَ جون ڪمهليون ۽ ٿلهيون نصيحتون ٻار هڪ ڪن مان ٻڌندو رهي ٿو تن کي، جنهن وقت انهن جي استعمال جو وقت ٿو اچي تنهن وقت، پنهنجي ٻئي ڪن مان ڪڍي اڇلائي ڇڏڻ ۾ هڪدم دير نٿو ڪري: تنهن بدران جيڪڏهن اسين فطرت طرفان مقرر ڪيل گهڙيءَ لاءِ ترسون ۽ انتظار ڪيون ـ ۽ انهيءَ وچ ۾ ٻار کي سندس فطري ضرورتن مطابق ٻي عام تربيت ڏيندا فقط ميدان تيار ڪندا رهون ته جيئن وقت اچڻ تي هو اسان جي ڳالهين کي غور سان ٻڌي ۽ هنئين سان هنڊائي ـ ۽ پوءِ جڏهن سندس جوانيءَ جي بهار پنهجي مڙني دلربائن ۽ رنگينين، البيلاين ۽ ارڏاين سان ڪيس پنهنجا ڀيريان ديدار ڏيکارڻ شروع ڪري، تڏهن ڪيس اسان جنسيت جي ڪرشمي جا معنيٰ خيز ۽ مسرت پريا راز، عالم نباتات ۽ عالم حيوانات جي ڪليل دفترن مان، جيڪڏهن ويهي پڙهايون، اهڙي طرح ڪيس سمجهايون ۽ ذهن نشين ڪريون ته فطرت طرفان مقرر ڪيل هيءُ قانون حيات ڪيتري قدر نہ انسان جي مسلسل حيات جاودانيءَ لاءِ مفيد ۽ ضروري آهي، ۽ ساڳئي

وقت ان جي عمل ۾انسان لاءِ ڪيتريون نہ بي انداز ۽ بي مثل لذتون، ڪيتريون نہ جانفزا ۽ دلپزير مسرتون ۽ ترو تازگيون پوشيده آهن، ۽ ٻئي طرف وري ان جي بي حجاباڻہ ۽ ڇڙواڳ استعمال ۽ فطرت طرفان عائد ڪيل دستور ۽ حد بندين جي ٽوري تجاوز مان ڪيڏا نہ بيان ڪان ٻاهر جسماني ۽ اخلاقي عذاب ۽ ڪيتريون نہ درد انگيز ۽ لاعلاج پيڙائون انسان کي پوڳڻيون پون ٿيون، اجان بہ وڌيڪ جيڪڏهن اسين ڪيس ٻڌايون تہ ٻن جنسن جي هيءَ ابدي ۽ بنيادي ڪشش ڪيئن مهذب، متمدن انسانن جي سماجي زندگيءَ ۾ پنهنجو بهترين ۽ صالح ترين روپ فقط هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي باهمي عزت ۽ محبت، وفاداري ۽ لازوال باهمي عقد و نڪاح جي رشتي ۾ظاهر ڪري ٿي، ۽ ان باهمي معاهدي جي ڏوريءَ کي ٽوڙڻ ۽ اورانگهڻ وارا ڪيتري قدر تہ پنهنجا دشمن. سماج جا دشمن ۽ تهذيب ۽ تمدن ۽ اخلاق جا باغي آهن:۔ منهنجو مطلب هيءَ آهي تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي شاگرد کي هي ڳالهہ مڪمل طرح ثابت ڪري ۽ تسليم ڪرائي ڇڏيون تہ انسان جي صحت، طاقت، مردانگي، خوش اخلاقي، نيڪو ڪاري ۽ خود عشق ۽ محبت جون پاڪيزه لطافتون ۽ نزاڪتون، سڀ جون سڀ، سندس عصمت ۽ پاڪدامنيءَ تي ئي منحصر آهن: تہ پوءِ مونکي يقين آهي تہ ڪيس پنهنجي اها عصمت ۽ پاڪدامني ايتري قدر تہ دلپسند ۽ عزيز ٿي پوندي، جو هو ان کي محفوظ ۽ سلامت رکڻ لاءِ اسان جي هر هڪ صلاح مشوري کي دل جي ڪنن سان ٻڌندو، هنئين سان هنڊائيندو ۽ مٿن دل جان سان عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو: جيستائين انسان پاڻ معصوم ۽ پاڪدامن آهي فقط تيستائين ئي سندس اکين ۾ ٻين جي عصمت ۽ پاڪدامنيءَ جو قدر عزت ۽ احترام قائم رهي سگهندو. پنهنجي عصمت هٿان ويئي، پنهنجي پاڪدامني ختم ٿي، تہ پوءِ ٻين جي عصمت ۽ پاڪدامنيءَ، ٻين جي انهيءَ انمول سرمايہ حيات جو انسان کي باقي ڪهڙو قدر، ڪهڙو فڪر ۽ ڪهڙو خيال رهندو!

عورت نہ پوڄڻ لائق ديوي آهي، نہ مرد عيش عشرت جو رانديڪو. عورت صرف عورت آهي، صرف انسان، جنهن کي پنهنجي شخصيت آهي پنهنجو ڌار وجود آهي. ساڳي ريت جنسيت بذات خود ڪرشمہ حيات جو هڪ معصوم ۽ پاڪيزه راز آهي، پر سندس اڻ سهائيندي استعمال ۾

انسانن لاءِ موت هلاڪت جو هڪ ڀيانڪ ۽ هوشربا پيغام پڻ پوشيده آهي. جنسيت هڪ اهڙي شئي آهي جنهن جي نہ پرستش جڳائي، نہ ان کان خوف، نفرت ۽ ڇوت ڇات ئي انسان جي منهن تي ٺهي سونهي. جڏهن انسان جي جنسيت خالص ۽ صاف بنجي، هڪ آدرشي ۽ صالح جنس لطيف ڏانهن پاڪيزه محبت جي صورت وٺي تي وئي- جائي سندس سماجي نظام توڙي فطرت جي ڪائنس تقاضا آهي- تڏهن ئي بني نوع انسان ۾ انسانيت جي بقاءِ حيات جا فرض ڪاميابيءَ سان ادا ڪرڻ جي منجهس خاطر خواهہ طاقت ۽ صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.

آءٌ ڇاڻان ٿو تہ اوهان مان ڪيترن کي حيرت وٺندي هوندي تہ مون پنهنجي شاگرد جي هن سموري اوائلي تعليم و تربيت جي دور ۾ سائنس مذهب متعلق هڪڙو لفظ بہ نہ ڳالهايو آهي. ڳالهہ هيءَ آهي تہ آءٌ نٿو پسند ڪريان تہ ايميلي ڪو اهڙو مذهب اختيار ڪري جنهن جي سچائيءَ ۽ صداقت جو دليل فقط ونس اهو هجي تہ اهو ڪيس سندس پيءُ کان ورثي ۾ مليل آهي، ۽ سندس پيءُ کي وري سندس ڏاڏي کان. اهڙي طرح پشت بہ پشت اهو مذهب موروثي ملڪيت وانگر هڪ کان ٻئي تائين، ٻئي کان ٽئين تائين پهچندو رهيو هجي.

موجوده مذهبن جي معقوليت رڳو قومي حد بندين ۽ جاگرافيائي تقسيم جي مجبورين ماتحت پرکي وڃي ٿي: اهو ئي سبب آهي، جو اڄ هر هڪ مذهب فقط ڪن خاص لفظن جي هرهر اچارڻ ۽ انهن جي احترام ۽ پرستش تائين وڃي محدود رهيو آهي. مذهب جو ڇوغو اڄ ڪلهہ رڳو خود غرضيءَ ۽ خود پرستيءَ کي لڪائڻ لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي؛ مذهب جون رسوماتي ۽ مروج عبادتون، زيارتون ۽ ٻيا ڪريا ڪرم اسان جي فقط مفاد پرستن ۽ منافقين تي پرده پوشيءَ جو ڪم ڏيئي رهيا آهن: چئو طرف مذهبي بحث مباحثا ۽ مناظرا اڄ ڪلهہ رڳو هن نتيجي تي ختم ٿين ٿا تہ ٻنهي ڌرين وٽ الاهي انعام ۽ الاهي عذاب جا پندار پريا پيا آهن: ۽ جيڪڏهن هنن خاص لفظن جو شو منتر يا هُنن خاص لفظن جو ورد ۽ وظيفو ڪبو يا نہ ڪبو تہ انسان تي انعام ۽ ثواب جون بي انداز بارشون ٿينديون يا عذاب ۽ مصيبتون، برف جا ڳڙا بنجي، مٿن اچي نازل ٿيندا: هر

ڪا ڏر پاڻ کي جنتي ۽ ٻين سيني کي لعنتي ۽ دوزخي شمار ڪري ٿي. هرڪا ڏر هڪ طرف خودسريءَ ۽ خود فريبيءَ جي خواب آور نشي ۾ غلطان ته ٻئي طرف پاڻ جهڙن ٻين انسانن سان حقارت ۽ نفرت واري انسان دشمنيءَ جي مهلڪ مرض ۾ مبتلا آهي.

آءٌ ايميليءَ کي يقيناً اُها شعبدي بازي ۽ عقل دشمني سيکارڻ نٿو پسند ڪريان. پندرهن ورهين جي عمر تائين هن کي اها به خبر نه پوندي ته جسم کان الڳ ڪا ٻي چيز آهي، جنهن کي عام طرح ماڻهو روح ٿا سڏين. ارڙهن سالن جو جڏهن هو ٿيندو تڏهن به شايد هو ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ آماده نه ٿئي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪيس انهن ڳالهين جي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪمهلي ۽ پيش از وقت ڪوشش ڪئي ويئي ته پوءِ يا ته هو منجهائڻ ايترو تنگ ۽ بيزار ٿي پوندو جو آئنده سڄي عمر پيو انهن جي سمجهڻ کان ڇرڪندو ۽ ٿهندو يا ته وري انهن ڳالهين متعلق سندس ذهن تي غلط ۽ غير معقول ويساهه ۽ عقيدا اهڙا ته نقش ٿي ويندا، جو انهيءَ باري ۾ ڪيس صحيح روشني ۽ ڄاڻ وري ڪڏهن به نصيب ڪين ٿي سگهندي.

"اسان لاءِ لازمي آهي ته خدا تي ايمان آڻيون، جي نه ته اسان لاءِ نجات ناممڪن آهي"۔ هن عقيدي مان جيڪڏهن ڪنهن جو ذهن غلط معنيٰ ۽ ابتو مطلب اخذ ٿو ڪري ته پوءِ اهو عقيدو ان انسان جي دل ۽ دماغ مٿان خونخوار تعصب ۽ هٺ ڌرميءَ جا پردن مٿان پردا چاڙهي ٿو ڇڏي ۽ پوءِ ڪنهن به صحيح علم ۽ درست ڄاڻ کي حاصل ڪرڻ هن لاءِ ڏاڍو ناممڪن ٿيو پوي، سندس دماغ محض ٻين جي انڌي تقليد ڪندو رهي ٿو ۽ سندس عقل پنهنجي ذاتي صلاحيت ۽ تخليقي قوت وڃائي ، رڳو چند بي معنيٰ ۽ بي سود لفظن جي طلسمي فريب ڪارين ۾ ڦاسي، هميشه حيران ۽ پريشان، هيڏانهن هوڏانهن پٽڪندو ۽ ٿاٻڙجندو ٿو رهي.

اهڙيون به حالتون منهنجي خيال ۾ اچن ٿيون، جن ۾ انسان خدا تي ايمان آڻڻ کان سواءِ ئي نجات حاصل ڪري سگهي ٿو: معصوم ٻارڙن، بي ميار مستن ۽ ديوانه انسانن جي حالت ۾ جڏهن انسان جو دماغ خدا جي خدائيت کي تصور ۾ آڻڻ لاءِ ضروري استعمال جي صلاحيت نٿو رکي، تڏهن اٿين ڇوڙڻ غلط ۽ نسورو ناحق ٿيندو ته انهن لاءِ نجات جا دروازا بند

آهن: هڪ شخص پنهنجي ساري عمر خدا تي ايمان آڻڻ کانسواءِ گذاري آهي، اهڙو شخص آئينده واريءَ زندگيءَ ۾ بہ هرويرو خدا جي ديدار کان فقط انهيءَ سبب ڪري محروم رکيو ويجي- هيءَ ڳالهہ نامناسب ۽ غلط ٿي معلوم ٿئي، ڇو جو ان شخص اهو ڪفر ڪو ڄاڻي ٻجهي نہ، پر اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪيو هو- ۽ منهنجو اهو يقين آهي تہ ڪفر هميشہ غير ارادي هوندو آهي، ۽ هر حالت ۾ فقط لا علميءَ ۽ اڻ ڄاڻائي جو هڪ نتيجو آهي،- ٿئي ڪندي ممڪن آهي تہ خدا تي ايمان نہ آڻڻ هوندي بہ اهو شخص سڄي عمر هڪ صحيح ۽ ڪامل انسان ٿي رهيو هجي، ۽ انسانيت جي هر تقاضا کي دل و جان سان مڃي، ان تي پوريءَ طرح ۽ هميشہ عمل پيرا رهندو آيو هجي!

ڪنهن بہ خاص ڳالهہ جي سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي جيستائين ڪنهن ماڻهوءَ ۾ اهليت ۽ صلاحيت نہ آهي، تيستائين هن کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ ٺيڪ نہ ٿي جڳائي، ڇاڪاڻ تہ ان مان سندس ذهن، روشني حاصل ڪرڻ بدران، الٽو پريشانيءَ ۽ مونجهاري جي تاريڪيءَ ۾ مبتلا ٿي ويندو. خدا جي خدائيت متعلق غلط، ابتا، نقصانڪار ۽ اڻ سهائيندا عقيدا انسان پنهنجي ذهن ۾ پيدا ڪري، تنهن کان تہ هر حالت ۾ بهتر آهي تہ ان باري ۾ هو بنهہ لاعلم، اڻ ڄاڻ ۽ معصوم هجي، خدا وند جي باري ۾ بيهوده زبان درازي، گستاخانہ بڪواس ۽ گندهہ ذهني ڪندو وتجي، تنهن کان تہ سندس هستيءَ ۽ وجود جو صاف انڪار هزار بار بهتر آهي.

مافوق الطبيعاتي بہ چار ڳالهيون ۽ مذهب جون چند مخصوص عبادتون، زيارتون ۽ ڪريا ڪرم جن کي عام طرح مذهب سڏيو وڃي ٿو تن جو جيڪڏهن ڪو بہ مقصد ٿي سگهي ٿو تہ اهو مقصد صرف هيءُ هئڻ گهرجي تہ انهن جي معرفت انسان کي صحيح انسان بنجڻ ۾ ۽ ڪيس انفرادي توڙي سماجي زندگيءَ ۾ ڪامياب، خوشحال ۽ مائل بہ ترقي هئڻ ۾ آساني ٿئي. موجوده مذهبن مان ڪو بہ مذهب انسانن جي زندگين تي انهي لحاظ کان ڪنهن بہ صورت ۾ اثر انداز نہ آهي، مذهب انسانن لاءِ آهي ۽ نہ انسان مذهب لاءِ: مذهب مذهب خاطر نہ، پر مذهب زندگيءَ خاطر آهي- هيءَ آهي مذهب جي صحيح وصف، جنهن کان جيڪڏهن ڪو منڪر ٿيو تہ سمجهبو تہ مذهب خود هن لاءِ هڪ بت بنجي چڪو آهي.

مذهب جو پيو نالو جيڪڏهن آهي انفرادي توڙي سماجي خوشحاليءَ، ڪاميابيءَ ۽ ترقي لاءِ انسانن جي زندگيءَ جو هڪ صحيح دستورالعمل، تہ پوءِ ايميليءَ هيستائين فقط مذهب پئي سکيو آهي، جيتوڻيڪ ان سموري عرصي ۾ سندس سامهون مذهب جي رڳي ٺلهي نالي پيش ڪرڻ کان بہ آءٌ قاصر رهيو آهيان: نالا طوطي وانگر ياد ڪرائي، ۽ انهن جي دلڪش ۽ هوشربا آوازن تي مفتون بنائي، ڪيس ميان مٺو بنائڻ- سندس تعليم ۽ تربيت مان منهنجي اها مراد تہ هرگز ڪين هئي!

ايميليءَ کي انسان بنجڻو هو ۽ ان لاءِ ڪيس "زندگي جي صحيح هنر" سيکارڻ جي ذميداري مون پنهنجي مٿان عائد ڪئي هئي. زندگيءَ جي صحيح هنر سمجهڻ ۽ سيکارڻ لاءِ مون فقط فطرت جي استاد کي پنهنجو رهنما بنايو آهي. انسانن جي انڌيءَ تقليد کي خيرباد چئي، ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم جي رسوماتي ۽ مروج اعتقادن، سادهہ دماغين ۽ ذهني فريب ڪارين کي ڦٽو ڪري، مون فقط فطرت جي نظام جو خالص عقل جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪيو آهي، اٿين ڪرڻ سان زندگيءَ جي شاهراهہ. جنهن کي مذهبي طرز بيان ۾ " صراط المستقيم" ٿو سڏجي، منهنجي سامهون فقط هيءَ روشن ٿي تہ انسان فقط فطرت جي ڏسيل راهہ عمل تي گامزن ٿي، خود شناسيءَ ۽ انسان شناسيءَ جون بيان کان ٻاهر برڪتون ۽ فضيلتون حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ روءِ پنهنجي اڻ کٽ تدريجي عروج جون لا تعداد منزلون آئينده هو قدم قدم تي خود پاڻ پيدا ڪري ۽ خود پاڻ پائي سگهي ٿو.

'عدد ناهِ عشق، پُڄاڻي پاڻَ لهي!'

ايميليءَ کي مون اهو فطرت جو ڏسيل دستورالعمل پڙهايو ۽ سيکاريو آهي، انهيءَ کانسواءِ جيڪڏهن ڪيس ڪو ٻيو مذهب اختيار ڪرڻو آهي تہ اها سندس مرضي، مون کي انهيءَ کان وڌيڪ سندس رهبري ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي.

# حوالا ۽ اُنهن جي تشريح

**1 ـ ايميلي**

هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ انسان جي فرض جون ٽي صورتون آهن: جڏهن هو ٻار ڄڻي ٿو هن لاءِ کاڌي ۽ خوراڪ جو بندوبست ٿو ڪري تڏهن ڄڻ ته هو پنهنجي فرض جي هڪ صورت ٿو پوري ڪري. اجا ڪيس هڪ انسانُ انسانذات جي حوالي ڪرڻو آهي، ۽ هڪ شهر واسي وطن ۽ قوم ڪي سپرد ڪرڻو آهي. اهو شخص جيڪو هن جامع فرض کي پوري ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو پر ائين ڪرڻ کان ڪيٻائي ۽ ڪترائي ٿو سو واقعي هڪ عظيم گناهہ ٿو ڪري. پر اهو شخص جيڪو هن فرض جي فقط هڪ صورت يا حصي کي پورو ڪري ٿو ۽ ان جي ٻين صورتن کان لاپرواهہ ۽ غافل ٿو گذاري، سو تہ تنهان ئي وڏيڪ وڏي گناهہ جو پاڻ کي سزا وار ٿو ثابت ڪري. ڪنهن بہ شخص کي پيءُ بنجڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي جيڪڏهن هو پيءُ جي فرضن جي بجا آوريءَ کان قاصر آهي. غربت، مشغولي، سماج جا غلط رسم و رواج ۽ عقيدا، انهن مان ڪو بہ دليل ڪيس ان گناهہ جي ملامت کان نٿو بچائي سگهي.

جيڪڏهن ڪو بہ شخص جنهن جي دل ۾ ڪي فطري احساس موجود آهن، پنهنجي اولاد جي پرورش ۽ تعليم و تربيت جا هي پاڪيزه فرض وساري ٿو ڇڏي ڪري، اهو آئنده ڪٽي ڪيترا بہ ندامت ۽ پشيمانيءَ جا رت ڳاڙڻ ڳوڙها ڳاڙي پر تڏهن بہ ڪيس روح جي راحت ۽ دل جو اطمينان جو نہ ملڻو آهي سو ڪڏهن بہ ڪين ملندو.

" باوجود انهيءَ جي، اڄ ڪلهہ جو هڪ شاهوڪار شخص پاڻ کي انهيءَ جي فرض بجا آوريءَ کان، ڪنهن نہ ڪنهن طرح مجبور ٿو سمجهي ۽ سڏائي، ۽ پوءِ ڇا ٿو ڪري؟ اهي فرض جيڪي ڪيس بجاءِ آڻڻا آهن تن کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪڙي ٻئي شخص کي پگهار ڏيئي ڪٽي ٿو پاڻ وٽ ملازم بيهاري. ڪانئس ڪو پڇي تہ سهي تہ اي زر پرست انسان! ڇا، تون ائين ٿو سمجهين تہ تون پنهنجي پيسن سان پنهنجي ٻچي لاءِ ڪو ٻيو پيءُ خريد

ڪري سگهندين؟ پاڻ کي خود فريبيءَ جو شڪار ٿيڻ نہ ڏي. ائين ڪرڻ سان تو پنهنجي ٻچي لاءِ رڳو هڪ معقول ۽ مناسب استاد بہ ڪو نہ ٻيهاريو آهي، تو تہ هن جو فقط هڪڙو خوشامدڙيو خدمتگار ڪٺي پاڙيو آهي، هيءَ تہ هن کي فقط پاڻ جهڙو هڪڙو وڏيڪ جي حضور غلام بنائي ڇڏيندو!

" پوءِ پلا منهنجي ٻچي کي ڀيو ڪير تربيت ڏئي؟ - اي محترم عزيز مون توکي اڳ ئي ٻڌايو آهي تہ 'تون خود ئي اهو فرض بجاءِ آڻ!' ' ائين برابر آهي پر آءٌ تہ ادا، نٿو اهو فرض بجاءِ آڻي سگهان!' 'تون نٿو بجاءِ آڻي سگهين! پوءِ لاچار ڪنهن هڪ اڌ خيرخواهہ ۽ مخلص دوست جي تلاش ڪر: ٻيو تہ ڪو بہ رستو مون کي ڪونہ ٿو سجهي!

" هڪ انسان جي ٻار جي تربيت فقط ان ٻار جو پنهنجو پيءُ ئي ڪري ٿو سگهي، يا تہ وري اهو انسان ڪري سگهي ٿو جو ڪم از ڪم پاڻ عام انساني رتبي کان ڪنهن زياده اوچي ۽ غير معمولي مقام جو مالڪ هجي. ههڙو نازڪ ۽ اهم فرض تون چپ چاپ هڪڙي زر خريد شخص جي حوالي ڪري ڇڏيندين؟ مون کي تہ بنهہ خاطري آهي تہ اهو پيءُ جنهن کي هڪ قابل ۽ صالح استاد جي شان ۽ اهميت جو احساس آهي، سو ڪڏهن بہ ڪنهن ٻئي شخص کي پنهنجي ٻار لاءِ بطور استاد جي منتخب ڪين ڪندو، ڇاڪاڻ تہ خود ڪانئس بهتر استاد ٻيو ڪيس ملڻ مشڪل آهي، ۽ ڪيس ان لاءِ ڪا وڏيڪ ڳولا بہ نہ ڪرڻ گهرجي: خود فطرت طرفان اهو انتخاب اڳواٽ ئي ٿيو پيو آهي.

"هڪ دفعي هڪڙي شخص، جنهن کي سوسائٽيءَ ۾ ڪافي وڏو مرتبو حاصل آهي، اشارتاً مون کي چيو تہ آءٌ سندس پٽ جي تعليم و تربيت جي ذميداري پنهنجي هٿ ۾ کڻان. ائين برابر آهي تہ انهيءَ ڪم لاءِ هن شخص، جو مون کي موزون ۽ لائق سمجهيو سو سندس انهيءَ عزت افزائيءَ جو مون کي اعتراف ۽ قدر آهي، پر مون جو سندس ڇوڙ ڪين مڃيو تنهن لاءِ ڪيس ناراض ٿيڻ يا ارمان ڪرڻ بدران نہ فقط خوش ٿيڻ کپي پر پاڻ منهنجا احسان مڃڻ کپن، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن آءٌ سندس آڇ قبول ڪريان ها ۽ پنهنجي ذميداريءَ جي بجا آوريءَ ۾ ناڪام ثابت ٿيان ها، تہ هوند سندس پٽ جي ساري زندگي فضول ضايع ۽ برباد ٿي وڃي ها. پر

جيڪڏهن آءٌ انهيءَ پنهنجي فرض جي بجا آوريءَ ۾ ڪامياب ثابت ٿيان ها تہ پوءِ تہ هيءُ ويچارو سادہ دماغ شخص هيڪاري وڏي نقصان هيٺ اچي وڃي ها. ڇاڪاڻ تہ ان حالت ۾ سندس پٽ پنهنجي ابي ڏاڏي جي موروثي شان شوڪت. دولت ۽ اقتدار خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري،انهن سيني اڏارين ۽ طلسمي وڏ ماڻهپاين کان هڪدم دست بردار ٿي وڃي ها. ۽ پاڻ کي اميرزادو نوابزادو يا شهزادو سڏائيندي نہ فقط شرم محسوس ڪري ها. پر ان کي پنهنجي انتهائي بي عزتي، ذلت ۽ خواري سمجهي ها!

"هڪ طرف مون کي هڪ استاد جي فرض ۽ ذميداريءَ جي اهميت ۽ عظمت جو ايترو تہ گهرو احساس آهي، ۽ ٻئي طرف ان ڏس ۾ پنهنجي نا اهليت ۽ عدم صلاحيت کان ايتري قدر تہ آءٌ واقف آهيان. جو ههڙيءَ نازڪ ۽ سنگين ذميداريءَ کي ڪڏهن پلجي ڪري بہ آءٌ پنهنجي مٿان ڪين مڙهيندس، پوءِ اهڙي آڇ منهنجي سامهون ڪٿي ڪير بہ پيش ڪري، ۽ جيڪڏهن ڪو منهنجو دوست مون ۾ ڀروسو رکي اهڙي قسم جي آڇ مون کي ڪندو تہ ساڻس دوستي هئڻ ڪري جيڪي سندس خير خواهيءَ جا فرض مون تي لازم ٿا اچن، تن جي لحاظ کان تہ پاڻ وڌيڪ شدت سان، سندس اهڙيءَ پيشڪش جي قبول ڪرڻ کان آءٌ انڪار ڪندس.

"هاڻي، جيڪڏهن تعليم و تدريس جي ههڙيءَ عملي ذميداريءَ جي بجا آوريءَ کان آءٌ قاصر آهيان، تہ پوءِ ان جي بدران آءٌ هڪڙو ٻيو رستو جو زياده سولو ۽ سهنجو آهي، سو ٿو في الحال ڪٽي اختيار ڪريان،- يعني، جيئن هن کان اڳ ٻين سمجهدار شخصن ڪيو آهي، تيئن آءٌ بہ انهن جو مثال وٺي ڪٿي قلم کي ٿو هٿ ۾ کڻان، ۽ اهڙيءَ روءِ عملي طرح هڪ درست ڪم ڪرڻ بدران ويهي ٿو ان جي بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان.

" اهو خيال دل ۾ رکي، مون فيصلو ڪيو آهي تہ هڪ خيالي شاگرد پنهنجي نظر ۾ رکي، ۽ سندس تعليم و تربيت لاءِ گهربل عمر ۽ صحت ، چاڻ ۽ لياقتن جو تصور پنهنجي ذهن ۾ قائم ڪري، ڪيس جمڻ جي گهڙيءَ کان وٺي جنهن رهبريءَ ۽ هدايت جي ضرورت ٿئي تنهن جو ويهي هتي مفصل بيان ڪريان. تان جو هو وڃي پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ جي انهيءَ منزل تي صحيح سلامت رسي، جتي ڪيس ڪنهن بہ قسم جي وڌيڪ هدايت ۽

رهبريءَ جي ڪا ضرورت نہ رهي، سواءِ هن جي تہ پوءِ هو پاڻ پنهنجو رهبر ۽ پاڻ پنهنجو هادي بنجي زندگيءَ جو آئنده سفر پنهنجي پيرن تي پاڻيهي طئي ڪرڻ شروع ڪري ڏئي.

(جي- جي- روسو)

روسي پنهنجي انهيءَ خيالي شاگرد جو نالو **'ايميلي'** تجويز ڪيو.

2- 'رابنسن ڪروزو' (Robinson Crusoe)

هيءُ هڪ انگريزيءَ ۾ مقبول عام ڪتاب، ڊينئل ڊيفو (Daniel Defoe: 1661-1731) نالي شخص جو لکيل آهي، ۽ 1719ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ٿيو هو.

ڊيفو پاڻ هڪ غريب گهراڻي جو شخص هو ۽ سندس عام ڌنڌو اخبار نويسي هو. 1702ع ۾ هن هڪ طنزيہ مضمون لکيو جنهن ۾ ان زماني جي مذهبي تنگ نظريءَ ۽ غلط ذهنيت تي شديد نڪتچيني ڪيائين، جنهن ڏوهہ جي پاداش ۾ کيس ڪاٺ جي شڪنجي ۾ سوگهو ڪري تي پيرا شهر جي عام چؤسول تي بيهاريو ويو تہ جيئن عام ماڻهو ان مان جوڳو سبق حاصل ڪن، ۽ ڪنهن ٻئي کي اهڙي "گناهہ" ڪرڻ جي وري جُرئت نہ ٿئي. ان زماني جي جاهل ۽ معتقد عوام جو هيءُ دستور هوندو هو تہ هو اهڙي ڏوهاريءَ تي هڪدم پٿرن، پٿرن ۽ ٻين اهڙين گندين شين جو وسڪارو شروع ڪري ڏيندا هئا. پر ڊيفو پنهنجي بيخوف آزاد خياليءَ جي ڪري ايترو تہ عوام جي نظرن ۾ مقبول ۽ پسند هوندو هو جو هنن ساڻس اهڙيءَ هلت هلڻ بدران مٿس عطر جي پاشيءَ جو ڇڻڪار ۽ گلن جون ورکائون شروع ڪري ڏنيون. پوءِ هن اُتي جو اتي اشڪنجي جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ناهي ورتو جنهن ۾ هن حڪومت جي ظلم ۽ بدعنوانين جي خوب مٽي پليد ڪئي. فورن کيس قيدخاني ۾ بند ڪيو ويو جتي کيس پنهنجي "رفيقن" يعني عادتي ڏوهارين جي ذهني ڪيفيت ۽ نفسياتي زندگيءَ جي مشاهدي ۽ مطالعي ڪرڻ جو موقعو مليو. پنهنجي انهن تاثرات جي بنياد تي هن پوءِ بہ افسانا لکيا، جي ان زماني جي عملي ۽ ادبي دنيا ۾ نهايت مشهور ۽ مقبول ٿيا. هڪ دفعي کيس غربت ۽ تنگدستيءَ ايترو تہ اچي گهيريو جو

ڪيس آچر جي ڏينهن ڪانسواءِ هفتي جا ٻيا ڇهه ڏينهن بيلفن (Bailiffs) جي ڊپ کان گهر ۾ اندر دروازا بند ڪري، لڪي ويهي رهڻو پوندو هو. ايتري قدر جو ماڻهو ڪيس چوندائي هئا "آچر جي ڏينهن جو رئيس" (Sunday Gentleman)

زير ويچار ڪتاب هڪ افسانو آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙي خيالي شخص، رابنسن ڪروزو جا تجربا بيان ڪيا ويا آهن، جو 26 سالن جي ڄمار ۾ ساموندي سفر تي نڪري ٿو ۽ جهاز جي مارجڻ سبب اتفاق سان هڪ دور دراز انسانن جي بستيءَ کان بلڪل ٻاهر، اڪيلي ۽ سڃي ٻيٽ تي ٻڏي ٻڏي مس ٿو وڃي سلامت پهچي، ۽ جتي پوءِ ڪيس عمر جا سڄا سارا 27 سال تن تنها ڪاٽڻا پون ٿا.

روسو "ايميليءَ" ۾ هن ڪتاب جو ذڪر ڪندي پنهنجو رايو هيٺئين پيرايي ۾ ٿو پيش ڪري:

"ڇا، هيترن سارن ڪتابن ۾ هيترا سارا جيڪي سبق هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيا پکڙيا ۽ پريا پيا آهن، تن سڀني کي هڪٻئي سان ڳنڍڻ ۽ هڪ ڊاڳي ۾ پوئڻ جو ڪو رستو ئي ڪونهي؟ ڇا، انهن سڀني شمار کان ٻاهر مختلف ڳالهين کي ڪنهن طريقي سان پاڻ ۾ ملائي هڪ اهڙي مرڪز تي جمع نٿو ڪري سگهجي، جيڪو سولائيءَ سان سجاڻي سگهجي، آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ۽ جنهن جي سڃاڻڻ، سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ هڪڙي ٻار جي دل ۾ به چاهه ۽ اتساهه جاڳائي سگهجي؟..

رابنسن ڪروزو پنهنجي ٻيٽ تي نهايت ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾، پاڻ جهڙن انسانن جي مدد ۽ دستگيريءَ کان بنهه دور، کاڌي خوراڪ حاصل ڪرڻ وارن عام انساني ڏنڌن لاءِ جيڪي به وسيلا لازمي آهن تن سڀني کان مطلقاً محروم رهڻ هوندي به، پنهنجي حياتي بچائي ۽ ٽڪائي سگهي ٿو ۽ تنها ئي وڌيڪ . پنهنجي مناسب راحت ۽ آرام جا سامان پڻ پاڻيهي پنهنجي لاءِ پيدا ڪري سگهي ٿو- هي اُهي ڳالهيون آهن جيڪي نه فقط ننڍڙن ٻارڙن لاءِ نهايت مفيد ۽ دلچسپ نموني ۾ بيان ڪري سگهجن ٿيون، پر وڏيءَ عمر وارن شخصن لاءِ پڻ مناسب هدايت ۽ دلچسپيءَ جو باعث بنجي سگهن ٿيون."

هن عجيب و غريب ڪتاب کي پڙهڻ سان انسان جي ارتقاءِ حيات جي سموريءَ تاريخ جو گويا هڪ جنسي مشاهدو ۽ مطالعو ٿو ٿئي. انسان پنهنجي اوائلي زندگيءَ ۾ ڪيئن جبلن جي غارن ۾يا وڻن جي چوٽين تي، ۽ ڪيتري ڏپ ۽ خوف ۾ پنهنجا ڏينهن گذاريندو هو تنهن کانپوءِ باهه ٻارڻ، زراعت جو هنر، چوپايو مال ڌارڻ، واڍڪو ڪنڀارڪو لوهارڪو ۽ ٻيا اهڙا ڏنڌا ۽ هنر هو ڪيئن آهستي آهستي هزارها مشڪلاتن ۽ ناڪامين کانپوءِ سکيو سندس نفسياتي ڪيفيت، ذهني خود فريبين، خيالن ۽ وسوسن جو اندازو ۽ مذهبي طرز خيال جي ابتدا ۽ ان جي اصلي ماهيت۔ انهن ۽ ٻين اهڙين بي شمار ڳالهين جي جاڻ ۽ واقفيت نهايت دلچسپ ۽ مؤثر تمثيلي انداز ۾ هن ڪتاب مان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

3۔ 'نوجوان نوابزادو' (The Young Gentleman)

انسان جي سماجي زندگيءَ جي ارتقا جي اها منزل جنهن کي جاگيرداري يا نوابي نظام جو دور سڏيو ٿو وڃي، تنهن جي هيءَ هڪ پڌري خصوصيت آهي ته ان زماني ۾ تعليم جو عوام ۾ ڦهلجڻ هڪ قطعاً ناممڪن امر آهي. اڄ به دنيا جا اهي ملڪ جيڪي هن جاگيرداري نظام جي پيڙا ۾ ورتل آهن، تن ۾ لاتعداد تجويزن ۽ ڪوششن کانپوءِ به عوام ۾ تعليم مس ايتري ڦهلجي سگهي آهي جيترو اٽي ۾ لوڻ.

هيڙيءَ عام جهالت جي ترت ختم ٿيڻ جو ڪو به تسلي بخش امڪان نه ڏسندي، ۽ ٻئي طرف چوڌاري ظلم ۽ انڌير جي بازار جيئن پوءِ تئين زياده گرم ڏسندي، هن زماني جي حساس طبيعت ۽ انصاف پسند شخصن جي ذهن ۾ سماجي بهتريءَ ۽ سڌاري جو فقط هڪڙو ئي وسيلو سُجهي ايندو آهي، ۽ اهو هيءُ ته ڪنهن طرح اميرن، جاگيردارن ۽ نوابن جي پٽن کي صحيح تعليم سان روشناس ڪيو وڃي ته جيئن اهي نوجوان اميرزادا ڪنهن حد تائين صحيح انسان بنجي هڪ طرف خود پاڻ انهن بدڪارين ۽ انسان دشمن ڪارروائين کان باز اچن جيڪي ڪين ابن ڏاڏن کان ورثي گويا ورثي ۾ ملنديون پئي آيون آهن، ۽ ٻئي طرف هو پنهنجو غير

محدود طاقت، اقتدار، اثر ۽ رسوخ کي ڪنهن طرح درست نموني ۾ استعمال ڪري ڪجهه قدر سماج جي درستي ۽ اصلاح ڪري سگهن.

پرچاڪاڻ تہ انهن نوجوان اميرزادن ۽ نوابزادن جي زندگيءَ جو سمورو منطق محض سست الوجوديءَ ۽ ٻين جي پورهئي تي شڪم پروري ڪرڻ تي مبني آهي، تنهنڪري هو مفيد ۽ ڪارائتو علم سکن سا ٻنهه هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي، ۽ انهيءَ ئي سبب جيڪڏهن هو ڪو علم ۽ هنر سکن بہ ٿا تہ اهو فقط ڪتن پالڻ جو شڪار ڪرڻ جو فضول خرچيءَ جو واهيات قسم جي عيش پرستيءَ ۽ اخلاق سوز مردم آزاريءَ جو. جيڪڏهن انهن ذليل ۽ مهلڪ حرڪتن کانسواءِ ڪنهن ٻئي علم ۽ فن سکڻ جو منجهن ڪو چاهہ ۽ اتساهہ جاڳي بہ سگهي ٿو تہ اهو فقط خسيس ۽ بي مقصد شعر و شاعريءَ ناچ گاني، انگريزيءَ ۽ ٻين اهڙين بيڪار جنسار بازين ۽ فضول ڳالهين لاءِ-

لاڪ (Locke: 1632-1704) جو انگليڊ جو هڪ مشهور مفڪر ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي، سو بہ پنهنجي همعصر جاگيرداري دور جي انهيءَ خصوصيت کان متاثر ٿي ساڳئي قسم جي ذهني خود فريبيءَ ۽ خوش اعتقاديءَ جو شڪار ٿيل ٿو ڏسجي. هو پنهنجي مشهور ڪتاب " تعليم بنسبت منهنجا خيال"(Thoughts Concerning Education) جي انتساب ۾ لکي ٿو: "منهنجي هن تبصري جو مکيہ مقصد هيءُ آهي تہ آءٌ ڏيکاريان تہ هڪ نوجوان نوابزادي جي صحيح تعليم ۽ تربيت ڪهڙي طريقي سان ڪري سگهجي ٿي: ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انهيءَ مرتبي وارن شخصن کي هڪ دفعي درست تربيت ڏيئي ڪنهن صحيح رستي تي آندو ويو تہ پوءِ هو پاڻيهي ٻين عام انسانن کي سگهو ئي پوري پير تي آڻي ڇڏيندا."

### 4_ 'ليڪڪ يا ڪتاب ساز'

"اوهان مون کي چوندا تہ تون پاڻ بہ تہ آخر هڪ ليڪڪ آهين! هائو بلڪل صحيح، آءٌ برابر اوهان جو ڏوهي آهيان، پر منهنجيون بچڙايون ڏسي ٻيا بہ مون جهڙا ٿين، تنهن لاءِ تہ مون کي ڪو معقول سبب ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي. آءٌ تہ انهيءَ گناهہ جو پورو پورو عيوضو هيلتائين ڏيئي بہ چڪو

آهيان. ٻئي ڪندي منهنجو قلم ڪنهن ٻئي وٽ وڪاڻل نہ آهي، ۽ نڪي وري آءُ ان کي پنهنجي روزگار جو وسيلو سمجهي، ڪتاب ٿو لکان: انسان جو فڪر ۽ خيال تہ هڪ املهہ چيز آهي، ۽ ساڳئي وقت اها ڪنهن جي شخصي ۽ نجي ملڪيت بہ نٿي رهي سگهي. تہ پوءِ ان جي ڪهڙيءَ ريت خريد فروخت ٿي سگهنديءَ! نہ فقط ايترو پر آءُ جو ڪتاب لکان ٿو سو انهيءَ ڪري نہ تہ لفظن جي انبارن هيٺ پنهنجا نقص ۽ پنهنجون خوبيون ۽ صفتون ظاهر ڪريان ۽ ثابت ڪري ڏيکاريان، برعڪس ان جي آئون تہ فقط هن مراد سان قلم هٿ ۾ کڻان ٿو تہ عام انسانن کي اڳواٽ چتائي ۽ خبردار ڪري ڇڏيان تہ هو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي براين ۽ غلط ڪارين جي نقل ڪرڻ کان پرهيز ڪن ۽ انهن کان پاڻ کي محفوظ رکن.“

(جي. جي. روسو)

# ڏکين لفظن جي معنيٰ

- اختصار: ٽُٽ
- ضخيم: ٿلهو
- مُروج: رواج ۾ آيل، هلندڙ چالو
- بلند پائيِ: اوچائيءَ تي بيٺل
- تلقين: هدايت سمجهاڻي
- عمل پيرا ٿيڻ: هلڻ
- محض: رڳو فقط
- هوشربا: هوش کسيندڙ وائڙو ڪندڙ
- عارفانہ: ڄاڻ وارو
- اقتباس: ٽُڪر
- مُسلم: قبوليل
- سابق: اڳوڻو
- طبعزاد: اصلوڪو
- دل آويز: دل کي وڻندڙ
- هنگامہ آرائي: هلچل، شور ۽ غوغا
- معمار: اڏيندڙ ناهيندڙ
- قدامت پرست: پراڻين ڳالهين کي پوڄيندڙ
- قدامت شڪن: پراڻين ڳالهين کي ڀڃندڙيا ڊاهيندڙ
- پيش رو: اڳواڻ
- معنيٰ خيز: معنيٰ سان ڀريل
- ڊُور رس: پري تائين پهچندڙ

- روشناس ڪرڻ: واقف ڪرڻ
- مطلق العنان: ڇڙواڳ
- عَلم برداري: جهنڊو کڻڻ
- اعتراف نامو: پنهنجي ڏوهه ثواب جو بيان
- ناگهاني: اوچتو
- محجوب: شرميلو لڄارو
- يڪسر: بنهه
- زُود رنج: جهٽ ۾ ڪاوڙجي پوڻ وارو
- پوشيده: لڪل
- مشفق: شفقت وارو، ٻاجهارو
- موضوع: ڳالهه
- فراغت: واندڪائي، ڇوٽڪارو
- همعصر: پنهنجو دور
- نمايان: ڪليل، ظاهري، پڌرو
- مساوات: برابري
- اخوت: ڀائپي
- حريت: آزادي
- استبداد: ڏاڍ
- تشدد : سختي
- دلخراش : دل کي رهنبينندڙ
- ذلت آميز : خوار ڪندڙ
- تاريڪي: اونداهي
- لمحو : گهڙي، پَلَڪُ
- محبوس : قيدي
- احتراز ڪندڙ: پاسو ڪندڙ پچندڙ
- دستڪ : هٿ جي ٺڪ ٺڪ

- **تارڪ الدنيا:** دنيا کي ترڪ ڪندڙ
- **مصلح:** سڌارڪ، اصطلاح يا سڌارو آڻيندڙ
- **عرق ريزي:** پگھر وهائڻ
- **دلگداز:** دل کي رجائيندڙ يا پگھاريندڙ
- **ڪسمپرسي:** اُها حالت، جنهن ۾ ڪير به نه پڇي
- **مجذوب:** جذبي ۾ ورتل
- **فروغ ڏيڻ:** وڌائڻ، اوسر ڏيڻ
- **عادي:** عادت وارو يا هريل
- **ماتحت:** هيٺ
- **لمحو:** گھڙي
- **بيعت:** ميجتا
- **تخريب:** بربادي
- **برعڪس:** برخلاف، ابتڙ
- **مزيد:** وڌيڪ
- **مفصل:** پيراڻتو
- **باهمي تعليم:** هڪٻئي جي تعليم
- **احتياج:** گھرج
- **ساحل:** ڪنارو
- **مسلط:** ڇانيل
- **عظيم المرتبت:** وڏي مرتبي وارو
- **ڪم مايگي:** گھٽ قَدَر واري حالت
- **ميزان:** ساهمي، ترازو
- **پيشهءِ انسانيت:** انسانيت جو ڌنڌو يا ڪم
- **تقاضا:** گھُر
- **ماحول:** آسپاس: وايومنڊل
- **پيهم:** دائمي

- ضُعف: هيٺائي
- مقرر شده: مقرر ٿيل يا بيٺل
- همہ گير: سڀ تي اثر ڪندڙ
- منت ڪشي: ٿورو ڪڍڻ، ٿورائتو ٿيڻ
- گزند: ڏنگ، ايذاء
- سرزنش: سزا يا پرٽي
- خودضابطگي: پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکڻ
- توازن: وزنائتو
- ديرينہ طبع: ڳنڀير، مائيٽي سياءَ وارو
- ميسر ٿيڻ: ملڻ، حوالي ٿيڻ، هٿ اچڻ
- ستم ظريفي: مشڪلات
- ڪناره ڪشي: پاسو ڪري ويهڻ جي حالت
- رجحان: لاڙو
- رغبت: لاڙو
- ابدي: اصلوڪي
- آلايش: آلاڻ، داغ
- نيڪوڪاري: سٺا ڪم ڪرڻ
- گمراهہ ڪن: واٽ منجهائيندڙ گمراهہ ڪندڙ
- ابتدائي: شروعات
- مطالعو ڪرڻ: پڑهڻ
- گونا گون: قسمين قسمين
- مشاهدو ڪرڻ: ڏسڻ
- نشوونما: پالنا
- تقليد: انڌي پوئلڳي يا قبوليت
- عائد ٿيڻ: مقرر ٿيڻ
- شايان شان: شان موجب

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

- **تشريح:** سمجهاڻي
- **لفاظي:** بي معنيٰ لفظن جي ڀرمار
- **مرتب:** ترتيب ڏنل، ٺهيل
- **احتياج:** گهرج
- **باهمي تعاون:** هڪٻئي سان سهڪار
- **واعظ:** وعظ ڪندڙ، ڏڳهيون نصيحتون ڪندڙ
- **ناصح:** نصيحت ڪرڻ وارو
- **حقيقت شناس:** سچ کي سڃاڻيندڙ
- **تسليم ڪرڻ:** قبول ڪرڻ
- **درد انگيز:** ڏکائيندڙ
- **جان گداز:** ساهه کي ڳاريندڙ
- **چيره دستي:** ڏاڍ، ظلم ادڱائي
- **لبريز:** ڪنن تائين ڀريل
- **گوشه نشين:** ڪنڊ وٺي ويهڻ وارو
- **مشقت:** سخت پورهيو
- **سست الوجود:** سستيءَ ۾ گذارڻ وارو
- **مقدس:** سڳورو
- **تروتازگي:** آلاڻ ۽ سهڄ پائي
- **محنت ڪش:** پورهئي ڪرڻ وارو، پورهيت
- **عروج:** مٿي اُڀرڻ
- **انحصار:** مدار، ڀروسو
- **مصداق:** پهاڪو يا عام مڃيل سچي ڳالهه
- **مطمئن:** خوش، راضي
- **قانع:** قناعت ڪرڻ وارو
- **مستقل مزاج:** پختيءَ طبيعت وارو
- **فارغ:** واندو

- تخليق: اُپج
- مطلقاً: بنهه
- آمرُ: ڳالهه، شيءِ
- سرچشمو: شروعاتي هنڌ جتان ٻيون شيون ڦٽي نڪرن، پاڙ
- صف آرائي: مخالفت
- زور آزمائي: مقابلو
- مفيد: فائدي وارو
- مضر: نقصان وارو
- فنافي النفس: پنهنجي نفس ۾ گم ٿيڻ، يعني فقط پنهنجي لاءِ جيئڻ
- مهذب: تهذيب وارو يا سڌريل
- لازوال: آمرُ
- في الواقع: سچي پچي
- مدهوم: خيالي
- بدعنوانيون: خراب ڪم
- آهني طوق: لوهه جو پٽو
- برسر اقتدار: طاقت ۾ آيل
- ڪار پرداز: ڪم ڪار هلائيندڙ
- رعبدار: دٻدٻي وارو
- بهيمانه: جهنگلي جانورن جهڙو
- صريحاً: صاف صاف، بلڪل
- ازروءِ: موجب، مطابق
- مضمر: لڪل
- انسانيت نا آشنا: ماڻهپي کي نه سڃاڻيندڙ
- مفرح: فرحت ڏيندڙ
- خشڪ روءِ: رُکي منهن وارو
- خنده پيشاني: کل مک سياءُ

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

- **صلح جُو:** صلح يا پرچاءُ ڳوليندڙ
- **سرگوشي:** ڪنن ۾ منهن ڏيئي ڳالهائڻ، سس پس
- **مامريل:** راز وارو
- **نوعيت:** قسم
- **مسلسل:** لاڳيتو
- **حيات جاوداني:** هميشه جي حياتي
- **جانفزا:** ساهه کي جاڳائيندڙ
- **دلپذير:** دل کي وڻندڙ
- **متمدن:** سڌريل
- **سرمايو:** حياتيءَ جي موڙي
- **پشت به پشت:** هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ تائين
- **موروثي:** ورثي ۾ مليل
- **تعصب:** ساڙ پاڻ کانسواءِ ٻين سيني کي هيچ سمجهڻ ۽ پنهنجي هر ڳالهه اوچي سمجهڻ
- **نجات:** ڇوٽڪارو
- **مافوق الطبيعاتي:** روحاني
- **مفتون:** چريو قربان
- **دستور العمل:** عمل ڪرڻ جو پروگرام ڪم جو رستو
- **انتخاب:** چونڊ
- **قاصر:** لاچار
- **سنگين:** ڳرو
- **عدم صلاحيت:** لياقت جو نه هجڻ
- **پيرايو:** نموني
- **باعث:** سبب
- **ڪيفيت:** حالت
- **مؤثر:** اثرائتو

- تمثيلي انداز: مثال ڏيئي سمجهائڻ جو طريقو
- ارتقا: اوسر
- قطعاً: بنهه
- حساس طبع: ڏکوئجندڙ يا نرم طبيعت
- روشناس ڪرڻ: واقف ڪرڻ
- رسوخ: هلندي، پڄندي اختيار
- اصلاح: سڌارو
- شڪم پروري: پيٽ پرڻ
- مبني: ٻيٺل
- خود فريبي: پاڻ کي ٺڳڻ
- خوش اعتقادي: پنهنجي خيال کي بنا دليل جي سلوءِ فائدي وارو سمجهڻ

—

2

# ٻارن جي تعليم

پليوٽارچ

سنڌيڪار

**محمد ابراهيم جويو**

پهريون چاپو: 1972ع
ٻيو چاپو: 1995ع

# مهاڳ

تقريباً ٻہ هزار ورهيہ اڳي، پليوٽارچ، پهرين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري يونان جي ڊيلفي شهر جي ويجهو، کيرونيا نالي هڪڙي ننڍي ڳوٺ ۾ ڄائو. هن يونان جي تاريخي شهر اٿينس ۾ تعليم ورتي، آسپاس جي ملڪن جو سير سفر ڪيو ۽ آخر هو پنهنجي وقت جي بهتر عالم ۽ فاضل شخصن ۾ شمار ٿيو. ڪيترين ئي اهم راڄنيتي ذميوارين هن جي سپرد ٿيون، جي هن انتهائي ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏنيون.

رومي شهنشاهيت جي طاقت ۽ شان ان وقت پنهنجي چوٽيءَ تي پهتل هئا. ٻين ڪيترن ملڪن کان سواءِ، خود يونان پڻ سندن قبضي ۾ هو. ان زماني جي ٻين يوناني عالمن ۽ بزرگن وانگر، پليوٽارچ پڻ ڪجهہ وقت روم ۾ رهيو. جتي کيس حڪومت جي هڪ اعزازي صلاحڪار جو رتبو پڻ حاصل ٿيو پر ڏارين کان مليل ان اعزاز کي هن فخر جي قابل نہ سمجهيو ۽ پنهنجيءَ ڪنهن بہ تحرير ۾ ان جو هن ذڪر ڪونہ ڪيو آهي .

عين ان وقت جڏهن ڪاميابي سندس پير چُمي رهي هئي ۽ سندس شهرت پنهنجي عروج تي هئي، تڏهن اوچتوئي اوچتو هو روم جهڙي مرڪزي ۽ ناميار شهر کي خيرباد چئي، موٽي پنهنجي ننڍڙي گمنام ڳوٺڙي ۾ اچي رهيو، جتي ڪنهن طرح غريباڻي روزگار جي بندوبست ڪرڻ کان پوءِ، هو فورن ڳوٺ جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت جي ڪم ۾ لڳي ويو. ڪانئس پڇيو ويو تہ "تو جهڙي ناميار ۽ قابل شخص کي ڪيرونيا جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ گذارڻ ڪيئن ٿو پڄي؟" تڏهن جواب ڏنائين: "برابر، ڪيرونيا ننڍڙو ڳوٺ آهي، پر منهنجي ڇڏي وڃڻ ڪري تہ هيءَ ويتر ننڍڙو ٿي پوندو"!

پليوٽارچ جو سڀ کان مشهور ڪتاب "حياتيون" نالي سان آهي، جنهن جي لکڻ مان سندس خاص مقصد هيءُ هو تہ پنهنجي ديس ڀائين کي يونان جي عظمت ۽ يونان جي تهذيب جي برتريءَ جا سبق ياد ڏياري ۽ ڪين ثابت ڪري ڏيکاري تہ سندن يونان ديس ۽ يوناني تهذيب کي هر طرح روم ۽ رومي تهذيب تي فوقيت حاصل هئي. انگريزي ٻوليءَ جي جڳ مشهور شاعر، شيڪسپيئر جا ناٽڪ گهٽي ڀاڱي پليوٽارچ جي انهيءَ ڪتاب ۾

بيان ٿيل قصن ۽ واقعن تي ٻيٺل آهن. سندس ٻين سيني متفرقہ تصنيفن کي گڏي "نصيحتون" نالو ڏيو ويو آهي، جن ۾ "محبت تي مڪالمو" ۽ "برادرانہ سلوڪ" ، "شادي"، "ٻارن جي تعليم" ،"خوشامد ۽ دوستي" ۽ "قناعت" تي مضمون ۽ "پنهنجي زال ڏانهن پرچاءَ جا خط" وڌيڪ مشهور آهن. پليوٽارچ جي سيني تصنيفن ۾ ماڻهپي ۽ اخلاقيات کي انسان لاءِ هڪ عظيم ۽ بنيادي پيغام طور پيش ڪيو ويو آهي، ۽ سندس فڪر جو سارو رخ ۽ سندس قلم جو سمورو زور، خاص طرح پنهنجي ديس ۾ ائين کي انهيءَ ئي پيغام پڌائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ استعمال ٿيل آهي.

پليوٽارچ جو مضمون "ٻارن جي تعليم" جيڪو هتي پيش ڪو ويو آهي، سو ان موضوع تي قديم زماني جي واحد مڪمل تصنيف جي حيثيت رکي ٿو. پليوٽارچ جي سيني تصنيفن مان هن مضمون جا ئي گهٽي ۾ گهٽا قلمي نسخا موجود آهن. يورپ جي "نئين سجاڳيءَ" واري دؤر ۾ جيڪي بہ انسان دوست عالم ۽ سڌارڪ پيدا ٿيا، سي هن مضمون کان بي حد متاثر ٿيا، ۽ خصوصاً تعليم جي ميدان ۾ ان جي فيض جو پورو ڪاٿو ڪري ئي نٿو سگهجي .تعليمي ترقيءَ جي هر تاريخ جو پهريون باب اڄ بہ هن مضمون جي حوالي سان ئي شروع ٿئي ٿو. تعليمي عمل لاءِ جيڪي خاص هدايتون ۽ اخلاقي نڪتا هن مضمون ۾ موجود آهن، سي اڄ بہ تعليمي مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ هر شخص لاءِ مشعل راهہ جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا.

پليوٽارچ جي هن لافاني تصنيف جو هيءُ سنڌي ترجمو پهريائين"نئين زندگي" ماهيانہ رسالي ۾ ڇهن قسطن ۾ شايع ٿيو هو. ۽ سنڌ جي سيني اديبن ۽ علم دوست شخصن ان کي گهڻو پسند ڪيو هو. هاڻي هيءُ مضمون هڪ هنڌ گڏ ڪري، هن ڪتابچي جي صورت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.اميد آهي تہ ان جا لائق پڙهندڙ خاص طرح ٻارن جا مائٽ، استاد ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ مثلن تعليمي تربيت وٺندڙ شاگرد ۽ ٻيا سمورا صاحب، ان مان جوڳو فائدو حاصل ڪندا.

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو

28 اپريل، 1972ع

# ٻارن جي تعليم

## (1)

آزاد والدين جي ٻارن جي تعليم ڪهڙي ۽ ڪيئن ٿيڻ گهرجي؟ ڪهڙن طريقن سان پاڪيزه اخلاق ۽ ان جي پختگي حاصل ٿي سگهي ٿي؟ اچو ته انهيءَ مسئلي تي هاڻي ويچار ڪريون.

ابتدائي نقطي طور، شايد هيءُ بهتر ٿيندو ته ڳالهه ولديت کان شروع ڪئي وڃي. اهي شخص، جيڪي شريف ٻارن جا والد ٿيڻ گهرن ٿا، تن کي پنهنجي طرفان آءُ هيءُ صلاح ڏيندس ته ڪين جهڙين تهڙين عورتن کان پاسو ڪرڻ کپي. منهنجو مطلب سريتن ۽ پيشي وارين عورتن سان آهي. اهي ٻار، جيڪي پنهنجي ماءُ توڙي پيءُ جي طرف کان حلالي نٿا ڄمن، تن تي سڄي عمر اُهو داغ چهٽيو ٿي رهي ٿو ۽ جيڪو به ڪين ڇيڙائڻ يا خوار ڪرڻ چاهي ٿو، تنهن وٽ مٿس حملي ڪرڻ لاءِ اهو طعنو هر وقت تيار رهي ٿو. اسان جي سياڻي شاعر يوريپيڊيز هن سلسلي ۾ واقعي سچ چيو آهي ته "اهي ٻار لازمي طرح بدنصيب آهن، جن جي ڄم جو بنياد نيڪ ۽ درست رکيل نه آهي".

شاناٿتو ۽ شريف ڄم ئي آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي دل کولي ڳالهائڻ جي بي بها آزادي عطا ڪري ٿو ۽ جنهن به ماڻهوءَ جو مقصد صالح ٻارن پيدا ڪرڻ جو آهي، اهو انهيءَ ڳالهه کي تمام وڏي اهميت ڏئي ٿو. هيءُ هڪ بنهه فطري ڳالهه آهي ته اُهي، جن جو ڄم شڪي ۽ داغدار آهي، سي خود پنهنجي نظرن ۾ ئي ڪريل ۽ حقير رهن ٿا. ۽ شاعر(يوريپيڊيز) هن چوڻ ۾ بلڪل صحيح آهي ته " ماڻهو ڪٽي دل جو ڪيڏو به بهادر هجي، پر جڏهن ڪيس پنهنجي ماءُ يا پيءُ جي ذلت جي ڄاڻ ٿئي ٿي، تڏهن هو غلام بڻجيو وڃي."

جنهن جو ظاهر ظهور ٻيو مطلب هيءُ آهي ته نيڪ نام والدين جا ٻار ئي باوقار بلند حوصلي وارا ٿين ٿا مثلاً ٿيمسٽوڪلس جي پٽ ڪليوفينٽس

متعلق مشهور آهي تہ هن ڪيترائي ڀيرا کلئي مجمعي ۾ هيءَ دعويٰ ڪئي تہ "جو ڪجهہ آءٌ چاهيان ٿو سو اٿينس جا ماڻهو قبول ڪن ٿا: منهنجي مرضي منهنجي ماءُ رکي ٿي، منهنجي ماءُ جي مرضي منهنجو پيءُ رکي ٿو ۽ منهنجي پيءُ جي مرضي سڄيءَ اٿينس جا ماڻهو تسليم ڪن ٿا "!

لئسيڊومينس جا رهواسي پڻ پنهنجي بلند حوصلي کان قابل تعريف آهن. جو جڏهن سندن بادشاهہ آرڪيڊيمس، هڪ ڪوتاهہ قد عورت سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. تڏهن هنن متس ڏنڊ وڌو چي، "هو اسان لاءِ بادشاهہ نہ" پر بادشاهڙا پيدا ڪرڻ ٿو گهري"!

هتي هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي، جنهن کان تحقيق اسان جا وڏا پڻ غافل ڪين هئا. ۽ اها ڪهڙي ڳالهہ تي سگهي ٿي؟ هيءَ تہ مڙس جڏهن اولاد جي غرض سان پنهنجن زالن ڏانهن وڃن.تڏهن پهريائين ڪين شراب کان يا تہ بلڪل پرهيز ڪرڻ ڪپي يا ان جو بنهہ وچٿرو استعمال ڪرڻ ڪپي. پيئر، مدهوشيءَ جي حالت ۾ جڏهن اتفاقاً تخليقي آغاز جو ٻج چٽين ٿا. تڏهن عين ممڪن آهي تہ محض ننڍاکيل ۽ موڳا ٻار ئي پيدا ٿين. انهيءَ ڪري ئي، جڏهن ڊايوجينس، هڪڙو آواره ۽ الجهيل ڇوڪر ڏٺو. تڏهن ان کي چيائين تہ"ننڍڙا ڇوڪر، ڏسجي ٿو تہ تنهنجي سرجڻ وقت تنهنجو پيءُ نشي ۾ هوا" ڄم جي سلسلي ۾ هي ڳالهيون. جيڪي پيش ڪيون ويون، سي آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪافي آهن. هاڻي آءٌ تعليم جي سوالن ڏانهن رجوع ٿيان ٿو .

عام لفظن ۾ ڳالهائيندي، آءٌ اِئين چوڻ ۾ حق بجانب آهيان تہ دستوري طور جو ڪجهہ اسين علمن ۽ فنن متعلق چئون ٿا. سو اخلاق متعلق پڻ چئي سگهون ٿا :يعني هيءَ تہ ڪنهن مڪمل طور صحيح ڪم لاءِ ساڳئي وقت ٽي چيزون لازمي آهن، ۽ اهي هي آهن: فطرت، عقل ۽ عادت."عقل" کي آءٌ "ڄاڻ" جي معنيٰ ۾ وٺان ٿو ۽" عادت" جو مفهوم مون وٽ "استعمال" يا "عمل" آهي .شروعات فطرت کان ٿئي ٿي، واڌارو ڄاڻڻ سان ٿئي ٿو ۽ان جو ڪارج استعمال يا عمل منجهان ٿئي ٿو ۽ مڪمل ڪم جو اظهار انهن ٽنهي جو گڏيل نتيجو آهي. جنهن حد تائين انهن ٽنهي شين مان ڪنهن هڪ جي بہ ڪمي واقع ٿئي ٿي، ان حد تائين اخلاق ناقص

آهي. چاڻ کان سواءِ فطرت انڌي آهي، فطرت جي پٺتيءَ کان سواءِ چاڻ اڌوري آهي، ۽ ٻنهي جي غير موجودگيءَ ۾ عمل جو ڪو مقصد ڪونه ٿو رهي. ان جو پوري ۾ پورو مثال اسان کي زراعت ۾ ملي سگهي ٿو: سڀ کان اول پلي زمين موجود هئڻ کپي، ان کان پوءِ هاري چاڙو هئڻ گهرجي، ۽ پوءِ سٺو ٻج لازمي آهي: انهيءَ مثال ۾ فطرت زمين جي مشابهه آهي، استاد يا معلم هاريءَ جي ۽ سندس اصول يا سبق ٻج جي مشابهه آهن. منهنجو پختو يقين آهي تہ اهي سڀيئي چيزون فيثاغورس ۽ سقراط ۽ افلاطون ۽ ٻين سڀني انهن شخصن جي روحن ۾ موجود عمل پيرا هيون، جيڪي اڄ لافاني شهرت جا مالڪ مڃيا وڃن ٿا .

جيڪڏهن ڪو ديوتا ڪنهن شخص کي اهي ٽيئي نعمتون عطا ڪري ٿو تہ اها ان شخص جي وڏي خوش نصيبي آهي ۽ مٿس الاهي راضپي جي اها هڪ نشاني آهي. بهرحال جيڪڏهن ڪو اِئين ٿو سمجهي تہ اهي، جيڪي فطري صلاحيت جي نعمت کان قدري محروم آهن، پر چاڻ ۽ اخلاق جي صحيح عمل ۾ ڪامياب آهن. سي پنهنجي ان فطري محروميت جي ڪافي حد تائين پورائي نٽا ڪري سگهن. تنهن کي ٻڌائڻ گهرجي تہ سندس اهو خيال البت صحيح نہ آهي .بلڪ ان ۾ هو ٻنهہ غلط آهي. جيئن بهترين فطرت بہ ڪاهليءَ سببان ڪنجي ڪُند ٿي وڃي ٿي، تيئن سٺل ۽ سست فطرت وري رهبريءَ ۽ سکيا سان جاڳي ۽ اپري سگهي ٿي: بيخيالن کان سولا ڪم بہ ڇڏايو وڃن، محنت سان ڏکيا ڪم بہ سر ٿي سگهن ٿا. محنت ۽ اوچائي موثر ۽ ڦلدائڪ آهن. تنهن جا مثال اوهين، قدرت جي ڪيترن ئي عام مناظرن کي جانچي، هر وقت ڏسي سگهو ٿا. پاڻيءَ جا ڦڙا پئجي پئجي، جبلن کي ڪوريو ڇڏين: رڪ ۽ ڪنجهو پڻ هٿن لڳڻ سان گسجيو وڃي: ۽ جڏهن هلندي هلندي رٿ جا ڦيٿا ور ڪائي وڃن ٿا، تڏهن انهن کي وري سنئين ڪرڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونہ ٿو رهي. سرڪس ۾ ڪرتبن ڏيکارڻ وارن جون ڦڏيون ٽنگون هرگز وري سڌيون ڪين ٿي سگهنديون، چا ڪاڻ تہ پورهئي ۽ استعمال انهن جي فطري شڪل ڦيرائي، غير فطري بنائي ڇڏي آهي. محنت ۽ اورچائيءَ جي اثر کي ثابت ڪرڻ جا رڳو اهي ئي مثال تہ نہ آهن: اهڙا مثال

تہ سوين بلڪ هزارين اوهان کي ملي سگهن ٿا. زمين جو هڪڙو ٽڪر فطرتاً ڀلو آهي، پر جيڪڏهن ان کي اِئين ئي ڇڏي ڏبو تہ نيٺ بگڙي خراب ٿي ويندو ۽ جيتريقدر اهو فطرتاً زياده ڀلو آهي، اوترو ئي قدر بي خيالي ۽ غفلت ان ۾ بگاڙو ۽ خرابي پيدا ڪندي ٻيو زمين جو ٽڪر معمول کان وڌيڪ سخت ۽ گڙٻڙ وارو آهي، پر جيڪڏهن ان کي ڪيڙيو ۽ سنواريو ويندو تہ هڪدم ان مان ڀلا فصل پيدا ٿيندا .ڇا،اوهان اٿين نہ ڏٺو آهي تہ جيڪي وڻ اِئين ئي پنهنجي منهن ڇڏي ڏبا آهن، سي اڪثر ڏنگا، ڦڏا ۽ ڪُسر ٿي پوندا آهن؟ پر انهن ئي وڻن کي پوءِ جڏهن صحيح طور سنڀاليو آهي،تہ اهي ڦولارجي پوندا آهن ۽ ميوو ڏيندا آهن. ڇا، بدن جون سموريون لياقتون، لاپرواهيءَ غفلت ۽ نامناسب حالتن هيٺ، ڪومائجي، جهڪيون ٿينديون ٿينديون، آخر بيجان ۽ نستيون ٿي ڪين وينديون آهن؟ پر، ٻئي طرف، هيٺا جسم پڻ، جڏهن انهن کي مناسب ورزش ڏبي آهي، تڏهن بدلجي سگهارا ۽ صحتمند ٿي پوندا آهن. گهوڙن جو ئي ڪٽي مثال وٺو :جڏهن اهي وڇيرا هوندا آهن، تڏهن انهن کي لغام ڏيئي، پنڌ سيکاريو ويندو آهي، ڇا، اهي پوءِ پوريءَ طرح پنهنجن سوارن جي حڪم ۾ نہ هوندا آهن؟ پر انهن مان جيڪي پنڌ سکيل نٿا ٿين ، سي ڪيڏا نہ ٿهٽا ۽ ڪُڏٽا ۽ قبضي کان نڪتل هوندا آهن؟پر، اسان کي هھڙن مثالن تي عجب ڪائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪيترائي ٻنهہ وحشي ۽ گور جانور آهن، جي پڻ ڪشالي ۽ جهد سان هڪدم هري مري، گهريلو ٻنجي وڃن ٿا. جڏهن ٿسيليا جي هڪڙي رهواسيءَ کان پڇيو ويو تہ ٿسيليا جا ڪهڙا رهواسي سانتيڪا ۽ صلح پسند آهن، تہ ڏسو تہ ڪهڙي نہ پوري ۽ پختي ورندي ڏنائين! چي: "اهي، جن وڙهڻ ڇڏيو آهي!" آءُ سمجهان ٿو تہ وڌيڪ ان باري ۾ مثالن ۽ سمجهاڻين پيش ڪرڻ جي هاڻي ضرورت ڪانہ آهي. اخلاق هڪ مستحڪم عادت آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو اخلاق جي چڱاين کي عادت جو چڱايون سڏي تہ ان کي هرگز انهيءَ ۾ غلط چوڻ نہ گهرجي. بهرحال، هن مسئلي متعلق آءُ فقط هڪڙو وڌيڪ مثال استعمال ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجو بيان بند ڪندس.

لئسيڊومينس جي قائد، لائڪر گس، هڪ ڀيري ساڳيءَ ڪتيءَ جا ٻه گلر هٿ ڪري، هڪٻئي جي بلڪل ابتڙ انهن جي پرورش ۽ تربيت جو انتظام ڪيو. جنهن ڪري انهن مان هڪڙو بنهه لوسي ۽ چور ۽ ٻيو ان جي برخلاف زبردست پيري ۽ شڪاري ڪتو بڻجي ويو. پوءِ جڏهن لئسيڊومينس جا رهواسي عام اجلاس جي موقعي تي اچي گڏ ٿيا، تڏهن هن کين چيو: "اوهان کي ڄاڻڻ گهرجي ته عادت ۽ تربيت ۽ سکيا ۽ ضابطي کي تمام وڏي اهميت آهي. اها ڳالهه ائين آهي، اوهان کي هاڻي اهو ثابت ڪري ٿو ڏيکاريان". هن پوءِ اهي ٻه ڪتا گهرايا ۽ انهن جي اڳيان هڪڙي ڪاڏي پريل چٽ رکايائين ۽ هڪڙو سهو پڻ آڻي ٻيهاريائين، ۽ پوءِ ٻنهي جي رسين ڪيڙڻ جو حڪم ڏنائين. رسين ڪيڙڻ تي، هڪڙو ڪتو ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جو خيال نه ڪندي، هڪدم وٺي سهي جي پنيان ڀڳو ۽ ٻيو ڊوڙي وڃي چٽ جي مٿان بيهي رهيو! لئسيڊومينس جا رهواسي سمجهي ڪين سگهيا ته هن اهي ڪتا آخر ڇو گهرايا هئا، ۽ انهيءَ مظاهري مان سندس مطلب آخر ڪهڙو هو. تنهن تي لائڪرگس کين چيو" :اوهان کي خبر هئڻ گهرجي ته هي ٻئي ساڳيءَ ماءُ جا گلڙا آهن، پر انهن جي تربيت الڳ الڳ ۽ مختلف ٿيل آهي ۽ ان جو نتيجو اوهان ڏٺو. منجهانئن هڪڙو لوسي بنجي ويو آهي ۽ ٻيو شڪاري!" عادتن ۽ زندگيءَ جي اطوارن متعلق بس ايترو چئي، ڳالهه اتي ختم ڪريان.

هن کان پوءِ ٻارن جي خوراڪ جو مسئلو اسان جو ڌيان لهڻي. ان متعلق آءٌ بس هيئن چوندس ته مائرن جو فرض آهي ته پنهنجن ٻارن کي پاڻ کارائين پيارين ۽ انهن کي ڇاتيءَ سان لائي، پاڻ ٻبو ڌارائين. هو پاڻ ٿي انهن کي پوري ڌيان ۽ پنهنجائپ سان تاتي ۽ نپائي سگهن ٿيون، ڇا ڪاڻ ته هو ٿي دل جي گهراين سان، ۽ جيئن چيو ويندو آهي_ "پيرن جي نهن تائين"_ انهن کي پيار ڪري سگهن ٿيون. تيج_ مائرن ۽ داين جو پيار ڪوڙو ۽ هٿراڌو ٿئي ٿو، ڇا ڪاڻ ته هو فقط اُجوري خاطر پيار ڏين ٿيون. خود فطرت پڻ انهيءَ ڳالهه کي واضع ڪري ٿي ته ٻارن جو نيپاج ۽ سنڀال مائرن کي ئي ڪرڻ گهرجي، ڇا ڪاڻ ته هو ئي کين ڄڻين ٿيون: هر اهو جانور، جيڪو ٻچا ڄڻي ٿو تنهن کي فطرت طرفان کير جو ذخيرو پڻ عطا ٿئي ٿو. فطرت

جي دور انديشيءَ ۾ تحقيق ڏاهپ ڀريل آهي. فطرت طرفان عورتن کي ٻه ٻُيا مليل آهن، انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن کين جاڙا ٻار ڄمن، ته انهن لاءِ وٽن خوراڪ جا ٻه الڳ الڳ وسيلا موجود هجن. بهرحال، انهيءَ ڳالهه کان سواءِ ٻه مائرون پنهنجن پيٽ ڄاول ٻچن سان لازمي طرح وڌيڪ پيار ۽ شفقت سان پيش اچي سگهن ٿيون،" زيئس" جو قسم! اها ڳالهه بلڪل معقول ۽ ظاهر آهي. خوراڪ جي رفاقت پيار جي ڳنڍ کي مضبوط ڪري ٿي. جيڪي جانور پنهنجن ڪائڻ پيئڻ جي ساٿين کان وڇڙي ويندا آهن، اهي اُباٽڪا پيا ڏسبا آهن ۽ سندن وڇوڙي جو احساس سندن منهن ۾ صاف ڏسڻ ۾ پيو ايندو آهي .

تنهنڪري، جيئن مون چيو آهي، مائرن تي لازم آهي ته پنهنجن ٻچن جي تاتڻ ۽ نپائڻ جي هوُ پاڻ ڪوشش ڪن .پر جيڪڏهن ڪنهن جسماني نقص سبب (ڪڏهن ڪڏهن اهڙا حادثا ٻه پيش ايندا آهن) يا انهيءَ ڪري جو کين ٻين ٻارن چٽڻ جي تڪڙ آهي، اِئين ممڪن ٿي نه سگهي، ته ان حالت ۾ ٿيج_ مائرن ۽ داين جو انتخاب تڙتڪڙ ۾ ۽ اکيون پوري نه ڪرڻ گهرجي; پر انهي جي حاصل ڪرڻ ۾ بيحد ويچار ۽ احتياط کان ڪم وٺڻ کپي. ان لاءِ، سڀ کان پهريائين، هي لازمي آهي ته اهي ڪردار ۽ گفتار ۾ يوناني هجن، ڇا ڪاڻ ته جيئن هي ضروري آهي ته ٻالڪ جي جسماني عضون جو ڄمڻ سان ئي خيال رکيو وڃي ته ڪنهن ريت اهي ڏنگا ڦڏا ٿي نه وڃن، پر سڌا ۽ سنوان اُيرن ۽ وڌن، تيئن هي پڻ ضروري آهي ته ٻارن جي اخلاقي اوسر کي پڻ شروع کان ئي ضابطي هيٺ رکيو وڃي. ننڍپڻ جو زمانو مُڙندڙ۽ اثر پزير ٿئي ٿو ۽ اعليٰ سبق انهن جي روحن سان ان زماني ۾ ئي ملائي ڇڏڻ گهرجن، جڏهن اهي اڃا نرم هجن; شيون جڏهن سخت ٿي وڃن ٿيون، تڏهن انهن کي آسانيءَ سان موڙي نٿو سگهجي. جيئن نرم لاک تي ئي مهرون پنهنجا ڇٽا نشان ڇڏين ٿيون، تيئن سبق پڻ، جڏهن اسين اڃا ٻار آهيون، تڏهن اسان جي دلين تي پورا نقش ٿي وڃن ٿا. منهنجي راءِ ۾، اسان جي محترم افلاطون، داين کي هي ٻنهه سون جهڙي صلاح ڏني آهي، ته هو جڏهن ٻارن کي آکاٽيون ٻڌائين، تڏهن کين گهرجي ته انهن جي چونڊ ۾ پوري احتياط ۽ عقل کان ڪم وٺڻ،

جيئڻ ائين نہ ٿئي، جو ٻارن جا ذهن شروع ۾ ئي حماقت ۽ بديءَ سان ڀرجي وڃن. فاسيليڊيز شاعر پڻ ڏسجي ٿو تہ انهيءَ سلسلي ۾ بهترين صلاح ڏني آهي: سندس چوڻ آهي تہ" ٻار اجان ٻار ئي هجي تڏهن ئي ان کي اعليٰ ۽ شاندار عمل سيکارڻ گهرجن."

۽ هتي هڪڙي ٻي ڳالهہ آهي، جنهن کي پڻ ڪنهن طرح وسارڻ نہ گهرجي. جڏهن پنهنجي اولاد لاءِ اسين غلامن جا ٻار مقرر ڪريون ٿا تہ سندن خادم ۽ ساٿي ٿي رهن، تڏهن اسان کي پهريائين گهرجي تہ اهي چونڊي اهڙا مقرر ڪريون، جيڪي هلت چلت ۾ موچارا ۽ باتميز هجن ۽ جيڪي صاف ۽ شستہ يوناني ٻولي ڳالهائي ڄاڻندا هجن. تان تہ اسان جا ٻار انهن جي سنگ ۾ ڌارين ۽ نفرت جوڳين عادتن جا شڪار نہ ٿي وڃن ۽ ڪانئن ڪنهن قسم جي ڪا بيهودي روش سِکي نہ وٺن. هن معاملي ۾ هيءَ عام چوٽي ٺهڪي ٿي اچي تہ "منڊي جي سنگ ۾ ڪو منڊو نہ ٿيندو تہ بہ منڊڪائيندو ضرور"!

## (2)

پوءِ جڏهن هو (پار) عمر ۾ وڌن ۽ ڪنهن سنياليندڙ يا نگهبان جي حوالي ڪرڻ جهڙا ٿين، تڏهن سندن نگهبان جي چونڊ ۾ خاص خبرداريءَ کان ڪم وٺن ڪپي. اسان کي، غفلت ۽ لاپرواهيءَ کان ڪم وٺندي، هرگز انهن کي غلامن يا غيريونانين يا ناقابل اعتبار شخصن جي حوالي ڪري ڇڏڻ نہ گهرجي. هن وقت جيڪي حالتون آهن، تن کي سامهون رکندي، چئي سگهجي ٿو تہ هن ڳالهہ ۾ ماڻهن جو عمل بي حد نامعقول آهي. پنهنجن سنجيده طبع ۽ فرض شناس غلامن مان ڪن کي تہ هو پنهنجي زمين تي ڪمدار مقرر ڪري ڇڏين ٿا ۽ ڪن کي غورابن جا ناکئا، ڪن کي وَاپار جا گماشتا، ڪن کي ناظم ۽ ڪن کي خزانچين طور مقرر ڪن ٿا، پر جڏهن خبر ٿي پوين تہ سندن ڪو غلام نشي ۽ پيٽي ۽ بنهہ فضول ۽ بئي ڪم جو نہ آهي، تہ پنهنجا پٽ آڻيو انهيءَ جي حوالي ڪريو ڇڏين! پر حقيقت ۾ ٻارن جو نگهبان اهو هئڻ گهرجي، جو نيڪ ۽ صالح شخص هجي، جنهن جو "فينڪس"• جهڙو ڪردار هجي، جيڪو "ائڪيلس" جو استاد هو .

هاڻي آءٌ سپ کان وڏيءَ ۽ تحقيق هڪ بي حد اهم ڳالهہ تي اچان ٿو. پنهنجن ٻارن لاءِ اسان کي گهرجي تہ استاد اهڙا چونڊيون، جن جي زندگي خواريءَ ۽ بدناميءَ کان بچيل هجي، جن جي چال چلت بي عيب هجي ۽ جيڪي چڱن ۽ عزت وارن ماڻهن جي سنگ ۾ اٿندا ويهندا هجن. آزمايل ۽ روايتي تعليم ئي ڀلمانسائيءَ جو سرچشمو ۽ اصلي بنياد آهي.

---

• ققنس يا عنقا: هڪ خيالي پکي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ پنج_ڇهہ سؤ ورهيہ جيئري رهڻ کان پوءِ هو چکيا بنائي، پاڻ کي ساڙي ڇڏيندو آهي ۽ ان پنهنجي رک مان ئي پوءِ ٻيهر جنم وٺندو آهي. يونان جي نيم تاريخي سورمي "ائڪيلس" جي نگهبان ۽ استاد سان، سندس امتيازي ۽ نادر شخصيت جي مالڪ هئڻ سبب، اهو لقب منسوب هوندو هو.

جيئن سڄاڻ باغائي پنهنجن نازڪ ٻوٽن جي اپرڻ لاءِ انهن جي پاسن کان سڌيون ڪاٺيون ڏيئي ڇڏيندا آهن، تيئن آزمايل ذميوار استاد پڻ پنهنجن جوان عمر شاگردن جي آڏو اصولن ۽ نصيحتن جا اڏول پايا بيهاري ڇڏيندا آهن؛ ته جيئن سندن اخلاق جي اوسر جيئن پوءِ تيئن مٿي ۽ سنئين سڌي ٿيندي رهي. اڄڪلهه جا ڪي اسان جا پيئر سخت ملامت جا لائق آهن، جن وٽ کهڙا به شخص جيڪڏهن اچي ٿا دعوي ڪن ته اسين تعليم جا ڄاڻو آهيون، ته سواءِ ڪنهن پڇا ڳاڇا جي، پنهنجي اڻڄاڻائيءَ کان، يا ڪن حالتن ۾، تجربي نه هئڻ سبب، هو پنهنجن پٽن جون قسمتون انهن بنهه فضول ۽ باطل شخصن کي سونپي ٿا ڇڏين .جيڪڏهن تجربي نه هئڻ سبب هوائين ڪن ٿا، ته ڳالهه البت ايڏي مضحڪ خيز نه آهي، پر حماقت جي انتها هيءَ آهي ته ڪي پيئر هي ڄاڻندي ڪندي ۽ پين باخبر ماڻهن کان ٻڌندي ڪندي به، ته هي يا هو استاد نالائق ۽ بدڪردار آهن، پنهنجا پٽ وري انهن ئي جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا؛ يعني پاڻ وٽائڻ لاءِ جيڪو به هٿ ٻڌي سندن سامهو اچي ٿو بيهي، ته هو ان کي هر طرح جو لائق ۽ فائق استاد سمجهي ويهي ٿا رهن، ڪي وري دوستن جي سفارش ۽ زور پرڻ تي اِئين ڪن ٿا. سندن ان روش جو مثال به اهوئي آهي ته ڪو ماڻهو جسماني طور بيمار هجي، پر هڪ ماهر طبيب، جيڪو کيس بچائي سگهي ٿو تنهن کي ڇڏي، محض هڪ دوست جي زور پرڻ تي، پاڻ وڃي هڪڙي اهڙي نيم طبيب جي حوالي ڪري ٿو جيڪو پڪ ئي پڪ کيس موت جي منهن ۾ ڏيئي ڇڏيندو.

ان جو ٻيو مثال هيءَ آهي ته ڪو ڏيساوري سوداگر هڪڙي آزمودگار ۽ سڄاڳ ناکئي کي جواب ڏيئي، پنهنجي ڪنهن دوست جي چوڻ تي، پنهنجو ٻيڙو هڪڙي اڄاڻ ۽ اڻ آزمودگار شخص جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي، جنهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن ويٺي کي هٿ لائڻ ته ڇا، پر ٻيڙي تي ڪڏهن پير به نه رکيو هجي. زيئس ديوتا ۽ سندس مقدس سنگت جو قسم! ڇا، اهو ماڻهو جيڪو پاڻ کي پيءُ سڏائي ٿو سو ڪڏهن اِئين به ڪري سگهي ٿو جو پنهنجي اولاد جي تعليم کان وڌيڪ هو پنهنجي دوستن ۽ عرضدارن جي خوشنوديءَ جو اونو رکندو هجي!

زندگيءَ جي سالم صحتمند ضابطي کي عدولين ٿا ۽ ڇڙواڳي ۽ عياشيءَ جا غلام بنجي ٿا وڃن. تڏهن پيئر پنهنجن ٻارن جي تعليم جي سلسلي ۾ پنهنجي لاپرواهيءَ ۽ غفلت کي ياد ڪري بي حد پڇتائين ٿا، ۽ جڏهن افسوس ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونہ ٿو ٿئي، تڏهن دل کولي پنهنجي ڪئي تي ويهي افسوس جا هٿ مهٽين ٿا. اهڙي قسم جا ڪي پٽ پوءِ خوشامدڙين ۽ محض ڪاڏي جي بڪين جي وڃي ٿا ور چڙهن، جن خسيس ۽ بدڪردار شخصن جو سواءِ نوجوانن کي ڪارڻ ۽ بدراهہ ڪرڻ جي، ٻيو ڪو ڌنڌو ئي ڪونهي. ٻيا وري اڪيون ٻوتي، وڃيو سُريتُن ۽ بازاري عورتن جي صحبت خريدين، جن جو منهن جيترو حياءَ کان خالي آهي، اوترو ئي ان ۾ پئسي جي بک پريل رهي ٿي. ڪي پنهنجي ملڪيت وات جي چسڪي ۽ بت جي پيڪي تي وڃائي ڇڏين ٿا، ۽ ٻيا وري جوئا ۽ عيش ۾ ان کي اڏائي ٿا ڇڏين. منهنجانئن ڪي تہ انهن کان بہ زياده ذليل ڪمن، جهڙڪ زنا ۽ اغلام ڪاريءَ جي مجلس آرائين ۾ وڃي ٿا اڙجن. تان جو ڪن حالتن ۾ صرف هڪڙي انڌي عيش جي بدلي ۾ کين پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ڇڏڻا پون ٿا. پر هي ماڻهو جيڪڏهن فڪر ۽ ڏاهپ جو ڪو انگ سڪيل هجن ها، تہ شايد ههڙن رستن ۾ هو اِئين گهلجي کين وڃن ها. ڪم از ڪم "ڊايوجينس" جي هن هلڪيءَ، پر حقيقتاً صحيح هدايت مان هو ضرور ڪجهہ سبق حاصل ڪن ها: "اوهان جي مرضي، ڪهڙيءَ بہ بازاري عورت ڏانهن وڃو: اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ جنهن ڳالهہ لاءِ اوهين پئسا ٿا پريو سا اهائي آهي، جيڪا اوهين (پنهنجي لاءِ پاڻ ڪري سگهو ٿا ۽) بي مُلهي حاصل ڪري ٿا سگهو"!

ڳالهہ جي نچوڙ طور آءٌ چوان ٿو (۽ جيڪي آءٌ چوان ٿو تنهن کي محض هدايت جو نہ، پر هڪ الهامي قول جو درجو حاصل آهي) تہ هنن مسئلن ۾ هڪڙو ئي بنيادي ۽ بهترين نڪتو شروع ۾، وچ ۾، ۽ آخر ۾ خيال ۾ رکڻ جهڙو آهي، ۽ اهو هيءَ آهي: صالح تربيت ۽ سالم تعليم، ۽ آءٌ اعلان ٿو ڪريان تہ اِهوئي نڪتو آهي، جنهن جي مدد سان ماڻهو اڳتي وڌي ٿو ۽ ڪماليت ۽ مسرت حاصل ڪري ٿو. انهيءَ نڪتي کان علاوه ٻيا سڀ مقصد ۽ ٻيون سڀ ڳالهيون رواجي ۽ خسيس آهن، ۽ ڪنهن بہ ڪوشش

جي لائق نہ آهن. نسل جي شرافت سٺي شيءِ آهي، پر اها اسان جي وڏن جي فضيلت آهي. دولت وسيلي عزت حاصل ٿئي ٿي، پر دولت قسمت جي اختيار ۾ آهي، جيڪا ان کي هڪڙي ڪان ڪسي ٻين جي حوالي ڪريو ڇڏي _انهن جي، جن ان کي ڪڏهن خواب ۾ بہ ڪين ڏٺو هو .ٻئي ڪندي، گهٽي دولت اهو سولو نشان آهي، جنهن تي هر ڪو شخص، جنهن جي اک اسان جي کيسن تي رهي ٿي _مڪار غلام، لالچي دوست، چالباز دشمن_ هر وقت پنهنجي حرص جا تير ڇٽيندو رهي ٿو. بدترين چيز هيءَ آهي تہ ذليل کان ذليل بدمعاش ۽ شودا شخص بہ دولت جا صاحب ٿي سگهن ٿا. نيڪنامي پڻ وڏو اثر رکي ٿي، پر افسوس جو ان کي خاص جٽاءُ ڪونهي! حسن اها نعمت آهي، جنهن لاءِ هر ڪو واجهائي ٿو پر ان جو عرصو ڪيڏو مختصر ٿو ٿئي! صحت زندگيءَ جو آڌار آهي، پر اها ڪنهن بہ وقت بگڙي سگهي ٿي. سگهہ ماڻهوءَ جو بي مثل ڏڍ آهي، پر بيماري ۽ عمر ان کي هيٺو ڪريو ڇڏين .مطلب تہ ڪو بہ شخص، جيڪو پنهنجي هانيءَ تي فخر ٿو وٺي، تنهن کي هيءَ خبر ڏيڻ گهرجي تہ اهو سندس ايمان اجايو آهي. سچ پچ تہ ٻين حيوانن جي طاقت جي ڀيٽ ۾ انسان جي سگهہ ڪيتري نہ خفيف ۽ معمولي آهي !هاٿين، سانهن ۽ شينهن کي خيال ۾ آڻيو.

اسان جي سڀني صفتن ۾ فقط اسان جي علميت يا ڄاڻ ئي مقدس ۽ لافاني آهي. ٻہ چيزون جيڪي انساني فطرت جون امتيازي خصوصيتون آهن، سي آهن عقل ۽ نُطق. هنن ٻنهي منجهان عقل نطق تي حاوي آهي، ۽ نطق عقل جي خدمت بجا آڻي ٿو. عقل قسمت جي وار کان محفوظ، تهمت کان بي نياز، بيماريءَ جي اثر کان ڇٽل ۽ عمر جي حملي کان بچيل رهي ٿو. عقل ئي آهي، جيڪو عمر جي وڌڻ سان جوان ٿيندو رهي ٿو. ۽ وقت جيڪو ٻيءَ هر چيز کي گهٽائي ٿو سو عمر گذرڻ سان سمجهہ کي وڌائيندو ئي رهي ٿو. لڙائي سڀني شين کي سيلاب وانگر پنهنجي سامهون ٻهاريو کنيو وڃي، ڄاڻ ئي آهي، جنهن کي نابود ڪرڻ جي لڙائي ۽ کي ڪا طاقت ڪانهي . منهنجي خيال موجب، مگيريائي فيلسوف، اسٽلپو جو گفتو تحقيق دائمي ياد رهڻ جوڳو آهي. جڏهن ڊيميٽرس سندس شهر مگيريا جي ماڻهن کي شڪست ڏني ۽ پنهنجو غلام بنايو ۽ شهر کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو تڏهن

هن استلپو ڪان سوال ڪيو:"استلپو توکي ڪو نقصان رسيو آهي؟" "نہ، ڪجهہ بہ نہ!" استلپو جواب ڏنو "لڙائي نيڪيءَ کي نہ ڦري ٿي سگهي، نہ لُٽي ٿي سگهي "!سقراط جو جواب پڻ اهڙي ٿي انداز وارو ۽ ايڏو ئي عظيم هو. جڏهن جارجيس ڪانئس ايران جي بادشاهہ متعلق راءِ دريافت ڪئي ۽ پڇيو تہ آيا هن جي خيال ۾ ايران جي بادشاهہ کي اطمينان ۽ مسرت حاصل هئي، تہ سقراط کيس جواب ڏنو: "مون کي خبر نہ آهي تہ هو ڪيتري قدر نيڪيءَ ۽ ڄاڻ جو صاحب آهي!" جنهن مان ظاهر آهي تہ سقراط جي نظر ۾ خوشي انهن ٽي ٻن چيزن جو مرڪب آهي، ۽ قسمت جي ناپائدار عنايتن جو اُن سان ڪو بہ واسطو ڪونهي.

# (3)

جيتري زوردار آءُ هيءُ صلاح ٿو ڏيان تہ ٻارن جي تعليم اسان کي پنهنجي سڀ کان وڏي جوابداري سمجهڻ گهرجي، ايتري قدر ئي آءُ هن ڳالهہ تي پڻ زور ڏيان ٿو تہ تعليم هر حالت ۾ بي داغ ۽ صالح قسم جي هئڻ گهرجي .اسان کي کپي تہ پنهنجن جوان ٻارن کي پيشور تقريربازن جي فضول لفاظين کان هر طرح پري رکڻ جي ڪوشش ڪريون. ان جو سبب هيءُ آهي تہ جن ڳالهين مان انبوهہ راضي ٿئي ٿو، اهي ڳالهيون لازمي طور ڏاهن ۽ سمجهدار شخصن جي رنج جو باعث بنجن ٿيون. ان جي تصديق اسان جي شاعر جي هن قول مان پڻ ٿئي ٿي: ڇي، ”انبوهہ جي اڳيان ڳالهائڻ لاءِ مون ۾ ڪو ڍنگ ڪونہ آهي، پنهنجن دوستن جي اڳيان البت آءُ وڏيءَ هوشمنديءَ سان ڳالهائي سگهان ٿو ۽ تحقيق منهنجا دوست بہ ڪي گهٽا ڪونہ آهن. ۽اها چيز سياويڪ پڻ آهي، ڇا ڪاڻ تہ اهي، جن کي عقلمند ماڻهن وٽ ڪا اهميت ڪانہ هوندي آهي، سي انبوهہ جي اڳيان ڳالهائڻ ۾ چٽڪي پوندا آهن تہ بس ئي ڪانہ ڪندا آهن.“ هن سلسلي ۾ منهنجو پنهنجو مشاهدو آهي تہ اهي، جيڪي ڪوشش ڪري خسيس ماڻهن کي خوش ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن، اهي پاڻ بہ اهڙا ئي خسيس هوندا آهن ۽ عام طور ضابطي کان نڪتل ۽ عيش جي غلاميءَ واريون زندگيون گذاريندا آهن. ۽ زيئس ديوتا جو قسم، اها هڪ لازمي ڳالهہ پڻ آهي. جيڪڏهن هي شخص ٻين ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديءَ شرافت جي ليڪي کي نٽا سجائن، تہ ظاهر آهي تہ هو خودپرستيءَ ۽ ذاتي نفعي کان مٿي نيڪو ڪاريءَ ۽ اصول پرستيءَ کي ڪڏهن بہ اهميت ڏيئي ڪين سگهندا، ۽ هر حالت ۾ اهي اخلاق ۽ خودضابطگيءَ تي حرص هوس ۽ عيش پرستيءَ کي ئي ترجيع ڏيندا رهندا .

تنهن کان سواءِ معصوم ٻارن ڏوهہ بہ نيٺ ڪهڙو ڪيو آهي، جو ڪين فضول ۽ بي بنيادي ڳالهيون ٻڌايون وڃن! بي مقصد گفتگو ۽ بي مقصد عمل کان پرهيز ڪرڻ هڪ نيڪ ڳالهہ آهي، ۽ جيئن چيو ويندو آهي،" هر ڪا نيڪ ڳالهہ مشڪل ڳالهہ ٿئي ٿي." گهڙيءَ جي اشاري تي جيڪي اٿي پنهنجي تقريربازيءَ جا ڪرتب ڏيکاريندا آهن، سي ڇاڙي تہ گهٽي هڻندا آهن، پر درحقيقت ڪين نہ ڳالهہ جي اڳياڙيءَ جي ڄاڻ هوندي آهي، نہ ان جي پڇاڙيءَ جو ڪو پتو پوندو اٿن. اهڙا شخص پنهنجي تقرير بازيءَ جي جولان ۾ ٻيا جيڪي پوڳ ڪندا آهن، تن کان علاوه، سچ پچ تہ سندن تقرير ۾ سواءِ واهيات بڪ جي، ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي. ڳالهائڻ ۾ معقول حد کان ٽپي نہ وڃجي، تنهن لاءِ فڪر جي لغام جي ضرورت آهي. اسان جي فيلسوف سياستدان، پيريڪلس متعلق اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن ماڻهو کيس تقرير ڪرڻ لاءِ چوندا هئا، تہ هو اڪثر انڪار ڪندو هو ۽ چوندو هو: " مهرباني ڪري مون کي معاف ڪريو . جو منهنجي تياري ٽيل ڪانہ آهي!" حڪيم ڊيموسٿنيز پڻ جيڪو پيريڪلس جي نقش قدم تي سختيءَ سان عمل پيرا رهندو هو اٿينس جي رهواسين جي اهڙي اصرار تي اڪثر ڪين اهوئي عذر پيش ڪري، ڪانئن معافي وٺندو هو. ڊيموسٿنيسز متعلق هيءَ روايت ممڪن آهي تہ ڪجهہ خيالي هجي، ۽ ان لاءِ ڪا پڪي سند موجود بہ ڪانهي، پر هڪ ڀيري "ميڊياس" جي خلاف تقرير ڪنديء ان معاملي ۾ فڪر جي ضرورت کي هن نهايت زوردار نموني ۾ واضع ڪيو آهي. سندس اصلوڪا لفظ هي آهن: "اي اٿينس جا رهواسيو! آءٌ اعلان ٿو ڪريان تہ مون هن مسئلي تي ڪافي غور ۽ فڪر ڪيو آهي ۽ اوهان کي بہ ٻڌائڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس ڪونہ ٿو ڪريان تہ مون، پنهنجي وس آهر، هن تقرير جي ڪافي مشق پڻ ڪئي آهي .جيڪا قدر افزائي اوهان منهنجي ڪندا رهيا آهيو ۽ ڪريو ٿا، تنهن کي ڏسندي، تحقيق اها منهنجي احسان فراموشي ٿيندي، جيڪڏهن آءٌ سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي، بيهي اوهان جي سمع خراشي ڪريان ۽ اوهان جو وقت وڃايان."

بهرحال، هنن ڳالهين مان منهنجو هرگز اهو مطلب ڪونهي تہ ڳالهائڻ جي عادت هر حالت ۾ بُري آهي، منهنجو فقط هيءُ چوڻ آهي تہ جيئن دوا وقت

سر ونبي آهي، ۽ ضرورت سارو ونبي آهي، تيئن ڳالهائڻ بہ وقت سر ۽ ضرورت سارو هئڻ گهرجي.

جيستائين ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ذهني پختگي پيدا نہ ٿي آهي، تيستائين منهنجو خيال آهي تہ هن کي ڪنهن بہ صورت ۾ جيئن جو تيئن ڳالهائڻ نہ کپي: پر جڏهن سندس صلاحيتن جون پاڙون پختيون ٿي چڪيون هجن، تڏهن هو موقعي آهر ۽ مناسب انداز ۾ جيڪڏهن اِئين آزاديءَ سان ڳالهائي، تہ ان جي ڪيس اجازت هئڻ کپي، ۽ اهو سندس حق پڻ آهي. جن ماڻهن جا پير گهڻو عرصو زنجيرن ۾ ٻڌل رهندا آهن، سي ڪافي وقت ان پابنديءَ تي هِريل هجڻ سبب، هلڻ مهل، پوري وک کڻي ڪونہ سگهندا آهن، ۽ پوءِ جڏهن سندن پيرن مان زنجير نڪرندا آهن، تڏهن بہ آزاديءَ سان اڳتي هلڻ ۾ اهي وک وک تي پيا ڪيٻائيندا آهن. اها ساڳي حالت انهن ماڻهن جي پڻ ٿئي ٿي، جيڪي گهڻو عرصو پنهنجي زبان تي بنهہ تالو چاڙهي ٿا ڇڏين، ۽ پوءِ آزاديءَ سان کين ڳالهائڻ جا کڻي ڪيترا بہ مناسب موقعا ملن، تڏهن بہ سندن ڳالهائڻ ۾ اٽڪ هميشہ موجود ٿي رهي ٿي آءٌ ميجان ٿو تہ اِئين برابر آهي، پر اها بہ هڪ ثابت ٿيل حقيقت آهي تہ ذهني طور جيڪي اڃا پختا ڪونہ ٿيا آهن، تن کي ڪليل اجازت ڏيئي ڇڏڻ تہ جيئن اچين، تيئن پيا ڳالهائين، تنهن مان اُهي سواءِ فضول بڪ بڪ سکڻ جي، ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ پرائيندا. ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪڙي نصيب ڦٽل مصور پنهنجي هڪ تصوير اپليس جي اڳيان پيش ڪندي، ڪيس ٻڌايو تہ "هيءَ مون بنهہ هاڻي ڪئي آهي!" جنهن تي اپليس ڪيس جواب ڏنو تہ: "تنهنجي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي مون سمجهيو تہ اها تو تڙتڪڙ ۾ ڪئي آهي. خبر ناهي تہ ٻيون گهڻيون تصويرون تو اِئين ڪيون آهن!"

هاڻي، مضمون جي مکيہ ڳالهہ ڏانهن موٽندي، ان سلسلي ۾ آءٌ هيءَ ئي صلاح ڏيڻ گهران ٿو تہ ڳالهائڻ ۾ ماڻهوءَ کي جيئن ناٽڪي ۽ نمائشي ڍنگ کان پاسو ڪرڻ کپي، تيئن ڪيس خسيس ۽ معمولي ڳالهين کان پڻ پرهيز ڪرڻ گهرجي. هڪ طرف جيڪڏهن طول بياني ڏاهپ جي نشاني نہ آهي، تہ ٻئي طرف لفظن جو بيحال بخل پڻ هميشہ بي اثر ثابت ٿئي ٿو. جيئن انسان جو جسم نہ فقط ڪامل، پر صحتمند پڻ هئڻ گهرجي، تيئن

ڳالهائڻ به فقط صاف سٿرو پر ساڳئي وقت ڳنڀير ۽ مايه دار پڻ گهرجي. هر ڳالهه ۾ احتياط بيشڪ هڪ وڻندڙ شيءِ آهي، پر حوصلو ۽ همت ان کان زياده ساراه لائق شيون آهن .ڳالهائيندڙ جي نفسياتي ڪيفيت جي متعلق پڻ منهنجو اهوئي رايو آهي. ڳالهائيندڙ کي نه ايترو نبل ۽ نيازمند ٿيڻ گهرجي، ڇا ڪاڻ ته پهرئين قسم جي روش اختيار ڪندي، ترت ئي هو هٺيلو ۽ هوڏي بنجي ويجي ٿو ۽ ٻئي قسم جي روش کيس آخر غلاميءَ جي جيڪي حضوريءَ تي هيرائي ڇڏي ٿي. هر شيءِ ۾ وچٿرو رستو وٺڻ ئي هنرمند جي ڄاڻ ۽ ثابت قدميءَ جو دليل سمجهيو ويجي ٿو.

جيئن ته اجا ته تربيت جو مسئلو اسان جي زير بحث آهي، ۽ آءٌ ان متعلق ئي هتي پنهنجا خيال پيش ڪري رهيو آهيان. تنهنڪري آءٌ انهيءَ باري ۾ وڌيڪ هيءَ گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو ته مفرد جملن ۾ ڳالهائڻ کي آءٌ بنهه اڻپوريءَ تعليم جي نشاني سمجهان ٿو. ٻيو ته منهنجو عقيدو آهي ته خالص انهيءَ طريقي جي ڳالهائڻ جو استعمال ماڻهوءَ جي ذهن کي منجهيل ۽ موڳو بنائي ٿو ڇڏي ۽ تنهن کان سواءِ منجهن بي صبريءَ جي عادت پڻ پيدا ڪري ٿو. ڦير گهير ۽ مٺا سٺا هوندڻ به هر حالت ۾ دلپسند ۽ مفيد ثابت ٿئي ٿي هيءَ ڳالهه خاص طرح انهن شين جي حالت ۾ وڌيڪ فائديمند آهي، جن جو تعلق ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارين ڳالهين سان رهي ٿو.

جنهن تعليم کي اسين"عام تعليم" سڏيون ٿا، تنهن ۾ اسان کي گهرجي ته ٻين شين سان گڏ، خاص طرح ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان تعلق رکندڙ شين کان ڪڏهن به ٻار کي محروم رهڻ نه ڏيون. پر هي شيون کيس صرف ضمني طور سکڻ گهرجن ـــ رڳو انهيءَ لاءِ ته هو انهن کي سڃاڻي سگهي. ۽ انهن کان باخبر رهي ڇا ڪاڻ ته سڀني شين جي ڪماليت ۽امتياز حاصل ڪرڻ بهرحال ناممڪن آهي. پر، تعليم ۾ سڀ کان اوچي ۽ اهم جڳهه فلسفي کي ئي حاصل هئڻ گهرجي. آءٌ هڪڙو مثال ڏيئي، هن باري ۾ پنهنجو مطلب واضع ڪرڻ گهران ٿو. ملڪ ملڪ جو سير ڪرڻ ۽ قسم قسم جا شهر ڏسڻ هڪ چڱي ڳالهه آهي، پر فائدو نيٽ به انهيءَ ئي ۾ آهي ته اهڙي هڪ ئي شهر ۾ دائمي سڪونت اختيار ڪئي وڃي جيڪو سڀ کان بهتر شهر هجي. فيلسوف "بيئن" هن سلسلي ۾ ڏاڍي ڏاهپ ڀري ڳالهه چئي آهي ":هر

ڪيوليس“ جي زال”پينيلوپ“ جي خوش فهم طلبگارن جو مثال ڏيندي، جيڪي جڏهن خود ”پينيلوپ“ کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا تہ هڪدم ڦري اُن جي ڪنيز سان وڃي دوستي ڳنڍيائون. هو ٻڌائي ٿو تہ بلڪل ساڳئيءَ طرح اهي ماڻهو جن ۾ خود فلسفي جي حاصل ڪرڻ جي صلاحيت ڪانهي، سي پوءِ محض خسيس ڳالهين جي ڪج بحثين ۾ اڙجي ٿا پون ۽ انهن ۾ مغزماري ڪري ڪري ساڻا ٿي پون ٿا. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ تعليم جو مکيہ مقصد فلسفي جي حاصلات ئي هئڻ گهرجي. جسماني صحت لاءِ ماڻهن پہ علم ڳولي ڪڍيا آهن ـــ هڪڙو علم طب ۽ ٻيو علم ڪسرت. جن ۾ ڪج اداين لاءِ فلسفو ئي واحد علاج آهي. فلسفي معرفت، ۽ ان جي مدد سان ، اسان ۾ اعليٰ ۽ادنيٰ جي تميز پيدا ٿي سگهي ٿي: هو پروڙي سگهي ٿو تہ انصاف ڇا آهي ۽ ظلم ڇا آهي: ڪيس ڪهڙيءَ شيءَ کان پرهيز ڪرڻ ۽ پاڻ بچائڻ گهرجي: ڪيس معلوم ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس پنهنجن ديوتائن، پنهنجي ماءُ پيءُ، پنهنجن بزرگن، ملڪ جي قانون ۽ صاحب اختيار شخصن، ڌارين ماڻهن توڙي دوستن، عورتن، ٻارن ۽ پنهنجي خادمن جي حالت ۾ ڪهڙي روش اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ انهن سان ڪيئن پيش اچڻ گهرجي : هو سمجهي سگهي ٿو تہ مٿس پنهنجي ديوتائن جو احترام، ماءُ پيءُ جو ادب، وڏن جي عزت، قانون جي ميجتا. صاحب اختيار شخصن جي فرمانبرداري، عورتن جي حياءُ، ٻارن سان پيار ۽ خادمن سان مهر ۽ قياس جي روش ئي لازم آهي.

فلسفي مان جيڪي بہ فائدا حاصل ٿين ٿا، تن ۾ سڀ کان وڏا فائدا آءٌ اهي ئي ليکيان ٿو. سڪ ۾ شرافت سان زندگي گذارڻ ماڻهپي جي نشاني آهي: عقل تي آڌار رکي، ڏک سک کان بالاتر رهڻ درويشيءَ جي نشاني آهي: ۽ ڪاوڙ مارڻ هڪ بنهہ غير معمولي انسان جو ڪم آهي. پرڪامل انسان منهنجي نظر ۾ اهي آهن، جيڪي ساڳئي وقت سياسي لياقت ۽ فلسفي جي علم جا صاحب آهن ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ انهن ٻنهي جو امتزاج پيدا ڪري سگهن ٿا. منهنجي راءِ ۾، اهڙن شخصن جي هٿ ۾ بہ عظيم ترين نيڪيون موجود رهن ٿيون، جن مان هڪڙي نيڪي هيءُ آهي تہ مدبرن جي حيثيت ۾ هو عام ڀلائيءَ جا ڪم سرانجام ڏيئي سگهن ٿا، ۽ ٻي

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

نيڪي هيءَ آهي تہ فلسفي جو مطالعو جاري رکندي انفرادي طور هو هڪ بيحد مطمئن ۽ پر سڪون زندگي گذاري سگهن ٿا .زندگيءَ جي ٽن قسمن مان جن ۾ هڪڙي عملي زندگي، ٻي فڪري ۽ ٽين عيش طلب زندگي چئي وڃي ٿي، پر پوئين قسم جي زندگي جنهن ۾ انسان محض حرص جو غلام ۽ نفس جي سڌن جو محتاج رهي ٿو سا تہ آهي ئي بيهودي ۽ حيواني زندگي؛ پر عملي زندگي، جنهن ۾ فلسفي جو دخل نہ آهي، سا هڪ غير مهذب ۽ عام زندگيءَ آهي؛ ۽ فڪري زندگي، جنهن ۾ عمل جو دخل نہ آهي، سا پڻ بيڪار زندگي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ جيتري قدر بہ موقعا ميسر ٿي سگهن، اوتري قدر اسين پنهنجي عام فرض اداين ۾ اورچ ۽ اڏول رهڻ سان گڏ، پوري چاهہ ۽ توجهہ سان فلسفي جو مطالعو ڪندا رهون. انهيءَ ئي نموني زندگي گذاري، ۽ انهيءَ نموني "آرڪيتاس" (جنهن کي پوءِ حڪيم افلاطون پنهنجي دوستن مان شمار ڪيو) ۽ ٻين اسان جي عظيم بزرگن پنهنجون زندگيون گذاريون.

تربيت جي هن مسئلي تي، آءٌ يانيان ٿو تہ جو ڪجهہ مٿي مون پيش ڪيو آهي، سو ڪافي آهي، ۽ ان لاءِ اوهان جو وڌيڪ وقت وٺڻ ضروري نٿو سمجهان. پر جيڪي ڪجهہ پيش ٿي چڪو آهي، رڳو ان جي پٺڀرائيءَ طور، آءٌ وڌيڪ فقط بہ لفظ چوڻ ٿو گهران تہ اسان لاءِ هيءَ ڳالهہ بي حد فائديمند آهي، ۽ انهيءَ ڪري اها اسان تي بنهہ لازمي آهي، تہ اسان پنهنجن قديم عالمن جي تصنيفن کي حاصلِ ڪريون ۽ انهن جو مطالعو ڪريون. اسان کي اهي تصنيفون ميڙي چونڊي، پنهنجي مطالعي لاءِ پاڻ وٽ اِئين گڏ ڪرڻ گهرجن، جيئن ڪو سڄاڻ ڪڙمي، پنهنجي ڪڙمت جا وسيلا پاڻ وٽ گڏ ڪندو آهي. تعليم لاءِ ڪتابن جو استعمال بہ اِئين آهي . جيئن ڪڙميءَ لاءِ سندس ڪڙمت جو اوزار، ڪتابن جي مدد سان ئي اسين علم ان جي بنهہ اصلوڪن سرچشمن منجهان، حاصل ڪري سگهون ٿا.

## (4)

بهرحال، جسماني ڪسرت کي پڻ نظرانداز ڪرڻو ڪونهي:
نوجوان انهيءَ ميدان ۾ بہ پوري لياقت حاصل ڪري سگهن. تنهن لاءِ ڪين ڪسرت گاهن ۾ داخل ڪرڻ گهرجي، تان تہ هو جسم جا مضبوط ۽ بيهڪ جا ٺاهوڪا بنجي سگهن. ننڍيءَ وهيءَ ۾ جن جي هاڻي سالم رهي ٿي، اهي پوڙهپڻ ۾ پڻ سالم ۽ سهر رهي سگهن ٿا: ۽جيئن سازگار هوا ۾ ٺئي طوفانن کي منهن ڏيڻ جو سامان تيار ڪري سگهجي ٿو. تيئن اسان کي گهرجي تہ جوانيءَ ۾ ضبط ۽ ترتيب جا ذخيرا پوڙهپڻ جي موڙيءَ طور پاڻ وٽ جمع ڪري رکون .پر جسماني مشقت ۾ وچٿرائيءَ کان ڪم وٺڻ ضروري آهي :اِئين نہ ٿئي، جو نوجوان ان ۾ ايترا نڍال ٿي پون، جو منجهن پڙهڻ جو سٽُ بہ باقي نہ رهي. حڪيم افلاطون جي چوڻ موجب، ننڍ ۽ ٿڪ تعليم جا ويري آهن .بهرحال، هيءَ جو ڪجهہ آءٌ چئي رهيو آهيان، تنهن مان منهنجو هڪڙو خاص مقصد آهي: ٻين ڳالهين کي ڇڏي، هن سلسلي ۾ آءٌ فقط هڪڙي بنيادي ڳالهہ پيش ڪرڻ گهران ٿو. ۽ اُها هيءَ ڳالهہ آهي تہ اسان کي گهرجي تہ پنهنجن نوجوانن کي جنگي قسم جي مشقن جو استعمال ڏيون جهڙوڪ نيزي بازي، تيراندازي، شڪار جو فن، وغيره. استاد زينوفين جي چوڻ موجب، ”لڙائيءَ ۾ هارائيندڙ ڏُر جو مال اسباب کٽندڙ ڌُر لاءِ انعام جو ڪم ڏئي ٿو“ ۽ لڙائيءَ جي ميدان ۾ چانو جي پليل جسمن لاءِ ڪا جاءِ ئي ڪانهي. هڪڙو ئي نهري ۽ وٽيل بُت وارو سپاهي، جنهن کي جنگي مشقن جو استعمال آهي، ڪسرت گاهہ جي چوديواريءَ ۾ تربيت ورتل ٽلهن متارن پهلوانن جي ٽولن کي ميدان مان ڀوڙائي ڪيڻ لاءِ ڪافي آهي .

هتي، مون کان سوال پڇي سگهجي ٿو تہ”هي ڇا؟ تو تہ شروع ۾ عام آزاد والدين جي ٻارن جي تعليم جا اصول سمجهائڻ ٿي گهريا. پر هاڻي

ڏسجي ٿو تہ تون رڳو دولتمند ٻارن جي تعليم متعلق پيو ڳالهيون ٻڌائين ۽ غريب شهرين جي تعليم لاءِ هڪ اکر بہ ڪونہ ٿو چوين؟" مون لاءِ هن اعتراض جو جواب ڏيڻ بنهہ آسان آهي. منهنجي پنهنجي عزيز ترين خواهش تہ هيءَ آهي تہ منهنجو تعليمي نصاب هر ڪنهن لاءِ هڪجهڙو ڪارائتو ۽ فائديمند هجي، پر جيڪڏهن ڪي پنهنجي غريبيءَ سبب منهنجن اصولن مان پورو فائدو وٺي نٿا سگهن، تہ ان لاءِ ڪين اصولن جي پيش ڪندڙ کي نہ، پر پنهنجيءَ قسمت کي ڏوهہ ڏيڻ گهرجي. چا بہ هجي، پر خود غريبن کي پڻ گهرجي تہ هو پنهنجن ٻارن کي هر ممڪن حد تائين بهترين تعليم ڏيارڻ جي ڪوشش ڪن: جيڪڏهن هو ڪين بهترين تعليم نٿا ڏياري سگهن، تہ متن ڪم از ڪم هي لازمي آهي تہ جيتريقدر بہ سندن وس ۾ هجي، اوتريقدر ان لاءِ هو ڪا ڪسر پوئتي نہ ڇڏين. هي ڪجهہ زائد خيال مون پنهنجي مضمون ۾ هتي انهيءَ لاءِ آندا آهن، تہ جيئن نوجوان ٻارن جي تعليم متعلق بيون جيڪي ضروري ڳالهيون مون کي بيان ڪرڻيون آهن، انهن جي پيش ڪرڻ ۾ منهنجي سامهو ٻي ڪا رڪاوٽ باقي نہ رهي.

هاڻي آءٌ هڪڙو بيو نڪتو اوهان جي اڳيان رکي رهيو آهيان. منهنجو چوڻ آهي تہ ٻار ماٺيپو ۽ شرافت سکن ۽ اختيار ڪن، ان لاءِ ڪين صرف ناصحانہ ۽ سمجهہ ڀرين ڳالهين وسيلي آماده ڪرڻ گهرجي: هن نيري آسمان جو قسم تہ اُن لاءِ ڪين ڪڏهن بہ مارڪٽ نہ ڪرڻ کپي، ۽ نہ ڪين ڪنهن ٻئي جسماني يا ذهني ايذاءَ ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي. ظاهر آهي تہ اِها پوئين روش آزاد انسانن لاءِ نہ پر محض غلامن لاءِ شايد موزون ٿي سگهي ٿي .ان جي اثر هيٺ هو سُست ۽ ڪاهل بنجي ٿا پون، ڪجهہ مارڪٽ جي ايذاءَ کان ۽ ڪجهہ ذاتي بيعزتيءَ جي احساس سبب، هو پنهنجن سپرد ڪيل ڪمن کان دهڻ ۽ پري ڀڄڻ شروع ڪري ڏين ٿا. آزاد والدين جي ٻارن لاءِ تعريف ۽ عتاب جا بہ اکر هر قسم جي سختيءَ ۽ ترش ڪلاميءَ کان زياده اثرائتا ثابت ٿين ٿا. تعريف ڪين فضيلت ۽ چڱائيءَ جي طرف وڌڻ لاءِ اياري ٿي ۽ عتاب ڪين نامناسب ۽ اُجوڳ هلت اختيار ڪرڻ کان روڪي ٿو.

پر عتاب ۽ تعريف هميشہ مناسب انداز ۾ مناسب موقعن تي استعمال ڪرڻ گهرجن:جڏهن ڏسجي تہ سندن حوصلہ منديءَ حد کان زياده وڌي ويئي آهي، تڏهن ڪجهہ قدر ڇينڀي، کين نيازمنديءَ ڏانهن مائل ڪرڻ گهرجي، ۽ ٻيءَ حالت ۾ قدر شناسيءَ ذريعي وري سندن مناسب همت افزائي ڪرڻ کپي. هن سلسلي ۾ اسان کي مائرن جي روش تي عمل ڪرڻ گهرجي. جڏهن پنهنجن معصومن کي ڪنهن طرح روئاڙي وجهنديون آهن. پر ڪنهن بہ حالت ۾ کين خواهہ مخواهہ آياري ۽ پڏائي، ايمان ۽خودپسنديءَ جي هوا سان پري چڙهڻ نہ گهرجي، حد کان زياده تعريف هميشہ هٺ ۽ وڏائيءَ جي وڌڻ جو باعث بنجي ٿي، ۽ ماڻهوءَ کي بنهہ بيڪار ۽ بي عمل بنائي ٿي ڇڏي.

مون اهڙا پيئر پڻ ڏٺا آهن، جن جو بيحد پيار اڪثر حالتن ۾ پيار نہ هئڻ جي برابر بنجي ٿو پوي. آءٌ هڪڙو مثال ڏيئي، پنهنجو مطلب واضع ڪندس. انهيءَ ذوق ۾ تہ سندن ٻار جلدئي هر ڳالهہ ۾ وجي پهرين جڳهہ والارين، هو مٿن نہ سهڻ جهڙا بار وجهن ٿا ۽ ڪيترائي نہ ڪري سگهڻ جهڙا ڪم آڻي سندن آڏو رکن ٿا .ٻار پوءِ اُهي ڪم پورا نٿا ڪري سگهن ۽ ناڪامياب ٿي پون ٿا، نتيجي طور هو اهڙن تلخ تجربن سبب نراسائيءَ ۽ دلشڪستگيءَ جا شڪار بنجي ٿا وڃن ۽ پوءِ ڪنهن بہ نوع جي تعليم ۾ هو ڪڏهن چاهہ ڪونہ ٿا وٺن. جيئن مناسب پاڻي پوٽن لاءِ خوراڪ جو ڪم ٿو ڏئي ۽ انهن جي اوسر جو سبب بنجي ٿو پر اُهو ئي پاڻي جڏهن انداز کان زياده اُنهن کي ڏجي ٿو تہ اُهي ان ۾ گهنجي پون ٿا ۽ سڙي وڃن ٿا. تيئن ذهن جي اوسر لاءِ پڻ موزون ۽ مناسب جوابدارين جي ضرورت آهي ۽ حد کان وڌيڪ بار پوڻ سبب ذهن مورڳو دٻجي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ ٻارن کي مناسب ۽ لڳاتار مشقت کان بچائيندا رهون. ڇا ڪاڻ تہ انساني زندگي، پوري جي پوري، خود بہ محنت ۽ فرحت ۾ ورهايل رهي ٿي. اُنهيءَ ورهاست مطابق، اسين نہ رڳو جاڳون ٿا، پر ننڊ پڻ ڪريون ٿا. هڪ طرف جيڪڏهن جنگ آهي تہ ٻئي طرف امن آهي، هڪ وقت جيڪڏهن طوفان آهي تہ ٻئي وقت سانت آهي ۽ هميشہ ۽ هر وقت رڳو پورهيو ئي نہ آهي ، پر زندگيءَ ۾ خوشيءَ جا ڏينهن ۽ شادمانن جا ٿهوار پڻ

ايندا رهن ٿا. مختصر طور، اِئين ڪٿي چئجي ته فرحت محنت جي چاشني آهي.اسين اِئين به چئي سگهون ٿا ته اهو اصول نه رڳو ساهوران سان پر بيجان شين سان پڻ لاڳو آهي :ڪمانن جا زهه ۽ زبانن جون تندون ڍليون ڪري ڇڏبيون آهن ته وقت سر انهن کي پوريءَ ريت تاڻي سگهجي .مطلب ته جيئن پيٽ جي حالت خالي رهڻ ۽ وري پرجڻ سان ئي بحال رهي ٿي، تيئن ذهن پڻ راحت ۽ مشقت دوران ئي صالح ۽ صحتمند رهي سگهي ٿو .

اُهي پيئر، جيڪي پنهنجن پٽن کي خانگي طور يا هونئن به، رڳو استاد جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا ۽ پنهنجي سر پاڻ نه ڏسن ٿا ۽ نه ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته انهن جي پڙهائي ڪهڙيءَ ريت ۽ ڪيتريقدر ٿي رهي آهي، اُهي سچ پچ وڏيءَ ملامت جا لائق آهن. ڇا ڪاڻ ته اُهي پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ افسوسناڪ ڪوتاهي ڪن ٿا. ڪين گهرجي ته تورن تورن ڏينهن کان پوءِ هو پاڻ پنهنجن ٻارن جو امتحان وٺن، ۽ رڳو پگهاردار استادن تي اعتبار رکي نه ويهي رهن. خود اهي استاد پڻ جڏهن ڏسندا ته سندن ڪم جي وقت بوقت چڪاس ٿئي ٿي، ته پنهنجي ڪم ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺندا ۽ ٻارن ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏيندا. هتي شاهي سيس جي هيءَ مزاحيه چوٽي پوري ٺهڪي ٿي اچي ته "گهوڙي جي مچڻ لاءِ بس بادشاهه جي اک ئي ڪافي آهي"!

ٻارن جي تعليم جي سلسلي ۾ سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته سندن حافظي جي تربيت ڪئي وڃي ۽ ان کي پنهنجي ڪم جو عادي بڻايو وڃي. حافظو سکيا جو گويا تهخانو آهي. ديومالائي زبان ۾ حافظي جي ديويءَ کي فن جي ديوتائن جي ماءُ سڏيو ويو آهي. جنهن جو صاف مطلب هيءَ آهي ته علم ۽ فن جي حاصلات ۽ پرورش لاءِ حافظي کان بهتر وسيلو ٻيو ڪو به ڪونهي . تنهنڪري، ٻار فطري طور حافظي جا تيز هجن يا ويسارا هجن، ٻنهي حالتن ۾ هنن لاءِ حافظي جي مشق ضروري آهي . فطرت جي ڏنل گنج کي وڌائڻ ۽ ان جي اٿاث جي پورائي ڪرڻ انسان جو فرض آهي، ۽ ائين ڪندو رهڻ سان تيز حافظي وارا ٻار ٻين تي سبقت حاصل ڪندا آهن ۽ ڪند حافظي وارا پنهنجو پاڻ کان گوءِ ڪٽندا رهندا . فيلسوف هيسياڊ جو قول هن سلسلي ۾ بنهه لاجواب آهي: "جيڪڏهن توري

۾ فقط ٿورو ٿي وڃهندا، ۽ ائين لاڳيتو ڪندا ايندا، تہ ٿوري مان ٿورو ترت ئي گهڻو ٿي پوندو.“ پيٽرن ڪي هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ سکڻ ۾ حفظ ڪرڻ جو عمل نہ رڳو تعليم جي دائري ۾ پر زندگيءَ جي عملي دائري ۾ پڻ بيحد مددگار ثابت ٿئي ٿو ڇا ڪاڻ تہ گذريل عملن جي يادگيري هميشہ آئيندي جي رهبريءَ لاءِ مثال مهيا ڪندي رهندي آهي.

اسان کي هن ڳالهہ جو پڻ خيال رکڻ گهرجي تہ پنهنجن پٽن کي هلڪي ڳالهائڻ کان هميشہ باز رکندا اچون، ڇاڪاڻ تہ فيلسوف ڊيموڪريٽس جي چوڻ مطابق،”ڪلام عمل جو پاڇولو آهي.“ ان کان وڌيڪ هي بہ ڏسڻ گهرجي تہ هو ڳالهائڻ وقت مروت ۽ ميناج کان ڪم وٺن. ڪا بہ ٻي هلت ايتري ڌڪار ڪانہ ٿي جاڳائي، جيتري اجوڳ زبان، ۽ نوجوان پنهنجن هڪجيڏن وٽ پاڻ تڏهن ئي وڻائي سگهندا، جڏهن خيالن جي ڏي وٺ ۾ ڪج بحثيءَ کان پاسو ڪندڙ هوندا. رڳو ڪيئن ڪتجي، فقط اهائي سمجهہ فائديمند نہ آهي، پر جڏهن ڪتڻ مان ڇيهو رسي، تڏهن ڪيئن هارائجي، اها ساڄهہ رکڻ زندگيءَ ۾ وڏا فائدا رسائي ٿي. سچ پچ تہ ڪا ڪا سوڀ اصل ۾ هار ئي ثابت ٿيندي آهي. هن ڳالهہ جي ثابتيءَ لاءِ آءٌ سنت يوروپيڊيز جي شاهدي پيش ڪري سگهان ٿو جنهن جو قول آهي تہ ”جڏهن بہ ٻہ ڄڻا پاڻ ۾ ڳالهائين ۽ ڳالهہ چوٽ چڙهي وڃي ۽ جوش پيدا ٿئي، تڏهن منجهانئن جيڪو دليل تان هٽ ڪٽي، اهوئي وڌيڪ عقلمند آهي.

هاڻي، آءٌ سٺي سڀاءَ ۽ سٺيءَ رهت جا ڪي نيم بيان ڪندس، جيڪي مٿي بيان ڪيل نيمن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ پر پاڻ وڌيڪ سرت ۽ چاهہ سان نوجوانن کي سمجهڻ ۽ پرائڻ گهرجن. مثلاً سادگيءَ سان زندگيءَ گذارڻ، زبان کي وس ۾ رکڻ، ڪاوڙ تي قبضو ڏارڻ ۽ پنهنجن هٿن کي پنهنجي حڪم هيٺ رکڻ. انهن نيمن مان هر هڪ نيم جي اصل مقصد ۽ مفهوم کي سمجهڻ ضروري آهي. مثالن وسيلي انهن جي زياده وضاحت ٿي سگهي ٿي.

اول اول پوئين نيم کي ٿا کڻون. ڪيترائي اهڙا شخص آهن، جن پنهنجا هٿ نامناسب نفعي ڏانهن وڌايا ۽ ائين ڪرڻ سان جيڪا نيڪنامي پنهنجي اوائلي ڪارڪردگيءَ وسيلي حاصل ڪئي هئائون، سا

وڃائي ڇڏيائون. لئسيڊمونيا جي نامور شهرواسيءَ، گليپس، جو اهڙو ئي مثال آهي: هن ملڪي دولت جي ڳوٺرين جا منهن کولي پنهنجي ذاتي تجوڙين جا منهن ڀرڻ تي گهريا، ۽ نتيجي ۾ اسپارٽا مان جلاوطن ٿيو ۽ خواريءَ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڪٽي، ٻيوطن ٿيٽو پيس.

ساڳيءَ طرح ،ڪاوڙ تي قابض رهڻ ڏاهي ماڻهوءَ جي نشاني آهي. سقراط کي هڪ ڀيري ويٺي ويٺي هڪڙي پاڻ_زوري چوري لت هڻي ڪڍي، جنهن تي سقراط سان جيڪي گڏ هئا، تن ڪاوڙ ۾ ڀرجي ان لُچ کان بدلي وٺڻ جو ارادو ڪيو. ان تي سقراط انهن کي چيو:

”چا، جيڪڏهن گڏهه مون کي پستي هڻي ها، ته موٽ ۾ اوهين به ان کي ٻيهي لتون هڻو ها!“ ۽ پوءِ اهو ساڳيو گمراهه نوجوان پڻ پنهنجي جوڳيءَ سيکت کان بچي ڪين سگهيو. سو هيئن، جو هر ڪنهن کيس جت ڦٽ ڪئي ۽ نالو ئي ڪٽي مٿس ”پستي باز“ رکيائون، ۽ هو اهڙو ته پشيمان ٿيو جو نيٺ ڦاهو کائي آپگهات ڪيائين!

# (5)

سقراط جو هڪڙو ٻيو مثال پڻ اهڙو موجود آهي .ارسٽوفينس جي ناٽڪ, بعنوان"بادل" ۾ سقراط تي هر ممڪن قسم جي دشنام بازيءَ جي ٻنھ بارش ڪئي ويئي هئي. نيٺ جڏهن هيءُ ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيو ويو تڏهن جن ان ڪي ڏٺو تن مان هڪڙي سقراط کي اچي چيو تہ "ڇا, انهيءَ طرح گارگند جو نشان ٿيندي, اوهان کي ڪاوڙ ڪانہ ٿي وڻي؟ "

"زيئس ديوتا جو قسم تہ هرگز نہ!" سقراط جواب ڏنو."ناٽڪ جي مانڊي ۾ چرچي گهبي کي آءٌ ائين ٿو سمجهان, ڄڻ ماڻهن جي ڪنهن وڏي نجيءَ محفل ۾ اِئين ٿي رهيو هجي. ۽ اتي اڪثر اِئين ٿيندو آهي "! حڪيم افلاطون, ۽ ترنيٽم جي شهريءَ, ارڪيٽاس, جي روش پڻ بلڪل اهڙي ساڳئي قسم جي هئي, جيئن اوهان کي هيٺ ٻڌائيندس. ارڪيٽاس, جيڪو هڪ اعليٰ فوجي سالار هو ملڪ لاءِ وڙهي وڙهي, جڏهن جنگين جي ميدان تان موٽيو تڏهن اچي ڏٺائين تہ سندس زرعي زمين نہ رڳو غير آباد پر ٻنھ ڦٽي پيئي آهي. هن هڪدم پنهنجي ڪمدار کي گهرايو ۽ جڏهن ڪمدار آيو تڏهن من ڏانهن ڏسي ڏسي, چيائين: "ٿر منهنجي اکين تان! جي هيڏي ڪاوڙ هجيم ها, تہ اهڙي سزا ڏيانءِ ها, جو عمر تائين ياد ڪرين ها!" ساڳيءَ ريت افلاطون هڪ پيري پنهنجي هڪ لالچي ۽ بدمعاش غلام تي ڪاوڙ ۾ اچي ويو: هڪدم پنهنجي ڀاڻيجي اسپيمپس کي سڏ ڪيائين, ۽ چيائينس: "هن نالائق کي تون سيکت ڏي! آءٌ پاڻ حد کان وڌيڪ ڪاوڙ ۾ آهيان!" هنن مثالن کي ٻڌي, اهو اعتراض ڪري سگهجي ٿو تہ انهيءَ قسم جو انساني ڪردار ڏاڍو مشڪل آهي ۽ ان جي پيروي ٿي ئي نٿي سگهي. آءٌ پوريءَ ريت ڄاڻان ٿو تہ برابر مشڪل آهي, ۽ بيحد مشڪل آهي, پر اسان تي لازم آهي تہ جيتري قدر وس ۾ هجي اوتريقدر

اهڙين اعليٰ مثالن تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون، ۽ پنهنجي اجهل ۽ حد کان نڪتل ڪاوڙ جي اثر کان پاڻ کي محفوظ رکون. اِئين تہ ٻين ڳالهين ۾ بہ اهڙين عظيم شخصيتن کان، نہ تجربي جي وسيع ميدان ۾ ۽ نہ علم ۽ فضيلت جي دنيا ۾ اسين ڪا گوءِ کڻي ٿا سگهون، پر اِئين بهرحال چئي سگهجي ٿو تہ هو توڙي اسين، انساني عقل ۽ ڏاهپ جا هڪجهڙا ئي محافظ ۽ مشعل بردار آهيون. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ جيتريقدر اسان کان ٿي سگهي، اوتريقدر هميشہ اهڙن اعليٰ انساني نمونن پٽاندڙ پاڻ کي ناهڻ بلڪ انهن سان پاڻ پڇائڻ جي ڪوشش ڪندا رهون.

جن ڳالهين بابت مون ڪجهہ چوڻ گهريو ٿي، تن مان باقي هڪڙي ڳالهہ رهي آهي، ۽ اها آهي زبان کي وس ۾ رکڻ واري ڳالهہ. جيڪڏهن ڪو ائين ٿو سمجهي تہ هي ۽ معمولي ڳالهہ آهي. يا ڪا بنهہ خسيس ڳالهہ آهي، تہ هو انهيءَ ۾ بلڪل غلط آهي، جو ڏاهپ جي چيز آهي وقتائتي ماٺ، ۽ ان وقت اها هر گفتار کان بهتر آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ انهيءَ ئي خيال کان اسان جي بزرگن غيب جي علم سيکارڻ لاءِ پهريائين ڪي آزمائشي شرط اسان جي مٿان عائد ڪيا آهن، تہ جيئن غيب جي حيرت متعلق ماٺ جي عادت پرائڻ کان پوءِ، جيترو احترام انهن غيبي رازن واسطي اسان جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو اوترو ئي خيال ۽ خبرداري انساني مسئلن جي رازداريءَ ۾ اسين ڏيکاري سگهون. ڪڏهن بہ ڪنهن کي خاموش رهڻ سبب پڇتائڻو ڪونہ پيو آهي، پر اجائي ڄاڙي هٽندي گهڻن ئي کي افسوس جا هٿ مهٽڻا پيا آهن. جا ڳالهہ دل ۾ سانڍيل آهي، اها ڪري ڏيڻ سولي آهي، پر هڪ ڀيرو جا ڳالهہ ٿي ويئي. ان کي موٽائڻ ناممڪن آهي. مون کي بيشمار مثال ماڻهن جا سُجهن ٿا، جيڪي رڳو اجهل زبان سبب مصيبتن جو ٻک ٿي ويا. هتي ٻين کي ڇڏي، نموني طور، رڳو هڪ يا ٻن اهڙن ماڻهن جو مثال پيش ڪندس. جڏهن بادشاهہ فلئڊيلفس پنهنجيءَ ڀيڻ، ارسنوءَ، سان شادي ڪئي، تڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، وات ڦاٽوڙي سوٽيڊس چيو تہ: "افسوس، فلئڊيلفس بهادر جي اها چڙهائي بہ وڃي اوجهڙ ۾ پيئي!" ۽ ايتري چوڻ جي عيوض سوٽيڊس کي سالن جا سال قيد جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ سڙڻو پيو. پنهنجي اهڙي بي وقتي حرف ڪيڻ سبب ئي هن کي ايڏي ڳري سزا

پوڻڻي پئي ۽ ان لاءِ رڳو ايتري چوڻ وارو بہ ملڪ ۾ ڪو ڪونہ هو تہ سندس ڏوهہ نتيو سزا وڏي هئي! چرچو ٻڌائي ٻين کي کلايائين. پرپاڻ لاءِ يڪي مصيبت ڳنهي ورتائين. اُنهيءَ وانگر ۽ اُنهيءَ شيءِ جهڙي، پر ان کان وڌيڪ ڀيانڪ ڳالهہ سوفسطائي فيلسوف ٿئوڪريٽس جي آهي. چا ٿيو، جو سڪندر اعظم کي هڪ ڀيري جڏهن دشمن تي فتح حاصل ٿي، تڏهن جشن ملهائڻ لاءِ يونانين کي ڪُلواڻ جهڙي ڳاڙهي ريتي رنگ جي چوغن ٺهرائڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ انهن لاءِ مٿس في ڪس ڪجهہ رقم مقرر ڪئي ويئي. ٿئوڪريٽس جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن ٺهڪ ڏيندي چيائين تہ "مان هميشہ انهيءَ حيرت ۾ هوس تہ "ڪُلواٽي موت" مان اسان جي شاعر هومر جو ڪهڙو مطلب هو!" بس، انهيءَ هڪڙي گفتي تي سڄي عمر سڪندر اعظم جي دشمني ملهہ ڳنهي ورتائين. ان کان پوءِ سئيڊونيا جي بادشاهہ ائنتيگونس کي، جيڪو اک کان ڪاڻو هو اهڙي ئي هڪڙي ٻي ٽڪي گفتي تي اهڙو ڪاوڙائي وڌائين، جو نيٺ حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻو پيس. ڳالهہ ائين ٿي، جو ائنتيگونس پنهنجي مک خانسامي، ايتروپيان، کي جيڪو ڪنهن وقت سندس لشڪر ۾ سالار بہ ٿي رهيو هو ٿئوڪريٽس ڏانهن موڪليو تہ هن کي ڏانهس وٺي اچي، جو ڪيس ساڻس ڪن مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻي هئي. جڏهن ايتروپيان اهو پيغام نيئي هن کي ڏنو ۽ انهيءَ مهل اُتي ساڻس هلڻ لاءِ مٿس وري وري زور ڀريائين تڏهن ٿئوڪريٽس ٽيک مان چيس: "ها، ها، خبر اٿم تہ تون مون کي ڪچو ئي ڪچو انهيءَ سائيڪلوپ (هڪ اکئي ديو) کان کارائڻ گهرين ٿو!" انهيءَ تيزاب جهڙي ساڙيندڙ گفتي ۾ هڪ پاسي ائنتيگونس تي حملو هو جو هو ڪاڻو هو ۽ ٻئي پاسي خود ايتروپيان تي وار هو جو هڪ خسيس خانسومو يا بورچي هو. هڪدم ايتروپيان باهہ ٿي ويو، تہ پوءِ تون پنهنجو سر سلامت نہ سمجهہ." هن چيو "توکي پنهنجي ان گندي وات ۽ ان ذليل حماقت جي قيمت ڏيڻي پوندي!" پوءِ هن سڄي ڳالهہ وڃي بادشاهہ کي ٻڌائي، جنهن گهرائي ٿئوڪريٽس کي اتي ئي مارائي ڇڏيو!

اِهي سڀ ڳالهيون پنهنجيءَ جاءِ تي، پر سڀ کان وڌيڪ مقدس فرض اسان تي هيءُ آهي تہ پنهنجن ٻارن کي سچ ڳالهائڻ تي هيرايون.

ڪوڙ ڳالهائڻ غلاميءَ جي عادت آهي، جيڪا هر ڪنهن جي نگاهه ۾ ڌڪار جوڳي آهي، ۽ خود غلامن جي حالت ۾ به اِنهيءَ ذليل عادت کي هرگز هرگز معاف ڪري نٿو سگهجي .

مٿي مون جو ڪجهه نوعمر ڇوڪرن جي باتميز باهمت ۽ باعزت هلت چلت جي سلسلي ۾ چيو آهي، سو سواءِ ڪنهن رک رکاءَ ۽ سواءِ ڪنهن اختلافي خوف جي چئي آيس. پر هاڻي جيڪا ڳالهه ڪرڻي اٿم، تنهن ۾ منهنجي دل به ڇتي آهي، ۽ ان لاءِ آءٌ پاڻ به ٻه رايا رکان ٿو .ساهميءَ جي ٻن پڙن وانگر ڪڏهن هڪ پاسي ٿو جهڪان ته ڪڏهن ٻئي پاسي ۽ ڪنهن به هڪڙي پاسي اُتل ڪري بيهي نٿو سگهان. ڳالهه کي شروع ڪندي به هٻڪان ٿو ۽ ان کي ڇڏي ڏيڻ تي به دل ڪانه ٿي ٿئيم.

بهرحال، همت ڪري ، ڳالهه شروع ٿو ڪريان، مسئلو هي آهي: ڇا، نوعمر ڇوڪرن کي ڪانئن وڏيءَ عمر وارن سندن چاهيندڙن سان ملڻ جلڻ ۽ گهري ٿيڻ جي موڪل ڏجي، يا اُنهن کي ڪانئن پري رکڻ جي ڪوشش ڪجي؟ جڏهن آءٌ انهن پيئرن کي خيال ۾ رکان ٿو جيڪي طبع جا ڪجهه سخت، ڳالهائڻ جا ڪجهه شهُخ ۽ پسند ناپسند ۾ ڪجهه خشڪ ۽ هڪ رنگي آهن، ۽ اهي اهڙن نوعمر ۽ پاڻان وڏن شخصن جي سنگت ۽ صحبت کي پنهنجن ڇوڪرن لاءِ نه رڳو بي فائدي ۽ اجوڳ سمجهن ٿا، بلڪ ان کي پاڻ لاءَ توڙي پنهنجن ڇوڪرن لاءِ هڪ بنهه سهڻ کان ٻاهر ذلت ۽ خواريءَ جي ڳالهه ٿا سمجهن، اتفاق ظاهر ڪندي يا ان جي پٺڀرائي ڪندي، آءٌ ڏاڍو هٻڪان ۽ ڪيٻايان ٿو. پر ٻئي پاسي، جڏهن آءٌ سقراط افلاطون، زينوفين، ايسڪائين، سيبيز ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي عالمن مفڪرن ۽ با اخلاق بزرگن ڏانهن ڏسان ٿو ته انهن همجنس نوجوانن ۾ اهڙيءَ ننڍ وڏائي جي صحبت ۽ سنگت کي نه رڳو پسنديدگيءَ جي نظر سان ٿي ڏٺو پر هنن، خود پاڻ به ڪيترن ئي نوبالغ ڇوڪرن کي پنهنجي صحبت ۽ سنگت جي اثر سان تهذيب ۾ پڪتائيءَ، سياست ۾ اڳرائيءَ ۽ اخلاق ۾ بلند ۽ بي مثل درجي تائين نيئي پهچايو هو تڏهن انهيءَ مسئلي ۾ منهنجو رايو بدلجي وري ٻيو ٿي وڃي ٿو ۽ اهڙين عظيم هستين جي زندگين کي مثال طور آڏو رکي، انهيءَ ڳالهه ۾ پڻ سندن نقش قدم تي هلڻ

لاءِ دل ۾ خيال پيدا ٿين ٿا .سندن انهيءَ عمل جي فائدي ۾ فيلسوف يوريپيڊيز جو پڻ هڪڙو قول موجود آهي. انهيءَ ساڳئي مسئلي تي ڳالهائيندي، هڪ هنڌ پاڻ چيو اٿن ته: "انسان ۽ انسان جي وچ ۾ هڪ ٻئي قسم جي محبت پڻ اپري ٿي ۽ وڌي ٿي_ اها محبت جيڪا هڪ عادل، حدن کي سڃاڻڻ واري ۽ نيڪ روح ۾ جنم ٿي وٺي." انهيءَ ئي ڳالهه جي سلسلي ۾ افلاطون جو پڻ هڪڙو قول آهي، جيڪو جيتوڻيڪ آهي اڌ چرچو ۽ اڌ ساڀيان، پر ان کي اسين هرگز نظرانداز نٿا ڪري سگهون. فرمائي ٿو ته: "اهي شخص جن زندگيءَ ۾ پنهنجو ڪو ملهه ثابت ڪيو آهي، سي ڀلي ته جنهن به سهڻي نينگر کي چاهين، ان تي پنهنجي پيار ۽ پناهه جو هٿ رکن." ان جو مطلب اهو ٿيو ته اهي سڌڙيا، جيڪي رڳو جسم جي سونهن تي اُسڙڪن ٿا، انهن کي نوعمر ڇوڪرن جي ويجهو هرگز نه اچڻ ڏجي، بلڪ پري کان ئي ڏنڊا هڻي ڀوڙائي ڪڍجين؛ پر اهي، جيڪي روح جي محبت جا پياسي آهن، انهن جي نظر ڪيميا اثر ۽ صحبت بابرڪت ڪان پنهنجن لائق نوعمر ڇوڪرن کي محروم رکڻ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو فائدو مون کي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. مطلب ته همجنس ننڍين وڏن جي وچ ۾ ان قسم جي موهه جا اجوڳ ڪرشما، جيڪي ٿيبس، ليلس ۽ ڪريٽ جي ملڪن ۾ ٿي رهيا آهن، انهن کان هر طرح بچجي، پر اٿينس ۽ لئسيڊيمون ملڪن ۾ ننڍين ۽ وڏن جا نوآموز ۽ پختہ طبع تاحيات قُربدارن جهڙا، جيڪي پاڪ محبت جا پيوند آهن، هر هنڌ انهن جي مثال تي ئي هلڻ گهرجي، ۽ زندگيءَ جي قافلي کي اڳتي وڌڻ لاءِ ان کان سواءِ شايد ٻيو چارو به ڪونهي .

انهيءَ نوع جي مسئلن ۾ واقعي، هر شخص کي پنهنجي تجربي ۽ پنهنجي پنهنجي جاڻ ۽ عقيدي مطابق پنهنجي رخ ۽ روش کي ٺاهڻو ۽ ٻيهارڻو آهي. جيستائين منهنجو پنهنجو واسطو آهي، ته نوعمر ٻارن جي شانائتي ۽ شرافت ڀري سياءَ جي تربيت متعلق جيڪي ڪجهه مون کي چوڻو هو، سو آءٌ چئي چڪس: هاڻي آءٌ بالغ نوجوانن جي وهيءَ متعلق مختصر لفظن ۾ پنهنجا ڪجهه خيال پيش ڪرڻ گهران ٿو. منهنجي نظر ۾ اهي ماڻهو وڏا ڏوهي آهن ۽ هر صورت ۾ ملامت جي لائق آهن_ جو ته

عملي طور اهي ئي بدعادتن ۽ بدڪردارين جي گويا سرپرستي ڪن ٿا، جيڪي پنهنجن ڇوڪرن کي منڍ ۾ تہ استاد جي ضابطي هيٺ رکن ٿا، پر جڏهن ڇوڪرا وڏي بلوغت کي رسن ٿا، تڏهن انهن جي اسريل سڌن ۽ شڪتين کي هيڏانهن هوڏانهن پلجڻ ۽ پنڪڻ لاءِ آزاد ۽ ڇڙواڳ ڇڏي ٿا ڏين! هيءَ هڪ بنهہ اُبتي روش آهي: دراصل ڇوڪرن کان گهٽي گهٽي وڏيڪ بالغن جي سلسلي ۾ خبرداريءَ ۽ احتياط جي ضرورت آهي. سيڪو ڄاڻي ٿو تہ ڇوڪرن جون شرارتون خسيس ۽ رواجي ٿين ٿيون، ۽ اُهي آسانيءَ سان درست ٿي سگهن ٿيون۔ گهٽي ۾ گهٽو هو استاد سان ڪڏهن ڪو ڇرچو ڪندا، يا ڪڏهن ڪا چالاڪي ڪري هن کي ٺڳيندا، يا ڪنهن سبق کان گسائي ويندا يا وجهہ وٺي ڪو ڏينهن اسڪول ۾ حاضر ئي ڪونہ ٿيندا!! پر جڏهن هو وڏي وڏا ٿين ٿا، ۽ بلوغت کي پهچن ٿا، تڏهن انهن جون خطاڪاريون اڪثر حيواني اَنڌ جي حد تائين وڃي رسن ٿيون۔ پوءِ حرص هوس جا شڪار ٿين ٿا، ۽ ڪيتريون ئي بريون عادتون، مثلاً مائٽن جي پئسن جي چوري، جوا، شراب خوري، ڇوڪرين سان عشق بازي ۽ شادي شده عورتن سان بدراهي، ۽ اهڙيون ڪيئي بيون عادتون بدعادتون هو حاصل ڪن ٿا، تنهن جو مطلب هيءَ ٿيو تہ انهيءَ وهي ۾ انهن جي سڌن ۽ هوسناڪين تي سخت نظرداري ڪرڻ ۽ انهن کي نهايت خيال ۽ خبرداريءَ سان روڪڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ بيحد ضروري آهي. بلوغت جي پختيءَ عمر ۾ خوشين جي خواهش وڻ وانگر وڌي ۽ ول وانگر پکڙجي وڃي ٿي، هيءَ وهي هڪ هنڌ ويهڻ جي نہ آهي، هن وهيءَ ۾ دل ٽپ ڪائيندي آهي، ان کي مضبوط لغام ڏيڻ جي ضرورت رهي ٿي: جيڪڏهن مائٽ ڪنهن نوجوان پٽ جي هن وهيءَ کي پنهنجي وس ۾ رکي، ان جي رهبري ٺٺا ڪري سگهن، تہ سندن اها سستي يا مجبوري هڪ بدڪار جوانيءَ لاءَ گويا کليل پروانو ثابت ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري سمجهدار پيئرن تي اهو هڪ لازمي فرض ٿئي ٿو تہ هو پنهنجن پٽن تي خاص انهيءَ وهيءَ ۾ هر طرح باخبر، هوشمند ۽ اثرائتي نگاهہ رکن، ۽ ڪجهہ نيڪ صلاح ۽ نصيحت سان، ڪجهہ دڙڪي ۽ سختيءَ سان ۽ ڪجهہ منٿ ۽ آزيءَ سان، انهن کي مرم ۽ ماٺيپي جي حدن اندر رکڻ جي

ڪوشش ڪن. انهيءَ سلسلي ۾ انهن ماڻهن جا مثال، جن وقتي عيش عشرت پٺيان لڳي، پنهنجيون حياتيون ناڪام ۽ برباد ڪري ڇڏيون، ۽ پڻ اهڙن ڪامياب ۽ بختاور شخصن جا مثال، جن پنهنجي محنت ۽ اوچائيءَ سان اعليٰ عزت ۽ وڏو رتبو حاصل ڪيو بيحد فائدي مند ثابت ٿي سگهن ٿا. اهي ٻه شيون_ اعليٰ رتبي جي امتياز جي اميد، ۽ ناڪاميءَ ۽ نامراديءَ جي سزا جو ڊپ_ ڪماليت تي پهچڻ جون ڇڻ ٻه ڪنجيون آهن؛ انهن مان هڪڙي ماڻهن کي تيار ڪري ٿي ۽ اُڀاري ٿي ته هو اعليٰ ۾ اعليٰ ۽ نيڪ ۾ نيڪ حاصلات لاءِ ڪوشش ڪن. ۽ ٻي وري کين سمجهائي ۽ سيکاري ٿي ته خسيس ۽ ذليل ڪمن کان کين هر طرح پري رهڻ گهرجي.

## (6)

سڀ ڳالهہ جي هڪ ڳالهہ تہ نوجوانن کي بدعادت ۽ بداعمال شخصن جي صحبت کان هر صورت ۾ پري رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي؛ ڇا ڪاڻ تہ انهن جي صحبت ۾ لازمي طرح هو ڪونہ ڪو انهن جي ڪارنهن جو ذرو پاڻ تي لڳائي ئي وجهندا. نوجوانن جي تربيت جو اهو بنيادي اصول، فيثاغورث پنهنجن ڪن مامريل قانونن جي صورت ۾ اسان کي ٻڌائي ويو آهي؛ اهي قانون هاڻي آءٌ اوهان جي اڳيان سمجهاڻين سميت، عرض رکان ٿو. ڪماليت جي حاصلات لاءِ ماڻهوءَ جي دل ۾ جيڪو اُمنگ هئڻ کپي، ان کي جاڳائڻ ۽ وڌائڻ ۾ اهي قانون ڪافي مدد ڏيئي سگهن ٿا. اهي قانون هي آهن:

”ڪارـ پڇائين مڇي هرگز نہ چکو“.

مطلب تہ جن ماڻهن جو ڪردار براين سبب ڪارو آهي، انهن جي سنگت ۾ هڪ گهڙي بہ نہ گذاريو.

”ساهميءَ جي ڪانيءَ تي پير نہ رکو“.

مطلب تہ عدل جو تمام گهڻو خيال رکڻ گهرجي، ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ ان جي حدن کي اورانگهڻ نہ گهرجي.

”چوٿائيءَ جي مٿان ويهي نہ رهو“.

معنيٰ تہ ڪاهليءَ کي ڇڏيو ۽ اهو ويچار ڪريو تہ پنهنجين ضرورتن کي ڪيئن پورو ڪجي.

”هر ڪنهن ڏانهن هٿ نہ وڌايو“.

معنيٰ تہ بنا دير جي، هِن هُن سان، دوستيءَ جا ناتا ڳنڍڻ نہ گهرجن.

”سوڙهي منڊي نہ پايو“. جنهن جي معنيٰ آهي تہ زندگيءَ کي آزاد رکڻ گهرجي،ان کي ٻڌي ڇڏڻ نہ کپي.

”باهہ کي لوهي سيخ سان نہ سوريو“.

مطلب تہ جو ماڻهو اڳي ئي ڪاوڙ ۾ ورتل هجي، تنهن کي وڌيڪ نہ ڪاوڙائجي. سچ پچ تہ نہ ڪاوڙائجي، بلڪ ٿي سگهي تہ ان مهل ڳالهہ مڃي،انهيءَ کي ٺارجي .

”پنهنجيءَ دل کي نہ کائو“. معنيٰ تہ پريشانين ۾ پاڻ ڳاري، پاڻ کي اجايو عذاب نہ ڏيو.

”مٿر جي ڦرين کان پاسو ڪريو“.

مطلب تہ سياست ۾ پاڻ نہ ڦاسايو: پراڻي زماني ۾ معتوب حاڪمن جي سزا لاءِ مٿر جي ڦرين تي عام ووٽ ڳڻيا ويندا هئا .

”ڪاڌو ٿُڪي ۾ نہ وجهو“ . ان جي معنيٰ تہ گندي ذهن ۾ سٺا لفظ نہ وجهو ڇو تہ لفظن وسيلي فڪر کي خوراڪ ملي ٿي ۽ جي ذهن ۾ گندگي هوندي، تہ لفظ خودبخود گندا ٿي ويندا.

”منزل تي پهچي پوئتي نہ هٽو“.

مطلب تہ جڏهن ماڻهو مرڻ جي ويجهو هجي ۽ زندگيءَ جي منزل اڪئين ڏسي، تڏهن کيس دل نہ هارڻ کپي، بلڪ ڌيرج سان ان کي منهن ڏيڻ گهرجيس .

بهرحال، هاڻي آءٌ وري هن مضمون جي اصل مقصد واريءَ ڳالهہ تي ٿو اچان: جيئن مون ڀهرين ڇيو اسان کي گهرجي تہ پنهنجن نوجوان ٻارن کي بدڪار ماڻهن جي سنگ کان بچايون، ۽ خاص طور خوشامدڙين جي تہ ڀاڇي کان بہ ڪين پري رکون. مون اڪثر پيئرن کي سچي عمر هر موقعي تي، هن سلسلي ۾ جو ڪجهہ پئي چيو آهي، سو هتي هڪ ڀيرو وري بہ آءٌ چوڻ گهران ٿو: دنيا ۾ ماڻهن جو ڪو بہ قبيلو اهڙو ڪريل ۽ زهريلو ڪونهي ۽ نوجوانن کي ايترو ترت ۽ پوريءَ طرح چڪر ۾ آڻي، گمراهہ ڪري نٿو سگهي، جيترو هي خوشامدڙين جو قبيلو ڪري سگهي ٿو ڀيءَ توڙي پٽ، ٻنهي کي پاڙ ٽڙ ۽ ٽارين سوڌو هي برباد ڪري ٿا ڇڏين_ هڪ جي پيريءَ ۽ ٻئي جي جوانيءَ کي ڪنن سوڌو غم جي پرڻ ۾ پوري ٿا ڇڏين. سندن صلاحن جي ڪُنڊين تي خودپسنديءَ ۽ خودفريبيءَ جا ڳاهہ لڳل رهن ٿا.

جن کان پاڻ روڪڻ جهڙي تهڙي جي وس کان ٻاهر آهي. دولتمند پٽ جو دولتمند پيءُ، هن کي هوش جو سبق ڏيندو ته خوشامدڙيا هن کي بدمست رهڻ جي صلاح ڏيندا، هو پٽ کي پرهيزگاريءَ لاءِ چوندو ته خوشامدڙيا هن کي عياشيءَ تي آماده ڪندا، هو پٽ کي ڪفايت شعاريءَ جي نصيحت ڪندو ته خوشامدڙيا هن کي فضول خرچيءَ تي هرڪائيندا، هو پٽ کي محنت ۽ اورچائي سيکاريندو ته خوشامدڙيا هن کي نڪمائيءَ ۽ ڪاهليءَ جو رستو ڏسيندا. "اڙي يار، ڇا جون ڳڻتيون!" هو هن کي چوندا"زندگي آهي ڇا؟ بس گهڙيءِ ٻه گهڙيون.موج ڪر! پڙهين جي ڪر ڪرته لهڻي ڪانهي. هينئر آهي اُسيءَ ۾ مت اڻس ڪسي_ بس لاش بنيو پيو گهمي، سيڪنهن کي پيو ڏڙهيون ڏئي، اجهو ٿا ڪتولي تي رکي، وڃي قبر ۾ وجهي اچنس!" خوشامدڙيو هن جي اڳيان پنهنجي سڄي عزت وڃائڻ ۽ پاڻ کي ذليل ڪرڻ کان به ڪين گسندو، ايتريقدر جو ڪنهن فاحش رن کي سيڪاري، هٿ سان وٺي آڻي سندس حوالي ڪندو. مطلب ته جن کي پيئر، پيريءَ جو آسرو سمجهي، پالي نپائي، پيرن تي بيهارين ٿا، اُهي هنن خوشامدڙين جي ڪارستانين سبب ڪلر ڪاڌل ڀتين وانگر ڀُريو اچيو پٽ تي پون. ڦٽڪار هجي هن ذليل قبيلي تي! هو منهن تي دوستيءَ جا پوش چاڙهي گهمن ٿا، ۽ صاف گوئي هو ٻنهه ڪين ڄاڻن، پيسي واري جي پيرن ۾ پيا هوندا ۽ غريب کان ڪوهين پيا ڀڄندا .نوجوانن کي هرڪائڻ جا ٻنهه ڪاريگر آهن. جڏهن پيٽ ۾ سٽيو گرهه ٿو پوين، تڏهن ڪو هنن جي ڏند ٽيڙ ڏسي! قدرت هنن کي پلجي ٺاهيو آهي، هو انسان ذات جا ڪنا ڦٽ آهن، شاهورڪارن جي ادنيٰ اشاري تي پتلين وانگر نچندا رهن ٿا، اتفاق سان هو آزاد ڄاوا آهن. ۽ رضا خوشيءَ سان ٻانهن ٻڌا غلام ٿيو پيا هلن .بيعزتيءَ ۾ هو پنهنجي عزت ٿا سمجهن، ڇو ته ان سان ٿي سندن مفت خوريءَ جا موقعا وڌن ٿا. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو پيءُ چاهي ته سندس ٻار فضيلت ڀريا ٿين، ته ڪيس گهرجي ته اُنهن منحوس حيوانن جي سنگ کان هنن کي پري رکي. ۽ هيءَ ڳالهه به ايتري ئي اهم ته بدلچڻ هم ڪلاسين ۽ اسڪول ڀائين کان پڻ پنهنجن ٻارن کي پري رکجي، ڇو ته هو به وڏا بڇڙا ثابت ٿين ٿا ۽ سندن سنگ ۾ موتين جهڙا سنا، سلڇڻا ۽ صحابت ٻار به ڪرجيو ٻُهر ٿيو پون .

هي جيڪي ڳالهيون مون مٿي ڪيون آهن، انهن ۾ ڏاڍا سٺا ۽ فائدي وارا سبق موجود آهن: هاڻي آءٌ وڏيڪ چوڻ گهران ٿو ان جو واسطو انسان جي سياءُ سان آهي. آءٌ، وري بہ پيئرن ڏانهن منهن ڪري، ڪين عرض ڪندس تہ منهنجي سمجهہ موجب هي بهتر آهي تہ ڪين بيجا شوخ ۽ سخت نہ ٿيڻ گهرجي، بلڪ پاٽان ننڍن، پنهنجن نوجوانن پٽن جي لغزشن کي درگذر ڪرڻ کپين ـ ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ هو پاڻ بہ ڪڏهن ننڍا هئا .

جيئن حڪيم ڪڙيون دوائون مٺن شربتن سان ملائي، انهن کي پيش جهڙو بنائي، صحت بخشيءَ لاءِ استعمال ڪن ٿا. تيئن پيئرن کي بہ هر پل چڪ تي ڇينڀڻ جي دل آزاريءَ سان گڏ نرمائيءَ ۽ شفقت کان ڪم وٺڻ گهرجي .

ڪڏهن ڪڏهن ڪين دباءُ ۽ ضابطي جي واڳن کي ڍرو ڇڏي، پنهنجن ٻارن جي مرضيءَ کي کليو ميدان ڏيڻ گهرجين .سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اولاد جي غلطين تي ڪين ڪاوڙ ۾ آپي کان ٻاهر نہ نڪرڻ گهرجي: ڪن موقعن تي جڏهن مٿن سخت تتل هجن، تہ بہ ترت ئي ڪين ٿڌو ٿيڻ گهرجي. ضد ۽ ڪروڌ واريءَ طبيعت کان تيز طبيعت وري بہ چڱي آهي. اولاد سان جيڪڏهن ڪو پيءُ سدائين ناراض رهي ٿو ۽ هر وقت منهن چاڙهي هلي ٿو تہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هن کي اولاد سان نفرت آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بهتر آهي تہ اولاد جي پل چڪ کي ڌيان ۾ ئي نہ آڻجي، ۽ ڏيکاءُ ڏجي جڻ پوڙهي پيءُ جي اکين کا ڳالهہ ڏٺي ئي ڪانہ ۽ هن جي پوڙهن ڪنن ڪجهہ ٻڌو ئي ڪونہ، جو تہ ڪن حالتن ۾ ائين ئي بهتر آهي تہ ڏٺي اڻڏٺي ۽ ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏجي. اسين پنهنجن دوستن جون اوٽايون برداشت ڪريون ٿا، پنهنجي اولاد جون اوٽايون برداشت ڪيونسين تہ ڪهڙي غيرمعمولي ڳالهہ ٿي! ڪڏهن ڪڏهن نوڪر رات جي نشي ۾ ڏينهن جو بہ پيا ٿيڙ کائيندا آهن، پر ان لاءِ اسان هنن کي سزائون بيهي ڪين ٻڌائيندا آهيون. هڪ پيري اوهان مُٺ ـ پيڙ ڪئي آهي، تہ ٻئي پيري ٻنهي هٿن سان خرچ بہ ڪريو .ڪڏهن اوهان ڪاوڙ ڏيکاري آهي، هاڻي دل سان معافي پڻ ڏيو. هڪڙو پيرو اوهان جي پٽ، نوڪر کي وچ ۾ آڻي، توهان سان ٺڳي ڪئي ـ چڱو آهي تہ اوهين پنهنجي غصي کي روڪيو. هڪڙي پيري گهر آيو تہ مڏ ماتيءَ رات جون ريکائون هيس، چڱو آهي تہ ڇڏي ڏيوس. ۽

جيڪڏهن ڪنهن وينگس جي ڳنديل ور جي خوشبوءَ پاڻ سان ڪٽي آيو آهي، تہ بہ بهتر آهي تہ في الحال خاموش رهو .اجهل ۽ اڙينگ وڇيري ڪي ماٺ متيءَ ۾ لغام تي هيرائڻ ۽ پنڌ سيڪارڻ جا اهي ئي طريقا آهن. پر اهي جيڪي پنهنجين سڌن اڳيان هيٺا آهن ۽ نصيحت توڙي ملامت کان متي چڙهيل آهن ، تن کي ڪوشش ڪري شاديءَ جي پاڇاريءَ ۾ جوٽي ڇڏجي_ گور جوانيءَ کي جهلڻ ۽ ٻڌي بيهارڻ جو سوگهو رسو اهو ئي آهي پر پنهنجن پٽن کي زالون اهي پرڻائجن. جيڪي خاندان جي لحاظ کان توڙي دولت ۾ هنن کان گهٽيون متي نہ هجن. "ٻوڙجي، تہ بہ ليڪي اندر"_ اُنهيءَ خيال کان اها هڪ بيحد ڪمائتي چوٽي آهي. جيڪي پنهنجي رتبي ۽ پڇت کان متي شادي ڪن ٿا، اهي زالن جا مڙس نہ. پر انهن جي آندل دولت جا ملهہ ڳڌا ٻانها تي گذارين ٿا.

هاڻي، آءُ هڪ بہ ڳالهہ وڌيڪ ڪري، پنهنجي نصيحت_نامي کي بند ڪندس. سؤ ڳالهين جي هڪ ڳالهہ: پيئرن کي گهرجي تہ شخصي طور هو پنهنجي زندگي بي داغ آئيني جهڙي نرمل ۽ صاف گذارين. ۽ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ پورا ۽ اٽل رهن. تہ جيئن پنهنجي اولاد لاءِ هو روشن مثال بنجي سگهن، ۽ سندن زندگين کي ڏسي، سندن اولاد بدزبانيءَ ۽ بداعماليءَ کان پرهيز ڪرڻ سکي. جيڪي پنهنجي خاطي پٽن کي ڏوهہ ڏين ٿا، ۽ پاڻ انهن ساڳين خطائن ۾ ڦاٿل رهن ٿا يا ڦاسن ٿا، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ هي محسوس ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجن پٽن کان پهريائين هو پاڻ ڏوهي آهن ۽ انهن کان وڌيڪ پاڻ سزا جا لائق آهن. جيڪڏهن سندن پنهنجي زندگي سڄي جي سڄي بڇڙاين ۾ گذري ٿي، تہ پٽن جي ڳالهہ تہ پري رهي، هو پنهنجن ملهہ ورتل ٻانهن کي بہ ڇينڀڻ يا سزا ڏيڻ جا حقدار رهي نٿا سگهن. ان کان بہ وڌيڪ هاڃيڪار ڳالهہ هيءَ آهي تہ، ان صورت ۾، پنهنجي پٽن لاءِ بدزبانيءَ ۽ بداعماليءَ جا هو نہ فقط حمايتي پر سنوان سڌا سيڪارينڊڙ ثابت ٿين ٿا. جتي بزرگ بيحيا ٿي بيهندا، اُتي نوجوانن جي دلين ۾ ڪنهن چڱيءَ شيءَ لاءِ ڪا عزت باقي رهي، سو ممڪن ئي نہ آهي. اسان تي، تنهنڪري، لازم آهي تہ اسين جيڪو ڪم ڪريون، اهڙو هجي، جنهن مان اسان جي اولاد کي اعتدال ۽ خود ضابطگيءَ جو سبق ملي. هن سلسلي ۾

**ٻارن جي تعليم**

اسان کي يوريڊيس جي مثال تي هلڻ گهرجي. هوءَ جيتوڻيڪ غلام ۽ محڪوم اليريائي قبيلي جي هڪ عورت هئي، ۽ انهيءَ لحاظ کان هڪ طرح نه ٻن طرحن سان نه، پر ٽن طرحن سان اسٽريل ۽ عامي قسم جي عورت هئي، تنهن هوندي به ڪافي وڏيءَ ڄمار ۾ به ، هن پنهنجن ٻارن جي تعليم ۽ تربيت خاطر مهذب دنيا جي طور طريقن کان پاڻ کي واقف ڪيو ۽ انهن ۾ ڪماليت حاصل ڪيائين. فنون لطيف ڏانهن عقيدت جي نذراني طور هن هڪ عاليشان يادگار تعمير ڪرايو ان يادگار کي جن لفظن ۾ هن فنون لطيف ڏانهن منسوب ڪيو. انهن لفظن مان ثابت ٿئي ٿو ته هن جي دل ۾ پنهنجن ٻارن لاءِ ڪيڏي نه اٿاهه محبت موجود هئي:

”هيرا پولس جي يوريڊيس ، هيءَ يادگار فنون لطيف ڏانهن منسوب ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن وسيلي علم لاءِ سندس روح جي سڪ پوري ٿي سگهي. جڏهن هن جا پٽ وڏا ٿيڻ لڳا، تڏهن هن نيڪ بخت ماءُ انهن جي تربيت لاءِ پاڻ اکر سکيا جيڪي شناس ۽ سچائپ جي دروازي جا محافظ آهن“.

آخر ۾ آءٌ رڳو هيترو چوندس ته هي جيڪي نيڪ صلاحون مٿي پيش ڪيون اٿم، انهن جي تعميل هڪ اعليٰ آدرش آهي، جنهن تي رسڻ لاءِ دعائون گهري سگهجن ٿيون ۽ جنهن تي پهچڻ لاءِ ماڻهن جي نيڪ ڪوشش کي آياري سگهجي ٿو. اُنهن مان ڪن گهٽين تي، يا ٿورين تي به، پوريءَ ريت عمل ڪرڻ لاءِ، فطرت جي نيڪ صلاحتين ۽ ڀرپور اڻٿڪ محنت جي ضرورت آهي. بهرحال، اهو هڪ عظيم مقصد آهي. جنهن تائين پهچڻ اسان جي وس کان ٻاهر ڪونه آهي.

—

3

# علم تدريس مظلومن لاءِ

(Pedagogy of the Oppressed)

[اصل اسپينيءَ ۾]

مصنف

**پائلو فراري**

سنڌيڪار

**محمد ابراهيم جويو**

چاپو تیون: 2006ع

# انتساب

مظلومن جي نالي
۽ انهن جي نالي،
جيڪي سالن گڏ عذاب سهن ٿا
۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي وڙهن ٿا.

# فهرست


- ٻه اکر (سنڌي ترجمي لاءِ) 141
- مصنف جو تعارف 145
- انگريزيءَ جي مترجم جو پيش لفظ 146
- مصنف جو مهاڳ 153

❑ باب پهريون: 160

مظلومن لاءِ خاص علم تدريس جو جواز. ظالمن ۽ مظلومن جو تضاد- ان جو ڪيئن خاتمو ٿئي. ظلم ۽ ظالم ۽ مظلوم. آزادي: مظلومن جو پنهنجو عمل- سندن راءِ، ساٿ ۽ مرضيءَ جو عمل، فڪر ۽ عمل جو اشتراڪ. استاد ۽ شاگردَ (اڳواڻپ ۽ ماڻهو) هڪ ئي ڪم ۾ ساٿي ۽ همراهه. هڪ باهمي سلسلو.

❑ باب ٻيو: 195

تعليم جو 'بئنڪاري' تصور- ظالم جو هڪ هٿيار. تعليم جو 'مسئلن کي کولي آڏو رکڻ' جو تصور- آزادگيءَ جو هڪ هٿيار.'بئنڪاري' تصور ۾ استاد ۽ شاگرد جو تضاد. ان جو 'مسئلن کي کولي آڏو رکڻ' جي تصور ۾ خاتمو. تعليم:دنيا جي تعلق سان، ڄاڻڻ ۽ بدلائڻ جي تحريڪ. هڪ باهمي تحرڪ جو سلسلو. انسان شعوري طور هڪ اڻپورو جيو. وڌيڪ بهتر انسان ٿيڻ لاءِ هن جي ڪوشش.

❑ باب ٽيون: 215

’ڳالهه- ٻولهه‘- آزاديءَ جي استعمال طور تعليم جو اصل روح؛ ڳالهه- ٻولهه جو فلسفو ۽ ڳالهه – ٻولهه؛ ڳالهه-ٻولهه ۽ تعليمي پروگرام جي مواد جي تلاش؛ انسانن ۽ دنيا جو تعلق، سرگرم مامرا ۽ ڳالهيون ۽ آزاديءَ جي استعمال طور تعليم جي پروگرام جو مواد؛ سرگرم مامرن جي تحقيق ۽ اُن جي طريقه واريت؛ سرگرم مامرن جي تحقيق وسيلي تنقيدي شعور جاڳڻ.

❑ باب چوٿون: 260

ڳالهه ٻولهه ورود ۽ ڳالهه ٻولهه پسندي- تهذيبي عمل جي مخالف نظرين جي عملڪاريءَ طور؛ ڳالهه ٻولهه ورود، ظلم جي هٿيار طور ۽ ڳالهه ٻولهه پسندي، آزادگيءَ جي هٿيار طور؛ ڳالهه ٻولهه ورودي عمل جو اصول ۽ ان جون خاصيتون: جيت (غلبو)، ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو، حرفت بازي ۽ هٽ نات ۽ تهذيبي اگرائي ٻولهه پسند عمل جو اصول ۽ اُن جون خاصيتون: سهڪار، اتحاد (آزادگيءَ لاءِ)، تعليم ۽ تهذيبي نبيرو.

❑ تشريحي نوٽ 332

- باب پهريون 332
- باب ٻيون 334
- باب ٽيون 335
- باب چوٿون 338

# ٻه اکر سنڌي ترجمي لاءِ

هيءَ ڪتاب، جيئن اُن جي نالي مان ظاهر آهي، هڪ تعليمي ڪتاب آهي- ۽ اِنهي ڪري غور سان، ۽ ڪوشش سان، پڙهڻو آهي، نہ آڪاٽيءَ يا ناول وانگر.

سطحي يا مٿاڇري ويچارَ ۽ اونهي ويچار، هلڪيءَ يا بي وزن ڳالهہ ۽ وزندار ڳالهہ جي ڪرڻ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ فرق ٿئي ٿو هلڪا ويچار ۽ توائي ڳالهيون ڪٿي بہ ٻيهي نہ ٿيون سگهن خود ماڻهوءَ جي پنهنجي ۾ بہ اهي، اُتي بہ ۽ ٻاهر بہ فقط غبار آلود ۽ واچوڙائي ماحول ئي پيدا ڪري ٿيون سگهن.

جيتري قدر ٻولين جو نثر ۽ نظم، فڪر ۽ معنيٰ جي خيال کان، ڳنڀير ۽ مايہ دار هجي ٿو اوتري قدر اُهي ٻوليون ۽ اُنهن جون ڳالهائيندڙ لکندڙ ۽ پڙهندڙ قومون انساني دنيا ۾ مان ۽ مرتبو پائين ٿيون ۽ قبوليون وڃن ٿيون، ۽ امن ۽ خير ۾ رهن ٿيون ۽ اڳتي وڌن ٿيون. ۽ اُن سڀ لاءِ اُنهن کي وڏي جاکوڙ ۽ جيءَ جهنجهوڙ ڪرڻي پوي ٿي.

هر انساني مسئلي، هر تاريخي ۽ هر ڪائناتي ڳالهہ لاءِ رڳو ائين چوڻ تہ قدرت جو اُهو عمل آهي ۽ قدرت ئي پنهنجي مصلحت ڄاڻي ٿي، يا هِن يا هُن ڪنهن ڪتاب ۾ هر اُنهيءَ ڳالهہ يا مسئلي جي سمجهاڻي يا ڏس موجود آهي ۽ قدرت جي حوالي سان اُن جي اُها سمجهاڻي ۽ اُهو ڏس حرف آخر سمجهي، خوش پسند ۽ خوشدل ٿي ويهڻ- اِن کان وڌيڪ غبار آلود، واچوڙائي ۽ هولناڪ شيءَ انساني دنيا لاءِ ٻي ٿي نٿي سگهي. ڇو تہ اِها سوچ ۽ سوچ جي اِها تعليم، سماجي طور'موجود سدا موجود'(Status-quo) جي پرستاريءَ ۽ پاسداريءَ جي ئي تعليم آهي، ۽ اُن جي ئي غبارڻ، غلافڻ ۽ پنهنجي پَرَ ۾ جيئن جو تيئن بچائي رکڻ جو ڪم ڏئي ٿي: اُن تعليم کي هن ڪتاب جي مصنف، پائلو فريري 'ٻئنڪاري' تعليم، 'فرماني' تعليم، 'ڳالهہ ٻولهہ وروڌي' سڏيو آهي. يعني، جيئن ٻئنڪ ۾ ڪو پئسا وجهندو آهي ۽ اُنهن تي پنهنجو فرمان هلائيندو آهي ۽ اُنهن بابت ٻئي جي ڪا بہ يا ٻنهہ

ڪا گهٽ ڳالهہ ٻڌندو آهي، تيئن موجود ۽ بيٺل سماجي نظام جي مفادي ۽ مفاد باز گروهہ بہ پنهنجي فائدي جي 'جاڻ پونجي' ماڻهن جي مغز ۾ وجهن ٿا۔ موجود ۽ بيٺل سماجي نظام جي ضربخاني ۾ گهڙيل ٺهيل ۽ ٺپي لڳل جاڻ۔ تہ جيئن اُهو سندن نظام 'قائم ۽ دائم رهي ۽ اُن جي ڪنهن تبديليءَ جا امڪان پيدا نہ ٿين ۽ پيدا ٿين تہ وڏي اُن جي بنيادن ۾ ڪو خلل نہ ٻارين ۽ اُن جي ديوارين کي ڪٽي لوڏي يا ڪيرائي نہ وجهن. اُن پنهنجي ٺپي لڳل، نيٺ ۽ بنهہ وڏيءَ جاڻ۔مايا' کي هو پنهنجو نظريو يا 'مذهب' سڏين ٿا.

جڏهن ڪو 'مذهب' يا 'نظريو'مظلوم ۽ محروم خلق جي ترجمانيءَ ۽ طرفداريءَ کي ڇڏي، جنهن سان اُن جي ڪڏهن ابتدا ٿي هئي، سڄي سماج جي پيار ۽ پوڄا پاٺ جو بت بڻجي وڃي ٿو(مطلب تہ اُن کي ائين بنايو وڃي ٿو)۔ يعني ظالم خلق جو بہ اُهو مذهب تہ مظلوم خلق جو بہ اُهو مذهب۔ تڏهن اُهو مذهب يا نظريو طاقتور ۽ ظالم خلق جي ئي تصرف ۽ تحفظ ۾ هئڻ سبب، صرف اُن ئي ظالم خلق جي هٿ جي هٿيار جو ڪم ڏئي ٿو ۽ اُن جي سڄي تعليم ۽ تدريس پائلو فريري جي بيان ڪيل اُنهيءَ 'بئنڪاري'، 'فرماني' 'ڳالهہ ٻولهہ وروڌي'، تعليم جي صورت ۽ رخ وٺي بيهندي آهي۔سڄي انساني فڪر ۽ فلسفي جي تاريخ ان حقيقت جي شاهد آهي، ۽ اُهو نظريو يا مذهب پوءِ ظالمن کان مظلوم خلق جي آزاديءَ يا ڇوٽڪاري جو وسيلو هرگز بڻجي نٿو سگهي، پوءِ ڪيتريون بہ اُهو پنهنجي ازلي ۽ ابدي، اصلي يا آخري هجڻ جون دعوائون ڪري۔اُن جون خود اُهي سڀ دعوائون بہ اُهڙيون ظلم۔ پسند ۽ ظلم مائل، ۔بئنڪاري، فرماني ۽ ڳالهہ ٻولهہ وروڌي دعوائون هجن ٿيون.

ان سڀ جي ابتڙ پائلو فريري جو خيال آهي تہ تعليم آزاديءَ ۽ سماجي تبديليءَ جو هڪ رستو آهي۔ائين اُها رهي آهي ۽ اُن کي اِئين رهڻ گهرجي۔اُهو هڪ هٿيار جنهن سان انسان پنهنجي چوڌير دنيا کي ڏسي سگهن ٿا، سمجهي سگهن ٿا، ۽ ان جي تورتڪ ڪري ۽ اُن کي بدلائي سگهن ٿا، بشرطيڪ اُها تعليم 'بئنڪاري' نہ پر 'مسئلن کي کولي آڏو رکندڙ تعليم، فرماني نہ پر 'آزاد ۽ جمهوري'[يعني پاڻ پاتل ۽ آزاد مرضيءَ سان قبوليل] تعليم ۽ ڳالهہ ٻولهہ وروڌي نہ پر 'ڳالهہ۔ ٻولهہ پسند' تعليم هجي.

فريري بئنڪاري تعليم کي ظلم پسند ۽ ظلم مائل ۽ ڏاڍ يا بالادستيءَ جي 'مڙهيل' تعليم سڏيندي، سماج ۾ اُن جي پيدا ڪيل عام تهذيبي فضا کي اکيون، ڪن ۽ چپ بند ڪري ڇڏيندڙ گگدام، ماٺ جي تهذيب (Culture of Silence) سڏيو آهي، جيڪا مظلوم ۽ غريب ،' پڙهيل' تورڙي اڻ پڙهيل ۽ همت هاريل خلق جي وسيع تعداد تي ڇانيل رهي ٿي. سندس چوڻ موجب هيءَ 'ماٺ جي تهذيب' اڄ پوئتي پيل ۽ محتاج ۽ ماريل ملڪن کان علاوه خود اڳتي وڌيل سرمايه دار ۽ سامراجي ملڪن لاءِ به وڏو خطرو بڻيل آهي، جيڪو هر هنڌ اُتان جي حد کان زياده فضوليات ۽ کپتڪاريءَ جي حرص ۾ اڙيل ۽ حد کان زياده هيسيل ۽ انتظاميل ماڻهن جي وڏي حصي تي اڄ غالب آهي. فريري پنهنجي 'ڳالهه- ٻولهه پسند'، 'مسئلن کي کولي آڏو رکندڙ'، 'آزاد ۽ جمهوري' تعليم جي تصور کي اُهو هڪ طاقتور ۽ زندگي بخش هٿيار سمجهي ٿو جيڪو ماڻهن کي، مظلومن ۽ محرومن کي، پنهنجي سماجي حقيقت سان تخليقي ۽ انقلابي انداز سان نبيرڻ ۽ اُن کي بدلائڻ جي صلاحيت ڏئي ٿو جنهن سان انسان آزاد ٿين ٿا، بهتر کان بهتر انسان بنجن ٿا، ۽ ائين هو وقت سان اڳتي ويندڙ تاريخي سلسلي جا حصا بنجن ٿا ۽ اُن جي عمل ۾ شريڪ ٿين ٿا.

لغوي معنيٰ جي خيال کان، فريري جي هِن انقلابي تعليمي ڪتاب جو نالو— 'Pedagogy of the Oppressed' ڪجهه سمجهاڻي گهري ٿو"علم تدريس، مظلومن لاءِ". اُن جي ان انگريزي نالي جو ترجمو آهي، راقم جي هڪ محترم دوست، جيڪو تعليم جو ماهر ۽ هڪ لائق استاد آهي، خيال ظاهر ڪيو ته ڪتاب جي نالي جو اهو پورو ترجمو نه هو. اُن لاءِ هُن وٽ پڏرو هڪ دليل هو. لفظ "پيڊاگاگي (Padagogy) يوناني ٻوليءَ جي مرڪب لفظ Paed- agogos مان ورتل هو جنهن جي مول لفظي معنيٰ هئي"اُهو غلام (Agogos) جيڪو قديم غلام دار يوناني سڀيتا جي زماني ۾ ٻارن (Paed, ped, paedo) کي پوئتان لائي اسڪول وٺي ويندو هو ۽ پوءِ اصطلاحي طور اُن جي معنيٰ ٿري ٿي "ٻارن جو اڳواڻ سُونهون، استاد" . ۽ اُن کان به اڳتي وڌندي، ٿري ٿي فقط "استاد" (پر وري به ٻارن جو!). ائين جيئن ته "پيڊاگاگيءَ" جي لفظي معنيٰ هئي " ٻارن جي تدريس جو علم"، هن ڪتاب جو سڄو نالو ٿيو ٿي (ٻارن جو) علم'تدريس، مظلومن لاءِ"_ جيڪو ظاهر آهي ته ڪجهه ناموزون ٿي ٿي لڳو ۽ حقيقتاً به اُهو ائين صحيح نه هو. چو ته لائق

مصنف هن ڪتاب ۾ جيڪو علم ’تدريس بحث هيٺ آندو آهي، سو ٻارن جي تعليم لاءِ نہ پر بالغن جي تعليم لاءِ هو. پر ”پيڊاگاگي“ لفظ جي لغت مِڙان مُول لفظي معنيٰ کان سواءِ اصطلاحي معنيٰ بہ ڏني هئي ۽ اُها هئي:”تدريس يا سکيا(Teaching) جو فن، علم يا پيشو“ انهيءَ اصطلاحي لحاظ کان ڪتاب جو اصل انگريزي نالو توڙي اُن جو سنڌي ترجمي وارو نالو”علم تدريس، مظلومن لاءِ“ صحيح هو ۽ پڙ اُن جي مضمون سان عين مطابقت ۾ پورو ٺهڪيل هو.

هِن ڪتاب ۾ سمجهايل ’تدريس جو علم‘ خاص بالغن جي تعليم لاءِ، پوئتي پيل قومن جي عام خلق جي ڪثير حصي، اُن جي مظلوم ۽ محروم حصي، جي تعليم لاءِ هجڻ سبب، اُنهيءَ عوامي خدمت جي دائري ۾ ڪم ڪندڙ استادن، تعليمڪارن، ۽ سماجي، تهذيبي ۽ سياسي ڪارڪنن لاءِ، جيڪي اِن ڏس ۾ ”انقلابي اڳواٽپ“ جو رول ادا ڪن ٿا، بيحد هڪ مفيد ۽ ڪارائتو رهنما ڪتاب ثابت ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ ”علم تدريس، مظلومن لاءِ“ اُنهن کي نہ فقط ٻڌائي ٿو تہ ڪثير مظلوم خلق کي ڪيئن پاڙهجي، پر اهو بہ ٻڌائي ٿو ۽ سمجهائي ٿو تہ اُنهن کي ڇا پاڙهجي! يعني ڪهڙي تعليم ڏجي ۽ اُن تعليم لاءِ کين ڪيئن تيار ڪجي ۽ منظم ڪجي- تہ جيئن هو خود خوابيءَ جي موت مان اُٿي خودشناسيءَ جي زندگيءَ ڏانهن وڌن ۽ غلاميءَ جي پناهہ گاهہ کي ڇڏي آزاديءَ جي آماجگاهہ ۾ اچن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن.

اميد آهي تہ لائق پڙهندڙ هيءُ ڪتاب غور سان پڙهندا. ڪتاب جي ترجمي بابت ساڻن ڪهڙي ڪا خاص ڳالهہ ڪجي- هو راقم جي اڳين ترجمن جي اندازِ اطوار کان واقف آهن. ترجمي کي سهل ۽ سڌل بنائي پيش ڪرڻ ۾ وسان ڪو نہ ٿو گهٽائجي. پر پوءِ بہ ڪافي ڪن هنڌن تي، مضمون جي ڳوڙهائيءَ ۽ غير رواجي هئڻ سبب ٻولي بہ ڪافي مشڪل ۽ پيچيده ٿي وڃي ٿي. پر پڙهندڙ (يا ٻڌندڙ) کان ڳالهہ جو پيرائتو ڏس اوجهل نہ ٿئي، تہ پڪ آهي تہ اُها پنهنجو اثر ۽ سلسلو بحال رکي سگهي ٿي- ڇو تہ صحيح ۽ مفيد ڳالهہ کي پنهنجي اٽل ڪشش ۽ طاقت هجي ٿي. اميد تہ جتي جتي بيان يا پيشڪش جي ڪوتاهي يا ڪمزوري واقع ٿيل هوندي، اُتي مهربان پڙهندڙ جي پنهنجي سوچ ۽ ساڃاهہ کي ڳالهہ جي تہ تائين پهچڻ ۾ ساٿ جو ڪم ڏيندي.

حيدرآباد، سنڌ — محمد ابراهيم جويو

17ـ نومبر، 1984ع

# مصنف جو تعارف

پائلو فِريري (Paulo Freire) لاطيني آمريڪا جي ملڪ برازيل جي ريسف (Recife) شهر ۾ 1921ع ۾ ڄائو. ڪجهه وقت پنهنجي ملڪ ۾ سيڪريٽري آف ايڊيوڪيشن ۾ 'بالغن جي تعليم جي قومي رٿا' جو منتظم اعليٰ ٿي رهيو.

سندس پهريون ڪتاب 'Educacao com Practica da Liberdade' ('آزاديءَ لاءِ عملي تعليم') برازيل ۾ 1967ع ۾ شايع ٿيو ترت ئي جلا وطن ٿي، پاڙيسري ملڪ چليءَ (Chile) ۾ پناهه ورتائين ۽ اُتي پنهنجو ٻيو ڪتاب ' Accion Cultural ' 1969ع ۾ لکيائين، جنهن جو انگريزي ترجمو 1970ع ۾ 'Cultural Action for Freedom'('تهذيبي جدوجهد، آزاديءَ لاءِ') جي نالي سان پڌرو ٿيو.

ڪجهه وقت چلي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر، ۽ پڻ اُتي يونيسڪو جي 'زراعتي اصلاح لاءِ تربيت ۽ تحقيق جي اداري' جو صلاحڪار ٿي رهيو ۽ اُتان جي 'ترقيءَ ۽ سماجي تبديليءَ جي مطالعي جي مرڪز' ۾ پڻ ساٿي استاد طور ڪم ڪيائين.

ڪجهه عرصي لاءِ هارورڊ (يونائيٽيڊ اسٽيٽس) ۾ 'تعليم ۽ ترقيءَ جي مطالعي جي مرڪز' ۾ وزٽنگ پروفيسر به رهيو.

اُن کان پوءِ ڪي سال جينيوا (سئٽزرلنڊ) ۾ ڪليسائن جي عالمي ڪائونسل جي آفيس ۾ صلاحڪار طور ڪم ڪيائين.

1972ع ۾ هن جو سڀ کان اهم ڪتاب 'Pedagogy of the Oppressed' پينگئن (Penguin) ڪتابن جي سلسلي ۾ شايع ٿيو جنهن جو هيءُ ڪتاب "علم تدريس، مظلومن لاءِ" سنڌي ترجمو آهي.

# انگريزيءَ جي مترجم جو پيش لفظ

تورن ٿي سالن ۾ برازيل جي تعليمڪارَ پائلو فريري، جي سوچ ۽ ڪم جي ڳالهه ۽ اُن جو اثر اُتر اولهه برازيل مان اُٿندي، سڄي آمريڪي کنڊ ۾ پکڙجي ويو آهي، ۽ نہ رڳو تعليم جي ميدان ۾ پر قومي ترقيءَ لاءِ مجموعي جدوجهد تي اُن جا گهرا نشان ڏسجڻ لڳا آهن. اڄ جڏهن لاطيني آمريڪا جا عوام پنهنجو روايتي آرس ڇڏي، اُن مان جند ڇڏائي ۽ آجا ٿي رهيا آهن ۽ پنهنجن ملڪن جي ترقيءَ جي عمل ۾ حصيدار بنجڻ لاءِ آتا ڏسجي رهيا آهن، پائلو فِريري، تاريخ جي عين انهيءَ مرحلي تي، اڻ پڙهيلن جي تدريس جو هڪ طريقو راس ڪيو آهي، جنهن جدوجهد جي اُن سلسلي کي غير معمولي طرح اڳتي وڌايو ۽ تيز ڪيو آهي.

حقيقت ۾ اُهي جيڪي اِئين لکڻ پڙهڻ جي سکيا وٺندي، پنهنجي پاڻ کان نئين سر باخبر ٿين ٿا ۽ جنهن سماجي صورتحال ۾ پاڻ کي گهيريل ڏسن ٿا، اُن تي هو تنقيدي نگاهه وجهڻ شروع ڪن ٿا. اڪثر حالتن ۾ اُهي پنهجي سماج جي تبديلي لاءِ، جنهن سماج اُنهن کي شرڪت جي هر موقعي کان ۽ پنهنجاڻپ جي هر امڪان کان محروم رکيو آهي،وڏي اڳتي اچن ٿا ۽ وڏا تاريخ ساز ڪم ڪري گذرن ٿا ۽ ائين، تحقيق، اڄ چئي سگهجي ٿو تہ تعليم هڪ پيرو پيهر، سماج جي بنيادي تبديليءَ لاءِ هڪ وڏيءَ بلڪ آجهل قوت طور اُڀري، اسان جي آڏو اچي بيٺي آهي.

پائلو فِريري جو فڪر هڪ تخليقي ذهن ۽ حساس ضمير جو جواب آهي۔هڪ پوري دک ۽ غير معمولي اذيت جي للڪار جو جيڪا هُن جي ڪنن ۾ هُن جي جنم کان وٺي، چوڌاري ٻُرندي ٿي رهي. هو برازيل جي شهر ريسف ۾ 1921ع ۾ ڄائو هو جيڪو تيئن دنيا جي افلاس ۽ پستيءَ جي انتهائي شڪار خطن مان هڪ هو. 1929ع ۾ سڄيءَ سرمايہ دار دنيا سميت يونائيٽيڊ اسٽيٽس وڏي اقتصادي گهوٽالي ۾ ونجي ويل هئي، جنهن جي سڌي نتيجي ۾ برازيل کي بہ تباهيءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو هو ۽ فريري جو

ڪٽنب جيڪو هڪ وچولي درجي جو ڪٽنب هو اُن تباهيءَ جي اثر کان بچي نہ سگهيو هو ۽ ائين هُن کي پنهنجي اُن ٻالجتيءَ ۾ انهيءَ بدحاليءَ جي ذاتي تجربي مان لنگهڻو پيو هو جيڪا ڏرتيءَ جي ڏڪاٽل ماڻهن جي حصي ۾ آيل هوندي آهي.

هُن کي جنسي ٻُڪون ڪاٽيون پيون، ۽ جسم ۽ ذهن جي ساٽائيءَ کان هو اسڪول ۾ پوئتي رهجي وڃڻ لڳو ۽ پوءِ هُن يارهن سالن جي ئي ننڍيءَ اوستا ۾ پاڻ سان پڪو پرڻُ ڪري ورتو تہ هو پنهنجي سڄي زندگي پنهنجي ملڪ مان بک جي دئيت کي تڙي ڪڍڻ ۾ خرچ ڪندو تہ جيئن هُن وانگر ٻين ٻارن کي اُهي اُن جا چڪ ڪائڻا ۽ وٽ سَهڻا نہ پون، جيڪي کيس سَهڻا ۽ ڪاٽڻا پيا هئا.

ائين، جو هن کي ننڍيءَ عمر ۾ ئي غربت سان پنهنجي زندگي گهارڻي پيئي، اُن مان هُن اُها حقيقت دريافت ڪري ورتي، جنهن کي هُن اڳتي هلي "محروميءَ جي ماٺ جو ڪلچر" سڏيو. هُن اها ڳالهہ پوريءَ طرح پروڙي ورتي تہ هيٺن ۽ محرومن جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ اُنهن جي ڪا هليءَ سبب اُنهيءَ اقتصادي، سماجي ۽ سياسي بالادستيءَ جا نتيجا هئا، جيڪا مٿن مڙهيل هئي، ۽ هو اُن ڪري ئي پاٽان ڏاڍن جي آڏو هٺ۔ ڊگهيروُ ۽ انهن جي سخاوانيءَ ۽ حاتم طائيت جا شڪار هئا، جن جو هنن کي آڏين ۽ محتاج رهڻو ٿي پيو. بجاءِ ان جي، جو هو ڄاڻڻ ۽ دنيا جي اصل حقيقتن کي مُنهن ڏيڻ جهڙا ٿين، ۽ ائين ٿيڻ لاءِ هُنن کي همٿايو وڃي، هنن کي هڪ اهڙيءَ ڪيفيت ۾ غرقاب رکيو ٿي ويو، جنهن ۾ اُن حوصلي جو منجهن پيدا ٿيڻ عملي طرح ناممڪن ئي بڻجي ٿي ويو ۽ ائين هُن جي آڏو اها ڳالهہ واضع ٿي تہ سڄو هلندڙ تعليمي سرشتو انهيءَ "ماٺ جي ڪلچر" جي ئي بچاءَ لاءِ، سماج وٽ جيڪي وڏا وڏا اوزار ۽ وسيلا هئا، اُنهن مان ئي هڪ وسيلو يا اوزار هو.

اِن حقيقت سان بلڪل 'هڪ وجودي' طور مقابل ٿيندي، فريري پوءِ سماج جي تعليمي سرشتي تي پورو توجهہ ڏنو ۽ اُن سلسلي ۾ تحقيق ۽ تجربي جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ڪيئي سال اُن ڪانپوءِ هن مطالعي ۽ فڪر جي هڪ سلسلي تي صرف ڪيا آهن، جنهن مان هو انسانن جي بنيادي تعليم فلسفي ۾ هڪ بلڪل نئين ۽ تخليقي ڳالهہ پيدا ڪري سگهيو آهي. بلڪل

ئي هڪ نئينءَ دنيا جي تخليق ۽ تعمير لاءِ عام مردن ۽ عورتن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سڌيءَ طرح شامل حال رهندي، هو ڪيترن ئي اُنهن مجاهدن ۽ مفڪرن جي تجربي ۽ سوچ تائين وڏي وڃي پهتو آهي، جيڪي مختلف حالات ۾ ۽ جدا جدا فيلسوفي موقفن سان وابستہ هئا۔ مثلاً، سندس ئي لفظن ۾ 'سارتري ۽ مونيئر، ايرڪ فرام ۽ لوئي آلتوسر، آرتيگي گئسيٽ ۽ مائو مارٽن لوٿر ڪنگ ۽ چي گيويرا، اُنمونو ۽ مارڪيوس.'

هِن انهن ماڻهن جي پنهنجي پنهنجي اندر جي سُوجهيءَ کي استعمال ڪندي، تعليم جو هڪ اُهو منظر پيدا ڪيو آهي، جيڪو پوريءَ اصليت ۾ سندس پنهنجو آهي، ۽ جيڪو خاص طرح لاطيني آمريڪا جي ٺوس حقيقتن جي للڪار جو جواب پيش ڪري ٿو. تعليم جي فلسفي تي سندس هيءَ فڪر پهريائين 1959ع ۾ يونيورسٽي آف ريسف ۾ هن جي ڊاڪٽوريٽ جي مضمون طور ظاهر ٿيو ۽ پوءِ ان ئي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم جي فلسفي ۽ تاريخ جي پروفيسر طور ڪم ڪندي، ۽ اُن کان اڳ اُن ئي پنهنجي شهر جي اڻ پڙهيلن کي پڙهائيءَ جي پنهنجي عملي تجربن دوران پنهنجي اُن فڪر کي هن مڪمل ڪيو ۽ چندي چاٽي، پختو ۽ صاف ڪري بيهاريو.

فريري پنهنجا ڪيئي مضمون پرتگالي ۽ اسپيني ٻولين ۾ لکيا، ۽ هُن جو پهريون ڪتاب "انساني آزاديءَ لاءِ عملي تعليم" ( Edtucacao Como Pratica da liberdade) جي نالي سان 1967ع ۾ برازيل ۾ پڌرو ٿيو هُن جو هيءَ زير نظر تازو ڪتاب "علم تدريس، مظلومن لاءِ" (Pedagugy of the Oppressed) هن جي پهرين تصنيف آهي جا يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ شايع ٿي آهي.

هِن مختصر پيش لفظ ۾ مون لاءِ ممڪن ڪونهي تہ آءٌ چند فقرن ۾ سڄيءَ اُن ڳالهہ جو تت ڏيئي سگهان، جيڪا مصنف ڪيترن ئي صفحن ۾ پيش ڪئي آهي، ائين ڪرڻ هُن جي فڪر جي گوناگون گيرائيءَ ۽ گهرائيءَ سان بي انصافي ٿيندي پر ٿورا لفظ ان سلسلي ۾ رڳو هڪ تصديق طور، بيجا نہ ٿيندا۔شخصي تصديق طور، ان وضاحت لاءِ تہ آءٌ پائلو فريري جي فڪر جو ذڪر ۽ اُن بابت ڪجهہ ڳالهہ ٻولهہ هڪ ضروري ۽ اتساهڪ ڪوشش ٿو سمجهان. آءٌ، جيئن تہ اڄ جي تعليمي دائرن جي ايتري طول طويل ذهني ڪم جي نري خياليت ۽ بي حاصليءَ مان ڪافي بيزاريل آهيان، سوچ جي هِن

نئين سلسلي مان مون کي ڪافي اتساهه مليو ته جيڪو هڪ پوري تاريخي حوالي سان منهنجي آڏو پيش ٿئي ٿو جيڪو هن نئين سماجي نظام جي تعمير لاءِ جدوجهد جي حوالي سان اڀُري ٿو، ۽ جنهن ۾ انهيءَ طرح علم ۽ عمل جي، نظريي ۽ استعمال جي، هڪ نئين سِٽ ۽ اتحاد جي، ترجماني ٿئي ٿي ۽ ٻيو ته جڏهن پائلو فريري جي اوچائيءَ وارو هڪ شخص دانشوريءَ جي انسانيت ساز پيشي جي نئين سر دريافت اسان وٽ اُجاگر ڪري ۽ فڪر جي عام قبوليل بندشن کان انڪاري ٿي، اسان لاءِ هڪ نئين مستقبل ڏانهن ويندڙ راهه روشن ڪري، ته منهنجي لاءِ اِن جاندار ۽ جان فزا پيش منظر تي خوش ٿيڻ بلڪ خوشيءَ ۾ ٻرجي وڃڻ لازمي آهي.

فريري اِهو سڀ انهيءَ سبب ڪري سگهيو آهي، جو هو هڪ بنيادي ويساهه تي عمل ڪري ٿو: ته ماڻهوءَ جو ڪائناتي فريضو بلڪ هُن جو قدرتي پيشو آهي ته هو اهڙو هڪ عامل يا عملڪار بنجي، جيڪو پنهنجي پوري ۽ سچي عمل(تدبير) سان دنيا تي اثر ڪري ٿو ۽ اُن کي بدلائي ٿو ۽ ائين ڪرڻ ۾ هو انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪامل، وڌيڪ ڀرپور ۽ مالا مال زندگيءَ جي نون امڪانن طرف وڌي ٿو ھيءَ 'دنيا' جنهن سان هو واسطي ۾ آهي، هڪ بيٺل يا بند نظام نه آهي۔ هڪ مليل حقيقت جيڪا ماڻهوءَ کي قبولڻي ئي آهي ۽ جنهن سان هن کي نهڻو ئي آهي:. بلڪ اِها هڪ مسئلو آهي جنهن کي سمجهڻو ۽ حل ڪرڻو آهي. اِها هڪُ مواد آهي، جيڪو ماڻهو تاريخ جي جوڙڻ ۾ استعمال ڪري ٿو ۽ اِهو ماڻهوءَ جو اُهو ڪم آهي، جيڪو هو فقط تڏهن ادا ڪري ٿو جڏهن هو اُن صورتحال تي غالب پوي ٿو جنهن سان ڪنهن خاص وقت تي ۽ ڪنهن خاص جاءِ تي انسانيت زوالجي ٿي، ۽ جنهن تي غالب پئجي ڪري هو وصفي طور نئين صورتحال جي اُپائڻ جي جرئت ڪري ٿو.

اِن ويساهه سان گڏ فريري جو هيءُ ٻه ويساهه آهي (جنهن کي هاڻي ڪافي تجربي جو پس منظر ثابت ڪري چڪو آهي) ته هر انسان، پوءِ اُهو ڪيترو به 'جاهل' يا 'ماٺ جي ڪلچر' ۾ غرقاب هجي، پنهنجي دنيا کي، ٻين سان ڳالهه ٻولهه جي ڏوڙ ڏوڙي ۾، تنقيدي طور ڏسڻ جو اهل آهي، اهڙي ڏوڙ ڏوڙي لاءِ هُن کي جيڪڏهن مناسب ۽ پورا اوزار ميسر آهن، ته هو آهستي

آهستي پنهنجي شخصي ۽ سماجي حقيقت کي ۽ پڻ اُن جي تضادن کي ڏسي سگهي ٿو ۽ پروڙي سگهي ٿو. اُن پنهنجي پروڙ جو شعور به پائي سگهي ٿو ۽ اُن کي تنقيدي طور منهن به ڏيئي سگهي ٿو. عمل جي ان سلسلي دوران پراڻو پترتائي استادَ شاگردَ جو تعلق ختم ٿي وڃي ٿو. هڪڙو هاري پنهنجي پاڙيسريءَ لاءِ ان سلسلي کي ٻاهران آندل هڪ استاد کان وڌيڪ آسان ۽ ڦلدائڪ بڻائي سگهي ٿو. ائين ماڻهو پنهنجي دنيا کي وچ جو ڳانڍاپو بنائي، هڪ ٻين سان تعليم جي ڏي وٺ ڪن ٿا.

جڏهن هڪڙو اڻ پڙهيل هاري هِن قسم جي تعليمي تجربي ۾ شريڪ ٿئي ٿو ته هو پنهنجي ذات کان نئينءَ طرح با خبر ٿئي ٿو. پنهنجي عزت جو هُن کي نئون احساس ٿئي ٿو ۽ هو اندر ۾ نئينءَ هڪ اميد جو تحرڪ محسوس ڪري ٿو.

هڪ بنيادي ڳالهه جيڪا تعليم جي سلسلي ۾ ياد رکڻي آهي، سا هيءَ آهي ته ٻي طرفدار تعليم جهڙي ڪا به شيءَ ڪانهي. تعليم يا ته اهڙي هڪ هٿيار طور عمل پيرا هجي ٿي، جيڪو ماڻهن کي، ماڻهن جي نئين نسل کي، موجود سماجي نظام جي منطق سان ملائي هڪ ڪري ٿو ۽ بيهاري ٿو ۽ اُن سان اُنهن جي موافقت ٿو پيدا ڪري، يا اُها 'آزاديءَ جو عمل' ثابت ٿئي ٿي، يعني اهڙو هڪ هٿيار يا ذريعو جنهن سان عورتون ۽ مرد، انهن جو نئون نسل، حقيقت سان تنقيدي ۽ تخليقي طور نبرن ٿا ۽ اِن طرح دريافت ڪري وٺن ٿا ته ڪيئن هو پنهنجي دنيا جي تبديليءَ جي عمل ۾ حصو وٺي سگهن ٿا. تعليم جي اُها طريقت يا اُن جو اُهو سرشتو جيڪو تبديل جي اِن عمل کي آسان بنائي، اُن سان اسان جي سماج ۾ ظاهر آهي ته تصادم ۽ ڇڪتاڻ لازمي طور پيدا ٿيندي. پر اُها تعليم هڪ نئين انسان جي جنم جو سبب يا وسيلو به لازمي طور بڻجي سگهي ٿو ۽ ائين اُن سان انساني تاريخ ۾ هميشه نئين دؤر ابتدا ٿيندي آئي آهي ۽ آئنده به ائين ٿيڻو آهي. اُهي جيڪي انساني مستقبل جي نئينءَ منزل جا مشتاق آهن ۽ اُن سان هِنن جي سِر سيتائي آهي، ۽ اُن لاءِ تجربي، حڪمت عمليءَ ۽ وسيلن جا متلاشي آهن. پائلو فريري جو هيءُ تعليمي فڪر انهن لاءِ ايندڙ سالن جي دوران تمام هڪ اهم سونهون ۽ مددگار ثابت ٿي سگهندو.

- رچرڊ شال

# علم تدريس مظلومن لاءِ

[اصل اسپيني ۾]

ڙگو فڪر ۽ مطالعي سان ئي هيءَ ’علم تدريس، مظلومن لاءِ‘ مرتب نہ ٿيو آهي؛ اُن جا بنياد سچ پچ جي حالات تي ٻيٺل آهن ۽ اُن ۾ پورهيتن (ٻهراڙيءَ جي هارين ۽ شهر جي مزدورن، ۽ وچين طبقي جي ماڻهن) جا رد عمل بيان ٿيل آهن، جن جو مون سڌيءَ طرح پنهنجي تعليمي ڪم جي دوران مشاهدو ڪيو آهي.

— پائلو فريري

# مصنف جو مهاڳ

’علم تدريس، مظلومن لاءِ‘ جو هيءُ تعارفي مضمون منهنجن گذريل ڇهن سالن جي سياسي جلا وطنيءَ ۾ منهنجن ڪيل مشاهدن جو نتيجو آهي- مشاهدا، جن برازيل ۾ منهنجي تعليمي ڪار گذارين دوران حاصل ٿيل مشاهدن کي وڌيڪ با معنيٰ ۽ وزندار بنايو آهي.

مون کي تدريس جي تربيتي ڪورس هلنديءَ جتي ’شعورجڻ‘ جي ڪم جي تور تڪ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي ٿي ويئي، ۽ پڻ سچيءَ آزادگيءَ جي تعليم جي عملي تجربن دوران، ’آزاديءَ جي خوف‘ سان منهن پوڻ جو اتفاق پئي ٿيو آهي- اُن بابت هِن ڪتاب جي پهرئين باب ۾ مون ڪافي ڪجهه بحث بہ ڪيو آهي، ڪيئي ڀيرا تربيتي ڪورسن ۾ حصي وٺندڙ دوست ’شعورجڻ جي ”خطري“‘ ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪائيندا رهيا- اصل ائين، جو اُن مان هنن جو پنهنجو ’آزاديءَ جو خوف‘ ئي ظاهر پئي ٿيو. هنن چيو ٿي تہ ’تنقيدي شعور نراجي آهي، نراج پسند آهي‘؛ ٻين چيو ٿي تہ ’تنقيدي شعور سان بي نظمي ۽ بدامني پيدا ٿي سگهي ٿي،‘ پر ڪي، ائين چئي، قبولدار بہ ٿيا ٿي:’مان انڪار ڇو ڪريان؟ مون کي آزاديءَ کان سچ پچ خوف ٿي ٿيو. پر هاڻي مون کي خوف ڪونهي!‘

انهن بحثن مباحثن ۾ هڪ ڀيري هيءَ ڳالهہ زير بحث آئي هئي تہ ’ڇا، ماڻهن جو ظلم يا بي انصافيءَ جي ڪنهن خاص مثال يا واقعي بابت شعورجڻ ”ڪٽر پڻي جي حد تائين هُنن ۾ تخريبي ادارو يا جولان“ تہ پيدا ڪو نہ ڪري وجهندو! يا اُن مان هو ”پنهنجي دنيا جي ڪامل بيسُوديءَ يا ڪُلي ناڪاميءَ جي احساس“ هيٺ تہ ڪو نہ وڃي ويندا!‘ دليلن جي ڏي وٺ هلنديءَ، هڪڙي ماڻهوءَ، جيڪو اڳي ڪافي سال هڪ ڪارخاني ۾ مزدور رهي چڪو هو چيو: ’شايد مان ئي هڪڙو هتي اصل ۾ مزدور طبقي

---

* Conscientization= Awakening/ activization of consciousness/ conscience

- شعور جو وويڪ جو جاڳڻ/ سرگرم ٿيڻ، وويڪجڻ/ شعورجڻ.

منجهان آهيان. مان نٿو چئي سگهان تہ اوهان جو ڪجھ هيٺنر ڇيو سو سڀ مون سمجهيو آهي، پر مان هڪ ڳالھ چئي سگهان ٿو۔ "جڏهن مون هيءُ ڪورس شروع ڪيو هو تڏهن مان ٻالو ڀولو هوس، ۽ جڏهن مون ڄاتي ورتو تہ مان ڪيڏو نہ ٻالو ڀولو هوس، تہ مان ڦري نڪتہ ڇين ٽيس ۽ عيب ثواب جانچڻ لڳس، پر هِن منهنجي ڄاڻ ۽ دريافت مون کي ڪتر ڪو نہ بنايو آهي، ۽ نہ مان ناڪامي محسوس ڪريان ٿو يا پنهنجيءَ دنيا کان مايوس ٿي ٿيو آهيان!""

شعورجڻ جي ممڪن اثرن بابت هي ڊپ ڊاءُ ۽ شڪ شبها هڪ اهڙي سوچ جي بنياد تي بيٺل هجن ٿا، جنهن جو اظهار عموماً نٿو ڪيو وڃي: اُها سوچ هيءَ آهي تہ 'بي انصافيءَ يا ظلم جي شڪار شخصن لاءِ بهتر آهي تہ هو پاڻ لاءِ اٿين محسوس ٿي نہ ڪن!_ جا ڳالھ تہ ظاهر آهي تہ انساني امڪان جي دائري کان خارج آهي. حقيقت ۾، شعورجڻ جو عمل 'تخريبي ڪتر پڻو' هرگز پيدا ڪو نہ ٿو ڪري، اُن جي ابتڙ ماڻهن لاءِ ذميدار عملڪارن طور وڏي تاريخ جي اڳتي ويندڙ سلسلي ۾ داخل ٿيڻ کي ممڪن بنائڻ سان، هيءُ شعورجڻ جو عمل اُنهن کي خود اثباتيءَ جي تلاش ۾ ضرور رنيائي ٿو ۽ مصروف رکي ٿو پر اٿين هُنن مان ڪتر پڻو يا حيواني جولان پاڻ گهٽ ٿو ٿئي بلڪ ختم ٿو ٿئي. 'تنقيدي شعور جي جاڳڻ سان سماجي ناراضگيون ۽ غصا اظهارجن ٿا، انهيءَ ڪري جو اُهي ظلمي صورتحال جا ٿي سڌا پاڌا نتيجا بلڪ اُن جا جزائي آهن.' (فرانسيسڪو ويفرٽ Francisco Weffert)

آزاديءَ جو خوف، جنهن خوف جو احساس ضروري نہ آهي تہ پاڻ خوف رکندڙ کي هجي بہ، پر اُهو هن کي ڪنبائي ضرور ٿو اُهو شخص سچ پچ تہ 'سلامتي ' جي موجود صورتحال ۾ پناھ وٺي ٿو جنهن کي هو آزاديءَ جي قيمت ادا ڪرڻ کان وڌيڪ چاهي ٿو. جيئن هيگل پنهنجي ڪتاب "من جي مظاهرن جو علم" (The Phenomenology of Mind) ۾ ٻڌائي ٿو: 'فقط زندگي کي خطري ۾ وجهڻ سان ئي آزادي حاصل ٿئي ٿي.... جيڪو شخص پنهنجي زندگي داءُ تي نٿو رکي، اُهو ڀلي هڪ شخص طور سڃاپي سگهي، پر هن اُنهيءَ سڃاڻپ جو سچ پڪ، با اختيار خود شعوريت طور، اڃا حاصل نہ ڪيو آهي.

ماڻهو آزاديءَ جو هيءُ خوف ڪليءَ طرح مشڪل سان قبول ڪندا آهن، بلڪ اُن کي هو ليپو ڏيئي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن۔ ڪڏهن ڪڏهن غير شعوري طور ۽ پڻ اِها دعويٰ ڪندي ته هو آزاديءَ جا ٽليدار آهن، هو آزاديءَ لاءِ پنهنجن شڪن ۽ انديشن کي ڏيرج ۽ ڳنڀيرتا جو گهاتو رنگ ڏيندا آهن۔ اصل ائين، جو هو ڇڻ آزاديءَ جا وڏا رکوال آهن! پر، اصل ۾ اِن سان هو آزادي کي منجهائي "موجود سدا موجود" ۽ تصور سان ملائي هڪ ڪري ٻيهارين ٿا۔ اهڙيءَ طرح، هو جيڪڏهن شعور جي جاڳڻ (شعورجڻ) سان 'موجود — سدا موجود' جي صورتحال خطري هيٺ اچي ٿي، ته اُهو هنن جي طرفان خود آزاديءَ لاءِ خطرو سمجهيو ٿو وڃي!

رڳو فڪر ۽ مطالعي سان ئي هيءُ 'علم تدريس، مظلومن لاءِ' مرتب نه ٿيو آهي، اُن جا بنياد سچ پچ جي حالات تي ٻيٺل آهن ۽ اُن ۾ پورهيتن (ٻهراڙيءَ جي هارين ۽ شهر جي مزدورن، ۽ وچين طبقي جي ماڻهن) جا رد عمل بيان ٿيل آهن، جن جو مون سڌيءَ طرح پنهنجي تعليمي ڪم جي دوران مشاهدو ڪيو آهي. اڳتي جي مشاهدي مان پڻ، مون کي موقعو ملندو ته ان جي پوءِ جي اشاعتن ۾ آءٌ ان کي سڌاري سگهندس. ۽ جيڪي نقطا اُن جي هِن تعارفي صورت ۾ آيل آهن. اُنهن جي تصديق توڙي وضاحت طور اُن کي وڌائي به سگهندس.

هيءُ منهنجو ڪتاب شايد ڪيترن پڙهندڙن ۾ منفي رد عمل پيدا ڪري انهن مان ڪي انساني آزادگيءَ جي مسئلي تي منهنجي موقف کي خالص مثالي يا خيالي سمجهن، يا 'ڪائناتي منصب'،'انسانيت'، 'محبت'، 'ڳالهه-ٻولهه'،'اميد'، 'نهٺائي'، 'همدردي'، وغيره تي منهنجي ڪيل بحث کي هو هڪ رجعتي 'بڪ' سمجهن. ٻيا وري ظلميءَ صورتحال جي جيڪا مون ننڌا ڪئي آهي، اُها قبول نه ڪن يا قبول ڪرڻ نه چاهين۔ چو ته ظلمي صورتحال ظالمن جي ته بهرحال دلپسند صورتحال ئي هجي ٿي. انهيءَ ڪري، آءٌ ائين ٿو چوان ته هيءُ منهنجو ڪتاب جيڪو هر طرح هڪ آزمائشي ڪتاب آهي، سو 'اصليت پسندن' (Radicals) لاءِ آهي. مون کي پڪ آهي ته مسيحي يا مارڪسي، جيتوڻيڪ هو مون سان ٿوري يا گهڻي قدر اختلاف به رکندا، پر ان کي آخر تائين ضرور پڙهندا. پر اُهو اِن جو پڙهندڙ

جيڪو ڪتر پٽي ۾ چؤڪنيو بڌل هجڻ سبب 'غير معقول' مؤقف وٺي بيهي ٿو. اهو ان جي سچيءَ ڳالهه ٻولهه کي اِن جي سچي بحث مباحثي کي، رد ڪري ڇڏيندو. جيڪو بحث مباحثو آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ هيءَ ڪتاب ٻيءَ حالت ۾ سيني حلقن ۾ ضرور شروع ڪندو ۽ ڪافي وقت سرگرم رکندو.

گروهہ پسندي (Sectarianism)، ڪنهن بہ حلقي جي انسان ذات جي آزاديءَ آڏو هڪ بندُ آهي. افسوس جي ڳالهہ آهي، جو ساڄيءَ ڌر جي گروهہ پسندي ڪڏهن بہ انقلابي اصليت پسنديءَ کي اُڀاري نٿي سگهي، پر خود اُهي جي انقلابي آهن، سي بہ ساڄيءَ ڌر جي اُن گروهہ پسنديءَ جي موٽ ۾ گروهہ پسنديءَ جي تنگدليءَ ۾ ڦاسي، رجعت پرست بنجي وڃن ٿا. بهرحال، ائين هرگز ٿيڻ نہ گهرجي، جو اهڙو ڪو امڪان اصليت پسندن کي ڇڪي بالادست عالي مقامين جي سياست جو مُهرو بنائي ڇڏي. ڇو تہ هو سڌيءَ طرح آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شامل هجڻ سبب ظالم جي تشدد يا حيلي جي آڏو ڪڏهن بہ خاموش ۽ نستا ٿي ويهي نٿا سگهن.

هونئن بہ اصليت پسند ڪڏهن بہ داخليت پرست نٿو ٿي سگهي، هُن لاءِ داخلي پاسو فقط خارجي پاسي جي نسبت سان ئي موجود هجي ٿو. خارجي پاسو جيڪو حقيقت جي نيٺ صورت ۾ ئي هجي ٿو جيڪا ئي هُن جي تور تڪ جو نشانو هوندي آهي. داخليت ۽ خارجيت ائين جدلياتي وحدت ۾ يڪجا هجن ٿيون.اُنهيءَ ئي طرح عمل سان يڪجهتيءَ طور علم اپڙي ٿو ۽ علم سان عمل.

گروهہ پسند، پوءِ هو ڪهڙي بہ خيال يا لاڙي جو هجي، پنهنجي عدم معقوليت سبب انڌو هجي ٿو ۽ انهيءَ ڪري هو حقيقت جي محرڪات کي نہ ڏسي ٿو ۽ نہ ڏسي سگهي ٿو. وڌ ۾ وڌ تہ هو اُن جي غلط تشريح ئي ڪري ٿو سگهي. جيڪڏهن هو جدلياتي طور سوچي بہ ٿو تہ اُها هن جي 'گهريلو جدليت' يعني 'ذاتي' جدليت ئي هجي ٿي. ساڄيءَ ڌر وارو گروهہ پسند، جنهن کي مون پنهنجي ٻي ڪتاب 'انسان آزادي لاءِ عملي تعليم' ۾ 'ڄائي ڄم جو گروهہ پسند' سڏيو آهي، تاريخ جي سلسلي کي روڪڻ يا ڍرو ڪرڻ گهري ٿو. وقت کي پنهنجي هٿ وس سان، ۽ ائين ماڻهن کي پنهنجا گروهي يا پالتو جانور يا هٿ جا اوزار بنائڻ سان. کاٻيءَ ڌر وارو جيڪو

گروهه پسند بنجي ٿو سو بہ حقيقت ڪي ۽ تاريخ ڪي جدلياتي طور سمجهڻ جي ڪوشش تہ ڪري ٿو پر رستو يلجي، لازمي طور سوچ جي تقدير پسند مؤقفن ۾ وڃي ٿو ڦاسي.

ساڄيءَ ڌر جو گروهہ پسند کاٻي ڌر جي گروهہ پسند کان مختلف رڳون ۾ هجي ٿو تہ هو حال کي پنهنجي حڪم ۾ رکڻ گهري ٿو انهيءَ اميد ۾ تہ مستقبل هُن لاءِ اُهو ئي سندس حال وري پيو جڙيندو ۽ پيدا ڪندو ۽ کاٻيءَ ڌر وارو گروهہ پسند وري مستقبل پهرين تيار يا اڳ قائم ٿيل سمجهي ٿو- جيئن ڪو اٽل ڀاڳ، ڪا امٽ تقدير يا قسمت. ساڄيءَ ڌر واري گروهہ پسند لاءِ 'اڄ' ماضيءَ سان جڪڙيل، هڪ اٽل ۽ سدا قائم شيءَ آهي: کاٻيءَ ڌر جي گروهہ پسند لاءِ وري 'سڀاڻي' هڪ اڳ مقرر، يقيني ۽ اڃهل شيءَ آهي، هو ساڄيءَ ڌر وارو ۽ هي کاٻيءَ ڌر وارو ٻيئي رجعتي آهن: ڇا ڪاڻ تہ هو تاريخ جي پنهنجي پنهنجي غلط نظريي کان ابتدا ڪري ٻيئي عمل جا اُهي نمونا اختيار ڪن ٿا، جيڪي آزاديءَ جي نفي ڪن ٿا. هڪڙو اُنهن مان 'ڇٽيوان' حال جو ۽ ٻيو 'موجود' مستقبل جو تصور رکي ٿو. اُن جي معنيٰ اها بہ ڪانهي تہ هو ڪو هٿ تي هٿ رکي ۽ محض 'تماشبين' ٿي ويهي ٿا رهن- پهريون اِها اميد رکي تہ حال قائم رهندو، ٻيو ترسي ويهندي تہ 'اڳ معلوم' مستقبل پاڻيهي ايندو. بلڪ 'يقين جي دائرن' ۾ پاڻ کي بند ڪري، جن کان هو نڪري نٿا سگهن، هو پنهنجو سچ ٺاهين ٿا."

اُهو سندن سچ انهن ماڻهن جو سچ نہ آهي، جيڪي مستقبل جي تعبير لاءِ جدوجهد ڪن ٿا ۽ ان تعمير ۾ جيڪي خطرا آهن، اهي سر تي کڻن ٿا، ۽ نہ اُهو سچ اُنهن ماڻهن جو سچ آهي، جيڪي ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي وڙهن ٿا ۽ گڏجي سکن ٿا تہ مستقبل ڪيئن اڏجي- اُهو مستقبل جيڪو اهڙي ڪا شيءَ ڪانهي جيڪا ڏني ويئي آهي ۽ ماڻهن کي رڳي وٺڻي آهي، پر در اصل اُها اهڙي هڪ شيءِ آهي جيڪا ڪين ئي ٺاهڻي آهي، ڪين ئي تخليق ڪرڻي آهي. ٻيئي قسم گروهہ پسنديءَ جا، تاريخ کي هڪ ئي طرح پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهندي، پنهنجي ساٿ ۽ سنگ مان ماڻهو وڃائي ويهن ٿا- جنهن جي معنيٰ اِها ئي هجي ٿي تہ هو ماڻهن جي سمت کان مخالف سمت ڏانهن منهن ڪري ٻيهي رهن ٿا.

جتي ساڄيءَ ڌر وارو گروهه پسند پاڻ کي پنهنجي سچ ۾ بند ڪندي، فقط پنهنجو فطري ڪردار ادا ڪري ٿو اُتي، افسوس جو کاٻيءَ ڌر وارو به جڏهن گروهه پسند ۾ 'ڪتو' بڻجي بيهي ٿو ته هو خود پنهنجي فطرت جي نفي ڪري ٿو. ٻنهي مان هر هڪ بهرحال، جيئن ته 'پنهنجي' سچ جي چوڌاري ڦري ٿو جيئن ئي هن جي سچ تي ڪو اعتراض اچي ٿو ته هڪدم چرڪي وڃي ٿو ۽ پاڻ لاءِ اُن ۾ خطرو محسوس ڪري ٿو. ائين انهن مان هر هڪ اُن ڳالهه کي ڪوڙ ٿو سمجهي، جيڪا 'سندس' سچ نه آهي. جيئن صحافيءَ 'مارشيو موريرا آويز' هڪ ڀيري مون ٻڌايو: 'هو ٻيئي شڪ جي غير موجودگيءَ جا شڪار هجن ٿا.!'

اصليت پسند، ڇاڪاڻ ته انساني آزاديءَ سان واڳيل آهي، 'يقين جي هڪ دائري' جو قيدي نٿو ٿئي، جنهن جي اندر حقيقت کي به هو بند ڪري ويهي رهي، اُن جي ابتڙ، جيتري قدر هو وڌيڪ اصليت پسند هوندو اوترو وڌيڪ پوريءَ طرح هو حقيقت جي دنيا ۾ قدم رکندو ته جيئن اُن کي بهتر طور ڄاڻندي بهتر طور تي تبديل ڪري سگهي. هو دنيا کي 'منهن ڏيڻ، کن ڏيئي ٻڌڻ ۽ کلئي منهن ڏسڻ کان نٿو ڊڄي. هو ماڻهن سان ملڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان نٿو ڊڄي، هو پاڻ کي تاريخ جو يا ماڻهن جو مالڪ نٿو سمجهي، ۽ نه پاڻ کي مظلومن جو نجات ڏياريندڙ ٿو ڀانئي: پر هو تاريخ سان موجود رهندي، پاڻ کي ماڻهن جي پاسي ۽ انهن سان گڏجي وڙهڻ لاءِ وقف ٿيل ضرور سمجهي ٿو.

'علم تدريس، مظلومن لاءِ' جنهن جو ابتدائي خاڪو ايندڙ صفحن ۾ پيش ڪيو ويو آهي، اصليت پسندن جي ڪٽڻ جو ذمو ۽ اُنهن جي ڪرڻ جو ڪم آهي، اِهو گروهه پسند پورو ڪري نه سگهندا.

جيڪڏهن هِن ڪتاب جي پڙهندڙن ۾ اهڙا ڪي هوندا، جيڪي اُن جون اوڻايون درست ڪِندا، غلط فهميون دور ڪندا، اُن جا نقطا واضح ڪندا ۽ جيڪي اُن جا پاسا مون کان رهجي ويا آهن اُهي اڳتي آڻيندا، ته آءٌ بيشڪ خوش ٿيندس. ائين ممڪن آهي ته هن انقلابي تهذيبي عمل بابت منهنجي خيال آرائيءَ جي حق کي ڪو نه مڃي ۽ چوي ته هيءَ جنهن کي ان دائري ۾ ڪو خاص تجربو ڪونهي، اهو ڪيئن ٿو ان بابت ڪا ڳالهه ٻولهه

ڪري؛ بهرحال، اها حقيقت تہ آءٌ ذاتي طور انقلابي عمل ۾ ڪڏهن شريڪ نہ ٿيو آهيان، ان بابت سوچڻ ڪان يقيناً مون کي روڪي نٿي سگهي. ان کان سواءِ مون ماڻهن ۾ تعليمڪار جي حيثيت سان ڪم ڪيو آهي، ۽ اُن ڪم ۾ مون ڳالهہ ٻولهہ ۽ مسئلن کي کولي آڏو رکڻ جي تعليمي طريقي جو تجربو ڪيو آهي، ۽ اُن سلسلي ۾ ڪافي گهڻو مواد منهنجي ذهن ۾ گڏيل هو جنهن مون کي اِهو حوصلو ڏنو تہ هن ڪتاب ۾ پنهنجي طرفان ڪي اصول ۽ ڪجهہ خيال پيش ڪريان.

هنن صفحن مان، بهرحال، مون کي اميد آهي تہ ڪم از ڪم هي ٻہ ڳالهيون ضرور باقي رهنديون:انساني برادريءَ ۾ منهنجو ڀروسو ۽ ويساهہ، ۽ ماڻهن ۾ ۽ اهڙيءَ هڪ دنيا جي ٺهڻ ۾ منهنجو ايمان۽ يقين، جنهن ۾ وڌيڪ آسانيءَ سان محبت انساني ممڪن ٿي سگهي.

# باب پهريون

انسان کي انسانَ بنائڻ جو مسئلو- اخلاقي، جمالياتي ۽ مذهبي خيال کان- انسان لاءِ سدائين مرڪزي اهميت جو مسئلو رهيو آهي، ۽ اڄ اُهو هُن لاءِ هڪ اٽل ذميداريءَ جو سوال (1) آهي. انسان کي انسان بنائڻ جي ذميداريءَ جي احساس سان گڏ انساني زوال (يا انسان جي حيوان بنجڻ) جي صورت کي هڪدم قبولڻو پوي ٿو- رڳو ڪنهن ڪائناتي يا قدرتي امڪان طور نه، پر هڪ تاريخي حقيقت طور. جيئن ئي انسان انساني زوال جي حد ڏسي ٿو ۽ خيال ۾ آڻي ٿو تيئن پاڻ کان پڇي ٿو:'ڇا، انسان جو انسان' بنجڻ عملا ممڪن آهي؟' ۽ انسان، جيڪو اڻپورو وجود آهي ۽ جنهن کي پنهنجي اڻپورائيءَ جو شعور آهي، تنهن لاءِ، عملاً ۽ خارجي حقيقت طور، انسان بنجڻ ۽ حيوان ٿيڻ (انساني عروج ۽ انساني زوال) ٻيئي امڪان موجود آهن.

پر، جيتوڻيڪ انسان لاءِ انسان بنجڻ ۽ حيوان ٿيڻ جا ٻيئي رستا موجود آهن، 'هن لاءِ 'قدرت جو سڏ'، 'هن جو ڪم يا منصب، فقط ۽ فقط پهرئين رستي سان هلڻ جو آهي. اُن منصب جو هو وري وري انڪار ڪري ٿو. پر هر اهڙي انڪار سان ئي هو اُن سان 'هائو' پڻ ڪري ٿو ۽ اُن کي قبولي ٿو. انسان جو اُهو منصب بي انصافيءَ، ڦرمار، ظلم ۽ ظالمن جي ڏاڍ هيٺ رنڊجي ٿو ۽ بتال ٿئي ٿو. اُهو مظلومن ۽ محرومن جي دلين ۾ آزاديءَ ۽ انصاف جا جيڪي اُڌما اٿن ٿا، اُنهن سان، ۽ پنهنجي وڃايل انساني رتبي کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ هو جيڪا جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪن ٿا، اُن سان وري اپري ٿو ۽ اڳتي وڌي ٿو.

انساني زوال وڏيڪ ڪامل انسان بنجڻ جي انساني منصب جو بد روپ آهي، ۽ اُهو پنهنجا نشان نہ رڳو اُنهن تي ڇڏي ٿو جن ڪان سندن انساني رتبو ڪسجي ٿو، پر اُنهن تي بہ ڇڏي ٿو(جيتوڻيڪ هڪ ٻئي انداز سان جيڪي ٻين ڪان اُهو رتبو ڪسين ٿا. انساني منصب جو هيءُ بدروپ تاريخ ۾ ظاهر ٿئي ٿو پر اُن جو واقع ٿيڻ تاريخي خصلت نہ آهي.سچ پچ تہ جي انساني زوال کي هڪ تاريخي خصلت مڃيو وڃي تہ انسان جي نيڪيءَ مان ٻنهہ نا اُميد ۽ پوريءَ طرح نراس ٿي ٿيڻو پوندو ۽ پوءِ انساني اصلاحَ، پورهيتن جي ڇوٽڪاري، ۽ انسانن جي ويڇي ۽ دوريءَ جي خاتمي جو هر جدوجهد بيڪار ۽ فرداً فرداً انسانن جي شخصي وقار جي تسليميءَ لاءِ هر ڪوشش بي معنيٰ سمجهي ويندي هيءُ جدوجهد ۽ ان جو سڄو امنگ ممڪن ئي انهيءَ ڪري آهي، جو انساني زوال جيتوڻيڪ تاريخي حقيقت تہ آهي، پر اُهو انسان جي تقدير نہ آهي-اُهو در اصل نتيجو آهي فقط هڪ بي انصاف سرشتي جو هڪ ظالم نظام جو جيڪو ظالمن ۾ ڏاڍ جو مرون جاڳائي ٿو ۽ ڇتو ڪري ٿو جنهن سان مظلوم پنهنجي انسان پڻي ڪان محروم ٿين ٿا ۽ انساني زوال جا شڪار ٿين ٿا.

۽ ڇا ڪاڻ تہ انساني زوال يا حيوانپڻو انساني عروج يا بهتر انسان پڻي جو بدروپ آهي. انهيءَ ڪري،جلد يا دير سان، مظلومن کي سندن ڪمتر انسان پني جو احساس پتي ۽ اٿاريءَ، اُنهن جي خلاف جدوجهد تي آماده ڪري ٿو جن کين ائين حيوان بنجڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ هيءُ جدوجهد، پنهنجي منصبي نتيجي ۾، معنيٰ واري ۽ سڦل بنجي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي انسانپڻي کي وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ (جيڪا ڪوشش ئي انسانپڻي جي تخليق جو هڪ رستو آهي) مظلوم پاڻ ڦري ظالمن جا ظالم نہ بڻجن، پر پنهنجي ۽ اُنهن جي، يعني ٻنهي جي، انسانپڻي جا ورائيندڙ ۽ سنواريندڙ ٿين.

اِهو ئي مظلومن جي اعليٰ انساني ۽ تاريخي ڪردار آهي: يعني، پاڻ کي آزاد ڪرڻ، ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجن ظالمن کي بہ آزاد ڪرڻ. ظالم جيڪي پنهنجي طاقت جي زور تي ظلم ڪن ٿا، ڦر مار ڪن ٿا، ۽ عزتون لٽين ٿا، اُنهن جي طاقت ۾ اُهو زور ڪونهي جنهن سان هو پاڻ کي، ۽ پاڻ سان

گڏ، مظلومن کي آزاد ڪري سگهن. فقط اُها طاقت جيڪا مظلومن جي هيڻائيءَ مان اُپري ٿي، اُن ۾ ئي اُهو زور آهي ۽ پيدا ٿي سگهي ٿو جنهن سان هو ٻنهي کي آزاد ڪري سگهن. مظلوم جي هيڻائيءَ کي خيال ۾ رکي، ظالم جي ڏاڍ کي 'نرم ڪرڻ' جي هر ڪوشش، گهٽي قدر سدائين، رڳو ڪوڙيءَ سخا يا ڪوڙيءَ فيض بخشيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي؛ سچ پچ تہ اهڙي ڪا بہ ڪوشش انهيءَ پري کان ڏسجندڙ فيض ۽ سخا جي سطح کان مٿي چڙهندي ئي نہ آهي. ظالمن کي سندن 'فيض ۽ سخا' جي اظهار جو سدائين موقعو مهيا هجي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي ظالم ۽ بي انصافيءَ کي بہ سدائين موجود رکن. هڪُ بي انصاف سماجي نظام هِن 'فيض ۽ سخا' جي دائمي سرچشمو اهي، جيڪو سدائين موت، نراشا ۽ غريبيءَ جي طفيل ئي پريل رهي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو اُن جا هلائيندڙ ۽ حمايتي ڪوڙي فيض ۽ سخا جي اُن سر چشمي يا مُهڳ لاءِ ٿورڙو بہ ڪٿان ڪو خطرو ڏسن ٿا تہ مچرجي بيهن ٿا ۽ پنهنجي آپي ۾ نٿا رهن.

سچي سخاوت ۽ فياضي انهيءَ ۾ آهي تہ اُنهن مُول سبب کي ختم ڪيو وڃي ۽ اُنهن جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي، جيڪي ڪوڙي دان يا خيرات جي ڏيک کي قائم رکن ٿا. ڪوڙو دانُ يا خيرات ڊنل، هيسيل ۽ 'زندگيءَ جي ڌڪاٽل' انسانن کي مجبور ڪري ٿو تہ 'ان داتائن' جي اڳيان پنهنجا ڏڪندڙ هٿ ٽنگين. سچي سخاوت انهيءَ ۾ آهي تہ اهڙيءَ صورتحال جي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، جنهن ۾ اهڙا هٿ ـ شخصن جا يا قومن جا ـ ڪنهن' خيرات' لاءِ اُيا نہ ٿين؛ بلڪ اُهي، جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اهڙا انساني هٿ بڻجن، جيڪي ڪم ڪن، ۽، ڪم ڪندي، دنيا کي تبديل ڪن.

هيءُ سبق ۽ هيءَ تعليم، بهرحال، خود مظلومن منجهان اُڀرڻ گهرجي، ۽ پڻ اُنهن مان اٿن گهرجي، جيڪا سچا پَچا اُنهن جا ساٿي آهن. فردن توڙي قومن جي حيثيت ۾، پنهنجي انسانپڻي کي واپس هٿ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندي، هو سچي احسان ۽ سچيءَ نيڪيءَ جي نئين سر قائم ڪرڻ جو جس 'ڪتندا. مظلومن کان وڌيڪ ٻيا ڪير آهن، جيڪي ظالم ۽ جابر سماج جي هولناڪ وزن يا مطلب کي سمجهي سگهن؟ ظلم جا گهاءُ

مظلوم ڪان وڌ پيا ڪير آهن، جي بهتر محسوس ڪري سگهن؟ هيءَ ڪا اتفاق جي يا خالص ڪا علمي تاثر يا عقل جي ڳالهه ڪانهي، هُنن لاءِ ته اِها سندن بک ۽ اڃ ۽ ان جي اُجهائڻ لاءِ سندن عملي تڙپ ۽ تلاش جي ڳالهه آهي، ۽ اُها سندن تلاش ۽ اُن لاءِ سندن جاکوڙ۔ ڇا ڪاڻ ته اُن جو مقصد ئي هُنن لاءِ پنهنجي سڪ ۽ محروميءَ کي پورو ڪرڻ جو آهي۔ خالص پيار جو هڪ عمل آهي، جيڪو ظالمن جي پيار کان خالي دل مان کهراڻ، ڏاڍ ۽ ڪٺورتا کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو۔ جن کي اُهي پنهنجي ڪوڙيءَ سخا ۽ فيض بخشيءَ جي غلاف ۾ ڍڪيو ۽ لڪايو ويٺا هوندا آهن.

پر گهڻو ڪري سدائين، جدوجهد جي بنهه شروعاتي ڏاڪي تي، مظلوم آزاديءَ لاءِ اُدم ۽ جاکوڙ ڪرڻ بدران پاڻ ئي ظالم يا 'ننڍا ظالم' ٿيڻ جي چاهنا ڏيکاريندا آهن. سماج جي موجود حالت ۾، يعني پنهنجي وجودي صورتحال ۾ هنن جي سوچ جو ڍنگ ئي تضاد جو شڪار هجي ٿو۔ هو ذهني طور ظالم سان وابستگيءَ جي ڪيفيت ۾ هجن ٿا، ۽ مظلوم هوندي به ظالم جهڙا يا ظالم وانگر ٿيڻ گهرن ٿا. جو سندن تجربي ۾، پاڻ ته باندي آهن پر مٿن ظلم ڪرڻ وارا سندن 'آقا' (يا مالڪ) آزاد آهن، ۽ اُهي سندن آڏو 'مردانگي' جا 'آزاد انسان' جا، ظاهري مثال آهن! جدوجهد جي هن ابتدائي سطح تي پاڻ کي هڪ ڇيڙي تي ۽ ظالم کي ٻئي ڇيڙي تي هجڻ جو سندن شعور ڪين اُن تضاد (2) جي خاتمي جي ويڙهه ۾ شامل ڪو نه ٿو ڪريءَ هن سطح تي هو فقط پاڻ کي پنهنجي مخالف جهڙو بنائڻ گهرن ٿا ۽ اُن سان پنهنجي هڪ جهڙائي ۽ همسري قائم ڪرڻ چاهين ٿا.

هِن حالت ۾ مظلوم اُهو 'نئون انسان' پنهنجي سامهون ڏسي ئي نه سگهندا اهن، جيڪو هِن تضاد جي خاتمي سان، ۽ غلاميءَ جي جاءِ تي آزاديءَ جي اچڻ سان، جمڻو ۽ اُڀرڻو هوندو آهي، هُنن لاءِ اُهو نئون انسان۔ پنهنجي ظالمن جي جاءِ تي ۽ انهن جهڙو۔ هو پاڻ هوندا آهن. نئين انسان جو سندن تصور مظلوم طبقي جي شخصن يا فردن هجڻ جو نه هوندو آهي. هو مثلا زرعي صورتحال جي تبديلي انهيءَ لاءِ نه چاهيندا آهن ته پاڻ زميندار ٿين، 'وڏيرا 'ٿين ۔ ۽ اُن کان به وڌ، ته ٻين هارين مٿان 'وڏيرپ' ڪن. پر اهڙو ڪو هاري اتفاق سان ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪو جيڪڏهن 'مٿي چڙهي'

رڳو ڪارائو يا ڪمدار ٿيو هوندو تہ خود زميندار يا وڏيري کان وڌيڪ پنهنجن اڳواٽن همراهن تي آڪرو ۽ ڳرو نہ ٿيو هوندو. ۽ ائين انهيءَ ڪري ٿئي ٿو. جو اُن 'هاري' — ڪمدار جي وجودي صورتحال، يعني ظلم جي سماجي صورتحال، هن جي هاري نہ رهڻ سان بدلجي ڪا نہ ٿي، بلڪ ساڳي ٿي رهي. هن مثال ۾، ڪمدار کي جيڪڏهن پنهنجي 'ڪمداري' قائم رکڻي آهي، تہ هن کي زميندار جهڙو ئي، بلڪ اُن کان بہ وڌيڪ سخت ٿي هلڻو آهي. ان مان اسان جي مٿي آندل ڳالهہ جي صداقت ثابت ٿئي ٿي تہ جدوجهد جي بنهہ شروعاتي ڏاڪي يا سطح تي مظلوم، پنهنجي لاءِ 'مردانگي' جو يا 'آزاد' هجڻ جو نمونو يا مثال خود پنهنجي ظالم کي ئي سمجهن ٿا ۽ پاڻ اُن جهڙا بنجڻ چاهين ٿا.

خود انقلاب کي بہ، جيڪو آزاديءَ جو هڪڙو رستو قائم ڪري، ظلم جي سڄيءَ حالت کي تبديل ڪري ٿو هن ابتدائي ڪچائپ‎يءَ سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. مظلومن مان ڪيترائي، جيڪي سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح انقلاب ۾ حصو وٺن ٿا، پراڻي نظام جي ڪنور ورتاءَ کان متاثر هئڻ سبب، انقلاب کي پنهنجو ذاتي انقلاب بنائڻ گهرن ٿا. سندن اڳواٽن ظالمن جو پاڇو بہ اُنهن تي سوار رهي ٿو ۽ انقلاب وسيلي هو فقط پاڻ اُهڙا بنجڻ گهرن ٿا.

'آزاديءَ جو خوف' جيڪو ائين مظلومن کي(3) کي بہ ستائي ٿو جنهن سبب هو پنهنجي لاءِ ظالم جو ئي ڪردار چاهين ٿا، يا مظلوم جي ڪردار ۾ ئي مطمئن رهڻ پسند ڪن ٿا، هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن جي چنڊ چاڻ ضروري آهي، ظالم ۽ مظلوم جي تعلق جي هڪ بنيادي ڳالهہ آهي 'حڪم' يا 'فرمان' هر حڪم يا فرمان سان هڪ ماڻهوءَ جي مرضي ٻئي ماڻهوءَ تي مڙهجي ٿي، جنهن سان اُن ماڻهوءَ جو شعور، جنهن تي فرمان لاڳو ٿو ٿئي، بدلجي فرمان جاري ڪندڙ ماڻهو جي شعور سان عين مطابقت ۾ وڃي ٿو بيهي. اهڙيءَ طرح، مظلوم جي هلت چلت هڪ 'فرماني هلت چلت' ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اُها ظالم جي ڪڍيل ليڪي تي ئي بيٺل ٿئي ٿي ۽ اُن تي ئي هلي ٿي.

مظلوم آزاديءَ کان خائف آهن- ڇاڪاڻ تہ هُنن ظالم جو هڪ نقش، 'مردانگيءَ' ۽ 'آزاد انسان' وارو، پنهنجي من ۾ چٽي ۽ هُن کان مليل

ليڪي تي هلڻ لاءِ پاڻ کي هيرائي رکيو آهي. آزادي ڪانئن تقاضا تي ڪري تہ اُهو نقش جنهن کان هو ذهني طور مرعوب بہ آهن ۽ 'آسودا' بہ آهن، من مان ڪڍي ڦٽي ڪن ۽ اُن جي جاءِ تي هو خود اختياريءَ ۽ ذميداريءَ جي بار کي قبولين. آزادي تحفي ۾ نہ پر فتح جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي ٿي. آزاديءَ لاءِ نہ رڳو دائمي، پر ڳريءَ ذميداريءَ واري، اون رکڻي آهي. آزاديءَ ماڻهوءَ جي ذات کان ٻاهر جو ڪو آدرش ڪونهي، ۽ نہ اُهو ڪو اهڙو تصور آهي، جو رڳو هڪ وهم يا خيال هجي. آزادي در اصل انسانپڻي جي پورائيءَ جي تلاش لاءِ هڪ سچي پچي، لازمي ۽ اڻ سرندڙ سماجي صورت آهي.

ظلم جي صورتحال تي قابض ٿيڻ لاءِ، انسانن کي پهريائين ان جي سببن کي پوريءَ هوشمنديءَ سان سڃاڻڻو پوي ٿو تہ جيئن هو پنهنجي ڪايا پلٽيندڙ عمل سان اهڙي هڪ نئين صورتحال پيدا ڪري سگهن. جنهن ۾ هُنن لاءِ پنهنجي انسانپڻي جي پورائيءَ جي تلاش  ممڪن بنجي سگهي. در اصل ظلم جي صورتحال کي بدلائڻ جو سچي جدوجهد جي ابتدا سان ئي انسانپڻي جي پورائيءَ جي جدوجهد شروع ٿي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ظلم جي صورتحال سڄي جي سڄي انساني زوال يعني انسانن کي حيوان بنائڻ واري صورتحال آهي. جيڪا ظالمن تي ۽ پڻ اُنهن تي جن تي سندن ظلم ٿئي ٿو اثر انداز ٿئي ٿي، پر مظلومن جي ڏر ئي هوندي آهي، جنهن لاءِ پنهنجي ڀوساٽيل انسانپڻي جي آجائيءَ خاطر، اُن صورتحال کي بدلائڻ جو جدوجهد ضروري هوندو آهي، البت، پنهنجي نتيجي ۾ اثر ۾، مظلومن جو اُهو جدوجهد سندن توڙي سندن ظالمن ٻنهي جي انسانپڻي جي بحال ڪرڻ ۽ وڌائڻ جو جدوجهد ٿي هوندو آهي: هن جدوجهد جي اڳواڻي ظالم ڏر نہ ڪري سگهندي آهي، ڇو تہ اُها ٻين جي انسان پڻي جي دشمن هئڻ سبب پاڻ ئي حيوانيت ۾ ورتل ۽ انساني زوال جو شڪار هوندي آهي، ۽ انهيءَ ڪري اُن جدوجهد جي اڳواڻيءَ ۾ هرگز اُها لائق نہ هوندي آهي.

بهرحال، مظلوم، جيڪي ڏاڍ ۽ دٻاءَ جي نظام تي هري ويل هوندا آهن، جنهن ۾ هو سچا جڪڙيا پيا هوندا آهن ۽ اُن تي خاموش ۽ بي حس بنيا ويٺا هوندا آهن، اُنهيءَ نظام کان ڇوٽڪاري جي جدوجهد کان تيسين هو رُڪيل هوندا آهن، بلڪ ان کان بچندا رهندا آهن، جيسين اهڙي

جدوجهد ۾ ڪين جيڪي خطرا ڏسڻ ۾ ايندا آهن, اُنهن کي سهڻ يا منهن ڏيڻ جي پاڻ ۾ سگهه نہ ساري سگهندا آهن. تنهن ڪان سواءِ آزاديءَ جي اُن جدوجهد ۾ نہ رڳو ظالم پنهنجي لاءِ خطرو ڏسندو آهي, پر مظلوم ۽ سندن پنهنجا ساٿي بہ اُن کان ڊڄندا آهن. ڇو تہ ڪين اُن جي نتيجي طور اڳي ڪان وڌيڪ ڏاڍ ۽ دٻاءَ جي اُڀرڻ جو خوف هوندو آهي. جڏهن مظلوم پنهنجي اندر ۾ آزاديءَ جي سڪ اٿندي محسوس ڪندا آهن, تڏهن اِهو بہ سمجهندا آهن تہ اُها سندن سڪ حقيقت جي شڪل ۾ تڏهن ايندي جڏهن ساڳئي سڪ سندن ٻين ساٿين جي دل ۾ جاڳندي ۽ اوڀڙ ڪائيندي, پر جيستائين 'آزاديءَ جو خوف' مٿن حاوي هوندو آهي تيستائين هو نہ ٻين پنهنجن ساٿين کي دعوت ڏيندا آهن ۽ نہ پاڻ انهن جي دعوت ٻڌندا آهن۔ هو پنهنجي اندر جو آواز بہ پوءِ ڪو نہ ٻڌندا آهن, اُن حالت ۾ پوءِ هو وڳو ولر ڪيو پيا هلندا آهن, ۽ منجهن ڪا بہ سچي رفاقت يا وڳرپائي ڪا نہ رهندي آهي. هو پوءِ, چپ چاپ, حڪم جي بندگيءَ ۾ پنهنجي سلامتي ڏسندا آهن, ۽ آزاديءَ يا آزاديءَ جي اُدم ۽ اُن جي تڙپ مان جيڪو روح کي گرمائيندڙ آٿت ملندو آهي, اُن جي بہ هنن کي ڪالوڙ محسوس ڪا نہ ٿيندي آهي.

مظلوم ٻچتائيءَ جو شڪار ٿين ٿا, جيڪا هنن جي پوري وجود ۾ ڪُپ ڪوڙي ويهي ٿي رهي, هو چاهي وٺن ٿا تہ آزاديءَ کان سواءِ هو بااختيار يا سچا پچا جي نتا سگهن, اُن هوندي بہ, جيتوڻيڪ هو سچا پچا ۽ با اختيار جيئڻ چاهين ٿا, پر اُن رستي تي هلي ۽ اڳتي وڌي اٿين جيئڻ کان هو ڊڄن ٿا. هڪ ئي وقت هو پاڻ بہ آهن ۽ اُهو 'ظالم' بہ آهي جنهن جو پاڇو بہ هُنن پاڻ تي ڇانئي رکيو آهي. هو 'مرضيءَ (راءِ) جي ڏڪر' ۾ ورتل آهن: پوريءَ طرح پنهنجا ٿي جيئنِ يا 'ورهايل' رهن: پنهنجي اندر مان 'ظالم' کي ڪيڏي ڦٽي ڪن يا نہ ڪيڏي ڦٽي ڪن: انساني سڀنڌ ۾ يا هيڪلائپ ۾ رهن: مرضيءَ جا مختيار يا فرمانن جا پائبند ٿين: زندگيءَ ۾ پاڻ ڪردار ادا ڪن يا تماشبين ٿي رهن: عمل ڪن يا ظالمن جي عمل کي پنهنجي عمل سمجهڻ جي وهم ۾ رهن: ڇئي ڏين يا چپ رهن: تخليق ۽ نت نئين تخليق جي پنهنجي قوت, دنيا کي بدلائڻ ۽ اُن جي ڪايا پلٽ ڪرڻ جي سچيءَ پنهنجي قوت, کي پنهنجو ڪن يا اُن کان سدا وانجهيل ۽ محروم ٿي رهن.

مظلومن جي دردناڪ مشڪلات، اُنهن جي زندگيءَ جو المناڪ مونجهارو ۽ بـ واٽائون وسوسو اهو آهي، ۽ سندن تدريس ۽ تعليم جي رخ ۽ سلسلي ڪي ان جو ضرور خيال رکڻو آهي.

هن ڪتاب ۾ راقم جنهن علم جي ڳالهه ڪئي آهي، ۽ جنهن ڪي 'علم تدريس- مظلومن لاءِ' سڏيو آهي، اُن جي جدا جدا پاسن تي روشني وڌي ويندي، مظلومن جي تعليم ۽ تدريس ڪي مظلومن لاءِ نـ پر مظلومن جي ساڻ سان مرتب ڪرڻو رٿڻو ۽ هلائڻو آهي- جيڪي پنهنجي وڃايل انسانپڻي کي ورائي هٿ ڪرڻ جي لڳاتار جدوجهد ۾ رُڌل آهن (پوءِ اُهي فرد هجن يا سڄيون قومون).هيءَ تدريس ظلم ۽ اُن جي سبب کي مظلومن جي سوچ ۽ ويچار جا موضوع بڻائي ٿي، ۽ اُن پنهنجي سوچ ويچار ۽ فڪر مان ٺي هو پنهنجي آزاديءَ لاءِ گهربل جدوجهد ۾ پنهنجي شموليت پاڻ تي لازم سمجهندا، ۽ اُن ٺي سندن جدوجهد ۾ هيءَ سندن تعليم ۽ تدريس، هيءَ سندن تعليمي نصاب ۽ اُن جي پڙهائيءَ جو پروگرام ۽ عمل بـ ٺهندو ۽ هلندو ۽ وري وري ٺهندو ۽ وڌندو.

مرڪزي مسئلو هيءَ آهي: مظلوم جيڪي الڳ الڳ ۽ پريشان، بي اختيار ۽ پرَ وس وجود آهن، پنهنجي آزاديءَ جي تعليم ۽ تدريس جي تربيت ۽ عمل ۾ ڪيئن شريڪ ٿي سگهندا؟ فقط ۽ فقط انهيءَ طرح ۽ تڏهن، جو هو محسوس ڪن ۽ ڄاڻن تـ پنهنجي ظالم جي وجود لاءِ هو پاڻ ذميوار آهن ۽ جيسين هو پاڻ اُن کي پاڻ سان گڏ ويهاري، پنهنجي ٽالهيءَ مان ڪارائيندا رهندا، تيسين ۽ فقط تيسين ظالم کي جيئندان آهي، سندن انهيءَ جاڳيل ۽ وڌندڙ شعور مان ٺي سندن آزاديءَ جي تعليم جنم وٺندي. جيستائين هو پنهنجي من جي ٻچتائيءَ ۾ ورتل آهي، جنهن ۾ ٿيڻ معنيٰ ڪنهن جهڙو ٿيڻ ۽ ڪنهن جهڙو ٿيڻ معنيٰ ظالم جهڙو يا ظالم وانگر ٿيڻ، تيسين هُنن لاءِ اُن تعليم جي جنم ۾ حصيدار ٿيڻ ناممڪن آهي."تدريس- مظلومن لاءِ" هڪ تعليم آهي، هڪ وسيلو آهي، سندن انهيءَ هوشمند دريافت جو تـ هو پاڻ ۽ پڻ سندن ظالم ٻيئي انساني زوال جا مظهر آهن.

آزادي، ظالم کان آزادي، ائين آهي، جيئن ڪنهن نئين جنم جو واقع ٿيڻ، جيڪو هڪ سوراٿنو عمل آهي، انسان جيڪو اُن مان اُسري ٿو يا

جمي ٿو. اُهو هڪ نئون انسان آهي، ۽ اُهو جيئندو بہ فقط تڏهن جڏهن ظالم مظلوم جو تضاد سيني انسانن جي انسانپڻي هيٺ دٻجي ۽ ڍڪجي ويندو.ٻين لفظن ۾ هن تضاد جو حل انهيءَ جنم جي سُورن سان ئي ملڻو آهي، جن سان دنيا ۾ هيءَ نئون انسان اکيون کوليندو- جيڪو ظالم يا مظلوم نہ هوندو پر آزاديءَ جو شائق ۽ لڳاتار آزادي حاصل ڪندو رهندڙ انسان هوندو.

هيءَ حل خيالي دنيا ۾ حاصل ٿيڻو نہ آهي، نہ خيالي طرح جو ٿي سگهي ٿو. مظللوم پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد هلائڻ جهڙا تڏهن ٿي سگهن، اُن لاءِ هنن کي ظلم جي حقيقت کي جانچڻو ۽ سمجهڻو آهي. اهڙيءَ هڪ چؤپاسي بند دنيا طور نہ جنهن مان نڪرڻ جو ڪو گِتو ڪونهي، پر اهڙيءَ هڪ محدود صورتحال طور جنهن کي هو بدلائي سگهن ٿا. هيءَ سمجهہ هيءُ شعور ضروري آهي، پر آزاديءَ لاءِ پنهنجي جاءِ تي اهو ڪافي نہ آهي؛ ان کي آزاديءَ جي عمل لاءِ لڳاتار تحريڪ ڏيندڙ طاقت جو روپ وٺڻو آهي. ۽ نہ ئي مظلومن جي هيءَ دريافت تہ مخالف نقطي يا ضد جي صورت ۾ هو ظالم سان جدلياتي تعلق ۾ آهن، ۽ ظالم هُنن جي وجود کان سواءِ وجود رکي نٿو سگهي، پنهنجيءِ جاءِ تي خود ڪا آزادي آهي. مظلوم هن تضاد تي، جنهن ۾ هو ڦاٿل آهي، غالب پئجي سگهن ٿا،پر فقط تڏهن جڏهن اها سندن دريافت يا ڄاڻ کين اُڀاري، پاڻ کي آزاد ڪرڻ جي اُن جدوجهد ۾ عملاً آڻي شريڪ بہ ڪري.

اِها ساڳي ڳالهہ خود ظالم سان بہ شخصي طور لاڳو آهي.جڏهن هن کي اها ڄاڻ ٿئي بہ ٿي تہ هو ظالم آهي، تڏهن هن شايد ڪافي رنج بہ ٿئي ٿو. پر فقط اُن ڄاڻ ٿيڻ سان هو لازمي طور پاڻ کي مظلوم سان همدم يا يڪدل ڪو نہ ٿو سمجهي، بلڪ، پنهنجي ڏوهہ تي ڏاهپ جو رنگ چاڙهي، مظلومن کي پنهنجي مضبوط ماتحتيءَ ۾ رکندي، اُنهن سان هو پوءِ، سرپرستيءَ، فيض بخشيءَ يا پِتاپڻي جو رويو اختيار ڪري ٿو. اُڻ سان ڪنهن کي، ۽ خاص طرح مظلومن کي، ڪجهہ بہ پڙ ڪو نہ ٿو پوي، همدميءَ يا يڪدليءَ جو مطلب آهي تہ جن ساڻ ماڻهو ايڪو ڪري، اُنهن سان اُنهن جهڙو ٿئي ۽ سندن پورو حال پائي ٻڌجي- ۽ اِها هڪ اصلي ۽ بنيادي ڪيفيت آهي.

جيڪڏهن مظلومن جي مظلوميت جي، جيئن هيگل (Hegel) چوي ٿو، خصوصيت آهي تہ هو آقا جي مرضيءَ يا خيال جا بندا اهن، تہ اُنهن سان سچي همدمي يا يڪ سماجتا هيءَ ئي ٿي سگهني ٿي تہ اُنهن سان گڏجي اُن خارجي حقيقت کي بدلائڻ جي جدوجهد ڪئي وڃي، جنهن هنن کي ائين "ٻين جا بندا" (4) بڻائي رکيو اهي، ظالم' مظلومن سان هيءَ ايڪ سماجتا فقط اُن صورت ۾ قائم ڪري سگهي ٿو جڏهن هو مظلومن کي محض هڪ خيالي چيز سمجهڻ بدران اُنهن کي سچا پچا اُهي انسان سمجهي، جن تي ظلم ٿي رهيو آهي، جن جي زبان بند آهي، ۽ جيڪي پنهنجي پورهئي جي سودي ۾ ٺڳجي ۽ ڦرجي رهيا آهن- جڏهن هو محض قياس ۽ نرم دليءَ وارا پنهنجا انفرادي، ڏرمائو يا تقوائي ترڪتال ڇڏي ڏئي ۽ محبت جي هڪ ئي ملهہ 'ڇڪائڻ' يعني 'فدائيت' جي عمل، لاءِ تيار ٿي ميدان ۾ نڪري اچي. سچي ايڪ سماجتا، سچو ايڪو فقط محبت جيهن فدائيت، اُن جي حقيقت، اُن جي عمل مان ئي ثابت ٿيندو آهي. نہ تہ اهو هڪ وڏو مِکر ۽ ڍونگ ئي هوندو آهي. جڏهن ڪو چوندو آهي تہ "انسان انسان آهن ۽ ناهيءَ ڪري اُهي آزاد هجڻ گهرجن."- پر اُنهيءِ پنهنجيءَ ڳالهہ کي پاڙڻ يا حقيقت جي روپ ڏيڻ لاءِ هو ڪرڻ جهڙو ڪو بہ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

- ۽ ڇاڪاڻ تہ ظالم مظلوم جو تضادُ هڪ سچي پچيءَ سماجي صورتحال ۾ ئي قائم هوندو آهي، انهيءَ ڪري اُن تضاد جو حل پڻ اهڙو پڌرو ۽ سچو هئڻ ضروري آهي، جيڪو صاف سمجهي سگهجي، ڏسي سگهجي، آزمائي سگهجي. انهيءَ ڪري، سچن ۽ پيڙهائتن انقلابين لاءَ- اُهي مظلوم هجن يا اهڙو ڪو شخص هجي، جيڪو پوريءَ خودشناسيءَ جي نتيجي طور ڄاڻي ٿو تہ هو پاڻ ظالم آهي- اُت ضروري آهي تہ اُها سچي پچي صورتحال جنهن ۾ ظالم واقع ٿئي ٿو اُها بدلجي ۽ ختم ٿئي.

سچيءَ پچيءَ صورتحال جي تبديل، حقيقت جي خارجي تبديل، جي اُن بنيادي مطالعي ڪرڻ سان، ۽ داخليت پرستانہ چپ چپات يا نسچلتا جي مخالفت ڪرڻ سان (جيڪا ظلم جي تسليمي، صبرائتي سهپ ۽ رڳو آسرو سيڪاري ٿي، انهيءَ لاءِ تہ ظلم ڪنهن طرح خود بخود غائب ٿي

ويندو)، در اصل حقيقت کي تبديل ڪرڻ جي عمل لاءِ داخلي يا داخليت جي ڪردار کان انڪار ڪو نہ ٿو ٿئي. سچ پچ بہ تہ خارجيت جو تصور داخليت جي ڪردار کان سواءِ ممڪن ئي ڪونهي، جيئن داخليت جو تصور، خارجيت کان سواءِ ممڪن ڪونهي- هي ٻيئي نظر جا نقطا ايترا لازم ملزوم آهن. جو ٻنهي کي دوئيءَ جي صروت ۾ مقابل ٻيهاري ئي نٿو سگهجي. خارجيت کي داخليت کان الڳ ڪرڻ، حقيقت جي مطالعي ڪرڻ وقت يا اُن جي ناتي ڪنهن عمل دوران داخليت کان انڪار ڪرڻ، خارجيت پرستي آهي.ٻئي پاسي مطالعي يا عمل ۾ خارجيت جو انڪار جنهن مان داخليت پرستيءَ واقع ٿئي ۽ خود خياليت جا مؤقف اڀرن، در اصلِ اهو خارجي حقيقت جي انڪار سان گڏ خود عمل جو ئي انڪار آهي. حقيقت ڏانهن، يعني اُن جي مطالعي ۽ عمل بابت، معقول رويي لاءِ، نہ خارجيت پرستيءَ، نہ داخليت پرستيءَ، نہ ئي ڪنهن نفسيات پرستيءَ جي تبليغ مناسب آهي-اُن لاءِ بس، دائمي جدلياتي وابستگيءَ ۾ ڪم ڪندڙ داخليت ۽ خارجيت ٻيئي ضروري آهن.

دنيا ۽ اُن جي تاريخ کي تبديل ڪرڻ جي عمل ۾ داخليت جي اهميت کان انڪار ڪرڻ ساده دلي ۽ چرپائپ آهي، ۽ ان سان، گويا، هڪ ناممڪن صورت کي ميڄو پوي ٿو يعني انسانن کان سواءِ يا اُنهن کان خالي هڪ دنيا کي. هيءَ خارجيت پرستانہ مؤقف آهي، ۽ اهڙو ئي انسنائي ۽ هوائي آهي جهڙو داخليت پرستيءَ جو. چو تہ داخليت پرستيءَ جو مؤقف وري ٻيءَ هڪڙيءَ ناممڪن صورت کي فرض ڪري وٺي ٿو يعني دنيا کانسواءِ انسانن کي. در اصل دنيا ۽ انسان هڪ ٻئي کان الڳ تہ موجود ڪونهن، هو هڪ ٻئي سان دائمي تعلق ۽ واسطيءَ ۾ موجود آهن. نہ مارڪس (Marx) ۽ نہ ئي ڪو ٻيو اهلُ راءِ حقيقت پسند مفڪر اهڙيءَ ڪنهن داخليت ۽ خارجيت جي دوئيءَ جو حامي آهي. مارڪس جنهن ڳالهہ کي تنقيد جو نشانو بنايو ۽ عملي طور اُن کي ڊاهي پٽ ڪيو اُها داخليت نہ پر داخليت پرستي ۽ نفسيات پرستي هئي. جيئن خارجي سماجي حقيقت ڪنهن اتفاق يا حادثي سبب نہ پر انساني عمل جي نتيجي طور موجود آهي.تيئن اُها بدلجي بہ ڪنهن حادثي يا اتفاق سان ڪا نہ ٿي. جيڪڏهن انسان ئي

سماجي حقيقت کي وجود ڏين ٿا(جيڪا 'عمل جي جوابي موٽ' سان انهن تي به اثر ڪري ٿي ۽ کين به جوڙي ۽ ٺاهي ٿي). ته اُن حقيقت کي بدلائڻ هڪ تاريخي ڪم آهي، يعني اُهو ڪم، جيڪو انسانن جو ڪم آهي.

حقيقت جيڪا ظالماڻو روپ وٺي ٿي، اُن جي نتيجي ۾ انسانَ ظالمن ۽ مظلومن جي اختلافي علحدگيءَ ۾ ورهائجي وڃن ٿا. مظلوم، جن لاءِ پوءِ پنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو ڪم اٽل ۽ لازم ٿئي ٿو- اهڙن ٻين ساٿين سان شامل ٿي، جيڪي ساڻن سچو ايڪو ڏيکارين ٿا-تن لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته پنهنجي هِن جدوجهد جي عمل دوران ظلم بابت پوري ۽ تيز ڄاڻ حاصل ڪن. آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ جي راهه ۾ هڪڙي سڀ کان وڏي ۽ خطرناڪ رنڊڪ هيءَ ٿي پيدا ٿئي، جو ظالمانه حقيقت اُنهن کي، جيڪي اُن جي دائري ۾ هجن ٿا، چِڪي ۽ ڇُهي وٺي ٿي، ۽ ائين هنن جي شعور کي گهُٽي، نستو ڪري ڇڏي ٿي. پنهنجي توصفي اثر ۾، ظلم آهي ئي انهيءَ قسم جو گهيريندڙ، مڃائيندڙ ۽ مطيع ڪندڙ. اُن جي زور ۽ ان جو شڪار نه ٿي وڃڻ لاءِ، ماڻهوءَ کي اُن جي دائري مان ٻاهر نڪري ۽ موٽي اُن تي حملہ آور ٿيڻ ضروري آهي. ۽ ائين فقط عمل سان ڪري سگهجي ٿو: يعني دنيا کي، پنهنجي آسپاس کي، بدلائڻ لاءِ، اُن تي سوچڻ سان ۽ اُن کي پنهنجي عمل جي اثر ۾ آڻڻ ۽ اُن جي ٽُز نشاني بنائڻ سان.

اُن لاءِ ٻهرين ڳالهه جيڪا ضروري آهي، سا اها ته ظلم پڌرو ٿئي، ۽ اُن کي پڌري ڪرڻ لاءِ ظلم جي تيز شعور سان گڏ، اوترو ئي اُن کي کلئي عام خوار ڪيو وڃي- جيئن پنهنجي وڌندڙ خواريءَ سان ظالم وڌيڪ خوار ٿئي.

'جڏهن ظلم سان ظلم جو شعور گڏجي ٿو ته ظلم وڌيڪ شديد لڳي ٿو'- انهيءَ ڳالهه جي، داخليت ۽ خارجيت جي باهمي جدلياتي تعلق سان، سڌي نسبت آهي، ظلم خلاف جدوجهد ۾ ان نسبت سان ئي سچو ۽ بااختيار عمل ممڪن ٿئي ٿو. جنهن کانسواءِ ظالم ۽ مظلوم جي تضاد جو حل ناممڪن آهي. ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مظلومن لاءِ ضروري آهي ته هو ظلم جي حقيقت کي پوري هوش سان ڏسن، سمجهن ۽ منهن ڏين- يعني ان کي هر وقت هڪ سچيءَ پچيءَ، خارجي حقيقت طور ڏسن ۽ سمجهن ۽ اُن کي پنهنجي عمل جو نشانو بڻائين. حقيقت کي ٺلهو ڏسڻ يا

سمجهڻ. پر ان سان اٿين وڌي هٿ نہ ڳنڍڻ سان خارجي حقيقت بدلجي ڪا نہ سگهندي۔بلڪل انهيءَ ڪري، جو اُن کي حقيقت جو صحيح طرح ڏسڻ يا سمجهڻ ئي ڪونہ چئبو. اِن ۾ ڪي البت هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو خالص 'داخليتي' ڏسڻ ۽ سمجهڻ چئبو جيڪو خارجي حقيقت کي، جيئن اُها آهي تيئن، نہ ڏسي ٿو نہ سمجهي ٿو پر اُن جي عيوض اُن جو هڪ ڪوڙو من پسند نقش پنهنجي سامهون آڻي ٿو رکي.

انهيءَ طرح جي ڪوڙي ٻُوجهہ پر هڪ ٻئي قسم جي، اهڙي هڪ ماڻهوءَ ۾ بہ پيدا ٿي پوندي آهي، جيڪو خارجي حقيقت جي ڪنهن تبديل ۾ پنهنجي انفرادي يا طبقاتي مفاد جو خطرو ڏسندو آهي. پهرينءَ حالت ۾ حقيقت سان ڪا سنڌائتي ڇيڙ ڇاڙ ڪا نہ ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ حقيقت کي اجا سڃاتو ئي ڪو نہ ويندو آهي: ٻيءَ حالت ۾ بہ اُن سان ڪا خاص ڇيڙ ڇاڙ ڪا نہ ٿي ٿئي، ڇا ڪاڻ تہ اُن ۾ وري طبقاتي مفاد رنڊڪ بنجن ٿا، پوئينءَ حالت وارو ماڻهو تہ اڪثر نفسياتي خوف ۾ ورتل ماڻهو ڏسبو آهي۔ ڇاڪاڻ تہ هن جي آڏو حقيقت تہ موجود هجي ٿي پر ان جي موجودگي توڙي اُن جي تبديل جو امڪان، ٻيئي هن جي بي سڪونيءَ جو باعث رهن ٿا، ۽ انهيءَ ڪري هن لاءِ ضروري آهي تہ حقيقت جو صاف انڪار نہ ڪري۔ جو تہ نٿو ڪري سگهي۔ پر جيئن اُها آهي تنهن کان مختلف طرح اُن کي ڏسي ۽ سمجهي، يعني اُن تي عقل جا ڪک رکي. هيءَ خالص 'عقلائڻ' جو عمل هن جو خود فريبيءَ جو قدم هوندو آهي. جيڪو هو هڪ دفاعي اٽڪل طور ڪڍندو آهي، ۽ اُهو هن جي حالت ۾، آخر ۾ وڃي 'داخليت پرستيءَ' جي صورت وٺي ٿو. هڪ سچي ڳالهہ. جنهن جا 'سچ' عقلائيا وڃن يعني اُنهن تي عقل جا ڪک رکيا وڃن، جيتوڻيڪ اٿين اُن ڳالهہ جو انڪار نٿو ڪجي. تہ بہ اُها پنهنجو خارجي بنياد وڃائي ويهي ٿي. اُها پوءِ سچ پچ واري، جيئري جاڳندي ڳالهہ ڪا نہ ٿي رهي، ۽ ڦري اهڙي هڪ انسنو يا ڪا ڏند ڪٿا بنجي ٿي پوي، جيڪا اُهو ماڻهو رڳو پنهنجي طبقي يا گروهہ يا گروهہ جي دفاع لاءِ گهڙي ٿاهي، پنهنجي آڏو رکي، ويهي ٿو رهي.

اهو ئي هڪ سبب آهي انهيءَ سچي منطق جو جنهن هيٺ ڪيئي ذهني ۽ عملي بندشون ۽ مشڪلاتون ماڻهن جي مٿان عائد ڪيون وينديون

آهن (جن جو ذڪر چوٿين باب ۾ تفصيل سان ڪيو ويندو) تہ جيئن اُهي حقيقت سان ڪنهن بہ قسم جي معقول چيڙ چاڙ کان باز رهن ۽ اُن ۾ ڪنهن بہ تبديليءَ جي ڪوشش نہ ڪن ظالم کي پوري طرح معلوم آهي تہ اها چيڙ چاڙ ۽ تبديلي هن جي پنهنجي مفاد ۾ ڪا نہ هوندي هن جي پنهنجي مفاد ۾ هڪ ئي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو گهٽيا ۽ ٻوڙيا، ظالمانہ حقيقت جي آڏو بلڪل بيوس ۽ نِستا ٿيو وڃن.

ليوڪاس(Lukaes) پنهنجي ڪتاب "لينن" ۾ انقلابي پارٽيءَ کي چتاءُ ڏيندي چيو آهي تہ 'عوام کي هر وقت سندن عمل کان واقف رکيو وڃي، سندن آڏو اُهو وري وري صاف ۽ پڌرو ڪيو وڃي، سندن سمجهہ ۾ اُهو روشن کان روشن رهي- اُنهن خارجي، سچين پچين ڳالهين جي حوالي سان جيڪي اُن سندن عمل جون محرڪ آهن ۽ پڻ اُن سندن عمل جي مقصدن جي ناتي، جيڪي کين حاصل ڪرڻا آهن. جيترو وڌيڪ هو سامهون بيٺل حقيقت کي سمجهندا، ۽ اُن تان لِڪ جا پردا هٽائيندا، جيڪا سندن تبديليءَ لاءِ جدوجهد جي عمل جو نشانو آهي، اوترو وڌيڪ هوشمنديءَ سان اُن حقيقت سان اُن ڏاڪي تي هو پنهنجو نبيرو ڪندا. ۽ انهيءَ ئي طرح هو پنهنجي عمل جي آئنده رخن ۽ مقصدن جو شعور حاصل ڪندا.'

جدلياتي فڪر ۾، دنيا (ماحول) ۽ عمل هڪ ٻئي تي ويجهي کان ويجها ۽ سڌا سنوان، دارو مدار رکندڙ آهن. پر عمل فقط تڏهن انساني عمل آهي، جڏهن اُهو نِلهي مصروفيت يا ڪرت نہ پر باشعور مصروفيت، سوجهيل سمجهيل ڪِرت آهي- يعني جڏهن اُهو سوچ کان الڳ يا خيالي نہ آهي، سوچ ۽ ڪم، فڪر ۽ عمل جي نسبت بہ دوئيءَ جي نسبت نہ آهي. اِها ئي ڳالهہ اِهو ئي نقطو ليوڪاس جي چتاءَ ۾ موجود آهي- 'عوام کي هر وقت سندن عمل کان واقف رکڻ'- جنهن جو مقصد هو تہ 'حقيقت سان وڌيڪ هوشمند نبيرو' ٿئي ۽ 'عمل جي آئنده رخن ۽ مقصدن جو شعور' حاصل ٿئي.

علم تدريس جي خيال کان، هيءَ ڳالهہ 'واقف رکڻ يا واقف ڪرڻ' جي ڳالهہ بہ نہ آهي، پر ماڻهن سان، عوام سان، سندن عملن بابت 'ڳالهہ ٻولهہ' (5) ڪرڻ، وري وري ڪرڻ، جي آهي، بهرحال، ڪا بہ حقيقت

پنهنجو پاڻ ڪا نہ ٿي بدلجي، (6) ۽ ليوڪاس جيڪا ذميداري، 'عوام کي سندن عمل کان واقف رکڻ' جي انقلابي پارٽيءَ تي رکي ٿو اُها اسان جي مٿي بيان ڪيل اصولن سان پوريءَ طرح ٺهڪي ٿي اچي تہ اها ضرورت حقيقت سان، سچين پچين خارجي حالتن سان، ماڻهن جي معقول ۽ هنڌائتيءَ چيڙ ڇاڙ مقابلي يا ٽڪر، يعني حقيقتن کي بدلائڻ لاءِ سندن پنهنجي 'بامقصد سچي ۽ بااختيار عمل' جي آهي. 'عمل تدريس-مظلومن لاءِ' جيڪا تدريس آهي، اُنهيءَ عوام جي، اُنهن ماڻهن جي، جيڪي پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ مصروف آهن. اُن جون جڙون اِتي يعني انهيءَ اصول ۾ کتل آهن، ۽ اُهي جيڪي پاڻ کي مظلوم مڃين ٿا، يا تہ مڃڻ شروع ڪن ٿا، اُنهن کي خود ئي هن تدريس کي اڳتي وڌائڻ وارن منجهان ٿيڻو آهي. ڪا بہ تدريس، جيڪا سچ پچ آزاد ڪندڙ يا آزادي ڏيندڙ تدريس آهي. مظلومن کان ڪڏهن بہ ائين جدا يا پري نٿي رهي سگهي. جو رڳو کين بدنصيب، جاهل ۽ ضعيف سمجهندي رهي ۽ سندن پيروي لاءِ ظالمن جون ڳالهيون ۽ انهن جا مثال يا نمونا ئي سندن اڳيان پيش ڪندي رهي پنهنجي ڇوٽڪاري جي جدوجهد ۾ مظلومن کي در اصل پنهنجي لاءِ مثال پاڻ بڻجڻو آهي.

مظلومن جي تدريس، سچيءَ انساني محبت سان سرشار تدريس، در اصل انساني تدريس، انسان شناس تدريس آهي، تدريس، جيڪا ظالمن جي نفس پرست مفادن سان شروع ٿئي ٿي( نفس پرستي، جيڪا پترتا، سرپرستيءَ يا ان داتائيءَ جي ڪوڙيءَ فياضيءَ جي چادر سان ڍڪيل هوندي آهي) ۽ مظلومن کي رڳو پنهنجي انساني ترس جي استعمال يا مشق جون شيون سمجهي ٿي، سا خود ئي ظلم تي ٻڌل تدريس هوندي آهي، ۽ ظلم ئي تاتي ٿي ۽ قائم رکي ٿي. اُها تہ انساني زوال جو يعني انسانن کي حيوان بنائڻ جو هڪ وسيلو هوندي آهي، انهيءَ ڪري ئي، جيئن اسان مٿي چيو مظلومن جي تدريس ظالمن جي هٿان ڪڏهن بہ مرتب نہ ٿيندي، نہ نافذ ٿيندي ۽ نہ ئي هلي سگهندي ظالم ۽ هڪ آزادي بخش تعليم جو نہ رڳو اُهي بچاءُ ڪن پر اُن کي عمل ۾ آڻين! اها ڳالهہ لفظن جي انهيءَ پڌريءَ تضاد مان ئي ظاهر آهي تہ غلط ۽ ناممڪن آهي.

پر جيڪڏهن ڪنهن آزادي بخش تعليم لاءِ سياسي اقتدار جي ضرورت آهي، ۽ مظلومن وٽ اُهو نہ آهي، تہ پوءِ ائين ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ انقلاب کان اڳ مظلومن جي تدريس عمل ۾ آڻي سگهجي! هيءَ هڪ بيحد وڏيءَ اهميت جو سوال آهي، جنهن جي جواب جو خاڪو اڳتي چوٿين باب ۾، ڪم از ڪم هڪ آزمائشي رٿا طور پيش ڪيو ويو آهي، پر اُن جواب جو هڪڙو رخ انهيءَ فرق ۾ موجود آهي جيڪو منظم تعليم يا تعليم سرشتي ۽ تعليم رٿن جي وچ ۾ ڏسي سگهجي ٿو- منظم تعليم فقط سياسي اقتدار وسيلي تبديل ٿي سگهي ٿي، ۽ تعليمي رٿون مظلومن جي شراڪت سان سندن تنظيمي ڪم دوران بہ عمل ۾ آڻي سگهجن ٿيون.

مظلومن جي تدريس جون، هڪ انسان شناس ۽ آزادگيءَ بخش تدريس طور، بہ منزلون آهن. پهرينءَ منزل تي، مظلوم ظلم جي دنيا جي مُنهن تان پردو هٽائين ٿا ۽ پنهنجي عمل سان ان کي بدلائڻ جو ذمو کڻن ٿا. ٻيءَ منزل تي، جڏهن ظلم جي حقيقت بدلجي چڪي ٿي، هيءَ تدريس مظلومن جي تدريس ڪا نہ ٿي رهي، پر ڦري سڀني انسانن جي تدريس ٿي پوي ٿي، جيڪي پوءِ وسيع کان وسيع تر آزادگيءَ جي لاڳيتي ۽ دائمي عمل ۾ جيئڻ ٿا ۽ مصروف هجن ٿا. ٻنهي منزلن تي، سدائين ۽ لڳاتار ڏاڍ ۽ بالادستيءَ جي تهذيب سان، دور رس عمل وسيلي انسان جو تهذيبي مقابلو جاري رهي ٿو. پهرينءَ منزل تي هيءَ مقابلو مظلومن جي نگاهہ ۽ دستوري روش جي تبديليءَ سان شروع ٿئي ٿو ۽ جاري رهي ٿو جن سان هو ظلم جي دنيا کي عمومي طور ڏسڻ ۽ پيش اچڻ جا عادي هوندا آهن؛ ٻيءَ منزل تي اڳئين نظام جا وهم ۽ عقيدا، ڏند ڪٿائون ۽ انسنا ختم ٿين ٿا ۽ ٿيندا رهن ٿا، جيڪي پوءِ بہ اُسرندڙ نئينءَ انقلابي صورتحال سان ڀوتن ۽ ڀوپن جي سايي وانگر ڪافي وقت ڇهتيا پيا هوندا آهن.

هن تدريس کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ منزل تي ظالم ۽ مظلومن جي شعور جي مسئلي سان نبرڻو پوي ٿو- يعني اُنهن ماڻهن جي مسئلي سان جيڪي ظلم ڪن ٿا ۽ پڻ انهن جي مسئلي سان جيڪي ظلم سهن ٿا، اُنهن جي عام هلت چلت، دنيا بابت اُنهن جو خيال، نيڪيءَ بديءَ جا يعني اخلاقيات جا سندن قدر ۽ ماڻ- هن تدريس کي ٻنهي ڌرين جي هنن ڳالهين

کي خيال ۾ رکڻو پوي ٿو. هن سلسلي ۾ مظلومن جي ٻه- چٽائي يانيم دلي هڪ خاص مسئلو آهي: هو تضاد ۾ ورتل، ٻن ڏِسن ۾ ورهايل موجود آهن- ڇو تہ هو ظلم ڏاڍ جي هڪ مجسم صورتحال ۾ رهندڙ ۽ اُن جا هيراڪ آهن، يعني اُن کان، اُن جي عمل کان، خائف بہ آهن ۽ متاثر بہ اُن کان پڇن ٿا ۽ اُن ڏانهن ڇڪجن بہ ٿا.

هن سلسلي ۾، سڀ کان اول، ظلم جي صورتحال کي سڃاڻڻو ۽ سمجهڻو آهي: ڪا بہ صورتحال، جنهن ۾ الف واقعي ب کي پنهنجي استعمال غرضيءَ جو نشانو بڻائي ٿو يا اُن جي هڪ ذميدار شخص جي حيثيت ۾ پنهنجي خود اثباتيت جا خود اظهاريت جي ڪوشش کي روڪي ٿو تہ اُها هڪ ظلم جي صورتحال آهي. اهڙي صورتحال، پنهنجي جاءِ، تشدد يا ڏاڍ جو مظاهر آهي، پوءِ اُها ڪوڙيءَ ڪنهن فياضيءَ ۽ سخا جي رنگ ۽ پردي سان ڪيتري بہ نرم ۽ پسنديده بنائي ويئي هجي-ڇا ڪاڻ تہ اُها انسان جي ڪامل تر انسان بنجڻ جي پنهنجي ڪائناتي ۽ تاريخي منصب ۾ دخل انداز ٿئي ٿي. ظلم جي تعلق قائم ٿيڻ سان ئي ڏاڍ جو عمل شروع ٿئي ٿو. تاريخ ۾ ڪڏهن بہ مظلومن وٽان ڏاڍي جي ابتدا نہ ٿي آهي. هُنن کان ڏاڍ جي ابتدا ٿي بہ ڪيئن ٿي سگهي، جڏهن هو پاڻ ئي ڏاڍ جي پيداوار آهن! هو ڪنهن شيءَ جا پيدا ڪندڙ ڪيئن ٿا ٿي سگهن، جن جو مظلومن جي حيثيت ۾ پنهنجو وجود خود اُنهيءَ شيءَ جي اول موجود هجڻ تي منحصر هجي، تو جيڪڏهن ڏاڍ جي صورتحال مظلومن کي زير ڪرڻ لاءِ اول موجود ئي نہ هجي تہ مظلومن جي وجود جو ظهور ممڪن ئي ڪونهي.

ڏاڍ جي ابتدا انهن کان ٿئي ٿي، جيڪي ظلم ڪن ٿا، جيڪي ٻين کي پنهنجي غرض لاءِ استعمال ڪن ٿا، جيڪي ٻين کان انسان ئي نٿا سمجهن- نہ اُنهن کان جيڪي مظلوم آهن، جيڪي استعمال ٿين ٿا، ۽ اڻ قبوليل آهن، اُهي جيڪي ڌڪاڻل ۽ پيار کان وانجهيل آهن، ڌڪار ۽ نفرت اُهي پيدا ڪو نہ ٿا ڪن، پر اُهي ٿا پيدا ڪن،جيڪي پيار ڪري ئي نٿا سگهن. ڇا ڪاڻ جو هو رڳو پاڻ ئي پيار ڪن ٿا. اُهي جيڪي بيوس آهن، ڌهڪاءُ جا شڪار آهن، خوف ۽ ڌهڪاءُ اُهي پيدا ڪو نہ ٿا ڪن، پر اُهي ٿا پيدا ڪن جيڪي زور آور آهن، ڏاڍا آهن، جيڪي پنهنجي طاقت جي آڏار

جي پڌري پٽ اهڙي صورتحال پيدا ڪن ٿا جنهن ۾ زندگي جا ڏکائل جنم وٺن ٿا اهي جيڪي عذاب ۽ پيڙا جا شڪار آهن. پر جا۔ پيڙڪ راڄ جا مُهڳ يا سر چشما اُهي نہ آهن. پر فرعون ۽ ظلمي شخص اُن جا سر چشما ۽ مُهڳ آهن. جيڪي ڏکارجن ٿا، اُهي ڏکارجا فصل ڪو نہ ٿا پوکين. پر اُهي ٿا پوکين. جيڪي ڏکارين ٿا. انسان جي نفي اُهي ڪو نہ ٿا ڪن. جن جي انسانپڻي کان انڪار ڪيو ٿو وڃي، پر اُهي ٿا ڪن جيڪي اُنهيءَ انسانپڻي جا انڪاري آهن (۽ ائين اُهي خود پنهنجي انسانپڻي جو بہ انڪار ڪن ٿا.) تشدد جو يا زور جو استعمال اُهي ڪو نہ ٿا ڪن جيڪي طاقتورن جي گهُٽ ۽ چِپ هيٺ ڪمزور ۽ هيٺا ٿي چڪا آهن. پر اُهي طاقتور ٿا ڪن جن اُنهن کي ائين سوڙهو ڪري گهُٽي ۽ چيپاٽي هيٺو بڻايو آهي.

ظالمن جي آڏو بهرحال، سدائين مظلوم ئي هوندا ؛ آهن. جيڪي جڏهن انهن جي ڏاڍ خلاف رد عمل ڏيکاريندا آهن. تڏهن اُهي 'ويڙهاڪ'، 'وحشي'، "بدمعاش"، يا "درندا" ليکبا آهن. اُهي هنن کي ڪڏهن بہ "مظلوم" نہ چوندا آهن. پر "جهنگلي"، "ڄٽ" "جاهل"، "انڌو ۽ بکيو عوام" يا "ڪُٽ خلق" جهڙن نفرت ڀرين نالن ۽ لقبن سان سڏيندا آهن.

اِهاڳالهہ ڪيتري قدر بہ ظاهر ۾ اُلٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر حقيقت آهي تہ مظلومن طرفان ظالمن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي جوابي اقدام ۾ ئي پيار جو اشارو موجود ڏسبو آهي. شعوري يا غير شعوري طور، مظلومن جي بغاوت جو عمل ئي(۽ اُهو سدائين يا لڳ ڀڳ سدائين اوترو ئي سخت هوندو آهي، جيترو ظالمن جو پنهنجو ظلم سخت هوندو آهي.) پيار جي ابتدا ڪري سگهندو آهي. ظالمن جو ڏاڍ مظلومن کي بهتر انسان بنجڻ کان روڪي ٿو پر مظلومن طرفان اُن ڏاڍ جي جواب جو بنياد ئي اُنهيءَ بهتر انسان بنجڻ جي پنهنجي حق ۾ حاصلات لاءِ هوندو آهي. جيئن جيئن ظالم ٻين جو انسانپڻو پائمال ڪن ٿا ۽ انهن جا حق مارين ٿا، تيئن هو پاڻ بہ اوترائي حيوان بنجن ٿا. جيئن جيئن مظلوم انسان بنجڻ جي پنهنجي جدوجهد ۾ ظالمن کان اُها سندن بالادستيءَ جي ۽ پائمال ڪرڻ جي طاقت کسين ٿا، تيئن تيئن هو اُنهن کي خود سندن اُهو انسانپڻو ورائي ڏين ٿا، جيڪو پنهنجي ڏاڍ ۽ ظلم جي عمل سان هو وڃائي ويٺا هوندا آهن.

فقط مظلوم ئي پاڻ کي آزاد ڪرڻ سان پنهنجي ظالمن کي بہ آزاد ڪري سگهن ٿا. ظالم ظلمي طبقي جي حيثيت ۾ نہ ٻين کي آزاد ڪري سگهن ٿا ۽ نہ پاڻ کي آزاد ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ڪري بيحد ضروري آهي تہ انهن تضاد ۾ مظلوم قائل آهن، ان کي حل ڪرڻ لاءِ مظلوم ئي جدوجهد ڪن. اُهو تضاد نئين انسان جي اُڀرڻ سان ئي حل ٿيندو، جيڪو نہ ظالم هوندو نہ مظلوم۔ اهڙو انسان جيڪو آزاديءَ جو شائق ۽ آزادگيءَ جي عمل ۾ مصروف هوندو. جيڪڏهن مظلومن جي منزل مقصود ڪامل انسان بنجڻ آهي، تہ رڳو تضاد ۾ آمهون سامهون بيٺل نقطن جي مٽ سٽ سان اُها منزل هو حاصل ڪري نہ سگهندا.

هيءَ ڳالهہ ڪجهہ سادي ۽ آسان لڳي ٿي. پر اصل ۾ ائين نہ آهي. ظالمَ مظلوم جي تضاد جو حل سچ پچ اهو آهي تہ ظالم هڪ بالادست طبقي جي حيثيت ۾ بلڪل ئي ختم ٿي وڃن، ۽ ان خيال کان، مظلومن طرفان پنهنجن سابق ظالمن تي ڪن ظابطن ۽ پابندين جي قائم رکڻ کي، تہ جيئن اُهي پنهنجي سابق ظالمانہ حيثيت ٻيهر حاصل ڪري نہ سگهن، ظلم سڏي نٿو سگهجي. و قدم يا عمل ظلمي عمل فقط تڏهن آهي جڏهن اُهو ڪنهن انسان يا ڪن انسانن کي وڌيڪ ڪامل انسان بنجڻ کان روڪي. انهيءَ ڪري، سابق مظلومن طرفان پنهنجن سابق ظالمن تي اُهي ضروري پابنديون ۽ ضابطا پنهنجو پاڻ اِهو ثابت نٿا ڪن تہ ڪالهہ جا اُهي مظلوم ڦري اج جا ظالم بڻجي ويا آهن. اهڙي هلت ۽ اهڙا اقدام، جيڪي ختم ٿيل ظالم حڪومت کي ٻيهر قائم ٿيڻ کان روڪين ٿا. انهيءَ هلت ۽ اُنهن اقدامن جي مشابهہ نہ آهي، جيڪي ڪنهن ظالم حڪومت کي قائم ڪن ٿا يا قائم رکن ٿا. پهرئين قسم جي هلت ۽ پهرئين قسم جي اقدامن کي انهيءَ هلت ۽ انهن اقدامن سان مشابهت نٿي ڏيئي سگهجي، جن سان ڪي ٿورڙا شخص اڪثريت کي انسان هجڻ ۽ بهتر انسان ٿي رهڻ جي حق کان محروم رکندا آهن.

بهرحال، جڏهن بہ ڪا نئين حڪومت، پوءِ اُها اڳوڻن ڪن حقيقي مظلومن جي ئي قائم ڪيل هجي، سخت بڻجي، هڪ بالادست حڪومت يا آقائي قسم جي 'عملدار شاهي' (7) جي صورت وٺي ٿي، تڏهن آزاديءَ جي

جدوجهد جي انساني يا انسان شناس وسعت ختم ٿي وڃي ٿي، ۽ پوءِ اُن سلسلي ۾ وڏيڪ آزاديءَ جي ڳالهه ڪرڻ ٿي ممڪن نہ ٿي رهي. ان ڪري ئي اسين انهيءَ ڳالهه تي زور ٿا ڏيون تہ ظالم ـ مظلوم جي تضاد جو سچو پچو حلِ اهو نہ آهي تہ رڳو جاين تي تبديلي واقع ٿئي ـ فقط آمهون سامهون بيٺل نقطن جي ئي ڪا مٽ سٽ ٿئي. ۽ نہ انهيءَ ۾ ئي آهي تہ اڳوڻن ظالمن جي جاءِ تي نوان ظالم اچي ويهن، جيڪي مظلومن کي، آزاديءَ جي رڳو نالي ۾، ساڳيءَ طرح پنهنجي تابع رکيو وينا هجن ۽ انهن کي ائين ئي پيڙيندا رهن.

پر هيءُ تضاد، آزاد پورهيتن هٿان قائم ڪيل نئينءَ صورتحال جي وجود ۾ اچڻ سان، جڏهن سچ پچ بہ حل ٿي وڃي ٿو تڏهن بہ اڳوڻا ظالم پاڻ کي آزاد محسوس نٿا ڪن، بلڪ هو سچ پچ پاڻ کي مظلوم سمجهن ٿا، پين تي ظلم ڪندي ڪندي، پنهنجي اُن ظلم جي تجربي سان هو ايڏا تہ هِري مِري ۽ اُن جا عادتي بنجي ويل هوندا آهن، جو اُنهيءَ پنهنجيءَ برتريءَ واريءَ صورتحال کان علاوه ٻي ڪا بہ صورتحال هنن کي ظلم محسوس ٿيندي آهي. اڳي، هو کائيندا پيئندا، سٺا ڪپڙا ڍڪيندا، اوچا ۽ نفيس بوٽ پائيندا، اعليٰ تعليم حاصل ڪندا، گهمندا ڦرندا ۽ سير سفر ڪندا ۽ راڳ ٻڌندا ۽ طرح طرح جا رنگ رس ڪندا رهندا هئا: ۽ لکين ڪروڙين ماڻهو هوندا هئا جن کي پيٽ پِري کائڻ ۽ بتُ ڍڪڻ ۽ اگهاڙين پيرن ۾ چنل جتي پائي هلڻ بہ نصيب نہ هوندو هو نہ ئي اُهي پڙهي سگهندا هئا يا ڪو آرام ڪري سگهندا هئا ـ گهمڻ ڦرڻ، راڳ رهاڻ يا ٻئي ڪنهن رس جي تہ هنن لاءِ ڪا ڳالهہ ئي نہ هئي. اجتماعي حقن ۽ اجتماعي مفاد جي نالي ۾، ههڙيءَ مفت، عيشي ۽ بي ميار قسم جي زندگي گذارڻ تي ڪنهن بہ طرح جي بندش يا روڪ سان ظالمن کي انفرادي مفاد جي محرومي ۽ پنهنجي انفرادي حقن جو سخت انحراف ۽ لتاڙ بلڪ صاف مارجڻ ٿو محسوس ٿئي ـ جيتوڻيڪ هو پاڻ پنهنجي پيري لکن ڪروڙن انسانن جو رڳو ڪو ذري ماتر خيال بہ نہ رکندا هئا، جيڪي سندن اکين آڏو سدائين سورن ۾ ڳهندا رهندا هئا ۽ بکيا، ڏکيا ۽ بيوس جهوراٽن ۾ جهُرندا ۽ ڳاراٽن ۾ ڳرندا ۽ مرندا رهندا هئا. ظالمن جي نظر ۾ 'انسان' فقط هو پاڻ هوندا آهن: ٻيا ماڻهو هنن لاءِ فقط 'جنس '، 'شيون' يا رڳو ڪي 'ٻہ ـ پيرا حيوان' آهن. ظالمن لاءِ 'حق' فقط هڪ آهي:

مزي سان پنهنجي جيئڻ جو حق: يعني ڀين جو يعني مظلومن جو جيڪڏهن ڪو حق آهي تہ فقط 'ساهہ کڻن' يا 'ٽڪڻ' جو حق آهي، جيڪو پڻ وٽن پوريءَ طور تسليم ٿيل بہ نہ هوندو آهي-ايتري قدر جو اُن تي سندن دل ۾ سدائين ڪجهہ ڪجهہ اعتراض جي ڪيفيت ئي موجود رهندي آهي. ۽ اُها ٽڪڻ جي وٿي يا سهوليت بہ هو مظلومن کي انهيءَ ڪري ڏيندا آهن، جو انهن جو ائين موجود رهڻ سندن پنهنجي وجود لاءِ ضروري هوندو آهي.

هيءَ سندن ڪردارُ ۽ دنيا کي سمجهڻ جو سندن هيءَ طريقو (جيڪو کين ڪنهن نئين نظام جي نفاذ جي مخالفت تي هر حالت ۾ مجبور ڪري ٿو) هڪ بالادست يا قابض طبقي طور سندن پنهنجي تجربي تي ٻڌل آهي، ۽ اُن کي سمجهي بہ سندن اُن سطح ۽ حيثيت جي روشنيءَ ۾ سگهجي ٿو ڏاڍ ۽ ظلم جي صورتحال هڪ ڀيرو قائم ٿئي ٿي، تہ جيڪي اُن ۾ ڦاسي پون ٿا- ظالم توڙي مظلوم ٻيئي، ساڳيءَ طرح تن جي زندگيءَ ۽ ڪردار جو سڄو طريقو ۽ ڍنگ، اُها صورتحال خاص پنهنجي رنگ ۾ پنهنجي سانچي ۾ گهڙي ٺاهي ٻيهاري ٿي ۽ هلائي ٿي. ٻيئي ڌريون اُن صورتحال جي وچ ۾ اچي، ڌبجي وڃن ٿيون ۽ ٻنهي تي ظلم جي عمل جا ليڪا ۽ نشان اڀري ٻيهن ٿا. ظلم جي موجود صورتحال جي ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ڇنڊڇاڻ ٿي آهي، تہ اهو ڏٺو ويو آهي تہ اُن جي شروعات ڪنهن نہ ڪنهن ڏاڍ جي عمل سان ٿي ٿي آهي- ۽ اها طاقتور ماڻهن ئي ڪئي آهي. هيءَ ڏاڍ، پوءِ هڪ راهہ عمل طور، ظالمن جي هٿن ۾ نسل بہ نسل قائم رهي ٿو ۽ هلندو رهي ٿو ۽ اُهي اُن جا وارث بنجي ويهن ٿا ۽ ائين اُن جي خاص آبهوا ۾ اهو پوءِ ڪڪورجي ۽ پچي، پختا ٿي ٻيهن ٿا. هيءَ 'آب- هوا' هڪ مضبوط قبضيداريءَ جو ظالم شعور پيدا ڪري ٿي- دنيا جي قبضيداريءَ جو ۽ ماڻهن جي قبضيداريءَ جو. دنيا تي ۽ ماڻهن تي هِن سڌي، سڄي پچي ۽ بجنسي قبضي کان سواءِ، ظالم شعور پنهنجو پاڻ کي سمجهي ئي نہ سگهندو آهي، بلڪ اُن کان سواءِ اُهو قائم رهي يا جي نہ سگهندو آهي. هن شعور لاءِ ايرڪ فرام(E.Fromm) جو چوڻ آهي تہ ملڪيتداريءَ ۽ قبضي کانسواءِ 'دنيا سان اُن جو [ٻيو] واسطو يا تعلق ڪٽجي وڃي ٿو.' ظالم شعور پنهنجي آسپاس جي هر شيءِ کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجي هڪ تابع ۽ زيردست شيءِ جي حالت ۾

آڻڻ چاهيندو آهي. زمين، ملڪيت، پيدوار، ماڻهن جي ذات ۽ ڏانءُ ۽ انهن جون ڪاريگريون ۽ تخليقون، ماڻهو پاڻَ، وقتُ- مطلب تہ هر شيءِ اُن لاءِ رڳو پنهنجي تصرف ۽ استعمال جي هڪ شيءِ بڻجي وڃي ٿي.

پنهنجي انهيءَ قبضيداريءَ جي اَجهل هَوس هيٺ، ظالمن جي دل ۾ يقين ويهي وڃي ٿو تہ هُنن لاءِ بلڪل ممڪن آهي تہ هر شيءِ کي بدلائي هو پنهنجي خريد ڪرڻ جي هڪ جنس يا شيءِ بڻائي ٿا سگهن- انهيءَ طرز فڪر تي ئي زندگيءَ بابت هنن جو پختو گهٽيا 'ماده پرستانہ' نظريو بيٺل هوندو آهي. هنن لاءِ پئسو هر شيءَ جو ماڻ آهي، ۽ نفعو بنيادي ۽ پهريون مقصد. ظالمن لاءِ اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ وٽن مال هجي، ملڪيت هجي، پر وڌيڪ هجي-هميشہ وڌيڪ- مظلومن جي حصي جو بہ، بلڪ سڀ ڪجهہ وٽن هجي ۽ مظلومن وٽ ڪجهہ بہ نہ. هنن جي نظر ۾ هئڻ معنيٰ مال جو هئڻ ۽ 'مالدار' طبقي مان هئڻ.

ظلم جي صورتحال مان نفعي ڪائيندڙن جي حيثيت ۾، ظالم هرگز اهو سمجهي نٿا سگهن تہ جيڪڏهن هئڻ جو هڪ شرط مال جو هئڻ آهي، تہ اهو شرط سيني ماڻهن لاءِ ضروري آهي. انهيءَ ڪري ٻين لاءِ هنن جو 'خيال' ۽ هنن جي سڄي فياضي، سخاوت ۽ ڪرم نوازي ڪوڙي آهي. انسانيت يا انسانپڻو بہ هنن لاءِ هڪ 'شيءَ' آهي ۽ هو ڀانئين ٿا تہ اُن جي قبضي يا مالڪيءَ جو اڪيلو حق سندن آهي- ورثي ۾ مليل ملڪيت وانگر.ظالم شعور جي نظر ۾، ڪائنڻ سواءِ 'ٻين' جو انسان بڻجڻ جي اُمنگ يا ڪوشش بهتر ۽ ڪامل تر انسان پڻي جي تلاش نہ پر خود ساڻن غداري آهي، بغاوت آهي.

ظالم اِهو هرگز نٿا سمجهن تہ وڌيڪ مال جي هئڻ جي سندن هڪ هٽي اُهو هڪ خاص فائدو آهي، جيڪو ٻين کي ۽ ٻين سان گڏ کين پڻ انسان جي درجي کان هيٺ ڪيرائي ٿو ڇڏي هو نٿا ڏسي سگهن تہ هڪ مالدار طبقي طور، پنهنجي مالدار هجڻ جي خود پرستانہ ڪوشش ۾ هو پنهنجي اُن گهٽي مال جي دٻاءَ هيٺ سدائي گهٽبا ۽ ٻوساٽبا رهن ٿا ۽ سچي يا سچ پچ جي هئڻ جو موقعو کين نصيب ڪونهي- هو جي آهن، تہ رڳو مالدار آهن. هنن جي سوچ پٽاندر، وڌيڪ مالدار هجڻ سندن هڪ خاص

حق آهي، جيڪو هنن پنهنجي ’ڪوشش‘ سان، ’جو ڪم ڪٽندڙ حوصلي سان حاصل ڪيو آهي. جيڪڏهن ٻين وٽ وڏيڪ نہ آهي، تہ اُهو انهيءَ ڪري، جو هو نالائق، ناقابلڪار ۽ سست آهن ۽ وڏيڪ انهن ٻين جي خراب ڳالهہ اِها آهي، جو هو خوامخواهہ احسان فراموش آهن ۽ مٿئين طبقي جي ’فياضين‘ ۽ ’مهربانين‘ کي نٿا مڃين، ۽ ڇا ڪاڻ تہ هو ’احسان فراموش‘ آهن ۽ ’حاسد‘ ۽ ’مسهو‘ آهن، انهيءَ ڪري هو پس پيش بہ دشمن آهن، جن کي هر وقت نظر ۾ رکڻ ضروري آهي!

ان ڪان سوءِ ظالم شعور جي سامهون ٻيو رستو بہ ڪونهي. جيڪڏهن مظلومن جو انسان بنجڻ جو عمل بغاوت آهي، تہ انهن جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش بہ ائين آهي. انهيءَ ڪري مٿن دائمي ۽ لڳاتار ضابطو ۽ قبضو ضروري آهي. ۽ جيترو وڏيڪ ظالم جو قبضو مظلومن تي قائم رهي ٿو اوترو وڏيڪ هو انهن کي بيجان شين جي صورت ۾ بدلائيندا رهن ٿا. ظالم شعور جي هيءَ لاڙو جنهن مطابق هر شيءِ جيڪا اُن جي دائري ۾ اچي ٿي، تِنهن کي اُهو جهلي، نستو ۽ بيجان بنائي ڇڏي ٿو پنهنجي اُن قبضيداريءَ جي هوَس جي ڪري، سڌو سنئون هڪ اذيت پسند لاڙو آهي.

’فرام‘ پنهنجي ڪتاب ”انسان جي دل“ (The Heart of Man) ۾ هن لاڙي بابت چوي ٿو تہ:

”ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ (يا ساهواري) تي پوري قبضي ۽ بالادستيءَ جي خوشي اذيت پسند ذهن جو اصل بنياد ۽ روح آهي. ٻين لفظن ۾ اذيت پسنديءِ جو مقصد ئي اِهو هوندو آهي تہ هڪ ماڻهوءَ کي بدلائي هڪ ’جنس‘ يا ’شيءِ‘، هڪ جاندار کي ڦيرائي بيجان بنايو وڃي-ڇو تہ پوري پوري قبضي هيٺ، جاندر وجود زندگيءَ جي واحد ۽ لازمي خاصيت_ يعني آزاديءَ_ کان محروم ٿي وڃي ٿو.“

اذيت پسند پيار بہ هڪ بگڙيل ۽ اٺونو پيار آهي- اُهو زندگيءَ جو نہ پر موت جو پيار آهي. انهيءَ طرح، ظالم شعور ۽ دنيا بابت ان جي موت بخش نظريي، جي هڪ خاص خصوصيت اذيت پسندي هوندي آهي. جيئن ئي ظالم شعور قابض بنجڻ لاءِ، ڪنهن بي آرام ڳولائو آدمي جي، ڪنهن تخليقي قوت جي، آڏو ايندو آهي ۽ اُن کي ڪچليندو آهي- جيڪي ئي

زندگيءَ جون خصوصيتون آهن. تہ زندگي جو خون ڪندو آهي. اڄ ظالم جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ. سائنس ۽ اعليٰ ڪاريگريءَ کي. اجهل ۽ بيحد طاقتور حربي طور, پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪندا رهن ٿا- دباءَ ۽ حرفت سان ظالم نظام کي قائم رکڻ جي مقصد لاءِ, سندن نظر ۾, مظلوم ۾, جيڪي محض سندن قبضي جون 'شيون' آهن. تن کي يا تن جا ڪي بہ پنهنجا مقصد ڪونهن, سواءِ انهن مقصدن جي, جيڪي ظالم پاڻ انهن لاءِ مقرر ڪن ٿا.

مٿي جيڪي چيو ويو آهي, اُن جي روشنيءَ ۾ هيو هڪ وڏيءَ اهميت جو سوال اُٿي ٿو: ظالم طبقي جا ڪي فرد اڳتي وڌي, مظلومن سان سندن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿين ٿا, ۽ ائين تضاد جي آمهون سامهون بيٺل ٻن نقطن مان هڪ نقطي تان لهي اُن جي ٻئي نقطي تي وڃي بيهن ٿا-اُنهن جي حيثيت ۽ ڪردار جي سوال تي اِها حقيقت آهي تہ آزاديءَ جي جدوجهد جي سڄيءَ تاريخ ۾ اُنهن جي ڪردار جي وڏي اهميت رهي آهي. پر ائين بہ, بهرحال, ٿيندو ئي آهي تہ جيتوڻيڪ اُهي پوءِ پاڻ تہ استحصالي يا استحصال جا لا تعلق تماشائي بہ يا استحصالي مفاد جا رڳو وارث بہ نہ رهندا آهن. تڏهن بہ, ذاتي طرح, اڪثر سندن اصليت جا نشان منجهن سدائين موجود ڏسبا آهن: يعني سندن شڪ ۽ بد گمانيون ۽ سندن طبيعت ۽ ذهن جا بگاڙ جن ۾ خاص طرح عوام جي سوچڻ, چاهڻ ۽ ڄاڻڻ جي صلاحيت ۾ سندن بي اعتمادي تہ لازمي طرح موجود هوندي آهي. ۽ انهيءَ ڪري عوامي مقصد جي هِنن پر جوش حامين جي روش ۽ ڪردار ۾ ظالمن جي ڪرم نوازيءَ, فيض بخشيءَ ۽ سخاوانيءَ جي بدعادت جهڙي (8) هاجيڪار ڪمزوري اڪثر موجود ڏسبي آهي. ظالمن جي فيض بخشيءَ ۽ سخا کي, ڪرم نوازيءَ ۽ 'نوشيروانيءَ' کي, بي انصاف نظام ۾ فروغ ملي ٿو. جنهن نظام کي ضروري آهي تہ قائم رکيو وڃي تہ جيئن هِن فيض بخشيءَ ۽ سخا, 'نوشيروانيءَ' ۽ ڪرم نوازيءَ جو سبب ۽ جواز موجود رهي: بر خلاف اِن جي, اسان جي هي نوان عوام دوست بي انصاف نظام کي سچ پچ بدلائڻ بہ چاهين ٿا, پر پنهنجي پس منظر سبب هو ائين مڃين ٿا تہ اُن تبديل جا باني, ڪار پرداز ۽ عامل ضرور اُهي پاڻ هجن, هو عوام بابت ڳالهائين ٿا, پر عوام

متي پڙ تي چڪو آهي، مظلومن جي وجود جي دو طرفائي آهي، جيڪي هڪ ئي وقت سڌا سنوان پاڻ بہ آهن ۽ اُهو ’ظالم‘ بہ آهن. جنهن جو شعور هنن پاڻ تي ڇانئي رکيو آهي. انهيءَ ڪري، تيستائين جو هو سروس، پنهنجي ’ظالم‘ کي ڳولي ۽ سڃاڻي سگهن ۽ ائين کين پنهنجي شعور جي ڄاڻ بہ حاصل ٿئي، هو ذري گهٽ سدائين، پنهنجي صورتحال متعلق تقدير پرستيءَ جي ياوہِ ورتل هوندا آهن.

’هاري فقط تڏهن پنهنجي تابعداريءَ مان بند خلاصيءَ جي همت ڏيکارڻ شروع ڪري ٿو جڏهن هن کي ڄاڻ ٿئي ٿي تہ هو تابعدار آهي. تيستائين هو پنهنجي ”پوتار“ جو پوئلڳ آهي ۽ چوندو آهي، ”مان ڇا ٿو ڪري سگهان“مان تہ تلهو هاري آهيان.“‘ (9)

متاچرائيءِ سان ڏسندي، هن تقدير پرستيءَ کي اڪثر ڳوپيپٽو يا مانيٽائي سڏيو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ اِها هڪ قومي خصوصيت آهي. پر ڳوپيپٽي جي ويس ۾ تقدير پرستي ڪنهن قوم جي سياءَ جي لازمي خصوصيت نہ، پر اُن جي تاريخي ۽ سماجياتي صورتحال جو نتيجو هوندي آهي. مظلوم صورتحال کي اڪثر تقدير يا قسمت يا نصيب سان ڳنڍيو ويندو آهي. جيڪي وس کان ٻاهر ۽ اٽتر قوتون شمارجن ٿيون- يا اُن کي خدا جي ڪنهن نہ ڪنهن خود ساختہ تصور سان ملايو ويندو آهي. ڏندڪتا ۽ جادوءَ جي اثر هيٺ، مظلوم خاص طرح هاري- جيڪي قدرت جي وزن هيٺ ذري گهٽ دفن ٿيا پيا آهن- پنهنجي زندگيءَ جي سڄي دک کي، جيڪو سڄي جو سڄو انساني ڦرمار ۽ ڏاڍ جو نتيجو هوندو آهي، خدا جي مرضي سمجهندا آهن، ڇڻ تہ هِن ’منظم بدنظميءَ‘ جو خالق خُدا آهي.!

حقيقت جي بار هيٺ دٻيل ۽ پوريل هئڻ سبب، مظلوم اُنهيءَ نظام کي صاف ڏسي ئي نہ سگهندا آهن. جيڪو ظالمن جي مفادن جي پاسداريءَ لاءِ بيٺل هوندو آهي، انهيءَ نظام جي پابندين هيٺ لچندي پچندي، هو اڪثر ڪري هڪ قسم جي سامهانئين يا ’سڌي‘ ڏاڍ جو اظهار ڪندا آهن. جنهن سان خسيس کان خسيس ڳالهين تي هو پنهنجن ئي همراهن ۽ رفيقن تي آڪڙيا پيا گهمندا آهن ۽ پاڻ جهڙن ئي ٻين مظلومن سان سبب بي سبب ڪوسندا ۽ وڙهندا رهندا آهن. ۽ اُهو انهيءَ ڪري بہ، جو هو پاڻ مظلوم

هوندي ٻہ. پنهنجي وجود جي ٻٽي طرفائيءَ کان ’ظالم‘ جو عڪس ٻہ پنهنجي من ۾ موجود رکندا آهن.

ٻئي پاسي، پنهنجي وجودي تجربي جي ڪنهن نقطي تي پهچندي، مظلوم هڪ قسم جي زبردست ڪشش ظالم ۽ اُن جي طرز زندگيءَ لاءِ محسوس ڪندا آهن. ۽ هن طرز زندگيءَ ۾ حصيدار ٿيڻ جي خواهش سندن من جو هڪ اجهل اڌمو بنجي ويندي آهي. پنهنجي بيڪسيءَ ۽ تنهائيءَ ۾، ڪنهن نقطي تي، مظلوم چاهيندو آهي تہ ڪنهن طرح هو بہ ظالم جهڙو هجي، اُن جو ويس ڍڪي ۽ نقل ڪري، اُن جي پٺيان هلي. هيءَ صورت، خاص طرح، مظلوم وچين طبقي ۾ عام ڏسبي آهي، جيڪي مٿئين طبقي جي ’وڏن‘ ماڻهن سان برابريءَ ۾ ويهڻ ۽ مٿي گس ڪرڻ لاءِ سڪندا رهندا آهن.

پاڻ کي نِندڻ ۽ هيچ سمجهڻُ مظلومن جي هڪ ٻي خاصيت هوندي آهي. جيڪا نتيجو هوندي آهي انهن راين جو جيڪي ظالم انهن لاءِ رکندا آهن ۽ جنهن کي هو ٻڌي ٻڌي، آجاڻائي ۾ پاڻ ئي مڃي ۽ قبول ڪري ويهندا آهن. هو هر هر ايترو تہ انهن کان پنهنجي لاءِ ٻڌندا آهن تہ هو ڪنهن ڪم جا نہ آهن، ڪجهہ نٿا ڄاڻن، ڪجهہ بہ سکي نٿا سگهن، ڪڏهن ڪين سڌرندا، بيمار ۽ مرضيل آهن، سست آهن، نڪما آهن وغيره وغيره، جو نيٺ ٻڌي ٻڌي، هنن کي پنهنجي نڪمائي ۽ نالائقيءَ جي پڪ ٿي ويندي آهي. ’هاري ”پوتار‘ کان پاڻ کي گهٽ محسوس ٿو ڪري، ڇا ڪاڻ تہ پوتار کي هو ڏسندو آهي تہ اُهو ئي آهي، جو ڳالهيون ڄاڻي ٿو ۽ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.‘(10)

هو پاڻ کي اڻ ڄاڻ ۽ جاهل سڏيندا آهن ۽ سمجهندا آهن. ۽ اڪثر ائين چوندي ٻڌبا آهن تہ. ’سائين ئي ڄاڻي ٿو اسان کي هُن کان رڳو ٻڌڻ گهرجي‘ علم جي سڃاڻڻ جون ڪسوٽيون اُنهن تي جيڪي مڙهيل آهن، سي اڪثر روايتي ۽ ڏاڍن جي پسند ۽ اختيار واريون ۽ ڏاڍن جي ڏٺيل ۽ قبوليل ’عالمن جي سند‘ واريون هونديون آهن. هڪ دفعي هڪ ’تهذيبي حلقي (ڏسو باب ٽيون) ۾ هارين کي جڏهن ڪنهن آڪاٽيءَ تي ٻڌل تصويرون ڏيکاريون ويون ۽ کانئن سوال ڪيا ويا تہ انهن تصويرن ۾ هنن ڇا

تي ڏنو ۽ انهن بابت 'هنن ڇا ٿي سمجهيو' تہ ذري گهٽ يڪ زبان ٿي، سيني چيو: "سائين اڳو پوءِ اوهين ٿي ڪٽي سمجهايو تہ انهن ۾ ڇا آهي! ائين جهٽ بہ ٿي پوندو ۽ مٿي ماريءَ ڪان بہ اسين بچي پونداسين.'"

ائين ڏسبو آهي ڄڻ اِهو محسوس ٿي نٿا ڪن تہ ڪو هو پاڻ بہ 'ڪجهہ ڄاڻن ٿا'- خود اُهو ڪجهہ بہ جيڪو دنيا سان ۽ ماڻهن سان لڳ لاڳاپي ۾ ايندي هنن سڌيءَ طرح پاڻ ئي ڏٺو آهي ۽ سمجهيو بہ آهي، جيڪي حالتون سندن من جي ويڳاڻپ ۽ بہ ڇتائيءَ جي پيدا ٿيڻ لاءِ جوابدار آهن، انهن جي موجودگيءَ ۾ هنن جي پنهنجي ذات ۾اِها بي اعتمادي هڪ فطري ڳالهہ آهي.

اڪثر موقعن تي ڏٺو ويو آهي تہ گڏجاڻيءَ ۾ وينل هاري پهريائين ڏاڍيءَ سرگرميءَ سان هڪ ڳالهہ ۾ حصو وٺندا. پر پوءِ اوچتو ئي چپ ٿي ويندا ۽ سيڪاريندڙ کي چوندا: 'سائين، معاف ڪجو، اسان کي ڳالهائڻ نہ گهرجي، اوهين ئي ڳالهايو. اوهين ئي ڄاڻو ٿا. اسان کي ڪهڙي خبر!' عام طور هو سدائين انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندا آهن تہ هنن ۾ ۽ جهنگ جي 'جناورن' ۾ ڪو فرق ڪونهي؛ ۽ ڪڏهن ڪو فرق ڏسڻ ۾ ايندو بہ اٿن، تہ اُن ۾ بہ هو جانورن کي مٿي ڪندا آهن-' وري بہ سائين، هو ڇٽل آهن، اسين ٻڌل آهيون!'

پر هيءِ ڏاڍي هڪ ڏيان جوڳي ڳالهہ سندن روش ۾ ڏٺي ويئي آهي تہ جيئن ئي سندن مظلوم صورتحال ۾ تبديليءَ جا پهريان آثار پيدا ٿيندا آهن، تہ سندن هن خود انڪاريءَ يا پنهنجي گهٽتائي جي احساس ۾ بہ ڦيرو اچي ويندو آهي. مون هڪ 'تهذيبي حلقي' ۾ هڪڙي اڳواڻ کي چوندي ٻڌو تہ 'هو اسان کي چوندا هئا تہ اوهين نڪما آهيو ڇو تہ اوهين آرسي ۽ موالي آهيو! سڀ ڪوڙا هاڻي، جو اسان کي ماڻهو تو سمجهيو وڃي، سو اسين سيني کي ڏيکاريندا سون تہ اسين نہ موالي هئاسون، نہ آرسي، اسين تہ رڳو ڦريل، لٽيل ۽ ماريل هئاسون!'

جيسين مظلومن جي من جي مونجهہ ۽ بہ ڇتائي قائم هوندي آهي، تيسين هو مقابلي کان ڪيٻائيندا آهن ۽ هنن کي پاڻ ۾ بلڪل اعتماد ڪو نہ هوندو آهي(11) ظالم جي آجيت پٺي ۽ طاقت ۾ هنن کي هڪ انيڪ طرح

جو جادو ئي عقيدو هوندو آهي. زميندار جي طاقت جو زور ۽ اُن جو اثر سڄيءَ ڀهراڙيءَ تي ائين ڇانيل هوندو آهي، جڻ اُها ڪنهن مَنڊ ۾ مَنڊيل هوندي آهي.هڪڙي سماجيات جي عالمن منهجي دوست مون سان هڪڙي لاطيني آمريڪي ملڪ جي هڪ هٿياربند هاري ٽولي جي ڳالهه ڪئي، جن ڪنهن موقعي تي پنهنجي زميندار کي جهلي ورتو ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ اُن کي پاڻ وٽ اول ڪري ويهارڻ گهريو ٿي، پر منجهانئن ڪنهن هڪڙي بہ ان کي پنهنجي ذاتي قبضي يا پهري ۾ جهلڻ جي حامي ڪا نہ ڀريءِ اُن جي موجودگي ئي هنن کي ايتري ڪا ڊيڄاريندڙ ٿي لڳي! ائين بہ ممڪن آهي تہ 'پوتار' جي خلاف اٿڻ ۽ اُن کي سامهون پوڻ ئي هنن کي هڪ ڏوهہ جهڙو بلڪ گناهہ جهڙو ڪم ٿي لڳو. حقيقت ۾ 'پوتار' انهن جي 'اندر' ۾ موجود هو.

مظلومن لاءِ ظالم جي هيٺائيءَ ۽ هارَ جا مثال اڪئين ڏسڻ ضروري آهن، ۽ پوءِ ئي هنن جي من ۾ ابتڙ ويساهہ ڇمندو. تيسين هو بي ستيا، ڊنل ۽ هارايل رهندا. جيستائين مظلوم پنهنجي حالت لاءِ ذميندار سببن کان بيخبر آهن، تيسين هو پنهنجي ڦرجڻ، مارجڻ کي، يعني پنهنجي استحصال کي، پنهنجي تقدير سمجهي، 'قبول ڪن ٿا.' ان کان بہ وڌيڪ هي تہ سندن خود اظهاريت ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جي اٿل ضرورت بہ سندن منهن مقابل اچي ٺيندي، تہ ان کان هو تيسين انڪاري ۽ بي عمل رويو اختيار ڪندي، هٽندا رهندا ۽ بچندا رهندا. بهرحال، پيرُ پيرَ ۾ پائيندي، هو باغيانہ عمل جي صورتن کي آزمائڻ ڏانهن نيٺ لڙن ٿا. ۽ پوءِ هو مڙس ماڻهو ٿي وڙهن ٿا. مظلومن جي آزادگيءَ جي حاصلات لاءِ ڪم ڪندي، هُنن جي هن صبر ۽ شڪر جي ڪيفيت، سندن هِن بي عمل سانتيڪائپ کي وسارڻو نہ آهي، ۽ نہ وري سندن اُن جاڳرتا ۽ غيرت جي سهائي گهڙيءَ کان بيخبر رهڻو آهي.

دنيا بابت ۽ خود پنهنجي بابت سندن جيڪو اَڻ سڄو خيال آهي، تنهن مطابق مظلوم پاڻ کي ظالمن جي ملڪيت جون 'شيون' ئي سمجهن ٿا. ظالمن لاءِ هئڻ جي معنيٰ ملڪيت وارو هئڻ- ۾ ائين هو ذري گهٽ هميشہ هوندا ئي تڏهن آهن، جڏهن عام عوام وٽ، اڪثريت وٽ، ڪجهہ نہ هوندو آهي. اُن جي بر عڪس، مظلومن لاءِ پنهنجي وجودي تجربي جي هڪ نقطي

تي، هئڻ جي معنيٰ ظالم جهڙو نہ پر هن جي زير هئڻ، تابع هئڻ، هوندي آهي. انهيءَ ڪري مظلوم احساسي طور تابعدار ماڻهو هوندا آهن.

'مظلوم هڪ تابعدار ماڻهو آهي، هو جيڪي چاهي ٿو سو چئي نٿو سگهي. پنهنجي تابعدار ۽ آسرائپ جي حالت جي چاڻ ڪان پهرين، هو دک ۽ عذاب چپ چاپ سهي ٿو. هو سڄي ہاڦ، سڄي ڪاوڙ گهر ۾ ڇنڊي ٿو- زور سان ڳالهائي ٿو، پنهنجن ٻارن کي دٻائي ٿو ۽ ماري ٿو ۽ نراسائپ ۾ گذاري ٿو هر پنهنجي زال جون شڪايتون ڪري ٿو ۽ ڀانئي ٿو تہ هر شيءَ هن لاءِ عذاب ۽ هر ڳالهہ هن لاءِ مصيبت آهي. هو پنهنجي "پوتار" تي ڪاوڙ نٿو ڇنڊي، ڇو تہ هو سمجهي ٿو تہ اُهو وڏو ۽ مٿيرو ماڻهو آهي. اڪثر هو پنهنجا ڏک فقط شراب جي نشي ۾ وساري ٿو.' (12)

هيءَ سڄي جذباتي تابعداري ۽ ويچارپ، هيءَ سڄي من جي ڀاو جي اُڏارپ مظلوم کي، 'فرار' جي لفظن ۾ فقط موت ڏانهن مائل يا موت پسند ڪردار ڏانهن ٺي نيئي سگهي ٿي-زندگيءَ جي برباديءَ ڏانهن، سندن پنهنجي ۽ پڻ پنهنجن ٺي مظلوم ڀائرن جي زيان ۽ برباديءَ ڏانهن.

سچي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ جڏهن مظلوم پنهنجن مظلومن کي ڳولي هٿ ڪن ٿا، پنهنجي آزاديءَ جي منظم جدوجهد ۾ شريڪ ٿي ويهن ٿا، تڏهن ئي فقط تڏهن ئي هنن جو پنهنجي ذات ۾ توڙي پنهنجيءَ مظلوم برادريءَ ۾ ايمان ڄمي ٿو ۽ وڌي ٿو. ظالمن جي هيءَ ڳولا ۽ دريافت خالص ذهني سطح تي ڪا نہ ٿي ٿئي، پر عمل جو اُن سان شامل هجڻ لازمي آهي. نہ وري اُها نِلهيءَ عمليت تائين محدود آهي، پر سنجيده فڪر ۽ سوچ جو اُن سان شامل رهڻ ضروري آهي. فقط تڏهن اُن کي مالي ۽ مفيد يعني سچو عمل چئي سگهبو.

سوچ ويچار واري آزاديءَ بخش ڳالهہ ٻولهہ، جنهن جو بنيادي مقصد عمل هجي، مظلمن سان سندن آزاديءَ جي جدوجهد جي هر منزل تي جاري رکڻ ضروري آهي.(3) اُن ڳالهہ ٻولهہ جو مواد يا موضوع ضرور تاريخي حالتن مطابق ۽ مظلوم حقيقت جي شعور جي جنهن سطح تي بيٺل هجن، اُن جي مناسبت سان بدلجي سگهي ٿو ۽ بدلجڻ گهرجي. پر ڳالهہ ٻولهہ بدران خود ڪلاميءَ ۽ نعرن ۽ اطلاع نامن ڪان ڪم وٺڻ جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ مظلومن کي مجائڻ ۽ مطيع ڪرڻ جي طور طريقن سان مظلومن کي آزاد ڪرڻ يا

ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. آزاديءَ جي عمل ۾ مظلومن جي پنهنجي هوشمند شراڪت کان سواءِ انهن کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ائين آهي جڻ اُهي باهه لڳل عمارت ۾ ڦاٿل شيون آهن، جن کي اُتان صحيح سلامت ٻاهر ڪڍي اچڻ ضروري آهي؛ ائين هنن کي هٿ کان وٺي ’مقبول عام‘ حرفتي اڳواڻن جي نمائشي سياست جي حوالي ڪرڻو آهي، جتي اُهي اڻ سوچيندڙ انبوهه جي حيثيت ۾ رڳو استعمال ٿي ٿي سگهن ٿا.

پنهنجي آزاديءَ جي هر منزل تي مظلومن لاءِ نهايت ضروري آهي ته هو پاڻ کي ڪامل انسان بنجڻ جي ازلي ۽ تاريخي ڪردار جي ادائگيءَ ۾ پاڻ کي مصروف سمجهن. ۽ ان لاءِ هر حالت ۾ هوش ۽ عمل جو اشتراڪ لازم آهي، ته جيئن ڪنهن غير شعوري غلطيءَ کان بہ تاريخ جي ڪنهن منزل تي، انسانپڻي ۽ اُن جي عصري روح جي تقاضا جي وچ ۾ ڪو تضاد يا ڪا دوئي واقع نہ ٿي سگهي.

اِها طلب ته مظلوم پنهنجي وجود صورتحال کي پوري ڌيان سان ڏسن، اُن تي سوچين ۽ اُن بابت هوشمند رويو اختيار ڪن، هرگز ڪنهن ’آرام ڪرسيءَ جي انقلاب‘ لاءِ سڏ ڪونهي، اُن جي ابتڙ هوش- سچو هوش- عمل ڏانهن ئي نيئي ٿو،۽ جڏهن ڪا صورتحال عمل جي تقاضا ڪري ٿي، ته اُهو بامقصد ۽ ڪامياب يعني سچو عمل فقط ۽ فقط تڏهن ٿيندو جڏهن ان جا نتيجا با خبر ۽ تورتڪ ڪندڙ فڪر جا موضوع بڻيل هجن. اِن قسم جو سچو عمل مظلومن لاءِ زندگيءَ جي نئين يعني عصري منطق جي عين منشا آهي؛ ۽ عمل جيڪو هن نئين منطق جي تاريخي گهڙيءَ جو استقبال ڪري ٿو اُهو هوش ۽ فڪر جي شراڪت بلڪ هم آهنگيءَ کانسواءِ ڪا جان، ڪو روح ۽ فتحمنديءَ جو ڪو امڪان ڪو نہ ٿو رکي. هوش کان خالي عمل ٺلهي عمليت يا عمل پرستي آهي ۽ اُهو ائين آهي جيئن پاڻي ولوڙڻ ۽ اُن مان مکڻ جي آس رکڻ.

سچي عمل لاءِ، هر صورت ۾، مظلومن تي ۽ انهن جي عقلي صلاحيت تي اعتماد ضروري آهي. جنهن جي بہ دل ۾ هيءُ اعتماد ڪونهي، اُهو ڳالهه ٻولهه، سوچ ويچار ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو سلسلو شروع ئي نہ ڪري سگهندو يا توري ۾ ئي اُن کي ڇڏي ڏيندو ۽ پوءِ رڳو نعرن، اطلاع

نامن، خود ڪلامين ۽ هدايت ڪارين ۾ تبديل ٿي ويندو. آزادگيءَ جي مقصد سان اهڙيءَ سطحي قسم جي وابستگيءَ مان اهو خطرو آهي.

مظلومن جي طرف سياسي عمل تحقيق هڪ مستند ۽ سچو تدريسي عمل هئڻ گهرجي، ۽ اهو فقط تڏهن ٿيندو جڏهن اُهو مظلومن جو پنهنجو عمل يعني سندن راءِ جو سندن ساٿ جو ۽ سندن مرضيءَ جو عمل هوندو. جيڪي آزادگيءَ لاءِ ڪم ڪن ٿا، انهن کي مظلومن جي جذبات آسرائپ جو فائدو وٺڻ نه گهرجي-ڇو ته مظلومن جي آسرائپ نتيجو ٿي متن قابض ڏاڍ جي صورتحال جو آهي، جنهن منجهن پنهنجي آسپاس لاءِ اُهو آسرائپ ۽ پر وهيٽائپ جو ٻاراٽو خيال پيدا ڪيو آهي. مظلومن جي آسرائپ ۽ پر وهيٽائپ کي استعمال ڪري منجهن وڌيڪ آسرائپ ۽ پر وهيٽائپ پيدا ڪرڻ- اهو ظالمن جو طريقيڪار آهي.

آزادگيءَ جي عمل لاءِ ضروري آهي ته اُهو مظلومن جي هن آسرائپ ۽ پر وهيٽائپ کي انهن جي هيٽائيءَ جو هڪ نقطو سمجهي، ۽ سندن ئي سوچ ۽ ڪم وسيلي ان کي پڙ پرائيءَ ۽ پاڻ وهيٽائپ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، بهرحال. انتهائي نيڪ نيت ڪا اڳواٽپ به هيءَ پاڻ پرائي ۽ پاڻ وهيٽائپ ۾ هيءَ خوداعتمادي تحفي طور بخشي نٿي سگهي. مظلومن جي آزادي انسانن جي آزادي آهي، نه مشينن جي. انهيءَ ڪري، جيتوٽيڪ اِها حقيقت آهي ته ڪو به ٻين جي هٿان آزاد ٿي نٿو سگهي، پر اها به حقيقت آهي ته هيڪلو پنهنجي ڪوششن سان به ڪو پاڻ کي آزاد نٿو ڪري سگهي. آزادگي، جيڪا هڪ انساني لقاءُ آهي، اڌ انسان حاصل ڪري نٿا سگهن، ۽ ڪا به ڪوشش جيڪا انسانن کي اڌ انسان طور مڃيندي ۽ ڏسندي، اها انهن کي انسانڦٽي کان فقط ڪيرائي ٿي سگهندي. جڏهن انسان، ظلم جيڪو هو سهن ٿا،اُن جي ڪنورتا هيٺ، انسانپٽي جي درجي کان هيٺ ڪيرايا ويا هجن، انهن جي آزادگيءَ جي عمل ۾ وڌيڪ ڪنهن حيوانپٽي جا طريقا اختيار نه ڪرڻ کپن.

انهيءَ ڪري، آزادگيءَ جي مقصد لاءِ صحيح طريقو جيڪو انقلابي اڳواٽپ کي ڪم آڻڻو آهي، سو 'ڇڙواڳ واتراڏائي' جو طريقو نٿو

ٿي سگهي. ۽ نہ ئي وري اڳواٽپ کي آزاديءَ جي ميڄتا جو رڳو'ٻيجو' يا ڪا 'ڇڪي' آڻي مظلومن جي من ۾ هڻڻي آهي، ۽ ائين وسهي ويهڻو آهي تہ انهن جو اعتماد کين حاصل ٿي ويو يا ٿي ويندو. صحيح طريقو ۽ هڪڙو ئي صحيح طريقو ڳالهہ ٻولهہ ۾، گفتگو ۾، خيالن جي ڏي وٺ ۾ ئي موجود آهي، ۽ اُهو ئي ڪم آڻڻو آهي.مظلومن جو دلي يقين تہ کين پنهنجي آزاديءَ لاءِ ضرور وڙهڻو آهي، ڪو تحفو نہ آهي جو انهن کي انقلابي اڳواٽپ هٿان ملي سگهي؛ پر اهو سندن دلي يقين انهن جي پنهنجي ذهني بيداريءَ ۽ تحرڪ جي عمل جي نتيجي طور ئي کين ملي سگهي ٿو.

انقلابي اڳواٽن کي هيءُ خوب سمجهڻ گهرجي تہ جدوجهد جي ضرورت سندن پنهنجو يقين- سچو يقين-(جيڪو انقلابي ڏاهپ جو قطعي گڻ آهي) کين بہ ٻئي ڪنهن کان اڌارو يا سوکڙي ٿي ڪو نہ مليو هو.هيءُ يقين هرگز پُڙيءَ ۾ ويڙهجي ۽ وڪجي نٿو سگهي؛ اِن تائين رسائي ٿي سگهي ٿي- پر فڪر ۽ عمل جي گڏيل ۽ نبار اثر ذريعي؛ حقيقت سان، موجود تاريخي صورتحال ۾، سندن فقط پنهنجي سڌي واسطي ۾ اچڻ سان ئي ان صورتحال کي پرکڻ پروڙڻ ۽ ان تي تنقدي نظر وجهڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو ۽ ان کي بدلائڻ جي سندن من ۾ جاندار ۽ پختي خواهش پيدا ٿي سگهي هئي.

ساڳيءَ طرح، مظلومن کي بہ پاڻ ئي، انهيءَ صورتحال سان جنهن جا هو نشانا بڻيل آهن، پوريءَ باخبريءَ سان اهڙي ئي تنقيدي واسطي ۾ اچڻو آهي ۽ پوءِ ئي ان کي بدلائڻ جي جدوجهد جي ضرورت جو اهو امٽ يقين سندن من ۾ جنم وٺي سگهي ٿو جنهن کانسواءِ جدوجهد ڪنهن عملي امڪان جي دائريءَ ۾ اچي ئي نٿي سگهي. هيءُ يقين جهڙو انقلابي اڳواٽپ لاءِ ضروري آهي، تهڙو ئي مظلوم عوام لاءِ بہ آهي-بشرطيڪ گهربل تبديليءَ لاءِ مظلومن لاءِ نہ پر مظلومن سان گڏجي، بلڪ انهن جي هٿان، عمل ۾ آڻڻ جو ارادو هجي.منهنجو پورو ويساهہ آهي تہ فقط پوئين طريقي سان آيل تبديلي ئي جائز صحيح ۽ بقادار تبديلي ثابت ٿي سگهي ٿي.(14)

هنن خيال کي پيش ڪرڻ جو مقصد هيءُ آهي تہ انقلابي عمل جي تدريسي حيثيت ۽ ان جي اعليٰ اهليت جو دفاع ڪيو وڃي. تاريخ جي هر

دؤر جي انقلابي اڳواڻن، جن صاف طور ائين پئي چيو آهي تہ مظلومن کي پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد جي ذميداري پاڻ کڻڻ گھرجي. جا ڳالهہ هو نئن بہ ظاهر آهي. انهنِ اها ڳالهہ چوندي، ان جي نتيجي طور، جدوجهد جي تدريسي پهلوءَ کي بہ تسليم پئي ڪيو آهي. پر هنن اڳواڻن مان گھڻن (شايد تدريس کان قدرتي تعصب يا اُن جي ذميدارين جي نزاڪت کان بچاءُ جو رخ وٺندي) عملي طرح 'سڌا تعليمي' طريقا يعني خطابي ۽ واعظي طريقا ئي پئي اختيار ڪيا آهن، جيڪي ظالم ڪم آڻيندا آهن. هنن ائين آزاديءَ جي جدوجهد ۾ تدريسي افاديت جو عملي انڪار پئي ڪيو آهي، ۽ مڃائڻ لاءِ ظالمن وارا 'پرَوپيگنڊائي' طريقا پئي ڪم آندا آهن. ۽ ائين عصري انقلاب جي آزادگي بخش افاديت کان پنهنجي دؤر کي پوريءَ طرح نہ تہ بہ ڪافي حد تائين محروم پئي رکيو آهي.

مظلومن لاءِ تمام ضروري آهي تہ پوريءَ طرح هيءَ ڳالهہ سمجهن تہ هو جڏهن پنهنجي بهتر انسان ٿيڻ لاءِ جدوجهد جو فرض قبول ڪن ٿا تہ ساڳئي وقت هو ان جي پوري ذميواري قبول ڪن ٿا. هنن کي پوريءَ طرح هي سمجهڻو آهي تہ هي رڳو بک کان آزاديءَ لاءِ ڪو نہ ٿا وڙهن، پر 'فرام' جي لفظن ۾:

'هو تخليق جي آزاديءَ ۽ تعمير جي آزاديءَ لاءِ ۽ تعجب ۾ پئجي حوصلي ۽ همت کان ڪم وٺڻ ۽ جوکم کڻڻ جي آزاديءَ لاءِ بہ وڙهن ٿا. هن قسم جي آزادي گهري ٿي تہ ماڻهوءَ کي فعال ۽ ذميدار ٿيڻو آهي، ۽ نہ هڪ باندي ۽ غلام يا مشين جوڪو تيل لڳل پرزو.....اهو ئي ڪافي نہ آهي تہ ماڻهو غلام نہ هجن: جيڪڏهن سماجي حالتون انهن کي رڳو خود ڪار بوتا بڻائي پيون آڏو آڻينديون، تہ نتيجو اُن جو زندگيءَ لاءِ ڪشش نہ پر موت لاءِ ڪشش جي صورت ۾ ئي نڪرندو.

مظلوم، جيڪي ظلم جي گهُٽيندڙ ۽ ماريندڙ آبهوا ۾ وڌيا ۽ نهيا آهن، انهن کي پنهنجي پنهنجي جدوجهد جي ذريعي ئي زندگي بخش انسانپڻي جو رستو دريافت ڪرڻو آهي، ۽ اُهو رڳو خوراڪ جي ڪشادگيءَ جو رستو ئي نہ آهي(جيتوڻيڪ خوراڪ جي ڪشادگيءَ اُن جو لازمي نتيجو ضرور ٿيڻ گهرجي ۽ واقعي ٿئي بہ ٿو.)مظلوم زبون حاليءَ جو شڪار آهن. بلڪل انهيءَ ڪري جو سندن صورتحال انهن کي انساني سطح کان

ڪيرائي 'شين' جي سطح تي نيئي ڇڏيو آهي. پنهنجو انسانپڻو هو موٽائي حاصل ڪن، ان لاءِ لازم آهي تہ هو محض شيون نہ رهن، پر انسانن وانگر اٿن ۽ اٿي مقابلو ڪن، اهو هڪ اصلي ۽ بنيادي شرط آهي، هو شين وانگر اٿن ۽ جدوجهد جي ابتدا ڪن ۽ پوءِ انسان بڻجن۔ ائين تي نٿو سگهي.

جدوجهد جي ابتدائي تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن مظلوم محسوس ڪن تہ هنن کي ڪچليو ويو آهي، نابود ڪيو ويو آهي.پروپيگنڊا سان، 'بندوبست' سان ، حرفت سان، جيڪي سيئي بالادستيءَ جا هٿيار آهن، انسانن لاءِ انسان يا بهتر انسان بڻجن جا ڪي بہ وسيلا يا موقعا پيدا ٿي نٿا سگهن. بهتر انسان بڻجڻ جو هڪڙو ۽ فقط هڪڙو ئي اثرائتو رستو آهي۔ تدريس جو رستو آزاد ارادي‌ءَ ۽ آزاد عمل جو گڏيل رستو جنهن ۾ انقلابي اڳواڻپ کي مظلومن سان ڳالهہ ٻولهہ يا گفتگو جو دائمي لاڳاپو قائم رکڻو آهي. هن تدريس ۾ تعليم جو ڪو نسخويا طريقو استادن (هتي، انقلابي اڳواڻپ) جو هٿيار ٿي ڪم نٿو اچي سگهي، جنهن وسيلي هو شاگردن (مظلومن) کي نڪ ۾ نوڙي وجهي هلائي سگهن. ڇو تہ هيءَ تدريس شاگردن جي پنهنجي تجربي، احساس ۽ شعور جو ئي عڪس ۽ اظهار هوندي آهي.

انهيءَ ڪري انقلابي اڳواڻپ لاءِ 'گڏيل ارادي' جي تعليم جو استعمال لازمي آهي.بلڪ انقلابي مقصد لاءِ اُن جي آڏو رستو اهو ئي هڪ آهي. استاد ۽ شاگرد (اڳواڻپ ۽ ماڻهو) حقيقت جي سلسلي ۾ هڪ ئي ارادي تي بيٺل، بيئي عامل آهن، يعني هڪ ئي ڪم ۾ ساٿي ۽ همراهہ آهن۔نہ رڳو حقيقت کي پڌري ڪرڻ جي ڪم ۾ يعني ان کي صحيح طور ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ ۾، پر ان ڄاڻ کي تخليقي طور پنهنجي ڪم ڪرڻ ۽ پڻ حقيقت جي تبديلي جي جدوجهد تا عمل ۽ ان کي تخليقي طور ڪم آڻڻ ۾، جيئن جيئن هو گڏيل سوچ ۽ ڪم، مشترڪ فڪر ۽ عمل وسيلي، حقيقت جي هيءَ ڄاڻ، ان جو هيءَ شعور، حاصل ڪن ٿا، تيئن تيئن هو اُن حقيقت جي تبديليءَ جا پاڻ دائمي معمار ۽ تخليق ڪار بڻجن ٿا. ۽ ائين مظلومن جي پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ موجودگي يا شموليت اُن ئي قسم جي ۽ ان ئي سطح ۽ معيار جي ٿيندي، جنهن جي اها ٿيڻ گهرجي۔نالي ماتر ۽ مٿاڇرائي شموليت نہ، پر سر سيتائيءَ واري، مرڻ جيئڻ واري شموليت.

# باب پيو

اسڪول جي اندر يا اسڪول ڪان ٻاهر، ڪنهن بہ سطح تي، استاد۔ شاگرد جي تعلق تي ڌيان سان غور ڪبو تہ اُهو بنيادي طور هڪ بياني قسم جو تعلق معلوم ٿو ٿئي. هن تعلق ۾ هڪ پاسي بيان ڪندڙ (استاد) ۽ ٻئي پاسي اُن جي سامهون خاموش ٻڌندڙ (شاگرد) هجن ٿا. ڳالهہ، قدرن جي توڙي حقيقت جي تجرباتي يا ڏٺل ڪيل احوال جي، بيان ٿيندي ٿيندي، سُڪي ۽ سسي، بيجان بنجي وڃي ٿي، ۽ ائين سڄي تعليم محض بيان يا تقرير جي بيماريءَ جوئي تڪرار تي وڃي ٿي.

استادُ حقيقت بابت ائين ٿو ڳالهائي جڻ اُها مئل، جامد، خانن ۾ رکيل ۽ سڄي جي سڄي اڳ ڄاتل شيءَ هجي. يا اهڙي ڪنهن موضوع تي هو بيهي واعظ ڪري ٿو جيڪو شاگردن جي وجودي تجربي جي ڪڏهن بہ ويجهو ڪونهي. جڻ هن جو ڪم رڳو شاگردن جي مغز ۾ پنهنجي ڳالهہ جا احوال پرڻا آهن۔احوال جيڪي حقيقت ڪان دور، سڄيءَ ڳالهہ جي پورنتا ڪان ڪٽيل، خالي، سڄا ڪوڪلا، محض هڪ لا تعلق لفاظي، جا ماڻهوءَ کي پنهنجي ماحول ڪان ئي بيگانو ڪري ڇڏي.

انهيءَ طرح، هن بياني تعليم جي نمايان خصوصيت لفظن جي ڪايا پلٽيندڙ سگهہ نہ پر رڳو انهن جو ترنم ۽ وزندار واڄٽ هجي ٿو. 'چار چونڪ'سورهن'، 'پاڙا جي گادي بيلا' ۔شاگرد هي اکر ٻڌي ٿو ياد ٿو ڪري ۽ وري وري چوي ٿو ۽ هن کي اها خبر بہ ڪا نہ ٿي پوي تہ 'چار چونڪ' جي معنيٰ ڇا آهي يا 'پاڙا جي گادي بيلا' جي اصطلاح ۾ 'گاديءَ'

جي اهميت ڪهڙي، يعني 'پاڙا لاءِ 'بيلا' جو ۽ "برازيل" لاءِ "پاڙا" جو ڇا مطلب آهي.(15)

بيانُ، ڪٿا يا ڳالهه (جنهن ۾ استاد ڳالهائيندڙ آهي) شاگردن کي رڳو بڌايل ڳالهه کي طوطي وانگر ياد ڪرن تي آماده ڪري ٿي. اُن سان، هو ڦري بي ساها ٿانءَ تي پون ٿا، جن کي استاد ڀريندا ٿا رهن. جيترو ڪو استاد وڌيڪ زور سان ٿانءَ ڀريندو، اوترو اُهو بهتر استاد سمجهبو. جيترو ڪي ٿانءَ وڌيڪ نهٺائيءَ سان پاڻ ڀرجڻ ڏيندا، اوترا اُهي بهتر شاگرد سمجهبا.

انهيءَ طرح، تعليم محض ڪو مال يا ڏراوت ميڙي رکڻ جو عمل وڃي ٿِي رهي- ڏراوت جو مالڪ استاد، ۽ اُها وٺي يا ميڙي رکڻ وارا شاگرد. استاد ڪجهه سيکاري، اُن جي بجاءِ، ڪي ڇڊا، گهاٽا 'دونهان' اُٿندا رهن، ۽ شاگرد چپ چاپ اهي جُهٽيندا ۽ مغز پنهنجا اُنهن سان ڀريندا رهندا. هيءَ تعليم جو 'بئنڪاري' تصور آهي، جنهن ۾ شاگردن کي جنهن عمل جي اجازت هجي ٿي، سو رڳو وٺڻ، گڏ ڪرڻ ۽ ڏاراوتون جمع ڪري رکڻ جي. هنن کي برابرِ اِهو موقعو ملي ٿو تہ جيڪي شيون هو ميڙين ٿا تن کي هو سنڀالي اسٽور ڪن ۽ اُنهن جون خانن وار داخلائون پڻ رکن. پر ان ڪار گذاريءَ سان، هن سرشتي ۾، جو بهترين قسم جو هڪ گمراهہ سرشتو آهي، خود انسان پاڻ بہ اسٽور تي وڃن ٿا ۽ سندن مجرائيءَ يا ڪارپٽ جي خاني ۾ رڳو انگن جي واڌ جون داخلائون ٿي وڃي رهن ٿيون- ڇو تہ ان سان ڪٿي بہ تخليق جو، ڪنهن تبديليءَ جو، ۽ علم جو ڪو بہ اضافو ڪو نہ ٿو ٿئي. ڇا ڪاڻ تہ کوجنا ۽ ولوڙ کان سواءِ، سجاڳ ۽ هوشمند عمل کان سواءِ، انسان سچا پچا انسان ٿي نٿا سگهن. در اصل، علم فقط ايجاد ۽ بهتر ايجاد سان اُڀري ٿو ۽ انسان جيڪا بي آرام، اورچ ۽ لاڳيتي کوجنا (تحقيق) دنيا ۾، دنيا جي ساٿ سان ۽ هڪ ٻئي جي ساٿ سان ڪن ٿا، اُن کوجنا سان اُڀري ٿو.

تعليم جي بئنڪاري تصور ۾، علم هڪ تحفو آهي، جيڪو پاڻ کي علم جا صاحب چوائيندڙ علم جا ٿونگَر، شخص انهن کي عطا ڪن ٿا، جن کي علم کان خالي ۽ جاهل سمجهن ٿا. ٻين کي ائين بلڪل جاهل اڻ جاهل سمجهڻ، جيڪا ظلم جي نظر جي ئي هڪڙي ادا آهي، ائين آهي، جو اِن کان ئي انڪار ڪيو وڃي تہ تعليم ۽ علم تلاش ۽ تحقيق جو ئي ڪو

سلسلو يا رستو آهي. تعليم جي هِن سرشتي ۾ استادُ شاگردن جي آڏو پاڻ کي ائين آڻي بيهاري ٿو جڻ هو اُنهن جو لازمي ضد آهي: هنن جي اڻڄاڻائي ۽ جهالت کي ڪُلي طور ائين سمجهڻ ۾ هو پنهنجي وجود جو جواز ڄاڻي ٿو. هُن جا شاگرد بہ پنهنجيءَ جاءِ تي، پاڻ کي بلڪل ئي جاهل سمجهي، استاد جي وجود جو جواز تسليم ڪن ٿا، ۽ پوءِ ڪڏهن بہ هو ائين محسوس نٿا ڪن تہ خود استاد بہ کانئن ڪجهہ سکي سگهي ٿو. ۽ ائين ڳالهہ ٻولهہ ۽ ذهني ڏي وٺ جو دروازو استاد ۽ شاگدن جي وچ ۾ ٻوتجي وڃي ٿو ۽ سدا بند رهي ٿو.

بر خلاف ان جي، استاد ۽ شاگردن جي سرچاءَ ۽ پنهنجاڻپ ۾ ئي آزادگي بخش تعليم جو جوازي منطق رڪيل آهي. تعليمي عمل جي ابتدا استاد –شاگرد جي تضاد جي انهيءَ حل سان ئي ٿيڻي آهي–يعني، تضاد جي هنن ٻن آمهون سامهون بيٺل نقطن جي سرچاءَ سان، تہ جيئن هي ٻيئي نقطا هڪ ئي وقت هڪ ٻين جا استاد ۽ شاگرد تي ڪم ڪن.

هيءَ حل بئنڪاري سرشتي ۾ موجود نہ آهي ۽ نہ اُن ۾ موجود ٿي سگهي ٿو. ان جي ابتڙ بئنڪاري تعليم هيءَ ضد قائم رکي ٿي ۽ اُن کي وڌ کان وڌ سخت ڪري ٿي ۽ تيز ڪري ٿي- هيٺين صورتن ۽ ڳالهين سان، جن ۾ مجموعي طور ظالم سماج جو عڪس ئي ڏسي ٿو سگهجي:

1- استاد سيکاري ٿو ۽ شاگردن کي سيکاريو وڃي ٿو.

2- استاد سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو ۽ شاگرد ڪجهہ نٿا ڄاڻن.

3- استاد ئي سوچي ٿو ۽ شاگردن بابت رڳو سوچيو وڃي ٿو.

4- استاد ڳالهائي ٿو ۽ شاگرد ٻڌن ٿا - نهٺائيءَ سان.

5- استاد ضابطو رکي ٿو ۽ شاگرد ضابطي ۾ رهن ٿا.

6- استاد جي ئي مرضي آهي، جا هو عمل ۾ آڻي ٿو ۽ شاگرد اُها مڃين ٿا ۽ اُن موجب هلن ٿا.

7- استادُ ئي عمل ڪري ٿو ۽ شاگرد انهيءَ خيال ۾ رهن ٿا جڻ استاد سان ۽ استاد جي پاڇي ۾ هو پاڻ اُهو عمل ڪن ٿا.

8- استاد ڪرداري نقشا يا خاڪا پنهنجي پسند تي بنائي ٿو ۽ شاگردن کي (جن سان ڪا صلاح ڪا نہ ٿي ڪئي وڃي) رڳو انهن نقشن تي يا خاڪن تي پاڻ کي چاپڻو يا چپاڻو آهي.

9ـ استاد علم جي سَند کي پنهنجي ماهرانہ سَند سان ملائي، شاگردن جي آزاد راءِ ۽ عمل جي آڏو آڻي ان کي بيهاري ٿو.

10ـ استادُ سکيا جي سلسلي جو زنده عنصر آهي، ۽ شاگرد اُن جا مرده عنصر آهن.

انهيءَ طرح، اِها ڪا عجيب ڳالهہ ڪانهي تہ تعليم جو بئنڪاري تصور ماڻهن کي مٽيءَ جي پنوڙن وانگر ڪوُنٽرا ۽ 'ماپجي ويندڙ' جِيُو ٿي سمجهي ٿو. جيترو وڌيڪ پاڻ وٽ علم جي ڏراوتن ميڙڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو ڪم شاگردن ڪن ٿا، جيڪي ڪين سنيالي رکڻ لاءِ ڏجن ٿيون، اوترو گهٽ سندن تنقيدي شعور جاڳي ٿو ۽ وڌي ٿو ـ جو تہ اُهو تہ فقط تڏهن ئي جاڳي سگهي ٿو ۽ وڌي سگهي ٿو جڏهن هو دنيا کي بدلائڻ لاءِ پاڻ اُن سان واسطي ۾ اچن ۽ اُن ۾ دخل انداز ٿين. جيترو وڌيڪ صحيح ۽ پورو هو پنهنجو چُپ چپاتي ڪردار قبوليندا، جيترو مٿن مڙهيو وڃي ٿو اوترو وڌيڪ هو پنهنجي دنيا سان، جيئن اُها آهي ٿيئن، ٺهڪي ويهندا ۽ اُن جي حقيقت جي پڳل ٽٽل خيالن کي، جيئن ڪين ڏنو ويو آهي تيئن، تسليم ڪري ويهندا.

شاگردن جي تخليقي قوت کي گهٽائڻ يا نيست ڪرڻ جي، ۽ انهن جي ڀالائي ڀولائيءَ کي آيارڻ جي صلاحيت، جيڪا هن بئنڪاري تعليم وٽ آهي، اُن سان ظالمن جا مفاد ئي سِڌ ٿين ٿا، جيڪي نہ دنياجي حقيقت کي پڌري ڪرڻ ۾ ۽ نہ اُن جي ڪنهن طرح بدلجڻ ۽ نئين ٿيڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. ظالم پنهنجي 'خدمت خلق' کي رڳو پنهنجي مفادي صورتحال کي بچائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ ڪم آڻين ٿا ۽ انهيءَ ڪري تعليم جي هر اهڙي تجربي يا طريقي کان هو خائف رهن ٿا ۽ اُن جي خلاف هڪدم ڪاوڙ ۾ ڀرجي اٿن ٿا، جنهن ذريعي تنقيدي قوتن کي فروغ ملي سگهي يا جنهن سان حقيقت سچي جي سچي کُلي پوي ۽ ڪڙي ڪڙيءَ سان ۽ مسئلو مسئلي سان ملائيندي ماڻهو وڃي ڳالهہ جي تہ تائين پهچي ـ جو تہ ائين سماج ۾ هنن جو پنهنجو ظالماڻو وجود ۽ اُن جو سچو منطق پڌرو ٿي پوي ٿو.

در اصل، ظالمن جي دلچسپي 'مظلومن جي شعور کي بدلائڻ ۾ هوندي آهي ـ ۽ نہ انهيءَ صورتحال جي بدلائڻ ۾ جيڪا هُنن تي ظلم روا رکي ٿي.' جو تہ جيترو وڌيڪ مظلومن کي اُن صورتحال سان ٺاهي ۽

ٺهڪائي بيهاريو. اوترو آسانيءَ سان انهن کي دٻائي سگهبو ۽ مٿن ڇمت قائم رکي سگهبي. ۽ اُن مقصد لاءِ ظالم پنهنجي سماجي عمل جي ٻئي سڄي پتاپٽي ۽ دان پيچ، عمل خير ۽ فيض بخشيءَ سان گڏ تعليم جو بئنڪاري نظريو به استعمال ڪن ٿا. جنهن جي اِحاطي ۾ مظلومن کي 'خير جا حقدار' سڏيو يا فقط 'محققين' جي عزت بخش ۽ نرم گو لقب سان نوازيو ويندو آهي، هُنن جي سڄيءَ صورتحال کي انفرادي معاملن جي خاني ۾ رکيو ويندو آهي. هو 'ٻني تي ويٺل' ماڻهو شماريا آهن. جيڪي ٻيءَ طرح 'خوش، منظم ۽ عادلانه' سماج جي دائري کان ڪنهن طرح ٻاهر نڪري بيٺا آهن! ائين مظلومن کي صحتمند سماج جا بيمار فرد سمجهيو ويندو آهي، جن 'نالائقن ۽ ڪاهلن' جي ذهنيت کي بدلائي، سماج جي پنهنجي مهڪم ۽ حَسين نقشي ۽ صورت سان ٺهڪائي بيهارڻو آهي: هي ٻاهر بيٺل ماڻهو صحتمند سماج کان، ڌڻ کان، 'نَسِي' ويل آهن. انهن کي 'ورائڻ' ۽ 'واڙڻ' جي ضرورت آهي.

پر حقيقت هيءَ آهي ته مظلوم نه 'ٻني تي ويٺل'، نه 'نَسي ويل' ۽ نه سماج کان 'ٻاهر' بيٺل آهن. هو هردم ۽ سدائين 'اندر' آهن. اُن سماجي تنظيم ۽ دائري جي اندر جنهن هنن کي 'بيگانو ڌاريو' ۽ پاڻ لاءِ نه پر رڳو 'ٻين لاءِ جيئندڙ جيو' بنائي رکيو آهي. اُن جو حل اهو نه آهي ته انهن کي ظلم جي دائري ۾ 'واڙيو' وڃي، پر اهو آهي ته دائري کي بدلايو وڃي ته جيئن اُهي ٻين لاءِ جيئندڙن بدران 'پاڻ لاءِ جيئندڙ جيو' بنجي سگهن. پر هيءَ تبديلي واقعي ظالمن جي مقصدن ۽ مفادن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي، ۽ انهيءَ ڪري هو تعليم جو بئنڪاري نظريو استعمال ڪن ٿا، ته جيئن شاگردن جو شعور سجاڳ نه ٿي پوي. شاگردن جي شعور جي بيداري هنن لاءِ وڏو خطرو آهي، ۽ اُن جي خوف کان هنن جو ساهه سدائين مُٺ ۾ رهي ٿو.

مثال طور، بالغن جي تعليم ڏانهن بئنڪاري روش، 'شاگردن' کي ڪڏهن به حقيقت کي تنقيدي نگاهه سان ڏسڻ جي صلاح ڪا نه ڏيندي. اُن جي بدران اُها هنن لاءِ ههڙا 'وڏا مسئلا' نبيريندي رهندي ته 'الف سائو گاهه ٻڪريءَ کي نه ڏنو. پر خوگرش کي ڏنو. جو ته خرگوش ويچارو هونئن بک ۾ مري وڃي ها!' بئنڪاريءَ جي هي سستي 'شيواڌاري' روش ماڻهن کي ۽ اُنهن

جي ذهنن کي ڦيرائي خودڪار اوزارن بنائڻ جي عمل تي پردو وجهي ٿي جنهن ۾ هو سندن بهتر انسان بڻجڻ جي قدرتي منصب تان هٽي، اهڙن 'ٻڪري بمقابله خرگوش' جهڙن انسنائي تضادن ۾ ڦاسي پون ٿا.

تعليم ۾ جيڪي هيءَ بئنڪاري روش استعمال ڪن ٿا، ۽ اُهي شعري يا غير شعوري طور [ڇا ڪاڻ تہ اُنهن مان گهڻا بئنڪاري استاد تہ نيڪ نيت ٿي آهن ۽ نٿا محسوس ڪن تہ ائين هو انسانن کي حيوان بنائي رهيا آهن] اِهو بہ نٿا ڏسي سگهن تہ سندن اِهي 'ڏراوتون' خود بہ حقيقت بابت تضادن سان پريل ٿين ٿيون. پر جلد يا دير سان، اِهي تضاد بہ برابر سندن گگدام شاگردن تي ڪڏهن ائين پنهنجي صدقي جي ٻڪري بنجڻ تي هيرجڻ ۽ پڌجي بيهڻ کان باغي بنائي سگهن ٿا. ۽ پوءِ هو وجودي تجربي مان اِهو ڏسي سگهن ٿا تہ سندن زندگيءَ جي موجود حالت سندن رڳو انسان بڻجي رهڻ جي اُمند سان بہ ٺهڪيل نہ آهي، هو حقيقت سان پنهنجي ان تعلق منجهان اِهو ڏسي سگهن ٿا تہ حقيقت تہ واقعي هڪ سلسلو آهي، جيڪو سدائين تبديليءَ ۾ آهي. جيڪڏهن انسان ڳولائو آهن ۽ سندن قدرتي منصب بهتر انسان بنجڻ آهي، تہ جلد يا دير سان هو اُن تضاد کي محسوس ڪري سگهندا، جنهن ۾ بئنڪاري تعليم هنن کي ڦاسائي رکڻ گهري ٿي، ۽ پوءِ اُن پر- وهيٽائپ جي حيواني صورتحال مان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هنن جو مصروف ٿي وڃڻ لازمي بلڪ اٽل آهي.

پر انسان دوست، انقلابي معلم هن امڪان جي عمل ۾ اچڻ جو انتظار نٿو ڪري سگهي. شروع ٿي کان، هن جون ڪوششون، تنقيدي فڪر جي دائري ۾ ۽ باهمي انساني اؤسر جي عمل ۾، شاگردن جي ڪوشش سان شامل رهڻ ضروري آهن. هنن جي ڪوشش کي انسانن ۾ پختي ايمان ۽ سندن تخليقي صلاحيت ۾ محڪم اعتماد تي مبني رهڻو آهي. ۽ ائين ٿي سگهي، اُن لاءِ هن کي شاگردن سان پنهنجي لاڳاپن ۾ انهن جو ساٿي ۽ رفيق بنجي رهڻو آهي.

بئنڪاري تصور هن قسم جي ساٿ ۽ رفاقت کي تسليم نٿو ڪري- ۽ اُن لاءِ اُن وٽ لازمي سبب آهن. استاد- شاگرد جي تضاد کي ختم ڪرڻ ۽ ڏراوتون ڏيندڙ فرمان جاري ڪندڙ ۽ لغام وجهي هلائيندڙ جو

ڪردار ڇڏي، شاگردن ۾ شاگرد جو ڪردار قبول ۽ اختيار ڪرڻ معنيٰ ظلم جي طاقت ڪي پاڙان پٽڻ ۽ آزادگيءَ جي جدوجهد ڪي هٿن سان هٿ ملائي ۽ ڪلهن سان ڪلهو ڏيئي اڳرو ڪرڻ.

بئنڪاريءَ جي تصور ۾ انسان ۽ دنياجي وچ ۾ فرق، عليحدگيءَ يا دوئيءَ جو مفروضو بنيادي طور موجود آهي: انسان فقط دنيا ۾ آهي، دنيا ساڻ يا بين ساڻ نہ آهي. انسان تماشبين آهي، تماشائي رچيندڙ يا تخليقڪار نہ آهي. هن خيال مطابق، انسان شعوري وجود ڪونهي؛ هو رڳو شعور جو رکندڙ مالڪ يا آمين آهي؛ هڪ خيالي 'ذهن' جيڪو ٻاهرينءَ دنيا جي حقيقت جا 'سڪا' ساڪت يا بيجان تجوڙيءَ وانگر وٺڻ يا رکڻ لاءِ موجود. مثلا منهنجي ميز منهنجا ڪتاب، منهنجو پاڻيءَ پيئڻ جو گلاس، منهنجي آڏو سڀ شيون- منهنجي چؤگرد موجود دنيا جي ٽڪرن يا ڀاڱن جيان- منهنجي اندر آهن. بلڪل ائين جيئن آءٌ هن مهل پنهنجي ڪمري جي اندر آهيان. هيءَ خيال شعور جي دخول يا حاصلات ۽ شعور جي وجودي وحدت يا هڪ هڪاڻ جي وچ ۾ فرق تسليم تو ڪري. هيءَ فرق سڃاڻڻ، بهرحال ضروري آهي. حقيقت ۾، جيڪي شيون منهنجي چوڌاري موجود آهن، اُهي منهنجي شعور سان هيڪاند آهن، اُهي ُن ۾ مقيم نہ آهن. آءٌ انهن ڪان باخبر آهيان، پر اُهي منهنجي اندر نہ آهن.

شعور جي بئنڪاري نظريي جو منطقي نتيجو هيءَ آهي تہ معلم جو ڪردارهيءَ تو رهي تہ شاگرد جي اندر ۾ دنيا جي شعور جي 'داخلا' جي طريقي تي هو ضابطورڪي هُن جو ڪم آهي تہ شاگردن جي ذهن کي 'ڀرڻ' جو سلسلو جيڪو اڳي ئي خود بخود جاري آهي، اُن کي منظم ڪري تہ جيئن خبر جا رڳو اُهي سِڪا هُن کي رکڻ لاءِ ملن، جيڪي معلم جي نظر ۾ سچي ڄاڻ يا سچو علم آهن.(16) ۽ جيئن تہ ماڻهو دنيا جو شعور حاصل ڪن ٿا فقط ساڪت يا بيجان وجود جيان انهيءَ ڪري تعليم جو ڪم آهي تہ اُنهن کي ساڪت يا بيجان وجود جيان-انهيءَ ڪري تعليم جو ڪم آهي تہ اُنهن کي ساڪت، 'مسڪين' ۽ گگدام بنايو وڃي ۽ نپي ٺاهي دنيا سان اُنهن کي ٻنهہ هڪ ڪيو وڃي. تعليم يافتہ ماڻهو 'ٺپيل ٺهيل' ماڻهو آهي، ۽ ائين هو دنيا لاءِ وڌيڪ 'تيار ٺيل يا لائق بڻايل' آهي. پنهنجي عملي صورت

۾ هيءُ نظريو ظالمن جي مقصدن جي عين مناسب آهي، جن جي من جو سچو سُڪون انهيءَ ڳالهہ تي مدار رکي ٿو تہ ماڻهو مانيٽا (مسڪين) ڳوپ هجن ۽ جيڪا دنيا ظالمن بنائي آهي، اُن سان اُهي ٺهڪل هجن ۽ اُن جي ڳالهين تي گهٽ ۾ گهٽ اعتراض ڪن.

اڪثريت غالب اقليت جي نافذ ڪيل مقصدن سان جيترو وڌيڪ مطابقت ۾ رهندي (۽ ائين پاڻ کي پنهنجي مقصدن جي حصي کان محروم رکندي)، اوترو وڌيڪ آسانيءَ سان اقليت پنهنجن مقصدن جو نفاذ جاري رکندي، سان بئنڪاري تعليم جي نظريي ۽ استعمال سان هيءُ مقصد پوريءَ قابليت ۽ مهارت سان سِڌ ٿئي ٿو. گهڻ اڪرائي سبق، پڙهڻ جون مشقون (17) 'علم' جي ملهہ ڪٿڻ جا طريقا، سيڪاريندڙ ۽ سکندڙ جي وچ ۾ فرق، درجي ٽپڻ جا ماپا ۽ معيار: تعليم جي هن 'اڳ ئي تيار' روش جي هر ڳالهہ ماڻهوءَ جي سوچ ويچار يا عقل جي عمل آڏو بند ٻڌي ڇڏي ٿي.

بئنڪاري معلم اِهو سمجهي ئي نٿو سگهي تہ سندس هن حد۔ چڙهڪس ۽ خوفائتي عمل ۾ ڪا بہ سچي سالميت يا سلامتي ڪانهي، ۽ ماڻهوءَ کي سچ پچ تہ ٻين سان، قربت ۽ شراڪت جي مضبوطيءَ ۾ گذارڻ جي اون ڪرن گهرجي. ماڻهو ڪنهن تي پاڻ مڙهي نٿو سگهي، ۽ نہ وري شاگردن سان رڳو يا نلهو گڏ گذارو ئي ممڪن آهي. مضبوطي ۽ ايڪو دلين جي ڏي وٺ گهري ٿو ۽ بئنڪاريءَ جو نظريو جيڪو اهڙي معلم جو رهبر نظريو آهي، دلين جي هن ڏي وٺ کان ڊڄي ٿو ۽ اُن تي روڪ وجهي ڇڏي ٿو.

پر حقيقت هيءَ آهي تہ خيالن جي ڏي۔وٺ ۽ دلي ڳالهہ ٻولهہ سان ئي انساني زندگيءَ ۾ معنيٰ پيدا ٿئي ٿي. استاد جي سوچ جي سچائي شاگردن جي سوچ جي سچائيءَ مان ئي ثابتي ۽ سند حاصل ڪري ٿي، استاد پنهنجن شاگردن جي عيوض يا انهن جي بدران سوچي نٿو سگهي، ۽ نہ هو اُنهن تي پنهنجي سوچ مڙهي ئي سگهي ٿو. سچي سوچ، اُها سوچ جنهن کي حقيقت جي اون آهي، متي ڪنهن 'عاج جي برج' واريءَ علحدگيءَ ۾ نہ پر فقط ذهنن جي ڏي۔ وٺ، ڳالهہ ٻولهہ يا واءَ سواءَ ۾ ئي اُپجي ٿي. جيڪڏهن اِهو سچ آهي تہ خيال کي وٺ يا معنيٰ فقط تڏهن آهي جڏهن اُهو دنيا تي

عمل جي صورت مان اُسري. تہ پوءِ شاگردن لاءِ استادن جي زبردستي يا غلامي غير ضروري بلڪ ناممڪن بنجي وڃي ٿي.

- ۽ چاڪاڻ تہ بئنڪاري تعليم شروع ئي ماڻهن کي غلط سمجهڻ سان ٿئي ٿي تہ اُهي رڳيون شيون يا جنسون آهن. انهيءَ ڪري اُها، فرام(Fromm) جي لفظن ۾ 'زندگي پسند اُمنگ' ۽ 'موت پسند اُمنگ' ئي اياري سگهي ٿي.

'جيئن تہ مفيد تعميري انداز سان اُسرڻ ۽ وڌڻ زندگيءَ جي خاصيت آهي. انهيءَ ڪري موت پسند شخص هر اُها شيءِ چاهيندو آهي، جنهن ۾ اُها خاصيت نہ هجي. پر اُها محض بيجان ڳالهہ يا مشين وانگر هجي. هن جي اها خواهش هوندي آهي تہ جاندار شيءَ کي بيجان ۽ متحرڪ شيءِ کي ساڪت بڻائي ڇڏي. هو زندگيءَ کي اڻين ڏسي جڻ اُها بہ هڪ ڳالهہ آهي، جڻ سڀ جيئرا جاڳندا ماڻهو محض شيون اهن... سک سُور جي تجربي جا سهنڌڙ ساهہ نہ پر رڳو حافظي جا پنڌار. وجود کان وڌيڪ هوندَ هُن لاءِ اهم هوندي آهي. موت پسند ماڻهو ڪنهن شيءَ سان- پوءِ اُها ڪو گل هجي يا ڪو ماڻهو- واسطو فقط تڏهن رکندو آهي، جڏهن اُها هن جي ملڪيت ۾ هوندي آهي. انهيءَ ڪري هن جي ملڪيت واريءَ ڪنهن شيءَ کي خطرو هو پنهنجي سِر جو خطرو پائيندو آهي؛ هن جي مالڪي ويئي تہ جڻ دنيا سان هُن جو واسطو ويو.... قبضي سان هُن جو موهہ هوندو آهي، ۽ قبضو رکندي، قبضي ۾ آيل شيءَ جو هو ساهہ پي ڇڏيندو آهي.' Fromm, The Heart of Man.

ظلمُ-ساهہ پيئندڙ قبضو- موت پسند عمل آهي؛ هن عمل کي موت جو پيار تاتي ٿو زندگيءَ جو پيار نہ. تعليم جو بئنڪاري نظريو پڻ، جنهن سان ظلم جا مفاد سِڌ ٿين ٿا، موت پسند نظريو آهي. چاڪاڻ تہ اُهو شعور جي مشيني، ساڪت، حيواني، معلماتي تصور تي بيٺل آهي، اُن سان شاگرد ڦري گهرندڙ هٿ يا پنندڙ ڪِشتا تي پون ٿا، اُهو فڪر ۽ عمل تي قابض ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ماڻهن کي دنيا سان دنيا جهڙو ٿي هلڻ تي آماده ڪري ٿو ۽ اُنهن جي تخليقي فرض کي گهُٽي ڇڏي ٿو.

جڏهن ماڻهو ذميداريءَ سان هلڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام ٿين ٿا، جڏهن ڏسن ٿا تہ پنهنجي صلاحيتن کي هو ڪم ۾ آڻي نٿا سگهن. تڏهن ماڻهو ڏکوئجن ٿا ۽ دکي محسوس ڪن ٿا. فرام چوي ٿو تہ 'هيءُ پنهنجي بيوسيءَ جو بي زورائيءَ جو . دک انهيءَ حقيقت مان اُپري ٿو تہ ماڻهوءَ جو توازن ڊهي پيو آهي.' پر ڪجھ بہ نہ ڪري سگهڻ جو احساس، جيڪو ماڻهن کي ڏکوئي ٿو. بلڪ سندن روح کي پيڙي ٿو ڪين پوءِ بہ پنهنجي بيوسيءَ جي مڃڻ کان روڪي ٿو ۽ اُن کان انڪار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ هو۔

'اُتي پنهنجي ڪجھ ڪرڻ جي سگھ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر ڇا، ائين ڪري بہ سگهن ٿا، ۽ ڪيئن؟ هڪڙو رستو اُن جو هيءُ اهي تہ هو ڪنهن طاقتور شخص يا گروهہ يا وجي تابع ٿين ۽ اُنهن سان ملي هڪ ٿي بيهن. ٻئي ماڻهوءَ يا گروهہ جي زندگيءَ ۾ اهڙي علامتي ساٿ سان، ماڻهن کي ڪجھ ڪرڻ يا ڪري سگهڻ جو وهم ٿئي ٿو. جڏهن سچ پچ هو رڳو اُنهن جا تابع ۽ اُنهن جو حصو هجن ٿا. جيڪي ئي ڪجھ ڪن ٿا.'

عام پسند ۽ عوامي عمل جا مظاهرا مظلومن جي هِن قسم جي ڪردار جا بهترين مثال چئي سگهجن ٿا. جيڪي پنهنجن پر جوش ۽ اتساهيندڙ اڳواڻن سان ملي هڪ ٿي وڃن ٿا ۽ محسوس ڪن ٿا تہ ائين هو پاڻ متحرڪ آهن ۽ وڏو ڪم ڪري رهيا آهن; ۽ جڏهن تاريخي عمل ۾ اڳتي وڌي، هو ڪنهن بغاوت جا مظهر بنجن ٿا، تڏهن هنن جو عمل سندن اُن ڪجھ ڪرڻ ۾ گهٽي ڪجھ ڪرڻ جي خواهش جو ئي ترجمان هجي ٿو. قابض وڏا ماڻهو اُن جو علاج زياده دٻاءَ ۽ سختيءَ ۾ ڏسن ٿا۔ آزاديءَ، ضابطي ۽ سماجي امن (يعني قابض وڏن ماڻهن جي امن) جي نالي ۾. ائين هو۔ پنهنجي نقطي نگاهہ کان، پوري منطقي انداز سان۔ 'مزدورن جي اسٽرائيڪ جي تشدد کي نندي سگهن ٿا ۽ اُنهيءَ ئي ساهيءَ ۾ رياست کي اسٽرائيڪ کي دٻائڻ لاءِ تشدد جي استعمال لاءِ اُڪسائي سگهن ٿا.

(Niebuhr in "Moral Man and Immoral Society")

غالب اقتدار جي عمل جي هڪ صورت طور تعليم شاگردن جي وسوڙائيءَ کي متاثر ڪري ٿي۔ هن نظرياتي اداري سان (اڪثر معلم اهو

ڏسي ٿي نہ سگهندا آهن) تہ انهن جي من ۾ ظلم جي دنيا سان شرڪت ۽ مطابقت جا عقيدا ويهاريا وڃن. هيءُ الزام انهيءَ معصوم اميد سان لڳايو ڪو نہ ٿو وڃي تہ قابض وڏا ماڻهو اهو پڌري پنهنجي اُن عمل کان باز ايندا. هِن ڳالهہ جي بيان ڪرڻ جو مقصد هيءُ آهي تہ سچن انسان دوست عالمن ۽ ڪارڪنن جو ڌيان انهيءَ حقيقت ڏانهن ڇڪايو وڃي تہ هو بئنڪاري تعليم جا طريقا آزاديءَ جي تلاش ۾ ۽ اُن جي حاصلات لاءِ استعمال نٿا ڪري سگهن- ڇو تہ ائين ڪرڻ سان هو خود ان تلاش ۽ حاصلات جي ٿي نفي ڪندا، ۽ ٻيو تہ تعليم جا اِهي طريقا ڪو انقلابي سماج ڪنهن ظالم سماج کان پلجي بہ ورثي ۾ قبول نہ ٿو ڪري سگهي. ڪو انقلابي سماج، جيڪو بئنڪاري تعليم کي استعمال ڪري ٿو، اُهو يا گمراهہ آهي يا ماڻهن تي اُن جو ايمان ڪونهي- ٻنهي حالتن ۾ اُهو رد عمل جي خوف جو شڪار آهي.

بد قسمتي سان، جيڪي آزاديءَ جي مقصد جا حامي آهن، اُهي پاڻ بہ اهڙيءَ فضا ۾ گهيريل ۽ اُن کان متاثر رهن ٿا، جيڪا بئنڪاري تصور کي آياري ٿي، ۽ اُهي اڪثر هن تصور جي اصليت ۽ اُن جي حيواني اثر کان بي خبر رهن ٿا، ۽ لا شعوري طور تضاد جو شڪار بنجي، بالادستيءَ ۽ علحدگيءَ جي ٿي هن اوزار کي اُهي پنهنجي ان ڪوشش جي ڪاميابيءَ لاءِ استعمال ڪن ٿا، جنهن کي هو آزاديءَ، لاءِ پنهنجي ڪوشش چون ٿا، ڪي 'انقلابي' تہ واقعي اُنهن کي اُلٽو ساده ذهن، خواب لهنڌڙيا مرڳو رجعت پسند بہ سڏين ٿا، جيڪي هن بالادست تعليمي عمل تي اعتراض ڪن ٿا. پر ڪو بہ ماڻهن کي علحدگيءَ ۽ ڌارياپ جو احساس ڏيئي ۽ زبردستيءَ آزاد نٿو ڪرائي سگهي. سچي آزادگي- بهتر انسان ٿيڻ جي راهہ- اهڙي ڪا ڪٽڻ ڪرڻ جي هڪ 'ڌراوت' ڪانهي، جيڪا ماڻهن کي سنڀالي رکڻ لاءِ هٿئون هٿ ڏيئي سگهجي ٿي. آزادگي هڪ سچو عمل آهي: ماڻهن جو پنهنجو عمل ۽ فڪر- پنهنجي دنيا بابت ۽ ان کي بدلائڻ لاءِ، جيڪي آزادگيءَ جي مقصد سان سچائيءَ سان وابستہ آهن، اُهي شعور جي بيجان يا مشيني تصور کي قبول ڪري نٿا سگهن، جنهن هيٺ شعور فقط هڪ خالي جهول آهي جنهن کي پرٽو آهي؛ ۽ نہ ٿي اُهي، آزاديءَ جي نالي ۾، بالادستيءَ جي

ٻڌنڪاري طريقن (يعني 'پروپيگنڊا'، 'نعرن'، 'ڊراوتن' جي استعمال کي قبولي ٿا سگهن.

آزاديءَ جا جيڪي سچا خواهشمند ۽ اُن سان پورا لاڳاپيل آهن، انهن کي هيءَ ٻڌنڪاري طريقو سڄي جو سڄو رد ڪرڻو آهي، ۽ اُن جي عوض انهن کي ماڻهن جي باشعور وجود جو تصور ۽ خود شعور جو اُهو تصور قبولڻو آهي، جنهن ۾ شعور جو رخ ٻاهرينءَ دنيا تي مرڪوز هجي. هنن کي تعليم جو اُهو مقصد قبولڻو آهي ۽ هٿ ۾ کڻڻو آهي، جنهن ۾ دنيا جي سلسلي ۾ ماڻهن جا مسئلا کولي آڏو رکڻا آهن. هيءَ 'مسئلن کي کولي آڏو رکڻ' واري تعليم، جيڪا شعور جي اک روشن ڪري ٿي ۽ ارادِيت کي جنم ڏئي ٿي، سا ڄاڻ جي دنيا ۽ اُن جي پڌرنامن کي رد ڪري، اُنهن جي جاءِ تي ڄاڻ جي گڏيل تلاش ۽ ڏي- وٺ کي پنهنجو ذريعو ۽ پهنجي مراد بنائي ٿي. اها سڄيءَ پنهنجيءَ ڪوشش ۾ شعورجي اصليت کي، اُن جي جاڳرتا ۽ تربيت کي، پنهنجي آڏو رکي ٿي- يعني شعور نہ رڳو شين جو جيئڻ اُهي آهن، پر شين جي اُن شعور جو شعور.

آزادگي بخش تعليم ڄاڻ جو تبادلو نہ پر شناس جو عمل آهي. اها سکڻ جي هڪ صورتحال آهي، جنهن ۾ سکڻ لائق شيءَ (سکڻ جي عمل جي خاتمي بدران) ٻن سکندڙ ۽ عملڪارن (استادن ۽ شاگردن) جي وچ ۾ سبنڌ جي، اُنهن جي سکڻ لاءِ ادمي ۽ اُدم جي اُيار جي، هڪ ڪڙي آهي، انهي ڪري، 'مسئلن کي کولي آڏو رکڻ واريءَ تعليم' جو عمل، سڀ کان اول، 'استاد- شاگرد جي تضاد' جي حل جي گهر ڪري ٿو. 'ڳالهہ- ٻولهہ جو اُهو تعلق، جيڪو ساڳيءَ سکڻ لائق شيءِ جي سڃاڻپ لاءِ، سکندڙ عملدارن (استاد ۽ شاگردن) جي صلاحيتن جي سهڪار لاءِ لازمي آهي، اُن جو ٻيءَ ڪنهن طرح قائم ٿيڻ ناممڪن آهي.

سچ پچ تہ 'مسئلن کي کولي آڏو رکڻ واري تعليم' ٻڌنڪاري تعليم جي مخصوص عمودي رستي کي ڇڏي، آزاديءَ جي عمل طور پنهنجو ڪارج ادا ڪري سگهي ٿي،پر فقط اُن صورت ۾ جو اُها پهريائين انهيءَ (استاد- شاگرد جي) تضاد تي غالب پئجي سگهي. 'ڳالهہ- ٻولهہ جي تعلق ۽ سلسلي جي قائم ٿيڻ سان' شاگردن جو استاد ' ۽ 'استاد جا شاگرد'- اهي

اصطلاح ختم ٿي وڃن ٿا ۽ هڪ نئون اصطلاح اُڀري سامهون اچي ٿو: ’استاد- شاگرد. شاگرد- استادن سان گڏ. استاد هاڻي فقط ’اُهو ناهي جيڪو سيکاري ٿو‘، پر هو پاڻ به شاگرد آهي. جيڪو شاگرد سان ’ڳالهه ٻولهه‘ وسيلي سکي ٿو: جيڪي پنهنجي واري سان، سکندي يا سيکارجندي، پاڻ به سيکارين ٿا. هو گڏجي، عمل جي هڪ سلسلي لاءِ ذميدار بڻجن ٿا. جنهن ۾ سيئي اُسرن ٿا.انهيءَ سيني جي گڏيل اؤسر واري سلسلي ۾ ’اختيار‘ تي ٻيڻل دليل سالم دليل نه آهن: ڪار آمد رهڻ لاءِ اختيارکي لازمي طور آزاديءَ جي پاسي هجڻ گهرجي، ۽ نه اُن جي مخالف هجي. ڪو به ٻئي ڪنهن کي نٿو سيکاري، نه وري ڪو پنهنجو پاڻ ئي سکي ٿو. ماڻهن هڪ ٻين کي سيکارين ٿا- دنيا ۽ اُن جون سکڻ جهڙيون شيون، اِن ڪم ۾ ڪين هڪ ٻئي سان شريڪ ڪن ٿيون، جيڪي بئنڪاري تعليم ۾ سڀ رڳو استاد جي ’مالڪيءَ‘ ۾ هونديون آهن.

بئنڪاري تصور(جيڪو هو نئن ئي هر شيءَ کي ٻن مختلف اڏن ۾ ورهائڻ جو خواهان رهي ٿو) استاد(تعليمڪار) جي عمل جون ٻه منزلون مقرر ڪري ٿو. پهرينءَ منزل تي جڏهن هو تجربيگاهه ۾، پنهنجي مطالعي جي ڪمري ۾ ويهي، پنهنجا سبق تيار ڪري ٿو. هو سکڻ جهڙيءَ ڳالهه کي پاڻ ڄاڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪري؛ ٻيءَ منزل تي هو اُن شيءَ بابت پنهنجي اُها ڄاڻ شاگردن کي ڏئي ٿو. شاگردن کان ڄاڻڻ جي گهر ڪا نه ٿي ڪئي وڃي. پر رڳو اُهو ڪجهه، جو استاد ٻڌايو اُن جي يادڪرڻ لاءِ ڪين چيو ٿو وڃي. شاگرد ڪا سڃاڻپ جي ڪوشش يا عمل به پاڻ ڪو نه ٿا ڪن. ڇو ته اُها شيءِ جنهن کي ڄاڻڻو آهي سا استاد جي ’ملڪيت‘ آهي- ٻنهي استاد ۽ شاگردن جون تنقيدي سوچون اُن جي ڄاڻڻ جي عمل ۾ شريڪ نه آهن. اهڙيءَ طرح ’علم ۽ تهذيب‘ جي بچاءَ جي نالي ۾ اسين تعليم جي اهڙي هڪ سرشتي کي چنبڙيا ويٺا آهيون، جنهن ۾ نه سچو علم ۽ نه ئي سچي تهذيب اسان کي حاصل ٿي سگهي ٿي.

’مسئلن کي آڏو رکڻ وارو طريقو‘ استاد- شاگرد جي ڪم کي ورهائي به اڏ ڪو نه ٿو ڪري، استاد – شاگرد. يعني استاد جيڪو ساڳئي وقت شاگرد به آهي، هڪ نقطي تي ’ڄاڻندڙ‘ ۽ ٻئي نقطي تي ’ٻڌائيندڙ‘ نه

آهي. هو هميشہ ’ڄاڻندڙ‘ آهي- رڳو تيار ڪرڻ وقت ۽ شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ رڌل هجڻ وقت بہ. هو ڄاڻڻ وارن شين کي پنهنجي ملڪيت يا ذاتي مصروفيت نٿو سمجهي. هو انهن کي پنهنجي ۽ پنهنجن شاگردن ٻنهي جي سوچ ويچار جون شيون سمجهي ٿو. هن صورت ۾ شاگرد- جيڪي رڳو ٻڌندڙ نہ آهن- استاد سان‘ ڳالهہ -ٻولهہ‘ ۾ ڀائيوار اُنهن شين جي تنقيدي جاچنا (تحقيق) ۾ هُن سان هم شريڪ آهن. استاد شاگردن جي سوچ ويچار لاءِ سندن آڏو مواد رکي ٿو ۽ جيئن شاگرد پنهنجا ويچار ظاهر ڪن ٿا، تيئن هو اُنهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجا اڳيان ويچار اُٿلائي پٿلائي ٿو ۽ اُنهن جي نئين سر ڇورڇڪ ڪري ٿو. ’مسئلن کي آڏو رکندڙ‘ تعليمڪار جو ڪارج هيءَ آهي تہ شاگردن جي ساڻ سان اهڙيون حالتون پيدا ڪري، جن هيٺ ڄاڻ، جا موجود آهي پر اَڄاتل آهي، اُها لفظن جي ويس ۾ سچيءَ ڄاڻ طور ذهنن ۾ پڌري ٿئي.

بئنڪاري تعليم تخليقي قوت کي سمهاري ٿي، بيهوش ڪري ٿي، ۽ ڪم مان ڪڍي ڇڏي ٿي.’ مسئلن کي آڏو رکندڙ‘ تعليم ۾، ڄاڪاڻ تہ حقيقت تان هر وقت پردا هٽندا رهن ٿا، انهيءَ ڪري اُن ۾ مصروف استاد- شاگرد ۽ شاگردن- استادن جي تخليقي قوت سدا سجاڳ ۽ تازه دم رهي ٿي. بئنڪاري تعليم ڪوشش ڪري ٿي تہ شعور سدائين ٻڏو رهي. ’مسئلن کي کوليندڙ تعليم‘ ڪوشش ڪري ٿي تہ شعور سدائين سالم ۽ سچيت رهي ۽ انهيءَ ئي سچيتائيءَ سان اُهو حقيقت سان پنهنجو ليکو چُڪائيندو رهي.

شاگردَ جيئن جيئن، پنهنجي ذاتي سلسلي ۾، دنيا سان ۽ دنيا ۾ وڌندڙ مسئلن سان مُڪاميل ٿين ٿا، ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اُنهن جي للڪار جو پاڻ کي نشان ڏسن ٿا، تيئن تيئن اُن للڪار جي موٽ ڏيڻ لاءِ پاڻ کي هو مجبور ۽ ٻڌل سمجهن ٿا. مسئلن کي کوليندڙ تعليم ۾ هيءَ للڪار ڪين، انيڪ خارجي مسئلن جي موجودگيءَ ۾ ۽ انهن جي باهمي تعلق ۽ ڳنڍ پيچ جي حوالي سان، سماجي حقيقت جي اصلي روپ کان واقف ڪري ٿي، جيڪا سندن واقفيت هرگز نلهي نظري نہ آهي: سندن اُن واقفيت ۾ سندن تنقيدي فڪر جي روشن نگاهہ شامل آهي، جنهن

ڪري هو انفراديت ۽ علحدگيءَ جا، آءُ- پٽي ۽ ويڳاڙپ جا، شڪار نٿا رهن. ان صورت ۾ پوءِ جڏهن هو هڪ للڪار ڪي موٽ ڏين ٿا، ته اُن جي نتيجي ۾ بي نئين للڪار هنن جي آڏو اچي ٿي، جنهن سان هنن جي تجربي ۽ ڄاڻ ۾ وڌيڪ اضافو ۽ وسعت پيدا ٿئي ٿي، ۽ ائين شاگرد، قدم بقدم وڌندي، پاڻ کي پنهنجي مقصدن جا پختا ۽ ثابت قدم محافظ ۽ عملڪار سمجهن ٿا.

تعليم آزاديءَ جي عمل طور- بمقابل تعليم بالادستيءَ جي عمل طور- اِن ڳالهه کان انڪاري آهي ته ماڻهو ڪا خيالي شيءَ آهي، هيڪلو آهي، بي ڪاڻيو ۽ بي ميار آهي، ۽ دنيا سان ٻڌل نه آهي. اِن کان انڪاري آهي ته ماڻهن بنا دنيا جو ڪو سچو وجود آهي. سچي سوچ نه ماڻهوءَ کي الڳ تلڳ ۽ خيالي سمجهي ٿي، نه ماڻهن کان الڳ تلڳ دنيا کي تسليم ڪري ٿي. سچي سوچ ماڻهوءَ کي، ماڻهن کي، دنيا ۾ ۽ دنيا سان لاڳاپيل جيو سمجهي ٿي. هنن لاڳاپن جي ڳنڍ پيچ ۾ شعور ۽ دنيا گڏ آهن، ٽتڪال (يعني هڪ ئي وقت) آهن: شعور جي ڳالهه دنيا کان نه اڳ جي نه پوءِ جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي. هڪ پيري چليءَ ۾ حلقي جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ويٺا هئاسين ۽ تهذيب جي علم الانساني تصور (ڏسو باب ٽيون) تي بحث مباحثو ڪري رهيا هئا سين. بحث مباحثي هلندي، هڪڙي هاريءَ جيڪو بئنڪاري تعليمي معيارن مطابق بلڪل ئي ڄاڻ هو چيو:' هاڻي مون کي خبر پئي ته ماڻهن کان سواءِ دنيا ڪانهي.' جڏهن ويٺل تعليم ڪار ورندي ڏني:'دليل طور سمجهو ته ڌرتيءَ تي سڀ ماڻهو مري ٿا وڃن، ۽ پوءِ به خود ڌرتي رهي ٿي، پنهنجن وڻن، پکين، جانورن، ندين سمنڊن، تارن وغيره سميت....ڇا اِها سڀ دنيا نه هوندي'نه . نه !' هاريءَ زوردار جواب ڏنو: 'ڪو چوڻ وارو ئي ڪو نه هو ته "هيءَ دنيا آهي!"'

بئنڪاري تعليم جي معيار موجب اڻ پڙهيل هاريءَ در اصل هيءُ خيال پيش ڪرڻ ٿي چاهيو ته دنيا جو شعور عدم موجود هوندو ۽ اُهو ئي 'شعور جي دنيا' جي وجود جي شاهدي ڏيندڙ آهي. 'نه آءُ'جي وجود کان سواءِ 'آءُ 'موجود نٿو هجي سگهي، ۽ ساڳيءَ طرح 'نه آءُ' جي شعور جو دارومدار 'آءُ' جي وجود تي آهي.

دنيا سان ۽ دنيا ۾ جتي ماڻهو پاڻ کي موجود ڏسن ٿا، اُتي هنن جي جياپي جو ڪهڙو طريقو آهي، اُن طريقي کي تنقيدي طور ماڻهن جي سمجهڻ جي صلاحيت 'مئسلن کي کولي آڏو رکندڙ تعليم' هيٺ وڌي ٿي. هو ڏسن ٿا تہ دنيا ڪا هڪ هنڌ بيٺل (جامد) حقيقت ڪانهي، پر هڪ متحرڪ ۽ تبديل ۾ مصروف حقيقت آهي، جيتوڻيڪ ماڻهن جا دنيا سان جدلياتي لاڳاپا انهيءَ ڳالهہ تي مدار نٿا رکن تہ اُنهن لاڳاپن کي ڪيئن ٿو ڏٺو وڃي (يا اُنهن کي ڪنهن طرح ڏٺو وڃي بہ ٿو يا نہ) پر اِها حقيقت آهي تہ عمل جو جيڪو نمونو ماڻهو اختيار ڪن ٿا، اُهو گهڻي قدر انهيءَ ڳالهہ جو نتيجو ضرور آهي تہ هو دنيا ۾ پاڻ کي ڪيئن ٿا ڏسن. انهيءَ ڪري استادُ_ شاگردُ ۽ شاگرد_ استاد ساڳئي وقت هڪٻئين تي ۽ دنيا تي اثر انداز ٿين ٿا_ پنهنجي پنهنجي اثر ۽ عمل کي ورهائي اڌو اڌ ڪرڻ کان سواءِ اهڙي ريت پنهنجي گڏيل فڪر ۽ عمل جو هڪ سچو ۽ بامقصد نمونو قائم ڪن ٿا.

انهيءَ طرح، هتي بہ تعليم جا هي بہ تصور ۽ عمل، جن جي اسين ڇنڊڇاڻ ڪري رهيا آهيون، هڪ ٻئي ضد ۾ اچي بيهن ٿا. بئنڪاري تعليم (اُن جي معلوم سببن ڪري) حقيقت کي ڏندڪٿائي روپ ڏيئي، سچين ڳالهين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، جن مان معلوم ٿي سگهي تہ دنيا ۾ ماڻهو ڪيئن ٿا جيئن:' مئسلن کي آڏو رکندڙ تعليم' هن ڏند ڪٿائي لبيس جي پردي_ کول جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کڻي ٿي. بئنڪاري تعليم ڳالهہ ٻولهہ ۽ خيالن جي ڏي وٺ سان ڪروڌ ۾ آهي، بلڪ اُن جي مخالفت ڪري ٿي؛ 'مسئلن کي آڏو رکندڙ تعليم' ڳالهہ – ٻولهہ کي ڄاڻ جي عمل لاءِ، جيڪو حقيقت کي کولي پڌرو ڪري ٿو لازمي ۽ اٽل سمجهي ٿي. بئنڪاري تعليم شاگردن کي پنگلو سمجهي ٿي جن کي ٽيڪ جي، سهائتا جي، ضرورت آهي. 'مسئلن کي آڏو رکندڙ تعليم' اُنهن کي سوچ ويچار ڪندڙ تنقيدي مفڪر بنائي ٿي. بئنڪاري تعليم تخليق کي روڪي ٿي، ۽ شعور جي باقي دنيا کان الڳ ڪري، شعور جي ارادیت کي هيرائي، هٽيلو ۽ تابعدار بنائي ٿي (اُن کي بنيادي طور ختم، جو نٿي ڪري سگهي!) _ ۽ ائين اُها انسانن کي سندن بهتر انسان بنجڻ جي ڪائناتي ۽ تاريخي منصب کان محروم ڪري ٿي؛' مئسلن کي کولي آڏو رکندڙ تعليم' پنهنجو بنياد

تخليق ڪاريءَ تي رکي ٿي ۽ حقيقت جي سلسلي ۾ تز ۽ سچي فڪر ۽ عمل جي همت افزائي ڪري ٿي، ۽ ائين انسانن جي اصلي ڪارج کي ممڪن بنائي ٿي. جن جو پنهنجي وجود سان سچائيءَ جو دليل ٿي فقط اهو هوندو آهي تہ هو تلاش ۽ تحقيق ۾ ۽ تخليقي انقلاب ۾ مصروف رهن. مختصر ڳالهہ هيءَ تہ بئنڪاري نظريو ۽ عمل بيٺي جامد ۽ باندي بنائيندڙ قوتن هئڻ سبب، انسانن کي تاريخي وجود طور تسليم ڪرڻ کان قاصر آهن، 'مسئلن کي آڏو رکندڙ نظريو' ۽ عمل انساني وجود ۽ ڪردار جي تاريخيت کي پنهنجي هر ڳالهہ جو ابتدائي نقطو شمار ڪن ٿا.

'مسئلن کي آڏو رکندڙ تعليم' انسانن کي ٿيڻ جي عمل ۾ رڌل هستين طور تسليم ڪري ٿي- نا تمام ۽ اڌپوريءَ حقيقت در ميان ۽ اُن حقيقت سان گڏ نا تمام ۽ اڌپوريون هستيون بين حيوانن جي ابتڙ جيڪي بہ اڌپورا آهن، پر تاريخي نہ آهن، انسان پاڻ کي نا تمام سمجهن ٿا، ۽ پنهنجي اڌپورائيءَ کان با خبر آهن، هن اڌپورائيءَ ۽ اُن جيءِ اِن خبر ۾ ئي، خاص هڪ انساني مظهر طور تعليم جون پاڙون ڪتل آهن. انسانن جي ناتمام ڪردار ۽ حقيقت جي مائل تبديل ڪردار جي پس منظر ۾ ئيءِ اِها ڳالهہ لازمي ۽ اٽل شمار ٿئي ٿي تہ تعليم انسان جو هڪ سدا جاري رهندڙ ۽ سدا اڳتي وڌندڙ مشغلو ۽ عمل آهي.

انهيءَ طرح تعليم پنهنجي سچي عمل ۾ سدائين نئين آهي ۽ نئين صورت وٺندي رهي ٿي. تعليم انهيءَ لاءِ تہ اُها هجي، اُن جو ٿيندي رهڻ لازم آهي، اُن جي 'مدت' (برگسانBergson جي چوڻ مطابق- جيڪا اِن لفظ جي معنيٰ ڏني آهي، اُن معنيٰ ۾) ٻن مخالف لفظن- دائميت ۽ تبديل- جي باهمي ٽڪراءَ ۾ موجود آهي. بئنڪاري طريقو دائميت تي زور ڏئي ٿو ۽ اِن ڪري رجعت پرست ٿي پوي ٿو. 'مسئلن کي آڏو رکندڙ' تعليم- نہ ' موچاريءَ چال' وارو حال ۽ نہ خاص قسم جو اڳ مقرر مستقبل تسليم ڪري ٿي- بلڪ پنهنجون پاڙون متحرڪ ۽ فعال حال ۾ کپائي، اڳتي وڌي ٿي، ۽ اِن ڪري انقلابي آهي.

'مسئلن کي آڏو رکندڙ' تعليم انقلابي استقباليت آهي، انهيءَ ڪري اوهان کي آئيندي جي خوشخبري ڏئي ٿي ۽ پر اميد آهي ۽ انسان

جي تاريخي فطرت سان عين موافقت ۾ آهي. اُها انسانن بابتِ اِهو يقين رکي ٿي تہ هو پاڻ کان اوچا اُبري سگهن ٿا، اڳتي وڌن ٿا، اڳتي ڏسن ٿا، جن لاءِ نسچلتا، هڪ هنڌ ويهي رهڻ، هڪ گهاتڪ خطرو آهي؛ جن لاءِ ماضيءَ تي نظر وجهڻ رڳو هڪ ذريعو ٿي سگهي ٿو تہ ڏسن تہ هو ڇا آهن ۽ ڪير آهن، تہ جيئن وڌيڪ ڏاهپ سان پنهنجو مستقبل ٺاهي سگهن. انهيءَ طرح هيءَ تعليم پنهنجي شموليت اُن تحريڪ سان قائم ڪري ٿي، جنهن ۾ انسان پنهنجي اڻپورائيءَ جي ڄاڻ رکندي، مصروف رهن ٿا -جيڪا هڪ تاريخي آهي، جنهن کي پنهنجو ابتدائي نقطو آهي، پنهنجا واضع مسئلا آهن ۽ جنهن جي آڏو پنهنجو هڪ مقصد ۽ آدرش موجود آهي.

هِن تحريڪ جو ابتدائي نقطو انسان پاڻ آهن. پر جيئن تہ انسانن جو دنيا کان الڳ ٿلڳ، حقيقت کان جدا، وجود نہ آهي، تحريڪ جي ابتدا انسانن ۽ دنيا جو جيڪو پاڻ ۾ تعلق آهي، اُتان ٿيڻي آهي. اِن اصول مطابق تحرڪ جو لازمي طور ابتدائي نقطو انسانن کان، جيڪي 'اڄ ۽ هتي' آهن، ٿيڻو آهي، جيڪو نقطو در اصل اُها صورتحال آهي، جنهن ۾ هو ورتل آهن، گهيريل آهن. جتان کين نڪرڻو آهي، ۽ جنهن سان کين هٿ ڳنڍڻا آهن، ان صورتحال کان ئي فقط ابتدا ڪرڻ سان -جنهن جي ڄاڻ ئي هنن لاءِ موجود حقيقت جي شعور جو شعور آهي- هو ڇُري سگهن ٿا، اڳتي وڌي سگهن ٿا. پوريءَ سچائيءَ ۽ ثابت صورتحال کي ازلي ۽ ناقابل تبديل نہ سمجهن، پر ائين سمجهن تہ اُها سندن آڏو رڳي هڪ رڪاوٽ آهي، جيڪا کين للڪاري رهي آهي تہ اُها کين هٽائڻي آهي.

بئنڪاري طريقو سڌيءَ يا اڻ سڌي طرح، موجود صورتحال متعقل ماڻهن جي تقديري سمجهہ کي پختو ۽ مضبوط ڪري ٿو.'مسئلا ڪوليندڙ تعليم' اُن ئي صورتحال کي سندن آڏو سندن پنهنجي هڪ مسئلي جي صورت ۾ آڻي پيش ڪري ٿي، جيئن ئي صورتحال ائين سندن پنهنجي ڄاڻ جي هڪ شيءَ، هڪ موضوع بڻجي، سندن سامهون اچي بيهي ٿي، تہ اُها ڀلائيءَ پولائيءَ واري جادو ئي ڳالهہ جنهن منجهن تقديري سوچ کي اُڀاريو هو اُها جيئن تواڻي هئي، تيئن هڪ ئي نگاهہ سان گم ٿي وڃي ٿي، ۽ اُن جي جاءِ تي سندن پنهنجي سوچ، سندن پنهنجو شعور، جيڪو خود پاڻ کي

بہ ائين سوجهي ٿو سمجهي ٿو جيئن ڪنهن خارجي حقيقت کي، اُهو جاڳي ٿو ۽ نہ رڳو صورتحال تي تنقيدي طور ويچاري آچاري ٿو پر خود اُن پنهنجي آچار ويچار جي عمل تي بہ ناقدانہ نگاهہ قائم رکي ٿو.

پنهنجي صورتحال جو اونهو شعور ماڻهن کي اُن صورتحال کي هڪ تاريخي حقيقت طور ڏسڻ تي آماده ڪري ٿو جيڪا تبديل ٿي سگهي ٿي، تسليميءَ ۽ توڪل جي جاءِ تي هُنن ۾ جاچڻ ۽ بدلائڻ جي تڙپ ۽ ارادو پيدا ٿين ٿا. جيڪي هو محسوس ڪن ٿا تہ سندن پنهنجا آهن ۽ سندن پنهنجي قبضي ۾ آهن. جيڪڏهن انسان، تاريخي هستين طور، جن کي هڪ ٻين جي ساٿ ۽ سنگ ۾، ڇاڻ ۽ شعور جي تحريڪ ۾ لازمي طرح مصروف رهڻو آهي، اِن تحريڪ تي قبضو ٿئا رکن تہ اها انسانن جي انسانيت جي توهين آهي (ٿيندي) ڪا بہ صورتحال، جنهن ۾ ڪي ماڻهو ٻين ماڻهن کي، ڇاڻ ۽ شعور جي هن تحريڪ ۾ حصيدار هجڻ کان روڪين ٿا تہ اُها ڏاڍ ۽ زور جي صورتحال چئبي، ۽ اُن لاءِ هو ڪهڙا ذريعا ڪم آڻين ٿا، اِها اهم ڳالهہ نہ آهي؛ ماڻهن کي پنهنجي ارادیت يعني فيصلي ڪرڻ جي اختيار کان محروم ڪرڻ معنيٰ اُنهن کي بيجان شين ۾، جيتن ۾، بدلائڻ.

هِن ڇاڻ ۽ شعور جي تحرڪ کي، انسانن کي انسان بنائڻ، ڪامل کان ڪامل تر انسان بنائڻ، جي مقصد ڏانهن رجوع رکڻ کپي، جيڪو ٿي انسان جو تاريخي منصب آهي، ڪامل انسانيت جي تلاش يا حاصلات هيڪلائپ يا انفراديت جي ڳالهہ نہ، پر ساٿ جي ۽ سنگ جي، همراهيءَ ۽ اتحاد جي، ڳالهہ آهي؛ انهيءَ ڪري اُها ظالمن ۽ مظلومن جي وروڌي لاڳاپن ۾ ڪا نہ وڌندي ويجهندي، ڪو بہ سچو انسان نٿو ٿي سگهي. نٿو بنجي سگهي، جيڪو ٻين کي سچي انسان ٿيڻ يا بنجڻ کان روڪي ٿو انفرادي طرح، وڌيڪ بهتر انسان ٿيڻ جي ڪوشش ماڻهوءَ کي، خود غرضانہ طور وڌيڪ ڪجهہ حاصل ڪرڻ ڏانهن نِئي ٿي: اِهو انسان جي ڪرڻ جو هڪ نمونو آهي. ائين نہ آهي تہ انسان بنجڻ لاءِ اِها ڳالهہ ڪانئين بنيادي طور ضروري نہ آهي تہ ڪجهہ هجي. بلڪ انهيءَ ئي ڪري، جو اِهو ضروري آهي، ڪن ماڻهن وٽ ڪجهہ (بلڪ وڌيڪ ڪجهہ) هجڻ کي هرگز ڇوٽ نہ ڇڏي ڏيڻ کپي تہ ٻين لاءِ ڪجهہ هجڻ جي آڏو رڪاوٽ ٿي بيهي رهي- ڇو تہ ائين

ڪرڻ ٿيندو جن وٽ آهي، تن جي طاقت کي ايترو وڌائڻ يا وڌڻ ڏيڻ، جو جن وٽ ڪونهي، اُنهن کي اُهي پيڙيندا ۽ ڪچليندا رهن.

'مسئلن کي کولي آڏو رکندڙ' تعليم، هڪ انسان پسند ۽ آزادگي بخش راهه عمل طور پنهنجو هڪ بنيادي اصول رکي ٿي. اُهو ئي اُن جو سچو سڌ ۽ اصل فلسفو آهي: جيڪي محڪوم آهن، مظلوم آهن، اُنهن کي پنهنجي نجات لاءِ پاڻ وڙهڻو آهي- اِهو اُنهن جو حق آهي، ۽ فرض بہ ۽ اُن لاءِ هيءَ تعليم، پنهنجي تربيت جي سلسلي هيٺ، استادن ۽ شاگردن کي سڀ کان پهرين هيءُ موقعو ڏئي ٿي ۽ اِن لائق بنائي ٿي تہ هو اختيار شاهيءَ ۽ 'علميت' جي دٻاءَ ۾ نہ اچن، ۽ حقيقت جي غلط شعور جا ڪڏهن شڪار نہ ٿين. هن تعليم ۾، انسانن لاءِ دنيا اُها ڪانهي، جيئن عام طور اُها منجهائيندڙ ۽ نڳٽن لفظن ۾ بيان ٿيندي آهي، بلڪ اُها هڪ شيءَ هجي ٿي، جيڪا سندن انقلابي عمل هيٺ بدلجي ٿي، ۽ اُهو ئي عمل خود اُنهن لاءِ پاڻ کي بهتر ۽ ڪامل تر انسان بنائڻ جو عمل آهي.

'مسئلن کي آڏو رکندڙ' تعليم هرگز ظالم جي مفادن لاءِ ڪارگر ڪانهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿي. ڪو بہ ظالم نظام مظلومن کي اجازت نٿو ڏيئي سگهي تہ هو سوال ڪرڻ شروع ڪن تہ ڇو؟ انهيءَ طرح، جيتوڻيڪ اِها حقيقت آهي تہ هو تعليم تي پورو ۽ سلسليوار عمل فقط هڪ انقلابي سماج ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو، تنهن هوندي بہ انقلابي اڳواڻن کي هِن طريقي تي عمل ڪرڻ يا اُن کي ڪم آڻڻ لاءِ تيسين ترسي ويهڻو نہ آهي. انقلابي راهه ۾ بہ ڪين ظالماڻي سماج جو ظالماڻو بئنڪاري طريقو هڪ عارضي وسيلي طور ئي سهي، هرگز استعمال ڪرڻ نہ جڳائي- انهيءَ نيت سان تہ اڳتي هلي، هو سچي ۽ خالص انقلابي طريقي تي عمل ڪندا. هنن کي شروع کان ئي انقلابي هجڻو آهي- يعني مسئلن تي، ساڻين سان، خيالن جي ڏي- وٺ ۽ ڳالهه ٻولهه- ڪرڻي آهي، استادُ— شاگرد ۽ شاگردُ- استاد بنجي.

# باب ٽيون

جيئن اسين ’ڳالهه- ٻولهه‘ تي، بطور هڪ انساني ورتاءَ جي، غور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، تہ اُن ۾ اسان کي هڪ عجيب شيءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن کي اسين اُن جو جوهر چئي سگهون ٿا: ۽ اُها عجيب شيءِ آهي ’لفظ‘. رڳو هڪ وسيلو ئي ڪونهي، جيڪو ڳالهه- ٻولهه کي ممڪن بڻائي ٿو. اُن جي ڪرشمي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اُن جي ترڪيبي جزن کي ڏسڻ کپي، لفظن جي اندر اسان کي ٻہ وسعتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون- فڪر جي ۽ عمل جي وسعت- ۽ اُهي اهڙي بنيادي عمل ۽ رد عمل جي سلسلي ۾ مصروف، جو جيڪڏهن هڪ گم ٿي وڃي- ذري برابر بہ- تہ ٻي فوراً اُن قدر نِست ٿي وڃي ٿي. ڪو بہ جيئرو جاڳندو لفظ سچو لفظ موجود ڪونهي، جيڪو ساڳئي وقت جيئرو جاڳندو عمل، سچو عمل نہ آهي(18): اهڙيءَ، هڪ بہ سچو لفظ ڳالهائڻ معنيٰ دنيا کي ڇورڻ، تبديل ڪرڻ.

هڪ اڻ سچو لفظ اُهو جيڪو حقيقت کي تبديل ڪرڻ لائق نہ آهي، اُهو اوتري قدر اڻ-سچو ۽ نِست انهيءَ ڪري آهي، جو اُن جي ترڪيبي جزن جي وچ ۾ دوئي يا اختلاف روا رکيل هجي ٿو جيڪڏهن ڪنهن لفظ کي اُن جي عمل جي وسعت کان محروم ٿو رکجي، تہ ان جو فڪر بہ خودبخود ڪوڪلو بڻجي وڃي ٿو ۽ لفظ بدلجي هڪ ٺوائي آواز رڳو هڪ چرڙات، ٿي پوي ٿو۽ اُن سان رڳو لفاظيءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو جنهن دل کي اُٽاٽيل يا دل اُٽاٽيندڙ ٻڪ ٻڪ ئي سڏي ٿو سگهجي. اُهو هڪ ٺلهو لفظ هجي ٿو جيڪو حقيقيءَ کي، دنيا کي، ننڌي يا ٻيڙو چئي سگهي ٿي نٿو. ڇا ڪاڻ تہ دنيا کي ٻيڙو ڇوڙڻ يا اُن جي ننڌا ڪرڻ، دنيا کي بدلائڻ

جي آجهل ارادي ڪانسواءِ ممڪن ئي ڪونهي، ۽ تبديلي عمل کان سواءِ اڻ ٿيندڙ ڳالهه آهي.

هئي پاسي، جيڪڏهن رڳو عمل تي زور ڏبو ايتري قدر جو فڪر کي مرڳوئي ٻُتي ڇڏجي، ته لفظ لفظ نه رهندو ڦري ٺلهيءَ عمليت بلڪ عمل پرستيءَ ۾ بدلجي ويندو. عمل پرستي-عملُ عملَ خاطر- سچي عمل جي نفي ڪري ٿي، ۽ جهن کي ڳالهه- ٻولهه ٿو چئجي، اُن کي ناممڪن بنائي ٿي ڇڏي، ٻنهي طرحن سان، هيءَ دوئي، وجود زندگيءَ جا، اڻ سچا ۽ کوٽا روپ قائم ڪري، فڪر جا پڻ اهڙائي اڻ سچا ۽ کوٽا روپ اُڀاري، آڏو آڻي ٿي، ۽ ائين لفظ جي ٻن ترڪيبي جزن-فڪر ۽ عمل- جي وچ ۾ اختلافُ يا اڻ ميلُ- تيئن وڌيڪ اُگرو روپ وٺي بيهي ٿو ۽ لفظ جي اهڙي استعمال سان ماڻهن ۾ نرِيءَ واٽرٽپ کان سواءِ باقي ڪجهه نٿو رهي.

انساني وجود خاموش نٿو هجي سگهي، ۽ نه ڪوڙن لفظن سان اُن جي ڪا خوراڪ ممڪن ٿي سگهي ٿي. انساني وجود پنهنجو صحتمند تحرڪ يا زندگي فقط سچن لفظن جي خوراڪ سان بحال ڪري سگهي ٿو جن سان ماڻهو پنهنجي دنيا بدلائين ٿا.انساني طور جيئڻ معنيٰ دنيا کي ڄاڻڻ، دنيا کي سڃاڻڻ- اُن جو نالو وٺڻ- اُن کي بدلائڻ. دنيا جي هڪ دفعي ائين 'نالي وٺڻ' سان، دنيا هڪ مسئلو بنجي، پنهنجي نالي وٺندڙن جي آڏو اچي بيهي ٿي، ۽ فورا اُنهن کان پنهنجي هڪ نئين نالي جي گهر ڪري ٿي. ماڻهو ماٺ سان ڪو نه ٿا جڙن(19)، پر لفظ سان، عمل سان، عمل- فڪر سان جڙن ٿا.

پر جڏهن هڪ سچو لفظ چوڻ- جيڪو عمل ٻ آهي، ۽ سچو عمل آهي- معنيٰ دنيا کي تبديلِ ڪرڻ، تڏهن اُن لفظ جو چوڻ ڪن ٿورن ماڻهن، ڪن خاص ماڻهن، جي ئي سنديا پروانو ڪونهي پر اُهو هر ماڻهوءَ جو سيني ماڻهن جو ڳڏيل حق آهي. انهيءَ ڪري، ڪو ٻ ماڻهو اڪيلي سر يا هيڪلو سچو لفظ چئي نٿو سگهي- نه ئي هو ڪنهن ٻئي لاءِ اُهو چئي ٿو سگهي، فرماني نموني سان جيئن ٻين جي مُنهن مان سندن لفظ ڪسجي وڃن.

ڳالهه ٻولهه دنيا جي تعقل سان، ماڻهن جي وچ ۾ ميلَ جو وسيلو آهي، ته جيئن اُهي ڳڏجي دنيا کي ڄاڻن، اُن جو 'نالو وٺن'انهيءَ ڪري

ڳالهہ- ٻولهہ انهن ماڻهن جي وچ ۾ تي ئي ٿي سگهي، جن مان هڪڙا دنيا جو 'نالو وٺڻ' چاهين ٿا ۽ ٻيا نٿا چاهين تہ اُن جو ائين نالو ورتو وڃي- انهن ماڻهن جي وچ ۾، جن مان هڪڙا ٻين کان لفظ جي اظهار جو حق کسين ٿا ۽ ٻيا جن کان اُهو حق کسيو ويو هجي. انهيءَ ڪري اُهي، جن کان لفظ جي اظهار جو ابتدائي انساني حق کسيو ويو آهي، انهن کي پهريائين اُن حق لاءِ وڙهڻو آهي، ۽ کين، جو ائين انساني درجي تان ڪيرائي، حيواني سطح تي آندو ويو آهي، اُن اڳرائيءَ ۽ ڏاڍ کان پاڻ ڇڏائڻو آهي.

جيڪڏهن پنهنجي لفظ جو پنهنجيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪندي، ماڻهو دنيا جو نالو وٺن ٿا ۽ اُن کي تبديل ڪن ٿا، تہ ڳالهہ -ٻولهہ ئي اُن سچي اظهار جو ۽ دنيا جي ائين نالي وٺڻ جو اُن کي بيان ڪرڻ جو واحد رستو آهي، جنهن سان ماڻهو ماڻهو جي حيثيت ۾، پنهنجو مُل قدر ۽ اهميت حاصل ڪن ٿا، انهيءَ طرح هڪ ڳالهہ ٻولهہ انسان جي هڪ وجودي ضرورت آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ ڳالهہ ٻولهہ وسيلو آهي، جنهن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙن جي گڏيل فڪر ۽ عمل جو رخ دنيا ڏانهن لڙيل هوندو آهي، جنهن کي تبديل ڪرڻو ۽ بهتر ماڻهپي ۾ آڻڻو آهي، انهيءَ ڪري ڳالهہ ٻولهہ کي پنهنجيءَ سطح تان هيٺ آڻي هڪ ئي ماڻهوءَ جي عمل جي صورت نٿي ڏيئي سگهجي، جنهن ۾ اُهو پنهنجي ذهن جي 'ذراوت' ٻئي جي ذهن ۾ جمع [ڊپازٽ (Deposit)] ڪندو رهي. ۽ نہ ئي وري ان ڳالهہ ٻولهہ کي محض هڪ ساديءَ ڏي- وٺ جي صورت ڏيئي سگهجي ٿي، جنهن ۾ بحث مباحثي ۾ شامل ماڻهن کي رڳو هڪ ٻين جا خيال'ڏيڻا وٺڻا'۽ 'کپائڻا'يا 'خرچ ڪرڻا'آهن. ۽ نہ ئي هيءَ ڳالهہ ٻولهہ ماڻهن جي وچ ۾ عداوتي يا مقابلائيءَ دليل بازي ئي ٿي سگهي ٿي، جيڪي نہ دنياجي نالي وٺڻ جي نيت رکن ٿا ۽ نہ انهن جو سچ سان ئي ڪو واسطو آهي-سندن واحد دلچسپي فقط ڪنهن ريت ٻين تي پنهنجي 'سچ' مڙهڻ ۾ آهي. ڇا ڪاڻ تہ ڳالهہ ٻولهہ ماڻهن جي وچ ۾ هڪ وسيلوآهي، جيڪي دنيا جو نالو وٺڻ چاهين ٿا، اُن کي سڃاڻڻ ۽ بيان ڪرڻ چاهين ٿا، اِها هڪ اهڙي بہ صورتحال هجڻ نہ کپي، جتي هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن پاران اِهو'دنيا جي نالي وٺڻ جو ڪم' پاڻ ٻيهي ڪن ۽ ڪندا رهن. اصل ۾ هيءَ هڪ تخليقي عمل آهي؛ ان کي هڪڙي ماڻهو تي

بئي جي غلبي لاءِ چالاڪي جي هڪ اوزار طور هرگز استعمال ٿيڻ نہ گهرجي. غلبي جي صورت، جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ۾ واقعي موجود آهي، اُها دنيا تي غلبي جي صورت آهي ۽ انهن سيني لاءِ آهي، جيڪي ڳالهہ ٻولهہ ۾ شريڪ ٿين ٿا- دنيا تي اُها سندن سوڀ انسانيت جي سوڀ آهي انسانن جي آزادگيءَ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ بهرحال، دنيا لاءِ ۽ ماڻهن لاءِ انهي پيار جي موجودگيءَ ۾ ممڪن نٿي ٿي سگهي، دنيا جي نالي ونڻ، اُن کي بيان ڪرڻ جو ڪم، جيڪو تخليقي ۽ نت نئون تخليقي ڪم آهي، جيڪڏهن پيار سان پريل نہ آهي، تہ ممڪن ئي ڪونهي(20) پيار' ڳالهہ ٻولهہ جو بنياد بہ آهي ۽ ساڳئي وقت خود ڳالهہ ٻولهہ بہ آهي. انهيءَ ڪري، لازمي طور، ڳالهہ ٻولهہ ذميدار ماڻهن جو ڪم آهي، دٻاءَ ۽ غلبي جي صورت ۾ اُها موجود نٿي ٿي سگهي. دٻاءُ يا غلبو پيار جي بيماري آهي: غالب ڌر ۾ اُها اذيت ڏيڻ ۽ مغلوب ڌر وٽ اذيت سهڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. ڇا ڪاڻ تہ پيارُ سورهيائيءَ ۽ همت جو عمل آهي ۽ نہ خوف جو اُن جي ڳالهہ ٻين ماڻهن سان پنهنجي سِرَ- سيتائيءَ جي، انهن لاءِ پنهنجي جان جي بازيءَ جي ڳالهہ آهي. مظلوم ڪٿي بہ هجن، پيار جو عمل اُنهن جي مقصد سان سِرَ جي سَٽ جو واعدو آهي- اُنهن جي آزادگيءَ جي مقصد سان. ۽ هيءُ واعدو ڇاڪاڻ تہ اُهو پيار جو واعدو آهي، انهن سان حال پائي ٿيڻ جو ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو واعدو آهي، سورهيائيءَ جي عمل طور پيار زود-حس ۽ نِرو جذباتي نٿو ٿي سگهي. آزاديءَ جو عمل ٿي ڪري ۽ اُن کي حرفت جي ڪنهن بهاني طِور ڪم ڪرڻو ڪونهي. اُن کي آزاديءَ لاءِ وڏيڪ ڪجهہ ۽ ڪيئي ڪارناما سَر ڪرڻا آهن: نہ تہ اُهو پيار نہ آهي. فقط ۽ فقط ظلم جي صورتحال کي ختم ڪرڻ سان ئي پيار بحال ٿي سگهي ٿو جنهن کي اُن صورتحال ناممڪن ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن آءٌ دنيا کي پيار نٿو ڪريان، زندگيءَ کي پيار نٿو ڪريان، ماڻهن کي پيار نٿو ڪريان- تہ آءٌ حال پائي بہ نٿو ٿي سگهان، ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ شرڪت نٿو ڪري سگهان.

ساڳئي وقت، ڳالهہ- ٻولهہ نهٺائيءَ کان سواءِ بہ ممڪن ٿي نٿي سگهي. دنيا جو نالو ونڻ، اُن جي تورتڪ ڪرڻ، جنهن سان ماڻهوءَ اُن جي نت نئين طرح تخليق پيا ڪن، هٺ ۽ هوڏ جو ڪو عمل نٿو ٿي سگهي.

ڳالهه- ٻولهه جيڪا سکڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي مشترڪ عمل خاطر ماڻهن جو ميلُ آهي، ٿئي پوندي، جيڪڏهن ڌرين ۾ (يا منجهانئن هڪ ۾) نهٺائي نه هوندي، ڪنهن ڳالهه- ٻولهه ۾ ٻين سان آءٌ ڪيئن  تو شريڪ ٿي سگهان. جيڪڏهن سدائين آءٌ انهن جي آڏو سندن جهالت جون ڳالهيون آٿيندس ۽ پنهنجي جهالت ڏانهن پاڻ ڪڏهن به نه ڏسندس؟ ڳالهه- ٻولهه ۾ آءٌ ڪيئن تو شريڪ ٿي سگهان، جيڪڏهن پاڻ کي آءٌ ٻين کان الڳ ئي ڪا شيءِ پيو سمجهندس- رڳو 'آءٌ پاڻ'، جنهن ۾ 'ٻيا آءٌ'، 'ٻياپاڻ'، ڪٿي موجود ئي نه هجن؟ ڳالهه- ٻولهه ۾ آءٌ ڪيئن تو شريڪ ٿي سگهان، جيڪڏهن آءٌ پاڻ کي 'ڏٽيل'ماڻهن جي ڪنهن مخصوص گروهه مان پيو سمجهندس- سچ ۽ ڄاڻ جا مالڪ، جن لاءِ گروهه کان ٻاهر سڀيئي 'ٻيا' هجن. 'اٽجاڻ' ۽ 'عام' هجن؟ جيڪڏهن آءٌ ڳالهه ئي ڪرڻ شروع ڪريان تو انهيءَ چوڻ سان ته'دنيا جي نالي وٺڻ، اُن کي سمجهڻ ۽ هلائڻ جو ڪم اوچن ۽ خاص ماڻهن جو آهي ۽ جڏهن به تاريخ ۾ ننڍا ۽ گهٽ قسم جا ماڻهو اڳتي آيا آهن ته تاريخ جو زوال شروع ٿيوآهي-جنهن کان اسان کي بچڻو آهي، 'ته انهيءَ چوڻ کانپوءَ آءٌ ڳالهه- ٻولهه کي اڳتي ڪيئن تو هلائي سگهان؟ جيڪڏهن آءٌ ٻين جي ڪمن ۽ ڪاميابين جو قدر نٿو ڪريان، بلڪ انهن تي ڪاوڙ ٿي وڃيم. جيڪڏهن آءٌ پريشان ٿيان تو ۽ ڏپ اٿم ته ڪو منهنجي جاءِ نه اچي والاري، ته جنهن کي ڳالهه- ٻولهه تو چئجي سا ڪيئن ٿيندي پاڻ کي ئي ڪاٽي سمجهڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ به ٻاٿيوار ٿيڻ، انهن ٻن ڳالهين  جو گڏ هجڻ ناممڪن آهي. جن ماڻهن ۾ نهٺائي ڪانهي(يا جن نهٺائي ڇڏي ڏني آهي)، جي ماڻهن جي ويجهو وڃي نٿا سگهن، اُنهن سان ويهي نٿا سگهن، اُهي ماڻهن سان دنيا جي نالي وٺڻ، اُن بابت ڳالهائڻ ۽ اُن کي بدلائڻ جي ڪم ۾ حصيدار ٿي ئي نٿا سگهن. جيڪو پاڻ کي ٻين جهڙو فاني انسان ئي نٿو سمجهي، اُن کي ٻين سان ميل واري هنڌ تي پهچڻ ۾ گهڻو سفر گهرجي. ميلَ ۾ شريڪ ماڻهن ۾ نه ڪو نِرو جاهل آهي، نه پورو ڪو داناءُ. هو سڀ اُتي ماڻهو آهن جيڪي گڏجي ڪوشش ڪن ٿا ته جو ڪجهه هو ڄاڻن ٿا، اُن کان وڌيڪ هو ڄاڻن ۽ معلوم ڪن.

ان کان وڌيڪ، ڳالهه- ٻولهه ماڻهوءَ ۾ انسان ۾ پڪي ايمان جي تقاضا ڪري ٿي- هُن جي سَت ۽ سگهه ۾ ايمان جي- تہ هو ٺاهي سگهي ٿو ۽ وري ٺاهي سگهي ٿو، جوڙي سگهي ٿو ۽ وري جوڙي سگهي ٿو هن جي بهتر ۽ ڪامل تر ماڻهوءَ بنجڻ جي منصب ۾ ايمان جي تقاضا (جيڪو منصب اوچن ۽ خاص ماڻهن جو پروانو ڪونهي، پر سڀني ماڻهن جو جنمي حق آهي.) ماڻهوءَ ۾ ايمان- ڳالهه ٻولهه لاءِ اِهو پهريون شرط آهي، 'ڳالهه ٻولهه چاهيندڙ ماڻهو' ٻين ماڻهن سان مُنهان مُنهن ملڻ کان اڳ ۾ اُنهن ۾ ايمان رکي ٿو. هن جي ايمان، بهرحال، ڀولي ڀاوَ وارو، سادو ايمان ڪونهي.'ڳالهه ٻولهه چاهيندڙُ ماڻهو' چڱي لڳي جو خيال رکندڙ ماڻهو آهي. ۽ ڄاڻي ٿو تہ جيتوڻيڪ ٺاهڻ ۽ وري ٺاهڻ جي، تبديل ڪرڻ جي، طاقت ماڻهن ۾ آهي، پر ' دل ڪڇي ويل' يا 'دل اُڻاڻيل' بجنسي حالتن ۾ ماڻهو اُن پنهنجي طاقت جي استعمال ۾ پاڻ کي بيوس ڏسن ٿا. هيءَ صورت ماڻهن ۾ هُن جي ايمان کي لوڏڻ يا ختم ڪرڻ بدران هُن لاءِ هڪ قسم جي للڪار آهي، جنهن جو هن کي تدارڪ ڪرڻو آهي. هُن جو اِهو ويساهہ آهي تہ ٺاهڻ، وري ٺاهڻ ۽ تبديل ڪرڻ جي طاقت، وروڌي حالتن هيٺ رڪجي ۽ دٻجي وڃي ٿي، پر اُن ۾ وري اٿڻ ۽ اڪين ڪولڻ جي خصلت آهي. ۽ هيءَ اُن جو وري اٿڻ خود بخود يا بي سبب نہ ٿو ٿئي، پر آزادگيءَ جي جدوجهد وسيلي ۽ ان جي هلندي ٿئي ٿو- جنهن ۾ ماڻهن جو غلام پورهيو آزاد پورهئي جي صورت وٺي ٿو ۽ اُن سان ماڻهن کي زندگيءَ جي امنگ ۽ زندگيءَ جو لطف موٽي ملن ٿا. ماڻهن ۾ اِن ايمان ۽ اعتماد کانسواءِ ڳالهه ٻولهه ڪل جهڙو هڪ سانگ ٿي پوي ٿي ۽ بگڙي هڪ قسم جو ان داتائي ويا کياڻ بنجي پوي ٿي.

ڳالهه ٻولهہ جڏهن پيار، نهٺائيءَ ۽ اعتماد جي بنياد تي بيٺل هجي ٿي، تڏهن اُها ماڻهن ۾ هڪ جهڙائيءَ جو ميلُ قائم ڪري ٿي، ۽ اُن ۾ شريڪ ماڻهن جو هڪ ٻين ۾ ڀروسو ۽ اعتبارُ اُن جو منطقي نتيجو هجي ٿو. اِها هڪ لفظي تضاد جي ڳالهه ٿيندي، جو ڳالهه- ٻولهه پيار ڀري، نهٺائيءَ واري ۽ هڪ ٻئي تي ايمان ڀري بہ هجي، پر پوءِ بہ باهمي اعتماد ۽ ڀروسي واري فضا قائم نہ ڪري سگهي.جنهن ۾ حصيدار ماڻهو دنيا جي سمجهڻ ۽ اُن جي نئين سر جوڙڻ بابت جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ هڪ ٻئي سان سهمت نہ ٿين ۽

هڪ ٻئي جي قريب نہ اچن.ان جي ابتڙ تعليم جي ٻئنڪاري طريقي ۾، جيڪو ڳالهہ ٻولهہ جو ورودي طريقو آهي، ماڻهن جي هِن باهمي اعتماد ۽ ڀروسي جو موجود هجڻ ممڪن ڪونهي. ڳالهہ ٻولهہ جي پهرئين شرط طور ماڻهوءَ ۾ ايمان موجود آهي، تہ ڳالهہ ٻولهہ وسيلي ماڻهن جي باهمي اعتماد جو پيدا ٿيڻ ۽ قائم رهڻ لازمي شيءِ آهي. نتو پيدا ٿئي يا پيدا ٿي گهٽجي وڃي ٿو يا ناڪام ٿو ٿئي، تہ ائين چئبو تہ ڳالهہ ٻولهہ جو پهريون شرط موجود نہ هو يا ناڪام ٿو ٿئي، تہ ائين چئبو تہ ڳالهہ ٻولهہ جو پهريون شرط موجودنہ هو يا وچ ۾ اُهو هيٺو يا بنهہ گم ٿي چڪو آهي. ڪوڙي پيار، ڪوڙيءَ نهٺائپ ۽ ماڻهوءَ ۾ ڪمزور ايمان سان، هڪ ٻين ۾ ڀروسو پيدا نٿو ٿي سگهي. ڀروسو مدار رکي ٿو اُن ثبوت تي جيڪو هڪ ڌر ٻين کي پنهنجن صاف ۽ سچن ارادن جو ڏئي ٿو. ۽ اُهو موجود نٿو رهي سگهي. جيڪڏهن اُن ڌر جا لفظ يا قول ان جي ڪمن يا عملن سان ٺهڪندڙ نہ آهن. چئجي هڪ ڳالهہ ۽ ڪجي ٻي ڳالهہ- پنهنجي ئي لفظن کي وزن نہ ڏيڻ- اعتماد ائين نٿو ڄمي سگهي. جمهوريت جي ثنا ڪرڻ ۽ ماڻهن کي خاموش رکڻ، هڪ سانگ آهي؛ انساني دوستيءَ تي ليڪچر ڏيڻ ۽ انسانَ جو انڪار ڪرڻ، هڪ ڪوڙ آهي، ڌوڪو آهي.

- ۽ نہ ئي ڳالهہ ٻولهہ اميد کان سواءِ بہ ممڪن هجي ٿي.اميد جي پاڙ ماڻهن جي اڻ پورائيءَ ۾ لڳل ٿئي ٿي، جتان هو پنهنجي پورنتا جي تلاش ۾ اڳتي وڌن ٿا ۽ اُهو تلاش جو عمل هو فقط ٻين ماڻهن جي رفاقت ۽ حال ياڻپ ۾ئي جاري رکي سگهن ٿا. نااميدي چُپ چُپات جي هڪ صورت آهي، ۽ دنيا کان نفيءَ جي، ۽ اُن کان فرار جِي. انساني زوال، جيڪو ٻي انصاف سماجي نظام جي نتيجي ۾ صورت پذير ٿئي ٿو اُهو نااميديءَ جو نہ پر اميد جو سڏ آهي، جيڪو انهيءَ ظالم ۽ ٻي انصافيءَ هٿان ڪچليل انسانيت جي بحاليءَ ۽ اُن جي سڦلتاجي راهہ ۾ ماڻهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهي ٿو. اميد، بهرحال، اُها ناهي تہ هٿ هٺ تي رکي ويهجي ۽ انتظار ڪجي. جيستائين ماڻهو وڙهي ٿو اميد هُن کي اُتساهي ٿي: ۽ جيڪڏهن اهو دل ۾ اميد رکي وڙهي ٿو تہ هو ترسي سگهي ٿو انتظار بہ ڪري سگهي ٿو. وڌيڪ چڱي ۽ پوري انسان بنجڻ جي راهہ سان ويندڙ انسانن لاءِ ڳالهہ ٻولهہ صلاح

مصحلت، دل جي ڏاڍ ۾ حال پائپ جو وسيلو آهي، ۽ هيءُ سندن ميل يا وسيلو نااميديءَ جي فضا ۾ قائم رهي نٿو سگهي. جيڪڏهن راهه سان اڳتي ويندڙ پنهنجي ڪوشش جي نتيجن کان نااميد آهن، ته سندن ساٿ به خالي، بي ثمر، عملدار شاهيءَ وارو ۽ ٺلهي زور بار وارو ساٿ ئي ثابت ٿيندو.

آخر ۾، سچي ڳالهه ٻولهه تنقيدي سوچ کان سواءِ عمل ۾ اچي نٿي سگهي. سوچ، جيڪا دنيا ۽ ماڻهن جي وچ ۾ اٽوٽ سنگ کي تسليم ڪري ٿي ۽ منجهن ڪا به 'دوئي' موجود ڪا نه ٿي ڏسي–سوچ، جيڪا حقيقت کي هڪ سلسلي ۽ تبديليءَ طور سڃاڻي ٿي ۽ نه هڪ جامد يا بيٺل شيءِ طور– سوچ، جيڪا پاڻ کي عمل کان الڳ ڪا نه ٿي ڪري، ۽، ڪنهن به جوکم جي ڊپ بنان، سدائين پاڻ کي دنيوي پدارٿن سان واڳيل رکي ٿي. تنقيدي سوچ اُن سادي سوديءَ ۽ پولي پاوَ واريءَ سوچ کان مختلف ٿئي ٿي. جيڪا تاريخ جي سچي وقت کي ائين ڏسي ٿي، جڻ اُهو 'ماضيءَ جي تجربن ۽ حاصلاتن جو هڪ وزني ڍڳ آهي، وڏو ڪو تهن مٿان ته ٿيل دڙو آهي'(21). جنهن مان حال'صاف سٺو' ۽ 'ٺيڪ ٺاڪ' پيدا ٿي، ازخود ٻاهر اچڻ کپي. ساديءَ سوديءَ سوچ واري ماڻهوءَ لاءِ جيڪا اهم ڳالهه آهي، سا اِها آهي ته هن 'ٺيڪ ٺاڪ' واري 'اڄ' سان سمجهوتي ۾ رهجي– هاءِ هاءِ سُک وهاءِ! تنقيدي سوچ واري ماڻهوءَ لاءَ اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ماڻهن جي ماڻهپي جي لڳاتار واڌاري ۽ بهتريءَ لاءَ اِن 'اڄ' جي حقيقت جي لڳاتار تبديلي عمل ۾ ايندي رهي. پيئر فوٽر(Pairre Furter) جي لفظن ۾، "منزل هيءَ نه آهي ته جا وک زمين جي پيرن هيٺان آيل آهي يا آسمان هيٺ جا وٿي مليل آهي، اُن سان چهٽي، دنيا جي ٻئي جوکم کان پاڻ بچايو وڃي، پر سچي وشال اوڪاش (Space) کي پنهنجيءَ دنيا جي حدن ۾ آندو وڃي. ڪائنات مون تي ائين عيان ڪانه ٿي ٿئي ته اُها هڪ بي انت موجودگي آهي، جنهن سان مون کي رڳو پاڻُ ڪوئي ڪسوئي ۽ ٺهڪائي هلڻو آهي، پر هيءُ مون لاءِ پهچ جو هڪ ميدان آهي، منهنجي دنيا آهي، جيڪا بس ايتري قدر ئي منهنجو علائقو يا منهنجي جاءِ يا جوءِ بنجي ٿي، جيتري قدر آءٌ اُن کي پنهنجي عمل جي اثر هيٺ آڻيان ٿو." ساديءَ سوديءَ سوچ لاءِ، برابر، منزل بس اُها ئي آهي ته اُن پڪيءَ پختيءَ، پيرن هيٺ آيل وک زمين کي چنبڙي پئجي، ۽ بس، اُن

سان نباهہ ڪجي: انهيءَ طرح هيءَ سوچ دنيويت جي سچي سڏ ۽ للڪار کان انڪار ڪري، خود پنهنجي پاڻ جو بہ انڪار ڪري ٿي.

فقط ۽ فقط تنقيدي سوچ گهرندڙ ڳالهہ ٻولهہ ئي تنقيدي سوچ کي پيدا ڪري ٿي ۽ اُڀاري ٿي. ڳالهہ ٻولهہ ڪانسواءِ چاڻ جي ڏي وٺ ڪا نہ ٿي ٿئي ۽ چاڻ جي ڏي وٺ کانسواءِ سچي تعليم سچي سگهيا، ممڪن ڪانهي. استاد ۽ شاگرد جي تضاد کي اُها تعليم ئي حل ڪري سگهي ٿي. جيڪا اهڙيءَ صورتحال ۾ ڪم ڪري ٿي، جتي هو ٻيئي گڏجي پنهنجي ڄاڻڻ جو عمل يعني پنهنجي سُوجهي ۽ سوچ انهيءَ شيءِ تي مرڪوز ڪن ٿا، جنهن ۾ سندن گڏيل دلچسپي آهي ۽ جنهن کي هو ٻيئي واقعي ڄاڻڻ گهرن ٿا. اهڙيءَ طرح تعليم جو ڳالهہ ٻولهہ وارو روپ يا اُن جي اِها خصلت ائين ٿي جڏهن استادُ شاگردُ ۽ شاگرد استادَ تدريسي طور گڏجن ٿا. ڪم ڪرڻ شروع ڪا نہ ٿي ڪري ڏئي، پر اُها تڏهن ئي ڪم شروع ٿي ڪري. جڏهن استادُ شاگردُ پهريائين پاڻ کان پڇي ٿو تہ شاگردن استادن سان سندس ڳالهہ ٻولهہ ڇا بابت هوندي. انهيءَ طرح ڳالهہ ٻولهہ جي مواد بابت ويچار سچ پچ تہ تعليمي پروگرام جي مواد بابت ويچارُ آهي، جنهن کي بڻنڪاري تعليم جي سرشتي ۾ ’نصاب‘ چئجي ٿو.

ڳالهہ ٻولهہ ور وڏي بڻنڪاري تعليمڪار لاءِ مواد جو سوال فقط اهڙي هڪ پروگرام جو سوال آهي، جنهن بابت هو شاگردن سان پاڻ ڳالهائيندو يعني جنهن بابت هو کين رڳو ٻڌائيندو. ۽ هو ان مسئلي کي ائين ئي حل ڪري، جو هو پاڻ پنهنجو پروگرام مرتب ڪري ٿو ۽ پنهنجن شاگردن کي ٻڌائي ٿو ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙ مسئلن کي آڏو رکندڙ استادَ شاگرد لاءِ تعليمي پروگرام جي مواد جو سوال ائين نہ آهي. هن جي نظر ۾ اهو مواد نہ ڪو ئي تحفو آهي، جيڪو شاگردن کي بخشڻو آهي، ۽ نہ ڪائي چٽي آهي، جيڪا اُنهن تي مڙهڻي آهي- خبر يا ڄاڻ جي ذرن پرزن وانگر جيڪي شاگردن کي ’ڊيٽا‘ هجن يا سندن مٿن جي تجوڙين ۾ ’ڊپازٽ ڪرڻا هجن. اُن جي ابتڙ اُهو شين جو ڳالهين جو هڪ پورو رٿيل، سلسليوار ۽ سلجهيل ’نقشو‘ آهي. جن بابت هُن جا شاگردَ استادَ ۽ خود هو پاڻ بہ (استاد شاگردَ طور) وڌيڪ ڄاڻڻ چاهين ٿا.((22)

سچيءَ تعليم کي نـ الفُ ب لاءِ، نـ الف ب بابت. پر فقط الفُ ب سميت. تُرتيب ڏيئي سگھي ٿو جن ۾ هي جي وچ ۾ دنيا هڪ سُڀنڌ يا ڳانڍاپو آهي، جنهن کي هو ٻيئي جاڻڻ چاهين ٿا ۽ جيڪا هُنن ٻنهي کي متاثر ڪري ٿي ۽ للڪاري ٿي، ۽ اُن بابت هو ٻيئي ڪي ويچار يا رايا رکن ٿا. هي اُنهن جا ويچار ڪافي ڪن انديشن، شڪن، اميدن يا نااميدين سان ڀريل هجن ٿا، جيڪي سين ڪن اهم ڳالهين جا، ڪن اهم موضوعن جا بنياد بنجي سگهن ٿا۔ جن تي تعليم جي پروگرام جو مواد ٻيهاري سگھجي ٿو. ڀولي ڀاوَ وارو انسان۔ دوستيءَ جو خيال يا رايو انهيءَ خواهش جي اثر هيٺ تـ 'چڱي ماڻهوءَ' جو ڪو آدرشي نمونو تخليق ڪيو وڃي. اڪثر اِن پنهنجيءَ ڪوشش ۾ سچن پچن چرندڙ پرندڙ جيئرن جاڳندن ماڻهن جي سچين پچين، وجودي ۽ ڏسجندڙ پسجندڙن حالتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. سچي ۽ اصلي انسان۔ دوستي، پيئري فرئر جي لفظن ۾، اِها آهي تـ اُن لاءِ 'اسين پنهنجي پوري انسانپڻي جي ساڃاهہ کي اُسرڻ ڏيون۔ هڪ شرط طور، هڪ ذميداريءَ طور، هڪ صورتحال طور ۽ هڪ رٿا طور' اسين پورهيتن ڏانهن۔ شهر جي توڙي ٻهراڙين جي پورهيتن ڏانهن(23)۔ بس ائين ئي اٿي هليا وڃون، ٻڌنڪاري طريقيڪار مطابق تـ انهن کي اسين'جاڻ' ٿا ڏيون يا انهن جي ذهن ۾ 'چڱي ماڻهوءَ' جو هڪ نمونو ٿا ويهاريون جيڪو اسان پنهنجي ئي سوچيل پروگرام ۾ سامهون رکيو آهي۔ تـ ائين اسين هرگز نٿا ڪري سگھون، ڇاڪاڻ تـ اُها اسان جي سوچ هنن جي سوچ ڪا نـ ٿيندي، ۽ اهو 'چڱي ماڻهو'جو تصور بـ هُنن لاءِ اوپرو ۽ ڏاريو ئي هوندو. ڪيترين ئي سياسي ۽ تعليمي رٿائون ناڪام ٿيون آهن، ڇاڪاڻ تـ انهن جي مصنفن انهن کي حقيقت بابت رڳو پنهنجن شخصي ويچارن ۽ راين مطابق ئي ٺاهيو ۽ تيار ڪيو هو۔ ۽ اُن ۾ هنن، هڪ ڀيرو بـ، انهن ماڻهن جي اصلي حالتن کي خيال ۾ نـ رکيو هو جن لاءِ هُنن اُهي پروگرام تيار ڪيا هئا۔ سچي اُن سندن ڪم ۾ اُهي اصلي ماڻهو هن لاءِ فقط ڪي بيجان شيون يا گگدام جانور هئا، جيڪي سندن اُن مشق يا عمل جا نشان بنجڻا هئا.

سچي انسان دوست تعليمڪار ۽ سچي انقلابيءَ لاءِ عمل جو نشان اُها حقيقت آهي، جيڪا ڪين. ٻين ماڻهن سان گڏجي ۽ انهن جي ساٿ سان، بدلائڻي آهي- سندن عمل جو نشان'پاڻ' اُهي ٻيا ماڻهو نہ آهن. ظالم ٿي هوندا آهن. جيڪي ماڻهن کي پنهنجي عمل جو نشان بنائيندا آهن- اُنهن جي مغز ۾ پنهنجا رايا ۽ عقيدا پريندا آهن ۽ اُنهن کي موڙي مروڙي، اهڙيءَ هڪ حقيقت سان ٺهڪائي ٻيهارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جنهن ڏانهن هو چاهيندا آهن تہ ڪو اک بہ کڻي نہ ڏسي ۽ جنهن کي ڪو هٿ بہ نہ لائي.بد قسمتيءَ سان، انقلابي اڳواڻ بہ اڪثر انهيءَ شوق ۾ تہ انقلابي عمل ۾ ترت ماڻهن جي حمايت حاصل ڪئي وڃي، انهيءَ ئي طرح پنهنجي تعليمي پروگرام جي مواد جي رٿڻ ۾ مٿان کان هيٺ دٻاءَ واري ٻئنڪاري طريقي ڪار ڏانهن گهلجي ويندا آهن. هو هارين ۽ شهري پورهيت عوام وٽ اهڙيون رٿائون کڻي ويندا آهن. جيڪي دنيا بابت سندن پنهنجي ويچارن سان مطابقت ۾ تہ شايد هجن، پر عوام جي ويچارن سان هرگز ٺهڪندڙ نہ هونديون آهن.(24) هو اِها ڳالهہ وساري ڇڏيندا آهن تہ سندن بنيادي مقصد اِهو نہ آهي تہ ماڻهن کي ڪنهن طرح ريهي ريبي پنهنجي پاسي ڪجي، پر ساڻن ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي ظالمن سان وڙهڻ آهي، تہ جيئن ماڻهن جو ڪسجي ويل ماڻهپو انسانن کان ڦرجي ويل انسانيت، ڪين موٽي ملي.' ماڻهن کي ريهي ريبي پنهنجي پاسي ڪرڻ' جو اصطلاح انقلابين جو لغت جو نہ پر ظالمن جي لغت جو اصطلاح آهي، انقلابيءَ جو ڪردار آزادي ڏيارڻ آهي ۽ ماڻهن سان گڏ پاڻ بہ آزاد ٿيڻ آهي- ۽ نہ انهن کي ڌتاري پنهنجي پاسي ڪرڻ.

پنهنجي سياسي عمل ۾، بالادست خواصَ ٻئنڪاري سوچ کي ڪم آڻين ٿا، انهيءَ لاءِ تہ مظلومن ۾ بي عمليءَ يا سهل پسنديءَ جي همت افزائي ٿئي، جيڪا مظلومن جي ننڍاڪيل شعور جي عين مطابق هجي ٿي. ظالم هُنن جي اُن بي عمليءَ جو فائدو وٺندي، سندن شعور ۾ اهڙا نعرا ڀرين ٿا، جيڪي منهنجن آزاديءَ جو وڏيڪ خوف پيدا ڪن ٿا. سچو آزادگي بخش عملُ اِن خواصي طريقيڪار کان بلڪل ابتڙ هجي ٿو. آزادگي بخش عملِ ظالمن جا خود اِهي نعرا مسئلن جي صورت ۾ آڏو آڻي، مظلومن کي سندن من مان انهن جي ڪڍي ڦٽي ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو. انسان دوستن لاءِ، ڪم از ڪم

ائين تہ مناسب نٿو ٿي سگھي تہ ظالمن جي نعرن جي جوڙ ۾ پنهنجا نعرا بہ مظلومن جي من ۾ اُن ئي بئنڪاري طرز سان پرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ڏسن تہ ڪيئن ٿا اتي ٻيئي ماپي سگھن! انسان دوستن جو تہ هيءُ ڏسڻ فرض آهي تہ مظلومن کي خبر پوي تہ ظالمن جي سلسلي ۾ جيڪا سندن بہ چٽائي آهي، (ڏسجي مٿي بابت پھريون) جنهن ڪري سندن من ۾ ظالمن جون ڪيئي ڳالهيون گهر ڪري ويٺيون آهن. جيسين اُن بہ چٽائيءَ ۽ انهن ڳالهين کان هو آجائي حاصل نہ ڪندا. تيسين هو صحيح طرح جا انسان ٿي ئي نہ سگهندا.

اِن فرض جو مطلب آهي تہ انقلابي اڳواڻَ ماڻهن وٽ وڃن تہ ائين نہ. جو هُنن لاءِ ڇڻ'نجات' جو ڪو پيغام کڻي آيا هجن! پر اُنهن سان ڳالهہ ٻولهہ وسيلي معلوم ڪن تہ هنن جو سچو پچو حال ڪھڙو آهي، ۽ اُن پنهنجي حال متعلق خود اُنهن جي پنهنجي ڄاڻ ڪهڙي آهي- پنهنجي متعلق ۽ دنيا متعلق جنهن ۾ ۽ جنهن سان هو وجوديل آهن. سندن اُن ڄاڻ جا مختلف ۽ مختلف پاسا ڪهڙا آهن. ڪنهن بہ اهڙي تعليمي يا سياسي عملي پروگرام مان مثبت نتيجن جي اميد نٿي سگهجي. جيڪو پنهنجيءَ دنيا بابت ماڻهن جي مخصوصن خيالن ۽ ڄاڻ کي ڌيان ۾ نٿو رکي. اُن خودساختہ ۽ ماڻهن کان لا تعلق پروگرام جي پٺيان نيت ڪهڙي بہ چڱيءَ هجي، پر اُن کي پوءِ فقط هڪ تهذيبي چڙهت يا حملو (25) چئي سگهبو.

آزادگي بخش تعليمي يا سياسي عمل جي ڪنهن پروگرام جي مواد کي مرتب ڪرڻ لاءِ ابتدائي نقطو سدائين ماڻهن جي وجودي، بجنسي (Concrete) ۽ هلندڙ ڪالَ جي صورتحال هجڻ گهرجي، جنهن ۾ ماڻهن جا ادما، تمنائون ۽ اوسيئڙا عڪس ٿيل ڏسجن. ڪن موجود بنيادي ٽڪرائن جي روشنيءَ ۾ اسان کي ماڻهن جي هن وجودي، بجنسي ۽ موجود صورتحال کي هُنن کي آڏو هڪ مسئلي طور، هڪ ماڻري طور آڻڻ کپي، جيڪو کين وڪوڙي بيٺل آهي، للڪاري ٿو ۽ کانئن ڪنهن جواب جي تقاضا ڪري ٿو- رڳو علمي يا ذهني سطح تي نہ پر عمل جي ڪنهن سطح تي.

اسان کي ماڻهن وٽ ڪڏهن بہ سندن موجود صورتحال تي وڏيون تقريرون ڪرڻ نہ گهرجن، ۽ نہ اُن سندن صورتحال جي علاج طور اهڙا

پروگرام اُنهن جي آڏو رکڻ کپن، جن جو سندن پنهنجين موجود اميدن، ڏپ ڏاءَ، شڪن شبهن، ڪار ڪرت ۽ تعلقدارين سان ڪو واسطو ئي نہ هجي يا هجي تہ بہ ڪو پرانهون يا اَڻ سڌو ۽ ضعيف. اهڙا پروگرام سچ پچ تہ اڪثر مظلوم شعور لاءِ پاڻ وڌيڪ پريشانيءَ، خوف ۽ مونجهاري جا سبب ثابت ٿيندا آهن. اسان جو اِهو ڪم نہ آهي تہ ماڻهن سان اسين دنيا پنهنجي نظريي جي وبهي تشريح ڪريون يا مٿن اهو نظريو مڙهڻ جي ڪوشش ڪريون. اسان جو ڪم تہ دراصل هيءَ آهي تہ ماڻهن سان سندن نظريي ۽ پنهنجي نظريي بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪريون. اسان کي معلوم هجڻ کپي تہ دنيا بابت سندن نظريو جيڪو سندن هلت چلت، ڪم ڪار ۽ رهت سهت ۾ مختلف طريقن سان ظاهر ٿئي ٿو دنيا ۾ سندن سچي حال جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو تعليمي يا سياسي عمل ماڻهن جي اِن حالت جي هيٺ- مٿانهين کان، چڱائي لڳائيءَ کان، يعني تنقيدي طور اُن سندن حال کان باخبر نہ آهي، اُهو يا بئنڪاري طريقي ۾ وڃي پاڻ اُلجهائيندو يا پٿين آڏو بي اثر واعظڪاريءَ ۾.

اڪثر تعليمڪار ۽ سياستدان ڳالهائيندا آهن، ۽ انهن کي ڪو سمجهي نہ سگهندو آهي. چاڪاڻ تہ هُنن جي ٻوليءَ جي تارَ ماڻهن جي سچيءَ پچيءَ صورتحال جي تارَ سان مليل نہ هوندي آهي، جن سان هو مخاطب هوندا هن ۽ اُن ڪري هنن جي سچي طول طويل تقرير خود بہ دل اُناٽيل ۽ ٻڌندڙن لاءِ بہ دل اُناٽيندڙ هوندي آهي. تعليمڪار يا سياستدان جي ٻولي( ۽ سچ پچ جيئن پوءِ تيئن ائين ظاهر ٿيندو وڃي تہ هڪ سياستدان کي بہ تعيلم جي وسيع معنيٰ ۾ هڪ تعليمڪار ئي ٿيڻ کپي)، ماڻهن جي ٿي ٻوليءَ هئڻ سبب، خيال کان وانجهيل تہ ٿي ئي نٿي سگهي؛ ۽ نہ ٻولي ۽ نہ خيال ڪنهن سماجي نظام يا اُن جي ڪنهن سٽاءَ کان علحده رهي ٿا سگهن، جنهن سان انهن جو ترت يا پرانهون حوالو ڳنڍيل هجي ٿو. انهيءَ ڪري، پنهنجي ڳالهہ اثرائتي نموني بيان ڪرڻ لاءِ، تعليمڪارن ۽ سياستدانن کي سماجي نظام يا اُن جي سٽائن جون ڳالهيون ۽ ماهرا سمجهڻ کپن، جن ۾ ماڻهن جي ٻولي ۽ خيال جذباتي طور فريم ٿيل يا جڙيل هوندا آهن.

حقيقت جي ڳَٽ جيڪا تعليمڪارن ۽ ماڻهن جي ذهن ۾ موجود آهي، اُن حقيقت ۽ حقيقت جي ڳَٽ منجهان ئي اسان کي تعليم جي پروگرام جو مواد ڪڍڻو آهي. جنهن کي آءٌ ماڻهن جي ’مامرن جي دنيا‘ سڏيان ٿو جنهن کي ئي سندن سيني ’سرگرم ڳالهين‘ جي منجهيل سُٽ جو ڦورو چئي سگهجي ٿو اُن جي ئي کوجنا ۽ تحقيق سان آزادگيءَ جي هڪ عمل طور تعليم جي ڳالهه ٻولهه جي ابتدا ٿئي ٿي، اُن تحقيق ۽ کوجنا جي طريقي جو سلسلو به ساڳيءَ ريت ڳالهه- ٻولهه وارو هجڻ کپي، جنهن سان ڳالهين مان ڳالهين نڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ انهن ڳالهين بابت ماڻهن جو حِس ۽ ڄاڻ به جاڳي ٿي ۽ تيز ٿئي ٿي. ڳالهه ٻولهه جي تعليم جي آزادگي پسند مقصد مطابق، هن تحقيقات جو نشان ماڻهو نه آهن (ماڻهو ڪي انگ- وديائي بيجان ذرا ته نه آهن، جو انهن جي اٿين تحقيقات ٿئي!). پر انهن جي خيال جي سطح، سوچ جو اُپار آهي، جتان هو حقيقت کي پروڙين ٿا، ۽ پڻ انهن جي خيال جي زبان، ۽ سوچ جي ٻولي آهي. جنهن سان هو حيقت جو بيان ڪن ٿا، ۽ اُن سان گڏ دنيا بابت خود سندن خيال، سوچ يا نظريو آهي، جيڪو ئي سندن سيني سرگرم ڳالهين جو مُنڍ هجي ٿو.

ڪنهن ’سرگرم ڳالهه‘، ’ڳالهه مان اٿندڙ ڳالهه‘، جي پوري پوري بيان ڪرڻ کان اڳ(جنهن مان اِهاپڻ خبر پوندي ته ’گهٽ ۾ گهٽ مامرن جي دنيا‘ جو مطلب ڇا آهي)، ٿورن ڪن لاڳاپيل ابتدائي ويچارن جو هتي پيش ضروري آهي. جيتوڻيڪ فڪري دنيا ۾ تنقيدي شڪ جو رويو هڪ طرح جائز به آهي، پر ’سرگرم ڳالهه‘ جي حقيقت جو ثبوت ته اسان کي پنهنجي وجودي تجربي مان به ملي سگهي ٿو- نه رڳو پنهنجي وجودي تجربي مان، پر ماڻهن ۽ دنيا جي لاڳاپن ۽ اُنهن لاڳاپن جي لازمي حصي طور خود ماڻهن جي پنهنجي باطني لاڳاپن تي تنقيدي طور ويچارڻ سان به ملي ٿو.

اِن سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکي سگهجي ٿي- جيتوڻيڪ اِها هڪ رواجي ڳالهه ئي آهي- ته سيني اڻپورين هستين مان ماڻهو ئي آهي جيڪو نه رڳو پنهنجي ڪمن کي پر خود پنهنجي پاڻ کي به پنهنجي سوچ ويچار جو موضوع بنائي ٿو. هيءَ صلاحيت کيس حيوانن کان الڳ ۽ مخصوص ڪري ٿي، جيڪي پاڻ کي پنهنجي مصروفيت کان جدا نٿا ڪري سگهن ۽ انهيءَ

ڪري اُن تي ويچاري نٿا سگهن. هِن ظاهري طور متاچرائي قسم جي فرق ۾ اُهي حدون موجود آهن. جيڪي ماڻهن ۽ حيوانن جي زندگين ۾ سندن عمل جا سَنڌا مقرر ڪن ٿيون. اُنهن جي عمل جي حدبندي ڪن ٿيون. ڇا ڪاڻ تہ حيوانن جي مصروفيت اُنهن جي خود جو وستار آهي، اُنهن جي پنهنجي پڪيڙي يا وڌاءُ آهي، انهيءَ ڪري ئي اُن مصروفيت جا نتيجا پڻ انهن جي خود کان، اُنهن جي پاڻ کان، اٽوٽ آهن. حيوانَ نہ ئي مقصد مقرر ڪري سگهن ٿا، ۽ نہ ئي پنهنجي فطرت جي ڪنهن تبديليءَ ۾۔ اُن کان جدا۔ ڪا اهميت موجود ڏسي سگهن ٿا. تنهن ڪان سواءِ اِن مصروفيت جو 'فيصلو' بہ سندن نہ آهي پر سندن نوع جو، ذات جو آهي، انهيءَ ڪري حيوانَ، بنيادي طور، 'پاڻ ۾ گم' ۽ 'پاڻ تائين محدود هستيون' آهن.

پاڻ لاءِ ڪنهن فيصلي نہ ڪري سگهڻ ڪري، پاڻ کي يا پنهنجي مصروفيت کي پاڻ کان الڳ 'ڪجهہ'سمجهي نہ سگهڻ ڪري، دنيا۾ 'ٻڏل' رهندي، اُن کي ڪا بہ معنيٰ نہ ڏيئي سگهڻ ڪري، 'حال' کان مغلوب رهندي، 'اڄ' ۽ 'سڀاڻي' جو ڪو بہ شعور نہ رکي سگهڻ ڪري، حيوان اڻ تاريخي جيو آهن. هنن جي اڻ تاريخي جيوت 'دنيا' ۾ ڪا نہ ٿي گذري 'دنيا' جي جيڪا اصل معنيٰ آهي اُها ونجي ٿي تہ: هڪ حيوان لاءِ دنيا 'نہ آءُ' جهڙي يا 'آءُ کان الڳ' ڪا شيءِ ڪانهي، جنهن ۾ اُهو مخصوص يا نرالو هڪ 'آءُ' هجي سگهي. انساني دنيا، جيڪا تاريخي آهي، اُها بہ حيوان جي 'پاڻ ۾ گم' هستيءَ لاءِ باقيات وانگر ٿي، رڳو هڪ 'پَر' آهي. حيوان لاءِ جا ڪجهہ هيءَ سڄي ڪائناتي يا دنيائي'بناوت' سامهون آهي، ڪنهن 'سڏ' جو ڪنهن 'للڪار' جو ڪم نٿي ڏئي، هو رڳو اُن ۾ چُرن پُرن ٿا. هنن جي جيوت جوکم کڻندڙ جيوت نہ آهي. ڇو تہ جوکم کڻڻ جو هنن کي شعور ڪونهي. هنن لاءِ جوکم ڪا 'سڏيندڙ' هڪل يا للڪار نہ آهي، جيڪا ڪنهن سوچ کانپوءِ قبولجي. خطري کي يا جوکم کي رڳو هو اُن جي نشانين تي سڃاڻن ٿا؛ انهيءَ ڪري هُنن کي اُن لاءِ ڪنهن 'فيصلي' تي مبني جواب يا رد عمل جي ضرورت نہ هوندي آهي.

نتيجي طور حيوان ڪڏهن بہ پاڻ سونپي يا سُپرد ڪري نہ سگهندا آهن. هنن جي اڻ۔ تاريخي حالت کين زندگيءَ سان لنؤن لائڻ نٿي ڏئي.

چاڪاڻ ته هو اُنسان لنئون لائي نٿا سگهن. ان ڪي هو ٿاهي به نٿا سگهن؛ ۽ جيڪڏهن هو اُن ڪي ٿاهي نٿا سگهن، ته اُن جي بناوت ۾ يا حالات ۾ ڪا به تبديلي به نٿا آڻي سگهن ۽ نه ئي هو ايترو ڄاڻي سگهن ٿا ته زندگيءَ هٿان برباد به ٿيڻو آهي، ۽ نه ائين برباد ٿيڻ هو محسوس به ڪن ٿا. چاڪاڻ ته هو دنيا کي، پنهنجي رهڻي 'پر' کي، وڌائي، هڪ بامعنيٰ ۽ علامتي دنيا شماري نٿا سگهن. جنهن ۾ تهذيب ۽ تاريخ به اچي وڃن ٿيون. نتيجي طور، حيوانَ پاڻ کي وڏيڪ حيوان، بهتر حيوان، بنائڻ لاءِ پنهنجي بناوت کي، پنهنجي دنيا کي، وڏيڪ حيوانِ نٿا بنائين- ۽ نه ئي هو پاڻ کي 'حيوان کان گهٽ ئي ڪن ٿا.' جهنگل ۾ به هو اُهڙا ئي' پاڻ تائين محدود هستيون'، 'پنهنجي پاڻ ۾ گم' رهن ٿا- اُتي به اُهڙا ئي حيوان جهڙا، جيئن چڙيا گهر ۾.

اِن جي ابتڙ، ماڻهو پنهنجي مصروفيت کان، ڪار ڪرت کان، ۽ دنيا جنهن ۾ هو موجود آهن، اُن کان با خبر آهن، هو جيڪي مقصد رٿين ٿا، انهن جي پوئواريءَ ۾ ڪم ڪن ٿا، سندن فيصلن جو مرڪز هو پاڻ آهن ۽ دنيا سان ۽ ٻين سان سندن تعلقات سندن فيصلن جا ميدان آهن؛ ۽ هو دنيا کي پنهنجي تخليقي وجود سان- ۽ ان تبديليءَ جي وسيلي جيڪا هو اُن ۾ آڻين ٿا- سدا سرگرم ۽ اُتساهيل رکن ٿا. حيوانن جي ابتڙ هو رڳو جيئن نٿا، پر پنهنجو وجود رکن ٿا؛ (26) ۽ سندن وجود تاريخي آهي. حيوان پنهنجيون زندگيون هڪ غير دنيائي، بي سواد، هڪ ئي طرح جي 'پر' تي گذارين ٿا؛ انسان جنهن دنيا ۾ وجود رکن ٿا، اُن کي دائمي طور نئين سِر ٺاهيندا ۽ بدلائيندا رهن ٿا. حيوانن لاءِ 'هتي' فقط رهڻ جو هنڌ يا جُوءِ آهي، جنهن سان هو واسطي ۾ اچن ٿا؛ انسان لاءِ 'هِتي' نه رڳو هڪ طبعي هنڌ پر هڪ تاريخي وسعت به آهي.

سچ پچ ته 'هتي'، 'هاڻي'، 'هتي'، 'سڀاڻي'، ۽ 'ڪالهه' حيوان لاءِ ڪا معنيٰ نٿا رکن، بلڪ هُن جو ڪو وجود ڪونهي. چو ته حيوان جي زندگي خود شعور کان وانجهيل هئڻ سبب، ڪُلي طور هڪ مٿي ۽ اڳ مقرر يا پائبند آهي، حيوان اُهي حدون لتاڙي نٿا سگهن، جن ۾ 'هِتي'، 'هاڻِي'، يا 'هتي' ڪين جڪڙي رکيو آهي.

ماڻهو بهرحال، چاڪاڻ تہ پاڻ کان ۽ انهيءَ ڪري، دنيا کان باخبر آهن- چاڪاڻ تہ هو باشعور وجودآهن- حدن جي پابندين ۾ خود پنهنجي آزاديءَ جي وچ ۾ هو هڪ قسم جي جدلياتي نسبت يا تعلق ۾ رهن ٿا. جيئن هو دنيا کي هڪ ٻي شيءِ سمجهي، پاڻ کي اُن کان اُلگ ڪن ٿا، جيئن هو پاڻ کي پنهنجي مصروفيت يا ڪم کان الگ ڪن ٿا، جيئن هو پنهنجن فيصلن جو مرڪز پاڻ ۾ ۽ دنيا سان ۽ ٻين ماڻهن سان پنهنجن لاڳاپن جي ميدانن ۾ موجود ڏسن ٿا، تيئن ئي هو اُنهن پنهنجين ’حدودي حالتن‘ (27) تي غالب پون ٿا، جيڪي کين حدن اندر جڪڙي رکن ٿيون.هڪ ڀيرو جڏهن ماڻهو ڏسن ٿا تہ هي حالتون هُنن لاءِ زنجير آهن، سندن آزادگيءَ جي آڏو روڪ آهن، تہ اُهي حالتون سڄي پس منظر کان ڌار ٿي، موجود حقيقت جي سچين پچين تاريخي صورتن طور، پنهنجي سچي پچي روپ ۾ هنن جي سامهون پڌريون ٿي اچي بيهن ٿيون. ماڻهو پوءِ، رد عمل طور، آهن جي للڪار جو، پنهنجي عمل يا عملن سان، جواب ڏين ٿا، جن عملن کي ويرا پنٽو (Vieira pinto) ’حدودي۔عملَ‘ سڏي ٿو: يعني اُهي عمل، جيڪي ’موجود‘ کي چپ چاپ قبولڻ بدران اُن کان بغاوت، اُن جي نفيءَ ۽ اُن تي غالب پوڻ لاءِ ڪيا وڃن ٿا.

اِن طرح، حدودي حالتون جيئن اُهي آهن، خود بخود، نراسائيءَ جي فضا پيدا نٿيون ڪن، پر جيئن ماڻهو اُنهن کي، ڪنهن خاص تاريخي گهڙيءَ ۾، ڏسن ٿا يا سمجهن ٿا، اُن مطابقي اُهي پنهنجو اثر پيدا ڪن ٿيون- يعني ڇا، اُهي پيرن جي ٻيڙين ۽ جسم جي زنجيرن سامان سمجهيون وڃن ٿيون، جيڪي لاهڻا آهن، ٽوڙڻا آهن، يا اهڙن ڪن اڏول بندن ۽ اجيت ڪوٽن وانگر سمجهيون وڃن ٿيون، جن کي ٽپي اڳتي ٿيڻ ۽ پار ڪرڻ ناممڪن آهي! ۽ ڇا ڪاڻ تہ عمل ۾ تنقيدي سوچ ۽ شعور موجود هجي ٿو انهيءَ ڪري عمل دوران اميد ۽ ڀروسي جي هوا گهلي ٿي، جيڪا ماڻهن کي اڳتي نِئي ٿي ۽ هو وڏي حدودي- حالتن تي غالب پوڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اِهو عمل جو مقصد، عمل جي جاري رکڻ جو مقصد، خود بہ فقط سچيءَ پچيءَ تاريخي حقيقت سان مُنهن- مقابل ٿيڻ ۽ هٿ اٽڪائڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿو جنهن ئي حقيقت تبديل ٿئي ٿي ۽ اُن سان وابستہ حالتون رد ٿين

ٿيون، ريئنجن ٿيون، تيئن نيون حالتون پڌريون ٿين ٿيون.جيڪي پاڻ پنهنجي واري تي وري نئين حدودي عمل، نون حدودي عملن. لاءِ للڪار جو ڪم ڏين ٿيون.

حيوانن جي 'پَرَ'واريءَ دنيا ۾ اُن جي اڻ- تاريخي خصلت سبب. حدودي- حالتون موجود ئي ڪين ٿين. ساڳيءَ طرح، حيوان حدودي- عمل اختيار ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم هجن ٿا. ڇو تہ اُن لاءِ ضروري آهي تہ اول دنيا ڏانهن هڪ فيصلہ ڪُن رويو هجي: يعني دنياکي پاڻ کان الڳ هڪ شيءَ سمجهيو وڃي، تہ جيئن اُن سان هٿ آتڪايو وڃي ۽ اُن کي بدلايو وڃي، پنهنجي 'پَرَ' سان پوريءَ طرح ڇنبڙيل هجڻ سبب. حيوان پنهنجي پاڻ ۽ دنيا ۾ ڪو فرق ڪو نہ ٿا ڏسن. انهيءَ ڪري، حيوان حدودي حالتن کان، جيڪي تاريخي نوع جون هجن ٿيون، پاڻ تي ڪا روڪ يا پابندي ڪو نہ ٿا ڏسن. هُنن تي جيڪا ڪجهہ روڪ يا حدبندي آهي، سا سڄي سندن 'پَرَ' جي آهي. ان طرح حيوانن لاءِ جوڳو ردعمل پنهنجي 'پَرَ' سان ڪنهن لاڳاپي پيدا ڪرڻ جو نہ (ڇو تہ اُن حالت ۾ سندن 'پَرَ' ڦري کائنن جدا هڪ دنيا ٿي پوندو) پر اُن سان پاڻ کي نهڪائڻ جو ٿئي ٿو.ائين جڏهن حيوان ڪو آکيرو ڪو مانارو يا ڪو ڏوڙ بنائين ٿا، تہ هو اُهي ڪي شيون ڪو نہ ٿا جوڙين يا اُپائين، جيڪي سندن حدودي عملن جو نتيجو هجن. يعني اُهي جيڪي سندن ڪن تبديل ڪندڙ جوابي رد عمل جو نتيجو هجن. هنن جو اُپتڪاري (پيداواري) عمل سندن هڪ طبعي ضرورت جي پورائيءَ جي ماتحت آهي، جيڪا ضرورت ڪين رڳو ڇوري ٿي، 'گرمائي ٿي'- ميڪانيڪي طور-اُها ڪين هو ڪاري يا للڪاري ڪا نہ ٿي، جنهن ۾ هو ڪنهن 'فيصلي' تي اچي ڪين اُهو ڪجهہ ڪن، جو هو ڪن ٿا. 'حيوان جي اُپت سڌي اُن جي طبعي جسم سان واسطيدار آهي، پر ماڻهو پنهنجي اُپت سان آزادانہ واسطي ۾ رهي ٿو.'*

فقط اُها اُپت جا ڪنهن جيوَ جي ڪم جو نتيجوآهي، پر سڌيءَ طرح رڳي سندس طبعي جسم لاءِ يا اُن سان ئي واسطيدار نہ آهي (جيتوڻيڪ اُن ۾ اُن

---

* مارڪس، 1844ع جا مخطوطات. (ڊرڪ اسٽروڪ جي ايڊيشن)

جي خاصيت تہ موجود هجي سگهي ٿي)، اُها ئي اُپت. اُن جي پاڻ کان الڳ، سچِي ٻاهر لاءِ ڪا معنيٰ رکي سگهي ٿي، جيڪا ائين دنيا جو پوءِ حصو بڻجي ٿي. ڪو جيوُ جيڪو اهڙيءَ اُپت جي صلاحيت رکي ٿو (جو انهيءَ ڪري لازمي طور پنهنجي پاڻ کان باخبر آهي، ۽ پاڻ پنهنجي سِر هڪ هستي آهي)، اُهو اُن ڪانپوءِ هُجِي ئي نٿو سگهي، جيڪڏهن دنيا سان، جنهن سان لاڳاپو رکي ٿو پنهنجي هجڻ جي سلسلي ۾ هو مصروف نہ آهي؛ بلڪل ائين جيئن اُها 'دنيا' بہ پوءِ هُجي نٿي سگهي، جيڪڏهن هِن جيوَ جو اُن ۾ وجود نٿو رهي.

حيوان، جيڪي پنهنجي پاڻ ڪان پري ٿي، ڪا شيءِ پيدا نٿا ڪري سگهن، ۽ انسان، جيڪي ئي ائين ڪن ٿا ۽ دنيا کي پنهنجي عمل جو نشانو بڻائي، تهذيب ۽ تاريخ ٺاهين ٿا- تن جي وچ ۾ فرق هيءُ آهي تہ فقط انسان ئي سچي عمل جا، هوشمند عمل جا، تدبير جا مالڪ آهن. اِن جي معنيٰ تہ فقط انسان ئي تدبير آهن- اُها تدبير جيڪا سوچ ۽ عمل جو مرڪب ٿي ڪري، حقيقت کي واقعي تبديل ڪري ٿي، جيڪا ئي، انهيءَ ڪري، علم ۽ تخليق جو سرچشمو آهي. حيواني مصروفيت، جيڪا تدبير نہ آهي، ڇو تہ اُها وچ ڪان خالي هجي ٿي ۽ تبديل ڪندڙ نہ آهي، تخليقي نہ آهي؛ انسان جي مصروفيت جيئن تہ تبديل ڪندڙ آهي، تخليقي آهي.

تبديل ڪندڙ ۽ تخليقي هستين طور، انسان حقيقت سان دائمي لاڳاپيل رهندي، نہ رڳي مادي سامانَ بجنسي شيون- جوڙين ٿا، پر سماجي ادارا، خيال ۽ تصور بہ تخليق ڪن ٿا. پنهنجي لڳاتار تدبير سان، انسان ساڳئي وقت تاريخ بہ جوڙين ٿا، ۽ پاڻ بہ وڏيڪ سالم ۽ ڪامل تاريخي- سماجي، هستيون بنجندا رهن ٿا. ڇا ڪاڻ تہ حيوانن جي ابتڙ انسان وقت کي ٽن ماپن- ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ورهائي سگهن ٿا، سندن تاريخ سندن خود جي تخيلقات جي عملي مظهرن سان تبديليءَ جي هڪ دائمي سلسلي طور، وڌي ٿي ۽ اُن ۾ اُن جي دورن جون، جڳن جون، اڪائيون وجود وٺن ٿيون. هي دورن جون اِڪائيون، بهرحال، مدتن جا، وقت جا، ڪي وڏيل گهڙيل ڳتڪا نہ آهن- بند ڪمرن وانگر، جن ۾ ماڻهو پوريل هجن. جي ائين هجي، تہ سانده رفتار جيڪا تاريخ جي بنيادي خصوصيت آهي، سا هوند ختم ٿي

وجي. هي دورن جون اِڪائيون تاريخ جي ان ساندهه رفتار جي زنجير ۾ هڪ ٻئي سان پاڻ وڏيڪ پختيون ڪڙيل رهن ٿيون.

هڪ دؤر مخصوص هجي ٿو انساني خيالن، تصورن، اميدن، شڪن، قدرن ۽ مسئلن جي هڪ پوري مانداڻ تي، ڪشمڪش ۾ مصروف هجن ٿا، ۽ پنهنجي تڪميل جي طلب ڪن ٿا. هِنن مان اڪثر خيالن، قدرن، تصورن ۽ اميدن جون عملي صورتون، ۽ پڻ اُهي عناصر يا قوتون جيڪي انسان جي بهتر انسان بنجڻ جي آڏو روڪ بنجي بيهن ٿيون-اِهي اُن 'دؤر جا مامرا' آهن.انهن مامرن سان انهن جا ابتڙ يا متضاد ٻيا مامرا به موجود هجن ٿا، جيڪي پڻ ڪنهن جاڪوڙ ڪنهن ڪوشش، ڪنهن ڪم جي تقاضا ڪن ٿا.انهيءَ طرح تاريخي مامرا ڪڏهن به هيڪلا، ڏار ڏار بي تعلق يا بيٺل ۽ جامد نه هوندا آهن، اهي هميشه پنهنجن مخالف مامرن سان جدلياتي هڻ وٺ يا اثر اندازيءَ جي عمل ۾ ورتل هوندا آهن. ۽نه ئي هي مامرا، وري انسان ۽ دنيا جي لاڳاپيل دائري کان ٻاهر ٿئي ڪنهن هنڌ ملي ٿا سگهن. هڪ دؤر جي هڪٻين تي اثر انداز ٿيندڙ هنن مامرن کي اُن دؤر جي 'مامرن جي دنيا' سڏجي ٿو.

هِن جدلياتي تضادن ۾ ورتل 'مامرن جي دنيا' سان مقابل رهنديءَ ماڻهو پاڻ به اهڙيون متضاد جايون(متضاد مؤقف) وٺي بيهن ٿا: ڪي ڪوشش ڪن ٿا ته ستاءَ (يا نظام) قائم رهن، ٻيا انهن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هي مامرا، جيڪي حقيقت جا اظهار آهن، تن جي وچ ۾، جيئن مخالفتون يا تضاد اونها ۽ شديد ٿين ٿا، تيئن مامرا ۽ پڻ حقيقت پاڻ کي ديوَمالائي، يعني ڪوڙا، خيالي، روپ ڏيڻ جو رخ اختيار ڪن ٿا، ۽ ائين عدم مقبوليت ۽ گروهه پسنديءَ جي فضا قائم ٿئي ٿي. هن فضا ۾ مامرا پنهنجي سچي ۽ اصلي اهميت ۽ مخصوص جاندار نوعيت وڃائي بيهن ٿا ۽ اُن حالت ۾ اُها ديوَ مالائي، اُناءَ ۽ غبار پيدا ڪندڙ عدم معقوليت خود ئي هڪ بنيادي مامرو بنجي پوي ٿوي. اُن جو مخالف مامرو يعني دنيا جو تنقيدي، معقول، باعمل نظريو حقيقت ۽ اُن جو ديوَ مالائي چڪمي جي پردي کول ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ائين انساني منصب جي پوري تڪميل حاصل

ڪرڻ گهري ٿو- يعني حقيقت جي دائمي تبديلي، جيڪا انسانن جي آزادگي لاءِ سدا ڪارساز ۽ مفيد رهي.

مطلب تہ مامرا(28) حدودي حالتن ۾ ۽ حدودي حالتون مامرن ۾ ڦاٿل آهن، عمل انهن لاءِ جيڪي تدارڪ لازمي آهن، اُنهن کي حدودي- تدارڪ يا حدودي عمل(Limit Acts) چئجي ٿو. جڏهن مامرا حدودي- حالتن هيٺ ڍڪجي وڃن ٿا ۽ صحيح طور سڃاڻجي نٿا سگهن، تڏهن اُنهن جي سلسلي ۾ گهربل تدارڪ- تاريخي عمل جي صورت ۾ ماڻهن جو جوابي تدارڪ- بہ صحيح طور نہ رڻجي ۽ نہ پوريءَ سوچ سان عمل ۾ اچي سگهي ٿو.هن صورتحال ۾ ماڻهو حدودي حالتن کي پار ڪري، اڳتي وڌي ئي نٿا سگهن، جو کين معلوم ٿي سگهي تہ انهن حالتن کان اڳتي، انهن جي ابتڙ، ڪي اڻ آزمايل ممڪنات موجود آهن.

تورن لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو تہ حدودي حالتن ۾ هڪڙا ماڻهو اُهي ٿين ٿا جن لاءِ اُهي حالتون سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح فائدي واريون هجن ٿيون ۽ ٻيا ماڻهو اهڙا ٿين ٿا جن لاءِ اُهي حالتون پيرن جا زنجير آهن ۽ اُهي اُنهن کي ڇُرڻ نٿيون ڏين. جيئن ئي هي پوئينءَ سٻيل جا ماڻهو هِنن حالتن لاءِ محسوس ڪن ٿا تہ اُهي، سندن هئڻ ۽ بنهہ نہ هئڻ جي وچ ۾ نہ پر هئڻ ۽ بهتر انسان ٿيڻ جي وچ جي ديوار بڻجي بيٺل آهن تہ هو پنهنجي اُن پروڙ ۾ جيڪا 'اڻ آزمايل ممڪنات' موجود ڏسن ٿا. اُن جي حاصلات ڏانهن جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پنهنجي تدبيري عملن جو رخ موڙين ٿا. ٻئي پاسي، جن ماڻهن لاءِ موجود حدودي- حالت فائدي واري هجي ٿي. اُهي اُنهيءَ 'اڻ آزمايل ممڪنات' کي پنهنجي لاءِ هڪ خطرناڪ حدودي حالت سمجهن ٿا. جنهن کي هرگز وجود ۾ اچڻ نہ ڏبو ۽ جيئن صورتحال موجود آهي.اُها ائين ئي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪبي. انهيءَ ڪري، لازم آهي تہ تاريخ جي دنيا ۾ آزادگيءَ جون ڪوششون نہ رڳو اڻ آزمايل ممڪنات مطابق ۽ موجود مامرن جي ڏانءَ جون هجن. پر جنهن طرز ۽ طريقي سان اُهي مامرا سمجهيا ۽ پروڙيا وڃن ٿا، سڀ اُهي ڪوششون انهيءَ طرز ۽ طريقي جي عين مطابق هجڻ کپن. ۽ ان لاءِ اهڙي ئي ٻي عين ضرورت هيءَ پيدا ٿئي ٿي تہ اول اُن موجود مامرن جي دنيا جي پوري تحقيقات ڪئي وڃي.

موجود مامرا، سرگرم مامرا، للڪاريندڙ مامرا، هم مرڪز دائرن ۾۔ عام ڳالهين منجهان اڀرندي، خاص ڳالهين ڏانهن ويندڙ۔ ڏسي سگهجن ٿا. انهن جو وسيع ۾ وسيع دائرو عالمي نوعيت جي مامرن جو دائرو آهي. جنهن ۾ ڪيئي ننڍا دائرا ۽ اُنهن کان ننڍا دائرا ۔ وڏن کنڊن، جاگرافيائي علائقن، ملڪن وغيره سان نسبت رکندڙ۔اچي وڃن ٿا، هن سلسلي ۾ اسان جي دؤر جو بنيادي مامرو منهنجي خيال ۾ بالادستيءَ جو حاڪميت جو تسلط جو مامرو آهي. تنهن جي معنيٰ تہ اُن جو متضاد مامرو آزادگي آهي، نجات آهي، جيڪا حاصل ڪرڻي آهي. اهو ئي گهاٽو اسان جي دؤر جي انساني حالت جو خاص نشان آهي. اڄ جي انسان لاءِ بهتر انسان هجڻ جي راهہ جيڪا انسان کي حيوان بنائيندڙ هِن عالمي پيماني جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي مقابلي ۾ اُن کي ختم ڪرڻ جي راهہ آهي. اُن تي اڳتي وڌڻ لاءِ ازحد ضروري آهي تہ اڄ جون حدودي حالتون، جن ۾ انسان محض تجارتي شين، استعمال ۾ ايندڙ شين، جي درجي تي وڃي بيٺا آهن، تن حالتن تي سوڀ پائجي، انهن کي ختم ڪجي.

ننڍن دائرن ۾، اسين اُهي مامرا ۽ حدودي حالتون ڏسي سگهون ٿا.جيڪي (ساڳئي کنڊ ۾ رهندڙ يا مختلف کنڊن ۾ رهندڙ) اُنهن سماجن جون خصوصيتون آهن، جن سماجن ۾ انهن مامرن ۽ حدودي۔ حالتن جي صورت ۾ تاريخي هڪ جهڙايون موجود هجن ٿيون. مثال طور، گهٽ ترقيءَ جي صورت، جيڪا محتاج ۽ تابعدار هجڻ جي حالت کانسواءِ کنهن ٻيءَ حالت جي پيدوار طور سمجهہ ۾ نٿي اچي سگهي، هڪ اهڙيءَ حدودي حالت جو ڏس ڏئي ٿي جيڪا 'ٽين دنيا' جي سيني سماجن جي خصوصيت آهي، هيءَ حدودي حالت جيڪو فرض يا عمل(حدودي عمل) عائد ڪري ٿي، سو هيءَ آهي تہ هنن 'زبردست' سماجن ۽ ان داتائي' بالادست' سماجن جي وچ ۾ موجود تعلق جو خاتمو آندو وڃي. هيءَ عمل ٽينءَ دنيا لاءِ ۽ اُن جي آڏو آزاديءَ جي 'اڻ آزمايل ممڪنات ' جي صورت روشن ڪري ٿو.

هرڪو سماج، ڏور جي وسيع مامرائي دائزي ۾ رهڻ سبب، عالمي، براعظمي يا تاريخي مشترڪ مامرن سان گڏ، پنهنجا خاص مامرا ۽ پنهنجون خاص حدودي حالتون، بہ رکي ٿو اُن کان بہ ننڍا دائرا، مامرن جي

جدا جدا صورتن جا، ساڳئي سماج ۾ بہ موجود ڏسي سگهجن ٿا. جيڪي اُن جي مخصوص ايراضين ۽ اُنهن ننڍين ايراضين سان واسطيدار هجن ٿا، ۽ انهن سيني مامرن جو ٿورو يا گهڻو ان جي سڄي سماجي سٽاءَ يا نظام سان لاڳاپو هجي ٿو. هي سڀ هڪ ڏؤر جا ننڍا ننڍا مامرائي دائرا شمار ٿين ٿا. مثال طور، هڪ ئي قومي دائري ۾ 'گڏوگڏ رهندڙ غير همعصري گذران' جا تضاد موجود ڏسي سگهجن ٿا.

هِنن ننڍن دائرن جي اندر قومي مامرا پنهنجيءَ پوري ۽ ۽ سچيءَ اهميت سان ڏسي سگهن ٿا، ۽ نہ بہ ڏسي سگهن، يا اُهي فقط محسوس ئي ٿي سگهن ٿا، ۽ ڪڏهن تہ اُهي رڳو ايتري قدر بہ پڌر نہ ٿا پون. پر هنن ننڍن ننڍن دائرن ۾ مامرن جو وجود ئي نہ هجڻ بلڪل ناممڪن آهي.ڪنهن خاص ايراضيءَ ۾ ماڻهو پنهنجي 'حال' جو ڪو سرگرم مامرو نٿا ڏسن يا ڪنهن بگڙيل صورت ۾ هو ڏسن ٿا.اِها صورت ڏاڍ جي، ظلم جي، هڪ حدودي حالت جو ڏس ڏئي ٿي، جنهن ۾ سمجهي سگهجي ٿو تہ اُتان جا ماڻهو اجا گرفتار آهن.

عام طور، مغلوب شعور، جيڪو اجا حدودي حالت ڪي اُن جي پوريءَ صورت ۾ سمجهي نہ سگهيو آهي، ان جي رڳو ڪناريءَ يا ڪنارين جي جهلڪ ڏسي ٿو ۽ اُن جهلڪ ئي سڄي ڏاڍ ۽ ظلم لاءِ ذميدار سمجهي ٿو جيڪو اُن حدودي حالت جي خاصيت آهي.(29) موجود مامرن، سرگرم مامرن جي سمجهڻ ۽انهن جي تحقيق لاءِ اها حقيقت تمام وڏيءَ اهميت جي ڳالهہ آهي. جڏهن ماڻهو پنهنجي حقيقت جي سچي پروڙ يعني سوچيل ويچاريل پروڙ نٿا رکن ۽ ان جي رڳو ٿورن ڪن الڳ الڳ ذرن کان واقف آهن ۽ نٿا ڄاڻن تہ اُهي اُن جا ذرا پرزا ڪيئن گڏجي سڄي حقيقت جي ڪارفرمائيءَ لاءِ ذميوار آهن، تہ ڄاڻ جي اُن ڪيفيت ۾ هو حقيقت کي صحيح طور ۽ سچ پچ سمجهي ئي نٿا سگهن. اُن جي صحيح طور ۽ سچ پچ سمجهڻ لاءِ کين پنهنجي ڄاڻ جي ابتدائي نقطي کي التاٽو پوندو. کين ان جي پوريءَ صورت جو ان جي سڄي ماندڻ جو مشاهدو ڦيريائين ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ ان جا ترڪيبي جزا، يعني ذرا پرزا، الڳ الڳ ڪري ڏسڻا ۽ جانچڻا پوندا، ۽ اهڙيءَ چنڊ ڇاڻ کان پوءِ ئي هو سڄيءَ ان حقيقت جي پوريءَ سمجهہ حاصل ڪري سگهندا.

اهڙيءَ حالت ۾ بهرحال، جڏهن ماڻهن لاءِ حقيقت اهڙيءَ گهگهه اونداهه ۾ گهيريل هجي، جو اُن کي هٽائي سگهجي ۽ ان ۾ ڪا جهاتي پائي سگهجي، تڏهن بيحد ضروري ٿئي ٿو ته پنهنجي تحقيق ڪي نظري اصولن جي روشني ۾ اڳتي وڌائجي. تحقيقت ڪي نظري اصولن جي خال جي صورت ڏيڻ جي برابر نه آهي (ائين ڪرڻ سان ته واقعي حقيقت جي جدلياتي نوعيت جي نفي ٿيندي): پر هِن طريقي سان ته پاڻ مامري جي حقيقت ۽ خيال جا بيئي جزا هڪ ٻئي جي مقابل بيهاري سگهبا ۽ ائين سوچ جي عمل ۾ انهن جو جدلياتي تعلق بحال رکي سگهبو. سوچ جي هِن جدلياتي عمل جو مثال ڪهڙيءَ به هڪ حقيقي، وجودي، پر مبهم (لڪل) حالت جي ڇنڊڇاڻ ۾ برابر ڏسي سگهجي ٿو. اهڙي ابهام يا لِڪ کي کولڻ ۾ اسان کي لازمي طور خيال کان حقيقت ڏانهن وڃڻو پوندو آهي: جنهن ۾ اسين جُز کان هلي ڪُل ڏانهن وڃون ٿا ۽ وري جز ڏانهن موٽون ٿا. جيڪڏهن هيءَ پردي- ڪول نيڪ نيڪ طرح ٿئي ٿي، ته هيءَ خيال کان حقيقت ڏانهن موٽ جو عمل جيڪو لڪل يا آڃاتل حالت جي کولڻ ۽ پڌري ڪرڻ جو ڪم ڏئي ٿو، اُن ۾ نِري خيال تي تنقيدي تور تڪ نيٺ به مقدم يا اڳري رهي ٿي-ڇو ته حقيقت جو نِري خيال جي غير شفاف پردي مان نڪري ٻاهر اچڻ وري به اُن تنقيدي تورتڪ جو ئي نتيجو ليکي سگهبو.

حقيقت جي پردي کول جي سيني منزلن تي، ماڻهو دنيا بابت پنهنجي ڄاڻ جي اظهار جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ جنهن رستي سان به هو دنيا بابت سوچين ٿا ۽ اُن کي مُنهن ڏين ٿا- تقديري، تحريڪي يا جمودي- ساڻن تعلق رکندڙ سرگرم مامرا دريافت ٿي سگهن ٿا. ڪو گروهه جيڪڏهن پنهنجا مامرا ڄاڻي نٿو سگهي يا ظاهر نٿو ڪري- جنهن مان اِهو اندازو ٿئي ته سندن ڪي به مامرا ڪونهن- ته ائين چئبو ته اُهو گروهه انهيءَ طرح به پنهنجي هڪ ڊرامائي مامري جو اظهار ڪري ٿو. چپ چپات جي مامري جو ماڻ جي مامري جو. هيءَ ماڻ جو مامرو سچو پچو ثبوت هجي ٿو حالتن جي غالب قوت جي آڏو عام زبان بنديءَ جي نظام جو جنهن ۾ في الحال سيني جا چپ سبيل ٿي هوندا آهن.

آءٌ وري بہ پوري زور سان ائين چوندس تہ سرگرم مامري جو وجود نہ انهن ماڻهن ۾ نظر اچي ٿو سگهي، جيڪي حقيقت کان ڪٽيل آهن، ۽ نہ اُن حقيقت ۾ جيڪا ماڻهن کان ڪٽيل آهي، ۽ نہ ئي ڪنهن اهڙي دائري ۾ جنهن سان ڪنهن جو ڪو واسطو نہ هجي. اُهو فقط ماڻهن ۽ دنيا جي وچ ۾ سچ پچائڻ متحرڪ تعلقات جي دائري ۾ ڏسي ٿو سگهجي. ڪنهن سرگرم مامري جي تحقيق ڪرڻ جي معنيٰ آهي حقيقت بابت ماڻهن جي سوچ ۽ حقيقت بابت ماڻهن جي عمل جي تحقيق ڪرڻ ۽ اُها سوچ ۽ عمل جي گڏيل ڪار گذاري ئي ماڻهن جي تدبير آهي، ماڻهن جو سچو عمل آهي،بلڪل انهيءَ ئي سبب ڪري تحقيق جي پختي ۽ آزمايل راهہ تقاضا ڪري ٿي تہ تحقيق ڪرڻ وارا (محقق) ۽ ماڻهو (جن کي رواجي طور تحقيق جون محض 'شيون' سمجهيو ويندو آهي) ٻيئي پاڻ ۾ ساٿي۔ محقق بنجي، ان راهہ تي اڳتي وڌن، جيترو وڌيڪ چست ۽ سجاڳ رخ ماڻهو پنهنجي مامرن جي تحقيق بابت اختيار ڪندا، اوترو وڌيڪ تيز ۽ اونهو حقيقت بابت پنهنجي شعور کي هو بنائيندا، ۽ ائين پنهنجن مامرن کي سڃاڻڻ سان هو حقيقت تي قابض ٿيندا.

ڪي شايد ائين سوچين تہ ماڻهن کي سندن پنهنجن اهم ۽ با مقصد مامرن جي تحقيق ۾ شامل ڪرڻ نامناسب ٿيندو، ڇو تہ ماڻهن جو دخل اندازيءَ وارو اثر (جيڪي پنهنجي تعليم ۾ سڀ کان وڌ دلچسپي رکن ٿا، يا اُنهن کي اُها رکڻ کپي، اُن ڪم ۾ اُنهن ئي جي 'دخل اندازيءَ' جي ڳالهہ بہ عجيب ڳالهہ ڇئبي!) تحقيق جي نتيجن کي 'ڦٽائي' ڇڏيندو ۽ اُن ڪري تحقيق جي غير جانبداري ختم ٿي ويندي! هيءُ خيال يا انديشو انهيءَ غلط مفروضي تي ٻيٺل آهي تہ مامرا پنهنجي بنيادي خارجي اصليت ۾ ماڻهن کان الڳ بہ موجود هجن ٿا۔ ڄڻ تہ مامرا بہ ڪي شيون آهن! پر سچ پچ، مامرا خود ماڻهن جي سلسلي ۾ ئي يعني دنيا سان ماڻهن جي لاڳاپن ۽ بجنسي حقيقتن جي حوالي سان ئي، موجود هجن ٿا. اُهي ئي خارجي حقيقتون، دؤرن جي مختلف مامرائي دائرن ۾ موجود ڳالهين يا سرگرم مامرن جا مختلف انداز ۽ سٿاءَ سامهون آڻي سگهن ٿيون. انهيءَ ڪري هڪ موجود خارجي حقيقت (اُن حقيقت بابت جيڪا ماڻهن کي پروڙ آهي، اُن پروڙ) ۽ اُن جي سرگرم مامرن جي وچ ۾ سڌو ۽ اٽوٽ لاڳاپو هجي ٿو.

اسان کي معلوم هجڻ کپي تہ اهم ۽ بامقصد مامرن ۾ جيڪي تمنائون، ترغيبون ۽ ڪارڻ آهن، اُهي بيجان يا جامد ڪن شين وانگر، انساني دنيا کان 'ٻاهر ڪٿي' موجود نہ هوندا آهن: اهي پنهنجي اظهار ۽ اثر ۾ لڳاتار سرگرم رهن ٿا. اُهي اِهڙائي تاريخي نوعيت جا آهن جهڙا ماڻهو پاڻ آهن: انهيءَ ڪري اُنهن جو وجود ماڻهن کان سواءِ ۽ ماڻهن کان ڌار مغز ۾ ويهي ئي نٿو سگهي، هِنن مامرن کي مغز ۾ ويهارڻ ۽ سمجهڻ معنيٰ تہ ماڻهو جن جا اِهي مامرا آهن، تن کي، ۽ اُن حقيقت کي جنهن ڏانهن اُهي اشارو ڪن ٿا، اُن کي، مغز ۾ ويهارڻ ۽ سمجهڻ پر- بلڪل انهيءَ ئي ڪري، جو ماڻهن کان ڌار انهن کي سمجهي نٿو سگهجي-خود انهن ئي ماڻهن لاءِ بيحد ضروري آهي تہ اُهي بہ اُنهن کي سمجهن. مامرن جي تحقيق، ائين پاڻ کان ۽ پڻ حقيقت کان با خبر ٿيڻ جي هڪ مشترڪ ڪوشش آهي- ۽ اِهو ئي اسان جي تعليمي سلسلي جو ابتدائي نقطو آهي، جنهن کي اسين آزادگي ڏيندڙ۽ آزادگي ڏياريندڙ تهذيبي عمل چئون ٿا.

هن تحقيق مان سچو پچو خطرو اِهو نہ آهي تہ ماڻهو- رواجي طور جن کي تحقيق جون محض 'شيون' ئي فرض ڪيو وڃي ٿو- متان پاڻ کي ساٿي-محقق سمجهندي، تحقيق جي نتيجن کي ڦِٽائي ۽ اُنهن جي 'غير جانبداريءَ' ۾ خلل پيدا ڪري وجهن. خطرو تہ سچ پچ هيءُ آهي تہ تحقيق هلندي، تحقيق جو مرڪز ماڻهن جي بامقصد مامرن تان هٽي، خود ماڻهن تي نہ وڃي بيهي، ۽ ان طرح ماڻهو هڪ اسان لاءِ واقعي بہ تحقيق جون 'شيون' نہ بنجي وڃن. جيئن تہ هيءَ تحقيق هڪ تعليمي پروگرام (نصاب) جي تياريءَ لاءِ بنياد مهيا ڪرڻ لاءِ آهي. جنهن ۾ استادُ- شاگردَ استادَ گڏجي ساڳيءَ هڪ نہ ٻيءَ ڳالهہ جي تورتڪ ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهيءَ ڪري تحقيق خود بہ تلاش ۽ تنقيدي عمل جي باهمي ڏي وٺ تي مبني هجڻ ضروري آهي.

مامرن جي تحقيق، انساني دائري جو هڪ عمل آهي: اُها گهٽجي، هڪ ميڪانيڪي عمل جي صورت وٺي نٿي سگهي. تنقيد جي، عمل جي ۽ انهيءَ ڪري تخليق جي، هڪ سلسلي طور اُها تحقيق ڪندڙن کان تقاضا ڪري ٿي تہ هو مسئلن جي وضاحت با مقصد مامرن جي ڳنڍ پيچ ۾ دريافت

ڪن، تحقيق وڌ کان وڌ تعليمي صورت تڏهن وٺندي، جڏهن اُها وڌ کان وڌ تنقيدي هوندي ۽ اُها وڌ کان وڌ تنقيدي صورت تڏهن وٺندي، جڏهن اُها حقيقت بابت اٽپورن يا يڪ طرفن راين جي تنگ خاڪن کان پاسو ڪندي ۽ سچيءَ حقيقت، پوريءَ حقيقت، جي سمجهڻ جي ڪوشش تي محڪم تي بيهندي اهڙيءَ ريت، با مقصد مامرن جي تلاش جي سلسلي سان مامرن جي وچ ۾ ڳانڍاپن جي تلاش کي به شامل ڪرڻو پوندو. ڇو ته مامرا نه رڳو پنهنجيءَ جاءِ تي مسئلا آهن، پر انهن جو هڪ تاريخي تهذيبي پس منظر ۽ دائرو پڻ ضرور آهي.

جيئن اسان جي تعليم ڪار کي ڪو هڪڙو اڳ ٺهيل ٺڪيل پروگرام، جيئن جو تيئن ماڻهو جي اڳيان رکي، بيهي سمجهائڻو نه آهي، تيئن اسان جي محقق کي به تحقيق جون 'منجهيل' راهون پنهنجن ڪن اڳ رٿيل نقطن تان ابتدا ڪندي، پاڻ ئي بيهي سمجهائڻيون ۽ واضع ڪرڻيون ڪينهن. تعليم ۽ پڻ تحقيق جيڪا اُن جو آڌار يا بنياد بنجڻي آهي، بيئي 'هڏڏوڪائيءَ'، 'غمخواريءَ'، 'گهڻگهرائيءَ' جا عمل آهن. اصطلاحن هنن لفظن جي جيئن لفظي معنيٰ آهي تيئن اِن جو مطلب ته اُهي حقيقت جي مشترڪ تجربي ۽ اُن بابت ٻڌڻ ٻڌائڻ جا عمل آهن. حقيقت جيڪا پنهنجي سدا 'ٿيڻ' جي سر انجاميءَ ۾ مصروف ڏٺي وڃي ۽ سمجهي وڃي.

محقق جيڪو سائنسي خارجيت جي نالي ۾ عضوي دار شيءِ کي لوڙڙي ۾ 'جيڪو تي رهيو آهي،' اُن کي 'جيڪي آهي' ۾، زندگيءَ کي موت ۾ بدلائي، پنهنجي آڏو ٿو رکي، اُهو در اصل تبديلي کان ڊڄي ٿو. هو تبديليءَ ۾ زندگيءَ جي علامت نه ٿو ڏسي (اُن جو به انڪار به ڪو نه ٿو ڪري، پر اُن کي چاهي به نٿو. پر موت جي، ابتريءَ جي، علامت ٿو ڏسي. هو تبديليءَ جو مطالعو ڪرڻ چاهي ٿو. پر اُن کي بند ڪرڻ لاءِ، اُن ۾ گهرائي يا سرگرمي آڻڻ لاءِ نه. بهرحال، تبديليءَ کي موت جي علامت طور ڏسندي ۽ ماڻهن کي ائين سمجهندي ته اُهي هن جي تحقيق لاءِ محض ڪي خاموش 'شيون'ئي آهن. ته جيئن اُنهن سان ڪيس پنهنجا ڪي دلپسند چپ چاپ ۽ ٻي عمل نمونا ملي سگهن. هو پاڻ کي زندگيءَ جي دشمن، اُن جي ناس ڪندڙ هڪ ڪردار طور پيش ڪري ٿو.

آءٌ هِن ڳالهہ کي وري دهرايان ٿو: مامرن جي تحقيق اصل ۾ ماڻهن جي سوچ جي تحقيق آهي۔اُها سوچ، جيڪا اُنهن ماڻهن ۾ ۽ انهن ماڻهن جي درميان ڏسجي ٿي، جيڪي گڏجي حقيقت جي تلاش ڪن ٿا. آءٌ ٻين پاران يا ٻين کانسواءِ سوچي نٿو سگهان، نہ ئي ٻيا منهنجي پاران سوچي سگهن ٿا. جيڪڏهن ماڻهن جي سوچ ڀرمي يا ڀولي ڀاوَ واري بہ آهي، تہ بہ جڏهن هو پنهنجين مفروضن تي عمل دوران ٻيهر سوچيندا، تڏهن ئي هو پاڻ کي بدلائي سگهندا: ۽ تبديليءَ جو اِهو سلسلو ائين جاري رهندو. جو هو پنهنجا خيال پاڻ پيدا ڪن، ۽ انهن تي عمل ڪن۔ نہ ائين جو هو اکيون پوري ٻين جا پنهنجا خيال جهٽيندا وتن.

ماڻهو، ’ حال ۾ رهندڙ ‘ هستين طور پاڻ کي دنيوي ميعادي حالتن ۾ ڦاٿل ڏسن ٿا، جيڪي کين اک ۾ رکن ٿيون ۽ جن کي هو اک ۾ رکن ٿا. هِن صورت ۾ هو پنهنجي ’حالت‘ تي ويچار ڪرڻ تي مجبور آهن۔ ڪم از ڪم اُن حد تائين جو حالتون کين مقابلہ آرائيءَ لاءِ للڪارين ٿيون: ماڻهو آهن ڇاڪاڻ تہ هو حال ۾ آهن. ۽ اُهي وڌندا ۽ بهتر ٿيندا، اوتري قدر ئي جيتري قدر هو پنهنجي وجود تي نہ رڳو تنقيدي طور ويچار ڪندا، پر ان تي تنقيدي عمل سان اثر آزما ٿيندا.

حالتن تي ويچارُ خود وجود جي ئي حالت تي ۽ وجود جي شرط تي ئي ويچارُ آهي: در اصل ماڻهوءَ جي اِها تنقيدي سوچ آهي، ۽ اُن وسيلي ئي هو هڪ ٻئي کي ’حل‘ ۾ دريافت ڪن ٿا. فقط تڏهن ئي جڏهن هيءُ سندن حال کين ائين نہ لڳندو ڄڻ اُهو کين گهُگهہ اوندهہ وانگر ويڙهيو بيٺو آهي يا ائين ڄڻ هو ڪنهن بند ڳليءَ ۾ ڦاٿل آهي ۽ ٻي ڪا کين واهہ ڪانهي، ۽ فقط تڏهن ئي جڏهن هو پنهنجي حال کي پاڻ لاءِ خارجي طور هڪ اهو مسئلو سمجهندا جيڪو کين للڪاري رهيو آهي۔ فقط تڏهن ئي هُنن جي من ۾ جيوت جي پريرڻا سان سِر سيتائي جاڳندي ۽ قائم رهندي ماڻهو پنهنجي غرقابيءَ مان اُڀرن ٿا ۽ حقيقت سان نبرڻ جي منجهن صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. فقط تڏهن جڏهن حقيقت سندن آڏو ظاهر ٿئي ٿي. حقيقت سان نبرڻ جو ارادو۔ خود تاريخي شعور۔ ائين غرقابيءَ مان اڀرڻ کان پوءِ هڪ اڳيرو قدم آهي ۽ حال جي سلسلي ۾ ماڻهوءَ جي ضمير جي جاڳڻ جو نتيجو آهي.

اٿين هر مامرائي تحقيق، جيڪا تاريخي شعور کي تيز ڪري ٿي، اونهو ڪري ٿي، سچ پچ هڪ تعليمي عمل آهي. ساڳيءَ طرح هر سچي تعليم انساني سوچ جي تحقيق جو ئي هڪ عمل آهي. تعليم ڪار ۽ ماڻهو جيترو وڌيڪ انساني سوچ ويچار جي تحقيق ڪندا، ۽ اٿين گڏجي پنهنجي جاڻ وڌائيندا، اوترو ئي وڌيڪ هو پنهنجي مشترڪ تحقيق کي جاري رکي سگهندا. اڳتي نيئي سگهندا ۽ اُن مان لاڀ پرائي سگهندا. مسئلن کي آڏو رکندڙ تعليمي نظريي ۾، تعليم ۽ مامرائي تحقيق ساڳئي ئي هڪ سلسلي جا ساڳيا پـ قدم آهن جيڪي هڪ ٻئي جي پوئتان کڄن ٿا.

ڳالهه ٻولهه دشمن ۽ ٻُڌڻ ٻڌائڻ جي مخالف ٻٽنڪاري طريقي تعليم جي 'ڏراوتن' جي ابتڙ 'مسئلن جي آڏو رکندڙ' طريقي جو پروگرامي مواد (نصاب) —جيڪو پوريءَ طرح ڳالهه ٻولهه جو مواد آهي— دنيا بابت شاگردن جي خيال يا رايي سان مرتب ۽ منظم ٿئي ٿو جنهن دنيا ۾ ئي اُنهن جا پنهنجا سرگرم مامرا موجود هجن ٿا. هيءُ مواد، انهيءَ طرح سدائين وڌندو ۽ نيئن کان نئون ٿيبو رهي ٿو. ڳالهه ٻولهه جي طريقي سان ڪم ڪندڙ استادُ جيڪو باهمي ضابطي سان ڪم ڪندڙ تحقيق جي ٽيم (ٻاريءَ) سان گڏ هجي ٿو تنهن جو ڪم آهي تـ مشترڪ تحقيق جي روشنيءَ ۾ پڌر پوندڙ مامرائي دنيا اُنهن ئي ماڻهن جي آڏو 'ورائي پيش ڪري' جن کان اُها هُن کي پهريائين دريافت ٿئي ٿي— اُنهن جي آڏو 'ورائي پيش ڪري' نـ هڪ تقرير يا وعظ طور پر هڪ مسئلي طور.

مثال طور، تعليم ڪارن جي هڪ ٽيم کي ٽا ونون، جنهن تي اڻ پڙهيل هارين جي هڪ ايراضيءَ ۾ بالغن جي تعليم جي هڪ رٿا کي اٿين باهمي اشتراڪ سان عمل ۾ آڻڻ جي ذميواري رکيل آهي. رٿا ۾ 'پڙهڻ لکڻ' جو ڪم ۽ پڻ اُن کان 'اڳتي جي تعيلم' جو ڪم شامل آهن. پهرئين مرحلي تي، مسئلن کي آڏو رکندڙ تعيلم 'سرگرم لفظ' يا 'سرگرم اظهار' جي تلاش ۽ کوجنا ڪري ٿي؛ ٻئي مرحلي تي اُها 'سرگرم مامري'يا 'سرگرم مامرن 'جي تلاش ۽ کوجنا ڪري ٿي.

بهرحال، هتي اچو تـ رڳو سرگرم، موجود، بامقصد مامرن جي دنيا جي تحقيق بابت ويچار ڪريون. جيئن ئي محقق پنهنجي تحقيق لاءِ هڪ

دائري يا ايراضيءَ جو فيصلو ڪن ٿا. جتي ڪين ڪم ڪرڻو آهي، ۽ پنهنجن موجود وسيلن معرفت اُن ايراضيءَ سان پاڻ کي ابتدائي طور واقف ڪن ٿا، تيئن ئي هو پنهنجي تحقيق جو پهروين مرحلو شروع ڪن ٿا. هيءَ شروعات (انساني ڪار گذاريءَ جي هر شروعات وانگر) مشڪلاتن ۽ خطرن کان خالي نہ آهي، جيڪي هڪ حد تائين بلڪل معمول جي ڳالهہ آهي- جيتوڻيڪ دائري يا ايراضيءَ جي ماڻهن سان پهرينءَ ملاقات وقت اڪثر اُهي مسئلا ۽ خطرا ظاهر ٿي نہ هوندا آهن. هن پهرينءَ ملاقات ۾ محققن کي ماڻهن جي هڪ چڱي موچاري تعداد کي مڃائڻو آهي تہ هڪ دستوري قسم جي گڏجاڻي ڪئي وڃي، جيئن هو اُتي علائقي ۾ پنهنجي اچڻ جي مقصدن بابت ساڻن ڳالهائي ٻولهائي سگهن. اُن گڏجاڻيءَ ۾ پوءِ هو علائقي جي تحقيق جو پنهنجي ڪوجنا جو سبب سمجهائيندا. ۽ اُها ڪيئن هلائي ويندي ۽ اُن مان ڪهڙو ڪارج سِڌ ٿيندو- اِن بابت ٻڌائيندا. وڌيڪ هو ائين بہ واضع ڪندا تہ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ هڪ ٻئي تي ڀروسي جي تعلق کان سواءِ سندن سڀ تحقيق بيڪار ثابت ٿيندي پوءِ جيڪڏهن تحقيق جي ۾ سڀ شريڪ ٿيندڙ تحقيق ۽ اُن جي ڪم جي سلسلي (30) سان متفق ٿين ٿا، تہ محققن کي کپندو تہ هو گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيلن مان رضاڪارن جي گهر ڪن، جيڪي سندن مددگار ٿي ڪم ڪندا. هي رضاڪار اُن ايراضيءَ جي زندگيءَ بابت جدا جدا نمونن جون ضروري حقيقتون گڏ ڪندا. پر سڀ کان وڌيڪ ضروري ائين ٿيندو تہ اُهي رضاڪار تحقيق جي ڪم ۾ پوري شوق ۽ اتساهہ سان شامل هجن.

اِن وچ ۾ محقق اُن ايراضيءَ ۾ پنهنجي مُنهن بہ هِت هُت اچڻ وڃڻ شروع ڪندا، ڪڏهن بہ زوريءَ هو ڪٿي ڪو نہ ويندا. پر سدائين هڏ- ڏوکين ۽ همدرد ڏسندڙن وانگر هو جو ڪجهہ ڏسندا اُن بابت هنن جي روش پڙ جهہ ۽ پروڙ واري هوندي. محققن لاءِ هو نئن تہ پنهنجا خيال ۽ قدر ڪٿي ايراضيءَ ۾ اچڻ وڃڻ معمول جي ڳالهہ آهي جن خيالن ۽ قدرن جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي سُوجهين ۽ تاثرن جي تورتڪ ڪري سگهندا. پر اِن جي معنيٰ هرگزاها نہ آهي تہ پنهنجي مامرائي تحقيق کي هو ايراضيءَ ۾ پنهنجن انهن خيالن ۽ قدرن کي مڙهڻ لاءِ وسيلو ڪري استعمال ڪن. سندن انهن خيالن

۽ قدرن جي فقط هڪڙي خاصيت (۽ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اُها منجهن ضرور هوندي) جنهن ۾ ماڻهو جن جي مامرائي دنيا تحقيق هيٺ آهي، پائيوار بڻجي سگهن ٿا. اُها آهي دنيا جي تنقيدي تورتڪ جيڪا حقيقت جي سڃاڻپ جي هڪ صحيح راهہ آهي، ۽ اُن راهہ سان ئي حقيقت ڪلي سگهي ٿي. ۽ هن تنقيدي تورتڪ جي عادت يا اهليت ڪنهن تي مڙهي بہ نٿي سگهجي. اهڙيءَ طرح، شروع ڪان ئي، مامرن جي تحقيق جو ڪم هڪ تعليمي يا تهذيبي مشغلي ۽ فرض جي حيثيت سان ئي اڳتي وڌي ٿو.

زير تحقيق ايراضيءَ ۾ اچڻ وڃڻ وقت ۽ اُتي ڪم جي دوران، محققن ڪي پنهنجي تحقيقي مقصد ڪي اُها اهميت ڏيڻي آهي ۽ ائين سمجهڻو آهي، ڄڻ اُهو هنن لاءِ هڪ وڏو ۽ بيحد نرالو جيئرو جاڳندو 'راز' آهي، جيڪو کين کولڻو آهي، هو اُن ايراضيءَ کي هڪ يڪي ڳالهہ ڪري وٺن ٿا، ۽ گهمري گهمري سان هو اُن جو هڪ نہ ٻيو حصو جيڪو کين متاثر ڪري ٿو اُن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪن ٿا. انهيءَ طريقي سان هو اُتان جي متعلق پنهنجي ڇاڻ وڌائيندا رهن ٿا ۽ ڏسن ٿا تہ اُن جا مختلف پاسا هڪ ٻئي سان ڪيئن ڳنڍيل آهن ۽ ڪيئن گڏجي ڪم ڪن ٿا. ۽ ائين هو سڄيءَ ان ڳالهہ جي پردي کول ڪن ٿا ۽ اُن جي تهہ ۾ وڃن ٿا.

هِن پردي کول جي پهرئين مرحلي ۾ محقق، ايراضيءَ جي زندگيءَ جي ڪن خصوصيتن جو مشاهدو ڪن ٿا ــ سڄيءَ طرح بہ ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُتان جي رهواسن سان غير رسمي ڳالهين ٻولهين ذريعي بہ. هو هر شيءِ، اهم توڙي ڏسڻ ۾ غير اهم، پنهنجن نوٽ بڪن ۾ درج ڪن ٿا: ماڻهن جي ڳالهائڻ جي مام، اُنهن جي زندگيءَ جو رنگ ڍنگ، عبادتگاهن ۾ ۽ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئڻ وقت سندن هلت چلت وغيره. هو ماڻهن جي ٻولي رڪارڊ ڪن ٿا: سندن ڳالهيون ۽ خيال، لفظ ۽ اصطلاح، ۽ سندن ترڪيبون (سندن اچار يا غلط سلط آواز نہ، پر جنهن طرح هو پنهنجا خيال مرتب ڪن ٿا.)

محققن لاءِ اهو بہ تمام ضروري آهي تہ هو مختلف حالتن ۾ ايراضيءَ جي تحقيق ڪن: ڪيتن ۾ ماڻهن جي ڪم ڪار وقت، مڪاني، جماعتن جي ميٽنگن (راڄ جي ميڙن) ۾ (شرڪت ڪندڙن جي هلت چلت،

سندن ڳالهائڻ جو ڍنگ ۽ نيڪ مرد، عهديدارن ۽ ميمبرن جا پاڻ ۾ تعلقات)، عورتن جو ۽ مردن جو درجو ۽ پنهي جو سماجي ڪردر ۽ عمومي طور باهمر سبنڌ. ماڻهن جون واندڪائيءَ جي وقت جون مشغوليون،سندس رانديون ۽ ڪيل سندن پنهنجي ويڙهن ۽ گهرن ۾ هلت چلت ۽ ڳالهه ٻولهه جا رَس واسَ (زال- مڙس ۽ ماڻتن ۽ اولاد جا سبنڌ). ايراضيءَ جي شروعاتي تحقيق ۾ ماڻهن جِي ڪا بہ هيڄ واري مصروفيت ۽ دلچسپي محقق جي ڌيان تان لهي يا گُسي وڃڻ نہ کپي.

ايراضيءَ جي هر مشاهدائي ياترا کان پوءِ محقق پنهنجي مختصر رپورٽ تيار ڪري پنهنجن ساٿين (تحقيقي ٽيم) جي آڏو رکندا. جتي اُها بحث هيٺ ايندي، اُن جي تورتڪ ٿيندي، ۽ محقق توڙي مڪاني سهڪاري اُن بابت پنهنجا پنهنجا ابتدائي رايا سوچ ويچار لاءِ پيش ڪندا. مڪاني سهڪاري گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿي سگهن. اُن لاءِ اِهي رپورٽن جي جائزي وٺڻ واريون گڏجاڻيون اُتي ايراضيءَ ۾ ٿي سگهن گهرجن.

هي پنهنجاڻپ جي جائزي جون گڏجاڻيون ايراضيءَ جي مخصوص دستور زندگيءَ کي سمجهڻ جي ابتدائي ڪم جو ٻيو مرحلو آهي، جيڪو پهرئين مرحلي سان گڏوگڏ اڳتي هلندو رهندو. جيئن جيئن هر هڪ ماڻهو جائزي جي گڏجاڻيءَ ۾ ٻڌائي ٿو تہ ڪنهن حقيقت يا واقعي کي هُنن ڪيئن سمجهيو، تہ هن جو هِو بيان ٻين ساٿين لاءِ موقعو فراهم ڪري ٿو تہ اُن واقعي يا حقيقت بابت پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڄاڻ جي تورتڪ ڪن، ۽ ائين هو سڀ ٻين جي نظر جي روشنيءَ ۾ پنهنجي مشاهدي تي نظر ثاني ڪن ٿا.ائين هر محقق حقيقت جي پنهنجي انفرادي ڄاڻ جي تورتڪ ڪري، پوءِ هو اُن کي گڏجي، ڳالهه ٻولهه جي ذريعي، وري سمجهن ٿا ۽ پر کين ٿا.اُن کان پوءِ هو ٻيهر هڪ وڏيڪ پختي، جامع ۽ اونهي تنقيدي اپياس لاءِ پاڻ ۾ سڀ (ضابطي جي تحقيقاتي ٽيم طور) گڏ ٿيندا. هنن سيني گڏجاڻين ۾ ايراضيءَ جي رهواسين جا عيوضي تحقيقي ٽيم جي ميمبرن طور شرڪت ڪندا ۽ اُنهن ۾ سرگرم حصو وٺندا.

جيترو وڌيڪ هيءَ تحقيقي ٽيم ايراضيءَ ۾ تڙي پکڙي ۽ وري وري گڏبي، اوترو وڌيڪ ايراضيءَ جي رهواسين جي مکيہ ۽ ثانوي تضادن

جي اصل جڙن تائين پهچڻ جو ڪين موقعو ملندو. تضادن جي هن جڙن کي ائين ڳولڻ ۽ هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ، محقق پنهنجي تعليمي عمل جي موادي پروگرام (نصاب) کي مرتب ڪرڻ جي مرحلي تي رسن ٿا. ۽ واقعي جيڪڏهن سندن اُهو تعليمي مواد انهن تضادن جو سچو عڪس هوندو ته پڪ ئي پڪ اُن ۾ ايراضيءَ جي بامقصد مامرن جي موجودگي ڏسي سگهبي. ۽ پوءِ خاطريءَ سان چئي سگهبو ته رڳو 'مٿان کان ۽ پري کان ڪيل فيصلن' جي پيٽ ۾، حقيقتن ۽ سچن مشاهدن تي ٻڌل اهڙي تعليمي عمل جي ڪاميابيءَ جا امڪان يقيني ٿي سگهن ٿا. پر تعليمي مشاهدي نگارن ۽ محققن کي پوءِ به امڪانن تي پنيلجي ويهڻ نه کپي. چو ته تضادن جي هِنن اصل جڙن جي ابتدائي ڇاڻ سان شروع ڪندي (جن تضادن ۾) سماج جو مکيه تضاد۔ دؤر جي هڪ وڏيءَ مامرائي اِڪائيءَطور، اچي ويجي ٿو) اهم شيءَ وري به اِها آهي ته اُنهن تضادن بابت خود رهواسين جي شعوري سطح جو مطالعو ڪيو وڃي.

سچ پچ ته هي تضاد ئي حدودي حالتون آهن. هنن تضادن ۾ ئي مامرا موجود آهن، ۽ هي تضاد ئي انساني ذميدارين ۽ فرض عائد ڪن ٿا. جيڪڏهن فرد هنن حدودي حالتن ۾ ڦاسي پون ٿا ۽ انهن مان پاڻ نٽا ڇڏائي سگهن، ته هِنن حالتن جي حوالي سان هُنن جو مامرو ٿيو تقدير پرستي ۽ اُن مامري جي حل لاءِ سندن ذميداريون يا ڪم ٿيو. ڪو به ڪم نه ڪا به ذميداري نـا اهڙيءَ ريت، ۽ جيتوڻيڪ حدودي حالتون اُهي حقيقتون آهن، جيڪي فردن ۾ سندن مسئلن ۽ ضرورتن کي اُٿارين ٿيون، جيڪي ڪانئن ئي ڪجهه ڪرڻ جي تقاضا ڪن ٿيون: پر اُن لاءِ لازمي ڳالهه آهي ته هنن حالتن جي سلسلي ۾ فردن جي شعور جي سطح جي تحقيق ڪئي وڃي.

حدودي حالت، هڪ ڏنيءَ وائنيءَ حقيقت طور، مختلف ايراضين ۾ (۽ ساڳيءَ ايراضيءَ جي الڳ الڳ ننڍين ايراضين ۾) ماڻهن لاءِ متضاد مامرا ۽ متضاد ذميواريون اياري سگهي ٿي. انهيءَ ڪري، محققن جو اصل ڪم آهي ته جنهن کي گولڊ مئن (Gold mann) 'موجود شعور' سڏي ٿو اُن ۽ 'مڪاني شعور' ٻنهي کي ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪن: 'موجود شعور' سڏي ٿو اُن ۽ 'مڪاني ئي ورن وڪڙن ۽ رڪاوٽن جو جيڪي ڏني وائنيءَ حقيقت

جا مختلف جزا 'امڪاني شعور' جي آڏو آٽي بيهارين ٿا تہ انهن رڪاوٽن ۽ ورن وڪڙن کي سمجهيو وڃي ۽ انهن کي هٽايو وڃي.

'موجود شعور' لاءِ 'اڻ آزمايل امڪان' کي سڃاڻڻ ناممڪن آهي، جيڪو حدودي حالتن جي ٻئي پار موجود آهي. پر توڙي جو آزمايل امڪان' 'موجود شعور' جي سطح تي ڏسجي نٿو سگهجي، 'آزمائشي عمل' وسيلي، جيڪو نامعلوم امڪانيت کي پڌرو ڪري ٿو اڻ آزمايل امڪان ڏسجي بہ سگهجي ٿو. جيئن اڻ آزمايل امڪان ۽ موجود شعور پاڻ ۾ منفي طور لاڳاپيل آهن، تيئن آزمائشي عمل ۽ امڪاني شعور پاڻ ۾ مثبت طور لاڳاپيل آهن. گولڊ مئن جي 'امڪاني شعور' جو تصور اُهو ئي نڪولائيءَ (Nicolai) جي اصطلاح ۾ 'اڃاتل عملي حل' (اسان جو 'اڻ آزمايل امڪان') سڏجي ٿو: اُن جي برعڪس 'ڄاتل عملي حل' يا 'حال جو عملي حل' آهي، جيڪو گولڊ مئن جي 'موجود شعور' سان لاڳاپيل ۽ متوازي بيٺل هجي ٿو. انهيءَ ڪري، جيڪڏهن محقق تحقيق جي پهرئين مرحلي تي تضادن جي مانداڻ کي قريب قريب سمجهي وڃن ٿا، تہ رڳو اُن مان ئي انهن کي اِهو حق ۽ اختيار ڪو نہ ٿو ملي تہ هو اتان ئي تعليمي عمل جو موادي پروگرام مرتب ڪرڻ شروع ڪري ڏين، ڇو تہ حقيقت جو هيءُ شعور اڃا بہ رڳو سندن پنهنجو شعور آهي ۽ نہ خود ايراضيءَ جو ماڻهن جو.

حقيقت جي هن پردي کول جي ڪم ۾، يعني اُن جي پوريءَ شعور (امڪاني شعور' ) حاصل ڪرڻ واري ڪم ۾ حصي وٺندڙ پهريائين پنهنجا مامرا هڪ هڪ ڪري سڃاڻن ٿا، انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا، ائين پنهنجيءَ دنيا بابت پنهنجو 'موجود شعور' ظاهر ڪن ٿا. هو ڏسڻ لڳن ٿا تہ جنهن صورتحال جي هو هاڻي ڇنڊڇاڻ ڪري رهيا آهن. ان ۾ سچ پچ ايتري تائين جڪڙيل رهندي، هو ڪيئن ٿي هليا چليا! ۽ ائين هو پنهنجي 'اڳئين شعور جو شعور' حاصل ڪن ٿا ۽ اِهو شعور حاصل ڪندي، هو حقيقت کي ٻيءَ طرح ڄاڻڻ لڳن ٿا. پنهنجي شعور جي اُفق کي ائين وسيع ڪندي، حقيقت جي اُنهن ٻن روپن جي جدلياتي لاڳاپن کي هو آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا.

ائين 'اڳئين شعور جو شعور' (اڳئينءَ ڄاڻ جي ڄاڻ) جاڳائيندي، حقيقت جي پردي- ڪول جو ڪم در اصل هڪ نئين شعور جي اظهار هڪ نئينءَ ڄاڻ جي حاصلات، کي ممڪن بنائي ٿو هيءُ نئون شعور هيءَ نئين ڄاڻ، ائين 'مامرن کي کولي آڏو رکندڙ' تعليمي رٿا جي شروع ٿيڻ سان ئي اُبري ٿي ۽ سلسليوار وڌندي رهي ٿي، ۽ ان جي وڌڻ سان جيئن ئي امڪاني شعور موجود شعور تي جاري ٿئي ٿو تيئن ئي اڻ آزمايل امڪان بہ ڦري آزمائشي عمل جي صورت وٺي ٿو ويهي.

حقيقت جي صورتحال جي مطالعي ۽ اُن جي تحرير جي صورت ۾ آڻڻ (درج ڪرڻ) جي وڌيڪ تقاضا هيءَ آهي تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو تحقيق هيٺ آيل ايراضيءَ جي تضادن ۾ اُهي سڀ- ننڍا وڏا، پڌرا- تضاد شامل ڪيا وڃن، جيڪي اُن ايراضيءَ جي سڄي تضادن جي سرشتي(ڏؤر جي وڏيءَ مامرائي اڪائيءَ) جو پورو عڪس ٿي سگهن. ائين ڪرڻ سان ڏسڻ ۾ ايندو تہ هڪڙن تضادن جو مطالعو ٻين تضادن جي پردي- ڪول جو وسيلو بڻجي ٿو. سماجي تضادن جو ڪاڪ محل ايترو پنهنجي اندروني ڳنڍ پيچ ۾ ڳتيل ۽ ڳنڍيل هجي ٿو.

هن سلسلي ۾ تدريس جي ان طريقي لاءِ چليءَ جي هڪ نوجوان سول ملازم، گئبريل بوڊي(Gabriel Bode) هڪ تمام قيمتي خدمت سر انجام ڏني آهي، لکڻ پڙهڻ جي سکيائي مرحلي کان پوءِ هن تدريسي طريقي تي عمل جي دوران، بوڊي ڏٺو تہ هارين بحث ۾ دلچسپي فقط تڏهن ٿي ورتي، جڏهن تحقيقي مطالعي ۽ اُن جي اندراج (داخلا) جي ڪم جو تعلق سڌيءَ طرح سندن پنهنجي محسوس ٿيندڙ ڳُهرن سان هو. اِن ڪم جي رخ ۾ ڪنهن بہ اهڙي ڦيري سان، ۽ تعليم ڪار جي اهڙيءَ ڪنهن ڪوشش سان تہ پردي ڪول جو بحث ڪن ٻين دائرن ڏانهن بہ نيو وڃي، حاضرين مجلس ۾ خاموشي ۽ بددلي ڇانئجي ٿي ويئي، نہ رڳو ايترو پر هُن ڏٺو تہ جڏهن اندراج جو ڪم خود سندن محسوس ڪيل گهرجن تي ئي مرڪوز هو تڏهن بہ هاري بحث مباحثي ۾ ترتيب ۽ سلسلي سان پنهنجو ڌيان ڪپائي نہ سگهيا، ۽ بحث اڪثر ائين وڏي ۽ بتال ٿي ويو جو فيصلي يا نبيري جي ڪنهن نقطي تي پهچڻ مشڪل ٿي ٿي ويو. هو اڪثر پنهنجي محسوس ٿيندڙ

گهرجن، جو تعلق سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح انهن گهرجن جي بنيادي سبب سان بہ ڳنڍيل نہ پئي سگهيا. ايتري قدر جو ماڻهو ائين چئي ٿي سگهيو تہ اُهي حدودي حالتون، اُهي جبري حالتون، جيڪي سندن گهرجن جي آڏو رڪاوٽ بڻيل هيون، تن جي بئي پار، هو ڪنهن اڻ آزمايل امڪان کي ڏسي ئي نٿي سگهيا.

بوڊي پوءِ فيصلو ڪيو تہ مجلس ۾ هڪ ئي وقت مختلف حالتن کي بحث ۽ مطالعي لاءِ آڏو آندو وڃي: ۽ انهيءَ 'ترڪيب' ۾ ئي هُن جي خاص خدمت جي وٿ لڪل آهي. شروع ۾ هو موجود حالت جي تمام هڪ ساديءَ، صاف ۽ سڌيءَ چاڻ کي هٿ ۾ کڻي ٿو ۽ اُن ابتدائي ڳالهہ جي مطالعي کي هو 'لازمي' سڏي ٿو. اُهو مطالعو هڪ بنيادي نقطي جو بنهہ هڪ بيجاري جو ڪم ڏئي ٿو. ۽ پوءِ اُن کي هو هڪ بند وجڻيءَ وانگر کولي وڪرو ڪري، يا ٻج مان ڦٽندڙ ڳوٺچن. تارين، پٽن، گلن وغيره وانگر گهڻ طرفو ڪري، مجلس لاءِ مطالعي ۾ شرڪت ۽ دلچسپيءَ جا سامان پيدا ڪري ٿو ۽ انهن لاڳاپيل وڌيڪ ڳالهين جي مطالعي کي هو 'سهڪاري' مطالعا سڏي ٿو. لازمي مطالعي جي ابتدا کانپوءِ تعليم ڪار ان جي پکڙيل سهڪاري ڳالهين کي هٿ ۾ کڻي ٿو ۽ انهن جي آڌار تي هو مجلس ۾ شريڪ ساٿين جي سرگرم دلچسپي قائم رکي ٿو ۽ ائين انهن کي لازمي مطالعي جي ڇوڙاري سهڪاري مطالعن کي ڦيرائيندي گهيرائيندي، مجلس کي اصل ڳالهہ جي نبيري جي نقطي تي پهچڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

هن باري ۾ گئبريل بوڊي جي وڏي حاصلات هيءَ آهي جو ان لازمي ۽ سهڪاري مطالعن جي وچ ۾ جدلياتي تعلقات جي حوالن سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ بحث مباحثي وسيلي، هو مجلس ۾ شريڪ ساٿين تائين جامع (ڪُل) حقيقت جو احساس پهچائي سگهيو. فرد جيڪي هو نئين موجود اڳهور حقيقت ۾ غرقاب هئا ۽ رڳو پنهنجين پنهنجين گهرجن جو احساس ڪين گهُٽيو بيٺو هو اُهي حقيقت جي اُن تار مان اُپڙي ٻاهر اچن ٿا ۽ پنهنجي گهرجن جي احساسن کان پاڻ ڇڏائي، انهن جي بنيادي سببن کي ڏسن ٿا. ۽ طريقي سان هو تيزيءَ سان 'موجود شعور' جي سطح کان مٿي چڙهي، 'امڪاني شعور' جي سطح تائين پهچي سگهن ٿا.ايراضيءَ جي حالتن جي

ان دريافت ۽ اندراج ۽ اُن ڪان پوءِ باهمر ضابطي جي تحقيقاتي ٽيمر طرفان اُن جي سيني ممڪن مامرائي پهلوئن جي جامع سوچ ويچار ڪانپوءِ، محقق پنهنجي مطالعي جو ٽيون مرحلو سروع ڪن ٿا. ۽ اُن لاءِ هو وري ايراضيءَ ۾ موٽي وڃن ٿا. ۽ 'مامرن جي تحقيقاتي ٽولين'(31) ۾ مامرن جي وضاحتي ڳالهين ٻولهين ۽ بحثن مباحثن جي ابتدا ڪن ٿا. هي ڳالهيون ٻولهيون، جن ۾ گڏريل ٻن مرحلن تي گڏ ڪيل مواد جي هاڻي تفصيلي تورتڪ ۽ پردي کول ٿئي ٿي، ٽيپ تي رڪارڊ ڪجن تہ بهتر ٿيندو. انهيءَ لاءِ تہ 'باهمر ضابطي جي تحقيقاتي ٽيمر' (32) ٻئي موقعي تي، پوءِ ، جي چاهي تہ تصديق لاءِ يا ٻئي ڪنهن سبب ڪان، انهن جي وڌيڪ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهي. محقق، مٿين تحقيقاتي ٽولين جي آڏو ٿيندڙ وضاحتي ڳالهين ٻولهين ۾ 'اڳواڻ' جي حيثيتُ ويهي ٿو ۽ هُن ڪانسواءِ ٻہ ٻيا ماهر_ هڪ من وديا جو عالم ۽ ٻيو سماجيات جو عالمر_ ٻہ هن ٽئين مرحلي جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ هجن تہ بهتر، جن جو ڪمر هوندو تہ هو ڳالهين ٻولهين هلندي، بحث مباحثي ۾ سيني شرڪت ڪندڙن جا اهمر (۽ پڻ ظاهر ۾ غير اهمر) رد عمل پنهنجي خيال ۾ آڻين ۽ رڪارڊ ڪن.

هن تفصيلي پردي کول جي ڪمر هلندي، 'اڳواڻ' کي نہ رڳو فردن کي ٻڌڻو آهي، پر انهن جي آڏو درج ڪيل وجودي صورتحال ۽ سندن پنهنجا جواب، مسئلن جي صورت ۾ آڻي، وڌيڪ سوچڻ لاءِ کين للڪارڻو آهي. دل کولي، ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ واريءَ هِن فضا ۾ 'مامرن جي تحقياتي ٽولين' جا سڀ حصي وٺندڙ ساٿي پاڻ بابت ۽ ٻين بابت پنهنجي من جا سڀ جذبا ۽ رايا وڏي اُتساهي انداز ۾ ظاهر ڪن ٿا. جيڪي ٻين حالتن ۾ شايد ئي ڪڏهن هو زبان تي آڻي سگهن ٿا.

اهڙيءَ هڪ مامرائيءَ تحقياتي گڏجاڻيءَ ۾، جيڪا سئنتياگو شهر ۾ گڏ ٿي هئي، فلئٽن ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ميڙ اهڙيءَ هڪ صورتحال تي بحث ڪيو جنهن ۾ هڪڙو نشي ۾ ورتل ماڻهو گهٽيءَ مان ويندي ۽ گهٽيءَ جي ڪنڌ تي بيئل ٿي ماڻهو پاڻ ۾ گفتگو ڪندي ڏيکاريل هئا. ميڙ ۾ شريڪ ماڻهن جو هن صورتحال لاءِ رايو تہ 'فقط هو هيڪل گهٽيءَ مان ويندڙ ئي ڪمائو (اپتڪار) ماڻهو هو ۽ ملڪ لاءِ ڪارگر هو جيڪو سچو

ڏينهن معمولي اجرت تي مزوري ڪرڻ ڪانپوءِ گهر ڏانهن موٽيو پئي ويو ۽ جنهن جي دل پنهنجي ڪٽنب لاءِ بيحد پريشان هئي. چاڪاڻ تہ هو انهن جي ضرورتن جي پورت ئي نٿي ڪري سگهيو. هو ئي هڪ پورهيت آهي، هو ئي هڪ آباڻتو مزدور آهي، ۽ اسان ئي جهڙو غريب آهي، ۽ اشراف ماڻهو آهي.'

هن بحث ۾ محقق جو ارادو هو تہ شراب نوشيءَ جي مختلف اثرن جو مطالعو ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڳالهہ ٻولهہ ۾ پائيوار ماڻهن جي آڏو اُهو سوالنامو رکي ها، جيڪوُهن شراب نوشيءَ بابت ٺاهيو هو تہ شايد ماڻهن کان اِهي مٿيان جواب ڪيس ملي نہ سگهن ٿا! بلڪ جيڪڏهن هو سڌا اِهي سوال هنن کان پڇي ها، تہ هو مرڳو ئي انڪاري ٿي بيهن ٿا تہ هنن پاڻ ڪڏهن ڪا شراب نوشي ڪئي بہ هئي! پر هڪ رڪارڊ ٿيل وجودي صورتحال تي پنهنجن راين ۾ هو اُن صورتحال کي ڏسي ۽ سڃاڻي سگهيا ۽ اُن ۾ هنن "پاڻ" کي ئي ڏٺو ۽ سڃاتو- ۽ جو ڪجهہ هننن واقعي محسوس ڪيو سو ئي چيو.

هنن جي انهن بيانن جا بہ مکيہ پهلو آهن: هڪ پاسي هُنن گهٽ اجرت ملڻ، پنهنجي قرجڻ لتجڻ جي احساس ۽ شراب پيئڻ جي وچ ۾ لاڳاپي کي ظاهر ڪيو. شراب نوشيءَ کي حقيقت کان فرار ۽ نراسائيءَ ۽ بيوسيءَ تي غلبي پائڻ جي ڪوشش، ۽ آخر ۾ خود تباهيءَ کان بچڻ جو هڪ حل بيان ڪيو. ٻئي پاسي هُنن شرابيءَ کي برتر سمجهڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هو 'هڪ ئي ملڪ لاءِ ڪارگر' آهي، چاڪاڻ تہ هو 'ڪم ٿو ڪري'، جڏهن تہ ٻيا رڳو 'قرين ٿا' شرابيءَ کي ساراهڻ کان پوءِ، هنن پاڻ کي 'هن جي جاءِ تي رکيو- پورهيتن جي حيثيت ۾- جن پاڻ بہ شراب پيتو- 'غريب ۽ اشراف مزدور."

ان جي ابتڙ، هڪ اخلاقياتي واعظ ڪندڙ تعليمڪار جي ناڪاميءَ کي خيال ۾ آڻيو جيڪو شراب نوشيءَ جي خلاف ڊگهي تقرير ڪري ٿو ۽ تقويٰ جو هو اهڙو ڪو مثال پيش ڪري ٿو جيڪو هِنن ماڻهن لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تقويٰ جو مثال نٿو ٿي سگهي. مطلب تہ هن ۽ اهڙين ٻين حالتن ۾، صحيح ۽ ڪارگر رستو هيءُ آهي تہ صورتحال کي شعور جي اُڀارڻ جو وسيلو بڻايو وڃي. موجود شعور جي سطح کان امڪاني شعور جي سطح تائين- ۽ اِها ڪوشش مامرائي تحقيق جي ابتدا کان ئي ڪئي وڃي.

(ظاهر آهي تہ شعور جو هيءُ اُڀار ڪنهن صورتحال جي محض داخلي سوجهيءَ يا احساس جي سطح تائين ئي رڪجي، بيهي نٿو رهي، پر عمل جي وسيلي انسانن کي سندن بهتر انسان بڻجڻ جي آڏو جيڪي رڪاوٽون آهن، تن جي خلاف جدوجهد لاءِ تيار ڪري ٿو.)

ٻئي تجربي ۾- ۽ هن ڀيري هارين سان گڏجاڻي ٿي. مون ڏٺو تہ ڪيترن ۾ ڪم جي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ هڪ سچي ۽ ڏاڍي هڪ سنجيده ۽ گرم بحث مباحثي جي دوران هڪ ئي خيال وري وري سامهون ايندو رهيو تہ اُجرت ۾ واڌ ڪيئن حاصل ڪئي وڃي، ۽ اُن لاءِ اهو ئي هڪ ارادو وري وري، ۽ هڪ طرف کان ظاهر ٿيندو رهيو تہ هارين جي هڪ يونين قائم ڪئي وڃي، گڏجاڻيءَ ۾ ٽي الڳ الڳ صورتحال بحث هيٺ آيا، پر ارادو ۽ مقصد اُنهن ٽنهي جي ڇنڊڇاڻ ۾ متفقہ طور اِهو ساڳيو هڪ ئي ظاهر ٿيندو رهيو.

هاڻي اوهين اهڙي هڪ تعليمڪار کي خيال ۾ آڻيو جيڪو هنن ماڻهن لاءِ پنهنجو تعليمي پروگرام مرتب ڪري ٿو جنهن ۾ 'خاصا' مضمون پڙهڻ لاءِ هو موجود رکي ٿو مثلا هِن جهڙا تہ 'آبپاشي لاءِ پاڻي ڪٿان ٿو اچي!' وغيره وغيره. ۽ اسان جي تعليم ۾، ۽ پڻ سياست ۾، سڄو وقت بلڪل انهيءَ ئي طرح جون اوچيون اوچيون ۽ پري پري جون ڳالهيون ٿين ٿيون. ڇا ڪاڻ تہ هيءُ نقطو اجا سمجهيو ئي نہ ويو آهي تہ 'ڳالهہ ٻولهہ نوع جي تعيلم'، 'ٻڌڻ ٻڌائڻ جي تعليم' شروع ئي موجود، بامقصد مامرن جي تحقيق سان ٿئي ٿي.

بهرحال، جڏهن هنن تحقيقاتي ٽولين ۾ (ايراضيءَ جي) صورتحال جي پردي کول ۽ پروڙ جو اِهو مرحلو پورو ٿئي ٿو تہ اِن ڪم جو آخري مرحلو شروع ٿئي ٿو-جنهن ۾ محقق پنهنجن مشاهدن ۽ اُنهن مان اخذ ڪيل نتيجن جو سلسليوار ۽ باهم ضابطي وارو مطالعو شروع ڪن ٿا. تحقيقاتي ٽولين جي گڏجاڻي ۾ ٽيپ رڪارڊ ٿيل ڳالهہ ٻولهہ هو وري ٻڌن ٿا. من وديا ۽ سماجيات جي صلاحڪارن جا لکيل نوٽ هو وري پڙهڻ ٿا. ۽ ائين هو سڄي ڪم جي دوران، جيڪي بہ مامرا، پڌري پٽ يا رومال ۾ ويڙهيل، بيان ٿيا هئا، اُنهن جي هڪ فهرست ناهين ٿا. هي مامرا، پوءِ هڪُ هڪُ ٿي، مختلف سماجي علمن جي بابن ۾ ورهائجن ٿا. پر ائين انهن جي درجي بنديءَ جي معنيٰ هيءَ بہ ٿيڻي نہ آهي تہ جڏهن پروگرام اڳتي وڌي ۽ تفصيلن ۾ وڃي، تہ

مامرا اُنهن پنهنجن الڳ الڳ درجن ۽ خانن ۾ ٺي جڪڙي وڃن، پر اِن جي معنيٰ فقط هيءَ آهي تہ هڪ مامرو اُن سماجي علم جي روشنيءَ ۾ جنهن سان اُن جو تعلق آهي،هڪ خاص ضابطي يا توجهہ سان ڏٺو ٿو وڃي-بس مثلاً، ترقيءَ جو مامرو خاص طور اقتصاديات جي ميدان سان لاڳاپيل آهي، ۽ اُن ضابطي ۾ توجهہ سان ڏٺو ويندو پر حقيقت رڳو ائين بہ نہ آهي. هن مامري کي سماجيات،علم الانسان ۽ سماجي نفسيات جا عالم بہ پنهنجي پنهنجي ضابطي ۾ توجهہ جو مرڪز بنائي سگهن ٿا (علم، جيڪي تهذيبي تبديليءَ سان ۽ ذهني رخن ۽ قدرن سان واسطو رکن ٿا- ۽ اهي ڳالهيون ترقيءَ جي فلسفي سان بہ اُهڙيون ٿي نهڪندڙ ۽ لاڳاپيل آهن.) هن مامري کي علم سياست توڙي علم تعليم بہ پنهنجي توجهہ جو مرڪز بنائي سگهجن ٿا (جن علمنن جا فيصلا تہ سڌيءَ طرح ترقيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا)، ۽ ائين بيا علم بہ انهيءَ ريت، مامرن سان، جيڪي ڪُليت يا جملگيءَ جي خاصيت رکندڙ هن، ڪڏهن بہ هڪ علم جي محدود نقطي نگاهہ سان مُنهن ڏئي ۽ نبهي نہ سگهبو. اِها واقعي هڪ افسوسناڪ ڳالهہ ٿي ٿيندي، جيڪڏهن مامرن تي مفصل وضاحت حقيقت جي انيڪ پاسن کان ڪئي وڃي، ۽ پوءِ اُنهن جي حل جي سلسلي ۾ تنگ نظريءَ کان ڪم وٺندي، اُنهن کي فقط هِن يا هُن خاص علم جي ماهر جي حوالي ڪري ڇڏجي!

بهرحال، انهيءَ طرح مامرن جي 'علمي' درجي بنديءَ کان پوءِ هر هڪ ماهر پنهنجي پنهنجي تعلق جي مامري بابت 'باهم ضابطي جي ٽيم' کي ڪم جي تفصيلي رٿا (Syllabus) پيش ڪري ٿو جنهن ۾ هو مامري کي اُن جي بنيادي جزن ۾ ورهائي ٿو جيڪي اڳتي هلي، تدريس جي اِڪائين (Lesson Units) جو ڪم ڏيندا. پر هنن اِڪائين جو باهم رابطو مامري جي هڪ هجڻ ۽ اُن جي پورٽتا جو وري بہ ضامن رهندو. پوءِ جيئن جيئن مامري جا مخصوص پاسا يعني اُهي اُن جون 'اِڪائيون' زير بحث ايندي، بيا ماهر بحث ۾ حصو وٺندا ۽ سيني جون صلاحون پنهنجي پنهنجي وس آهر مان لُهنديون، ۽ ائين مامري متعلق نئيا نئيا مضمون تيار ٿيندا، جن ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ لاڳاپيل ڪتابن ۽ تحريرن جا حوالا بہ ڏنل هوندا. اهي مضمون پوءِ استاد شاگردن جي تربيت لاءِ املهہ امدادي وسيلن جو ڪن

ڏيندا، جيڪي اڳتي هلي ايراضيءَ ۾ تدريسي ڪم لاءِ قائم ڪيل ’تهذيبي حلقن‘ ۾ (ڪلاسن ۾) ڪم ڪندا.

بامقصد مامرن ۾ اهين دريافت ڪرڻ ڪانپوءِ، باهم ضابطي جي تحقيقاتي ٽيم اُنهن جي فهرست ۾ جيڪي ٻيا رهجي ويل بنيادي مامرا به شامل ڪندي، جيڪي اُها مناسب سمجهندي، اهڙن بنيادي مامرن جي شموليت ضروري ثابت ٿيندي آهي، ۽ تعليم جي ’ڳالهه ٻولهه واريءَ نوعيت‘ جي پڻ عين مطابق آهي، جيڪڏهن تعليمي پروگرام ڳالهه ٻولهه جي اصول تي مرتب ٿيل آهي، ته استاد شاگردن جو پڻ حق آهي ته هو رهجي ويل مامرا پنهنجي طرفان پروگرام ۾ شامل ڪري، اُن ۾ پنهنجي شرڪت ڪن. هِنن رهجي ويل مامرن کي آءٌ ’ڳنڍيندڙ (يا متصل) مامرا‘ سڏيان ٿو۔ ڇو ته اُهي پروگرام جي ٻن مامرن جي وچ ۾ ڪنهن وٿيءَ جو پورائو ڪري اُنهن کي ڳنڍين ٿا، يا سڄي پروگرام جي مواد ۽ دنيا بابت ماڻهن جي عام راين ۾ جو تعلق آهي، اُن کي سڄتر ڪن ٿا، واضع ڪن ٿا.

تهذيب جو علم الانساني تصور اُهڙو هڪ ڳنڍيندڙ مامرو آهي. اُهو دنيا ۾ ۽ دنيا سان انسانن جي روش کي ۽ سندن ڪردار کي، سڄتر ڪري ٿو اُن تي روشني وجهي ٿو ته هو ڇيت تي هلندڙ ۽ پيٽ هلائيندڙ دنيا سان پاڻ نهڪائيندڙ نه پر دنيا کي پنهنجي مرضيءَ پٽيان تبديل ڪندڙ هستيون آهن.

مامرن جي دريافت ۽ اندراج ۽ اُن جي بنياد تي تعليمي مواد (نصاب) جي هن تفصيلي تربيت (’سليبس‘) ڪانپوءِ هر مامري جي پيشڪش ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي بهترين مدد گاري وسيلن (Aids) جو انتخاب ڪرڻ آهي. اُهي مددگار وسيلا سليس، سادا، مفرد تي سگهن ٿا ۽ مرڪب به. مفرد وسيلن ۾ ڏسڻ جا (تصويري يا اکري)، ڇهڻ جا، يا ٻڌڻ جا ڌار ڌار وسيلا ۽ مرڪب وسيلن ۾ ڏسڻ، ڇهڻ ۽ ٻڌڻ جي گڏ استعمال جا وسيلا اچن ٿا. تصويري ۽ اکري وسيلن جو انتخاب نه فقط تدريسي مواد تي، پر ان تي به منحصر آهي ته اُهي جن سان اُن مواد بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي، اُهي پڙهي لکي ڄاڻندڙ آهن يا نه.

اهين هر مامري ۽ اُن جي تدريسي اِڪائين بابت افادي نگاهه ڪان، تدريسي وسيلن جي فيصلي ڪرڻ ڪانپوءِ، اُنهن وسيلن جي تياريءَ جو ۽ گڏ

ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪٽتو آهي-اُنهن وسيلن ۾ ڪيئي شيون ۽ سامان اچي وڃن ٿا، مثلاً فوٽا، سلائيڊون، فلمون، پوسٽر، پڙهڻ جو مواد وغيره، وغيره.ڪن ماهرن يا اُنهن جي ڪن خاص،اِڪائين (ڳالهين، موضوعن) جي تدريس لاءِ، ٻاهرين ماهرن جا انٽرويو بہ ٽيپ رڪارڊ ڪرڻا پوندا، ۽ اُهو انتظام تدريسي ٽيم کي اڳواٽ ڪرڻو پوندو.

سمجهو تہ ترقيءَ جي ماهري جو موضوع اسان جي آڏو آهي. اُن لاءِ ٽيم کي ٻن يا وڌيڪ جدا جدا خيالن جي اقتصادي ماهرن سان ملاقات ڪرڻي پوندي، اُنهن کي پنهنجي پروگرام کان واقف ڪرڻو پوندو ۽ کين سليس ٻوليءَ ۾ جيڪا ماڻهن کي آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهي، موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ گذارش ڪرڻي پوندي. هُنن جي قبول ڪرڻ تي، ڪانئن 15 کان 20 منٽن جا انٽرويو ٽيپ رڪارڊ ڪري وٺبا. هر ماهر جو فوٽو جيئن هو ڳالهائيندو پيو هجي، حاصل ڪرڻ گهرجي.

جڏهن ٽيپ رڪارڊ انٽرويو تهذيبي حلقي جي آڏو پيش ٿئي، تڏهن پهريائين تعارف طور ٻڌائڻو پوندو تہ ڪير ڳالهائي رهيو هو هن جي تحقيق جو ۽ تصنيف جو ڪم ڪهڙو ۽ ڪيترو ٿيل هو ۽ اُن وقت هو ڇا پيش ڪري رهيو هو، وغيره. ساڳئي وقت اُن ماهر جو فوٽو بہ سامهون پردي تي ڏيکاريو وڃي، تہ بهتر ٿئي. جيڪڏهن ماهر يونيورسٽيءَ جو ڪو پروفيسر آهي تہ تعارفي ڳالهہ جي سلسلي ۾ مختصر بحث بہ ڪري سگهجي ٿو تہ حلقي ۾ ويٺل يونيورسٽين بابت ڇا ٿا سوچين ۽ انهن کان ڇا ٿا طلبين. حلقي ۾ ائين بہ پهرين ٻڌائي ڇڏجي تہ رڪارڊ ڪيل انٽرويو ٻڌڻ کانپوءِ اُن جي ڳالهين تي گڏجي بحث بہ ڪيو ويندو (جيڪي گويا اُن حالت ۾ "ٻڌڻ ٻڌائڻ" جي هڪ تدريسي وسيلي جو ڪم ڏينديون). اُن بحث ۾ حلقي جي ماڻهن جو انٽرويو جي سلسلي ۾ ڪهڙو ردعمل هو اُن کان ماهر کي پوءِ واقف ڪرڻ بہ ضروري آهي. هِن طريقي سان عالمن ۽ دانشورن کي، جيڪي عمومي طور نيت بخير هجن ٿا. پر اڪثر ماڻهن جي حقيقي صورتحال کان بيخبر بلڪ ڪٽيل رهندا آهن، اُن حقيقت کان واقف ٿيڻ ۽ ان سان واڳيل رهڻ جو موقعو ملي ٿو.اِن طرح ماڻهن کي بہ عالمن ۽ دانشورن کي ٻڌڻ ۽ مٿن تنقيد ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

ڪي مامرا ۽ اُنهن جون بنيادي ڳالهيون ننڍين ننڍين ناٽڪن جي صورت ۾ پيش تي سگهن ٿيون. پر هر ناٽڪ ۾ اِن طرح فقط مامرو ئي پيش ٿيڻ گهرجي. اُن جو حل نه! ائين ناٽڪ (ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي) تدريسي وسيلن جو ڪم ڏيندا، جن سان ڳالهه ٻولهه ۽ بحث مباحثي لاءِ مسئلن کي کولي ماڻهن جي آڏو رکيو ويندو.

ٻيو هڪ تدريسي وسيلو هيءُ به ٿي سگهي ٿو. بشر طيڪ ان کي تعليم ۾ ٻئنڪاري طريقي طور نه پر مسئلن کي آڏو رکندڙ طريقي طور ڪم آندو وڃي. ته اخبارن ۽ رسالن مان مضمون ۽ ڪتابن جا باب (شروع ۾ اُنهن جا ٽڪرا) پڙهيا وڃن ۽ انهن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي. هِن صورت ۾ به جيئن رڪارڊ ٿيل انٽرويوئن جي صورت ۾، ليڪڪ جو تعارف حلقي ۾ پهريائين ۽ سندس ليک يا مضمون تي بحث آخر ۾ ڪيو ويندو.

انهيءَ ئي نموني تي، ڪنهن واقعي جي سلسلي ۾ اخبارن جي ادارتي ليکن جي، حلقي ۾ گڏجي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي: 'ائين ڇو آهي، جو اخبارون هڪ ئي حقيقت جا الڳ الڳ تعبير ۽ تفسير ڪن ٿيون'؟ هن اختلاف جي تهه ۾ وڃڻ ۽ اُن جي منطق کي سمجهڻ جي ڪوشش سان تنقيدي سوچ وڌي ٿي، جنهن سان ماڻهو اخبارن جي لکيتن ۽ خبرن جي ٻئي ڇوڏس ڦهلاءُ کي رڳو خاموش ٻڌڻ بدران-جڻ اُهي 'اعليٰ فرمان' ڪين رڳو ميڻا آهن. اُنهن جي تورتڪ ڪن ٿا ۽ ائين پنهنجي پابند شعور کي آزاد رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ائين گهربل سڄي تدريسي مواد جي موجودگيءَ کان پوءِ، جنهن ۾ ننڍا ننڍا تعارفي هدايت ناما به اچي وڃن ٿا، تعليم ڪارن جي ٽيم ماڻهن سان ورهي انهن جا مامرا تفصيل سان ۽ سلسليوار نموني ويچار هيٺ آڻڻ لاءِ تيار آهي: گويا ماڻهن جا مامرا، جيڪي هنن پاڻ دريافت ڪيا، ڪوليا ۽ پڌرا ڪيا،هاڻي اُهي موٽي هُنن جي سامهون اچن ٿا. ائين نه، جو اُهي سندن مغز ۾ اوتي، ڏراوتن طور ڳِٽي ناهي، اتي محفوظ رکي ڇڏڻا آهن، پر بلڪل ان لاءِ ته اُهي مسئلا آهن جيڪي حل ڪرڻا آهن.

هِن مرحلي تي هِن بنيادي تعليم جي استادن جو پهريون فرض آهي ته پنهنجي تعليمي مهم جو مجمل پروگرام حلقي جي آڏو پيش ڪن.

اُن پروگرام کي حلقي جا ماڻهو سيکاريندا ۽ پنهنجو پروگرام سمجهندا، اُهو کين اوپرو يا ڌاريو محسوس نہ ٿيندو، ڇو تہ اُهو اُٿيو ئي وٽانئن هو. اِن سلسلي ۾ تعليمڪارن کي (تعليم جي ڳالهہ ٻولهہ جي خاصيت مطابق) پروگرام ۾ موجود'متصل (ڳنڍيندڙ) مامرا' ۽ اُنهن جي اهميت بہ سمجهائڻ ۽ واضح ڪرڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن تعليم ڪار ڪافي مالي وسيلن کان محروم آهن ۽ ان ڪري هو ابتدائي مامرائي تحقيقات اٿين سر انجام ڏيئي نہ سگهيا آهن، جيئن اُن جو تفصيلي بيان مٿي ڪيو ويو آهي، تہ هو ايراضيءَ جي صورتحال متعلق پنهنجي گهٽ ۾ گهٽ ڄاڻ جي بنياد تي بہ ڪن بنيادن مامرن جو انتخاب ڪري سگهن ٿا. جيڪي تهذيبي حلقي ۾ سندن تعليمي مهم کي اڳتي وڌڻ لاءِ گهربل تحقيقي مواد (تدريسي پروگرام جي مواد) جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا. ان نموني، هو تعارفي مامرن سان شروعات ڪري سگهن ٿا ۽ لڳو لڳ وڌيڪ مامرائي تحقيق جو ڪم بہ پنهنجي حلقي جي شراڪت سان، هٿ ۾ کڻي، اڳتي وڌائي سگهن ٿا.

جيئن مٿي بہ هڪ هنڌ مون چيو آهي، هنن بنيادي مامرن مان هڪڙو بنيادي مامرو (جنهن کي آءٌ اٿل ۾ مرڪزي اهميت جو سمجهان ٿو) تهذيب جو اُهو تصور آهي، جيڪو علم الانسان اسان جي آڏو آڻي ٿو يعني انساني تهذيب پنهنجي انساني تاريخي اصل ۾ اوسر جي مظهر طور. ماڻهو هاري هجن يا شهري مزدور هجن. پڙهڻ لکڻ شروع ڪن ٿا يا پڙهڻ لکڻ سکيل آهن ۽ اڳتي جي تعليمي پروگرام ۾ شريڪ آهن، اُنهن جي وڌيڪ ڄاڻ جي تلاش جو ابتدائي نقطو انهيءَ تصور بابت سندن ڳالهہ ٻولهہ سان ئي تعلق رکي ٿي: جيڪا 'تهذيب جي دنيا' بابت هو ڳالهہ ٻولهہ ڪندا، اُها حقيقت بابت سندن پنهنجي ڄاڻ جي سطح جو اظهار هوندو، ۽ سندن وجودي حقيقت جا مختلف مامرا سندن اُن ڄاڻ سان ئي ڳنڍيل آهن. هُنن جو هِن مامري بابت بحث مباحثو حقيقت جا ٻيا ٻيا پاسا آڻي سامهون بيهاري ٿو ۽ اُنهن کي جيئن پوءِ تيئن واضح تنقيدي نگاهن سان ڏسڻ جي ضرورت اُڀري سندن سامهون اچي ٿي تهذيب جي انهن پاسن ۾ وري انيڪ ٻيا مامرا موجود هجن ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي واري سان اُهي ظاهر ٿين ٿا ۽ سوچ ويچار گهرن ٿا.

هيلتائين جيڪو منهنجو تجربو آهي، اُهو مون ئي ائين ئي ٻڌائي ٿو تہ تهذيب جي هِن تصور کي اُن جو سيني يا اڪثر پاسن کان جانچيندي ۽ اُنهن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندي، تعليمي پروگرام جا انيڪ نقطا ۽ رستا کلي سامهون اچن ٿا. ان سان گڏ تهذيبي حلقي ۾، ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ، تعليمڪار سڌيءَ طرح شرڪت ڪندڙن کان پڇي سگهن ٿا:'هِنن ڳالهين کان سواءِ ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون آهن جن تي پاڻ ويچار ڪري سگهون ٿا؟' جيئن جيئن هر ماڻهو جواب ٿي، اُهو نوٽ ڪجي ۽ حلقي جي آڏو اُتي ئي اُها ڳالهہ هڪ مسئلي طور سامهون رکجي، جنهن کي حل ڪرڻ حلقي جو ڪم آهي.

حلقي جو هڪ ميمبر، مثلاً چوي ٿو تہ 'اَءُ قوم يا قومي محبت بابت ڳالهائڻ گهرندس.' 'ٺيڪ آهي.' تعليمڪار چوي ٿو ۽ هن جي اِها ڳالهہ نوٽ ڪري ٿو ۽ پوءِ پڇي ٿو: 'قوم جو (قومي محبت جو) ڇا مطلب آهي؟ هن ڳالهہ بابت بحث اسان لاءِ ڪهڙي ڪم جو آهي؟' منهنجو تجربو آهي تہ جڏهن ڪا بہ تجويز ڪيل ڳالهہ يا ڪا صلاح حلقي جي سامهون مسئلي طور رکجي ٿي، تہ نيون ڳالهيون ۽ نون مامرا کلي آڏو اچن ٿا. جيڪڏهن هڪ ايراضيءَ ۾ جتي، (مثلاً) ڇهہ تهذيبي حلقا ساڳئيءَ رات گڏجن ٿا، ۽ سندن تعليمڪار (تربيت ڪار) اِنهيءَ نموني ڪم ڪن ٿا، تہ صحيح فيصلي ۽ منصفانہ حل بابت انيڪ قسم جو معلوماتي مواد گڏ ٿي ويندو.

آزادگي ڏيندڙ تعليم جي خيال کان اهم شيءَ هيءَ آهي تہ ماڻهو جڏهن دنيا بابت پنهنجن ۽ پنهنجن ساٿين جي راين ۾ پڌرن توڙن لڪل خيالن يا ويچارن تي بحث مباحثو ڪن، تہ هو پاڻ کي پنهنجي سوچ جا، پنهنجي فڪر جا، مالڪ محسوس ڪن: ڇا ڪاڻ تہ تعليم جو هيءَ نظريو شروع ئي هِن عقيدي سان ٿئي ٿو تہ اُهو پنهنجي طرفان پنهنجو ڪو پروگرام پيش نٿو ڪري سگهي، پر اُن لاءِ ضروري سمجهي ٿو تہ اُهو ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ صلاح مصلحت ذريعي دريافت ڪيو وڃي، تہ ان صوت ۾ ظاهر آهي تہ هيءُ نظريو مظلومن لاءِ تعيلم ۽ تدريس جو پروگرام اُهو ئي پيش ڪري سگهي ٿو جنهن جي تعمير ۽ تربيت ۾ لازمي طور مظلوم خود شريڪ ڪار هجن ۽ اُن سڄيءَ ڪوشش ۾ هنن خود حصو ورتو هجي.

# باب چوٿون

هن باب ۾ تدريسي عمل جي ڳالهه ٻولهه پسند ۽ ڳالهه ٻولهه ورودي نظرين جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي: اِن ڪري گذريل بابن ۾ اِن سلسلي جا جيڪي نُڪتا پيش ڪيا ويا آهن، تن ۾ اضافي خاطريا اُنهن جي حمايت ۾ نون خيالن جي وضاحت طور، اونهن نُڪتن کي وري وري هتي هن بابت ۾ بحث هيٺ آندو ويندو.

آءٌ وري به ائين چئي هِتي ڳالهه شروع ڪندس ته انسان تدبير جي صلاحيت رکن ٿا ۽ حيوان خالي مصروفيت جي. حيوان دنيا تي نٿا ويچارين، هو اُن ۾ ٻُڏل رهن ٿا. اِن جي ابتڙ انسان دنيان مان اُڀري مٿي اچن ٿا، اُن کي پاڻ کان الڳ هڪ شيءِ ڀانئين ٿا، ۽ ائين اُن کي سمجهي سگهن ٿا ۽ پنهنجي محنت سان بدلائي سگهن ٿا.

حيوانَ، جيڪي 'محنت' نٿا ڪن، هڪ ئي صورتحال ۾ رهن ٿا، جنهن تي غالب نٿا پئجي سگهن، ائين حيوانن جي هر صنف پنهنجي خاص حال ۾ رهي ٿي، ۽ اِهي سندن حال جون دنيائون انسانن کان ته پري نه آهن، پر پنهنجي پاڻ ۾ انهن جي ڪا ڏي وٺ ڪانهي، ۽ اُهي هڪ ٻئي کان غير واقف ۽ بي خبر رهن ٿيون.

انسانن جي مصروفيت عمل ۽ فڪر تي مشتمل هجي ٿي، ۽ اِها ئي انسانن جي تدبير آهي، ۽ دنيا جي تبديليءَ لاءِ انسانن جي اِها واحد ترڪيب آهي. تدبير هجڻ ڪري اُن کي سمجهڻ لاءِ اندازي ۽ 'قياس' جي، علم جي، اصول جي، درڪار آهي. اِن طرح انسانن جي سڄي مصروفيت

قياس ۽ مشق تي، فڪر ۽ عمل تي مخصوص آهي. ۽ جيئن مون مٿي، ٻئي باب ۾ چيو اُن ڪي رهڻيءَ گهڻ اڪرائيءَ ۾ ۽ محض عمليت ( مصروفيت) تائين محدود ڪري نٿو سگهجي.

لينن جي مشهور قول-'انقلابي نظريي ڪانسواءِ انقلابي تحريڪ ممڪن ڪانهي'- جي معنيٰ ٻه اها ئي آهي تہ انقلاب نہ لفاظيءَ سان ۽ نہ رڳو عمليت سان، پر فقط تدبير سان، سچڻ عمل سان، حاصل ڪري ٿو سگهجي: يعني ان فڪر ۽ عمل سان جيڪي نظامن ڪي تبديل ڪرڻ جي سِڌا سامهون رکن ٿا. هِنن نظامن ڪي تبديل ڪندڙ انقلابي جدوجهد هرگز پنهنجن اڳواڻن ڪي ٿي پنهنجا مفڪر ۽ فقط مظلومن ڪي ٿي ان فڪر جا عامل يا ڪارندو سڏي نٿو سگهجي.

جيڪڏهن عوام سان ڪامل وفاداري، جنهن ۾ اُن 'حقيقت' جي تبديليءَ جي ڪوشش لازم ٿئي ٿي، جنهن هيٺ هو مظلوم جي رهيا آهن، اِئين گهري ٿي تہ تبديليءَ جي عمل جو هڪ نظريو هڪ اصول، موجود هجي، تہ هيءَ اصول، هيءَ نظريو عوام ڪي اُن تبديل ڪندڙ عمل جي سلسلي ۾ پنهنجي پوري ڪردر ادا ڪرڻ ڪان هرگز محروم رکي نٿو سگهي. اڳواڻ مظلومن ڪي محض ڪارندن طور هلائي نٿا سگهن، جن ڪي فڪر جي موقعي ڪان وانجهيو وڃي ۽ رڳو عمل جي خمار ۽ وهم ۾ مست رکيو وڃي- جڏهن حقيقت ۾ هو ساڳيءَ اڳينءَ صورت وانگر ئي استعمال ٿي رهيا هجن. رڳو هِن فرق سان تہ هِن ڀيري ڪين استعمال ڪرڻ وارا پنهنجي پاڻ ڪي اهڙيءَ ظالمانہ روش جا حامي نٿا سمجهن!

اڳواڻن تي برابر تنظيم ۽ تياريءَ جي ذميداري آهي، ۽ ڪن وقتن تي خود حڪمن ڏيڻ جي ٻہ- پر اُهي اڳواڻ جيڪي مظلومن ڪي تبدير ڪان محروم رکن ٿا، اُهي انهيءَ طرح خود پنهنجي تدبير ڪي ٻہ غلط ۽ ناڪام بنائي ٿا ڇڏين. پنهنجو لفظ ٻين تي مڙهڻ سان، هو اُن لفظ ڪي ڪوڙو ڪن ٿا ۽ پنهنجن مقصدن ۽ طريقن جي وچ ۾ تضاد پيدا ٿا ڪن. جيڪڏهن هو آزادگيءَجي جدوجهد سان سچ پچ واڳيل آهن، تہ اُن ڏِس ۾ هنن جو عمل ۽ فڪر پنهنجن ٻين ساٿين جي عمل ۽ فڪر سان گڏ هجڻ ڪانسواءِ اڳتي وڌي ئي نٿو سگهي.

انقلابي تدبير کي بالادست اعليٰ مقام فردن يا گروهن جي تدبير کان مختلف ٿي هئڻ گهرجي. ڇا ڪاڻ تہ هي الڳ الڳ تدبيرون پنهنجي اصل نوع ۾ ٿي متضاد هجن ٿيون. انقلابي تدبير ڪا غير معقول دوئي يا فرق برداشت ڪري ٿي نٿي سگهي، جنهن ۾ عوام جي طرفان جيڪا تدبير ٿئي، فقط اڳواڻن جي فيصلن جي پيروي ٿي هجي! اهڙي دوئي بالادست اعليٰ مقامين جي حڪماحڪمي يا فرماني طريقن جو ٿي عڪس هجي ٿي. انقلابي تدبير وحدت آهي، اتحاد آهي؛ انقلابي اڳواڻ مظلومن کي پنهنجي ملڪيت ۾ ورتل شين طور هلائي نٿا سگهن.

استعماليت، نعريبازي، ڏراوتڪاري، قوائدبايازي ۽ نسخن جو اجراءِ-اِهي انقلابي تدبير جا ترڪيبي عنصر نٿا ٿي سگهن، ڇاڪاڻ تہ اِهي آهن ٿي بالادستيءَ ۽ حاڪميت جا عنصر. بالادست لاءِ، انهيءَ لاءِ تہ هو بالادستي هلائي سگهي، ٻيو ڪو رستو ٿي ڪونهي، سواءِ اِن جي تہ هو عوام لاءِ پنهنجيءَ تدبير هلائڻ جو ڳتو نہ ڇڏي، ۽ ڪين پنهنجي ڪنهن لفظ ڪچڻ جو پنهنجن ڪن خيالن جي خيال ڪرڻ جو حق ٿي نہ ڏئي، هو ڳالهہ ٻولهہ جو رستو وٺي ٿي نٿو سگهي؛ هُن لاءِ ائين ڪرڻ جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ يا تہ هو پنهنجي بالادستيءَ جي طاقت تان هٿ کڻي چڪو آهي ۽ مظلومن سان وڃي مليو آهي، يا تہ هو پنهنجي اُها طاقت، بالادست هجڻ جِي 'غلط' ڪنهن ڳالهہ سبب وڃائي چڪو آهي.

اِن جي ٻيءَ طرح، انقلابي اڳواڻ جيڪي عوام سان پنهنجن لاڳاپن ۾ ڳالهہ ٻولهہ جي طريقي سان نٿا هلن، تن يا تہ پنهنجو بالادستيءَ جوون عادتون قائم رکيون آهن ۽ هو سچا انقلابي نہ آهن؛ يا تہ پنهنجي ڪردار جي تصور بابت ڪلي طور ڪنهن غلطي فهميءَ ۾ آهن، ۽- پنهنجي ڪنهن گروهہ پسنديءَ جي پابنديءَ هيٺ- هو اُهڙائي غيرانقلابي آهن. هو پوءِ اقتدار تائين بہ ممڪن آهي تہ پهچي وڃن، پر ڳالهہ ٻولهہ وروڌي عمل جي نتيجي ۾ حاصل ٿيل انقلاب جو جائز- پٽو ۽ پختائي پوءِ بہ پوريءَ طرح شڪ ۾ رهي ٿي.

اِها تمام ضروري ڳالهہ آهي تہ انقلابي عمل جي سڄي سلسلي ۾ مظلوم انقلاب جي آڌڻ ۾ پنهنجي ڪردار ۽ اُن جي سماجي منطق کان وڌ ۾

وڏا تنقيدي طور با خبر رهن. جيڪڏهن هو انقلابي عمل ۾ مُنجهيل ۽ دو طرفي ذهن سان ڇڪجي اچي شامل ٿيندا- هڪ حصو اُنهن جو هو پاڻ ۽ ٻيو حصو اُنهن جو اُهي ظالم جيڪي اُنهن جي اندر ويٺل آهن-۽ جيڪڏهن هو اُن دو طرفائيءَ ۽ مونجهاري سان، جيڪا ڪيفيت ظلم جي صورتحال جي مٿن مڙهيل آهي، اقتدار ۾ ايندا- ته منهنجو پختو عقيدو (33) آهي ته هو نلهي اِنهي تصور ۾ رهندا ته هو 'نيٺ اقتدار تي رسي ويا،' سندن اِها وجودي دو طرفائي ۽ دوئي ممڪن آهي ته گروهه بنديءَ جي اُڀرڻ جهو سبب بنجي، جنهن ۾ عملدار شاهي اچي براجمان ٿئي، جيڪا انقلاب کي ئي پاڙون اُکيڙي ڇڏي. جيڪڏهن مظلوم انقلابي عمل جي پوري سلسلي دوران پنهنجي اِن مونجهاري کان باخبر نتا ٿين، ته اُهي انقلابي عمل ۾ انقلابي روح سان گهٽ ۽ انتقامي روح سان وڌيڪ حصو وٺندا(34) هو انقلاب لاءِ برابر تانگهيندا، پر اُن کي آزادگيءَ جي راهه سمجهندي نه، رڳو بالادستيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ذريعي طور.

انقلابي اڳواڻ، جيڪي سچا پچا انسان دوست آهن ۽ واقعي انقلابي آهن، تن جي آڏو بهِ اِن سلسلي جون جيڪڏهن ڪيئي مشڪلاتون آهن، ته اڳواڻن جي اُها ٽولي جيڪا نيڪ نيتيءَ سان، به صرف، عوام لاءِ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، اُنهن جي آڏو اٿندڙ مسئلا ۽ مشڪلاتون ته پاڻ وڌيڪ گهٽيون ۽ ڏکيون ٿي سگهن ٿيون: ڇو ته انقلاب لاءِ ائين ڪوشش ڪرڻ جي معنيٰ آهي عوام کانسواءِ انقلاب آڻڻ، ۽ اُن لاءِ ماڻهن کي اُنهن ئي رستن ۽ طريقن سان ڇڪي انقلاب ۾ شريڪ ڪرڻو پوندو جن طريقن ۽ رستن سان مٿن ظلم جو عمل روا رکيو ويندو آهي.

انهيءَ ڪري عوام سان ڳالهه ٻولهه هر سچي ۽ پيڙهائتي انقلاب لاءِ اِشد ضروري آهي.اِهائي شيءِ آهي، جيڪا انقلاب کي (فوجي ڇاپو يا ارهه زروائي- Coup نه پر ) انقلاب بنائي ٿي، فوجي ڇاپي (Coup) مان ڳالهه ٻولهه جي اميد نٿي رکي سگهجي؛ اُن مان فقط فريب جي اُميد رکي سگهجي ٿي (ڇو ته اُهو پاڻ لاءِ جائزگيءَ يا حلالپڻي جي سند حاصل ڪرڻ گهري ٿو) يا تشدد جي (ڇو ته اهو آخري طور دٻائڻ يا اوراڻڻ گهري ٿو). سوير يا اوير، سچي انقلاب کي عوام سان ڳالهه ٻولهه ضرور شروع ڪرڻي آهي، ڇو ته ان

ڪي ان جي سچيءَ اصليت، جائزگي ڳالهه ٻولهه ۾ مان ملي ٿي.(35) سچو انقلاب عوام کان ڏڄي نٿو سگهي، عوام جي ڳالهين کان، توڙي اقتدار ۾ عوام جي سچي پچي ۾ اثرائتي ساٿ ۾ ڀائيواريءَ کان. سچي انقلاب کي عوام ڏانهن جوابدار رهڻو آهي، ۽ انهن سان پنهنجين ڪاميابين بابت، پنهنجين غلطين بابت، پنهنجين اٽڪلن اندازن بابت، ۽ پنهنجين مشڪلاتن بابت اُن کي بي حجاب ڳالهائڻو آهي.

جيتري سوير ۽ جلد ڳالهه ٻولهه شروع ٿيندي، اوتري وڌيڪ سچي انقلابي تحريڪ عمل ۾ ايندي هيءَ ڳالهه ٻولهه، جيڪا انقلاب لاءِ تمام ضروري آهي. بلڪ اُن لاءِ ساهه برابر آهي، ٻيءَ هڪ بنيادي ضرورت سان ٻه ميل کائي ٿي: خود ماڻهن جي ضرورت سان، جيڪي جيئرين هستين طور ٻُڌڻ ٻُڌائڻ ۽ هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيڻ کانسواءِ سچا پچا ماڻهو ٿي نٿا ٿي سگهن_ڇو ته ماڻهو اصل ۾ آهن ئي ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ جيو. سندن ٻُڌڻ ٻُڌائڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا رستا بند ڪرڻ معنيٰ ته کين محض 'شين' جي سطح تي نيئي رکڻ_ ۽ اِهو ڪم ظالمن جو هوندو آهي، نه انقلابين جو.

تدبير يا سچاڻ عمل تي منهنجو هيءَ زور هرگز اُن ترڪيب 'دوئي' ڏانهن اشارو ڪونه ٿو ڪري، جنهن تحت ڇيو ويندو آهي ته پهرين فڪر ۽ پوءِ عمل. سچاڻ عمل ۾، جنهن کي انساني تدبير چئجي ٿو عمل ۽ فڪر ٻيئي گڏوگڏ ۽ ساڳئي وقت موجود رهن ٿا.بهرحال، ڪنهن حالت ۾ حقيقت جي تز پرورڙائين ڏسي سگهي ٿي ته هِن وقت عمل جو هيءُ يا هو خاص نمونو ناممڪن آهي يا نامناسب آهي. جيڪي ائين پوري سوچ ويچار سان سمجهن ٿا ته هيءَ يا هو خاص عمل نا مناسب يا ناممڪن آهي( اُن ڪري اُهو عمل مهمل رکن ٿا يا ان جي بدران ٻيو عمل ڪن ٿا) ته اُنهن تي انهيءَ ڪري بي عمليءَ جو الزام هڻي نٿو سگهجي. تورتڪ ڪندڙ فڪر، تنقيدي سوچ ويچار پڻ عمل آهي.

مون اڳ چيو آهي ته تعليم ۾ استادَ شاگردَ طرفان ڪنهن شيءِ کي ڄاڻڻ جي ڪوشش جو جيڪا ڄاڻڻ لائق آهي، اُن شيءِ تي ئي خاتمو ڪو نه ٿو ٿئي، ڇا ڪاڻ ته هُن جي اُن ڪم جو اثر ٻين شاگردن_ استادن تائين اِئين پهچي ٿو جو اُها ڄاڻڻ لائق شيءِ اُنهن جي به سمجهه جي استعمال ٿيڻ

۽ وڏڻ جو سبب بڻجي ٿي، ۽ ائين استادَ شاگردَ ۽ شاگردن استادن جي گڏيل سمجهه. اُن شيءِ جي سلسلي ۾ وڏي ٿي ۽ پختي ٿئي ٿي. انقلابي عمل جي حالت ۾ بہ ائين ٿئي ٿو. اُن جو مطلب هيءُ تہ مظلوم ۽ اڳواڻ انقلابي عمل يا گڏيل ۽ هڪ ئي جهڙا محرڪ آهن ۽ خارجي حقيقت ٻنهي جي تبديل ڪندڙ عمل جي مشترڪ نشاني جو ڪم ڏئي ٿي.

عمل جي هِن اصول پٽاندر ڪنهن محرڪ، يا عامل يا رڳو محرڪن يا عاملن جي ڳالهہ نٿي ڪري سگهجي. پر اُن لاءِ همراز محرڪ، ساٿي عامل، ئي موجود هجن ٿا.

اِن ڳالهہ ۾ ممڪن آهي تہ انقلابي قوتن جي فرق ۽ دوئيءَ جو ڪو هلڪو اشارو بہ موجود ڏٺو وڃي: پر ڳالهہ در اصل ان جي بلڪل ئي ابتڙ آهي: ۽ اُها آهي ٻنهي قتون جي پوري ساٿ جي. هِن پوري ساٿ ڪانسواءِ، اسان ڪي واقعي انهن ۾ فرق ڏسڻ ۾ ايندو: اڳواڻ جدا ۽ عوام جدا. جيئن ظلم جي فضا ۾ نظر ايندو آهي۔ اُن جي هڪ نقل، هڪ ڪوڙي ڏيک طور. انقلابي ساٿ ۾ همرازيت کان انڪار عوام سان ڳالهہ۔ ٻولهہ کان نٽ نتاءُ۔ ائين ٻانئيندي تہ عوام کي متحده محاذ جي تقاضائن کي ڏسڻو آهي، وغيره وغيره۔اِهي سچ پچ تہ رڳي آزاديءَ کان خوف جون علامتون آهن. اِها روش سچ پچ تہ عوام کان خوف جي، يا عوام ۾ عدم اعتماد جي، نشاني آهي. ۽ جيڪڏهن عوام ۾ اعتماد نہ آهي، تہ آزاديءَ جو ڪو جواز بہ موجود نٿو رهي سگهي: هِن حالت ۾، پوءِ انقلاب عوام لاءِ بہ نہ، پر عوام جي، 'هٿان' اڳواڻن لاءِ ئي حاصل ڪيو ٿو وڃي: اِها صورت مڪمل طور هڪ خود نفيءَ جي صورت آهي.

انقلابُ نہ اڳواڻ ماڻهن لاءِ، نہ ماڻهو اڳواڻن لاءِ حاصل ڪن ٿا، پر ٻيئي اڏول ساٿ ۾ رهنديءِ مشترڪ عمل سان ئي حاصل ڪن ٿا. هيءُ ساٿ فقط تڏهن قائم ٿئي ٿو جڏهن اڳواڻ ماڻهن سان نهٺائيءَ، پيار ۽ حوصلي جي بنياد تي پنهنجو واسطو قائم ڪن ٿا. عوام سان هن قسم جي واسطي قائم ڪرڻ جي همت هر ڪنهن ۾ ڪا نہ ٿي ٿئي۔ پر اُن کان جيڪي پاڻ بچائين ٿا، اُهي سخت دل ۽ شوخ طبع ٿين ٿا ۽ ٻين سان اُنهن جو ورتاءُ ائين هجي ٿو، جڻ اُهي ٻيا محض ڪي 'شيون' هجن. اُهي زندگيءَ جي پرورش

ڪرڻ بدران، اُن کي مارين ٿا. زندگيءَ جي تلاش ۾ رهڻ بدران هو ان کان پڄن ٿا. ۽ اِهي سڀ ظالمن جن خصلتون هونديون آهن.

سچو انقلاب اُن صورتحال کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنهن ۾ انسان ائين حيوانجن ٿا. پر اُهي، جن جا مفاد اُن صورتحال ۾ اُسرن ٿا ۽ وڌن ٿا، اُنهن جي هِن تبديلي ۾ دلچسپي نٿي ٿي سگهي؛ هيءَ تبديليءَ فقط مظلومن کي ئي، پنهنجن اڳواڻن جي شراڪت سان، عمل ۾ آڻڻي آهي. هيءَ اُهو سچ آهي، جيڪو بنيادي طور فيصلو ڪن ۽ حتمي آهي، ۽ انقلابي اڳواڻپ لاءِ لازم آهي تہ هيءَ سچ، ماڻهن سان ساٿ قائم رکندي، ساهہ وانگر پنهنجي من ۾ سانڍي رکن. هِن ساٿ ۾ ماڻهو ۽ اڳواڻ، ٻيئي ڏريون، وڌن ٿيون ۽ مٿي اُڀرن ٿيون ۽ اڳواڻ، بجاءِ ان جو اڳواڻپ جي رتبي تي پنهنجو پاڻ کي ئي مقرر ڪندا ڦرن، عمل جي ميدان ۾ ماڻهن جي جِان نثاريءَ سان پنهنجي جان نثاريءَ کي لڳو لڳ رکندي پنهنجي اڳواڻپ جي سَند قائم ڪن ٿا.

ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي حقيقت جو بيجان ۽ ميڪانيڪي مطلب وٺندي، ڏسي ئي نٿا سگهن تہ دنيا ۾ ماڻهن جي سچي پچي صورتحال ئي دنيا بابت سندن شعور مرتب ڪري ٿي، جيڪو وري حقيقت سندن لاڳاپا ۽ اُن ڏانهن سندن روش مرتب ڪري ٿو. هو سمجهن ٿا تہ حقيقت کي ميڪانيڪي طرح (36) بدلائي سگهجي ٿو— ۽ اُن لاءِ حقيقت بابت ماڻهن جي غلط شعور کي هڪ مسئلي طور آڏو آڻڻ ۽ سمجهڻ ضروري نہ آهي، ۽ نہ ئي اُن لاءِ انقلابي عمل جي ضرورت آهي، جنهن وسيلي ڪچاين ۽ غلطين کان وڌ ۾ وڌ پاڪ ۽ صاف شعور اُڀاري سگهجي ٿو. هِن سلسلي ۾ هڪ بنيادي سچ هيءَ آهي تہ تاريخ ماڻهن کان سواءِ نٿي ٿي سگهي ۽ نہ تاريخ ماڻهن لاءِ هجي ٿي؛ تاريخ ماڻهن جي هوندي آهي، جيڪا ماڻهو ٺاهيندا آهن، ۽ (جيئن مارڪس چيو آهي) موٽ ۾ جيڪا خود ماڻهن کي ٺاهيندي آهي. جڏهن ماڻهن جي اڪثريت کي تاريخ جي اِن ٺهڻ جي عمل ۾، اُن جي فعال جزن جي حيثيت ۾، شرڪت کان محروم رکي وڃي ٿو، تڏهن اُهي پاڻ کي مغلوب ۽ محڪوم ڏسن ٿا ۽ سندن دلين ۾ ويڳاڻپ ۽ علحدگيءَ جو احساس جنم وٺي ٿو. اُن صورت ۾ اُنهن جي انهيءَ مغلوبيت کي، اُنهن جي

انهيءَ ڪِريل، هار ڪاڌل، مايوس حالت کي پاڻ وهيڻائيپ ، خود اعتماد ۽ پر اُميد حالت ۾ بدلائڻ لاءِ- جيڪا ٿي هر سچي انقلاب جي مراد هوندي آهي، ضروري آهي تہ هو حقيقت تي، جنهن کي تبديل ڪرڻو آهي، فڪر ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿين.

تحقيق، اِها ڳالهہ تہ هڪ تصوراتي خوش فهمي ٿي ٿيندي، جو ظلمي حقيقت تي رڳو فڪر ڪرڻ ۽ پنهنجي مغلوب حيثيت کي محسوس ڪرڻ سان ٿي ماڻهو ڦري جاندار ۽ فعال هستيون تي پون! پر جيتوڻيڪ ڳالهہ جي هيءَ پروڙ خودبخود ۽ جيئن آهي، تيئن اِهو اثر ڪا نہ ٿي رکي، جو چئجي تہ ماڻهو جاندار ۽ فعال بنجي ويا آهن، پر اُن جي اِها معنيٰ ضرور آهي، جيئن منهنجي هڪ ساٿي محقق(37) مون کي چيو تہ ماڻهن ۾ پنهنجي جانداريت ۽ فعاليت جي اميدواري ضرور پيدا ٿئي ٿي- اميدواري، جيڪا کين اُن نئين، آڌو بيٺل، مٿيري انساني رتبي تي رسڻ لاءِ، اُٿاري ۽ اڳتي قدم کڻڻ لاءِ آياري سگهي ٿي.

بئي پاسي، ائين مڃڻ بہ هڪ غلط ڳالهہ ٿيندي تہ محض عمليت ئي (جيڪا سچاڻ عمل نہ آهي) انقلاب جي راهہ آهي، اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ ماڻهو واقعي نقاد ۽ پارکو فقط تڏهن بنجي ٿا سگهن، جڏهن هو پنهنجيءَ تدبيري ڪوشش ۾ پورا مصروف رهن-اِن جي معنيٰ تہ جڏهن هنن جو عمل تنقيدي فڪر ۾ رچيل هجي. جيڪو رچاءُ هُنن جي سوچ کي اُها هڪ منظم صورت ڏئي، جيئن حقيقت جي محض هڪ ساديءَ ۽ سطحي ڄاڻ کان مٿي چڙهي، هو اُن جي اهڙي ڏاڪي تي پهچي وڃن، جتان حقيقت جا اصل سبب هو سڌا ۽ واضع طور ڏسي سگهن. جيڪڏهن انقلابي اڳواڻ عوام کي اِهو حق يا موقعو نہ ٿا ڏين، تہ هو گويا خود پنهنجي ئي سوچ جي صلاحيت کي ڇيهو ٿا رسائين- ڪم از ڪم پنهنجي صحيح سوچ کي. انقلابي اڳواڻ ماڻهن کان سواءِ يا ماڻهن لاءِ، سوچي نٿا سگهن: هو فقط ماڻهن سان گڏ سوچي سگهن ٿا.

اِن جي برعڪس، بالادست اعليٰ مقامي شخص، ماڻهن کانسواءِ سوچين ٿا ۽ سوچي پڻ سگهن ٿا. هو ماڻهن بابت سوچڻ کان تہ پاڻ کي ڪڏهن بہ فارغ نٿا رکن، ڇو تہ کين ماڻهن کان خوب واقف رهڻو آهي، ان لاءِ

تہ اُنهن تي هو پوريءَ مهارت ۽ ڪاميابيءَ سان پنهنجو قبضو قائم رکي سگهن. انهيءَ ڪري بالادست اعليٰ مقامين ۽ عوام جي وچ ۾ ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندڙ ڳالهہ ٻولهہ يا حال احوال جو رستو ائين آهي، جيئن رڳو هڪ طرفان اعلان ناما ۽ پڌرناما ڪڍيا ويندا آهن، جن مان اِها اميد ڪئي ويندي آهي تہ اُهي عوام تي اهڙو اثر ڪن. جو اُهي ماڻهن مان بدلجي گهريلو جانور بنجي وڃن، جن کي هو جيئن چاهين تيئن ڏتاريندا، ڪاهيندا ۽ هڪليندا وتن.

ائين چو آهي تہ بالادست اعليٰ مقامي شخص ماڻهن سان گڏ نتا سوچين، تہ بہ هو ڪمزور نتا ٿين؟ ڇاڪاڻ تہ ماڻهو هن جو ضد(Anti- Thesis) آهن۔ ۽ ماڻهو ئي بالادست اعليٰ مقامين جي وجود جو سبب بہ آهن. جيڪڏهن بالادست اعليٰ مقامي شخص ماڻهن سان گڏ سوچڻ لڳن، تہ تضاد غائب ٿي وڃي، ۽ بالادست بہ نہ رهن. تاريخ جي هر دؤر ۾ بالادستين جي نقطي نگاهہ کان صحيح فڪر اِهو ئي آهي تہ ماڻهو ڪجهہ نہ سوچين. نائبوهر(Niebuhr) لکي ٿو:

”هڪڙو مسٽر گِڊي (Mr. Giddy) ٿي گذريو آهي، جيڪو پوءِ رايل سوسائٽيءَ جو صدر بہ ٿيو هو. اُن ڪي اعتراض اٿاريا هئا، جيڪي هر ملڪ ۾ 'هن جهڙن ماڻهن طرفان اٿي ٿي سگهيا تہ 'ڪمين ڪاسبين ۽ غريبن جي طبقي کي تعليم ڏيڻ جي رٿا ڪهڙي بہ ڏيکائو نظريي تي ٻيٺل هجي، پر اُن سان هُنن جا اخلاق بگڙندا ۽ هُنن جي خوشيءَ ۽ راضي بَرضا هجڻ ۾ ضرور خلل پوندو. اُها هُنن کي کيتن ۾ ۽ ٻين محنت گهرندڙن ڪمن ۾ حلالي نوڪرن وانگر ٿي هلڻ بدران زندگيءَ ۾ پنهنجي قسمت کي ڏڪارڻ سيکاريندي، هنن کي زبردستيءَ جي سيکارڻ بدران ڪم چور ۽ ڦڏئي بنائيندي، جيئن اُنهن ملڪن ۾ ثابت ٿي چڪو آهي، جتي ڪارخانا قائم ٿيا آهن: اُها هُنن کي باغي پترن ۽ مسيحي دين جي خلاف ڪتابن ۽ ٻين اهڙن ڇاپي تحريرن جي پڙهڻ ڏانهن مائل ڪنديءَ. اُها هنن کي پنهنجي بالادستن جي آڏو شوخ ۽ بي ادب بنائينديءَ ۽ ٿورن ئي سالن جي اندر قانون ساز اسيمبليءَ کي لاچار هُنن تي سخت ڪارروائي ڪرڻ جا اقدام ڪرڻا پوندا تہ جيئن هو ضابطي ۾ رهن.““

مسٽر گڊيءَ سچ پچ اُهو ئي چاهيو ٿي، جيڪو اڄ بہ بالادست عالي مقام جا ماڻهو چاهين ٿا (جيتوڻيڪ اڄ هو ايترو کليو کلايو ۽ ايتريءَ منهن جي پڪائيءَ سان عام قبول پيل عوامي تعليم کي ڪو نہ ٿا نندين): يعني هيءَ تہ ماڻهو سوچين ويچارين بنهہ نہ ۽ ڇاڪاڻ تہ سيني دؤرن جا مسٽر گڊيءَ جهڙا عالي مقام شخص، ظالم طبقي جي فردن هئڻ سبب، ماڻهن سان گڏ سوچي نٿا سگهن، انهيءَ ڪري هو ماڻهن کي هرگز ڇڏي نٿا سگهن تہ اُهي پنهنجي مُنهن يعني آزاديءَ سان پاڻ ئي پنهنجي لاءِ سوچين.

پر اِها ڳالهہ انقلابي اڳواڻن سان ڪا نہ ٿي لڳي، جيڪڏهن هو ماڻهن سان گڏ نٿا سوچين، تہ هو هڪدم بيزار ۽ نِستا ٿي پون ٿا. ماڻهو هُنن جو پر جهلو آهن، هنن جي دنيا آهن، محض، 'شيون' نہ. جن لاءِ رڳو سوچيو وڃي، جيتوڻيڪ انقلابي اڳواڻن کي بہ ماڻهن بابت سوچڻو پوي ٿو، اِنهيءَ لاءِ تہ هنن کي آزادگي ملي (نہ تہ مٿن بالادستي قائم ڪئي وڃي)، اُن سوچڻ ۾ اڳواڻ ماڻهن جي سوچ سان پاڻ ملائين ٿا، بلڪ پاڻ کي اُنهن جي حوالي ڪن ٿا. هي سوچ جا بہ قسم آهن: هڪڙي سوچ آقا جي، مالڪ جي آهي؛ ٻي سوچ ساٿيءَ جي، سنگ واري جي آهي.

بالادستي، پنهنجي فطرت سببان ئي، رڳو بالادست رتبو يا مقام چاهي ٿي، جيڪا ڳالهہ تضاد جي لازمي صورت کي اُياري ٿي ۽ اُن جو پرورش ڪري ٿي؛ انقلابي آزاديءَ جو عمل، جيڪو اِن تضاد کي حل ڪرڻ گهري ٿو نہ رڳو اُن جا اِهي بہ، هيٺ ۽ مٿي جا، قطب ڇاٽي ٿو پر ان ڪوشش جي سلسلي ۾ اڳواڻپ جي هڪ ٽئين عنصر کي بہ وجود ۾ آڻي ٿو. هي اڳواڻپ جو عنصر لازمي طور ماڻهن جي مظلوم صورتحال سان ئي پاڻ کي وابستہ ڪري ٿو ٻيءَ صورت ۾ اُهو انقلابي عنصر نٿو رهي. رڳو ماڻهن بابت سوچڻ، جيئن بالادست ڪندا آهن، ۽ اُن سوچ ۾ پنهجو پاڻ ڪنهن قدر بہ ساڻن نہ ڳنڍڻ، يعني ماڻهن سان گڏ نہ سوچڻ- هيءَ اُهو رستو آهي، جنهن سان انقلابي اڳواڻپ جو پڪ ئي پڪ خاتمو ٿي وڃي ٿو.

ظلم جي صورتحال ۾، بالادست اعليٰ مقامي ماڻهو مظلومن جي 'جيئندڙ موت' تي ئي تڳن ۽ جيئن ٿا، ۽ پنهنجي ۽ مظلومن جي وچ ۾ اِن هيٺ ۽ مٿي واري عمودي بيٺل لاڳاپي جي آڌارتي ئي پنهنجي وجود جو

جواز قائم رکن ٿا. انقلابي عمل جي صورتحال ۾ اُپرندڙ اڳواڻپ جي جائز پڻي يا جواز جو هڪ ئي رستو آهي: اهڙيءَ اڳواڻپ لاءِ 'قربان ٿيڻ' لازم آهي، 'مرڻ' لازم آهي، انهيءَ لاءِ تہ اُها مظلومن جي ذريعي ۽ اُنهن سان گڏ 'پنر جنم وٺي سگهي.

ظلم جي صورتحال ۾ اسين صحيح طور چئي سگهون ٿا، تہ هڪڙو ڪو بہ ٻئي ڪنهن تي ظلم ڪري ٿو: انقلابي عمل جي صورتحال ۾ اسين ائين نٿا چئي سگهون تہ هڪڙو ڪو بہ ٻئي ڪنهن کي آزاديءَ ڏياري ٿو ۽ نہ فوراً ائين ٿا چئي سگهون تہ هڪڙو ڪو پاڻ کي آزادگي ڏياري ٿو: پر رڳو ائين چئي ٿا سگهون تہ ماڻهو ساٿ ۾ هڪ ٻئي کي آزادگي ڏيارين ٿا. ائين چوڻ سان انقلابي اڳواڻن جي اهميت کي ڪيرائڻ مقصود نہ آهي، پر پاڻ اُن جي وٺ کي وڌائڻ ۽ اُن جي اصل قدر کي اجاگر ڪرڻ آهي، اِن ڪان وڌ اهم شيءِ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي تہ مظلومن سان 'زندگيءَ جي ڦٽي ڪيلن سان' 'ڌرتيءَ جي ڏڪائلن' سان گڏ رهجي ۽ ڪم ڪجي؟ هِن ساٿ ۾ انقلابي اڳواڻ نہ رڳو پنهنجي وجود جي سچي معقوليت، سچو سبب، پر پنهنجي زندگيءَ جي سچي خوشيءَ ۽ مسرت جي ترغيب دريافت ڪري سگهن ٿا. پنهنجي فطرت سببان ئي انقلابي اڳواڻ اُهو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، جو ڪجهہ بالادست اعليٰ مقامي شخص۔ پنهنجي فطرت ئي سببان۔ ڪنهن بہ شرط تي نٿا ڪري سگهن.

ظالمن جي، بصورت هڪ طبقي جي، مظلومن سان هر ويجهڙائپ، جيئن پهرئين باب ۾ چيو ويو ڪوڙيءَ سخا ۽ ڪوڙيءَ فيض بخشيءَ جو ويس پاتل هجي ٿي. پر انقلابي اڳواڻ ڏيکائو سخي ۽ ڪوڙا مهربان ٿي ئي نٿا سگهن. ۽ نہ ئي هو اهڙو ڪو هترادو ناٽڪ رچي ٿا سگهن.ظالم وڏا ماڻهو ماڻهن کي پنهنجن پيرن هيٺ لتاڙڻ سان اڳتي وڌن ٿا. انقلابي اڳواڻ ماڻهن جي فقط ساٿ ۾ ئي اڳتي هلن ٿا. انهيءَ طرح ظالمن جو ڪم انسان دوستيءَ جو ڪم ٿي ئي نٿو سگهي. ۽ ٻئي پاسي انقلابين جو ڪم لازمي طور اُئين هجي ٿو.

ظالمن جي عدم انسانيت ۽ انقلابين جي انسان دوستي ٻنهي علم جو چاڻ جو استعمال ڪن ٿيون. پهر پهرئينءَ صورت ۾ علم ۽ ڪاريگريءَ

يا حرفت کي ماڻهن جي رتبي ۽ شان کي گهٽائي رڳو 'شين ' جي درجي ۽ رتبي تي آڻڻ لاءِ ڪم آندو ويجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ حرفت ۽ علم جيڪڏهن انقلابين جي هٿ وس آهن تہ اُهي انسانن کي بهتر انسانيت جي رتبي ڏيڻ ۽ مٿيري ماڻهپي جي مقام تي پهچائڻ لاءِ ئي ڪم اچن ٿيون. خود مظلومن کي، ان صورت ۾ بہ، بهرحال، سرگرم ۽ فعال رهڻو آهي، تہ جيئن هو رڳو علم ۽ حرفت جي دلچسپيءَ 'شين' جو ئي ڏيکاءُ نہ ڏيندا رهن.

عالمانہ انقلابي انسان دوستي،انقلاب جي نالي ۾، مظلومن سان اهڙي روش اختيار نٿي ڪري سگهي، ڄڻ اُهي ڪي 'شيون' هجن، جن جي پيچ گهڙ ۽ ماپ تور ڪرڻي هجي، ۽ پوءِ اُنهن مٿان ڪي نسخا ۽ فارمولا آزمايا وڃن يا مڙهيا وڃن جن تي اُنهن کي اکيون پوري عمل ڪرڻو پوي. ائين ڪرڻ معنيٰ ظالمن جي نظرياتي ڏند ڪٿائن مان هڪڙيءَ ڏند ڪٿا جي ڄار ۾ ڦاسڻ- جهالت جي ڪُليت جي ڄار ۾، جنهن جي نتيجي طور منجهانئس هڪڙو ڪو شخص، ويٺي ويٺي، ٻئي ڪنهن جهالت جي فتويٰ مڙهي ٿو. اُهو پاڻ کي ۽ پنهنجي طبقي جي ماڻهن کي ائين ٿو ڀانئي ۽ ظاهر ڪري تہ هو ئي ڄاڻن ٿا، ۽ ڄاڻڻ لاءِ جي ڄاوا آهن تہ بہ هو ئي ; ۽ ائين هو 'ٻين' کي پاڻ کان الڳ ڪر ڇڏي ٿو. هو پنهنجي طبقي وارن جا لفظ ۽ قول ئي 'صحيح' سمجهي ٿو جيڪي هو ٻين تي مڙهي ٿو يا مڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو- مظلومن تي، جن کان سندن لفظ چورايا وڃن ٿا، کسيا وڃن ٿا. جيڪي ٻين کان ائين لفظ کسي وٺن ٿا، اُهي اُنهن جي ٻين صلاحيتن کي بنهہ هيچ سمجهن ٿا، ۽ ائين ڀانئين ٿا تہ اُهي بلڪل ئي اُن لائق آهن. هر پيري جڏهن هو پاڻ ڪو لفظ ڪُڇن ٿا، ۽ ٻين جو ڪو لفظ ڪو نہ ٿا ٻڌن، جن کي ڳالهائڻ کان پاڻ ئي منع ڪري ڇڏي اٿن.تہ هو پنهنجي وڏائيءَ ۽ زور تي وڏيڪ ناز ڪن ٿا ۽ پنهنجي فرمان روائيءَ ۽ هدايتڪاريءَ جي بانور ۾ جيئن پوءِ تيئن وڏيڪ مست ٿين ٿا. ۽ پوءِ وٺن جيسين اهڙو ڪو ڪونهي، جنهن تي حڪم هلائين، تيسين هو اٻاڻڪا ٿي پون ٿا ۽ ڄڻ جي ئي نٿا سگهن. اِنهن حالتن ۾ پوءِ انسان جي، انسان سان، انسانن وانگر، ڳالهہ ٻولهہ جي هر صورت ناممڪن بڻجيو وڃي.

ٻئي پاسي عالم ۾ انسان دوست انقلابي اڳواڻ هجن ٿا، جي ماڻهن جي جهالت واريءَ ڏند ڪٿا ۾ ڪڏهن بہ ويساهہ نٿا رکن. هنن کي هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ شڪ ڪونهي تہ ظالمن جي اِها ڏندڪٿا نسورو ڪوڙ آهي. هو پاڻ ائين هرگز مڃي نٿا سگهن تہ فقط هو پاڻ ئي ڪنهن ڳالهہ جا ڄاڻو آهن۔ ڇو تہ اُن مان ثابت ٿيندو تہ هو ماڻهن کي گهٽ سمجهن ٿا ۽ ماڻهن تي شڪ ڪن ٿا. جيتوڻيڪ پنهنجي انقلابي شعور سببان هو بلڪل جائز طور سمجهي سگهن ٿا تہ سندن انقلابي ڄاڻ جي سطح ماڻهن جي تجرباتي ڄاڻ جي سطح کان مختلف آهي پر ان هوندي بہ هو پاڻ کي ۽ پنهنجي ڄاڻ کي ماڻهن تي مڙهي نٿا سگهن. هو ماڻهن کي نِلها نعرا تہ ڏيئي نٿا سگهن، انهيءَ ڪري مٿن لازم آهي تہ هو انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪن، تہ جيئن ماڻهن جي تجرباتي ڄاڻ ". اڳواڻن جي تنقيدي ڄاڻ جي آڌار تي، وسعت ۽ پختگي اچي سگهي، ۽ ٻنهي جي ڄاڻ آهستي آهستي بدلجي حقيقت جي سببن جي سگهاري ڄاڻ بڻجي وڃي.

اِها بلڪل هڪ سادگيءَ جي ڳالهہ ٿيندي، جو ظالمن مان اِها اميد رکجي تہ هو عوام جي جهالت واريءَ پنهنجيءَ ڏند ڪٿا کي ڪوڙو سمجهن؛ ۽ انهيءَ طرح اِهو بہ هڪ لفظن جو سڌو تضاد ٿيندو، جو انقلابي اڳواڻ اُن کي ائين نہ سمجهن، ۽ اِن کان بہ وڌيڪ تضاد جي ڳالهہ ٿيندي، جو هو اُتي اِن ڏند ڪٿا تي عمل بہ ڪن. انقلابي اڳواڻن جو ڪم ئي اِهو آهي تہ نہ رڳو اِها ڏند ڪٿا، پر ٻيون سڀ اهڙيون ڏند ڪٿائون جيڪي ظالم مٿيون طبقو پنهنجي ظلم کي جاري رکڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو، تن سڀني کي مسئلن طور کولي ۽ پڌرو ڪري، ماڻهن جي آڏو رکن. ائين ڪرڻ بدران، جيڪڏهن انقلابي اڳواڻ پاڻ ئي ظالمن جا بالادستيءَ وارا طريقا ڪم آڻيندا، تہ ماڻهن جو رد عمل ٻن نمونن مان ڪنهن بہ هڪ نموني جو ٿي سگهي ٿو: ڪن تاريخي حالتن ۾ اڳواڻن جي ڳالهين تي لڳي، جيڪي هو سندن مغز ۾ ويهارين ٿا، ماڻهو ويسهہ ۾ اچي، هنن جا پوئلڳ بڻجي ويندا. ٻين حالتن ۾ ڪنهن 'ڳالهہ' تي هر مرڳو ئي ڊڄي، پري ٿي بيهي سگهن ٿا، ڇو تہ اُها ڳالهہ سندن اندر ۾ جيڪو 'ظالم' (38) ويٺو آهي، اُن کي ائين ڇرڪائي يا ڪاوڙائي سگهي ٿي. ٻنهي حالتن ۾ بهرحال، هو انقلابي نٿا رهن. پهرينءَ

حالت ۾ انقلاب هُنن لاءِ هڪ وهم، ۽ ٻيءَ حالت ۾ هڪ ناممڪن ڳالهه بڻجي پوي ٿي.

ڪي نيڪ نيت پر اَجاڻ ماڻهو چون ٿا ته ڇا ڪاڻ ته ڳالهه ٻولهه وارو سلسلو ڏکيو ۽ دير وارو سلسلو آهي (39) (جيڪا بهرحال حقيقت ڪانهي) ڪين ان رستي کي ڇڏي، پڌرائين ۽ پڌرنامن وسيلي ئي انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ۽ هڪ ڀيرو انقلاب اچي وڃي، ته پوءِ هو پوري جو پورو نئون 'تعليمي سرشتو' شروع ڪندا ۽ اُن کي عمل ۾ آڻيندا هو اِن سلسلي ۾ وڌيڪ پنهنجي ڳالهه جي ائين ڇٽي پنيرائي ڪن ٿا ته اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ، نئين تعليم ـ آزادگيءَ جي تعيلم ـ هلائڻ ممڪن ئي ڪانهي.

مٿين ڳالهين جي ڪن بنيادي نُڪتن جي تورتڪ ڪرڻ ضروري آهي. هي ماڻهو (يا منجهانئن گهڻا) عوام سان ڳالهه ٻولهه جي ضرورت کي مڃين ٿا، پر اِن کي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ عمل جوڳي ڳالهه نٿا مڃين. در اصل، هو جڏهن آهو ممڪن نٿا سمجهن ته اقتدار حاصل ڪرڻ کان اڳ هو ڪو تنقيدي طرز وارو انقلابي تعليم جو ڪم شروع ڪري ۽ هلائي سگهن ٿا، ته گويا انقلاب جي تعليمي خصلت کان هو انڪار ڪن ٿا ـ انقلاب بحثيت اهڙي هڪ تهذيبي عمل جي جيڪو تهذيبي انقلاب جي صورت ۾ بدلجڻ جي تياريءَ ۾ هجي. ۽ ٻيو ته هو تهذيبي عمل کي نئين تعليم سمجهڻ جي مونجهاري ۾ رهن ٿا. جيڪا نئين تعليم واقعي اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي شروع ٿئي ٿي.

هِن سلسلي ۾ مون اڳي ئي چيو آهي ته اِها هڪ ڇريائيءَ جي ڳالهه آهي، جو ظالم عالي مقام ماڻهن کان اِها اميد رکجي ته هو آزادگيءَ جي تعليم رائج ڪندا يا هلائيندا يا رائج ڪرڻ ۽ هلائڻ ڏيندا. پر اِن کان ته انڪار نٿو ڪري سگهجي ته انقلاب جي پنهنجي هڪ تنظيمي فطرت آهي، اِن معنيٰ ۾ ته جيستائين انقلاب آزادگي نٿو ڏئي، تيستائين اُهو انقلاب ئي ناهي: ۽ ٻيو ته اقتدار جو حاصل ڪرڻ انقلابي عمل جي سڄي سلسلي جي فقط هڪ گهڙي ئي آهي ـ پوءِ اُها ڪيتري ئي اهم ۽ فيصلہ ڪن گهڙي ڇو نہ هجي. ائين، هڪ سلسلي طور انقلاب جو 'اڳ' ظالم سماج ۾ ئي موجود هجي ٿو ۽ اهو فقط انقلابي شعور تي ئي ائين عيان هوندو آهي.

اِنهي طرح، انقلاب هڪ سماجي مظهر طور، ظالم سماج جي اندر ئي سرِجي ٿو: ۽ جنهن حد تائين اُهو پنهنجي تياريءَ جي مرحلن ۾ هڪ تهذيبي عمل آهي، ان حد تائين ان ۾ سماج کي تبديل ڪرڻ جا ممڪنات وڌندا ۽ پختا ٿيندا رهن ٿا: انقلاب جا اُهي تهذيبي ممڪنات موجود خارجي حالات جي تقاضا پٽاندر حقيقت جي صورت وٺڻ لاءِ اُپجندا ۽ وڌندا رهندا آهن. انهيءَ طرح انقلاب پنهنجي فعال ۽ متحرڪ مفهوم ۾، هڪ لڳاتار تهذيبي عمل بہ آهي، جنهن جي اُن لاڳيتي عمل ۾ ڪا وٿي يا ڪو ويڇو اُن جي 'اڳ' يا اُن جي 'پوءِ' جو ائين ٿي ئي نٿو سگهي، جو چئجي تہ اقتدار اُنهن ٻنهي جي تفريق جو هڪ خاص ليڪو يا نشان آهي.

خارجي حالات جي اُسرنديءَ انقلاب ماڻهن جي هڪ اهڙي سماج جي ابتدا ڪرڻ گهري ٿو جيڪي لڳاتار آزاديءَ جي جدوجهد ۾ مصروف رهن ۽ ائين ظلم جي صورتحال تي پوري فتح پائي سگهن.اِن لاءِ ضروري آهي تہ انقلاب جي تعليمي ڳالهہ ٻولهہ واري خصوصيت، جنهن سان ئي اُهو تهذيبي انقلاب جي هيءَ خصوصيت انقلاب جو هڪ تمام وڏو ۽ اثرائتو هٿيو آهي، جنهن سان انقلاب پنهنجي نرملتا ۽ اصليت بچائي سگهي ٿو ۽ رد انقلابي عملدار شاهيءَ جي هٿن ۾ وڃي، نلهو هڪ دستور ۽ بي روح سرشتو بنجي نٿو وڃي- ڇا ڪاڻ تہ انقلابين مان ڦري رجعت پسند عملدار شاهيءَ جي هٿن ۾ اچڻ سان ئي انقلاب پنهنجي اوچي مقام تان ڪِري رد انقلابيت جي کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي.

جيڪڏهن اقتدار جي هٿ اچڻ کان اڳ ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي ئي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهن کي ڳالهہ ٻولهہ جو تجربو نہ آهي، تہ ماڻهن لاءِ اقتدار هٿ ڪرڻ بہ اوترو ئي ناممڪن ٿيندو- ڇو تہ هو تہ اقتدار ۽ اقتدار جي استعمال جي تجربي کان بہ اوترائي اڻواقف هوندا آهن! پر انقلاب هڪ فعال ۽ متحرڪ سلسلو آهي، ۽ اِهو ماڻهن جي لاڳيتي ساٿ سان ئي، جيڪو ماڻهن ۽ انقلابي اڳواڻن جي وچ ۾ پنهنجي انقلابي عمل جي سلسلي ۾ موجود هجي ٿو عين ممڪن آهي، بلڪ اٽل آهي، تہ ماڻهو ۽ اڳواڻ ٻيئي گڏجي ڳالهہ ٻولهہ جو ڏانءُ ۽ اقتدار جو استعمال بہ سکي سگهن.

(هيءَ ڳالهه اهڙي ئي پڌري آهي، جيئن چٽيو آهي ته ماڻهو ترڻ پاڻيءَ ۾ ئي سکندا آهن، نه ڪتبخاني ۾!)

ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه اُنهن تي ڪا مهرباني يا احسان ڪونهي، ۽ نه ئي اُهو مٿن ڪنهن بالادستيءَ جي قائم ڪرڻ جو ڪو رستو يا اٽڪل آهي. دنيا کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ، اُن جي بيان ڪرڻ ۽ اُن کي سڃاڻڻ لاءِ، ماڻهن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو ٿيڻ هڪ بنيادي شرط آهي، ۽ اُن سان ئي ماڻهن ۾ ماڻهپو اڇي ٿو ۽ انسانَ بهتر انسان بڻجن ٿا. گاجو پيٽرووڪ (Gajo Petrovic) جي لفظن ۾:

"آزاد عمل فقط اُهو ٿي سگهي ٿو جنهن سان ماڻهو پاڻ کي ۽ پنهنجي دنيا کي تبديل ڪري سگهي..... آزاديءَ جو هڪ مثبت شرط آهي ته ماڻهوءَ کي ضرورت جي حدن جي ڄاڻ هجي، يعني انسان جي حيثيت ۾ پنهنجي تخليقي ممڪنات جي ڄاڻ.... آزاد سماج لاءِ جدجهدُ آزاد سماج لاءِ جدوجهدُ تي ئي نٿو سگهي، جيستائين هڪ اُن وسيلي ماڻهوءَ جي آزاديءَ جي درجي يا حد ۾ واڌارو نٿو اچي سگهي."

اِن راءِ مطابق عمل جو سلسلو نمايان طور پنهنجي نوعيت ۾ هڪ تعليمي (ڄاڻڻ ۽ ڄاڻ ڏيڻ جو) عمل آهي. ائين انقلابي تعلق جي معنيٰ ماڻهن سان پنهنجائپ جو تعلق، نه پرانهپ جو: اُن ۾ ماڻهن سان اعتبار ۾ رهڻو پوي ٿو ۽ نه شڪ ۽ بي اعتباريءَ ۾. ۽ جيئن لينن پڻ چيو آهي: جيتري قدر وڌيڪ علم ۽ ڄاڻ جي، ۽ اصول جي گنجائش انقلاب ۾ موجود هجي ٿي، اوتري وڌيڪ ضرورت آهي ته انقلابي اڳواٽپ ماڻهن سان ساٿ ۾ رهي- ته جيئن هو ظلم جي تاريڪ طاقت آڏو گڏجي مضبوطيءَ سان بيهي سگهن.

هِنن عمومي ڳالهين جي بنياد تي، هاڻي اسين ڳالهه ٻولهه پسند عمل ۽ ڳالهه ٻولهه وروڌي عمل جي نظرين تي وڌيڪ تفصيل سان ويچاري سگهنديسن.

**جيت (فتح، غلبو)**

ڳالهه ٻولهه وروڌي عمل جي پهرين خصوصيت آهي، جِيت جي ضرورت، غلبي جي ضرورت. ڳالهه ٻولهه وروڌي ماڻهو ٻين ماڻهن سان پنهنجن لاڳاپن ۾ مٿن جيت پائڻ جو مقصد رکي ٿو- جيئن پوءِ تيئن وڌ ۽

هر طريقي سان، سخت ڪان سخت طريقي ڪان وٺي نرم ڪان نرم طريقي سان بيحد ظلمي طريقي ڪان وٺي بيحد گهٽگهرائيءَ (پِترتائيءَ) جي طريقي سان.

جِيت جي هر عمل جي معنيٰ آهي تہ هڪڙو جيتيندڙ هجي ۽ هڪڙو ڪو ماڻهو يا هڪڙي شيءِ هجي جنهن کي جيتيو وڃي. جيتيندڙ پنهنجا مقصد جيتيلن تي مڙهي ٿو ۽ اُنهن کي پنهنجيءَ مالڪيءَ ۾ آڻي ٿو. هو جيتيلن تي پنهنجون خواهشون ۽ پنهنجا طريقا مڙهي ٿو جن کي هو ڪنهن طرح قبولي پنهنجو ڪن ٿا ۽ ائين هو مبهم جيو تي پون ٿا. جن جي اندر ۾ 'ويڻل' يا "براجمان" ٻيو ڪو هجي ٿو. پنهنجي شروع کان ئي، جيت پائڻ جو عمل، جيڪو ٻين (پاڻ جهڙن) ماڻهن کي هيٺ ڪيرائي، 'شين' جي درجي تي آڻي ڇڏجي ٿو موت پسند عمل آهي.

جيئن ڳالهہ ٻولهہ ورودي عمل جو ظلم جي ڪنهن نہ ڪنهن بجنسي صورتحال سان گڏ هجڻ اٽتر آهي، تيئن ظلم جي صورتحال تي انقلابي غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ورودي يا ڳالهہ ٻولهہ پسند. دنيا ۾ هجي ٿو نہ ڪنهن خيالي حالت ۾. هو ڳالهہ ٻولهہ ورودي ٻهرين ۽ ظالم پوءِ نہ آهي، هو هڪ ئي وقت اُئين آهي. ظلم جي خارجي صورتحال ۾، ظلم کي قائم رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ- اقتصادي ظلم هجي يا تهذيبي- ظالم لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ورودي فضا قائم رکڻ ضروري آهي: ماريل ۽ مغلوب ماڻهن کي لفظن کان، اظهار جي قوت کان تهذيب کان، لازمي طور محروم رکيو ويندو آهي. جيئن ئي ڪتي ظلم جي صورتحال جي ابتدا ٿئي ٿي، ڳالهہ ٻولهہ ورود بہ اُن جي قائم رکڻ لاءِ اُتي اُن سان گڏ. هڪ اٽتر ضرورت طور موجود رهي ٿو.

ڇاڪاڻ تہ آزادگي بخش عمل فطري طور ڳالهہ ٻولهہ پسند هجي ٿو ڳالهہ ٻولهہ اُن عمل کان پوءِ جي شيءِ نہ. پر اُن سان گڏوگڏ شيءِ آهي. ۽ ڇاڪاڻ تہ آزادگيءَ کي هڪ دائمي ۽ سدا موجود حالت ئي هجڻ گهرجي، انهيءَ ڪري ڳالهہ ٻولهہ پڻ آزادگيءَ جي عمل جي هڪ لڳاتار ۽ سدا موجود صفت يا صورت آهي.(40)

ڳالهہ ٻولهہ ورودي عمل ۾ جيت جي خواهش (بلڪ جيت جي ضرورت) هر وقت ۽ سدائين موجود رهي ٿي. اُن لاءِ ظالم ڪوشش ڪن ٿا تہ دنيا تي 'ويچارڻ' جيڪا ماڻهن جي فطرت آهي، اُها انهن ۾ ختم ڪري

ڇڏجي. پر جيئن تہ ظالم پوريءَ طرح ائين بہ نٿا ڪري سگهن. انهيءَ ڪري هو دنيا لاءِ ڏند ڪٿائون ناهين ٿا. اِئين هو مظلومن ۾ محڪومن جي ويچارڻ لاءِ هڪ فريب ۾ ويڙهيل ۽ اڻ سچي دنيا پيش ڪن ٿا ـ تہ جيئن اُن سلسلي ۾ هو پاڻ کي دنيا کان وڌيڪ الڳ ٿلڳ ۽ بيگانو سمجهن ۽ بي عمل بنجي، ماٺ ڪري ويهي رهن. اُن لاءِ ظالم عجيب عجيب ڳالهيون ۽ 'خيالن جا سلسلا' پيدا ڪن ٿا. جن هيٺ دنيا کي هو ائين پيش ڪن ٿا ڄڻا اُها ڪو ماڻهن جي ويچارڻ يا حل ڪرڻ جو ڪو مسئلو ڪونهي، پر صرف هڪ بيٺل يا جامد شيءِ آهي ـ اهڙي هڪ شيءِ، جا جيئن آهي تيئن شروع کان آهي ۽ ازل تائين ائين رهندي ـ ۽ ماڻهن کي رڳو خاموش تماشائين وانگر پاڻ کي اُن سان ٺهڪائڻو آهي ۽ ڳنڍي رهڻو آهي.

ظالمن لاءِ اِهو بہ ضروري آهي تہ ماڻهن سان واسطو رکن تہ جيئن اُنهن کي مطيع بنائي، خاموش رکي سگهن. هيءَ انهن جو واسطو بهرحال، ماڻهن سان حال پائپ جو ڳانڍاپو نہ هوندو آهي: هو ماڻهن سان گڏ نہ هوندا آهن. هو پنهنجو هيءَ واسطو ڪن ڏند ڪٿائن (لغڙائيءَ ڳالهين) وسيلي قائم رکندا آهن، جيڪي هو ماڻهن جي من ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. ۽ جيڪي 'موجود (سماج جي) سدا موجود' هجڻ لاءِ ضروري هونديون آهن: مثال طور، سندن هيءَ ڏند ڪٿا تہ سڀ ماڻهو آزاد آهن تہ جتي چاهين اُتي ڪم ڪن، ۽ جيڪڏهن ڪو بالادست کين نٿو وڻي تہ اُن کي ڇڏي هو وڃي ٻي ڪا ملازمت ڪري سگهن ٿا؛ هيءَ ڏند ڪٿا تہ سندن موجود. نظام انساني حقن جو احترام ڪري ٿو انهيءَ ڪري اهو قدر لائق آهي؛ هيءَ ڏند ڪٿا تہ جيڪو محنتي هوندو اُهو جوڪم ڪاري سيٺيو بنجي سگهندو ـ اِن کان خراب ڏندڪٿا تہ گهٽيءَ ۾ هڪ گهوڙيو بہ اُهڙو آزاد جوڪم ڪاري آهي، جهڙو وڏي ڪنهن ڪارخاني جو مالڪ؛ هيءَ ڏند ڪٿا تہ تعليم سڀني جو حق آهي، جڏهن تہ حقيقت ۾ برازيل جي ٻارن مان جيڪي پرائمري اسڪولن ۾ داخل ٿين ٿا، تن مان رڳو ڪو ٿورڙو في سيڪڙو ٻار يونيورسٽين ۾ تعليم لاءِ پهچي سگهن ٿا؛ سڀني ماڻهن جي برابريءَ جي ڏند ڪٿا، جڏهن وٽن آٿِهيِ اِهو سوال ٿيندو رهندو آهي: 'خبر اٿئي، ڪنهن سان ٿو ڳالهائين؟' ظالم طبقن جي سورمائيءَ جي ڏند ڪٿا تہ 'ماديت جي حيوانيت' جي خلاف

هو 'مغرب جي عظيم مسيحائي تهذيب' جا محافظ آهن؛ امير ڪبير ماڻهن جي خدا دوستيءَ ۽ فيض بخشيءَ جي ڏند ڪٿا، جڏهن سچ پچ هو فقط ائين ٿا ڪن، جو اعليٰ شان طبقي جي حيثيت ۾، پنهنجي ناموس لاءِ اُن داتائيءَ جا مثال قائم ڪن ٿا. جيڪي پوءِ 'بي غرض سخا' (41) جي ڏند ڪٿائي صفت سان بيان ٿيندا رهن ٿا؛ اميرن ڪبيرن جي 'خدمت خلق' جي ڏندڪٿا، جنهن کي سندن 'فرض شناسيءَ' جي مثال طور شهَرت ڏني وڃي ٿي، تہ جيئن ماڻهو احسان شناسيءَ طور هنن جي ڳالهين تي اکيون پوري اعتبار رکن ۽ عمل ڪن؛ هيءَ ڏندڪٿا تہ دنيوي حاڪمن جي خلاف بغاوت آسماني حاڪم، يعني خدا، جو گناهہ آهي؛ ذاتي ملڪيت جي ڏند ڪٿا تہ اُها ذاتي انساني ترقيءَ لاءِ اٹل شرط آهي(شايد تيسين، جو فقط ظالم ئي صحيح انسان سمجهيو ٿو وڃي)؛ ظالمن جي جاکوڙ ۽ ڪوشش ۽ مظلومن جي ڪاهليءَ ۽ بي ايمانيءَ جي ڏند ڪٿا؛ ۽ پڻ هيءَ ڏند ڪٿا تہ مظلوم فطري طور ڪمتر ۽ ظالم فطري طور برتر آهن.(42)

اهي سڀ ڏند ڪٿائون ۽ لغڙائي ڳالهيون (۽ ٻيون بہ جيڪي پڙهندڙ درج ڪري سگهي)، جن کي مجڻ مظلومن واسطي اطاعت ۾ رهڻ لاءِ ضروري آهي، سندن اڳيان منظم پروپيگنڊا ۽ نعري بازيءَ سان، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ابلاغي ذريعن وسيلي، (43) رکيون وڃن ٿيون- جڻ تہ اهي سڀ سندن پيرن هيٺيان زمين کِڏڻ جون ڳالهيون سچ پچ وڏيون ڪي عقل جون ڳالهيون، وڏيءِ ڀلائيءَ جون ڳالهيون ۽ ڏاڍيون ڪي اهم ٻُڌڻ ٻُڌائڻ جون ڳالهيون هجن!

مطلب تہ اهڙي ڪائي ظلم جي صورتحال ڪانهي، جيڪا ساڳئي وقت ڳالهہ ٻولهہ ورونڌي نہ هجي؛ ائين ئي، اهڙي ڪا ڳالهہ ٻولهہ ورونڌي روش بہ ڪانهي، جيڪا مظلومن کي سدائين پنهنجي تابع رکڻ لاءِ ظالم نٿا اختيار ڪن. قديم روم ۾، بالادست امير طبقي جا ماڻهو چوندا هئا تہ عام خلق لاءِ 'ماني ۽ سرڪس (تماشا)' موجود رکڻ ضروري آهن، انهيءَ لاءِ تہ هُنن کي 'ملائم' ۽ پاڻ کي انهن جي شور ۽ شر کان سلامت رکيو وڃي. اڄ جا بالادست امير ماڻهو بہ، اڳئين دؤرن جي اُنهن پاڻ جهڙن اميرن وانگر،( جڻ انسان جي ازلي گناهہ جي هڪ روپ طور) ٻين انسانن تي- 'ماني ۽

سرڪس' سان ۽ اُنهن کان سواءِ بہ۔ پنهنجي حاڪميت قائم رکڻ گهرن ٿا. سندن ان حاڪميت جا نمونا ۽ طريقا سو تاريخي طور بدلبا اچن ٿا. پر سندن هڪ ڳالهہ آهي، جا هرگز ڪا نہ ٿي بدلجي (۽ جيستائين بالا دست وڏا ماڻهو موجود آهن تيسين اُها ساڳي ئي رهندي) ۽ اُها آهي سندن ظالمانہ ڪر وڏي، موت پسند طبيعت.

ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو:

ظالمانہ عمل جي اصول جي اِها هڪ ٻي بنيادي خاصيت آهي، جيڪا خود ظلم جهڙي ئي پراڻي آهي، ظالم اقليت ڪي اڪثريت تي حڪم هلائڻو آهي ۽ اُن کي پنهنجي ماتحت رکڻو آهي، انهيءَ ڪري اُها اڪثريت کي ٽوڙڻ ۽ ٽٽل رکڻ ۾ ئي اقليت جو فائدو آهي ۽ انهيءَ طرح ئي اُها پنهنجي طاقت جي برتري قائم رکي سگهي ٿي، اقليت لاءِ عوام جو اتحاد هڪ وڏي للڪار آهي. انهيءَ ڪري اهڙي ڪا بہ ڳالهہ، اهڙو ڪو بہ عمل، جنهن سان عوام جي دلين ۾ اتحاد جي ضرورت جو احساس جاڳي ۽ هو متحد ٿيڻ جي ڪوشش ڪن. اقليت اهڙي امڪان کي روڪڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ هر دم تيار رهي ٿي ۽ اُن لاءِ اُها، تشدد سميت، هر قسم جي طريقي جو استعمال جائز سمجهي ٿي. اتحاد، تنظيم ۽ جدوجهد جا تصور ۽ خيال اُن جي برداشت کان ٻاهر هوندا آهن، ڇو تہ اُنهن کي پنهنجي وجود لاءِ خطرو سمجهي ٿي. ۽ حقيقت ۾ هي تصور 'خطرو آهن۔ظالمن لاءِ : هي تصورَ حقيقت جو روپ وٺندا، تہ ظلم کان نجات جون راهون کلنديون ۽ عوام، بي خوف ۽ پر اُميد، اُنهن تي اڳتي وڌندو.

ظالم جي مفاد ۾ آهي تہ مظلوم اڃا ئي زياده ڪمزور هجن، ۽ اُن لاءِ ظالم مظلومن کي هڪ ٻئي کان ڇني الڳ ڪري ٿو اُنهن ۾ هو ويڇا وجهي ٿو ۽ ويڇا وڌائي ٿو. ائين هو انيڪ طريقن سان ڪري ٿو۔ سڌي عملدار شاهي دٻاءُ ۽ ڏاڍ کان وٺي، تهذيبي اقدامن تائين، جن سان هو عوام تي وڏيڪ اِهو تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ائين هو عوام جي خدمت ۽ امداد ڪري رهيو آهي!

هِن ظالمانہ تهذيبي عمل جي هڪ خصوصيت، جيڪا اڪثر عوام دوست پر ساده دل ماهر ۽ پنهنجي پنهنجي پيشي ۾ مصروف شخص هرگز

ڏسي ۽ سمجهي نہ سگهندا آهن. هيءَ هوندي آهي تہ مسئلن ڪي هڪ ئي جامع حقيقت جي روپ طور ڏسڻ بدران اُنهن جي الڳ الڳ نقطائي اهميت تي زور ڏنو ويندو آهي، جڏهن اُنهن جو جامع حقيقت سان واسطو ئي نہ هوندو آهي. ’لوڪ واڌاري‘ جي رٿائن ۾ هڪ علائقي يا ايراضيءَ کي جيترو وڌيڪ پيچي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ’مڪاني لوڪن ‘۾ ورهايو ويندو ۽ نہ انهن ’مڪاني لوڪن‘ کي خود پنهنجي پنهنجي اندر ڪنهن سڄيءَ حقيقت طور ۽ نہ وڏيءَ هڪ جامع حقيقت (ايراضي، علائقي وغيره) جي ڀاڱي طور سمجهيو يا ڏٺو ويندو. جيڪا بہ پنهنجي سر اجا ئي هڪ وڏيءَ ۽ وسيع حقيقت (قوم يا کنڊ جي مظهر) جو حصو هجي ٿي- تہ عوام ۾ اوترو ئي زياده الڳتا، ويڇي ۽ ويڳاڻپ جو احساس وڌندو. ۽ ماڻهو جيترا وڌيڪ هڪ ٻئي کان ائين جدا ۽ پرانهان پرانهان ٿي بيهن ٿا، اوترو ئي ظالمن لاءِ اُنهن کي توڙڻ ۽ ٿتل رکڻ آسان ٿئي ٿو. عمل جا هي نقطائي (ٽيڪائي) نمونا، مظلومن جي زندگيءَ جي نقطائي صورت کي وڌيڪ نمايان ڪن ٿا (خاص طرح ڀرواريءَ جي ايراضين ۾، ۽ مظلومن لاءِ حقيقت جي تنقيدي پرک ۽ پروڙ مشڪل ٿئي ٿي، ۽ ائين کين ٻين ايراضين جي برادر مظلومن جي مسئلن کان نہ رڳو لا علم پر لا تعلق بڻايو ۽ رکيو وڃي ٿو.(44)

اِهو ئي ساڳيو الڳتا جو اثر نام نهاد ’اڳواڻپ جي تربيتي ڪورسن‘ جي صورت ۾ بہ پيدا ٿئي ٿو جيڪي توڙي جو اڪثر انتظامن ۾ انهيءَ نيت سان هلايا ڪونہ ٿا وڃن، پر اُنهن جو نتيجو آخري طور اُهو ئي الڳتا جو نڪري ٿو. هي ڪورس انهيءَ ساده ذهن مفروضي تي مبني هوندا آهن تہ، ’لوڪ ڀلائي‘، ’لوڪ اڳواڻن‘ کي تربيت ڏيڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي جڻ تہ سڄي جي اوسر ’ڀاڱن‘ جي اوسر سان ٿئي ٿي ۽ ائين نہ، تہ ’سڄو‘ پنهنجي اوسر سان ’ڀاڱن‘ جي اوسر ڪري ٿو. لوڪن جا اُهي فرد، جيڪي اڳواڻپ جي صلاحيتن جي ڏِک ڏيڻ سان تربيتي ڪورسن لاءِ چونڊجي وڃن ٿا، اُهي لازمي طور لوڪ جي ’فردن‘ جي مقصدن ۽ تمنائن جو اظهار ۽ عڪاسي ڪن ٿا. اهي پنهنجي رهت ۾ ۽ حقيقت بابت پنهنجي سوچ ۾ پاڻ جهڙن اُنهن پنهنجن ’ساٿارين‘ سان ئي مطابقت ۾ هجن ٿا، ۽ ڪجهہ پنهنجين خاص صلاحيتن جي استعمال ۽ ڏِک سبب کين انهن جي وچ ۾ اڳواڻپ جو

درجو ملي وڃي ٿو. ۽ جيئن ئي هو پوءِ اڳين چونڊ ۾ آڏو اچي، پنهنجا تربيتي ڪورس پورا ڪن ٿا، ۽ اُتان نهي، تيار ٿي، پنهنجي لوڪن ۾ موٽي وڃن ٿا. تيئن يا تہ هو پنهنجي اُن نئينءَ ڏاهپ ۽ پنهنجن اُنهن نون تربيتي وسيلن ڪي، جيڪي اڳي وٽن نہ هئا، پنهنجن ئي اُنهن لوڪن جي ٻڌل ۽ موڳاتيل شعور کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. يا تہ اُنهن ۾ هو مرڳو ئي ڏاريان بنجي وڃن ٿا، ۽ اُن سبب اُها سندن پهرين اڳواٽپ جي حيثيت خود ئي خطري ۾ پئجي وڃي ٿي. هو پوءِ اُن اڳواٽپ جي حيثيت کي بچائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ پنهجن کي وڏيڪ قابليت سان ۽ حرفت سان چڪر ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا.

پر جڏهن تهذيبي عمل، هڪ سڀ پاسائين ۽ جامع سلسلي طور سچي لوڪ کي پنهنجي آزادگي بخش اثر ۾ آڻي ٿو- ۽ نہ فقط اُن جي 'اڳواٽن' کي- تڏهن نتيجو ٻيءَ طرح جو ۽ ٻئي رخ وارو نڪري ٿو. يا تہ لوڪ جا اڳيان اڳواڻ سچي لوڪ جي وچ ۾ ۽ ان سان گڏوگڏ ٿي بيهن ٿا ۽ سڀ گڏجي اڳتي وڌن ٿا. يا لوڪ جي نئين سماجي شعور جي نتيجي ۾اُهي نامقبول بنجي، هتي الڳ ٿي وڃن ٿا ۽ انهن جي جاءِ تي نوان اڳواڻ، سچا پچا اڳواڻ، وڏي لوڪ جي وچ ۾ ۽ لوڪ سان گڏ اچي بيهن ٿا.

ظالم ڪڏهن بہ سچي لوڪ جي اڳتي وڌڻ جي فائدي ۾ نہ هوندا آهن: هو رڳو اُن جي خاص ۽ چونڊ شخصن جي وڌڻ ۾ خوش هوندا آهن. ظالمن جي اِن روش سبب لوڪن ۾ الڳتا جي، ڏاريائپ جي، صورت قائم رهي ٿي. جيڪا لوڪ جي شعور جي جاڳڻ ۽ سچيءَ حقيقت سان اُن جي تنقيدي طور نبرڻ جي عمل جي آڏو روڪ بنجي بيهي ٿي. ۽ لوڪ طرفان، حقيقت سان، هِن تنقيدي طور نبيرڻ جي عمل ۾ هٽ وجهڻ ڪانسواءِ لوڪن ۾، مظلومن ۾، هڪ طبقي جي حيثيت سان، اتحاد جو پيدا ٿيڻ هميشہ مشڪل بلڪ هڪ ناممڪن ڳالهہ رهي ٿي.

'طبقاتي جدوجهد' ٻي ڳالهہ آهي، جنهن جي نالي ٻڌندي، ظالم شخص هڪدم ڪاوڙجي پون ٿا، ڇو تہ هو پاڻ کي ظلم طبقو چوائڻ يا سمجهائڻ نٿا پسند ڪن. پر ڪيتري بہ هو ڪوشش ڪن، سماج ۾ طبقن جي وجود جو بهرحال، انڪار بہ نٿا ڪري سگهن. ۽ انهيءَ ڪري هو، وڏي،

افهام تفهيم ۽ ميٺ محبت جي ضرورت جي تبليغ ڪن ٿا. پورهئي جي وڪڻڻ تي مجبور هجڻ وارن ۽ اُهي جيڪي پورهيو خريد ڪن ٿا، انهن جي وچ ۾(45) پر ، پنهي طبقن ۾ جيڪو فرق موجود رهي ٿو جيڪو لِڪي نٿو سگهي، اُهو هن 'مِٺ محبت' کي ناممڪن بنائي ٿو ڇڏي(46)اعليٰ مقام رکندڙ امير ماڻهو طبقن جي وچ ۾ هيءَ مٺ محبت جي ڳالهه ائين ڪن ٿا،جڻ طبقا فردن جا رڳي ڪي اتفاقي ميڙاڪا آهن. جيڪي ڪنهن ميلي ۾ ڪو تماشو ڏسي رهيا هجن! پر هڪڙي ئي مٺ محبت جيڪا اهڙي سماج ۾ ممڪن آهي ۽ موجود بہ ڏسي سگهجي ٿي، سا خود هِنن ظالمن جي پنهنجي پاڻ ۾ مٺ محبت هوندي آهي. جيتوڻيڪ منجهن غلط فهميون ۽ اختلاف بہ ٿي سگهن ٿا. پر جيئن ئي سندن طبقي کي ڪو خطرو سامهون اچي ٿو تہ هڪدم هو پاڻ ۾ گڏجي، هڪ ٿي پون ٿا. ساڳيءَ ريت مظلومن ۾ بہ مٺ محبت ممڪن ٿيءَ ٿي- ۽ اُها تڏهن جڏهن هو آزادگيءَ جي جدوجهد ۾ (حقيقت سان تنقيد طور نبرڻ جي جدوجهد ۾) مصروف هجن.فقط ڪن خاص ۽ جزوي حالتن ۾، پنهي طبقن جو متحد ٿين ۽ يڪمشت ٿي عمل ڪرڻ بہ ممڪن ۽ ضروري بنجي ٿو: پر جيئن ئي اُها ڪا غير معمولي صورتحال جنهن ۾ هو ائين متحد ٿيا هئا، گذري وڃي ٿي، تيئن ئي هو واپس پنهنجي تضاد جي حالت ۾ اچي وڃن ٿا منهن ۾ ئي سندن وجود جي اصلي نشاندهي ٿئي ٿي ۽ جنهن مان هو سچ پچ ۽ صاف نڪري ڪڏهن ٻاهر ئي ڪو نہ ٿيا هئا.

بالادست طبقي جا سڀ عمل سندن هڪ ئي مقصد ظاهر ڪن ٿا تہ ماڻهن ۾ ويڇا هجن ۽ پاڻ ۾ هو وڙهندا رهن، تہ جيئن سندن ظالمانہ اقتدار محفوظ رهي سگهي. مزدور ۽ پورهيت انجمنن جي ڪم ۾ هِن طبقي جي دست اندازي- زبردست طبقي جي اهڙن 'عيوضين' کي فائدا ڏيڻ (جيڪي دراصل هنن ظالمن جا ئي عيوضي هجن ۽ نہ پنهنجن پورهيت ساٿين جا)؛ اُهي فرد جيڪي ڪجهہ قدر اڳواڻپ جا صلاحيت جو اظهار ڪن ۽ ائين ڏِک ڏين تہ هو ظالم طبقي لاءِ خطري جا سبب بنجي سگهن ٿا.اُنهن کي وڏائي اڳيان ڪرڻ تہ ائين اُهي 'تڏا ٿين'؛ مزدورن ۽ پورهيتن مان هڪڙن کي فراخدليءَ سان فائدا ۽ ٻين کي سخت سيڪتون ڏيڻ- اِهي سڀ ماڻهن ۾

ويچن وجهڻ جا طريقا هوندا آهن. تہ جيئن اُهو سرشتو محفوظ رهي، جيڪو اُنهن اعليٰ درجي وارن امير ماڻهن جي پنهنجي مفاد ۾ هوندو آهي. سندن عمل جون اُهي صورتون آهن. جيڪي، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، مظلومن جي هڪڙيءَ ڪمزوريءَ- اُنهن جي بنيادي عدم سلامتيءَ جي ڪيفيت- مان ناجائز فائدي وٺڻ سمان هجن ٿيون.مظلومن جي عدم سلامتي سندن وجود جي دو- طرفي صورتحال جو نتيجو هجي ٿي، جنهن ۾ هو پنهنجي اندر ۾ پاڻ سان گڏ خود ظالم کي بہ پاڻ وٽ موجود رکن ٿا. هڪ پاسي هو اُن جو مقابلو ڪن ٿا، ٻئي پاسي، پنهنجي تعلق جي هڪ مرحلي تي، اُن ڏانهن ڇڪجي بہ ويڃن ٿا؛ ۽ اهڙين حالتن ۾، ظالم، آسانيءَ سان کين استعمال ڪري، پنهنجي انفاقي عمل وسيلي، منجهانئن پنهنجي مرضيءَ پٽاندر فائدا حاصل ڪري وٺي ٿو.

ٻئي پاسي، مظلومن کي بہ تجربي مان معلوم هجي ٿو تہ جيڪڏهن هو ظالمن جي سڏ تي نہ ٿا وڃن (جيڪو کين ڏنو ئي منجهن نفاق وجهڻ لاءِ ويجي ٿو)، تہ اُن جي کين قيمت ڏيڻي پوي ٿي- پنهنجين ملازمتن تان هٽ ڪڍڻ ۽ ظالمن وٽ 'بلئڪ لسٽ' ۾ پنهنجا نالا لکائڻ جي صورت ۾ جنهن جي معنيٰ تہ مٿن وڏيڪ روزگار جا دروازا پورجي ٿا وڃن- ۽ اِها گهٽ ۾ گهٽ قيمت آهي، جا کين ادا ڪرڻي پوي ٿي. هيءَ بنيادي عدم سلامتيءَ جي صورتحال آهي، جا سڌيءَ طرح سندن پورهئي جي غلاميءَ سان ڳنڍيل هجي ٿي(جيڪا سچ پچ تہ، جيئن بشپ اسپلٽ (Bishop Spilt) چيو(47) سندن شخصي غلاميءَ جي ئي حقيقت حالت آهي.)

انسانن جي تڪميل يا پورڻتا فقط اُن حد تائين ٿئي ٿي، جنهن حد تائين هو پنهنجي دنيا ٺاهين ٿا (جيڪا هڪ انساني دنيا آهي)، ۽ اُها دنيا هو پنهنجي ڪايا پلٽيندڙ پورهئي سان ٺاهين ٿا. انسانن جي حيثيت ۾ انسانن جي تڪميل، انهيءَ ڪري سندن دنيا جي تڪميل تي منحصر آهي. جيڪڏهن انسان لاءِ ڪم جي دنيا ۾ رهڻ جي معنيٰ ڪامل محتاجي ۽ تابعداري آهي، هر دم دٻاءُ ۽ عدم سلامتي آهي- جيڪڏهن انسانن جو ڪم بہ انسانن جي پنهنجي شيءِ نہ آهي- تہ انسانن جي تڪميل هرگز ممڪن نٿي ٿي سگهي. ڪم، جيڪو آزاد ڪم نہ آهي، ڪڏهن بہ تڪميل

جو ذريعو نٿو ٿي سگهي، بلڪ اُهو انسانن کي انسانيت کان هيٺ ڪيرائڻ جو انسانيت مان ڪڍي حيوانيت ۾ آڻڻ جو هڪ مؤثر ذريعو آهي.

مظلوم جيڪو به پنهنجي اتحاد لاءِ قدم کڻن ٿا، اُهو ڪين وڏيڪ عمل ڏانهن آماده ڪري ٿو: جلد يا دير سان، هنن تي پنهنجي حيوان هجڻ جي صورت پڌري ٿئي ٿي، ۽ هو ڏسن ٿا ته جيستري ٿائين به هو هڪ ٻئي کان الڳ رهندا، بلڪ پاڻ ۾ وڙهندا رهندا، تيئن هو ڏاڍن جي بالادستيءَ ۽ حرفتبازيءَ جا آسان شڪار ٿي رهندا. اتحاد ۽ تنظيم ئي ڪين انهيءَ لائق ڪري سگهن ٿا، جو هو پنهنجي ڪمزوريءَ کي بدلائي هڪ ڪايا پلٽيندڙ قوت بنائي سگهن، جنهن سان هو دنيا جي نئين سر تخليق ڪري سگهن ٿا- ته جيئن اُها هڪ بهتر انساني دنيا بنجي سگهي(48) بهتر انساني دنيا جو وجود، جيڪو هنن جو جائز اُمنگ هجي ٿو ظالمن جي 'انساني دنيا' جي عين ابتڙ آهي- اُن دنيا جي ابتڙ جيڪا ظالمن جي ئي مخصوص ملڪيت آهي. جيڪي اُن ۾ هڪ ناممڪن مٺ محبت جي تبليغ ڪندا رهن ٿا- يعني سندن پنهنجي ۽ مظلومن جي وچ ۾، پاڻ جيڪي انسانيت کان هيٺ ڪيرائيندڙ آهن ۽ اُهي جن کي هو انسانيت کان هيٺ ڪيرائين ٿا، تن جي وچ ۾ ميٺ محبت، ظالم ۽ مظلوم ڇا ڪاڻ ته هڪ ٻئي جو وروڌ آهن، تنهن ڪري جتي هڪ گروهه جا مفاد سِڌ ٿين ٿا، ٻئي گروهه جي مفادن جي سِڌ ٿيڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي.

'موجود کي سدا موجود رکڻ' لاءِ ويچا وجهڻ ۽ ڏار ڪرڻ، ڳالهه ٻولهه وروڌي عمل جو بنيادي مقصد هوندو آهي. اُن سان گڏ بالادست، ڦري پاڻ کي اڳين پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڇڻ هو ماڻهن جا محافظ آهن- اُنهن ماڻهن جا جن ۾ هو ويچا وجهن ٿا ۽ جن کي هو انسانيت کان هيٺ ڪيرائن ٿا. پر هيءَ سندن مسيحائي دعوي سندن اصلي نيت کي لڪائي نٿي سگهي- پنهنجي پاڻ کي محفوظ رکڻ جي نيت کي . هو پنهنجي دولت کي محفوظ رکڻ گهرن ٿا- اُنهن شين کي جيڪي ڪين ٻين تي بالادستيءَ جو رتبو ڏين ٿيون. پر هو جيڪا غلطي ڪن ٿا، سا اِها ته هو نٿا سمجهن ته 'تحفظ' يا 'بچاءَ' جي کهڙيءَ به معنيٰ ۾، ماڻهو پاڻ کي، رڳو انفرادي حيثيت ۾ توڙي هڪ ظالم طبقي جي حيثيت ۾، هرگز بچائي يا

محفوظ رکي نٿا سگھن. تحفظ بچاءُ نجات فقط ٻين سان گڏ حاصل ٿي سگھي ٿي. ۽ جنهن حد تائين هي عالي مقام ماڻهو ظلم ڪن ٿا, اُن حد تائين هو مظلومن سان گڏ ٿي نٿا سگھن. ڇو تہ ظلم جي اصليت آهي ئي مظلومن کان پري هجڻ, بلڪ انهن جي وروڌ يا مخالف هجڻ.

ظالمانہ عمل جي نفسياتي تورتڪ ظالم ماڻهوءَ جي ڪوڙيءَ فيض بخشيءَ کي هڪدم پڌرو ڪري وجهي ٿي (جيئن مٿي پهرئين باب ۾ چيو ويو) ـ اُها هُن جي پنهنجي گناهہ جي شعور جي هڪ قبوليت ئي هجي ٿي. هِن ڪوڙيءَ فيض بخشيءَ سان هو نہ رڳو هڪ غير عادلانہ ۽ موت پسند نظام جي دفاع جي ڪوشش ڪري ٿو, پر هو پنهنجي لاءِ سڪون خريدڻ چاهي ٿو پر سڪون خريديو نہ ويندو آهي. سڪون, انساني سٻنڌ ۽ پيار جي عمل سان محسوس ڪيو ۽ ماڻيو ويندو آهي; ۽ پيار ۽ سٻنڌ جو عمل ظلم جو ويس ڪڏهن نہ پائيندو آهي. انهيءَ ڪري ڳالهہ ٻولهہ وروڌي عمل جي سوچ ۾ جيڪو 'مسيحائيءَ' جو جزو موجود ڏسجي سگھجي ٿو, سو اُن عمل جي پهرئين ۽ بنيادي رخ کي ئي وڌائي ٿو ۽ مضبوط ڪري ٿو ـ اُن جي جيت (غلبي, فتح) پائڻ جي رخ ۽ نيت کي.

'موجود کي سدا موجود رکڻ, ' ۽, ائين بالادستن جي طاقت کي قائم رکڻ لاءِ ماڻهن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ ۽ اُنهن کي گروهن ۾ ورهائڻ ضروري آهي: ۽ ظالم اِها پنهنجي حڪمت عملي ڪاميابيءَ سان استعمال ڪري سگھن, تنهن لاءِ هو لازم سمجهن ٿا تہ اِن پنهنجي چال کي هر طرح مظلومن کان مخفي رکن. انهيءَ ڪري, اگھ وٺي هو مظلومن کي ائين ميڃائڻ چاهيندا آهن تہ اُنهن جو هو 'سماجي غنڊن, بد اعمالن, امن جي وڳوڙين ۽ خدا جي دشمنن' کان بچاءُ ڪري رهيا آهن (اهي ئي لفظ ظالم گروهہ وٽ انهن شخصن لاءِ استعمال ٿيندا آهن, جيڪي انسان جي انسانجڻ جي مشڪل ۽ پر خطر راهہ جا راهي هئا ۽ آهن.) ماڻهن ۾ نفاق وجهڻ ۽ اُنهن کي منجهائڻ لاءِ, تخريبڪار پاڻ کي معمار ۽ اُهي جيڪي سچا تعمير پسند آهن, تن کي تخريب پسند سڏين ٿا. تاريخ, بهرحال, انهن نالن ۽ لقبن جي سچ ۽ ڪوڙ کي پڌري ڪرڻ جو ڪردار پوريءَ ديانتداريءَ سان ادا ڪري ٿي. اڄ ترادنتي (49) کي جيتوڻيڪ اڃا بہ سرڪاري ٻوليءَ ۾'سازشي' ۽ آزاديءَ جي

تحريڪ، جنهن جي هُن اڳواڻي ڪئي، اُن کي ’سازش‘ سڏيو ويجي ٿو پر اسان جي قوم جو سورمو اُهو ناهي(50) جنهن تِرادنتي کي ’ڌاڪو‘ سڏيو ۽ هن جي ڦاسيءَ جو ۽ هُن جي لاش کي ڳتڙا ڳتڙا ڪرڻ جو ۽ انهن کي شهرن ۽ ڳوٺن جي گهٽين ۾ اچلائڻ جو حڪم ڏنو هو تہ جيئن ماڻهن لاءِ اُهو مثال ٿئي ۽ ماڻهو ڊڄي گهرن ۾ ويهي رهن. پر ترادنتي اڄ اسان جو سُورمو آهي. تاريخ اُهو ’لقب‘ جيڪو هن تي وقت جي عالي مقام، ظالم، بالادست لوڪن لڳايو هو، هن جي نالي تان پٽي، لاهي، وقت جي اگهور اوڙاهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ هن جي سچي اعليٰ عمل کي جيئن اُهو هو، تيئن تسليم ڪيو. اُهي ٿي سچا انسان، جن پنهنجي دؤر ۾ انسانن جي آزاديءَ لاءِ انسانن جي اتحاد جي ڪوشش ڪئي، پلارا انسان ۽ سورما اُهي آهن- نہ اُهي جن پنهنجيءَ طاقت کي انسانن ۾ ويڇن وجهڻ، ڪين ويڙهائڻ ۽ مٿن حڪمراني ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو.

**حرفت ۽ هٿ نات:**

حرفت بازي ۽ هٿ نات ڳالهہ ٻولهہ دشمن عمل جي نظريي جي هڪ ٻي خاصيت آهي ۽ تفرقي وجهڻ ۽ ويڙهائڻ جي حڪمت عمليءَ وانگر، ظالمن لاءِ انسانن تي جيت پائڻ جي مقصد حاصل ڪرڻ جو هڪ مؤثر وسيلو آهي- هڪ ٿي اِن مقصد لاءِ جنهن جي چؤڏاري ڳالهہ- ٻولهہ دشمن نظريي جون سڀ ڳالهيون ڦرنديون رهن ٿيون. حرفت بازيءَ ذريعي بالادست عالي مقام ماڻهو عوام کي ريهي ريبي ۽ پاڙهي ٿاهي، پنهنجن مقصدن پٺيان هلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيتري گهٽ سياسي پختگي عوام [ٻهراڙيءَ توڙي شهرن جي عوام] جي ذهن جي هونديءَ اوتريءَ آسانيءَ سان بالادست حرفت باز انهن کي پنهنجن هٿن ۾ رانديڪن وانگر هلائي سگهندا.

هوائين ماڻهن کي هٿن ۾ رانديڪن وانگر هلائي سگهن ٿا- اُنهن پنهنجن لغڙائي ڳالهين ۽ ڏند ڪٿائن جي مدد سان، جيڪي هِن باب ۾ مٿي بيان ڪيون ويون آهن، ۽ پڻ هڪ ٻئي لغڙائي چمڪي وسيلي: ۽ اُهو هيئن، جو هو ڏتڙيل عوام جي آڏو پنهنجي سک ۽ طاقت سان، يعني جيئن هو پاڻ ٿلها متارا ۽ ساوا سٽيا آهن، مثال ٿي بيهن ٿا، ۽ عوام جون اکيون، اُن سندن ’وڏ ماڻهپ‘ ۽ ’سک سنهجائپ‘ جي اوچائيءَ تي رسڻ جا امڪان پنهنجي

آڏو چمڪندي ڏسن ٿيون! پر هِنن خواصن جون اِهي سڀ ڏند ڪٿائون ۽ لغڙائي چمڪا عوام تي پنهنجو اثر ڪري سگهن، اِن لاءِ هڪ شرط آهي: ۽ اُهو هيءَ ته عام خلق ويساهه ۾ رهي، ۽ خواصن جي انهن ڳلتن ۽ ڏکن کي سچ سمجهي، مڃيندي رهي.

ڪن تاريخي حالات ۾ هيءَ حرفت بازي بالادستن ۽ زيردستن جي وچ ۾ ڪن سمجهوتن جي صورت به وٺندي آهي- اهڙا سمجهوتا، جو مٿاڇري نموني ڏسڻ سان اُنهن مان ٻنهي ڌرين ۾ ڳالهه ٻولهه جي آزاد تعلق جي ڏِک پئي ملندي پر حقيقت ۾ اِهي سمجهوتا ۽ ٺاهه سچيءَ ڪنهن ڳالهه ٻولهه جا نتيجا نه هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته اُنهن جا اصل مقصد بالادست امير طبقي جي ئي مفادن جا ترجمان هوندا آهن ۽ آخر ۾ ائين ئي ٿيندو آهي ته اُنهن کي اُهي ئي پنهنجن بالادستي ڪارجن جي حاصلات لاءِ ڪم آڻيندا آهن. پوءِ، جلد يا دير سان، ڏاڍن ۽ هيٺن جي هِنن معاهدن ۽ سمجهوتن جا نتيجا هميشه هيٺن جي وڌيڪ اطاعت ۽ محتاجيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. در اصل اهي ٺاهه ۽ سمجهوتا ماڻهن کي آڇيا ئي تڏهن ويندا آهن، جڏهن هو، روان تاريخي قافلي ۾ ڪنهن ڪنڌ مٿي ڪڍڻ جهڙا ٿيندا آهن ۽ بالادست طبقي لاءِ خطري جو باعث بنجڻ لڳندا آهن. جيئن ئي ماڻهو ايئن ڪنهن تاريخي صورتحال ۾ محض تماشبينن مان وڌي، ڪجهه قدر اُن جا فعال جزا بنجڻ لڳندا آهن ته بالادست امير ماڻهو ڪنبي ويندا آهن ۽ هڪدم هو پنهنجين حرفت بازين ۽ حڪمت عملين کي تيز کان تيز تر ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن.

اهڙي تاريخي دؤر ۾ بالادستيءَ ۽ حاڪميت جي قائم رکڻ لاءِ حرفت بازي ۽ هٺ ناٺ هڪ بنيادي هٿيار جو ڪم ڏئي ٿو. ماڻهن جي ڪنڌ مٿي ڪڻڻ ۽ اُٿي ڪنهن قدر مُنهن ڏيڻ جهڙي ٿيڻ کان اڳ حرفت بازي (جنهن کي سچ پچ حرفت بازي چئجي) هوندي ئي ڪانهي، پر فقط ڪُلي طور روڪ ۽ دٻاءُ هوندو آهي. جڏهن مظلوم تقريباً پوري جا پورا حالات جي بار هيٺ چپيا پيا هوندا آهن. اُنهن سان ڪنهن حرفت هلائڻ جي ضرورت به ڪا نه هوندي آهي. عمل جي ڳالهه ٻولهه دشمن نظريي ۾ حرفت بازي فقط روان تاريخي سلسلي يا قافلي جي بدليل حالات ۾ ظالم جو جوابي ردعمل

هجي ٿو. حرفت ۽ هٽ نات وسيلي، بالادست امير طبقو ماڻهن کي هِرڪائي يا هڪلي ڪنهن ڪوڙيءَ تنظيم جي اندر واڙي سگهي ٿو ۽ ائين پاڻ کي اُنهن جي اڀرندڙ خطري کان محفوظ رکي سگهي ٿو- سجاڳ ٿيل ۽ اڳتي وڌندڙ عوام جي سچيءَ . فعال، بي خوف تنظيم جي خطري کان.(51) اهڙي اُٿي بيٺل عوام لاءِ، جيڪو وڏي، تاريخي سلسلي ۾ پنهنجي دسترس حاصل ڪرڻ گهري ٿو پنهنجو مقام ۽ پنهنجو حصو ماڻڻ گهري ٿو فقط ٻه ممڪنات سامهون هجن ٿا: يا ته هو پنهنجي وجود جي تسليميءَ لاءِ، پنهنجي آزادگيءَ لاءِ، پاڻ کي پوريءَ طرح، سچيءَ طرح، منظم ڪن: ٻيءَ صورت ۾ هو حڪمران طبقي جي حرفت بازيءَ جا شڪار ٿي ئي ويندا. عوام جي اِها سچي تنظيم ظاهر آهي ته حاڪمن جي ٺاهڻ جي ناهي، اِهو ڪم انقلاب اڳواڻن جو آهي.

ائين، بهرحال ٿئي ٿو جو ڪافي تعداد مظلومن جو قِطعن ۾ ياڳن ۾ ورهايل، شهري مزدورن جو هجي ٿو، خاص طرح ملڪ جي اڳتي وڌيل صنعتي مرڪزن ۾. جيتوڻيڪ شهري مزدورن جا هي قِطعا ۽ ميڙ، وقت بوقت، ڪافي هلچل ۽ سرڪشي ڏيکارين ٿا، پر اڪثر هو انقلابي شعور کان خيال هجن ٿا. ۽ عام پورهيت خلق ۾ هو پاڻ کي خاص مخلوق سمجهن ٿا. سرمايه دار حاڪمن جي حرفت بازيءَ ۽ هٽ نات کي، پنهنجن انيڪ فريبي ڳالهين ۽ واعدن سان هنن مزدور انبوهن ۾ پنهنجي ڪم ۽ اثر جا وڏا موقعا ۽ ميدان ملن ٿا.

بالادست حرفت بازيءَ جو علاج يا توڙ فقط تنقيدي شعور رکندڙ انقلابي تنظيم ۾ موجود هجي ٿو جيڪا روان تاريخي سلسلي ۾ عوام جي حيثيت کي، قومي صورتحال کي ۽ اُن ۾ زير عمل بالادست حرفتبازيءَ کي ماڻهن جي آڏو مسئلن طور سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ آڏي پيش ڪري فرانسڪو ويفرٽ (Francisco Weffert) جي لفظن ۾:

"ڪابيءَ ڏر جي سيني پاليسين ۽ حڪمت عملين جو بنياد عوام تي ۽ اُنهن جو سنو آڌار عوام جي شعور تي هوندو آهي. جيڪڏهن عوام جو شعور مُنجهيل ۽ اڻ رسيل هوندو ته ڪابيءَ ڏر جون پاڙون ڪوڪليون رهنديون ۽ سندن سڄي ڳالهه ڪِري اچي پَٽ پوندي- پوءِ ڪابيءَ ڏر جي اڳواڻپ انهيءَ

ئي گمان ۾ ڇو نہ ورتل هجي تہ ترت ئي اُها اقتدار تي قبضو ڪري انقلاب برپا ڪري سگهي ٿي!"

حرفتبازيءَ جي صورتحال ۾ ڪاہيءَ ڏر وارا هميشہ ترت 'اقتدار تي قبضي ڪرڻ' جي انهيءَ وهم ۾ ورتل هوندا آهن. ۽ هو مظلومن سان پوريءَ ريت شامل ٿي، هڪ ٿي، ڪنهن سچيءَ تنظيم قائم ڪرڻ جي ضرورت کان غافل رهندا آهن. ۽ ائين هو آواها بڻجي، بالادست حاڪم ڌر سان هڪ اجائيءَ ۽ ناممڪن قسم جي 'ڳالهہ ٻولهہ' ۾ پاڻ کي وڃي اڙائيندا آهن. آخر ۾ هو بالادست حرفتبازيءَ جا شڪار ٿي ويندا آهن. ۽ گهڻين حالتن ۾ تہ پاڻ ئي اُن بالادست کيل جا مُهرا بنجي ويندا آهن ۽ اُن کي پنهنجي طرفان 'حقيقت پسندي" سڏيندا آهن.

حرفتبازي، غلبي (جيتڻ جي عمل)وانگر جنهن جا مقصد اُها بجا آٽي ٿي، ماڻهن کي غشيءَ جي حالت ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، تہ جيئن هو سوچي نہ سگهن. ڇو تہ ماڻهو جيڪڏهن روان تاريخي سلسلي ۾ پنهنجي وجود سان گڏ اُن سلسلي بابت پنهنجو تنقيدي هوش بہ ساڻ رکندا، تہ سندن ائين سجاڳ ٿيڻ سان انقلاب جي اثبات جا امڪان اُڀري، حاڪمن لاءِ خطري جو سبب بڻجي سگهن ٿا.ماڻهن جي انهيءَ تنقيدي هوش کي 'انقلابي شعور' چئجي يا 'طبقاتي شعور' پر انقلاب لاءِ، بهرحال، ان جو موجود هجڻ هڪ بيحد ضروري بلڪ اٽل ۽ اڻ ٽرندو شرط آهي. بالادست امير ماڻهو اِن حقيقت کان ايترا باخبر آهن، جو ماڻهن کي سِوچڻ کان باز رکڻ لاءِ هو مٿن جسماني تشدد سميت هر ممڪن طريقي ۽ جتن جي استعمال ڪرڻ کان پاڻ روڪي نٿا سگهن. ڳالهہ ٻولهہ ۾ جيڪا تنقيدي هوش جي اُڀارڻ جي صلاحيت آهي، اُن کي هو پنهنجي بنهہ ڪنهن حياتياتي'اندر جي ٻوجهہ' وسيلي جاڻن ٿا. توڙي جو ڪي انقلابي اڳواڻ ماڻهن سان پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ کي هڪ 'سرمايہ دارانہ ۽ رجعتي' عادت سمجهن ٿا. پر سرمايہ دار پاڻ مظلومن ۽ انقلابي اڳواڻن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ کي پاڻ لاءِ هڪ سچو پچو ۽ وڏو خطرو سمجهن ٿا.جنهن کي هو پنهنجي وس پڄندي، هر طرح روڪڻ ۽ ختم ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿا.

بالادست حرفتبازيءَ جي هڪ صورت هيءَ هوندي آهي تہ عام خلق جي فردن جي دل ۾ شخصي ناموريءَ ۽ ڪاميابيءَ جي سرمايہ پسند بکُ جو ٻج پوکيو وڃي ٿو. هيءَ حرفتبازي ڪن صورتن ۾ سڌيءَ طرح بالادست حڪمران پاڻ ۽ ڪن صورتن ۾ اڻ سڌي 'عام پسند' اڳواڻن جي ذريعي عمل ۾ آڻين ٿا. ويفرت جي چوڻ موجب، هي 'مقبول عام' يا 'عام پسند' اڳواڻ عالي مقام حڪمرانن ۽ عوام ۾ 'وچ وارن' وارن جو ڪردار ادا ڪن ٿا. سياسي عمل جي هڪ اسٽائيل (طرز يا ادا جي) طور عام پسندگيءَ (Populism) جو هو هيءَ استعمال، مظلومن جي سجاڳيءَ ۽ اُڀار سان گڏ نتيجي ۾ سبب جي نسبت سان رواج ۾ اچي ٿو. هِن صورتحال ۾ 'عام پسند' اڳواڻ جيڪو اڳتي وڏي ميدان تي اچي ٿو سچ پچ هڪ شعبي ۾ بہ چٽيو ماڻهو هجي ٿو۔ هڪ قسم جو "خاڪي ۽ آبي حيوان" جيڪو ٻن دنيائن ۾ رهي ٿو. ماڻهن ۽ بالادست حڪمرانن جي وچ ۾ ڊوڙندي، ٻنهي ڌرين جا رنگ ۽ نشان مٿس چڙهي وڃن ٿا.

چاڪاڻ تہ 'عام پسند' اڳواڻ عوام جي سچيءَ ۽ پيڙهائتيءَ تنظيم واسطي جدوجهد ڪرڻ بدران، رڳو حرفتبازيءَ ۾ ئي لڳل رهي ٿو انهيءَ ڪري هن قسم جو اڳواڻ، ڪري ڪري بہ، انقلاب جي تمام ڪا ٿورڙي خدمت بجا آڻي ٿو سگهي، ان دورخيءَ خصلت ۽ ٻچتئي عمل کي ڇڏي ۽ فيصلہ ڪن انداز سان عوام جي طرف جو انتخابَ ڪري (۽ محض 'عام پسند' بہ ٿيڻ جي امنگ تان هٿ کڻڻ سان) ئي هو پنهنجي حرفت بازيءَ مان جند ڇڏائي سگهي ٿو ۽ تنظيم جي انقلابي مقصد سان پوريءَ طرح پنهنجو پاڻ واڳي ٿو سگهي. هو پوءِ عوام ۽ بالادست حڪمرانن جو 'وچ وارو' نہ ٿو رهي، بلڪ بالادست حڪمرانن جو هو ضد بنجي بيهي ٿو۔ جنهن جي نتيجي ۾ بالادست حاڪم طبقي وارا هڪدم سڀ پنهنجا وسيلا ۽ سڄي پنهنجي طاقت جمع ڪري هن کي ڍاهڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. هن سلسلي ۾ اسان کي [برازيل جي] گيٽوليووَرگاس (Getulio Vargas) (52) جا ڊراماتي ۽ پوريءَ طرح واضح ۽ هڪ ٽُڪا گفتا ياد ڪرڻ کپن، جيڪي هن، حڪومت جي سربراهہ طور، پوئين دؤر ۾، پهرين مئي جي تقريبات جي موقعي تي، مزدورن کي مخاطب ٿي چيا هئا:

"آءٌ اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ عاليشان نئينءَ تعمير جو جيڪو ڪم منهنجي انتظاميہ هٿ ۾ ڪنيو آهي، اُهو اوهان مزدورن جي مدد ۽ لاڳيتي اورچ ۽ باهمت سهڪار کان سواءِ پورو ٿي ئي نہ سگهندو."(53)

ورگاسو پوءِ پنهنجي اختيار سنڀالڻ جي پهرين نوي ڏينهن جي ڳالھ ڪئي، جن کي هن 'مشڪلاتن ۽ رڪاوٽن جي اندازي لڳائڻ' جا ڏينهن سڏيو جيڪي حڪومت جي اقتدامن جي خلاف سڀني طرفان کان اٿاريون پئي ويون." هن ماڻهن سان سڌيءَ طرح پنهنجي من جي پيڙا ۽ اندر جي احساس جي ڳالھ ڪئي، سندن 'بيوسيءَ جي غربت جي، مهانگائيءَ جي، گهٽ پگهارن ۽ اجرتن جي.... اياڳن انسانن جي نراساين ۽ اڪثريت جي مطالبن جي، جيڪي بهتر ڏينهن جي اميد ۾ جي رهيا آهن.'

آءٌ انهيءَ ساڳيءَ تقرير ۾، جيڪا مزدورن کي گويا هن جي دل جي پڪار هئي، هُن پوءِ وڏيڪ حقيقي مسئلن کي ڇيڙيو-

'آءٌ اوهان کي هي ٻڌائڻ لاءِ آيو آهيان تہ اڄ، هِن گهڙيءَ، انتظاميہ وٽ اُهي قانون يا هَڪيا اُهي وسيلا ڪونهن، جن ان عوامي معاشيات جي قائم ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻي سگهجن. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ ماڻهن کي منظم ڪيو وڃي- نہ رڳو پنهنجن مفادن جي حفاظت لاءِ، پر پنهنجي حمايت جو بنياد حڪومت کي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ، جنهن کي اُن کي پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضرورت آهي.. مون اوهان جي ٻَڌي گهرجي. مون کي اوهين گهرجو متحد ۽ پنهنجين جماعتن ۾ منظم ٿيل. مون کي اوهان جي گهرج آهي تہ اوهين حڪومت سان ساٿ ۾ هڪ مضبوط اڏول محاذ ٺاهي بيهو تہ جيئن اوهان جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪا طاقت آهي، سا اُن کي ملي. مون کي اوهان جو اتحاد گهرجي تہ جيئن اوهين ڦورو ۽ لوٽو شخصن سان وڙهي سگهو تہ جيئن اوهين سٽيبازن ۽ هيچي درندن جي مفاد بازيءَ جا شڪار نہ ٿي وڃو جنهن عوام جي مفادن جي هاچيڪاري آهي...هاڻي مزدورن کي پڪارڻ جو وقت آيو آهي: اوهين پنهنجون جماعتون ٺاهيو ۽ متحد ٿي وڃو- پورهيتن جي هڪ آزاد ۽ منظم طاقت طور... هِن وقت ڪا بہ انتظاميہ بچي نہ سگهندي ۽ پنهنجن سماجي مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل زور حاصل نہ هوندي.'

مطلب تہ ورگاس پنهنجيءَ هن تقرير ۾ ماڻهن کي جوشيلي انداز ۾ پڪاري پڪاري، چيو تہ هو پنهنجن حقن جي حفاظت لاءِ منظم ٿين ۽ ٻڌي ڪن: ۽ حڪومت جي سربراهہ جي حيثيت ۾ هن کي ٻڌايائين تہ ساڻن گڏجي ملڪ ۾ حڪومتي انتظام قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ ۾ ڪهڙا مسئلا، رڪاوٽون ۽ فوري خطرا آڏو آڏو بيٺل هئا. اُنهيءَ ئي اهم تاريخي گهڙيءَ کان هُن جي انتظاميا کي وڌندڙ مشڪلاتن سان مُنهن ڏسڻو پيو- تان جو آگسٽ 1954ع ۾ اُهو دردناڪ سانحو ٿي گذريو جنهن ۾ هن کي پنهنجي جان جي قرباني ڏيڻي پيئي. جيڪڏهن ورگاس پنهنجي اختياريءَ جي آخري دؤر ۾ عوام کي منظم ٿيڻ لاءِ ائين کُلم کلا نہ چوي ها، نہ پڙڪائي ها، ۽ قومي مفاد جي حفاظت لاءِ هن جيڪي انتظامي اقدام کنيا، انهن سان عوام جي تنظيمن کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري ها، جيئن اڳتي وڌي هُن ڪئي، تہ ممڪن آهي تہ ملڪ جا رجعت پرست عالِي مقامي حلقا اُهي ملڪ دشمن انتهائي قسم جا قدم نہ کڻن ها، جيڪي هُنن کنيا.

جيڪو بہ 'عام پسند' اڳواڻ، حڪمران طبقن جي پنهنجي هڪ وچ واري يا تابعدار دلال جي درجي کان وڌي، ڪنهن بہ نموني عوام جو ويجهو (ڪيتري بہ رک رکاءَ سان ) وڃڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اُن کي هو ڪچلڻ جي ڪوشش ڪندا-بشرطيڪ وٽن اُها طاقت هجي. پر جيتري تائين بہ اُهو سندن دادلو شخص پاڻ کي رڳو پترتائيءَ ۽ فيض بخشيءَ تائين محدود رکندو ۽ رڳو سندن 'سماجي فلاح ۽ بهبود' جي پروپيگنڊائي ڪمن ۾ مصروف رهندو- جيستوڻيڪو اُن ۾ بہ اتفاقي غلط فهميون هُن جون حڪمران طبقن سان، خاص طرح سندن اُنهن حقلن سان جن جا مفاد متاثر ٿيندا هوندا، ضرور اُٿنديون رهنديون، پر ڏرين ۾ ڪن اهم ۽ تمام اونهن اختلافن جو اُٿڻ تقريباً ناممڪن هوندو آهي. ائين انهيءَ ڪري هوندو آهي، جو فلاحي پروگرام، حرفتبازيءَ جي طريقن طور، نيث بہ حاڪم طبقن جي 'فاتحانہ' مقصدن لاءِ ئي مفيد ۽ ڪارگر هوندا آهن. اُهي ماڻهن کي غش ڪرڻ جو ڪم ڏين ٿا، مظلومن کي سندن مسئلن جي اصلي سبب کان ۽ اُنهن جي حقيقي اُپائن کان بتال ۽ بيخبر رکن ٿا. اُهي مظلومن جي صفن ۾ ٻيج ڊوڙ مچائي، اُنهن کي الڳ الڳ گروهن ۾ ورهائين ٿا، منجهائن ڪن ۾

اِهو اميد جو سهارو اُپاري تہ ائين هو پاڻ لاءِ ڪي وڏيڪ فائدا حاصل ڪري سگهندا. هِن صورتحال جو بهرحال هڪ مثبت نتيجو بہ نڪري ٿو: اُهي فرد، جن کي ڪجهہ قدر ملي ٿو اُهي اُن کان وڏيڪ جي گهُر ڪن ٿا، ۽ اُهي فرد، جن کي ڪجهہ قدر ملي ٿو اُهي اُن کان وڏيڪ جي گهُر ڪن ٿا، ۽ اُهي جن کي ڪجهہ نٿو ملي، سي اُنهن کي ڏسي جن کي ڪجهہ ملي ٿو حاسد ۽ حريص بنجن ٿا ۽ پاڻ لاءِ اُن جي طلب ڪن ٿا. ۽ چاڪاڻ تہ بالادست امير ماڻهو سيني کي 'ڪجهہ' نٿا ڏيئي سگهن. پنهنجي انهيءَ محدود ۽ ناڪافي 'مددگاريءَ' سان مظلومن ۾ هو بيچينيءَ ۽ پڻ سرڪشيءَ کي ئي وڌائين ٿا.

انقلابي اڳواڻن لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهن کي منظم ڪرڻ جي مقصد خاطر بالادست طبقي جي حرفتبازيءَ جي اهڙن تضادن مان فائدو وٺندي اُن سڄيءَ ظالم حرفتبازيءَ کي کولي، پڌرو ڪري، هڪ مسئلي طور، ماڻهن جي آڏو پيش ڪن، ۽ اُن جي بنا تي کين منظم ڪن.

**تهذيبي اڳرائي (تهذيبي حملو):**

'ڳالهہ ٻولهہ دشمن' عمل جي نظريي جي آخري هڪ بنيادي خاصيت آهي: تهذيبي اڳرائي، تهذيبي حملہ آوري. جيڪا پڻ تفرقيبازيءَ جي طريقن ۽ حرفتبازيءَ جي رنگن ڍنگن وانگر، جيت يا غلبي جا مقصد سِڌ ڪري ٿي. هن ۾، حملي آور ٻئي گروهہ جي تهذيبي دنيا ۾ دخل انداز ٿين ٿا، ۽ اُن جي ممڪنات کي نظر انداز ڪري، پنهنجو عالمي تخليقي حيات اُنهن تي مڙهين ٿا، ۽ اُنهن جي اظهاريت کي گهُٽي اُنهن جي تخليقي صلاحيتن جي موت جو سبب بڻجن ٿا.

انهيءَ طرح اُها تُرش هجي يا شيرين، سخت هجي يا نرم، تهذيبي اڳرائي هميشہ هڪ ڏاڍائيءَ جو عمل هجي ٿو-اُنهن ماڻهن جي خلاف جن جي تهذيب اُن جو نشانو هجي ٿي، جو تہ اُن اڳرائيءَ هيٺ پنهنجي اصليت وڃائي ويهن ٿا يا وڃائڻ جي خطري هيٺ اچن ٿا. هن تهذيبي حملي آوريءَ ۾ (جيئن ڳالهہ ٻولهہ دشمن سيني ڪارروايين ۾)، حملي آور تاريخي عمل جي سلسلي جا آرنيپ ڪار ۽ عامل هوندا آهن تہ جيڪي سندن حملي جو نشانو آهن، اُهي سندن بيجان پدارٿ ۽ معمول. حملي آور قالب ٺاهيندڙ هجن ٿا ۽ جيڪي سندن حملي جو نشانو آهن، اُهي قالبن مان ٺهي نڪرن ٿا. هو

موٽيندڙ آهن ۽ هي مٽندڙ هو چوندڙ ڪندڙ ۽ چاهيندڙ آهن ۽ هي چوندڙ ۽ چاهه تي هلندڙ هو ڪردار ادا ڪندڙ آهن ۽ هي، جن تي حملو ٿئي ٿو اُهي ڪٺ پتلين طور ڪردار جي ادائگيءَ جي فقط پر ۾ رهن ٿا.

هر قسم جي بالادستي اڳرائيءَ جو حملي آوريءَ جو عمل آهي- ڪن حالتن ۾ جسماني ۽ ظاهر ظهور ۽ ڪن حالتن ۾ ماٺ ميٺ جو ۽ ڍڪيل ٿهيل جنهن ۾ حملي آور مددگار دوست جي ڍِڪ ڏئي ٿو. ڳالهه جي آخري تِڙ ۾، هر قسم جو حملو اقتصادي ۽ تهذيبي بالادستيءَ جو ئي هڪ قسم آهي. اڳرائي يا حملو ڪنهن راج شاهي يا تخت گاهي سماج طرفان هڪ ڪانياري ۽ تابع سماج تي عمل ۾ اچي سگهي ٿو يا ساڳئي سماج ۾ هڪ طبقي تي ٻئي طبقي جي بالادستي رتبي جي صورت ۾ موجود رهي ٿو.

تهذيبي غلبو مغلوب سماج يا طبقي کي اُن جي معتبريءَ، صحت ۽ سچائيءَ کان محروم ڪري ڇڏي ٿو يا محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙو پنهنجي معتبريءَ، صحت ۽ سچائيءَ کان محروم طبقو يا سماج پوءِ حملي آورن جي قدرن، معيارن، مقصدن ۽ آدرشن ڏانهن مُڙڻ، اُنهن لاءِ تانگهڻ ۽ اُنهن کي قبولڻ شروع ڪري ٿو. پنهنجي بالادستيءَ يا غلبي کي عمل ۾ آڻڻ جي جوش ۾- هين کي پنهنجن قالبن ۾ ڍالڻ ۽ پنهنجي دستوري زندگيءَ يا رهت سهت ڏانهن موڙڻ جي جذبي هيٺ- حملي آور سمجهڻ چاهيندا آهن تہ سندن حملي هيٺ آيل خلق حقيقت کي ڪيئن ٿي ڄاڻيءَ ڪهڙيءَ صورت ۾ ٿي سڃاڻي: پر اُهو رڳو انهيءَ مقصد لا تہ هو مغلوب خلق تي وڌيڪ اثرائتي نموني ۽ پوريءَ طرح پنهنجو قبضو ۽ بالادستي قائم رکي سگهن: ۽ هلائي سگهن(54) تهذيبي اڳرائيءَ جي جيت لاءِ اهو ضروري ٿئي ٿو تہ جيتيل خلق پنهنجي دنيا جي حقيقت کي حملي آورن جي عينڪ سان ڏسي، نہ پنهنجي اکين سان، ڇو تہ جيترو وڌيڪ هو حملي آورن جو نقل ڪندا، حملي آورن جو مٿن قبضو اوترو ئي وڌيڪ مضبوط پائدار ٿيندو.

تهذيبي اڳرائيءَ جي جيت ٿيئي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ جيڪي اُن جا شڪار هجن اُهي بنيادي طور پنهنجي ڪمتريءَ کي پوريءَ طرح مڃڻ شروع ڪن، ۽ جيئن تہ هر شيءِ جو ضد ٿئي ٿو انهيءَ ڪري

جيڪڏهن اڳرائيءَ هيٺ آيل ماڻهو پاڻ کي ڪمتر سمجهندا، تہ لازمي طور اڳرن کي هو پاڻ کان برتر تسليم ڪندا. اُن جي نتيجي ۾ اُنهن لاءِ اڳرن جا قدر مثالي نمونا بنجي پون ٿا. جيترو زياده اڳرائيءَ جي صورت تيز ۽ گرفت سخت ٿيندي، اوترو زياده اڳرائيءَ هيٺ آيل سماج يا طبقو خود پنهنجي تهذيبي روح کان ۽ پنهنجي پاڻ کان الڳتا ۽ بيگانگيءَ جو شڪار ٿيندو ۽ اوترو زياده هو اڳرن جهڙو ٿيڻ چاهيندو- اُنهن وانگر هلڻ ۾، پهرڻ ۾، کائڻ ۾، ڳالهائڻ ۾.

اڳرائيءَ هيٺ آيل شخص جو سماجي 'آءٌ'، ٻئي هر سماجي 'آءٌ' وانگر، سماجي نظام جي سماجي سيپيتائي لاڳاپن ۾ ٺهي ٿو ۽ انهيءَ ڪري اڳرائيءَ هيٺ آيل سيپيتا جي دوئيءَ جو ئي عڪس هجي ٿو. هِن دوئيءَ مان ئي (جنهن جو ذڪر اڳتي بہ تي چڪو آهي) سمجهي سگهجي ٿو تہ ڇو اڳرائيءَ ۽ بالادستيءَ جا شڪار ٿيل شخص پنهنجي وجودي تجربي جي هڪ ڏاڪي تي ظالم 'توں' جا تقريباً 'هم مشرب' ('پيالي يائي') ٻڻيل هوندا آهن. مظلوم'آءٌ' کي ظالم 'توں' سان اِن لڳ ڀڳ پيالي يائپ کان ضرور جند ڇڏائڻي آهي، ان ظالم 'توں' کان هٽي، پري ٿي، بيهڻو آهي، ۽ پوءِ ئي هو اُن کي پوريءَ چٽائيءَ سان، الڳ ٿي، ڏسي سگهي ٿو ۽ اُتان ئي، پوءِ ظالم جي تضاد ۾ بيٺل پنهنجي پاڻ کي تنقيدي طور سڃاڻي سگهي ٿو ۽ ائين ڪندي، هو جنهن نظام ۾ مظلوم جي رهيو آهي. اُن کي هو هڪ حيوان بنائيندڙ حيوانيندڙ حقيقت سمجهي ٿو. دنيا جي سڃاڻپ ۾ دنيا بابت پنهنجي شهور ۾ هيءَ ڳڻائتي تبديلي فقط سڃاڻ عمل، تدبيري عمل جي، جي دوران ئي حاصل ٿي سگهي ٿي.

تهذيبي اڳرائي هڪ پاسي بالادستيءَ جو هٿيار آهي، ۽ ٻئي پاسي، بالادستيءَ جو نتيجو اِن طرح بالادست قسم جو تهذيبي عمل (ڳالهہ- ٻولهہ دشمن عمل جي ٻئي هر نموني وانگر) ارادتاً رٿيل هجڻ سان گڏ ٻئي خيال کان، ظلمي حقيقت جي محض هڪ فطري پيداوار ئي هوندو آهي.

مثال طور، هڪ ڪنور ۽ ظلمي نظام جو لازمي طور ٻارن جي پرورش ۽ تعليم جي ادارن تي اثر پوي ٿو ڇو تہ اُهي اُن نظام جي اندر ئي موجود هجن ٿا ۽ ڪم ڪن ٿا. هي ادارا پنهنجي عمل جون صورتون ان

نظام جي طرز تي بيهارين ٿا ۽ اُن جوں 'ڏند ڪٿائون' ۽ خام خياليون نسل بنسل اڳتي رسائين ٿا. گهر ۽ اسڪول (ٻالڪ پالنا مرڪزن کان وٺي يونيورسٽين تائين) ڪي خيالي دنيا ۾ ئي موجود ڪو نہ ٿا هجن. اُهي زمان ۽ مڪان جا پابند آهن ۽ اُنهن پائبندين هيٺ ڪم ڪن ٿا. بالادستيءَ جي نظام ۾ اُهي اڪثر ايجنسين (ذريعن، عاملن)جو ئي ڪم ڪن ٿا. جن ۾ آئيندي جا 'حملي آور' ۽ اڳرا، بالادست ئي تربيت وٺن ٿا ۽ تيار ٿين ٿا.

خود گهر ۾ بہ مائٽ ۽ ٻار جو تعلق آسپاس جي سماجي نظام جي خارجي تهذيبي حالتن جو ئي عڪس هجي ٿو جيڪڏهن گهر ۾ ئي بالادست ۽ حڪما حڪمي حالتن جو عمل دخل آهي تہ گهر، ٻاهر جي دنيا ۾ دٻاءَ ۽ ظلم جي فضا کي ئي وڌائيندو.(55) جيئن جيئن هي حڪما حڪما تعلقات مائٽن ۽ ٻارن جي وچ ۾ وڌن ٿا ۽ گهرا ٿين ٿا، تيئن تيئن ٻار، معصوم اوستا ۾ ئي، اِها مائٽاڻي حڪماحڪمي پرائين ٿا ۽ پنهنجي طبيعت جو حصو بنائين ٿا.

فرام( Fromm)، موت پسند ۽ حيات پسند مسئلي کي (پنهنجي معمول مطابق) پوريءَ وضاحت سان پيش ڪيو آهي، ۽ اُن جي هيءَ يا هوءَ حالت، جن حالتن ۾ اُپجي ٿي، اُنهن جي چنڊ چاڻ ڪئي آهي- گهر جي حالتن جي (جن ۾ مائٽن ۽ ٻارن جا لاڳاپا بي خياليءَ ۽ دٻاءَ جا شڪار هجن ٿا، يا پيار ۽ آزاديءَ ۾ وڌن ويجهن ٿا)،۽ پڻ گهر کان ٻاهر وسيع سماجي تهذيبي حالتن جِي. اُهي ٻاهر جيڪي اٽبٽت ۽ دٻاءَ جي فضا ۾ پلجن ٿا، ۽ وڏا ٿين ٿا، جن جي صلاحيت اُن ڪري ڦِٽي، ڪوڪلي ٿي پوي ٿي. جيڪڏهن اُهي جوانيءَ ۾ ڪنهن سچيءَ (انسان دوست) ۽ مثبت قسم جي بغاوت جو رستو نٿا وٺن، تہ اُهي يا تہ واٽڙا ٿي، ڪُلي طور اُنهن خام خيالن ۽ تقليدي خواب بازين جا شڪار ٿي، جن هيٺ هنن جا ذهن جُڙيا آهن، ڪُلي طور لا تعلق ۽ لاپرواهہ بنجي وڃن ٿا ۽ائين نہ پنهنجي ۽ نہ ڪنهن ٻئي جي ڪم جا رهن ٿا: يا تہ هو تخريبي عمل جي مختلف روپن جا دلدادا بنجي، سڌو سنئون سماج دشمن شخصن جو رول ادان ڪن ٿا.

گهر جي فضا اسڪول ۾ حاوي رهي ٿي،جتي شاگرد ترت ئي ڏسي ۽ سمجهي وٺن ٿا تہ جيئن گهر ۾ تيئن اُتي بہ هُنن کي رڳو مٿان کان (يعني وڏن کان) مليل حڪمن ۽ فرمائشن کي ٻڌڻو آهي ۽ قبول ڪرڻو آهي، ۽ اُن

طريقي سان ٿي ڪجهه آسودگي هو حاصل ڪري سگهن ٿا. اُنهن فرمائشن ۾ حڪمن مان هڪُ هوندو آهي ته، پاڻ ڪجهه نه سوچيو!'

اڏول تعلقات جي نظام وسيلي مائٽن جو بالا اختيار قبوليندي ۾ اُن ڪي پنهنجي پسندي بنائيندي ۾ اسڪولن ۾ به ائين بالااختيار جي ماتحتيءَ ڪيِ پنهنجي عادت طور قبوليندي، جوانيءَ ۾ جڏهن پير پائين ٿا. تڏهن هي شخص (چا ڪاڻ ته آزاديءَ کان ڊپ هِنن تعلقات جي نتيجي طور هُنن جي فطرت بنجي ويندو آهي،) پاڻ جڏهن ڪنهن منصب تي رسن ٿا، تڏهن هو پنهنجي عمل جا اُهي ئي ڍنگ ۾ روپ اختيار ڪن ٿا ۽ ڪم آڻين ٿا، جن ۾ سچي هنن جي اُها غلط تعليم ۾ تربيت عمل ۾ آيل هئي، اِن صورت ۾ ۽ اُن سان گڏ سندن طبقاتي رتبي ۾، عام منصبدارن ۾ اختيار جي صاحبن جي ڳالهه ٻولهه دشمن روش جو منطق، جنهن روش ڪي هو ڇڏي ئي نه سگهندا آهن، شايد پوريءَ طرح ڏسي ۾ سمجهي سگهجي ٿو. (56) ڪهڙيءَ به ڪنهن خاص حيثيت ۾ هِنن شخصن جو عام ماڻهن سان تعلق قائم ٿئي ٿو ته هو ائين سمجهي ويهن ٿا ۽ اُن ڳالهه تان هو هرگز نٽا لهن ته بس، هُنن جو ئي فرض ۾ حق آهي ماڻهن کي پنهنجي ڄاڻ ۾ هنرڪاري ڏيڻ. هو پاڻ کي عوام جي 'محسنن' جي حيثيت ۾ ڏسن ٿا. هُنن جي ڪم جي پروگرام ۾ (جيڪي، ائين ئي هجي ٿو ته ظلمي نظام جي ڪنهن نه ڪنهن ماهر 'اصولڪار' جا ئي مرتب ٿيل آهن) هُنن جا پنهنجا مقصد پنهنجا عقيدا ۾ پنهنجي پسند ناپسند جا خيال شامل هجن ٿا. هو ماڻهن جي ڳالهه نٽا ٻڌن، پر اُنهن کي هدايتن ڏيڻ ۾ پورا رهن ٿا، ته 'ڪاهلي، جيڪا پست پڻجي وڃڻ جو سبب آهي، اُها ڪيئن ختم ٿئي! هي منصب دار پنهنجي شان جي خلاف سمجهن ٿا ته هو 'دنيا بابت خيال' جيڪو ماڻهن جو آهي، ان کي ڪو وزن ڏين. منصب دار پاڻ ئي دنيا بابت 'خيال يا نظريو' رکڻ جي لائق به آهن ۾ حقدار به هو،اها ڳالهه به غير معقول سمجهن ٿا، ته تعليمي عمل جي پروگرامي مواد جي مرتب ڪرڻ لاءِ ماڻهن سان صلاح مشورو ڪرڻ آت ضروري آهي. هو ائين محسوس ڪن ٿا ته ماڻهن جي اڻ ڄاڻائي ۾ جهالت ايتري ته مڪمل آهي، جو اُهي ڪنهن به ڳالهه جي قابل نه آهن، سواءِ منصب دارن کان هدايتن وٺڻ ۾ مڃڻ جي.

جڏهن بہ پوءِ ، پنهنجي وجودي تجربي جي روشنيءَ ۾ ماڻهو جيڪي ائين اڳرائيءَ هيٺ آيل هجن ٿا. ڪنهن نہ ڪنهن نموني اُن اڳرائيءَ جي ترديد ڪن ٿا.(جنهن سان پهرين ڪنهن طرح هو نهي ويل معلوم ٿي ٿيا). تہ منصبدارَ پنهنجي ناڪاميءَ کي لڪائڻ لاءِ ۽ اُن جي بچاءَ جي دليل طور ائين چوڻ شروع ڪري ڏيندا آهن تہ 'ڇا ڪجي، ماڻهن جي حالت 'ابتر' هي، ماڻهو "بي قدرا"، لاپرواهہ"، "بيمار ذهن"، "پست قبيلن مان" آهن،'

ڪي نيڪ نيت منصب دار (جيڪي 'اڳرائي' جو رويو ڳٽيل 'پهيل نظريي طور نہ پر پنهنجي ذاتي تربيت جي اظهار طور اختيار ڪن ٿا) آخرڪار سمجهي وڃن ٿا تہ سندن تعليم ڪاريءَ جون ناڪاميون 'عوام جي سادن سودن ماڻهن'جي ڪنهن بنيادي ابتريءَ ۽ ضعف جو نہ پر خود سندن اڳرائيءَ جي عمل جي تيزيءَ، بي صبريءَ ۽ نقص جو نتيجو هيون، جن تي حقيقت ائين ظاهر ٿئي ٿي. اُنهن کي هڪ مشڪل فيصلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: هنن کي ضروري ٿو محسوس ٿئي تہ اڳرائيءَ جي اُن سڄي اهتمام کي ختم ڪيو وڃي، پر بالادستيءَ ۽ برتريءَ جا ناهہ ۽ ڍنگ ايترا تہ متن حاوي هجن ٿا، جو هي 'دستبرداريءَ جو قدم' سندن پنهنجي معتبريءَ ۽ خصوصيت لاءِ هڪ خطرو بنجي هنن جي سامهون اچي ٿو بيهي. اڳرائيءَ جي بيهڪ (پوزيشن) تان هٿ کڻڻ معنيٰ سندن پنهنجي دو طرفي درجي، بالادستيءَ جي شڪار ۽ پڻ خود بالادست هجڻ جي درجي- جو خاتمو: ۽ اُن جو لازمي شرط توڙي نتيجو هيءُ ٿيندو تہ سڀ ڏند ڪٿائي ڳالهيون ڇڏيون وڃن، جيڪي اڳرائيءَ کي پالين ۽ نپائين ٿيون ۽ اُن جي پشتيءَ ۾ بيٺل آهن، ۽ اُنهن جي بدران وڏي، آزاد ۽ معقول 'ڳالهہ ٻولهہ جي عمل' جي راهہ اختيار ڪئي وڃي. ۽ هِن آٽ سورائتي خود بدل جي عمل دوران، فطري طور هو پنهنجي خوف کي پنهنجي مٿان طاري ڪري، اُن کي ٻڪ وجهي ۽ چنبڙي پون ٿا ۽ پنهنجي گوشنائيءَ ۽ نٽ نٽاءَ جا ڪيئي ڳتا ۽ گس بہ هنن کي ملي وڃن ٿا.

آزاديءَ جو هيءُ ڊپ اُنهن منصب دارن ۽ اهلڪارن لاءِ پاڻ وڏيڪ تيز ۽ وڌو هجي ٿو، جن پنهنجي منصب يا عملداريت جي اڳرائيءَ واري

جي شڪار شخص لاءِ هڪ ڇڄي پري بيٺل ماڻهوءَ لاءِ جيڪو حاصلات ۽ ذاتي جنت جي تهذيب جو پليل نهيل آهي، پنهنجي حالت کي خارجي طور مردود ۽ مذموم تسليم ڪرڻ ٿي پنهنجي شان ۽ مواد جي ابتڙ ۽ ڪن حالتن ۾ پاڻ کان ٿي انڪار جي ڳالهه لڳندي آهي.

اِنهي مثال مان ۽ پڻ منصب دارن ۽ اهلڪارن جي ڳالهه مان تهذيب جي اهڙيءَ خاص آوريءَ جي خبر پوي ٿي، جيڪا ماڻهن ۾ ڏندڪٿائي ۽ هوائي خيال پيدا ڪري ٿي ۽ قائم رکي ٿي. هنهي مثالن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته بالادست طبقي جي تهذيب ٿي ماڻهن کي 'فيصلي ۽ راءِ مُکيار' هستين بنجڻ کان روڪي نه ٿي. نه هو منصب دار ۽ اهلڪار ۽ نه هي نيويارڪ جي پست علائقي واريءَ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ شخص تاريخي عمل جي سلسلي ۾ زنده ۽ فعال عنصرن طور ڳالهائين ٿا يا عمل ڪن ٿا ـ جيتوڻيڪ منجهائن ڪو به بالادستيءَ جو نه حامي، نه مفڪر نه نظريي باز آهي. اِن جي ابتڙ هو ته بالادستيءَ جا اثر آهن، نتيجا آهن، جيڪي اڳتي وڌندي ڦري، اُن جا سبب ٿي پون ٿا. هيءَ هڪ وڏو ڳنڀير مسئلو آهي، جنهن کي ٻين اهڙن مسئلن سان گڏ اقتدار تائين پهتل انقلاب کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ۽ انقلاب جي اُها منزل اڳواڻن کان وڏ ۾ وڏ سياسي ڏاهپ، فيصلي ۽ همت جي تقاضا ڪري ٿي، ۽ ان ۾ هو ڪن غير معقول تفرقائي مؤقفن ۾ ڦاسي نه پون، تنهن لاءِ ضروري آهي ته هو صحيح راءِ ۽ صحيح فڪر جا صاحب هجن.

بالادست سماج ۾ هر قسم جي علم ۽ فن جا اهلڪار ـ پوءِ اُهي ڪنهن يونيورسٽيءَ جا گريجوئيٽ هجن يا نه هجن ـ 'مٿان جا نهيل ۽ مڙهيل' هوندا آهن، يعني بالادست تهذيب جا، جيڪا ڪين دوطرفا جيو بنائي ڇڏي ٿي. (اُهي جيڪڏهن پاڻ هيٺين طبقن جا هوندا آهن، ته به سندن اُها تعليم اهڙي ٿي، بلڪ پاڻ وڌيڪ بگڙيل هوندي آهي.) هي اهلڪار بهرحال، نئين سماج جي تنظيم لاءِ ضروري هجن ٿا ۽ ڇاڪاڻ ته منجهائن گهڻا ـ توڙي جو آزاديءَ کا خائف هوندا آهن ۽ انقلاب جي انسانيندڙ عمل ۾ هٿ وجهڻ کان ڇرڪندا آهن ـ حقيقت ۾ رڳو گمراهه ٿي هوندا آهن، انقلابُ هنن کي نه فقط پاڻ ڏانهن ڇڪي پنهنجو ڪري ٿو پر انقلاب کي ائين ضرور ڪرڻ به گهرجي.

هيءَ 'ڇڪي پنهنجو ڪرڻ'جو عمل گهري ٿو تہ انقلابي اڳواڻ اوائلي ڳالهہ ٻولهہ جي تهذيبي عمل تان وڏي 'تهذيبي انقلاب' جي ابتدا ڪن. هِن مرحلي تي، انقلابي قوت پنهنجي پهرئين ڪردار کان اڳتي وڌي ٿي، جنهن ۾ اُها رڳو انسانن کي انسانن بنجڻ کان روڪيندڙن جي مقابلي ۾ صف آرا ٿي بيٺل هئي، ۽ هاڻي هڪ نئون ۽ وڏيڪ دليرانو مؤقف وٺي بيهي ٿي، جنهن ۾ هوءَ اُنهن سڀني عناصرن کي ڪلي دعوت ڏئي ٿي، جيڪي سماج جي نئين سر اڏاوت ۾ حصو وٺڻ جا خواهشمند هجن. ان معنيٰ ۾ 'تهذيبي انقلاب' ڳالهہ ٻولهہ جي تهذيبي عمل جي هڪ لازمي بلڪ آتل توسيع ٿي آهي، جيڪو اَبتدائي عمل انقلاب جي اقتدار ۾ اچڻ کان اَت ضروري آهي.

'تهذيبي انقلاب'پنهنجي نئينءَ تعمير جي نشاني طور سڄي سماج کي، سڀني انساني اعمالن ۽ مصروفيتن سميت، هٽ ۾ ڪٽي ٿو سماج جي نئين اڏاوت ميڪانيڪي طور تي يا ڪنهن ڪل پرزائين نموني ۾ نٿي ٿي سگهي: تهذيب جيڪا انقلاب وسيلي نئين سر تهذيبي طور تخليقي ٿي، اُن نئينءَ اڏاوت جو هڪ بنيادي وسيلو آهي. 'تهذيبي انقلاب' انقلابي عامل تنظيم جي هڪ وڏي ۾ وڏي ڪوشش آهي. شعور جي ڪامل بيداريءَ لاءِ۔ تنهن ڪري تهذيبي انقلاب کي، بلا لحاظ ڪم ڌنڌي يا پيشي جي، سماج جي هر فرد تائين پهچڻ ضروري آهي.

انهيءَ ڪري، شعور جي بيداريءَ جي هيءَ ڪوشش رڳو ماهرن جي ٿي ٽيڪنيڪي يا سائنسي تربيت تائين محدود رکي نٿي سگهجي. نئون سماج پراڻي کان سڀني اوصافن ۾ نرالو ٿيڻو آهي- ۽ نہ رڳو اڌو گابرو نموني .(57) انقلابي سماج ٽيڪنالاجيءَ (هنر ڪاريءَ) جي آڏو اُهي ئي مقصد نٿو رکي سگهي، جيڪي اڳئين سماج اُن جي آڏو رکيا ٿي، انهيءَ ڪري ماهرن ۽ اهلڪارن جي تربيت ٻنهي سماجن ۾ مختلف ٿيڻي آهي. ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي تربيت هرگز انسان دوست تعليمي سلسلي جي دشمن يا مخالف نٿي ٿي سگهي. بشر طيڪ اُها انقلابي سماج ۾ لڳاتار آزادگيءَ جي ڪم لاءِ، انسان کي انسان بنائڻ ۽ بهتر انسان بنائڻ جي مقصد لاءِ ڪم آندي وڃي.

اُهو ئي ڪردار ادا ڪن ٿا، جيڪو ظالم سماج جا ڳالهه- ٻولهه دشمن، ظالم عالي مقام ماڻهوءَ انهن جا عامل ۽ اهلڪار ادا ڪندا هئا.

انهن کي ڳالهين جي بنا تي، آءٌ سچي انقلابي عمل جي سلسلي ۾'ڳالهه ٻولهه جو تهذيبي عمل' سڏيان ٿو جيڪو پنهنجي ڪاميابيءَ جي منزل تي رسي، اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ'تهذيبي انقلاب' جي صورت وٺي، اڳتي وڌي ٿو. ٻنهي مرحلن تي- تياريءَ جي جدوجهد( تهذيبي عمل) جي مرحلي ۽ ڪاميابي ۽ اقتدار جي حاصلات کان پوءِ (تهذيبي انقلاب) جي مرحلي تي-هڪ لڳاتار سنجيده ۽ گهري ڪوشش شعور جي بيداريءَ جي ضروري آهي. اِها هڪ اٽل ۽ اڻ ٽرندڙ ضرورت آهي، انهيءَ ڪري، جو اها واحد ۽ مخصوص ذريعو آهي انهي انقلاب جي تياريءَ ۽ تعميل جو ۽ اُن جي استقبال سان ئي ماڻهو، پنهجي سچي ۽ خالص تدبيري عمل معرفت، پنهنجي اڳوڻيءَ محض بيجان ۽ بيوس 'شين' جهڙي حيثيت کي پوئتي ڇڏي ۽ اُن کان مٿي چڙهي، تاريخي طور جاندار ۽ فعال هستين جي حيثيت حاصل ڪن ٿا.

آخري طور چئي سگهجي ٿو تہ تهذيبي انقلابُ اڳواڻن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ دائمي ڳالهه ٻولهه جي سبنڌ کي پائدار بنائي ٿو ۽ اقتدار ۾ ماڻهن جي شراڪت کي واضح ۽ محڪم صورت ڏئي ٿو.اِن طريقي سان، انقلاب جي راهہ تي، جيئن جيئن اڳواڻ ۽ ماڻهو پنهنجو سجاڳ ۽ تنقيدي عمل جاري رکن ٿا، انقلاب وڌيڪ آسانيءَ سان پاڻ کي 'عملداريت' (حاڪم شاهيءَ) جي لاڙن کان (جيڪي هو نئن ڏاڍ ۽ داٻ جي نت نين صورتن کي جنم ڏين ٿا)، ۽ 'اڳرائيءَ' يا حملي آوريءَ کان (جنهن جي هميشہ ساڳي صورت رهي ٿي) سلامت ۽ محفوظ رکي سگهي ٿو. ان سلسلي ۾-سرمايہ پسند توڙي انقلابي سماج ۾- ڪو بہ منصب دار، اهلڪار، رضاڪار يا ڪارڪنُ، ڦري 'اڳرو' يا 'حملي آور' ٿي سگهي ٿو پوءِ اُهو هڪ زراعتي ماهر هجي يا سماجياتي عالم، هڪ اقتصادي ماهر هجي يا صحت عام جو انجنيئر، هڪ پادري هجي يا بشپ، مُلو هجي يا مفتي، پيير هجي يا مشائخ، هڪ تعليم ڪار هجي يا سماجي ڪارڪنن يا خود هڪ انقلابي ئي ڇو نہ هجي.

تهذيبي اڳرائي، جيڪا غلبي ۽ جيت جا ۽ ظلم جي قائم رهڻ جا مقصد پورا ڪري ٿي، حقيقت متعلق هميشہ هڪ گروهي يا فرقيوار سوچ رکي ٿي، يعني دنيا بابت هڪ بڌل ۽ مقرر سوچ ۽ اها پنهنجي سوچ هوءَ ٻين تي مڙهڻ گهري ٿي. هوءَ اڳري ۽ ڏاڍي جي 'برتري' ۽ جيڪي اُن جي هلان جا شڪار آهن۔ اُنهن جي 'ڪمتريءَ' کي ناقابل ترديد سچ سمجهي ٿي ۽ اُنهن تي پنهنجن قدرن ۽ ڳڻن جو زوريءَ مڙهڻ اڳرن جو حق سمجهي ٿي۔. چو تہ 'ڪمتر' عوام 'برتر' خواصن جي مِلڪ آهن ۽ آقا پنهنجن غلامن کي هٿان وڃائڻ نہ چاهيندا آهن.

تهذيبي اڳرائي وڌيڪ اِها معنيٰ رکي ٿي تہ جيڪي اڳرائيءَ جا شڪار آهن، مغلوب آهن، اُنهن جي عمل بابت فيصلي جو آخري اختيار اُنهن جو نہ پر مٿن جيڪي اڳرا آهن، غالب اُنهن جو آهي، ۽ جڏهن فيصلي جي طاقت يا اختيار اُتي نہ آهي، جتي هجڻ کپي، اُنهن جو نہ آهي. جن جو هئڻ کپي، پر ڪٿي ٻئي هنڌ. ڪن ٻين وٽ آهي، تہ پهرين ڌر رڳوان وهم ۾ رهي سگهي ٿي تہ فيصلو اُها پاڻ ٿي ڪري، فيصلي جي مالڪِ پاڻ آهي: ۽ ٻيءَ ڌر جو مقصد ۽ پوري پوري ڪوشش بہ اها ئي هجي ٿي تہ پهرين ڌر ان وهم ۾ خوش ۽ آسوده خيال رهي. اِهو ئي سبب آهي، جو حملي جي شڪار بہ ٻِتي، محض هڪ 'عڪسي'، مغلوب سماج جي سماجي اقتصادي ترقي ممڪن ئي نٿي رهي. ترقي عمل ۾ اچي سگهي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ پهريائين تہ تفتيش (ڳولا) ۽ تخليق جي تحريڪ جو مرڪز خود تفتيش ڪار ۽ تخليقيار پاڻ هجي: ۽ ٻيو تہ هيءَ تحريڪ نہ رڳو نلهي 'مڪان' جي وسعت ۾ موجود ۽ عمل پيرا هجي، پر باشعور تفتيش ڪارَ ۽ تخليقڪارُ جي پنهنجي وجودي 'زمان' جي وسعت ۾ پڻ موجود ۽ ڪارفرما هجي.

اهڙيءَ طرح، توڙي جو هر ترقي تبديلي آهي، هر تبديلي ترقي نہ آهي. ٻج جي داڻي ۾ واقع ٿيندڙ تبديلي، جيڪو مناسب حالت ۾ ڦندي ٿو ۽ ڦٽي ٿو، ترقي نہ آهي. ساڳيءَ طرح هڪ حيوان ۾ واقع ٿيندڙ تبديلي بہ ترقي نہ آهي. ٻج جي داڻن ۽ حيوانن ۾ واقع ٿيندڙ تبديليون اُنهن جي نوعي ډپاءَ جا نتيجا آهن: ۽ اهي جنهن 'زمان' جي وسعت ۾ واقع ٿين ٿيون، سا اُنهن جي

پنهنجي نہ آهي، چاڪاڻ تہ زمان، موڙيءَ جي صورت ۾، فقط انسانن جي ئي حصي ۾ آيل گنج آهي.

انسان، اڻپورين هستين مان، هڪڙا ئي جيو آهن، جيڪي اسرن ٿا، ترقي ڪن ٿا، تاريخي، آتم ڪٿائي، 'پاڻ پنهنجي لاءِ وجود رکندڙ هستين طور'هُنن جي تبديلي (ترقي/ اوُسِر)، سندن پنهنجي وجودي زمان ۾ واقع ٿئي ٿي، ڪڏهن بہ اُن کان ٻاهر نہ. انسان، جيڪي ظلم جي بجنسي حالتن ۾ جيتيل ۽ دبيل رهن ٿا، جن ۾ هو پاڻ کان پري ٿي، 'ٻين لاءِ وجوديل هستيون' بڻجي، ڪنهن ڪوڙيءَ 'پاڻ ۾ پوريءَ هستيءَ' جي مِلڪ ٿي وڃن ٿا ۽ اُن جا ڪانيارا ۽ آڌين ٿي رهن ٿا. اُنهن جي سچي پچي ڪا ترقي ٿي ئي نٿي سگهي.پاڻ پنهنجي فيصلي جي اختيار کان محروم هجڻ سبب، جنهن اختيار جو مرڪز ظالم وٽ موجود هجي، هو اُن ظالم جي فرمانن ۽ اشارن تي ئي هلن ٿا. مظلوم اُسرڻ ۽ ترقي ڪرڻ فقط اُن حالت ۾ شروع ڪن ٿا، جڏهن هو اُ ۾ 'پاڻ آهن، پاڻ لاءِ نہ آهن' جي تضاد مان نڪري، جنهن ۾ هو ڦاٿل آهن، 'پاڻ پنهنجي لاءِ وجود رکندڙ هستيون 'بڻجن ٿا.

اسين جيڪڏهن سماج کي هڪ وجود تسليم ڪريون ٿا، تہ اِهو ظاهر آهي تہ فقط اهو ئي سماج جيڪو 'پاڻ پنهنجي لاءِ وجود' رکي ٿو ترقي ڪري سگهي ٿو.اُهي سماج، جيڪا بہ ڇِتا آهن ۽ ڪنهن تخت گاهي سماج جا 'عڪسي'، جيتيل ۽ ڪاٽيارا آهن، ترقي نٿا ڪري سگهن، چاڪان تہ اُهي ٻَروس ۽ ويڳاڻا سماج آهن؛ ۽ سندن سياسي، اقتصادي ۽ تهذيبي فيصلن جو اختيار سندن هٿن ۾ نہ پر ڪانئن ٻاهر اُن تخت گاهي حملي آور سماج جي هٿ ۾ آهي: ۽ اُهو تخت گاهي سماج ئي، انهيءَ ڪري، سندن تقدير جو مالڪ آهي-يعني ٿلهيءَ سندن تبديليءَ جو چاڪاڻ تہ تحقيق اُها سندن ٿلهي تبديلي ئي آهي، نہ سندن ترقي يا اوُسر- سندن تبديلي در اصل اُن تخت گاهي سماج جي ئي مفاد ۾ آيل، بلڪ آندل، هڪ تبديلي آهي.

اها ڳالهہ نهايت ضروري آهي تہ نئين پڙ کي، جديديت کي، غلطيءَ وچان ترقي نہ سمجهيو وڃي. جديديت، توڙي جو اُها 'پوئلڳ سماج' جي ڪن گروهن کي پنهنجي اثر ۾ آڻي، ڪافي ڪجهہ مڪائي سگهي ٿي، گهڻي قدر هميشہ هٿراڌي ۽ خصوصيل هوندي آهي- جو تہ اُن مان اصل ۽

خاص نفعو رڳو تختگاهي سماج ئي وٺي ٿو. جيڪو سماج فقط جديد جي ٿو پر اُسري نٿو وڌي نٿو ترقي نٿو ڪري، اُهو تخت گاهي يا ٻاهرئين ڪنهن سامراجي سماج جو ئي محتاج رهندو- توڙي جو ڪن معمولي دائرن ۾ غالب سامراج جي عنايت هيٺ ڪجهه ڪجهه فيصلي مختيار هجڻ جي ڏک ئي ڇو نه ڏيندو هجي. هر تابعدار ۽ ڪاٺياري سماج جي اِها ئي تقدير هجي ٿي- اوسين تائين جيسين تائين اُهو ڪاٺيارو ۽ تابعدار رهي ٿو.

انهيءَ ڏسڻ لاءِ ته سماج ترقي ڪري رهيو آهي يا نه، 'في ڪس' آمدنيءَ يا' جملي' آمدنيءَ جي انگن اکرن کي اٿلائڻو پٿلائڻو ۽ ڇڪاسڻو نه آهي- ڇو ته اِن مان ڪيترائي گمراهه ڪن نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا. اِن فيصلي لاءِ بنيادي ۽ بنهه اوائلي ڪسوٽي هيءَ آهي ته ڏسجي ته سماج پنهنجي وس آهي، پاڻ وهيٽو آهي، يا نه..... جيڪڏهن نه آهي، ته ٻيون جيڪي به ڪسوٽيون اِن سلسلي ۾ ڪم اچن ٿيون، اُهي سڀ رڳيون سماج جي جديدائپ ثابت ڪنديون ۽ نه اُن جي ترقي يا اؤسر.

دوهرن يا دو طرفائن سماجن جو مکيه تضاد سندن ۽ تخت گاهي سماج جي وچ ۾ تابعداريءَ ۽ زيردستيءَ جو لاڳاپو آهي. جڏهن هيءُ تضاد حل ٿو ٿئي ۽ باقي نٿو رهي. تڏهن ايستائين جا 'امداد' هيٺ ٿلهي تبديلي هئي، جيڪا در اصل تخت گاهي سماج جي ئي مفاد ۾ عمل ۾ ايندي ٿي رهي، سا سچيءَ پچيءَ ترقي جي صورت اختيار ڪري ٿي، جيڪا سماج جي 'پنهنجي وجود لاءِ' هجي ٿي.

اِنهن ئي سببن جي ڪري، خالص اصلاحي حل، جيڪي هي سماج عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا (جيتوڻيڪ بالادست امير گروهن جا ڪيئي فرد اِن تي به خوف ۾ پرجي، آپي کان نڪري سگهن ٿا). سي اُنهن جي داخلي توڙي خارجي تضادن کي ختم نٿا ڪري سگهن. تقريباً هميشه تخت گاهي سماج هي اصلاحي پروگرام تاريخي سلسلي جي تقاضائن جي جواب ۾ عمل ۾ آڻين ٿا- يعني پنهنجي بالادستيءَ جي بچاءَ لاءِ فوري وسيلن طور. ۽ اُهو ائين هوندو آهي. جڻ هو ائين سوچين ۽ چون:"اچو ته اصلاح آڻيون، اِن کان اڳ جو ماڻهو انقلاب آڻين!" ۽ اُن مقصد لاءِ هڪ تخت گاهي سماج جي آڏو ٻيو ڪو رستو نه هوندو آهي سواءِ زيردست سماج کي جيتڻ

۽ زير بار رکڻ جي، اُن جي خلاف (58) حرفت هلائڻ ۽ اُن کي ريبڻ جي، ۽ اُن تي اقتصادي ۽ تهذيبي (۽ ڪڏهن ڪڏهن فوجي) اڳرائيءَ ۽ يلغار ڪرڻ جي-جن سيني صورتن ۾ جيتيل، زيردست سماج جا امير ماڻهو ۽ عملڪار گهٽي قدر رڳو تخت گاهي سماج جي وچ وارن ۽ پلاوٽن جو ئي رول ادا ڪندا آهن.

ڳالهه ٻولهه دشمن عمل جي هِن اصولي تور تڪ کي هِتي بند ڪنديءَ آءٌ فقط هيءُ چوڻ چاهيان ٿو تہ انقلابي اڳواڻن کي هرگز اُهي رستا ۽ ڍنگ استعمال نہ ڪرڻ کپن. جيڪي ظالم استعمال ڪن ٿا: اِن جي ابتڙ انقلابي اڳواڻن کي ڳالهه ٻولهه جو ٻڌڻ ٻڌائڻ جو رستو ئي اختيار ڪرڻ گهرجي.

ڳالهه ٻولهه جي عمل جي اصلي اپياس کي هٿ ۾ کڻڻ کان اڳ ضروري آهي تہ ٻن ڳالهين کي سمجهيو وڃي: پهرينءَ هيءَ تہ انقلابي اڳواڻپ جو سنگ ڪيئن ٿو وجود ۾ اچي، ۽ ٻي ڳالهه تہ انقلابي عمل جي سلسلي جا اهم تاريخي ۽ سماجياتي شرط ڪهڙا آهن. اڪثر هيءُ اڳواڻپ جو سنگ، ڪنهن نہ ڪهن طرح، اُنهن ماڻهن جو سنگ ٿئي ٿو جيڪي سماج جي بالادست تهہ ( سطح) جا هجن ٿا. پنهنجي وجودي تجربي جي هڪ نقطي تي، ڪن تاريخي حالتن سبب، هيءَ ماڻهو جنهن طبقي جا هجن ٿا، اُن کي ڦِٽو ڪري، عدولي، مظلومن ۾ شامل ٿين ٿا_ هڪ مضبوط اتحاد يا سنگتن جي قدم طور(ڪم از ڪم سندن اُن قدم مان اميد اِها ئي رکجي ٿي.) هيءَ سندن شموليت حقيقت جي علمي پروڙ ۽ تورتڪ جو نتيجو هجي ٿي يا نہ. پر اُها (جيڪڏهن سچي شموليت آهي تہ )هُنن جي طرفان محبت ۽ سچيءَ وابستگيءَ (ڳانڍاپي) جي عمل جي نشاندهي ضرور ڪري ٿي.(59) مظلومن شان شموليت جو مطلب آهي تہ اُنهن ڏانهن وڃي وڃجي ۽ اُنهن سان دلي طور حالي احوالي ٿجي: ماڻهو ائين اڳي وڏي آيل اڳواڻن کي پنهنجو سمجهن ۽ اڳواڻ ماڻهن کي پنهنجو سمجهن.

اڳواڻ جيڪي ائين اڳتي وڌي اچن ٿا، لازمي طور بالادست امير ماڻهن جي تضاد جو عڪس هوندا آهن. جنهن جو احساس مظلوم ڪين ڏياريندا آهن، جيڪي پاڻ ۾ بہ بهرحال، پنهنجي مظلوميت جي اصلي صورتحال کان پورا واقف نہ هوندا آهن، ۽ نہ ئي اُهي ظالمن سان پنهنجن

متصادم تعلقات کي تنقيدي طور سڃاڻي سگهندا آهن. مطلب تہ اهي ممڪن هجي ٿو تہ ظلم سان اڃا اُن ئي وابستگيءَ جي ذهني ڪيفيت ۾ هجن، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي آيو آهي(ڏسو باب پهريون).ٻئي پاسي، ائين بہ ممڪن آهي تہ تاريخ جي ڪن خارجي حالتن سبب هو اڳي ئي پنهنجي مظلوميت جي حالت کان نسبتن وڌيڪ باخبر ٿي چڪا هجن.

پهرينءَ حالت ۾ ماڻهن جي ظالم سان هيءَ وابستگي۔ يا اڌوگابري وابستگي۔ هُنن لاءِ ظالم کي پاڻ کان ٻاهر ڏسڻ يا دريافت ڪرڻ ناممڪن بڻائي ٿي ڇڏي. ٻيءَ حالت ۾ هو ظالم کي اِئين ڏسي سگهن ٿا، دريافت ڪري سگهن ٿا، ۽ هُن سان پنهنجي متصادم تعلقات کي بہ تنقيدي طور سڃاڻي سگهن ٿا.

پهرين حالت ۾ ظالم خود ماڻهن جي اندر رهي ٿو ۽ اُن جو نتيجو سندن مبهم ۽ متشڪي ڪيفيت هجي ٿي، جيڪا کين آزاديءَ کان خوفزده رکي ٿي. هو (ظالم جي انسنائڻ تي) جادو ئي سمجهاڻين ۽ خدا جي هڪ غلط تصور تي ڀاڙين ٿا ۽ تقديري طور تي پنهنجي مظلوم صورتحال جي ذميداري لاهي اُن تي رکن ٿا. (60) اهڙا خود ۾ اعتبار کان عاري، ڀيرن ۾ پيل نراس ماڻهو پنهنجي آزادگيءَ جي تڙپ رکن ۽ ان لاءِ جاکوڙ ڪن،اِها ڳالهہ ازحد مشڪل هجي ٿي۔ اهڙيءَ ڪنهن خيال کي ئي، ۽ پڻ ڪنهن ڪوشش کي، هو بغاوت جو ڪم ۽ انهي ڪري خدا جي مرضيءَ جي نافرماني، خلاف ورزي ۽ تقدير سان بيجا مقابلي بازي سمجهن ٿا.(انهيءَ ڪري ئي ظالمن هٿان ماڻهن جي مٿي ۾ وڌل ڏند ڪٿائن کي مسئلن طور کولي آڏو رکڻ جي ضرورت تي وري وري زور ڏنو ويو آهي.) ٻيءَ حالت ۾، جڏهن ماڻهن جي اڳيان ظلم بابت هڪ نسبتاً واضح تصور هجي ٿو جنهن جي مدد سان هو ظالم کي پاڻ کان ٻاهر سڃاڻي وٺن ٿا، تہ هو جنهن تضاد ۾ پاڻ کي ڦاٿل ڏسن ٿا اُن کان نجات لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڏين ٿا. هن نقطي تي هو 'طبقاتي تقاضا' ۽ 'طبقاتي شعور' جي وچ وارو فاصلو پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا.

پهرينءَ حالت ۾، انقلابي اڳواڻ، بدقسمتيءَ سان پر غير شعوري طور، ماڻهن (عوام) جو تضاد هجن ٿا. ٻيءَ حالت ۾، اڳتي وڌي آيل اڳواڻن کي ماڻهن وٽان پنهنجائپ ۽ هڪ طرح جو ڏيڍ ۽ ٽيڪو ملي ٿو جيڪو انقلابي

عمل جي دوران وڌندو ئي رهي ٿو هي اڳواڻ ماڻهن وٽ بلڪل پنهنجائپ سان ۽ پوري پروسي سان حالي احوالي ٿيڻ لاءِ وڃن ٿا. ماڻهن ۽ انقلابي اڳواڻن جي وچ ۾ گرمجوشي، همدمي ۽ رفاقت موجود هجي ٿي: ۽ فوراً هنن جا پاڻ ۾ معاهدا ۽ قول اقوال طيءَ ٿي وڃن ٿا _ اڳواڻ ۽ ماڻهو بيئي، مضبوط ساٿ ۾، بالادست عالي مقام شخصن سان هڪ جهڙي تضاد ۾ هجن ٿا. هن نقطي کان اڳتي، ماڻهن ۽ اڳواڻن جي وچ ۾ قائم ڳالهه ٻولهه جو عمل تقريباً اڏول رهي ٿو. اُهو ڳالهه ٻولهه جو عمل جاري رهندو_اقتدار جي حاصلات تائين: ۽ ماڻهو ڄاڻندا ۽ محسوس ڪندا تہ هو پاڻ اقتدار جا مالڪ بڻيا آهن.

اقتدار ۾ هِن پائيداريءَ سان انقلابي اڳواڻن ۾ گهربل محبت جي گرمجوشيءَ ۽ سندن جدوجهد جي جذبي، همت ۽ دليريءَ ۾ ڪنهن طرح جا ڪمي واقع ڪا نہ ٿي ٿئي.فيڊل ڪاسترو(Fidel Castro) ۽ هُن جا ساٿي (جن کي گهڻن ماڻهن، اُن وقت، 'غير ذميدار مُهم جُو" سڏيو ٿي)، جيڪي نمايان طور اڳواڻن جو هڪ ڳالهه ٻولهه وارو ئي سُنگَ هو ماڻهن سان ملي بنهه هڪ ٿي ويا هئا. جيڪي باتستا (Batista) آپيشاهيءَ جي حيواني ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا هئا. ۽اِها اُنهن عوامي اڳواڻن جي بي مثل همت ۽ نڊرتا هئي، جو ماڻهن کي اُنهن ايترو پنهنجو ٿي پاتيو، جو اُنهن لاءِ هو هر دم پنهنجون جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. ۽ جدوجهد هلندي هر مصيبت کان پوءِ تحقيق ٿئي تنهان ئي وڌي ڪنهن دليريءَ جي مثال جي ضرورت هئي، جو آئنده جي فتح جي اميد ۾ اُنهن جو اڳتي وڌڻ ممڪن ٿي سگهي، جيڪا فتح (ڄاڪاڻ تہ اُها ماڻهن جي ساٿ ۾ ئي نصيب ٿيڻي هئي) نہ رڳو اڳواڻن جِي، پر اڳواڻن ۽ ماڻهن جِي_ يا ماڻهن بمع اڳواڻن جي_ ئي فتح بڻجڻي هئي.

ڪن تاريخي حالتن ۾، انقلابي اڳواڻن جي نسبت ماڻهن سان سنئين سڌي (اُفقي طرز جِي) ٿئي ٿي_ جنهن ۾ اڳواڻ ۽ ماڻهو ظالم جي مُنهان مُنهن مقابلي ۾ يڪمشت ۽ هڪ جسم طور بيٺل هوندا آهن_ يا اُها نڪنڌائين ٿئي ٿي، جنهن ۾ انقلابي اڳواڻ نڪنڌي جي عمودي چوٽيءَ تي ۽ اُن جي پايي جي ٻن ڪُنڊن تي موجود ماڻهن ۽ ظالمن ٻنهي جي مقابل بيٺل هوندا آهن. جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، هِن پوئين صورتحال ۾

اڳواڻ تڏهن پاڻ کي بينل ڏسندا آهن، جڏهن ماڻهن کي ظلم جي حقيقت جي تنقيدي ڄُوجهه اچا حاصل ٿيل نه هوندي آهي.

انقلابي اڳواڻپ، بهرحال، گهٽ ۾ گهٽ ڪري ڪڏهن به ماڻهن جي تضاد ۾ پاڻ کي بينل تسليم نه ڪندي آهي. ۽ سچ پچ ته اِها ڳالهه ڏکوئيندڙ به ٿئي ٿي، ۽ اُن کان هر و پرو انڪار يا نت نتاءُ ممڪن آهي ته اڳواڻپ طرفان هڪ قسم جي دفاعي روش ٺي هجي: ڇو ته اڳواڻن لاءِ نيٺ به ائين مڃڻ آسان نه آهي ته هو ڪنهن صورت ۾ ماڻهن جا ضد به ٿي سگهن ٿا- اُنهن ماڻهن جا، جن سان پاڻ کي ايترو وابستگيءَ ۾ سمجهي ۽ وسهي، هو ايترو اڳتي وڌي آيل ۽ ائين پاڻ کي اڳواڻپ جي سٽ ۾ بينل ڏسن ٿا. بهرحال، اِن حقيقت کي مڃڻ کان سندن اِن طرح جي ڪيهائڻ يا نت نتاءَ کي ضرور خيال ۾ رکڻ گهرجي- جڏهن سندن اهڙن ڪن اقدامن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوي، جن ۾ هنن جو مؤقف، بي ارادي ٺي سهي، ماڻهن جي تضاد ۾ (پر، وري به بغاوت يا مخالفت ۾ نه) ڏٺو وڃي.

انقلاب کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ انقلابي اڳواڻن کي بيشڪ ماڻهن جي وابستگيءَ جي ضرورت آهي. پر اُهڙا اڳواڻ جيڪي ماڻهن جا تضاد هجن ٿا، جڏهن ماڻهن کان هيءَ وابستگيءَ گهرن ٿا ۽ موٽ ۾ هڪ قسم جي ڏورانهپ ۽ بي اعتباري ملندي ڏسن ٿا، تڏهن اِن رد عمل کي هو ماڻهن جي ڪنهن بنيادي اڻ پورائيءَ يا ضعف سان تعبير ڪن ٿا. ماڻهن جي شعور جي اهڙيءَ ڪنهن تاريخي ڪيفيت کي اِئين هو اُنهن جي اصلي ۽ بنيادي نقص جو ثبوت سمجهن ٿا، جيئن ته اڳواڻن کي ماڻهن جي وابستگيءَ جي ضرورت آهي، انهيءَ لاءِ ته هو انقلاب آڻي سگهن (پر ساڳئي وقت هو بي اعتباريل ماڻهن ۾ بي اعتباري رکن ٿا)، هو ڇڪجي اُهي طريقا استعمال ڪرڻ لڳن ٿا، جيڪي بالادست وڏا ماڻهو ظلم ڪرڻ ۾ استعمال ڪندا آهن. ماڻهن ۾ پنهنجي عدم اعتماد جي بچاءَ ۾ هو پوءِ چون ٿا ته اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه جو عمل ناممڪن آهي- ۽ ائين هو عمل جي ڳالهه ٻولهه وروڌي اصول جي راهه وٺن ٿا. اُن ڪانپوءِ –بالادست اميرن وانگر- ماڻهن کي هو جيتڻ جا اقدام ڪن ٿا، 'مسيحائپ' جا دعويدار بڻجن ٿا، حرفتڪاريءَ کان ڪم وٺن ٿا ۽ تهذيبي اڳرائيءَ ۾ ڇمت جي ڪوشش ڪن ٿا. ظاهر آهي ته هِنن رستن تي هلندي، جيڪي ڏاڍائي جا رستا آهن،

هو هرگز انقلاب حاصل نہ ڪري سگهندا، يا، جيڪڏهن ڪندا، تہ هرگز اُهو انقلاب سچو انقلاب نہ ٿو ٿي سگهي.

انقلابي اڳواڻپ جو ڪردار (هر قسم جي حالات ۾، ۽ خاص طرح اُنهن حالات ۾ جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا) هيءُ آهي تہ، پنهنجي هر سوچ توڙي عمل ۾، ماڻهن جي شڪي ۽ بي اعتباريل رخ جي سببن کي هو خيال ۾ رکن، ۽ اُنهن سان دلي ڳانڍاپي جي صحيح راهن جي تلاش ۾ رهن ۽ اُنهن سان اهڙن طريقن سان واهرو ٿين، جو اُهي حقيقت کي تنقيدي طور ڏسي سگهن ۽ پروڙي سگهن، جيڪا کين ڇيپاڻي ۽ پيڙي رهي آهي.

ماتحت ۽ مغلوب شعور ہہ۔ ڇتو ٿئي ٿو مونجهہ ۾ ورتل، خوفزده ۽ بي اعتباريءَ جو شڪار، ماتحت شعور جي هِن ڪيفيت لاءِ ظاهر جو اُهو غالب ۽ ڇاپائي تصور ئي ذميدار هجي ٿو جنهن کي مظلوم داخلي طور پنهنجي اندر ۾ سانديل رکي ٿو. مظلومن جو هيءُ رد عمل ۽ ورتاءُ ئي ظالمن کي تيئن ئي زياده تهذيبي آڪرائيءَ ۽ ڏاڍ تي آماده ڪري ٿو: پر مظلومن جي ان ورتاءَ ۽ رد عمل تي انقلابين جي عمل جو اصول پيو هجڻ گهرجي. انقلابي اڳواڻ بالادست امير طبقي جي ماڻهن کان مختلف هجن ٿا۔ نہ فقط پنهنجن مقصدن ۾ پر پنهنجي عمل جي طريقن ۽ دستورن ۾ بہ. جيڪڏهن هو بہ ساڳئي اُهڙي ئي دستور ۾ طريقي سان عمل ڪندا، تہ سندن مقصد بہ هڪ جهڙا ۽ ساڳيا وڃي بيهندا . بالادست اميرن لاءِ انساني دنيوي تعلقات کي ڪولي، مسئلن طور آڻي، ماڻهن جي آڏو رکڻ ۽ اُنهن بابت ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ اُهڙي ئي هڪ ناشدني بلڪ خود تضادي ڳالهہ آهي، جهڙي انقلابي اڳواڻن لاءِ ائين نہ ڪرڻ جي ڳالهہ ٿيندي.

هاڻ اچو تہ ڳالهہ ٻولهہ واري تهذيبي عمل جي اصولي تي تورتڪ ڪريون ۽ اُن جي ترڪيبي جزن ۽ خاصيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

سهڪارُ:

عمل جي ڳالهہ ٻولهہ ورودي نظريي ۾ جيترُ يا غالب پورڻ عمل جي پهرين خاصيت هجي ٿي، ۽ اُن ۾ عملڪارُ (يا عامل) ٻئي ماڻهو کي جيئي ٿو ۽ اُن کي بدلائي هڪ 'شيءِ' بنائي ڇڏي ٿو. عمل جي ڳالهہ۔ ٻولهہ واري نظريي ۾ عملڪار ( يا عاملَ پاڻ ۾ هٿُ هٿَ ۾ ڏيئي، سهڪار جي حالت ۾، گڏجن ٿا، حالتن کي بدلائڻ لاءِ، دنيا کي بدلائڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ورودي 'آءٌ'

جيڪو جيتي ٿو غالب پوي ٿو سو جيتيل يا مغلوب 'تون' کي محض هڪ 'هُن' ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. ڳالهه ٻولهه پسند 'آءُ' بهرحال، ڄاڻي ٿو تہ 'تون' (يعني نہ 'آءُ'، 'هو') ئي آهي، جيڪو سندس وجود لاءِ ٽيڪو آهي، سهارو آهي، هو اِهو بہ ڄاڻي ٿو تہ 'تون' جيڪو سندس وجود لاءِ ائين سهارو آهي، پنهنجي جاءِ تي هڪ 'آءُ' بہ آهي، جنهن وٽ پنهنجي اُن 'آءُ' لاءِ هڪ 'تون' سهارو بہ آهي. ائين 'آءُ' ۽ 'تون' اِنهن دارو مداري( باهمي سهاري جي) لاڳاپن ۾ بہ 'تون' ٿي پون ٿا، جيڪي اول اول ۽ اصول ۾ بہ 'آءُ' ئي آهن.

اِئين، عمل جي ڳالهه ٻولهه واري نظريي ۾ هڪ عملڪارُ يا عاملُ جيڪو جيت يا غلبي سبب زيردست هجي، ۽ ٻيو معمول جيڪو مغلوب هجڻ سبب بالادست هجي، تہ هوندا آهن. اُن جي بدران بہ عملڪارَ (عامل) هجن ٿا، جيڪي گڏجي دنيا کي سڃاڻن ٿا ۽ اُن ڏانهن متوجهہ ٿين ٿا، اِنهيءَ لاءِ تہ هو اُن کي تبديل ڪن. جيڪڏهن تاريخ جي ڪنهن مرحلي تي مظلوم، مٿي ڄاڻايل سببن مان ڪن سبب ڪري، پنهنجي عملڪاري سان جو اُهو منصب يا ڪردار ادا نٿا ڪري سگهن، تہ اُها سندن مظلوميت ۽ مجبوري ئي سندن آڏو هڪ مسئلي طور پيش ڪرڻ سان (۽ ائين ڪرڻ ۾ سدائين عمل جي ڪا صورت ئي درپيش هجڻ گهرجي)، هو اُن منصب جي ماڻڻ لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا ۽ اُن جا اهل بنجن ٿا.

اِن جي معنيٰ اِها بہ نہ آهي تہ ڳالهه ٻولهه واري عمل ۾ انقلابي اڳواڻپ جي ڪردار جي ڪا جاءِ ڪانهي. اِن جي معنيٰ فقط اها آهي تہ اڳواڻ-پنهنجو اهم، بنيادي ۽ لازمي ڪردار رکندي بہ- ماڻهن جا مالڪ يا ڌنار نہ آهن ۽ نہ کين اِهو حق آهي تہ ماڻهن کي انڌن طور هٿ من جهلي نجات جي منزل ڏانهن وٺي وڃن. اهڙي نجات تہ اڳواڻن طرفان ماڻهن لاءِ هڪ سوغات ئي هوندي- ۽ سندن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو دلي حال احوال جو باهمي اعتماد ۽ سهڪار جو ناتو ئي ٽٽي پوندو ۽ ماڻهو اُن نجات جي عمل ۾ همڪار ۽ ساٿي هجڻ بدران اُن عمل جا ٺلها بيجان ۽ نيم مرده 'معمول' ئي بڻيل رهندا.

سهڪارُ ڳالهه ٻولهه واري عمل جي هڪ خصوصيت طور- جيڪو فقط عملڪارن، عاملن، جي وچ ۾ ممڪن هجي ٿو(جن جي ڪرداريت جي جدا جدا سطح ۽ اُن ڪري پنهنجي پنهنجي ذميداري بہ رهي سگهي ٿي)- فقط حال

احوال ڪرڻ يا ڏيڻ وٺڻ سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. ڳالهه ٻولهه حال احوال ڏيڻ وٺڻ ۾ هڪ ٻئي کي سمجهڻ سمجهائڻ جي هڪ لازمي صورت طور، هر طرح جي سهڪاري صورتحال جو لازمي بنياد هئڻ گهرجي. ڳالهه ٻولهه واري عمل جي نظريي ۾، انقلابي مقصد خاطر ماڻهن کي جيتڻ يا فتح ڪرڻ جي نه پر اُنهن جي فقط همدميءَ ۾ شراڪت حاصل ڪرڻ جي گنجائش هجي ٿي، ڳالهه ٻولهه ڪنهن تي حڪم نٿي هلائي، ڪا حرفت بازي يا ڪا نعري بازي ڪا نه ٿي ڪري ۽ ڪنهن کي ڏتاري، ريهي ربيي يا ڪارائي پياري، پنهنجو هٿ هيراڪ يا پالتو ڪو نه ٿو بنائي. اِن جي معنيٰ اها به ڪانهي ته عمل جو ڳالهه ٻولهه وارو نظريو ڪيڏانهن نئي ئي ڪونه ٿو ۽ نه اها اُن جي معنيٰ آهي ته اِن نظريي واري ماڻهوءَ کيِ اِها سُڌ ئي ڪانهي ته هو ڇا ٿو چاهي يا ڪهڙا سندس مقصد آهن جن سان سندس دلي چاهت ۽ يا لڳاءَ آهي.

انقلابي اڳواڻن جو مظلومن سان دلي لڳاءَ ساڳئي وقت آزاديءَ سان سندن لڳاءَ هجي ٿو. ۽ انهيءَ لڳاءَ جي ڪري هو مظلومن کي جيتڻ يا فتح ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪري سگهن، پر لازمي طور فقط آزادگيءَ جي عمل لاءِ هو اُنهن جو ساٿ هٿ ڪرڻ چاهين ٿا. جيتيل ساٿُ. فتح ڪيل ساٿُ. ساٿُ نٿو ٿي سگهي، اُهو رڳو مفتوحن جو فاتح سان 'واسطو' هجي ٿو جنهن ۾ فاتح ئي مفتوحن جي آڏو چُرڻ پُرڻ جو ڳِتو مقرر ڪندو آهي. سچو ساٿُ مرضين جي آزاد همدميءَ ۾ اتفاق جو نالو آهي: اُهو حقيقت جي آڏار تي ۽ حقيقت جي حوالي سان ماڻهن جي هڪ ٻئي سان دلي حوالي احوالي سان ٽيڻ هڪ ٻئي ۾ خبرچار ڪرڻ جي ناتي کان سواءِ هرگز حاصل ٿي نٿو سگهي.

اهڙيءَ طرح، سهڪارُ ڳالهه ٻولهه ڪندڙ عملڪارن، عاملن جو ڌيان نيئي حقيقت تي مرڪوز ڪري ٿو جيڪا حقيقت سندن وچ ڳانڊاپي جو ڪم به ڏئي ٿي. اُها ـمسئلي طور سندن آڏو اچي بيهڻ سانـ اُنهن کي چئلينج به ڪري ٿي. اُن چئلينج يا للڪار جي جواب طور ڳالهه ٻولهه ڪندڙ عامل حقيقت کي پنهنجي عمل جو نشانو بنائين ٿا. انهيءَ لاءِ ته هو اُن کي تبديل ڪن. در اصل حقيقت کي هڪ مسئلي طور آڏو رکڻ جي معنيٰ هرگز نعري بازي نه آهي: اِن جي معنيٰ آهي ته هڪ مسئلي جي مرڪز طور حقيقت کي تنقيدي ڇنڊڇاڻ جو موضوع بنايو وڃي.

بالادست عالمي مقامين جي ڏند ڪٿائي ڳلٿي ٻازين ٻدران ڳالهه ٻولهه جو نظريو گهري ٿو تہ دنيا جي مُنهن تان، آسپاس جي ڳالهين تان پردو هٽايو وڃي، پر سڀ ڪنهن کي اِهو پردو پاڻ پري ڪرڻو آهي، ڪو ٻہ ڪنهن ٻئي لاءِ اُن کي هٽائي نٿو سگهي. جتوڻيڪ هڪڙو عملڪار ٻين جي جاءِ تي وڏي، هن پردي کول جي ابتدا ڪري سگهي ٿو پر ٻين کي پڻ اِن ڪم ۾ خود عملڪار بنجڻو آهي. ماڻهن جو سچو ساٿ ممڪن ٿي دنيا جي هِن پردي کول سان ٿئي ٿو۔ ۽ اُهو تڏهن ٿي جڏهن ماڻهو پاڻ پنهنجن هٿن سان ان ۾ حصيدار هجن.

هيءُ ساٿ ماڻهن جي اعتماد سان لڳو لڳ وڏي ٿو ۽ پختو ٿئي ٿو، جيڪو هو پاڻ ۾ ۽ انقلابي اڳواڻن ۾ پيدا ڪن ٿا ۽ وڌائين ٿا۔ ۽ ائين تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو اڳواڻن ۾ سچائي ۽ سِر گهور ڏسن ٿا. اڳواڻن ۾ ماڻهن جو ايمان عڪس هجي ٿو ماڻهن ۾ اڳواڻن جي ايمان ۽ اعتماد جو.

هيءُ ايمان ۽ اعتماد، بهرحال، سطحي ۽ هلڪو هجڻ نہ کپي. اڳواڻن کي ماڻهن جي ممڪنات ۾، انهن جي سگهہ، سرت ۽ سر سيتائيءَ ۾ اعتبار هجڻ کپي: هنن کي اِهو يقين هجڻ کپي تہ ماڻهو آزادي جي عمل ۾ حصيدار بنجڻ جي صلاحيت رکن ٿا. پر مظلوم ماڻهن جي ابهامي صورتحال کان سدائين هنن کي چوڪس ٻہ رهڻ کپي۔ مظلومن جي اندر ۾ سندن ظالم جيڪو 'وينو رهي ٿو' تنهن کان. انهيءَ طرح، چي گويرا جڏهن هڪ انقلابيءَ کي سدائين' بي اعتباريءَ جي ڪيفيت' ۾ رهڻ لاءِ چيو ٿي، (61) تڏهن هو ڳالهہ ٻولهہ واري نظريي جي بنيادي شرط کان غافل ڪو نہ هو: هُن فقط حقيقت شناس هجڻ جي صلاح ٿي ڏني.

جيتوڻيڪ اعتماد 'ڳالهہ ٻولهہ جو بنياد آهي، اِهو اُن جو ڪو پيشگي شرط نہ آهي: اِهو هڪ نتيجو آهي، جيڪو پيدا ٿئي ٿو اُن حالت ۾ جڏهن ماڻهو دنيا کي بدلائڻ لاءِ گڏجي اُن تي تنقيد ڪن ٿا. ۽ اُن جي پردي کول ۾ ساٿي عملڪار تي سوچين ٿا ۽ تفتيش ڪن ٿا. پر جيستائين مظلومن جي 'اندر ۾' سندن ظالم، کانئن وڌيڪ سگهارو ٿيو وينو رهي ٿو تيسين آزاديءَ کان سندن خوف کين خود انقلابي اڳواڻن جي نندا ڪرڻ تي ۽ اُنهن جي آڏو رڪاوٽ بڻجي بيهڻ تي بہ آماده ڪري سگهي ٿو! اڳواڻَ ويساهہ وسوڙل ۽ ٻالا ڀولا تہ نٿا ٿي سگهن، پر کين هِنن امڪانن جي سلسلي

۾ ضرور چوڪس رهڻ کپي. چي گويرا جا لکيل ’واقعا‘ انقلابي عمل جي راهه ۾ اِن قسم جي خطرن جي تصديق ڪن ٿا۔ نه رڳو اِن خطري جي ته ڪو ساٿي ميدان ڇڏي ڀڄي وڃي ٿو پر خود مقصد سان ويساهه گهاتيءَ جي خطري جي به اهڙن واقعن جو ذڪر ڪندي، هو پاڇوڪڙ ساٿيءَ کي جوڳي سزا ڏيڻ جي ضرورت تسليم ته ڪري ٿو ته جيئن ساٿ ۾ نظم ۽ ضبط قائم رهي، پر اهڙن واقعن جي اسبابن جي سمجهڻ تي وڏيڪ زور ڏئي ٿو ۽ اُن سلسلي جو هڪڙو سبب۔ شايد سڀ کان اهم سبب۔ هُن پاڇوڪڙ ساٿيءَ جي اندر ۾ مقصد ڏانهن به ڇتائيءَ جو رخ ٻڌايو آهي.

چي گويرا جي ”دستاويز“ جي هڪ حصي ۾، جنهن ۾ ’سيئرا ايسترا‘ علائقي جي هارين سان (نه فقط گوريلي طور پر هڪ ڊاڪٽر طور) هن جي قيام ۽ ساٿ جو ذڪر ڪيل آهي، هُن اسان جي هن زير بحث ’سهڪار‘ جي موضوع بابت ڏاڍي هڪڙي اهم ڳالهه ڪئي آهي- ۽ اُها هيءَ آهي:

’هنن ماڻهن ۽ سندن مسئلن سان روزمره جي واسطي ۾ رهڻ سان اسان کي پختو يقين ٿي ويو ته اسان جي ماڻهن کي زندگيءَ ۾ هڪ مڪمل تبديليءَ جي ضرورت هئي، انقلابي زرعي سڌاري جو پورو تصور اسان جي آڏو واضح ٿيو. ماڻهن سان ملي رهڻ رڳو هڪ خيال ئي نه رهيو پر اسان جي زندگيءَ جو هڪڙو لازمي حصو بڻجي ويو.

’گوريلا ۽ هاري پاڻ ۾ هڪ مضبوط ڳتيل سنگ بڻجي ڪم ڪرڻ لڳا. اسان کي اِهو محسوس ئي نه ٿيو ته ڪهڙيءَ منزل تي اسان جا خيال بدلجي حقيقت بڻيا ۽ اسين ائين هاري برادريءَ جو اڏول حصو بڻجي ويا سين، جيسين منهنجو پنهنجو تعلق آهي، ته سئيرا جي پنهنجن مريضن سان منهنجو لاڳاپو هڪ پاڻ هُر تي ۽ شاعرانه قسم جي فيصلي مان ڦري هڪ ڳنڀير ۽ پوريءَ طرح هڪ جدا اهميت جي قوت جي صورت وٺي بيٺو. سِئيرا جا بيوفا، مسڪين ۽ دکيارا ماڻهو اِهو سوچي به نٿي سگهيا ته اسان جي انقلابي نظريي جي وڏي راس ٿيڻ ۽ اڏول بنجڻ ۾ هنن جو پنهنجو ڪيڏو وڏو حصو ادا ڪيل هو.“(62)

مٿئين اقتباس ۾ گويرا جو ماڻهن سان ملي رهڻ تي زور خاص ڌيان لهڻي۔ ته اُن جو ’هڪ پاڻ هُرتي ۽ شاعرانه قسم جي فيصلي جي ڦري هڪ

ڳنڀير ۽ پوريءَ طرح هڪ جدا اهميت جي قوت جي صورت وٺڻ ۾ ڪيڏو نه فيصلہ ڪن حصو هو اُن ڪانپوءِ اِهو هارين سان ڳالهہ ٻولهہ جي عمل جو ئي نتيجو هو جو گويرا جي انقلابي فَڪر وڌي ۽ رسجي هڪ محڪم ۽ پختيءَ تدبير جي صورت ورتي. اِن ۾ گويرا جيڪا وڏيڪ هڪڙي ڳالهہ نہ چئي آهي۔ شايد پنهنجي ڪسرنفسيءَ ۽ تواضع پسنديءَ سبب۔ سا اِها آهي تہ اُن سڀ ۾ هن جي پنهنجي شخصي نماڻپ ۽ نياز مندي ۽ محبت ڀريل دل ڪيڏي نہ مفيد ثابت ٿي سگهي هئي. سِئيرا جي هاري برادريءَ سان سندس ايتري قدر رُلي ملي رهڻ لاءِ اِها ئي رهت. جيڪا بيشڪ ڳالهہ ٻولهہ جي عمل جو هڪ مثالي نمونو هئي. سا انقلابي عمل لاءِ مظلومن ۽ انقلابي اڳواڻن جي گهربل سهڪار (جنهن جو اسين هتي ذڪر ڪري رهيا آهين) جي ڪامل صورت هئي. اِن ۾ هيءَ ڳالهہ بہ خاص ڌيان لهڻي ٿي. جيڪا گويرا ڪئي آهي تہ. 'ماڻهن سان ملي رهڻ جو هڪ خيال' ڦري حقيقتن، 'انسان جي (انقلابي اڳواڻن جي) زندگيءَ جو لازمي حصو' بڻجي پيو هو گويرا اِن تي بہ خاص زور ڏئي ٿو تہ ڪيئن هارين سان اِئين ملي هڪ ٿي رهڻ جي گهڙيءَ کان وٺي. هاري ڦري گوريلن جي انقلابي نظريي جا خود وڌائيندڙ ۽ راس ڪندڙ ٿي پيا هئا.

انقلابي نظريي ۾، ڪنهن بہ منزل تي. انقلابي عمل کي ماڻهن سان رُلي ملي هڪ ٿي رهڻ کي هٿان ڇڏڻو نہ آهي ۽ ائين هڪ ٿي رهڻ سهڪارُ طلبي ٿو: سهڪارُ ئي اڳواڻن ۽ ماڻهن کي اُن مضبوط ڳتيل سنگ ۾ آڻي ٿو جنهن جي گويرا ڳالهہ ڪئي آهي. ۽ ڳتيل مضبوط سنگ فقط تڏهن قائم رهي سگهي ٿو جڏهن انقلابي عملڪاري سچ پچ انساني نوع جي، وڳرائين، پيار ۽ سبنڌ جي،دلي حالن احوالن تي بيٺل ۽. خاص طرح اڳواڻن جي پار کان. نهنائيءَ واري هوندي۔ ۽ پوءِ اُها آزادگي بخش بہ ثابت ٿي سگهندي

**اتحاد، آزادگيءَ لاءِ:**

عمل جي ڳالهہ ٻولهہ وروڌي نظريي ۾ بالادست پنهنجي ضرورت کان مجبور آهن تہ مظلومن ۾ تفرقا پيدا ڪن۔ تہ جيئن ظلم جي صورتحال کي، پنهنجي عالي مقام صورتحال کي، وڌيڪ سولائيءَ سان قائم رکي سگهن: اِن جي ابتڙ ڳالهہ ٻولهہ واري نظريي ۾ اڳواڻ مجبور آهن تہ مظلومن جي اتحاد لاءِ۔

۽ پڻ اڳواڻن ۽ مظلومن جي اتحاد لاءِ– حد کان وڌ ڪوشش ڪن، بلڪ اُن لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏين. اِن لاءِ تہ هو آزادگي حاصل ڪري سگهن.

مشڪلات، وري بہ، هيءَ آهي تہ ڳالھہ ٻولھہ جي عمل جي هيءَ ڪوشش (اُن جي ٻين ڪوششن وانگر) سواءِ سوچيل ويچاريل عمل جي، جنهن کي تدبير چئجي ٿو ممڪن ناهي. ظلم جي تدبير بالادست عالي مقامين لاءِ سولي آهي (ڏکي ڪم از ڪم نہ آهي)؛ انقلابي اڳواڻن لاءِ، بهرحال، آزادگيءَ جي تدبير سولي ڪانهي. پهرين ڌر پنهنجيءَ تدبير ۾، طاقت جا هٿيار استعمال ڪري ٿي؛ ۽ هيءَ طاقت ٻيءَ ڌر جي خلاف استعمال ٿئي ٿي.پهرين ڌر پاڻ کي آزاديءَ سان منظم بہ ڪري سگهي ٿي، ۽ جيتوڻيڪ وقتي ۽ اتفاقي ويڇا اُن ۾ پيئجي بہ سگهن ٿا، پر پنهنجن بنيادي مفادن جي ڪنهن ڳنڀير دباءَ هيٺ ايندي ئي اها فوراً گڏجي هڪ ٿي وڃي ٿي. ٻي ڌر ماڻهن کان سواءِ، جي ئي نٿي سگهي، ۽ اِها ئي اُن جي وجودي تقاضا اُن جي تنظيمي ڪوششن جي آڏو پهرين رڪاوٽ هجي ٿي.

واقعي، جيڪڏهن بالادست عالي مقام ماڻهو انقلابي اڳواڻن کي ڇڏي ڏين تہ هو مظلومن کي متحد ۽ منظم ڪن، تہ اِها اُنهن بالادست عالي مقامين جي پنهنجي وجودي منطق جي ابتڙ ڳالھہ ٿيندي.بالادست عالي مقام برادريءَ جو پنهنجو اتحاد، جنهن سان اُن جي طاقت وڌي ٿي ۽ منظم ٿئي ٿي تنهن جي اِها ضرورت آهي تہ ماڻهو ڦٽل هجن، وڙهيل هجن؛ انقلابي اڳواڻپ جو اتحاد ماڻهن جي پنهنجي اتحاد ۾ ۽ اُن اتحاد سان گڏ قائم هجي ٿو. عالي مقامين جو اتحاد ماڻهن سان سندن اختلاف مان اُپري ٿو. انقلاب اڳواڻپ جو اتحاد (هڪ مُڙهيءَ بيٺل ) ماڻهن سان سندن اتفاق مان اپري ٿو ظلم جي سچي پچي، بہ جنسي، صورتحال– جيڪا مظلوم ماڻهوءَ جي "آءٌ" کي ٻن اڌن ۾ ورهائي بہ ڇتو ڪري ڇڏي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ اُهو مبهم، جذباتي طور هِلڙو ۽ گهڻ متيو ۽ آزاديءَ کان خائف ٿي پوي ٿو– اُها صورتحال(ماڻهن کي) آزادگيءَ لاءِ ملائي هڪ ڪندڙ عمل ۾ روڪ وجهي، بالادستن جي تفرقائي ڪم کي آسان بنائي ڇڏي آهي.

اِن کان وڌيڪ، بالادستي، بذات خود، خارجي طور بہ تفرقيباز آهي. اُها مظلوم 'آءٌ' کي هڪ اهڙيءَ حقيقت سان'واسطي' جي حالت ۾ رکي ٿي،

جيڪا ڪُلي طاقتور ۽ آجيت ڏسجي ٿي، ۽ پوءِ اُن حالت کي سمجهائڻ لاءِ اُها، غيبي قوتن کي وچ ۾ آڻي، اُن آت هراسيل ۽ بيوس 'آءُ' کي ڇني، پاڻ کان، اُن پنهنجي 'پاڻ' کان، پري ڪري ڇڏي ٿي. مظلوم 'آءُ' جو هڪ پاڳو پوءِ اُن حقيقت سان اٽڪيل رهي ٿو جنهن سان هو 'واسطي' ۾ آهي ۽ ٻيو اُن جو پاڳو پاڻ کان ٻاهر اُنهن غيبي قوتن وٽ ٽنگيل هجي ٿو جن کي اُن حقيقت جو هو ذميوار سمجهي ٿوءِ جنهن لاءِ هو پاڻ ڪجهه نٿو ڪري سگهي. ائين هو ورهايل رهي ٿو- ساڳئي هڪ ئي جهڙي هڪ ماضي ۽ حال، ۽ اميد کان خالي هڪ مستقبل جي وچ ۾. هو اُهو هڪ شخص آهي، جيڪو پاڻ کي ٺيڻ جي حالت ۾ ڏسي ئي نٿو سگهي؛ ۽ انهيءَ ڪري هن جو ڪو مستقبل ڪونهي، جيڪو هو ٻين سان اتحاد جي ساٿ ۾ اڇي پاڻ لاءِ تعمير ڪري سگهي. پر جيئن ئي اُن حقيقت سان پنهنجو 'واسطو' ٽوڙي ٿو ۽ اُن تي خارجي طور نگاهه وجهندي، اُن مان ٻاهر نڪرڻ لڳي ٿو تيئن ئي ٻاهرين هڪ 'معمول' (ان حقيقت) سان ٽڪرڻ لاءِ هو پاڻ کي هڪ 'عامل' (عملڪارَ) (هڪ 'آءُ')طور پورڻتا ۽ اصليت ڏيڻ شروع ڪري ٿو.اُن ئي گهڙيءَ پنهنجي 'ورهايل پاڻ' جي ڪوڙيءَ اڪائيءَ کي ٽوڙي هو هڪ 'سچو ۽ ثابت پاڻ' هڪ سچو ۽ اصل فرد ٻڻجي پوي ٿو.

مظلومن کي ڦتائڻ ۽ ويڙهائڻ لاءِ، ظلم جو هڪ نظريو ضروري آهي. اُن جي ابتڙ اُنهن جي اتحاد لاءِ هڪ قسم جو تهذيبي عمل، هڪ طرح جي نظرياتي اُکيل(De-Ideologising) ضروري آهي، جنهن مان کين معلوم ٿي سگهي تہ حقيقت سان سندن 'واسطو' ڇو آهي ۽ ڪيئن آهي. انهيءَ ڪري مظلومن جي اتحاد جي ڪوشش هيٺ نلهي نظرياتي 'نعريبازي' هرگز ڪافي نہ آهي- نلهي نعريبازي عامل(عملڪار) ۽ ٻاهرينءَ حقيقت (معمول) جي وچ ۾ موجود سچ پچ جي تعلق کي بگيڙي ۽ سڄاڻپ کان پري ڪري، اڻ جي (عامل جي) اتوٽ شخصيت جي خبري، حسي ۽ عملي اُٿاڻن کي پڻ هڪ ٻئي کان ڇني، الڳ الڳ ڪري، ڇڏي ٿي.

ڳالهہ ٻولهہ جي آزادي بخش عمل جو مقصد مظلومن کي هڪ ڏندڪٿائي حقصيقت مان 'ڇڏائڻ' ۽ ٻيءَ هڪ حقيقت سان 'ٻڌڻ' نہ آهي. در اصل ڳالهہ ٻولهہ جي عمل جو مقصد مظلومن لاءِ، اهو ممڪن بنائڻ آهي

تہ هو پنهنجا 'ٻنڌڻ' ڏسي ۽ سڃاڻي، هڪ بي انصاف حقيقت کي بدلائڻ جو فيصلو ڪن.

مظلومن جي اتحاد جو مطلب آهي، منجهن ڪنهن بہ ننڍ وڏائي جي خيال بغير، سندن اندروني مضبوطي ۽ محڪمتا: انهيءَ ڪري مظلومن جو هيءُ اتحاد لازمي طور منجهن طبقاتي شعر جي موجودگي گهري ٿو. بهرحال، حقيقت جي چؤڪور ڪنورتا ۾ سندن غرقابي، جيڪا لاطيني آمريڪائي هارين جي مروج صورتحال(هر مظلوم انبوهہ جي مروج صورتحال) جي خصوصيت آهي، اُن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ مظلوم طبقي جي هجڻ جو سندن شعور هر لحاظ کان اِن ڳالھ تي منحصر آهي تہ هو پهريائين يا گڏوگڏ اِهو شعور رکندا هجن تہ هو مظلوم فرد آهن.(63)

ڪنهن يورپي هاريءَ جي آڏو هڪ مسئلي طور اها ڳالھ اٿارڻ تہ هو هڪ فرد آهي، شايد هُن کي ڏاڍي هڪ عجيب ڳالھ لڳي. پر لاطيني آمريڪي هارين جي حالت ۾ (غربت، جهالت ۽ بيچارگيءَ ۾ ورتل هر جڳھ جي هاريءَ جي حالت ۾) ائين نہ آهي، جن جي دنيا اڪثر پنهنجي ديهہ جي حدن تائين (يا پنهنجي دهہ خدا (پؤتار) جي رعبدار شخصيت تائين) ختم ٿيو وڃي. هُنن جو تہ اٺڻ ويهڻ، هلڻ چلڻ، منهن مهانڊو ۽ هٿن ٻانهن جو ڪٽڻ ڪرڻ سڀ، هڪ حد تائين جانورن بلڪ ٻيٺل وڻن وانگر پيو لڳندو آهي، بلڪ اڪثر هو پاڻ کي ٻائيندا ئي اُنهن جهڙو آهن.

ماڻهو جيڪي انهيءَ طرح فطرت آڏو ۽ ظالمن آڏو هٿين پيرين ٻڌل آهن، اُنهن کي اِئين پاڻ کي دريافت ڪرڻو ئي پوندو تہ هو فرد آهن، ۽ ڪين فرد ٿيڻ کان، ٻنجڻ کان، روڪيو ويو آهي. هنن جو ائين پاڻ کي دريافت ڪرڻ معنيٰ تہ پهرين تہ هو پاڻ کي پيڊرو ائنتونيو يا جوزيفو (پريو) انٿوني ۽ يوسف) سمجهن- يعني ائين، تہ هو پنهنجي سِر پاڻ آهن، شخص آهن، فرد آهن. اِها سندن پنهنجي دريافت ڪين سڃاڻپ جا بلڪل نوان ڏس ۽ نوان ماپا ڏئي ٿي: لفظ 'دنيا'" 'ماڻهو'، 'ساڃهہ'، 'وڻ'، 'ڪم'، 'جانور'، وغيره هن لاءِ بلڪل نئين هڪ اهميت وٺي بيهن ٿا. هاري پاڻ کي هاڻي ائين ڏسن ٿا تہ هو پنهنجي تخليقي ڪم وسيلي، حقيقت جا بدلائيندڙ آهن، جيڪا اڳي هُنن لاءِ رڳي هڪڙي غائب ۽ غيبائتي شيءِ هئي. هُنن کي اِها ڄاڻ ٿئي ٿي

تہ ماڻهن جي حيثيت ۾ هو وڏيڪ هاڻي 'شيون' نتا رهي سگهن. جيڪي بين جي مِلڪ هجن: ۽ ائين هو مظلوم فردن هجڻ جي پنهنجي شعور کان وڌي هڪ مظلوم طبقي هجڻ جي شعور تائين پهچي سگهن ٿا.

هارين کي متحد ڪرڻ جي ڪا بہ فرماني قسم جي طريقن تي مبني ڪوشش- جيڪي طريقا رڳو'نعرن' تي مدار رکن ٿا ۽ مسئلي جي هِنن بنيادي پاسن کي خيال ۾ نتا آڻين-اُها فردن جو هڪڙو ڪوڙيا جهمگٽو ئي پيدا ڪري سگهي ٿي، ۽ اُنهن جي عمل کي خالص هڪ ميڪانيڪ نوع جو رخ ۽ روپ ئي ڏيئي سگهي ٿي. مظلومن جو اتحاد 'شين' جي سطح تي نہ پر 'انسانن' جي سطح تي قائم ٿئي ٿو. ۽ اُهو هڪ اهڙيءَ حقيقت جي سلسلي ۾ قائم ٿئي ٿو. جنهن کي پوريءَ طرح سمجهيو ويو هجي، يعني جنهن جي ٻاهرئين ڍانچي ۽ اصلي مقصد ۽ عمل پيرائيءَ کي ڇاتو ويو هجي، ۽ جنهن ڏانهن رويي جو اتفاق قائم ٿي سگهيو هجي.

مظلوم متحده ٿي سگهن، ان لاءِ هُنن کي جادوءَ، ڀرم ۽ ڏند ڪٿا سان پنهنجا ڇم جا ناتا ٽوڙڻا پوندا. جيڪي کين ظلم جي دنيا سان ٻڌل رکن ٿا؛ اتحاد جا ڌاڳا جيڪي کين پاڻ ۾ ٻڌي هڪ ڪن ٿا. اُهي لازمي طور ٻيءَ طرح جا هئڻ کپن. هِن قسم جي اڻ سرندڙ ۽ پيڙهائتي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ جنهن انقلابي سلسلي جي گهرج ٿئي ٿي، اُهو شروع کان ئي تهذيبي عمل جو سلسلو هجڻ کپي اُهي سماجي نظام اندر مظلومن جي پنهنجي تاريخي ۽ وجودي تجربي تي ئي مدار رکندڙ هوندا.

هاري هڪ "بند" حقيقت اندر رهن ٿا. جنهن ۾ ظالمانہ فيصلي جو هڪ ئي مضبوط مرڪز هجي ٿو. شهري مظلوم هڪ ڪِنبندڙ ۽ وڌندڙ دائري ۾ رهن ٿا. جنهن ۾ ظالماڻي فرمان جو مرڪز گهڻ هنڌائون ۽ مُنجهيل هجي ٿو. هاري هڪ بالادست ويس ڌاريءَ جي ضابطي ۾ رهن ٿا. جيڪو ظالماڻي سرشتي جي مُجسم علامت آهي. شهري ايراضين ۾ وري، مظلوم هڪ 'ظالمانہ عدم شخصيت جا' غلام ۽ محڪوم آهن. ٻنهي حالتن ۾ ظالمانہ اقتدار يا طاقت، هڪ حد تائين الوپ آهي، غائب آهي: ٻهراڙيءَ جي علائقي ۾ مظلومن جي ٻنهہ قريب هجڻ سبب، ۽ شهرن ۾ انهيءَ ڪري، جو اُها ونڊيل ۽ پکڙيل آهي.

تهذيبي عمل جي صورتن جا مقصد. بهرحال، ههڙين جدا جدا حالتن ۾ ساڳيا هجن ٿا: يعني، مظلومن جي آڏو خارجي صورتحال کي کولي پڌرو ڪرڻ جيڪا کين ظالمن جو باندي ۽ محتاج بڻائي ٿي- اُهي ظالم پوءِ الوپ هجن يا پڌرا. انهيءَ ڪري، عمل جون فقط اُهي صورتون، جيڪي هڪ طرف ٺلهن تقرير بازين ۽ بي اثر بڙ بڙ کان ۽ ٻئي طرف ٺلهيءَ پٽ ڪوهه ۽ ميڪانيڪي عمل پرستيءَ کان پاسو ڪن ٿيون، سي ئي بالادست عالي مقام ڌرين جي تفرقائي عمل کي منهن ڏيئي سگهن ٿيون ۽ مظلومن جي اتحاد جي قريب وڃي سگهن ٿين ۽ وڌ ۾ وڌ اُن کي ممڪن بنائي سگهن ٿيون.

## تنظيم

ڳالهه ٻولهه ورودي عمل جي نظريي ۾ جيت ۽ بالادستيءَ لاءِ حرفت بازي ۽ هٿ ناٺ اڻ اُسرندڙ ۽ لازمي ضرورت آهي. ڳالهه ٻولهه پسند عمل جي نظريي ۾ ماڻهن جي تنظيم هِن حرفتبازيءَ ۽ هٿ ناٺ جو مقابل ضدُ آهي. تنظيم نہ رڳو سڌيءَ طرح اتحاد سان لاڳاپيل آهي، پر اُن اتحاد جي فطري زور ۽ واڌاري جي هڪ صورت آهي. انهيءَ ڪري، اتحاد جي حاصلات لاءِ اڳواڻن جي ڪوشش لازمي طور ماڻهن(عوام) کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش پڻ آهي، جيڪا گواهہ هجي ٿي اِن سچ جي تہ آزاديءَ جي جدوجهد سيني مظلومن جو گڏيل ڪم آهي. هيءَ لاڳيتي، اڻ لڪائيندڙ بي خوف گواهي، يعني تنظيم، جيڪا گڏيل مفيد ڪم- آزاديءَ جي ڪم- ۽ سهڪار جي ثابتي آهي، ڳالهه ٻولهه ور وڌي گهٽ ۽ دٻاءَ کان بچاءَ جو ڪم ڏئي ٿي. تنظيم جي صورت يا نمونو جدا جدا ٿي سگهي ٿو- جيڪو منحصر هجي ٿو سماج جي تاريخي حالتن تي: پر خود تنظيم آزاديءَ جي ڪم ۾ سهڪار جي هيءَ ثابتي، انقلابي عمل جو هڪ اڻ سِرندڙ ۽ لازمي حصو آهي.

تنظيم جي"ڇا ۽ ڪيئن" بابت فيصلي لاءِ انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ موجود ۽ مروج تاريخي حوالي جي وڌ کان وڌ تنقيدي ڄاڻ حاصل هجڻ گهرجي- ماڻهو دنيا بابت جيڪو خيال رکن ٿا، اُن جي ڄاڻ، سماج جي مکيہ تضاد جي ڄاڻ ۽ اُن تضاد جي اهم ۽ مکيہ صورتن جي ڄاڻ ۽ ڇاڪاڻ تہ تنظيم جا هي پاسا ۽ فڪري وسعتون تاريخي آهن، ڳالهه ٻولهه جي عمل سان واسطو رکن ٿيون ۽ انهيءَ ڪري جدلياتي آهن. تنظيم اُنهن کي ٻين حوالن مان ڪٽي،

جيئن جو تيئن ۽ خود پنهنجن وجودي پاسن ۽ وسعتن جي اڳوات ڇنڊڇاڻ ڪان سواءِ ئي، پنهنجو نتي ڪري سگهي ٿي.ٻيءَ صورت ۾ نسبتي ڳالهيون ڦري پنهنجي متان مطلق ڳالهين طور ۽ ڏند ڪٿائي ڳالهين طور، مڙهجي وينديون. تنظيم- آزاديءَ جي جدوجهد ۾ مظلومن جي باهمي سهڪار جي ثابتي- انهيءَ طرح عمل جي ڳالهه ٻولهه پسند نظريي ۾، انقلاب جي تعليمي ۽ تهذيبي خصوصيت جي اظهارن مان هڪ مکيه ۽ اهم اظهار مجيو ويو آهي.

تنظيم جا اصولي ۽ لازمي جزا، جيڪي تاريخي طور نتا بدلجن، اُنهن مان ڪي هي آهن: قول ۽ فعل جي موافقت: همت، بي باڪي، جنهن سان ماڻهن جي تنظيم ڪي اُتساهيو وڃي ته هو زندگيءَ کي هڪُ دائمي جوکم سمجهي مُنهن ڏين: ڳالهين جي بنيادي اُکيل (فرقہ پسنديءَ لاءِ نه) جيڪا تنظيم ڪي ۽ اُنهن کي جيڪي اُن ۾ اچن، وڌ کان وڌ تحرڪ ۽ عملڪاريءَ تي آماده ڪري، پيار جو وارُ محبت جو سدا اڳتي قدم(جيڪو انيائي دنيا سان سمجهوتو نه آهي، پر وڏي اُن جو نالو وٺو ۽ اُن کي ٻانهن کان جهلڻو آهي ته جيئن اُن کي ماڻهن جي وڌ کان وڌ آزاديءَ خاطر تبديل ڪري سگهجي)؛ ۽ ماڻهن ۾ ايمان، ڇاڪاڻ ته اُنهن جي ئي تنظيم آهي، جيڪا قائم ڪرڻي آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته اُهي بالادست عالي مقامين سان جدلياتي تعلق ۾ آهن، انهيءَ ڪري اُنهن ۾ ايمان جو اثر اُنهن ٻين جي ٿُڙ ۽ صحيح سڃاڻپ جو به سبب ثابت ٿئي ٿو (۽ اُن جي نتيجي ۾ اُهي پاڻ ٻيا به ماڻهن جي تنظيم ڏانهن پنهنجو اصلي ۽ عادتي رد عمل ڏيکارڻ تي مجبور ٿي پون ٿا.

هر سچي تنظيم(ڇا ڪاڻ ته اُها تنقيدي نوع جي به هجي ٿي) ڪنهن قدر جوکم کڻڻ جي همت به رکي ٿي ۽اِن امڪان جي جوکم جي به ته اڳواڻ سدائين ماڻهن جو فوري ساٿ حاصل نه به ڪري سگهن: تنظيم، جنهن ڪنهن خاص وقت تي ۽ ڪن خاص حالتن هيٺ پنهنجو ڦل نه ڏنو آهي، اُها انهيءَ سبب سياڻي پنهنجي ڦل ڏيڻ کان جڏي يا اَسمرٿ تي ويل ڪا نه ٿي سمجهي سگهبي. تنظيم جو ڪو خيالي منډل ڪونهي: تنظيم خود هڪ عمل آهي- دنيا سان ۽ ماڻهن سان ٽڪراءَ جو مقابلي آرائيءَ جو هڪ مظهر: اُها ڪا ساڪت يا جامد، بيٺل يا نشچل شيءِ نه آهي. اُها هڪ متحرڪ ۽ فعال ماجرا آهي، جيڪا اُن سماجي نسبت يا حوالي جو حصو

هجي ٿي: جنهن ۾ اُها واقعي ٿئي ٿي ۽ اُها پنهنجي وجودجڻ جي اُن پهرئينءَ گهڙيءَ کان وٺي، ان سماجي نسبت يا حوالي تي اثر انداز ٿيڻ لڳي ٿي ۽ ائين ڪرڻ کانسواءِ رهي ئي نٿي سگهي.(64)

ڳالهه ٻولهه وروڌي عمل ۾ حرفتبازي ماڻهن کي سُن ڪري ڇڏي ٿي ۽ مٿن بالادستيءَ جي راهه هموار ڪري ٿي ؛ ڳالهه ٻولهه پسند عمل ۾ حرفتبازي سچيءَ ۽ سُرت واري تنظيم هيٺ لتجي وڃي ٿي. ڳالهه ٻولهه وروڌي عمل ۾ حرفتبازي جيت ۽ قبضي جا مقصد حاصل ڪري ٿي: ڳالهه ٻولهه پسند عمل ۾ باخبر، باهمت ۽ محبت مائل تنظيم بچاءُ سلامتيءَ ۽ آزاديءَ جي مقصدن جي پوئواري ڪري ٿي.

بالادست عالي مقامين لاءِ تنظيم جي معنيٰ آهي سندن پنهنجي تنظيم. انقلابي اڳواڻن لاءِ تنظيم جي معنيٰ آهي ماڻهن سان سندن تنظيم. پهرينءَ صورت ۾ بالادست عالي مقام ڌر پنهنجي طاقت جي نظام کي وڌ ۾ وڌ مضبوط ڪري ٿي. تہ جيئن اُها وڌيڪ مهارت سان غالب پئجي سگهي ۽ ماڻهن کي پنهنجي ماڻهپي کان محروم ڪري، محض استعمال جي شين طور ڪم آڻي سگهي؛ ٻيءَ صورت ۾ تنظيم پنهنجي اصلي خاصيت ۽ مقصد سان مطابقت ۾ رهندي، خالص آزاديءَ جي عمل ۾ ئي مصروف ۽ اُن تائين ئي محدود رهي سگهندي. انهيءَ ڪري، ڪنهن بہ ماڻهن جي تنظيم لاءِ گهربل ضابطي کي ڳالهه ۾ ٻڌل ڏاندن جي پرڪرمائي (طوافائي)عمليت جي برابر سمجهي نہ سگهبو. ائين برابر آهي تہ اڳواڻپ، ضابطي، ارادي جي محڪمتا ۽ مقصدن جي لڳاءَ کان سواءِ فرضن جي پوري ڪرڻ ۽ ذميدارين جي حساب ڪتاب ڏيڻ کان سواءِ ڪا بہ تنظيم بچي نٿي سگهي، ۽ ائين انقلابي عمل مهمل بلڪ ناپيد ٿي وڃي ٿو. اِها حقيقت، بهرحال، ماڻهن کي شين طور استعمال ڪرڻ جو ڪڏهن بہ جواز نٿي بڻجي سگهي. ماڻهو اڳي ئي ظلم هٿان پيسيا ۽ ڪچليا، بيجا ٻوتا ٻڌيا ٿا رهن- جيڪڏهن انقلابي اڳواڻ اُنهن ۾ ساهه ڦوڪڻ ۽ سُرت جاڳائڻ جي سعيي ڪرڻ بردران اُنهن کي پنهنجو دست نِگر ڪندا ۽ انهن سان حرفتبازي ۽ هٿ ناٺ جو ورتاءُ ڪندا، تہ ائين ڪندي هو تنظيم جو سچو مقصد (يعني آزاديءَ جو مقصد) ئي ختم ڪري ڇڏيندا.

ماڻهن کي منظم ڪرڻ هڪ سلسلو آهي، جنهن ۾ انقلابي اڳواڻ، جيڪي پاڻ بہ پنهنجي لفظ آوازڻ کان روڪيا ويا آهن، اُن سکيا جي تجربي جو آغاز ڪن ٿا تہ دنيا جو ڪيئن نالو کڻجي، اُن کي ڪيئن نالو ڏجي. هيءَ تجربي جي سچي سکيا آهي، ۽ انهيءَ ڪري ڳالهہ ٻولهہ پسند سکيا آهي. انهيءَ ڪري، اڳواڻ اڪيلا اڪيلا پنهنجو لفظ آوازي نٿا سگهن: لازمي طور کين اُهو ماڻهن سان گڏ آوازڻو آهي. اڳواڻ، جيڪي اِئين ڳالهہ ٻولهہ پسند، ڳالهہ ٻولهہ مائل عمل نٿا ڪن، پر پنهنجا فيصلا مڙهڻ گهرن ٿا، اُهي ماڻهن کي منظم نٿا ڪن، پر هڪلين ۽ ڪاهين ٿا. هو آزاد نٿا ڪن، ۽ نہ ئي پاڻ آزاد ٿيل آهن: هو جمت ۽ دٻاءَ کان ڪم وٺن ٿا.

اِها حقيقت تہ اڳواڻ جيڪي ماڻهن کي منظم ڪن ٿا، تن کي خود اختيار نموني پنهجي لفظ مڙهڻ جو حق ڪونهي، اِن جي معنيٰ اِها آهي تہ اُنهن کي 'آزاد مزاج' موقف اختيار ڪرڻ کپي، تہ ماڻهو جيڪي ظلم ۽ زور جي صورتحال سان ئي مانوس آهن، سي عوض ۾ پل تہ بي ضابطگيءَ جو پروانو وٺي ويهي رهن، عمل جو ڳالهہ ٻولهہ پسند نظريو خود اختيار فرماني روش جي مخالف آهي، تہ اُهو ڇڙواڳيءَ ۽ غير ذميداري جو پروانو بہ ڏيڻ نٿو گهري، ۽ انهيءَ ڪري اُهو اختيار ۽ آزاديءَ ٻنهي کي تسليم ڪري ٿو. اختيار کانسواءِ آزاديءَ جي معنيٰ ڪانهي، ۽ انهيءَ طرح آزاديءَ کان سواءِ اختيار جي معنيٰ بہ ڪانهي. هر آزاديءَ هيٺ اِهو ممڪن آهي تہ مخصوص حالات ۾ (۽ مختلف وجودي سطحن تي) اُها ڦري اختيار جي صورت وٺي سگهي، آزادي ۽ اختيار (اختياري) هڪ ٻئي کان جدا نٿيون ٿي سگهن. اُهي لازم ملزوم آهن ۽ هڪ ٻئي جي تعلق ۽ انحصار(آڌار) سان ئي اُهي ويچار هيٺ آڻي تيون سگهجن ۽ پڻ ماڻي تيون سگهجن. (64)

سچو ۽ اصلي اختيار رڳو تبادلي سان استعمال نٿو ٿئي ۽ نہ اُن جو حق ائين ادا ٿئي ٿو ائين فقط يڪدليءَ ۽ همدميءَ جي ساٿ جي صورت ۾ ٿئي ٿو يا جڏهن اُهو سونپيو وڃي، ڏنو وڃي- آزادي سان، رضا خوشيءَ سان، جيڪڏهن اختيار هڪ گروهہ کان ٻئي گروهہ ڏانهن ٺلهو تبديل ٿئي يا اڪثريت تي مڙهيو وڃي، تہ اُهو بدلجي ۽ بدشڪل بڻجي، دٻاءَ ۽ غلبو بڻجي وڃي ٿو. اختيار آزاديءَ جي ٽڪر يا مقابلي کان فقط تڏهن بچي ٿو

سگهي. جڏهن اُهو 'آزادي بصورت اختيار' رهي. هڪ جي سُڪڻ يا سوس ڪائڻ سان ٻئي جو ساهه گهُٽجي ٿو. جيئن اختيار آزاديءَ کان سواءِ. ۽ آزادي اختيار کان سواءِ موجود نٿا هجن. تيئن دٻاءُ يا غلبو بہ آزادي جي انڪار کانسواءِ ۽ چڙواڳي بہ اختيار جي انڪار کانسواءِ موجود رهجي نٿا سگهن.

عمل جي ڳالهہ ٻولهہ پسند نظريي ۾ تنظيم کي اختيار جي ضرورت هجي ٿي. انهيءَ ڪري اُها دٻاءَ جي صورت نٿي وٺي سگهي، اُن کي آزاديءَ جي ضرورت هجي ٿي، انهيءَ ڪري اُها چڙ واڳيءَ جي صورت ۾ بہ نٿي ٿي سگهي. تنظيم اصل ۾ هڪ اعليٰ تعليمي سلسلي جو سوال آهي، جنهن ۾ اڳواڻ ۽ ماڻهو گڏجي سچي اختيار ۽ آزاديءَ جو تجربو ماڻين ٿا. جيڪي ئي صورتحال هو پنهنجي مُنهان مُنهن بيٺل حقيقت کي بدلائي، سماج ۾ آڻڻ ۽ قائم ڪرڻ گهرن ٿا.

**تهذيبي نبيرو:**

تهذيبي عمل هميشہ هڪ با تربيت ۽ ڳٽيل ڦهيل عمل جو نمونو هجي ٿو. جيڪو سماجي نظام تي اثر انداز رهي ٿو- اُن کي قائم رکڻ لاءِ يا بدلائڻ لاءِ. ڳٽيل پهيل ۽ باترتريب عمل جي هڪ نموني طور هر تهذيبي عمل جو مت يا اصول هجي ٿو جيڪو اُن جا مقصد مقرر ڪري ٿو ۽ اُنهن پٽاندر اُن جا طريقا واضح ڪري ٿو. تهذيبي عمل يا بالادست صورتحال جي ڪم اچي ٿو(شعوري يا غير شعوري طرح) يا ماڻهن جي آزادگيءَ جي ڪم اچي ٿو. جيئن جيئن تهذيبي عمل جون هي جدلياتي مقابل صورتون سماجي نظام ۾ ۽ اُن تي اثر انداز ٿين ٿيون. اُهي پنهنجي دائري اثر ۾ دائميت ۽ تبديليءَ جا جدلياتي حالات پيدا ڪن ٿيون.

سماجي نظام جو هئڻ اُن جي ٿيڻ تي موقوف آهي- ٻين لفظن ۾ ٿيندو رهڻ سماجي نظام لاءِ اُن جي قائم رهڻ جو طريقو آهي، اُن جي 'معياد' جي ضمانت آهي.(65)

ڳالهہ ٻولهہ وارو تهذيبي عملِ اِهو مقصد سامهون رکي نٿو سگهي تہ سماجي نظامن مان دائميت تبديليءَ جو جدلياتي تعلق غائب ٿي يا ختم ٿي وڃي.(اُهو تہ هڪ ناممڪن مقصد ٿيندو ڇو تہ جدليات جي غائب ٿيڻ جو لازمي شرط خود سماجي نظام جو بلڪ ماڻهن جو ئي غائب ٿي وڃڻ آهي.)

ڳالهہ ٻولهہ واري تهذيب عمل جو فقط مقصد هيءَ آهي تہ سماجي نظام جي دوبدو تضادن کي حل ڪيو وڃي. جنهن سان ماڻهن جي آزادگيءَ حاصل ٿئي.

ڳالهہ ٻولهہ وروڌي تهذيبي عمل، اُن جي ابتڙ، تضادن تي ديو ڪٽائي، ڏند ڪٽائي ۽ ويساهہ وسوڙپ جا غلاف چاڙهڻ گهري ٿو انهيءَ اميد هيٺ تہ حقيقت جي تبديليءَ کان بچي سگهجي، يا (جيتري تائين ممڪن ٿي سگهي ايتري تائين) اُن کي روڪيو وڃي. ڳالهہ ٻولهہ وروڌي عمل، ڪليءَ طرح يا لڪل نموني، چاهي ٿو تہ سماجي نظام جون اُهي صورتون محفوظ رهن، جيڪي اُن جي ڪرتا ڌرتائن لاءِ نفع بخش آهن. انهيءَ ڪري نظام جا ڪرتا ڌرتا نظام اهڙي قسم جي بنيادي تبديلي هرگز نٿا قبولي سگهن. جيڪا نظام جي اندروني تضادن کي جيتي يا حل ڪري سگهي، پر اُهي وڌ ۾ وڌ اُن ۾ اهڙائي سڌرا قبول سگهن ٿا. جن سان مظلومن تي وري بہ سندن فيصلن عائد ڪرڻ جي طاقت يا اختيار بحال رهي. انهيءَ ڪر عمل جو هي نمونو يا رخ ماڻهن تي غلبو يا دٻاءُ چاهي ٿو اُنهن جي تفريق چاهي ٿو ۽ انهن کي پنهنجي حرفتبازيءَ ۽ تهذيبي اڳرائيءَ جو نشانو بنائي رکڻ گهري ٿو. اِهو لازمي طرح ۽ بنيادي طور هڪ عائط ڪيل ۽ انهيءَ ڪري ميچائيندڙ عمل آهي. ڳالهہ ٻولهہ پسند عمل ۾ ميچائڻ جي صورت موجود نہ هوندي آهي. ڳالهہ ٻولهہ وروڌي عمل پنهنجي اُن ميچائيندڙ ۽ جمت ڪندڙ روش کي هرگز ڇڏي نٿو سگهي. ڇو تہ اُن جو مقصد ئي بالادستي هوندو آهي. ڳالهہ ٻولهہ پسند عمل اُن روش کان پاڻ بچائي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اُن جو مقصد ئي آزادگيءَ هجي ٿو.

تهذيبي اڳرائيءَ ۾ عملڪارَ پنهنجي عمل جو مقصدي مول پنهنجي نظريي ۽ پنهنجن قدرن مان ڪڍن ٿا. سندن ابتدائي نقطو سندن پنهنجي دنيا آهي، جتان نڪري هو اُنهن ٻين جي دنيا ۾ داخل ٿين ٿا. جيڪي سندن اڳرائي جا نشان آهن. تهذيبي نبيري ۾ عملڪار جيڪي ’ٻي دنيا‘ مان ماڻهن جي دنيا ۾ داخل ٿين ٿا. حملائي يا آڪرا بنجي اِئين ڪو نہ ٿا ڪن. هو ڪا شيءِ سيکارڻ يا پهچائڻ يا ڏيڻ لاءِ ڪو نہ ٿا اچن، پر هو سچ پچ ماڻهن سان گڏجي ماڻهن بابت سيکارڻ لاءِ اچن ٿا.

تهذيبي اڳرائيءَ ۾ عملڪار (جيڪي پنهنجي اڳرائيءَ جي نشان واريءَ دنيا ۾ شخصي طور سچ پچ وڃڻ جي صورت بہ محسوس ڪا نہ ٿا

ڪن، ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌ هو پنهنجي عمل جي پورائي دور اثر تڪنيڪي اوزارن جي وسيلي ڪن ٿا)پاڻ کي ماڻهن تي مڙهين ٿا. جن جو ڪردار هُنن لاءِ پوءِ رڳوو ڏسندڙن جو تماشبينن جو محض 'شين' جو وڃي رهيو هو. تهذيبي نبيري ۾، عملڪار ماڻهن سان ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. جيڪي عمل ۾ ساڻن هڪ هم شريڪ آهن. جيڪو دنيا جي ميدان تي هو گڏجي ڪن ٿا.

تهذيبي اڳرائيءَ ۾، ناظرين ۽ حقيقت جيڪا بچائڻي يا قائم رکڻي آهي، ٻيئي عملڪارن جي عمل جا نشان آهن. تهذيبي نبيري ۾، ڪي به 'ناظرين ' ڪين آهن: عملڪارن جي عمل جو نشان فقط حقيقت هجي ٿي. جنهن کي ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ بدلائڻو آهي.

ائين تهذيبي نبيرو عمل جي هڪ پِرِ آهي، هڪ شڪل آهي، جنهن سان خود تهذيب سان نبرجي ٿو- تہ جيئن اُن جا جزا يا عنص ر جيڪي جمود جا آڌر آهن، سي تبديل ٿين. انهيءَ طرح، تهذيبي عمل، تاريخي عمل طور، بالادست اُتاڻيل ۽ اتائيندڙ تهذيب جي ريٽڻ، يا منسوخ ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي، اِن معنيٰ ۾ هر پيڙهائتو سچو انقلاب، هڪ تهذيبي انقلاب آهي.

ماڻهن جي موجود يا سرگرم ۽ بامقصد مامرن جي جانچنا. جنهن جو ذڪر مٿي ٽئين باب ۾ ڪيو ويو. تهذيبي نبيري لاءِ عمل جي سلسلي جو شروعاتي نقطو آهي. عمل جي هن سلسلي کي پڇي ٻن الڳ الڳ حصن ۾ ورهائڻ سچ پچ تہ ممڪن بہ ڪونهي- يعني ائين، جو پهرين مامرائي جاچنا ٿئي ۽ پوءِ تهذيبي نبيري طور عمل هٿ ۾ کڻجي. سلسلي جي اهڙيءَ دوئيءَ جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ عمل جي پهرينءَ صورت ۾ محقق ماڻهن کي بيجان ۽ وساڻل شيون سمجهي اُنهن جو مطالعو ڪن. اُنهن جي تحقيق ۽ جاچنا ڪن. جيڪو طريقو ڳالهہ ٻولهہ وروڌي عمل هيٺ ٿي تسليم ٿيل هجي ٿو. اِن طرح جي تقسيم مان تہ اِهو ٿي پولي پاءُ وارو نتيجو نڪرندو تہ نبيري يا تصفيي جو عمل بہ اڳرائي جي عمل جي صورت ۾ ٿي اُسري ٿو!

ڳالهہ ٻولهہ پسند نظريي جي هِن تقسيم جي گنجائش نہ هوندي آهي. مامرائي تحقيق جا عملڪار يا ورڪر رڳو پيشہ ور محقق ڪو نہ هوندا آهن، پر ماڻهو پاڻ ۽ اُنهن جا پنهنجا نمائندا بہ اُهڙا محقق هجن ٿا، جن

جي پنهنجي مامرائي دنيا ئي زير تحقيق هوندي آهي، ائين، تحقيق، تهذيبي نبيري طور، عمل جي پهرئين پل کان ئي- انڪشاف جي، ڄاڻ جي ڳولا جي، فضا قائم ڪري ٿي، ۽ اِئين اُها نبيرائي عمل جي وڏيڪ منزلن کي ممڪن بڻائي ٿي ۽ آڏو آڻي ٿي. ان قسم جي انڪشاف جي فضا تهذيبي اڳرائيءَ ۾ موجود ڪانهي ۽ نہ پيدا ٿي سگهي ٿي- ڇو تہ اڳرائيءَ پنهنجي اُتاٽپ ۽ بيگانگيءَ جي روش سان جاچنا يا تحقيق جي دائريءَ ۾ آيل ماڻهن جي امنگ ۽ ذوق کي ماري ڇڏي ٿي. ۽ اُهي پوءِ نراس ٿي وڃن ٿا، ۽اِن طرح تحقيق جي هر تجربي جي خطري کان هٽي پري ٿي بيهن ٿا، جنهن کان سوءِ وري ڪو سچو انڪشاف يا ڳالهہ جو پڌر پوڻ بہ ممڪن نٿو رهي.

جيڪي تهذيبي اڳرائيءَ جي عمل هيٺ اچن ٿا- ڪهڙي بہ سطح انهن جي هجي، اُهي مٿان ڪان مليل مثال يا نمونن جي اثرن کان ٻاهر نڪري ئي نٿا سگهن، جيڪي اڳرائيءَ جي عمل ۾ اُنهن لاءِ ٺهن ٿا يا رٽجن ٿا. تهذيبي نبيري جي عمل ۾ ڪي بہ اڳرا يا مٿيرا محقق يا ڄاڻو ڪينهن، انهيءَ ڪري اُن ۾ ماڻهن تي ڪي بہ فرماني مثال يا نمونا مڙهجڻ لاءِ موجود نہ هوندا آهن. انهن جي بدران اُهي عملڪار يا محقق ئي (يعني ماڻهو پاڻ بہ) هجن ٿا، جيڪي حقيقت جي تنقيدي جاچنا ڪن ٿا (روزمره جي خود پنهنجي عمل کان اُن جاچنا کي ڪڏهن بہ علحده نہ ڪندي) ۽ اُهي تاريخي سلسلي جي ائين اڳتي وڌڻ ۾ اڻ حيثيت سان حصيدار ئي رهن ٿا.

اڳرائيءَ جي عمل جي اڳ مقرر ڪيل رٿائن تي هلڻ بدران، نبيري جي عمل ۾ اڳواڻ ۽ ماڻهو جيڪي پاڻ ۾ ڄاڻ سڃاڻ ۽ هڪ ٻئي تي ويساهہ رکندڙ آهن. گڏجي پنهنجي عمل جا رهبر اصول مقرر ڪن ٿا. هِن نبيري ۾ اڳواڻن ۽ ماڻهن کي هڪ طرح نئينءَ ڄاڻ ۽ نئين عمل جي دنيا ۾ نئون جنم ملي ٿو، بيگانيءَ ۽ دل- اُتائيندڙ تهذيب جي اصليت جو انڪشاف ۽ ڄاڻ تبديلي جي عمل ڏانهن ماڻهن جي رهنما بڻجي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ اُها تهذيب ٻاهر منهن ڪڍي نروار ٿئي ٿي، جيڪا اُتاٽپ ۽ بيگانگيءَ کان آزاد ٿيل يا ٿيندڙ هجي ٿي. اڳواڻن جي وڏيڪ اصولي ۽ ڏوتل پوتل ڄاڻ ماڻهن جي سڌيءَ ۽ ذاتي ڄاڻ جي روشني ۾ نئين سر مرتب ٿئي ٿي، ۽ ماڻهن جي ڄاڻ اڳواڻن جي ڄاڻ جي اثر ۾ بهتر ۽ وسيع تر ٿئي ٿي.

تهذيبي نبيري ۾ ـ ۽ فقط تهذيبي نبيري ۾ اڳواڻن جي عالمي نگاهه ۽ ماڻهن جي عالمي نگاهه جي تضاد کي حل ڪرڻ ممڪن آهي، ۽ اُن سان ٻنهي (عالمي نگاهن) ۾ وسعت ۽ چٽائي اچي ٿي. تهذيبي نبيرو ٻنهي نگاهن جي وچ ۾ جيڪي فرق آهن تن کان انڪار نٿو ڪري، بلڪ اُنهن ئي جي بنياد تي اُهو خود ممڪن بڻجي ٿو. تهذيبي نبيرو اِن کان انڪاري آهي ته هي نگاهون هڪ ٻئي تي ڪا آڪرائي ڪن، پر اُهو اُن مدد کي قبولي ٿو جيڪا اُنهن کي وسيع تر ۽ بهتر بنجڻ ۾ هڪ ٻئي کان ملي ٿي.

انقلابي اڳواڻن کي ماڻهن کان جدا جدا، عوام کان جدا، پاڻ کي منظم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي: ڪن تاريخي حالتن سبب ڪهڙو به تضاد ماڻهن سان اتفاقي طور پيدا ٿئي، اُن کي لازمي طور حل ڪرڻ گهرجي ـ تهذيبي طور اڳرائيءَ جي روش سان برتر تعلق جي ڪا صورت ماڻهن تي مڙهي، اُن تضاد کي هرگز وڌائڻ نه کپي. تهذيبي نبيرو ئي اِن صورتحال جي حل جو واحد رستو آهي.

ماڻهن جي عالمي نگاهه کي خيال ۾ نه آڻيندي، جيڪا پنهنجيءَ جاءِ تي حقيقت هجي ٿي، انقلابي اڳواڻ فيصلن جون ڪافي ڪمزوريون ڏيکارين ٿا ۽ گهڻيون غلطيون ڪن ٿا. ماڻهن جي عالمي نگاهه ۾ لڪل توڙي پڌري نموني، سندن انومان ۽ انديشا، شڪ، اميدون ۽ آسرا، اڳواڻ بابت خيال، پنهنجي ۽ پنهنجن ظالمن بابت ويچار، سندن مذهبي ويساهه (جيڪي اڪثر جامع هجن ٿا)، ڀاڳ نياڳ ۽ قسمت يا تقدير بابت سندن ويساهه ۽ سندن جهيڙاڪ ۽ باغي ردعمل اچي وڃن ٿا. اِنهن مان ڪا هڪ ڳالهه به جداگانه سمجهي نه سگهبي. چو ته باهمي واسطي ۾ اُهي سڀ ڳالهيون هڪ ڪُليت ۾ موجود هجن ٿيون. ظالم انهن جي ان ڪُليت کي ڄاڻي ٿو. ڄاڻڻ چاهي ٿو ـ پر پنهنجي ڏاڍائيءَ ۽ اڳرائيءَ جي عمل جي حمايت ۾ ته جيئن هو پنهنجي غلبو ۽ بالادستي قائم ڪري سگهي. ۽ جاري ڪري سگهي. انقلابي اڳواڻ لاءِ به اِن ڪُليت جي ڄاڻ ضروري آهي، بلڪ اُن کان سواءِ هنن جي سري ئي نٿي سگهي ـ پر تهذيبي نبيري جي عمل جي ڪاميابيءَ لاءِ.

تهذيبي نبيري جي معنيٰ (ڇاڪاڻ ته اُهو نبيرو ئي آهي) هرگزاِها ناهي ته انقلابي عمل جا مقصد عوام جي عالمي نگاهه ۾ موجود امنگن

۽خواهشن جي حدن اندر ئي واڙيل هجن ۽ اُنهن ۾ بند هجن. جيڪڏهن ائين ٿيو (اُن نگاهہ جي احترام جي ناليءَ ۾) انقلابي اڳواڻ اُن ئي رويا جي ليڪي ۾ ونجي قابو ٿي ويندا: نہ ماڻهن جي عالمي نگاهہ تي اڳواڻن جي اڳرائي ۽ غلبو ۽ نہ اڳواڻن جو ماڻهن جي (اڪثر پولي پاو وارين) خواهشن ۽ امنگن جي آڏو جهڪاءُ قابل قبول ٿي سگهي ٿو.

مثال طور جيڪڏهن تاريخ جي ڪنهن ڏاڪي تي ماڻهن جي خواهش پگهارن ۾ اضافي جي گهُر ڪان متي ڪانہ ٿي چڙهي، تہ اڳواڻ هنن ٻن غلطين مان هڪ غلطي ڪري سگهن ٿا: هو پنهنجي عمل کي اِن هڪ گهرُ (65) کي ئي اڳتي ڪرڻ تائين محدود رکي سگهن ٿا. يا اُن پسند عام گهر کي رد ڪنديءَ ڪا ٻي گهرُ يا ڪي ٻيون دور رس گهُرون اُن جي جاءِ تي هٿ ۾ کڻي سگهن ٿا. جيڪي اجا ماڻهن جي ڌيان تي پوريءَ طرح آيل نہ آهن. پهرينءَ صورت ۾، انقلابي اڳواڻ ماڻهن جي طلبن آڏو جهڪاءَ يا تسليميءَ جي راهہ وٺن ٿا. ٻيءَ صورت ۾ ماڻهن جي خواهش ۽ اُمنگ جو قدر نہ ڪنديءَ هو تهذيبي اڳرائيءَ جي عمل جا ذميدار ٿين ٿا.

گهربل حل نبيري ۾ تصفيي، موجود آهي: اڳواڻن کي کپندو تہ هڪ طرف هو ماڻهن سان وڌيڪ پگهارن لاءِ سندن گهُر ۾ شامل ٿي بيهن، ۽ ٻئي طرف سندن اُن ئي گهر جي معنيٰ ۽ مراد کي، هڪ مسئلي جي صورت ۾ کولي، سندس آڏو رکن. ائين ڪرڻ سان، اڳواڻ هڪ سچي پڇيءَ، بجنسي، تاريخي صورتحال کي هڪ مسئلي جي صورت ۾ اتاريءَ ماڻهن جي آڏو رکن ٿا. جنهن جو صرف هڪ پاسو پگهارن بابت سندن گهرُ هجي ٿي. اُن مان اها ڳالهہ صاف ٿيندي تہ اڪيلي پگهارن جي گهرُ ڪو محڪم ۽ پورو حل نٿو ٿي سگهي.

هن حل جو روح يا جوهر تہ اُهو ئي ٿي سگهي ٿو. جيڪو ٽينءَ دنيا جي 'پادرين سڀورن' اڳي ئي پنهنجي هڪ 'آيت' جي صورت ۾ بيان ڪري ڇڏي آهي تہ.

'جيڪڏهن ڪنهن صورت ۾ پورهيت پنهنجي پورهئي جا پاڻ مالڪ نٿا بڻجن. تہ ٻيا سڀ نظامي اصلاح بي اثر ئي ٿيڻا آهن. ۽ (ضرور) بي اثر ٿيندا...انهن کي پنهنجي پورهئي جو ضرور مالڪ بڻجڻو آهي. ۽ نہ وڪڻدڙ...

(چوٿا) پورهئي جي هر خريد ۽ فروخت غلاميءَ جو ٿي هڪ قسم آهي. ماڻهو پنهنجي لاءِ 'پنهنجي پورهئي جو پاڻ مالڪ' ٿيڻ ضروري آهي. پورهيو ماڻهوءَ جي ذات جو لازمي حصو آهي' ۽ سچ پچ ته 'هڪ ماڻهو هڪ انسان. نه ڪڏهن وڪجي سگهي ٿو ۽ نه هو ڪڏهن پاڻ وڪڻي ٿي سگهي ٿو'- انهن حقيقتن جي تنقيد شعور حاصل ڪرڻ لاءِ محض تسڪيني ۽ آرامينڊڙ حلن جي فريب کان هڪ قدم اڳتي وڌي وڃڻو آهي. اُهو قدم آهي: حقيقت جي سجاڻ تبديلي، انهيءَ لاءِ ته حقيقت انسان سناس ۽ انسان دوست بڻجي- ته جيئن انسان بهتر انسان ٿئي.

عمل جي ڳالهه بولهه وروڌي نظريي ۾ تهذيبي اڳرائي حرفتبازيءَ جا مقصد سڌ ڪري ٿي، ۽ فتح، غلبي ۽ بالادستيءَ جا مقصد سڌ ڪري ٿي. تهذيبي نبيرو تنظيم جا مقصد سڌ ڪري ٿو. تنظيم آزادگيءَ جا مقصد سڌ ڪري ٿي.

هِن تصنيف ۾ پڌري سچ جي، واضع حق جي ڳالهه پيش ٿيل آهي: جيئن ظالم کي ظلم ڪرڻ لاءِ ظالمانه عمل جي نظريي جي گهرج آهي، تئين مظلومن جي آزاد ٿيڻ لاءِ پڻ عمل جي هڪ نظريي جي گهرج آهي.

ظالم عمل جو پنهنجو نظريو ماڻهن بغير، ماڻهن کان پري ويهي، مرتب ڪري ٿو. ڇا ڪاڻ ته هو اُنهن جي خلاف، اُنهن جي مقابل، بيٺل آهي. ماڻهو به- ايستائين جو هر پيڙيل ۽ پيسل آهن، مظلوم آهن. جنهن جي صورتحال ۾ ظالم جو پرتو سندن اندر ۾ موجود آهي. تيسين تائين هو پنهنجي مُنهن پنهنجي آزادگيءَ جي عمل جو نظريو مرتب نٿا ڪري سگهن. فقط ۽ فقط ماڻهن ۽ انقلابي اڳواڻن جي سنگ ۾- دل جي احوالن اورڻ سان ۽ سجاڻ عمل سان، تدبير سان- هيءَ نظريو آزادگيءَ جو هيءَ اصل الاصول، ايري سگهي ٿو تعمير ٿي سگهي ٿو.

(حيدرآباد، 2 جولاءِ 1984ع)

# تشريحي نوٽ

**باب پهريون:**

(1) اڄ جي بغاوت جون تحريڪون، خاص طور نوجوانن جون، توڙي جو لازمي طرح پنهنجي پنهنجي ماحول ۽ پس منظر جي خصوصيتن جو عڪس آهن، پر اِهي سڀ پنهنجي جوهر ۾، پنهنجي اصل ۾، انهيءَ انسان ۽ انسانن جي ذميداريءَ جي سوال سان وابستہ آهن. انسان جيڪي دنيا ۾ دنيا سان وچڙيل وجود آهن. هڪ ئي ڳالهہ ۾ محو آهن. تہ انسان ڇا آهي، ڇا هئڻ گهرجي ۽ ڪيئن. هي تحريڪون جيئن اڄ جي ڪپتڪاري سڀيتا (Consumer Civilization) تي پنهنجو فيصلو صادر ڪن ٿيون هر قسم جي فرمان شاهيءَ کي نندين ٿيون، يونيورسٽين کي اٿلائڻ چاهين ٿيون، استاد شاگرد جي ٻي روح تعلق کي حقيقت سان مطابقت ۾ آڻيندي، خود حقيقت کي وڏائڻ گهرن ٿيون تہ جيئن يونيورسٽين ۾ نئون ساهہ پئجي سگهي، سماج پراڻن قالبن ۽ قائم بيٺل ادارن تي وار ڪن ٿيون، انهيءَ ڪوشش تہ فيصلي جا مالڪ انسان هجن ۽ نہ اُهي مئل قالب ۽ ادارا. هي سڀ تحريڪون اسان جي عصري روح جي عڪاسي ڪن ٿيون. جنهن جي توجهہ جو مرڪز ’انسان بحيثيت انسان جي وڏيڪ ۽ انسان بحيثيت حيوان‘ جي گهٽ آهي.

(2) هن سڄي ڪتاب ۾ لفظ ’تضاد‘ مخالف سماجي طاقتن جي وچ ۾ جدلياتي ڪشمڪش، ادل بدل، ٽڪر جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي.

(3) آزاديءَ جو خوف‘ دراصل ظالمن ۾ بہ موجود ڏسجي ٿو. جيتوڻيڪ انهن وٽ اهو ٻيءَ شڪل جو هجي ٿو. مظلوم وڏي آزاديءَ کي

’ياڪر پائڻ‘ ڪان ڊڄن ٿا. ظالم وري پنهنجي ’ظلم ڪرڻ آزاديءَ‘ جي هٿان نڪري وڃڻ جي خوف ۾ رهن ٿا.

(4) پنهنجي ڪتاب ’Phenomenology of Mind‘ ۾ آقا (ظالم) جي شعور ۽ غلام (مظلوم) جي شعور جي جدليات تعلق ڇنڊڇاڻ ڪندي هيگل چوي ٿو: "هڪڙو مرضيءَ جو مالڪ آهي ۽ هن جي اصلي طبيعت ’پاڻ لاءِ هجڻ‘ ڏانهن مائل رهي ٿي؛ ٻيو پروس ۽ ڪاٺيارو آهي، ۽ هن جي اصل حالت هيءَ آهي تہ هن جي هستي، هن جو وجود، ٻئي لاءِ آهي: هو آقا آهي، مالڪ آهي، ڌٽي آهي، ۽ هيءُ ٻاندي آهي، غلام آهي، ٻانهو آهي.

(5) Dialogue=Dia=through, across

(ٻئي پار=) +Legomai-logos

ڳالهہ ٻولهہ=(ڳالهہ_ ڳالهائڻ) (م.ا.ج)

(6) "مادي اصول تہ "ماڻهو حالات ۽ تربيت جو نتيجو آهن. ۽ انهيءَ ڪري، بدليل ماڻهو بدليل حالات ۽ بدليل تربيت جو نتيجو هجن ٿا": هيءَ ڳالهہ وساري ويهي ٿو تہ حالات کي بدلائڻ وارا بہ ماڻهو آهن. ۽ پرورش يا تربيت ڪندڙ خود تربيت گهري ٿو" (ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس)

(7) نئين (انقلابي) حڪومت جي هن سختيءَ کي انهن پائبندين ۽ سخت اقدامن سان ملائڻ يا منجهائڻ نہ گهرجي، جيڪي سابق ظالمن تي لازمي طور عائد ڪرڻا آهن تہ جيئن اُهي پنهنجو اصلوڪي ظلمي نظام ٻيهر قائم ڪري نہ سگهن. هيءَ سختيءَ يا شدت جي ڳالهہ اصل ۾ انهيءَ انقلاب بابت آهي، جيڪو رڪجي ٿو ٻيهي رهي ٿو ۽ ڪِنو بڻجڻ لڳي ٿو ۽ پراڻي حاڪم شاهيءَ جا پراڻا ڏاڍ ۽ دٻاءَ جا طريقا ۽ وسيلا ڪم آڻي، ڦريءَ عوام جي مفاد خلاف ڪم ڪري ٿو (جن طريقن ۽ وسيلن کي سچي انقلاب هيٺ، جيئن مارڪس زور ڏيندي چيو آهي، پوريءَ طرح بند ٿيڻ گهرجي، ختم ٿيڻ کپي)

(8) خسرو نوشيروان 530ع ڌاري ايران جي تخت تي ويٺو. هن ذاتي ملڪيت، خاص طرح زمين جي ذاتي ملڪيت داريءَ جي خلاف اُڀريل مزدڪي تحريڪ کي ناس ڪرڻ لاءِ مزدڪين جو قتل عام ڪرايو انهن جا ڪتاب ساڙايا، ۽ انهن جي ساٿي بيمار ۽ اگهاڙي لڱين ۽ پيٽ بکئي عوام تي طرحين طرحين ظلم ڪيا. پر نوشيروان جي انصاف ۽ فيض بخشيءَ جا

داستان اڄ بہ پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل عوام ۾ عام پڪڙيل آهن. فقط انهيءَ لاءِ جو پنهنجي ان حيوانيت تي پردي وجهڻ ۽ ماڻهن کي برغلائڻ ۽ گمراهہ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي عدل پروريءَ ۽ سخاوانيءَ جي ڏيکاءَ جو وڏو ناٽڪ رچايو هو ۽ ان کي پنهنجي خوشامدڙين، شاعرن ۽ واقع نويسن ۽ مؤرخن ذريعي خوب لکايو ۽ ڳارايو هو ۽ ائين اهو سچو داستان تاريخ جو هڪ خودساختہ "سچ" بڻجي ويو. (م. ا. ج)

(9) مصنف سان انٽرويو ۾ هڪڙي هاريءَ جا چيل لفظ

(10) مصنف سان انٽرويو ۾ هڪڙي هاريءَ جا چيل لفظ

(11) "هاري پنهنجي "پوتار" پنهنجي 'ڌڻي' کان ڌڃي، اِها تہ قدرتي ڳالهہ آهي!" هاريءَ انٽرويو ۾ چيو.

(12) هڪڙي هاريءَ سان انٽرويو.

(13) ڪُليو ڪُلايو برابر نہ: چو تہ ان سان ظالم جو غضب پڙڪي اٿندو ۽ مظلومن تي هن جو وڌيڪ ظلم ڪڙڪي سگهي ٿو.

(14) هي ڳالهيون چوٿين باب ۾ تفصيل سان بحث هيٺ ايندڀون.

## باب ٻيو

(15) پنهنجي ملڪي حالتن سان ان ڳالهہ کي لاڳو ڪنديءَ ائين چئي سگهجي ٿو تہ جڏهن بياني تعليم هيٺ، جيڪا ٿي اسان وٽ بہ اُٿين ٿي هلندڙ آهي، شاگردن کان اِهو رٽايون ٿا تہ "سنڌ جي گادي ڪراچي" تہ هو اِهي اکر ٻڌن ٿا، ياد ڪن ٿا ۽ وري وري چون ٿا، پر هنن کي اِها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ "سنڌ جي گادي ڪراچي" جي اصطلاح جي اهميت ڪهڙي آهي، يا سنڌ لاءِ ڪراچيءَ جو "پاڪستان لاءِ سنڌ" جو ڇا مطلب ٿي سگهي ٿو! (مترجم)

(16) هن اصول کي سارتري (Sartre) تعليم جو "هاضمو" يا "غذائي" اصول سڏيو آهي، جنهن ۾ استاد شاگردن کي علم يا ڄاڻ جي "خوراڪ" ڏئي ٿو تہ جيئن انهن جو "پيٽ ڀرجي سگهي"

(17) مثلاً: ڪي استاد پڙهائيءَ جي مشقن هيٺ شاگردن کي هِن يا هُن ڪتاب جي صفحي 10 کان 15 يا 70 کان 90 تائين، وغيره وغيره، پڙهي اچڻ لاءِ چوندا آهن: ائين هو پنهنجن شاگردن جي "مدد" طور ڪندا آهن!

باب ٽيون

(18) عمل يا فڪر: لفظ يا ڳالهہ ـ ڪم ـ سچو عمل، سچاڻ عمل، (تدبير) عمل جو نہ هئڻ : لفاظي، بَڪ

فڪر جو نہ هئڻ : عمليت، عمل پرستي (مصروفيت)

(19) ظاهر آهي تہ منهنجو اشارو اُن ماٺ، ڏانهن، ان پوري ڏيان ڏانهن ڪونهي، جنهن ۾ ماڻهو دنيا کان پاڻ کي الڳ ڪري، ان جي ڪليت تي ويچاريندا آهن، ۽ ائين هو ان سان وري بہ گڏ ئي رهندا آهن. پر ان طرح جي ماٺ، جيڪا ڪم واري ماٺ آهي، تڏهن عمل ۾ هجي تي، جڏهن ويچاريندڙ ماڻهو حقيقت سان واڳيل ۽ ان کان پورو باخبر رهي ٿو ۽ نہ اها ماٺ جيڪا دنيا لاءِ ڌڪار ۽ ان کان فرار جو اظهار هجي ٿي. ڪنهن مست عليل جي "ماٺ" وانگر

(20) جيئن پوءِ تيئن منهنجو يقين وڌندو وڃي ٿو تہ سچن انقلابين لاءِ انقلاب پنهنجي تخليقي ۽ آزادي بخش فطرت سبب خالص پيار جو هڪ عمل هجي ٿو. انقلاب، جيڪو پنهنجي هڪ نظريي کان سواءِ پنهنجي هڪ علمي بنياد کانسواءِ، ممڪن ڪونهي، پيار سان ڪڏهن بہ اسهمت نٿو ٿي سگهي. دراصل، انقلاب انسان آڻين ٿا، بهتر انسانيت جي معيار تي پهچڻ لاءِ انسانن کي انقلابي بڻجڻ جو بهترين سبب ۽ جواز ئي تڏهن ملي ٿو جڏهن هو انساني زوال جي حقيقت سان مُنهن مقابل ٿين ٿا. سرمايہ دار دنيا لفظ "پيار" کي ڪيتري قدر بہ بگاڙيو هجي، پر ان ڪري انقلاب پيار جي پنهجي لازمي طبيعت کان باز نٿو رهي سگهي، ۽ نہ انڪري انقلابي زندگيءَ سان پنهنجي پيار جو سنبنڌ ڇڏي سگهن ٿا. چي گويرا هڪ موقعي تي چيو هو: "مون کي پلي ڪو ڪيئن بہ چوي، پر پوري يقين سان مان چوان ٿو تہ پيار جا سگهارا اُمنگ ئي سچي انقلابيءَ جا رهبر هوندا آهن. پيار جي امر جوتيءَ کان سواءِ ڪنهن سچي انقلاب بابت سوچڻ ئي ممڪن ناهي"

(21) هڪ دوست جي خط تان ڪنيل لفظ:

(22) مالروس (Malraux) سان هڪ طويل گفتگوءَ ۾ مائوزي تونگ چيو هو هو: ”توکي شايد خبر هجي تہ مون گهڻي وقت کان ائين پئي چيو آهي تہ اسان کي وضاحت سان عوام تي اُهو ڪجهہ سيکارڻو آهي، جيڪو عوام کان اسين مُنجهيل ۽ اڻ چٽي نموني ۾ پاڻ سکون ٿا“ ان اصول ۾ سچي ڳالهہ ٻولهہ جي نظريي جو تت موجود آهي، جنهن جي بنياد تي اسان کي تعليم جو سچو پروگرامي مواد (نصاب) تيار ڪرڻو آهي، جيڪو هرگز ”جيئن معلم پنهنجي شاگردن لاءِ بهتر سمجهي“ واري اصول تي مرتب نٿو ٿي سگهي.

(23) ٻهراڙيءَ جا پورهيت (هاري ۽ ڪمي ڪاسبي) عام طرح پاڻ کي قدرت سان (فطرت جي دنيا) سان ائين ڳنڍيل محسوس ڪن ٿا جيئن معصوم ٻار پاڻ کي پنهنجي ماءُ سان، ۽ اُن ٻنهہ ’آنڊن جي ڳانڍاپي‘ جي ناتي هو پاڻ کي قدرت جو حصو سمجهن ٿا ۽ اُن جا اڏيندڙ ۽ ڊاهيندڙ.

(24) ”اسان جي تهذيبي ڪارڪنن کي گهرجي تہ هو وڏي اتساهہ ۽ خودسپردگيءَ سان عوام جي خدمت ڪن. ڪين پنهنجو پاڻ انهن سان ائين ملائي ڇڏڻ گهرجي، جو اُنهن کان سندن پري ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ ئي نہ هجي. ائين ڪرڻ لاءِ، ڪين عوام جي گهرجن ۽ چاهنائن جي عين مطابق عمل ڪرڻو پوندو. عوام لاءِ هر ڪم جيڪو ٿئي سو انهن جي ضرورتن مان اسرڻ کپي ۽ نہ ڪنهن فرد جي خواهش يا مرضيءَ جي نتيجي طور ڀلي اهو فرد پاڻ کي ڪيتريقدر بہ نيت بخير هجي. اڪثر ائين ٿيندو آهي، تہ عوام جي خارجي طور ڪنهن خاص تبديليءَ جي ضرورت هوندي آهي، پر داخلي طور هو ان ضرورت کان باخبر نہ هوندا آهن ۽ نہ هو اُن تبديلي جي آڻڻ لاءِ تيار يا محڪم ارادو رکندڙ هوندا آهن. اهڙين حالتن ۾ اسان کي صبر ڪرڻ ۽ ترسڻ کپي، جيستائين اسان جي ڪوشش ۽ ڪم وسيلي عوام جي اڪثريت ان تبديليءَ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي آهي ۽ ان جي آڻڻ لاءِ تيار نہ آهي يا محڪم ارادو نٿي رکي. ٻيءَ صورت ۾ اسين عوام کان ڪٽجي ويندا سين. هن سلسلي ۾ بہ اصول ياد رکڻ جا آهن: هڪ تہ عوام جون سچيون پچيون ضرورتون ۽ نہ اهي جي اسين ڀانيون ٿا تہ انهن جون آهن، ۽ ٻيو تہ عوام جون خواهشون، جيڪي ئي پاڻ فيصلا ڪن، ۽ نہ ائين،

جو اسين سندن پاران سندن ضرورتن ۽ خواهشن جا فيصلا ڪريون" (مائوزي تونگ جي "منتخب تصانيف" تان ورتل)

(25) هن نقطي جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ باب چوٿين ۾ ڪئي ويندي

(26) هِتي "جيئڻ" ۽ "وجود رکڻ" ۾ معنيٰ جي هڪجهڙائي هوندي بہ مفهوم جو فرق ڏيکارڻ مقصود آهي. "جيئڻ" اصل لفظ آهي، جنهن جو مفهوم جيئاپو (فقط جيئاپو) آهي؛ "وجود رکڻ" ۾ رڳي جيئاپي کان علاوه "ٽيڻ" جي سلسلي جو مفهوم بہ موجود آهي.

(27) "حدودي حالتون" اڻ لانگهائو حدون نہ آهن. جتي ممڪنات ختم ٿيل هجن، پر اهي رواجي حدون آهن. جتان ممڪنات شروع ٿين ٿا. حدودي حالتون اها ڪا سرحد نہ آهي، جيڪا هستيءَ کان نيستيءَ کان الڳ ڪري ٿي، پر اها سرحد آهن جيڪا هستيءَ (هئڻ) کي وڌيڪ هستيءَ (ٿيڻ) کان جدا ڪري ٿي.

(28) هنن مامرن کي مون "سرگرم" انهيءَ ڪري سڏيو آهي، جو (پوءِ انهن کي ڪيئن بہ سمجهيو وڃي ۽ ڪهڙا بہ تدارڪ اهي گهرن) اهي وري بين مامرن ۾ جنمجڻ جو امڪان رکن ٿا. جيڪي پنهنجي پنهنجي سر وري نوان تدارڪ گهرن ٿا.

(29) وچين طبقي جا فرد اڪثر ان قسم جي هلت ڏيکاريندا آهن. جيتوڻيڪ اها هارين جي هلت کان هڪ ٻيءَ طرح جي هوندي آهي. آزاديءَ جو سندن خوف کين اهڙا بچاءَ جا نمونا ۽ دليل ڪڙا ڪري بيهارڻ تي آماده ڪري ٿو جيڪي بنيادي حقيقت تي پردو وجهن ٿا. اتفاقي يا ثانوي حقيقت کي اپارين ٿا ۽ سچي پچيءَ ۽ بجنسي حقيقت جو انڪار ڪن ٿا. موجود مسئلي سان دويدو ٿيندي، جنهن جي پرک ۽ سڃاڻپ ان جي لاڳاپيل خاص حدودي حالت جي اڻ وڻندڙ صورت کان کين واقف ڪري ٿي، هو بحث مباحثي جون ڪنڌون ۽ پاسا پيا وٺندا آهن. پر مسئلي جي عين مرڪز تي پهچڻ جي ڪوشش کان پيا بچندا ۽ ڇڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو سندن اڳيان مسئلي بابت ڪا بنيادي ڳالهہ آڻيندو جنهن سان ان متعلق اتفاقي ۽ ثانوي درجي جون سندن ڳالهيون پڌريون ٿي پونديون، جن کي هو مکيہ اهميت ڏيو بيٺا هوندا آهن. تہ هو مرڳو ئي ڪاوڙجي پوندا آهن.

(30) برازيل جي سماجياتي عالم ميريا ايڊي فريرا (پنهنجي هڪ اڻ شايع ٿيل تصنيف ۾) چيو آهي ته "مامرائي تحقيق فقط ان حد تائين جائز آهي، جو اها عوام جي اها خبر ڏئي جيڪا عوام چاهي ٿو. ايتري تائين جو اها ڪوشش عوام بابت معلومات وٺڻ جي نه، پر عوام سان گڏجي ان حقيقت کي ڄاڻڻ جي ڪوشش، هجي، جيڪا انهن کي ورايو ۽ للڪاريو بيٺي آهي.

(31) هر تحقيقي حلقي ۾ وڌ ۾ وڌ ويهه ماڻهو هئڻ گهرجن، ۽ حلقا ايترا هجن، جو مطالعي هيٺ ايرضيءَ يا ننڍيءَ ايراضي جي آباديءَ جا ڏهه فيصد ماڻهو تحقيق جي ڪم ۾ شرڪت ڪري سگهن.

(32) چنڊچاڻ جي هِنن آخري گڏجاڻين ۾ ايراضيءَ جا رضاڪار به شامل هجڻ کپن، جن تحقيق ۾ مدد ڪئي هجي، ۽ "مامرائي تحقيق جي حلقن" جا شريڪ ڪار به گڏ هئڻ گهرجن. انهن جي هيءَ موجودگي ۽ شرڪت انهن جو حق به آهي ۽ ماهرن لاءِ مسئلن جي آخري چنڊچاڻ اُها تمام گهڻي فائدي واري بلڪ اڻ سرندڙ مدد ثابت ٿي سگهي ٿي. ماهرن سان تحقيق ۾ سنڌن ساٿين طور هنن جو ڪم ڪيل هجي ٿو انهيءَ ڪري هو ماهرن جي اخذ ڪيل نتيجن کي درست ڪري سگهن ٿا. ۽ انهن جي تصديق ڪري سگهن ٿا. طريقيڪار جي نقطي نگاهه کان پڻ، هِن آخري چنڊ ڇاڻ ۽ تورتڪ ۾ انهن جي شرڪت تحقيقي عمل جي صورت ڪيس ٻنيءَ تصديق ۽ عمل جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي.

## باب چوٿون

(33) هيءَ خطرو انقلابي اڳواڻن کان پاڻ وڌيڪ تقاضا ڪري ٿو ته هو ظالمن جي طريقي ڪار جي نقل ڪرڻ کان پاسو ڪن، جيڪي مظلومن جي ڪنڌ تي سوار ٿي ويهن ٿا ۽ مظلومن وري اُنهن کي پنهنجي ذهن ۾ ڪنيو پيا هلندا آهن، انقلابي، مظلومن ان پنهنجي واسطيداريءَ ۾ اُنهن جي ذهن تي ائين ڇانئجي وڃڻ نه چاهيندا. اُن جي ابتڙ هو جڏهن مظلومن سان شريڪ ٿي ظالمن کي اُنهن جي ٻُنيءَ تان لاهي پري ڪرڻ جي ڪوشش

ڪن ٿا، تہ هوائين ان لاءِ ڪو نہ ٿا ڪن تہ هو پاڻ اُنهن تي سوار ٿي وبهن، پر اِن لاءِ تہ هو اُنهن سان ساٿ ۾ رهن.

(34) جيتوڻيڪ مظلوم، جيڪي پر ماريت ۽ ڦرلٽ جا شڪار رهيا آهن. پنهنجي انقلابي جدجهد ۾ ڪجهہ قدر انتقامي جذبي کي شامل ڪندا- ۽ اِها سندن ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي- پر انقلاب کي پنهنجو زور ۽ پنهنجو صلاحيتون ائين ئي وڃائي ڇڏڻ نہ گهرجن.

(35) فيڊل ڪاسترو ڪيوبا جي ماڻهن سان چي گيويرا جي موت جي تصديق ۽ تعزيت ڪندي، اُنهن کي چيو هو:'برابر، اسين شڪ مان بہ ڪجهہ فائدو وٺِي سگهون ٿا، پر اسان کي ياد رکڻ کپي تہ ڪوڙ سچ کان ڊپ، اجايا وهم ۽ ڪوڙين ڳالهين جو ساٿ، انقلاب جا اِهي ڪڏهن بہ هٿيار نہ رهيا آهن.'

(36) گولڊ مئن (Gold Mann) لکي ٿو:'جن دؤرن ۾ بالادست طبقا مستحڪم رهيا آهن، جن دؤرن ۾ مزدور تحريڪ کي طاقتور دشمن کان پنهنجو بچاءُ ڪرڻو پيو آهي، جيڪو اُن لاءِ وڏو خطرو بڻجي سامهون آيل هوندو آهي ۽ هر طرح اُهو اقتدار جي ڪرسيءَ تي براجمان هوندو آهي- اُنهن دؤرن ۾ فطري طور اُهو هڪ اشتراڪي ادب پيدا ٿي آڏو اچي ٿو، جيڪو حقيقت جي "مادي" عنصر تي وڏيڪ زور ڏئي ٿو آڏو بيٺل رڪاوٽن جو گهڻو ذڪر ڪري ٿو پر نِري انساني شعور، انقلابي فلسفي ۽ نيٺ عمل جي ايتري گهٽي ڳالهہ نہ ٿو ڪري"

(37) هُوندوراس جي هڪ انقلابيءَ، فرنانڊو گارشيا( Fernanjdo Garcia) جا لفظ- لاطيني آمريڪي ڪارڪنن جي آڏو سنتياگو(برازيل) ۾ 1967ع ۾ ڳالهہ ٻولهہ دوران.

(38) ڪڏهن تہ حقيقت ۾ اهڙي ڪا ' ڳالهہ' هوندي ئي ڪانهي، تہ بہ رڳو ڪنهن ماڻهوءَ جو هئڻ ئي (جو انقلابي سَٽ مان بہ نہ هجي)، ماڻهن جي اندر ۾ ويٺل 'ظالم' کي ڊيڄاري يا ڪاوڙائي سگهي ٿو ۽ پوءِ هڪ دم بگڙي، مخالف سِمت ٿي بيهن ٿا.

هڪڙي شاگرد هڪ پيري مون کي ٻڌايو تہ ڪيئن هڪڙيءَ لاطيني آمريڪي هارين جي برادريءَ (Peasant Community) ۾ هڪڙي تعصبي پادريءَ اچي ڳالهہ ڪئي تہ برادريءَ ۾ بہ ڪميونسٽ پليت موجود

هئا! ۽ اُهي، هُن جي چوڻ موجب، 'ڪئٿولڪ دين جي ستياناس ڪري رهيا هئا.' اُن تي انهيءَ ئي رات برادريءَ جي ماڻهن، پرائمري اسڪول جي ٻن ماسترن کي جهلي، جيئري باهہ ۾ جلائي ماري ڇڏيو! اُهي ماستر سندن ئي ٻارن کي پاڙهيندا ٿي رهيا. شايد غريب ماسترن جي گهر ۾ اُن پادريءَ هڪڙو ڪو ڪتاب ڏسي ورتو هو. جنهن جي چوڏاري ڪو ڊگهيءَ ڏاڙهي وارو [مارڪس يا اينگلس] ڇاپيل هو!

(39) هڪ پيرو وري بہ آءٌ اِها ڳالهہ واضح ڪرڻ گهران ٿو تہ 'ڳالهہ ٻولهہ جي عمل' ۽ 'انقلابي عمل' جي وچ ۾ ڪا بہ دوئي ڪانهي، ڪو بہ تضاد ڪونهي. نہ ئي ڳالهہ ٻولهہ جي مهل يا ڏاڪو هڪڙو آهي ۽ انقلابي عمل جي مهل يا ڏاڪو ٻيو آهي. بر عڪس اِن جي، ڳالهہ ٻولهہ انقلابي عمل جو خاص جوهر آهي. انقلابي عمل جي اصول يا نظريي هيٺ، عملڪار سڀ گڏجي، هڪ شيءِ کي (يعني حقيقت کي، جيڪا اُنهن کي گڏجي پاڻ ڏانهن سڏي ٿي) پنهنجي عمل جو نشانو بنائين ٿا، انهيءَ مقصد لاءِ تہ (اُن حقيقت کي بدلائيءَ) انسانن لاءِ انسان بنجڻ جو موقعو مهيا ڪيو وڃي.

'ظالم عمل' جي اصول يا نظريي هيٺ، جيڪو پنهنجي جوهر ۾ ڳالهہ ٻولهہ وروڌي آهي، مٿئينءَ رٿا کي بنهہ سادي ۽ آسان صورت ڏني ويجي ٿي: ۽ اُها هيءَ تہ عملڪار گڏوگڏ ٻن شين کي (يعني حقيقت کي ۽ مظلومن کي) ظلم کي قائم رکيو وڃي.

**انقلابي عمل جو اصول:**

(40) لوڪ پسند انقلاب جڏهن اقتدار ۾ اچي ٿو تہ تڏهن اِها حقيقت تہ نئينءَ طاقت جو اِهو اخلاقي فرض هجي ٿو تہ پراڻيءَ ظالمانہ طاقت جي ٻيهر قائم ٿيڻ جي هر ڪوشش کي دٻايو وڃي، ڪنهن بہ طرح اِها معنيٰ ڪا نہ ٿي رکي تہ انقلاب جو پنهنجو ڳالهہ ٻولهہ وارو ڪردار ڪو تضاد جو شڪار ٿي رهيو آهي. اڳواڻن ظالم ۽ مظلومن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ، ٻن مخالف طبقن جي هئڻ جي صورت ۾، انقلاب کان اڳ بہ ممڪن ڪا نہ هئي، ۽ انقلاب کان پوءِ بہ اُها ناممڪن ئي رهي ٿي.

(41) 'انهيءَ طرح اقتصادي طور زياده ترقي ڪيل ملڪ غريب ملڪن کي امداد ڏين ٿا، جنهن ۾ سندن اصل مراد اِها هجي ٿي تہ اُنهن

ملڪن جي سياسي صورتحال کي اُن امداد وسيلي بدلائي پنهنجي فائدي ۾ آڻين، ۽ ائين اُتي پنهنجي بالادستي قائم ڪن. اِن طرح جڏهن بين الاقوامي برابريءَ ۽ آزاديءَ جا بنياد لڏن ٿا ۽ ڊهن ٿا، ته سيني قومن جي پُر امن ۽ مستحڪم ترقيءَ جي راهه هر طرح جي خطرن ۾ وڪوڙجي وڃي ٿي.'

(42).... تهمتن وسيلي، آقا غلامن کي، حاڪم محڪومن کي، سست ۽ نڪمو ثابت ڪن ٿا، ۽ پوءِ فيصلو صادر ڪن ٿا ته سستي ۽ نمڪائي غلامن جي ۽ محڪومن جي فطرت جو اصل ۽ اٽل حصو آهي.'

(43) ائين چئي، آءٌ خود ابلاغي ذريعن کي نه، پر جنهن نموني ۽ جنهن طريقي سان اُهي استعمال ڪيا وڃن ٿا، اُن حقيقت کي ننديان ٿو.

(44) هيءَ 'مڪاني لوڪ' (Local Community) جي صورتحال جي مطالعي تي ٻيڌل 'لوڪ واڌاري' جي ڪمن لاءِ هرگز نه آهي- جنهن صورتحال کي پنهنجي سِر ٻه هڪ محدود، پر جامع حقيقت طور ۽ پڻ خود کان ٻاهر هڪ وسيع تر، پر وري به جامع حقيقت طور ڏٺو ويو هجي. هن تنقيد جا نشان در اصل اُهي ماٺهو آهن، جي اِهو نٿا محسوس ڪن ته مڪاني لوڪن جو ڪو واڌارو يا سڌارو اُن جامع حوالي کان ٻاهر ۽ پاڻ جهڙن ٻين لوڪن کان الڳ رهي ڪري، هرگز عمل ۾ اچي نٿو سگهي، جنهن جو حصو اُهي مڪاني لوڪ حقيقتن آهن ۽ جنهن جا حقيقتن اُهي ٻيا لوڪ به اُهڙائي حصا آهن، سماجي سڌارري ۽ واڌاري جو هي لوازمو ڪثرت ۾ وحدت جي شعور تي ۽ حقيقت جي بنيادي ڪايا پلٽ جي ضرورت جي شعور تي ٻيڌل هجي ٿو. ۽ اِها ئي ڳالهه آهي، جنهن کان ظلم ڪنبن ٿا، ڀڄن ٿا، ۽ بچڻ چاهين ٿا.

(45) جيڪڏهن پورهيت پنهنجي پورهئي جا ڪنهن طرح مالڪ نٿا بنجن، ته نظام جون ٻين سڀ جوڙجڪي تبديليون بي اثر ثابت ٿين ٿيون. ڪنهن اقتصادي سرشتي ۾ پورهيتن کي اجرت وڌي ملي، پر اُن واڌ مان هو مطمئن نه ٿين، ته اُن صورت ۾ به ائين ٿي چئي سگهبو. در اصل پورهيت پنهنجي پورهئي جا پاڻ مالڪ ٿيڻ چاهين ٿا ۽ نه وڪڻندڙ اڄ پورهيتن جي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اِها چاڻ تيز ٿيندي وڃي ٿي ته پورهيت انساني وجود جو ئي هڪ حصو آهي ۽ اُن جو ترجمان آهي، ڪو به انسان، بهرحال خريدي نٿو سگهجي؛ ۽ نه ئي هو پاڻ کي وڪڻي ٿو سگهي. پورهئي

جي هر ڪا خريد يا فروخت غلاميءَ جو ئي هڪ قسم آهي. انساني سماج جي ارتقا، هن سلسلي ۾ سنئين سڌي اهڙي هڪ سرشتي ڏانهن وڌي رهي آهي، جيڪو انساني شرف ۽ فضيلت جي اُن اصليت جي تقاضا سان وڌ کان وڌ موافق هجڻو آهي.

(46) "جديد سماج ۾ طبقن جي وجودَ يا اُنهن جي وچ ۾ ڪشمڪش جي حقيقت جي دريافت لاءِ آءٌ ڪنهن مُجرائيءَ جو حقدار نہ آهيان. مون کان گهڻو اڳي سرمايہ پسند مؤرخن هِن طبقاتي ڪشمڪش جي صورتحال جي ڳالهہ ڪئي آهي، ۽ سرمايہ پسند اقتصادي ماهرن طقبن جي اقتصادي ڍِنڍ پيچ جو بيان بہ ڪيو آهي. مون جيڪا ڪا نئين ڳالهہ ڪئي، سا فقط اِهو ثابت ڪرڻو هو تہ (1)طقبن جي بدلجندڙ صورت مادي پيداوار جي ترقيءَ ۾ مخصوص تاريخي دؤرن سان وابستہ رهي آهي؛(2) هيءَ طبقاتي ڪشمڪش تاريخ ۾ لازمي طور پورهيتن جي ڊڪٽيٽر شپ (حاڪميت) جي دور ڏانهن نيئي رهي آهي؛ (3) هيءَ پورهيتن جي حاڪميت خود بہ سماجي تبديليءَ جي سلسلي جو هڪ مرحلو يا ڏاڪو آهي، جو سڀني طبقن جي خاتمي ۽ غير طبقاتي سماج جي منزل ڏانهن وٺي وڃڻ وارو هو." (مارڪس جو جي. ويڊيميئر (J.(Weydemeyer ) ڏانهنِ خط پهرين مارچ 1852ع)

(47) اِن ئي سبب کان ظالمن لاءِ اِهو بنهہ آڻ سرندڙ حد تائين ضروري آهي تہ هو ڪيتڪارن (هارين) کي شهري پورهيتن (صنعتي مزدورن) کان الڳ رکن، جيئن هُنن لاءِ اوترو ئي ضروري آهي تہ اُنهن ٻنهي گروهن کي هو شاگردن کان الڳ رکن. شاگردن جي بغاوت جي 'گواهي' (جيتوڻيڪ هو سماجياتي طور هڪ طبقو نہ آهن) شاگردن کي۔ بشرطيڪ هو عوام سان شامل ٿين؛ هڪ بيحد خطرناڪ قوت جو روپ ڏيئي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري ئي ظالمن لاءِ ضروري هجي ٿو تہ هو عام ماڻهن، خاص طرح پورهيتن، کي سدا انهيءَ مڃڻ بلڪ يقين ڪرڻ تي آماده ڪن تہ شاگرد غير ذميدار آهن، شرير آهن، بد نظما آهن وغيره. ۽ اُنهن جي 'گواهي' ڪوڙي ۽ غير معتبر آهي، ڇا ڪاڻ تہ شاگردن هجڻ جي حيثيت ۾ هنن کي اڃا پڙهڻو

مطالعو ڪرڻو ۽ سکڻو ئي آهي- بلڪل اِئين جيئن صعنتي مزدورن ۽ ڪيتڪارن کي بہ رڳو 'قوم جي ترقيءَ' لاءِ ڪم ۾ ئي مصروف رهڻ کپي.

(48) تِرادنتي (Tiradentes) 1789ع ۾ رياست 'ميناس گريس' جي 'اوريتو پريتو' نالي شهر ۾ پورچو گال کان برازيل جي آزاديءَ لاءِ اُٿيل ناڪام بغاوت جو اڳواڻ هو جنهن بغاوت کي، پورچو گالي بينڪين طرفان، اُن رياست جي نالي پٺيان 'ميناسي سازش' ۽'ميناسي ويساهہ گهاتي' سڏيو ويو هو.

(49) ويسڪاندي ڊي باربيسينا (Viscvonde de Barbacena ).

برازيل جي باغي رياست ميناس گريس جو پورچو گالي گورنر هو جنهن برازيل جي محب وطن ۽آزاديءَ جي سُورمي تِرادنتي کي ڦاسي ڏيڻ ۽ هُن جي لاش جي بي حرمتيءَ جو حڪم ڏنو هو.

(50) اُها 'تنظيم'، جيڪا حرفتبازيءَ جي عملڪاريءَ جو نتيجو هجي ٿي، اُن ۾ ماڻهو محض ڏگ لاتل شين طور، حرفتڪارن جي مقصدن سان ٺهيل ۽ ٻڌل هجن ٿا. پر سچي تنظيم ۾ ماڻهو فردان فردان تنظيمي عمل ۾ حصيدار هجن ٿا. ۽ سندن تنظيم جا مقصد ٻين جا (ڌارين جاءِ عائد ڪيل نہ هوندا آهن: پهرينءَ صورت ۾ تنظيم ماڻهن کي "ٻڌڻ" ۽ "واڙڻ" جو هڪ ذريعو هجي ٿي، ٻي صورت ۾ اُها اُنهن کي 'آزاد ڪرڻ' ۽'جوڙڻ' جو ذريعو هجي ٿي.

(51) گيتوليو ورگاس، 1930ع ۾ انقلاب جي اڳواڻي ڪئي، جنهن ۾ برازيل جي صدر واشنگٽن لوئيز(Washington Luis ) کي لاٿو ويو ورگاس 1945ع تائين برازيل جو ڊڪٽيٽر ٿي رهيو هو هو پوءِ 1950ع ۾ عام چونڊ رستي برازيل جو صدر ٿيو آگسٽ 1954ع ۾ جڏهن مخالف ڌر هن کي صدر جي عهدي تان لاهڻ واري هئي، تہ هُن خودڪشيءَ رستي پنهنجو آنت آندو.

(52) پهرين مئي 1950ع تي واسڪو ڊي گاما نالي ڪسرت گاهہ ۾ ورگاس جي ڪيل تقرير جو اقتباس.

(53) اُن مقصد لاءِ حملي آور سماجي عملن ۽ هر قسم جي ڪاريگرن جو وڏ کان وڏ ۽ هڪ حد تائين، طبعاتي عملن جو بہ استعمال ڪن ٿا تہ جيئن پنهنجي اُن عمل کي هو ٺاهي سڌاريءَ ۽ مهذب بنائي

سگهن. حملي آورن لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته جيڪي ماڻهو سندن حملي جو نشان آهن، تن جو هو ماضي ۽ حال ڄاڻن، ته جيئن اُنهن جي مستقبل جا ممڪن رخ سمجهي سگهن، ۽ ائين اُنهن رخن مان پنهنجي هڪ پسند واري ۽ پنهنجي مفادن سان ٺهڪندڙ ڪنهن رخ سان پنهنجن مفتوح ماڻهن جي مستقبل کي موڙي سگهن.

(54) ٻارَ جيئن جيئن عمر ۾ وڏا ٿين ٿا. مائٽن ۽ استاد جي حڪماحڪميءَ ۽ بالادستيءَ کي وڌ ۾ وڌ پنهنجي آزاديءَ جي ورڌ محسوس ڪن ٿا.اُنهيءَ ٿي سبب کان، هو جيئن پوءِ تيئن اُنهن جي خاص طرح اهڙيءَ روش جي صورتن کي برداشت نٿا ڪن، جيڪي سندن خود اظهاريت کي گهُٽين ٿيون يا سندن خود اثباتيت لاءِ روڪ بنجن ٿيون. هيءَ هڪ پڌري صورتحال آهي، ۽ هرگز ڪا اتفاقي نه آهي،اِها در اصل اُن تاريخي فضا جي هڪ سِرشت به آهي- جيڪا فضا انساني- حيواني نوعيت رکندڙ عصري حقيقت جي خصوصيت هجي ٿي. انهيءَ لاءِ نوجوانن جي بغاوت کي فقط پيڙهين جي وچ ۾ روايتي فرق يا اختلاف جو مثال ٿي نٿو چئي سگهجي، سواءِ اُن حالت ۾ جو اُن کي ائين چوڻ ۾ اسان جي پنهنجي ڪا ذاتي دلچسپي هجي.هن صورتحال ۾ ٻيو ڪجهه ٿي، پر وڌيڪ هڪ بنيادي ۽ گهَرو معاملو اٽڪيل رهي ٿو. نوجوان پنهنجي اُن بغاوت ۾ سڄي بالادستيءَ واري سماج جي غير منصفانه صورت کي نِنِدين ٿا ۽ رد ڪن ٿا. هيءَ بغاوت، پنهنجي خاص وسعت سان. بهرحال، اسان لاءِ تمام ويجهي وقت جي ڳالهه آهي، ۽ اسان جو سماج پنهنجي ڪردار ۾ اُها ئي حڪما حڪمي ۽ بالادست روش جاري رکيو اچي ٿو.

(55) اِن ٿي ڳالهه ۾ شايد اُنهن ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه وروڌي ورتاءَ جي سمجهاڻي به موجود آهي، جيڪي پنهنجي انقلابي مقصدن ۾ سچا هئڻ جي باوجود ماڻهن ۾ اڳي جيان ٿي بي اعتباري رکن ٿا ۽ اُنهن سان پنهنجي پوري ناتي جوڙڻ کان ڊڄن ٿا. غير شعوري طور اهڙا ماڻهو پنهنجي اندر ۾ اڃا 'ظالم' کي موجود رکن ٿا: ۽ ڇا ڪاڻ ته ' آقا' کي پنهنجي گهر ۾ ويهاريو ويٺا هوندا آهن، آزاديءَ کان انهيءَ ڪري هو خوفزده به رهن ٿا.

(56) هيءَ سماج جو پراڻي مان بدلجي نئن تيڻ جو عمل، جيڪو هڪ سلسلو آهي، بهرحال، اچانڪ واقع ڪو نہ ٿو ٿئي۔ جيئن ميڪانيڪي مفڪر پنهنجي ساده ذهنيءَ تحت فرض ڪري وٺندا آهن.

(57) ڏاڍائپ جي ڏاهپ پنهنجو اظهار هيٺائپ کي جيتڻ ۽ زيربار رکڻ لاءِ، سدائين ائين ’لٽ ۽ چٽ‘ جي استعمال سان ڪندي آهي.

(58) هِن موضوع تي چي گيويرا جا خيال باب ٽئين ۾ اچي چڪا آهن، ان سلسلي ۾ جرمين گُزمان (Gorman Guzman) عوام دوست انقلابي ڪئميلو ٽوئرس (Camilo Torres) بابت چوي ٿو.... ”هُن پنهنجو سڀ ڪجهہ انقلاب کي ڏنو. هر وقت ۽ سدائين هن ماڻهن سان پنهنجي سِر سيتائيءَ جي روح پرور روش قائم رکي۔ هڪ پادريءَ طور، هڪ عيسائيءَ طور، ۽ انقلابيءَ طور.“

(59) چليءَ جي هڪڙي ذهين ۽ اوچي اخلاقي درجي رکندڙ پادريءَ، 1966ع ۾ هڪ ملاقات ۾ مون کي ٻڌايو:”..... جڏهن هڪڙو منهنجو ساٿي ۽ آءٌ ماڻهن سان ملڻ لاءِ سندن گهرن ۾ وياسين، جيڪي رڳي ڪک ئي هئا. هنن جي بيان کان مٿي غربت ڏسي، مون ڪيترن ئي کان پڇيو تہ ههڙيءَ طرح جيئڻ هو ڪيئن ٿي سهي سگهيا؟ تہ هنن مان هر هڪ جو جواب هميشہ ساڳيو هڪڙو ئي هو: ’مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ خدا جي اِها مرضي آهي ۽ مون کي اُها قبول ڪرڻي آهي.“

(60) چي گيويرا، گيٽي مالا جي هڪڙي نوجوان ساٿي ايل پٽو جو (El Patojo) کي، جڏهن هو ڪيوبا ڇڏي گوريلا ڪارروائين ۾ حصي وٺڻ لاءِ پنهنجي مُلڪ وڃي، رهيو هو چيو هو: ” اعتبار نہ ڪج: شروعات ۾ پنهنجي پاڇي تي بہ اعتبار نہ ڪج، ڏسڻ ۾ دوستن جهڙن هارين تي، جاسوسن تي، سُونهِن تي يا وچ وارن تي بہ اعتبار نہ ڪج. ڪنهن بہ شيءَ تي، ڪنهن ماڻهوءَ تي اعتبار نہ ڪج، اوسين تائين، جو هڪڙو علائقو پوريءَ طرح آزاد نہ ڪري ورتو اٿو.“ (’انقلابي جنگ جا واقعا)

(61) لفظن تي زور پنهنجي طرفان آندل آهي.

(62) ڪنهن ماڻهوءَ کي، مظلوم ماڻهو طور پنهنجي حيثيت جو تنقيدي شعور حاصل ٿي سگهي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجيءَ حقيقت کي هڪ مظلومانہ حقيقت طور سڃاڻي، ۽ اُها اُن جي سڃاڻپ ناقدانہ سڃاڻپ هجي.

(63) ڪا بہ سچي تنظيم جيڪڏهن هڪدم نتيجو نٿي ڏيکاري، اُن کي هڪ سلسلي طور خيال ۾ آڻيندي، هرگز ناڪام نٿو چئي سگهجي. جيڪي فوري طور اُن کي دٻائي سگهيا، سي اُن جي مادي ڍانچي کي جڪڙي ۽ بند ڪري سگهن ٿا، پر اُهي اُن جي 'گواهيءَ ' کي، اُن جي اعلان کي، هرگز ختم نہ ڪري سگهندا.

(64) جيڪڏهن خارجي صورتحال ظالمانہ هوند يا ڇڙ واڇيءَ جي هوندي، تہ هيءَ تعلق تصادمي تعلق ٿيندو.

(65) جنهن شيءِ سان هڪ سماجي نظام ( ۽ اُنهي ڪري تاريخي- ثقافتي نظام) بنجي ٿو اُها سڄي خيال ڪان، نہ دائميت آهي نہ تبديلي، پر ٻنهي جي وچ ۾ جدلياتي تعلقات آهن. آخري نکيڙ طور سماجي نظام ۾ جا شيءِ بقاءُ ڪري ٿي، سا نہ دائميت آهي نہ تبديلي، اُها دائميت تبديل جي خود جدليت يا ڪشمڪش هجي ٿي.

(66) لينن، پنهنجي ڪتاب 'ڇا ڪرڻو آهي؟ (What is to be Done?) ۾، رشين سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي اُن رخ کي سخت نِنديو هو بلڪ رد ڪيو هو جنهن هيٺ هنن، انقلابي جدوجهد جي هڪ وسيلي طور پرولتاريت (صنعتي مزدورن) جي اقتصادي مطالبن تي زور ڏنو ٿي- جنهن ڳالهہ کي هُن 'اقتصادي پاڙ- مراديت' (Economic Spontaneity) ٿي سڏيو.

[حيدرآباد، 23 آڪٽوبر 1984ع]

4

# ٻارن جو مسيح

[ايند بلائٽن جي ڪتاب The Children's Life of Christ
جو سنڌي ترجمو]

سنڌيڪار

**محمد ابراهيم جويو**

پهريون ڇاپو: 1980ع

# فهرست


- مترجم جو پيش لفظ 353
- مصنف جو پيش لفظ 385

1. ناصرت جي نينگر 389
2. مريم ۽ فرشتو 391
3. بيت لحم جو سفر 396
4. ٻالڪ يسوع 401
5. ريڍار 403
6. ٽي ڏاها ماڻهو 411
7. بيت لحم جي ڏک جو ڏينهن 418

8. يسوع ڪيئن بچيو 421

9. ناصرت جو ننڍڙو 425

10. ٻارهن سالن جو يسوع 429

11. يسوع وچائڄي ٿو وڃي 434

12. يسوع وڏي وڏو ٿيو 440

13. يسوع جو سؤٽ يوحنا 442

14. يسوع ۽ برائيءَ جو راجڪمار شيطان 445

15. يسوع جا پهريان ساٿي ۽ دوست 448

16. يسوع پنهنجو ڪم شروع ڪري ٿو 450

17. امير جو پٽ 453

18. تلاءَ تي ستل ماڻهو 458

19. ماڻهو جيڪو ڪوڙهيو هو 464

20. ماڻهو جيڪو ڇت منجهان آيو 468

21. سپاهي ۽ اُن جو خادم 474

22. يسوع جنازي سان 476

23. عجيب ڳالهيون ڪٿنديڙ 479

24. هاريءَ جي ڳالهه 482

25. آهر جي داڻي جيتري داڻي جي ڳالهه 483

26. ميربحر جي ڳالهه 484

27. ريڍار ۽ وڃائڄي ويل هڪڙيءَ رڍ جي ڳالهه 485

28. ڇوڪري جي ڳالهه، جيڪو پڇي ويو هو 486

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**


29. يسوع ۽ چريو ماڻهو 491

30. يائير جي ننڍڙي نينگر 497

31. ڇوڪرو جنهن وٽ لولا ۽ پڪل ڳُرڙيون هيون 503

32. يروشلم ڏانهن ويندي 511

33. نيڪ سامريءَ جي ڳالهه 514

34. يسوع ۽ ننڍڙو محصول اُڳاڙيندڙ 519

35. انڌي لاءِ خوشي 524

36. يسوع ۽ ٻار 527

37. دولتمند نوجوان 528

38. يسوع يروشلم ۾ داخل ٿئي ٿو 531

39. يسوع عبادتگاهه ۾ وڃي ٿو 535

40. بيوهه عورت جي پيئا 538

41. يسوع جو چتاءُ 540

42. ڏهن جيڏين جي ڳالهه 542

43. پوئين ڳالهه جيڪا يسوع ٻڌائي 544

44. يهوداهه جيڪو غدار هو 546

45. ڏينهن پرجي آيا 549

46. آخري ماني 551

47. گتسمنيءَ جي باغ ۾ 557

48. يسوع کي جهلي وڃن ٿا 559

49. ڪڪڙ ٻه دس ڏنا، تنهن کان اڳ 561

50. يسوع عدالت ۾ 563

51. يسوع، رومن گورنر پلاطس جي اڳيان 566

52. يسوع جي پيڙا 572

53. غدار جو ڇا حال ٿيو 574

54. يسوع صليب تي 576

55. يسوع موٽي ٿو اچي 583

56. يسوع پنهنجن ساٿين سان ملي ٿو 587

57. يسوع گليل جي علائقي ڏانهن 592

58. ڳالهه جي پڇاڙي 594

# مترجم جو پيش لفظ

مهاتما گوتم ٻڌ ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جون زندگيون منهنجي لاءِ گهڻي وقت کان انساني عظمت جا يگانا مثال رهيون آهن. هو انساني پيار ۽ انساني ڪمال جا مبلغ هئا. هنن اسان کي هر جيو جي عزت جو سبق ڏنو آهي.

— ۽ اڄ اسان کي— جيئن بني نوع انسان کي ان جي تمام ڏکي، لڪن سالن جي زندگيءَ ۾ هميشہ— سڀ کان وڌيڪ انهن ٽن شين جي ضرورت آهي، يعني پيار، ڪمال ۽ زندگيءَ جي احترام جي.

مهاتما گوتم ٻڌ تہ پنهنجي سڄيءَ تعليم جو بنياد ئي ان ڳالهہ تي رکيو تہ "الڳ الڳ نجات ڪا شيءِ ڪانهي، گڏيل نجات لاءِ ڪم ڪرڻ سان ئي ماڻهوءَ کي آتما جي شانتي ۽ آخر ۾ (دک کان) نرواڻ پراپت ٿئي ٿو." حضرت عيسيٰ مسيح عليه السلام جي بنيادي تعليم اِها هئي تہ "جيئن اوهين چاهيو ٿا تہ ماڻهو اوهان سان هلن، اوهين بہ انهن سان ائين هلو"...

”پنهنجن ٻاڙيسرين کي اٿين ڀانيو جيئن اوهين پنهنجي پاڻ کي ڀانيو“... ”جيئن اوهان جو اباڻٺهار رحم وارو آهي، اوهين بہ اٿين رحم وارا ٿيو“... ”مبارڪ آهن اهي، جيڪي صلح (يعني، انصاف ۽ امن) قائم ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اهي ئي خدا جا ٻالڪ سڏبا.“[1]

زندگيءَ جو حق، زندگيءَ جو موقعو ۽ زندگيءَ جي خوشي۔ هر ڪنهن کي گهرجن، پر ٻئي ڪنهن پاڻ جهڙي فرد، گرو هہ يا قوم جي مجبوريءَ يا محروميءَ جي قيمت تي نہ.

اڄ اسين پاڻ وٽ ۽ دنيا ۾ اڪثر ملڪن ۽ سماجن ۾ محبت بدران نفرت، رحم بدران غيض ۽ غضب ۽ زندگيءَ جي احترام بدران ان جي بي حرمتي ۽ ذلت ئي ڏسون ٿا. فرد آهن، ۽ ان کان وڏيڪ، گروهہ آهن ۽ قومون آهن، جيڪي فقط پنهنجي ڏاڍ ۽ طاقت جي آڌار تي، پاڻ کان هيٺن فردن، گروهن ۽ قومن کي زندگيءَ جي حق کان، زندگيءَ جي موقعي کان ۽ زندگيءَ جي خوشيءَ کان محروم رکن ٿا، ۽ انهن جي بک ۽ ڏک، غلاميءَ ۽ موت جي بنياد تي پنهنجي زندگيءَ جي آزادي، سک ۽ سلامتي حاصل ڪن ٿا ۽ ماڻين ٿا، ۽ ان پنهنجي نفس پرستيءَ ۽ وحشي پڻي کي بيحد وڏن، ڏاڍن اوچن ۽ تمام سهڻن لفظن ۽ دعوائن جي غلافن ۾ ويڙهين ٿا ۽ لڪائين ٿا.

طاقت (جسم، دولت ۽ علم جي طاقت) پنهنجي ذاتي ۽ گروهي ”نجات“ (يعني، سک ۽ سلامتيءَ) لاءِ شروع کان اهو ئي عمل، جو حيواني طريقو پڻي اختيار ڪيو آهي: ۽ ان جي برداشت کان ٻاهر گرفت ۽ گهٽ کان بچڻ لاءِ ان جي لپيٽ ۾ آيل فردن، گروهن ۽ قومن هر وقت (شروع ۾ پنهنجي ڪمال هيٺائيءَ هوندي بہ) ان جو مقابلو پڻي ڪيو آهي ۽ وقتي طور ان مان پوري پوري آزادي ۽ نجات بہ حاصل پڻي ڪئي آهي. پر محدود غرض ڪاري ۽ وحشي پڻو۔ يعني، انفرادي ۽ گروهي مفادن جي برتريءَ ۽ لٽيرپ جو دٻاءُ۔ وري وري پڻي، هڪ نہ ٻيءَ صورت ۾، غريب ۽ اجاڙ انسانيت جي مٿان غالب پيو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ انسانيت ۽ حيوانيت جو ٽڪر هلندو ئي آيو آهي ۽ هلندو ئي رهي ٿو. نيڪيءَ ۽ بديءَ جي دائمي جنگ اِها آهي ۽ ان جو هر

---

[1] ”ڪتاب مقدس، نئون عهدنامون“، متي۔ 12/7، 39/22، 7/5 ۽ 9/5.

معرڪو نيڪيءَ جي عملي قوت کي وڌائي ٿو ۽ آئنده معرڪي جي سوڀ لاءِ ان کي وڌيڪ لائق بڻائي ٿو ۽ تيار ڪري ٿو. بني نوع انسان، مجموعي طور پنهنجي انساني تهذيب جي جنهن منزل تي اڄ پهتل آهي، اتي هو ائين نڌيون نڌيون سوڀون حاصل ڪري ۽ ڏاڪو ڏاڪو چڙهي، پهتو آهي، ۽ ائين هو آهستي آهستي، پر پڪ ئي پڪ، پنهنجي "آسماني بادشاهت" جي آدرش ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن جي نيٺ بہ قائم ٿيڻ جي خوشخبري مسيح عليه السلام ۽ پڻ ٻين سڀني نيڪ ۽ ڏاهن بزرگن، ان کي ڏني آهي.

حيوانيت (ذاتي يا محدود مفاد) ۽ انسانيت (اجتماعي مفاد) جي هر اهڙي تصادمي معرڪي جي واقع ٿيڻ لاءِ پهريون شرط هيءَ آهي تہ ان محدود مفاد يا حيوانيت جي منهن تان هر قسم جي حسين غلاف کي هٽايو وڃي ۽ ان جي نيڪ ۽ اعليٰ دعوائن جي ڍونگ کي سمجهيو ۽ پڌرو ڪيو وڃي. حيوانيت کي اها ڳالهہ نہ وڻندي آهي. ڇو تہ اها لڪي لڪي پنهنجو شڪار ڪندي آهي، ۽ ان جو ظاهر ٿي پوڻ، ان جي وجود لاءِ خطري جو باعث بڻبو آهي- ڇاڪاڻ تہ پوءِ ان کي نيڪيءَ جي حملي کان پاڻ بچائڻ لاءِ وڙهڻو پوندو آهي ۽ ويڙهہ ۾ ان کي پنهنجي خاتمي جا پڌرا امڪان ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهيءَ ڪري حيوانيت هميشہ سچ کي لڪائڻ ۽ ان کي ظاهر ٿيڻ کان روڪڻ جي جتن ۾ لڳل هوندي آهي- يعني، پهرين پهرين خود پاڻ کي اها حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ چوندي آهي تہ اها پاڻ ئي عين انسانيت ۽ نيڪي آهي، ۽ ان ڪوڙ کي سچ ڪري پکيڙڻ لاءِ هن وٽ پنهنجا پٽ ۽ ڍنڍورچي (اڄوڪي دنيا ۾ پريس، ٽيليويزنون ۽ ريڊيا وغيره بہ) بيهاريل ۽ رکيل هوندا آهن. جيڪي چند سڪن تي ۽ پنهنجي خسيس سک ۽ سٺيين آسامين کي بچائڻ لاءِ رڳو پيا ان جي اها ڪوڙي مشهوري ۽ تعريف ڪندا آهن: ۽ ٻيو تہ اصل سچ جي هر قسم جي اظهار کي اها پيئي گهٽيندي ۽ پوساٽيندي آهي، ۽ ڪتان ڪا روشنيءَ جي ڇيٽ پنهنجي ويڙهيل ڪاري قبيح منهن تي پوندي ڏسائين تہ سک ڦٽي ويندو اٿس ۽ ٻيبجي بيهندي آهي- جيسين ڪا تاڪي ڏيئي ان روشنيءَ جي ڇيٽ کي پنهنجي مٿان پوڻ کان روڪي نہ ڇڏي يا مرڳوئي جتان اها ڇيٽ ايندي هوندي، ان کي وڏي هيڪر وسائي نہ ڇڏي! پر سچ کي ڪي بہ پٽيون ۽

ته خانا اندر اڇڻ کان روڪي نه سگهيا آهن ۽ نه ڪڏهن روڪي سگهن ٿا. سچ اڇڻ وارو هوندو آهي ته ضرور ايندو آهي، ۽ پوءِ ان جي اڇڻ سان اونده ازخود گم ٿي ويندي آهي- ڇو ته اونده هوندي ئي گم ٿي وڃڻ لاءِ آهي، ۽ روشنيءَ کي هرڪو چاهيندو آهي، ۽ انهيءَ ئي معنيٰ ۾ روشنيءَ کي "خدا" يا خدا کي "روشني" چيو ويو آهي.

حضرت عيسيٰ مسيح به، نيڪيءَ ۽ انسانيت جي علامت بڻجي اهڙيءَ ئي هڪ اونده ۾ روشني بڻجي آيو هو. هن ڪوڙ جي اهڙي ئي هڪ ڪاري قبيح منهن تان پردو هٽايو هو. "هن لاءِ ماڻهن جي دل ۾ گهڻي محبت ۽ عزت هئي ۽ هو هزارن ۽ لکن ۾ هن جي پٺيان هئا."[2] هن جي دور ۾ ذاتي ۽ محدود مفاد رکندڙ ۽ ان جا محافظ- حاڪم ۽ مذهبي پيشوا، ماڻهن جا "اڳواڻ" ۽ سردار- "هن جي وڌندڙ اثر ۽ طاقت کي سهي نٿي سگهيا، ۽ هنن جي دل ۾ حسد جي باه ڀري رهي هئي. هنن ڪيس ڌڪاريو ٿي، ڇاڪاڻ ته هن سندن نيڪيءَ ۽ نيڪ هجڻ جي ڍونگ کي سمجهيو ٿي، ۽ ماڻهن کي چيو ٿي ته هو انهن جهڙا نه ٿين ۽ انهن جي پيروي نه ڪن. نيڪ هجڻ جو **ڍونگ ڪرڻ نيڪ هجڻ** کان گهڻو گهڻو آسان هو پر جيڪي حاڪم ۽ سردار هئا، انهن جو اهو ڍونگ جڏهن ظاهر ٿي ٿيو تڏهن اهي سخت بي آرام ٿي ٿيا ۽ ڪاوڙ ۾ تپي باه ٿِي ٿي ويا. "هن کي معلوم هو ته اهي ڏاڍا هٺيلا، خود غرض، ڪوڙا، تنگدل ۽ ڪنور هئا، ۽ هو سدائين ماڻهن کي جهليندو هو ته هنن کي پاڻ ڪڏهن به انهن عالمن ۽ مفتين جهڙو ٿيڻ نه گهرجي، ڇو ته انهن رڳو نيڪ هجڻ جو ڍونگ ٿي ڪيو. انهن پنهنجي نيڪي ۽ نيازمنديءَ جو وڏو ڏيکاءُ ٿي ڪيو پر دعوتن ۾ پهرين ۽ مک جاين والارڻ ۽ "خدا جي گهر" ۾ پهرينءَ صف ۾ ۽ اوچي کان اوچي منبر تي پهچڻ جو ڪيڏو نه انهن کي شوق هوا ۽ ڪيڏو نه حرص هو انهن کي ته ماڻهو کين "سائين"، "مولا"، يا "حضرت" چئي، سندن اڳيان نمن ۽ ٻانهون ٻڌي بيهن!". "تحقيق هو هڪڙو حيرتناڪ ۽ بي مثل ماڻهو هو- خدا جي آڏو ۽ سيني ماڻهن جي آڏو **قول ۽ فعل** ۾ هڪ

---

[2] اِن طرح، هن ڪتاب جا حوالا هِن پيش لفظ ۾ ڄاڻايل آهن.

عظيم انسان. هن کي ربين (مذهبي پيشوائن) ۽ حاڪمن ڏوهي ڪري، صليب تي چاڙهي، شهيد ڪري ڇڏيو". پر، هن لاءِ "پنهنجي مقصد ۽ پنهنجي ڪمال کي پهچڻ واسطي اهي سڀ تڪليفون ۽ ڏک سهڻ ضروري هئا" ۽ پوءِ ئي هو "سوپيا جي ڪڪر سمان ايري، متي (عظيم انساني تاريخ جي) آسمان تي چڙهي ويو هو". "هن ايڏا سور ۽ ڏک سٺا، پر پنهنجي طاقت ۽ پنهنجو اثر پاڻ کي مدد ڪرڻ ۽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ (يعني، پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ) استعمال نہ ڪيائين: هو سدائين ٻين کي بچائيندو ۽ ٻين جي مدد ڪندو رهيو". انهيءَ لاءِ تہ هن ڌرتيءَ تي، جيڪا آخرڪار امن ۽ انصاف جي بادشاهت قائم ٿيڻي هئي، جنهن کي هن "آسماني بادشاهت" سڏيو تي، ان لاءِ ماڻهو ڏک ۽ سور سهن، پنهنجو رت هارين ۽ پنهنجي جان جي قرباني ڏين، تہ جيئن ان جي قائم ٿيڻ لاءِ سماجي حالتون سازگار ٿين ۽ زمين هموار ٿئي.

مسيح انسانن کي پنهنجي لاءِ هيٺ ڌرتيءَ تي ان "آسماني بادشاهت" جي قيام لاءِ تيار رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو رستو ڏسيو:

"هن کي خبر هئي تہ نفرت ۽ بي رحمي لڙائيءَ، جهيڙي ۽ موت جا بنيادي سبب هئا. هن کي خبر هئي تہ"يروشلم" جا ماڻهو فقط امن، پيار ۽ سهڪار جو سندس پيغام ٻڌڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي موتمار خطرن کان محفوظ رهي سگهيا ٿي."

هڪ ڏينهن شام جو هن جي ساٿين عبادتگاهہ جي عمارت جي وڏن پٿرن ڏانهن ڏسندي، ڏاڍو عجب ظاهر ڪيو ۽ چيو: "خدا جي گهر جا هي پٿر اڏول ۽ امٽ آهن: سچ پچ بہ تہ انهن مان هڪ پٿر ايڏو وڏو هو جو اهو ڪنهن غريب جي ڪٽنب لاءِ پريان ٽڪريءَ جي پاسي تي اڏيل اڇي رنگ جو سچو ڪو گهر تي معلوم ٿيو!" هن انهن وڏن پٿرن ڏانهن ڏٺو ۽ ڏاڍي هڪڙي عجيب ڳالهہ ڪئي. "جلدئي"، هن چيو "انهن پٿرن مان ڪو هڪڙو بہ ٻئي جي مٿان سلامت نہ رهندو! اهي سڀيئي ڪري، اچي پٽ پوندا، چو تہ هر عمارت، جنهن جو ڪم نہ رهندو، سا ڍهندي". "سائين، اهو سڀ ڪجهہ ڪڏهن ٿيندو؟" هن جي ساٿين عجب ۽ خوف ۾ ورجي هن کان پڇيو.

”۽ پوءِ هن انهن سيني کي ٻڌايو تہ ڏاڍو هڪ خطرناڪ وقت ويجهو اچي رهيو هو جڏهن انساني ڏڪار ۽ ساڙ ”يروشلم“ کي ۽ گهٽين قومن کي، ڏکي جنگ جي ڪوري ۾ اڇلائي ڇڏيندو.

”جنگين جون ڳالهيون نڪرنديون ۽ جنگيون ٿينديون“، هن چيو ”۽ قومون هڪٻئي جي خلاف وڙهنديون. زلزلا ايندا ۽ ڏڪار پوندا ۽ خطرناڪ بيماريون پکڙنديون. اوهين، جيڪي منهنجا ساٿي آهيو منهنجي ڪارڻ تمام گهڻا ڏک ڏسندا ۽ تمام گهٽيون تڪليفون سهندا، ڇاڪاڻ تہ هو اوهان کي ماريندا، سزائون ڏيندا ۽ گهلي حاڪمن ۽ بادشاهن وٽ وٺي ويندا، ۽ اڇلي بنديخانن ۾ وجهندا. پر اوهان کي ڊڄڻ نہ گهرجي، ڇو تہ ائين اوهان کي موقعو ملندو هر ڪنهن کي منهنجي پيغام ۽ منهنجي مقصد بابت ٻڌائڻ جو ۽ ان لاءِ اوهان جي زبان تي پورا ۽ صحيح لفظ پاڻهي تري ايندا.

”يروشلم پورو ناس ٿيندو... ۽ زمين تي اونده ۽ انڌڪار ڇانئجي ويندو. پر هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن منهنجي بادشاهت قائم ٿيندي ۽ منهنجا دوست ڳولي ڳولي لهبا ۽ گڏ ڪيا ويندا. انهيءَ ڪري اوهين چوڪس رهو جڏهن گهر جو مالڪ (حق جو داعي ۽ ان لاءِ قرباني گهرندڙ) اڻندو ۽ اوهان وٽ ايندو- انهيءَ گهڙيءَ لاءِ اوهين تيار رهو ۽ جاڳندا رهو!“

”ڇاڪاڻ تہ ڪهڙي خبر تہ اِها ”آسماني بادشاهت“ ڪڏهن اچي ۽ ڪهڙي ڏينهن قائم ٿئي!“

مسيح جو جنم، مسيح جي حياتي، مسيح جي تعليم، مسيح جو موت ۽ هن جو جي اٿڻ ۽ آسمان ڏانهن عروج ۽ هن جي (عام عقيدي يا اميد موجب) وري موٽي اچڻ جو ”واعدو“- هي سڀ شيون علامتي اهميت جون آهن. هن ڪتاب جي پڙهڻ سان، جنهن ۾ اِهي شيون ڳالهين جي صورت ۾ آيل آهن، انهن جي اها اهميت ظاهر ٿئي ٿي.

مسيح جو جنم هر انساني ٻار جي جنم جي علامت آهي- خاص طرح مظلوم ۽ محڪوم قوم جي هر ٻار جي جنم جي ۽ ان جي بہ هر پورهيت ۽ مسڪين گهر جي ٻار جي، جنهن ۾ هن جي مائٽن، هن جي طبقي جي سيني ماڻهن ۽ هن جي سڄي قوم بلڪ سڄيءَ انساني برادريءَ جون اميدون ٿين ٿيون يا ٿي سگهن ٿيون تہ هو سندن ڇوٽڪاري ۽ خوشحاليءَ جو سبب بڻبو ۽

ان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهندو. (پهرينءَ ڪان ڇهين ڳالهه). انهيءَ ڪري ئي چيو ويو آهي ته "ٻار انسان جو پيءُ آهي" ۽ پڻ بلڪل صحيح طور تي چئي سگهجي ٿو ته "ٻار ئي آئيندي جو مسيح آهي". ٻار جي تربيت صحيح ٿئي، ٻار جي تعليم صحيح ٿئي، ٻار جي آڏو زندگيءَ جو مقصد صحيح ۽ اعليٰ ۽ واضح ٿئي، ته اهو ٻار پنهنجي حياتيءَ جي عمل سان "غريبن کي خوشحاليءَ جي، قيدين کي آزاديءَ جي، انڌن کي بينائيءَ جي ۽ ماريل پيڙيل انسانن کي سلامتيءَ ۽ ڇوٽڪاري جي خوشخبري"[3] ڏيندو. اهو ٻار "پنهنجي طاقت ۽ پنهنجو اثر پاڻ کي مدد ڪرڻ ۽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ استعمال نه ڪندو". يعني هو غرض ڪار ۽ خود مفادي نه ٿيندو پر هو "سدائين ٻين کي بچائيندو ۽ ٻين جي مدد ڪندو رهندو" (ساڳيو صفحو). يعني هو عام مفاد جو حامي ۽ پُراپڪاري ٿيندو ـ ۽ ان لاءِ جيڪي به ڏک ۽ سور، تڪليفون ۽ عذاب غرض ڪارن ۽ خود مفادي فردن ۽ گروهن طرفان هن کي ڏنا ويندا، سي هو صبر ۽ همت سان سهندو ۽ نيٺ ان "مسيحي" راهه ۾ هو پنهنجي مٿي تي حقارت ۽ ملامت جي ڪنڊن جو تاج پائي، پنهنجي صليب پنهنجن ڪلهن تي کڻي، ڪلندي ڪڏندي، پنهنجن پيرن، سيني لاءِ من ۾ نيڪ تمنائون کڻي، ضرورت تي ته وڃي سوريءَ تي به چڙهندو ۽ اٿين "پنهنجي مقصد ۽ پنهنجي ڪمال" کي پهچڻ واسطي پنهنجي بهترين املاڪ يعني پنهنجي املهه حياتي به قربان ڪري ڇڏيندو ـ بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن ان بي مثل شهيد، خدا جي معصوم بندي ۽ پياري ٻالڪ، مسيح عليه السلام، پاڻ ڪيو. ۽ اهڙيءَ شهادت کان پوءِ، جڏهن پيو ڏسبو آهي ته ان سان گڏ خود مقصد به شڪست کائي ختم تي ويو، تڏهن ٿورا ڏينهن ("ٽي ڏينهن") ئي نه گذرندا ته قربانيءَ جو اهو مثال سامهون رکي، ان ئي راهه عمل جا مسافر ان مقصد اعليٰ کي وري جياريندا ۽ ان جي تعميل ڪندا ۽ پوءِ جڏهن اها راهه وڃي ڪٽي ڪٽندي ۽ ان جو وڏيڪ ڪم نه رهندو تڏهن وري ٻيو ڪو مسيح انسانيت کي ان اوجهڙ مان نڪري اڳتي وڌڻ لاءِ ٻي ڪا نئين راهه ڏسيندو ۽ اٿين دنيا ۾ هدايت ۽ رهبريءَ جي ضرورتمند مظلومن ۽ محڪومن جي دلين ۾ پنهنجي ئي اولاد

---

[3] ڪتاب مقدس، نئون عهدنامون، لوقا، 18/8.

مان، پنهنجي ئي آئنده نسل ۾، ڪنهن مسيحا جي امر آس سدا موجود رهي ٿي - ۽ انهيءَ مضبوط ۽ سدا حيات اميد جي بنياد تي ئي انسانيت پنهنجي نجات لاءِ حيوانيت سان پنهنجي جنگ قائم رکيو آئي آهي ۽ ان کي، سواءِ آخري ۽ ڪامل سوڀ جي، جڏهن انساني سماج ۾ "آسماني بادشاهت" قائم ٿيندي، هوءَ ڪڏهن به ختم ڪا نه ٿيندي.

مسيح عليه السلام جي ٻارن سان ڏاڍي گهڻي دل هوندي هئي- ڇو ته هن جي نظر ۾ هو ئي سندس "آسماني بادشاهت" يعني سموري انساني شرف ۽ شان، نيڪيءَ ۽ فضيلت جا وارث، محافظ ۽ معمار هئا. هو پاڻ به ٻارن جهڙو ٻار هو- معصوم، بيقرار ۽ شيدائي- ڄاڻڻ لاءِ ۽ نيڪيءَ جي ڪامل مسرت لاءِ ڪٿي به هو ڪو ٻار ڏسندو هو ته وڏي ان جي آجيان ڪندو هو. هو ٻارن کي آڪاٽيون ڀڏائيندو هو ۽ اهي هنن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون. هو هنن سان ٻيهي ننڍيون ننڍيون رانديون ڪندو هو ۽ هنن کي وندرائيندو هو. هڪڙي ڀيري هن جا ساٿي ٻارن کي ڏانهس ايندي ڏسي، انهن ڏانهن وڌي ويا ۽ چوڻ لڳا- "هو ماڻهن سان ڳالهائي رهيو آهي. هيءَ ڪا مهل آهي، جو ٻار هن کي ڪڪ ڪن! هينئر وڃو. ٿورو رکي، پوءِ موٽي اچجو!" مسيح جڏهن ڏٺو ته سندس ساٿي ٻارن کي وٽس اچڻ کان منع ڪري رهيا آهن، تڏهن انهن کي سڏ ڪري چيائين: "انهن کي مون ڏانهن وٺي اچو! ٻارن کي مون ڏانهن اچڻ کان نه روڪيو. اهي منهنجي بادشاهت جا واسي آهن. جيئن اوهين آهيو - ۽ سچ پچ به ته جيسين اوهان وٽ ٻار جي دل جهڙي ڪشادي ۽ معصوم دل ناهي، تيسين اوهين منهنجي بادشاهت ۾ داخل ٿي نٿا سگهو!".

ايند بلائٽن (Enid Blyton) جو مون جڏهن هيءَ ڪتاب "ٻارن لاءِ يسوع جي سوانح عمري" (Children's life of Christ) پڙهيو، تڏهن هڪدم مون ان کي سنڌيءَ ۾ آڻي، 1979ع جي 'ٻارن جي عالمي سال' جو تحفو ڪري، سنڌي پڙهندڙ ٻارن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هيءَ ڪتاب ڪيئي سال منهنجي لئبرريءَ ۾ پيو رهيو. پر ان کي ٻيهر پڙهڻ جي صورت ائين پيدا ٿي، جو مون کي "الوحيد" جي "سنڌ آزاد نمبر" جي ٻئي ڇاپي لاءِ پيش لفظ لکڻ جي سلسلي ۾ حضرت عيسيٰ مسيح جي حياتيءَ جي هڪ ٻن ڳالهين ۽ ڪن مشهور قولن جي تصديق لاءِ ڪتاب کي ڏسڻو پيو ۽ ان خيال کان

هيءَ ڪتاب به پڙهيم. ۽ ائين ان جي پهرين ڳالهه ۽ ڇتيهين ڳالهه الوحيد جي "آزاد نمبر" جي ان پنهنجي پيش لفظ ۾ شامل به ڪيم. اهو پيش لفظ بهرحال پوءِ "نمبر" جي ان ڇاپي ۾، جيڪو پڻ ٻارن جي عالمي سال جي هڪ اشاعت طور تجويز ٿيل هو ڪن ناموافق حالتن سبب اچي نه سگهيو.

اڄ اسان وٽ، جيئن دنيا جي گهڻي حصي ۾، اجتماعي مفاد تي محدود مفاد غالب آهي، ۽ نيڪيءَ ۽ صداقت جي سند زور ۽ طاقت جي وس آهي، ۽ فعل جو خيال بلڪل نه آهي، پر قول جو هو ڪو ۽ غوغاءُ عرشين ٻُري رهيو آهي. مسيح چيو ٿي ته "نيڪيءَ جا ڪم ماڻهن جي سامهون ڏيکاءَ لاءِ نه ڪريو... ۽ جڏهن خيرات ڪريو ته پنهنجي اڳيان ان جا توتارا نه وڄارايو... ۽ جڏهن بندگي ڪريو ته رياڪارن وانگر بازارين جي چونڪن تي بيهي نه ڪريو... ۽ "غير قومن" وانگر دعائن گهڻ مهل ٻَڪ ٻڪ نه ڪريو- جيئن هو سمجهندا آهن ته هنن جي ڏيکاءَ ڪرڻ سان ماڻهو هنن جي بزرگيءَ جا گيت ڳائيندا، ۽ سندن غوغاءَ ۽ ٻڪ ٻڪ سان سندن دعائون (۽ دعوائون) ٻڌيون وينديون ۽ مڃيون وينديون."[4] پر اڄ ته چڱن ڪمن جي ڏيکاءَ ۽ غوغاءَ بدران ٻُرن ڪمن- دٻاءَ، ڦرلٽ ۽ ظلم جي ڪمن- جا توتارا وڄن ٿا ۽ ڏيکاءَ ٿين ٿا ۽ انهن کي مقدس نالن ۽ اصطلاحن جي پٺڀرائي ۽ مقبوليت ڏني وڃي ٿي- ۽ اهو ئي سچ پچ ته سدائين غرضڪاريءَ لاءِ زور ۽ طاقت جي عمل جو حيواني طريقو رهيو آهي.

اهڙن ذاتي ۽ گروهي مفاد بازن ۽ ڪوڙن دعويدارن ۽ ڳلتي بازن کان خبردار ڪندي، مسيح چيو هو ته"اهي اوهان وٽ رڍن جي ويس ۾ اچن ٿا، پر اصل ۾ اهي وحشي بگهڙ آهن. انهن کي انهن جي ڪمن مان اوهين سڃاڻي سگهندا. ڇا، اوهان کي ڪنڊن مان انگور ۽ ڪانڊيرن مان انجير ملي سگهن ٿا؟ انهيءَ طرح، سيڪو منو وڻ منو ميوو ڏئي ٿو ۽ خراب وڻ خراب ميوو ڏئي ٿو. منو وڻ ڪڏهن به خراب ميوو نٿو ڏيئي سگهي، نه خراب وڻ ڪڏهن منو ميوو ڏيئي ٿو سگهي. **جيڪو وڻ سنو ميوو نٿو ڏئي، ان کي وڍي باهه ۾ وڌو** ويندو آهي. انهيءَ ڪري انهن کي (هميشه) اوهين انهن جي ميوي مان (يعني،

---

[4] ڪتاب مقدس، متي، 2/1_7.

انهن جي ڪمن مان) سڃاڻو!"[5] مسيح اهڙن غرضڪار مفاد پسندن کي "غير قومن جا امير ۽ سردار" سڏيندي، پنهنجن ساٿين کي انهن جي مثال کان پري رهڻ لاءِ ٿي چيو ڇو تہ "اهي انهن تي حڪومت ڪندا آهن ۽ انهن تي اختيار هلائيندا آهن.... پر اوهان مان ڪنهن کي ائين ٿيڻو ڪونهي. بلڪ جيڪو اوهان ۾ وڏو ٿيڻ چاهي، ان جو ڪم آهي تہ اوهان جو خادم ٿئي، ۽ جو اوهان ۾ اڳواڻ ٿيڻ چاهي، اهو سڀني جو ٻانهو بڻجي. ڇاڪاڻ تہ ابن آدم (يعني، مسيح پاڻ) بہ انهيءَ لاءِ نہ آيو آهي تہ خدمت وٺي پر انهيءَ لاءِ آيو آهي تہ خدمت ڪري، ۽ پنهنجي جان گھڻن لاءِ قربان ڪري."[6]

هڪڙي ڀيري مسيح جي ساٿين ۾ بحث اچي نڪتو تہ منجهن وڏو ڪير هو. هنن پوءِ مسيح کان پڇيو: "سائين، آسماني بادشاهت ۾ سڀ کان وڏو ڪير آهي؟" مسيح هڪڙي ننڍڙي ٻار کي پاڻ وٽ سڏي، انهن جي وچ ۾ کڙي بيهاريو ۽ چيائين: **"آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان"** (هيءُ پياري مسيح جو تڪيو ڪلام هو) تہ جيسين اوهين ڦري ننڍڙن ٻارن جهڙا نہ ٿيندا، تيسين ڪنهن بہ طرح آسمان جي بادشاهت ۾ داخل ڪين ٿيندا. تنهنڪري (اوهان مان) جيڪو ڪو پاڻ کي هن ٻار وانگر ننڍو ڪري سمجهندو اهو ئي آسماني بادشاهت ۾ سڀ کان وڏو ليکبو."[7]

هيءُ ڪتاب "ٻارن جو مسيح"، سنڌيءَ ۾ اهڙن ئي ٻارن لاءِ ٻارن جي عالمي سال 1979ع جو هڪ تحفو آهي ۽ ان کي سنڌي ٻار ضرور پڙهندا. پر ٻارن کان وڌيڪ اِهو اسان وڏن کي پڙهڻ گهرجي. ڇو تہ ٻار پنهنجي مسيح کي سمجهن، تنهن کان اڳ انهن جي وڏن لاءِ ضروري آهي تہ اهي مسيح کي سمجهن. مسيح جي حياتيءَ ۽ مسيح جي تعليم مان اسين زندگيءَ جون ڪي بنيادي ڳالهيون ۽ بنيادي حقيقتون سکون ٿا. ۽ انساني تهذيب جي سڀ کان وڌ بنيادي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ٻارن جي پرورش ۽ تربيت وڏن کي ڪرڻي آهي – ۽ ان لاءِ مسيح جو چوڻ آهي تہ "هي ننڍڙا ٻار– جن جو مون ۾ ايمان آهي (ڇاڪاڻ تہ اهي معصوم آهن، ۽ شيدائي آهن نيڪيءَ

---

[5] ڪتاب مقدس، متي 6/15_19

[6] ڪتاب مقدس– مرقس 1/42_45

[7] ڪتاب مقدس، متي 1/18_6

جي ڄاڻ ۽ ماڻ جا)۔ تن مان ڪنهن هڪڙي کي به جيڪو گمراهه ڪندو ان لاءِ چڱو ائين ٿيندو ته هڪڙو وڏو جنڊ جو پڙ سندس ڳچيءَ ۾ لٽڪائي کيس اونهي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏجي."[8] انهيءَ ڪري، هن ڪتاب کي اسان جا وڏا به ايترو ئي پڙهن، جيترو اسان کي اميد آهي ته اسان جا ننڍا ان کي پڙهندا. تنهن لاءِ ان جو هيءَ پيش لفظ ڪجهه تفصيل سان ۽ ڪجهه ڏکيريءَ ٻولي ۾ ۽ پڻ ڪجهه ڳوڙهي نموني لکيو ويو آهي. زندگيءَ جون بنيادي حقيقتون ۽ ڳالهيون، جيڪي هن ڪتاب جي پڙهڻ سان، مسيح جي مثالي ۽ اعليٰ ڪردار جي صورت ۾، ٻارن جي سامهون اچٽيون آهن۔ مثلا، انسانيت ۽ ان جا مخصوص قدر ۽ نشان۔ انهن ڏانهن خصوصي طور هن پيش لفظ ۾ ڪجهه کولي ۽ ڪجهه اشارن ۾ پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو ويو آهي۔ انهيءَ لاءِ ته اسين وڏا، جيڪي ٻاڻ کي وڏو ۽ پنهنجن ٻارن کي ٻاڻ کان ننڍو ٿا سمجهون، سي نه رڳو هن ڪتاب جي پڙهڻ لاءِ سڀ کان اول ٻاڻ آماده ٿيون، پر پنهنجن انهن ٻاٽان ننڍن کي انسانيت جي ان خُلق عظيم جي راهه تي هلائڻ جي صلاحيت پرائي سگهون، هلائڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ هلايون.

مون فلسفي جي تاريخ پڙهي آهي، مون سائنس جي تاريخ پڙهي آهي، ۽ مون مذهب جي تاريخ به پڙهي آهي. فيلسوف ۽ سائنسدان ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن بيان يا خيال جي هڪ کان وڌيڪ معنيٰ يا تفسير يا تعبير ڪو نه ڪندا آهن۔ جيئن مذهبي عالم پنهنجي هر خيال يا بيان جو تقريباً هر حالت ۾ ڪن ٿا ۽ پنهنجيءَ سڄيءَ علميت جو مانداڻ ان معنيٰ ۽ تعبير جي ڪثرت تي بيهارين ٿا. ۽ ٻيو ته فيلسوفن ۽ سائنسدانن ۾ اختلاف ته ٿين ٿا، پر دشمنيءَ جي حد تائين نه، جو ڳالهه وڃي جنگ ۽ جدل تائين پهچي! هو مذهب جي عالمن وانگر هڪٻئي کي ڪنهن به صورت ۾ واجب القتل ڪو نه سمجهندا آهن ۽ نه ڪڏهن برادريءَ مان خارج ڪندا آهن، ۽ نه ائين ڪرڻ لاءِ ڪڏهن هڪٻئي جي ڳالهين کي توڙي مروڙي، اصليت کان بگاڙي، ٻئي کي گهٽ ۽ فقط ٻاڻ کي ئي مٿي ڪندا آهن. مذهب

---

[8] ڪتاب مقدس۔ متي، 6/18

۾ ائين ڇو هوندو آهي ۽ مذهب جا عالم ائين ڇو ڪندا آهن ۽ فيلسوف ۽ سائنسدان ائين ڇو نہ ڪندا آهن. اهو هڪڙو بيحد اهم سوال آهي، ۽ جواب بہ ان جا ڪيئي ۽ ڪيترين ئي صورتن ۾ ڏيئي سگهجن ٿا. پر هڪڙو سبب اِن جو جيڪو ٻين سڀني سببن تي حاوي آهي، سو هيءُ آهي تہ فلسفو ۽ سائنس پاڻ کي سياست ۽ سياسي اقتدار جي ڪشمڪش کان پري رکن ٿا، ۽ خود پنهنجي برتريءَ ۽ بچاءَ لاءِ بہ ڪڏهن زور ۽ طاقت کان ڪم ڪو نہ ٿا وٺن، ۽ انهيءَ ڪري انهن جي ڪوشش جو دائرو سدائين سچ ۽ سچ جي ڳولا تائين محدود رهي ٿو. پر مذهب جا عالم سياست ۽ سياسي اقتدار جي ڪشش ۽ حرص[9] ۾ اچي، سچ جي ان دائري کان ٻاهر نڪري وڃن ٿا، ۽ ائين پنهنجي ايمان ۾ بہ ردوبدل ڪن ٿا ۽ پڻ پنهنجي پاڻ ۾ توڙي پنهنجن مخالفن سان فقط سياسي (رياستي) اقتدار جي رسہ ڪشيءَ ۾ "تون، تون ۽ مان مان" جي فرق ۽ فساد ۾ ونجي وڃن ٿا.

۽ اهڙيءَ ئي ايماني ردوبدل ۽ خالص "فرق ۽ فساد" جي ذهنيت حضرت مسيح جي تعليم سان پڻ، ٻين ڪيترين عجيب غريب ڳالهين سان گڏ هڪڙي ڳالهہ هيءَ بہ آڻي وابستہ ڪئي آهي تہ ان ۾ خدا کي پيءُ ۽ مسيح کي خدا جو پٽ مڃيل آهي. بلڪل ائين جيئن جاندار شين ۾ هوندو آهي (حالانڪہ وحدانيت جي تصور وارو خدا ڄمڻ ۽ ڄڻڻ جي اهڙيءَ ڪنهن صفت کان پاڪ آهي). پر حقيقت هيءَ آهي تہ مسيح جي تعليم ۾ ائين هرگز مڃيل نہ آهي. جتي انجيل مقدس ۾ مسيح پاڻ کي خدا جو پٽ ۽ خدا کي پنهنجو پيءُ چيو آهي، اتي ان ئي ڪتاب مقدس ۾ سوين ڀيرا هن پاڻ کي "ابن آدم" يا "آدمزاد" (Son of man) بہ چيو آهي، ۽ خدا کي هر انسان

---

[9] ڏسجي ائين ٿو. ڪم از ڪم تاريخ ائين ڏسي ٿي، تہ هر مذهبي/ نظرياتي دعوت (سواءِ ڪن محدود ۽ غير واضح استثنائن جي)، پنهنجي ابتدائي امنگ ۾ بہ صرف پنهنجي مخاطب قوم جو اتحاد، طاقت ۽ غلطو چاهيو ۽ گهريو آهي، ۽ اُن لاءِ هُن ٻيءَ هر قوم کي پنهنجي جارحانہ پيشقدميءَ ۽ استحصال جو نشانو بڻايو آهي. اُن مان جيڪڏهن اُن جي ڪنهن محڪوم ۽ تابع قوم جو پوءِ ڪو ذهني ۽ سماجي، سياسي ۽ اقتصادي پلو ٿيو بہ آهي تہ اهو محض نالي ماتر ۽ ضمني طور ۽ هڪ زيردست ۽ ضيمائي قوم جي حيثيت ۾، جو اُها ضميمائي قوم يا پوريءَ طرح علمبردار قوم ۾ ضم ٿي ويئي آهي، يا موقعو وٺي، وڏي جدوجهد کان پوءِ، غلاميءَ مان نجاب حاصل ڪئي اٿس ۽ پاڻ پري ٿي، دنيا جي آزاد، خودمختيار ۽ باوقار قومن جي صف ۾ وري پنهنجي جاءِ والاري سگهي آهي.

جو بلڪ سيني انسانن جو پيءُ ۽ انهن کي خدا جا پٽ يا ٻالڪ (Children of God) سڏيو آهي.[10] ظاهر آهي تہ "پٽ" ۽ "پيءُ" هتي تشبيهہ يا استعاري جي لفظن طور ڪم آيل آهن، جن مان مراد هڪ پاسي "مخلوق"، "بندو" وغيره ۽ ٻئي پاسي "اپائڻهار" (خالق)، "پالڻهار" (رب)، "ٻاجهارو" (رحمان) ۽ "مهربان" (رحيم) ٿي آهي، جيئن پيءُ پنهنجي پٽ لاءِ ٿيندو آهي- ۽ ٻي ڪابہ ڪانهي. اِهي لفظ بہ اڳين مسيح پنهنجي تعليم ۾ انهيءَ ڪري استعمال ٿي ڪيا، جو انهن ڏينهن ۾ اتي، خاص طرح يهودين ۾، جن وٽ ئي هن کي پنهنجي دعوت پيش ٿي ڪرڻي پيئي. مثلاً يهودين جا پادري پاڻ ئي سچيءَ، پنهنجي اسرائيلي قوم لاءِ چوندا هئا تہ "اسان جو هڪ ئي پيءُ آهي ۽ اهو خود خدا آهي."[11] انجيل ۾ ٻئي هنڌ خود مسيح پنهنجي ساٿين کي هدايت ڪندي چيو آهي: "۽ زمين تي ڪنهن کي بہ پنهنجو پيءُ نہ چئو ڇاڪاڻ تہ **اوهان جو پيءُ** هڪ ئي آهي، جو آسمان تي آهي."[12] مسيح اهي لفظ فقط تشبيهي ۽ استعاري لفظن طور استعمال ٿي ڪيا. ان جو پڌرو مثال انجيل جي ٻئي هڪ بيان ۾ بہ ملي ٿو.

[صليب تي چڙهڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، جڏهن مسيح آخري بار يروشلم ۾ آيو هو ۽ ماڻهن جا انبوهہ هن وٽ اچي رهيا هئا، ۽ هن کي شهيد ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون هيون، تڏهن ڪن ماڻهن جن ۾ يوناني بہ هئا، هن سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري: هن جي ساٿين جڏهن اها ڳالهہ هن سان ڪئي، تڏهن] "يسوع جواب ۾ انهن کي چيو "اهو وقت اچي ويو آهي جڏهن ابن آدم جلال حاصل ڪندو. آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ جيستائين

---

[10] اَلخلقُ عيالُ الله و احب الخلقِ الي الله من آحسنَ اِليٰ عياله-
مخلوق سڀ الله جو ڪٽنب آهي ۽ خلق مان الله وٽ سڀ کان وڌيڪ محبوب اُهو آهي، جو هن جي ڪٽنب لاءِ سڀ کان بهتر ثابت ٿئي. (حديث شريف)
ساڳيءَ طرح پنهنجي دعا ۾، جيڪا مسيح پنهنجن سيني ساٿين کي بہ سيکاري، جنهن کي اڄ بہ سڀ مسيحي "اسان جي مولا جي دعا" (Lord's Prayer) چون ٿا، اُن ۾ خدا کي "اسان جا پيءُ! Our Father) چئي سڏيو ويو آهي.

[11] ڪتاب مقدس- يوحنا، 41/18

[12] ڪتاب مقدس- متي، 9/23

ڪٽڪ جو داڻو زمين تي ڪري مري نٿو وڃي، تيستائين اهو اڪيلو ٿو رهي، پر جڏهن مري ٿو وڃي، تڏهن اهو گهڻو ڦل ٿو ڏئي. جيڪو پنهنجو ساهه پيارو ڪندو، اهو اُن کي وڃائيندو ۽ جيڪو دنيا ۾ پنهنجو ساهه ڪڙو ڪندو، اهو ان کي هميشه لاءِ بچائيندو. جيڪڏهن ڪو شخص منهنجي خدمت ڪرڻ گهري ٿو ته منهنجي پيروي ڪري، پوءِ جتي مان آهيان اتي اهو به هوندو. جيڪو منهنجي خدمت ڪندو [منهنجو سيني جو] پيءُ ان جو مان مٿي ڪندو. هاڻي منهنجو ساهه ڪنبي ٿو ته پوءِ مان ڇا چوان؟ - "اي بابا! مون کي انهيءَ گهڙيءَ کان بچاءِ؟" پر مان اِنهيءَ ئي لاءِ تہ اِن گهڙيءَ کي پهتو آهيان! [انهيءَ ڪري] آءٌ چوان ٿو "اي بابا! پنهنجي نالي کي جلال ڏي [يعني، پنهنجيءَ ڳالهه کي اوچو ڪر، ڪامياب ڪرا]" پوءِ آسمان مان آواز آيو- "مون [هميشه] ان کي جلال ڏنو آهي ۽ وري به ڏيندس." جيڪي ماڻهو بيٺا هئا ۽ ٻڌي رهيا هئا، انهن چيو "هيءَ ڪڪرن مان ڪھڙو آواز آيو!" ٻين چيو تہ "فرشتو هن سان همڪلام ٿيو." يسوع جواب ۾ چيو "هيءَ آواز مون لاءِ نه هو بلڪ اوهان لاءِ هو. هاڻي دنيا جي عدالت ۾ فيصلو ٿيڻو آهي، ۽ دنيا جي سردار کي ڪڍيو ويندو. ۽ مون کي جيڪڏهن زمين کان مٿي واري هنڌ تي چاڙهيو ويندو تہ سيئي ماڻهو مون ڏانهن ڇڪجي ايندا." هن انهيءَ ڳالهه سان اشارو ڪيو ٿي تہ هن جو موت ڪيئن ٿيڻو هو. ماڻهن هن کي جواب ڏنو تہ"اسان شريعت جي ڳالهه ٻڌي آهي تہ مسيح ابد تائين رهندو- پوءِ تون ڪيئن ٿو چوين تہ ابن آدم جو مٿي چڙهڻ ضروري آهي؟ هيءَ ابن آدم ڪير آهي؟" پوءِ يسوع انهن کي چيو تہ اجا ڪجهه وقت نور اوهان جي وچ ۾ آهي. جيستائين نور اوهان وٽ آهي [ان جي روشنيءَ ۾] هلندا هلو. ائين نہ ٿئي، جو اونده اچي اوهان کي گهيرو ڪري، ۽ جيڪو اونده ۾ هلندو آهي، ان کي خبر نہ پوندي آهي تہ ڪيڏانهن ٿو وڃي. جيستائين نور اوهان وٽ آهي، نور تي ڀروسو رکو تہ جيئن اوهين نور جا فرزند بڻجو."[13]

مطلب تہ ڪڏهن جڏهن مسيح پنهنجي تبليغي مهم ۾ پاڻ کي خدا جو پٽ ۽ خدا کي پنهنجو پيءُ ٿي چيو تہ اهو هن تشبيهي،

---

[13] ڪتاب مقدس- يوحنا، 12/20_36

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

استعاري ۽ علامتي انداز ۾ تي چيو- هن جي مراد انهن اصطلاحن جي لفظي معنيٰ سان هرگز ڪا نہ هئي.

ساڳيءَ طرح غير مسيحي عالمن توڙي مسيحي شريعت جي ڪن فرقن ۾ بہ هڪ اهڙي ئي غلط فهمي مسيحي تعليم بابت هيءَ پکڙيل يا پکيڙيل آهي تہ ان ۾ مسيحي مومن کي گناهہ ڪرڻ جي شهہ بلڪ ترغيب مليل آهي، ڇاڪاڻ تہ مسيحي خلق جي اجتماعي توڙي انفرادي گناهن جو بار حضرت مسيح پاڻ تي کنيو آهي ۽ انهن جي سڄي سزا پنهنجي پاڻ تي هموار ڪري، هن صليب تي چڙهڻ قبوليو ۽ شهادت جو جام پيتو. دراصل مسيحي تعليم ۾ اهو عقيدو ائين هرگز ڪونهي- بلڪ ان جي بلڪل ابتڙ آهي. ڏسجي ٿو تہ هن تهمت جو بنياد انجيل مقدس جي هيٺين ٻن آيتن جي غلط مطلب تي بيهاريو ويو آهي:

(1) [بيبي مريم جي مڱيندي، يوسف بن دائود، کي مسيح جي جنم جي بشارت ڏيندي، خدا جي فرشتي چيو:] "... تون ان جو نالو يسوع رکج، ڇاڪاڻ تہ اهو پنهنجن **ماڻهن کي سندن گناهن کان نجات ڏيندو.**"[14]

(2) "ٻئي ڏينهن هن [يوحنا بپستمي واري، جنهن مسيح جي اچڻ جي منادي ٿي ڪئي] يسوع کي پنهنجي طرف ايندي ڏسي چيو- "هو ڏسو اهو خدا جو گهيٽڙو آهي، جو **دنيا جا گناهہ کنيو پيو وڃي!**"[15]

"ماڻهن کي گناهن کان نجات ڏيڻ" يا "دنيا جا گناهہ کڻي وڃڻ" جي معنيٰ سنئين سڌي هيءَ آهي تہ ماڻهن کي [يا دنيا کي] براين کان پاڪ ڪرڻ- انهن اصطلاحن جي ٻي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪا معنيٰ ڪانهي- جيئن ماڻهن کي ڏسي چيو ٿي "هن اسان جون بيماريون لاٿيون ۽ اگهايون دور ڪيون."[16]

"خدا جو گهيٽڙو" اصطلاح ۾ بہ مسيح جي هيٺائي ۽ معصوميت ۽ هن جي بيگناهہ شهادت جو مفهوم موجود آهي، جنهن جو پس منظر توڙي مقصد انجيل مقدس ۾ مختصر لفظن ۾ هيٺينءَ طرح بيان ٿيل آهي:

---

14 ڪتاب مقدس- يوحنا، 21/1

15 ڪتاب مقدس- يوحنا، 29/1

16 ڪتاب مقدس-متي، 17/8

[جڏهن يسوع جي ڳالهين ۽ ڪمن کان متاثر ٿي، عام ماڻهن جا ٽولن ٽولا هن وٽ اچڻ لڳا، تڏهن يهودين جي] "وڏن فقيهن ۽ شرعي عالمن پنهنجي "صدر مجلس" گڏ ڪئي ۽ ان جي اڳيان دانهون ڪيون ته"هي اسين ڇا پيا ڪريون؟ هيءُ ماڻهو ته معجزا پيو ڏيکاري! جيڪڏهن اسين ڳالهه کي ائين ڇڏي ڏينداسين ته سيئي ماڻهو هن جي پٺيان لڳي پوندا ۽ رومي حاڪم اسان جي وڏي عبادتخاني ۽ پڻ سڄيءَ اسان جي قوم کي اچي وٺندا." ۽ انهن ۾ ڪائفا نالي هڪڙو شخص هو جيڪو انهيءَ سال جو سنڌن سردار ربي [مذهبي پيشوا] هو تنهن انهن کي چيو "اوهان کي ڪا خبر ڪا نه ٿي پوي، ۽ نه اوهين ڪجهه سوچيو ٿا. اوهان لاءِ بهتر آهي ته هڪڙو ماڻهو قوم لاءِ مري، پر سڄي قوم نه مري" هن اِها ڳالهه شخصي طرح پنهنجي پاران ڪا نه ٿي ڪئي، پر ان سال جي سردار ربيءَ جي حيثيت سان پيش بيني ڪندي، هن ائين ٿي چيو ته"يسوع کي قوم لاءِ مرڻو آهي- نه رڳو ان (يعني يهودي) قوم لاءِ، پر اِن لاءِ به ته هو [پنهنجي شهادت سان] سيني ٽڙيل پکڙيل خدا جي فرزندن کي گڏي هڪ ڪري" پوءِ هو انهيءَ ڏينهن کان هن کي قتل ڪرڻ جون سٽون سٽڻ لڳا."[17]

هيءُ يهودين جو سردار ربي، ڪائفا، مثال آهي تاريخ جي انهيءَ ڪردار جو جيڪو اجتماعي مفاد جي نالي ۾ خالص گروهي مفاد جي محافظ طور مذهبُ، سياست سان گڏجي، ادا ڪندو آهي. ان مرحلي تي اهو عام نجات يا عام مفاد جي پنهنجي ابتدائي عمل جي صلاحيت وڃائي، رڳو گروهي مفاد ۽ غرضڪاريءَ جو هٿيو بڻيل هوندو آهي، ۽ ان گروهي مفاد جي بچاءَ واسطي عوام کي سندن نجات جي هر انقلابي تعليم ۽ عمل ۽ ان تعليم ۽ عمل جي هر مبلغ ۽ اڳواڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان لاءِ پنهنجي هر پروپئگنڊائي حربي- سڌي اڻ سڌي، جائز ناجائز- کي ڪم آڻيندو آهي: حقيقتن کي، هر صداقت کي ۽ خود پنهنجي تعليم جي اصليت کي موڙڻ، مروڙڻ ۽ بگيڙڻ ان غرضڪار پروپيگنڊا جو سڀ کان وڌ اثرائتو ۽ چالو طريقي ڪار هوندو آهي. يهودي عوام کي مسيح جي اڳواڻيءَ

[17] ڪتاب مقدس-يوحنا، 11/47_53

۽ مسيح جي انقلابي تعليم جي اثر کان پري رکڻ لاءِ ڪائفا بہ اهو ئي طريقو ڪم آندو ۽ اڳتي هلي خود مسيحي شريعت جي عالمن توڙي ان جي مخالف مذهبي عالمن بہ پنهنجي گروهي غرضڪاريءَ لاءِ اهو ئي پروپيگنڊائي حربو استعمال ڪيو. مسيح لاءِ ائين چوڻ تہ هو پنهنجي امت جا گناهہ کڻي ويو ۽ ان جي عيوض پاڻ صليب تي چڙهي، سڄيءَ امت جي گناهن جي سزا بہ هن پاڻ تي هموار ڪئي - ۽ اها ڳالهہ ان جي عام پسند ۽ ظاهري معنيٰ ۾ ائين چوڻ- محض هڪ اهڙي ئي شاطرانہ يا پروپيگنڊائي ڳالهہ آهي - ۽ ان کان وڌيڪ ان جو ڪو وزن يا اهميت نٿي ٿي سگهي.

برخلاف اِن جي مسيح جي سون جهڙي صاف ۽ موتين جهڙي اوجل ۽ املهہ تعليم، جيڪا عمل ۾ انقلاب جي تعليم آهي، جنهن جو بنياد سنئون سڌو انسان جي پنهنجي ڪرتيءَ ۽ ان جي ڦل تي رکيل آهي، ۽ جنهن جو هن ڌرتيءَ تي انسان جي روشن ڪان روشن مستقبل ۾ يقين آهي- اهو مستقبل جنهن ۾ انسان کي پاڻ لاءِ نيڪيءَ ۽ پيار ڪمل ۽ انصاف جي آسماني بادشاهت اڏڻي آهي- اِن پنهنجي تعليم لاءِ مسيح جو پنهنجو چوڻ هي آهي:

• [گناهن کان] توبهہ ڪريو تہ ان مطابق عمل ڪريو.... پنهنجي دلين ۾ هي چوڻ جو خيال نہ ڪريو تہ ابراهيم اسان جو پيءُ آهي- ڇاڪاڻ تہ آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ خدا هنن پٿرن مان ابراهيم لاءِ اولاد پيدا ڪري سگهي ٿو- ۽ هاڻي وڻن تي ڪهاڙو رکيو آهي، پوءِ جيڪو وڻ سٺو ميوو نہ ڏيندو اهو ڪاٽبو ۽ باهہ ۾ وڌو ويندو. (متي- 7/3-10).

• آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ خدا جي بادشاهي اوهان کان کسي ويندي ۽ ان قوم کي ڏني ويندي، جيڪا ان مان ڦل پيدا ڪندي(متي- 43/21).

• حرامڪاري، ناپاڪي، شهوت پرستي، بت پرستي، جادوگري، عداوتون، جهڳڙا، حسد، غصو تفرقو جدايون، بدعتون، بغض، نشي بازي، ناچ رنگ، ۽ ٻيون اهڙيون بُرايون- اِنهن بابت اوهان کي ڀرين چئي ٿو ڇڏيان- جيئن اڳي بہ چِتائي چڪو آهيان- تہ اهڙن ڪمن ڪرڻ وارا خدا جي بادشاهيءَ جا وارث نہ ٿيندا (گلتيون- 19/5-21).

• [ياد رکو] هر هڪ کي ان جي ڪمن مطابق بدلو ملندو (متي_ 27/15).

• اوهين ڇا ٿا سمجهو؟ هڪڙي ماڻهوءَ جا ٻہ پٽ هئا. ان پهرئين وٽ وڃي چيو تہ"وڃ, اڄ تاڪستان [انگورن جي باغ] ۾ وڃي ڪم ڪر." ان جواب ۾ چيو "مان نہ ويندس_" مگر پوءِ پڇتايائين ۽ [ڪم ڪرڻ لاءِ اوڏانهن] هليو ويو. پوءِ ٻئي پٽ وٽ وڃي هُن اهڙيءَ ئي طرح چيو. جنهن جواب ڏنس "حاضر بابا!" پر هو ڪم تي نہ ويو. انهن ٻنهي پٽن مان ڪهڙي پٽ پنهنجي پيءُ جي مرضي پوري ڪئي؟ انهن چيو "پهرئين."(متي_ 21/28-31).

• جيڪڏهن اوهين اِهي ڳالهيون ڄاڻو ٿا تہ مبارڪ آهيو بشرطيڪ اوهين انهن تي عمل ڪريو. (يوحنا_ 17/13).

• اي رياڪار فقيهو ۽ فريسيؤ [طريقت جا صاحبؤ]. اوهان تي افسوس, جو آسماني بادشاهيءَ جا دروازا ماڻهن تي بند ٿا ڪريو_ نہ اوهين پاڻ ان ۾ داخل ٿا ٿيو ۽ نہ داخل ٿيڻ وارن کي ان ۾ داخل ٿيڻ ٿا ڏيو (متي_ 23/12).

• [ياد رکو] "سبت" ماڻهوءَ لاءِ آهي نہ ماڻهو "سبت" لاءِ_ ابن آدم "سبت"[18] جو مالڪ آهي (مرقس_ 3/37).

• ... اڄ تائين آسمان جي بادشاهيءَ تي زور [جهيڙو] ٿيندو پئي رهيو آهي ۽ زوراورا ها کسيندا ۽ پنهنجي حوالي ڪندا پئي رهيا آهن (متي 11/12).

• پوءِ اوهين ... انهن کي هيءَ تعليم ڏيو تہ انهن سيني ڳالهين تي عمل ڪن, جن جو مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي. (متي_ 28/20).

• نئون شراب پراڻين مشڪن ۾ نہ پربو آهي, ڇو تہ ائين اهي ڦاٽي پون ٿيون ۽ شراب هارجي ٿو وڃي ۽ مشڪون برباد ٿي وڃن ٿيون. نئون شراب نين مشڪن ۾ پربو آهي, ۽ ائين شراب ۽ مشڪون ٻيئي بچنديون آهن [۽ ڪم ايندڀون آهن]. (متي_ 9/17).

• ڪوبہ نئين پوشاڪ مان ڦاڙي پراڻيءَ پوشاڪ کي اڳڙي ڪانہ ٿو هڻي_ ائين نئين بہ ڦاٽندي ۽ ان جي اڳڙي پراڻيءَ سان ميل بہ ڪانہ کائيندي (لوقا_ 5/37-38).

---

[18] مطلب تہ ڪوبہ مذهبي حڪم يا قانون, بلڪ خود مذهب سچي جو سچوءِ پوري جو پورو.

• آءُ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ جيڪو مون تي ايمان ٿو رکي، هي ڪم جيڪي آءُ ڪريان ٿو سي بہ ڪندو، پر انهن کان بہ وڏا ڪم ڪندو (يوحنا۔ 12/14).

• مسيح 33 سال ۽ 9 مهينن جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ صليب تي چڙهي شهيد ٿيو. ٽيهن سالن جي عمر کان پوءِ ئي هن پنهنجي پيغام، پنهنجي تعليم يا هن ڌرتيءَ تي پنهنجي "آسماني بادشاهت" اڏڻ جي ماڻهن کي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. هن کي فقط پوڻا چار ورهيہ پنهنجي دعوت جي عام ڪرڻ لاءِ مليا. هن ٿورڙي وقت ۾ هن جي دعوت جو اثر ۽ نتيجو هر لحاظ کان بي مثل ۽ حيرتناڪ ثابت ٿيو. اڄ بہ مذهبي سڃاڻپ جي خيال کان، مسيحي دنيا، مقدار توڙي ماهيت ۾، باقي سڄي دنيا ۾ اڳيري ۽ پڙ مٿيري ڏسجي رهي آهي. لامذهب دنيا کي ڇڏي، ٻي سڄيءَ دنيا، صيهوني ۽ اسلامي دنيا سميت، اڄ هر طرح مسيحي دنيا جي ئي آڏار ۽ اڳواٽيءَ هيٺ آهي.

• اڄ اسان جي اها سڄي مذهبي دنيا پنهنجي "بچاءَ" ۾ ديوانہ وار هٿ پير هڻي رهي آهي. پر افسوس، هيءَ اسان جي اڄوڪي دنيا، بہ هزار سال اڳ واريءَ صيهوني دنيا وانگر، پنهنجن انبيائن سڳورن جي نالن ۾، جيڪي ڪجهہ بچائڻ گهري ٿي، سو اهو نہ آهي، جنهن کي انهن قائم ڪرڻ گهريو ٿي بلڪ اهو ئي آهي، جنهن کي انهن پاڻ ختم ڪرڻ ٿي گهريو. مسيح پنهنجي دور جي انهيءَ ئي دنيا جي سردار ربين ۽ قومي بزرگن کي مخاطب ٿيندي اها ئي ڳالهہ چئي هئي ۽ اڄ اسين بہ پنهنجن عالمن، بزرگن ۽ مشائخن کي بلڪل انهن ئي لفظن ۾ اها ڳالهہ چئي ٿا سگهون تہ:

• اي رياڪار فقيهو ۽ فريسيو، اوهين ڦودني، سونفن ۽ جيري جي تہ ڏهين پتي ڪيو ٿا، پر شريعت جي وڏين ڳالهين يعني انصاف رحم ۽ ايمان کي اوهان ڇڏي ڏنو آهي... اي انڌا اڳواڻؤ مڇر تہ ڇاڻي ٿا ڪيو، پر اٺ ڳهيو ٿا وڃو!

• اي رياڪار فقيهو ۽ فريسيو، اوهين سفيد پوچيءَ لڳل قبرن وانگر آهيو جيڪي ٻاهران تہ سهڻيون لڳن ٿيون، پر انهن ۾ مئلن جا هڏا ۽ هر طرح جو ڪچرو پيل آهي.

• اي رياڪار فقيهو ۽ فريسيو اوهين نبين جا روضا تہ اڏيو ٿا ۽ صاف رکو ٿا ۽ متقين ۽ صالحن جون قبرون تہ سينگاريو ٿا ۽ چئو ٿا تہ اوهين پنهنجن ابن ڏاڏن جي زمانن ۾ هجو ها تہ انهن نبين ۽ متقين جي مارڻ ۾ شريڪ نہ ٿيو ها... اي نانگئو نانگن جا ٻچؤ...

• اي رياڪار فقيهو ۽ فريسيو اوهين آسمان جي بادشاهيءَ جا دروازا بند ٿا ڪريو.. نہ پاڻ ٿا ان ۾ داخل ٿيو ۽ نہ ٻين کي ان ۾ داخل ٿيڻ ٿا ڏيو.

• اي احمقؤ اي اکين کان انڌؤ سون وڏي شيءِ آهي يا "خدا جو گهر"... خبردار پنهنجي لاءِ زمين تي مال گڏ نہ ڪريو... ڇا لاءِ جو جتي مال هوندو اتي اوهان جي دل بہ هوندي. بدن جو ڏيئو اک آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان جي اک نيڪ هوندي، تہ اوهان جو سڄو بدن روشنيءَ سان ڀريل هوندو. جيڪڏهن اوهان جي اک بڇڙي هوندي، تہ اوهان جو سڄو بدن اونده سان ڀريل هوندو ۽ اوهان ۾ جيڪا روشني آهي، سا ئي جي اونده ٿي پيئي، تہ اها ڪيڏي نہ وڏي اونده چئبي! (متي- 16,13/23, 24-23, 23-19/6).

مسيح پنهنجي دور جي ان زرپرست ۽ جاه پرست دنيا جي اها اونده ختم ڪرڻ گهري ٿي- مال ۽ ملڪيت ۽ ڦرلٽ جي اونده، ڏاڍ ۽ ظلم جي اونده، مالدارن ۽ ڏاڍن جي حيوانيت جي اونده ۽ اها روشني قائم ڪرڻ گهري ٿي- انصاف، رحم ۽ ايمان جي روشني، پيار ۽ ڪهل ۽ زندگيءَ جي احترام جي روشني، انسانيت جي روشني - ۽ انهيءَ ئي کي هن "آسماني بادشاهت" سڏيو ٿي.

مسيح جي ان دعوت عظيم جي تياريءَ ۽ تعميل جي ڳالهہ ڏاڍي هڪ عجيب ۽ عبرت آموز ڳالهہ آهي. هيءَ ڪتاب "ٻارن جو مسيح" اها ڳالهہ ڏاڍن سهڻن ۽ سادن لفظن ۾ ۽ گهڻي قدر ۽ سڄي سربستي اسان کي ٻڌائي ٿو. مسيح جي ان "آسماني بادشاهت" جي اڏاوت جو ڪم، جيئن جڳن جا جڳ مسيح کان اڳ تيئن انساني سماج ۾ ڪانئس بہ هزار ورهيہ پوءِ اڄ بہ جاري آهي. ان لاءِ مسيح پنهنجي دور ۾ ڇا سٺو ۽ ڇا ڪيو. مسيح جي عمل جي ان رستي جي واقفيت انهن لاءِ جيڪي ڌرتيءَ تي انسانن لاءِ ان "آسماني بادشاهت" جي تعمير ۾ حصو وٺڻ گهرن ٿا، بيحد ضروري آهي.

ڏاڍو افسوس جو مقام آهي، جو اڄ جو عام انسان رڳو پنهنجي مذهب جي ڳالهه، سا بہ رڳو خالص پروپيگنڊائي نوع جي، ٻڌيو خوش خوش پيو هلي ۽ ٻين مذهبن جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪان سواءِ يا رڳو تبرائي نوع تي ٻڌيو انهن لاءِ نفرت يا ڪم از ڪم ٻيائيءَ ۽ ويڇي وارا ۽ هتڪ آميز خيال ۽ جذبا ڪنيو فارغ ۽ بي خطر گهمندو ٿو رهي- جڏهن ان عقيدي ۽ محبت ۽ ان خيال ۽ نفرت سان هن جون پنهنجي پاڻ ڏانهن ۽ پنهنجي سماج ڏانهن سڀ ذميواريون پوريون ٿيون، ۽ وڏيڪ رڳو ڪيس پنهنجي پيٽ جي پوڄا ۽ وڌ ۾ وڌ تہ پنهنجن پونگرن جي پيٽ جي پورت ڪرڻي آهي، جيڪي بہ سندس پنهنجي ئي غرضڪاريءَ جي نتيجي ۾ ضمني طور پيدا ٿي پيا - ۽ ان لاءِ هو چپ چاپ، بي سرتيو ۽ بي ساڃاهو چوويهہ ئي ڪلاڪ مک وانگر مٿو پٽيندو رهي! هيءَ هڪ خالص حيواني طرز زندگي آهي، جا اسان جي عام تي مڙهي ويئي آهي، تہ جيئن اسان جا خواص زندگيءَ جي سڄي سهولت ۽ سمورو سک ماڻي سگهن، ۽ اوباري بہ سگهن. پر ان صورتحال ۾ اهي اسان جا خواص پاڻ بہ حيوان ئي رهن ٿا. ۽ اها سندن هڪ پاسائين مال ۽ اقتدار جي سڄي دنيا ائين حيوانيت جي اوندهہ ۾ ٻڏي وڃي ٿي ۽ ان ۾ انسانيت جو ساهہ گهٽجي ٿو ۽ اها روشنيءَ لاءِ واجهائي ٿي- پيار، ڪهل ۽ انساني احترام جي روشنيءَ لاءِ - بلڪل ائين جيئن چيو وڃي ٿو تہ شروعات ۾ پيدائش وقت هو جڏهن "زمين بي ترتيب ۽ ويران هئي، ۽ خلا ۾ اوندهہ هئي.... ۽ خدا چيو تہ "روشني ٿئي!" ۽ روشني ٿي. ۽ خدا روشني ڏٺي تہ روشني چڱي هئي! ۽ خدا روشنيءَ کي اوندهہ کان جدا ڪيو...."[19]

مسيح هڪ ڀيرو جڏهن انساني ڏرتيءَ کي ازل کان گهربل "روشنيءَ کي اوندهہ کان ڌار ڪرڻ جي هيءَ تعليم يروشلم" ۾ وڏي "خدا جي گهر" ۾ ڏيئي رهيو هو تہ سردار ربين، فقيهن ۽ قوم جي بزرگن وڏي ڪانئس پڇيو تہ "تون اِهي ڪم ڪنهن جي اختيار سان ڪري رهيو آهين ۽ اها اختياري توکي ڪنهن ڏني آهي؟" مسيح جواب ۾ هنن کي چيو تہ "مان

---

[19] ڪتاب مقدس، پراڻو عهدنامو، پيدائش- 2/1، 3 ۽ 4

بہ اوهان کان هڪڙي ڳالهہ ٿو پڇان. جيڪڏهن اها مون کي ٻڌائيندا تہ مان بہ توهان کي ٻڌائيندس تہ هي ڪم ڪنهن جي اختيار سان ڪريان ٿو. [اوهين مون کي ٻڌايو تہ] يوحنا جو بپتسمو [آسماني بادشاهت لاءِ تيار ٿيڻ جو سڏ] ڪنهن جو هو؟ آسمان جو يا انسانن جو؟" هو پنهنجي پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ "جيڪڏهن ٿا اسين چئون، آسمان جو هو تہ هو اسان کي چوندو تہ پوءِ اوهان ڇو ان تي يقين نہ ڪيو؟ ۽ جيڪڏهن چئون ٿا تہ انسانن جو تہ اسين ڇڻ عوام کان ڊڄون ٿا. ڇو تہ سڄو عوام يوحنا کي نبي مڃي ٿو!" پوءِ هنن جواب ۾ مسيح کي چيو تہ "اسان کي خبر ناهي." هن بہ انهن کي چيو تہ "پوءِ اوهان کي مان بہ نٿو ٻڌايان تہ هي ڳالهيون ڪنهن جي اختياريءَ سان ڪريان ٿو. پر اوهين ڇا ٿا سمجهو؟.... [ڀلا] هيءُ ٻيو مثال ٻڌو. هڪڙي گهر جو مالڪ هو جنهن انگورن جو باغ لڳايو ۽ ان جي چوڌاري پٽ ڏياري ۽ ان ۾ رس ڪيڻ لاءِ حوض جوڙايو ۽ پيهو اڏايو ۽ اهو آبادگارن کي ٺيڪي تي ڏيئي پاڻ پرڏيهہ هليو ويو. جڏهن فصل جي موسم ويجهي آئي، تڏهن هن پنهنجا ماڻهو آبادگارن ڏانهن فصل ڪٽڻ لاءِ موڪليا. آبادگارن هن جي ماڻهن کي جهلي، هڪڙي کي مار ڏني، ٻئي کي ماري ڇڏيو ۽ ٽئين کي پٿر اڇلائي هنيا. پوءِ هن ٻيا اڳين کان گهڻا پنهنجا ماڻهو موڪليا. پر هنن انهن سان بہ اها ئي ڪار ڪئي. نيٺ هن ائين چئي، پنهنجو پٽ هن ڏانهن موڪليو تہ "هو منهنجي پٽ جو تہ لحاظ ڪندا." جڏهن آبادگارن هنن جي پٽ کي ڏٺو تڏهن هڪٻئي کي چيائون تہ "هيءُ ئي وارث آهي، اچو تہ هن کي ماري هن جي ميراث تي قبضو ڪري وٺون." ۽ هن کي جهلي، باغ مان ٻاهر نيئي، ماري ڇڏيائون... هاڻي، ڀلا جڏهن باغ جو مالڪ پاڻ ايندو تہ انهن آبادگارن سان ڪهڙي ڪار ڪندو؟" انهن جواب ڏنو تہ "انهن بدڪارن کي هو صفا ختم ڪري ڇڏيندو ۽ باغ جو ٺيڪو ٻين آبادگارن کي ڏيندو، جيڪي مند تي فصل جو حساب ڏين." پوءِ مسيح هنن کي چيو تہ "ڪتاب مقدس ۾ اوهان هي بہ پڙهيو آهي تہ "جيڪو پٿر رازن ڇڏي ڏنو اهو ئي آخر ۾ عمارت جي مهڙ جو پٿر بڻيو. خدا جي مرضيءَ سان ائين ٿيو ۽ اهو ڏاڍو بهتر ٿيو." انهيءَ ڪري آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ "خدا جي بادشاهي اوهان کان کسي ويندي ۽ انهيءَ قوم کي [يعني، انهن کي] ڏني ويندي، جيڪي ان

جي فصل جو حساب ڏيندا. جيڪو هن پٿر سان ٽاڪرجندو سو پرزا پرزا ٿي ويندو ۽ جنهن تي اهو ڪرندو سو پيسجي ويندو.“ جڏهن ربين ۽ فقيهن ۽ فريسين مسيح جا هي مثال ٻڌا، تڏهن سهي ڪيائون ته ”هي اسان بابت ٿو چوي.“[20]

ڇا، اسين پنهنجي هن موجوده دنيا جا عالم، فقيهه ۽ مشائخ ۽ قومن جا بزرگ، جيڪا دنيا صيهوني ۽ اسلامي دنيا سان گڏ، مسيحي دنيا جي اڳواڻيءَ ۾ پنهنجن انبيائن جي نالي ۾ ديوانه وار اڄ پنهنجي بچاءَ ۾ مصروف آهي، اِنهن مسيحي ڳالهين ۽ مثالن مان سهي نٿا ڪري سگهون ته اهي مثال ۽ اهي ڳالهيون سڀ اسان بابت ئي آهن! يعني اسين اڄ انهن رياڪار فقيهن ۽ فريسين وانگر پنهنجن نبين ۽ متقين ۽ متقدمين جي تعليم جو رڳو نالو ڪيو ويٺا آهيون- نه انهن جي ڪردار ۽ مثالن مان رهنمائي وٺون ٿا، نه انهن جي دعوت جي فعال اصولن کي سمجهون ٿا- انهن کي قبولڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ته پري رهيو- نه پنهنجي دور جي مسئلن کي ديانتداريءَ سان حل ڪرڻ گهرون ٿا، ڇو ته اهي مسئلا اسان جي پنهنجي سنڌالي ۽ سٽيي وجود جا ئي نتيجا آهن ۽ انهن جي حل يا خاتمي ۾ اسان جي پنهنجي سنڌالي ۽ سٽيي وجود جو موت آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي اسين پنهنجن اڄوڪن ”نبين“، ”متقين“ ۽ ”صالحن“ کي به جيڪي اهي مسئلا حل ڪرڻ گهرن ٿا ۽ اِنهيءَ ڪري اسان جا زنده مسيح آهن، رد ڪريون ٿا، اذيتون ۽ عذاب ڏيون ٿا، جيلن ۾ وجهون ٿا، ماريون ٿا ۽ قتل ڪريون ٿا. فرعون پنهنجي ”موسيٰ“ جي پيدا ٿيڻ جي امڪان کي ختم ڪرڻ لاءِ مصر جي يهودين جي سڀني پٽن کي ڄمڻ سان ئي مارايو ٿي، ۽ يهوديه جي رومن حاڪم هيروڊ به ”مسيح“ جي پيدا ٿيڻ جي امڪان کي روڪڻ لاءِ ٻن سالن کان گهٽ عمر جي سڀني معصومن کي مارايو هو. اسان جي اڄ جي دنيا جا فرعون ۽ هيروڊ ائين سو ڪونه ٿا ڪن- ڪم از ڪم سڌيءَ طرح ۽ پڌري پٽ ائين ڪونه ٿا ڪن- باقي ”مسيح“ کان، اهي ۽ اُن قديم دور جي يهودي سردار ربيءَ ڪائفا جهڙا اڄ جا عالم ۽ فقيه، صاحب

[20] ڪتاب مقدس، لوقا، 20/1_19

شريعت ۽ صاحب طريقت، مفتي ۽ مشائخ بہ اهڙا ئي خائف ۽ باغي آهن. ۽ هڪ تہ ان کي ذهني طور اسرڻ نتا ڏين، ۽ جي ڪنهن طرح هو سندن درسگاهن ۽ تربيت گاهن ۽ سندن "سماج" ۾ اسري بہ ٿو تہ ان سان هو اها ئي ڪار ٿا ڪن، جيڪا اسرائيلين جي سردار ربين، قومي بزرگن ۽ رومي حاڪمن ان بي مثل باغيءَ ۽ انقلابي نوجوان، مسيح عليه السلام، سان ڪئي هئي- فقط سندن ڏاڍ ۽ ظلم جا روپ بدليل آهن ۽ سندن اذيتون ۽ عذاب، ۽ سندن صليبڻ جا طريقا ٻيا ٻيا آهن.

پر جيسين فرعون موجود آهن، تيسين انهن لاءِ موسيٰ بہ پيدا ٿيندا ئي رهندا. جڏهن بہ هزار ورهيہ اڳي رومن هيروڊ ٻالڪ مسيح کي ماري نہ سگهيو تہ اڄ ويهين صديءَ جي آخر ۾ ڪو چنگيز ڪو هلاڪو ڪو نادر بہ ڪٿي ڪنهن ٻالڪ، جو وار ونگو ڪري نٿو سگهي، ۽ ڪهڙي خبر ڪنهن ملڪ جو ڪهڙو ٻالڪ ان ملڪ جي آئيندي جو مسيح بنجڻو آهي، ۽ ان لاءِ ڪهڙي خوش نصيب ماءُ پيءُ کي مريم ۽ يوسف ٿيڻو آهي ۽ ان جي ولادت ۽ تربيت جو شرف لهڻو آهي- ڪيئن چئجي، اهي اسان جي آسپاس، آسمان سان ٻَر ميچيندڙ ڪنهن محل جي اوٽ ۾ بيٺل ڪنهن جهوپڙي، يا ڪنهن مال جي واڙي جا ئي ڪي ڏتڙيل رهواسي هجن!

هن ڪتاب تي ڪم ڪندي، مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجا ساٿي ۽ واقفڪار جيڪي منهنجا خيال ڄاڻن ٿا، تن جي دل ۾ هن جي پڙهڻ سان ضرور اهو سوال ايندو تہ مذهب ۽ مذهب سان لازم ان جي "غيب" ۽ "فطرت کان اوچين" ڳالهين بابت ڇا ٿو چئي سگهجي. مذهب جو ڪرشمو منهنجي نظر ۾ هڪ عظيم ڪرشمو آهي، ۽ اهو ڪرشمو انساني زندگيءَ جي تمام ڊگهيءَ مدت، بلڪ ان جي لکن سالن جي مدت، سان واڳيل رهيو آهي، ۽ ان ڪرشمي جو اظهار جڳن جا جڳہ "مذهبي انقلابن" جي صورت ۾ ٿيندو پئي آيو آهي، ۽ ڪافي ايامن کان پوءِ انساني تاريخ جي هڪ منزل تي پهچڻ کان پوءِ مذهبي انقلابن جو هي عبرتناڪ سلسلو ختم ٿيو ۽ ان خاتمي جي دعوا ۽ اعلان نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ ' جن پاڻ ڪرڻ فرمايو. ان جي معنيٰ اِها بہ ناهي تہ نزول وحيءَ جي خاتمي سان خود انقلابن جو سلسلو ئي ختم ٿي ويو. حقيقت هيءَ آهي تہ انقلابن جي مذهبي

سلسلي جي خاتمي کان پوءِ، دنيا ۾ ڪيئي انقلاب آيا، جن کي دنيوي يا دنيائي (Worldly/Secular)، ارضي يا ارضياتي (Earthly/Secular)، انقلاب چئجي ٿو ۽ جيسين هيءَ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ تي حضرت انسان جو قيام آهي، تيسين انسانيت جي تربيت ۽ ارتقا جا انقلاب ايندا رهندا.

مذهب جي "غيب" ۽ "معجزي" جي ڳالهه يا ڳالهيون، انساني زندگيءَ جي مطلقاً بنيادي ۽ اصولوڪي ٻه- ٽڪي مسئلي، يعني مقاصد ۽ ذرائع" (Ends and Means) جي دائري ۾ ايندڙ ڳالهيون آهن: هڪ راسخ العقيده مسيحي وڏي عالم مائيڪل- ڊي انمونو جي لفظن ۾، "خدا جي هئڻ کي محض معنيٰ ته خدا جي هئڻ جي خواهش رکڻ ۽ تنهن کان وڌيڪ اِها ته عمل ائين ڪرڻ جڻ هو آهي." ٻئي هڪڙي اهڙي ئي راسخ مسيحي عالم لي ڪامتي ڊو نو ويءِ جنهن ئي اِها متين ڳالهه پنهنجي ڪتاب "ماڻهوءَ جي منزل" (Human Destiny)[21] ۾ لکي آهي، جو چوڻ آهي ته "جيڪو تصور خدا جو اسين تخليق ڪريون ٿا، اهو خدا جي هئڻ جو ثبوت ڪونهي، پر جيڪا ڪوشش ان تصور جي تخليق ڪرڻ ۾ اسين صرف ڪريون ٿا، اها ان جو ثبوت آهي." اسان جي ۽ دنيا جي صوفي درويشن مان جڏهن ڪو "ڪل انسان" جي صورت ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي، يا پاڻ کي "ڪل انسان" جو مثال سمجهي، چوي ٿو ته "الهه آدمي بن آيا" يا "آهيان پاڻ الله، عشقوُن ڪٺي عبد سڏايم"- ته اهو به اها ساڳي ڳالهه ٿو ڪري ٻئي پاسي، سماج ۾ رهندڙ انسان جي ازلي امنگن يا قدرن، يعني "امن، اتحاد ۽ ترقي"، يا "پيار سپنڌ ۽ سک" يا "حسن، نيڪي ۽ خير" جي هر آدرش جي هئڻ جي ڳالهه به ائين آهي- يعني، اسان جي خواهش اها آهي ته اهي هجن ۽ تنهن کان وڌيڪ هي ته اسان جي عمل جو اظهار ائين ٿئي، جڻ اهي واقعي آهن، ۽ ٻيو ته انهن جي هئڻ جو ثبوت به اهو ڪونهي ته اسان انهن جو ڪو تصور ڪيو آهي، پر اها ڪوشش ان جو ثبوت آهي، جيڪا انهن جي تصور تائين پهچڻ يا ان کي حقيقت جي روپ ڏيڻ لاءِ اسين

---

21 Lecomte du Nouy: "HUMAN DESTINY', The New American Library, 4th printing, 1956, P.99.

ڪريون ٿا. انهيءَ طرح، دراصل آدرش بہ هڪ غيب آهي، جيئن غيب بہ هڪ آدرش آهي. ۽ ائين غيب ۾ ايمان ۽ آدرش ۾ ايمان جو فرق رڳو سمجهڻ لائق (Academic) يا رڳو لفظي يا اصطلاحي قسم جو وڃي ٿو بيهي – ۽ پوءِ ڳالھ وڃي اتي ٿي ڇيهہ ڪري تہ ڪهڙيءَ صورتحال ۾ ڪهڙي اصطلاح جي لباس وارو تصور يا فڪر حقيقت جي دنيا ۾ وڌيڪ صورت پذير يا بارآور ثابت ٿي رهيو آهي. ۽ اِهو خالص ذرائع (Means) جو علم (Theory) جي مقابلي ۾ عمل (Practice) جو ۽ قول (words) جي مقابلي ۾ فعل (Deeds) جو سوال ٿيو ٿو بيهي! ۽ ان ۾ سمجهڻ جي ڳالھ هيءَ نڪري ٿي اچي تہ بدلجندڙ (وڌندڙ سڌرندڙ) سماج ۾ رهندڙ انسان جا ازلي مقاصد- پيار سڀنڌ ۽ سک جا، امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جا، حسن، نيڪيءَ ۽ خير جا- جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ عميق ۽ وڌيڪ وسيع ٿيندا رهن ٿا، ۽ انهيءَ ڪري انهن جي حاصل ڪرڻ جا يا انهن کي حقيقت جي روپ ڏيڻ جا ذريعا بہ متبا، بدلجندا، بلڪل نوان نہ تہ بہ مختلف، گهڻ- پاساوان ۽ مشڪل ضرور ٿيندا ٿا رهن. ۽ ان صورت ۾ خصوصاً جڏهن غيب جي واسطي سان مذهبي انقلابن جو سلسلو بہ ختم ٿيل آهي، تہ ان غيب جي حمايت يا وساطت جو ان کان اڳ يعني ان جي پنهنجي دور ۾ عقلي طور ڪهڙو بہ جواز يا تعبير هو يا نہ هو ان کي هاڻي غير ضروري نہ تہ بہ ناممڪن سمجهي (ڇو تہ نزول وحيءَ جي اِلقاء کان قطعاً محروم آهيون). اسان لاءِ سواءِ پنهنجي عقل جي راهہ تي هلڻ جي باقي ٻيو رستو رهيو بہ ڪهڙو آهي. جو اهو وٺي هلون! هاڻي، البت، ان رستي سان ويندي ويندي، اسين اڳين رستن جا پراڻا آثار ڏسي، جانچي، نشانن کي سڃاڻي، انهن جي توررتڪ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهون ٿا- تہ ڪهڙين ڪهڙين حالتن ۾، ڪهڙي منزل ۽ ڪهڙي درجي جي مقصدن لاءِ ڪهڙا نتيجا- نظري ۽ عملي، ڏيکاريندڙ ۽ هرڪائيندڙ عقلي ۽ معجزائي، معلوماتي ۽ پروپيگنڊائي وغيره وغيره- ڪم آندا ويا ۽ انهن مان ڪهڙن ڪهڙن، ڪٿي ۽ ڪيئن پنهنجو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ اسين، هاڻي، جيڪا ڪجهہ سمجهہ، جو ڪجهہ فڪر، وسيلي طور، پنهنجي عقل جي رستي سان اڳتي وڌڻ لاءِ، ساڻ کڻي سگهون، سو ڪهڙو ۽ ڪيترو؟ ڇو تہ اسين ان سلسلي نزول وحيءَ جي قطع ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪافي اڳتي وڌي آيا

آهيون، ۽ اسان کي ائين اڳتي وڌندي رهڻو ئي آهي- جيئن اسين ۽ ٻيا جيڪي ان سلسلي جي هر قدم کي اهم سمجهون ٿا ۽ ان هر قدم لاءِ پنهنجي وقت جي ڊٽيل اڳواڻ کي مڃون ٿا، تن کي مسيح جا هي لفظ اهڙيءَ ريت اڳتي ۽ نت اڳتي وڌڻ لاءِ اپاريندا ۽ للڪاريندا رهن ٿا، جيڪي هن آخر ۾ پنهنجن ساٿين کي چيا هئا: "آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ اوهين هي ڪم جيڪي آءٌ ڪريان ٿو (انساني عقل جا، ۽ پڻ عقل کي عاجز ڪرڻ جا يعني "معجزا") سي بہ ڪندا، پر انهن کان بہ وڏا ڪم ڪندا!"[22]

۽ ان عظمت جي وڏ کان وڏ بلندين تائين پهچندي رهڻ لاءِ، ذريعي طور هن اسان کي سڀ کان اول پنهنجي "اکين کان ڪم وٺڻ" لاءِ، يعني پنهنجي مشاهدي، پنهنجي تجربي ۽ پنهنجي جاچ (ٻين لفظن ۾ پنهنجي عقل) کي استعمال ڪرڻ ۽ ان سان پنهنجي راهہ کي روشن رکڻ لاءِ چيو آهي- "اوهان جون اکيون اوهان لاءِ سوجهري جا ڏيئا آهن. ائين هرگز نہ ٿيندو آهي تہ ڪو ڏيئا ٻاري، انهن کي مٽ هيٺان لڪائي رکي ڇڏي. ڏيئن کي ٻاري پاڻ مٿي رکبو آهي تہ جيڪي اندر اچن سي انهن جي سوجهري ۾ سيڪجهہ ڏسن. اوهان جون اکيون درست آهن [۽ ڏسن ٿيون]، تہ اوهين سوجهري ۾ آهيو. پر جڏهن اوهان جون اکيون ناقص آهن [۽ نٿيون ڏسن]، تہ اوهين سچا اونداهيءَ ۾ آهيو. انهيءَ ڪري، پوري سعيي سان سدائين پاڻ وٽ اوندهہ بدران سوجهري کي موجود رکو. جيڪڏهن اوهين پوري سوجهري ۾ هوندا ۽ ڪا بہ اوندهہ اوهان وٽ نہ هوندي، تہ اوهين سچو ڏيک چٽو ڏسندا- چڻ اوهين پاڻ ڏيئا آهيو [۽ اوهان جي پنهنجي روشنيءَ سان اوهان جو رستو روشن آهي.][23]

"مقاصد" (Ends) جي سلسلي ۾ هيئن ٿو چئي سگهجي (۽ اِن تي سماوي ۽ ارضي طرز فڪر ٻنهي جو اتفاق آهي) تہ مقصدن جو مقصد انسان پاڻ آهي- هر ڪوشش، هر ڀلائي ۽ هر تربيت ۽ هر تنظيم انسان جي پنهنجي نجات ۽ پنهنجي عروج لاءِ آهي- انفرادي طور بہ ۽ اجتماعي طور بہ،

---

[22] يوحنا_12/14

[23] لوقا_ 11/33_37

بلڪ جڏهن ڪان انسان سماجي طرز زندگيءَ ۾ پير رکيو ۽ مٿس، يعني انسانن مان ڪنهن هڪ انسان تي بہ اها حقيقت روشن ٿي تہ ٻن جي باهمي تعاون سان ٿي ٻنهي جي مشڪل ڪشائي ۽ احتياج رسائي آسان ٿي سگهي ٿي، تڏهن ڪان سماجي زندگيءَ جي هر صحيح نظام ۽ هر صالح انقلاب جي پهچ جو نشان يعني ان جو مقصد فقط ۽ فقط انسان جي گڏيل نجات ۽ انسان جو مشترڪ عروج يا ترقي ٿي مقرر ٿيو ـ نجات پنهنجي ڳاٽيتي ڪان ٻاهر جڳن جي حيوانيت ۽ ان جي گڏ تيل ۽ گڏ ٿيندڙ اثرن ۽ آثارن ڪان ۽ عروج پنهنجي لاحد، ترقي پذير، اعليٰ ڪان اعليٰ تر انسانيت ڏانهن. ۽ مسيحي تعليم جو ان سلسلي ۾ ڏنل سبق ڪلي طور فيصلہ ڪن حيثيت رکي ٿو۔

”۽ يوحنا جا پوئلڳ ۽ فريسي [يهودي عالم ۽ فقيه] روزا رکندا هئا [جيڪو انهن جي شريعت جو هڪ دستور هو]. ڪي ماڻهو يسوع وٽ آيا ۽ پڇيائون تہ ڇو سندس پوئلڳن بہ روزا نہ ٿي رکيا! يسوع جواب ڏنو ”ڇا، ڇاڪاڻ، جيڪي گهوٽ جا دوست هوندا آهن، شاديءَ جي پٽ ڪائڻ ڪان انڪار ڪندا آهن؟ ۽ جڏهن گهوٽ ساڻن هوندو آهي تڏهن هو ڏک ڪندا آهن؟ پر جڏهن گهوٽ ڪانئن وڇڙندو، تڏهن هو ڏک ڪندا. (تنهن ڪان سواءِ ٻک ڪيڻ عمل جو پراڻو طريقو آهي.) اها ڳالهہ ائين آهي جيئن پراڻي ڪپڙي کي نئين ڪپڙي جي ڇتي هڻڻ. پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟ [نئين] ڇتي سوس ڪائي ويندي آهي، ۽ [پراڻي ڪپڙي جو] ٽڪ اڳي ڪان بہ ويڪرو ٿي ويندو آهي. اوهان کي ڄاڻ آهي تہ انگورن جو تازو رس پراڻين مشڪن ۾ ڪونہ وجهبو آهي، ڇو تہ اهي ڦاٽي پونديون. انگورن جو تازو رس بہ هارجي ويندو ۽ مشڪون بہ بيڪار ٿي پونديون. انگورن جو تازو رس نئين مشڪن ۾ وجهبو آهي!“

”ٻئي ڀيري، هڪڙي سبت جي ڏينهن، يسوع جا ساٿي، يسوع سان گڏجي، [پنهنجن] کيتن ۾ ويا ۽ ڪٽڪ لڻڻ ۽ سنگن مان ان ڪيڍي کائڻ لڳا. [تنهن تي] فريسين (ڏي) يسوع کي چيو ”هنن کي ائين نہ ڪرڻ کپي. سبت جي ڏينهن لاباري [يا ٻئي ڪنهن ڪم] ڪرڻ جي شريعت ۾ جهل آهي.“ يسوع جواب ڏنو ”ڇا، اوهان کي خبر ڪانهي تہ دائود ڇا ڪيو هو

جڏهن هن ڪي ۽ هن جي ساٿين کي ضرورت هئي ۽ هو بکايل هئا؟ هو سردار ربيءَ ابياتر جي ڏينهن ۾، چو خدا جي گهر ۾ گهڙي ويو هو ۽ چو اتي نذر ۾ آيل روٽ پاڻ بہ کاڌائين ۽ پنهنجن ساٿين کي بہ کارايائين، جڏهن اهي روٽ کائڻ فقط ربين ۽ ڪاهنن لاءِ جائز هئا؟ ائين ڪرڻ جي بہ تہ شريعت ۾ جهل هئي! پر [آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان] **"سبت"** [مذهب، نظريو ان جو ڪو رڪن يا ڳالهہ- هر چيز ۽ هر عمل] **ماڻهوءَ لاءِ آهي، نہ ماڻهو "سبت" لاءِ - ابن آدم "سبت" جو مالڪ آهي."**[24]

انساني زندگيءَ جي "مقاصد ۽ ذرائع" جي بنيادي پہ- ٽڪي مسئلي جي سلسلي ۾ "مقاصد" جي برتري ۽ مقصدن ۾ انساني خير ۽ خلق جي اوليت جِي ترغيب ۽ بيان، مسيح جي انهيءَ تعليم کان وڌيڪ مؤثر ۽ واضح لفظن ۾ ٿي ئي نٿو سگهي.

۽ اِها تعليم، اِها ترغيب، اِهو بيان، انهن لفظن ۾ ۽ انهيءَ انداز سان، دکي ۽ مجبور انسانن کي فقط "مسيح" ئي ڏيئي سگهيو ٿي، جيڪو انساني پيار، انساني ڪمل ۽ زندگيءَ جي احترام جو پيغمبر هو.

هن جا آخري لفظ هئا: "ڌرتيءَ ۽ آسمان جي طاقت منهنجِي (ابن آدم جي) آهي!"[25]

پنهنجي آخري دم تائين، هو ڪمزور، معصوم، مظلوم ۽ محروم انسانن کي، پنهنجون "رڍون" ۽ پنهنجا "گهيٽڙا" سڏيندي، پنهنجن پوئلڳن کي انهن جي "چارڻ ۽ پيارڻ" جي پارت ڪندو ويو- تہ جيئن بني نوع انسان، پنهنجي حيوانيت جي بگهڙ کان پاڻ بچائيندو پنهنجي انسانيت جي خير ڪبير ۽ خُلق عظيم جي اعليٰ کان اعليٰ تر آدرش ڏانهن وڌندو رهي.

انسانيت جو هيءَ ارتقائي سفر لاحد ۽ اڪت آهي- ڪتان جو ڪتان ٿيندو ايامن جا ايام گذاريندو جيو جي صورت وٺڻ کان پوءِ بہ لکن جا لک سال سڪندو ٿمڪندو ۽ سهندو انسان وحشيپڻي مان اپري، تهذيب جي اجوڪي ڏاڪي تي پهتو آهي. هيءَ تہ هن جي تهذيبي ترقيءَ ۽

---

[24] ڪتاب مقدس، مرقس 2/18_28

[25] متي، 18/28

اخلاقي اوسر، يعني پنهنجي حيواني اوصافن جي ضبط ۽ ضابطي، جي اجا ابتدا پيئي معلوم ٿئي. اڄ بني نوع انسان جي تهذيب ۽ اخلاقيات جو عمل دخل قوميت جي محور اندر ئي محدود آهي- خود قومي محور جي اندر به گروهه آهن، ۽ گروهن ۾ فرد آهن. جيڪي سچ ۽ نيڪيءَ جو فيصلو گروهي يا شخصي طور پنهنجي فائدي ۾ ڪرڻ لاءِ حيواني وسائل، يعني طاقت جا ذريعا- تعداد، دولت، علم، عقل ۽ سياسي اقتدار جي فوقيت ۽ سيرائيءَ جا- ڪم ۾ آڻڻ کان پوئتي ڪونه ٿا هٽن. مذهب (يا، مذهبن) جي معلوم تاريخ (ڪم از ڪم، عملي طور رڳو پنهنجي پنهنجي خاص قوم جي تهذيبي ۽ اخلاقي تربيت جي ڪوشش جي تاريخ آهي- اسرائيل (سامي) سلسلي جا مذهبي اڳواڻ سڀ جا سڀ، ۽ ائين آريائي سلسلي جا پڻ سڀ- مسيح ۽ گوتم ٻڌ جي استثنيٰ سان- (۽ اهي ٻيئي سلسلا تاريخ جا قريب قريب همعصر سلسلا ئي آهن)، تاريخ جي مطالعي مان ائين پيو ڏسجي ته ڄڻ پنهنجي پنهنجي قوم جا جنگي سالار هئا. جن امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جي دعوت عملي طور فقط پنهنجيءَ قوم تائين محدود رکي ٿي ۽ ٻي هر ڪا غير قوم ۽ ان جي زمين ۽ املاڪ ڄڻ ان جي پنهنجي خاص قوم لاءِ ان جي خاص ڏٽيءَ جي وعدي ڪيل رعيت، وعدي ڪيل زمين ۽ مال غنيمت هئي! اڄ به آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو ته قومن ۾ فرد ۽ گروهه، ۽ جدا جدا قومون، ٻين [پاڻان هيٺن] کي زير ڪرڻ ۽ ڳرڪائڻ ۾ ڪيتري قدر پنهنجن حيواني اوصافن تي ضبط رکن ٿيون ۽ انهن کي ڪم آڻڻ کان پرهيز ڪن ٿيون! انهيءَ ڪري، انساني اوصافن- پيار، ڪهل ۽ زندگيءَ جي احترام- جي تربيت ڪرڻ، فردن ۾، گروهن ۾ ۽ قومي سطح تي - ۽ حيوانيت جي هر اظهار ۽ عمل جي سامهون ٿي بيهڻ - ۽ انسانيت جي ارتقائي راهه ۾ ائين پير پير ۾ ڏيئي اڳتي وڌڻ، ڪيتري نه اهم ۽ ضروري ڳالهه آهي! تان ته انساني نجات لاءِ ۽ هتي هيٺ، اسان وٽ "آسماني بادشاهت" جي قائم ٿيڻ جي زمين هموار ٿئي- جنهن لاءِ خدا جي ٻالڪ، نماڻي يسوع، انسانيت جي مسيح، مٿي تي ڪنڊن جو تاج پاتو ۽ ڪلهي تي پنهنجي صليب پاڻ کنئي ۽ هو ماڻهن جي وچ ۾ ۽ ماڻهن سان گڏجي پنهنجي مقتل ڏانهن وڌيو ته جيئن پنهنجي قتل جو پاڻ تماشو ڏسي سگهي.

## تعليم جو مسيحائي ڪردار

مسيح ڪان اڳ ۾ ۽ هن ڪان پوءِ ۽ پڻ اڳتي- هيءَ راهه- انساني تهذيب ۽ اخلاق جي ارتقا جي راهه- ڪنڊن جي تاج جي ۽ صليب تي ٽنگجڻ جي راهه- مسيحن جي راهه آهي ۽ هن راهه تي هلڻ لاءِ خدا جو هر بالڪ، انسان جو هر معصوم ٻار آئيندي جو مسيح آهي- شرط آهي ته ان بالڪ جي ڄڻڻ ۽ نپائڻ جي سعادت ڪهڙي ماءُ پيءُ کي ٿي ملي، ۽ مسيحيت جو اهو عظيم انساني درجو اهو اعليٰ خدائي رتبو ۽ شان ڪهڙي خوش نصيب بالڪ کي ٿو نصيب ٿئي: ۽ ٻي وڏي ڳالهه ته اسين، جيڪي مظلوم ۽ محروم، عام ماڻهو آهيون، سي پنهنجي نجات لاءِ، اهڙي ڪنهن مسيحي راهه جي سلسلي ۾ ڪهڙو ٿا ڪردار ادا ڪريون- ڪنهن يهودا جو ڪائفا جو، پلاطس جو يا هن جي پيسن ڳڌل ياڙيتو سپاهين ۽ جلادن جو- پاڻ جهڙن هيٽن، ايذايلن ۽ ڏکويلن سان سات ڏيڻ ۽ سات نباهڻ جو ۽ ان لاءِ ڏک سهڻ ۽ سر جي ست ڏيڻ جو! حيوان ۽ ماڻهوءَ جي ۽ پڻ ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي پرک، سچ پچ، جي آهي ته اِها آهي، ٻِاتي آهي.

ٻَري ته ٻيلِي گهٽا، سائي پڇي سُک،
رفاقت رجن ۾، ڏونگر ڪاڙي ڏُک،
آريءَ جو اهڪُ، مون رهنما راهَ ٿيو.

(شاهه)

- محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد، سنڌ
ڊسمبر 1979,12ع

هيءَ ڪتاب، جيڪو مون ايڏي شوق سان لکيو 1979ع ۾ 1979ع جي ٻارن جي عالمي سال جي ڪتاب طور شايع ٿيڻو هو. پر اسين ته هڪ هيٺي ۽ مسڪين قوم جا فرد آهيون، ۽ ٻيو ته ڏهري وهٽ جي ڏٽيءَ وانگر سوير پلاٽڙ ڪونه سکيا آهيون. انهيءَ ڪري اسان لاءِ هر ڳالهه ۾ تاخير جو واقع ٿيڻ چڙ اٿل ڳالهه ٻڻجي پيئي آهي. سو هن ڪتاب جي اشاعت ۾ نه ته به پوري هڪ سال جي دير پئجي ويئي. بهرحال، ڪتابُ، ڪو به، ڪا ڪني ٻاڇي ڪانهي، جا سدا سوادي ۽ سرهي نه لڳي. انهيءَ اميد سان ته هيءَ ڪتاب اسان جا ننڍا ٻاتڙا ۽ اسان جا سروبچ ۽ سڏياڻتا جوان ۽ اسان جا بزرگ ساٿي به پڙهندا ۽ ان مان هو پنهنجي پنهنجي ذهني گنجائش ۽ ضرورت سارو لاڀ پائيندا، هيءَ پنهنجي سمجهه ۽ شرڌا جو ثمر انهن جي هٿن ۾ ڏيئي رهيو آهيان. قبول ڪندا ۽ وٺندن ته سڀاڳ سمجهندس.

— م.ا.ج

31.10.1980

# مصنف جو پيش لفظ

مسيح جي زندگي هڪڙي عجيب ۽ رمز ڀري ڳالهه آهي، جيڪا ٻڌائڻ وٽان آهي. اها نه رڳي حسين آهي، پر ڏاڍي دلچسپ ۽ ڊرامائي ڳالهه آهي، ۽ خاص طرح ٻارن کي ٻڌائڻ جهڙي آهي.

هِھڙي ننڍي ڪتاب ۾ هن ڳالهه جي ٻڌائڻ لاءِ، منهنجي آڏو ٻه رستا هئا- هڪ ته سڄي ساري ڳالهه ٻڌايان، پر مٿاڇري ۽ مختصر نموني، ۽ ٻيو ته ان جا ڪي خاص پاسا کڻي، پوري ڏيان ۽ پوريءَ محبت سان اهي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪريان ته جيئن انهن جو روح ۽ رس ايري اچي. مون ٻيو رستو پسند ڪيو آهي- ڇاڪاڻ ته ٻارن کي هِھڙي قسم جي ڳالهه ۾ ڪجهه ذري پرزي ۽ تفصيلي احوال وڻندا آهن، ۽ ڇاڪاڻ ته ٿورا واقعا پر چڱيءَ طرح ٻڌايل، ٻارن جي دلين تي به اثر ڪن ٿا ۽ کين آسانيءَ سان ياد به بيهن ٿا. ڊگهي ۽ وڏي ڳالهه ۽ ڳالهه جي گهڻ ٻارن لاءِ سمجهڻ ۽ هضم ڪرڻ ۾ ڏکي ۽ ڳوري ٿئي ٿي.

اهو ئي سبب آهي، جو هتي گهٽا معجزائي ۽ تمثيلي احوال مون ڪونه آندا آهن، ۽ رڳو اهي مکيه واقعا ۽ ننڍيا پر چٽا احوال ڏنا اٿم، ته جيئن ٻار اهي سولائيءَ سان سمجهي سگهن ۽ جن مان هو ونڌري به سگهن ۽ انهن جو اصل مقصد به پرائي سگهن.

مون ڳالهه جي بيان ۾ انجيل پاڪ ۾ آيل واقعن ۽ احوالن سان گهڻي قدر مطابقت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان جي اسڪولن ۾ ۽ گهرن ۾ ٻارن کي اهي احوال اتان ئي پڙهي ٻڌايا وڃن ٿا، ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهيو آهي، پنهنجن بيانن ۾ خود لفظ به ستا ستا، سادا ۽ سهٽا اتان کنيا اٿم.

هونئن مون پنهنجي لکڻي ۽ طرز بيان تمام سادي رکي آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي مرضي هئي ته ڇئن سالن جي ٻارن کي به هي ڳالهيون

**ٻارن جو مسيح**

جيڪڏهن پڙهي ٻڌائجن تہ هو سمجهي وڃن، ۽ ٻن ڏهاڪن سالن جي عمرين وارا ٻار جيڪي هيءَ ڪتاب پاڻ پڙهندا، سي بہ ان ڪي شوق سان پڙهن ۽ ان مان لطف وٺن. پنهنجي تجربي مان مون کي معلوم آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ جي ٻولي مناسب ۽ سهائيندڙ آهي، تہ اها هر عمر جي ٻار کي وڻندي- خاص طرح خود ڳالهہ بہ جڏهن اهڙي سونهن ڀري ۽ دلچسپ هجي، جهڙي اصل ۾ هيءَ ڳالهہ آهي.

مون کي جڏهن هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ چيو ويو تڏهن مون ان ڪم کي پنهنجو اعزاز سمجهي هٿ ۾ ڪنيو. منهنجي سيني ڪتابن ۾ - پوءِ انهن ۾ جانورن جون ڳالهيون هجن يا پترين جون، سرڪس جي دنيا جون ۽ حادثاتي يا جانبازيءَ جون، يا اسڪولي زندگيءَ جون ڳالهيون هجن- پر انهن سيني ۾ بنيادي زور هميشہ پيار ۽ همدرديءَ، قياس ۽ ڪهل، عدل ۽ انصاف تي آيل آهي. ۽ هاڻي هن ڪتاب جو لکڻ، جنهن ۾ انهيءَ هستيءَ جي ئي سوانح حيات لکيم، جنهن جي سچي زندگي ۽ تعليم انهن شين جو جامع عملي مثال آهي، مون لاءِ پنهنجي حياتيءَ جو هڪ وڏو ۽ بي بها تجربو هو ۽ منهنجي روح لاءِ ڪامل ۽ بي مثال مسرت بہ.

مان پوريءَ نماڻائيءَ سان محسوس ڪريان ٿي تہ ڪيترن ئي پاسن کان هيءَ ڪتاب اهڙو جامع ۽ پورو نہ آهي، جهڙو مون پاڻ ئي چاهيو ٿي تہ هجي. پر جيڪڏهن هيءَ ٻارن جي آڏو دنيا جي عجيب ترين ۽ حيرتناڪ ڪردار جي هڪ پڌري، سادي ۽ صاف ۽ دلپذير تصوير پيش ڪري سگهي، تہ پوءِ آءٌ سمجهنديس تہ هن ڪتاب ڪي شايد ان "داڻي" جهڙو ٿئي سگهيو. "جيڪو سٺيءَ زمين تي وجي پيو هو". ۽ ان کي آءٌ پنهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏو انعام سمجهنديس.

جنوري 1943،1ع — اينڊ بلائٽن

# ٻارن جو مسيح

-

”تحقيق هو هڪڙو حيرتناڪ ۽ بي مثل ماڻهو هو- خدا جي آڏو ۽ سيني ماڻهن جي آڏو قول ۽ فعل ۾ هڪ عظيم انسان. هن کي ربين (مذهبي پيشوائن) ۽ حاڪمن ڏوهي ڪري، صليب تي چاڙهي، شهيد ڪري ڇڏيو. پر، هن لاءِ ”پنهنجي مقصد ۽ پنهنجي ڪمال کي پهچڻ واسطي اهي سڀ تڪليفون ۽ ڏک سهڻ ضروري هئا“ ۽ پوءِ ئي هو ”سوپيا جي ڪڪر سمان اپري، مٿي (عظيم انساني تاريخ جي) آسمان تي چڙهي ويو هو“.

-

# 1: ناصرت جي نينگر

گھڻا ڏينھن اڳي، ناصرت نالي ھڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ مريم جي نالي سان ھڪڙي نينگر رھندي ھئي. اتان جا سڀ ماڻھو ھن کي سڃاڻندا ھئا ۽ ھن کي پيار ڪندا ھئا. ٻار ته ھوءَ سدائين انھن جي ڏک جون ڳالھيون ڪن ڏيئي ٻڌندي ھئي ۽ انھن جي سھائتا ڪندي ھئي.

ھوءَ پنھنجي ماءُ پيءُ وٽ رھندي ھئي، پاڙي جي ٻارن سان کيڏندي ھئي. ھوءَ پنھنجن سپنن ۽ ويچارن ۾ گم رھندي ھئي ۽ ڪڏھن ڪڏھن چاھيندي ھئي ته جو ڪجھ ھن ڏٺو تي يا ٻڌو تي، ان سڀ تي پنھنجي منھن ويھي ڪجھ سوچي.

ڪڏھن ڪڏھن مريم پنھنجي ماءُ پيءُ کي پاڻ ۾ ڏاڍي ڏک پرئي لھجي ۾ سندن اڳين سکين ۽ سوپياوان ڏينھن بابت ڳالھائيندي ٻڌندي ھئي. ھن جو پيءُ چوندو ھو، "اسين ھاڻي آباڻتا ماڻھو نه آھيون. ٻيا ماڻھو اسان تي راڄ ڪن ٿا."

"ڪير اسان تي راڄ ڪن ٿا؟" مريم پڇيو.

"رومن لوڪ." ھن جي پيءُ وراڻيو. "ھو ھتي پنھنجن ڪٽڪن سان چڙھائي ڪري آيا. ھو اسان جي رستن تان دنجندا ھليا. ھنن اسان جو ملڪ اسان کان کسي ورتو ۽ چيائون ته، "ھاڻي ھيءُ اوھان جو نه پر اسان جي روم جو ملڪ آھي!"

"سڀ چوڪرا ۽ چوڪريون چون ٿيون ته روم سڄي دنيا فتح ڪئي آھي." مريم چيو "اھڙو ڪو ماڻھو ٿي ڪونھي، جو اسان کي اِنھن کان بچائي ۽ اسان کي وري آباڻتي قوم بڻائي؟"

"ھائو- ھڪڙو ماڻھو آھي، جو اسان کي بچائيندو ۽ اسان جو وڏي ۾ وڏو بادشاھ بڻبو." ھن جي ماءُ چيو "پر مان چئي نٿي سگھان ته اھو ڪير ماڻھو ٿي سگھي ٿو!"

"مني امڙ- ڪيئن ٿي تون چوين ته اسان وٽ اسان جو ھڪڙو وڏو بچائيندڙ ايندو؟" ننڍڙيءَ نينگر پڇيو.

"چاڪاڻ تہ خدا جو اسان سان واعدو ٿيل آهي." هن جي ماءُ چيو. "۽ خدا جو ڪيل واعدو سدائين پورو ٿيندو آهي. مان توکي پڙهي ٿي ٻڌايان تہ اسان جي اڳئين جڳ جا وڏڙا هن حيرت ۾ وجهندڙ بادشاهہ لاءِ ڇا چئي ويا آهن."

پوءِ ننڍڙيءَ نينگر ماءُ جي واتان ٻڌو تہ هڪ ڏينهن خدا اسرائيل جي ملڪ ۾، جتي مريم رهي ٿي، هڪڙو بادشاهہ موڪليندو جيڪو سندن وڏي بادشاهہ دائود کان بہ وڏو بادشاهہ هوندو ۽ وٽن جيڪي بہ بادشاهہ آيا، تن سڀني کان اهو وڏو بادشاهہ هوندو بلڪ زمين تي جيڪي بہ بادشاهہ آيا هئا، تن سڀني کان اهو سندن بادشاهہ وڏو بادشاهہ ٿيندو.

"امڙ- مان چاهيان ٿي تہ اهو بادشاهہ اسان وٽ ترت اچي!" مريم چيو. "پوءِ مان بہ هن کي ڏسنديس!"

هن جي ماءُ ٿڌو ساهہ کنيو. "ڪنهن کي خبر؟" هن چيو. "هي ڏينهن اسان لاءِ سختيءَ جا آهن. مون کي پڪ آهي تہ خدا جي واعدي پوري ٿيڻ جي گهڙي ويجهي آهي، ۽ ترت اسان جو بادشاهہ اسان جي بچاءَ لاءِ اسان وٽ ايندو."

"ڪهڙي نہ عجيب هيءَ سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ سڀ وڏا بادشاهہ ڀهريائين ننڍڙا ٻالڪ ٿي ئي اچن!" مريم چيو. "آءٌ ڀانيان ٿي تہ هو ڪنهن سهڻي محل ۾ جمندو ۽ هن کي ڏاڍي سهڻي ڳاڙهي پينگهي ۾ لوڏيندا ۽ هن جا ڪپڙا گلن جي پنکڙين جهڙا نرم هوندا ۽ هن جي ماءُ بہ هڪ وڏي شهزادي هوندي."

هن جي ماءُ پنهنجي ننڍڙي گهر جي چوڌاري ڏٺو جيڪو ٽڪرين جي وچ ۾ اڏيل هو ۽ جتي هن جو ڪٽنب رهندو هو. "اسين اڄ مسڪين آهيون،" هن چيو "پر توکي ڄاڻ آهي، مريم، تہ ڪن ڏينهين اسان جو ڪٽنب بہ دائود جي شاهي ڪٽنب سان ڳنڍيل هوندو هو."

"تہ پوءِ دائود بادشاهہ منهنجو ڏاڏو هو؟" مريم اچرج وچان پڇيو.

هن جي ماءُ ڪنڌ ڌوڻيو. "هائو پر اها ڳالهہ گهڻي گهڻي اڳ جي آهي. تون ڳوٺ جي واڍي يوسف کي تہ سڃاڻين ٿي؟ ان جو ڪٽنب بہ ڪن

ڏينهين دائود جي ڪٽنب سان ڳنڍيل هو. هن کان تون پڇنديئين ته هو به توکي ٻڌائيندو.“

مريم انهيءَ بادشاهه بابت ڏاڍو گهڻو سوچيو. جنهن جو واعدو خدا سندس قوم سان ڪيو هو. هن جي دل تي چاهيو ته اهو جلد اچي. ”شل مان هن کي ڏسي سگهان.“ هن سوچيو ”جيڪڏهن مان شهزادي آهيان ته مان به هن جي ماءُ ٿي سگهان ٿي! ۽ اها ڳالهه ڪهڙي نه من موهڻي ٿيندي! پوءِ ته مان هن کي ٽِپائينديس، ڪڏائينديس ۽ هن جي پالنا ڪنديس. مان هاڻي يوسف کان پڇنديس ته هن به هن بابت ٻڌو آهي!“

يوسف وڏو هو ۽ ساڳئي ڳوٺ ۾ مريم جي گهر کان ٿورو ئي پري رهندو هو. هو مريم کي چڱيءَ پر سڃاڻندو هو ۽ هن لاءِ گهڻي اڪنڊ هوندي هيس. جڏهن هوءَ ڪيس گڏبي هئي، ته هو هن سان بيهي ڳالهائيندو هو. هن کي به ان بادشاهه جي ڄاڻ هئي، جنهن جو ساڻن واعدو ٿيل هو.

”ڪنهن ڏينهن ته هو ايندو!“ ڪاٺ کي رندو هڻندي، مريم کي هن چيو. ”خدا جو اهو واعدو آهي. سچ پچ به ته هيءُ ئي پورو وقت آهي، هن جي اچڻ جو جڏهن رومن قوم اسان تي ايذا ظلم ڪري رهي آهي، ۽ اسين ايذا ماريل ۽ ڏکويل آهيون. هڪڙي ڏينهن هو ضرور ڇاپندو، مريم، ۽ اهو اسرائيل جي قوم لاءِ ڪهڙو نه معجزي جهڙو ڏينهن ٿيندو!“

# 2 : مريم ۽ فرشتو

مريم اڪثر فرشتن جون ڳالهيون ٻڌندي هئي ته ڪيئن اڳين ڏينهن ۾ اهي ڪن ڪن ماڻهن، مردن توڙي زالن، کي ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هن کي انهن جون ڳالهيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، ۽ اوهان سيني ٻارن وانگر هن جي دل به گهرندي هئي ته ڪيس به ڪڏهن ڪو فرشتو ڏسڻ ۾ اچي.

هڪڙي ڏينهن جڏهن هوءَ مٽي ٽڪرين تي اڪيلي هئي، هن جي ويجهو تيز روشنيءَ جو اوچتو چمڪاٽ ٿيو ۽ هوءَ سڄي سوجهري ۾ ويڙهجي ويئي. حيرت وچان ڪنڌ کڻي، هن مٿي ڏٺو – ۽ هن جي نظر چمڪاٽ جي پوري وچ ۾ بيٺل هڪڙيءَ بيحد سونهن پريءَ، قداور هستيءَ تي وڃي پيئي.

ان کي ان جا پڪ ڏکيو بيٺا هئا، ۽ ان پنهنجون خوشيءَ ۾ پرپيل چمڪدار اکيون کڻي مريم ڏانهن ڏٺو.

مريم کي پهرين تہ ڊپ وٺي ويو. هن ائين سمجهيو تہ اها عجب جهڙي هستي هڪ فرشتو هو ۽ جيتوڻيڪ هن جي من سدائين ان کي ڏسڻ لاءِ پئي واجهايو پر هن کي ڪڏهن بہ خاطري ڪانہ هئي تہ هوءَ ڪڏهن ان کي ائين ڏسندي. هن اچرج وچان ان ڏانهن ڏٺو ۽ ان جي حيرتناڪ سونهن ۽ چمڪ کي ڏسي هن کي ڏڪڻي وٺي ويئي.

سچ پچ تہ خدا مريم کي اهڙي هڪڙي اچرج جهڙي ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ پنهنجو فرشتو هن ڏانهن موڪليو هو جو مريم کي پاڻ بہ ان ڳالهہ تي اعتبار مشڪل اچي تي سگهيو.

”مريم، تون ڀلي ڄائينءَ!“ فرشتي چيو. ”مون تو لاءِ خوشيءَ جي خبر آندي آهي. توکي هڪڙو ننڍڙو ٻالڪ پٽ ڄمندو ۽ تون ان جو نالو يسوع رکندينءَ. هو وڏي مرتبي وارو ٿيندو ۽ اهو جيڪو سڀ کان اعليٰ آهي ان جو هو پٽ سڏبو. هو پنهنجن ماڻهن تي سدائين راڄ ڪندو ۽ انهن جي وڏي بادشاهہ دائود کان بہ وڏو بادشاهہ ٿيندو. هن جي بادشاهت جي ڪڏهن بہ پڇاڙي ڪانہ ٿيندي“

مريم وسمي ۾ پئجي ويئي، ۽ ساهہ روڪي، فرشتي کي تڪڻ لڳي. ”پر ائين ڪيئن ٿي سگهندو؟“ هن پڇيو. ”آءٌ تہ معصوم نينگر آهيان. منهنجي تہ اڃا شادي بہ ڪانہ ٿي آهي!“

”هيءُ ننڍڙو ٻالڪ خدا جو ٻالڪ هوندو“ فرشتي چيو. ”هو پاڪ ٻالڪ هوندو. ۽ ٻڌ! آءٌ توکي اڃا ٻي بہ هڪ عجيب ۽ ويسهہ ۾ نہ اچڻ جهڙي ڳالهہ ٿو ٻڌايان: تنهنجي سؤٽ ايلزبيٿ، جيڪا وڏيءَ عمر جي عورت آهي، ان کي بہ پٽ ڄمندو ڇاڪاڻ تہ خدا لاءِ ڪابہ اڻٿيڻي ڳالهہ ڪانهي.“

مريم جڏهن اهي سڀ عجب جهڙيون ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن هن جو من خوشيءَ ۾ پرجي ويو. هن وٽ هن جو پنهنجو ٻالڪ اچڻ وارو هو- اهو ننڍڙو بادشاهہ جنهن بابت هن ڪيترائي ڀيرا ٻڌو هو. هوءَ، جيڪا غريب ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، تنهن وٽ پاڪ ٻالڪ اچڻو هو ۽ نہ وڏي محل جي ڪنهن شهزاديءَ وٽ. هن کي اعتبار ٿي نہ پئي آيو تہ اِهو سڀ سچ هو.

پر هن جي آڏو ٻهڪندڙ چهري وارو فرشتو بيٺو هو. "پڪ ئي پڪ هيءَ سڀ سچ هوندو." مريم هن سان وري ڳالهايو۔ ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان، پر سڀاجهي ۽ شاناڻتي نموني:

"آءٌ تہ پنهنجي خدا جي ٻانهي آهيان. جيڪا هن جي مرضي هوندي، تيئن ٿيندو."

پوءِ فرشتو غائب ٿي ويو ۽ چمڪندڙ روشني جهڪي ٿي ويئي. ڪجهہ وقت مريم اتي اڪيلي ويٺي رهي، ۽ جو ڪجهہ فرشتي هن کي ٻڌايو هو ان تي سوچيندي رهي. "هيءَ تہ عاليشان خبر هئي! اهو وڏو بادشاهہ جنهن جو خدا ساڻن واعدو ڪيو هو. سو هن جي هنج ۾ ڪيڏڻ وارو هو اهو ٻهريائين هن وٽ ننڍڙو ٻالڪ ٿي ايندو اهو هن جو پنهنجو پٽ هوندو!" مريم جا ويچار سپنن ۾ گم ٿي ويا. هوءَ عجب ڪائيندي رهي تہ هو ڪيڏڙو هوندو، هن جي شڪل شبيهہ ڪيئن هوندي، ۽ ويچارڻ جي ڪوشش ڪندي رهي تہ هو ڪيئن وڏندو، وڏو ٿيندو ۽ پوءِ ڪهڙيءَ ريت هو بادشاهہ بڻبو.

• مريم جي دل ۾ آيو تہ فرشتي جِي ۽ جو ڪجهہ ان چيو هو، تنهن جي ڪنهن سان ڳالهہ ڪري. هن سوچيو تہ ڪيس پنهنجيءَ سؤٽ ايلزبيٽ سان پنهنجو حال اورڻ گهرجي: هوءَ وڏيءَ عمر جي هئي، ۽ هوءَ سندس ڳالهہ دل لائي ٻڌندي ۽ ان تي اعتبار بہ ڪندي.

پوءِ ان بهار جي موسم ۾، جڏهن سج سون وانگر چمڪي رهيو هو ۽ ان جي ڪوسي ڪوسي اس سڀ شيءِ کي پسند هئي، ۽ مريم جي پيرن ۾ ڌرتيءَ جا ٻهڪندڙ گل ٽڙي رهيا هئا، مريم چپ چاپ ڏاڪڻي جابلو علائقي ڏانهن منهن ڪيو جتي سندس سؤٽ ايلزبيٽ رهندي هئي. هوءَ پيرين پنڌ اوڏانهن ويئي، ۽ ڪيس گهڻو وقت لڳي ويو پر هوءَ ايتري خوش هئي، جو هن کي ٿڪ جو ڪو خيال ئي ڪونہ ٿيو.

پکي هن جي چوڌاري چهڪي رهيا هئا. ٽمڪندڙ گل پنهنجن تازن رنگن جي بهاريءَ ۾ اتي اتي، هن کي ڏسي رهيا هئا. گهيٽڙا پٽن تي ۽ هيٺ وادين ۾ ٽپندا نچندا ۽ ڪڏندا ٿي رهيا. هر شيءِ جوين ۾ هئي ۽ تازي ۽ نئين ٿي لڳي. مريم بہ ويندي ويندي پنهنجي منهن ڳائيندي ويئي ۽ ور ور

ڪري پنهنجي ننڍڙي ٻالڪ جو سوچي رهي هئي، جنهن جو فرشتي ساڻس واعدو ڪيو هو.

هوءَ نيٺ پنهنجي سؤٽِ جي گهر پهتي. ايلزبيٿ هن کي گڏجڻ لاءِ ٻاهر نڪري آئي، ۽ هن جو منهن خوشيءَ ۾ ٽمٽار هو. هن پنهنجون ٻانهون ڊگهيون ڪري، مريم کي ڪٽي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو.

"مون کي تنهنجي ڳالهه جي خبر آهي!" هن وڏي واڪ چيو. "مريم، تون ڪيڏي نه ڀاڳ واري آهين- سڄيءَ دنيا ۾ تو جهڙي خوشي ٻيءَ ڪنهن عورت کي ڪانه هوندي. منهنجي لاءِ اها ڪيڏي نه فخر جي ڳالهه آهي، جو تون اينڊڙ بادشاهه جي ماءُ مون سان ملڻ لاءِ مون وٽ آئي آهين! ۽ مون کي پاڻ به توسان ڪا ڳالهه ڪرڻي آهي. آءٌ جيتوڻيڪ ٻار ڄڻڻ جي وهيءَ کان چڙهي ويئي آهيان، پر مون کي پڻ منهنجو پنهنجو هڪ پٽ ڄمڻ وارو آهي!"

"مون کي خبر آهي." مريم چيو. "فرشتي مون کي ٻڌايو هو ايلزبيٿ!" ائين چوندي، مريم جي دل اڄاتل اڌمي ۾ پرجي آئي ۽ هوءَ ڳائڻ لڳي، هن جي دل تان لفظ تري ڇپن تي ايندا رهيا، ۽ هن هڪڙو نئون ۽ عجب ۾ وجهڻ جهڙو گيت ڳايو جيڪو اڄ به ماڻهو ديولين ۾ ڳائيندا آهن.

"منهنجو مڙس، زڪريا، هڪڙي ڏينهن جيئن عبادت گهر ۾ ويٺو هو ته هن وٽ هڪڙو فرشتو آيو"، ايلزبيٿ مريم کي ٻڌايو. "ان فرشتي هن کي چيو ته مون کي هڪڙو ٻالڪ ڄمندو ۽ ان جو نالو يوحنا هوندو. ائين منهنجو پٽ ۽ تنهنجو پٽ، مريم، ٻيئي ننڍڙا سؤٽ ٿيندا- يسوع ۽ يوحنا. تون مون وٽ ڪي ڏينهن ترسي پؤ ته پاڻ ۾ انهن عجب پرپيل شين بابت، جيڪي ٿيڻ واريون آهن، ڪو وقت ويهي ڳالهيون ڪري سگهون."

ائين مريم ايلزبيٿ وٽ ٽي مهينا رهي پيئي، ۽ پوءِ هوءَ موٽي پنهنجي گهر ويئي. هوءَ جڏهن موٽي ٿي ويئي، تڏهن ڏاڍي خوش هئي. ڇو ته واڍي يوسف هن کي شادي ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ هن پاڻ به دل سان يوسف جي زال ٿيڻ قبوليو هو. هوءَ جلد ئي هن جي گهر وڃڻي هئي، ۽ ڪيس يوسف لاءِ ان کي بهشت جهڙو گهر بڻائڻو هو.

يوسف کي مريم جي راز جي خبر هئي. ڇو ته هڪڙي فرشتي وٽس اڳي ڪيس اهو ٻڌائي ڇڏيو هو. هڪ رات هو يوسف جي ڪٽ جي پير ۾ اچي

بيٺو هو ۽ يوسف سمهيو پيو هو تہ هن ساڻس ڳالهايو هو. بلڪل ائين، جو يوسف سمجهيو تہ هن اهو سڀ خواب ۾ پئي ڏٺو.

فرشتي يوسف کي ٻڌايو هو تہ خدا جو مريم سان واعدو هو تہ مريم کي هو ننڍڙو ٻالڪ بادشاهہ ڏيندو. ”هن جو نالو يسوع هوندو“ يوسف کي هن چيو هو. ”تون مريم سان شادي ڪر يوسف، ۽ هن کي پنهنجي گهر وٺي وڃ.“

ائين يوسف واڍو مريم وٽ هلي ويو ۽ هن کي ٻڌايائين تہ ڪيئن هن وٽ ننڊ ۾ فرشتو آيو هو. تڏهن هوءَ ڏاڍي خوش ٿي، ۽ هن کي چيائين تہ هوءَ ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ تيار هئي. پوءِ جڏهن اهو ٻالڪ بادشاهہ وٺن ايندو، تڏهن پهرين هو ٻيئي ان کي ڏسندا.

۽ اهڙيءَ طرح مريم جي يوسف سان شادي ٿي، ۽ هوءَ هن جي ڪنوار بڻجي، هن جي ننڍڙي گهر ويئي. هوءَ هر روز صبح جو گهر ۾ هيڏي هوڏي ايندي ويندي، يوسف جي اوزارن جي ٺڪ ٺڪ پيئي ٻڌندي هئي. هو جيئن شيون جوڙيندو هو، تيئن هوءَ اهي وڃي ڏسندي هئي، ۽ ڪيس اهي ڏيکاريندي يوسف کي فخر محسوس ٿيندو هو. اِهو ڏسي تہ مريم جهڙي سٻاجهي ۽ نماڻي چوکر سندس گهرواري آهي، هو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ دل چوندي هيس تہ هوءَ گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن ويندي ايندي، پنهنجي سٺي مٺي آواز ۾ ڳائيندي رهي.

۽ سچ پچ بہ تہ مريم پنهنجو ڪم بہ پيئي ڪندي هئي ۽ جهونگاريندي بہ رهندي هئي، اهو سڄو اونهارو ۽ اها سڄي سرءُ جيئن هوءَ آسپاس جي وادين ۽ ٻڙن ۾ گهمڻ نڪرندي هئي تہ هن جون اکيون خوشيءَ ۾ پيون چمڪنديون هيون.

”هن جي ماءُ ڪنهن شاهاڻي گهراڻي جي شهزادي تہ ڪانہ هوندي، هوءَ تہ هڪڙي ڳوٺاڻي واڍي جي زال هوندي!“ مريم سوچيو. ”هو ڪنهن وڏي محل ۾ بہ ڪونہ ڄاپندو، جتي گهڻا خادم هن جي چوگرد بيٺل هجن. هن کي ڏسڻ لاءِ، وهنجارڻ لاءِ ۽ لولي ڏيڻ لاءِ رڳي آءٌ اڪيلي هونديس. آءٌ هن کي پيار ڪنديس – ۽ سچ پچ تہ ڪيڏو نہ هن کي آءٌ پيار ڪنديس! آءٌ ئي هن کي نچائينديس، کڏائينديس. آءٌ هن کي ايترو آدر ڏينديس، جنهن ڪان وڌيڪ ٻئي ڪنهن ننڍي شهزادي کي ڪنهن ڪان ڪڏهن نہ ملي سگهندو.

هيءُ هوندو مون کي منهنجي خدا جو ڏنل ننڍڙو ٻادشاهہ۔ منهنجو ٻنهنجو ننڍڙو ٻالڪ پٽ.“

۽ ائين مريم ان ننڍڙي ٻادشاهہ جي اچڻ لاءِ هر ڏينهن جي هر پهر جون گهڙيون ڳڻيندي رهي، ۽ يوسف ٽڪرين جي وچ ۾ اڏيل ٻنهنجي ننڍڙي گهر ۾ ڪاٺ کي چيريندو گهڙيندو ۽ رنديندو رهيو. اونهارو گذري ويو. سرءُ گذري ويئي. هاڻي اها شڀ گهڙي اچڻ واري هئي، جڏهن دنيا ۾ مريم جي پاڪ ٻالڪ جي آجيان ٿيڻي هئي.

# 3 : بيت لحم جو سفر

انهيءَ سياري جي منڍ ۾ ڇا ٿيو؟ جو شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سرڪاري ماڻهو آيا ۽ وڏا وڏا نوٽيس هڻي ويا. عام خلق انهن کي پڙهڻ لاءِ هر هنڌ انهن جي چؤگرد اچي ڳاهٽ ٿي، ۽ ٻار بہ پڇڻ لڳا تہ انهن ۾ ڇا چيل هو.

”رومن شهنشاهہ سيزر آگستس، حڪم ڪيو آهي تہ هر ڪو ماڻهو ڪيس محصول ادا ڪري،“ انهن جي مائرن ۽ پيئرن چيو. ”محصول پئسن جي رقم کي ٿو چئجي. اسان کي اهو ڏيڻو آهي.“

”پئسا اسان کي ڪٿي ڏيڻا آهن؟“ ٻارن پڇيو. ”اهي اسان کان ونڻ ڪير ايندو!“

”اسان مان هر ڪنهن کي ٻنهنجي ٻنهنجي آبائي شهر ۾ وڃڻو پوندو ۽ اتي ٻنهنجا نالا داخل ڪرائڻا پوندا ۽ پئسا بہ ڏيڻا پوندا،“ وڏڙن ڏاڍي ڏکويل لهجي ۾ ٻارن کي ورندي ڏني. پري پري شهرن ڏانهن سفر ڪرڻ جي تڪليف هنن کي ڏاڍي ڏکي ٿي لڳي ۽ نہ وري ڌارئين ٻادشاهہ کي هنن پئسا ڏيڻ ٿي گهريا. پر هنن جو ملڪ فتح ٿيل هو ۽ غلام هو. انهيءَ ڪري هنن کي اهو ئي ڪرڻو هو جنهن جو کين حڪم مليو هو.

يوسف ۽ مريم پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ کين بہ ٻنهنجا نالا داخل ڪرائڻا هئا ۽ محصول ادا ڪرڻو هو ان لاءِ کين ڇا ڪرڻ کپي. ”اسين دائود جي ڪٽنب مان آهيون“ يوسف چيو. ”اسان جي جنم جو شهر بيت لحم آهي، نہ ناصرت، جتي هاڻي اسين رهون ٿا. اسان جو اباڻو ڪٽنب بيت لحم

۾ رهندو هو انهيءَ ڪري اسان کي پنهنجا نالا داخل به اتي ڪرائڻا آهن ۽ پنهنجا محصول به اتي ڏيڻا آهن.“

”چا، اسان لاءِ اتي وڃڻ ضروري آهي؟“ مريم چيو. ”سياري جا ڏينهن آهن ۽ ڏاڍي ٿڌ آهي. بيت لحم گهڻو پري آهي. منهنجي لاءِ اهو پنڌ ڏکيو ٿيندو ۽ منهنجي حالت اهڙي آهي، جو ايتري پنڌ جي سگهه ئي نٿي ساري سگهان. او يوسف، پاڻ کي ضروري اوڏانهن هلڻو آهي؟“

”ضرور هلڻو آهي،“ يوسف ٿڌو ساهه پريندي چيو. ڇو ته هن کي خبر هئي ته ايڏو ڊگهو سفر مريم کي بنهه ٿڪائي وجهندو. ڪين اتي پهچڻ ۾ ٽي چار ڏينهن لڳي ويندا ــ ڇو ته پنڌ پري هو ۽ بيت لحم مٿي ٽڪريءَ تي اڏيل هو. ”تون دائود جي پٽ مان آهين، انهيءَ ڪري تنهنجو آبائي ڳوٺ به اهو آهي. اسان ٻنهي کي اوڏانهن وڃڻو آهي. تون ڳڻتي نه ڪر. آءٌ تنهنجي پوري سنڀال ڪندس.“

”پر مان ڄاڻان ٿي ته مان ايترو پنڌ ڪري نه سگهنديس.“ مريم چيو.

”تون پاڻ واري ننڍڙي گڏهه تي چڙهي هلج.“ يوسف چيو. ”ائين توکي ٿڪ ڪونه ٿيندو. آءٌ گڏهه جو لغام جهلي هلندس، ۽ تون ان تي ويٺي رهجانءِ. تون ٻيو ڪو خيال نه ڪر. هاڻي اسان کي تياري ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اتي پهچي، اسان کي وقت اندر نالا داخل ڪرائڻا آهن ۽ محصول به ادا ڪرڻو آهي.“

ائين، ٻئي ڏينهن مريم تياري ڪئي ۽ يوسف پنهنجي دڪان جو سامان ٺيڪ ٺاڪ ڪيو ۽ پنهنجو گڏهڙو وٺي، آڻي در تي بيهاريائين. هن ان تي ٽپڙ وڌا ته جيئن مريم ان جي پٺيءَ تي ويهي سگهي، ۽ هن کي هٿ ڏيئي ان تي چاڙهي ويهاريائين. مريم سفر ۾ کائڻ لاءِ کاڌو ٺاهي کنيو. ۽ جيڪڏهن هوءَ ڪجهه سگهاري هجي ها، ۽ ايتري ٿڌ نه هجي ها، ته هنن لاءِ ٽڪرين جي وچان ويندڙ رستي جو هيءُ سفر ڪافي سولو ۽ مزيدار به ٿي سگهي ها.

هو نيٺ اتان روانا ٿيا. ڪيترائي ٻيا ماڻهو به رستا وٺيو پئي ويا. ڇاڪاڻ ته هر ڪنهن کي پنهنجا نالا داخل ڪرائڻا هئا، ۽ انهيءَ ڪري ڪو به رومن شهنشاهه جي محصول ادا ڪرڻ کان پاڻ ڇڏائي نٿي سگهيو.

ماڻهن مان اهي جيڪي اڳي ئي پنهنجي پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ رهيا ٿي، اهي وري به ڀاڳ وارا هئا، ڇو ته اهي اٽانگي سفر ڪان ۽ ڏکين پنڌن کان بچي ٿي ويا. پر جن پنهنجا اصل ڳوٺ ۽ شهر ڇڏي ڏنا هئا، جتي هو سالن جا سال رهيا هئا ۽ جتي هنن جي ڪٽنب جو جنم ٿيو هو، انهن کي ائين ڪرڻو هو. جيئن مريم ۽ يوسف کي ڪرڻو ٿي پيو ۽ اهي سڀيئي انهن وانگر گهر ڇڏي، سفر تي روانا ٿي چڪا هئا.

"ويچاري مريم! ڪيڏي نه ٿڪل ٿي لڳي،" يوسف رستي تي پنهنجن دوستن ۽ واقفڪارن کي چيو جيڪي هنن کي رستي تي مليا ٿي. "افسوس، اڃا بيت لحم ڪيڏو نه پري آهي!"

ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون مريم ۽ يوسف ساهيون ڪندا، ننڍين ننڍين رستن تان هلندا رهيا، جيڪي بيت لحم ڏانهن ٿي ويا. مريم گهڻو ٿڪو هلڻ نٿي گهريو. يوسف غريب گڏهڙي کي ڇڪيندو هڪ ساريڪيءَ وک سان اڳتي وڌندو رهيو.

"اڃي ويجها پهتا آهيون، ڪي نه!" مريم پڇيو. "آءٌ ته ڏاڍي ٿڪجي پيئي آهيان."

"هوڏانهن ڏس، مريم! هو ٽڪريءَ تي بيٺل ننڍڙو شهر ڏسين ٿي؟" گڏهه کي بيهاري، پري کان ڏسڻ ۾ ايندڙ سامهون ٽڪريءَ جي ماٿر ڏانهن اشارو ڪندي، يوسف چيو. "اِهو بيت لحم آهي. اتي پهچڻ ۾ هاڻي ٻاڻ کي گهڻو وقت ڪونه لڳندو."

"هاڻي ته اجها ٿي رات پوي،" مريم چيو. "هاءِ، من ڪٿي ڪا جڳهه ملي ته آءٌ ليٽي پوان! يوسف، بيت لحم ڏانهن هيترا سارا ماڻهو پيا وڃن. اتي هنن سڀني کي رهڻ جي جاءِ ڪيئن ملي سگهندي!"

"اسين هڪڙي سراءِ ۾ هلي لهنداسين،" يوسف چيو. "مون کي هڪڙي سراءِ جي خبر آهي. ٻاڻ اتي هلي رهنداسين، مريم. ان ۾ توکي الڳه پنهنجي منهن واري ڪوٺي ملي سگهندي، ۽ اتي تنهنجي هٿن پيرن سيڪڻ لاءِ باهه به هوندي. هيڏانهن ته ڏي، تنهنجا هٿ ڏسان! بس هاڻي باقي ٿوري دير. پوءِ تون اتي ڪوسي ڪوسي ٿي ويهج. ڪنهن ڳالهه جو ڪو ڊپ ڪونه هوندو."

مريم هن ڏانهن نهاري، مرڪيو. يوسف پاڻ بہ تہ ڏاڍو ڪُمجي پيو هو. سڄي رات هن پنڌ ڪيو هو. هوءَ تہ وري بہ گڏهہ تي سوار هئي- پر ترت ئي هو سراءِ ۾ پهچي ويندا ۽ اتي هنن جو سڄو ٿڪ لهي ويندو ۽ سڀ ڳالهہ نيڪ ٿي ويندي.

هوا پيي، ڦيراوين رستي تان اڳتي رڙهندا ويا. مريم کي ائين لڳو ڄڻ اهو ڪٽي ڪنڊو ئي ڪونہ هو ۽ پوءِ رات پئجي ويئي ۽ اوندهہ ٿي ويئي. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هنن کي بيت لحم جون ٽمڪندڙ روشنيون ڏسڻ ۾ پئي آيون. ڪنهن طرح هو اتي رڳو پهچي وڃن! واءُ ڏاڍو ٿڌو پئي لڳو. ۽ ٿڪل ٽٽل گڏهڙي هر هر ٿيڙ پئي کاڌا. ويچاريءَ مريم سڄي عمر ڪڏهن بہ ايڏي تڪليف ڪانہ ڏٺي هئي.

هلندي هلندي، هو نيٺ شهر ۾ پهچي ويا. سڄو شهر ماڻهن سان سٿيو پيو هو ڇاڪاڻ تہ حڪم جا بندا، تمام گهڻا ماڻهو اتي نالن داخل ڪرائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. مريم هيڏانهن هوڏانهن خوف ۾ پرجي ڏسندي رهي!

"يوسف! سراءِ ڪٿي آهي؟ پاڻ کي ترت اها لهڻ کپي ۽ اتي پهچڻ کپي. آءُ ڏاڍي پاڻ کي اوکي ٿي پانيان."

"بس پهچي وياسين!" يوسف چيو ۽ پنهنجي گڏهڙي کي ڇڪي، رستي جي پر ۾ جتي سراءِ هئي، اتي وٺي ويو. اندر روشنيون پئي چمڪيون ۽ مريم کي اهو سڀ ڏسي، ڏاڍو آٿت آيو. اندران گهڻن ماڻهن جو ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ پئي آيو ۽ هر ڳالهہ تمام سٺي ۽ ساوءَ پري پئي لڳي.

"اِجها ٿي تون سکي سنهنجي ٿين." يوسف چيو ۽ هن سراءِ جي مالڪ کي سڏ ڪيو. سڏ تي سراءِ جو مالڪ ٻاهر در تي نڪري آيو ۽ پنهنجو لالٽين مٿي جهلي، مسافرن کي ڏسڻ لڳو.

"اسان لاءِ تو وٽ ڪا جاءِ آهي؟" يوسف پڇيو. "منهنجي گهر واري اهنجي آهي ۽ ڏاڍي ٿڪل آهي. اسين گهڻا ڏينهن سفر ڪندا رهيا آهيون."

"منهنجي سراءِ تہ پرجي ويئي آهي،" سراءِ جي مالڪ چيو. "سمهڻ جي جاءِ بہ ڪانهي. سڄو ڏينهن سراءِ ۾ ماڻهو پئي آيا آهن. جيڪڏهن توهين اڳيرو اچو ها تہ اوهان کي جاءِ ڏيئي سگهان ها. پر هاڻي تہ منهنجي سراءِ ۾ ڪا جاءِ ڪانهي."

”ڪا ڳالهه ڪانهي!“ يوسف گهڻو نراس ٿي چيو. ”پر مان پنهنجي گهرواريءَ لاءِ پوءِ ڇا ڪريان؟ مون کي هن لاءِ ضرور ڪا جاءِ کپي. ڏس، ڪيڏي نه هوءَ ٿڪل ۽ ماندي پيئي ڏسجي!“

”آءٌ لاچار آهيان.“ سراءِ جي مالڪ چيو. ”مون وٽ جاءِ هجي ها، ته اوهان کي ضرور ڏيان ها. سچ پچ ته اوهان لاءِ مون وٽ ڪا جڳهه ڪانهي.“

هن پنهنجو لالٽين مٿي کنيو ۽ ان جي لڏندڙ هلڪيءَ روشنيءَ ۾ مريم کي ڏٺو. هن مريم جو هيڊ ڄهڙو ڏڪائون پر اڇل چهرو ڏٺو. ۽ هن جون وڏيون وڏيون اباٽڪيون اکيون ڏٺيون ۽ هن جي دل ۾ ڪهل پيرجي آئي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ مهربان دل رکندڙ سٻاجهو ماڻهو هو!

”توهين ٻلا واڙي ۾ آرام ڪندا؟“ هن هڪدم پڇيو. مون وٽ سراءِ جي پٺيان، ٽڪريءَ جي پاسي ۾ هڪڙو غار آهي، جتي منهنجا ڍڳا ٻڌندا آهن. جيڪڏهن اوهين ٻلال تي سمهڻ چاهيو ۽ ڍورن جي ڇٽ اوهان کي ڏکي نه لڳي، ته اتي اوهان لاءِ جاءِ ٺهندي. آءٌ تنهنجي گهرواريءَ لاءِ واڙي ۾ هڪڙو ناڻ صفا ڪرائي سگهندس ۽ اتي هن لاءِ ڪجهه تازو صاف ٻلال به وڇارائي سگهبو.

”هائو يوسف آءٌ اتي ليٽي پوندس.“ مريم چيو. ”وڏيڪ اڄ رات آءٌ ڪيڏانهن هلي نٿي سگهان.“

سراءِ جي مالڪ پنهنجي هڪڙي خادم کي سڏيو ۽ گهڻي دير ڪانه لڳي، جو غار ۾ واڙي جو هڪڙو پاسو صاف به ٿي ويو ۽ اتي نئون ٻلال به وڇائجي ويو. مريم غار ۾ اندر لنگهي ويئي ۽ دل ۾ سراءِ جي مالڪ جا ٿورا محسوس ڪندي اتي ليٽي پيئي. هن کي ڏاڍو ٿڪ هو ۽ بت ۾ سور هوس. پٽ تي نرم وڇايل ڪکن تي ليٽي آرام ڪرڻ ۾ هن کي ڏاڍو سهنج محسوس ٿيو.

يوسف ڏاڍي پريم ۽ پاٻوهه سان هن جي ٽهل ڪئي. هن جي پيئڻ لاءِ هو گرم کير وٺي آيو. هڪڙي رلي ويڙهي هن کي ويهاڻو ڪري ڏنائين. هن پنهنجو ڪڙتو لاهي، ڪليل در تي ٽنگي ڇڏيو ته جيئن ٿڌو واءُ اندر اچي نه سگهي. هن جڏهن مريم جو سڪي هيڊ تي ويل ڄهڙو ڏٺو ته ڏاڍو پريشان ٿيو. پر مريم تڏهن به اکيون کٽي، هن ڏانهن مرڪيو ۽ ان تي هن جي من کي ڪافي آٿت محسوس ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ جيئن هاڻي به ڪن ملڪن ۾ ٻالڪن کي ململ جي ڪپڙي ۾ ويڙها ڏيئي، ٻڌي ڇڏبو هو. مائون انهن کي تنجڻ چونديون هيون، ۽ اهي ٻالڪن جا پهريان ڪپڙا هوندا هئا. جيڪي هو ڏيڪيندا هئا.

يوسف اهي مريم کي آڻي ڏنا ۽ اهي هن پاڪ ٻالڪ جا پهريان تنجڻ هئا. جن ۾ مريم هن کي ويڙهي سمهاريو. جيئن هن پنهنجي پياري ٻالڪ جي آڏو اوڏ تي ڪٿي يا هن کي ڪنيو پايو ٿي، ته ان پاڪ ابهم سان هن مٺيون مٺيون ڳالهيون به پئي ڪيون. جڏهن هن جي ننڍڙي پهرين پهرين هن جي آڱر کي پنهنجي پتڪڙيءَ مٺ ۾ وٺي ان کي زور سان جهليو. تڏهن ته هوءَ خوشيءَ ۾ ٽڙي پيئي.

"مون کي خبر آهي ته ننڍڙي کي ڪاڻ ڪٿي سمهاري ٿا سگهون".

يوسف چيو. هن چاهيو ٿي ته مريم ليٽي پوي ۽ ڪجهه ننڊ ڪري.

"ڪٿي؟" مريم پڇيو. "هيءَ هن کهري پلال تي ته سمهي ڪونه سگهندو!"

"اسين هن کي نرم ٻهه سان پريل آهر ۾ سمهارينداسين." يوسف چيو. "هن جو پينگهو اهو ٿيندو."

اهڙيءَ طرح هيءَ گلن جهڙو ٻارڙو آهر ۾ سمهاريو ويو. جتي هو سرهي سرهي ٻهه جي وچ ۾ ننڊ پئجي ويو. هو ايڏو ته ننڍڪڙو هو جو هن لاءِ آهر به وڏو پئي ڏٺو. يوسف ٻهه کي هٿ سان ويجهو ڪري، چوڌاري هن جي پتڪڙي بت سان لڳائي ڇڏيو ۽ پوءِ هو موٽي مريم وٽ ويو ۽ هن لاءِ پلال کي پٽيري هن جي سمهڻ لاءِ نيڪ ڪرڻ لڳو. هوءَ اتي خاموش ليٽي پيئي هئي ۽ بيحد خوش هئي. خدا پنهنجو واعدو هن سان پورو ڪيو هو. هن وٽس پنهنجو خاص محبوب ٻالڪ موڪليو هو ۽ هوءَ ان پاڪ ٻالڪ جي ماءُ هئي. ۽ جي هو هڪڙي اونداهي واڙي ۾ ڄائو هو ۽ آهر ئي هن جو پينگهو هو ته اها ڪائي ڳالهه ڪانه هئي.

مريم جڏهن سمهي پيئي ۽ اک لڳي ويس، تڏهن يوسف هن جي پاسي کان وينو رهيو ته جيئن هن جي ڪنهن ڳالهه تي ننڊ ڦٽي نه پوي هوڏانهن هو ننڍڙو بادشاهه ايڏو ته پنهنجي مٺيءَ ننڊ جي پور ۾ ستو پيو هو جو پاسي ۾ بيٺل ڍڳي ٿاهه ڪاڏو ته به هو ڪونه جاڳيو. واڙي ۾ ٽنگيل لالٽين

لڏيو ٿي تہ پٿين تي پاڇولن پئي چال ڪاڏا ۽ هوا غار جي در تي لڳل يوسف جي ڪڙتي کي زور سان ڇنڊبيندي ۽ لوڏيندي رهي.

اهو پهريون ناتال هو جڏهن ننڍڙو ٻالڪ مسيح ڄائو هو. اسين ناتال انهيءَ ڪري ملهائيندا آهيون، جو اِهو هن جو جنم ڏينهن هو ۽ ان پاڪ ٻالڪ جي ڪارڻ، جيڪو انهيءَ اڌ رات آهر ۾ ستل هو. اسين اڄ تائين ناتال جي پوريءَ اڌ رات جو خوشي ڪندا آهيون ۽ لڳ ڀڳ ٻہ هزار سال اڳ جيڪو معجزو دنيا کي جاڳائڻ ۽ انسان جي آزاديءَ لاءِ ان اونداهي واڙي ۾ واقع ٿيو جتي ڍڳا ٻڌل هئا، ان جي ياد ملهائيندا آهيون.

ان رات خدا جو پنهنجو ٻالڪ، وڏو بادشاهہ اسان جي دنيا ۾ آيو هو. يوسف کي خبر هئي ۽ مريم کي خبر هئي- پر سراءِ جي ٻئي ڪنهن کي بہ ڪا سڌ ڪانہ هئي تہ آهر ۾ ٻهہ منجهہ اهو بادشاهن جو بادشاهہ ستو پيو هوا ڪي بہ شاهي گهنڊ هن جي ڄم جي اعلان ڪرڻ لاءِ ڪونہ وڳا هئا. بيت لحم جي شهر ۾ پاڪ ٻالڪ جي اچڻ جي ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي.

آسمان جي فرشتن کي سو معلوم هو. هو شهر جي مٿان نگهداري ڪندا ٿي رهيا، ۽ هنن کي خبر هئي تہ خدا جو ننڍڪڙو ٻالڪ ڄائو هو. جيڪو وڏو بادشاهہ بلڪ بادشاهن جو بادشاهہ ٿيڻو هو. سيني ماڻهن کي انهن آسماني فرشتن اها خبر ٻڌائڻ ٿي گهري، ڇاڪاڻ تہ اها واقعي اهڙي عاليشان ۽ تپرس ۾ وجهڻ واري خبر هئي. هنن کي ضرور آسمان مان لهي، اسان جي دنيا ۾ اچڻو هو ۽ اها خوشيءَ جي عظيم ۽ خاص خبر پکيڙڻي هئي- هنن جو ان ڳالهہ سان واسطو ڪونہ هو تہ ان جي ٻڌڻ سان ماڻهو وڏي عجب ۾ پئجي ويندا يا انهن کان ڇرڪ نڪري ويندو.

## 5 : ريڍار

بيت لحم ۾ ڪو بہ سجاڳ ڪونہ هو جنهن کي فرشتا اها خبر ٻڌائين. پر ٽڪريءَ کان هيٺيرو شهر کان ٻاهر هڪڙا ريڍار هئا، جيڪي پنهنجين رڍن جي نگهداري ڪندا ٿي رهيا.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو بگهڙ ايندا هئا ۽ انهن جا گهيٽڙا کڻي ويندا هئا، انهيءَ ڪري جڏهن اونده ٿيندي هئي، تڏهن ريڍار واري واري سان پنهنجن واڙن تي پهرو ڏيندا هئا. انهيءَ رات، پنهنجا ڪڙتا ٻت ڪي ويڙهيو اهي کلهو کلهي ۾ ڏيو ويٺا هئا، ڇاڪاڻ ته رات تمام ٿڌي هئي.

هنن بيت لحم جي ننڍڙي شهر ۾ ماڻهن جا جيڪي انبوه اچي کٿا ٿيا هئا، تن بابت پاڻ ۾ ڳالهيون پئي ڪيون. سڀو ڏينهن اهي ماڻهو هنن ڏٺا هئا ته اهي وڏندا، ٽڪريءَ تي چڙهندا پئي ويا ۽ اِها هنن ٻهراڙيءَ جي ماٺ ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ڏاڍي ڏيان ڇڪائيندڙ ڳالهه هئي.

”رومن شهنشاهه هن ڀيري اسان کان پئسا ته تمام گهڻا ڦريندو“، هڪڙي ريڍار چيو. ”ڪمڙي نه سٺي ڳالهه هجي ها، جي اسين به وڏي ۽ زور واري قوم هجون ها، جيئن اڳي ڪڏهن اسين هئاسون. پر هڪ ڏينهن ضرور اسين وري به طاقتور ۽ آباڻتي قوم ٿينداسون، ڇو ته اسان جي آزاديءَ لاءِ اسان سان جنهن بادشاهه جو واعدو ٿيل آهي، سو اسان وٽ ضرور ايندو.“

”هائو اهو ضرور ايندو“ ٻئي ريڍار چيو. ”منهنجي ته آس آهي ته اسان جي حياتيءَ ۾ اسان وٽ اهو اچي. شل مرڻ کان اڳ آءٌ هن کي ڏسي سگهان!“

جيئن ريڍارن پاڻ ۾ پئي ڳالهايو ۽ چوڌاري پنهنجي خاموش رڍن ڏانهن هر هر پئي ڏٺائون، ته هڪڙي بنهه غير رواجي ڳالهه هنن کي نظر آئي. هنن جي سامهون آسمان ۾، ۽ هنن جي چوڌاري، هڪڙي وڏي روشني ظاهر ٿي. اها اهڙي ته تکي هئي، جو ريڍار ڏڄي ويا. هيءَ روشني ڪمڙي ٿي سگهي ٿي، جا رات جي اونداهيءَ ۾ ائين تيز پئي چمڪي!

ڏڄي، ڏڄي، هنن پنهنجي چوگرد نهاريو ۽ ڏٺائون ته سامهون سندن ويجهو روشنيءَ جي بلڪل وچ ۾ هڪڙو ٻهڪندڙ سهڻو فرشتو بيٺو هو. هو روشنيءَ جي شعاع وانگر اتي چمڪي رهيو هو. ۽ هن جو آواز جيئن ئي هن ڳالهايو ائين لڳو ڄڻ سنگيت جو ڪو آسماني ساز هو جو ڇيڙي پيو هو.

”هو ڏسو!“ هڪڙي ريڍار، پنهنجي پرسان بيٺل ساٿيءَ جي ٻانهن کي جهليندي چيو. ”هو ڏسو! اهو ڇا ٿو ٿي سگهي؟“

”فرشتو!“ ٻئي ريڍار هيبت ۾ پرجي چيو ۽ هڪ هڪ ٿي، هو پنهنجن گوڏن ڀر ويهي رهيا. انهن مان ڪن پنهنجا منهن کڻي ڍڪيا.

چاڪاڻ تہ روشني سندن اکين کي کيرو ڪري رهي هئي. پوءِ فرشتي پنهنجو آواز اوچو ڪيو ۽ هيبت ۾ ڏڪندڙ ريڍارن سان سڌو ڳالهايو.

"ڊڄو نہ! ڇو تہ مون اوهان لاءِ وڏي خوشيءَ جي خبر آندي آهي، ۽ اها سڀني ماڻهن لاءِ آهي. ڇو تہ اڄوڪي ڏينهن اوهان وٽ، دائود جي هن شهر ۾ اوهان جو بچائيندڙ ڄائو آهي، جيڪو اوهان جو خداوند مسيح آهي. ۽ ان جي اوهان لاءِ نشاني هيءَ آهي تہ اوهين تنجڻ ۾ ويڙهيل ان ٻالڪ کي آهر ۾ ستل ڏسندا."

ريڍارن هي لفظ تمام گهڻيءَ حيرانيءَ سان ٻڌا. هيءَ ڪهڙي خبر هئي؟ سندن بادشاهہ ڄائو هو! ۽ اهو هنن ڪان پري ڪونہ هو! فرشتي انهن کي ائين ٻڌايو هو!

جيئن عجب ۾ ورتل هنن ساده دل شخصن اکيون مٿي ڪري، فرشتي ڏانهن ڏٺو جيڪو چانو ڪندڙ ٻن وڏن پکن ۾ ڍڪيل هو تہ انهن جي آڏو ٻي هڪڙي اچرج ۾ وجهندڙ۽ من موهيندڙ ڳالهہ ٿي. آسمان جي اوندهہ وکري ويئي ۽ فرشتي جي مٿان ۽ ان جي چوگرد نوراني هستين جو انبوهہ اچي گڏ ٿيو جيڪي سڀ ان اعليٰ خبر تي خوشيون ملهائي رهيون هيون. سڄي دنيا فرشتن سان ڀريل هئي، ۽ انهن سڀني گڏجي، جوش ۽ جذبي سان ڀريل آواز ۾ خوشيءَ جو گيت پئي ڳايو.

"سڀ کان اوچي ڏٽيءَ جي ساراهہ ڌرتيءَ تي امن ۽ سڀني ماڻهن جي ڀلائي! سڀ کان اوچي ڏٽيءَ جي ساراهہ ڌرتيءَ تي امن ۽ سڀني ماڻهن جي ڀلائي!"

ريڍارن هي سڀ گهڻي چاهہ ۽ اتساهہ سان پئي ٻڌو ۽ ڏٺو. اهڙو ڪرشمو هنن ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو ۽ اهڙين عجيب هستين جو هيڏو سارو ميڙ هنن جي ڪڏهن خيال ۾ بہ ڪونہ آيو هو. سڄو آسمان انهن سان ڀريل هو ۽ انهن جي خوشي ڀريل آواز سان سڄو ملڪ ڀري رهيو هو. ائين پئي ڏٺو چڻ انهيءَ اعليٰ خوشيءَ جي خبر ٻڌائڻ لاءِ آسمان جا سڀ فرشتا ان چپ چاپ بيٺل ٽڪريءَ تي اچي لٿا هئا.

پوءِ آهستي آهستي، چمڪندڙ روشني جهڪي ٿي ويئي، سڄو چمتڪار غائب ٿي ويو. فرشتا گم ٿي ويا، ۽ سڄي اونداهي موٽي فضا تي

ڇانئجي ويئي. رڳو هڪڙو هلڪو پڙاڏو انهن جي آواز جو پئي ٻڌو "…. ڏٺي جي ساراهه… ماڻهن جي ڀلائي….“

پوءِ اهو پڙاڏو به ٻيهي ويو ۽ اڳئين وانگر، رات جي اونداهيءَ ۾ تارا پئي ٽمڪيا ۽ چمڪيا. هڪڙي ڪتي ڀونڪات ڪيو ۽ پري ڪٿي هڪڙي پکيءَ دانهن ڪئي.

ٿوري دير، ريڊارن ڪجهه ڪونه ڪڇيو. هو ساهه روڪيو ترسيا رهيا ته ڀي ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ٿي ٿئي! هنن جي ڪنن مان هڪڙو سري آيو ۽ اڇي پنهنجي مالڪ جي گوڏي تي پنهنجي ڄاڙ رکيائين. ريڊار هن جي ڳچي نيري ۽ نرم آواز ۾ ان سان ڳالهايائين.

"ڇا، تو به اهي ڏٺا؟“

پوءِ ٻين ريڊارن ڳالهايو ڀهريائين آهستي آهستي، ڪجهه ڪجهه ڊڄندي ۽ پوءِ وڏن آوازن ۾ ۽ نيٺ ڏاڍي اڌمي ۾ اچي ويا.

"اڙي، اهي فرشتا هئا! اسان فرشتا ڏٺا، پنهنجي اکين سان، جيئري جاڳندي ۽ هنن کي ڪنن سان ٻڌوسين! توهان اهو ڏٺو جيڪو پنهنجي ويجهو هو، چمڪندڙ اکين وارو، وڏا ڀک هئس؟“

"آءٌ ته ڊنس پئي. پر ڪيڏي نه عجب ڀري ڳالهه آهي.“

"ڀهرين مون سمجهيو ته مون خواب پئي ڏٺو. پر اهڙو خواب ته ڪير به ڏسي ڪونه سگهندو.“

"پر اهي اسان وٽ ڇو آيا؟ اها ڪهڙي ڳالهه هئي، جيڪا فرشتي تي ڪئي؟ آءٌ ته اهڙو حيرت ۾ هوس، جو پوري ڳالهه به ڪانه ٻڌيم.“

"هن ڳالهه تي ڪئي ته اسان کي بچائڻ وارو دنيا ۾ اچي ويو آهي! هن چيو تي ته ٻنهه اڄ رات اهو دائود جي شهر ۾ ڄائو هو.“

"دائود جي شهر ۾! پر اهو ته بيت لحم جو شهر ٿيو. انهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي! اڄ سڄو ڏينهن اسان ماڻهن کي اوڏانهن ويندي پئي ڏٺو آهي!“

"اسان جو واعدي ڪيل بادشاهه اڄ رات ڄائو آهي! ڇا اهو سچ ٿي سگهي ٿو!، پوءِ اهو ته هڪ ننڍڙو ٻالڪ هوندو!“

"هائو اهو بلڪل سچ آهي. جيڪڏهن سچ پچ ائين نه ٿيو هجي ها، ته فرشتا هلي اچي اسان کي اها ڳالهه ڪانه ٻڌائين ها. آءٌ ڀانيان ٿو ته

سڄو شهر ستو پيو هو ۽ فقط پاڻ ٿي سجاڳ هئاسين. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي! توهان ڏٺو تہ ڪيئن سڄو آسمان چمڪندڙ فرشتن سان ڀريو پيو هو! هنن جيڪي چيو پئي، سو اوهان ٻڌو؟ وري وري پئي هنن گيت ۽ اها ڳالهہ چئي .... ڌرتيءَ جي ساراهہ... ڌرتيءَ تي امن... ماڻهن جي ڀلائي. مون کان تہ اها ڳالهہ اصل نہ وسرندي."

"پاڻ هلي، ننڍڙي بادشاهہ کي لهي نٿا سگهون؟ هن کي رڳو ڏسڻ بہ ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ ٿيندي!"

"ڇا هن محل، اڄ رات جو؟"

"ڇو نہ؟ فرشتي ڪونہ چيو تہ اتي هن کي لهي سگهنداسون! جيڪڏهن هن جي اها مرضي نہ هئي تہ اسين هن کي ڳولي لهون، تہ هو اسان کي اهين ڇو چوي ها؟ ڇا بہ هجي، آءُ تہ وڃان ٿو."

"پر هن کي ڪيئن ڳولي لهنداسون؟ اسان کي ڪهڙي خبر تہ هو ڪٿي آهي! هو شهر ۾ ڪنهن بہ گهر ۾ ٿي سگهي ٿو! اسين هر گهر جو در تہ ڪونہ وڃي کڙڪائينداسون تہ اتي ڪو نٿون ٻار تہ ڪونہ ڄائو آهي."

"اڄ رات اسين هر شيءِ ڪري سگهون ٿا! اسين ئي اهي ماڻهو آهيون، جن وٽ فرشتا آيا آهن. ان جي معنيٰ تہ اسان کي ئي ننڍڙو بادشاهہ ڳولي لهڻو آهي ۽ ان جي زيارت ڪرڻي آهي. آءٌ تہ هن لاءِ پنهنجو هڪڙو نئون ڄاول گهيٽڙو بہ ڪڻي هلندس."

"پر ڪٿي هلي هن کي ڳوليون؟ هو ڪنهن گهر ۾ تہ ڪونہ ٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ فرشتي ٿي چيو تہ هو هڪڙي آهر ۾ ستل هو. ڪو بہ ماڻهو ڪنهن ٻالڪ کي، جيڪو ڪنهن گهر ۾ ڄمندو، آهر ۾ تہ ڪونہ سمهاري سگهندو. ٻالڪ لاءِ تہ پينگهو هوندو آهي."

"هائو۔ هن برابر آهر ۾ چيو هو. ننڍڙو بادشاهہ سڀ کان اوچي ڌرتيءَ جو ٻالڪ، سو هڪڙي آهر ۾! ڇا اهو سچ ٿي سگهي ٿو؟"

"اها ڄاڻ اسان کي فقط تڏهن پئجي سگهندي، جڏهن پاڻ هلي ڏسنداسين. انهيءَ ڪري پاڻ کي هلڻ گهرجي ۽ هڪدم هلڻ گهرجي."

"ٻالڪ ضرور مسافرن مان ڪنهن جو هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ هو سراءِ ۾ ويا هجن ۽ اها ڀريل هجي. مون کي خبر آهي تہ هڪ پيرو اڳي بہ

سراءِ جي مالڪ پنهنجو واڙو مسافرن کي رهڻ لاءِ مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيو هو. پاڻ کي اوڏانهن هلڻ کپي."

ريڊار گڏجي اٿيا. هنن پنهنجا ڪڙتا خيال سان بت کي ويڙهيا، ڇو تہ هوا ڏاڍي ٿڌي پئي لڳي. هنن، سواءِ هڪڙي جي ٻيا سڀ، ڪتا اتي پنهنجن ڌڻن جي سنڀال لاءِ پوئتي ڇڏيا. هڪڙي ريڊار، ننڍڙي بادشاهہ لاءِ پنهنجو هڪڙو نئون چاول گهيٽڙو کنيو ۽ ڪٽي پنهنجن ڪلهن تي رکيو. پوءِ هو پاڻ اڳيان ۽ سندن ڪتو پٺيان، اتي پنڌ پيا ۽ ٽڪريءَ جي پاڙ وٽ وڃي رسيا. هنن جيڪي ڏٺو هو ۽ ٻڌو هو ان تي سچي واٽ عجب بہ ڪائيندا ويا ۽ هنن جي دل ۾ نئين چاول ٻالڪ کي ڏسڻ جي اجهل سڪ هئي.

ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل هنن ڪنڌ مٿي ڪري تارن سان جهنجهيل آسمان ڏانهن تي ڏٺو تہ من ڪو فرشتو وري وري ڪين ڏيکائي ڏئي. پر رات اونداهي هئي ۽ چوڌاري چپ چپات هئي، هو ٽڪريءَ تان چڙهندا، مٿي شهر ڏانهن هلڻ لڳا. هنن کي سراءِ جي خبر هئي. ۽ ترت ئي هنن جي نظر سراءِ جي ميريءَ جاءِ تي پيئي، جيڪا ڪجهہ اڳيرو رستي سان لڳ بيٺل هئي.

هو بيهي رهيا ۽ پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. ڇا، ڪين در ڪڙڪائڻ گهرجي ۽ سراءِ جي مالڪ کان پڇڻ گهرجي تہ هن جي واڙي ۾ ڪو رهيل تہ ڪونہ هو؟ هڙي اويلي ٽائي، هو جاڳندو تہ ڪاوڙيو تہ نہ؟

"ڏسو! هوڏانهن سراءِ جي پٺيان هڪڙي روشني پيئي ٽمڪي!" اوچتو هڪڙي ريڊار چيو. "اها غار مان پيئي اچي، جنهن ۾ سراءِ جو مالڪ پنهنجا ڍڳا ٻڌندو آهي. ضرور اتي هو آهن. هلو تہ اتي هلي ڏسون."

پوءِ آهستي آهستي، ريڊارن جي هيءَ ننڍڙي سنگت سراءِ جي پٺيان ڦري، غار جي واڙي ڏانهن هلڻ لڳي. اتي در تي يوسف جو ڪڙتو ٽنگيو پيو هو. هنن ڳچيون ڊگهيون ڪري ان جي مٿان اندر غار ۾ ڏٺو. ڪين ڪمڙي خبر تہ اندر ڇا هو!

پر، انهيءَ ئي گهڙي، لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ هنن بلڪل اهو ئي ڪجهہ ڏٺو جو فرشتي انهن کي چيو هو تہ هو ڏسندا. هڪڙو ننڍڙو ٻالڪ، ٽنجڻن ۾ ويڙهيل، آهر ۾، گهريءَ ننڊ ۾ ستو پيو هو.

”هو ڏسو! اهو ٻالڪ!“ هڪڙي ريڍار پڪو ڪيو. سيني اندر اونداهي واڙي ۾ چٽائي ڏٺو. هنن مريم کي ڏٺو جا پنهنجي پلال جي هنڌ تي ستل هئي. هنن يوسف کي ڏٺو جو هن جي پاسي ۾ ويٺل هو ۽ هن جي سنڀال ڪري رهيو هو. پر هنن جون اکيون وري وري وڃي ٿي ننڍڙي ٻالڪ تي پيون. جيڪو پنهنجي نرم ٻهه جي هنڌ ۾ ڏاڍي آرام سان سمهيو پيو هو.

”هو برابر تنجڻ ۾ ويڙهيل آهي، جيئن فرشتي چيو هو!“ ريڍارن چپن ۾ پڪيو. هيءُ ڪيڏو نه عجب آهي، جو مسيح هتي هجي، اسان جي اکين اڳيان۔ اهو ٻالڪ. جنهن جي ڄمڻ جي خبر اسان کي ٻڌائڻ لاءِ فرشتا آسمان مان هيٺ لهي آيا هئا!“

ڪتي تورو ڪوُنڪٽ ڪيو. هو رات جي هيترين سارين ڳالهين کي سمجهي نٿي سگهيو۔ فرشتن جي چمڪ، راڳ جا آواز ۽ هاڻي هيءُ شهر ڏانهن غير رواجي سفر جڏهن هنن کي ويهي رڍن جي سنڀال ڪرڻ کپندي هئي. هن جي مالڪ هن کي چپ ڪرائڻ لاءِ هن جي مٿي تي هٿ رکيو. پر سس پس جي. آوازن مريم جو آرام ڦٽائي وڌو ۽ هوءَ سجاڳ ٿي پيئي.

”ڪير آهي؟“ هن چيو ۽ يوسف ڏسڻ لاءِ اٿي ٻاهر ويو. در تي هو ڪتي سان گڏ ريڍارن کي بيٺل ڏسي، حيران ٿي ويو. هو هڪدم هن جي چوڌاري ٿي بيٺا، ۽ هن کي فرشتن جي ڳالهه ۽ جو ڪجهه انهن کين چيو هو سو ٻڌائڻ لڳا. هو گڏجي اندر غار جي واڙي ۾ ويا ۽ اتي ستل ٻار کي حيرت پرين ۽ سهميل اکين سان ڏٺائون. مريم هن کي آهر مان کڻي مٿي ڪيو ۽ ريڍارن جهڪي هن جي اڳيان ڪرنش ڪئي.

”فرشتا اسان وٽ آيا ۽ اسان کي چيائون ته وڃو ۽ وڃي تنجڻ ۾ ويڙهيل خدا جي ننڍڙي ٻالڪ کي آهر ۾ ستل ڏسو!“ ريڍارن چيو ۽ هنن مريم کي ان رات جي سڄي روئيداد جو احوال ٻڌايو. مريم پنهنجي ستل ٻار کي ٻانهن ۾ کنيو ويٺي هئي ۽ هنن جي سڄي ڳالهه ٻڌي، ڏاڍي تيرس ۾ پئجي ويئي. ريڍارن جي ڪتي به ٻالڪ ڏانهن جوهه وجهي ڏٺو ۽ ڊڳا، جيڪي رات جي وقت نوان ماڻهو پاڻ وٽ ڏسي حيران ٿي ويل ٿي لڳا، سي به پنهنجا ڪنڌ کڻي، وڏين ڪليل اکين سان هنن ڏانهن نهارڻ لڳا.

ريڊار نيٺ موڪلائي هليا ويا. انهن مان هڪڙي، ننڍڙي ٻالڪ لاءِ، يوسف وٽ پنهنجو نئون چاول گهيٽڙو ڇڏيو. ٻاهر اونداهيءَ رات ۾ ڪتو ريڊارن جي پٺيان پنهنجو پڇ لٽڪائيندو ويندو رهيو. چو ته ان اهو ئي چاتو تي ته هو هاڻي پنهنجن ڏٽن ڪي سنڀالڻ لاءِ هيٺ وادين ۾ موٽي پئي هليا. ٽڪريءَ تان هيٺ ويندي، هو پاڻ ۾ ڏاڍي اتساهه سان ڳالهيون ڪندا ويا. فرشتن ڪي ڏسڻ به عجب ڀريو ڪرشمو هو پر ٻالڪ مسيح ڪي ڏسڻ هنن لاءِ وڏي حيرت جي ڳالهه هئي. فرشتي جيڪي ڪجهه چيو هو ۽ جيئن چيو هو سو سڀ تيئن سچ ئي ثابت ٿيو هو.

"سڀاڻي اسين، جڏهن ماڻهن کي ٻڌائينداسين، ته هو ڇا چوندا؟" ريڊارن چيو. "هو اسان تي اعتبار ئي ڪونه ڪندا! ڪيڏي نه حيرت جي ڳالهه آهي، جو ڀرين خبر اسان کي ٻڌائي وئي! ڇا هو جو فرشتي تي چيو؟ اسان ڪي سچا پڇا اهي لفظ دل تي رکڻ کپن. "ڊڄو نه! چو ته مون اوهان لاءِ وڏي خوشيءَ جي خبر آندي آهي ۽ اها سڀني ماڻهن لاءِ آهي..."

ريڊارن کي اهي لفظ ترت ئي برزبان ياد ٿي ويا، چو ته اهي هو هر هر چوندا رهيا. ٻئي ڏينهن هنن سڄي ڳالهه لفظ لفظ ڪري هر ڪنهن کي ٻڌائي ۽ هنن جا ماڳ جلد ئي ٻارن سان ڀرجي ويا، جيڪي ڳالهه ٻڌي تپرس ۾ پئجي ٿي ويا. ۽ وري وري ان جي ٻڌڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. غار ۾ مريم به ترت ئي ماڻهن جي هنڌان هنڌان اچڻ تي هري وئي، جيڪي پنهنجي اکين ۾ حجاب ۽ حيرت ڀريو ڏانهنس ۽ سندس ستل ٻالڪ ڏانهن ڏسندا ٿي رهيا.

هن پنهنجي ان پاڪ ٻالڪ جي روشن چهري ڏانهن ڏٺو ۽ جو ڪجهه ٿيو هو، هوءَ ان بابت سوچڻ لڳي. نو مهينا اڳ، جيڪو چمڪندڙ فرشتو وٽس آيو هو ان بابت سوچيائين. پنهنجي پوڙهي سوٽ ايلزبيٿ بابت سوچيائين، جنهن جي هنج ۾ هاڻي يوحنا نالي هڪڙو سهڻو ٻالڪ پٽ هو. ان فرشتي بابت سوچيائين، جيڪو خواب ۾ يوسف وٽ آيو هو. هر ڳالهه کي هن دل ۾ اٿلايو پٿلايو. ۽ وڏيڪ هن ڳالهه تي هوءَ ويچارڻ لڳي ته سندس ننڍڪڙو نوراني ٻالڪ وڏي ڪمڙي نموني جو ڇوڪر ٿيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جيڪي ماڻهو سراءِ ۾ اچي ڳاهٽ ٿيا هئا، اهي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا ۽ بيت لحم ايترو ماڻهن سان ڀريل نه

رهيو. رهڻ لاءِ اتي جڳهه ملڻ هاڻي ڪجهه آسان هئي ۽ يوسف جلد ئي مريم ۽ هن جي ٻالڪ کي گڏهڙي تي ويهاري، سراءِ کان ٻاهر شهر ۾ هڪڙي موچاري گهر ۾ وٺي ويو جتي هوءَ ڪجهه سهنج سان رهي سگهي ٿي. مريم، ويندي ويندي، پراڻيءَ سراءِ ڏانهن منهن ورائي ڏٺو ۽ هن کي اهي سادا سؤدا ۽ صاف دل ريٻار ياد آيا، جيڪي رات جي وقت پنهنجا ڌڻ ڇڏي، اتي وٽن آيا هئا.

"تنهنجي ڄمڻ تي خوشيءَ جا نغما ڳائڻ لاءِ آسمان مان فرشتا لهي آيا هئا،" هن جهڪي، ننڍڙي ٻالڪ کي ڪن ۾ چيو. "مون وٽ ته تنهنجي پينگهي لاءِ رڳو آهر هو- پر تنهنجي آجيان لاءِ هن دنيا ۾ فرشتا موجود هئا."

# 6 : ٽي ڏاها ماڻهو

انهن ڏينهن ۾، پري اڀرندي پاسي، هڪڙي ڏورانهين ملڪ ۾، جتان سج اڀرندو آهي، ڪي ٽي ڏاها شخص رهندا هئا. اهي تارن کي سڃاڻندا هئا، ۽ کين انهن جي چرپر جي ڄاڻ هوندي هئي. هو چوندا هئا ته تارا کين سڀ کان اعليٰ خدا جا ويچار ڏسين ٿا. هنن کي خاطري هوندي هئي ته جڏهن به ڪو نئون تارو آسمان ۾ پڌرو ٿيندو هو ته اهو هيٺ ڌرتيءَ تي ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ خدا جو هڪڙو طريقو هوندو هو ته ڪا نه ڪا وڏي ڳالهه دنيا ۾ ٿيڻي هئي.

هڪڙيءَ رات انهن ڏاهن شخص ائين سمجهيو ته آسمان ۾ هڪڙي نئين تاري جي، پري پري، هنن ڪا جهڪي جهڪي روشني پئي ڏٺي! هنن، اشارو ڪري، اها هڪٻئي کي ڏيکاري ۽ سڄي رات ان کي هو پوري ڌيان سان ڏسندا ۽ جانچيندا رهيا. ٻيءَ رات اها روشني وڌيڪ چٽي ڏسڻ ۾ آئي. ٽيءَ رات اها ايتري ته چٽي هئي، جو ان جو سوجهرو ٻين سڀني تارن جي گڏيل سوجهري کان به وڌيڪ تکو ۽ چٽو هو.

"هاڻي ڳالهه آهي ته هن وڏي روشن تاري جو ڇا مطلب ٿيو؟" هڪڙي ڏاهي شخص ٻئي ڏاهي شخص کي چيو. "خدا اهو تارو اتي، انهيءَ جاءِ تي رکيو آهي، انهيءَ لاءِ ته اسين ڪنهن غير رواجي ڳالهه کان واقف ٿيون. سوال آهي ته اها ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟"

هنن پنهنجا پراڻا ڪتاب ڪڍيا. ۽ انهن ۾ هنن هڪڙي وڏي بادشاهه بابت پڙهيو ته اهو هڪڙي ڏينهن دنيا ۾ جنم وٺندو ۽ هڪڙي بيحد مضبوط بادشاهت تي راڄ ڪندو. ۽ اهو يهودين جو بادشاهه ٿيندو. شايد هن تاري جو مطلب اهو آهي ته اهو بادشاهه ڄائو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ائين پئي ڏنو ڇڻ اسرائيل جي ملڪ تي ئي پيو چمڪي، جتي يهودي ٿي رهيا.

"اسان کي اتي وڃي ڏسڻ گهرجي" ڏاهن شخصن چيو. "جيڪڏهن واقعي اهو بادشاهه ڄائو آهي ته اسان کي هن لاءِ تحفا کڻي وڃڻ گهرجن، ۽ هن جي وڃي بيعت ڪرڻ کپي. پراڻا ڪتاب چون ٿا ته هو اهڙو بادشاهه ٿيندو، جنهن جيڏو دنيا ۾ ٻيو ڪو به بادشاهه ڪڏهن نه ٿيو هوندو."

پوءِ هنن پنهنجن خادمن کي سڏيو ۽ هنن کي سفر لاءِ اٺن تي پاکڙن وجهڻ ۽ ٻئي راهه جي ثمر گڏ ڪرڻ لاءِ چيو. "اسين ان ٻالڪ بادشاهه لاءِ قيمتي تحفا کڻي هلنداسين" هنن چيو. "پنهنجي لاءِ اسين کاڌو کڻنداسين. رات جي سمهڻ لاءِ خيما به کڻنداسين، ڇو ته اسرائيل جو ملڪ اسان کان تمام گهڻو پري آهي."

هنن جي خادمن سڀ ڳالهه جي تياري ڪئي. اهي به پنهنجن مالڪن سان سفر ۾ گڏ ويندا هئا. اهي ڏاها شخص ايترا ته دولتمند هئا، جو پنهنجي ملڪ ۾ هو ڄڻ بادشاهه يا سردار هئا، ۽ ڪڏهن به خادمن جي لشڪر کي پاڻ سان کڻڻ کان سواءِ سفر تي ڪونه نڪرندا هئا. پوءِ اڃا آسمان ۾ اهو تارو شعلي وانگر چمڪي رهيو هو، ته هو روانا ٿيا ۽ هنن جا مهري اٺ سڄي رات تڪا تڪا هلندا رهيا.

ائين اهي ڏاها شخص ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون پنهنجن اٺن تي سفر ڪندا رهيا. هنن کي رڻن پٽن تان لنگهڻو پيو، پر سندن اٺن جا ويڪرا ڏاڍوڙا سولائيءَ سان ڦسڪندڙ واريءَ کي لتاڙيندا اڳتي وڌندا رهيا. رات جو سدائين اهو روشن تارو انهن جي اڳيان چمڪندو رهندو هو ۽ ائين پيو ڏسبو هو ڄڻ اهو کين راهه ڏيکاري رهيو هو. آسمان جي وڏي ويڪري گنبذ ۾ اهو ڏاڍو دلڪش ۽ سهڻو لڳندو هو.

هلندي هلندي، مسافر نيٺ اسرائيل جي ملڪ ۾ وڃي پهتا. هو پوءِ سڌا يروشلم جي شهر ڏانهن ويا، جتي يهودين جا بادشاهه رهندا هئا ۽ اٺن تي ويٺي ئي، هو وڃي وڏي شاهي محل جي دروازي جي اڳيان بيٺا.

"آخر پهچي وياسون!" هڪڙي ڏاهي شخص چيو "ڪيڏو نه ڏکيو سفر ڪيو اٿئون- پر هاڻي اسين ان نئين ڄاول بادشاهه جي زيارت ڪري سگهنداسون."

انهن ڏينهن ۾ يهودين جو ڏاڍو هڪڙو ڪنور بادشاهه هوندو هو جنهن جو نالو هيروڊ هوندو هو. رومن لوڪ هن کي يهودين جو بادشاهه بڻايو ويٺا هوندا هئا، ۽ هن کي سدائين ان اڏاريءَ بادشاهي تان لهي وڃڻ جو ڊپ هوندو هو. پنهنجن ماڻهن مان ڪنهن تي به ڪو شڪ پوندو هوس، ته هڪدم ان کي مارائي ڇڏيندو هو.

هن جا خادم ڏسڻ لاءِ ڊوڙي محل جي دروازي وٽ ويا ته ڪير اهڙا غير معمولي ۽ شاهي قسم جا ماڻهو اتي آيا هئا! هو انهن ڏاهن شخصن جي آڏو باادب بيهي رهيا، ۽ انهن کي جهڪي سلام ڪيائون ۽ وڏي مان سان انهن کي پنهنجي مالڪ هيروڊ بادشاهه وٽ وٺي ويا.

ائين هي ڏاها شخص ان پاپي بادشاهه جي آڏو آيا ۽ انهن جا پٽڪا ۽ چوغا هن جي دربار ۾ بلڪل ٻيءَ دنيا جا ۽ بيحد عجيب پئي لڳا. هنن هيروڊ کي سلام ڪيو ۽ هن کان هڪڙو سوال پڇيائون، جنهن جي ٻڌڻ سان هن کي ڊپ وٺي ويو ۽ هو حسد جي باهه ۾ جلڻ لڳو.

"ڪٿي آهي اهو جيڪو نئون يهودين جو بادشاهه ڄائو آهي؟" هنن چيو. "اسان مشرق ۾ هن جو تارو اڀرندي ڏٺو آهي، ۽ اسين هن جي بيعت لاءِ آيا آهيون."

"يهودين جو بادشاهه! نئون ڄائو آهي! اوهان جو ڇا مطلب آهي؟" هيروڊ چيو ۽ هن جو منهن ڪاراٽجي ويو. "آءٌ بادشاهه آهيان، هيءُ منهنجو محل آهي، جتي اوهين آيا آهيو! ڪهڙو تارو اوهان مشرق ۾ ڏٺو آهي؟"

ڏاهن شخصن هن کي سمجهايو ته "اهو تارو تو هيروڊ بادشاهه جو نٽئو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته اهو بنهه هاڻي نئون اڀريو آهي، جنهن جي معنيٰ ته ٻيو يهودين جو بادشاهه ڄائو آهي- وڏو بادشاهه سيني اڳين بادشاهن کان وڏو بادشاهه."

هيروڊ جي دل ڪاوڙ ۽ ڊپ ۾ گهٽجي ويئي. اهو نئون ڄاول بادشاهه ڪير هو؟ ڪٿي هو؟ هن ته ان جو نالو به ڪونه ٻڌو هو! بس، هن جي رڳو هٿ اچي، ته يڪدم مارائي ڇڏيس! پر اها ڳالهه ڪيس انهن ڏاهن شخصن جي آڏو نه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري، هيروڊ پنهنجن انهن عاليشان

ملاقاتين اڳيان. منهن تي مڪاريءَ جي مرڪ آڻيندي، چيو "آءٌ ان کي ڳولڻ ۾ اوهان جي هر ڪا مدد ڪندس. منهنجي درٻار ۾ ڪيئي ڏاها ماڻهو آهن ۽ اسان وٽ پراڻا عجيب عجيب ڪتاب به آهن، جن ۾ اڳين ڏينهن جي هوشيار هوشيار يهودين جا قول محفوظ آهن. انهن جي پڙهڻ اڳڪٿي آهي ته هڪ ڏينهن وٽن هڪڙو وڏو بادشاهه ايندو. شايد اهو ئي بادشاهه اوهين چئو ٿا. آءٌ اوهان کي معلوم ڪرائي ٿو ڏيان ته هو ڪهڙي شهر ۾ ڄمندو ۽ پوءِ اوهين ڀلي وڃي اتي ان کي ڏسجو."

پوءِ هيروڊ پنهنجا عالم ۽ مذهبي پيشوا سڏايا ۽ انهن کان پڇيائين، "اوهان کي اهڙي ڪنهن وڏي بادشاهه جي خبر آهي، جيڪو ڪنهن ڏينهن اسرائيل تي راڄ ڪندو! جيڪي معلوم هجيو سو مون کي ٻڌايو!"

"اسان کي ان بادشاهه جي خبر آهي،" عالم شخصن چيو. "پراڻن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته ان جو ظهور ٿيندو."

"ڀلا، پراڻن ڪتابن ۾ اهو ٻڌايل آهي ته اهو ڪٿي ڄائو ڄمندو؟" هيروڊ پڇيو.

عالم شخصن مان هڪڙو وڏي اڳيان آيو. هن جي هٿن ۾ هڪڙو پراڻو طومار هو جنهن ۾ اڳين ڏينهن جي بزرگن جا قول لکيل هئا.

"هتي هڪڙو قول موجود آهي، جنهن مان شايد ان بادشاهه جي جنم جو هنڌ معلوم ٿي سگهي!" ان شخص چيو. "هاڻي هي ٻڌو!" پوءِ هن پنهنجي طومار مان پڙهڻ شروع ڪيو. "پر، اي بيت لحم. افرات وارق جيڪي يهودا جي ڪٽنبن ۾ هيٺا ۽ هيٺانهان تي وڃڻ وارا آهيو اوهان مان ئي پوءِ هڪڙو مون وٽ ايندو جيڪو اسرائيل جو بادشاهه ٿيندو."

"بيت لحم!" هيروڊ چيو. "ان جي معنيٰ ته انهي معمولي شهر بيت لحم ۾ هن جو جنم ٿيندو. اوڏانهن وڃو منهنجا دوستو اتي وڃي پنهنجي نئين ڄاول بادشاهه جي ڳولا ڪريو!"

"اهو بيت لحم جو شهر ڪٿي آهي؟" ڏاهن شخصن پڇيو. "گهڻو پري آهي ڇا؟"

"نه تمام ويجهو آهي،" هيروڊ جواب ڏنو. "بيت لحم جا ماڻهو اڪثر پيادل ٽڪريءَ تان لهي، يروشلم تائين به هليا ايندا آهن. اوهان کي اتي پهچڻ ۾ دير ڪانه لڳندي."

پوءِ جڏهن هو بيت لحم ۾ داخل ٿيا، تڏهن سواءِ ڪنهن دير مدار جي، پڇا ڪيائون تہ شهر ۾ ڪو نئون ڄاول ٻار تہ ڪٿي ڪونہ هو!

"هائو!" هڪڙيءَ مائيءَ پڇڻ تي انهن کي ٻڌايو. "او هو گهر، پريان ڏسو ٿا؟ اتي اهو ٻالڪ ۽ هن جي ماءُ اوهان کي گڏبا."

ڏاهن شخصن ان ننڍڙي گهر ڏانهن نهاريو. هوڏانهن، وڏو روشن تارو ڏٺو پئي تہ بلڪل ان گهر جي مٿان بيٺو هو.

"اهو ئي گهر آهي." ڏاهن شخصن چيو. "تارو اسان کي اهو ڏيکاري رهيو آهي. هلو تہ اوڏانهن هلون!"

۽ پوءِ هو اتي ويا، جتي مريم پنهنجي ابهم ٻالڪ سان ويٺي هئي. هوءَ هڙن تن ٻاهرين سکر ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، حيران ٿي ويئي ۽ جڏهن هو هن وٽ پهتا ۽ سندس گوڏي تي ليٽيل ٻار جي آڏو جهڪي هن جو سلام ڪيائون ۽ ڪرنش بجا آندائون، تڏهن هوءَ هيڪاري عجب ۾ پئجي ويئي ۽ وڏين اکين سان هنن ڏانهن ڏسڻ لڳي.

"يهودين جو ننڍڙو بادشاهہ!" هڪڙي ڏاهي شخص چيو. آخر اسين هن وٽ پهچي وياسون. اچو تہ هن کي تحفا پيش ڪريون، جيڪي اسان هن لاءِ آندا آهن."

انهن ڏينهن ۾ جيڪي تحفا بادشاهن کي ڏنا ويندا هئا، انهن ۾ هيرا جواهر، خوشبودار عطر ۽ عجيب غريب مصالحا ضرور شامل هوندا هئا. ۽ اهي ئي شيون هي ڏاها شخص يسوع لاءِ کڻي آيا هئا۔ ڇاڪاڻ تہ هيءُ بادشاهہ ئي تہ هو! ۽ هن کي بادشاهي تحفا ئي پيش ٿيڻا هئا. خادم انهن جي ٻورن مان پيٽيون ڪڍي آيا ۽ اٽي پنهنجن مالڪن جي اڳيان رکيائون. ڏاهن شخصن اهي کوليون ۽ انهن مان اهي تحفا هڪ هڪ ڪري ڪڍيا.

"هيءُ سون آهي،" هڪڙي چيو.

"هيءُ زعفران آهي،" ٻئي چيو.

"هيءُ عطر آهي،" ٽئين چيو.

مريم انهن عجيب غريب تحفن کي حيرت وچان پئي ڏٺو ۽ پنهنجو ٻالڪ پنهنجي ڇاتيءَ سان لايو ويٺي هئي. هن پنهنجي ٻالڪ کي پنهنجي ساهہ کان وڌ پيار ٿي ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هو ئي سندس ساهہ هو. ان

هوندي به ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو جڻ هيءَ ٻالڪ آسماني ٻالڪ هو ۽ فرشتن جو ٻالڪ هو انهن عاليشان ٻاهرين مسافرن جو هو جيڪي هن کي ڪرنش ڪري رهيا هئا، ۽ انهن ريڍارن جو هو جن ٻاهر کيتن ۾ رڍون پئي چاريون. انهن هن کي سڃاتو هو ۽ هنن هن کي پنهنجي ساهه کان وڌ پيار ٿي ڪيو ڇو ته هو ٿي سندن ساهه هو. هو سڄيءَ دنيا جو هو.

ڏاها شخص پوءِ هليا ويا، ڇاڪاڻ ته رات جي ويل هئي. هو پنيان پيتيون ڇڏي ويا، ۽ مريم انهن مان وري تحفا ڪڍي پئي ڏٺا ۽ انهن جي سونهن ۽ سرهاڻ تي خوش به پئي ٿي ۽ عجب به پئي کاڌائين.

"پري کان آيل مسافرن چيو پئي ته هو اڄ هيروڊ بادشاهه سان مليا هئا،" مريم يوسف سان ڳالهه ڪئي. "بادشاهه ئي هنن کي ڏسيو هو ته هو اسان جي ٻالڪ کي بيت لحم ۾ لهي سگهندا. هو سڀاڻي هن وٽ موٽي ويندا ۽ هن کي وڃي ٻڌائيندا ته اسان جو ننڍڙو يسوع هتي آهي."

ڏاها شخص رات گذارڻ لاءِ وڃي سراءِ ۾ ترسيا، ڇاڪاڻ ته اويل ٿي چڪي هئي، ۽ هو ان وقت موٽي نٿي سگهيا. هنن جا اٺ انهيءَ واڙي ۾ ٻيٺل هئا، جتي مريم تنهن رات رهي هئي، جڏهن يسوع ڄائو هو. ساڳين ڪبوترن اتي ڪوڪو پئي ڪئي. ساڳين ڍڳن اتي ڪرن سان زمين پئي اُکلي. ڏاهن شخصن سراءِ ۾ بهترين ڪوٺيون پنهنجي رهڻ لاءِ ورتيون ۽ انهن ۾ رات جي چنئن پهرن گذارڻ لاءِ هو تياريون ڪرڻ لڳا.

"سڀاڻي اسين موٽي هيروڊ جي محل ڏانهن وينداسين ۽ بادشاهه کي ٻڌائينداسين ته يسوع بيت لحم ۾ ڪٿي رهيل هو." منجهائن هڪڙي چيو.

پر انهن ائين ڪونه ڪيو ڇو ته رات جو خواب ۾ خدا جي طرفان انهن کي ائين ڄِتايو ويو هو. جڏهن صبح جو هو جاڳيا، تڏهن اٺن سان هو هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

"مون کي خواب ۾ چيو ويو آهي ته اسان کي هيروڊ جي محل ڏانهن وڃڻ نه کپي." هڪڙي چيو.

"مون کي پڻ،" ٻئي چيو. ۽ ٽئين به ان تي پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. "اسين ٻئي رستي سان پنهنجي وطن موٽنداسين،" هن چيو. "اڄ صبح جو

هتان نڪرنداسين، پر يروشلم وارو رستو ڪونہ وٺنداسين، متان بادشاهہ اسان جي تاڙ ۾ ان رستي سان پنهنجا سپاهي بيهاري ڇڏيا هجن!“

انهيءَ ڪري هو بيت لحم مان نڪري، ٻيو رستو وٺي، پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. هو پنهنجيءَ دل ۾ ڏاڍا خوش هئا، جو هو پاڪ ٻالڪ کي ڏسي سگهيا هئا ۽ هن کي پنهنجا تحفا ڏنا هئائون.

”هو سچ پچ تہ هڪ اعليٰ بادشاهہ ٿيندو،“ ڏاهن شخصن هڪٻئي کي چيو. ”هن جي تاري جهڙو تارو، جيڪو بلڪل ان گهر جي مٿان بيٺو رهيو جتي هو ستل هو اڳي ڪڏهن بہ ڏٺو نہ ويو آهي.“

”هيروڏ بادشاهہ هن کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو،“

هڪڙي ڏاهي شخص چيو. ”جڏهن خدا اسان کي خواب ۾ هيروڏ ڏانهن موٽي نہ وڃڻ لاءِ چيو تڏهن اسان کي ڪپي ها تہ هن جي ماءُ کي وڃي خبردار ڪريون ها.“

”جيئن خدا اسان کي خبردار ڪيو تيئن هو ٻالڪ جي ماءُ کي بہ خبردار ڪندو،“ ڏاهن شخصن مان هڪڙي چيو. ”مون کي سراءِ جي مالڪ ٻڌايو تہ هيروڏ هڪ پاپي بادشاهہ آهي. هو نئين ڄاول بادشاهہ جو ڪڏهن بہ خيرخواهہ نہ ٿي سگهندو.“

ان وچ ۾ هيروڏ پنهنجي محل ۾ انهن ڏاهن شخصن جي موٽڻ جو سخت انتظار ڪري رهيو هو. اهي ڪڏهن موٽندا؟ موٽڻ ۾ هو ڪيترو وقت وٺي رهيا هئا؟

# 7 : بيت لحم جي ڏک جو ڏينهن

جڏهن ڏاها شخص وٽس موٽي نہ آيا، تڏهن هيروڏ ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو. هن جو خيال هو تہ وڌ ۾ وڌ هو هڪ رات بيت لحم ۾ گذاريندا، ۽ ٻئي ڏينهن هو ضرور موٽي يروشلم ۾ وٽس پهچي ويندا.

پر جڏهن هو يروشلم ۾ ظاهر ٿي نہ ٿيا، تڏهن هيروڏ پنهنجا خادم ٻاهر موڪليا تہ ڏسي اچن تہ ڪهڙي ڳالهہ ٿي هئي، جو هو واپس نہ ٿيا هئا. اهي خادم بيت لحم ڏانهن ويا، ۽ جلد ئي اتي معلوم ٿين تہ اهي نيڪ ۽

عاليشان مسافر پيو رستو وٺي هليا ويا هئا. ۽ هاڻي ته ڪافي رستو لتاڙي، گهڻو اڳتي نڪري ويا هوندا.

ان ڳالهه تي هيروڊ، پنهنجي عادت موجب، ڪاوڙ ۾ پرجي ويو ۽ انهن ڏاڍهن شخصن تي پرپٺ سخت ڇوهه ڇنڊڻ ۽ ڇرين وانگر انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو.

"آءٌ انهن جي پويان تيز گهوڙي سوار موڪليندس. آءٌ انهن کي پڪڙي، قيد ۾ بند ڪندس. هنن کي ٻڌائڻو پوندو ته اهو نئون ڄاول بادشاهه هنن ڪٿي ڏٺو هوا!"

پر اهي ڏاها شخص ڪافي پري هليا ويا هئا ۽ هن جي قبضي کان ٻاهر نڪري چڪا هئا. هيروڊ جي خادمن هن کي اها ڳالهه ٻڌائي، پر ٻڌائيندي پئي ڏڪيا ته سندن مالڪ جيڪو سخت پاپي ۽ ظالم هو ڪٿي کين مارائي نه وجهي. ڇاڪاڻ ته هو ڄڻ پنهنجي دستوري ڪاوڙ جي جنون ۾ ايندو هو ته ٻنهه اندو تي پوندو هو ۽ خبر ڪانه پوندي هيس ته ڇا ٿو ڪري ۽ ڇو ٿو ڪري.

"آءٌ اهو ٻالڪ ضرور هٿ ڪندس،" هيروڊ رڙ ڪئي، "آءٌ تيسين ننڊ نه ڪندس، جيسين، هن کي نه جهليندس. هن کي آءٌ قتل ڪرائي ڇڏيندس! منهنجي بادشاهت ۾ ڪو به نئون بادشاهه پيدا ٿي نٿو سگهي. آءٌ هن کي ڳولي ڳولي ماريندس."

پر ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي، ته ٻالڪ ڪٿي هو ۽ نه ڪنهن کي اها خبر هئي ته هو ڪيڏيءَ عمر جو هو. هڪ ٻالڪ هفتي جو به ٿي سگهيو ٿي ۽ هڪ سال جو به. ڏاهن شخصن هيروڊ کي هن جي عمر ڪانه ٻڌائي هئي، ۽ نه وري اها انهن کي معلوم ٿي هئي. هيروڊ پنهنجن عالمن کان ان جي پڇا ڪئي، پر انهن کي خبر ڪانه هئي ته اهو ٻالڪ ڪيڏيءَ عمر جو هو.

"هن ٻار کي ڳولي لهڻ ۽ ان کي مارڻ ناممڪن آهي." هيروڊ جي هڪڙي عالم چيو.

"آءٌ ڄاڻان ٿو" هيروڊ پنهنجي ساهه کي گهُٽيندي چيو. "آءٌ ڄاڻان ٿو ته هيءُ ٻار ڪيئن مرندو! ڪير ٿيندو آ هيءُ نئون پيدا ٿيل بادشاهه؟

هڪدم منهنجي فوج جي ڪپتان کي مون وٽ حاضر ڪيو وڃي! هن کي ڪم ڪرڻو آهي!"

هيروڊ ڏاڍو پاپي هو ۽ پاپي ماڻهو هميشہ ڪنور ٿيندا آهن. هن دل ۾ پنهنجي شيطاني رٿا جو پٺي سوچيو تہ هن جون اکيون ٽانڊن وانگر پٺي ٻريون. "آءُ بيت لحم ۾ ٻن سالن جا سڀ نر۔ ٻالڪ ڪهائي ڇڏيندس،" هن سوچيو. "هر هڪ! پوءِ نئون ڄاول بادشاهہ بہ پڪ ٿي پڪ انهن ۾ ڪسي ويندو ڇاڪاڻ تہ ڪنهن هڪ کي بہ بچي وڃڻو نہ آهي."

پوءِ هن پنهنجي فوج جي ڪپتان کي حڪم ڏنو. هن جو حڪم نهايت ظلمي حڪم هو. "بيت لحم جي شهر ۽ ان جي چؤگرد ڳوٺن جا سڀ ٻن سالن جا ۽ انهن کان ننڍا نر ٻالڪ ڪهي ڇڏيو! خبردار جي ڪو هڪڙو بہ بچيو آهي!"

اوهان کي عجب لڳندو تہ ڪو ماڻهو اهڙو ڪنور بہ ٿي سگهندو آهي، پر برائي ۽ ڪنورتا سدائين گڏوگڏ هونديون آهن. هن پنهنجن سپاهين کي اهي حڪم ڏنا ۽ هو محل مان نڪري، سڌا تڪڙيءَ تان چڙهندا، بيت لحم شهر تي ڪاهي ويا. هنن اڳي بہ هيروڊ جي حڪم سان ڪيترائي ڪنورتا جا ڪم ڪيا هئا، پر ههڙو دهشتناڪ ڪم هنن ڪڏهن ڪونہ ڪيو هو.

هو جلد ئي بيت لحم ۾ پهچي ويا. شهر جا ماڻهو انهن کي اوچتو اتي ڏسي وائڙا ٿي ويا. هيروڊ جا سپاهي هتي ڇو آيا هوندا؟ ٻار ميڙ ڪري ٻاهر هنن کي ڏسڻ لڳا ۔ ۽ پوءِ، جيئن ئي هنن هڪڙي ڇوڪري ڏٺي، جنهن جي ڪڇ ۾ ننڍڙو نر ٻالڪ هو تيئن انهن مان هڪڙي سپاهيءَ ٽپ ڏيئي، پنهنجي چمڪندڙ تلوار زور سان ٻالڪ تي وهائي ڪڍي ۔ ۽ ٻار هڪدم ٻہ ٽڪرا ٿي وڃي پري پيو. ننڍڙي ڇوڪري دانهون ڪندي، پنهنجي گهر ۾ گهڙي ويئي. "امان! او امان اسان جو ڪڪو اسان جو پيارو ننڍڙو ڪڪو."

پوءِ ماڻهن کي خبر پيئي تہ ڪيڏو وڏو ظلم ٿي رهيو هو ۽ هو پنهنجن ٻارن کي اندر ڪرڻ لاءِ وٺي ڇرين وانگر ڀڄا. سپاهي نر ٻالڪن کي ڳولڻ لاءِ هيڏي هوڏي ڇتا ٿي پٺي ڊوڙيا، ۽ ڊپ ۾ ڏڪندڙ مائرون پنهنجا ٻچا لڪائڻ لڳيون.

”هيرودؤ جو حڪم!“ سپاهين رڙ ڪئي، ۽ در ڀڄي، گهرن ۾ ڌوڪيندا ٿي ويا. ۽ بيوس ننڍڙن ٻارن کي جهليندا، اتي جو اتي قتل ڪندا، اڇلائيندا ٿي ويا. گهر گهر مان دل ڏاريندڙ روڄ ۽ راڙو اٿي، آسمان ۾ گم ٿي ٿي ويو ۽ ڏسندي ڏسندي سڄو شهر ماتم ۾ وٺجي ويو.

سپاهين پنهنجو ڪم پوريءَ چستيءَ سان پورو ڪيو. هنن بيت لحم ۽ ان جي آسپاس ٻن سالن جي عمر ۽ ان کان گهٽ عمر جو هڪ هڪ نر ٻالڪ قتل ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ هو پنهنجي تلوارن تان رت اگهي، انهن کي مياڻ ۾ وجهي، گهوڙن تي چڙهيا ۽ بيت لحم جي ٽڪريءَ تان ڍاول ڪٽن وانگر ڀؤڪندا لهندا، وڃي پنهنجي رت پياڪ پاپي مالڪ بادشاهه هيرودؤ وٽ حاضر ٿيا.

”سڀ نر- ٻالڪ ڪهي ڇڏياسون.“ باادب بيهي ڪپتان احوال ڏنو ۽ هيرودؤ خوش ٿي، ڪنڌ هيٺ مٿي ڪيو. هاڻي هو سلامت هو. هاڻي ننڍڙو چاول بادشاهه جنهن لاءِ آسمان ۾ تارو چمڪيو هو ۽ جنهن کي ڏسڻ لاءِ مشرق مان ڏاها بادشاهه ايڏو سفر ڪري آيا هئا، سو ختم ٿي چڪو هو. هاڻي، ڪو به هيرودؤ جو تخت ڪونه ڦريندو. هيرودؤ يهودين جي هر نئين چاول بادشاهه کان وڌيڪ طاقتور ۽ عقلمند هو.

هيرودؤ بادشاهه بيت لحم جي غريب مائرن جا سڏڪا ۽ دانهون ڪونه ٻڌيون. هن وڏيرن ٻارن جا هيڊ جهڙا ٻنل منهن ڪونه ڏٺا، جيڪي هيبت ۾ شهر ڇڏي، ٽڪريءَ جي ڇپن پنيان لڪي ويا هئا. ته متان هيرودؤ جا سپاهي موٽي اچي کين به نه قتل ڪن. هن کي پنهنجي ۽ پنهنجي طاقت کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جي پرواهه ڪانه هئي.

# 8 : يسوع ڪيئن بچيو

جڏهن سپاهي اتي آيا هئا، تڏهن ٻالڪ يسوع بيت لحم ۾ ڪونه هو. انهيءَ ڪري هو بچي ويو. هو ان وقت پري، ڪنهن ٻئي هنڌ هو ۽ بلڪل سلامت هو.

ڏاهن شخصن جي وڃڻ کان پوءِ، مريم سندس ٻالڪ بادشاهه ۽ يوسف سمهي پيا ۽ ننڊ ڪچي وين. جيئن يوسف پڪيءَ ننڊ ۾ ستو پيو هو ته

هڪڙو فرشتو هن وٽ خواب ۾ آيو ۽ اچي هن جي پرسان بيٺو. بلڪل ائين جيئن مريم سان شاديءَ پيري اهو هن وٽ آيو هو. يوسف فرشتي ڏانهن نهاريو ۽ جو ڪجهه ڪيس اُن چيو اهو ڏيان سان هن ٻڌو. فرشتي يوسف لاءِ ان چپ چاپ اونداهيءَ رات ۾ هڪ عجيب قسم جو پيغام آندو هو.

”اٿ!“ فرشتي هن کي چيو. ”اٿ ۽ ننڍڙي ٻالڪ ۽ هن جي ماءُ کي وٺي، هتان نڪر ۽ مصر ڏانهن ڀڄي وڃ، ۽ اتي تيستائين ويهي رهه جيستائين آءٌ وري اتان موٽي اچڻ لاءِ توکي چوان. ڇاڪاڻ ته هيروڊ ننڍڙي ٻالڪ کي مارڻ لاءِ هن جي ڳولا ۾ آهي.“

يوسف جاڳي پيو ۽ اتي ويهي رهيو ۽ عجب کائڻ لڳو. فرشتو ته گم ٿي ويو. ڇا، اهو خواب هو؟ پر ان ۾ ته هن لاءِ خدا جو پيغام هو! يوسف مريم کي سڏ ڪيو ۽ هوءَ جاڳي پيئي.

”مريم! مون خواب ۾ هڪڙو فرشتو ڏٺو آهي،“ جهيڻي آواز ۾ يوسف چيو ڇاڪاڻ ته هن ستل ٻالڪ کي جاڳائڻ نٿي چاهيو.

”فرشتي ڇا چيو؟“ مريم پڇيو.

”هن چيو ته اسان کي ننڍڙي يسوع کي کڻي، مصر ڏانهن ڀڄي وڃڻ کپي،“ يوسف چيو. ”فرشتي چيو ته هيروڊ هن کي مارڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو هتي موڪلڻ وارو آهي. هو اچرج جهڙا شخص جيڪي رات هتي آيا هئا ۽ يسوع لاءِ سٺا سٺا تحفا کڻي آيا هئا، تن هن بابت گهڻو ڪجهه هيروڊ کي ٻڌايو هوندو. انهيءَ ڪري ٻار کي هڪدم هتان نڪرڻ گهرجي.“

”هاڻي، هن مهل؟“ مريم حيران ٿيندي چيو.

”هائو“ يوسف چيو. ”اسان کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي جيئن فرشتي چيو آهي. ۽ هن مون کي چيو ته اسان کي هڪدم هتان نڪرڻ کپي. ٻار کي تيار ڪر، مريم، ۽ ڪجهه کائڻ لاءِ به کڻ. ٿورو گهڻو جيڪو سامان آهي، سو به ناهه. تيسين آءٌ وڃي پنهنجو گڏهه ڳولي ٿو اچان. ان تي تون ۽ ننڍڙو چڙهي ويهجو. سيگهه ڪر، ڇو ته آءٌ سمجهان ٿو ته ٻارڻ کي بنهه وقت ڪونهي.“

يوسف ڪڙتو پائي ٻاهر نڪتو. ٻاهر هن کي سندن غريب گڏهڙو ٻيٺل ملي ويو جيڪو پنهنجي مالڪ کي رات جي ان بيگاهه وقت ۾ پاڻ

ڏانهن ايندي ڏسي، حيران ٿي ويو. يوسف ان کي وٺي، ان تي آٽر وڏا ۽ ڪاهي آٽي در تي بيهاريائينس.

مريم پنهنجيون ٿوريون گهٽيون شيون تڙ تڪڙ ۾ ويڙهي ڪنيون. هن ڪجهه ڪاڏو ڪٽي، هڙ ۾ ٻڌو. سفر ۾ اهو ڪين گهربو. ڇاڪاڻ تہ ڪين بہ تي ڏينهن لاڳيتو پنڌ ڪرڻو هو. پوءِ هن ستل ٻالڪ کي کنيو ۽ پنهنجين ٻانهن ۾ سوگهو ڪري جهليو. هن جي دل پاپي بادشاهہ هيروڊ جو خيال ڪندي، خوف ۾ ڌڪي تي ويئي. ان ظالم شخص زندگيءَ ۾ ڪيترا نہ ماڻهو ماريا هئا! پر هو هاڻي سندس ساهہ جهڙي پياري ننڍڙي ٻالڪ کي هرگز ماري نہ سگهندو.

پوءِ رات جي اونداهيءَ ۾ چپ چاپ، هو چارئي- يوسف، مريم، ننڍڙو يسوع ۽ سندن غريب گڏهڙو- پاسائون رستو وٺي، بيت لحم جي شهر مان نڪري ويا. هو تڪا تڪا هلندا ويا، ۽ رڳو ڪو ٿورو دم ڪٽي ترسيا ٿي تہ جيئن ڪجهہ گرهہ کائي سگهن ۽ پاڻيءَ ڍڪ پي سگهن: ڇاڪاڻ تہ جيستائين هو هيروڊ جي بادشاهيءَ جي حدن ۾ هئا، تيسين هو ان جي وس ۾ هئا. هنن کي جلد مصر پهچڻو هو ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ ئي هو پاڻ کي بچيل ۽ سلامت سمجهي سگهيا ٿي.

۽ نيٺ، هلندي هلندي، هو مصر پهچي ويا ۽ اتي رهڻ لڳا. هو اتي خدا جي ٻئي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳا. هو اتي اوستائين رهڻا هئا، جيستائين هنن لاءِ پنهنجي وطن ڏانهن سلامتيءَ سان موٽڻ ممڪن بڻجي سگهي.

ائين، جڏهن هيروڊ جا سپاهي پنهنجين خوني تلوارن سان بيت لحم ۾ پهتا، تہ يسوع اتي ڪونہ هو. گهڻا ئي گلن جهڙا سهڻا ٻالڪ ڪسجي ويا، پر يسوع انهن ۾ ڪونہ هو. هو پري، هڪڙي ٻئي ملڪ ۾ هو جتي هن جي مهربان ماءُ هن کي پاليندي ۽ نپائيندي رهي. جڏهن هنن کي خبر ٿيندي تہ هو پنهنجي وطن واپس وڃي سگهيا ٿي، تڏهن هوءَ ۽ يوسف موٽي پنهنجي قوم سان، پنهنجن ماڻهن سان، وڃي ملندا.

ان کان پوءِ هيروڊ مري ويو. ان ڪنور ۽ پاپي بادشاهہ کي پنهنجي بادشاهت ۽ پنهنجو تخت پويان ڇڏي، ٻيءَ دنيا ۾ پنهنجي خدا وٽ پيش ٿيڻو پيو. يوسف کي هن جي موت جي خبر پيئي، ڇاڪاڻ تہ اها خبر هن کي وري بہ هڪڙي فرشتي اچي ٻڌائي.

”اڃا،“ فرشتي هن کي چيو. ”ننڍڙي ٻار ۽ هن جي ماءُ کي وٺي، اسرائيل جي ملڪ ۾ وڃ. ڇاڪاڻ ته اهي جيڪي ٻار جي حياتيءَ جا گهورا هئا، سي پاڻ حيات نه آهن.“

پوءِ يوسف خوش ٿي اٿيو ۽ گڏهڙي تي آتر وڌائين، ۽ مريم ۽ ننڍگر کي وٺي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو. يسوع هاڻي ننڍڙو ٻالڪ نه هو ۽ جيئن هو رستو وٺي واپس پئي آيا، تيئن هو اپو ٿي، ڪنڌ ورائي، چوڌاري هر شيءِ کي چڱيءَ طرح ڏسندو هو ۽ جاچيندو رهيو. هن پيري هنن کي تڪڙ ڪانه هئي. هنن کي ڪنهن مصيبت کان پڇي پاڻ بچائڻو ڪونه هو.

جڏهن يوسف ڪافي پنڌ ڪري، اڳتي وڌي آيو، تڏهن هن ٻڌو ته هيرود جي جاءِ تي ان جو پاپي پوٽو تخت تي ويٺو هو. ان جو نالو آرڪيلاس هو ۽ اهو اهڙوئي ڪروڌ ۽ برائيءَ سان ڀريل هو جهڙو سندس ڏاڏو هوندو هو.

”تي سگهي ٿو ته هيءُ به ٻار کي مارڻ گهرندو هجي!“ يوسف، ڳڻتيءَ ۾ ڀرجي، مريم سان صلاح ڪئي. ”تون سمجهين ٿي ته بيت لحم موٽي هلڻ پاڻ لاءِ ڏاهپ جي ڳالهه ٿيندي؟ مون کي خبر آهي ته اهو اسان جو پنهنجو شهر آهي، ڇاڪاڻ ته اسين ٻيئي دائود جي ڪٽنب جا آهيون، ۽ بيت لحم دائود جو شهر آهي- پر اتي يسوع جي حياتيءَ کي خطرو ٿي سگهي ٿو.“

”اهو يروشلم جي ويجهو آهي،“ مريم چيو. ”يسوع اتي اسڪول ۾ ويهي سگهندو ۽ ههڙي پاڪ ٻالڪ کي ان پاڪ شهر ۾ هر هر وڃڻ ۽ گهٽو رهڻ به گهرجي! او يوسف، تون ئي فيصلو ڪر ته اسان لاءِ ڪهڙي بهتر ڳالهه آهي!“

”شايد آءٌ ڪو ٻيو خواب ڏسندس،“ يوسف چيو. ”منهنجي دل ٿي چوي ته اسان کي بيت لحم ڏانهن هلڻ نه گهرجي، پر ڪيڏانهن پاڻ کي وڃڻ کپي، ان جي ڄاڻ ڪانه اٿم. آءٌ ته سمجهان ٿو ته هن بادشاهه جي ملڪ جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ پاڻ کي رهڻ نه گهرجي.“

پوءِ يوسف هڪڙو ٻيو خواب ڏٺو - ۽ اهو به خدا وٽان هن وٽ آيل هو. ان ۾ هن کي چيو ويو ته ڪين گليليءَ ڏانهن وڃڻ گهرجي ۽ اتي رهڻ کپي.

”يوسف، ناصرت جو ڳوٺ به ته گليليءَ ۾ آهي!“ مريم چيو. ”پاڻ اوڏانهن ڇو نه هلون؟ تون ۽ آءٌ ٻيئي ان ڳوٺ جا واقف آهيون، ۽ اتي اسان جا ساٿي ۽ دوست به آهن. هل ته يسوع کي وٺي اوڏانهن هلون!“

۽ ائين هن ننڍڙي ڪتنب، مڙيءَ ناصرت جي ڳوٺ ڏانهن رخ ڪيو جيڪو ساوڪ سان ڀريل ٽڪريءَ جي هڪڙي پاسي تي اڏيل هو ۽ اتان جا هو چڱيءَ طرح واقف هئا.

آهستي آهستي، هو ٽڪريءَ تان چڙهندا، اڳتي وڌندا ويا. ۽ ڳوٺ جا ننڍا ننڍا اڇي رنگ جا گهرڙا پريان سندن سامهون سج جي اس ۾ چمڪي رهيا هئا. هن ڳوٺڙي کي يسوع جي ڳوٺ سڏجڻ جو شرف ملڻو هو جتي هن رانديون ڪيون، ڪم ڪيو سوچيو ۽ خواب لڌا ۽ جتي هو معصوم ننڍڙي ٻار مان وڏي سمجهدار ڇوڪر ٿيو ۽ ڇوڪر مان وڏيءَ اڇرج جهڙو نوجوان ۽ وڌو تي، عاليشان شخص بڻيو.

# 9 : ناصرت جو ننڍڙو

يسوع اتي هڪڙي ننڍڙي گهر ۾ رهيو جيڪو ڪچين سرن جو ٺهيل هو. يوسف هر سال ان کي اڇي پوچي ڏيندو هو ۽ اهو سج جي ڪرڻن پوڻ سان چمڪندو پيو هو. اهو ناصرت جي سيني ٻين گهرن جهڙو هڪ گهر هو ۽ يسوع جي نظر جڏهن ٽڪريءَ تان مٿي چڙهندي ڳوٺ تي پوندي هئي، تڏهن پري کان ٻين گهرن وچان پنهنجي ان گهر کي ڏسي ۽ سچاٽي وڻ ۾ هن کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي.

يوسف اتي پنهنجو واڍڪو دڪانُ هنيو. اتان اڪثر ٺڪ ٺڪ جو يا چيرائيءَ جو آواز ننڍڙي يسوع جي ڪنن تي پيو پوندو هو ۽ پنهنجي پيءُ کي ڪم ڪندي ڏسي، هن جي دل کي ڏاڍي وندر ملندي هئي. هو چاهيندو هو تہ مان بہ ڳرو واهلو هٿ ۾ ڪٺان ۽ ڪارائي هلائي ڪاٺ کي چيريان ۽ ننڍا ڪوڪا هڪ هڪ ڪري وڏن ڪوڪن کان الڳ ڪري رکان. هو جڏهن ڪاٺ جي تڏي نرم ٻوري ۾ هٿ وجهندو هو تہ هن جي دل ڏاڍي خوش ٿيندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن مريم هن کي گهمائڻ لاءِ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وٺي ويندي هئي. اتان ڏاڍو سهڻو نظارو ڏسي سگهبو هو ۽ يسوع پرپرين ٽڪرين کان پريان نيرو سمنڊ بہ ڏسي سگهندو هو. اونهاري ۽ بهار جي

موسمن ۾ هزارين ٻهڪندڙ گل- آسماني، پيلا ۽ گلابي- هر هنڌ ٽڙيا بيٺا هوندا هئا. بيشمار چمڪندڙ ڪنيتن سان وڻ ڀريا بيٺا هوندا هئا، ۽ هو انهن جون مٺيون ڀري جڏهن پنهنجي ماءُ کي ڏيندو هو ته هن جي دل خوشي ۾ ٽپا ڏيندي هئي. هن ننڍڙي نينگر هر شيءِ ڏٺي تي- لاٽين جا پيلا پيلا ننڍڙا ننڍڙا گل، ڪنهن پکيءَ جي دل مان نڪتل اوچتي دانهن، گاهه جي پتي تي ڏکندڙ ماڪ جو ڦڙو نئين چاول ڳهيتڙي جي نماڻي ٻي ٻي ۽ ڪنهن ننڍي ڪليل پٽ تي ان جا ننڍڙا اجهل ۽ آزاد چال، ۽ ٻيون اهڙيون دل لڀائيندڙ شيون هن جي من تي ڏاڍو اثر ڪنديون هيون.

ننڍڙو يسوع پنهنجي ماءُ سان گڏجي هيٺ واديءَ ۾ کوهه تان پٽر جي جمن ۾ جڏهن پاڻي ڀرڻ ويندو هو ته هن جو ڪومل من ٻهار ٻهار پيو ٿيندو هو. اتي کوهه تي ڪونه ڪو ماڻهو ضرور هوندو هو جنهن سان ڳالهائڻ ۽ ان کان خبرچار ٻڌڻ ۾ هن کي ڏاڍو مزو ايندو هو. [اوهين جيڪڏهن اڄ به ناصرت ڪڏهن ويا، ته اتي اهو کوهه هاڻي به ڏسي سگهندا.] جڏهن هو ڪجهه وڏو ٿيو تڏهن هو اڪيلو پنهنجي سر، وڃي اتان پاڻي ڀري ايندو هو. پاڻيءَ جو هڪ هڪ ڦڙو گهر ۾ ٻاهران آڻڻو پوندو هو ڇاڪاڻ ته اڄ وانگر انهن ڏينهين گهرن ۾ نل ڪونه هوندا هئا. جو ٻنجي ڦيرائي، جيترو پاڻي وٺي اوترو ڪٽي يا ڀري ونجي.

انهن ڏينهن ۾ سانجهيءَ جو ٻارڻ لاءِ اڄ وانگر بجليءَ جون بتيون ڪونه هيون. جيڪڏهن ناصرت واسي منهن اونده کان پوءِ ڏسڻ گهرندا هئا ته هو هڪ عجب جهڙي ننڍڙي بتي ٻاريندا هئا، جنهن کي "ڏيئو" چوندا هئا، جيڪو ڪنهن دڪيءَ تي يا ڪنهن جاري ۾ رکيو هوندو هو. ان ۾ هڪ وٽ پيل هوندي هئي، جيڪا تيل ۾ پيئي ترندي هئي ۽ جڏهن ان جي مٿي نڪتل چوٽي ٻرندي هئي، ته ان جي لاٽ تي سڄي ڪوٺيءَ يا سڄي صفحي ۾ سوجهرو ٿي ويندو هو. رات جو جڏهن يسوع جي ماءُ ڏيئي جي لاٽ تي هن کي آکاڻيون ٻڌائيندي هئي، تڏهن هوا تي لڏندڙ لاٽ جي روشنيءَ ۾ ڀتين تي ماڻهن جا، جيتن جا ۽ شين جا جهولندڙ پاڇولا ڏسي، هو ڏاڍي عجب ۾ پئجي ويندو هو.

مريم هن کي ڪيتريون ئي آکاڻيون ٻڌائيندي هئي، جيڪي اوهان به ضرور ٻڌيون هونديون. هن کيس خدا جي آکاڻي ٻڌائي هئي ته

ڪيئن هن هيءَ دنيا جوڙي هئي. هن ڪيس عدن جي باغ جي آڪاٽي ۽ شعلي دار تلوار واري فرشتي جي آڪاٽي ٻڌائي هئي. نوح ۽ سندس ٻيڙي جي آڪاٽي به هن جي ٻڌل هئي، ۽ ان ۾ جيڪي جانور ويهاريا ويا هئا، انهن بابت هو اڪثر سوچيندو رهندو هو. جڏهن هو مينهن ڪان پوءِ آسمان ۾ اندلٺ ڏسندو هو تڏهن هن کي نوح ۽ نوح سان خدا جو ٿيل واعدو ياد ايندو هو ته خدا آسمان ۾ پنهنجيِ اِها ڪمان رکي هئي ته دنيا وارن کي خاطري ٿئي ته خدا جو دنيا کي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪونهي.

يوسف پڻ ننڍڙي ڇوڪر کي آڪاٽيون ٻڌائيندو هو. هن ڪيس دائود جي ڳالهه ٻڌائي، ۽ دائود ۽ اسرائيل جي دشمن جوليٿ ديو جي لڙائيءَ جو قصو ٻڌايو ته ڪيئن ان اجگر کي دائود ڪيرائي ماريو هو ۽ ڪيئن پوءِ هيءَ ننڍڙو ريڍار اسرائيل جي قوم جو وڏو بادشاهه ٿيو هو. هن ڪيس سئمسن جي ڳالهه ٻڌائي، جنهن جي ٻت ۾ شينهن جهڙي طاقت هوندي هئي ۽ دانيال جي ڳالهه ٻڌائي، جيڪو شينهن جي ڏر ۾ گهڙي ويو هو ۽ صحيح سلامت موٽي آيو هو.

مريم ۽ يوسف ٻنهي هن کي خدا جي ڳالهه ٻڌائي، ۽ خدا کان دعا گهرڻ سيکاري. سيني يهودي ٻارن کي خدا کان دعا گهرڻ ۽ خدا جي حڪمن تي هلڻ سيکاريو ويندو هو. يسوع، جيئن ٻاهر ٽڪرين تي ۽ وادين ۾ گهمندو پيو هو، تيئن هو سدائين پنهنجي آسمانيءَ پيءُ بابت پيو سوچيندو هو.

اسين سمجهي سگهون ٿا ته يسوع ننڍپڻ ۾ ڪهڙي قسم جو ٻار هوندو. ڇاڪاڻ ته جڏهن هو وڏي جوان ٿيو، ته هن ڏاڏيون ٻاجهاريون ۽ ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌايون، هن وڏي هوندي ايترين ته رڍن ۽ گهيٽڙن جون ڳالهيون ڪيون، جو ماٺهو چئي سگهيو ٿي ته ننڍپڻ ۾ هن ضرور انهن کي تمام ويجهو ڏٺو هوندو ۽ انهن کي ڪارايو پياريو ۽ ننڍڙن گهيٽڙن کي ته پنهنجي ننڍڙي ڀاڪر ۾ کنيو ۽ کيڏايو ڪڏايو هوندو. هن سڀ اهي ڳالهيون ڪيون هونديون، جيڪي ٻهراڙيءَ جا ڇوڪرا ڪندا آهن، پر هن انهن سيني ڳالهين ۽ هر شيءِ کي وڌيڪ ڇتائي ڏٺو هوندو ۽ انهن سان ٻين اڪثر ڇوڪرن کان وڌيڪ پيار ڪيو هوندو ۽ سيني کان وڌيڪ انهن تي سوچيو ويچاريو هوندو.

جڏهن ماڻهو بهار جي ڏينهن ۾ ٻنيون پوکيندا هئا، تڏهن هن انهن کي پنهنجن هٿن سان ٻج ڇٽيندي ۽ ٻج جي داڻن کي مٽيءَ ۾ ويندي ڏٺو هوندو- ڪيترا انهن مان داڻا ٻاهر گس تي وڃي پيا هوندا، جيڪي اتي ماڻهن جي لتڙ هيٺ اچي ويا هوندا، ۽ ڪيترا انهن مان پکي چڳي ويا هوندا- ڪيترا انهن مان سخت پٿرائين پٽ تي وڃي پيا هوندا، جتي اهي ڄمي نه سگهيا هوندا- ڪيترا انهن مان بيڪار ڪکن پنن جي ڍيرن ۾ ۽ جهنگلي گاهه جي وٽ سان وڃي ڪريا هوندا، جتي اهي گهٽجي ۽ ٻوساٽجي ويا هوندا- ۽ ڪي انهن مان مٺيءَ مٽيءَ ۾ وڃي پيا هوندا، جتي اهي ڦٽا هوندا، وڌيا ۽ وڏا ٿيا هوندا ۽ هاريءَ انهن مان ڀلا فصل ۽ جهجها ان ڪنيا هوندا.

هو ٻاهر ٻنين ۾ ليٽي پوندو هو ۽ پکين کي ۽ ٻين ننڍڙن جانورن کي جانچيندو هو. انهن جا مٺا مٺا آواز ۽ سڏ ٻڌندو هو. اهي سڀ پنهنجن پنهنجن ننڍن ننڍن ڪمن ۾ لڳا پيا هوندا هئا، ۽ انهن کي ائين رڌل ڏسي، وڏيڪ هو خوش ٿيندو هو ۽ انهن کي پاڻئيندو هو. ڪن ڪن راتين جو هو ٻاهر نڪري، ريڍارن سان گڏ انهن جي ٻاهين جي چوڌاري ويهندو هو ۽ جيئن هو ڳالهيون پيا ڪندا هئا، تيئن انهن کي پيو ٻڌندو هو. اِها هن جي ڏاڍي دل گهري وندر هوندي هئي. ٻاهه پيئي ٻرندي هئي ته جيئن چوريءَ چوريءَ ڦرندڙ ٻگهڙ ۽ ٻکيا جابلو شينهن ڏٺن جي ويجها نه اچن. ائين پيو پاڻبو هو ته ڪٿي ڪنهن اونداهي جهڳٽي ۾ يا ڪنهن ڇپ جي اوٽ ۾ ڪو خونخوار جهنگلي جانور تاڙ ۾ لڪو ويٺو آهي. هيٺن ۽ بيوس رڍن ۽ گهيٽڙن تي ائين پهرو ڏيندي ۽ انهن جي ائين سنڀال ڪندي هن جي دل سرهن سرهن ۽ نرمل اڏمن سان پرجي ويندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن گهيٽڙا وڃائجي ويندا هئا ۽ يسوع ريڍارن سان گڏ انهن کي ڳولڻ ويندو هو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽڪرين تي ڪنهن هڪڙي ننڍڙي وڃايل گهيٽڙي کي پيو ڳوليندو هو ۽ جڏهن هن کي اهو ڊنل ۽ هيسيل معصومڙو لڀندو هو ته ان کي ڊپ ۾ هيڏي هوڏي ڊوڙندي يا هڪ هنڌ پنڊ پهڻ بيٺي ۽ ٻيڪندي ڏسندو هو ته سندس دل پيار ۽ ڪهل ۾ اڇلجي پوندي هئي.

يسوعِ اهي سڀ ڳالهيون ڏٺيون هيون ۽ اِهي هن جي دل تي نقش ٿيل هيون. ۽ هو جڏهن وڏي وڏو ٿيو ۽ مڙس ماڻهو ٿيو تڏهن هن اِهي سڀ ڳالهيون ماڻهن کي وري وري ڪري ٻڌايون. انهن مان ڪي اوهين هن ڪتاب ۾ اڳتي پڙهندا. انهن ۾ اسين هن جي ننڍپڻ جون ڪي جهلڪيون ڏسنداسين- انهي ننڍپڻ جون. جڏهن هو ڏاهو ۽ سياڄهو ڇوڪر هوندو هو جنهن جون ڪليل ۽ صاف اکيون پنهنجي آسپاس جي شين کي چٽائي ڏسنديون هيون ۽ انهن جي تهہ کي جانچينديون هيون. جيڪو پنهنجي دوستن، ۽ پڻ دشمنن، کي مدد ڪرڻ لاءِ واجهائيندو هو ۽ سندس دل ۾ جيڪا ساڃهہ ۽ جيڪو پيار اسرندو رهندو هو ان مان هنن کي ڪجهہ ڏيڻ ۽ انهن جي ڪنهن ڪم اچڻ لاءِ هن جو من سدائين پيو اڇلون کائيندو ۽ ڪر لائيندو هو.

## 10 : ٻارهن سالن جو يسوع

پهريائين تہ ڪجهہ عرصو يسوع ماڻهن جو هڪڙو ئي ٻار هو پر پوءِ ناصرت جي ان ننڍڙي گهر ۾ هن جا ڀائر ڄاوا، پيٽون ڄايون. يسوع سيني کان وڏو هو ۽ هو ننڍن ڀائرن ڀينرن جي سرت سنڀال ۾ پنهنجي ماءُ جي مدد ڪندو هو. هو هنن کي پائيندو هو ۽ ٻين سيني ٻارن کي بہ اهڙو ئي پائيندو هو. هو ساڻن کيڏندو هو کين ننڍا ننڍا ڪاٺ جا رانديڪا ٺاهي ڏيندو هو ۽ آکاڻيون ٻڌائيندو هو.

يسوع هڪ شهابت ۽ چئيوان ٻار هو ۽ هر ڪنهن کي مٿس ڀروسو هوندو هو تہ جيڪو ڪم کيس چئبو سو ڏيان سان پورو ڪندو. ڪجهہ دير لاءِ ڪنهن ننڍڙي ٻار کي ويهي سنڀالڻ لاءِ چئبو هوس، يا هن جي ماءُ کيس ڪنهن ڪم لاءِ ڪيڏانهن موڪليندي هئي، تہ هو اهي ڪم ڏاڍي خيال سان ۽ چاهہ سان ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن جو پيءُ ڪا ميز يا ڪو پاٽيو ڪنهن پنهنجي گراهڪ کي ڪٽي پهچائڻ لاءِ چوندو هوس، تہ اهو هو خوشيءَ سان ڪٽي اوڏانهن ويندو هو. سڀ ماڻهو هن ڇوڪر لاءِ، جنهن جي اکين ۾ چمڪ هوندي هئي، پيا واجهائيندا هئا، ۽ هو وٽن ايندو هو تہ دل لائي هن جون ڳالهيون ٻڌندا هئا.

”هي عام ٻارن جھڙو ٻار ڪونهي،“ هڪڙي کي هو چوندا هئا. ”تو اِها ڳالھ نہ ڏٺي آهي! هو سوچيندو رهي ٿو ۽ هر ڳالھ تي ويچاري ٿو. ڪيڏو نہ هو ٻاجھارو ۽ قياسي ٻار آهي! هر وقت هن کي ڪم ڪار لاءِ چئي سگھجي ٿو. يوسف ۽ مريم وڏي ڀاڳ وارا آهن، جو کين اهڙو ڇوڪر نصيب ٿيو آهي.“

ٻيا ڇوڪرا ڪڏهن ڪڏهن يسوع کي ڏاڍو عجيب ڇوڪرو سمجھندا هئا. هو اهڙين اهڙين ڳالهين ۾ پاڻ کي پيو الجھائيندو هو جيڪي ڪڏهن هنن کي خواب خيال ۾ بہ ڪين اينديون هيون. هو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪا انياءَ ۽ ڪنورتا جي ڳالھ سهي نہ سگھندو هو. هو مضبوط ۽ همت وارو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايتريون تہ صاف ۽ سچيون ڳالهيون ڪندو هو جو هو حيران ٿي ويندا هئا. ڪيترا ماڻهو اهڙا آهن، جن کي جيڪي بہ ٻڌائبو آهي، اهو هو اکيون پوري مڃي ويندا آهن، ۽ پاڻ پنهنجي طرفان ان تي سوچ ويچار ڪونہ ڪندا آهن؛ پر يسوع سدائين پنهنجي عقل کي ڪم آڻي، انهن ڳالهين کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پوءِ هو جيڪي سمجھندو هو سو چوندو هو ۽ اهو سندس چوڻ ڏاڍو صحيح ۽ صاف هوندو هو ۽ ٻين ماڻهن جي سوچ کان ڪڏهن ڪڏهن نرالو بہ هوندو هو۔ ايتري تائين، جو سندس دوست هن کان اهو ٻڌي عجب کائيندا هئا ۽ هن کي چوندا هئا: ”يسوع، تون سدائين ٻين کان الڳ ٿو سوچين! سچ پچ تون هڪ نرالو ڇوڪرو آهين!“

يسوع اسڪول ۾ ڏاڍي سيگھہ سان پڙهڻ ويندو هو. اتي دل لائي، هو پنهنجا سبق ياد ڪندو هو. اتي هن خدا جو قانون سکيو، جيڪو سيني يهودي ٻارن کي ڏاڍي خبرداريءَ سان سکڻو پوندو هو. اهو قانون، ڪيترن ئي استادن ۽ هادين جو لکيل هو ۽ اهو ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏاڍو مشڪل ٻڌجي ويل هو. ان قانون ۾ اهي سڀ ڳالهيون لکيل هيون، جيڪي خدا گھريو ٿي تہ سندس ٻند اڪن. ان ۾ ايتريون ننڍيون ننڍيون ڳالهيون بہ لکيل هيون، تہ ماڻهن کي ٿالهي يا وٽو ڪيئن صاف ڪرڻ گھرجي.

يسوع اهو قانون سکيو ۽ ان تي ويچار ڪيو. هن جي من ۾ هيءُ خيال آيو تہ خدا کي ضرور اِن ڳالھ جي وڌيڪ اون هوندي تہ ماڻهو ٻاجھارو ۽ انصاف

وارو هجي، بجاءِ ان جي تہ هو ڪا ٿالهي يا ڪو وٽو هن ريت يا هن ريت صاف ڪري يا هن قسم جا يا هن قسم جا ڪپڙا پائي. هن پنهنجن دوستن کي ڏٺو تہ هو ڪيئن نہ قانون جي هر ننڍي کان ننڍي شيءِ جو خيال ڪري رهيا هئا ۽ انهن تي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ۽ انهن لاءِ هر شيءِ کي ياد رکڻ ۽ ان جي پابندي ڪرڻ ڪيڏي نہ مشڪل بلڪ اڻٽيٺي ڳالهہ هئي!

"ڪهڙي نہ سٺي ڳالهہ ٿئي، جو قانون وڌيڪ سادو ۽ سڌو هجي!

ماڻهن کي رڳو اها خبر هجي تہ پنهنجن پاڙيسرين سان مهربان ٿي رهڻ، ۽ پنهنجن دشمنن کي معاف ڪرڻ، انهيءَ کان وڌ ضروري ۽ سٺي ڳالهہ آهي، جو ڪو ماڻهو پنهنجا ڪپڙا هن طريقي يا هن طريقي جا ڌوئي!" يسوع سوچيو. "هوڏانهن هو يوحنا آهي، جيڪو هيٺ ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ رهي ٿو۔ هو قانون جي ننڍن ننڍن حڪمن جو تہ ڏاڍو خيال ڪري ٿو پر هو هڪ بي انصاف ماڻهو آهي ۽ پنهنجن ٻارڙن لاءِ ڏاڍو سخت ۽ بي قياس آهي. هوڏانهن هوءَ حنا آهي، جنهن کي سيڪو ننڍي ٿو چاڪاڻ تہ هوءَ ننڍڙن ننڍڙن حڪمن جو خيال ڪانہ ٿي ڪري، پر هن کان وڌيڪ پنهنجن پاڙيسرين سان مهربان ۽ چڱو ڪير آهي؟ هن وٽ جيڪي آهي، اهو هوءَ انهن سان ونڊي ورهائي ٿي، پنهنجي پلاند ۾ هڪ پئسو بہ اٽس تہ اهو ٻئي ڪنهن جي مدد ۾ خرچ ڪري ٿي!

"جڏهن خدا يوحنا ۽ حنا ٻنهي جي دلين کي ڏسندو تڏهن پڪ ئي پڪ هو چوندو تہ حنا جي مهر ۽ پلائي يوحنا جي ٻاهرئين ڏيکاءَ کي وڌيڪ وٽندڙ ۽ قدر لائق آهي. منهنجي دل تي چوي تہ اها ڳالهہ هر ڪنهن کي چٽئي ٻڌايان. اِها ڳالهہ اهڙي آهي، جا هر ڪنهن کي ڄاڻڻ گهرجي. ٻيون بہ ڳالهيون آهن، جيڪي مون کي غلط ٿيون لڳن، پر ٻيو هر ڪو انهن کي صحيح ٿو سمجهي. مون کي انهن تي گهڻو سوچڻ کپي، ۽ انهن کي سمجهڻ لاءِ خدا کان دعا گهرڻ کپي. هڪ ڏينهن سيني ڳالهين کي آءٌ صاف سمجهي سگهندس، ۽ پوءِ مون کي شايد اهڙا لفظ هٿ اچي سگهندا، جو آءٌ هر ڪنهن کي ٻڌائي سگهندس تہ منهنجي من ۾ ڪهڙا خيال آهن."

هر سال، يوسف ۽ مريم ڊگهو سفر ڪري، پاڪ شهر يروشلم ڏانهن ويندا هئا، جتي سندن سهڻو عبادتگاهہ هو. يهودي هر سال بهار جي موسم ۾

هڪڙو ڏينهن ملهائيندا هئا ۽ ان ڏينهن تي جشن ڪندا هئا. جيئن اسين ناتال يا ايسٽر ملهايون ٿا. ۽ ان ڏينهن هو يروشلم ويندا هئا ۽ اتي جيڪي انهن جا جشن يا ڪريا ڪرم ٿيندا هئا. انهن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. هر سال يسوع پنهنجي ماءُ کي چوندو هو: ”آءٌ اوهان سان هلان! اوهان کان سواءِ آءٌ گهر ۾ اڪيلو ٿو ٿيان. ڪمڙو نہ مزو ٿيندو جو آءٌ بہ اوهان سان ۽ ٻين سيني سان گڏيو اوڏانهن هلان!“

۽ جڏهن هو ٻارهن سالن جو ٿيو. تڏهن هن جي ماءُ هن کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ چيو: ”هن سال، يسوع تون بہ اسان سان هلندين. تون هاڻي وڏو ٿيو آهين، ۽ جماعت ۾ شامل ٿيڻ جهڙو آهين، ۽ ساٿ سان گڏ ٻين جهڙو تون بہ ٿيندين. تو قانون سکيو آهي، ۽ هاڻي توکي ان تي هلڻ جو واعدو ڪرڻ گهرجي. هن سال تون بہ اسان سان گڏجي عبادتگاهہ ڏانهن هلندين.“

نينگر يسوع لاءِ هيءَ وڏي خبر هئي. هن سدائين يروشلم ڏانهن وڃڻ گهريو ٿي، ڇاڪاڻ تہ هن اتان جون گهڻيون ڳالهيون ٻڌيون هيون، ۽ اتي هن پنهنجي سهڻي عبادتگاهہ کي ڏسڻ گهريو ٿي.

تنهن کان سواءِ ڊگهي سفر تي وڃڻ جي ڪشش بہ پنهنجي سر ڏاڍي اتساهيندڙ هئي، جو تہ يروشلم ۾ پهچڻ لاءِ بہ ڪي ڏينهن گهربا هئا. ناصرت مان ڪيترائي ماڻهو اوڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ اهي ڏٽل رستن تان ويندي ۽ راتين جو وات تي منزلون ڪندي، ڪافي دل جا امنگ اپري سگهيا ٿي ۽ پورا ٿي سگهيا ٿي. يسوع ڏاڍو خوش هو. ان ڳالهہ جو ارادو ۽ شوق هن ڪيتري وقت کان من ۾ پئي سانڍيو ۽ هاڻي ان کي پوري ڪرڻ جو موقعو ڪيس ملي رهيو هو.

”فقط بہ هفتا وڏيڪ،“ هن سوچيو. پوءِ ”فقط هڪ هفتو،“ ۽ نيٺ وڃي فقط بہ ڏينهن رهيا. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن – ۽ پوءِ اهو وڏو ڏينهن بہ آيو. يسوع جا ڪي پنهنجا دوست بہ اوڏانهن وڃي رهيا هئا. ۽ هو پاڻ ۾ ويهي، ڪيترو وقت، رستي جون ۽ سفر جون ڳالهيون ڪندا رهيا.

”پهرينءَ ٽڪريءَ تان لهي، وڏو ميدان پار ڪرڻو آهي،“ هن جي دوستن چيو. ”وات تي لکين گل هوندا! ٻاهر کيتن ۾ اهي اصلي گل بہ ڪٿي ڪٿي ٽڙيل هوندا. جيڪي دائود بادشاهہ جي ڏينهن ۾ ٽڙي بيٺا هئا. جڏهن هن اتي انهن کيتن ۾ لڙايون ڪيون هيون.“

”پاڻ کي اردن ندي بہ پار ڪرڻي پوندي،“ هڪڙي ڇوڪري چيو.
”۽ اسان کي خيال ڪرڻو پوندو تہ هنن خوفناڪ سامرين جي ملڪ مان پاڻ کي لنگهڻو نہ پوي. منهنجي پيءُ ٿي چيو تہ هو ڏاڍا بُرا ماڻهو آهن.“

”ڇو؟“ يسوع پڇيو. اهي سڀ تہ بُرا ۽ خوفناڪ نٿا ٿي سگهن. انهن ۾ ڪي تہ چڱا بہ هوندا. تنهنجي پيءُ کي ڪيئن خبر پيئي؟ ڇا، هو ڪڏهن سامرين جي ملڪ ۾ ويو بہ آهي؟“

”نہ پر سيني کي خبر آهي تہ هو خوفناڪ آهن،“ ڇوڪري تکڙ تکڙ ۾ چيو.

”جيڪا سيني کي خبر آهي، اها سدائين سچي ڪانهي،“ يسوع چيو ۽ هو سامرين بابت سوچڻ لڳو ۽ انهن جي باري ۾ ڪا ڳالهہ ويچارڻ لڳو. پر ڇوڪرن پنهنجي من مان سامرين جي ڳالهہ اتي جو اتي ڪيڏي اچلائي ڇڏي ۽ هو هڪٻئي سان يروشلم جي رستي بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هنن لاءِ يروشلم ڏانهن ويندڙ رستي جون اهي ڳالهيون وڌيڪ دلڪش ۽ ضروري هيون.

يوسف ۽ مريم سفر جون تياريون ڪيون. هنن جي دل ۾ اڌما اٿيا ٿي. ڇاڪاڻ تہ هنن لاءِ پنهنجو غريباڻو گهر ڇڏي، هيتري سفر ڪرڻ کان پوءِ وڏي پاڪ شهر يروشلم ۾ پهچڻ هڪ وڏي نصيب جي ڳالهہ هئي. يوسف پنهنجي دڪان جو سامان ٺيڪ ٺاڪ ڪيو ۽ جيڪي شيون ٺاهي راس ڪيون هئائين، سي جنهن جنهن جون هيون، ان ڏانهن ڏياري موڪليائين. مريم گهر جو سامان ٺاهي سنڀالي پاسائون ڪيو ۽ سمهڻ جا هنڌ بسترا ويڙهي ڪوٺيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ صندل تي مٿي ڪري رکيا.

”آءٌ ڏاڍي خوش آهيان، جو تو قانون پڙهي پورو ڪيو آهي،“ هن يسوع کي چيو. ”آءٌ سچ پچ اِهو سمجهان ٿي تہ توکي ٻين ڇوڪرن کان وڌيڪ اهو ياد آهي. مون کي ڏاڍي خوشي آهي، جو تون هاڻي مقدس عبادتگاهہ ۾ اسان سان گڏجي ۽ ويهي، خدا جي عبادت ڪري سگهندين. او يسوع، يروشلم ڏاڍي هڪڙي عجيب ۽ دل کي راحت ڏيڻ واري جاءِ آهي. رستي تي، زيتون جي جبل جي چوٽيءَ تان بيهي، تون ان کي پهرين ڏسي سگهندين. جڏهن اتي ان چوٽيءَ تي پهچندين، تہ هيٺ هڪڙي وڏي

ويڪري وادي هوندي، جنهن ۾ تون سڄوري يروشلم کي اڏيل ڏسندين، جنهن جا منارا، پري کان سج جي تکيءَ اس ۾ نور جيان، توکي جرڪندي ڏسڻ ۾ ايندا!“

پوءِ اهو ننڍو ڪٽنب پنهنجي سفر تي اسهيو. هو ٽڪريءَ جي پاسي کان هيٺ لهندا، اڳتي وڌندا ويا، ۽ ڪجهه پنڌ تي وڃي پنهنجن همسفر دوستن سان مليا. هر ڪنهن جي دل خوشيءَ ۾ ٽمٽار هئي.

”نيٺ نڪتاسين!“ ٻارڙن چيو ۽ هو ڊوڙي، وڃي يسوع سان مليا. ”نيٺ هيءُ ڏينهن آيو. اسين سچ پچ يروشلم ڏانهن ٿا هلون!“

## 11 : يسوع وڃائجي ٿو وڃي

اهي بهار جا پهريان ڏينهن هئا، ۽ يروشلم ڏانهن ويندي، ٽڪرين ۽ وادين جي وڏي سفر مان سيٽني کي ڏاڍو مزو آيو. سڄي رستي سان، غاليچي وانگر، چوڌاري گل پکڙيا پيا هئا. هوا ۾ سج جي هلڪي ڪوساڻ پريل هئي، ۽ پکين جون هر ٻوٽي مان ۽ هر وڻ جي لام تان مٺيون لاتيون ٻڌڻ ۾ پئي آيون. ٻارن لاءِ تہ گهڙي گهڙي مزي واري هئي. ڪيڏيءَ مهل هو ڊوڙي اڳتي وڏي تي ويا، ۽ وڏن کان اڳ ٽڪرين تي چڙهي، انهن جي چوٽين تان بيهي، اتساهہ سان هيٺ وادين کي تي ڏٺائون. ۽ ڪيڏيءَ مهل وري هو پوئتي رهجي تي ويا، ۽ بيهي ٽپندڙ ڪڏندڙ گهيٽڙن کي ۽ کيتن ۾ ماڻهن کي ڪم ڪندي تي ڏٺائون. وک وک تي ڪانہ ڪا نئين شيءِ هنن جي ڏسڻ وٽان موجود هئي.

جڏهن سج لهندو هو تہ سڀ ٻار ۽ سندن مٽ مائٽ ڏاڍا ٿڪجي پوندا هئا. هو پوءِ رستي جي پر ۾، جتي هوا کان ڪو بچاءُ ڏسبو هون، لهي پوندا هئا ۽ داٻو ڪندا هئا. اتي هو باهيون ٻاريندا هئا، ۽ هر ڪٽنب انهن تي پنهنجي پنهنجي سادي سودي ماني پچائيندو هو. ٻار ان ڪم ۾ سندن واهر ڪندا هئا. يسوع ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ميڙي ايندو هو. جيئن جيئن مانيون پيون پچنديون هيون، تيئن سيٽني کي انهن مان اٿندڙ هڳاءُ ڏاڍا پيا وڻندا هئا. ننڍڙن ننڍڙن قافلن جي ڪيترين الڳ الڳ باهين مان نڪرندڙ دونهان، ور وڪڙ ڪائيندا، مٿي آسمان ڏانهن اٿندا ويندا هئا.

رات جي اونده ۾ باهين جون روشنيون ڪليل آسمان جي هيٺ چمڪاٽ پيون ڪنديون هيون. ماڻهن جي آوازن جا چوڌاري پڙڪاٽ پيا پڌبا هئا. ۽ پوءِ ڪونه ڪو زوراٿتي آواز ۾ وڏي مداح آلاپڻ شروع ڪري ڏيندو هو ۽ سڀ هن سان آواز ۾ آواز ملائي ان ۾ شامل ٿي ويندا هئا. ٻارن جا سنها مٺا آواز ٻئي آواز کان الڳ ۽ مٿي ٻڌبا پيا هئا. ۽ سڀ ڪليل هوا. ائين پائنبو هو ته ان سڄي هيج پرئي آواز ۾ تمتار ٿي ويندي هئي، ۽ دير دير تائين ان جا پڙاڏا پري پري تائين پيا ٻڌبا هئا.

جيئن جيئن هي ننڍڙا قافلا يروشلم کي ويجها ٿيندا ٿي ويا، تيئن تيئن سندن خوشي به وڌندي ٿي ويئي. جڏهن هو شهر جي ويجها پهتا، تڏهن ڪي ٻار جيڪي اڳي ڪڏهن اتي ڪونه آيا هئا، ۽ جيڪي يسوع وانگر پهريون ڀيرو وڏن جي جماعت ۾ شريڪ ٿي رهيا هئا، حيران ٿي ۽ ڪجهه پو ۾ پرجي، خاموش ٿي ويا. هو عجب ڪائي رهيا هئا ته جڏهن هو مقدس عبادتگاهه ۾ پير وجهندا، تڏهن هو ڇا محسوس ڪندا ۽ جڏهن هو ڏسندا ته هو خدا جي گهر ۾ هئا ۽ خدا اتي ڪين بنهه ايترو ويجهو هو، ته سندن ڪهڙو حال ٿيندو!

"اهو پري کان زيتون جو جبل پيو ڏسجي! مريم چيو. هو رستي جو ورُمتي، اڳتي ٿيا هئا، ۽ سندن سامهون، ڪجهه مفاصلي تي جبل جو ڪرنگهو پئي ڏٺو. "اوهين اتان يروشلم جا جرڪندڙ منارا ڏسي سگهندا!"

ان مقدس شهر جو پهريون نظارو ٻارن لاءِ ڏاڍو عجب ۾ وجهندڙ هو. هو زيتون جي جبل تي چوٽيءَ تي بيٺا رهيا ۽ پري پري ان پاڪ شهر کي ڏسندا رهيا. يسوع اتان کان عبادتگاهه جي اڇين پٿين کي ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو سڀ کان مٿانهين خدا جو گهر هو، جيڪو هن جو پنهنجو آسماني پيءُ هو.

هو پاڻ جهڙن بين سون زيارتين سان گڏ شهر ۾ داخل ٿيا، جيڪي سيئي مسيح جي جشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اتي آيا هئا. ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن جيڪي لنگهيا، سي يسوع لاءِ ڏاڍا خوشيءَ جا ڏينهن هئا. هن کي مقدس عبادتگاهه ۾ اندر وٺي ويا، جتي ويئي، هن دل ۾ سمجهيو ته خدا هن جي تمام ويجهو هو. هن ڏاڍا من موهيندڙ راڳ ٻڌا، ۽ چوڌاري دلڪش نغمن

جي گونجار لڳي پيئي هئي، هن کي پوءِ ”قانون جو مطيع“ بڻايو ويو ۽ عبادتگاهہ جي ڏاهن شخصن هن کي چيو تہ هاڻي هو ننڍڙو نہ هو ۽ ان ڏينهن کان وٺي کيس پاڻ کي وڏو سمجهڻو ۽ وڏن ۾ شمار ڪرڻو هو۔ ان کان پوءِ هن کي بلڪل ائين ڪرڻو هو جيئن سندس ماءُ ۽ پيءُ ڪيو ٿي، يعني کيس پنهنجي مذهب جي قاعدن قانونن تي هلڻو هو سيني سڀني سڀڻورن جشنن ۾ شريڪ ٿيڻو هو ۽ باقاعدي سيئي روزا رکڻا هئا. يسوع کي اهي سيئي قاعدا قانون چڱيءَ طرح معلوم هئا. هن اهي سڀ اسڪول ۾ سکيا هئا، ۽ انهن کي سمجهڻ لاءِ انهن تي هن تمام گهڻو وقت سوچيو ۽ ويچاريو هو.

ان کان پوءِ نيٺ، موٽڻ جو وقت آيو ۽ سيني کي واپس پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ورڻ جون تياريون ڪرڻيون پيون! پاڪ جشن پورو ٿي چڪو هو ۽ ماڻهن کي موٽي، پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ۾ وڃي، پنهنجن روزمرهہ جي ڪمن ڪارين کي منهن ڏيڻو هو.

مريم، جو ڪجهہ پاڻ سان آندو هو اهو هن وري هڙن ۾ ٻڌي بند ڪيو. اهو ڪو گهڻو سامان بہ ڪونہ هو. يوسف هڙون کنيون. ۽ ائين هو وري اٿي، پنڌ پيا. هر ڪو شهر مان نڪري موٽي، پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو.

”اسين هنن پنهنجن پائرن مان ڪيترن کي ڪي سال ڏسي ڪونہ سگهنداسين،“ مريم چيو. ”هيترن سارن ماڻهن سان ملڻ وڏي ڳالهہ آهي، ۽ انهن جي حال احوال ٻڌڻ سان ڪيڏي نہ چاڻ سجاڻ وڌي ٿي! پر گهر وري بہ گهر آهي، ۽ موٽي پنهنجي گهر هلڻ ۾ ڪيڏي نہ خوشي ٿئي ٿي!“

دوست ۽ مائٽ، ننڍيون ننڍيون ٽوليون ڪيو هڪٻئي سان گڏيا پئي ويا. سڄي هفتي ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون هيون، انهيءَ بابت هو هڪٻئي سان حال احوال ڪندا، اڳتي وڌندا پئي ويا. مريم هيڏي هوڏي يسوع لاءِ پئي نهاريو پر سڄو ڏينهن هوءَ ڪٿي بہ هن کي ڏسي ڪانہ سگهي هئي. هن سمجهيو تہ هو ٻين ڇوڪرن سان ضرور اڳيان ڪٿي وڌي ويو هوندو. هاڻي هو وڏو ٿيو هو ۽ سڄو وقت تہ هو ساڻس گڏ ڪونہ ٿي رهي سگهيو!

”رات جو ڪٿي ڊاهو ڪنداسين، تہ پاڻيهي اتي اچي گڏبو“ هن سوچيو. انهيءَ ڪري نہ کيس ۽ نہ يوسف کي ڪا وڏيڪاڻ ڳالهہ جي اون هئي،

سج لٿو ۽ اوندهہ ٿي ويئي، ۽ ننڍا ننڍا قافلا ڏاڍي ڪرڻ لاءِ بيهي رهيا. مريم يسوع لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو تہ ڪٿان اچي ڪيس ڪم ۾ هٿ ونڊائي. ڇٺن ئي پاسي هن ڪنايو تہ من ڪٿان هن جو آواز ٻڌي سگهي، پر ٻارن جي رڙين ۽ گوڙ ۾، ويجهو ڪٿان، هن جو ڳالهائڻ هن جي ڪنن تي ڪونہ پيو.

"يوسف، يسوع ڪٿي آهي؟" مريم پريشان ٿيندي، چيو. مون هن کي سڄو ڏينهن ڪونہ ڏٺو آهي."

"سگهو ئي اچي ويندو" يوسف چيو. "آءُ وڃان ٿو ۽ اڳيان وڃي هن جي دوستن کان پڇان ٿو. انهن من هن کي ڏٺو هجي! اتي ڪو ڇوڪرو شايد ملي وڃي، جنهن کي خبر هجي تہ اڄ هو ڪنهن سان گڏ هو."

پر پڇا مان معلوم ٿيو تہ يسوع کي ان ڏينهن سڄي رستي سان ڪنهن ڪونہ ڏٺو هو. ان تي مريم ۽ يوسف سچ پچ پريشان ٿيڻ لڳا، ۽ هو پوئتي وريا، ۽ پوئتان ايندڙ ماڻهن کان پڇا ڪرڻ لڳا تہ انهن سان تہ يسوع گڏ ڪونہ هوا پر هو انهن سان بہ ڪونہ هو. هر ڪنهن پنهنجو ڪنڌ لوڏي، پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو اظهار ڪيو. "نہ اسان اوهان جي ڇوڪري کي اڄ ڪونہ ڏٺو آهي. يروشلم ۾ سو هن کي ڏٺو هوسين. هن کي شايد اها خبر ئي ڪانہ پئجي سگهي تہ اوهين اتان ڪو نڪتا هئا!"

تنهن تي مريم چيو تہ موٽي ڪين مقدس شهر ڏانهن وڃڻو پوندو.

"ضرور هو اڃا اتي هوندو" هن چيو. "او يوسف، ٻاڻ کي ترت هن کي اتي هلي، ڳولڻ کپي."

اٿين، مريم ۽ يوسف، خوف ۽ ڳڻتي ۾ ٻرجي، موٽي مقدس شهر ڏانهن روانا ٿيا. اتي هو سڌا انهيءَ گهر ڏي ويا، جتي هو رهيا هئا. پر هو اتي بہ ڪونہ هو. ڪنهن بہ هن کي ڪونہ ڏٺو هو. ڪنهن کي بہ سڌ ڪانہ هئي تہ هو ڪٿي هو.

ٽي ڏينهن مريم ۽ يوسف يروشلم ۾ رهيا، ۽ يسوع جي پڇا ڪندا رهيا. يروشلم وڏو شهر هو ۽ ڳولڻ لاءِ اتي ڪيترين ئي جاين هيون. پر هو ڪين ڪٿي ملي ڪونہ سگهيو.

"شايد هو عبادتگاهہ ۾ هجي،" مريم نيٺ چيو. "توکي سڌ ڪانهي تہ اتي ويهڻ ۾ هو ڪيڏو خوش ٿيندو هوا ياني ٿي تہ هو موٽي اتي ويو آهي!"

ائين هو ٻيئي عبادتگاهہ ڏانهن ويا_ اتي هنن ڏٺو تہ يسوع ويٺو هو! هو شهر ۾ ڪتي راند ۾ لڳل يا رؤنشي ڏسڻ ۾ رڌل ڪونہ هو. سوين اهڙيون ڳالهيون شهر ۾ موجود هيون، ۽ ڪيترين ئي اهڙيون ڏسڻ جون جايون اتي تي سگهيون ٿي. پر هو عبادتگاهہ ۾ ويٺو هو ۽ اتي هو پنهنجي خدا ۽ سندس احڪامن بابت ڪجهہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ۾ محو هو.

هو اتي ڏاهن ۽ عالم شخصن وٽ ويو هو_ جن کي يهودين جي پراڻن پراڻن ۽ مشڪل قانونن بابت سيني کان وڌيڪ علم هو. هو انهن کان سوال پڇي رهيو هو ۽ اهي اهڙا سوال هئا، جيڪي اڳي هنن کان ڪڏهن بہ ڪنهن نہ پڇيا هئا. اهي ڏاها شخص هن جي انهن سوالن تي ڏاڍيءَ سوچ ۾ پئجي ٿي ويا، ۽ موٽ ۾ هن جي ڄاڻ ۽ ڏاهپ تي عجب ڪائيندا، خود پنهنجي ڄاڻ جي وڌائڻ خاطر، هن کان پاڻ بہ سوال پڇي رهيا هئا.

يسوع هنن جي سوالن جا جواب ڏاڍيءَ فضيلت ۽ ڏاڍيءَ ڏاهپ سان ڏيئي رهيو هو. اهي عالم شخص هن جي سمجهہ ۽ سنيهہ پريل اکين ۾ چتائي ڏسي رهيا هئا، ۽ هن جيڪي چيو ٿي، ان تي هو عجب ڪائي رهيا هئا. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو جڻ يسوع کي قانون جي ايتري ئي ڄاڻ هئي جيتري خود هنن کي، ۽ انهن عالم شخصن مان ڪن کي تہ اها حيرت هئي تہ هيڏو ننڍو نينگر ۽ ايتري ڏاهپ_ سا هو ڪٿان سکي سگهيو هو.

يسوع ان کان اڳ اهڙن سمجهدار ماڻهن سان ڪڏهن ملي ڪونہ سگهيو هو. هن انهن کان گهڻيون ڳالهيون معلوم ڪرڻ چاهيون ٿي. جيڪي سوال هن کي منجهائي رهيا هئا، اهي هڪٻئي پٺيان هو انهن کان پڇندو رهيو ۽ انهن جي جوابن کي پوري ڌيان سان ٻڌندو رهيو. شايد پهريون ڀيرو هن جي دل ۾ اهو خيال آيو هو تہ هڪ ڏينهن هو دنيا جي سمائتا ڪندو ۽ ڪنهن ڏينهن هو اهو ڪجهہ چوندو، جنهن جي ٻڌڻ لاءِ ماڻهو حيران هئا. هن پنهنجي من ۾ ائين پاتيو تہ هن ۾ نيڪيءَ جي ڪا طاقت آهي، ۽ جيڪا ڄاڻ ملي سگهي ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪا تڙپ آهي، انهيءَ لاءِ تہ سچي ان ڄاڻ کي هو اهڙن ڏاهپ پريل سهڻن ۽ سادن سولن لفظن ۾ عام ماڻهن کي ٻڌائي سگهي، جو ان مان انهن جي ڏک جو علاج ٿي سگهي.

اهي ڏاها شخص ٻارڻ بہ يسوع کي ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا ۽ هن جي ڳالهين تي عجب کائي رهيا هئا. هن ڪافي وقت انهن سان گذاريو ۽ ڪيتري دير هو انهن سان گڏ ويٺو رهيو ۽ گهڻيءَ گهڻيءَ دير کان پوءِ هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ يوسف ۽ مريم بيٺا هئا ۽ ڏانهنس ڏاڍيءَ حيرت سان ۽ ڏکائتيون اکيون کڻي، نهاري رهيا هئا. مريم پوءِ وڌي وتس ويئي ۽ پنهنجون ٻانهون هن جي ڳلي ۾ وڌائين، ۽ هن کي ڏسي ايڏي خوش ٿي، جو اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيس.

”پٽڙا“ هن ڀريل آواز ۾ چيو ”تو اسان سان هيءَ ڇا ڪيو؟ تنهنجي پيءُ ۽ مون توکي ڪٿي ڳوليو آهي! اسان جي دل ۾ ڇا ڇا نہ آيو آهي!“

”اوهين اهو نٿي سمجهي سگهيا تہ آءٌ ڪٿي هوندس؟“ يسوع عجب وچان پڇيو. ”اوهين اهو بہ سمجهي نہ سگهيا تہ آءٌ هتي خدا جي عبادتگاهہ ۾ هوندس، پنهنجي وڏي پيءُ جي گهر ۾! مون تہ هن جون ئي پئي ڳالهيون ٻڌيون، جيڪي مون کي ضرور ٻڌڻ گهرجن!“

يوسف ۽ مريم پوريءَ طرح سمجهي نہ سگهيا تہ هن ڇا ٿي چيو پر هو ڪيس ڏسي ايڏا خوش خوش ٿيا، جو وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيا. پوءِ هو ساڻن گڏجي گهر روانو ٿيو ۽ رستي ۾ هنن کي اهي سوال، جيڪي هن انهن ڏاهن شخصن کان پڇيا هئا ۽ اهي جواب جيڪي انهن ڪيس ڏنا هئا، سي هڪ هڪ ڪندو ٻڌائيندو ويو. مريم پنهنجي ننڍڙي ڏاهي پٽ ڏانهن ڏسندي رهي ۽ هن جون ڳالهيون ٻڌندي رهي، هن جيڪي چيو ٿي، سو هن پنهنجيءِ هانءَ جي ڪنن سان ٻڌو ٿي، ۽ جڏهن هوءَ اڪيلي ٿي، تڏهن هن جا خيال ۽ هن جون سڀ اهي ڳالهيون ياد ڪري، هن جي دل عجب ۽ هيبت ۾ ڀرجي ويئي.

پر پوءِ بہ ٻالڪ_ يسوع اڃا هڪ ڇوڪرو هو. هو برابر ڏاهو هو ۽ هن جون ڳالهيون عبرت ڀريون هيون، ۽ هن کي محسوس ٿيو تہ هن کي هر ڳالهہ ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جو چيو مڃڻ گهرجي ۽ انهن کي ڪڏهن بہ ڏک پهچائڻ نہ کپي. ائين هو پوءِ اڳي وانگر چپ چاپ ناصرت ۾ رهي پيو ۽ پنهنجي اڳ ڄاتل ڪم ڪار ۾ لڳي ويو. جيئن هن کي چوندا هئا، تيئن ڪندو هو. جيترو ٿي سگهندو هوس اوترو پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪم ۾ هٿ

ونڊائيندو هو ۽ پنهنجن ياڻرن ۽ ڀينرن کي ڏاڍيءَ سڪ ۽ سنيهه سان پيار ڪندو هو. يروشلم جي عبادتگاهه جي ڪشادن ۽ سهڻن ايوانن ۾ گهڻو ڪجهه علم سکجي سگهيو ٿي، پر زندگيءَ جي پروڙ ۽ ڏاهپ هو پنهنجي من جي خاموش اوسر ۽ اندر جي اوجر سان ئي وڌائي سگهيو ٿي. هيءَ ڳالهه هن سمجهي ٿي، ۽ هو ناصرت جي سانتيڪي وايو منڊل ۾ پنهنجي ڪٽنب سان خوش ٿي، پنهنجي زندگي گذارڻ لڳو.

## 12: يسوع وڏي وڏو ٿيو

جڏهن يسوع پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان گڏ، يروشلم کان موٽي پنهنجي گهر پهتو، تڏهن هن ڏٺو تہ ان وقت کان پوءِ هن کي ٻار وانگر نہ، پر وڏي جيئن ڏٺو ٿي ويو ۽ هن سان هلت بہ ائين ڪئي ٿي ويئي. هن اسڪول باقاعدي وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ گهڻو وقت هو پنهنجي پيءُ سان گڏ دڪڻ ۾ ڪم ڪندو ٿي رهيو. هن کي پنهنجي پيءُ وانگر واڍو ٿيڻو هو ۽ ان لاءِ واڍڪو هنر سکڻ هن لاءِ ضروري هو.

يسوع کي ان وقت ڏاڍي خوشي ٿي، جڏهن هن کي دڪڻ ۾ پنهنجي منهن شين ٺاهڻ جي موڪل ملي. يوسف هن کي پنهنجن گراهڪن جون بہ ڪي شيون ٺاهڻ لاءِ ڏنيون. ڳوٺاڻا پنهنجا ڪم جا اوزار ۽ گهرو استعمال جون شيون مرمت لاءِ يوسف وٽ آڻيندا هئا تہ اهو ڪم بہ هو يسوع کي ڪرڻ لاءِ چوندو هو. ڪيترا ڳوٺاڻا يسوع جو سٺو ۽ پروسي جهڙو ڪم ڏسي، ڏاڍا خوش ٿيندا هئا ۽ هڪٻئي سان هن جي سٺي سياءَ ۽ ڪاريگريءَ جون ويهي ڳالهيون ڪندا هئا.

يسوع کي دڪڻ ۾ ڪم ڪندي، سوچڻ ۽ خيالن پچائڻ جو گهڻو وقت ملندو هو ۽ جيئن هو عمر ۾ وڏو ٿيندو ويو، تيئن هو سوچڻ ويچارڻ ڏانهن وڌيڪ مائل ٿيندو ويو. هن ڏٺو تہ هن جا خيال هن جي آس پاس رهندڙ عام ماڻهن جي خيالن کان الڳ ۽ نرالا هئا. ترت ئي هن کي اهو يقين ٿي ويو تہ هن جا خيال عام ماڻهن جي خيالن کان وڌيڪ سدا سادا ۽ ڏاهپ ڀريا هئا، پر انهن کي ائين ثابت ڪرڻ جو اڃا وقت ڪونہ آيو هو. ڇو تہ هو اڃا ننڍو هو.

هن سمجهيو ٿي تہ نيڪي، ڪمل، انصاف ۽ بي غرضي ئي اهي شيون هيون، جيڪي سچ پچ ضروري هيون. هن ڄاتو ٿي تہ ڪنورتا، هبچ، ڪينو ۽ بي ترسي ئي اهي برايون هيون، جن جو مقابلو ڪرڻ ضروري هو. جيڪڏهن هن کي اِهي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائڻيون ۽ سمجهائڻيون هيون، تہ هن کي پنهنجي من ۾ فقط نيڪ ڳالهيون رکڻيون هيون. هن لاءِ اهو ضروري هو تہ هو پنهنجي اندر مان هر برائيءَ کي ڪڍي ڇڏي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي انهيءَ ٻاراڻيءَ ۽ جوانيءَ جي اوستا ۾ خود پاڻ کي نيڪيءَ جا اهي سبق پڙهايا ۽ سيکاريا، جيڪي هن کي پوءِ ٻين کي سيکارڻا ۽ سمجهائڻا هئا. ائين، هو وڏي، وڏو ٿي، هڪ عاليشان انسان بڻيو جنهن جي دل ۾ هر ڪنهن لاءِ پروڙ هئي ۽ پيار هو ۽ اجهل تانگهہ هئي تہ ڪنهن ڏينهن هو دنيا ۾ ٻاهر نڪرندو ۽ جيڪي بہ ماڻهو زالون ۽ مرد، هن کي ملندا، انهن کي سڀ اهي حيرتناڪ ڳالهيون ٻڌائيندو جن جي هن کي خبر هئي، ۽ جيڪي هن ڄاتيون ٿي تہ سٺيون، صاف ۽ سچيون هيون.

هن جي نيڪي هن جي منهن مان پڌري هوندي هئي، جيئن نيڪي هميشہ هوندي آهي. اها هن جي اکين مان پئي چمڪي ۽ هن جي مرڪڻ مان پئي ٻڪي. ان ماڻهن جون دليون ڦيرائي هن جي طرف ڪيون ۽ هو مٿس اعتبار ڪرڻ ۽ کيس پيار ڪرڻ لڳا. ان جي اثر هيٺ ٻارڙا بہ ڊوڙي هن وٽ ويندا هئا ۽ امنگ ۾ پرجي پنهنجا هٿ هن جي هٿن ۾ وجهي ڏيندا هئا ۽ خوش ٿيندا هئا.

۽ هاڻي يسوع وڏي وڏو ٿيو هو ۽ مڙس ماڻهو پئي لڳو. هن جي ننڍيءَ ڄمار جا سال آهستي آهستي گذري ويا. ۽ هاڻي هو "يسوع، ناصرت جو واڍو" سڏجڻ لڳو هو، جيڪو پنهنجي ڪم جو ڪاريگر هو ۽ جيڪو سڀ ڳالهہ ۾ انصاف وارو ۽ ايماندار هو. پوءِ يوسف وفات ڪري ويو ۽ مريم اڳي کان وڌيڪ هن پنهنجي عجب جهڙي پٽ تي ڀروسو ڪرڻ لڳي. هوءَ هن کي ڪڏهن تہ سمجهي ئي نہ سگهندي هئي، ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ هوءَ هن جي ماءُ هئي، ۽ هن کي بيحد پيار ڪندي هئي، تہ بہ يسوع جي ڏاهپ تہ هن کي خدا وٽان مليل ڏات هئي، ۽ هن جون ڪي ڪي ڳالهيون ٻڌي مريم منجهي پوندي هئي. پر هن کي هميشہ اهو يقين هوندو هو تہ هو خدا جو پاڪ

ٻالڪ هو جنهن جي مبارڪ هن کي فرشتي ڏني هئي، ۽ اڪثر هوءَ اها ڳالهه سوچيندي، حيران ٿي ويندي هئي تہ هن سندس خدا جي پياري پٽ جو هن دنيا ۾ اصل ڪم ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي!

مريم کي يسوع جي ضرورت هئي، ڇو تہ يوسف وفات ڪري ويو هو ۽ انهيءَ ڪري هو هن وٽ ناصرت ۾ رهيو پيو هو ۽ پنهنجو روزمره جو ڪم ڪندو ٿي رهيو. هو پنهنجي ماءُ کي ايستائين ڇڏي نٿي سگهيو جيستائين هن جي ماءُ کي سندس گهرج هئي- پر وقت اچڻ تي، سڀ کي خيرباد چئي، هو هليو ويٺو هو.

اهو وقت تڏهن آيو جڏهن يسوع وڏي وڏو ٿيو- لڳ ڀڳ ٽيهن ورهين جو. پوءِ هن پوري يقين سان اهو سمجهيو تہ هن لاءِ ناصرت مان نڪري، ٻاهر دنيا ۾ وڃڻ تمام ضروري هو. هن کي هاڻي پنهنجي آسماني پيءُ جو ڪم پورو ڪرڻو هو- واڍڪو ڪم نہ پر سڪيا جو ڪم، تبليغ جو ڪم. هيءُ وقت هو جڏهن هو ماڻهن ڏانهن وڃي سگهيو ٿي ۽ انهن کي پنهنجا اعليٰ خيال ٻڌائي سگهيو ٿي، جيڪي هيترو وقت هن جي دل ۽ دماغ ۾ موجود رهيا هئا.

۽ پوءِ، نيٺ، يسوع ناصرت مان ٻاهر نڪتو- انهيءَ ڪم جي ڪرڻ لاءِ، جنهن لاءِ خدا هن کي دنيا ۾ موڪليو هو. هن کي هڪ وڏي بادشاهت ٺاهڻي هئي- پيار جي بادشاهت، ماڻهپي جي بادشاهت. هو بچائيندڙ هو مسيح هو، خدا جو ٻالڪ جيڪو ڌرتيءَ تي آيو هو سڀ کان وڏو انسان جنهن کي دنيا ڪڏهن ڏسي سگهي هئي.

# 13: يسوع جو سؤٽ يوحنا

يسوع ناصرت مان ٻاهر نڪتو ان کان ڪجهہ وقت اڳ ڇوڏاري هڪڙي عجب جهڙي واعظ جي ڳالهہ پکڙجي ويئي، جنهن جو نالو يوحنا هو ۽ اهو اردن نديءَ جي آسپاس وعظ ڪندو ٿي رهيو. هيءُ اهو ئي ايلزبيٿ جو پٽ، يسوع جو پنهنجو سؤٽ هو- ايلزبيٿ، جيڪا مريم جي سؤٽ هئي، جنهن وٽ هوءَ جڏهن ننڍي نينگر هئي ۽ وٽس فرشتو آيو هو تڏهن ڪجهہ وقت اچي رهي هئي.

يوحنا عمر ۾ يسوع کان ڪجهه وڏو هو. هن جي عمر ڀراڙيءَ ۾ هيڪلي گذري هئي، ۽ اتي، يسوع وانگر، هن جي من ۾ ڪيئي اونها ويچار پيدا ٿيا هئا. ۽ اهي هن ٻين کي ٻڌائڻ ٿي چاهيا. ۽ هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪم کي ڇڏي، اتي روانو ٿيو ۽ ٻيهي ماڻهن کي وعظ ڪرڻ لڳو.

يوحنا سادي رهڻي ڪرڻيءَ تي هريل هو ۽ هن کي پنهنجي ڪپڙي لٽي ۽ پنهنجي کاڌي پيتي جو ڪو خيال ڪونه هو. هن کي اٺ جي ملس جو کهرو ڪڙتو پاتل هو جيڪو چوڙ جو ڏاڍو هو ۽ ان جي چوڌاري، سندري طور، هن چمڙي جو پٽو ڪٽي ٻڌو هو.

”هيءَ ته هڪ جهنگلي ماڻهو ٿو لڳي!“ هن کي ڏسي ماڻهو هڪٻئي کي چوڻ لڳا. ”هن کي کاڌو ڪٿان ملندو هوندو؟ هن جي سنڀال ڪرڻ وارو به ته ڪوئي ڪونهي!“

”هو جهنگ جي ماکي لاهي کائي ٿو“ هڪڙي ڇوڪري چيو. ”هن مون کي پاڻ ٻڌايو آهي، ۽ جڏهن مڪڙ اڏامي ايندا آهن، تڏهن هو اهي به کائيندو آهي.“

يوحنا ڏاڍو هڪ عجيب واعظ هو. هن کي ڪو به ڊپ ڪونه ٿيندو هو. ماڻهو هن کي ”يوحنا، ٻپتسمي وارو“ سڏيندا هئا. ڇاڪاڻ ته جڏهن هن ماڻهن کي چيو ته خراب ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيو ۽ انهن جي بدران سٺا ڪم ڪريو ۽ هنن ساڻس هائوڪار ٿي ڪئي، تڏهن هن انهن کان واعدو ٿي ورتو ته جيئن هنن چيو ٿي تيئن هو ڪندا. ۽ ان لاءِ هو انهن کي اردن نديءَ ڏانهن وٺي ويندو هو جتي هن کي ٽٻي ڏياري يا مٿن پاڻي نائي، انهن کي پاڪ ڪندو هو۔ اهو هن جو ”ٻپتسمو“ هو جيڪو هو انهن کي ڏيندو هو.

”جيڪڏهن آءٌ اوهان کي ٻپتسمائيندس ۽ اوهان کي پاڪ ڪندس، ته اها اوهان سيني لاءِ هڪ نشاني هوندي ته اوهان پنهنجي دل مان سڀ خراب ڳالهيون ڪيڏي ڇڏيون آهن ۽ اوهان جي دل صاف آهي، ۽ پوءِ ٿي ان ۾ چڱيون ڳالهيون اچي سگهنديون ۽ ويهي سگهنديون،“ يوحنا چيو. پوءِ جڏهن هنن يوحنا جو وعظ ٻڌو ۽ هو پنهنجن خراب ڪمن کان پشيمان ٿيا، تڏهن انهن مان سوين ماڻهو ٻپتسمي وٺڻ لاءِ يوحنا وٽ ويا ۽ هن سان واعدو ڪيائون ته هو حد امڪاني ڪوشش ڪندا ۽ چڱا ڪم ڪندا.

”ٻپتسمي وارو يوحنا حيرتناڪ ماڻهو آهي“ ماڻهن هڪٻئي کي چيو. ”هو ڪنهن کان ڪونه ٿو ڊڄي ۽ جڏهن به ڪو خراب ڪم ڪري ٿو ته ان کي چيو ڏئي! خود فريسين ۽ سدوسين[26] کان به ڪونه ٿو ڊڄي، جيڪي پاڻ کي سدائين سچو ۽ سدائين چڱو سمجهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي به پاڻ جهڙو نٿا سمجهن!“

”هن انهن کي چيو ته اوهين نانگ آهيو!“ هڪڙي ماڻهوءَ عجب ڪائيندي چيو. ”مون پاڻ هن کي ائين چوندي ٻڌو! هن انهن کي چيو ته ٻين وانگر اوهين به پنهنجيءَ ذلالت ۽ پنهنجن ڪڌن ڪمن کان توبهه ڪريو! هو مٿس ڏاڍا ڪاوڙيل آهن.“

”هو چوي ٿو ته اسان کي هڪٻئي تي ڪهل ڪرڻ کپي، ۽ جيڪي اسان وٽ آهي، اهو پاڻ کان وڌيڪ غريبن ۾ ورهائڻ کپي،“ هڪڙيءَ عورت چيو. ”۽ اِهو اوهان ٻڌو ته محصول اوڳاڙيندڙن کي هن ڇا چيو! هن انهن کي چيو ته اوهان کي سڪي پڪي محصول جي رقم اڳاڙڻي آهي، ۽ ان کان وڌيڪ پائي به وٺڻي نه آهي. اوهين وڌيڪ رقم اڳاڙيو ٿا ۽ اها پاڻ وٽ رکي ٿا ڇڏيو- ائين اوهان کي ڪرڻو نه آهي.“

”هن فوج جي سپاهين کي به ڏاڍي ڇنڊ ڪئي، جيڪي هن جو وعظ ٻڌڻ آيا هئا،“ هڪڙي ماڻهوءَ چيو. ”هن انهن کي چيو ته ظالم نه ٿيو ۽ ٻين تي ڪوڙا الزام نه هڻو! هيءُ ٻپتسمي وارو يوحنا سچ پچ ته ڏاڍو وڏو ماڻهو آهي. ڇا، اوهين نٿا سمجهو ته هيءُ اهو اسان جو مسيح ٿي سگهي ٿو جيڪو خدائي وعدي موجب اسان وٽ اچڻو آهي؟“

پوءِ ڪيترن ئي ماڻهن ائين چوڻ شروع ڪيو ته شايد يوحنا ئي خدا جو اهو پاڪ ٻالڪ آهي. پر جڏهن ان بابت انهن هن کان پڇيو ته هن ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو.

”نه،“ هن چيو ”اوهين رڳو هيئن سمجهو ته آءٌ اوهان کي پاڻيءَ سان وهنجاري پاڪ ڪريان ٿو ۽ ائين اوهان کي ان سچي پچي بچائيندڙ- ان سچي پچي مسيح- جي اچڻ لاءِ تيار ڪريان ٿو. هو مون کان گهڻو وڏو آهي، ۽ آءٌ هن جي آڏو جتي سڌي ڪري رکڻ جي لائق به نه آهيان.“

---

[26] فريسي- شريعت جا عالم يعني ملا ۽ مولوي، سدُوسي- طريقت جا صاحب، يعني پير، فقير ۽ درويش.

اهو ٻڌي، ماڻهو هڪٻئي جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا ۽ ان نئين مسيح بابت عجب ۾ پوڻ لڳا، جيڪو بپتسمي واري يوحنا کان به وڏو هوندو.

"جڏهن اهو اوهان وٽ ايندو، تڏهن آءٌ هن کي سڃاڻندس،" يوحنا چيو.

پوءِ، هڪ ڏينهن مسيح آيو. هو ناصرت مان نڪري، اردن نديءَ ڏانهن هلي آيو هو، ڇاڪاڻ ته ماڻهن کان هن انهيءَ عجب جهڙي نئين واعظ بابت ٻڌو هو.

"ڏسو!" يوحنا، جذبي ۾ پرجي چيو. "ڏسو هو خدا جو معصوم گهيٽڙو!"

"آءٌ تو وٽ بپتسمي لاءِ آيو آهيان." يسوع چيو.

"تو وٽ ڏوپجڻ لاءِ ڪي به گناهه ڪينهن! تون ته مون کي بپتسماءِ، ڇو ته مون کي ان جي ضرورت آهي،" يوحنا جواب ڏنو. پر هو پنهنجي سؤٽ کي نديءَ جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ اندر وٺي ويو ۽ هن کي بپتسمو ڏنائين.

يوحنا کان بپتسمي ملڻ تي يسوع جي دل خوشيءَ ۾ تمتار ٿي ويئي، ڇو ته هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ خدا هن جي بلڪل ويجهو هو ۽ هن تي بيحد مهربان هو. جيئن هو پاڻيءَ مان ٻاهر آيو تيئن ڏاڍي هڪڙي عجيب ڳالهه عمل ۾ آئي.

ائين ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ اچانڪ آسمان جو در کلي پيو هو ۽ ان مان هڪڙي تابناڪ روشنيءَ جو چمڪاٽ ٿيو. ۽ خدا جو پاڪ روح ڪبوتر جي شڪل ۾ هيٺ لهي آيو ۽ ائين ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ اهو اچي يسوع جي مٿي تي ويٺو. ۽ پوءِ هڪڙو ازغيبي آواز آيو جنهن چيو "هيءُ منهنجو پيارو پٽ آهي، هن کان آءٌ پوريءَ طرح خوش آهيان."

# 14: يسوع، ۽ برائيءَ جو راجڪمار شيطان

جڏهن يسوع کي بپتسمو مليو ۽ هن کي ڄاڻ ٿي ته هو ئي خدا جو آسمان مان هيٺ ڌرتيءَ تي موڪليل پنهنجو خاص ٻالڪ هو ۽ هن کي ئي پنهنجي قوم جو ۽ ٻين عام ماڻهن جو مسيح ٿيڻو هو، تڏهن هن لاءِ انهيءَ ڳالهه تي سوچڻ ۽ ويچارڻ ضروري ٿيو ته ان سڄيءَ ڳالهه جو آخر ڇا مطلب هو ۽ مٿس هيءُ ڪهڙو ڳرو بار پيو هو.

هن انهيءَ مسيح بابت گهڻو ڪجهه ٻڌو هو جيڪو يهودين جو بادشاهه ٿيڻو هو. سچ پچ، هيءَ ڪيڏي نه عجيب ڳالهه هئي، جو هو ٻار، جيڪو هڪڙو ڳوٺاڻو واڍو هو سو ئي اهو ماڻهو هجي، جنهن کي خدا پنهنجي ان ڪم لاءِ ڏٺيو هجي! يسوع پنهنجي اندر ۾ هڪ وڏي طاقت محسوس ڪئي. هن محسوس ڪيو ته هو اهي ڳالهيون ۽ اهي ڪم ڪري سگهندو جيڪي ٻيو ڪو به ڪونه ڪري سگهندو. اِهو هڪڙو وڏو ۽ حيرت انگيز خيال هو ۽ ان بابت هن کي پاڻ ئي پنهنجي اندر ۾ سوچڻو هو.

انهيءَ ڪري، هو ٻهراڙيءَ ڏانهن هڪڙي اهڙي هنڌ هليو ويو جتي ايڪانت هئي، ۽ اتي هن وڃي پنهنجي سچي ڪم جي رٿا تي ويچار ڪيو ۽ سوچيائين ته هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي. هن اِهو خيال ڪيو ته هو پنهنجن سيني اوچن ۽ اونهن ويچارن کي سادن لفظن ۾ بيان ڪندو ته جيئن ماڻهو اهي ٻڌن ۽ سمجهي سگهن. هو انهن کي آکاڻيون ٻڌائيندو ته جيئن هو سندس ڳالهيون سولائيءَ سان پنهنجيءَ دل ۾ ويهاري سگهن. هو ڏکويلن کي آٿت ڏيندو ۽ جيڪي بيمار هئا، تن کي چڱي ڀلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

يسوع ائين ٻهراڙيءَ ۾ هلندو رهيو۔ هن جو من پنهنجن خيالن ۾ گم ۽ هن جي دل سدا حيات اميدن سان ڀريل. ڪيترا ڏينهن ته هن کي کاڌو کائڻ به ياد ڪونه هو. هن جو پيٽ انهيءَ خوشيءَ ۾ ڀر هو ته دنيا جي خراب ڳالهين ۽ ڪوڙين طاقتن سان لڙڻ ۽ انهن کي شڪست ڏيڻ لاءِ کيس ئي ڏٺيو ويو هو ۽ دنيا ۾ پيار جي بادشاهت قائم ڪرڻ جو بار مٿس ئي رکيو ويو هو.

پر برائيءَ جو راجڪمار شيطان، خدا جي پاڪ ٻالڪ کي دنيا ۾ چاول ڏسي هرگز خوش ڪونه ٿيو جيڪو برائيءَ کي چڱائيءَ جي مدد سان ڪيرائڻ ۽ ختم ڪرڻ جون رٿون رٿي رهيو هو. انهيءَ ڪري هو يسوع وٽ آيو ۽ هن جي من ۾ خيالن جو سرٻاٽ ڪرڻ لڳو ته جيئن يسوع پنهنجي مسيحي زندگيءَ جي راهه تان هٽي وڃي، جيڪا هو پنهنجي لاءِ رٿي رهيو هو. هن کي اِها خبر هئي ته يسوع پنهنجي اندر ۾ خدا جي ان عجيب طاقت جي اچا شروعات مس ڪري رهيو هو جيڪا کيس اهڙن معجزن کي عمل ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪندي، جيڪي ڏسڻ ۾ بنهه جادوءَ جهڙا لڳندا ـ اها طاقت، جنهن سان هو بيمار ماڻهن کي سندن

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

بيماريءَ کان نجات ڏياري، صحت ۽ چڱيلائي ڏيندو ۽ مئل ماڻھن کي وري جياري پنھنجن پيرن تي بيھاريندو.

پوءِ اھا ڳالھ تہ معلوم ڪندي تہ يسوع کي بک محسوس ٿي رھي ھئي، شيطان ھن جي من ۾ ھڪڙو خيال وڌو. "جو نہ تو انھن پٿرن کي ڦيرائي مانيءَ جا روٽ بڻائي ڇڏين؟ خدا جو پٽ اھا ڳالھ تہ ضرور ڪري سگھي ٿو؟"

پر يسوع ائين ڪونہ ڪيو. شيطان پوءِ ھن جي ڪن ۾ ٻئي ھڪڙي خيال جو سرڀاٽ ڪيو ۽ ائين چئي تہ خواب ھو يسوع کي يروشلم جي مقدس عبادتگاھ جي چوٽيءَ تي وٺي ويو.

"ڏس!" شيطان چيو. "تون سڄي شھر کان ھاڻي مٿي آھين- پر تون تہ خدا جو سگھارو پٽ آھين، سو ھتان تون پاڻ کي ھيٺ ڦٽو ڪري سگھين ٿو ۽ پوءِ بہ توکي ڪو ايذاءُ نہ ٿيندو. توريت ۾ لکيل ڪونھي تہ خدا جا فرشتا تنھنجو بچاءُ ڪندا ۽ توکي پنھنجين ٻانھن ۾ کڻي وٺندا تہ جيئن تنھنجو ڪو پير بہ ڪنھن پٿر سان ٽڪرجي نہ وڃي؟ تہ پوءِ ھتان پاڻ کي ھيٺ اڇلاءِ ۽ پوءِ ئي تون پاڻ کي ۽ ٻين سڀني کي اھو ثابت ڪري ڏيکاريندين تہ سچ پچ تون خدا جو پٽ آھين."

پر يسوع اھڙي ڪا بہ بيعقليءَ جي ڳالھ ڪانہ ڪئي. پوءِ شيطان پويون پيرو ڪوشش ڪئي. ھو يسوع کي ھڪڙي اوچي جبل تي وٺي ويو ۽ ھڪ پلڪ ۾ ھن کي دنيا جون سڀ بادشاھتون ڏيکاريائين تہ اھي ھن جي آڏو پٽ تي پيون ھيون!

"ڏس!" شيطان چيو. "تمام وڏي طاقت، ۽ اھي وڏيون وڏيون بادشاھتون سڀ تنھنجي لاءِ آھن، جيڪڏھن تون رڳو پنھنجي ذات ۽ پنھنجون صلاحيتون خدا جي بدران منھنجي لاءِ استعمال ڪرين. آءٌ اِھي سڀ توکي ڏيئي سگھان ٿو جيڪڏھن تون رڳو منھنجي پوئلڳي ڪرين، مون کي پوڄين ۽ منھنجو حڪم مڃين، جيئن ٻيا سڀ ماڻھو ڪن ٿا. تون ھڪڙو واڍي جو پٽ آھين. تو لاءِ رڳو وعظ ڪري، دعائون گھري ۽ عبادتون ڪري وڏو بادشاھ بنجڻ بيحد مشڪل ڪم آھي، بلڪ ائين ٿي ئي نہ ٿو سگھي. پر آءٌ توکي جھٽ ۾ بادشاھ بڻائي سگھان ٿو- شرط رڳو اھو آھي تہ تون منھنجو فرمانبردار بڻجُ ۽ منھنجو بندو ٿيءُ."

پر يسوع وري بہ هرڪجي نہ سگهيو. هن برائيءَ جي راجڪمار کي منهن ۾ چٽائي ڏنو ۽ چيو: "شيطان، منهنجي اڳيان تون هٽي وڃ! توکي خبر آهي تہ مون کي هڪڙي مالڪ، پنهنجي خدا، کي مڃڻ گهرجي ۽ فقط انهيءَ جي بندگي ڪرڻ گهرجي."

پوءِ شيطان کي خبر پيئي تہ هو شڪست کائي چڪو آهي، ۽ اتان هو پڇي ويو. جڏهن يسوع کي معلوم ٿيو تہ هو هميشہ لاءِ شيطان تي سوڀ پائي چڪو هو، تڏهن هن جي دل ۾ هڪ بيحد وڏي خوشيءَ اچي واسو ڪيو: هاڻي هو پنهنجي طاقت ۽ پنهنجون سڀ صلاحيتون خدا لاءِ ڪم آڻي سگهندو ۽ جو ڪجهہ ڪيس ٿيو اهو هو سهندو ۽ ڪهڙي بہ مشڪل زندگي ڪيس گذارڻي پئي اها هو گذاريندو : هن پنهنجو پاڻ خدا کي سونپي ڇڏيو هو ۽ هاڻي هو ٻين جي ڀلائيءَ جي راهہ ۾ هلندو ۽ سيني کي اها راهہ ڏيکاريندو.

پوءِ يسوع کي ائين ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ فرشتا هلي وٽس آيا آهن ۽ هن جي پرگهور پيا لهن، ۽ هو بيحد خوش ٿيو.

## 15 : يسوع جا پهريان ساٿي ۽ دوست

پوءِ يسوع، ٻهراڙيءَ جي پنهنجي ايڪانت واريءَ جاءِ مان نڪري، گليل جي آباد ۽ ماڻهن سان ڀريل سرزمين ڏانهن ويو. هن هڪدم پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ تي چاهيو ۽ هر اهو ماڻهو جيڪو هن کي ٻڌڻ لاءِ تيار هو ان کي هن پنهنجي ڳالهہ سمجهائڻ تي گهري. هن انهن کي اهي سڀ عبرت ڀريون ڳالهيون ٻڌائڻ تي گهريون، جن جي هن کي ڄاڻ هئي.

هن محسوس ڪيو تہ هن کي مدد ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ڪو ساٿي هن سان گڏ هئڻ گهرجي. هن کي پهريائين پنهنجي سکيا ڪن خاص ماڻهن کي ڏيڻي هئي، جيڪي سندس ڳالهيون ٻين ماڻهن تائين- ويجهن ماڻهن ۽ پرانهن ماڻهن تائين- نيئي پهچائين. انهيءَ ڪري هن لاءِ ضروري هو تہ هو ڪي پنهنجا پهريان ساٿي ۽ دوست پيدا ڪري، جيڪي هن جا پوئلڳ هجن، ۽ اهي هن تي يقين رکن، ۽ سندس تعليم اهڙيءَ ريت ٻين کي ڏين جيئن هن پاڻ تي ڏني.

هڪڙي ڏينهن، يسوع جو سوپيا پريل گليل جي سمنڊ جي آسپاس وڃڻ ٿيو ۽ اتان هو وڃي ان جي ڪناري تي وڃي بيٺو. اتان هن ڪيترن ئي مهاڻن کي ڏٺو جيڪي مڇي ماري رهيا هئا. ۽ منجهن هڪڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ ويٺل هن ٻه ڀائر ڏٺا. انهن مان هڪڙي جو نالو شمعون ۽ ٻئي جو اندرياس هو ۽ اهي ڏاڍا سٺا ماهيگير هئا. يسوع کي هنن جي ڪم جو نمونو ۽ سياءُ ڏاڍو وڻيو ۽ هن کي پوري خاطري ٿي ويئي تہ هو انهن تي ڀروسو ڪري سگهيو ٿي، ۽ اهي هن کان ضرور دل لائي سکيا وٺندا.

هن پوءِ اتان بيهي انهن کي پاڻ ڏانهن سڏيو. هنن پنهنجا چار هٿن ۾ جهليندي، مٿي نهاريو ۽ يسوع کي ڏٺو. هن ۾ انهن کي اهڙي ڪا جوت ڏسڻ ۾ آئي، جو هن تان پنهنجون اکيون ئي ڪٽي نہ پئي سگهيا.

”اوهين مون سان هلو“ يسوع، سڏ ڪندي، هنن کي چيو. ”آءٌ اوهان کي ماڻهن جو شڪاري بڻائيندس!“

شمعون ۽ اندرياس سمجهي نہ سگهيا تہ هن جو ڇا مطلب هو. هو اِهو سمجهي نہ سگهيا تہ يسوع کين چيو ٿي تہ هنن کي مڇين بدران ماڻهن کي ”پڪڙڻ“ ۽ جيڪي پاڻ ڏانهن آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ ائين سيني ماڻهن کي گڏجي ”پيار جي بادشاهت“ ۾ رهڻ گهرجي. پر جيتوڻيڪ هو نٿي سمجهي سگهيا تہ هن جو ڇا مطلب هو تہ بہ ايترو هنن ڄاتو ٿي تہ کين، ٻيو سڀ ڇڏي، هن سان وڃڻ ضروري هو.

هنن، پوءِ، پنهنجا چار جيڪي ٻيڙيءَ ۾ وڌا ۽ چپو هلائي، ٻيڙيءَ کي آڻي ڪناري سان لڳايائون، ۽ ٽپ ڏيئي هو لهي پيا ۽ ڏاڍي شوق سان اچي يسوع جي اڳيان بيٺا، ۽ پڇڻ لڳا تہ هن کانئن ڇا ٿي چاهيو!

ٿورو پنڌ اڳيان، يسوع ٻيا ٻہ ڀائر ڏٺا، جيڪي پنهنجي پيءُ سان گڏ هڪڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ ويٺا هئا، ۽ پنهنجا چار پئي ڳنڍيائون. يسوع انهن کي بہ پاڻ ڏانهن سڏيو.

”اچو مون سان هلو!“

سڏ تي ٻئي ڀائر، يعقوب ۽ يوحنا، پنهنجي پيءُ کي ٻيڙيءَ ۾ ڇڏي، ڪناري تي هليا آيا ۽ يسوع جي پٺيان هلڻ لڳا. اهي ۽ اهڙا ٻيا هن جا سچا پڪا دوست ۽ ساٿي هئا، جن هن جي حياتيءَ ۾، ۽ پوءِ بہ ، هن سان پورو ساٿ

ڏنو ۽ هن جي ڪمَ کي اڳتي وڌايو. هن پوءِ انهن جهڙا اٺ ٻيا ساٿي بہ چونڊي ڪنيا. پر هي ٻهريار. چار هن جا ويجهي ۾ ويجها يار ۽ هن جي ڪم ۾ گهڻي ۾ گهڻا مددگار رهيا.

انهن مان هڪڙو تمام گهڻو محبتي مڙس هو. اهو شمعون هو. هو دلير هو ۽ ڏاڍو نرم دل بہ هو پر ڪڏهن ڪڏهن هو زور ڪري، پنهنجيءَ تي هلڻ وارو بہ هو. ڪنهن کي بہ سندس ڪا خاطري ڪانہ هوندي هئي.

"هيءَ ڏاڍو سنو ماڻهو تي سگهي ٿو" سيني تي چيو. "پر خبر نہ آهي، ڇو ناڪام ثابت ٿو ٿئي؟"

پر يسوعؑ کي خبر هئي تہ شمعون بيحد لائق ماڻهو هو ۽ سندس ڪم ۾ ڪيس وڏي مدد ڪندو. هن شمعون جي منهن ڏانهن ڏسي، چيو: "تنهنجو نالو شمعون آهي، پر آءٌ توکي پطرس سڏيندس."

"تون مون کي پطرس ڇو سڏيندين؟" شمعون، اچرج وچان چيو.

"ڇاڪاڻ تہ "پطرس" جي معنيٰ "پٿر" آهي." يسوع جواب ڏنو. "هڪ ڏينهن تون اهڙو ئي محڪم ثابت ٿيندين، پطرس، جهڙو پٿر، ۽ جيڪا بادشاهت آءٌ اڏيان ٿو ان جو گهڻي قدر ڀرجهلو تون ٿيندين. تون پاڻ کي پطرس ثابت ڪندين، اهڙو سوگهو ۽ اڏول جهڙو پٿر."

يسوع ڪل ٻارهن دوست چونڊيا. انهن جو هن سان عشق هو. اهي هن جي ڳالهين کي ايترو سمجهندا هئا، جو جڏهن هو ساڻن نہ هوندو هو تڏهن بہ هو ٻاهر نڪري ويندا هئا، ۽ ويجي ماڻهن کي وعظ ڪندا هئا ۽ انهن کي سکيا ڏيندا هئا. اهي هن جا ٻارهن پوئلڳ يا ساٿي هوندا هئا، ۽ هنن جي اها سنگت ڏاڍي مبارڪ ۽ پاڪ سنگت هوندي هئي. جيڏانهن هنن جو محبوب آقا ۽ هادي ويندو هو تيڏانهن هن جي پٺيان هو بہ ويندا هئا.

## 16 : يسوع پنهنجو ڪم شروع ڪري ٿو

۽ هاڻي سچ پچ يسوع پنهنجو وڏو ڪم شروع ڪيو. هو ٻهراڙيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن، چوڏاري وڃڻ لڳو ۽ هر ڪنهن سان ڳالهائڻ لڳو. هن ديولين ۾ وعظ ڪيا. هُنَ جي دل ۾ جيڪي اعليٰ خيال هئا، انهن کي هن سادن ۽ سهڻن

لفظن ۾ بيان ڪيو. جو ڪجهه هن چيو ٿي، ان ڪي هر ڪو ماڻهو ۽ خود ٻار به سمجهي ٿي ويا. هن جي ڪا به ڳالهه سمجهڻ ۾ مشڪل ڪانه هئي.

"خدا جي بادشاهت ويجهي آهي،" يسوع چيو. "وڏيڪ غلط ڪم نه ڪريو پر نيڪ ڪلام ڪي ۽ جا خوشيءَ جي خبر اوهان ڪي مان ڏيان ٿو ان ڪي مڃو. خدا اوهان جو آسماني پيءُ آهي، ۽ هن ڪي اوهين وڻو ٿا. ان تي ڀروسو رکو ۽ ڪنهن ڪان نه ڊڄو. برائيءَ ڪان پڇو ۽ نيڪ ڪم ڪريو. پوءِ سچي خوشي– تمام وڏي خوشي – ۽ سچو سک اوهان لاءِ آهي."

ماڻهن يسوع ڪي ٻڌو ۽ هن ڪي ڏٺو. هو ڏسي سگهيا ٿي ته هو مجسم نيڪي هو. هو هن جي چوڌاري اچي ٿي گڏ ٿيا. هنن جو هن سان پيار هو. هو هن جي هر لفظ ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. ترت ئي هن جي ڳالهه سڄي ملڪ ۾ ۽ ان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي.

"تو يسوع ڪي وعظ ڪندي ٻڌو آهي؟ بس، حيرت آ حيرت! توکي ته خبر آهي ته هو ڪير آهي؟ هو يوسف جو پٽ آهي، جيڪو ناصرت جو هڪڙو واڍو هو! اڄ تون اچي هن ڪي ٻڌڄ. هو جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو اهي سمجهڻ ۾ سيپ آسان آهن. هن ڪي ٻڌي تنهنجي روح ڪي راحت ايندي ۽ تنهنجي دل ڏاڍي خوش ٿيندي"

ائين جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ماڻهو هن ڪي ٻڌڻ لاءِ هن وٽ ايندا رهيا. جڏهن هو ڳالهائيندو هو ته ديوليون پرجي ويندريون هيون، ۽ جي ٻاهر کليل ميدان ۾ وعظ ڪندو هو ته انبوهه ماڻهن جا، هتان هتان ڊوڙندا. ڪيتن ۽ ماترين ۾ هن ڪي ٻڌڻ لاءِ اچي ڳاهت ٿيندا هئا. ماڻهو محسوس ڪندا هئا ته يسوع، جو ڪجهه چيو ٿي، اهو هن پنهنجي دل ۾ پرکيو ۽ پروڙيو به هو ۽ هن کي خبر هئي ته هو ڇا چئي رهيو هو. هنن ڪي اها خاطري هئي ته جيئن هن چاهيو ٿي ته هو ٿين، اهڙو ئي سٺو هو پاڻ هو. جڏهن پيار پريل دل سان ۽ اکين ۾ سچائيپ جا سهاءَ ڪٽي، هنن ڏانهن ڏسندو هو ته هو چاهيندا هئا ته هو پاڻ به اهڙا ٿين، ۽ سيني کي پاڪر پائي، دل سان پيار ڪن.

"هيءُ شخص ائين ئي ڳالهائي ٿو جيئن سچ پچ هو سمجهي ٿو ۽ چاهي ٿو. هيءُ اسان جي ٻين واعظن وانگر ڪونهي، جو دل ۾ هڪڙي ڳالهه هوندي اٿن ۽ زبان سان ٻي ڳالهه چوندا آهن،" ماڻهن هڪٻئي کي چيو.

۽ پوءِ يسوع پنهنجي اها اڇرج جهڙي طاقت ڪم آڻڻ شروع ڪئي، جنهن سان هو بيمارن کي بيمارين کان ڇڏائي سگهيو ٿي. هن جڏهن دکي ۽ سورائتا ماڻهو ڏٺا، تڏهن هنن جو دک ۽ هنن جو ايذاءُ هو سهي نہ سگهيو. هو سيڪنهن کي پانئڻ وارو هو ۽ هن جي دل ڏاڍي ڪنئري ۽ نازڪ هئي، ۽ جڏهن ڏسندو هو تہ ڪنهن کي هن جي مدد جي گهرج آهي، تہ هو انهيءَ ئي مهل ڊوڙي، ان وٽ پهچي ويندو هو.

هن کي اِها خبر هئي تہ هن وٽ هڪ وڏي ڄاڻ ۽ غير معمولي طاقت هئي. هو بيمار ماڻهن جي هٿ ڏسڻ ۽ انهن کي ڇهڻ سان، يا ساڻن رڳو ڳالهائڻ سان، انهن کي بهتر بڻائي سگهيو ٿي. هيءُ هڪ عجيب ڏات هئي، ۽ ترت ئي سڄيءَ ٻهراڙيءَ ۽ ان جي آسپاس جا ماڻهو يسوع جي انهن ڳالهين تي اتساهہ ۽ اڇرج ۾ پرجي ويا.

"هيءُ رڳو وعظ ڪونہ ٿو ڪري! هيءُ بيمارن کي چڱو ڀلو بہ ڪري ٿو! سچ پچ هيءُ خدا جو پيارو پٽ آهي! آءٌ ڪالهہ اتي هوس، ۽ منهنجي اکيان هن هڪڙي غريب ماڻهوءَ کي نيڪ ڪري ڇڏيو! هيءُ سچ پچ هڪ عجيب ماڻهو آهي."

"هيءُ روح ۽ جسم ٻنهي کي چڱو ڀلو ڪري ٿو! هيءُ سچ پچ مسيح آهي، اسان جو بچائيندڙ آهي! پنهنجن ڪمن کي ڇڏيو ۽ هلو مون سان هلي، هن جون ڳالهيون ٻڌو. رڳو هن جي ڪڙتي کي هٿ لائڻ ئي اهڙي نعمت آهي، جو اوهين سڄي عمر ياد ڪندا!"

اهڙيءَ طرح، جيڏانهن يسوع ويو ٿي، هن جي پٺيان انبوهہ ماڻهن جو لڳو ٿي ويو. انهن مان ڪن کي آس هوندي هئي تہ هو ڪي حيرت ۾ وجهڻ جهڙيون ڳالهيون ڪري، ۽ ڪي معجزا ڏيکاري، جيڪي ماڻهن کي جادوءَ وانگر ٿي لڳا، تہ هو اهي ڏسن. انهن مان ڪن چاهيو ٿي تہ هو رڳو ڳالهائي ۽ وعظ ڪري تہ هو اهو ٻڌن. ٻار هن جي پٺيان ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ انهن جو هن سان پيار هو ۽ انهن سمجهيو ٿي تہ اهڙو حيرتناڪ ماڻهو هنن ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو.

۽ ڪي هن سان گڏيا ويا ٿي، ڇاڪاڻ تہ اهي بيمار هئا ۽ انهن کي چڱي ڀلي ٿيڻ جي اميد هئي. انهن ڏينهن ۾ طبابت، يعني ڊاڪٽري، اهڙي

اڄرج ۾ وجهڻ جهڙي سڙيل ڪاٺ هئي جهڙي هاٿي آهي، ۽ ڪيترئي اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي ڪو به ڊاڪٽر ڇٽائي نٿي سگهيو. اڄڪلهه، ڪهڙو به ڪٿي ڪو بيمار هجي پر ان لاءِ ڪنهن نه ڪنهن علاج جي اميد آهي، ڇاڪاڻ ته اسان جي بدن جي بناوت بابت، ۽ اهو ڪيئن ٿو ڪم ڪري ان بابت، گهڻو ڪجهه معلوم ٿي سگهيو آهي ۽ تمام وڏيون ڳالهيون دريافت ٿيون آهن. پر گذري ويل انهن ڏورانهن ڏينهن ۾، جڏهن ڪو ماڻهو سخت بيمار ٿيندو هو ته ان لاءِ تمام ٿورو ڪو علاج ٿي سگهندو هو.

انهيءَ ڪري، ائين ٿيندو هو جو گهڻو ڪري ماڻهو سالن جا سال پيا ڇُڙندا هئا، ۽ اهي پنهنجي چڱيلائيءَ ۽ سگهاري ٿيڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڏيڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. انهن جڏهن يسوع جهڙي مهربان ۽ پياري ماڻهوءَ بابت ٻڌو جنهن جي هٿ ۾ شفا هئي، تڏهن هنن جي مٺل دلين ۾ ساهه پئجي ويو ۽ اها ڳالهه هنن لاءِ ڏاڍي هڪ عجيب ڳالهه هئي. ۽ هو ميڙاڪا ڪري، ڪنهن نه ڪنهن طرح- ڪي پيرن تي هلي ۽ ڪي پنهنجن دوستن ۽ عزيزن کان پاڻ کڻائي- هن وٽ پهچي ويندا هئا.

”شايد هن کان اسان کي شفا ملي!“ بيمار ماڻهن پنهنجي پاڻ کي چيو ۽ هنن جي دل پريل دلين ۾ اميد جي جهلڪ روشن ٿي ٿي ويئي. ”ڇا به ٿئي، پر اسين هن وٽ ويندا سين. شل هن جي ويجهو وڃي سگهون! شل هن سان پنهنجو حال ڪري سگهون! هر وقت هن جي چوڌاري ماڻهن جا انبوهه آهن!“

# 17 : امير جو پٽ

اهڙيءَ طرح، انهن ڏينهن ۾، هڪڙو ڪو امير شخص هو جيڪو ڪفرنحوم جي شهر ۾ رهندو هو ۽ هن کي هڪڙو ننڍو سڪيلڏو پٽ هو. پيءُ کي پنهنجي پٽ سان بيحد پيار هوندو هو ۽ هو ان جي سک ۽ آرام جو تمام گهڻو خيال رکندو هو. ان لاءِ هن خادم مقرر ڪيا هئا، جيڪي هن جي ٽهل ٽڪور ڪندا هئا. ان لاءِ هو قسم قسم جا رانديڪا ۽ مٺايون وٺي ايندو هو. هو ائين سمجهندو هو ته سڄيءَ دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو سڀني ۾ سٺو ۽ سٺي ۾ سٺو پيارو هو ته هن جو اهو ننڍڙو پٽ هو.

هڪڙي ڏينهن هن جو اهو پيارو پٽ بيمار ٿي پيو. هن ان ڏانهن تمام غمگين نگاهن سان ڏٺو ۽ هن کي کڻي پنهنجي گوڏي تي ويهاريو ۽ هن جي گرم هٿن کي جهليائين ۽ هن جي ٻرندڙ پيشانيءَ تي هٿ رکي ڏٺائين. ويچاري ٻار کي راند روند وسري ويئي ۽ ڪائڻ پيئڻ ڇڏائي ويو.

"اسان کي هڪدم طبيب گهرائڻ کپي،" هن جي پيءُ چيو ۽ هڪڙي خادم کي طبيب ڏانهن موڪليائين. طبيب اچڻ سان ٻار کي بستري تي ليٽائي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ هن جي کاڌي پيتي جي خاص انتظام جي هدايت ڪئي. هن کي خاموش سمهاري ڇڏٽو هو ۽ خدا گهريو ته هو پنهنجي وقت تي پاڻيهي نيڪ ٿي ويندو.

پر ننڍڙو نينگر نيڪ ٿي نه پئي ٿيو. جڏهن هڪڙي ڏينهن هن جو پيءُ هن کي ڏسڻ ويو ته هن کي ٻار جي حالت وڌيڪ خراب ڏسڻ ۾ آئي. هن جون اکيون پٽي پريون. هن هيڏانهن پاسو ورائي هوڏانهن پاسو پئي ورايو ۽ ڪٽڪات پئي ڪيائين. هن جي پيءُ هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ جهلي کڻي ڇاتيءَ سان لاتو. ڪري، سو ڇا ڪري؟ شايد ٻيو طبيب پهرئين طبيب کان وڌيڪ قابل ۽ ڄاڻو هجي!

پوءِ هن ٻيو طبيب گهرايو ۽ ان کان پوءِ وري ٻيو. هو هڪ دولتمند ماڻهو هو ۽ هن کي پنهنجي دل گهرئي پٽ تي پيسي خرچ ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانه هئي. هن جڏهن ٻار کي ائين بستري تي بي آراميءَ سان ليٽندي پيٽندي ڏٺو تي، تڏهن هن جي دل نپوڙبي پئي ويئي.

امير شخص ڏاڍيءَ ڳڻتيءَ ۾ پرجي طبيبن سان ڳالهايو. "ٻار جي حالت اهڙي ٿي آهي جهڙي پهرين. ان ۾ ڪا بهتري ڪانه ٿي ڏسجي. ٻاڻ اڳي کان هو وڌيڪ نازڪ حالت ۾ ڏسجي ٿو. ڇا، هو۔ هو۔ او خدا۔ ڪٿي هن جي دشمنن کي ڪجهه...!"

طبيبن ٻار جي پيءُ ڏانهن خالي نگاهن سان نهاريو. ٻار جي حالت جيڪا هئي سا هئي. هو وڌيڪ ڪري به ڇا ٿي سگهيا.

امير شخص هنن جي منهن ۾ ڏٺو ۽ سمجهي ويو ۽ هن جو هانءُ غم ۾ ٻڏي ويو. هن جي پنهنجي پٽ سان ڏاڍي دل هئي. هو اٿي پنهنجي ڪونيءَ ۾ هليو ويو ۽ اتي ڏک ۽ بيوسيءَ کان ڪونيءَ ۾ هيڏي هوڏي هلڻ

لڳو. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪري. هو اڃا اتي ئي هو ته سندس خادم ڊوڙي وٽس آيا.

"سائين،" هنن تکو تکو هن کي چيو "اوهان يسوع ناليءَ هڪڙي نئين طبيب جي خبر ٻڌي آهي؟ هو وعظ به ڪري ٿو ۽ علاج به ڪري ٿو. هن ڏاڍيون حيرتناڪ ڳالهيون ڪيون آهن. اوهين هن کي هتي آڻيو ۽ ننڍڙي جي علاج لاءِ منٿ ڪيوس. جي ترت ڪجهه نه ٿيو ته ننڍڙي جي دشمنن کي الائي ڇا ٿي ويندو!"

امير شخص پنهنجن خادمن ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي دل ۾ هڪڙي ننڍڙي اميد جي جهلڪ پيدا ٿي. "آءٌ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان،" هن چيو. "مون کي ٻڌايو ته اهو ماڻهو ڪٿي آهي؟"

"هو هينئر گليل جي قانا ڳوٺ ۾ آهي،" خادمن مان هڪڙي ڏاڍي چاهه وچان چيو. "سائين، مون کي ڇڏيو ته هن ڏانهن اوهان جو پيغام کڻي وڃان. هن ڏانهن هڪڙو خط به لکي ڏيوم. آءٌ واءَ وانگر اڏامي ويندس، ۽ هڪدم هن کي اوهان وٽ وٺي ايندس."

"نه آءٌ پاڻ اوڏانهن ويندس،" امير شخص چيو. "آءٌ هن کي هيڏانهن اچڻ لاءِ پيرين پوندس. هن کي ضرور اچڻو پوندو. او منهنجا ساهه کان پيارا سڪيلڌا پٽ! توکان سواءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟ هن دنيا ۾ تون ئي ته منهنجو سڀ ڪجهه آهين!"

هو پوءِ ڊوڙي وري پنهنجي بيمار نينگر وٽ ويو ۽ پوئين هڪ نگاهه هن تي وجهي، پاڻ پنهنجي سر انهيءَ ئي گهڙيءَ اتي قانا ڏانهن روانو ٿيو. جيترو تکو ٿي سگهيس، اوترو تکو هو ڪاهيندو اوڏانهن ويو. ڪهڙي نه بي انت خوشي هن لاءِ اها ٿيندي، جو هيءُ واعظ هن جو پٽ هن کي بچائي ڏئي! هونئن هيءُ واعظ ڪير به هو ان سان هن جو ڇا؟ جو ڪجهه به ڪانئس هو گهرندو، اهو هو هن کي ڏيندو!

رستي ۾ هن کي ڪيترائي ماڻهو مليا، جن هن کي يسوع جو پورو ڏس ڏنو. هنن هن کي هيءُ به ٻڌايو ته يسوع خاص ڪو طبيب ڪونه هو پر هو ته هڪ عجيب انسان هو جنهن زندگيءَ جو بهتر رستو ٿي ڏسيو- نيڪيءَ جو ۽ پيار جو رستو. امير شخص يسوع بابت ماڻهن کان اهي

ڳالهيون ٻڌي، پرپٽ هن جو پرستار بڻجي پيو ۽ ڪيس يقين ٿي ويو تہ هو واقعي ڪنهن وڏيءَ مٽيا وارو ماڻهو هو.

نيٺ هو اتي پهچي ويو جتي يسوع رهيل هو. اتي پهچڻ ڪان پوءِ هو ڏاڍي انتظار ۾ ٻاهر ترسي بيهي رهيو تہ يسوع ٻاهر نڪري تہ هن کي پنهنجي دل جو حال ٻڌائي! هن جي دل جي آس جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي تہ يسوع ساڻس گڏجي ڪفرنحوم هلندو ۽ ائين هن جي هٿان سندس بيمار پٽ جي جان بچي ويندي!

پوءِ يسوع ان ڪوٺيءَ ۾ آيو جتي اهو امير شخص انتظار ۾ ويٺو هو. هن يسوع ڏانهن ڏٺو ۽ ڏسڻ سان هو سمجهي ويو تہ يسوع ڪان ئي هن جي دک جو علاج ٿي سگهيو ٿي- جو تہ هن ۾ اها سگهہ ۽ اها ڪمل ڪيس ڏسڻ ۾ آئي، جيڪا هر ڪمزور جو ڏي ۽ هر ايذايل جو مرهم ٿي سگهي ٿي. سچ پچ بہ تہ يسوع ۾ اهو قرب ۽ اها ٻاجهاري پنهنجائپ هئي، جنهن ڪان ڇڪجي هر راهہ وڃايل ۽ تڪليف ۾ آيل ماڻهو هن وٽ وڃي آرام ۽ آٿت وٺندو هو.

"سائين،" امير شخص ڏاڍي لاچاري انداز ۾ چيو "منهنجو ننڍڙو معصوم پٽ ڪفرنحوم ۾ بيمار آهي. هو مرڻ جي بستري تي آهي. مون تي... مون تي قياس ڪريو مون سان گڏجي اوڏانهن هلو ۽ هن جو ڪو ڀلو ڪريو! مون کي يقين آهي تہ توهين هن کي بچائي سگهو ٿا. ڇا، مون سان گڏجي هلندا؟ هو منهنجو هڪڙو ئي پٽ آهي، ۽ مون کي بيحد پيارو آهي. هيءَ ستون ڏينهن آهي، جو هو تپ جي آڙهہ ۾ پري رهيو آهي."

يسوع کي عجب ٿيڻ لڳو تہ هيءُ ماڻهو ڪانئس رڳو ڪنهن معجزي جي اميد رکي وٽس آيو آهي! ڪيترائي ماڻهو هاڻي وٽس اهڙن عجائبات جي ڏسڻ لاءِ ايندا هئا، ۽ دل ۾ چوندا هئا تہ پوءِ ئي هو ڪيس خدا جو پيارو سمجهندا ۽ مٿس ايمان آڻيندا. پر يسوع ائين هرگز نہ چاهيندو هو تہ ماڻهو ڪيس رڳو اهڙن معجزن جي ڪري مڃين. هو چاهيندو هو تہ ماڻهو سندس ڳالهيون ٻڌن ۽ سندس تعليم کي سمجهن، ۽ جيئن هن کين چيو ٿي، تيئن ئي سندن تعليم تي هو عمل ڪن.

"تون ۽ ٻيا رڳو چاهيو ٿا تہ آءٌ اوهان کي معجزا ڪري ڏيکاريان!" هن چيو. "توهين تيسين مون کي ڪين مڃيندا، جيسين آءٌ اوهان کي حيرت ۾ وجهڻ جهڙي ڪا ڳالهہ نہ ڪري ڏيکاريان!"

"سائين،" امير شخص بيوسيءَ جي انداز ۾ چيو "آءٌ ڪي اهڙيون نشانيون يا معجزا ڪونہ ٿو گهران. منهنجو پٽ مرڻ جي ڪنڌيءَ تي آهي. آءٌ رڳو چاهيان ٿو تہ اوهين مون سان هلي سگهو تہ مون تي ڪهل ڪريو ۽ هلي ان جو ڪو علاج ڪريو. مون سان هينئر ۽ هن گهڙيءَ هلو نہ تہ هو مري ويندو."

يسوع پريشان حال ماڻهوءَ ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي دل ٻاجهہ ۽ پيار سان پرجي ويئي، "تون ڪو ڊپ نہ ڪر،" هن ڏاڍيءَ نرميءَ سان چيو. "تنهنجو پٽ جيئرو آهي. تون موٽي گهر وڃ، ۽ اتي ڏسندين تہ جيڪي مان چوان ٿو سو صحيح آهي."

امير شخص يسوع جي ڳنڀير منهن ۾ نهاريو ۽ اعتبار ڄمي ويس. هن جي دل ايتري تہ خوشيءَ ۾ پرجي ويئي، جو هن جي سهڻ کان ٻاهر ڳالهہ هئي. هو اتان اٿيو ۽ ٻاهر نڪري، ڏينهن رات جو خيال نہ ڪندي، تڪڙو تڪڙو ڪنهن طرح موٽي پنهنجي گهر پهتو. يسوع هن کي جيڪي چيو هو ان تي هڪ گهڙيءَ جو شڪ بہ هن کي ڪونہ هو. هن جي دل کي پڪ هئي تہ هن جو پٽ ٺيڪ هو. جيتوڻيڪ يسوع ٻار سان ڳالهايو بہ ڪونہ هو ان کي ڏٺو يا ڇهيو بہ ڪونہ هو پر ڪنهن طرح هن جي ڳالهہ جوا ٿر ٻار تائين پهچي ويو هو ۽ هو ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويو هو. ان جي هن کي خاطري هئي.

پوءِ هو جيئن پنهنجي گهر جي ويجهو پهتو تہ ڏٺائين تہ هن جا نوڪر چاڪر هن جي انتظار ۾ ٻاهر بيٺا هئا. ۽ جيئن ئي هنن ڪيس ڏٺو تيئن هو ڊوڙي وٽس آيا. هنن جا منهن خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيا هئا.

"سائين! اوهان جو پٽ خوش آهي! ڏسو... هو اوهان ڏانهن پيو اچي!"

امير شخص پنهنجو پٽڙو پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. هڪڙو خادم ان کي، پير پير ۾ ڪندو ڏانهنس وٺي پئي آيو. پري کان هيٺ ويهي، هن پنهنجون ٻانهون ڊگهيريون، ۽ پوءِ هڪدم ٻار کي ڪٽي هنج ۾ جهليائين. "آءٌ ٺيڪ آهيان،" ٻار هن کي چيو. "منهنجي مٿي جو سور لهي ويو آ. ابا، آءٌ توسان راند ڪندس!"

هن پنهنجي ننڍڙي نينگر جي ڳلن تي پيار جي ٿڦڪي هنئي، ۽ خوشيءَ ۾ پرجي هن جي منهن ۾ چتائي ڏٺائين. هن جو من ايترو تہ خوشيءَ ۾ ٽمٽار ٿي ويو جو هو مشڪل سان ڳالهائي ٿي سگهيو. هن ڇوڪر کي ڪٽي

پنهنجي چاتيءَ سان لاتو ۽ ڪنڌ ڪٽي خادمن ڏانهن ڏنائين. جيڪي پاڻ خوشيءَ ۾ ٽڙي رهيا هئا.

”ڪهڙي وقت منهنجي ٻچي کي تپ ڇڏيو هو؟“ هن پڇيو.

”سائين، آسرو لاهي ويٺا هئاسين.“ هڪڙي خادم چيو ”۽ پوءِ ستين ڏينهن صبح جو هن جو تپ لهي ويو ۽ هن جي حالت گهٽي سڌريل ڏٺيسين ۽ خدا جو شڪر ڪيوسين.“

”ستين ڏينهن صبح جو!“ امير شخص ڪان دانهن نڪري ويئي، ۽ هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. ”بلڪل انهيءَ ڏينهن صبح جو يسوع چيو هو ”ڪو ڊپ نہ ڪر، تنهنجو پٽ جيئرو آهي.“ هيءُ سچ پچ ڏاڍو وڏو انسان آهي! اوهين پاڻ هن کي ڏسو ها تہ اوهان کي خبر پوي ها! هاڻي، اسان سيني کي اتي هلي، هن جون ڳالهيون ٻڌڻ گهرجن. جيڪي هو چوي ٿو اهو اسان کي مڃڻو آهي، ۽ ان تي اسان کي عمل ڪرڻو آهي. ۽ منهنجا پيارا پٽ، تون بہ اسان سان گڏجي هن وٽ هلج ۽ هن جون ڳالهيون ٻڌ ج. توکي تہ هن وٽ هلي، هن جو احسان مڃڻو آهي. هن تنهنجي جان بچائي آهي ـ ۽ تون هتي هن کان هيترا ميل پري بيمار پيو هئين!“

۽ اهڙيءَ طرح، انهيءَ ڪٽنب ۾ ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي ڪٽنبن ۾ ڪيترائي هئا، جن يسوع کي بيحد پيار ڪيو ٿي ۽ هن کي دليان مڃيو ٿي ۽ جيڪي هن چيو ٿي ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. هو هر ڪنهن سان هن جي ڳالهہ ڪندا هئا، ۽ ائين هن جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ۽ هن، جو ڪجهہ ڪيو ٿي، ان کي ڏسڻ لاءِ، جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ماڻهن جا انبوهہ هن وٽ ايندا رهيا ۽ هن جي چوڌاري گڏ ٿيندا رهيا.

# 18 : تلاءَ تي ستل ماڻهو

يروشلم جي شهر ۾ رڍن جي پڙيءَ کان ٿورو پريرو هڪڙي عجيب قسم جو تلاءُ هوندو هو. ان کي ”بيت حسدا“ جو تلاءُ سڏيندا هئا. ”بيت حسدا“ عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ٻاجهہ جو گهر.“ ان

جي چوڏاري پنج موڪريون ڏيڍيون ٺهيل هونديون هيون. جن مان نڪري، اين ڏاڪن رستي هيٺ پاڻيءَ تائين وڃي سگهبو هو.

اها ڏاڍي هڪ درديلي جڳهه هوندي هئي، چاڪاڻ تہ ڏيڍين ۾ سدائين ڪيترا بيمار ماڻهو ليٽيا پيا هوندا هئا. انهن مان ڪيترا تہ سالن کان اتي پيل هوندا هئا. ڪي انهن ۾ انڌا ۽ ڪي منڊا هوندا هئا، ۽ ڪن جا سنڌ سڪل هوندا هئا. جيڪي پنهنجون ٽنگون ۽ ٻانهون چوري بہ نہ سگهندا هئا. انهن کي ڏسڻ سان دل کي ڏاڍو گهڻو ڏک ٿيندو هو.

تلاءَ جي هيٺان هڪڙو قدرتي چشمو هوندو هو جنهن مان تلاءَ کي پاڻي پيو ملندو هو. ان چشمي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اوچتي اڇل ايندي هئي ۽ پاڻي اڀڙڪو کائي متي ايندو هو ۽ ان ۾ گجي پرجي ويندي هئي. ان وقت ماڻهو چوندا هئا تہ تلاءَ موج ۾ آيو آهي، ۽ انهيءَ اپري آيل پاڻيءَ لاءِ چوندا هئا تہ جيڪو ان ۾ وهنجندو، ان کي شفا ملندي. پوءِ جڏهن جڏهن تلاءُ اٿين موج ۾ ايندو هو تہ ويچارا انڌا، منڊا، سنڌن سڪل ۽ ٻيا ڪيئي بيمار وٺي ڏاڪن تان تڪڙو تڪڙو هيٺ لهندا هئا، ۽ انهن مان جيڪي ان وقت هيٺ پاڻيءَ تائين پهرين رسي ويندا هئا ۽ ان ۾ گهڙي پوندا هئا، تہ هو ڏاڍو آنند محسوس ڪندا هئا.

”ضرور ڪو فرشتو آهي، جو پاڻيءَ کي اچي چاچولي ٿو!“ بيمار ماڻهو چوندا هئا. ”هر روز ۽ چوويهہ ئي ڪلاڪ اسان کي سجاڳ رهڻ کپي، ۽ جي اسين بلڪل انهيءَ گهڙيءَ پاڻيءَ تائين رسي سگهون ۽ ان ۾ وهنجي سگهون، جڏهن فرشتو پاڻيءَ ۾ اچي ان کي چاچولي ٿو تہ اسين هوند بلڪل چاق چڱا ڀلا ٿي پئون!“

انهن بيمار ماڻهن ۾ هڪڙو اهڙو بہ هو جيڪو انٽيهن سالن کان بيمار هو. هو هڪڙيءَ ڏيڍيءَ ۾ ليٽيو پيو هوندو هو ۽ سدائين پاڻيءَ جي موج جو انتظار پيو ڪندو هو. پر انهيءَ معذور هو ڪڏهن بہ وقت اندر ڏاڪن تان لهي، پاڻيءَ تائين پهچي ڪين سگهندو هو ۽ ائين ان جي شفا کان هر ڀيري محروم رهجي ويندو هو.

جڏهن پاڻيءَ ۾ موج ايندي هئي، تڏهن تلاءَ تي هنگامو مچي ويندو هو. سيئي بيمار ائين اٿي ڪڙا ٿيندا هئا، ڄڻ مئلن ۾ ساهہ پيو هو. ان وقت، چوڏاري هڪ ئي رڙ ٻڌبي هئي:

”هو ڏسو! تلاءَ ۾ ڏسو! جهٽ ڪريو پاڻيءَ ۾ گهڙو پاڻيءَ ۾ گهڙو!“

پوءِ سڀ بيمار- انڌا، منڊا ۽ پنگلا سڀ- اين ڏاڪن تان تڪا تڪا لهندا، پاڻيءَ تائين پهچڻ لاءِ ٽڙندا ٿاٻڙندا، ڪرندا جهرندا، ڌڪبا ٺيلهبا، هيٺ پيا ويندا هئا. سيني کي تلاءَ ۾ گهڙڻ جو شوق هيٺ ڪنيو ويندو هو. ڪن کي دوست عزيز ۽ مٽ مائٽ ٽيڪ ڏيو ڏاڪن تان تڪڙو تڪڙو هيٺ پيا نيندا هئا. جيسين تلاءَ ۾ موج هوندي هئي تيسين جيڪي بيمار اتي پهچي ويندا هئا، ۽ ان ۾ وهنجي سگهندا هئا، اهي ٻين کي چوندا هئا ته هو ڏاڍيءَ فرحت ۾ هئا، سندن لڱن ۾ ساهه پئجي ويو هو ۽ پهرينءَ ٽٻيءَ سان سندن اڌ بيماري لهي ويئي هئي!

گهڻو ڪري انهن بيمارن سان ڪو نه ڪو همراهه گڏ هوندو هو. جيڪو انهن کي ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ ۾ مدد ڪندو هو ۽ انهن جي ٿوري گهڻي ٻي سنڀال ڪندو هو. پر هيءُ ماڻهو جيڪو ايترا ڏينهن اتي بيمار پيو هو سو اڪيلو هو ۽ هن سان ڪو به مٽ مائٽ گڏ ڪونه هو. انهيءَ ڪري هيترن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو به وقت سر هو ڪڏهن هيٺ پاڻيءَ تائين پهچي ڪين سگهيو هو ۽ ائين ڏينهن جا ڏينهن ۽ سالن جا سال هو تلاءَ ۾ اڪ وجهيو اتي بيمار وينو رهيو ۽ ٿيندي ٿيندي هن جي من مان چڱي ڀلي ٿيڻ جي اميد ئي ختم ٿي ويئي هئي.

پوءِ، هڪ ڏينهن، يسوع ان تلاءَ ۾ آيو. اها اهڙين ئي جاين مان هڪ جاءِ هئي، جتي هو اڪثر ويندو هو ڇو ته ڏک ۾ گهيريل ماڻهن جي حالت تي هن کي ڏاڍي ڪهل ايندي هئي، ۽ سدائين هن جي دل ۾ انهن کي آرام ڏيڻ ۽ خوش ڪرڻ جا اڌما ۽ امنگ موجود رهندا هئا. هو اتي ڏيڏين ۾ پيل مسڪين ۽ بيمار زالن ۽ مردن کي ڏسندو ۽ انهن جي حال تي اندر ئي اندر جهڄندو ۽ جرهندو اڳتي وڌندو ويو ۽ ائين اڳتي وڌندي وڌندي، هو ان ماڻهوءَ وٽان اچي لنگهيو جيڪو ايتري مدت رڳو آسري تي بيسود اتي پيو هو.

يسوع کي خبر هئي ته هو ڪيتري مدت کان اتي ائين بيوس ۽ بيجان پيل هو. هن جي اکين ۾ هن جيڪو اونهو دک ڏٺو تنهن هن کي اداس ڪري ڇڏيو. هو وڌي هن وٽ ويو ۽ هن سان ڳالهائڻ لڳو.

”تون چڱو ڀلو ٿيڻ گهرين ٿو؟“

يسوع جي هنن لفظن تي، هن عجب کائيندي ۽ ڪنڌ مٿي کڻي، هن جي منهن ۾ نهاريو. جڏهن هن يسوع جون ٻاجهاريون اکيون ڏٺيون، جيڪي ائين ڏکوئيل انداز ۾ کيس ڏسي رهيون هيون، تڏهن هن پنهنجو سورائتو داستان ٻڌائڻ شروع ڪيو ته ڪيئن هن سالن جا سال تلاءَ جي جوش ڪندڙ پاڻيءَ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ”پر منهنجو ڪو به ساٿي ڪونهي، جو ڏاڪن تان هيٺ لهڻ ۾ منهنجي مدد ڪري،“ هن چيو ”۽ انهيءَ ڪري آءٌ سدائين پوئتي رهجيو وڃان.“

پوءِ يسوع ان ماڻهوءَ ڏانهن گهوري نهاريو ۽ هڪڙي حيرتناڪ ڳالهه هن کي چيائين۔ ”اٿ، پنهنجو بسترو کڻ ۽ هل!“

اهو ماڻهو رلهي هيٺان ڪيو پيو هو... ۽ ائين هو سالن کان اتي پيو هو. پر جڏهن هن يسوع جا اهي لفظ ٻڌا، تڏهن هن جا سڀ شڪ ختم ٿي ويا، ۽ هن کي يقين ٿيو ته هو ائين ڪري سگهيو ٿي. پوءِ هو پنهنجن پيرن تي اٿي بيٺو پنهنجي رلهي ويڙهي ڪلهي تي رکيائين ۽ قدم وڌائي هلڻ لڳو. هن کي اعتبار ئي نه پئي آيو ته هو ڪو سچ پچ هلي سگهيو ٿي ۽ هلي رهيو هو!

هاڻي، هن جي دل خوشيءَ ۾ ٻرجي ويئي، ۽ هو حيرت ۾ پئجي ويو. هن کي پنهنجي ڀاڳ تي ويساهه ئي نه پئي آيو. ۽ هو ايترو ته خوشيءَ ۾ ڀريل هو جو اها سڌ ئي ڪانه پيس ته يسوع کيس اتي ڇڏي، ماڻهن جي انبوهه ۾ گم ٿي ويو هو. هو منهن ورائي، هن جي شڪر گذاري ڪري ئي ڪري، تنهن کان اڳ هو اتان نڪري هليو ويو هو.

پوءِ اهو ماڻهو يروشلم جي گهٽين مان ٿيندو پنهنجن پيرن تي پاڻ هلندو موٽي پنهنجي گهر وڃڻ لڳو. هو انهيءَ ڳالهه تي حيران هو ته هن سان هيءَ ڪرشمو آخر ڪيئن ٿي گذريو هو! هو پنهنجو بسترو ڪلهي تي کنيو دل ۾ پور پچائيندو اڳتي هلندو رهيو. پر ترت ئي پوءِ هن کي محسوس ٿيو ته ماڻهو هئا، جيڪي ٻنهي پاسن کان ڏانهنس گهوري گهوري ڏسي رهيا هئا.

”واقعي!“ هن سوچيو. ”اڄ ته سبت جو ڏينهن آهي، جيڪو اسان جي آرام جو ڏينهن آهي! مون کي هينئن بسترو ڪلهي تي کڻي هلڻ نٿو جڳائي۔ ڇاڪاڻ ته سبت جي ڏينهن اسان جي شريعت ۾ اسان لاءِ هر قسم

جي ڪم ڪرڻ جي منع آهي. پر ان ۾ منهنجو ڇا ڪمڙو ڏوهہ؟ هن حيرتناڪ ماڻهوءَ ٿي تہ مون کي چيو تہ ”پنهنجو بسترو کڻ ۽ هل!“ پوءِ هن جو حڪم آءٌ ڪيئن نٿي مڃي سگهيس!“

ڪن يهودين هن کي رستي ۾ روڪي بيماريءَ ۽ هن تي سخت ڪاوڙ ڪئي. ”تون سبت جي ڏينهن تي بسترو ڇو ٿو کڻي هلين؟“ هنن هن کي چيو. ”توکي خبر بہ آهي تہ اسان جي شريعت پاڪ ۾ ائين ڪرڻ جي منع آهي!“

”سائين منهنجا! اڄ مون سان ڏاڍي هڪڙي حيرت جهڙي ڳالهہ ٿي آهي،“ ان ماڻهوءَ ڏاڍي اتساهہ وچان چيو. ”آءٌ ڪيئي سال بيمار هوس. ۽ چري بہ نہ پئي سگهيس ۽ بيت حسدا جي تلاءَ تي پنهنجي رلهي وڇايو ان جي مٿان پيو هوس. پر اڄ هڪڙو ماڻهو آيو ۽ مون کي چيائين: ”اٿ، پنهنجو بسترو کڻ ۽ هل!“ مون ڏٺو تہ آءٌ چاق چڱو ڀلو هوس! ۽ پوءِ مون ائين ئي ڪيو جيئن هن مون کي چيو هو ۽ پنهنجو بسترو کڻي کنيم ۽ اٿي هلڻ لڳس.“

”ڪنهن توکي اها ڳالهہ چئي، جيڪا اسان جي شريعت سڳوريءَ جي خلاف آهي؟“ يهودين هن کان پڇيو.

”مون کي خبر ڪانهي،“ ماڻهوءَ جواب ڏنو. ”مون کي رڳي هيءَ خبر آهي تہ هو هڪ عجيب شخص هو ۽ منهنجي دل ۾ پاڻ آهي تہ هڪ پيرو وري هن کي ڪٿي ڏسان. افسوس، مان هن کان نالو پڇان ئي پڇان، ان کان اڳ هو اتان هليو ويو. ڇا، اوهين نٿا سمجهو تہ هن مون کي ائين ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڇڏيو اها ڳالهہ سچ پچ هڪ وڏي ڳالهہ آهي ۽ هڪ حيرتناڪ ڳالهہ آهي!“

پر يهودين کي اِن ڳالهہ جو خيال ڪونہ هو. هنن لاءِ جيڪا وڏي ڳالهہ هئي، سا هيءَ هئي تہ سبت جي ڏينهن هن ان ماڻهوءَ کي اٿي، پنهنجو بسترو کڻي هلڻ لاءِ ڇو چيو. ڇاڪاڻ تہ سندن شريعت سڳوريءَ ۾، آرتوار جي ڏينهن، جيڪو سندن سبت جو پاڪ ڏينهن هو، ڪنهن کي بہ ڪو ڪم ڪرڻو ڪونہ هو.

انهيءَ ڏينهن، ڪجهہ وقت کان پوءِ، اهو ماڻهو پنهنجي چڱيلائيءَ جي نعمت جي عيوض خدا جي شڪر بجا آڻڻ لاءِ، مقدس عبادتگاهہ ۾ ويو. ۽ اوچتو اتي هن يسوع کي ڏٺو ۽ ڏسڻ سان هو هڪدم وڏي هن وٽ ويو ۽ يسوع هن سان اتي ڳالهايو.

”تون هاڻي چڱو ڀلو آهين. وڃ، ۽ آئنده ڪو غلط ڪم نہ ڪج، متان وڌيڪ ڪنهن تڪليف ۾ اچي وڃين.“

هن يسوع کي جو ائين ٻيهر ڏنو هو سو هن جي دل امنگ ۾ ڀرجي ويئي. انهيءَ ئي گهڙيءَ هن جي نظر انهن يهودين مان ڪن تي وڃي پيئي، جن هن تي ڪاوڙ ڪئي هئي تہ هن سبت جي ڏينهن ڇو پنهنجو بسترو ڪلهي تي کنيو هو! هو ڊوڙي انهن وٽ ويو ۽ پري کان يسوع ڏانهن اشارو ڪري، هنن کي چيائين:

”ڏسو! اِهو اٿو اهو ماڻهو جنهن مون کي چڱو ڀلو ڪيو آهي. هن جو نالو يسوع آهي.“

يهودين پاڻ ۾ مصلحت ڪئي ۽ فيصلو ڪيائون تہ يسوع کي سڏي، ڪائنس پڇا ڪجي. يروشلم جا مک يهودي اڳي ئي هن سان خصوميل هئا ۽ هن سان سندن حسد هو ڇاڪاڻ تہ ماڻهو هن کي چاهيندا هئا ۽ هن جي پويان هلندا هئا. يهودين کي تہ هاڻي اهو وجهہ تي مليو تہ هو يسوع تي شرعي جلهہ ڪن ۽ ان لاءِ هن تي دين جي خلاف ورزيءَ جو ڪو الزام هڻن.

نيٺ يسوع کي گهرايو ويو ۽ يسوع هنن جي اڳيان اچي بيٺو ۽ هو ان تي اهو الزام هڻي رهيا هئا تہ هن سبت جي سڳوري ڏينهن تي بيمارن جو علاج ڪيو هو. ”توکي خبر آهي تہ سبت جي سڳوري ڏينهن ڪو بہ ڪم ڪرڻ اسان جي شرع موسويءَ جي خلاف آهي ۽ اهو وڏو گناهہ آهي“ هنن چيو.

”منهنجو مهربان پيءُ تہ سبت جي ڏينهن بہ پنهنجي ٻاجهہ جا ڪم ڪندو ٿو رهي، ۽ آءٌ بہ ائين ٿو ڪريان،“ يسوع جواب ڏنو.

اِن تي يهودي سخت ڪاوڙجي پيا. هن خدا کي پنهنجي پيءُ سڏڻ جي جرئت ڪئي هئي!؟ هنن هن کي وجهڻ تہ ڏنو پر هن جي خلاف سخت تکو منو ڳالهايائون، ۽ ائين پٽي ڏسڻ ۾ آيو تہ جيڪڏهن هنن جو وس پڄي ها تہ هو هن کي ماري ڇڏين ها يا قيد ۾ تہ ضرور وجهن ها.

ائين، يسوع يروشلم کي ڇڏي، ماڻهن جي سکيا لاءِ گليل ڏانهن هليو ويو!

# 19 : ماڻهو، جيڪو ڪوڙهيو هو

انهن ڏينهن ۾ جڏهن يسوع ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ گهمندو ڦرندو ۽ ان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وعظ ڪندو رهندو هو تڏهن اتي هڪڙو ماڻهو رهندو هو جو ڪوڙهيو هو. ان ماڻهوءَ کي هڪڙي خطرناڪ بيماري هوندي هئي، جنهن کي ”ڪوڙهہ جي بيماري“ چئبو آهي. اها بيماري ان زماني ۾ لادوا هئي، يعني ان جي ڪا دوا ڪانہ هئي، ۽ ان ۾ ماڻهوءَ جي بدن جا عضوا سڙندا، ڳرندا ويندا آهن، ۽ بيمار کي تمام گهڻو ايذاءُ سهڻو پوندو آهي، ۽ اها بيماري ڏسڻ ۾ ئي ڏاڍي خطرناڪ لڳندي آهي.

ان دور ۾ اهو مرض گهڻو هوندو هو ۽ ڪيترائي ماڻهو ان ۾ ورتل هوندا هئا. عام ماڻهو انهن کان ڊڄندا ۽ پري ڀڄندا هئا، چو تہ هنن کي اهو ڊپ هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪو ڪوڙهيو هنن کي هٿ لائيندو يا ان جي بدن سان هنن جو بدن لڳندو تہ اها بيماري کين بہ ٿي پوندي. انهيءَ ڪري هو ڪنهن بہ ڪوڙهئي شخص کي پاڻ سان گڏ ڪونہ رهائيندا هئا. بلڪ ان کي پنهنجن گهرن جي ويجهو بہ اچڻ ڪونہ ڏيندا هئا.

ڪوڙهہ جي بيماريءَ ۾ ورتل ويچارن ماڻهن جي ڏاڍي دردناڪ حالت هوندي هئي، چو تہ هر ڪو ڪانئن خوف کائيندو هو ۽ کين ڪاريندو هو. جڏهن بہ هو پري کان ايندڙ ڪنهن ماڻهوءَ جي ويجهو ايندا هئا، تہ کين رڙ ڪري ان ماڻهوءَ کي ٻڌائڻو پوندو هو۔ ”ڪنو ڪوڙهيو! ڪنو ڪوڙهيو! پري، پري!“ اها رڙ ٻڌي، هر ڪو هنن کان پاسو ڪندو هو. هو يا تہ اڪيلا اڪيلا رهندا هئا يا وري پاڻ ۾ ڪوڙهين جون ٽنڍيون ننڍيون بستيون ٺاهي گڏ رهندا هئا. رڳو سندن پنهنجن ٻارن کي بہ وٽن وڃڻ کان منع هوندي هئي، ۽ هو پاڻ جهڙن ٻين انسانن جون فقط هڏيون ۽ چمڙيون جهليندا رهندا هئا.

انهيءَ ڪوڙهئي ماڻهوءَ يسوع جو نالو ٻڌو هو ۽ هي بہ ٻڌو هو تہ هن جي هٿ ۾ ڏاڍي شفا هئي ۽ هن ڪيترن بيمارن کي چڱو ڀلو ڪيو هو. ان ماڻهوءَ جڏهن پاڻ کي ٿي ڏٺو تہ هن کي پنهنجي حالت تي ڏاڍو ڏک ٿي ٿيو، چو تہ هن کي پنهنجو ڪٽنب ۽ پنهنجا دوست ۽ عزيز ڇڏي انهيءَ پنهنجيءَ گنديءَ بيماريءَ سبب هڪ ناپاڪ جانور وانگر سيني کان پري ۽ الڳ ٿي

رهڻو پيو. ايئن هو جري چڙي مري ويندو ۽ ڪو به هن جو خيال ڪرڻ وارو ڪونه هوندو! ڪاش، هو چڱو ڀلو تي پوي! هن پوءِ پنهنجي سک ۽ خوشيءَ ڀري زندگيءَ جا اهي ڏينهن ياد ڪيا، جڏهن هو ٺيڪ ٺاڪ هو ۽ هن جي بت تي اهي خطرناڪ اڇا اڇا چٽا ڪوڙهه جا ڪونه نڪتا هئا. هن جي دل ۾ پنهنجن دوستن سان ويهي رهاڻ ڪرڻ جو رکي رکي امنگ اٿندو هو. هن کي انهن سان گڏجڻ ۽ گڏجي هلڻ چلڻ ۽ اٿڻ ويهڻ جي ڪيتري نه اڪير هئي! پر هاڻي هن کي هيڪلو ٺي هيڪلو هر آئي وئي جي چڙهن ۽ ٺڏن کائڻ لاءِ ٺي جيئڻو هو.

۽ پوءِ ان ڪوڙهئي شخص ڀري ڪجهه مفاصلي تي ماڻهن جو ڪجهه انبوهه ڏٺو ۽ عجب ٿيس ته اتي اهو ڇا هو! هن کي ويجهي وڃڻ جي همت ڪانه هئي. پر هن جي دل ۾ اهو خيال اٿيو ته اهي ماڻهو شايد ان ٺي وڏي طبيب جي چوڌاري مڙيا بيٺا هئا، جنهن جي هٿان سڀ بيمار چڱا ڀلا ٿي ٿي ويا. پوءِ تيسين هو اتي ترسي بيهي رهيو، جيسين ماڻهن جو انبوهه ٽڙي پکڙي ويو. ۽ پوءِ هو همت ڪري، وڌي، اتي ويجهو ويو.

۽ هن اتي يسوع کي بيٺل ڏٺو! هن کي پڪ هئي ته اهو ٺي يسوع هو ۽ هن کي سڃاڻڻ ۾ ڪيس ڪا مونجهه ڪانه ٿي. هن کي يقين هو ته هو ٺي ڪيس چڱو ڀلو ڪري سگهيو ٿي. هن جي دل ۾ هاڻي سواءِ هن جي ٻيو ڪو خيال ڪونه هو ته ڪنهن طرح هو يسوع وٽ وڃي سگهي ۽ ڪيس چئي سگهي ته هو ٺي ڪيس چڱو ڀلو ڪري ٿي سگهيو ۽ ان لاءِ رڳو ڪيس سندس عنايت جي نظر جي ضرورت هئي.

پوءِ هو يسوع وٽ ويو ۽ هن جي آڏو گوڏن ڀر ويهي رهيو. هن جي حالت ڏاڍي خراب هئي. هو هڪ مسڪين ۽ بيمار ڪوڙهيو هو ۽ هن جي بت تي خوفناڪ اڇا ڇا چٽا هئا.

”سائين،“ هن ليلائيندي چيو، ”تون مون کي چڱو ڀلو ڪري سگهين ٿو. رڳو تنهنجي مهر جي نظر گهرجي!“

يسوع، ڪنڌ جهڪائي، هن غريب گدلي شخص ڏانهن ڏٺو ۽ ههڙي اگلڙي مسڪين لاءِ هن جي پيار ڪنڌڙ دل ۾ ٻاجهائتا امنگ ڀرجي آيا. هن نمي، پنهنجو هٿ ڊگهيري، هن ڪوڙهئي شخص جي پٺيءَ تي رکيو.

يسوع کان سواءِ ائين پيو ڪو بہ ڪونہ ڪري ها. هن پوءِ پنهنجي سباجهي ۽ مٺي آواز ۾ هن سان ڳالهايو.

"هائو آءٌ توکي چڱو ڀلو ڪندس،" هن چيو. "هاڻي تون چڱو ڀلو آهين."

۽ جيئن ئي يسوع ائين چيو هن جا چٽا هٽڻ لڳا. هن جي بت جي چمڙي صاف ٿي ويئي، ۽ هو چڱو ڀلو ٿي پيو. هاڻي هو ڪوڙهيو ڪونہ هو ۽ هو پنهنجي ڪٽنب ڏانهن ۽ پنهنجن دوستن ڏانهن وڃي سگهيو ٿي، ڪم ڪري سگهيو ٿي ۽ هڪ ڀيرو وري زندگيءَ جو سک ۽ سونهن ماڻي سگهيو ٿي.

ان ماڻهوءَ پاڻ پنهنجي بت کي ڏاڍي اڇرج سان ۽ ڏاڍي اتساهہ سان ڏٺو. اِها هن جي حياتيءَ جي سڀ کان وڏ خوشيءَ جي گهڙي هئي. هن جي دل اڌمو ڪاڏو تہ ڊوڙي پنهنجي گهر وڃي ۽ سڀني کي اها پنهنجي نئين جنم جي ڳالهہ ٻڌائي.

يسوع هن جي منهن مان سمجهي ويو تہ هو سڀني کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ آتو هو. پر يسوع نٿي چاهيو تہ هو هر ڪنهن کي اها ڳالهہ ٻڌائيندو وتي. اڳي ئي يسوع لاءِ ڳوٺن توڙي شهرن ۾ وعظ ڪرڻ مشڪل بڻجي رهيو هو جو ماڻهو هر طرف کان انبوهن ۾ ٿي، هن وٽ اچي ٿي گڏ ٿيا، ۽ انهن مان گهڻا رڳو انهيءَ آسري ۾ ٿي رهيا تہ هو ڪو اهڙو حيرت ۾ وجهڻ جهڙو ڪم ڪري تہ هو اهو ڏسن ۽ عجب کائين! هن جيڪي ڪين چيو ٿي، ان ڏانهن انهن ماڻهن جو گهٽ ڌيان ٿي ويو بلڪ ڪن جو تہ هن جي ڳالهين ڏانهن ڪو بہ ڌيان ڪونہ هو.

انهيءَ ڪري هن انهيءَ ماڻهوءَ کي ڪافي زور ڏيئي پنهنجي اها ڳالهہ سمجهائي- "ڏسج! تون هن واقعي جي ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪج! تون سڌو ڳوٺ جي پادريءَ وٽ وڃ ۽ هن کي وڃي پاڻ ڏيکار تہ تون هاڻ نيڪ آهين. پوءِ هو توکي پنهنجي گهر وڃڻ جي اجازت ڏيندو. پر اهو خيال ڪج تہ جيڪو تيڪو توکي گڏجي، ان سان توکي پنهنجي چڱيلائي جي ڳالهہ ڪرڻي نہ آهي."

پوءِ اهو ماڻهو يسوع کان موڪلائي سڌو ڳوٺ جي پادريءَ وٽ ويو. هو ڏاڍيءَ موج ۾ هو ۽ بيحد خوش هو. هر هر پنهنجي بت کي پئي ڏٺائين. ۽ جڏهن هن جي نگاهہ پنهنجي بدن جي صاف ۽ سچي چمڙيءَ تي ٿي پيئي، ۽

اهو احساس تي ٽيس تہ هاڻي سندس بت جو سور لهي ويو هو تہ هن جو من ترنگ ۾ پرجي تي ويو. هن جي اکين ۾ چمڪ اچي تي ويئي، ۽ وري وري انهن ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها پرجي تي آيس. ايتري قدر جو جيترو تکو هن هلڻ تي چاهيو اوترو تکو هو هلي ئي نٿي سگهيو.

سگهو ئي هن کي هڪڙو ڪو رستي ۾ ماڻهو گڏيو ۽ هو پنهنجو پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ هڪدم رڙ ڪري، هن کي چيائين، "آءُ ڪوڙهيو هوس. يسوع مون کي ڇٽايو آهي. آءُ هاڻي پادري ڏانهن پيو وڃان!"

ماڻهن پهريائين تہ هن تي اعتبار ئي نہ پئي ڪيو. پر انهن مان ڪي تہ هن کي سڃاڻندا هئا ۽ انهن کي خبر هئي تہ هو ڪوڙهہ ۾ ورتل هو. سو انهن جڏهن هن کي ائين نيڪ ٺاڪ ڏٺو تڏهن هنن کي هن جي خوش بختيءَ تي حيرت وٺي ويئي ۽ ائين اها خبر باهہ وانگر چوڌاري پکڙجي ويئي.

"ڪوڙهيو ڇٽي ويو! يسوع ڪوڙهئي کي ڇٽائي ڇڏيو! يسوع ڪوڙهئي تي هٿ رکيو تہ ڪوڙهيو نيڪ تي ويو! هو هاڻي پادريءَ وٽ ويو آهي. هاڻي هو موٽي پنهنجي گهر پنهنجن ٻارن وٽ ويو آهي! اهڙي ڪا عجيب ڳالهہ اوهان ڪڏهن ڏٺي، ڪڏهن ٻڌي!"

۽ جتان ڪٿان ماڻهو مڙي هن وٽ ويا ۽ هن پنهنجي ڳالهہ وري وري هنن کي ڪري پئي ٻڌائي. هو ايڏو تہ دل جي ادمي آڏو لاچار هو جو هن کان اها ڳالهہ ٻنهہ وسري ويئي تہ يسوع هن کي جهليو هو تہ هو ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪري، پر ماڻهو هئا، جن جڏهن هن جي چڱي ڀلي ٽيڙ جو ٻڌو تي، تڏهن هنن پنهنجي سر پاڻ هن جي واتان ان حيرت جهڙي مسيح بابت ٻڌڻ تي گهريو. سو اگهہ هن وٽ ايندا رهيا ۽ هن کان پڇندا رهيا ۽ هو هنن کي ان عجيب ڪرشمي جي ڳالهہ ڪري وري ٻڌائيندو رهيو. ۽ پوءِ، جڏهن يسوع پاڻ شهر ۾ وعظ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو تہ ماڻهن جا هشام هن جي چوگرد گڏ تي ويا، ۽ هن ڏٺو تہ وڏيڪ هن لاءِ اتي وعظ ڪرڻ ٻنهہ ناممڪن ٿيجي چڪو هو.

هن کي پوءِ وڏو وڏو شهر ڇڏي، ٻهراڙيءَ جي اهڙين جاين تي وڃڻو تي پيو، جتي اهڙو ڪو شور ۽ هنگامو نہ هجي، ۽ جتي هو پنهنجي دل جون ڳالهيون ماڻهن کي پوري اطمينان ۽ سانتيڪائيءَ سان ٻڌائي سگهي. پر

جتي ٻه هو ويو ٿي، اتي هن وٽ ويجهيءَ ڇڪ توڙي پري پري جا ماڻهو ڇڪبا ايندا رهيا_ ڇو ته هن جو نالو هاڻي هر ماڻهوءَ جي ڇپن تي اچي ويو هو_ هو انهن سڀني کي پوري تحمل ۽ توجهه سان پنهنجي اعليٰ ماڻهپي ۽ محبت جي سکيا ڏيندو رهيو.

# 20 : ماڻهو، جيڪو ڇت منجهان آيو

ڪفرنحوم جي شهر ۾ هڪڙو ماڻهو هوندو هو جيڪو چري پري ڪونه سگهندو هو. هو فالج جو بيمار هو ۽ سڄو ڏينهن منجي تي پئي پئي، هن جي زندگي ڏاڍي ڏکي گذرندي هئي. پر هن جا دوست هن کي ڏاڍو ڀانئيندا هئا، ۽ اهي اڪثر هن کي ملڻ ايندا هئا ۽ هن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

ان ماڻهوءَ کي سواءِ پورن پچائڻ جي ٻيو ڪم ڪونه هوندو هو. ۽ اڪثر هن جي من ۾ ايندو هو ته ٿي سگهي ٿو ته سندس گناهن جي سزا طور ئي ڪيس اها بيماري خدا ڏني هئي! ”شايد مون ڪي ڳرا گناهه ڪيا آهن،“ هن سوچيو. ”شل منهنجا گناهه معاف ٿي سگهن! آءٌ پنهنجن ڪمن تي بيحد پشيمان آهيان. جيڪڏهن ٻي حياتي مون کي ملي ته آءٌ هوند ڪوشش ڪري رڳو چڱا ڪم ڪريان.“

پر ٻي حياتي هن کي ملي ڪانه ٿي سگهي، جيئن ڪنهن کي ڪانه ٿي ملي. ۽ هاڻي ته هو ناخوش ۽ بيمار فقط هيءُ ئي ڪري سگهيو ٿي ته بيوس ۽ بيڪار منجي تي پيو رهي. ڪو ٻه ڊاڪٽر هن کي ڇٽائي نٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته هن جي بيماري ئي اهڙي هئي.

هڪڙي ڏينهن هن جي دوستن هن سان يسوع جي ڳالهه ڪئي، ”هو هڪڙو عجيب ماڻهو آهي_ هن هڪڙي ڪوڙهئي کي ڇٽايو آهي،“ هنن چيو. ”هڪڙي ڪوڙهئي کي! ڇا تو سمجهين! سڄي شهر ۾ ڳالهه هلي ويئي آهي ته ڪيئن هن، بيٺي بيٺي، ڪوڙهئي کي ڇٽائي ڇڏيو! ۽ ٻين ٻه سوين ماڻهن کي هن چڱو ڀلو ڪيو آهي. چون ٿا ته هڪڙي امير شخص جي پٽ کي، ڏسڻ کان سواءِ، هن چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو. ۽ هڪڙو ماڻهو بيت حسدا

جي تلاءَ تي چاليهن سالن کان پيو هو ان کي بہ هن ٺيڪ ڪري ڇڏيو. ارمان جي ڳالهہ آهي، جو توهان هن تائين پهچي نہ سگهيو آهيو!“

بيمار ماڻهو سٽي سٽي، پنهنجن دوستن جون اهي ڳالهيون ٻڌندو رهيو. هنن ڪيس نہ فقط يسوع ڇا ڪيو هو سو ٻڌايو پر يسوع جيڪي سهڻيون ۽ سٺيون ڳالهيون ٽي ڪيون، سي بہ ڪيس ٻڌايون. ”هن ماڻهن کي نيڪ ٿيڻ جو چيو ٿي ۽ هڪٻئي سان پيار ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ چيو ٿي. هن ماڻهن کي اهو بہ چيو ٿي تہ جيڪڏهن هو پڇتائيندا ۽ غلط ڪمن کان توبهہ ڪندا ۽ اڳتي اهي نہ ڪندا، ۽ انهن جي بدران هو چڱن ڪمن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ سندن سڀ گناهہ کين معاف ٿي ويندا.“

”شل آءٌ ان ماڻهوءَ سان ملان، ۽ پنهنجن گناهن لاءِ پڇانس تہ اهي مون کي معاف ٿيندا يا نہ!“ بيمار ماڻهوءَ سوچيو. ”جيڪڏهن مون کي اها خبر هجي تہ خدا منهنجا سڀ گناهہ معاف ڪري ڇڏيا آهن، تہ منهنجي من جو سڄو بار هوند هلڪو ٿي وڃي، ۽ آءٌ پوءِ هتي سڄو ڏينهن هيٺن پيو هجان تہ بہ دل کي هوند ڪو ڏک ڪونہ ٿئيم.“

هڪڙي ڏينهن سندس دوست ڏاڍي اتساهہ سان وٽس آيا. ”توکي خبر آهي؟“ هنن دانهن ڪري، هن کي چيو. ”بنهہ هينئر اسان ٻڌو آهي تہ يسوع هتي پنهنجي شهر ۾ آهي- هتي ڪفرنحوم ۾! تو وٽ ايندي ايندي، هڪڙو ماڻهو اسان کي گڏيو جنهن چيو تہ هن پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ هو شهر جي وڏي گهٽي ونيو پئي ويو. واهہ جي اها هوند ڳالهہ ٿئي، جو توکي هو ڏسي سگهي!“

”افسوس، جو آءٌ ٻاهر نڪري، هن جي پٺيان نٿو ڪري سگهان!“ منجي تي پيل ماڻهوءَ ٿڌو ساهہ پريندي، چيو. تنهن تي هن جي دوستن ڪجهہ دير پاڻ ۾ پنهنجي منهن ڳالهايو ۽ پوءِ انهن مان هڪڙو کين اتي ڇڏي، پڇا ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويو تہ يسوع سچ پچ شهر ۾ هو يا نہ، ۽ جي هو تہ ڪٿي ترسيل هو.

هو ترت ئي موٽي آيو. ”هائو! هو هتي آهي! هو هتان کان بنهہ ويجهي هڪڙي گهر ۾ رهيل آهي. هينئر ئي ماڻهن جا هشام اتي وڃي ڪٺا ٿيا آهن. چون ٿا تہ عالم سڳورا، جيڪي بہ اسان جي شريعت پاڪ

جا الف کان ي تائين واقف آهن، سي بہ اچ اتي ويا آهن ۽ هن جو وعظ ٻڌندا. پاڻ کي بہ اتي هلڻ کپي. ڪفرنحوم ۾ اسان لاءِ اهو هڪ سونهري موقعو آهي!“

بيمار ماڻهوءَ آسائتيون اکيون کڻي انهن ڏانهن نهاريو. ۽ جڏهن هن جي دوستن هن جي منهن ۾ اها سِڪ ڏٺي، تڏهن هڪدم پاڻ سان هن کي اوڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ هو تيار ٿي ويا. پوءِ انهن مان هر هڪ هن جي منجي کي هڪ ڪنڊ کان جهليو ۽ منجو مٿي کڻي، هو تکا تکا اتي اوڏانهن روانا ٿيا جتي يسوع رهيل هو.

جنهن گهر ۾ يسوع رهيل هو اهو ٻين اهڙن گهرن سان گڏ هڪ وڏي اگڻ جي چوڌاري اڏيل هو. ان ملڪ ۾ تڏهن ڪيترائي گهر انهيءَ رٿا تي اڏيل هئا. اتي هو اندر هڪڙي صفحي ۾ ويٺو هو ۽ ماڻهن سان پئي ڳالهايائين. ٻاهر اگڻ ۾ ماڻهن جو انبوهہ هو جن جي هڪٻئي سان ڪلهي گس بلڪ پيهہ پيهان لڳل هئي. اهي سڀئي انهيءَ شوق ۾ هئا تہ يسوع جو ڪو آواز ٻڌي سگهن يا هو ڪو معجزو ڏيکاري تہ اهو ڏسي سگهن.

جيئن پوءِ تيئن اگڻ ۾ ماڻهو ڳاهٽ ٿيندا ويا، تان جو وڌيڪ ڪنهن جي بيهڻ جي بہ جاءِ ڪانہ هئي. اگڻ جي دروازي تي بہ ماڻهو مڇو ڪيو بيٺا هئا ۽ ڳچيون مٿي ڪيو اندر ڏسڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون.

پوءِ جڏهن اهي چار دوست پنهنجي ان پنجين دوست کي منجي تي کڻي، يسوع جي رهائشگاهہ وٽ آيا، تہ ڏٺائون تہ هن تائين سندن رسائي ممڪن ئي ڪانہ هئي. هو دروازي تائين جيئن تيئن ڪري پهتا، پر ڪو بہ کين اندر وڃڻ نٿي ڏيئي سگهيو. هنن ڪڙين تي بيهي اندر نهاريو تہ اگڻ ۾ گڏ ٿيل ماڻهن جو وڏو ميڙو ڏٺائون ۽ کين پڪ ٿي تہ جيڪڏهن هو دروازي مان ڪنهن طرح گهڙي اندر ٿي بہ ويا، تہ بہ هو ماڻهن جي ايڏي ڳاهٽ کي چيري، گهر ۾ اندر پهچي ئي نٿي سگهيا، جتي يسوع ويٺو هو. هنن پوءِ منجو لاهي هيٺ رکيو، ۽ بيحد نراس ٿي هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

”ڪو رستو ڪونهي،“ هڪڙي چيو. ”اسين ايڏيءَ خلق ۾ ويجهو وڃي ئي نٿا سگهون.“

”بهتر آهي تہ واپس گهر هلون،“ ٻئي چيو. ”افسوس، جو سوير اسان

ڪي خبر پئجي ڪانه سگھي تہ يسوع هتي هو. نہ تہ اسين اڳ ۾ هوند پهرين پهچي ويون ها.“

ٻين ٻن دوستن ڪنڌ نوڙائي، هيٺ پيل دوست کي ڏٺو. هن جي اکين ۾ هنن ڏاڍي اٻاڻڪائي ڏٺي. هو منجي تي پيو هو ۽ پنهنجون بيوس اکيون کڻي، پنهنجن دوستن ڏانهن نهاري رهيو هو۔ ڪجھہ تہ ڪين ڪرڻ کپي! ڪجھہ تہ من ڪري سگھون!

هن جي منٺائو اکين جي ڇينڀ هو سهي نہ سگھيا. مان ڄاڻان ٿو تہ پاڻ کي ڇا ڪرڻ کپي!“ هڪڙي چيو.

”ڇا؟“ ٻين پڇيو.

”پاڻ متي ڇت تي چڙهي ٿا هلون،“ هن چيو. ”گھر جي ٻاهر واريءَ پٽ وٽان سولائيءَ سان متي چڙهي سگھون ٿا. پوءِ ڇت کي کوٽي، ان ۾ وڏو لوگھو ٺاهي، اتان پنهنجي دوست کي لاهي،يسوع جي بنهہ اڳيان کڻي ڇڏيندا سون! جيڪڏهن هو اهڙو ئي نرم دل ۽ ٻاجهارو آهي، جهڙو ماڻهو چون ٿا، تہ هو ان تي ڪڏهن بہ رنج ڪونہ ٿيندو.“

”ڇا، مون لاءِ ائين ڪندؤ؟“ منجي تي پيل ماڻهوءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. ”تہ پوءِ سيگھہ ڪريو مون کي ڇت تي کڻي هلو!“

ٽئي دوستن پوءِ، آهستي ڪري، هن کي ٻاهرين سيڙهيءَ تان نيئي، متي ڇت تي رکيو. اتان جا تڏهوڪا ماڻهو پنهنجن گھرن جي سيڙهين تان متي چڙهي، گرم راتيون ائين ڇتين تي ليٽي، ٿڌيءَ هير تي وڃي آرامي ٿيندا هئا. انهن مان اڪثر گھرن جون ڇتيون ڪچيءَ متيءَ جون ٺهيل هونديون هيون، ۽ هن گھر جي ڇت بہ ائين ڪچيءَ متيءَ جي ڇت هئي. هنن پنهنجي دوست کي لاهي هڪ پاسي رکيو ۽ پاڻ ڇت کي کوٽڻ ۽ ان ۾ لوگھي ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا.

”منجي جي ٽئي ڪنڊن ۾ رسيون ٻڌي، لوگھي مان ان کي آهستي آهستي لاهي، کڻي هيٺ پهچائيندا سون،“ هنن صلاح ڪئي. ”يسوع چڱو ماڻهو آهي. هو ضرور اسان جي دوست جي مدد ڪندو. ان ۾ ڪو بہ شڪ نٿو ڪري سگھجي.“

هو ڇت کي کوٽيندا رهيا، کوٽيندا رهيا، ۽ نيٺ ان ۾ سوراخ ٿي پيو ۽ ان کان پوءِ سوراخ کي وڌائي وڌو ۽ گهڻو ڪرڻ ايترو ڏکيو ڪم نه هو جتان رسين سان منجي کي لاهي هيٺ پهچائي سگهجي.

ان وچ ۾ هيٺ صفحي ۾ ويٺل ماڻهو حيرانيءَ ۾ هئا ته مٿي ڇت تان اهو کڙو ٺڪ ٺڪ جو آواز پئي آيو ۽ جڏهن ڏٺائون ته ڇت ۾ سوراخ ٿي پيو هو. تڏهن ته هو هيڪاري هراسجي ويا. ۽ پنڌ پهڻ ٿي رڳو مٿي ڏسندا رهيا ته اهو ڇا پئي ٿيو. پوءِ جو ڪجهه ٿيو ان جو ته ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪونه هو. ڏسندي ڏسندي، هڪڙو منجو هيٺ لهي، اچي، سڻئون نئون، يسوع جي ٻنهه آڏو پيو! مٿان ڀر گهل مان چئن ماڻهن جا ڏڏا ماندا منهن پئي ڏٺا. جن جون اکيون منجي ۾ هيون ته اهو صحيح سلامت هيٺ پهتو يا نه!

منجي تي پيل ماڻهو آسائتيون اکيون کٽي، يسوع ڏانهن ڏسي رهيو هو. هائو- هيءُ ئي اهو ٻاجهارو شخص هو جو کيس مدد ڪري سگهيو ٿي، جو کيس ٻڌائي سگهيو ٿي ته سندس گناهه معاف ٿي سگهيا ٿي يا نه. ۽ جيڪو کيس اڳتي چڱن ڪمن ڪرڻ جي راهه ڏيکاري سگهيو ٿي.

يسوع انهن چئن ماڻهن کي ڏٺو جيڪي ڇت مان هيٺ نهاري رهيا هئا. ۽ اهو سوچي ته هنن جي دل ۾ پنهنجي دوست کي مدد ڪرڻ جو امنگ ڪيترو نه اوچو ۽ ڪيڏو نه اوجل هو هن جي دل ۾ ڪهل ۽ پيار جي هڪ عجيب لهر ڊوڙي ويئي. هن پنهنجي چوڌاري ويٺل ماڻهن جي منهن ۾ ڏٺو ۽ ائين سمجهيائين ته اهي سڀيئي انهيءَ اميد ۾ هئا ته هو ڪين ڪو معجزو ڪري ڏيکاري، پر يسوع ڄاتو ٿي ته اهو بيمار ماڻهو جيڪو سندس اڳيان منجي تي بيوس پيو هو ان جو خاص علاج ڪهڙو هو ۽ خود ان ماڻهوءَ ڪانئس سڀ کان وڌ ڇا ٿي گهريو.

"اي انسان،" يسوع هن کي چيو "تنهنجا گناهه توکي معاف ٿي ويا!"

۽ جيئن يسوع کي خبر هئي، اها ئي ڳالهه هئي جيڪا ان بيمار ماڻهوءَ ٻڌڻ ٿي گهري- ڇاڪاڻ ته يسوع جي دل ايڏي همدرد ۽ مهربان هئي، جو هو ٻين جا خيال ۽ ٻين جا امنگ جهٽ ۾ سمجهي ويندو هو. پر هن جي چوڌاري ويٺل ماڻهن مان ڪي يسوع جا اهي گناهن جي معافيءَ وارا لفظ ٻڌي پنوانجي ويا.

شريعت سکورڀءَ جا عالم وينا رهيا ۽ ڳرا ڳرا ۽ اگرا خول پچائيندا رهيا. "هن ماڻهوءَ کي ڪنهن کي ائين چوڻ جو حق ڪونهي تہ هن جا گناهہ معاف ٿي ويا!" هنن پنهنجي دل ۾ سوچيو. "خدا ۽ فقط خدا ئي ڪنهن جا گناهہ معاف ڪري سگهي ٿو. هيءَ ماڻهو گناهہ معاف نٿو ڪري سگهي. هيءَ ڪير ٿيندو آهي، جو ائين چوڻ جي همت ٿو ڪري؟"

يسوع پنهنجي چوڌاري نهاريو ۽ انهن جي دل ۾ اڀرندڙ اهي اگرا خيال سمجهي ويو. "اوهين ڪهڙا خيال دل ۾ اٿلائي رهيا آهيو" هن چيو. "اوهين ڇا ٿا سمجهو تہ ههڙي ماڻهوءَ کي ڪهڙي ڳالهہ چوڻ مون لاءِ وڌيڪ سولي آهي- تہ "تنهنجا گناهہ توکي معاف ٿي ويا" يا "پنهنجن پيرن تي اٿي بيهہ ۽ هل؟" آءٌ اوهان کي ڏيکاريان ٿو تہ مون کي گناهن جي معاف ڪرڻ جو حق آهي، ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي گناهن معاف ڪرڻ جي سگهہ آهي، جيتوڻيڪ اوهين ماڻهوءَ کي رڳو هڪڙي خسيس شيءِ ٿا سمجهو."

پوءِ هن منجي تي پيل ماڻهوءَ ڏانهن منهن ڪيو ۽ هن کي چيائين، "اٿ، پنهنجو منجو کڻ، ۽ پنهنجي گهر وڃ!"

سيني هڪدم فالج ۾ ورتل ماڻهوءَ ڏانهن نهاريو جيڪو منجي تي بي همت ۽ بيجان پيو هو. ۽ پوءِ انهن جي حيرانيءَ ۽ اچرج جي ڪا حد نہ رهي، جڏهن ڏٺائون تہ اهو بيمار ماڻهو، جنهن سالن کان چرڻ جو نالو ڪونہ ٿي ورتو سو اٿيو پنهنجن پيرن تي ٿي بيٺو پنهنجو منجو کنيائين، ۽ وکون کڻندو گهر مان ٻاهر نڪري ويو!

پوءِ سڀ اهي، جيڪي صفحي ۾ وينا هئا، ۽ اهي جن اڱڻ مان پئي ڏٺو ۽ اهي چار ماڻهو جن ڇت مان جهاتي پائي هيٺ پئي نهاريو سڀ سراپجي ويا ۽ عبرت وٺي وين. هو خدا جا ٿورا مڃڻ لڳا، ۽ جو ڪجهہ ڏٺو هئائون ان تي عجب کائيندا رهيا.

"اڄوڪي ڏينهن اسان ڏاڍيون عبرتناڪ شيون ڏٺيون آهن." هنن هڪٻئي کي چيو. "اسان سچ پچ تہ غير معمولي ۽ بيحد عبرتناڪ شيون ڏٺيون آهن."

# 21 : سپاهي ۽ ان جو خادم

هيروڊ جي فوج جو هڪڙو سپاهي هو جيڪو اتي هڪڙي دستي جو سالار هوندو هو. هو يهودي ڪونه هو پر يهودين کي هو پسند ڪندو هو ۽ جو ڪجھه تي سگهندو هوس اهو انهن لاءِ ڪندو هو. هن انهن لاءِ ڪفر نحوم جي شهر ۾ هڪ نئين ديول اڏائي هئي، جنهن ۾ ممڪن آهي تہ يسوع وعظ بہ ڪيو هو.

هڪڙي ڏينهن هن جو دل گهريو خادم بيمار ٿي پيو. هن ان جي علاج لاءِ هڪڙي ڊاڪٽر کي گهرايو پر ان جي دوا جو بہ هن تي اثر ڪونہ ٿيو. سپاهي ڏاڍو دلگير ٿيو ڇو تہ هو پنهنجي ان پراڻي خادم کي ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ هن جي چڱي ڀلي ٿيڻ لاءِ سڀڪجھه ڪرڻ لاءِ تيار هو.

هن يسوع جو نالو ۽ هن جي هاڪ ٻڌي هئي، ۽ دل ۾ آيس تہ سندس پياري خادم جي ڪا واهر ٿيڻي هئي تہ يسوع جي هٿان ٿي ٿي سگهندي پر ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ يهودي نہ هو انهيءَ ڪري يسوع وٽ پاڻ وڃڻ ۽ هن کي منٿ ڪرڻ هن مناسب نہ سمجهيو. ان جي بدران هو ان ديول جي مک ماڻهن وٽ ويو جيڪا هن ڪفرنحوم ۾ يهودين لاءِ اڏائي هئي، ۽ انهن کي چيائين تہ هو يسوع وٽ وڃي هن کي سندس خادم جي علاج لاءِ چون.

اهي مک ماڻهو هڪدم يسوع وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا. انهن سوچيو تہ هو يسوع کي چوندا تہ ڪيڏي وڏي ماڻهوءَ هنن کي وٽس موڪليو هو ۽ يهودين سان هن جي ڪيڏي سٺي روش هئي، ۽ انهن لاءِ هن ڪهڙي نہ سهڻي ديول جوڙائي هئي! ۽ ائين سوچي، هو يسوع سان ملڻ لاءِ گڏجي نڪتا. جيڪو پڻ، تنهن ڏينهن، خوش قسمتيءَ سان اتي ڪفرنحوم ۾ ئي هو.

هو وٽس آيا ۽ ڪيس سپاهيءَ جي ڳالھ ٻڌايائون ۽ هن جي وڏماڻهپ ۽ درجي جو بيان ڪيائون. يسوع هنن جو سڄو احوال ٻڌو - ۽ خاص طرح جڏهن هن ٻڌو تہ بيمار هڪڙو غريب خادم شخص هو تڏهن هڪدم هنن سان گڏجي هلڻ لاءِ هو تيار ٿيو. يسوع کي ان ڳالھ جي پرواھ نہ هئي تہ بيمار جو مالڪ وڏو ماڻهو هو يا فوج جو سالار هو. هن کي جيڪڏهن خيال هو تہ خود بيمار خادم جو هو ۽ ٻيو ان بيمار جي مالڪ جي پيار ۽ خلوص جو جيڪو ان جي دل ۾ پنهنجي غريب خادم لاءِ موجود هو.

۽ پوءِ هو ديول جي انهن مک ماڻهن سان گڏجي، سپاهيءَ جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. پر اِن وچ ۾ سپاهيءَ جي دل ۾ هڪڙو ڪتڪو اچي پيدا ٿيو ته يسوع ڏانهن هو پاڻ هوند وڃي ها. ۽ پاڻ وٽ اچڻ لاءِ هن ڏانهن ٻيا ماڻهو موڪلي هن شاناٿي ڳالهه ڪانه ڪئي هئي.

"ٻئي ڪندي، هو هڪ اعليٰ ماڻهو آهي، ۽ تمام گهڻي ڪم وارو آهي،" هن سوچيو. "هن کي چوڻ ته پنهنجو املهه وقت سيڙائي هيڏانهن مون وٽ اچي، ان جو مون کي حق ڪونهي. هو منهنجي خادم کي اتان ئي هڪ لفظ ڪچڻ سان چڱو ڀلو ڪري سگهيو ٿي. منهنجو پختو ويساهه آهي ته جيڪڏهن هو هن کي هٿ لائڻ سان نيڪ ڪري سگهي ٿو، ته هو اتان پري کان ويهي به هن کي چڱي سگهيو ٿي ته، "تون چڱو ڀلو آهين. اٿ ۽ گهمر ڦر!" ۽ ان تي هيءَ چڱو ڀلو ٿي، اٿي ڪڙو ٿيندو. پوءِ هو پاڻ پنهنجي سر منهنجي گهر اچڻ جي تڪليف ڇو ڪري؟ آءٌ پنهنجا ٻيا دوست هن ڏانهن موڪليان ٿو ته هن جي خدمت ۾ اهو وڃي عرض ڪن."

ائين، ان سپاهيءَ پوءِ، پنهنجا دوست موڪليا ته وڃي يسوع کي سندس دل جا اهي ويچار پيش ڪن. اهي پوءِ يسوع کي ۽ ديول جي مک ماڻهن کي وچي واٽ تي گڏيا. جيڪي پريان تڪا تڪا، سپاهيءَ جي گهر ڏانهن پئي آيا. انهن هنن کي واٽ تي بيهاريو ۽ يسوع سان پنهنجو احوال بيان ڪيو.

"سائين، اڳتي هلڻ جي تڪليف نه ڪريو. اسان جي دوست اسان کي اوهان ڏانهن موڪليو آهي ته هو انهيءَ لائق ئي ناهي، جو اوهين پاڻ هلي هن جي گهر اچو ۽ نه وري هو پاڻ به اهڙي ڪا وٽ آهي، جو اوهان جي حضور ۾ اچڻ جي لائق پاڻ کي سمجهي. هو اوهان کي رڳو هيءُ ٿو عرض ڪري ته اوهين پنهنجي زبان مبارڪ مان هڪڙو اکر ڪڇو ۽ هن کي پڪ آهي ته هن جو خادم چڱو ڀلو ٿي ويندو. هو پاڻ به ته پنهنجن سپاهين کي چوندو آهي "وڃو!" ۽ هو هليا ويندا آهن، "اچو!" ۽ هو هليا ايندا آهن ۽ پنهنجي خادم کي به چوندو رهندو آهي ته "هيءُ ڪر ۽ هو ڪر!" اوهين به ائين ئي ڪري سگهو ٿا، ۽ اوهان جو لفظ اگهندو ۽ اهو ڪافي آهي! انهيءَ ڪري، محترم سائين، پنهنجي منهن مان هن جي خادم لاءِ هڪ لفظ ڪڇو ۽ هو اتي هڪدم نيڪ ٿي ويندو."

يسوع هنن کي ٻڌو ۽ سندس اوجل من حيرت ۽ خوشيءَ سان ڀرجي ويو ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، تن ڏانهن منهن ڪري چيائين: ”هن کان اڳ، ڪنهن بہ مون ۾ ايڏو ويساهہ نہ رکيو آهي۔ خود منهنجن پنهنجن ماڻهن مان بہ ڪنهن نہ!“

سپاهيءَ جي دوستن جيڪو پيغام آندو هو سو ائين هنن يسوع کي پهچايو ۽ پوءِ هو موٽي هن جي گهر ويا. سپاهي، پري کان انهن کي ايندو ڏسي، اڳتي وڌي اچي کين مليو. هن جون اکيون خوشيءَ ۾ پئي چمڪيون.

”منهنجو پيغام اوهان پڪ ئي پڪ يسوع کي ڏنو آهي!“ هن چيو.

”پنهنجي اکين سان پاڻ اچي ڏسو! منهنجو خادم ٺيڪ ٿي ويو!“

# 22 : يسوع جنازي سان

يسوع جي حيرتناڪ ڪمن جون ايتريون تہ گهڻيون ڳالهيون آهن، جو انهن مان ڪهڙي ٻڌائجي ۽ ڪهڙي نہ ٻڌائجي، اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. پر انهن مان خاص هڪڙي تہ سڀ کان وڌيڪ حيرتناڪ ڳالهہ آهي.

”نائين“ نالي هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو مڙس ۽ سندس زال رهندا هئا. هنن کي هڪڙو ننڍڙو پٽ هوندو هو جنهن تي هنن کي بيحد ناز هوندو هو. ڏينهن پنيان ڏينهن گذرندا رهيا ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو جو اوچتو ڇوڪري جو پيءُ گذاري ويو ۽ سواءِ ان ڇوڪري جي ويچاريءَ ماءُ جي سنڀال ڪرڻ وارو ٻيو ڪوئي نہ رهيو.

”امي، تون نہ رو“ هن چيو. ”آءُ تولاءِ ڪمائيندس ۽ توکي سنڀاليندس. آءُ تنهنجي رکوالي ڪندس ۽ توکي خوش رکندس.“

۽ ڇوڪري جيئن چيو تيئن ڪري ڏيکاريو. هو سخت محنت ڪندو هو ۽ ماءُ کي بيحد خوش رکندو هو. هوءَ مٿس فخر محسوس ڪندي هئي، ۽ کيس تمام گهڻو پيار ڪندي هئي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ هوئي هن جو سڀ ڪجهہ هو.

هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو جو ڇوڪرو اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ هن جي ماءُ سخت ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويئي. ”امي، تون پريشان نہ ٿيءُ.“ ڇوڪري هن کي ڏڍ ڏيندي چيو. ”آءُ جلد ئي ٺيڪ ٿي ويندس.“

پر هن جي حالت بگڙندي ويئي ۽ ماڻهو ڪنڌ لوڏڻ لڳا ۽ توبهه ڪرڻ لڳا، ۽ چوڻ لڳا تہ ڇوڪرو هرگز بچي نہ سگهندو. "افسوس، جو هو خدا جو نيڪ بندو، حيرتناڪ طبيب، يسوع، هتي ڪونهي،" هنن هڪٻئي کي چيو "هو ئي هن رن زال جي پٽ کي چڱو ڀلو ڪري سگهي ٿو. سچ پچ تہ ويچاريءَ عورت لاءِ عذاب جا ڏينهن آهن. پهرين سندس مڙس گذاري ويو جنهن سان ڪيس ايڏو سهنڌ هو ۽ هاڻي سندس پٽ موت جي بستري تي آهي."

پر يسوع نائين جي ڳوٺ ۾ ڪونہ هو. البت هن جو ڏس هو تہ هو ويجهو ئي ڪٿي هو. پر هن کي ڪنهن ڪونہ اطلاع ڏنو ۽ هن کي ان ويچاريءَ رن زال ۽ سندس پٽ جي حال جي ڪا خبر ڪانہ رهي.

انهيءَ رات ڇوڪرو گذاري ويو ۽ غريب ماءُ ڏک ۾ نڍال ٿي ويئي. ڪيڏي تہ هن جي پنهنجي پٽ سان دل هئي، ۽ ڪيڏو نہ سباجهو ۽ صحابت هو سندس پٽ هو. هاڻي هن جو ڪوئي ڪونہ هو. هوءَ روئي رهي هئي ۽ پار ڪيڏي رهي هئي، ۽ هر ڪنهن هن کي پرچائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

پوءِ ڇوڪري جي دفنائڻ جو وقت آيو. "توکي دل ڏاڍي ڪرڻ کپي،" رن زال جي ساهيڙين ۽ پاڙي جي ماڻهن هن کي چيو. "توکي جنازي سان گڏ هلڻو آهي. اسين سڀ توسان گڏ هونداسين، ڇو تہ اسان سڀني جي تنهنجي ڇوڪري سان پريت هئي، ۽ اسين سڀ هن ڏک ۾ توسان ڀائيوار آهيون."

پوءِ وهنجاري سهنجاري، ڪفن پهرائي، ۽ گلن سان ڍڪي، ڇوڪري جو جنازو کٽولي تي رکيائون، ۽ ميت جو جلوس اٿي هليو. سڀني جي اڳيان هن جي ماءُ هئي، جا سڏڪا ڀريندي، اوڇنگارون ڏيندي، پٺي هلي، ۽ ساڻس گڏ سندس ساهيڙيون هيون، جيڪي پڻ روئي رهيون هيون. جنازي جي پٺيان ماڻهن جو انبوهہ هو جي ميت جا ڪانڌي ٿيو پئي آيا، ڇاڪاڻ تہ ويچاريءَ ماءُ سان دک ۾ سڀ شريڪ هئا.

بلڪل انهيءَ وقت، ٻاهران، يسوع ۽ هن جا ساٿي نائين ڳوٺ ۾ داخل ٿي رهيا هئا. پري کان هنن ماڻهن جو روج راڙو ۽ اوسارا ٻڌا، ۽ وڏو ميت جو جلوس بہ ايندي ڏٺو.

"اِهو هڪڙي سباجهي نينگر جو جنازو آهي" ڪنهن چيو. "هو پنهنجي پويان پوڙهي ماءُ ڇڏيو ٿو وڃي، جيڪا رن زال آهي ۽ اها ڏک ۾ بيحال آهي."

يسوع اها غريب ۽ ضعيف ماءُ بہ ڏٺي، جنهن جي چيلهہ ٻيٽي ٿيل هئي، ۽ هن کي ڏسندي، هن جي دل ڪهل سان ڀرجي ويئي. هو وڏي ان وٽ ويو ۽ هن سان ڳالهايائين.

”روءُ نہ!“ هن چيو. پوءِ هن ڪتولي ڏانهن رخ ڪيو جنهن تي ڇوڪري جو ميت سينگاريل هو ۽ ان تي پنهنجو ٻاجهارو هٿ رکيائين. جيڪي ماڻهو جنازو ڪنيو پئي ويا، انهن ڪتولو لاهي هيٺ رکيو ۽ يسوع ڏانهن ڏسڻ لڳا.

يسوع مري ويل ڇوڪري سان ڳالهايو. ”جوان مڙس! آءٌ توکي ٿو چوان تہ اٿ!“

۽ ڇوڪرو اٿي ويهي رهيو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. هن جون اکيون ماءُ کي ڳوليندي، ان تي وڃي ڪتيون، ۽ ماءُ کي ڏسي هن مرڪي ڏنو. ماءُ جي دل خوشيءَ ۾ اٿلڻ لڳي ۽ هوءَ ٻانهون ڊگهيون ڪري، اڇل ڪائي، وڃي پٽ تي پيئي، ۽ پوءِ جڏهن پنهنجو ڇوڪر هن پنهنجين ٻانهن ۾ ڏنو ۽ ڳراٽي پائي، پنهنجو ڪهرو پرڙهو ڳل هن جي نرم نرم ۽ تازي تواني ڳل سان ملائي، ان جي جيئري جيئري ڪوساڻ محسوس ڪيائين، تڏهن وڃي ويسهہ آيس تہ هو وٽس واپس اچي ويو هو.

ڇوڏاري بيٺل ماڻهن کي پنهنجين اکين تي اعتبار نہ پئي آيو. سندن سڏڪا خوشيءَ جي ٽهڪن ۾ بدلجي ويا. هو رن زال ۽ سندس پٽ وٽ اچي ڳاهٽ ٿيا. ۽ يسوع ۽ هن جي ساٿين جي چوڌاري مچا ڪري بيهي رهيا. انهن مان ڪيترا تہ اهو معجزو ڏسي دهشت کان نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ اچي ويا.

”هيءُ هڪ مهاپرش، اعليٰ انسان، اسان وٽ آيو آهي!“ هنن زور زور سان چيو. ”خدا اسان کي وساريو ڪونهي!“

رن زال خوش هئي، ۽ هن جو پٽ خوش هو. ماڻهو جيڪي جنازي سان هلندي، ڏک ۾ ٻڏل هئا ۽ رکي رکي سڏڪا پئي ڀريائون، اهي خوش هئا. يسوع جا ساٿي ۽ پوئلڳ بہ خوش هئا. جو سندن مالڪ ۽ رهبر ان غريب رن زال جي ويران حياتيءَ ۾ خوشيءَ جو ساهہ وڌو هو ۽ اميد جي سرهاڻ پکيڙي هئي.

پر هڪڙو جيڪو سيني کان وڌيڪ خوش هو، اهو يسوع هو. خوش ٿيڻ ۽ خوشي وٺڻ برابر هڪ عجيب شيءِ آهي، پر ان کان وڌيڪ سٺي ۽ سهڻي شيءِ خوش ڪرڻ ۽ خوشي ڏيڻ آهي.

# 23 : عجيب ڳالهيون ڪٿندڙ

يسوع هاڻي پنهنجي ڀرپور جوانيءَ ۾ هو ۽ سڄو وقت ڪم ۾ رڌل رهندو هو. هن کان جيترو ٿي سگهندو هو اوترو هو وعظ ڪندو، ماڻهن جا ڏک سور، بيماريون ۽ آزار معلوم ڪندو ۽ انهن جا علاج ڪندو. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، سڄي ملڪ ۾ هلندو چلندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گهڻو وقت بيمارن کي ڏسندي ڏسندي ۽ سندن ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي ۽ سندن علاج ڪندي ڪندي، ڏاڍو هو ٿڪجي پوندو هو. جڏهن ڪنهن کي هو ڪنهن سور کان ڇڏائيندو هو يا ڪنهن آزار کان ڇٽائيندو هو، تڏهن هو ائين پائيندو هو ته هن ۾ جيڪا چڱائي هئي، اها هو خرچ ڪري رهيو هو ۽ اها هن جي پنهنجي چڱائي اڪث هئي ۽ ڪڏهن ڪاڻ ڪتندي هئي. پر هن جا لڳ ڪڏهن هن کي جواب ڏيئي بيهندا هئا ۽ تڏهن هو پنهنجي منهن، پري پري، هليو ويندو هو ۽ ايڪانت ۾ ويهي سوچيندو هو ۽ انسانن جي سک ۽ ڀلائيءَ لاءِ دعائون گهرندو هو. ائين هو آرام محسوس ڪندو هو ۽ هن جو ٿڪل بت تازو ٿي پوندو هو ۽ ان ۾ سگهه موٽي ايندي هئي.

گهڻا علم جا صاحب ۽ امير ماڻهو جيڪي وڏن علم جي مرتبن ۽ طاقت ۽ دولت جي وڏن درجن تي ويٺل هئا، يسوع کي پسند ڪونه ڪندا هئا، جاڪاڻ ته عام ماڻهو گهڻي شوق ۽ عقيدي سان هن کي ٻڌندا هئا، ۽ کين ڪونه ٻڌندا هئا. انهن مان ڪي چاهيندا هئا ته هو وعظ نه ڪري سگهي ۽ ماڻهو هن کي نه ٻڌن. ان لاءِ هو هن جي وعظ جي جلسن کي ڦٽائڻ ۽ هن جي وعظ جي ڳالهين ۾ رنڊڪن وجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هو اِها به ڪوشش ڪندا هئا ته هن جو اهڙو ڪو گفتو يا قول پڪڙين، يا هن جي زبان مان اهڙي ڪا ڳالهه چوائين، جنهن لاءِ هن تي هو جلهه ڪري سگهن ۽ هن کي ڏوهي بنائي سگهن ۽ سزا ڏياري سگهن.

يسوع ڪي تہ ماڻهن کي تعليم ڏيڻي هئي: انهيءَ ڪري هو نہ چاهيندو هو تہ جن ڪيس پسند نہ ٿي ڪيو اهي ائين ڪيس اجاين بحثن ۾ اٽڪائي، سندس قيمتي وقت ضايع ڪن. انهيءَ ڪري، هن عام ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ، جيڪي سچ پچ ڪيس ٻڌڻ ۽ ڪائنس سکڻ چاهيندا هئا، ننڍن ننڍن سبقن وانگر، ڪي ڏاڍيون عجيب ۽ دلچسپ ڳالهيون جوڙڻ شروع ڪيون.

"هر ڳالهہ ۾ ڪا معنيٰ هئڻ گهرجي،" هن سوچيو. "ماڻهن کي ڳالهيون آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچن ٿيون ۽ آسانيءَ سان ياد ٿي وڃن ٿيون. منهنجا ماڻهو سادا سودا ماڻهو آهن. انهيءَ ڪري، آءٌ پنهنجون ڳالهيون بہ سڌيون ساديون جوڙيندس، ۽ اهي سيني اهڙين شين بابت هئڻ کپن، جيڪي ماڻهن جون اڳ ئي جاتل سڃاتل آهن."

پوءِ يسوع اهي ڪيتريون ئي عجيب ۽ عام پسند ڳالهيون جوڙيون، جن کي اسين "مثال" يا "ٽوٽڪا" چئون ٿا. هر ڳالهہ ۾ ڪا نہ ڪا معنيٰ يا سمجهاڻي آهي، ۽ اڪثر ماڻهو جن اهي ٻڌيون ٿي، آسانيءَ سان اهي سمجهي ٿي ويا، ۽ انهن جي وسيلي يسوع جيڪي ڪجهہ کين ٻڌائڻ ٿي چاهيو اهو هنن کي من ۾ ويهي ٿي ويو.

اهي ڳالهيون هنن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون، ۽ انهن جي ٻڌڻ لاءِ هو هر دم تيار رهندا هئا. ٻار بہ اهي سمجهي ٿي ويا ۽ وڏن وانگر هو بہ انهن جي ٻڌڻ لاءِ سدائين آتا هوندا هئا. يسوع ٻارن کي ڏاڍو پيارو ڀانئيندو هو ۽ هو سدائين هنن کي پري کان ايندو ڏسي، ڊوڙي هن وٽ ويندا هئا ۽ هن جو آڌرڀاءُ ڪندا هئا. هو انهن کي پنهنجي گوڏي تي ڪڻي ويهاريندو هو ۽ هنن کان سندن پنهنجون ننڍيون ننڍيون ڳالهيون پڇندو هو ۽ هو ڪيس جيڪي پنهنجا رانديڪا ڏيکاريندا هئا، اهي هو شوق سان ڏسندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ويهي ساڻن راند رهندو هو. ڪمڙي بہ ڪم ۾ هو رڌل هوندو هو پر ٻارن لاءِ هن وٽ سدائين وقت هوندو هو ۽ هو هميشہ هنن کي خوشيءَ سان ٻاڻ وٽ اچڻ ڏيندو هو.

هڪڙي ڏينهن يسوع ڪفرنحوم شهر جي گهٽين مان لنگهي، ٻاهر سمنڊ جي ڪناري تي وڃي ويٺو. هن کي اوڏانهن ويندي ڏسي، ماڻهو بہ هن

جي پويان هلندا اتي وڃي گڏ ٿيا. هو جيڏانهن ويندو هو اوڏانهن ماڻهن جا ميڙا ساڻس گڏبا ويندا هئا. هنن جي دل ۾ ڏاڍي سڪ هوندي هئي ته هو جيڪي ڪري ٿو سو هو ڏسن ۽ جيڪي چوي ٿو سو هو ٻڌن.

جڏهن يسوع ڪناري تي پهتو ته ڏٺائين ته ڪيس ٻڌڻ لاءِ ماڻهن جو وڏو انبوهه سندس چوڌاري اچي گڏ ٿيو هو. انهن کي ڏسي، انهن پنهنجين ڳالهين بابت هن سوچيو ته انهن کي اهي پنهنجون ڳالهيون ٻڌايان، جن کي ٻڌي هو ياد ڪندا ۽ پوءِ موٽي پنهنجي پنهنجي گهر وڃي، پنهنجي گهر جي ڀاتين ۽ دوستن ۽ ساٿين کي ٻڌائيندا.

پر سمنڊ جي ڪناري تي ماڻهن سان ڳالهائڻ ڏکيو هو. ڇاڪاڻ ته ويجها ويجها ماڻهو هن جي مٿان ڳاهٽ تي بيٺا رهيا ۽ هن کي پنهنجي ڳالهه سيني کي ٻڌائڻ ڏکي ٿي لڳي. انهيءَ ڪري هن پطرس کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ هن کي پنهنجي ٻيڙي ڪناري جي ويجهو آڻڻ لاءِ چيائين. پطرس ائين ڪيو ۽ جڏهن ٻيڙي ڪناري سان اچي لڳي، تڏهن يسوع ان ۾ چڙهي ويٺو.

هن پوءِ ان ٻيڙيءَ تان ويهي ماڻهن سان ڳالهايو. اهو اس ۾ چمڪندڙ ڏاڍو روشن ۽ وڻندڙ ڏينهن هو. ماڻهن جا انبوهه هئا، جي هن جي سامهون ڪناري تي ويٺا هئا. پري، انهن جي پٺيان، هڪ پاسي کان، ساوڻ ساوڻ ٽڪريون ائين بيٺيون هيون، جڻ وڏو وڏو ڪر ڪڍي، ڪين ڏسي رهيون هجن. سمنڊ ۾ هن جي چوڌاري ميربحر پنهنجون ٻيڙيون جهليون بيٺا هئا ـ ڪن جا ميڇين ڦاسائڻ لاءِ ڄار پاڻيءَ ۾ پيا هئا ۽ ڪن ويٺي پنهنجن ڇنل ڄارن کي ڳنڍيو ۽ ٽاڪيو. ڪيترائي ٻار هئا، جن پنهنجن وڏن جي پاسن کان، ڪناري تي ۽ پيرن ۾، لڳهتون ڏيئي، اڳيان ويهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، ته جيئن يسوع کي هو ٺيڪ ڏسي سگهن ۽ چڱيءَ طرح هن جون ڳالهيون ٻڌي سگهن.

۽ پوءِ يسوع انهن کي پنهنجون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون. انهن ڳالهين مان ڪي اوهين به ٻڌي سگهو ٿا ۽ هيٺ پڙهي سگهو ٿا، ۽ انهن ۾ جيڪو يسوع جو مطلب هو اهو اوهين به سمجهي سگهو ٿا ۽ ان کي وڌيڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري سگهو ٿا.

# 24 : هاريءَ جي ڳالهه

هڪڙي ڀيري هڪڙو هاري هو جيڪو پنهنجي ٻنيءَ ۾ ٻج ڇٽڻ ويو. هن پنهنجي هٿ سان ڀرين هڪ پاسي ۽ پوءِ ٻئي پاسي ٻج ڇٽيو.

هن جي ٻج جا ڪي داڻا وچي دڳ تي پيا، جتي لتڙ جي ڪري پٽ جميل ۽ سخت هو. پاسن کان وٽن تي ويٺل پکين اهي داڻا ڏٺا ۽ اهي هيٺ لهي آيا ۽ هڪ هڪ ڪري اهي داڻا هو چڳي کڻي ويا.

ڪي داڻا پٿرائين زمين تي وڃي پيا، جتي انهن کي گهٽي مٽي ڪانه ملي سگهي. اهي پوءِ ڪجهه ڦٽا، پر پاڙون انهن جون وار جهڙيون سنهڙيون ۽ ننڍڙيون هيون ۽ جڏهن سج جي تپش وڌي، تڏهن انهن جا گونچ لهسجي ويا، ۽ ڇاڪاڻ ته انهن جي هيٺان گهٽي مٽي ڪانه هئي، جنهن ۾ اهي پنهنجون اونهيون ۽ پختيون پاڙون هڻي سگهن، انهيءَ ڪري اهي اتي ئي ڪومائجي ۽ سڙي ويا.

۽ ڪي داڻا وڃي ڏڀن ۽ ڪانڊيرن جي لڪل پاڙن ۾ پيا، جيڪي جڏهن پاڻيءَ ملڻ سان ساوا ٿي ۽ مورجي مٿي ايريا، تڏهن داڻن جي ڪچڙن سلن کي انهن لٽي ۽ ٻوساٽي ختم ڪري ڇڏيو.

پر ٻيا داڻا پليءَ زمين تي پيا، جتي ڏڀن ۽ ڪانڊيرن جون لڪل پاڙون به ڪين هيون. اهي ڦٽا، ۽ وڌي وڏا ٿيا، ۽ پچي راس ٿيا، ۽ جڏهن هاري پنهنجي ٻنيءَ جو لاٻارو ڪرڻ آيو تڏهن هن ڏٺو ته هن جي پوکيل ٻج موٽ ۾ هن کي ٽيهوڻو چاليهوڻو بلڪ سوڻو وڌيڪ اناج ڏنو هو ۽ اهو ڏسي، هو ڏاڍو خوش ٿيو.

يسوع جا پوئلڳ هن کي ههڙا ننڍا پر وڏيءَ معنيٰ وارا "مثال" ماڻهن کي ٻڌائيندي ڏسندا هئا ته حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. جڏهن يسوع هيءَ ڳالهه اتي پوري ڪئي تڏهن هنن کانئس پڇيو ته ان مان هن جو ڇا مطلب هو.

يسوع هنن کي سمجهايو ته "خدا جو لفظ جيڪو نيڪيءَ جو ٻج آهي ۽ جنهن مان نيڪي ڦٽي ٿي، سو سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي ٿو. اهو مقدس انجيل ۾ آهي ۽ اهو اسان کي اسان جا هادي ۽ معلم ٻڌائين ٿا. اهو هن ڳالهه جي ٻج جي داڻن وانگر جدا جدا قسم جي دلين ۾ ڇٽجي ٿو."

"پر ڪي ماڻهو خدا جو لفظ ٻڌن ٿا ۽ ان ڏانهن ڪو ڌيان ڪونه ٿا ڏين، جڻ مٿان ئي اهو وڻائن ڪو چڳي کڻي ويو. انهن جون دليون جڻ جميل

۽ سخت پٽ آهن، جن تي ٻج پوي ٿو پر ڄمي ڪونہ ٿو. ٻيا ماڻھو خدا جو لفظ ٻڌن ٿا ۽ ڪجھہ وقت لاءِ ان ڏانهن ڌيان بہ ڏين ٿا، پر جڏهن ان لاءِ تڪليفن سهڻ جو وقت اچي ٿو تڏهن اهي ان کي وساري ڇڏين ٿا. انهن جون دليون پٿرائين زمين مثل آهن، جن ۾ ٻج ڦٽي تہ ٿو پر پختين پاڙن نہ هئڻ ڪري اهو ترت ئي اتي ڪومائجي، سڙيءَ مري ٿو وڃي.“

”۽ ٻيا وري اهڙا آهن، جن جون دليون برائين سان ڀريل آهن، جيڪي ٻين ۽ ڪانڊيرن وانگر آهن ۽ انهن ۾ نيڪيءَ جو ٻج ڄمي تہ ٿو ۽ وڌو بہ ٿئي ٿو پر ان جا سلا پوءِ انهن برائين جي لٽ ۽ گهٽ ۾ ٻوساڄي، ختم ٿي ٿا وڃن.“

”پر، آخر ۾ ٻيا اهڙا بہ آهن، جي خدا جو لفظ ٻڌن ٿا، ان کي ياد رکن ٿا ۽ جيتري قدر بہ ٿي سگهي ٿو اوتري قدر نيڪي ڪن ٿا، ۽ ٻين انسانن جو خيال رکن ٿا. انهن جي حياتين ۾ اوهان کي ڪھل ملندي ۽ پيار ملندو. انهن جون دليون پليءَ زمين مثل آهن، جن ۾ نيڪيءَ جو ٻج ٽيهوٽيون، چاليهاٽيون ۽ سوٽيون وڌيڪ نيڪيون اپائي ٿو بلڪ انهن دلين جون نيڪيون وڌنديون ئي رهنديون آهن ۽ ڪڏهن ڪونہ کٽنديون آهن.“

يسوع پنهنجي دل جون ههڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌايون. انهن ۾ اهي ئي شيون پيش ڪيل هونديون هيون، جيڪي هن جي ٻڌندڙن کي پوريءَ طرح معلوم هيون ۽ جيڪي هن پاڻ بہ ننڍي هوندي کان بار بار جانچيون ۽ ڏٺيون هيون، ڪي ماڻهو يسوع جي هنن ڳالهين جي اصلي معنيٰ ڄاڻندا هئا، ۽ ڪي ڪونہ ڄاڻندا هئا. پر سڀيئي انهن کي ٻڌندا هئا ۽ دل تي رکندا هئا ۽ ياد ڪندا هئا، ۽ انهن ۾ هو جيڪي سڌيونساديون حقيقتون ٻڌائيندو هو اهي هو ضرور سمجهندا هئا.

## 25 : اهر جي داڻي جيتري، داڻي جي ڳالهہ

يسوع اهر جي داڻي جيتري، داڻي جي ڳالهہ ماڻهن کي ٻڌائي. هنن کي هن ڏيکارڻ تي گهريو تہ ”پيار جي بادشاهت“ ڪيئن وڌي ٿي، سگهي.

”آسماني بادشاهت“ اهر جي داڻي جيتري ننڍڙي داڻي وانگر آهي،“ يسوع چيو. ”هڪڙي ماڻهوءَ اهڙو هڪڙو ننڍڙو داڻو کنيو ۽ پنهنجي ٻنيءَ

۾ اهو ٻوڪي ڇڏيو. آيو ويو هر ڪو ان جي قتل انگور کي ڏسي، ائين سمجهي سگهيو ٿي تہ ان مان فقط هڪڙ ننڍڙو نازڪ ٻوٽڙو پيدا ٿيندو. پر ان مان جو سلو اپريو اهو وڌيو ۽ ان ماٺهوءَ جي ٻنيءَ تي وڏي هڪ پورو سگهارو ڏگهو ۽ جُنگ وڻ ٿيو. ۽ ڪتان ڪتان جا ڪيترا پکي آيا ۽ اچي ان جي لامن تي ويٺا، اتي انهن پنهنجا آکيرا جوڙيا ۽ ان تي هو پنهنجا بسيرا ٺاهي ويٺا."

اهو مثال ڏيئي، يسوع ماڻهن کي سيکاريو تہ هن جي "پيار" جي بادشاهت"بہ اهڙيءَ طرح وڌڻ گهرجي۔ تمام نازڪ ۽ ننڍڙيءَ شروعات کان وٺي هڪ ايڏي وڏيءَ دنيا تائين، جو ان ۾ سيڪجهہ ۽ سڀيئي، جتي بہ آهن ۽ جيڪي بہ آهن، اهي سمائجي وڃن، ۽ سيني کي اتي آنند ۽ شانتي[27] ملي.

# 26 : ميربحر جي ڳالهہ

يسوع "آسماني بادشاهت" پنهنجي گهڻين ڳالهين ۾ آندي آهي. هيءَ اهڙي ئي ڳالهہ آهي، جا هن پنهنجن ٻڌندڙن کي ٻڌائي.

"آسماني بادشاهت" ميربحر جي ڄار وانگر آهي، جيڪا هن سمنڊ ۾ مڇين جهلڻ لاءِ وڌي. پوءِ هن ۽ سندس ساٿين ڄار ڇڪي ٻاهر ڪڍي، تہ اها پريل هئي ۽ ڀري هئي. ان ۾ گهڻيون مڇيون هيون، ۽ پوءِ ميربحرن پنهنجيون ٻيڙيون ڪناري سان آڻي لاتيون تہ جيئن پنهنجو شڪار سنڀالي سگهن."

"هنن کي خبر هئي تہ ڪهڙيون مڇيون سٺيون هيون ۽ ڪهڙيون خراب. هنن سٺيون مڇيون ڪٺي پنهنجين ٽوڪرين ۾ وڌيون، پر خراب مڇين کي اڇلي ڇڏيو."

"دنيا ۾ پڇاڙيءَ جو هر موقعي تي، ائين ئي آهي، جو ٿئي ٿو ۽ ٿيندو. هيءَ ڳڻ ۽ نرڳڻ، چڱائيءَ ۽ مٺائيءَ جو حساب آهي. فرشتا آهن، جي سٺن ماڻهن کي گڏ ڪن ٿا ۽ پاڻ سان نيئن ٿا ۽ نيندا رهن ٿا، پر بڇڙن کي هميشہ لاءِ پري ۽ هڪ پاسي اڇلائي ٿا ڇڏين، ڇو تہ اهي ڪم جا نہ هوندا آهن.

---

[27] آنند=سک، شانتي=سلامتي.

# 27 : ريڍار ۽ وڃائجي ويل هڪڙيءَ رڍ جي ڳالهہ

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو چوندا هئا تہ يسوع کي گنهگار ۽ غلط ڪار ماڻهن سان هلڻ چلڻ نہ گهرجي، ۽ انهن سان ڳالهائڻ بہ نہ گهرجي ۽ انهن سان گڏ ويهي ماني بہ نہ کائڻ گهرجي۔ جيئن هو اڪثر ڪندو هو. انهيءَ ڪري، اهڙن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ تہ خدا بڇڙن ماڻهن کي بہ پيار ڪري ٿو ۽ انهن کي سندن برائيءَ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، هن هڪڙي ڳالهہ ڪئي، ٻڌائي، جنهن مان سندس مطلب هو تہ پوءِ هو پاڻ بہ چو نہ اهڙن تي ڪمل ڪري ۽ انهن کي پنهنجي "پيار جي بادشاهت" ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري!

"ٻڌو!" يسوع چيو. "سمجهو تہ هڪڙو ريڍار آهي، جنهن جي ڌڻ ۾ هڪ سؤ رڍون آهن، ۽ انهن مان هڪڙي رڍ نسي، ٽڪرين ۾ وڃائجي تي وڃي، جتي ان کي ڳڙڪائي وڃڻ لاءِ بگهڙ وات ڦاڙيو ويٺا آهن. ڇا، اهو ريڍار پاڻ کي ائين چوندو تہ "مون وٽ نوانوي رڍون واڙي ۾ صحيح سلامت بيٺيون آهن. انهيءَ ڪري هڪڙي وڃائجي ويل رڍ جي پرواهہ ڪانهي؟"

"نہ۔ هو نوانوي رڍن کي صحيح سلامت اتي ڇڏي، ان هڪڙيءَ نسي ويل نِنڍڙيءَ رڍ کي ڳولڻ لاءِ نڪري وڃي ٿو. ڇا، ان جي ڳولا هو اوستائين جاري نہ رکندو جيستائين ان کي ڳولي نہ لهي؟ ۽ پوءِ جڏهن هو ان کي ڳولي لهي ٿو تہ هو ڪيڏو نہ خوش ٿو ٿئي! هو پوءِ سڄو پنڌ ان کي پنهنجن ڪلهن تي رکي، گهر ڪٺي اچي ٿو.

"۽ پنهنجن دوستن کي ۽ پاڙي وارن کي سڏي ٿو ۽ پنهنجي خوشيءَ ۾ شريڪ ڪري ٿو ۽ مٺايون ورهائي ٿو.

"۽ "آسمان" بہ ائين ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ "پيار جي بادشاهت" ۾ نوانوي چڱن ماڻهن جي صحيح سلامت موجود هئڻ کان وڌيڪ اتي هڪڙي خطاڪار جي واپس اچڻ تي خوشي ٿئي ٿي، ڇو تہ ان هڪڙي راهہ وڃايل جي موٽي اچڻ تي ئي ان دنيا جي رونق مڪمل ٿئي ٿي."

# 28: ڇوڪري جي ڳالھہ، جيڪو ڀڄي ويو ھو

يسوع جي دل تمام گھڻو چاھيندي ھئي تہ ھن جا ماڻھو محسوس ڪن تہ خدا ڪين ڪيترو نہ گھڻو پيار تي ڪيو ۽ ھن ڪيترو نہ چاھيو تي تہ ھو سڀ سندس "بادشاھت" ۾ شامل ٿين. ۽ جڏھن منجمانئن ڪي راھہ وڃايل موٽي واپس آيا تي تہ ھو ڪيڏو نہ خوش ٿي ٿيو.

ان بابت، وقت بوقت، ھو ڪين گھڻيون ڳالھيون ٻڌائيندو ھو ۽ انھن مان ھڪ بھترين ڳالھہ ان ڇوڪري جي ھئي، جيڪو پنھنجو گھر ڇڏي ٻاھر ھليو ويو ھو.

ھڪڙو ڪو شاھوڪار ماڻھو ھوندو ھو جنھن کي ٻہ پٽ ھوندا ھئا. ھن وٽ گھڻا نوڪر چاڪر ھئا، جيڪي گھر ۾ بہ ھن جو ڪم ڪندا ھئا، ۽ ٻاھر ھن جي ٻنين ۾ پڻ ڪمائيندا ھئا. ھن جا ڇوڪرا سٺا سٺا ڪاڏا کائيندا ھئا، اوچا وچا ڪپڙا پھريندا ھئا ۽ خرچيءَ لاءِ ھنن کي ڪافي پئسا ملندا ھئا.

پر ننڍو ڇوڪرو پيءُ جي زمينن جي ڪم مان بيزار ٿي پيو ۽ سڌ تيس تہ نڪري ٻاھر دنيا ۾ وڃان ۽ وڃي مزا ڪيان. جيترا پئسا خرچڻ لاءِ ڪيس پڻس کان مليا ٿي، تنھن کان وڌيڪ پئسا ھن کي گھربا ھئا.

انھيءَ ڪري دل ئي دل ۾ ھو ڏاڍو ناراض رھڻ لڳو ۽ ڪم کي جواب ڏيئي ڇڏيائين. ھو ڏينھن جا ڏينھن بيڪار ويھي، وقت وڃائڻ لڳو ۽ ھن جي پيءُ کي ڪيس ائين نڪمو ويٺي ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيندو ھو. ھن جو وڏو ڀاءُ دل لائي پنھنجو ڪم ڪندو ھو ۽ ھر ڳالھہ ۾ پنھنجي پيءُ جي چئي ۾ رھندو ھو. ھن کي پنھنجي ڪاھل ڀاءُ جي خلاف سدائين شڪايت ھوندي ھئي، جو ھو پنھنجي حصي جو ڪم بہ ڪونہ ڪندو ھو ۽ انھيءَ ڪري ھو ڪيس بنھہ ڪونہ وڻندو ھو.

ھڪڙي ڏينھن ننڍو پٽ پنھنجي پيءُ وٽ ويو. "بابا،" ھن چيو. "اوھان جي ملڪيت ۾ جيڪو منھنجو حصو ٿيندو اھو ھاڻي ئي مون کي ڏيئي نہ سگھندا، تہ آءٌ وڃي ڪنھن وڏي شھر ۾ رھان! ھتي تہ ھر شيءِ مون کي بي چسي پيئي لڳي، ۽ آءٌ ڪڪ ٿي پيو آھيان. آءٌ چاھيان ٿو تہ ھتان نڪري ڪيڏانھن ھليو وڃان. اوھان وٽ منھنجو وڏو ڀاءُ آھي. ھو اوھان جو

حڪم مڃي ٿو ۽ هر ڪم ڪري ٿو. مهرباني ڪري، مون کي موڪل ڏيو ته مان هليو وڃان!“

ان تي، پيءُ ڏٺو ته سندس اهو پٽ گهر ۾ خوش نٿي رهيو. سو هن کي سندس حصي جا پئسا ڏيئي، پنهنجي دل مضبوط ڪري، هن کي گهر ڇڏي وڃڻ جي موڪل ڏيئي ڇڏيائين. هن جو جوان پٽ پوءِ بهترين ڪپڙا پائي ۽ سينڊيون هڻندو گهر کان نڪري ويو. کيسي ۾ پئسن جام هئڻ سبب هن جي دل ٽپا پئي ڏنا، ڇو ته هن وٽ ان کان اڳ، خرچڻ لاءِ، ڪڏهن به ايترا پئسا کيسي ۾ ڪونه آيا هئا.

ائين هو گهر ڇڏي، پري وڃي هڪڙي شهر ۾ رهڻ لڳو. جڏهن ماڻهن کي خبر پيئي ته هن وٽ جام پئسا هئا، تڏهن ميڙاڪا ڪري وڃي هن وٽ گڏ ٿيا، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ هن جا الاهي دوست بڻجي ويا. هن انهن کي وڏيون وڏيون دعوتون ڪارايون ۽ خوب انهن تي پنهنجا پئسا خرچ ڪيا. جيڏانهن ويندو هو، تيڏانهن وڏي ناٽ سان ويندو هو ۽ هر هنڌ هن جي دوستن جا ولر هوندا هئا، جي هن جي پٺيان هوندا هئا. ڇاڪاڻ ته هن وٽ پئسن جي اڇل هوندي هئي ۽ انهن سيني جي هن جي انهن پئسن ۾ اک هوندي هئي.

پر هن جا پئسا به هن وٽ گهڻو وقت رهي نه سگهيا. هڪڙي ڏينهن جڏهن هو ڏور ڪنهن پرديس ۾ هو، ته هن جا سڀ پئسا کٽي ويا ۽ هن وٽ پائي به باقي نه رهي. هن جي دوستن جڏهن ڏٺو ته هو هٿين خالي هو، ته هو بنا ڪنهن هٻڪ جي هن کي ڇڏي، هليا ويا ۽ هو اتي اڪيلو رهجي ويو.

”مون کي ڪو ڪم ڪرڻ گهرجي،“ نوجوان سوچيو. پر ڪم ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه هئي. هو پنهنجي پيءُ وٽ ئي ڪو ڪم ڪرڻ ڪونه سکيو هو ۽ ماڻهن کي ڪنهن نڪمي شخص جي ڪمڙي گهرج ٿي ٿي سگهي؟ اتفاق سان ان ملڪ ۾ ڏڪار اچي منهن ڪڍيو ۽ چوڌاري ڪاڏي جي ڏاڍي اٿاٽ ٿي پيئي. ماڻهو ويلن تي وڃي پيا، ۽ ڪيترا ته بک وگهي مرڻ به لڳا. نوجوان کي حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو خبر پيئي ته لنگهڻ ڪاٽيندي بت ساٽو ڪيئن ٿي ٿيو ۽ بک ۾ ماڻهو ڪيترو بيحال ٿي سگهيو ٿي.

نيٺ گهڻين منٿن کان پوءِ ڀرائپيءَ ۾ هن کي هڪڙو ڪم مليو ۽ اهو هو هڏڪاريندڙ سوئرن جي ڌڻ کي چارڻ جو ڪم. هو پوءِ سڄو ڏينهن انهن ۾ اکيون وجهيو وڻن جي ڇانءَ هيٺ ڏيو اڏ ٻڪيو اڏ اچيو ويٺو هوندو هو ۽ ڏاڍا هن جا ٻُرا حال هئا. هو چاهيندو هو ته جيڪي توتڙ ۽ سڪل ٻُٽ هن جا سوئر اکوڙي پيا کائيندا هئا، اهي ئي هوند کيس ملن ته انهن کي ئي چٻي ڪجهه پنهنجي پيٽ جي ٻک ماري سگهي.

۽ پوءِ هو سوچڻ لڳو. ”آءٌ هتي سوئرن کي پيو چاريان، ۽ ٻکيو ۽ اڃيو پرديس ۾ خوار ٿيان. ڇو مون پنهنجي پيءُ جو سکيو ستابو گهر ڇڏيو جتي ننڍي ۾ ننڍا نوڪر به پيٽ ڀريو پيا ماني کائين؟ مان ڪيڏو نه بيوقوف آهيان! ڪيڏو نه هيءُ غلط ڪم مون ڪيو آهي!“

هو اتي ويٺو رهيو ۽ پاڻ کي ائين ملامت ڪندو رهيو. پراڻا ڏينهن، پنهنجي پيءُ سان جيڪي سک ۾ گذاريا هئائين، اهي هڪ هڪ ٿي پئي ياد آيس. هو اتي جيڪي سٺا سٺا کاڌا کائيندو هو اهي ياد ڪرڻ لڳو جيڪي اوچا اوچا ڪپڙا پهريندو هو اهي ياد ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي پيءُ جا سک ۽ جيڪي دوست وٽس ڪچهريون ڪرڻ ايندا هئا اهي هن کي ياد اچڻ لڳا. هن جو من پنهنجي گهر جي اڪير ۾ ڀرجي آيو ۽ هو پاڻ کي ٻنهه هيڪلو ۽ پري ڦٽي ڪيل ڪو جانور سمجهڻ لڳو.

”آءٌ موٽي پنهنجي گهر ويندس،“ هن اوچتو دل ۾ چيو. ”آءٌ پنهنجي پيءُ وٽ موٽي ويندس ۽ وٽس وڃي کيس چوندس. ”بابا، مون خدا جو به ۽ تنهنجو به ڏوهه ڪيو آهي، ۽ آءٌ تنهنجي پٽ سڏائڻ جي لائق نه آهيان. مون کي پاڻ وٽ نوڪرن سان گڏ نوڪر ڪري رک. آءٌ تو وٽ نوڪر ٿي ڪم ڪندس.“

پوءِ هو سوئرن جو ڌڻ سندن مالڪ جي حوالي ڪري، پنهنجي پيءُ جي گهر جو رستو ورتي، اتي پنڌ پيو. رستو ڪافي ڏکيو هو ۽ پنڌ ڪندي ڪندي نوجوان جا پير سڄي پيا ۽ انهن ۾ ڦلوٽا پئجي ويس.

هن جي پيءُ پنهنجي وڃايل پٽ کي ڪونه وساريو هو. جڏهن کان هو گهر ڇڏي ويو هو، تڏهن کان هن وٽان خير جي احوال ٻڌڻ ۽ کيس وري ڏسڻ جي اڪنڊ هڪ ڏينهن لاءِ به هن جي پيءُ جي دل ۾ ماٺي ڪانه ٿي هئي.

پر ڪيس هن وٽان ڪو خط بہ ڪونہ مليو هو ۽ هن جو بڊو پيءُ انهيءَ اوسيئڙي ۾ هوندو هو تہ هو آخر ڪٿي هو ۽ ڪهڙي ڪم سان هو!

ڪڏهن ڪڏهن هو گهر جي ڪڌ تي چڙهي چوڏاري ڏسندو هو تہ من ڪٿان سندس جوان پٽ ڏانهس موٽي ايندو هجي. پوڙهي پيءُ کي پڪ هئي تہ پري ميل پنڌ تان هو بہ پنهنجي پٽ کي ايندي ڏسي سڃاڻي وٺندو.

۽ هڪ ڏينهن پري پري کان هن ڪنهن کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو ۽ ان کي ڏسي گمان ٿيس تہ اهو سندس پنهنجو وڇايل پٽ هو. ان جي هلڻ جو اهڙو ڪو نمونو هو ان جي ٻانهن جي اهڙي ڪا لوڏ هئي، جنهن مان هن ائين سمجهيو تہ اهو هن جو پٽ هو.

”پر هيءُ منهنجو پٽ نٿو ٿي سگهي!“ پيءُ سوچيو ۽ من ۾ آنڌ مانڌ ٿيڻ لڳيس. ”هن جا ڪپڙا تہ ليڙون ليڙون آهن، ۽ هيءُ تہ ڏاڍو دکي ۽ بيمار ٿو لڳي! پر ڏسڻ ۾ تہ هن جهڙو ئي آهي- هائو- هي تہ برابر منهنجو پٽ آهي!“

پوءِ هن جي پيءُ هن کي ملڻ لاءِ وٺي اڳتي ڊوڙ پاتي. در تي ترسي، پنهنجي پٽ جي اتي پهچڻ جو انتظار هو ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ هن کي بيهر اکين سان ڏسي، هو خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيو. هن کي وٺي ڪٺي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتائين، ۽ چمين مٿان چميون ڏيڻ لڳس!

موٽي پنهنجي گهر پهچڻ تي پٽ کي بہ بيحد خوشي ٿي هئي. ”بابا،“ هن چيو. ”مون خدا جو بہ ۽ تنهنجو بہ ڏوهہ ڪيو آهي ۽ آءٌ تنهنجي پٽ سڏائڻ جي لائق نہ آهيان.“

ان کان وڌيڪ هو ڪجهہ چوي ئي چوي، تنهن کان اڳ هن جي پيءُ جا نوڪر ڊوڙي آيا. هنن کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ اهو ڇا پئي ٿيو. پوڙهي پيءُ هڪدم ڏانهن منهن ورائي چيو-

”وڃو ۽ وڃي گهر ۾ پيل بهترين ڪپڙن جو جوڙو ڪٺي اچو ۽ منهنجي پٽ کي پارايو! هن جي آڱر ۾ وجهڻ لاءِ هڪڙي منڊي بہ ڪٺي اچو پر اها اهڙي آڻيو جا منهنجي پٽ جي شان وٽان هجي! هن جي پيرن کي ڍڪڻ لاءِ زريءَ واري جتي ڪٺي اچو! وڃو ۽ وڃي اهي ڪم ڪريو! اڄ رات اسين وڏي دعوت ڪنداسين. انهيءَ ڪري اهو ڳابو ڪاهي اچو جنهن کي اسين اڄوڪي ڏينهن لاءِ ڄهليو ويٺا هئاسين. اهو اڄ رات جي دعوت تي

ڪسندو. اڄ اسين خوب کائينداسين ۽ خوشيون ڪنداسين. مون سمجھيو هو تہ منهنجو پٽ مري ويو هو، پر اڄ مون لاءِ هو وري جيئرو ٿيو آهي. هيءَ اسان کان وڃائجي ويو هو پر هاڻي هيءَ وري اسان لڌو آهي!“

پوءِ نوڪر خوشيءَ ۾ گد گد ٿيندا. جيئن جيئن هنن کي چيو ويو هو تيئن پنهنجي پنهنجي ڪم کي لڳي ويا. گھرو پاليل ڳابو ڪهي، صاف ڪري، سيخ ڪيو ويو ۽ ان جا هڳاءَ ٻاهر هوا ۾ پکڙندا رهيا. ٻُڪن ۾ پاهہ تيل چوڪر گھر اچڻ تي ۽ ان ايتري آدرڀاءَ لهڻ تي ايڏو تہ خوش هو جو پنهنجي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها روڪي نہ سگھيو. هر ڪو هن کي واپس گھر ۾ آيل ڏسي، خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيو.

هائو هرڪو- سواءِ هڪ شخص جي. ۽ اهو هن جو وڏو ڀاءُ هو. هو ٻاهر پنهنجي پيءُ جي زمينن تي ڪم ڪري رهيو هو ۽ هن پنهنجي ڀاءُ کي واپس ايندي ڪونہ ڏٺو هو. هو پنهنجي ڪم تان جڏهن سج لٿي موٽيو تہ پري کان خوشيءَ جو چوٻول ٻڌي، ۽ ويجھو ايندي دعوت جون تياريون ڏسي، وائڙو ٿي ويو ۽ پري بيهي رهيو.

هن هڪڙي نوڪر کي پاڻ وٽ سڏيو. ”هي سڀ ڳالهيون ڇا لاءِ آهن؟“ هن پڇيو. ”هي راڳ، هيءُ ناچ ۽ هيءَ دعوت سڀ ڇا لاءِ ٿي رهيا آهن؟ ڇا ٿيو آهي؟“

۽ نوڪر هن کي خوشيءَ ۾ پرجي جواب ڏنو: ”تنهنجو ڀاءُ موٽي گھر آيو آهي! تنهنجي پيءُ ڳابو ڪهايو آهي، ۽ هيءَ خوشيءَ جي وڏي دعوت هن تنهنجي ڀاءُ جي واپسيءَ تي هن جي آدرڀاءَ لاءِ ڪئي آهي.“

اهو ٻڌي، وڏي ڀاءُ کي ڪاوڙ ونئي ويئي ۽ هن کي حسد ٿيڻ لڳو. ”هن جو پيءُ ڇو ٿو هڙئي پٽ لاءِ ايڏو جشن ڪري، جيڪو سدائين ٽوٽي ۽ ڪاهل رهيو آهي، ۽ جيڪو ملڪيت جو پنهنجو حصو هن کان وٺي هليو ويو هو ۽ اهو ڪاٺي پي ۽ اڏائي، هاڻي هٿين خالي وري موٽي آيو آهي؟ هيءَ سراسر بي انصافي آهي!“

آءٌ دعوت ۾ شريڪ ڪونہ ٿيندس،“ وڏي ڀاءُ سوچيو ۽ پٺي ڦيري، در تان موٽڻ لڳو. پر سندس پيءُ ايتري ۾ هن وٽ ٻاهر آيو ۽ اچي هن کي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جي منٿ ڪيائين.

”چا، تون پنهنجي ڀاءُ جي هيئن پاڻ وٽ صحيح سلامت موٽي اچڻ تي خوش نہ ٿيو آهين؟“ هن پڇيو.

”بابا“، وڏي پٽ ڪاوڙ ۾ چيو ”هي سڀ هيترا سارا سال مون تو لاءِ ڪمايو ۽ تنهنجا حڪم مڃيا، ۽ ڪڏهن هڪ ڀيرو بہ ڪو غلط ڪم ڪونہ ڪيو. پر مون کي تو ڪڏهن بہ ڪو ڳابو يا رڳو ڪو ڇيلو بہ ڪهي ڪونہ ڏنو تہ مان پنهنجن دوستن سان گڏ ڪا دعوت ڪري سگهان. پر هيءُ تنهنجو ننڍو پٽ واپس گهر آيو آهي، جيڪو پنهنجي حصي جا اڌ پئسا بہ توکان وٺي ويو ۽ وڃي پنهنجن نالائق دوستن سان ڪپائي ڪپائي دف ڪري ڇڏيائين، تہ توهين هن جو ايڏو آڌرڀاءُ ٿا ڪريو ۽ سڄو سارو ڳابو ڪهو ٿا ۽ هن جي شان ۾ وڏي دعوت ڪريو ٿا!“

”پٽ“، پيءُ ڏاڍيءَ نرمائيءَ سان چيو ”تون هيترا سارا سال مون سان گڏ ۽ مون وٽ رهيو آهين، ۽ توکي خبر آهي تہ جو ڪجهہ مون وٽ آهي، سو سڀ تنهنجو آهي. تولاءِ تہ شڪايت جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. سني ۽ صحيح ڳالهہ تہ پاڻ اها آهي تہ تون پنهنجي ڀاءُ جو آڌرڀاءُ ڪر ۽ خوش ٿيءُ! توکي تہ جشن ڪرڻ کپي تہ هو موٽي آيو آهي. پاڻ هن کي مئل سمجهيو هو پر هو جيئرو آهي! هو اسان کان وڃائجي ويو هو ۽ هاڻي اسان هن کي ٻيهر لڌو آهي!“

# 29 : يسوع ۽ چريو ماڻهو

يسوع هنن مان ڪي ڳالهيون، ڪناري کان ٿورو پريرو ٻيڙيءَ ۾ ويهي ٻڌائيندو هو. ماڻهو ڪناري تي ميڙاڪا ڪيو ڪي ويٺا هوندا هئا ۽ ڪي بيٺا هوندا هئا، ۽ پوري ڌيان سان يسوع جون هي ڳالهيون پيا ٻڌندا هئا. ۽ اهي هنن کي اهڙيون تہ وڻنديون هيون، جو هڪ جي پويان ٻيءَ ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ هن کي منٿون پيا ڪندا هئا. هڪ ڀيري ائين ڳالهيون ٻڌائيندي ٻڌائيندي، يسوع ٿڪجي پيو ۽ چاهيائين تہ ڪجهہ آرام ڪريان.

پر جيڪڏهن ٻيڙيءَ کي ڪناري سان نيئي، ڪناري تي لٿو ٿي، تہ ماڻهو چوڌاري مڙي ٿي ويس ۽ سندس پٺيان انبوهہ ٺاهي تي لڳا، ۽ هڪ گهڙي بہ آرام ڪرڻ لاءِ هن کي اڪيلو نٿي ڇڏيائون.

"هلو ته ٻيڙيءَ کي هاڪاري سمنڊ ۾ پريرو هلون". يسوع پطرس کي ۽ ٻين کي چيو. "پوءِ جڏهن ماڻهو ڏسندا ته اسين هليا ويا آهيون، ته هو پاڻ به پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويندا."

ائين ان ننڍڙيءَ مڇي مارڻ واريءَ ٻونڊيءَ کي هاڪاري، سمنڊ ۾ پري وٺي ويا، ۽ يسوع ايترو ته ٿڪل هو جو هو هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ ئي پاسو ڪري، ليٽي پيو. ٻيڙي هلندي رهي، ۽ پاڻيءَ جون ننڍيون ننڍيون ڇوليون ان سان لڳنديون رهيون، ۽ انهن جي نرم نرم ڇاٻڙ جي آواز تي يسوع کي ننڊ ڪٽي ويئي.

ائين سج لهي ويو ۽ مٿان اچي رات ٿي، ۽ سڄي رات ٻيڙي آهستي آهستي هلندي رهي، ۽ مٿان اچي اسر ٿيو. "پاڻ موٽي گهر ڏانهن نٿا هلون". يسوع چيو. "مون کي آرام ڪرڻ گهرجي ۽ ايڪانت ۽ سانت گهرجي ته جيئن آءٌ سوچي سگهان ۽ دعا گهري سگهان. ٻيڙيءَ کي هاڪاريو ته سمنڊ جي ٻئي پار هلي پهچون."

پوءِ ٻيڙي پاڻيءَ تي هلندي رهي، هلندي رهي ۽ نيٺ ٻئي پار ڪناري سان اچي لڳي، جتي ٻيو ملڪ ۽ ٻيا ماڻهو هئا. اتي گڊاريني لوڪ رهندا هئا، ۽ ٿورو پريرو يسوع جي ساٿين انهن جو گراسا نالي ننڍڙو ڳوٺ اڏيل ڏٺو.

"اسين انهيءَ ڳوٺ ڏانهن نه هلنداسين". يسوع چيو. "اسين پريان جيڪا هيڪلي ٽڪري بيٺي آهي، اوڏانهن هلنداسين. مون کي ڪجهه وقت هيڪلائيءَ ۾ رهڻو آهي."

ائين هو سڀ گڏجي ان ٽڪريءَ تي چڙهي ويا. ۽ پوءِ اوچتو هڪ بنهه غير معمولي ڳالهه پيش آئي. هڪڙو ماڻهو غار مان ڊوڪيندو ٻاهر نڪتو. هن زور زور سان رڙيون پئي ڪيون ۽ پري کان هنن تي هٿن ۽ ٻانهن جون الرون ڪندو، تکو تکو مٿن ڪاهيندو پئي آيو. هن جي بت تي ڪپڙو پيل ڪونه هو. هن جي ڏاڙهي ۽ هن جا وار ڏگها هئا ۽ منجهيل ۽ مٽيءَ ۾ پيوت هئا. ڏسڻ ۾ هو ڏاڍو هڪ پوائتو جانور ٿي لڳو.

هو هڪ مست عليل شخص هو جيڪو اتي غارن ۾ رهندو هو، جتي اهي ماڻهو پنهنجن مئلن کي پوريندا هئا. هو ڏاڍو هڪ ڀيانڪ،

سگهارو ۽ خطرناڪ ماڻهو هو ۽ هر ڪو هن کان ڊپ ۾ ڪوهين ڀڄندو هو. ڪنهن جو هن تي وس ڪونہ هلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي سيءَ گڏجي، ڪنهن اٽڪل سان، جملي بہ وجهندا هئا، ۽ پوءِ رسين ۽ سنگهرن ۾ هن کي ٻڌي ڇڏيندا هئا. پر جڏهن هو پنهنجي غصي ۾ ايندو هو تہ هن ۾ هڪ ديو جهڙي طاقت اچي ويندي هئي، ۽ هو انهن رسين ۽ سنگهرن کي آسانيءَ سان ڇني ۽ ٽوڙي، ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو هو.

هو اڪثر ڏوڪي ماڻهن تي جلهہ ڪري ايندو هو ۽ زالين مردين سڀ ويچارا ماڻهو پاڻ بچائڻ لاءِ ڊپ ۾ وٺي ڀڄندا هئا. هنن کي خوف هوندو هو تہ هو ڪين ڪڏهن ڏڪي يا ماري نہ وجهي. هو اڪثر پاڻ کي بہ ڦٽي وجهندو هو. چاڪاڻ تہ ڪڏهن ڪڏهن هن کي تکيءَ ڌار وارا پهڻ ملي ويندا هئا ۽ انهن سان هو مستيءَ ۾ پاڻ کي ڪٽي ۽ چير ڏيئي رتوڇاڻ ڪري وجهندو هو.

۽ هاڻي هو ان حسين صبح مهل اوچتو اتي هڪ غار مان پنهنجي پوريءَ ڀيانڪ شڪل ۾ ٻاهر نڪري آيو هو ۽ يسوع ۽ هن جي ساٿين جي مٿان هينئين ڦاڙ رڙيون ڪندو ڪاهيندو پئي آيو. هن جا هٿ ۽ ٻانهون رتو رت هئا، ڇاڪاڻ تہ هن انهن کي تکن پهڻن سان تازا ڪي ڇهڪ ڏنا هئا.

پر جڏهن ان خونخوار مستاني سامهون يسوع کي ڏٺو تہ هو هڪدم پري سهمجي بيهي رهيو. هن ڪنهن کي بہ ڏڪ هڻڻ يا مارڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي، ۽ پوءِ وڏيون ٻرانگهون ڀريندو اچي يسوع جي پيرن تي ڪريو ۽ هن جي مرن کي پنهنجي ڏڪندڙ مٺين ۾ جهلي بيهڻ جي ڪوشش ڪيائين.

يسوع جا پوئلڳ ڊپ ۽ بچان جي نظرن سان هن کي ڏسڻ لڳا۔ پر يسوع کي هن کان ڪو بہ ڊپ ڪونہ ٿيو ۽ نہ ڪائي ٻُڇان آئي. هو هن ويچاري دکي شخص تي ڪمل ڪاڻڻ لڳو جنهن جو من ايڏو تہ اٿيل ۽ سمجهہ ايڏي تہ منجهيل هئي، جو هو جيئن ٻيا ماڻهو رهيا تي، تيئن رهي نٿي سگهيو. يسوع هن جي اوپري ۽ خوفزدہ مٿي ڪڇيل منهن ۾ ڏٺو ۽ ڏاڍي گنڀير ۽ ڌيمي آواز ۾ هن سان ڳالهايائين.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" يسوع ڇيو.

”منهنجو نالو!“ مستاني اتاولائيءَ سان ڏاڍيان جواب ڏنو. ”منهنجا ته هزار نالا آهن. ڇاڪاڻ ته هڪ هزار جِن منهنجي اندر ۾ ويٺل آهن، جيڪي مون کان اونڌا ڪم ڪرائين ٿا، ۽ جيترا جِن منهنجي من ۾ آهن اوترا منهنجا نالا آهن!“

”ته پوءِ آءٌ تنهنجا اهي هزار جن تو مان ڪيندس“. يسوع پوريءَ سانت ۽ سمڪ سان چيو ڇاڪاڻ ته هن ماڻهوءَ جو من ڏاڍي اوتڪ ۾ هو ۽ هن کي آڌر گهربو هو. ”اهي سڀ تو مان نڪري ويندا. تون جيئن اصل آهين تيئن ٿي پوندين.“

ان شخص اهو سانتيڪو ۽ ساهه سڏير آواز ٻڌو ۽ انهن چتائي ڏسندڙ ٻاجهارين ۽ پيار ڀريل اکين ۾ نهاريو ۽ هن پنهنجي پاڻ ۾ ڪجهه ٿيندي محسوس ڪيو. جڻ هن جو من ڪنهن ڊنڊ مان نڪري پريان ڪو چمڪندڙ سوجهرو ڏسي رهيو هجي. ۽ هن جي چريائي ۽ عليلائي ختم ٿي ويئي. هو رواجي ماڻهوءَ وانگر مانارجي ويو. هڪ گهڙيءَ لاءِ هو وري به سچو درونجي ويو ڇاڪاڻ ته هن پاڻ کي اڳئين کان بلڪل الڳ ۽ نئون محسوس ڪيو هو. نيٺ هن جي من ۾ سانير آئي ۽ هو ڍرو ڍرو پر صاف سمجهڻ ۽ سوچڻ لڳو. هو هاڻي مستانو نه هو پر هڪ عام ماڻهوءَ جهڙو ماڻهو هو.

هن غريب شخص جي دل هيڪر ته احسانمنديءَ ۽ خوشيءَ جي ٻار ۾ ڊٻجي ويئي. هن يسوع ڏانهن پيار ڀريل ۽ ٿورائتين اکين سان نهاريو. پوءِ هن پنهنجي پاڻ تي نگاهه وڌي - ۽ پاڻ کي اگهاڙو رتوڇاڻ ۽ گدلو ڏٺائين. يسوع جي پوئلڳن مان هڪڙي ڏنو ته هو پاڻ کي ائين ڏسي ڏاڍو لڄي ٿي رهيو هو ۽ ان پوءِ پنهنجو ڪڙتو لاهي هن کي ڍڪايو.

مستانو يسوع جي پيرن ۾ ويٺو رهيو ۽ هو اتان اٿڻ لاءِ تيار نه هو. هن ڏٺو ته يسوع دنيا ۾ سڀ کان سٺو ۽ سڀ کان وڌيڪ حيرت ۾ وجهندڙ مهربان انسان هو ۽ انهيءَ ڪري ان هن کان ڪڏهن به الڳ ٿيڻ نٿي گهريو. هن ويچاري ڏتڙيل ۽ هر هنڌ تان ڌڪاڻيل شخص سمجهيو هو ته دنيا ۾ ڪو به هن جي سار ڪانه لهندو ۽ ڪو به ڪڏهن هن سان ڪو سٺو لفظ ڪونه ڳالهائيندو.

هو خوش هو ۽ يسوع جا ساٿي خوش هئا ته هنن جي رهبر ۽ مالڪ هيءَ ڪيڏو نه ڀلائيءَ جو ڪم ڪيو هو. پر ان ٽڪريءَ جي پير ۾ هڪڙو اهڙو به ماڻهو هو جيڪو ناراض هو.

اهو ماڻهو جنهن کي سخت ڪاوڙ هئي، سو اتي جو هڪڙو ڏنار هو جنهن وٽ سوئرن جو هڪڙو وڏو ڌڻ هو. جنهن ۾ ان ڳوٺ جي ماڻهن جا ڏاريل سوئر هئا، ۽ اهو ڌڻ هو اتي چاريندو هو. جڏهن مستانو اتان غار منجهان رڙيون ڪندو نڪتو ۽ دنجندو ۽ پٿر ٽڏيندو ۽ اڇلائيندو ۽ ڇپون هيٺ ٽيڙيندو ۽ هٿن ۽ ٻانهن جون الرون ڪندو يسوع ۽ هن جي جماعت ڏانهن ڊوڙندو ڪاهيندو پئي آيو. تڏهن ان ڏنار جي سوئرن جي ڌڻ ان گوڙ ۽ پٿرن جي ڏڪن ۽ نڪائن تي وني ٽنو ۽ زوم ۾ ڊوڙندي، ٽڪريءَ جي ايڪپريءَ تان ڏو هيٺ سمنڊ ۾ هڪٻئي جي پٺيان اوراتجي وڃي ڪريو ۽ سڄي جو سڄو ڌڻ ان عميق ۾ ائين ٻڏي مري ويو.

ڏنار جنهن اهو سڄو پيانڪ نظارو ويٺي ڏٺو، تنهن جو ڊپ ۽ صدمي کان هيڪر ساهه تم تي ويو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ ٻي واهه نه ڏسي، ماڻهن کي اطلاع ڏيڻ لاءِ هن وني ڳوٺ ڏانهن ڊوڙ پاتي.

"اوهان جا سوئر ختم ٿي ويا! سوئر سڀ مري ويا! سڀ ٻڏي ويا!"

ڳوٺ جي ٻاهران پهچي، هن رڙيون ڪري، ماڻهن کي ٻڌايو. هن جي رڙين تي ماڻهو گهرن مان نڪري آيا ۽ هن کان پيرائتي ڳالهه ٻڌائون.

"اوهان جا سوئر سڀ چريا ٿي پيا. الائي ڇا ٿين! سيني ۾ جڻ جنن اچي واسو ڪيو هو. ۽ هو مستانو جيڪو غارن ۾ رهندو آهي، ۽ جنهن ۾ هزار جن رهندا هئا، اهو هاڻي نيڪ آهي. ان جا جن نڪري ويا ۽ هاڻي هو ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿيو اتي ويٺو آهي. هو غار مان دانهون ڪري نڪتو هو ۽ هڪڙا نوان ماڻهو آيا آهن، انهن مان هڪڙي هن مان جن ڪڍي ڇڏيا، ۽ هاڻي هو انهن سان خوش ويٺو آهي!"

"تہ پوءِ چرئي جي مستيءَ چرئي کي ڇڏي اسان جي سوئرن کي وڃي ورتو هوندو"، هڪڙي ڳوناٺي ڪاوڙ ۾ پرجي چيو. "ڪير آهي اهو جنهن کي اهڙي همت ٿي آهي؟ هن چرئي سان ڪنهن جو ڇا؟ اسان جا سوئر وڏيڪ قيمتي آهن. اهڙي ڪنهن ڏارئين ماڻهوءَ کي پاڻ وٽ هڪ ڏينهن بہ رهڻ نہ ڏينداسين. جنهن ان خسيس مستاني مان جن ڪڍي اسان جي سوئرن ۾ وجهي ڇڏيا! اسين هن کي هتان هڪالي ڪيڍنداسين!"

پوءِ هو سڀ يسوع ۽ سندس ساٿين کي ڳولڻ لاءِ نڪتا. ۽ جڏهن هو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ کان ٿورو هيٺيرو ان جاءِ تي ويا، جتي يسوع ۽ سندس ساٿي ويٺا هئا. تڏهن هنن ڏٺو ته اهو چريو سنئون سڌو ٻٽيو يسوع جي پيرن ۾ ويٺو هو ڪڙتو ڍڪيل هوس ۽ هو پنهنجي پوري هوش حواس ۾ ۽ ڏاڍي چاهه سان يسوع جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.

پر هنن کي پنهنجن سوئرن جي ٻڏي وڃڻ جو وڌيڪ خيال هو ۽ هو ان ماڻهوءَ ڏانهن ڪنهن خاص ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. جيڪو رڳو ٿورو اڳ هڪ بيڪار ۽ خسيس چريو هو ۽ بنهه هڪ پليت جانور وانگر هيڏانهن هوڏانهن پئي رليو ۽ پٽڪيو. هنن کي رڳو اهو خيال هو ته يسوع ان مان جن ڪڍي، سندن سوئرن ۾ وجهي ڇڏيا هئا. ۽ ائين هيءَ چريو پاڻ ته نيڪ ٺاڪ ٿي ويو هو- پر ان جي بدران پنهنجن پلن ۽ املهه سوئرن جو نقصان ڪين سهڻو پيو هو!

پر وري به هنن کي ان ماڻهوءَ کان خوف ٿيڻ لڳو جيڪو اهڙيون شيون ڪري سگهيو ٿي. انهن خيالن ۾ هو ڪجهه دير ٿورو پرڀرو بيهي رهيا، ۽ ان عجب جهڙي ماڻهوءَ کي ڏسندا رهيا، ۽ پوءِ رڙهي، هن جي ويجهي وڃڻ جي ڪين همت ٿي.

"مهربان، اسان جي ملڪ مان نڪري وڃ!" هنن چيو. "اسان کي تون هتي نه گهرجين!"

۽ ائين يسوع ۽ سندس ساٿي اتان وڃڻ لاءِ اٿي بيٺا. اهو ڏسي، مستاني جي دل لهي ويئي، ۽ هو يسوع کي چنبڙي پيو.

"نه وڃ!" هن نيزاريءَ سان چيو. "مون کي ڇڏي نه وڃ- نه ته مون کي به پاڻ سان وٺي هل! جو ڪجهه تو مون لاءِ ڪيو آهي، ان کان پوءِ مان توکان ڪڏهن به الڳ ڪونه ٿيندس."

پر يسوع ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو. "جيڪڏهن سچ پچ تون منهنجو ٿورو مڃين ٿو ته پوءِ تون هتي ئي رهه." هن چيو. "هتي پنهنجي سيني ديس واسين کي ٻڌاءِ جو ڪجهه توسان واقع ٿيو آهي ۽ جو ڪجهه تو ڏٺو ۽ ٻڌو. پوءِ جيڪڏهن آءٌ يا منهنجا ساٿي هتي موٽي آياسين، ته ائين چئبو ته تو پنهنجي ملڪ ۾ اسان لاءِ جڙ اڳي ئي زمين سنواري ڇڏي هئي."

ائين اهو ماڻهو اتي پوئتي رهيو ۽ جيئن يسوع هن کي چيو هو تيئن ڪندو رهيو. هن کان اهو شخص ڪڏهن به وسري نه سگهيو جيڪو هڪڙي حسين صبح جو اتي اوچتو آيو هو ۽ اچي ڪيس ان خطرناڪ چريائپ کان ڇڏايو هئائين. ان احسان جي بدلي ۾ هو پوءِ سيلانيءَ وانگر پنهنجي ديس ۾ هڪ ڪنڌ کان ٻيءَ ڪنڌ تائين هلندو رهيو ۽ هر ڪنهن کي هو پنهنجي ان محسن جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو.

# 30 : ياڻير جي ننڍڙي نينگر

"هاڻي، پاڻ موٽي گهر هلنداسون". يسوع پنهنجن ساٿين کي چيو. پوءِ هو وري انهيءَ ننڍڙيءَ مڇي مارڻ واريءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويا، ۽ ان کي سمنڊ جي ٻئي پار ڏانهن وٺي هاڪاريائون.

"ڏسو سائين! ماڻهن جا ميڙاڪا اچا اوهان لاءِ ترسيا ويٺا آهن!" جيئن ٻيڙي ڪناري جي ويجهي آئي، ته پطرس چيو. "اڄ هنن کي وعظ ڪرڻ لاءِ هتي نه ترسو. پهرين هلو ته ڪجهه کائون ۽ ڪا ساهي کڻون."

سامهون ڪپ تي، يسوع جي موٽي اچڻ لاءِ سوين ماڻهو ترسيا ويٺا هئا. سڀئي هن کي ڏسڻ لاءِ آتا هئا. پر انهن ۾ هڪڙو ماڻهو اهڙو هو جنهن جي دل ڏاڍي ماندي هئي، ۽ اتي سڀني کان وڌيڪ اهو يسوع لاءِ آتو هو.

اهو هڪڙو شاهوڪار شخص هو جنهن جو نالو ياڻير هو ۽ اهو عبادتخاني جو مهنت هو. هن جي هڪڙي ننڍڙي نينگر هئي ۽ هو پنهنجيءَ زال سان شهر ۾ رهندو هو. هو ڏاڍا خوش پيا گذاريندا هئا، ۽ هنن جي نينگري، جيڪا ٻارهن سالن جي هئي، سا هنن ٻنهي جي دل جي هردم ورونهن هئي.

پر اها هاڻي بيمار ٿي پيئي هئي ۽ بستري ۾ داخل هئي. هوءَ ايتري ته سخت بيمار هئي، جو هن جي پيءُ کي ڊپ ٿي پيو ته هوءَ ڪانه بچندي ۽ هنن کان وچڙي ويندي. هوءَ سندن اڪيلو اولاد هئي، ۽ هن جا پيءُ ماءُ ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويا هئا. ڊاڪٽر هنن کي جواب ڏيئي ڇڏيو هو ۽ هو ويچارا ٻيئي هن جي بستري سان لڳا، هن ۾ اکيون وجهيو ويٺا هئا، ۽ هنن جي آڏو هنن جي نينگر جي حالت جيئن پوءِ تيئن نازڪ ٿيندي ويئي.

”چا، اسين هن يسوع کي پاڻ وٽ نتا آڻي سگهون، جو سيني جا مرض ڇڏائي ٿو؟“ اوچتو هن جي دل ۾ اهو خيال آيو. ”آءٌ سمجهان ٿو ته هو هتي هن شهر ۾ آهي. آءٌ وڃي ٿو هن کي ڳولي، منٽ ڪريانس ته اچي اسان جي ننڍڙيءَ جو هٿ ڏسي. جيڪڏهن ترت اسان ڪجهه نه ڪيو ته هن کي اسين پڪ وڃائي ويهنداسين.“

”هينئر ئي وڃ!“ هن جي زال چيو. ”پڇا ڪر ته ڪٿي هو ملندو! هو اسان وٽ اچڻ کان نهڪار نه ڪندو. ماڻهو چون ٿا ته هو ڏاڍو چڱو آهي ۽ ڏاڍو سڀاجهو شخص آهي.“

يائير پوءِ يسوع کي ڳولڻ لاءِ نڪتو. هن پڇا ڪئي ته هو ڪهڙي گهر ۾ رهيل هو ۽ ڳولي ڳولي هو اتي ويو. پر افسوس! يسوع اتي ڪونه هو. ”هو سمنڊ جي ڪپ سان ڪٿي وعظ پيو ڪندو هوندو“، هن کي ٻڌايو ويو.

يائير پوءِ سمنڊ جي ڪپ تي هن کي ڳولڻ ويو. ۽ اتي ڪيس ماڻهن جو هڪڙو ميڙ ڏسڻ ۾ آيو. هو يسوع کي ڏسڻ لاءِ ان ميڙ کي چيريندو اڳتي وڌيو. پر هو ڪيس لهي نه سگهيو.

”يسوع، پطرس جي ٻيڙيءَ ۾، سمنڊ جي هن پار ويو آهي“، ڪنهن چيو. ”گذريل رات هو هتي هو ۽ اسان کي ڳالهيون پئي ٻڌايائين. پوءِ هو ۽ هن جا ساٿي ٻيڙيءَ کي هاڪاري سمنڊ ۾ اندر هليا ويا. اسين هنن جي موٽي اچڻ لاءِ ترسيا وينا آهيون. پر هاڻي هنن جي موٽڻ ۾ دير ڪانهي.“

پر هڪ هڪ گهڙي، جيڪا گذري ٿي، سا يائير لاءِ ڪلاڪ جي برابر هئي. هن کي پنهنجي ننڍڙيءَ بيمار ڇوڪريءَ جو ڪانڊو لڳل هو جيڪا شايد انهيءَ ئي پل گهر ۾ پويون پساهه کڻي رهي هئي، ۽ هو اتي هن وٽ ڪونه هو! پر هو اتان سمنڊ جي ڪپ تان هٽي به نٿي سگهيو ته متان يسوع اتي اچي ۽ هو اتي نه هجي.

هو سمنڊ جي نيري اٿاهه پاڻيءَ مٿان جوهه وجهي، پري پري نهاري رهيو هو. هن کي خبر نه هئي ته پطرس جي ٻيڙي ڪهڙي هئي ۽ ڪهڙي ڪانه هئي. هن ڪنهن پاسي واري کان پڇيو ته هن کي ڪا خبر هئي!

”هائو“، ان ماڻهوءَ جواب ڏنو. ”آءٌ اها ڏسي سڃاڻي ويندس. ترس- اِها ته نه آهي- جيڪا پري کان اچي رهي آهي!“

يائير جي دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي، پر انهيءَ ئي گهڙيءَ جڻ بيهي ويئي، جڏهن ان ماڻهوءَ چيو: "نـ اِها اها ٻيڙي ڪانهي. پر لڳي اِها بـ انهيءَ جهڙي ٿي!"

پوءِ، اوچتو هڪ دانهن نڪتي. "او هوءَ اها ٻيڙي! ڏسو! اِها اچي ويئي! يسوع اچي پيو!"

ٻـ پريان سمنڊ تان جيڪا هوا لڳي رهي هئي، ان تي پطرس جي ٻيڙي هاڪاريندي، ڪناري ڏانهن، تڪي تڪي، اچي رهي هئي. ان ۾ يسوع ويٺو هو ۽ هو ڪپ تي جيڪي ماڻهو هن لاءِ ترسيا ويٺا هئا، انهن ڏانهن نهاري رهيو هو. ٻيڙي اچي ڪناري سان لڳي، ۽ يسوع جا ساٿي ان کي ڇڪي لنگر ڪرائڻ لاءِ، ٽپ ڏيئي سڪيءَ تي آيا. گهڙيءَ کان پوءِ، يسوع، ٻيڙيءَ مان لهي، ڪناري تي اچي بيٺو ۽ هن جا ساٿي ماڻهن جي آڏو ٿي بيٺا، جيڪي هڪٻئي کي ڌڪيندا، يسوع تي ڳاهٽ ٿي رهيا هئا.

جتي يسوع ٻيڙيءَ مان اچي لٿو هو اتي يائير بيٺل ڪونـ هو. پوءِ ماڻهن جي گوڙ مان، ڪلها هٽندي، هو اڳتي اچڻ لڳو. "مون کي وڃڻ ڏيو"، هو منٿون ڪرڻ لڳو. "مون کي هن سان ملڻو آهي. مون کي جاءِ ڏيو!"

ماڻهن هٽي، هن کي لنگهڻ جي جاءِ ڏني، ۽ هو وڏي يسوع وٽ پهتو. هو هن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ هن کي پنهنجي ننڍڙيءَ ڪي هلي ڏسڻ لاءِ آزيون ڪرڻ لڳو.

"هوءَ مرڻ تي آهي"، يائير چيو. "آءٌ ٻانهون ٿو ٻڌان، اوهان هلي هن تي پنهنجا هٿ رکو تـ هوءَ نيڪ ٿئي. اٿين بچي ويندي!"

هو ويچارو ايترو تـ مايوس ٿي ڏٺو جو يسوع هڪ گهڙي بـ وڃائڻ نٿي گهري، ۽ هو انهيءَ دم، سڀ ڳالهيون ڇڏي، هن سان گڏجي هن جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. جيڪي بـ ماڻهو هن کي اتي ٻڌي رهيا هئا ۽ هن کي ڏسي رهيا هئا، اهي سيئي هن جي پٺيان اوڏانهن وڃڻ لڳا.

"هو يائير جي گهر وڃي رهيو آهي"، هو اتساهـ وچان هڪٻئي کي چوڻ لڳا. "هو ننڍڙيءَ نينگر کي نيڪ ڪرڻ ٿو هلي. تو هوءَ ڏٺي آهي؟ هائو نـ! هوءَ ڏاڍي بيمار آهي. ويچاري معصومڙي! پاڻ بـ اوڏانهن ٿا هلون، ڏسون تـ يسوع ڇا ٿو ڪري. هو پڪ ئي پڪ ڪا حيرت جهڙي ڳالهـ ڪندو."

ائين ماڻهن جو سڄو انبوهه يسوع سان گڏ. يسوع جي پٺيان هلندو رهيو ۽ هو ياڻير سان گڏجي تڪو تڪو هن جي گهر ڏانهن وڃي رهيو هو.

ماڻهن جي ان انبوهه ۾ هڪڙي ڪا مائي هئي، جنهن يسوع بابت گهڻو ڪجهه ٻڌو هو. هن جي جسم ۾ ڪا بيماري هئي، جيڪا هن ڪنهن کي به ٻڌائڻ نٿي گهري. هن وٽ جيڪي پئسا هئا، اهي سڀ چپ چاپ هن ڊاڪٽرن تي خرچ ڪري ڇڏيا هئا، پر چڱي ڀلي ٿيڻ بدران هن جي بيماريءَ جي صورت تيئن وڌيڪ خراب ٿيندي ويئي. هوءَ ٻارهن سال ان بيماريءَ ۾ ورتل هئي، ۽ هاڻي ان مان ڇٽڻ جي هن اميد ئي لاهي ڇڏي هئي.

پر هتي ڪفرنحوم ۾ هن يسوع جو نالو ٻڌو هو. جڏهن ماڻهن امنگ ۾ پرجي يسوع جي عجيب ڪمن جون ڳالهيون ٿي ڪيون، تڏهن هن جي دل ۾ آس جو ڏيئو چمڪاٽ ڪري ٻري ٿي پيو. ڪيئن هن فالج ۾ ورتل ماڻهوءَ کي چڱو ڀلو ڪيو هو جنهن کي ڇت مان رسين تي هن جي اڳيان هيٺ لاٿو ويو هو. ڪيئن هن هڪ ڪوڙهيءَ کي به ڇٽائي ڇڏيو هو. جيئن جيئن اهي ڳالهيون هن مجبور عورت ٻڌيون ٿي، تيئن تيئن هن جي من ۾ اهو سوال اڀريو ٿي ته ڇا، هوءَ هن غريبن جي ساٿيءَ ۽ بيمارن جي دوست، ٻاجهاري يسوع کي ڪڏهن لهي نه سگهندي!

هن ڄاتو ٿي ته هوءَ هن سان ڳالهائي ڪانه سگهندي ۽ ڪيس ٻڌائي به نه سگهندي ته هن کي ڪهڙي تڪليف هئي. ته پوءِ هن جي پڇائن ڪرڻ ۽ هن کي ڳولي لهڻ مان ڪهڙو فائدو!

”پر مون کي ڀروسو آهي ته جيڪڏهن آءُ فقط هن جي چوغي جو ڪو پلاند يا رڳو هن جي ڪڙتي جي ڪا وٽ ڇُهي وٺان، ته به آءُ ٺيڪ ٿي ويندس،“ مائيءَ سوچيو. ”چون ٿا ته هو ايترو ته چڱو ايترو ته عجيب آهي، جو هن کي ڳالهه ڪري ٻڌائڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. هن کي خبر پوي نه پوي، پر هڪ ڀيرو هن کي آءُ رڳو هٿ لائي سگهان، منهنجي لاءِ اهو ڪافي ٿيندو ۽ آءُ هوند اوڏيءَ مهل چڱي ڀلي ٿي پوان!“

ائين، ياڻير سان گڏ جيئن يسوع وڃي رهيو هو تيئن هيءَ مائي به ماٺ ماٺ ۾ ماڻهن جي انبوهه ۾ گهڙي ويئي. هن يسوع جي منهن جي چمڪ ڏسي ورتي هئي ۽ ڪيس پڪ ٿي ويئي هئي ته هو ضرور سندس واهر ڪندو. هوءَ سرندي سرندي ماڻهن جي گوڙ جي وچ ۾ وڃي پهتي، ۽ جيئن پوءِ تيئن

هن جي ويجهو ٿيندي ويئي. جڏهن هوءَ هن جي بلڪل پرسان اچي بيٺي، تڏهن هن جي دل تڪي تڪي هلڻ لڳي. هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ هن جي ڪپڙن جي وٽ کي ڇهڻ لاءِ اڳتي وڌايو.

۽ جيئن ئي هن ان کي ڇهيو تيئن ئي هن سمجهيو ته هن کي ڪجهه ٿي ويو هو ۽ هوءَ نيڪ ٿي ويئي هئي. هن جي بُت ۾ هڪ قسم جو ڦيرو اچي ويو ۽ هوءَ پاڻ کي بهتر محسوس ڪرڻ لڳي. هن کي هاڻي ڪا به تڪليف ڪانه هئي. هوءَ حيرت ۾ پرجي ويئي، ۽ هن جي روم روم مان شڪر گذاريءَ جا اڌما ۽ دعائون نڪرڻ لڳيون. هن ڪوشش ڪئي ته هوءَ اتان ماٺ ماٺ ڪري، نڪري، پنهنجي گهر هلي وڃي.

پر يسوع بيهي رهيو ۽ چوڌاري نهارڻ لڳو. "ڪنهن مون کي هٿ لاتو؟" هن چيو.

"مون ڪونه لاتو" هڪڙي چيو.

"نه وري مون ئي لاتو"، ٻئي چيو.

"سائين، اوهان ڇا ٿا چئو؟ اوهان کي ڪنهن هٿ لاتو؟" پطرس چيو. "پنهنجي چوڌاري ماڻهن جا انبوهه ڏسو اهي اوهان تي ڳاهٽ پيا ٿين، اوهان جي ڪپڙن سان هر وقت انهن جا ڪپڙا پيا گسن، ۽ هنن جو بت سدائين اوهان سان پيو لڳي. هتي ته سوين ماڻهن اوهان کي هٿ لاتو آهي!"

پر يسوع کي خبر هئي ته هڪڙي ڪنهن هن کي خاص مقصد سان هٿ لاتو هو ۽ هن پنهنجي من ۾ پنهنجي پيار ۽ چڱائيءَ جي اٿل محسوس ڪئي هئي. هڪڙي ڪنهن کي هن جي ذات ۾ سمائتا گهربي هئي، ۽ ان جي گهرڻ ڪان سواءِ ئي اها ان کي ملي ويئي هئي. اهو ڪير ماڻهو هو؟

يسوع چوڌاري پنهنجي ويجهي بيٺل سيني ماڻهن کي ڏٺو هن جون اکيون انهن جي چهرن ۾ ڪپنديون رهيون. يائير سندس پاسي ۾ بيٺو هو هن جي دل اون ۽ ادڪي ۾ ڦاٽي ٿي، ڇاڪاڻ ته هن بيحد چاهيو ٿي ته هو تڪڙو تڪڙو سندس گهر هلي، نه ته وقت گذري ويندو ۽ دير ٿي ويندي.

جنهن عورت يسوع کي هٿ لاتو هو تنهن هن جون اکيون پاڻ تي کتل محسوس ڪيون ۽ هوءَ اڳيان وڌي آئي ۽ هن جو سڄو بت ڦرڪي رهيو هو. هوءَ هن جي آڏو گوڏن ڀر ڪري پيئي ۽ ٿاڌي جهيڻي آواز ۾ هن کي پنهنجي بيماريءَ جو

ٻڌايائين، ۽ اهو به هن کي ٻڌايائين ته ڪيئن اها هاڻي ڪيس ڇڏي ويئي هئي. ڇو جو هن ڏجي ڏجي، پر هن ۾ ڀروسو رکي، هن جي ڪپڙي کي هٿ لاتو هو.

"مون کي خبر هئي ته آءٌ ٺيڪ ٿي وينديس". هن چيو. "مون کي اها خبر هئي ۽ آءٌ هاڻي ٺيڪ آهيان."

يسوع هن ڏانهن پنهنجون ٻاجهاريون اکيون کڻي نهاريو. هو خوش هو ته ڪنهن جو هن ۾ ايڏو ايمان هو! "ڌيءَ"، هن چيو "چاڪاڻ ته تو مون ۾ ايڏو ڀروسو رکيو، انهيءَ ڪري تون چڱي ڀلي ٿي وئينءَ. تون ڀلي سلامت هجين، هاڻي تون وڃ، توکي اها بيماري وري ڪانه ٿيندي."

جيئن هن پئي ڳالهايو. تيئن يائير هن جي پر ۾ بيٺو دل ۾ ڪاهي رهيو هو، ۽ اتي ئي ماڻهن جي گوڙ کي چيريندا، يائير جا ماڻهو "يائير، يائير" ڪندا، ڏانهنس وڏندا پئي آيا. يائير هنن کي ڏٺو ۽ هن جي دل ويهي ويئي، چاڪاڻ ته انهن جي اکين مان ئي هو سمجهي ويو هو ته انهن هن لاءِ خراب خبر آندي هئي.

"سائين"، نيايي آٽينڊڙن چيو جيڪي يائير جي گهران آيا هئا، "هاڻي يسوع کي وڌيڪ تڪليف نه ڏي، تنهنجي ننڍڙي خدا کي پياري ٿي ويئي!"

پيءُ جڏهن اها خبر ٻڌي، تڏهن هن جي دل ڇيهون ڇيهون ٿي ويئي، پر يسوع هن ڏانهن منهن ڪري چيو: "ڏپ نه ڪر، ڀروسو رک."

يسوع يائير سان هن جي گهر ڏانهن وڏندو رهيو. ماڻهن جو انبوهه به هنن جي پٺيان لڳو آيو. نيٺ هو اتي پهتا، ۽ يسوع بيهي، ماڻهن ڏانهن منهن ڪري، انهن سان ڳالهايو.

"وڌيڪ اڳتي نه اچو!" هن چيو. پوءِ هن يعقوب ۽ هن جي ڀاءُ يوحنا ۽ پطرس کي سڏيو ۽ انهن کي ساڻ وٺي، يائير سان گڏ اندر هن جي گهر ويو.

جيئن هو اندر گهڙيا، تيئن هنن ڏاڍي روح راڙي ۽ ماتم جو آواز ٻڌو. ان زماني ۾ اهو رواج هوندو هو ته پيسن تي ماتمي وٺي ايندا هئا، جيڪي مئل ماڻهوءَ لاءِ تڏي تي ويهي، روئندا ۽ روح راڙو ڪندا ۽ پٽيندا ۽ ماتم ڪندا هئا. يائير جي گهر ۾ اهي مزوريءَ وارا ماتمي پهچي ويا هئا ۽ اهي هن جي ڇوڪريءَ لاءِ روئي رڙي ۽ گهر کي مٿي تي کڻي رهيا هئا.

يسوع کي اهو شور نه وڻيو. هو ڇوڪريءَ جي مٿان بيهي رهيو ۽ ڇوڪريءَ جي ماءُ سان ڳالهايائين. هيترو هيءُ شور اوهين ڇو ٿيون ڪريو؟" هن پڇيو. "ڇوڪري مئي ناهي، ستي پيئي آهي."

اِهو ٻڌي، سيئيي هن جي ڳالھ تي کلڻ لڳا. ڇاڪاڻ تہ هنن ڄاتو ٿي تہ ٻار مري ويو هو. يسوع انهن سڀني کي گھر مان ٻاهر اماڻي ڇڏيو ۽ ٻار جي ماءُ پيءُ ۽ پنهنجن ٽن پوئلڳن سان اتي ڇوڪريءَ جي بستري سان لڳي، هو بيهي رهيو ۽ ڪيترو وقت ائين هو اتي بيٺو رهيو.

هن ٻارڙيءَ جي اکين ۾ ڏٺو جيڪا سنئين نئين ٿي اتي پيئي هئي. هن جون اکيون بند هيون ۽ هن ۾ ڪا بہ چرپر ڪانہ هئي. هن جي ماءُ آهون پئي پريون، ۽ غم جو ماريل پيءُ جنهن جو منهن پيلو ٿي ويو هو هن جي پاسي سان بيٺو هو.

يسوع پنهنجو هٿ وڌايو ۽ ٻار جو هٿ کڻي پنهنجي هٿ ۾ ورتو. "ننڍڙي نينگر"، هن چيو. "آءٌ تو توکي چوان تہ مون ڏي نهار ۽ اٿي ويھ!"

۽ ننڍڙي نينگر اکيون کوليون، اٿي ويهي رهي، ۽ بسترو ڇڏي، هلڻ لڳي ۽ عجب ڪائڻ لڳي، جو سڀڪنهن حيرت سان ڪيس جوھ وجهي پئي ڏٺو. پوءِ هن جي ماءُ پيءُ هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڪنيو ۽ هو هن کي ڀاڪيون پائڻ لڳا. هنن کي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ هوءَ ڪا جيئري هئي، ۽ ساٿن منهان منهن پئي ڪليائين ۽ ڳالهايائين.

هيءَ ڳالھ متان ڪنهن سان ڪريو"، يسوع يائير کي چيو. پوءِ هن نينگر جي ماءُ ڏانهن ڏٺو. "پنهنجي هن ٻارڙيءَ کي ڪا شيءِ ڪائڻ لاءِ آڻي ڏي"، هن چيو ۽ اهو ٻڌي، هوءَ خوشي ۾ ٽڙي پيئي. ۽ سچ پچ تہ جيتري خوشي هن انهيءَ گھڙي ڏٺي، جڏهن هن جي ڌيئڙيءَ اکيون کوليون هن ڏانهن نهاريو هو اهڙي خوشي سڄي زندگيءَ ۾ هن ڪڏهن ڪانہ ڏٺي هئي.

## 31 : ڇوڪرو، جنهن وٽ لولا ۽ پڪل ڪرڙيون هيون

يسوع ۽ هن جي ساٿين جي چوڌاري هر روز ايترا تہ ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا، جو ڪڏهن هنن کي کاڌي کائڻ جو بہ وقت نہ ملندو هو.

"اچ اسين ڪجھ وقت ڪنهن پاسائينءَ جڳھ تي هلي ٿا ويهون"، يسوع چيو. "اهڙي جڳھ، جيڪا پري هجي ۽ نويڪلي هجي، جتي اسان کي ڪجھ سانتيڪائي ۽ آرام ملي سگھي، ۽ جتي آءٌ اوهان سان خلاصو ڳالهائي سگهان، ڇاڪاڻ تہ اوهان کان موڪلائي وڃڻ کان

اڳ، ڪيترين اهڙين ڳالهين اچا آهن، جيڪي آءٌ اوهان کي سيکارڻ گهران ٿو."

يسوع ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ساٿين سان پنهنجي موڪلاڻيءَ جون ڳالهيون بہ ڪندو هو جنهن تي هو ڏاڍا مايوس ٿيندا هئا ۽ ڏک ۾ پرجي ويندا هئا. پر يسوع کي خبر هئي تہ هن جا ڪيترائي دشمن هئا، ۽ اهي هڪ نہ هڪ ڏينهن هن کي ضرور گرفتار ڪندا ۽ ممڪن هو تہ انهن جي هٿان هو شهيد بہ ٿي وڃي. ۽ ان کان اڳ ضروري هو تہ جو ڪجھ هن کي سيکارڻو هو، اهو پنهنجن ساٿين کي هو پوريءَ طرح سيکاري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ پوءِ جڏهن هو کين ڇڏي وڃي، تہ هن جي غير موجودگيءَ ۾ ڪو هڪڙو تہ انهن ۾ اهڙو هجي، جيڪو سندس شروع ڪيل ڪم جي پوئواري ڪري سگهي، ۽ ان کي اڳتي وٺي اچي!

يسوع کي هيءَ خبر ملي هئي تہ سندس سؤٽ بپتسمائي يوحنا، کي تازو شهيد ڪيو ويو هو ۽ ان خبر تي هن کي بيحد صدمو رسيو هو ۽ ڏاڍو ڏک ٿيو هو. هو ماڻهن جي گوڙ کان ڪجھ وقت پري رهڻ لاءِ تانگهي رهيو هو تہ جيئن ڪجھ وقت هو پنهنجي منهن سوچي ويچاري سگهي ۽ پنهنجي خدا کان دعائون گهري سگهي، ۽ ساڻس گڏ رڳو سندس ساٿي هجن.

"يلا، بيت صيدا ڏانهن هلون؟" پطرس پڇيو. هو اتي جو ڄاول هو ۽ ان جي آسپاس کان چڱيءَ طرح واقف هو. ان جي گهٽي پسگردائي نويڪلي ۽ غير آباد هئي، ۽ اها ڏاڍي سهڻي ۽ وٽندڙ هئي. ان کان پرڀرو چوڌاري، رڳو ننڍڙا ڳوٺڙا هئا، ۽ ان پٽ ۾ يسوع کي هڪ بہ ڏينهن پورو آرام ملي سگهيو ٿي.

اٿين هو هڪڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اوڏانهن روانا ٿيا، ۽ گليليءَ جي سمنڊ تان هاڪاريندا اوڏانهن ويا، ۽ نيٺ ان پٽ تي اچي لٿا، جيڪو پطرس جو ڏٺل وائٺل هو. اهو پٽ سچ پچ ڏاڍو سهڻو پٽ هو ۽ ان جو نظارو اهڙو ٿي وٽندڙ هو جهڙو وٽندڙ ڪو نظارو ٿي سگهيو ٿي.

"پاڻ ٽڪرين تي چڙهي، مٿي هلنداسين"، يسوع چيو. پوءِ هنن ٻيڙيءَ جو پڳھ ٻڌو ۽ سائي گاھ سان ڍڪيل ۽ گلن سان ڇانيل ٽڪرين تان چڙهندا، هو اڳتي هلڻ لڳا ۽ نيٺ هڪڙي اهڙي هنڌ وڃي ويٺا، جتان هنن جي سامهون

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

سمنڊ جو ۽ ڏورانهين ٽڪرين جو هڪ ڀرپور دل لڀائيندڙ نظارو وڇيو پيو هو.

پر ڪيترن ئي ماڻهن يسوع کي پنهنجن ساٿين سان ٻيڙيءَ ۾ ان پاسي ويندي ڏٺو هو ۽ اهي به اوڏيءَ ئي مهل سندن پنيان اوڏانهن سنبري نڪتا هئا! انهن وٽ پنهنجون ٻيڙيون تہ ڪين هيون.

سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي، پيرين پنڌ تہ هلي سگهيا ٿي، ۽ هلندي هلندي، يسوع وٽ پهچي سگهيا ٿي! هو پنهنجا بيمار مٽ مائٽ ۽ عزيز دوست بہ اوڏانهن نيئي سگهيا ٿي تہ جيئن يسوع انهن تي پنهنجي ٻاجهہ ۽ پيار جو هٿ رکي سگهي ۽ هو چڱا ڀلا ٿي پون.

ائين، سوين ماڻهو سمنڊ جي ڪناري سان، يسوع جي ٻيڙيءَ کي اکئين ڪيو، تکا تکا اڳتي وڌندا رهيا. انهن جي دل ۾ اهو ئي خيال هو تہ اها ٻيڙي آخر ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ پر اها خبر بہ ترت ئي انهن کي پئجي ويٺي هئي- جيتوڻيڪ ان لاءِ انهن کي سڄو ڏينهن ائين ڪناري سان پيرين پنڌ هلڻو هو. مائون پنهنجا کير پياڪ ٻالڪ ڪڇن تي ڪنيو پئي آيون ۽ سندن ڊوڙون پائيندڙ ٻار وري ساڻن گڏ پاسن کان ڊوڙندا ٿي هليا. مڙس ماڻهو وڏيون وڏيون وکون وجهندا اڳتي وڌندا رهيا، ۽ انهن مان ڪيترا پنهنجن بيمار دوستن کي، پٺيءَ تي، ڪلهن تي ۽ ڪتولن تي واري وٽيءَ سان ڪنيو ڪناري سان اڳتي هلندا ٿي رهيا.

جڏهن، اتان جي ڳوٺاڻن هيترا سارا ماڻهو بيت صيدا جي پسگردائيءَ ۾ رستن تي ويندي ڏٺا، تڏهن اهي حيرت ۾ پئجي ويا. گهرن مان ٻار ڊوڙندا ٻاهر نڪري آيا ۽ پڇڻ لڳا تہ ڪهڙي ڳالهہ هئي! هنن جو پٽ سدائين ايڏو نويڪلو ۽ سانتيڪو رهندو ٿي آيو. هاڻي، اوچتو هي ڇا ٿيو هو جو هيترا ماڻهو ان پاسي تکا تکا هلندا ۽ ڊوڙندا پئي آيا!

هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو سيني کان اڳ ماڻهن جي ائين ويندڙ هڪڙي ننڍڙي ٽولي وٽ پهتو. "ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" هن پڇيو. "اوهين سڀيئي ڇا لاءِ هيڏانهن پيا اچو؟ ڪجهہ ٿيو آهي ڇا؟"

"هتي ڪٿي، اوهان جي پٽ ۾ يسوع آيو آهي"، هڪڙيءَ عورت جواب ڏنو. "ڇا، اوهان يسوع بابت ڪجهہ نہ ٻڌو آهي؟ هو هر مرض مان ڇڏائي ٿو. هو سيني جو ساٿي آهي."

”هو بيمارن کي چڱو ڀلو ڪري ٿو ۽ مئلن کي جيئاري ٿو“. هڪڙي ٻار ڇوڪري کي چيو. ”هو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. ۽ هو اسان کي تمام سٺيون ۽ وڻندڙ ڳالهيون ٻڌائي ٿو.“

”تون اسان سان هل ۽ هلي هن جون ڳالهيون ٻڌ!“ ٻئي هڪڙي ڇوڪريءَ اڳتي وڌي چيو. ”هن جي ڪهڙي ڳالهه ڪري ڪهڙي ڪجي! هو شڪل جو تمام سهڻو ۽ سٻاجهو آهي، ۽ ٻار وٽس ويندا آهن ته انهن کي ڏاڍو ٻانئيندو آهي.“

”او شل آءٌ به هن وٽ هلي سگهان!“ ننڍڙي ڇوڪري جواب ڏنو.

”ڇو نه! وڃ ۽ وڃي پنهنجي ماءُ کان موڪلائي اچ!“ ٻين ٻارن هن کي چيو ۽ ڇوڪريءَ پنهنجي گهر ڏانهن منهن ڪري، وٺي ڊوڙ پاتي.

جڏهن هو ڊوڙندو ڊوڙندو گهر پهتو، ته هن جي ماءُ ڪم ۾ رڌل هئي.

”ڪهڙي ڳالهه آهي، پٽ؟“ هن جي ماءُ پڇيو.

”امي، اڄ هتي هڪڙو عجيب ماڻهو آيو آهي، ۽ هر ڪو هن جي ڏسڻ لاءِ پيو وڃي“. ڇوڪري چيو. ”آءٌ به وڃان؟ هيترا ماڻهو مون اڳي ڪڏهن به هتي ڪونه ڏٺا آهن. ڇو ته ٿا ته هيءُ ماڻهو اچرج جهڙا ڪم ٿو ڪري. امي، آءٌ به وڃان! ۽ هن کي وڃي ڏسان!“

هن جي ماءُ سندس منهن ۾ نهاري مرڪي ڏنو. ”هائو ڀلي تون وڃ“. هن چيو. ”پر ٿورو ترس ته تو لاءِ ڪي لولا پچائي وٺان ته اهي پاڻ سان کنيو وڃ. آءٌ توکي لولن سان گڏ به ڪي پڪل ڪرڙيون به ڏيان ٿي- اهي به تون کڻي وڃ.“

پوءِ هن جي ماءُ پنج لولا ۽ ٻه ننڍڙيون پڪل ڪرڙيون هڪڙي ٽپڙي ۾ وجهي، ۽ ڪپڙي ۾ ٻڌي، هن کي ڏنيون ۽ هن، ماءُ کي خدا حافظ چئي، وٺي ٽڪريءَ تان هيٺ ڊوڙ پاتي. هن جي آسپاس جا سڀ رستا ماڻهن سان پريا پيا هئا، ۽ رستن تي هن پنهنجي سانير ۾ ڪڏهن به ايترا ماڻهو ڪونه ڏٺا هئا.

هو به ماڻهن جي انهن انبوهن سان وڃي مليو ۽ هو سڀ هلندا هلندا هڪڙي گاهه سان ڍڪيل ٽڪريءَ جي وڏي ويڪري لهواري پٽ تي اچي پهتا، جتي يسوع پنهنجن ساٿين سان وڃي ويٺو هو. هن پري کان ماڻهن جا اهي انبوهه پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺا هئا ۽ ڄاتائين ٿي ته ان ڏينهن هن ايڪانت ۾ ويهي جيڪو آرام ڪرڻ چاهيو ٿي، اهو ڪيس ملي ڪونه سگهندو.

”هي ويچارا ماڻهو رڍن وانگر مسڪين ۽ هيٺا آهن، ۽ انهن جو ڪو ريڊار ڪونهي“، يسوع چيو ۽ انهن کي گڏجڻ لاءِ هو اڳتي وڌي ويو.

پوءِ يسوع ۽ سندس ساٿين جي ڪم جو اهو ڏينهن شروع ٿيو. ان ننڍڙي ڇوڪر ته پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙا عجيب ڪم ۽ اهڙيون حيرت ناڪ شيون ڪڏهن ڪين ڏٺيون هيون. هن ڏٺو ته يسوع جا ساٿي ماڻهن جي گوڙ ۾ اندر گهڙي ٿي ويا ۽ اتان بيمارن کي ڳولي ۽ ڪٺي يسوع وٽ ٿي آيا. ڇوڪرو به انهن سان گڏ وڌي اڳتي ويو ٿي، ۽ ڏسندو رهيو ته ڪيئن هن بيمارن کي ڇڱو ڀلو ٿي ڪيو. پوءِ جڏهن گهڻيءَ دير کان پوءِ، يسوع ويهي رهيو ۽ ماڻهن کي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو تڏهن ان ننڍڙي ڇوڪر اهي ڏاڍي چاهه سان ڪن ڏيئي ٻڌيون. پوءِ يسوع وڌي، پري ويٺل ماڻهن ڏانهن ويو جيڪي هوندئن ڪيس ٻڌي نٿي سگهيا. هيءُ ڇوڪرو به ماڻهن جي ڪچن هيٺان ۽ ٽنگن وچان لگهتون هٽندو اوڏانهن هن جي پٺيان ويندو رهيو ۽ جو ڪجهه ماڻهن هن کي ٻڌايو ٿي اهو هو سڀ ٻڌندو رهيو ۽ دل تي رکندو رهيو.

اهو ڏينهن هن ڇوڪري جو خاص ڏينهن هو. هڪ ته پنهنجي ننڍڙي، ماٺ ۾ ويڙهيل ڳوٺڙي مان نڪري، هڪدم ايترن سارن ماڻهن سان ملڻ ئي هن جي من کي چورڻ لاءِ ڪافي هو ۽ ٻيو ته هن جي خواب ۾ به اهو نه هو ته هڪڙو ڪو ماڻهو هڪ ئي وقت ايتريون حيرتناڪ شيون ڪڏهن ڏسي سگهيو ٿي! هو پاڻ سان ماني‌ءَ جي ڳنڍ ڪنيو هيڏانهن هوڏانهن هلندو رهيو پر هو ايترو ته خوش هو ۽ هن جو من ايتري ته ترنگ ۾ هو، جو هڪ ڀيرو به هن کي کاڌي جو خيال ڪونه آيو.

ائين سڄو ڏينهن گذري ويو ۽ سانجهي اچي ٿي. ماڻهو اهي ئي ويٺا رهيا ۽ يسوع کي ڏسندا رهيا ۽ هنن کي ٻڌندا رهيا، پر هاڻي هنن کي بک به لڳي هئي ۽ هو ڏاڍا ٿڪل ۽ ماندا ٿي ڏٺا. هو پري پري کان پنڌ ڪري آيا هئا ۽ هڪ گرنهه به ڪونه کاڌو هئائون.

”سائين“، يسوع جي ساٿين ويجهو وڃي، هن کي چيو ”ماڻهن کي هاڻي موڪل نه ڏيئي ڇڏيون، ته ڳوٺڙن ۾ وڃي پنهنجي لاءِ ڪو ماني ڳيي جو بندوبست ڪن!“

"توهين ئي هنن کي کائڻ لاءِ ڪجھ ڏيو"، يسوع چيو.

"هيترن ماڻهن کي کارائڻ لاءِ ٻن سون کان به وڌيڪ رپيا لڳي ويندا"، فلپس چيو جيڪو يسوع جي سيني ساٿين جا پئسا پاڻ وٽ امانت رکندو هو. "اوهين چئو ته انهن پئسن جو هنن لاءِ اتوءِ گوشت وٺي اچون؟"

"هتي ڪنهن وٽ ماني ڪانهي ڇا؟" يسوع پڇيو. "وڃو ۽ وڃي پڇا ڪريو!"

پوءِ يسوع جا ساٿي ماڻهن ۾ نڪري پيا، ۽ هر ڪنهن کان پڇندا ويا ته ڪنهن ڪا ماني آندي هجي، ته ورهائي کائجي. پر سڀ ماڻهو ڪنڌ سان نهڪر ڪندا ويا. جن ڪا ٿوري ماني ساڻ آندي هئي، اها هنن اڳي ئي کائي ڇڏي هئي، پر گهڻن ماڻهن ته ڪجھ ڪونه آندو هو. ماڻهن جي هيڏي ساري هشام ۾ ڪاڏي لاءِ ڪجھ به ڪونه هو.

"ڪنهن وٽ ڪا ماني آهي؟" ماڻهن جي انبوهن مان يسوع جي ساٿين جا اهي هوڪرا ۽ سڏ ٻڌبا رهيا. اهو سڏ نيٺ ان ننڍڙي ڇوڪر جي ڪنن تي به پيو ۽ هن کي پنهنجي ماءُ جو ٽپڙو ياد آيو. هن ڪپڙي جي ڳنڍ کولي، ٽپڙي ۾ ڏٺو ته ان ۾ پنج لولا ۽ ٻه پڪل ننڍڙيون ڪرڙيون رکيون هيون، جيڪي هن جي ماءُ ڪيس ان ۾ وجهي، بند ڪري ۽ ڳنڍ ۾ ٻڌي ڏنيون هيون.

جڏهن هن پاڻ وٽ اهي لولا ۽ ڪرڙيون ڏٺيون ته سمجهيائين ته اهو ته ايڏو گهڻو کاڌو ڪونه هو جو يسوع جي ساٿين کي اهو ڏجي يا ڏيکارجي. اهو هئو ئي ڪيترو ۽ کائي به ڪيترا کائيندا؟ ايتري ۾ ڇوڪري جي ڪن تي وري اهو سڏ پيو: "ڪنهن وٽ ڪا ماني آهي؟"

ڇوڪرو پوءِ ماڻهن جي ميڙ کي ڌڪيندو ۽ ان مان لنگهتون هٽندو وڃي يسوع جي ويجهي کان ويجهي بيٺل ساٿيءَ وٽ پهتو. "مون وٽ پنج لولا آهن"، هن چيو "۽ ٻه ننڍڙيون ڪرڙيون به پڪل آهن. ڪيئن، اهي ڪم اينديون؟"

يسوع جي ساٿيءَ ڇوڪري کي ٻانهن کان ورتو ۽ يسوع وٽ وٺي ويس. "سائين"، هن چيو "هيءُ هڪڙو ڇوڪرو آهي، جنهن وٽ پنج لولا ۽ ٻه پڪل مڇيون آهن."

ڇوڪرو جڏهن ان حيرتناڪ ماڻهوءَ وٽ روبرو پهتو، جنهن کي سچو ڏينهن هو پري کان ڏسندو رهيو هو تڏهن هن جي دل اڌما کائڻ لڳي. هو يسوع جي پر ۾ تي بيٺو ۽ ڪنڌ مٿي ڪٽي، اکيون ڦاڙي، هن کي ڏسڻ لڳو. يسوع هن جي منهن ۾ نهاري مرڪيو ۽ پنهنجي هٿ سان هن کان ٽپڙو ورتائين.

"مون کي بس ايتري جي ئي گهرج هئي،" هن چيو. پوءِ هن پنهنجن ساٿين سان ڳالهايو.

"ماڻهن کي چئو ته پنجاهه پنجاهه جون ڇلنگيون ٺاهي ويهن ته جيئن هنن کي سولائيءَ سان کارائي سگهون"، هن چيو. ۽ پوءِ يسوع جا ساٿي ماڻهن جي وچ ۾ ويا ۽ انهن کي ائين ئهي ويهڻ لاءِ چيائون. پوءِ انهن مان ڪي قطارن ۾ ئي ويٺا ۽ ڪي گول ٺاهي ويٺا. ڇوڪرو حيرت ۾ هو ته يسوع هاڻي ڇا ڪندو!

پوءِ يسوع ٽپڙي مان لولا ڪڍيا ۽ انهن کي پڳائين. هن پوءِ اکيون کڻي آسمان ۾ ڏٺو ۽ مانيءَ جي دعا گهريائين. پوءِ هو اهي لولا ائين ڀڃندو پنهنجن ساٿين کي ڏيندو ويو. ائين هن ٻن ڪرڙين کي ٻه ورهايو. هن جا ساٿي، پوءِ هڪڙي جي پنيان هن کي اها "ماني ۽ مڇي" وٺڻ ايندا رهيا. ۽ يسوع جا هٿ اهي ئي پريل رهيا. ۽ هو انهن کي ماني ۽ مڇي ڏيندو رهيو. ائين هو مانيءَ کي ڀڃيندو رهيو. مڇيءَ کي ورهائيندو رهيو. ۽ ننڍڙو ڇوڪرو حيرت ۾ حيران، اتي بيٺو رهيو ۽ هن کي ڏسندو رهيو- حياتيءَ ۾ ان کان اڳ هن ڪڏهن به ايڏي اچرج جهڙي ڳالهه ڪانه ڏٺي هئي.

هن جي مڇي ۽ ماني هئي، جا ڪٽي ئي ڪانه ٿي! يسوع اها ڏيندو ئي رهيو ڏيندو ئي رهيو ۽ هن جا ساٿي اها ڪٽي، بکايل ماڻهن جي ٽولين پٺيان ٽولين کي ڏيندا رهيا. اهي سائي گاهه سان ڍڪيل ان ٽڪريءَ جي لهواري پٽ تي ڪي پنج هزار اهڙا ماڻهو هئا، پر انهن مان هڪ هڪ ماڻهوءَ کي ماني مڇي ملي چڪي هئي.

ننڍڙي ڇوڪري کي به پنهنجو ڀاڱو مليو. پوءِ هو ويهي رهيو ۽ ويهي کائڻ لڳو ۽ سڄو وقت عجب کائيندو رهيو ته هيءُ ڇا پئي ٿيو! "اميءَ لولا پچايا ۽ مون ننڍڙيون به مڇيون ڦاسايون" هو ويچاريندو رهيو. "۽ هن ماڻهوءَ يسوع اهي هٿ ۾ ڪٽي، انهن مان ايتري "ماني مڇي" ڪئي، جو هي سڀ ماڻهو اها کائي ڍؤ ڪري اٿيا! جڏهن اها ڳالهه اميءَ کي ٻڌائيندس ته هوءَ ڇا چوندي؟ هوءَ منهنجي

ڳالهه تي ويساهه ئي ڪانه ڪندي. آءٌ ڪيڏو نه خوش آهيان ۽ مون کي فخر آهي، جو منهنجي "مچي ماني" هي سيئي ماڻهو کائي ويچي متي چڙهيا. شل منهنجي اميءَ جي پڪل ماني هنن کي وڻي هجي!"

يسوع ۽ هن جي ساٿين به ماني کاڌي. ڇوڪري لڇي لڇي ٽيندي، هنن سان ڳالهايو: "منهنجي امڙ اهي لولا پچايا هئا. ۽ مون پاڻ سمنڊ مان اِهي مڇيون ماريون هيون!"

"هائو انهن کان سواءِ مون کان ڪجهه به نه ٿي سگهي ها. " يسوع سچ پچائيءَ مان چيو ۽ ڇوڪري ۾ نهاريندي، هن جي اکين ۾ پيار ۽ خوشيءَ جي چمڪ اچي ويئي.

پوءِ جڏهن سيئي کائي اٿيا ته ڏٺائون ته سڄو پٽ مڇي جي ڪنڊن ۽ مانيءَ جي ڀورن سان ڇانيو پيو هو. يسوع پنهنجن ساٿين کي اٿاريو ۽ ڇوڏاري انهن ڪنڊن ۽ ڀورن جي گڏ ڪرڻ لاءِ چيو. ٽڪريءَ جي ان سهڻي پٽ کي خراب حالت ۾ ڇڏڻو نه هو ۽ قدرت جي ڪا به شيءِ زيان ڪرڻي ڪانه هئي. ڇوڪري به ان ڪم ۾ هنن جي مدد ڪئي، ۽ هو اهي ڪنڊا ۽ ڀور چونڊي چپوٽي پنهنجي ٽٻڻي ۾ وجهندو ويو. جڏهن سڀ ڪنڊا ۽ ڀور چونڊجي ويا، تڏهن ڇوڪري ڏٺو ته انهن مان سڄيون ساريون ٻارنهن ٽوڪريون ڀرجي ويون!

"هيءَ ته ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي"، ڇوڪري سوچيو. "مون ته پنهنجي ماني فقط هڪڙي ٽٻڻي ۾ وجهي آندي هئي - ۽ هاڻي رڳو ان جي ڪنڊن ۽ ڀورن سان ئي هي ٻارهن ٽوڪريون ڀرجي ويون آهن."

ان رات، گهر تائين پهچندي پهچندي، هو ڏاڍو ٿڪجي پيو هو. پر هو دل ۾ ڏاڍو خوش هو. گهر جي در تي پهچڻ سان هن ونئي ڊوڙ پاتي ۽ وڃي ماءُ سان ڀاڪي پائي مليو. هن جي ماءُ سمجهي ويئي ته ڪا ڳالهه ضرور ٿي هئي، ڇاڪاڻ ته ڇوڪري جون اکيون خوشيءَ ۾ ٽڙيءَ رهيون هيون.

"امي، لولا جيڪي تو پچايا ۽ مڇيون جيڪي مون ماريون، اهي هزارن ماڻهن کاڌيون ۽ اهي کائي انهن کي ڍؤ ٿي ويو"، ڇوڪري چيو. "ٻڌ، امي، آءٌ تو توکي ٻڌايان- اڄوڪو ڏينهن منهنجي حياتيءَ جو سڀ کان سڀاڳو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان سٺو ڏينهن هو!"

# 32 : يروشلم ڏانهن ويندي...

توڙي جو يسوع سان هزارين ماڻهو پيار ڪندا هئا ۽ هو جيڏانهن ويندو هو اوڏانهن ماڻهن جا انبوهه هن جي پٺيان هوندا هئا، تہ بہ ڪيترا اهڙا ماڻهو هئا، جن جو هن سان حسد هوندو هو ۽ اهي هن کي ڌڪاريندا هئا. اهي مک ماڻهو هوندا هئا، جيڪي دين جي ڳڻڻ کان ٻاهر قانونن جا وڏا ڄاڻو هئا.

اهي هن سان انهيءَ ڪري حسد ڪندا هئا، جو عام ماڻهو سندن وڏيءَ ڄاڻ پرپل، وڏين تقريرن ٻڌڻ بدران هن جي سنون سڌن تورن لفظن ۽ سڌين سادين تورين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ هن وٽ وڃي ڳاهٽ ٿيندا هئا. اهي هن تي انهيءَ ڪري ڪاوڙيل هوندا هئا، جو هو سندن شريعت يا ديني قانون جي ننڍين ننڍين ۽ خسيس پابندين جو خيال نہ ڪندو هو.

پر هو هن تي سڀ کان وڌيڪ انهيءَ ڪري ڪاوڙيل هوندا هئا، جو سندن نيڪ ۽ شريف هجڻ جي دعويٰ جي ڍونگ کي هو ڄاڻندو هو ۽ ڏيکاري سگهندو هو تہ هو سچ پچ ڪوڙا ۽ خودغرض هئا.

انهن کان گهڻا وڏي شهر يروشلم ۾ رهندا هئا، جتي خدا جو گهر نهيل هو. يسوع اتي سلامت نہ هو- پر هن محسوس ڪيو تہ وقت آيو هو جو هو ان شهر ۾ وڃي ۽ وڃي خدا جو ڪلام ماڻهن کي ٻڌائي. ممڪن هو تہ اتان جا ماڻهو ڪيس ٻڌن - ۽ افسوس! هي بہ ممڪن هو تہ اتان جا شرعي عالم، ربي ۽ مهنت، جيڪي ڪيس ڌڪاريندا هئا، اهي موقعو ڳولي، هن کي گرفتار ڪرائين ۽ سزا ڏيارين!

يسوع پنهنجن ساٿين سان، پوءِ، يروشلم ڏانهن روانو ٿيو. يروشلم ڏانهن ويندڙ رستو ڊگهو هو ۽ رستي سان ويندي ويندي، هميشہ وانگر، يسوع جي چوڌاري ماڻهن جا انبوهه اچي تي گڏ ٿيا. جيڪي بيمار هئا، انهن هن کي چڱي ڀلي ٿيڻ لاءِ چيو تي. ڪيترن هن کان سوال تي پڇيا، جن جي جواب ۾ هن ڪيئي آسان ۽ وڻندڙ ڳالهيون تي ٻڌايون ۽ ڪيترا، جيڪي ڪنهن ڏک ۽ تڪليف ۾ هئا، انهن کي هنن مدد تي ڪئي. جن هن کي ڪن لائي ٻڌو تي، انهن کي هن وعظ تي ڪيو ۽ ماڻهپي جي راهہ تي هلڻ جي هدايت تي ڪئي.

يروشلم ڏانهن ويندي، يسوع ۽ هن جي ساٿين رستي ۾ ڪيئي ٻيا مسافر ڏٺا، جيڪي پڻ اوڏانهن، ڪنهن جشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. ۽ سچ پچ، ڪو موقعو ئي اهڙو هو جو ايترا ته گهڻا ماڻهو اوڏانهن وڃي رهيا هئا، جو رات جو سمهڻ لاءِ، رستي جي ڳوٺن ۾، مشڪل سان ڪنهن کي ڪا جاءِ ملي ٿي سگهي.

هڪ رات چا ٿيو جو يسوع پنهنجن ساٿين کي اڳوات هڪڙي ننڍي ڳوٺ ۾ موڪليو ته اتي رات گذارڻ لاءِ ڪا جاءِ هٿ ڪري سگهن. پر هيءُ ڳوٺ سامريه جي علائقي ۾ هو ۽ اتي جا رهندڙ سامري لوڪ گليل جي علائقي جي ماڻهن کي پسند ڪونه ڪندا هئا.

”اسين يروشلم جا مسافر آهيون“، يسوع جي ساٿين چيو. ”ڇا، اوهين اسان کي رات جا چار پهر اجهو ڏيئي سگهندا؟“

”نه“، هڪڙي سامريءَ شوخيءَ سان چيو ”نه ٿا ڏيئي سگهون.“

”اسين اوهان کي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏسڻ به نٿا گهرون“، انهن مان ٻئي چيو.

”اسين پاڻ وٽ اوهان جهڙن ماڻهن کي اجهو نه ڏيندا آهيون“، منجهانئن ٽئين چيو.

يسوع جا ساٿي هنن جي هن بي مروت روش تي ڏاڍا ناراض ٿيا، ۽ تڪا تڪا موٽي يسوع وٽ آيا ۽ اچي هن سان شڪايت ڪيائون ته سماري لوڪ ڏاڍا ڪي نالائق ماڻهو هئا، بلڪ هو ته ڪي حيوان هئا!

”سائين، هو ته چون ٿا ته هو اسان کي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏسڻ به نٿا گهرن!“ هنن ڪاوڙ جي انداز ۾ چيو.

”هنن کي اها خبر ئي ڪانهي ته هو ڪنهن کي موٽائي رهيا آهن“، جيمس دڙڪي جي آواز ۾ چيو.

”سائين، هنن کي ڪا سيکت ملڻ کپي!“ يوحنا رڙ ڪري چيو. ”هنن کي اهڙي ڪا پِٽ هڻو جو آسمان مان باهه مٿن اچي ڪري، ۽ هي واهيات قسم جا ماڻهو ڀسم ٿي وڃن.“

يسوع هنن پنهنجن غصي ۾ ڀريل ساٿين جي منهن ۾ ڏاڍيءَ ڏکويل دل سان نهاريو. ڇا، هي ڪانئس ايترو ڪجهه به نه سکي سگهيا آهن، جو

ڪانئس اهڙيءَ ڳالھ جي اميد رکن ٿا، جا هڪ ڪروڙ ۾ تيسي ۾ ورتل پار بہ هوند نہ ڪري سگھي!

"اهو سوچ جو صحيح رستو نہ آهي"، هن پنهنجن ڪاوڙيل ماڻهن کي چيو. "اوهين تہ چاڻو ئي ٿا تہ آءٌ ماڻهن جون حياتيون بچائڻ آيو آهيان، نہ برباد ڪرڻ! هن ڳوٺ ۾ اسان لاءِ آرام ناهي، تہ پاڻ ٻئي ڳوٺ ڏانهن ٿا هلون!"

۽ هو اتان ڦري، ٻئي ڳوٺ ڏانهن هليا ويا. يسوع جا ساٿي پاڻ ۾ ان ڳوٺ جي سامرين بابت گھڻو ڪجھ ڳالھائيندا رهيا، ۽ چوندا رهيا تہ سڀ سامري لوڪ نالائق آهن ۽ ڌڪارڻ جوڳا آهن. هنن جي نظر ۾ سڀ سامري خراب هئا، ۽ بلڪل حق تي هر ڪنهن هنن سان نفرت ٿي ڪئي ۽ ڪنهن بہ هنن کي چڱو نٿي سمجھيو.

يسوع کي هنن جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇا، سامري لوڪ سڀ خراب هئا، جيئن هنن سمجھيو ٿي! هيءَ ڪهڙي نہ چرپائيءَ جي ڳالھ هئي، جو سيني ماڻهن جي خلاف فيصلو ڏيئي ڇڏجي ۽ چئجي تہ اهي سڀ خراب هئا! يسوع هن سوال تي ڏاڍو ويچار ڪيو ۽ پوءِ ان بابت پنهنجا خيال هڪڙيءَ ننڍڙي ڳالھ جي صورت ۾ پنهنجن ساٿين کي ٻڌايائين، جيڪا اوهان کي بہ ضرور ٻڌڻ گھرجي.

اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪڙو تمام ڏاهو ماڻهو جيڪو دين جو وڏو عالم هو ننهن، آزمائڻ لاءِ يسوع کان ڪيئي آڏا ابتا سوال پڇڻ شروع ڪري ڏنا. هن ڇا ڪيو جو ماڻهن جي وڏي انبوھ جي آڏو اٿي بيٺو تہ جيئن يسوع جيڪي ڪيس جواب ڏئي، سي اهي سڀ ٻڌي سگھن. هو اٿين سوال پڇندو رهيو ۽ يسوع هن کي جواب ڏيندو هو ۽ نيٺ جڏهن هو گھڻا سوال پڇي چڪو تڏهن يسوع بہ ڪانئس هڪڙو سوال پڇيو.

"تون، برابر، خدا جي قانون بابت سڀ ڪجھ ڄاڻين ٿو ۽ جو ڪجھ ان ۾ لکيل آهي اهو بہ ڄاڻين ٿو. هاڻي، تون مون کي ٻڌاءِ تہ ان ۾ تنهنجي خيال موجب مک ڳالھ ڪهڙي آهي؟"

ان ماڻهوءَ هڪدم جواب ڏنو- "خدائي قانون چوي ٿو تہ اسان کي خدا سان پيار ڪرڻ گھرجي- پنهنجي پوريءَ دل سان، پنهنجي پوري روح

سان، پنهنجي پوري من سان ۽ پنهنجي پوريءَ طاقت سان: ۽ اسان کي پنهنجي پاڙيسريءَ سان ائين ئي پيار ڪرڻ گهرجي، جيئن اسين پنهنجي پاڻ سان پيار ڪريون ٿا.“

”برابر، تون سچو آهين“، يسوع چيو. ”بس، تون ائين ئي ڪر، ته تون خدا سان ۽ خدا تو سان هوندو.“

پر ان ماڻهوءَ وٽ هڪڙو سوال اجا به پڇڻ لاءِ هو. ”۽ ڪير آهي منهنجو پاڙيسري؟“ هن پڇيو. ”اِهو ته تون به مون کي ٻڌاءِ!“

پوءِ يسوع هن کي هڪڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪري ٻڌائي، جيڪو ڦرجي ويو هو. ۽ هيءَ آهي اها ڳالهه.

# 33 : نيڪ سامريءَ جي ڳالهه

”هڪڙو ڪو ماڻهو هو“، يسوع چيو ”جيڪو هڪڙي پيري ويران جبلن جي پاسي کان رستو وٺيو يروشلم کان يريحو ڏانهن پئي ويو....“

جيئن هو ويو پئي ته ڦورن جي هڪڙي ٽولي، جيڪي جبلن جي ڪنهن چر ۾ لڪا ويٺا هئا، هن کي ڏسي ورتو ۽ اوچتو اتان نڪري اهي هن تي اچي ڪڙڪيا، ۽ هن کي ڪٽي جهليائون. هنن هن جي رڙين جي ڪا پرواهه ڪانه ڪئي، ڇاڪاڻ ته ڪو به اتي هن کي ٻڌڻ وارو ڪونه هو ۽ ڪو به هن کي مدد ڪرڻ وارو ڪونه هو.

ڦورن جهٽ ۾ هن جو سمورو سامان هن کان ڦري ورتو. ”هاڻي، ڪپڙا به ڏا ڪسيونس“، هنن چيو ۽ سڀ ڪپڙا هن جا هڪ هڪ ڪري، هنن لهرائي ورتا. پوءِ هن کي بيهي مارڻ لڳا. ۽ ماري ماري، اڌ مئو ڪري، هن وٽ جو ڪجهه هو سو سڀ ڪٽي، هو هليا ويا.

مسافر کي ڏاڍا ڌڪ لڳا هئا ۽ هو سخت ڦٽجي پيو هو. هو هلي ئي نٿي سگهيو. ائين هو بيوس رستي تي ڪريو پيو هو ۽ ستي ستي، ڪنجهيو پئي ۽ ڪوڪون پئي ڪيائين. هن جي مٿي مان رت پئي وهيو ۽ سڄو بدن هن جو چور هو. هو اڌ مئو اڳي ئي هو ۽ جيڪڏهن ڪا ترت هن کي مدد ملي نٿي سگهي ته سج لهڻ کان اڳ هن جو موت يقيني هو.

ائين اوچتو هن پري کان ڪنهن جي پيرن جو آواز ٻڌو ۽ دل ۾ آس جاڳيس. هن مٿو کڻي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪير هو جو اتان پئي آيو. ۽ جڏهن ڏٺائين ته هڪڙو ربي هو جيڪو ڏانهنس پئي آيو تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڪ ٿيس ته هو ضرور سندس مدد ڪندو.

هن وانگر ربي به يروشلم مان ئي موٽيو هو جتي هو ”خدا جي گهر“ جي زيارت لاءِ ۽ پنهنجن ديني فرضن جي ادا ڪرڻ لاءِ ويو هو. ربي جيئن اڳتي آيو تيئن مسافر جون دانهون ٻڌائين ۽ ويجهو ايندي ڏٺائين ته هو رستي جي وٽ سان پيو هو ۽ رت ڳاڙي رهيو هو.

پر ربيءَ رستي جو اهو پاسو ڇڏي هڪدم ٻيو پاسو ورتو ۽ جيئن وچي رهيو هو تيئن ئي هو اڳتي نڪري ويو. هن لوٽو ورائي، پوريءَ طرح ڏٺو به ڪونه ته مسافر ڪيترو ڦٽيل هو.

مسافر کي اها ڳالهه ويسهه ۾ ئي نه پئي ويئي، جڏهن هن ڏٺو ته ربي، جيڪو خدا وارو ٿي سڏيو سو ائين هن کي مدد ڪرڻ کان سواءِ ئي، هن وٽان منهن ڦيرائي هليو ويو! هن وري ڪنجهڻ شروع ڪيو ۽ هن جو مٿو پوئتي مڙيو، وري زمين سان وڃي لڳو ۽ اتي زمين تي پئي پئي، هن جي ڪنن ۾ ربيءَ جي اڳتي ويندڙ پيرن جا آواز پرندا رهيا.

”من ٻيو ڪو هاڻي هتان لنگهي!“ هن سوچيو. ”۽ جي اچي به ته ڪو سگهو اچي، نه ته رات پئجي ويندي! ۽ رات وچ ۾ ته آءٌ مري ويندس!“

پوءِ ٻين پيرن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. جيڪي جيئن پوءِ تيئن ويجها ٿيندا ويا. هن وري پنهنجو رت ڳاڙيندڙ مٿو مٿي کنيو. هائو- اهو ٻيو هڪڙو مسافر هو. لاوي فرقي جو هڪڙو راهب. جيڪي ”خدا جي گهر“ ۾ رهندا هئا ۽ ربين کي ديني ڪريا ڪرمن جي ادا ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هئا. هو ضرور هن جي مدد ڪندو. هو ضرور ڪهل ڪندو.

راهب زخميءَ کي رستي جي ٻيءَ وٽ سان پيل ڏٺو. ”آءٌ پانيان ٿو ته هن کي ڦورن هلان ڪري ڦريو آهي“، هن سوچيو. ”رستو پار ڪري، وڃي ٿو هن کي ڏسان ته ڇا ٿيو اٿس!“

ائين هو لاوي راهب رستو اڪري، هن وٽ ويو ۽ نوڙي هن کي ڏسڻ لڳو. زخميل مسافر، جو هي ڏٺو سو هن جي دل خوشيءَ ۾ پرجي ويئي. راهب

ڏنو تہ هن جا ڪپڙا بہ ڪٽي ويا هئا. هن ڏنو تہ هن جو سمورو سامان ڦري ويا هئا، ۽ هن وٽ باقي ڪا بہ شيءِ بچيل ڪانہ هئي. هن ڏنو تہ هن کي ڏاڍي بي رحميءَ سان ماريو ويو هو ۽ هن جو سڄو مٿو ڏڪيو پيو هو.

۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏسڻ کان پوءِ، هو من جي پوريءَ سانت سان، موٽي، پنهنجو رستو وٺي هليو ويو. زخميل ماڻهوءَ کي مدد ڪرڻ جي تڪليف هن کان سٺي ڪانہ پڳي.

۽ هو ويچارو زخميل مسافر اهو ئي رستي جي پر ۾ پيو رهيو ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ هيٺو ٿيندو ويو. هن جي دل ۾ هاڻي ڪا بہ اميد ڪانہ رهي هئي تہ هن جي مدد لاءِ ڪٿان ڪو پيو ايندو. پر عين ان گهڙيءَ هن وري پيرن جو پيو کڙڪو ٻڌو.

هن وري بہ پنهنجو مٿو مٿي ڪنيو. هن ڏسڻ ٿي چاهيو تہ هن پيري هيءُ مسافر ڪير هو! هن ڏٺو تہ اهو سامري هو سامرہ علائقي جو رهاڪو هو ۽ پنهنجي ڪنهن ڪم سانگي ان رستي سان ڪيڏانهن وڃي رهيو هو.

”هيءُ منهنجي مدد ڪونہ ڪندو“. هن ڏک ۾ پرجي سوچيو. ”مون سدائين اِهو ئي ٻڌو آهي تہ سامري لوڪ چڱا ماڻهو نہ آهن. ربي، مهنت ۽ لاوي فرقي وارا راهب سامرين کي پاڻ کان گهٽ ڀائيندا آهن ۽ انهن مان ڪنهن سان گڏجي ساڳئي گهر ۾ رهڻو سمهڻ بہ هو عار سمجهندا آهن. اڄ سچ پچ بہ تہ آءٌ ڪيڏو نہ بدنصيب آهيان!“

سامري هڪڙي ننڍڙي گڏهہ تي چڙهيل هو ۽ جيئن ويجهو ايندو پئي ويو تيئن هن جي من ۾ پنهنجي ڪاروبار جون ئي ڳالهيون ڦٽڪات ڪري رهيون هيون. هن جون اکيون سامهون رستي ۾ ئي کتل هيون. اوچتو هن پنهنجي اڳيان هڪڙو ڦٽيل ماڻهو رستي جي پر ۾ پيل ڏٺو ۽ هن جا ڪن کڙا ٿي ويا.

”هيءُ وري ڇا آهي؟“ هن سوچيو ۽ هو گڏهہ سوڌو اڳتي وڌي، سڌو وڃي ان ماڻهوءَ جي مٿان بيٺو. هو پوءِ فورا گڏهہ تان لهي پيو ۽ نمي ان کي ڏسڻ لڳو. هن جڏهن ڏٺو تہ ويچارو ڪو مسافر هو ۽ سڄو ڦٽيو پيو هو ۽ ان جي سڄي بت تي زخم لڳل هئا، جن مان رت وهي رهيو هو، تڏهن هن جي روح کي ڏاڍو جهٻو آهي، ۽ منجهي پيو تہ ڇا ڪري، ڇا نہ ڪري.

هو پوءِ اٽي پنهنجي گڏھ وٽ ويو ۽ پنهنجي سامان مان ڪي شيشيون ڪڍيائين. انهن ۾ تيل هو ۽ شراب هو. هن انهن مان ٿورو ٿورو تيل ۽ شراب نائي ان ماڻهوءَ جي ڦٽن ۾ وڌو ۽ ائين انهن کي ڪجھ ڪجھ صاف ڪيائين، ۽ پوءِ جيئن تيئن انهن کي ڪپڙي جي ليڙن سان ٻڌائين.

”ڪيئن، هي ٺيڪ آهي نہ!“ هن پڇيو. ”تون اٿي سگهين ٿو! جيڪڏهن اٿي سگهين تہ آءٌ توکي پنهنجي گڏھڙي تائين وٺي هلان. تون ان تي جيئن تيئن ڪري چڙهي ويھ، تہ اڳتي هلون- آءٌ توکي جهليو هلندس. تون پنڌ تہ نہ تو ڪري سگهين!“

زخمي شخص بيھي بہ مشڪل سان ٿي سگهيو پر سامريءَ جي مدد سان گهڏي گهڏي، هو ننڍڙي گڏھ تائين پهتو ۽ پوءِ ان دياوان سنگتيءَ هن کي پوءِ ٺيڪ ڏيئي گڏھ تي چاڙهي ويهاريو. هو پوءِ ڪيس هڪڙي هٿ سان جهليو ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي گڏھ جي واڳ سنڀاليندو گڏھ کي رستي تي وٺي آيو ۽ ائين هو پوءِ آهستي آهستي اڳتي وڌڻ لڳا.

پنهنجن سوراٿن ڦٽن کي ائين صاف ٿيندي ۽ ٻڌجندي ڏسي ڪجھ آرامجندي محسوس ڪندي، زخمي مسافر جي دل کي ڪافي آٿت آيو پر وڏي ڳالھ تہ جڏهن هن ڏٺو تہ اهڙو ڪو سڀاجهو ۽ پر اپڪاري شخص بہ هو جيڪو هڪڙي بيواهي، زخمي ماڻهوءَ لاءِ ايترو تڙڦي ٿي سگهيو ۽ ايترو ڪجھ ڪري ٿي سگهيو تڏهن هن جي دل جو گهڻو بار لهي ويو ۽ هن ڏاڍي سرهائي محسوس ڪئي. پر اجا ان نيڪ سامريءَ هن منجهان هٿ ڪونہ ڪڍيو هو. هو سڄو رستو هن کي هٿ ڏيو پنهنجي گڏھ جي پاسي سان پاڻ پيرين پنڌ هلندو ڪيس هڪڙي مسافر خاني تائين وٺي آيو ۽ واڪو ڪري مسافر خاني جي مالڪ کي ٻاهر سڏيائين.

”مون کي هن مظلوم لاءِ هڪڙو سٺو ڪمرو گهرجي“، هن چيو. ”هيءَ راھ ويندي هڪ ڦريل لٽيل انسان آهي، ۽ ڏاڍو زخميل آهي. آءٌ رات جو هن جي سنڀال ڪندس تہ هيءَ ڪجھ هلڻ جهڙو ٿي سگهي. تون مون کي هن لاءِ ڪو سهولت وارو ڪمرو خالي ڪرائي ڏي!“

زخمي ماڻهوءَ کي پوءِ سگهو ئي ڏاڍي هڪ سڪئي ۽ سهنجي بستري تي سمهاريو ويو. سامريءَ هن جا ڦٽ وري ڌوئي صاف ڪيا، ۽ هن کي ڪاٺڻ

پيئڻ لاءِ ڪجهه ڏنائين. "تون هاڻي سمهي ننڊ ڪر"، هن کي چيائين. "صبح تائين، تون ڪافي پاڻ کي بهتر ڏسندين!"

ماڻهو پوءِ سمهي پيو. هو صبح جو اٿيو ته ڪمزور هو ۽ سڄو بُت هن جو سور ڪري رهيو هو پر هن پاڻ کي گهڻو بهتر محسوس ڪيو. سامريءَ ڏٺو ته هو هاڻي جِي سگهيو ٿي، بشرطيڪ هن جي پوري دوا دارون ۽ نيڪ خدمت چاڪري ٿئي. هو پوءِ اٿي، مسافر خاني جي مالڪ وٽ ويو.

"مون کي هاڻي وڃڻو آهي"، هن چيو. "پر آءٌ چاهيان ٿو ته تون هن ماڻهوءَ جي پوري ڏيان سان سنڀال ڪر، ۽ ان لاءِ پئسن جي توکي جيڪا گهرج ٿيندي، سا آءٌ پوري ڪندس. هان، هي ڪجهه پئسا وٺ! انهن مان تون هن تي خرچ ڪج، ۽ ٻيا جيڪي هيءُ گهري، سي هن کي ڏج- جيستائين هيءُ خير سان نيڪ ناڪ ٿي وڃي، ۽ پيرين سيرين ٿي، پنهنجي منهن هلي چلي سگهي."

"حاضر سائين، ائين ئي ٿيندو"، مسافر خاني جي مالڪ جواب ڏنو ۽ سامريءَ کان هن اهي پئسا وٺي پنهنجي حوالي ڪيا.

"جيڪڏهن توکي انهن کان وڌيڪ پئسا خرچ ڪرڻا پون ته آءٌ جڏهن موٽي اچان ته مون کي ٻڌائج، ته آءٌ توکي اهي به ڏيندس"، سامريءَ هن کي چيو ۽ پوءِ، هن کان موڪلائي، پنهنجي گڏهڙي تي چڙهي، هو اتان پنهنجو رستو وٺي روانو ٿي ويو.

جڏهن يسوع هيءَ ڳالهه ڪري پوري ڪئي، تڏهن هن پنهنجون سڄاڳ ۽ پيار ڀريل اکيون کڻي ان عالم شخص ڏانهن نهاريو جنهن کانئس سوال پڇيو هو ته هن کي ڪيئن خبر پوي ته هن جو پاڙيسري ڪير هو.

"هاڻي"، يسوع هن ڏانهن پوري توجهه سان ڏسندي، چيو "تون ئي ٻڌاءِ ته انهن ٽنهي مسافرن مان ڪهڙو ان ماڻهوءَ جو سٺو پاڙيسري هو، جيڪو ڦورن جي ور چڙهي ويو هو ۽ رستي تي بکيو ۽ اگهاڙو ۽ ڦٽن ۾ چور اڌ مئو ٿيو ڪريو پيو هو- اهو پادري، اهو لاوي فرقي وارو راهب، يا اهو سامري؟"

ان تي، ان ماڻهوءَ جواب ڏنو: "اهو جنهن هن تي ديا ڪئي."

"تون صحيح آهين"، يسوع چيو. "هاڻي وڃ، ۽ وڃي ائين ڪر- وڃي انهن تي ديا ڪر ۽ انهن جي شيوا ڪر، جن کي ان جي گهرج آهي ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان ائين ئي پيار ڪر جيئن تون پنهنجي پاڻ سان پيار ڪرين ٿو!"

# 34 : يسوع ۽ ننڍڙو محصول اڳاڙيندڙ

يسوع ۽ هن جا ساٿي، يروشلم ڏانهن ويندي، يريحو ۾ اچي ترسيا. هميشه وانگر ماڻهن جا انبوهه هنن جي آدرياءَ لاءِ ڪٺا ٿي ويا، ڇو ته شهر جو هر ڪو ماڻهو يسوع کي هڪ وار ڏسڻ لاءِ آتو هو.

اتي يريحو ۾ هڪڙو ماڻهو هو جو تمام شاهوڪار هو ۽ ان کي ماڻهو بيحد گهٽو ڌڪاريندا هئا. ان جو نالو زڪائي هو ۽ هو هڪ محصول اڳاڙيندڙ ننڍو سرڪاري عملدار هو. محصول اڳاڙيندڙ سيني عملدارن کي ماڻهو ڌڪاريندا هئا، ڇاڪاڻ ته اهي گهڻو ڪري سڀ بي ايمان هئا ۽ ماڻهن کان محصول جي اصل رقم کان وڌيڪ رقم اڳاڙيندا هئا. هو گهڻا پئسا مٿان ٿي مٿان پنهنجن کيسن ۾ وجهي ڇڏيندا هئا، ۽ انهيءَ طرح هو هڪدم ڏاڍا وڏا شاهوڪار بڻجي ويندا هئا.

زڪائي به تمام وڏو شاهوڪار هو هن کي عاليشان گهر هو ۽ هن وٽ نوڪرن جي ڪمي ڪانه هئي. پر يريحو جا ماڻهو هن کان پري پري رهندا هئا، ”هيءُ هڪ خسيس، پاپي ۽ ظالم شخص آهي!“ هو چوندا هئا، ”هيءُ اسان کان محصول ڪونه ٿو اڳاڙي، پر اسان کي ڦري ٿو. اسان جي هن کي شناس ڪانهي، ۽ اسين ڪڏهن به هن جي گهر نه وينداسين.“

ڪڏهن ڪڏهن خود زڪائيءَ کي به پاڻ تي ۽ پنهنجي دولت تي شرم اچي ويندو هو ڇاڪاڻ ته هن کي خبر هئي ته هن اها ماڻهن کان ڦري ڪٺي ڪئي هئي ۽ ان لاءِ هن ڏاڍا بي واجبي ۽ غلط ڪم ڪيا هئا. اهڙي سوچ روز روز هن کي ڪانه ستائيندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن هن جي من ۾ اچي ويهندي هئي- خاص طرح تڏهن جڏهن اهي ماڻهو جن کي هو کيڪارڻ گهرندو هو ۽ پنهنجو دوست بنائڻ چاهيندو هو اهي هن کان، رستي پنڌ تي گذجڻ تي، منهن ڦيري هليا ويندا هئا. هو ڪو بنهه سنگدل ۽ بدڪار ماڻهو ڪونه هو. جهڙا پنهنجي رستي تي پڪا ٿي ويل ٻيا محصول اڳاڙيندڙ عملدار هوندا هئا. انهن جي ڀيٽ ۾، زڪائيءَ ۾ ڪا چڱائي مڙيو ٿي هئي، جا سدائين هن جي اندر مان نڪري ٻاهر اچڻ جي ڪوشش پيئي ڪندي هئي.

هڪڙي ڏينهن هن ٻڌو ته يسوع يريحو ڏانهن اچڻ وارو هو بلڪ اچي رهيو هو. ٻين سيني ماڻهن وانگر زڪائيءَ به اهي ڳالهيون ٻڌيون هيون، جيڪي يسوع ٻڌايون تي، ۽ هن جيڪي ڪيترائي عجب ۾ وجهڻ جهڙا پلائيءَ جا ڪم ڪيا هئا، اهي به زڪائيءَ جا ٻڌل هئا. هن کي شايد هيءَ به ڄاڻ هئي ته يسوع جي ساٿين ۾ به اهڙا ساٿي به هئا، جيڪي پهريائين محصول اڳاڙيندڙ عملدار هئا. هن جي دل ۾ انهيءَ ڪري يسوع کي ڏسڻ جي تمام گهڻي سڪ هئي.

انهيءَ ڪري جڏهن هن ڏٺو ته ٻاهر وڏي گهٽيءَ ۾ ماڻهن جا انبوهه گڏ ٿي رهيا هئا، تڏهن هو به انهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. پر هو قد جو ڇوٽو هو ۽ هن ترت ئي محسوس ڪيو ته ٻاهران بيهي يسوع کي ڏسڻ جو هن کي ڪڏهن به وجهه ملي نه سگهندو. ڇو ته هن ڪيترين به ڪڙيون ڪٽي اندر ٿي نهاريو ته به ماڻهن جي ڪلهن تائين به هو پهچي ڪين ٿي سگهيو. انهيءَ ڪري ضروري هو ته انبوهه ۾ گهڙي هن کي ويجهو ڪٿي سامهون وڃي بيهڻ کپي.

پر هو ڪيترو به ڪٽي ڇوٽو هو. ته به ماڻهن هن کي اڳيان وڃڻ ئي نه پئي ڏنو. هو سڀيئي هن کي سڃاڻندا هئا ته هو اهو ئي بڇان لائق محصول اڳاڙيندڙ زڪائي هو. انهيءَ ڪري جڏهن به هن نوڙنيون هڻي، ۽ ٿونها هڻي، اڳتي وڃڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته هنن هن کي جيڪي سو پوئتي ڌڪي ٿي ڇڏيو ۽ الٽو هن کي هو گهٽ وڌ ڳالهائيندا به رهيا.

زڪائي بنهه لاچار ٿي پيو. ائين ته هو ان سڌڱڻ ساپرش جي جهلڪ به جهٽي ڪين سگهندو! پوءِ هن جي من ۾ هڪڙو ويچار آيو. هو وڻ تي چڙهي هن کي ڏسندو! هن کي اهو وڻ به ذهن ۾ هو جيڪو هڪ وڏو وڻ هو ۽ ان گهٽيءَ جي وٽ سان هو ۽ ان جون شاخون ۽ لامون وڏي گهٽيءَ جي اڌ تائين ٻاهر نڪري آيون هيون. جيڪڏهن هو ان وڻ تي چڙهي، ٻاهر نڪتل وڏيءَ شاخ تي وڃي ويهندو ته هو سولائيءَ سان يسوع کي ڏسي سگهندو.

"مان هاڻي ڪٽي ٿو وڻ تي چڙهان"، زڪائيءَ چيو. "پريان رستي تان سڏ پيا ٻڌجن، ان جي معنيٰ ته يسوع هاڻيءِ اتان اچي پيو."

هن وٺي وڏي وڻ ڏانهن ڊوڙ پاتي، ۽ تڪڙو تڪڙو پنهنجين ڇوٽين ٽنگن تي ٽپڪندو ۽ وڌندو، ان تي چڙهي ويو. پوءِ هو رڙهي ٻاهر نڪتل شاخ

تي، ان جي لامن ۽ پنن ۾ لڪي وڃي ويهي رهيو. جيڪا وڏي گهٽيءَ جي ڪافي حصي تي ڇانو ڪيو بيٺي هئي.

يسوع پري ڪان، وڪ تي وڪ کڻندو گهٽيءَ مان پئي آيو. ماڻهو هن جي چوڌاري انبوهہ ڪيو پئي آيا. جيئن هو ويجهو آيو تہ زڪائي، هن کي ڏسي، سولائيءَ سان سمجهي ويو تہ هو يسوع هو ڇاڪاڻ تہ هن جي منهن مان اهڙي مريادا ۽ هن جي اکين مان اهڙي جوت بکي رهي هئي، جو ٻار بہ ڏسي سمجهي وڃي، تہ هو هڪ بيحد اعليٰ، غير معمولي ۽ نيڪ انسان هو.

زڪائيءَ، يڪ ٽڪ، مٿان شاخ جي پنن مان جهاتي پائي، هيٺ پئي ڏٺو ۽ يسوع جي منهن ۾ هن جيڪا نيڪي ۽ ڏيا ڏٺي هئي، سا هو وري وري چتائي ڏسي رهيو هو. يسوع جيئن پوءِ تيئن هن جي ويجهو ايندو ويو. ۽ پوءِ جيڪي ٿيو تنهن زڪائيءَ کي سڄيءَ عمر جي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

جيئن هو وڻ وٽ پهتو تيئن يسوع مٿي نهاريو. هن ڏٺو تہ ننڍڙو زڪائي اتان هن ڏانهن جوهہ وجهي ڏسي رهيو هو ۽ هميشہ وانگر، انهيءَ ئي گهڙيءَ، يسوع هن جي دل جو حال پڙهي ورتو. هن ان ۾ چڱائيءَ لاءِ سچي اڪير موجود ڏٺي ۽ هو سمجهي ويو تہ جيتوڻيڪ زڪائي هڪ ڏڪاٽيل محصول اڳاڙيندڙ عملدار هوءِ اڪثر وهنوار ۾ ماڻهن سان هو بي ايماني بہ ڪندو هو پر انهن سيني ڳالهين هوندي بہ هو سچي جو سچو خراب ڪونہ هو.

يسوع ڪنهن جي اندر ۾ ڪا چڱائي سٽل ڏسندو هو، تہ ان کي جاڳائڻ ۽ اتان ٻاهر آڻڻ جو ضرور جتن ڪندو هو. هو اپوجهن، هيٺن ۽ خطاڪارن جي سمائتا کي ئي پنهنجو ڪم ڄاڻندو هو. انهيءَ ڪري هن فوراً ننڍڙي زڪائيءَ سان ڳالهايو جيڪو هن جي ڏسڻ لاءِ مٿي وڻ جي شاخ تي چڙهيو ويٺو هو. يسوع کي هن جي نالي جي بہ خبر هئي!

”زڪائي!“ هن چيو. ”سيگهہ ڪر ۽ هيٺ لهي اچ. ڇاڪاڻ جو اڄ آءٌ تو وٽ تنهنجي گهر اچڻ چاهيان ٿو.“

عجب اِهو هو جو زڪائي، اها ڳالهہ ٻڌي، حيرت ۽ خوشيءَ ۾، وڻ تان هيٺ ڪري ڪونہ پيو! ـ اها ڳالهہ تہ هيءُ ٻئي جهان جو واسي، غير معمولي ماڻهو ڪامل انسان، جنهن جي منهن ۾ نور پئي ٻَکيو سو هن کي پاڻ سڏي چوي تہ ”اڄ آءٌ تو وٽ تنهنجي گهر اچڻ وارو آهيان!“ اِها نيٺ

ڪمڙي ڳالهه هئي! هيءُ ڪمڙو ڪرشمو هو!

زڪائي، پنهنجو هوش جاءِ ڪري، هڪدم وڻ تان گهرڪي، هيٺ لهي آيو. ماڻهو هن ڏانهن چپ بند ڪيو ڏسندا رهيا. هو هن ڇوٽي ماڻهوءَ جي منهن ۾ مرڪ ڏسي، دل ۾ خوش ڪونہ ٿيا۔ هو تہ هڪ بنهہ نالائق ۽ ٻچان اچڻ جهڙو ماڻهو هو! هو خود يسوع تي عجب کائڻ لڳا. هن اهڙي ماڻهوءَ وٽ وڃڻ ئي ڇو ٿي چاهيو! هن جي ڪپٽ ۽ بي ايمانيءَ جون ڪيترين ئي ڳالهيون هيون، جي هو ڪيس هڪ هڪ ڪري ٻڌائي سگهيا ٿي!

زڪائي، يسوع جي آدرياءَ جي تياريءَ لاءِ، ڊوڙي پنهنجي گهر ويو. هن جي دل خوشيءَ ۾ جهومي رهي هئي. هن محسوس ڪيو تہ دنيا جا جيڪي بہ ماڻهو هن ڏٺا هئا. تن سيني ۾ يسوع وڏي ڪان وڏو ۽ ڏاهي ڪان ڏاهو ماڻهو هو ۽ يسوع ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ هن جي دل جي روڳ کي سڃاڻي ڪونہ سگهيو هو. ٻيا سڀ ڪٽي ڪيس ڌڪارين ۽ هڪلي ڪڍن، پر رڳو يسوع سندس گهر اچي ٿو۔ ڇا، دنيا ۾ اِن ڪان وڌيڪ بہ ڪي ٻيو هو گهري سگهيو ٿي!

يسوع پوءِ ان ڇوٽي محصول اڳاڙيندڙ جي گهر ويو ۽ پنهنجن ساٿين سان گڏجي ويهي اتي دعوت کاڌائين. جيڪا زڪائيءَ هن لاءِ تيار ڪئي هئي. هو ننڍڙو ماڻهو هنن جي خدمت چاڪريءَ ۾ بنهہ ڪٿو نٿي ماپيو ڇو تہ هو دل ۾ ڏاڍو خوش هو ۽ پاڻ کي سندن تمام گهڻو احسانمند ٿي سمجهيائين.

پر دروازي جي ٻاهران ماڻهن جا جيڪي انبوهہ اچي مڙيا هئا، تن زڪائيءَ جي خلاف ڀڻ ڀڻ پئي ڪئي. هنن اندر ڏٺو پئي تہ يسوع زڪائيءَ سان گڏ ويهي، ماني کائي رهيو هو۔ ان زڪائيءَ سان، جنهن کي هنن هيترو ڌڪاريو پئي! هو زڪائيءَ جي ان خوش نصيبيءَ تي ڪروڌ ڪري رهيا هئا، ۽ سندن دل ۾ هن لاءِ حسد جاڳي پيو هو. اِهو شرف هن کي نہ ملڻ کپندو هو۔ تہ يسوع هن جي گهر هلي وڃي! هو تہ هڪ پاپي ۽ ڪپتيو ماڻهو هو!

"اها عزت تہ زڪائيءَ کي هيڪاري ڪاري ڇڏيندي"، هو هڪٻئي کي چوڻ لڳا. "هو پاڻ کي ڪا شيءِ سمجهڻ لڳندو ۽ جڏهن اسان ڪان

محصول وصول ڪندو تڏهن پاڻ اسان کي وڏيڪ ڦريندو. هو ته هڪ ڪنور ۽ پاپي ماڻهو آهي.“

ماڻهن، جو ڪجهه هن لاءِ چيو ٿي، سو سڀ زڪائي ٻڌي رهيو هو چاڪاڻ ته اهو ماڻهن وڏي واڪ پٺي چيو - ۽ انهيءَ لاءِ ته پل هو پنهنجن ڪنن سان ٻڌي، پچري ۽ سڙي. هن کي پوري خبر هئي ته ماڻهو هن بابت ضرور اهو ئي چوندا، جو هو چئي رهيا هئا، چاڪاڻ ته هو انهن ڳالهين جي ئي لائق هو. پر ان وقت هو ايترو خوش هو ۽ ايڏيءَ بلنديءَ تي هو جو هن کي ماڻهن جي انهن ڳالهين تي ڪاوڙ ئي ڪانه ٿي آئي- پر هن کي هڪڙيءَ ڳالهه جو اونو هو ته هن بابت ماڻهن جون اهي ڳالهيون ڪنهن ريت انهيءَ گهڙي يسوع جي ڪن نه پون.

زڪائي پاهوه ۽ ويساهه سان مهمان ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ يسوع به موٽ ۾ ٻاجهاري انداز ۽ مهر ڀرين نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندو ٿي رهيو. زڪائيءَ جي دل ۾ جيڪا به چڱائي لڪل هئي، اها متي اڀري آئي ۽ هن جي دل ان جي سرهاڻ سان واسجي ويئي، ۽ هن محسوس ڪري ورتو ته آئيندي هن کي ڇا ڪرڻو هو. هن کي، هن زڪائيءَ کي، چڱو ٿيڻو هو ۽ چڱائيءَ تي عمل ڪري، هن ڪامل انسان کي ڏيکارڻو هو ته ماڻهن هن لاءِ ڇا به ٿي چيو، پر هو چڱائي سچائي سکيو ٿي ۽ چڱو ٿي سکيو ٿي.

پوءِ زڪائي اٿي بيٺو ۽ يسوع سان ڏاڍيان ڳالهائڻ لڳو ايترو ڏاڍيان جيئن در تان بيهي ٻڌندڙ ماڻهو به اهو ٻڌي سگهن، جو هن چيو ٿي، ۽ هو پوءِ اتان، ٻاهر وڃي، اهو ٻين کي به ٻڌائي سگهن.

”سائين، منهنجا ڪامل رهبر!“ زڪائيءَ چيو. ”اڌ پنهنجي ملڪيت جو اڌ غريبن کي ڏيان ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کان مون ڪو ناجائز پئسو ورتو آهي، ته هن کي اڌ ان جي چوڻ موٽائي ڏيندس.“

۽ پوءِ پنهنجي رهبر جي چهري ۾ نهاريندي، جيڪو خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو يسوع جي سيني ساٿين کي معلوم ٿيو ته هڪ ڀيرو وري به هو پاڻ غلط هئا ۽ سندن اهو معصوم آقا صحيح هو ۽ هن ان ڪوڙي ڪپتئي ۽ محصول اڳاڙيندڙ شخص جي دل ۾ اها نيڪيءَ جي جوت جاڳائي هئي، جا سڄي ان جي عمر اتي وساڻي پيئي هئي. هو هڪڙي

خطاڪار شخص وٽ مهمان ٿي آيو هو - ۽ ان جي پوريل ۾ اونداهي گهر کي روشن ڪري، هن ان جي سڄي حياتي بدلائي ڇڏي هئي، ۽ اهو جيڪو سڀ جو ڌڪاريل ۽ سڀ وٽ بي آبرو هو سو سڀ کان پهرين خود پنهنجي پاڻ وٽ هڪ ڀري ۽ ملهائتي وٽ بڻجي پيو هو.

"تون خدا جي ملوڪ ٻالڪن مان هڪ ٻالڪ آهين". يسوع هن کي چيو ۽ ننڍڙي محصول اڳاڙيندڙ چمڪندڙ اکين سان، ڪنڌ مٿي کڻي، پنهنجي محسن ڏانهن ڏٺو. اهو زڪائيءَ جي زندگيءَ جو سچ پچ تہ سڀ کان وڏو خوشيءَ جو ڏينهن هو- اهو هن جي زندگيءَ جو واقعي هڪ انوکو ۽ عجيب ڏينهن هو.

# 35 : انڌي لاءِ خوشي

يريحو هڪڙو وڏو شهر هو ۽ ڪيترائي ماڻهو هر روز اتي ايندا هئا ۽ ڪيترائي اتان ويندا هئا. ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان فقيرن کي ٻہ چار پئسا ملي ويندا هئا، جيڪي رستي جي ٻنهي وٽين سان، هڪٻئي کان پري پري، مسافرن ۾ اکيون وجهيو ويٺا هوندا هئا ۽ ويٺا پئسي پئسي لاءِ سين هڻندا هئا ۽ پائي پائي پنندا هئا.

انهن فقيرن ۾ هڪڙو انڌو فقير هوندو هو جنهن جو نالو برتمائي هو. هو راهگيرن کي ڏسي ڪونہ سگهندو هو پر انهن جي پيرن جو کڙڪو هو ضرور ٻڌندو هو. هو انهن جي دل کي رجائڻ لاءِ صدائون ڪندو هو ۽ انهن مان ڪيترا هن جي ڪنيل هٿ ۾ ڪڏهن پئسو ڪڏهن پائي وجهي، جهٽ جهٽ ڪانئس مٿي ويندا هئا. هو هڪڙو دکي غريب شخص هو ۽ پنهنجي نابينائيءَ سبب ٻئي هر ڪم ڪرڻ کان لاچار هو. هو بس اهو ئي ڪري سگهيو ٿي تہ رستي جي پاسي سان مٽيءَ ۾ مليو ويٺو هجي ۽ ويٺو دانهون ڪري- من ڪو ديالو واٽ ويندڙ ڪڏهن، هن تي ڪهل ڪري، سندس جهوليءَ ۾ ڪا ٿوري گهڻي ڀيک وجهي وڃي!

هڪڙي ڏينهن، جيئن هو اس ۾ اتي ويٺو هو تہ هن جي سرلن ڪنن تي روزمره جي آواز کان وڌيڪ تيز تيز پيرن جي کڙڪي جو آواز پيو. هن کي ائين

لڳو ڄڻ رستي تي ڪوڙين ۾ ڪي ماڻهو هئا، جيڪي پٺيءَ آيا ويا. هن ڪن ڏيئي اهي آواز پئي ٻڌا، ۽ ايتري ۾ هن کي محسوس ٿيو ڄڻ اچا به وڌيڪ ماڻهو رستي تي پهچي ويا هئا ـ ڪي سوين ماڻهو! ڪهڙي ڳالهه هئي، جو ائين ٿيو هو؟

"هي گوڙ ڇا جو آهي؟" برتمائيءَ نيٺ رڙ ڪري پڇيو. "ڪو آهي، جو مون کي ٻڌائي؟ آءٌ پاڻ ته ڏسي نٿو سگهان!"

"ناصرت جو يسوع آيل آهي؟" ڪنهن هن کي جواب ڏنو. "هو هن پاسي اچي رهيو آهي. اسين هن لاءِ بيٺا آهيون. هو اِجهو ٿو هتان اچي لنگهي."

"ناصرت جو يسوع!" برتمائيءَ ڄڻ پاڻ سان ڳالهايو. "هان! هو ته هر مرض جو لاهيندڙ آهي! هو ته وڏو ڇٽائيندڙ آهي! هو پيو هيڏانهن اچي! شل هو مون کي ڏسي سگهي! ڇا، ائين به ٿي سگهي ٿو! ناصرت جو يسوع! هاءِ، مان ڇا ڪريان، جو هو مون کي ڏسي سگهي؟"

جيئن جيئن يسوع ويجهو ايندو ويو تيئن تيئن ماڻهن جا انبوهه گهاٽا ٿيندا ۽ وڌيڪ اتساهبا ويا. هو وڏي ويڪري رستي سان پيرين پنڌ پئي آيو. هن جي ويجهو هلندڙ زالون ۽ مرد هن سان ڳالهائيندا ٿي آيا. برتمائيءَ کي محسوس ٿيو ته يسوع بنهه ويجهو اچي سهڙيو هو. پر هن کي اِها پڪي خبر ڪيئن پئجي سگهندي! ڇاڪاڻ ته هو ته انڌو هو ۽ ڪجهه به اکين سان ڏسي نٿي سگهيو.

پوءِ برتمائيءَ پنهنجو آواز بلند ڪري، پنهنجي صدا شروع ڪئي. ۽ هن جي اها صدا به ڪا صدا هئي!

"يسوع، مون تي ڪهل ڪر! يسوع، مون تي ڪهل ڪر!"

"ماٺ ڪر!" هن جي پرسان بيٺل ماڻهن هن کي تنبيهه ڪئي. "هيڏو گلو ڦاڙي، رڙيون ڇا لاءِ ٿو ڪرين!"

برتمائيءَ ماڻهن جي هن تنبيهه جو خيال ڪونه ڪيو. هو ساڳئي زور سان، بلڪ ان کان به وڌي زور سان ـ ايتري زور سان جيتري جي هن ۾ سگهه هئي ـ اِها صدا هڻندو رهيو :

**"يسوع! يسوع، مون تي ڪهل ڪر!"**

هن جي هيءَ دانهن پنيان دانهن، وري وري، ماڻهن جي آوازن کي لتي، سڄي رستي تي گهنڊ جي آواز جيان ٻرندي ٿي رهي. ماڻهن جي انبوهه مان

ڪي سخت غصي ۾ اچي ويا تہ هڪڙو خسيس پينو ايڏو گوڙ ڪري رهيو هو جو سيني ماڻهن جا آواز لتجي تي ويا، ۽ ڪو بيو پنهنجي دل جي ڳالهہ چٽي ئي نٿي سگهيو! هنن هن کي سخت ڌمڪايو ۽ چپ ڪري ويهڻ لاءِ چيو.

پر ان ڏينهن ڪو بہ دڙڪو يا دهمان برتمائيءَ کي چپ ڪرائي نہ سگهيو. هو پنهنجون اهي زوراٽيون صدائون هڻندو رهيو ڇو تہ هن کي خبر هئي تہ يسوع جي ڏيان کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جو اهو ئي هن وٽ رستو هو.

"يسوع! مون تي ڪهل ڪر!"

يسوع پوءِ هن جي صدا ٻڌي، جنهن ۾ ايترو سٽاندو ۽ ايتري پيڙا هئي. ۽ هو بيهي رهيو. هن چوڌاري ماڻهن جي انبوهہ مٿان نظر ڦيرائي، ۽ پري رستي جي هڪ ڪنڌ سان ويٺل ان انڌي ماڻهوءَ کي ڏسي ورتو جنهن اها صدا پئي هنئي.

"انهيءَ کي هيڏانهن مون ڏانهن وٺي اچو!" هن حڪم ڪيو. ماڻهو هڪدم سمجهي ويا تہ هاڻ هو ان انڌي شخص جي واهر ڪرڻ وارو هو. ۽ هنن کي ڏاڍي خوشي ٿي. هو ڊوڙي برتمائيءَ وٽ ويا ۽ هن سان ڳالهايائون.

"اٿي، اٿي بيهہ فقير!" هنن چيو. "يسوع توکي سڏيو آهي!"

برتمائيءَ پنهنجي دل کي خوشيءَ وچان دڪ دڪ ڪندي محسوس ڪيو. هو فوراً اٿيو. هن جي گودڙي هن جي بت تان لهي پٽ تي ڪري پيئي. ۽ هو پنهنجون ٻانهون سڌيون ڪري، ڪليل هٿن سان هوا کي ڇهندو يسوع ڏانهن وڌڻ لڳو. هو پنهنجي سامهون سواءِ اوندهہ جي ٻيو ڪجهہ بہ ڏسي نٿي سگهيو. ماڻهن جا وڌايل هٿ هن جي هٿن تائين پهتا. ۽ انهن هن کي آڻي آڻي، رستي جي وچ تي يسوع جي سامهون بيهاريو.

يسوع انڌي برتمائيءَ ڏانهن ڪهل ڀريون اکيون کڻي نهاريو. "تون مون کان ڇا ٿو گهرين؟" هن پڇيو. "هاڻي، مون کي ٻڌاءِ!"

"منهنجا سائين! آءٌ جيڪر هنن اکين سان ڏسي سگهان!" پينوءَ چيو.

يسوع پنهنجو هٿ وڌائي، ان غريب نماڻي جي انڌين اکين تي گهمايو _ ۽ انهيءَ گهڙيءَ هن جي اکين ۾ جوت اچي ويئي! ۽ هن ڏٺو تہ هو ڏسي پئي سگهيو!

۽ هو چوڌاري، اکيون ٻاٽي ٻاٽي، عجب ۽ خوشيءَ وچان نهارڻ لڳو. برتمائي هاڻي اوندهہ جي وچ ۾ ڪونہ هو. هو هاڻي روشنيءَ ۾ هو. هو پنهنجي

چوڌاري سهڻا سهڻا رنگ ڏسي سگهيو ٿي. هو پنهنجي اکين سان ان ٻاجهاري سائينءَ جو ٻهڪندڙ چهرو ڏسي ٿي سگهيو جنهن هن جي نابينائي دور ڪئي هئي، ۽ هن کي سوجهرو ڏنو هو.

۽ هن جي دل اٿاهه خوشيءَ سان ڀرجي ويئي، ۽ هو اڏمي ۾ اچي نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو. هو ماڻهن جي انهيءَ انبوهه سان گڏجي يسوع جي پٺيان هلڻ لڳو- جن جون دليون يسوع جي ان بخشش تي بيحد خوش هيون، جيڪا ان بيواهي ۽ لاچار انڌي تي هن ڪئي هئي. پر انهن هزارن ماڻهن جي وچ ۾ اڄ سڀ ڪان وڌيڪ خوش ان ڀينو فقير برتمائيءَ جي دل هئي، جنهن جون اکيون اڄ کليل هيون، انهن ۾ جوت هئي ۽ اهي اڄ ڏسي سگهيون ٿي.

# 36 : يسوع ۽ ٻار

يسوع سدائين ٻارن کي پيار ڪندو هو ۽ ٻار به هن کي پيار ڪندا هئا. هنن کي خبر هئي ته هو ڪتي به هوندو ته به هنن جي ضرور آجيان ڪندو ۽ هنن کي سندس آکاڻيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، جيڪي هو کين ٻڌائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن جڏهن يسوع ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو تڏهن ڪن مائرن ۽ پيئرن، جن کي ننڍا ٻار هئا، تن سوچيو ته انهن کي وٺي يسوع وٽ وڃون ته هو انهن کي دعا ڪري ۽ انهن جي مٿي تي پنهنجي ڏاهپ ۽ نيڪيءَ جو هٿ رکي.

پوءِ هنن پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي سڏي گڏ ڪيو. ڪن کي ٻانهن تي کنيائون ۽ ڪي سندن پاسن کان ڊوڙندا هليا. ۽ اٿين هو يسوع کي ڳولڻ لاءِ نڪتا.

يسوع جي ساٿين هنن کي ٻارن سان ايندي ڏٺو. مائرن مان هڪ وڏي ساڻن ڏاڍي اتساهه سان ڳالهايو: "اسين پنهنجا ٻار يسوع وٽ وٺي آيا آهيون. هو هنن کي رڳو دعا ڪندو، ته هنن جي دنيا بدلجي ويندي هو نيڪ ٻڻبا ۽ هنن جي دل ۾ ڪهل پيدا ٿيندي هو پاڻ اهڙو مٺيا وارو آهي."

"هو ڪم ۾ آهي"، هڪڙي ساٿيءَ ڪجهه رکي منهن سان چيو. "هو اوهان کي هينئر ملي نه سگهندو!"

”هو گهڻن ماڻهن سان ڳالهائي رهيو آهي“ ٻئي ساٿيءَ چيو. ”هيءَ ڪا معمولي ڳالهه آهي، جو ٻار هن کي ڪٽڪ ڪن! هينئر وڃو، تورو رکي، پوءِ موٽي اچجو!“

مائرن ۽ پيئرن جا منهن لهي ويا. هو پٺ ورائي وڃڻ لڳا. پر يسوع پري کان هنن جا لٿل منهن ڏسي ورتا، ۽ هن پنهنجن ساٿين کي سڏ ڪري چيو:

”انهن کي مون ڏانهن وٺي اچو! ٻارن کي مون ڏانهن اچڻ کان نه روڪيو. اِهي منهنجي بادشاهت جا واسي آهن. جيئن اوهين آهيو - ۽، سچ پچ به ته جيسين اوهان وٽ ٻار جي دل جهڙي ڪشادي دل نه آهي، تيسين اوهين منهنجي بادشاهت ۾ داخل ٿي نٿا سگهو!“

پوءِ مائرون ۽ پيئر، خوشيءَ ۾ پُرجي، پنهنجا ٻار هن وٽ وٺي آيا، ۽ هن انهن کي هڪ هڪ ڪري پنهنجي ٻانهن ۾ کنيو ۽ هنن کي دعا ڪيائين ۽ پيار ڪيائين. ۽ ائين پوءِ اتساهه ۽ خوشيءَ ۾ پُرجي، هو موٽي ويا.

# 37 : دولتمند نوجوان

ننڍڙن ٻارن کي پيار ڏيڻ ۽ دعا ڪرڻ کان پوءِ، يسوع اٿيو ۽ پنهنجو رستو وٺي، اڳتي روانو ٿيو. ان مهل هڪڙو ڪو ماڻهو پري کان ڊوڙندو هن وٽ آيو. اهو هڪ نوجوان هو جنهن کي تمام قيمتي ڪپڙا پاتل هئا، ۽ اهو اچي يسوع جي آڏو رستي تي ڪنڌ نمائي بيهي رهيو. هو ڪنهن بيماريءَ مان ڇٽڻ لاءِ ڪونه آيو هو پر هڪڙو سوال پڇڻ آيو هو.

”سائين، آءٌ ڇا ڪريان، جو منهنجي زندگي، نيڪ ۽ شرافت پري گذري؟“ هن پڇيو.

هن ڪنڌ مٿي کڻي يسوع جي منهن ۾ ڏٺو. هو هن جي جواب لاءِ آتو هو. ڇاڪاڻ ته هو هڪ نوجوان هو ۽ سچ پچ هن جي من ۾ نيڪ ۽ اعليٰ زندگيءَ جي گذارڻ جو هڪ امنگ هو ۽ هن کي پڪ هئي ته يسوع هن کي ضرور راهه ڏيکاريندو ۽ ٻڌائيندو ته هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

”توکي خبر آهي ته خدا جا فرمان ڪهڙا آهن“، يسوع چيو. ”توکي جيڪي ڪم ڪرڻا آهن، اهي به سڀ توکي معلوم آهن.“

"مان خدا جا سڀئي فرمان پورا ڪريان ٿو". دولتمند نوجوان چيو. "مون هميشہ ڪوشش ڪئي آهي تہ جيڪا صحيح ڳالهہ هجي، اها ڪريان- پر ان هوندي بہ آءٌ محسوس ڪريان ٿو تہ اِهو ڪافي نہ آهي. چا، اهڙي ڪا ٻي ڳالهہ آهي، جيڪا مون کي ڪرڻ گهرجي؟"

يسوع هيٺ ان نوجوان جي سڪ ڀريل منهن ۾ ڏٺو ۽ ان لاءِ هن جي دل ۾ پيار اٿلي آيو. هيءُ سچ پچ هڪ نيڪ طبيعت ۽ صاف دل نوجوان هو جيڪو اعتبار لائق هو. جو حوصلي ۽ همت وارو هو ۽ جيڪو ذميداريءَ جا بار کڻي سگهيو ٿي.

پر هڪڙي اهڙي شيءِ هئي، جا هن نوجوان کي اعليٰ خيالن ۽ عظيم ڪمن کان سچ پچ روڪيو بيٺي هئي- اها هئي هن جي دولت. ۽ هن وٽ تمام گهڻي دولت هئي.

"توسان رڳي هڪڙي برائي آهي". يسوع چيو. "تو وٽ پئسو تمام گهڻو آهي، ۽ اهو تنهنجي آڏو وڏي روڪ آهي. وڃ ۽ جو ڪجهہ تو وٽ آهي، اهو وڪڻي ڇڏ ۽ سڀ غريبن کي ڏيئي ڇڏ. ۽ پوءِ مون وٽ اچ ۽ مون سان گڏ منهنجي راهہ تي هل!"

نوجوان ڪنڌ هيٺ ڪري ڌرتيءَ کي ڏٺو ۽ هن جون اکيون ان ۾ کپي ويون. هن وٽ گهڻو پئسو هو ۽ وڏي ملڪيت هئي. اهو سڀڪجهہ هو ڪيئن ڇڏي سگهندو؟ يسوع جي پٺيان هلڻ جو شرط ڏاڍو ڳرو هو. هو ارمان ۾ ڀرجي، پٺ ورائي، اها ڏکن ڏٽل، ننيڙي، سداچار سنگت ڇڏي هليو ويو.

يسوع هن کي ويندي ڏسندو رهيو ۽ هن جي نرمل چهري تي پيڙا جا آثار نڪري آيا. هيءُ نوجوان سندس عجيب ساٿي ٿي سگهيو ٿي- شايد سڀ کان سٺو ساٿي.

"دولتمند ماڻهوءَ لاءِ خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ ڪيڏي نہ ڏکي ڳالهہ آهي!" ڏکويل آواز ۾ يسوع چيو.

هيءَ ڳالهہ ٻڌي، يسوع جي ساٿين کي عجب وٺي ويو. هنن جو خيال هو تہ دولتمند ماڻهن لاءِ، غريب ماڻهن جي ڀيٽ ۾، هر ڳالهہ لازمي طرح آسان هوندي آهي. پر يسوع ڪنڌ لوڏي هنن جي ان خيال کي رد ڪري ڇڏيو.

"اوهان کي "سئيءَ جي ٻاڪي" جي نالي واري در جي ڄاڻ آهي"، هن چيو "جيڪو شهر پناهه جي ٻاهرئين وڏي دروازي ۾ لڳل ننڍڙو در هوندو آهي، ۽ اسين جڏهن پنڌ هوندا آهيون، ته ان مان ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهندا آهيون ۽ شهر پناهه کان اندر يا ٻاهر ويندا آهيون! آءٌ اوهان کي ٻڌايان ته اٺ لاءِ ان درڙي مان لنگهڻ آسان آهي، پر هڪ دولتمند شخص، جو خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ آسان ڪونهي!"

"اٺ ته ان درڙي مان ڪڏهن به لنگهي نٿو سگهي!" ساٿين چيو. "چا، اوهان جو اهو چوڻ آهي ته دولتمند ماڻهو ڪڏهن به خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿي نٿا سگهن؟ جي ائين آهي ته پوءِ، سائين، غريب ماڻهن جو نصيب به دولتمند ماڻهن کان شايد ئي ڪو بهتر ٿي سگهي! چا، اهي به خدا جي بادشاهت ۾ داخل نه ٿي سگهندا؟"

"خدا وٽ هر شيءِ ممڪن آهي"، يسوع چيو ۽ ڳالهه ۾ منجهيل انهن ماڻهن کي ڏسي، هو مرڪيو.

خود يسوع وٽ به پنهنجو گهر ڪونه هو ۽ هن وٽ ڪا ملڪيت به ڪانه هئي. "جهنگ جي لومڙن کي پنهنجي ٽر آهي ۽ هوا جي پکين کي پنهنجا آکيرا آهن"، هن چيو "پر مون کي پنهنجو گهر ڪونهي."

هن نٿي گهريو ته هن جا ساٿي ائين سمجهن ته پئسي ۽ ملڪيت جي ڪا اهميت آهي. دل جون جيڪي شيون آهن، اهي اهم آهن- رحم ۽ انصاف، پيار ۽ خير خواهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ اِهي آهن ته اهو سچ پچ دولتمند آهي، ۽ خدا جي بادشاهت ان جي آهي.

هن هڪ ڀيري هنن کي هڪڙي خوشحال ماڻهوءَ جي ڳالهه ٻڌائي هئي. ان ماڻهوءَ جا فصل لاڳيتيون ڪي مندون، اهڙا ڀلا ٿيا، جو هن جا سڀ گدام ڀرجي ٽٻ ٿي ويا، ۽ هو خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو ۽ وڏي ترنگ ۾ اچي ويو.

"آءٌ پنهنجا هي ننڍا ۽ سوڙها گدام ڊهرائي ٿو ڇڏيان، ۽ انهن جي جاءِ تي نوان، ويڪرا ۽ وڏا گدام ٿو اڏايان"، هن چيو. آءٌ ايڏو شاهوڪار ٿيندس، جو آءٌ پوءِ سمهي آرام ڪندس، ۽ خود کائيندس، پيئندس ۽ سالن جا سال خوش گذاريندس!"

پر ان رات اهو ماڻهو مري ويو ۽ هن جو روح خدا وٽ پيش ٿيو. هو پاڻ سان اوڏانهن پنهنجي ڪا وڏي ملڪيت ڪو وڏو ڌن، ڪا وڏي دولت ڪانہ کڻي ويو. انهن جي خدا وٽ ڪا اهميت بہ ڪانہ هئي. خدا وٽ جيڪي وڏيون شيون هيون ۽ جن جي اصلي اهميت هئي، اهي اهي هيون، جيڪي ماڻهو پنهنجي دل ۾ سنڀالي ٿو رکي ۽ پاڻ سان کڻي اوڏانهن ٿو وڃي- يعني، نيڪي يا برائي، پاڪائي يا ناپاڪائي.

يسوع هميشہ پنهنجن ساٿين کي هيءَ ڳالهہ سمجهايو تہ هو پوريءَ طرح ڏسي سگهن تہ زندگيءَ ۾ ڪهڙيون شيون سچ پچ اهم آهن ۽ قدر لائق آهن، تہ جيئن هو پاڻ بہ پنهنجي منهن، اهي شيون ماڻهن کي ڏيکاري سگهن ۽ سمجهائي سگهن. ساڳئي وقت ان ڪم ۾ جيڪي تڪليفون ۽ خطرا ڪيس ۽ انهن کي پيش اچي سگهيا ٿي، انهن کان بہ هو کين خبردار ڪندو رهندو هو.

"اسين يروشلم ڏانهن ٿا هلون، جتي منهنجا گهڻا دشمن آهن"، هن چيو. "آءٌ اوهان کي چِتايان ٿو تہ هو مون کي اتي قيد ڪندا، مارون ڏيندا، ۽ مون تي ٺٺوليون ڪندا، ۽ نيٺ ماري بہ ڇڏيندا!"

پر هن جي ساٿين کي اِهي ڳالهيون سمجهہ ۾ ڪونہ اچي سگهيون. هنن جي مغز ۾ ئي نہ پئي آيو تہ اهي ڳالهيون ڪي صحيح بہ ٿي سگهيون ٿي. ڇا، هو خدا جو پيارو ٻالڪ ڪونہ هو جنهن هيترا عجب جهڙا ڪم ٿي ڪيا! پڪ ئي پڪ هڪ ڏينهن هو وڏو بادشاهہ بڻبو ۽ هو پاڻ بہ هن سان گڏ حاڪم بڻبا ۽ حڪومت ڪندا.

# 38 : يسوع يروشلم ۾ داخل ٿئي ٿو

يروشلم ڏانهن ويندڙ رستا ماڻهن سان پريا پيا هئا. هزارين ماڻهو هئا، جي بهار جي وڏي جشن ملهائڻ لاءِ اوڏانهن وڃي رهيا هئا. يسوع ۽ هن جي ساٿين ڏٺو تہ ماڻهن جا انبوهہ ڏاڍي اتساهہ ۾ پريا، اهو پٿرائون جابلو رستو وٺيو جنهن سان هو پاڻ يروشلم ڏانهن پئي ويا، ساڻن ئي گڏيا، اوڏانهن هلندا ٿي رهيا.

۽ هاڻي اهو وقت آيو هو جڏهن يسوع کي يروشلم جي ماڻهن کي پڌرو ٿي پڌائڻو هو تہ هو خدا جو پيارو ٻالڪ هو ۽ وٽن مسيح بڻجي آيو هو

۽ هو انهن کي سندن سيني تڪليفن ۽ عذابن کان نجات ڏياري سگهيو ٿي، ۽ ان لاءِ ڪين فقط هن تي ايمان آڻڻو هو ۽ منجهس ڀروسو رکڻو هو.

پوءِ جڏهن هو ۽ سندس ساٿي بيت فگي نالي ننڍڙي ڳوٺ وٽ پهتا، جيڪو زيتون جي جبل کان گهڻو پري ڪونه هو جتان يروشلم پري کان پنهنجي ٽڪريءَ تي بيٺل ڏسجي رهيو هو تڏهن يسوع هڪ هنڌ بيهي رهيو ۽ هن پنهنجن ساٿين مان ٻه ساٿي چونڊيا، انهن کي هڪڙو خاص حڪم ڏنو.

"اوهين هن ويجهي ڳوٺڙي ۾ وڃو"، يسوع چيو. "ان ڳوٺ ۾ اوهين جتان اندر گهڙندا، اتي ئي اوهين هڪڙو گڏهه ٻڌل ڏسندا. اهو جڙ ڪودو هوندو جنهن تي ڪنهن اڃا سواري ڪانه ڪئي آهي. اهو ڪودو اوهين ڇوڙيو، هتي مون وٽ ڪاهي اچو. جيڪڏهن ڪو اوهان کي چوي ته "ڪودو ڇو ٿا ڇوڙيو؟" ته ان کي اوهين هيءُ جواب ڏجو- "ڇاڪاڻ ته هيءُ خدا کي ڪم ٿو اچي."

ائين يسوع جا اهي ٻه ساٿي اتي ان ننڍڙي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا. ۽ جيئن ئي هنن ان ۾ پير وڌو ته هنن سچ پچ اهو گڏهڙو اتي ٻڌل ڏٺو. ۽ ان جي ماءُ به بيٺي هئي. هنن ان کي ڏسندي ئي ڇوڙڻ شروع ڪيو.

اتي ڪي ماڻهو ويجها بيٺا هئا، جيڪي ان ڪودي ۽ ان جي ماءُ جا ڌڻي هئا، تن عجب کائيندي، دانهن ڪئي:

"ڇو ٿا انهي ڪودي کي ڇوڙيو؟"

"ڇاڪاڻ ته هيءُ خدا کي ڪم ٿو اچي"، يسوع جي ساٿين جواب ڏنو. اهو جواب ٻڌي، هنن ڪين اهو ڇوڙڻ ڏنو ۽ هو ان کي ڪاهي اتي هليا ۽ پوءِ ان جي ماءُ به اتي هنن جي پٺيان هلي. پوءِ هو سڀ ٽڪريءَ تان لهندا، آهستي آهستي هلندا، ترت ئي اچي پنهنجن ساٿين سان مليا.

انهن ڏينهن ۾ اتي جي رومن سرڪار جو هيءُ قاعدو هوندو هو ته فقط انهن جا هٿياربند فوجي گهوڙن تي چڙهندا هئا. انهن جا محڪوم هٿين خالي، امن جا ٻندا، گڏهن تي چڙهي هلندا هئا. ۽ يسوع امن جو شهزادو هو. هن فقط چاهيو ٿي ته ٻين جي خوشيءَ جو سامان ۽ ٻين لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جي دنيا قائم ٿئي. هو يروشلم جي شهر ۾ ماڻهن کي رڳو امن ۽ پيار جي

خوشخبري ڏيڻ لاءِ داخل ٿي رهيو هو ۽ انهيءَ لاءِ هو گڏھ تي ويهي، امن جي شهزادي طور، اوڏانهن وڃي رهيو هو.

يسوع جا ساٿي خوش هئا تہ سندن پيارو رهبر پنڌ هلڻ بدران اڄ گڏھ تي سوار هو. هنن پنهنجا ڪپڙا لاهي هن کي گڏھ جي پٺيءَ تي ٽيڙي ناهي ڏني تہ هو ان تي ويهي سگهي. ۽ منجهانئن ڪن وري پنهنجا ڪپڙا هيٺ پٽ تي وڇايا تہ پلي هن جو گڏهڙو انهن کي لتاڙيندو اڳتي هلي. هنن چاهيو ٿي تہ يروشلم ۾ هو هڪ بادشاھ وانگر داخل ٿئي!

گڏهڙو يسوع کي پنهنجي پٺيءَ تي ويهاري، اتي اڳتي هليو. يسوع جي ساٿين سمع هڻڻ شروع ڪئي ۽ گيت ڳائڻ شروع ڪيا ۽ هو زور زور سان نعرا هڻندا هن جي پٺيان هلڻ لڳا_

”مبارڪ آهي اهو بادشاھ جيڪو خدا جو نالو کڻي ٿو اچي! سڀ کان اوچي ڌڻيءَ جي ساراھ. ڌرتيءَ تي امن، ۽ سڀني ماڻهن جي ڀلائي! سڀ کان اوچي ڌڻيءَ جي ساراھ. ڌرتيءَ تي امن ۽ سڀني ماڻهن جي ڀلائي!“

رستي تي ماڻهن جا انبوھ، حيرت ۾ پرجي، هڪ ٽڪ ڏسڻ لڳا. انهن مان ڪي گليل جي علائقي جا هئا. ۽ هو يسوع کي سڃاڻندا هئا ۽ هن جا عجب جهڙا اعليٰ ڪم هنن ڏٺا هئا. انهن مان ڪيترن جي دل ۾ هن لاءِ پيار هو. ڇاڪاڻ تہ هن سندن عزيزن ۽ دوستن جون بيماريون لاٿيون هيون ۽ انهن کي سندن هر تڪليف ۽ ڏک ۾ مدد ڪئي هئي. ۽ ائين هو بہ سيني سان سمع هڻڻ ۾ شامل ٿي ويا ۽ ساڻن گڏجي زور سان نعرا هڻڻ ۽ ڳائڻ لڳا.

۽ انهن مان بہ ڪن پنهنجا ڪپڙا لاهي، هن جي اڳيان پٽ تي وڇايا. ۽ جڏهن هو انهن تان مٿي ٿي ويو تڏهن هنن اهي وري کڻي، اڳتي ٽڪريءَ جي لاهي تي هن جي آڏو پٽ تي ٽي وڇايا. ڇاڪاڻ تہ هاڻي هو زيتون جي جبل تان هيٺ لهي رهيو هو ۽ ڪجھ مفاصلي تي پريان سيني کي يروشلم ڏسڻ ۾ پئي آيو.

”هيءُ يسوع آهي!“ اها خبر اوري پري اتي، ۽ هوا وانگر ماڻهوءَ کان ماڻهوءَ تائين پکڙڻ لڳي. ”هيءُ يسوع آهي! هيءُ يروشلم ڏانهن بادشاھ وانگر پيو وڃي! هاڻي تہ ڪي ڳالهيون بہ ڳالهين جهڙيون ٿيڻ واريون آهن! اٿو تہ اٿون ۽ هن جي آجيان ڪريون، ۽ هن جا گيت ڳايون!“

ائين هر پاسي کان ماڻهن جا انبوهہ اچي مڙيا. ۽ اڳئين کان وڌيڪ اوچا نعرا هڻڻ لڳا! "دائود جو پٽ مبارڪ! ڀلي آيو جيءُ آيو اهو بادشاهہ، جيڪو خدا جو نالو کڻي تو اچي! "هو شعنا!" "هوشعنا!" مبارڪ ! مبارڪ!"

سيني انهيءَ طرح خوشيءَ جا نعرا هنيا. ۽ سڀيئي جوش ۾ ڀرجي ويا. گهڻن ماڻهن ويجهن بيٺل وڻن مان ٽاريون ڇني، رستي تي وڇايون. تہ جيئن يسوع جو گڏهڙو انهن تان متي اڳتي وڃي. هيءُ ڏاڍو هڪڙو دل اٽاريندڙ نظارو هو.

يروشلم جي ماڻهن پري کان سمعون ۽ نعرا ٻڌا. ۽ اهي ميڙاڪا ڪري، ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا تہ ايترو جوش ۽ جولان ڇا لاءِ هو.

"اِهو تہ ناصرت جو يسوع آهي!" ڪنهن دانهن ڪئي. "هو پاڻ اسان وٽ يروشلم ۾ پيو اچي! اسان کي تہ هن لاءِ اکيون وڇائڻ کپن! اچو تہ هن جي آجيان ڪريون!"

ائين يروشلم جا ماڻهو وڌي اڳتي آيا، ۽ اڳتي وڌي هنن يسوع جو آدرياءُ ڪيو. جڏهن بہ هو ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي پنهنجي جذبي جو اظهار ڪندا هئا، تڏهن هو کجيءَ جون ٽاريون ڇني، هٿن ۾ کڻندا هئا، ۽ هوا ۾ لوڏيندا هئا. هاڻي بہ هنن ساون ساون، تازن تازن کجيءَ جي وڻن مان وڏيون وڏيون ٽاريون ڇني هٿن ۾ کنيون. ۽ يسوع جي آجيان لاءِ، من جي اڇل ۾ اچي، زور زور سان، اهي هو هوا ۾ لوڏڻ لڳا.

"مبارڪ! مبارڪ! اسرائيل جي بادشاهہ تي خدا جي رحمت! هوشعنا! هوشعنا!"

يروشلم جي ان وڏي شهر ۾ يسوع جا گهڻا دشمن بہ هئا. ۽ ڪا مهل نہ گذري تہ فريسين، جيڪي شرع جا عالم هئا ۽ عبادتخاني جي مک ربين ماڻهن جا بلند آواز ۽ جوشيلا نعرا ٻڌا. ۽ هنن معلوم ڪري ورتو تہ ڳالهہ ڇا هئي.

"اهو ٿي ساڳيو يسوع آهي!" ڪاوڙ ۾ ڀرجي هنن چيو. "هو هاڻي اسان جي شهر ۾ آيو آهي، ۽ ماڻهو هن کي ڏسيو نعرا پيا هڻن. ڄڻ هو ڪو وڏو بادشاهہ آهي! هيءَ ڳالهہ اسان کي نہ کپي! اسين هن کي حڪم ڪنداسين تہ پنهنجي ماڻهن کي چوي تہ گوڙ بند ڪن." هنن کي اِها سا همت ڪانہ ٿي تہ هن کي پڪڙائڻ جي ڪوشش ڪن. هنن ڏٺو تہ شهر جا

هيڏا ماڻهو ايڏي امنگ سان هن جي آجيان پيا ڪن، سو ڳالهہ ڪي وڏائڻ هنن مناسب ڪونہ ڄاتو. پر هنن جون ڪاريون دليون هيون، سي سڄيون ڪروڌ ۾ پرجي ويون.

پوءِ ڪي فريسي پنهنجا چوغا پائي، ۽ پنهنجون عصائون هٿن ۾ ڪٽي، انبوهہ جي اڳيان اچي بينا ۽ سڏ ڪري يسوع سان ڳالهائڻ لڳا.

"پنهنجن پوئلڳن کي چئو تہ خاموش ٿين! هيءُ پاڪ شهر آهي! هتي گوڙ نہ ڪيو!"

يسوع مڙي هنن کي ڏٺو ۽ جواب ڏنو: "جيڪڏهن اجوڪي ڏينهن بہ هي ماڻهو خاموش ٿين، تہ رستي جا پٿر اٿي رڙيون ڪندا!"

ائين يسوع يروشلم ۾ داخل ٿيو. هو گڏهڙي تي سوار هو ۽ ماڻهن جا انبوهہ خوشيءَ ۾ نهال، هن جي چوڌاري نچي رهيا هئا، ڳائي رهيا هئا ۽ نعرا هڻي رهيا هئا. پر فريسي، جيڪي شرع جا عالم هئا، ۽ عبادتگاهہ جا وڏا ربي سخت ڪاوڙيل هئا، ۽ وڏيءَ تڪليف ۾ مبتلا هئا. هو ڪجهہ نٿي ڪري سگهيا! هو هن ماڻهوءَ کي هٿ بہ لائي نٿي سگهيا. سڄو شهر هن کي آدرياءُ ڪري رهيو هو!

"هيءَ تہ ڏاڍي غير معمولي ڳالهہ آهي"، هنن هڪبئي کي چيو. "ائين پيو ڏسجي، ڄڻ اسين هن ماڻهوءَ کي ڪجهہ نٿا ڪري سگهون! سڄي دنيا هن جي پٺيان آهي!"

## 39 : يسوع عبادتگاهہ ۾ وڃي ٿو

يروشلم ۾ داخل ٿيڻ کان ڏينهن بہ پوءِ، يسوع دعا گهرڻ لاءِ عبادتگاهہ ۾ ويو ۽ ان جي خوبصورت ٻاهرين دالانن ۽ صحنن ۾ جيڪي هن ڏٺو تنهن تي هن کي ڏاڍي بڇان محسوس ٿي ۽ سخت ڪاوڙ آئي.

اهي صحن ۽ دالان عبادتگاهہ جا حصا نہ، پر سنوان سڌا ڪنهن بازار جا دڪان يا مارڪيٽ ٿي لڳا! ماڻهو اتي شين جي ونڊ ۽ وڪڻڻ ۾ پورا هئا. پئسن جي رڳي مٽ سٽ هئي، سا پئي اتي هلي. هر هنڌ ماڻهن جا

وهت ٻڌا پيا هئا. سڄي جاءِ گند ۾ ڏٺي پيئي هئي ۽ چوڌاري گوڙ ئي گوڙ لڳو پيو هو.

يسوع اتي بيٺو رهيو ۽ ڏسندو رهيو. هن ڏٺو تہ ماڻهو اتي ڍڳا، رڍون، ٻڪريون ۽ وينديون ۽ ڪبوتر بہ وڪڻي رهيا هئا. پئسن جا ڍلاوٽا رومن سڪا مٽي، ماڻهن کي ٻيا سڪا ڏيئي رهيا هئا، جيڪي زيارتين ۽ نمازين کي عبادتگاهہ جي وڏن ربين کي نذر نياز ۾ ڏيڻا پوندا هئا، ۽ هن ڏٺو تہ ڍلاوٽا عام طرح ان ناڻي جي مٽا سٽا ۾ بہ ماڻهن کي کليو کلايو ٺڳي رهيا هئا. هن ڏٺو تہ ماڻهو صحنن کي وچ وارن رستن طور استعمال ڪري رهيا هئا - ڪين اِن ڳالهہ جي بنهہ پرواهہ نہ هئي تہ اهي صحن مقدس عبادتگاهہ جو ئي حصو هئا.

ڍڳا اتي هڪ پاسي رنڀي رهيا هئا، رڍن ٻئي پاسي ٻيڪاٽ پئي ڪيا، ۽ ناڻي جا ڍلاوٽا، گلا ڦاڙيو ڪنهن ڦريل ماڻهوءَ وانگر، رڙين مٿان رڙيون لايو بيٺا هئا. ماڻهو هڪٻئي کي زور سان سڏي رهيا هئا، ۽ هر ڪو ڊوڙندو ڪڏهن هت ڪڏهن هت، ۽ ڪڏهن ڪبوترن جي تنگڙن ڏانهن ڪبوترن کي ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ سهڪندو ۽ ڇڄندو ٿي رهيو. ڪو بہ ڪڏهن اهو اندازو لڳائي نٿي سگهيو تہ اهي صحن ۽ دالان ڪي ان وڏي عبادتگاهہ جا هئا، جيڪو "خدا جو گهر" هو.

يسوع بيٺو ڪيترو وقت ان جاءِ کي ڏسندو رهيو جتي صفائيءَ جي بدران گندگي پريل هئي ۽ سانت ۽ امن بدران گوڙ ۽ فساد پکڙيل هو ۽ وڏيڪ هن ڪان اها حالت سٺي نہ ٿي. اتي جيڪي بہ ماڻهو بيٺل هئا، تن سيني کي هن رڙ ڪري اتان نڪري وڃڻ لاءِ چيو. هو ناڻي جي ڍلاوٽن جي ميزن وٽ ويو ۽ انهن کي اٿلائي، ڪيرائي ڇڏيائين ۽ انهن تي جيڪي پئسا پيا هئا، سي ڇڻ ڇڻ ڪندا، چوڌاري پٽ تي پکڙجي ويا. هن واپارين جا دخل اونڌا ڪري ڇڏيا، ۽ جيڪي ماڻهو صحنن کي وچون رستو ڪري استعمال ڪري رهيا هئا، تن کي ڀڄائي ڪڍيائين. جيڪي ماڻهو اتي شيون خريد ڪري رهيا هئا، انهن کي بہ ڊوڙائي ڪڍيائين، ۽ ترت ئي اتي ماڻهن ۾ ڀڄ ڊڪ مچي ويئي- ڪن واڪا ڪري پئي ڳالهايو ۽ ڪن ڪاوڙ ۾ رڙيون پئي ڪيون، ۽ هيءُ سيڪجهہ ڏسي سيني کي حيرت وٺي ويئي.

رستن جا لانگهائو ماڻهو ڏسڻ لاءِ ڊوڙي آيا ته ڇا پئي ٿيو ۽ جڏهن هنن ڏٺو ته يسوع هر ڪنهن کي هڪالي اتان ڪڍي رهيو هو ۽ انهن جون ميزون، دڪان ۽ دخل پٽي، اونڌا ڪري، اڇلائي رهيو هو تڏهن هو اچرج ۾ پئجي ويا.

"هي ڇا ٿي رهيو آهي؟" هنن رڙ ڪري پڇيو ۽ ناٽي جا پلاوٽا، جيڪي پٽ تي اڇليل پنهنجا پئسا، هيٺ نوڙي، جهٽ جهٽ چونڊي رهيا هئا، تن خوفناڪ رڙ ڪري يسوع کي چيو "تون هي ڇو ٿو ڪرين؟"

۽ ان جو يسوع هنن کي پورو پختو جواب ڏنو. "ڇا، اوهان کي خبر نه آهي ته "مقدس ڪتاب" ۾ ڇا لکيل آهي؟" هن چيو. "ان ۾ لکيل آهي ته "خدا جو گهر" عبادت جو گهر آهي. پر اوهان ان کي بدلائي چورن جو ٽم بڻائي ڇڏيو آهي!"

يسوع کي بلڪل خوف ڪونه ٿي ٿيو ۽ ڪنهن کي به هن کي هٿ لائڻ جي همت ڪانه ٿي ٿي- ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙها ٿي ويل ناٽي جا واپاري به هن جي ويجهو نه آيا. پر هنن پوءِ ڊوڙي وڃي عبادتگاهه جي وڏن ربين کي دانهن ڏني، جن هنن کي عبادتگاه جا صحن ۽ دالان، اتي پڙيون هٽي واپار ڪرڻ لاءِ، مسواڙون وٺي، ٺيڪي تي ڏيئي ڇڏيا هئا. عام ماڻهو اهڙو ڪو بي خوف ۽ سچو ماڻهو اتي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ اهي مڙي، هڪدم عبادتگاهه جي وڏي صحن ۾ هن جي وعظ ٻڌڻ لاءِ هن جي چوڌاري اچي گڏ ٿيا.

وڏا ته وڏا، پر خود ٻار به هن وٽ آيا ۽ هن کي همٿائڻ ۽ هن سان پنهنجي دلي پيار ڏيکارڻ لاءِ وڏي واڪ نعرا هڻڻ لڳا_ "دائود جو پٽ مبارڪ! هوشعنا! مبارڪ!" ان تي ته عبادتخاني جا وڏا ربي هيڪاري ڪاوڙجي پيا. پر هو وري به، ڪري ڪجهه نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته ماڻهو هئا، جي سچ پچ يسوع جي وعظ ٻڌڻ جا شائق هئا.

پوءِ هر روز يسوع عبادتگاهه جي وڏي صحن ۾ ويهندو هو ۽ بيمارن جون بيماريون لاهيندو هو ۽ جيڪي ماڻهو ڪيس ٻڌڻ ايندا هئا، تن سان، دل لائي، ڳالهائيندو هو. هاڻي سچ پچ به ته هن وٽ ٿورو وقت وڃي بچيو هو. اِها هن کي خبر هئي. جلد ئي هن جا دشمن هن کي پڪڙيندا ۽ ائين هن جي هن عبرت ۾ وجهڻ جهڙي عظيم ڪم جي پڄاڻي ٿيندي- جيڪو هن جي دل کي ايترو پيارو هو ۽ ايترو وڻيو ٿي.

**ٻارن جو مسيح**

رات جو يسوع ۽ هن جا ساٿي شهر کان ٻاهر نڪري، ڪليل آسمان جي هيٺان، تارن جي مٺي روشنيءَ ۾، ٽڪرين جي پاسن تي وڃي بسيرو ڪندا هئا ۽ اتي پاڻ کي محفوظ سمجهندا هئا. فريسي، جيڪي شرع جا عالم هئا، ۽ عبادتگاهه جا وڏا ربي پنهنجا پنهنجا جاسوس ۽ ايجنٽ هر هنڌ ٻاهر موڪليندا هئا، جيڪي موقعي جي تلاش ۾ رهندا هئا ته ڪڏهن يسوع انهن کي وجهه ۾ اچي ته هن کي گرفتار ڪري پنهنجن آقائن وٽ وٺي وڃن. هاڻي يسوع جي خدائي ڪم جا باقي ڪي تمام ٿورا ڏينهن وڃي رهيا هئا، تمام ٿورا، جن ۾ هو وعظ ڪري سگهيو ٿي ۽ بيمارن جون بيماريون ڇٽائي سگهيو ٿي.

## 40 : بيوهه عورت جي پيٽا

يسوع هر روز عبادتگاهه ۾ وڃي وعظ ڪندو هو. نه رڳو سندس پوئلڳ ۽ ساٿي کيس ٻڌندا هئا، فريسي، مفتي ۽ ربي، جيڪي سڀ سندس دشمن هئا، اهي به کيس سچو وقت ۽ پوري ڌيان سان وينا ٻڌندا هئا. اهي سڀ اڪثر اتي خاص هن کي ٻڌڻ ۽ هن تي چوڪسي رکڻ لاءِ ايندا هئا، ڇاڪاڻ ته هو انهيءَ ڪوشش ۾ هوندا هئا ته ڪين ڪي هن جا اهڙا قول ۽ ڪم معلوم ٿي سگهن، جن جي آڌار تي هو هن کي جهلائي سگهن ۽ قيد ۾ بند ڪرائي سگهن.

يسوع کي اِن ڳالهه جي خبر هئي. هن کي معلوم هو ته اهي ڏاڍا هٺيلا، خود غرض، ڪوڙا، تنگدل ۽ ڪٺور هئا، ۽ هو سدائين ماڻهن کي جهليندو هو ته هنن کي پاڻ ڪڏهن به انهن عالمن ۽ مفتين جهڙو ٿيڻ نه گهرجي. "اهي رڳو نيڪ هجڻ جو ڍونگ ڪن ٿا! اهي پنهنجي نيڪيءَ ۽ نياز جو وڏو ڏيکاءُ ڪن ٿا، پر دعوتن ۾ پهرين ۾ مک جاين والارڻ ۽ "خدا جي گهر" ۾ پهرينءَ صف ۾ ۽ اوچي کان اوچي منبر تي ويهڻ جو ڪيڏو نه شوق اٿن! ۽ ڪيڏو نه حرص اٿن ته ماڻهو کين "سائين"، "مولا" يا "حضرت" چئي، سندن اڳيان نمن ۽ ٻانهون ٻڌي بيهن! اوهين هرگز انهن جهڙا نه ٿجو!"

فريسي جيڪي اهل شريعت هئا، ۽ سدوسي، جيڪي اهل طريقت هئا، ۽ ڪيئي مفتي ۽ فقيه ويجها بيٺا هئا، جڏهن يسوع اٿين چيو ۽ هو سخت ڪاوڙ

۾ پرجي ويا ۽ هنن جي دل ۾ هڪڙي ئي خواهش ايري آئي- هن شخص کي ڪنهن طرح ختم ڪرائي سگهجي!

پوءِ يسوع اتان اٿي، ٻئي صحن ۾ خاموش ويهي رهيو. اتان هو ماڻهن کي اندر ايندي ۽ ٻاهر ويندي ڏسندو رهيو. سندس ساٿي به انهن کي ڏسندا رهيا. اهو ڏاڍو هڪ مصروف ۽ پرپور نظارو هو. هيءُ بهار جي جشن جو هفتو هو ۽ هزارين لکين ماڻهو ان موقعي تي يروشلم ۾ آيا هئا ۽ عبادتگاهه ۾ دعائن گهرڻ ۽ نمازن پڙهڻ لاءِ ٽولن جا ٽولا ٿيو پئي آيا ويا.

هن صحن ۾ پيتا جون پيتيون لڳل هيون، جن ۾ ماڻهن عبادتگاهه لاءِ ۽ ان جي ڪيترن خير خيرات جي رسمن لاءِپيتا طور پئسا پئي وڌا. هي ڪافي گهڻيون پيتيون هتي لڳل هيون، جن کي "ديني تجوڙيون"به سڏيو ويندو هو. انهن جي مٿان ٽوتاري جهڙا منهن ٺهيل هئا، جن مان پئسا اندر وجهيا هئا ته ڇڻڪات ڪري، هيٺ وچي پيتين ۾ پوندا هئا.

انهن پيتين ۾ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ موجب پئسا وجهندا رهندا هئا، پر ڪين گهٽ ۾ گهٽ ته به هڪ دمڙي ضرور وجهڻي هئي. اسان وٽ هاڻي ايترو ننڍو سڪو رواج ۾ ڪونهي، پر انهن ڏينهن ۾ دمڙيون به هونديون هيون ۽ اڌ دمڙيون به.

يسوع ويٺو ماڻهن کي انهن پيتين ۾ پئسا وجهندي، ڏسندو رهيو. هن دولتمند ماڻهن کي ڏٺو ته اهي آيا ٿي ۽ بي پرواهيءَ سان، پنهنجن کيسن مان پئسا ڪيندا، انهن ۾ وجهندا ٿي ويا، ۽ منجهائڻ ڪو به نٿائي، پئسن وجهڻ کان پاڻ بچائي نڪري هليو ڪونه ٿي ويو! هن پيا ماڻهو به ڏٺا، جن کان به جيترا پئسا ٿي سگهيا ٿي، اوترا هو پيتين ۾ وجهندا ٿي ويا.

۽ پوءِ هن جي نظر هڪڙيءَ بيوهه عورت تي پيئي، جنهن جي ميرن ۽ ڇتين لڳل ڪپڙن مان ظاهر هو ته هن وٽ سچ پچ ته تمام ٿورا ڪي پئسا ٿي سگهيا ٿي. هن جو مڙس به حيات ڪونه هو، جو ڪمائي هن کي ڏئي. انهيءَ ڪري هوءَ ڏاڍي ڪا ڏتڙيل ۽ سخت زندگي گذاري رهي هئي.

"هيءَ ويچاري مائي، جنهن وٽ ڪجهه ڪونه هو، سچ پچ ته به ته ڪيترا پئسا پيتيءَ ۾ وجهي سگهنديا" يسوع سوچيو. هن وٽ ته پيٽ پرڻ لاءِ به پئسو ڪونه هوندو!"

پر جيئن ئي يسوع هن کي ويٺي ڏٺو تيئن هوءَ وڏي پيتين ڏانهن ويئي، ۽ هيڏانهن هوڏانهن لوڏو هڻندي، تہ ڪير ڪو ڏسي نہ وٺي تہ ڪيترڙا پئسا هن پيتيءَ ۾ تي وڌا. هن بہ دمڙيون پلاند مان ڇوڙي، پيتيءَ ۾ وجهي ڇڏيون ۽ پوءِ خالي پلاند کي هٿ ۾ جهليندي، تکي، تکي هوءَ موٽي هلي ويئي.

پوءِ يسوع پنهنجن ساٿين سان ڳالهايو. "اوهان هن مسڪين بيوهہ عورت کي ڏٺو؟" هن چيو. "دولتمندن ۽ ٻين ماڻهن سيني گهڻا پئسا پيتين ۾ وڌا آهن، ۽ هن عورت فقط بہ دمڙيون وڌيون. پر حقيقت ۾ هن ئي ٻئي هر ڪنهن کان وڌيڪ پئسا وڌا! ٻين وٽ بچتو پئسا هئا، ۽ اهي هنن پيتين ۾ وڌا- پر هن وٽ جو ڪجهہ بہ هو سو سڀ پيتيءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. خدا جي اکين ۾ هن جي اها ننڍڙي پيٽا، اهو ننڍڙو نذر ٻين سيني دولتمند ماڻهن جي گڏيل نذر کان وڌيڪ قدر لائق ۽ قيمتي آهي."

# 41 : يسوع جو چتاءُ

۽ هاڻي، سچ پچ، اهو وقت ويجهو اچي رهيو هو جڏهن يسوع وڌيڪ پنهنجو ڪم جاري رکي نہ سگهندو. هن کي ڏک هو ڇاڪاڻ تہ هن جا گهڻا دشمن هئا ۽ اهي هن جي نفرت ۾ انڌا هئا. ۽ هو جو ڪجهہ هر ڪنهن کي ٻڌائڻ آيو هو اهو ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار نہ هئا.

يسوع کي خبر هئي تہ نفرت ۽ بيرحمي لڙائيءَ، جهيڙي ۽ موت جا بنيادي سبب هئا. هن کي خبر هئي تہ يروشلم جا ماڻهو فقط امن، پيار ۽ سهڪار جو سندس پيغام ٻڌڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي موتمار خطرن کان محفوظ رهي سگهيا تي.

هڪڙي ڏينهن شام جو يسوع جي ساٿين عبادتگاهہ جي عمارت جي وڏن پٿرن ڏانهن ڏسندي، ڏاڍو عجب ظاهر ڪيو ۽ چيو: "خدا جي گهر جا هي پٿر اڏول ۽ امٽ آهن." سچ پچ بہ تہ انهن مان هڪ هڪ پٿر ايڏو وڏو هو جو اهو ڪنهن غريب جي ڪٽنب لاءِ پريان ٽڪريءَ جي پاسي تي اڏيل اچي رنگ جو سڄو ڪو گهر تي معلوم ٿيو.

يسوع انهن وڏن پٿرن ڏانهن ڏٺو ۽ ڏاڍي هڪڙي عجيب ڳالهہ ڪئي

”جلدئي،“ هن چيو ”انهن پٿرن مان ڪو هڪڙو بہ ٻئي جي مٿان سلامت نہ رهندو! اهي سيئي ڪري، اچي، پٽ پوندا. چو تہ هر عمارت، جنهن جو ڪم نہ رهندو سا ڊهندي“

”سائين، اهو سيڪجهہ ڪڏهن ٿيندو؟“ هن جي ساٿين عجب ۽ خوف ۾ پرجي چيو.

۽ پوءِ يسوع انهن سيني کي ٻڌايو تہ ڏاڍو هڪ خطرناڪ وقت ويجهو اچي رهيو هو جڏهن انساني ڏڪار ۽ ساڙ يروشلم کي ۽ گهڻين قومن کي ڏڪي جنگ جي ڪوري ۾ اڇلائي ڇڏيندا.

”جنگين جون ڳالهيون نڪرنديون ۽ جنگيون ٿينديون“، يسوع چيو ”۽ قومون هڪٻئي جي خلاف وڙهنديون. زلزلا ايندا ۽ ڏڪار پوندا ۽ خطرناڪ بيماريون پکڙنديون. اوهين، جيڪي منهنجا ساٿي آهيو منهنجي ڪارڻ تمام گهڻا ڏک ڏسندا ۽ تمام گهڻيون تڪليفون سهندا. ڇاڪاڻ تہ هو اوهان کي ماريندا، سزائون ڏيندا، ۽ گهلي حاڪمن ۽ بادشاهن وٽ وٺي ويندا، ۽ اڇلي بنديخانن ۾ وجهندا. پر اوهان کي ڊڄڻ نہ گهرجي، چو تہ ائين اوهان کي موقعو ملندو هر ڪنهن کي منهنجي پيغام ۽ پنهنجي مقصد بابت ٻڌائڻ جو ۽ ان لاءِ اوهان جي زبان تي پورا ۽ صحيح لفظ پاڻيهي تري ايندا.

”اهو هڪ خطرناڪ وقت هوندو ڇاڪاڻ تہ پيءُ ماءُ پنهنجن ٻارن جي خلاف ٿي بيهندا، ۽ ٻار پنهنجن مائرن ۽ پيئرن کان ڦرندا ۽ انهن سان غداري ڪندا، ۽ يائر، دوست ۽ مائٽ هڪٻين سان غداري ڪندا ۽ منهان منهن ٿي بيهندا. اوهان مان ڪيترن کي ماريو ويندو ۽ منهنجي راهہ ۾ مرڻو پوندو.

”يروشلم پورو ناس ٿيندو ۽ زمين تي اوندهہ انڌوڪار ڇانئجي ويندو. پر هڪ ڏينهن ايندو جڏهن منهنجي بادشاهت قائم ٿيندي، ۽ منهنجا دوست ڳولي ڳولي لهبا ۽ گڏ ڪيا ويندا. انهيءَ ڪري اوهين چوڪس رهو. جڏهن ”گهر جو مالڪ“ اٿندو ۽ اوهان وٽ ايندو۔ انهيءَ گهڙيءَ لاءِ اوهين تيار رهو ۽ جاڳندا رهو.“

پوءِ يسوع پنهنجن ساٿين کي ڏهن جيڏين جي ڳالهہ ٻڌائي، تہ جيئن هو صاف ڏسن ۽ سمجهن تہ جڏهن هن کين تيار رهڻ ۽ جاڳندي رهڻ لاءِ چيو تي، تڏهن هن جو ڇا مطلب هو.

# 42 : ڏهن جيڏين جي ڳالهه

هڪ ڀيري هڪڙيءَ ڪنوار جون ڏهه جيڏيون هيون، جن کي لالٽين لهڻ مهل ڪنوار جي پير ۾ ويهڻ جي دعوت ڏني ويئي هئي. گهوٽ ڪنوار کي رات جو ڪنهن ويلي لالٽون لهٽيون هيون، ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ اسرائيل جي ملڪ ۾ شاديون هميشه رات جو ٿينديون هيون. ڏهن جيڏين کي چيل هو ته هو پنهنجو ڏيئو کڻي اچي لالٽن جي ڪمري ۾ پهچن، ته جيئن کين ڪنوار سان گڏ گاديءَتي ويهاريو وڃي.

"گهوٽ جو سرگس ڪمڙيءَ ويل هتي پهچي، اها ڄاڻ ڪانهي"، نينگرين کي چيو ويو. "پر اوهان کي ان مهل اطلاع ڏنو ويندو. انهيءَ ڪري اوهين پنهنجا ڏيئا ٻاري رکو ۽ پوريءَ طرح تيار ٿي ويهو."

پوءِ ڏيئن ۾ تيل وڌو ويو. ڏهن جيڏين پاڻ پنهنجن هٿن سان انهن ۾ تيل وڌو ۽ انهن کي ٻاريو ته جيئن لالٽن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هو تيار هجن.

انهن ڏهن جيڏين مان پنج سياڻيون هيون ۽ پنج اياڻيون هيون. جيڪي پنج سياڻيون هيون، تن کي ڊپ هو ته جي لالٽن کان اڳ سندن ڏيئن جو تيل ٻري ويو ته کين لالٽن مهل ڪنوار سان ويهڻ جو وجهه ڪونه ملندو ۽ ته سندن ڏيئا انهيءَ مهل وساميا پيا هوندا. انهيءَ ڪري انهن ڇا ڪيو جو پنهنجي لاءِ وڌيڪ تيل خريد ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيائون، ته وقت سر کين اهو ڪم اچي سگهي. پنجن اياڻين جيڏين وٽ اهو ئي تيل رهيو جيڪو سندن ڏيئن ۾ ڀرين وڌل هو.

ڏهه ئي نينگريون پوءِ پنهنجن ڏيئن جي پير ۾ ليٽي پيون، ۽ نهاريندي نهاريندي ۽ ڪنائيندي ڪنائيندي، انهن مان پنجن اياڻين جي اک لڳي ويئي. هنن ائين ٿي سوچيو ته لالٽن مهل کين ضرور جاڳايو ويندو ۽ پوءِ هو ٽپ ڏيئي اٿنديون، پنهنجن ڪپڙن کي ڻاهينديون، ٻرندڙ ڏيئا هٿن ۾ کڻنديون ۽ وقت اندر وڃي ڪنوار سان گڏ لالٽن تي ويهنديون. پر پنجن سياڻين جيڏين جو ويچار ٻيو هو ۽ اهي جاڳنديون رهيون ۽ پنهنجن ڏيئن جي وٽ سورينديون رهيون، ۽ انهن ۾ تيل وجهنديون رهيون. هنن کي

**تعليم جو مسيحائي ڪردار**

ڪنوار سان گڏ ويهڻ جي سڏ جو خيال هوءِ اهو انهن کي ڪنهن به محل تي سگهيو ٿي!

اتفاق اهڙو ٿيو جو لائٽن ۾ ڪجهه دير پئجي ويئي، ۽ اڌ رات کان به پوءِ گهوٽ پنهنجن سيني جيڏن ساڻ ڪنوار جي گهر پهتو ۽ پوءِ، چوڌاري آواز اٿڻ لڳا.

"ڏسو ڏسو! گهوٽ اچي ويو! گهوٽ اچي ويو!"

پنج سياڻيون نينگريون تڪڙيون تڪڙيون اٿيون. انهن پنهنجا ڏيئا وري به ڏٺا ۽ انهن جون وٽيون سوئي ۽ سوري نيڪ ڪيون ته جيئن اهي وڌيڪ تيج سان ٻرن. پر پنجن اياڻين جا ڏيئا وساڻا پيا هئا، ڇاڪاڻ جو انهن جو سڄو تيل ٻري ويو هو. انهيءَ محل اهي به اکيون مهٽي اٿيون ۽ پنهنجا وساڻل ۽ خالي ڏيئا ڏسي، وٺي پنجن سياڻين ڏانهن ڊوڙيون، جيڪي پنهنجن ڏيئن ۾ اوڏيءَ محل وڌيڪ تيل وجهي رهيون هيون، جيڪو هنن اونو ڪري انهيءَ ئي گهڙيءَ لاءِ وٺي پاڻ وٽ رکيو هو.

"اسان کي پنهنجي تيل مان ڪجهه ڏيو!" پنجن اياڻين نينگرين رڙ ڪري چيو. "اسان جا ڏيئا وسامي ويا آهن!"

"اوهان کي اسين تيل نٿيون ڏيئي سگهون"، سياڻين چيو. "اسان کي پنهنجن ڏيئن لاءِ ئي مس پورو آهي. اوهين ڊوڙي وڃي ڪنهن هٽ تان ڪٽان پنهنجو تيل وٺي اچو!"

پوءِ انهن پنجن اياڻين نينگرين پنهنجن ڏيئن جي تيل خريدڻ لاءِ وٺي ڊوڙ پاتي. ۽ پٺيان گهوٽ گاديءَ تي ويهي رهيو. ۽ ڪنوار جون هن سان لائئون شروع ٿي ويون. پنج سياڻيون جيڏيون پنهنجا ٻرندڙ ڏيئا کڻي وڃي اتي پهتيون ۽ انهن کي ڪنوار سان گوڏو گوڏي ۾ ڏياري ويهاريو ويو ۽ هو خوش خوش پنهنجي سرتيءَ کي لائئون لهرائڻ لڳيون ۽ مٺائيس گهورون گهورڻ لڳيون.

ٿوريءَ دير کان پوءِ پنج اياڻيون جيڏيون به اچي سهڙيون. هاڻي انهن جا ڏيئا به تيل سان ڀريل هئا ۽ تيز تيز ٻري رهيا هئا. پر هو بند دروازي تي اچي بيٺيون ۽ اندران در کي ڪنبو آيل هو.

هنن گهٽوئي در کڙڪايو ۽ سڏ ڪيا، "در کوليو! در کوليو!"

پر اندران آواز آيو "اوهين ڪير آهيو؟ مونکي وڃو! گهوٽ راجا لائٽون لهي چڪيون!" ۽ اهي پنج ايائون جن جي پنهنجي سرتيءَ جي لائٽن ۾ شريڪ تي نه سگهيون، ۽ ٻاهر اونداهي ۾ بيٺيون روئنديون رهيون.

"انهيءَ ڪري"، يسوع چيو "سدائين تيار رهو ۽ جاڳندا رهو! ڇاڪاڻ ته ڪهڙي خبر ته آسماني بادشاهت ڪڏهن اچي ۽ ڪهڙي ڏينهن قائم ٿئي!"

# 43 : پوئين ڳالهه، جيڪا يسوع ٻڌائي

هيءَ ڳالهه جيڪا يسوع جي آخرين ٻڌايل ڳالهه آهي، سا شايد هن جي سيني ڳالهين مان سٺي ۾ سٺي ڳالهه آهي، ۽ سچ پچ هڪ تمام وڏي ۽ اهم ڳالهه آهي.

"جڏهن آءٌ هڪ وڏو بادشاهه ٿي اوهان وٽ ايندس"، يسوع چيو "۽ سڀ نيڪيءَ جا فرشتا مون ساڻ هوندا ۽ آءٌ پنهنجي تخت تي ويهندس، تڏهن دنيا جا سڀ ماڻهو منهنجي سامهون آڻي بيهاريا ويندا.

"آءٌ انهن مان هڪڙن کي ٻين کان الڳ ڪندس، جيئن هڪ ريڍار پنهنجين رڍن کي ٻڪرين کان الڳ ڪري بيهاريندو آهي. نيڪ رڍون منهنجي ساڄي پاسي کان بيهنديون ۽ ٻڪريون منهنجي کاٻي پاسي کان."

"پوءِ جيڪي منهنجي ساڄي پاسي کان هوندا، تن کي آءٌ چوندس،

"اي خدا جي پيار وارا، سڀاڳا ٻارڙا، اچو منهنجي بادشاهت ۾ اچو، جيڪا دنيا جي شروع کان وٺي اوهان لاءِ تيار ٿيل آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن آءٌ بکايل هوس تڏهن اوهان مون کي کاڌو ڏنو ۽ جڏهن آءٌ اڃايل هوس تڏهن اوهان مون کي پاڻي پياريو. آءٌ ڌاريو هوس، ته اوهان مون کي پنهنجو ڪيو ۽ جڏهن منهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون هئا تڏهن اوهان مون کي ڪپڙا ڍڪايا. جڏهن آءٌ بيمار هوس تڏهن اوهان منهنجي سنڀال ڪئي، ۽ جڏهن آءٌ قيد ۾ هوس، تڏهن اوهين منهنجي خبر لهڻ لاءِ مون وٽ آيا!"

"پوءِ منهنجون نيڪ رڍون، منهنجي ساڄي پاسي کان بيٺل منهنجا خوشيءَ ۾ ڀريل سڀاڳا ماڻهو اچرج ۾ پڇي مون کي چوندا، "پر

## تعليم جو مسيحائي ڪردار

سائين اسان توکي ڪڏهن بکايل ڏٺو جو اسان توکي کاڌو ڏنو؟ اسان توکي ڪڏهن اڃايل ڏٺو جو اسان توکي پاڻي پياريو؟ اسان وٽ تون ڪڏهن ڌاريو ٿي آئين، جو اسان توکي پنهنجو ڪيو يا ڦاٽل ڪپڙن ۾ آئين، جو توکي ڪپڙا ڍڪاياسين؟ اسان توکي ڪڏهن بيمار يا قيد ۾ ڏٺو جو تنهنجي خبر لهڻ لاءِ تو وٽ آياسين؟“

”۽ آءٌ جواب ڏيندس ۽ انهن کي ٻڌائيندس: ”جڏهن بہ اوهان اهڙيءَ ڪنهن تڪليف ۾ آيل ماڻهوءَ سان اهڙو ڪو ڀلائيءَ جو ڪم ڪيو، پوءِ اهو منهنجو ڪيتري قدر بہ ڪٺي ڪو ننڍي ۾ ننڍو ڀاءُ هو، تڏهن اها ڀلائي اوهان مون سان ڪئي.“

”پوءِ آءٌ پنهنجي کاٻي پاسي کان بيٺل پاپين ڏانهن منهن ڪندس ۽ انهن کي چوندس تہ ”مون کان پري هٽي وڃو!“ ڇو تہ اهي پنهنجي عذاب ۾ ورتل هوندا ۽ انهن جو آزار انهن سان هوندو. ”مون کان پري ٿيو!“ آءٌ انهن کي چوندس، ”ڇاڪاڻ تہ جڏهن آءٌ بکايل هوس تڏهن اوهان مون کي کاڌو نہ ڏنو ۽ جڏهن آءٌ اڃايل هوس تڏهن اوهان مون کي پاڻي نہ پياريو. آءٌ ڌاريو هوس تہ اوهان مون کي پنهنجو نہ ڪيو ۽ جڏهن آءٌ ڦاٽل ڪپڙن ۾ هوس تڏهن اوهان مون کي ڪپڙا ڪونہ ڍڪايا. جڏهن آءٌ بيمار هوس ۽ قيد ۾ هوس، تڏهن اوهان مون وٽ ڪين آيا!“

”۽ پوءِ اهي، جيڪي منهنجي کاٻي پاسي کان هوندا، سي حيرت ۾ پئجي مون کان سوال پڇندا: ”پر سائين، اسان توکي ڪڏهن بکايل ۽ اڃايل، ڌاريو يا ڦاٽل ڪپڙن ۾، بيمار يا قيد ۾ ڏٺو؟“

”۽ آءٌ جواب ڏيندس ۽ انهن کي ٻڌائيندس : ”ڇاڪاڻ جو اوهان اهي ڀلايون انهن سان نہ ڪيون، جن کي اِنهن جي گهرج هئي، تہ اوهان اِهي مون سان نہ ڪيون!“

”ائين، چڱا پنهنجين چڱاين سان خوشي ماڻيندا، جيڪا انهن لاءِ جائز هوندي ۽ جنهن تي انهن جو حق هوندو. پر پاپين لاءِ فقط سندن پنهنجو غم ۽ آزار هوندو، جنهن ۾ ئي هو ورتل هوندا.“

# 44 : يهوداه، جيڪو غدار هو

يسوع جي ساٿين ۾ يهوداه نالي هڪ ساٿي ٻه هو. هو هڪ هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهو هو. يسوع جي سڄيءَ سنگت جي پئسي پنجڙ ۽ خرچ جو حساب ڪتاب هن جي حوالي هوندو هو ۽ هو ڪفايت سان سنگت جي کاڌي پيتي جي بندوبست رکڻ جو پورو چاڻو هو.

پر يهوداه ايماندار نه هو. هو اعتبار رکڻ جهڙو نه هو. هو ٻين ساٿين وانگر يسوع کي پيار نه ڪندو هو. هن جو پهريون ۽ سڀ کان وڏيڪ پيار پنهنجي پاڻ لاءِ هوندو هو.

هو يسوع جو پوئلڳ انهيءَ ڪري هو جو هن سچ پچ ائين سمجهيو ٿي ته يسوع هڪ وڏو ۽ طاقتور بادشاهه ٿيڻ وارو هو. "پوءِ". يهوداه دل ۾ سوچيو ٿي، "آءٌ به طاقتور ٿيندس، ۽ ٿي سگهي ٿو ته جيڪي پئسا بادشاهه جي خزاني ۾ ايندا، اهي منهنجي هٿ ۾ هجن ۽ آءٌ سڄي بادشاهت جي مال ۽ دولت جو وزير ٿي وڃان. پوءِ منهنجي هٿ ۾ سچ پچ وڏي طاقت اچي ويندي"

پر جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن يهوداه جي اڳيان هيءَ حقيقت ظاهر ٿيندي ويئي ته جيڪا بادشاهت يسوع ٿي چئي، سا اها نه هئي، جيڪا يهوداه ٿي چاهي. يهوداه لاءِ "پيار جي بادشاهت" ڪهڙي ڪم جي؟ هن ته سچ پچ جي بادشاهت ٿي گهري، جنهن ۾ سچ پچ جا پئسا هجن ۽ سچ پچ جي طاقت هجي۔ جيئن ظالماڻي رومن حڪومت هئي. هن پوءِ يسوع کي دل ۾ ننڍڻ ۽ سادو سودو سمجهڻ شروع ڪري ڏنو جو هن پاڻ کي هڪ وڏي بادشاهه بنائڻ جي ڪوشش نٿي ڪئي!

"هو ٻين ماڻهن لاءِ ته حيرتناڪ معجزا ڪري سگهي ٿو". يهوداه سوچيو. "پوءِ پنهنجي لاءِ ۽ اسان لاءِ هو اهي معجزا ڇو نه ٿو ڪري؟ اسان سڀڪجهه ڇڏي، هن جي پويان لڳا آهيون۔ ان جو هن کي ڪجهه ته انعام اسان کي ڏيڻ کپي، ۽ اهو ٻيو ڪهڙو انعام ٿي ٿو سگهي سواءِ هن جي ته هو پاڻ بادشاهه ٿئي ۽ اسان کي اختيار ۽ طاقت ڏئي ته اسين ڪيس حڪومت ڪرڻ ۾ مدد ڪريون! جيڪڏهن مون کي اها خبر هجي ها ته هو ائين نه ڪندو ته آءٌ ڪڏهن به هن جي پويان نه لڳان ها."

جڏهن يهوداه ڏٺو تہ وڏا ربي ۽ فريسي، جيڪي شرع جا عالم هئا، ۽ مفتي سڀ يسوع تي ڪاوڙجي رهيا هئا، تڏهن هن کي ڌپ وٺي ويو. "اسين سڀ جهلجي پونداسين ۽ جيل ۾ هليا ويندا سين!" هن چيو. "۽ پوءِ اسان جا هن يا هن بادشاهت جا سڀ خواب ختم ٿي ويندا."

هن ائين، پنهنجي خيال کان، سچيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪيو. "اِها تہ منهنجي بيوقوفي ٿيندي، جو آءٌ پنهنجي سار بہ نہ رکان"، هن سوچيو. "جي يسوع کي جهليندا، تہ مون کي ٿورو ئي ڇڏي ڏيندا! پوءِ آءٌ ڇو هتي ويهي رهان؟ انهيءَ لاءِ تہ مون کي بہ اچي جهلين! آءٌ وڃي ٿو اڳواٽ يروشلم جي وڏن ربين ۽ حاڪمن کي چوان تہ منهنجي يسوع سان ايتري ڪا ڳالهہ ڪانهي، بلڪ جيڪڏهن هو مون سان ڳالهيون ڪن تہ آءٌ ڪين بہ ڪم اچي سگهان ٿو. جيڪڏهن مان يسوع جي جهلائڻ ۾ سندن مدد ڪريان، تہ پوءِ هو مون کي وڏو انعام بہ ڏيئي سگهندا، ۽ ائين آءٌ صاف بچي ويندس."

انهن ڏينهن ۾ جيڪو يروشلم جو وڏي ۾ وڏو ربي هو تنهن جو نالو ڪائفا هو. هن کي ڪجهہ سال اڳ اسرائيل جي رومن حاڪمن يروشلم جو سردار ربي بڻايو هو. انهيءَ ڪري ان پنهنجن رومن آقائن کي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ناراض نٿي ڪرڻ چاهيو ڇاڪاڻ تہ هن جي مرضي هئي تہ هو سردار ربيءَ جي ان درجي تي سدائين ويٺو رهي.

ان ۾ هن کي خوف رڳو يسوع کان هو ڇاڪاڻ تہ هن ڏٺو ٿي تہ يسوع لاءِ ماڻهن جي دل ۾ گهڻي محبت ۽ عزت هئي، ۽ هو هزارن ۽ لکن ۾ هن جي پٺيان هئا. "سمجهو تہ هيءُ ماڻهو لشڪر تيار ڪري، اسرائيل جي رومن حڪومت تي حملو ڪري ٿو!" ڪائفا سوچيو. "ڪي اسان جا ماڻهو اڳي ئي چون پيا تہ هو اسان کي آزاد ڪرڻ ۽ اسرائيل جي بادشاهت ٺاهڻ لاءِ آيو آهي. شايد هو ائين ئي ڪرڻ گهري ٿو! يعني، رومن حڪومت سان وڙهڻ ۽ پاڻ کي يهودين جو بادشاهہ بڻائڻ. هيءُ رومن سرڪار تہ پوءِ پوريءَ طاقت سان اسان کي پيچي پورا ڪري ڇڏيندي، ۽ هو مون کي بہ جهلي قيد ۾ وجهي ڇڏيندا. ڇاڪاڻ تہ مون هن ماڻهوءَ يسوع کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو هو تہ پلي هو بغاوت اپاري ۽ سرڪار سان وڙهڻ جي تياري ڪري!"

اهي خيال ڪندي، ڪائفا يروشلم جي عملدارن جي ميٽنگ سڏائي. هن انهن سان ان ڳالهه تي صلاح ڪرڻ تي گهري ته ڪيئن هو يسوع کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهي ٿي سگهيا.

"اسين هاڻي ته هن کي، ڪجهه نتا ڪري سگهون، جڏهن شهر ۾ جشن هلي رهيو آهي، " ڪائفا چيو. "شهر گليل جي ماڻهن سان ڀريو پيو آهي، ۽ انهن مان گهڻن کي هن سان پيار ۽ عقيدت آهي. جيڪڏهن هاڻي هن کي گرفتار ڪنداسين ته شايد ماڻهن جو وڏو گوڙ ۽ فساد ٿي پوي، اسان کي ترسڻ گهرجي ته جيئن هيءُ جشن جو هفتو چپ چاپ گذري وڃي."

جيئن يروشلم جا عملدار اهو فيصلو ڪري اٿيا، تيئن هڪڙو ماڻهو انهن جي مخفي ميٽنگ ۾ اوچتو گهڙي آيو. اهو غدار يهوداه هو.

عملدار هن کي اتي ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. هيءُ ته انهيءَ ئي ماڻهوءَ جو ساٿي هو جنهن بابت هو پاڻ ۾ انهيءَ ئي گهڙيءَ صلاح ڪري اٿيا هئا!

"توکي هتي ڇا گهرجي؟" ڪائفا پڇيو.

"جي آءٌ يسوع جي پڪڙڻ ۾ اوهان جي مدد ڪريان، ته اوهين مون کي ڇا ڏيندا؟" يهوداه پڇيو.

عملدار هن ڳالهه تي ڏاڍا خوش ٿيا. جيڪڏهن هن جو ڪو هڪڙو ساٿي، پوري موقعي تي، هن جي خبر ڪين پهچائي ڏئي، ته هنن جو سڄو ڪم هوند آسان ٿي پوي! انهيءَ ڪري ڪائفا ڏاڍي چاهه سان يهوداه سان ڳالهايو.

"اسين توکي چڱي رقم ڏينداسين"، هن چيو. "اسين ڏسون ٿا ته تون اعتبار جوڳو ماڻهو آهين ۽ جيڪا ڳالهه اسان سان ڪرين ٿو سا پوري ڪندين. انهيءَ ڪري تون پڪ سمجهه ته اسين توکي سٺو انعام ڏينداسين."

"رقم مون کي هاڻي کپي"، يهوداه چيو. هو پاڻ اعتبار جوڳو نه هو، انهيءَ ڪري ڏاڍي مشڪل سان هو ڪنهن ٻئي تي اعتبار ڪندو هو. "ٻڌايو، گهڻي رقم مون کي ڏيندا؟"

"اسين توکي هڪڙي غلام جو ملهه ڏينداسين!" ڪائفا چيو. "يعني، ٽيهه چانديءَ جون مهرون- تمام وڏو ۽ تمام سٺو انعام آهي اِهو. اها رقم توکي هتي جو هتي ڏينداسين."

پوءِ هنن ان غدار کي ڳِٽي تيهہ چانديءَ جون مهرون ڏنيون. ۽ هن انهن کان اهي ڳِٽي ورتيون. "آءٌ توهان کي اهڙيءَ جاءِ جو اطلاع ڪندس، جتي اوهين يسوع کي تمام آسانيءَ سان پڪڙي سگهندا. ماڻهن جو ڪو بہ گوڙ فساد ڪونہ ٿيندو". يهوداه هنن سان اهو واعدو ڪيو ۽ چانديءَ جون مهرون پاڻ سان کڻي اتان نڪتو هليو ويو.

هو پوءِ اتان اٿي، سڌو يسوع ۽ سندس ٻين ساٿين ڏانهن ويو ۽ انهن سان وڃي مليو. هن جي من ۾ ڏاڍو هڪ پليت ۽ هولناڪ راز هو. هن سمجهيو ٿي تہ ان ننڍڙي سٽ مان ڪنهن کي بہ ان جي ڪُڙڪ ڪانہ هئي- پر يسوع کي تہ ان جي خبر هئي، ۽ هو بيحد دکي هو.

۽ ان وقت کان، يهوداه ان موقعي جي تاڙ ۾ هو تہ هو ڪائفا ڏانهن نياپو موڪلي تہ هو اچي يسوع کي جهلي وڃن. هن ٽيهن چانديءَ جي مهرن تي پنهنجي هاديءَ ۽ پنهنجي رهبر کي وِڪيو هو ۽ پنهنجي عزت ۽ پنهنجي ساک وِڪي هئي.

# 45 : ڏينهن پرجي آيا

ڏينهن پرجندا ٿي آيا. جڏهن يسوع جا دشمن هن تي پورو پورو وار ڪرڻ وارا هئا. اها ويسهہ ۾ نہ اچڻ جهڙي ڳالهہ ٿي معلوم ٿئي ٿي تہ اهو ماڻهو جنهن سڄي پنهنجي عمر بيمارن جي بيمارين لاهڻ ۽ هر ڪنهن کي، جيڪو ڪيس ٻڌڻ لاءِ تيار هو، پيار ۽ ٻاجهہ جي رستي ڏيکارڻ ۾ گذاري ٿي، تنهن کي ايذائڻ بلڪ مارڻ لاءِ ايترا ماڻهو تيار ٿي سگهيا ٿي!

ماڻهن جا اڳواڻ ۽ سردار يسوع جي وڌندڙ اثر ۽ طاقت کي سهي نٿي سگهيا، ۽ هنن جي دل ۾ حسد جي باهہ ٻري رهي هئي. هنن يسوع کي ڏڪاريو ٿي، ڇاڪاڻ تہ هن سندن نيڪي ۽ نيڪ هجڻ جي ڍونگ کي سمجهيو ٿي، ۽ ماڻهن کي چيو ٿي تہ هو انهن جهڙا نہ ٿين ۽ انهن جي پيروي نہ ڪن. نيڪ هجڻ جو ڍونگ ڪرڻ نيڪ هجڻ کان گهڻو آسان هو! پر جيڪي حاڪم ۽ سردار هئا، انهن جو اهو ڍنگ جڏهن ظاهر ٿي ٿيو تڏهن اهي سخت بي آرام ٿي ٿيا ۽ ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويا ٿي!

انهن کان سواءِ يسوع جا ٻيا بہ دشمن هئا. ڪي نرم نرم، ڪنئرا ڪنئرا پر ٻيءَ طرح بنهہ بيڪار قسم جا ماڻهو هئا. جن جو خيال هو تہ يسوع ڇريو هو جو محصول اڳاڙيندڙ زڪائيءَ جهڙن ماڻهن سان ۽ ٻين اهڙن مردن ۽ زالن سان جيڪي بدنام هئا، دوستي ۽ پنهنجائپ جا ناتا تي قائم ڪيائين. هن ڇو تي اهي ماڻهو پسند ڪيا، جيڪي بدڪار ۽ گنهگار هئا؟ هو اِهو سمجهي نٿي سگهيا تہ يسوع خاص طرح اهڙن بدنصيبن ۽ رستي وڃايل ماڻهن جي ٿي مدد ۽ رهبري ڪرڻ ٿي چاهي، ۽ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ بدران هو ان لاءِ هن تي ڪاوڙيا پئي وتيا، ڇڱ هن انهن گنهگارن کي نيڪ ۽ بيگناهہ ماڻهن کان بهتر ٿي سمجهيو!

۽ ٻيا هن جا دشمن وري اهي ناڻي جا واپاري ۽ سوداگر هئا، جن جون پئسن سان ستيل ميزون ۽ جن جا دخل هن ”خدا جي گهر“ جي ٻاهرئين صحن ۾ اٿلائي ۽ اونڌا ڪري ڇڏيا هئا، ۽ جن جا اتي ٻڌل وهٽ هن ڇوڙي ٻاهر هڪلي ڇڏيا هئا. انهن بہ هن کي سخت ڏڪاريو ٿي، ۽ جتي انهن کان پڄي سگهيو ٿي اتي هن جي غيبت ٿي ڪيائون.

ٻيا اهڙا بہ هئا، جيڪي پهريائين هن جي پويان لڳا هئا، پر يهوداه وانگر، اهي هن کان نراس ٿي پيا هئا. هنن اِها اميد ٿي ڪئي تہ هو وڏو بادشاهہ ٿيندو ۽ سندن هر قسم جي مشڪل کي آسان ڪندو ۽ ٻيو تہ هو هر ڳالهہ ۾ ڪونہ ڪو معجزو ڪري، سندن هر ابتيءَ ڳالهہ کي سبتو ڪري ڇڏيندو! هاڻي هنن ڏٺو تہ هن سيڪجهہ انهيءَ طرح ڪونہ ٿي ڪرڻ چاهيو هن تہ فقط انهن جي مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ ٿي گهري، جيڪي ڪنهن تڪليف يا آزار ۾ مبتلا هئا.

”هيءَ ڪڏهن بہ بادشاهہ ڪونہ ٿيندو!“ هنن هڪٻئي کي چيو. ”هيءَ فقط ڏسڻ جو آهي! ۽ چاهي ٿو تہ رڳو وعظ ڪندو رهي ۽ بيمارن کي چڱو ڀلو ڪندو رهي. ان مان اسان کي ڪهڙي هوند ڪهڙو شڪر! اسين تہ چاهيون ٿا تہ اهڙو ڪو ماڻهو هجي، جو اسان کي پنهنجن ذليل رومن دشمنن کان نجات ڏياري، پر اهڙو ڪو معجزو تہ هن کان پڄي ئي ڪونہ ٿو!

ڪيترا ٻيا ماڻهو جن سامريہ علائقي جي ماڻهن کي ڏڪاريو ٿي، اهي وري يسوع تي انهيءَ ڪري ناراض هئا، جو هن انهن سامري لوڪن

بابت چڱيون ڳالهيون ڪيون ٿي. "تنهن ڏينهن، هن وري هڪڙي سامريءَ جي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، جنهن ۾ ان کي نيڪيءَ، رحمدليءَ ۽ ماڻهپي جو سورمو بنائي ڏيکاريائين!" انهن ماڻهن چيو. "هر ڪنهن کي خبر آهي تہ هي سامري ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن. جيڪڏهن يسوع سمجهي ٿو تہ هو اهڙن ماڻهن بابت بہ اسان جو رايو بدلائي ڇڏيندو تہ هو ان ۾ غلط آهي. اهڙيون هن جون ڳالهيون اسين ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيون."

ڪائفا ۽ ٻين يسوع جي مخالفن جا ڪيترائي جاسوس هئا، جيڪي يروشلم جي ماڻهن ۾ پيا گهمندا ۽ نوس نوس ڪندا هئا، ۽ انهن جڏهن اهي خبرون پنهنجن آقائن کي ٻڌايون تہ ماڻهو يسوع کان ڦرندا ٿي ويا تہ اهي سندن آقا، جن جي دل ۾ يسوع جي نفرت جا آڙاهہ پئي ٻريا، سي بيحد خوش ٿيا.

"اجا بہ ڪيترائي هن جا حامي آهن، پر هاڻي ڪيترا اهڙا بہ آهن جيڪي هن جي خلاف آهن،" جاسوسن چيو. "هاڻي اهو وقت گهڻو پري ڪونهي جڏهن هن کي سولائيءَ سان گرفتار ڪري سگهبو ۽ ڪا بہ گڙٻڙ ڪانہ ٿيندي!"

۽ اهڙيءَ طرح ڪائفا ۽ ڪائفا جي منصوبن ۾ شريڪ هن جا ٻيا ساٿي ڏاڍيءَ بي صبريءَ سان هاڻي فقط يهوداه جي اشاري جي انتظار ۾ ويٺا رهيا، ۽ سچ پچ اها بي ترس گهڙي ڏاڍي تيزيءَ سان ويجهي ايندي ٿي ويئي.

# 46 : آخري ماني

يسوع جي دل جي مرضي هئي تہ ان کان اڳ، جو يهوداه ساڻس غداري ڪري ۽ کيس دشمنن جي حوالي ڪري، هو پنهنجن ساٿين سان گڏ، عيد نجات جي دعوت کائي وٺي. هيءَ دعوت هميشہ بهار جي جشن جي هفتي جي پهرينءَ رات کٽي ويندي هئي، ۽ اها هر هڪ گهر يا ڪٽنب جا سڀ ڀاتي گڏجي کائيندا هئا.

دعوت جي ڏينهن يسوع جا ساٿي وٽس آيا، ۽ کانئس پڇيائون تہ عيد نجات جي ماني هو سڀ گڏجي ڪٿي کائيندا. يسوع کين ڪا خاص

جاءِ ڪانہ ٻڌائي، ڇو تہ هن نٿي چاهيو تہ يهوداه کي اها خبر پوي، نہ تہ هو اڳي ئي وڃي دشمنن کي اها جاءِ ڏسي ها ۽ يسوع عيد نجات جي ماني پنهنجن ساٿين سان گڏ کائي ڪانہ سگهي ها. انهيءَ ڪري يسوع پطرس ۽ يوحنا سان پنهنجي منهن ڳالهايو ۽ انهن کي ضروري هدايتون ڏنائين.

"اوهين شهر ۾ وڃو"، يسوع چيو. "۽ شهر پناهہ جي وڏي دروازي وٽ اوهين هڪڙو ماڻهو ڏسندا، جيڪو مٽي تي پاڻيءَ جو مٽ کنيو پيو ويندو هوندو. اوهين هن جي پويان لڳا وڃجو ۽ جنهن گهر ۾ هو داخل ٿئي، اوهين بہ ان گهر ۾ اندر هليا وڃجو ۽ وڃي گهر جي ڌڻيءَ سان ڳالهائجو ۽ هن کي چئجو تہ "اسان جي سائينءَ پڇيو آهي تہ مهمان خانو ڪٿي آهي، جتي آءٌ پنهنجن ساٿين سان گڏ ويهي عيد نجات جي ماني کائي سگهان؟"

"پوءِ اهو ماڻهو اوهان کي مٿي هڪڙو وڏو ڪمرو تميل سينگاريل ڏيکاريندو. اتي اوهين وڃي دعوت جو سڄو بندوبست رکو."

ائين پطرس ۽ يوحنا شهر ڏانهن ويا، ۽ ان دروازي وٽ پهچڻ تي هنن اهو ماڻهو ڏٺو جنهن جي مٿي تي مٽ کنيل هو. هو پوءِ ان ماڻهوءَ جي پٺيان گهٽين مان ٿيندا، هڪڙي گهر وٽ اچي بيٺا، جنهن ۾ هو اندر گهڙي ويو. هو ٻئي بہ پوءِ ان گهر ۾ تڪا تڪا اندر ويا ۽ وڃي گهر ڌڻيءَ سان ڳالهايائون ۽ هن کي ائين ئي چيائون جيئن يسوع کين سمجهايو هو.

اهو ماڻهو، جيڪو ضرور يسوع جو ڪو دوست هوندو ۽ جنهن شايد هن سان اڳي ئي اهڙي ضرورت جي وقت ڪوٺي ڏيڻ جو واعدو بہ ڪيو هوندو، هڪدم اٿيو ۽ هنن کي ڏاڪڻ تان وٺي مٿي ويو ۽ اتي هنن کي هڪڙو وڏو ڪمرو ڏيکاريائين. مانيءَ کائڻ لاءِ اتي هڪ ميز پيل هئي، ۽ ميز جي چوڌاري پنيءَ جي ٽيڪ ۽ ٻانهن وارا بينچ رکيل هئا، جن تي گاديلا پيل هئا. انهن ڏينهن ۾ ماڻهو ڪرسين تي نہ پر اهڙن بينچن تي ويهي، ميز جي چوڌاري ماني کائيندا هئا. هڪ هڪ بينچ تي ٻہ يا ٽي ماڻهو پنهنجي پنهنجي کاٻي ٻانهن تي اهليا، ساڄي هٿ سان وينا کائيندا هئا. هيءُ ڪمرو ايڏو ڪشادو هو جو ان ۾ يسوع ۽ سندس ٻارهن ساٿي ڏاڍي آرام سان گڏ ويهي، ماني کائي سگهيا ٿي. پطرس ۽ يوحنا پوءِ هڪدم اتي ويهي، دعوت جو انتظار ڪرڻ لڳا.

دعوت ۾ کائڻ لاءِ خمير کان سواءِ روٽي، جدا جدا شين جو ٺهيل مربو ڪڙي چٽڻي، پڪل گهيٽو گوشت ۽ پيئڻ لاءِ شراب موجود رکيو هو. اهي سڀ شيون يروشلم ۾ جشن جي هفتي وارن ڏينهن ۾ ملڻ سوليون هيون، ۽ يسوع ۽ سندس باقي ساٿين جي اتي پهچڻ تائين هر شيءِ ميز تي موجود هئي.

يسوع جا ساٿي ميز جي چوڌاري پنهنجي پنهنجي جاءِ والاري وڃي ويٺا. پر انهن مان ڪي وري ڪن خاص خاص جاين تي ويهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جڏهن يسوع انهن کي ائين ڪندي ڏٺو ته هن کي ڏک ٿيو. ڇا، هنن سندس تعليم ايتري ڪجهه پرائي هئي، جو اڃا اهو نٿي ڄاڻائون ته اهڙين ڳالهين جي ڪا اهميت ڪانه هئي؟ اها ڪا وڏي ڳالهه نه هئي ته ماڻهو ڪهڙيءَ جاءِ تي ويٺو ٿي- پهرينءَ تي يا پوئينءَ تي، وچهيءَ تي يا پرانهينءَ تي، مٿانهينءَ تي يا هيٺانهينءَ تي- يا هن کي مجلسن ۾ يا دعوتن تي ڪيترو مان ملي رهيو هو: پر ماڻهوءَ جي من ۾ جيڪا نيڪي هئي يا بدي هئي، اهم ڳالهه ۽ وڏي ڳالهه اِها هئي.

ان رات اتي پيو ڪو نوڪر يا ٽهليو ڪونه هو جيڪو کين در تان وٺي آڻي اندر ويهاري، يا پاڻي کڻي سندن مٿيءَ ۾ لٽيل پير ڌوئاري- جيئن تن ڏينهن اتي رواج هوندو هو. انهيءَ ڪري يسوع پاڻ اتي انهن جي اها ٽهل ڪرڻ لڳو. هن کي پنهنجن ساٿين کي ڏيکارڻو هو ته جيتوڻيڪ هو سندن رهبر ۽ آقا هو پر اصل ۾ سندن خادم ٿي ڪم ڪرڻ ۾ ئي هن جي دل جي خوشي هئي.

هو پنهنجي بينچ تان اٿيو ۽ پنهنجو ڪڙتو لاهي ۽ چيلهه جو پٽو ڇوڙي، هڪ پاسي رکيائين. هن پوءِ هڪڙو وڏو ٽوال ويڙهي چيلهه سان ٻڌو جيئن نوڪر ڪندا هئا. پوءِ هن پاڻي ٽاٽي گينديءَ ۾ وڌو ۽ اها آڻي هيٺ فرش تي رکيائين. هن جا ساٿي ڏاڍيءَ حيرت سان هن کي اهو ڪم ڪندي ڏسندا رهيا. پر جڏهن ڏٺائون ته هو سندن پير ڌوئارڻ وارو هو، تڏهن هو ڏاڍا ششدر ۽ لڄي ڏسڄڻ لڳا- خاص طرح اهي، جن دعوت جي ميز تي ويهڻ لاءِ، گهڙي کن اڳي، خاص خاص جاين جي هٿ ڪرڻ واسطي ايڏي اون ٿي ڏيکاري ۽ ڪوشش ٿي ڪئي.

پيئندا رهندا ۽ سندس ياد پنهنجي دل ۾ قائم رکندا، ۽ ائين جتي بہ ۽ جڏهن بہ ڪا عيد نجات ملهائين، اتي هو ان جي دعوت ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏ هوندو جن ان لاءِ جسم ڏنو هوندو ۽ رت وهايو ويندو.

۽ اڄ ڏينهن تائين يسوع جا ساٿي جيڪي پاڻ کي مسيحي يا عيسائي چون ٿا، پاڻ ۾ هيءَ سڌي سادي دعوت هر سال ڪندا ايندا آهن، جنهن کي هو "مقدس وصال" يا "پاڪ سنگت" سڏين ٿا. جڏهن هو اها دعوت ڪندا آهن، تڏهن هو اها ڳالهہ ياد ڪندا آهن تہ ڪيئن يسوع دنيا جي انهن سيني ماڻهن لاءِ، جيڪي سندس "پيار جي بادشاهت" جي آجيان ڪن ٿا، ۽ ان جي خدمت ڪن ٿا، پنهنجو جسم ڏنو هو ۽ پنهنجو رت وهايو هو ۽ ڪيئن هن کي پنهنجي جان ڏيڻي پيئي هئي، ڇاڪاڻ تہ هن دنيا کي بديءَ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي جرئت ڪئي هئي.

جڏهن يسوع مرڻ جي ۽ ڪين ڇڏي وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي، تہ سندس ساٿي ڏک ۾ ڀرجي ويا. پطرس، پوءِ دل جهلي ڳالهايو.

"سائين!" هن چيو. "آءٌ توسان گڏ قيد ۾ توڙي موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيان."

پوءِ يسوع دکي منهن سان پطرس ڏانهن ڏٺو ۽ چيو. "پطرس، آءٌ تو توکي ٻڌايان تہ اڄ ئي رات، ڪڪڙ بہ دس ڏيندو، ان کان اڳ تون ٽي ڀيرا نهڪار ڪندين ۽ چوندين تہ آءٌ يسوع کي ڪونہ سڃاڻان!"

"نہ نہ" پطرس چيو ۽ اِهو هن پنهنجي دل جي پوريءَ سچائيءَ سان ٿي چيو. "منهنجا هادي، منهنجا رهبر! آءٌ تنهنجو ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪندس، توکي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندس." ۽ هن جي ٻين ساٿين بہ ائين ئي چيو. پر يسوع جيڪي چيو ان تان هو ذري جيترو بہ نہ هٽيو.

پوءِ هن اهڙي هڪڙي ڳالهہ ڇئي، جنهن کي ٻڌي، سڄيءَ سنگت کان ڇرڪ نڪري ويو. "اوهين، جيڪي هن ميز تي مون سان ويٺا آهيو تن مان هڪڙو مون کي منهنجن دشمنن جي حوالي ڪندو". يسوع چيو ۽ هن جي آواز ۾ ايترو تہ ڏک ڀريل هو جو سڀئي هن جا ساٿي ڏکوئجي ۽ پريشان ٿي، ڏانهس نهارڻ لڳا.

پوءِ هو هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا، ۽ عجب ۾ هئا تہ يسوع جو اِهو اشارو انهن مان خاص ڪنهن ڏانهن هو. غدار ۽ سو بہ انهن ۾؟ پر انهن مان هڪ هڪ يسوع کي دل جي پوري حضور سان پيار ٿي ڪيو! هو هن کان پڇڻ لڳا تہ اهو غدار ڪير هو! "سائين، اهو آءٌ تہ ناهيان نہ! سائين، اوهان جو اشارو پڪ مون ڏانهن نہ هوندو!"

هاڻي، يسوع جي پر ۾، ساڄيءَ بينچ تي سندس هڪڙو ساٿي ويٺو هو، جنهن کي هو ڏاڍو پيار ڪندو هو. اهو يوحنا هو. پطرس ان کي اشارو ڪيو تہ هو يسوع کان پڇي تہ غدار ڪير هو! يوحنا ٿورو سُري، پنهنجي آقا جي ويجهو ٿي، آهستي، هن کان پڇيو جيڪو منجهانئن هر هڪ جي من ۾ اٿي رهيو هو:

"سائين، غدار ڪير آهي؟"

۽ يسوع يوحنا کي جواب ڏيندي چيو: "جنهن کي آءٌ مربي ۾ ٻوڙيل گرهہ کائڻ لاءِ ڏيندس، اهو ئي مون کي جهلائيندو."

پوءِ يسوع روٽيءَ جو گرهہ پڪو، مربي ۾ ٻوڙيو، ۽ هٿ وڌائي يهوداہ کي ڏنو. ۽ يهوداہ گهٽيل آواز ۾ چيو "سائين! ڇا، اهو آءٌ آهيان؟"

۽ يسوع چيو "هائو اهو تون آهين. وڃ يهوداہ، جيڪي ڪرڻو اٿيئي، سو ترت وڃي ڪر."

پوءِ يهوداہ پنهنجيءَ بينچ تان هڪدم اٿيو. هن کي معلوم هو تہ هن جي دل ۾ جيڪا هولناڪ ڳالهہ سانڍيل هئي، ان جي يسوع کي خبر هئي. هو تکو تکو ڪمري مان ٻاهر نڪتو ۽ رات جي اوندهہ ۾ گم ٿي ويو.

ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ پيئي سگهي تہ يسوع ڇو يهوداہ کي ٻاهر اُماڻي ڇڏيو هو. هنن سمجهيو تہ وٽس جيڪي پئسا رکيل هئا، تن مان هو دعوت لاءِ ڪا شيءِ ٻاهران وٺڻ ويو آهي، يا يسوع هن کي ٻاهر ڪجهہ غريبن کي ڏيڻ لاءِ موڪليو آهي. رڳو هڪ يهوداہ کي خبر هئي تہ هن کي ڇو ٻاهر ڪڍيو ويو هو. يسوع ان ننڍڙي پلاريءَ سنگت ۾ هڪ غدار جو موجود هئڻ وڌيڪ سهي نٿي سگهيو.

۽ پوءِ يسوع هنن کي هڪڙي نئين هدايت ڏني، جيڪا سڀ کان وڏي هدايت هئي. اها هن رڳو پنهنجن ساٿين کي ئي ڪانہ ڏني، پر هن جي اها هدايت دنيا جي هر انسان لاءِ هئي.

"آءُ اوهان کي هڪڙي نئين هدايت ٿو ڏيان"، هن چيو. "هڪٻئي سان پيار رکو. بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙي طرح مون اوهان سان پيار ڪيو آهي، تيئن اوهين بہ هڪٻئي سان پيار ڪريو. منهنجن دوستن ۽ پوئلڳن کي پري کان دنيا انهيءَ مان ئي سڃاڻندي، جو هو هڪٻئي سان پيار رکندڙ هوندا."

پوءِ يسوع اتي ڪڙو ٿيو جو هاڻي اتان اٿڻ جو وقت ٿي ويو هو. ٻاهر رات جو پنهنجن ساٿين کي يروشلم جي گهٽين مان وٺي، هو هڪ خاموش جاءِ تي ويو. جنهن کي گتسمنيءَ جو باغ سڏيائون ٿي. هن ڪجهہ وقت اڪيلائيءَ ۾ رهڻ گهريو ٿي، ۽ سوچڻ گهريو ٿي، ۽ دعائون گهرڻ چاهيون ٿي.

# 47 : گتسمنيءَ جي باغ ۾

جڏهن هو باغ جي ٻاهرئين در وٽ پهتا، تڏهن يسوع پنهنجن سيني ساٿين کي اتي ترسڻ لاءِ چيو سواءِ پطرس، يوحنا ۽ يعقوب جي. هي ٽي هن چاهيو ٿي تہ هن جي پرسان هجن، ڇو تہ هو تمام اداس هو.

هو پنهنجن انهن ٽن ساٿين سان گڏ وڃي، باغ جي هڪڙي اونداهي ۽ خاموش هنڌ ڏانهن ويو. اتي هو زيتون جي وڻن جي جهڳٽي هيٺان ويهي رهيا، جن جون گهاٽيون لامون انهن کي مٿان ڍڪي بيٺيون هيون. يسوع ڏاڍو دکي ۽ بيحال هو ڇاڪاڻ تہ هن کي معلوم هو تہ هن جي ڪم جي پڇاڙي ٽي چڪي هئي، ۽ يهوداہ بلڪل انهيءَ وقت دشمنن کي هن جو ڏس ڏيئي رهيو هو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڏاڍيون ڪي هولناڪ ڳالهيون ٿيڻ واريون هيون.

"منهنجي دل ڏک ۾ پريل آهي"، يسوع پنهنجن ٽن ساٿين کي چيو "ڏک، جيڪو موت جيترو ڳرو آهي. ڇا، مون لاءِ اوهين ڪا گهڙي هتي ترسندا؟ ۽ پنهنجون اکيون ۽ پنهنجا ڪن کولي رکندا، ۽ مون لاءِ جاڳندا رهندا؟"

پوءِ هو پنهنجا ساٿي اتي ڇڏي، اڃا بہ اڳتي، ٿورو پرڀرو نڪري ويو. ۽ پوءِ هو پنهنجن گوڏن ڀر جهڪي دعا گهرڻ لڳو.

جيتوڻيڪ هو خدا جو پيارو ٻالڪ هو پر هو هڪ ماڻهو ئي هو ۽ هن کي ماڻهوءَ جو ئي جسم هو جنهن کي ايذاءُ ٿيو ٿي، ۽ ماڻهوءَ جي ئي دل هئي، جيڪا ڏکوئجي ٿي سگهي. يسوع کي خبر هئي تہ هن کي ڪيترا

اونها گهاءَ سهڻا هئا ۽ هن کي ڪيڏي سخت ۽ سهڻ کان ٻاهر پيڙا پوڳڻي هئي. هن خدا کان دعا ٿي گهري ته، جيڪڏهن ائين ممڪن هجي، ته هو کيس انهن هولناڪ شين کان پناهه ۾ رکي، جيڪي هن جي مٿان وارد ٿيڻ واريون هيون.

"پر وري به منهنجي مرضي نه تنهنجي ئي مرضي پوري ٿيڻي هئي!" هن نيزاري ڪندي چيو. هن کي ان ڪامل همت جي ضرورت هئي، جنهن جي هڪ انسان کي ضرورت ٿي سگهي ٿي، بلڪ ان کان به وڌيڪ ـ چاڪاڻ ته هو پاڻ خدا جو محبوب ٻالڪ به هو.

پوءِ هن پاڻ کي ڏاڍو هيڪلو ۽ دکي محسوس ڪيو ۽ هو موٽي پنهنجن ٽن ساٿين ڏانهن ويو جيڪي هن کي تمام گهڻو پيار ڪندا هئا، ۽ انهن جي قربائتي ڳالهائڻ جي ڪوساڻ جي هن کي گهرج هئي. پر انهن وٽ ايندي ڏٺائين ته اهي ستا پيا هئا.

پوءِ ڏک ۾ پرجي، هن انهن کي چيو: "اوهين مون لاءِ هڪڙو ڪلاڪ به جاڳي نه سگهيا!"

پوءِ يسوع موٽي ان ساڳئي هنڌ ويو ۽ ٻيهر وڃي دعائون گهريائين. ان رات، خدا جي رضا کي تسليم ڪرڻ هن لاءِ ڪمزي نه ڏکي ڳالهه هئي! هو شايد پاڻ کي بچائي، ڪيڏانهن وڃي به سگهيو ٿي: هو پاڻ کي دشمنن کان بچائڻ لاءِ پنهنجي معجزائي طاقت به ڪم آڻي سگهيو ٿي. پر هن پاڻ ئي ڄاتو ٿي ته اهي ڳالهيون خود هن پاڻ به نٿي چاهيون، ۽ ان جي بدران هن کي اها ئي ڳالهه قبولڻي ۽ پسند ڪرڻي هئي، جيڪا خدا کي وڻي ٿي ۽ خدا چاهي ٿي. ان رات يسوع جي روح کي ڏاڍو سخت، دردناڪ ۽ تنهائيءَ جو سفر طئي ڪرڻو هو.

هو ٻيو ڀيرو موٽي پنهنجن ساٿين وٽ ويو ۽ وري به انهن کي ستل ڏٺائين. انهن جون دليون به وڏي بار هيٺ هيون، ۽ هو پنهنجون اکيون کليل رکي ئي نٿي سگهيا. يسوع دکايل ۽ هيڪلي يسوع انهن کي ڏٺو ۽ ڪجهه ڪونه ڪڇيائين. هو ٽيون ڀيرو پنهنجو منهن ونئي، پوئتي موٽي ويو ۽ وري خدا کي، پنهنجي اباڻيندڙ کي، جيڪو هن جو پنهنجو مهربان پيءُ هو وينتيون ڪيائين ته ان دک جي بار کڻڻ ۽ ان پيڙا کي پوڳڻ ۾ هو کيس مدد ڪري.

پر جڏهن يسوع هڪ ڀيرو وري پنهنجن ٽن ساٿين وٽ موٽي ويو، تڏهن هن جي منهن تي ڪي بہ ڏک ۽ اداسيءَ جا نشان ڪونہ هئا. پر ان جي بدران هن جو چهرو همت ۽ حوصلي جي جوت سان ٻهڪي رهيو هو.

"اٿو"، هن چيو. "اچو تہ هلون. جنهن مون سان، غداري ڪئي آهي، سو اچي ويو آهي."

يسوع صحيح هو. يهوداه يروشلم جي سردار ربيءَ وٽ وڃي پهتو هو ۽ هن کي وڃي ڏسيو هئائين تہ اهي ان رات يسوع کي اڪيلو پنهنجن ساٿين سميت، گتسمنيءَ جي باغ ۾ جهلي سگهندا. ۽ هن کي اتي جهلڻ هنن لاءِ سولو هو.

# 48 : يسوع کي جهلي وڃن ٿا

هيڏانهن يسوع پنهنجن ساٿين کي ساٿس ٿيل غداريءَ جو ٻڌائي ڏنو ۽ هوڏانهن باغ جي در کان ماڻهن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ ٻتين ۽ مشعلن جا شعاع ڏسڻ ۾ آيا.

يهوداه، ان جٿي جو اڳواڻ هو. انهن ۾ سردار ربيءَ جا ملازم، عبادتگاهہ جا محافظ ڪي وڏا فريسي ۽ مک ماڻهو هئا. ۽ ساڻن سپاهين جي هڪڙي ڪيپ بہ هئي. اهي سڀ هٿيارن سان هئا۔ ڪن وٽ تراريون هيون ۽ ڪن وٽ لٺيون. ۽ انهن جي هٿن ۾ جيڪي مشعلون هيون، تن جا شعاع وڻن سان، ٻوٽن سان ۽ ماڻهن سان ٽڪرائجي، پري پري گتسمنيءَ جي باغ ۾ عجيب غريب قسم جا چرندڙ ۽ جهولندڙ پاڇا ٻڻائي رهيا هئا.

"ڪيئن اسان کي خبر پوي تہ ڪهڙو ماڻهو يسوع آهي؟"

هن جي دشمنن يهوداه کان پڇيو.

"جنهن جي اوهين ڳولا ۾ آهيو ان کي چمي ڏيڻ لاءِ آءٌ وڏي وڌس ويندس"، يهوداه چيو. "اوهين تاڪ ۾ رهجو تہ ڪنهن کي ٿو آءٌ جهڪي سلام ڪريان، ۽ پوءِ اوهين ان کي جهلي وٺجو."

پوءِ، يهوداه وڏي يسوع وٽ ويو. جيڪو زيتون جي وڻن جي جهڳٽي هينان خاموش بيٺو هو ۽ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي، ان کي

چيائين. ”مرحبا، منهنجا محترم سائين!“ هن چيو. جيئن هو اڳي سدائين چوندو هو.

”يهوداه!“ يسوع ڏک ۽ سختيءَ گاڏڙ آواز ۾ چيو. ”ڇا، تون منهنجو هٿ چمي، مون سان دوهه ٿو ڪرڻ گهرين؟“

پوءِ يسوع وڏي در وٽ بيٺل ماڻهن جي جٿي ڏانهن ويو ۽ انهن کي چيائين، ”اوهين ڪنهن جي ڳولا ۾ آهيو؟“

۽ هنن وراڻيو ”يسوع ناصريءَ جي.“

”آءٌ اهو آهيان“، يسوع چيو. پر ماڻهن جو جٿو هن کي جهلڻ لاءِ هڪدم ڊوڪي اڳتي ڪونه آيو. يسوع ۾ اهڙي ڪا شيءِ هئي، جنهن هنن کي اڌ ڊنل حالت ۾ اتي ئي هٽي بيهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

پوءِ يسوع هنن کي وري چيو ”اوهين ڪنهن جي ڳولا ۾ آهيو؟“

۽ وري هنن چيو ”يسوع ناصريءَ جي.“

”مون اوهان کي ٻڌايو ته آءٌ ناصرت جو يسوع آهيان، ۽ مون کي يسوع ناصري چون ٿا“، يسوع چيو. ”جيڪڏهن اوهين رڳو منهنجي ڳولا ۾ آيا آهيو ته پوءِ هنن منهنجن دوستن، کي ڇڏيو ته هليا وڃن.“

پر پطرس ڇڪي ترار ڪڍي، ۽ ويجهي بيٺل ماڻهوءَ تي الري وار ڪرڻ لڳو. ”ترار مياڻ ۾ وجهه!“ يسوع پطرس کي چيو. پوءِ هو ماڻهن جي آيل جٿي ڏانهن مخاطب ٿيو.

”اوهين مون کي ترارين ۽ لٺين سان جهلڻ آيا آهيو ڇا، ڇڻ آءٌ ڪو چور يا ڌاڙيل آهيان؟ ڇا، آءٌ هر روز عبادتخاني ۾ ڪونه ويٺو هوندو هوس ۽ وعظ پيو ڪندو هوس، ۽ اتي اوهان مون کي هٿ به ڪونه ٿي لاتو؟ پر هاڻي اوهان جي ڪم جو وقت آهي، ۽ اونداهيءَ جي طاقتن کي ضرور اڳتي وڌڻو آهي.“

پوءِ هن جا ساٿي سڀ هن کي ڇڏي، ڀڄي ويا ـ خود پطرس به ۽ يسوع اڪيلو پنهنجن دشمنن جي وچ ۾ اڪيلو رهجي ويو.

# 49 : ڪکڙ پـ دس ڏنا، تنهن ڪان اڳ

ٿوريءَ ويرم ڪان پوءِ يسوع کي جهليو ويو ۽ هن جا هٿ سوگها ڪري ٻڌا ويا. پوءِ ان باغ ۾ ماڻ تي ويئي ۽ هن کي ٻاهر وٺي ويا. سڄو ماڻهن جو جٿو واڪا ڪندو هن جي پٺيان لڳو ويو ۽ انهن جي ٻتين ۽ مشعلن جا چمڪاٽ رات جي اونده ۾ جهڪا ٿيندي ٿيندي، پري پري تائين ڏسبا رهيا.

هن کي سڌو سردار ربيءَ جي محل ڏانهن وٺي ويا، جتي هن کان پڇا ٿيڻي هئي ۽ هن تي ڏوهه لڳڻو هو. ڪائفا جو گهر، جيڪو سچ پچ ڏاڍو هڪ وڏو ۽ عاليشان محل هو، هڪڙي وڏي مرڪزي صحن جي چوڌاري ٺهيل هو. يسوع کي ان جي ٻاهرئين وڏي دروازي کان اندر وٺي ويا، ۽ جڏهن انهن مان ڪي گهر ۾ ۽ ڪي صحن ۾ اندر پهچي ويا، تڏهن اهو دروازو بند ڪري ڇڏيائون.

هوڏانهن پطرس کي يسوع جي خبر رکڻ جي ڏاڍي تانگهه هئي تہ هن سان دشمن ڪهڙو ورتاءُ ٿي ڪيو. هو پهريائين تہ ٻين پنهنجن ساٿين سان گڏ اتان ڀڄي ويو هو پر ڪجهه وقت کان پوءِ ٻوڙي، ڪنهن طرح، دشمنن جي ان جٿي سان هو رلمل ٿي ويو هو ۽ ائين هو بہ ڪائفا جي وڏي محل تائين پهچي ويو هو. هن جي دل ۾ يسوع سان وڃي ملڻ جا ڏاڍا اڌما ٿي اٿيا، پر ائين ڪرڻ کان هو ڊنو پئي.

پر وري بہ ماڻهن جي جٿي سان ملي، هو ڪنهن ريت وڏي دروازي منجهان داخل ٿي، صحن ۾ پهچي ويو جيڪو ملازمن سان ۽ سپاهين سان پريو پيو هو. رات تمام ٿڌي هئي، انهيءَ ڪري ملازمن مان ڪنهن صحن جي پوري وچ تي باهہ جو مچ ٻاري ڇڏيو هو ۽ پطرس، سيءَ ۾ ڏڪندي ۽ بيحال ٿيندي، سيءَ لاهڻ لاءِ، سڌو وڃي مچ تي ويٺو.

مچ جي چوڌاري اڳي ئي ڪيترا مرد ۽ زالون هٿن سيڪڻ لاءِ مچو ڪيو ويٺا هئا. پطرس بہ انهن سان گڏ، پاسو وٺي، اتي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙي نوڪرياڻيءَ جي نظر باهہ جي سوجهري تي هن جي منهن

تي وجي پيئي، ۽ ان چتائي هن کي ڏنو. ”مون هن ماڻهوءَ کي لاشڪ ڪٿي ڏنو آهي!“ هن سوچيو. پوءِ هن کي ڪا يادگيري آهي، ۽ عجب مان پطرس ڏانهن منهن ڪري، ڪجهه ڏاڍيان هن کان پڇيائين:

”تون انهيءَ شخص يسوع جي ماڻهن مان آهين! هائو نه؟“

پر پطرس کي ڊپ وٺي ويو ۽ هڪدم جواب ڏنائين: ”مائي، آءٌ يسوع کي سڃاڻان به ڪونه!“

۽ پري ڪٿان ڪنهن ڪڪڙ ڏاڍيان دس ڏنو ڇاڪاڻ ته پرهه ڦٽڻ ۾ دير ڪانه هئي.

انهيءَ محل، هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ پطرس کي ڏٺو ۽ ان کي پڪ هئي ته هو يسوع جو ساٿي هو. ”تون انهن مان ئي ته آهين!“ پطرس کي هن چيو.

پر پطرس ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو ۽ وڏي آواز سان جواب ڏنائين، ”اڙي ميان، آءٌ انهن مان ناهيان!“

اتي ئي پطرس کي ڳالهائيندي ٻڌي، هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ چيو. ”آءٌ هن کي سڃاڻان. هيءُ پڪ ئي پڪ يسوع جي سنگت جو ماڻهو آهي. هن جي ڳالهائڻ جي ڍار مان ئي پڌرو آهي ته هيءُ گليل جي علائقي جو ماڻهو آهي!“

ان تي پطرس، خوف ۾ پرجي، تکو تکو ڳالهائڻ ۽ قسم کائڻ لڳو. ”آءٌ توهان کي پيو چوان ته جنهن يسوع جي اوهين ڳالهه ٿا ڪريو ان کي آءٌ **سڃاڻان به ڪونه**“. زور سان دعوا ڪندي، هن چيو.

۽ پوءِ ڪڪڙن پويون دس ڏنو ڇاڪاڻ ته پرهه ڦٽي چڪي هئي. ان وقت يسوع صحن ۾ هو ۽ هن پطرس کي ائين چوندي ٻڌي ورتو هو ته هن يسوع کي سڃاتو به ڪونه ٿي. پطرس جا اهي لفظ ٻڌي، يسوع منهن ورائي هن ڏانهن ڏٺو. يسوع جي اکين ۾ ايترو ته ڏک پريل هو جو انهن کي ڏسي، پطرس جو هانءُ ڦسي پيو.

هن کي يسوع جي ڳالهه ياد آئي- ته اڄوڪيءَ رات ۾ ڪڪڙ ٻه دس ڏيندا، تنهن کان اڳ ئي هو ٽي ڀيرا هن جو انڪار ڪندو - ۽ هن سچ

پڇ ائين ئي ڪيو هو جيتوڻيڪ هن قسم کاڌو هو تہ هو ائين نہ ڪندو. هن ڏاڍي زور سان دعوا ڪئي هئي تہ هو قيد ۾ پوندو موت قبوليندو پر پنهنجي آقا جو انڪار نہ ڪندو- پر پوءِ ايتري ۾ ئي هو ايڏو خوف ۾ وٺجي ويو هو جو هن کي ڇوڪرو پيو تہ هن يسوع کي سڃاتو ئي ڪونہ ٿي!

پوءِ پطرس، ڪنڌ هيٺ ڪري، اتان اٿي ٻاهر گهٽيءَ ۾ هليو ويو ۽ پري پري اونده ۾ ويهي، زار زار روئڻ لڳو.

# 50 : يسوع عدالت ۾

ڪائفا کي ۽ يهودين جي فقيهن ۽ مفتين يعني انهن جي وڏن کي هڪڙي ڪا مچڻ جهڙي ڳالھ گهربل هئي، جو هو يسوع کي ڏوهي ٺهرائي سگهن ۽ سزا ڏيئي سگهن. سو هو اهڙا ماڻهو ڳولڻ لڳا، جيڪي يسوع جي خلاف اهڙيون ڪي ڳالهيون ٻڌائي سگهن. هن ڏوه بہ ڪهڙو ڪيو هو؟ هنن کي رڳو هڪڙي ڪا اهڙي ڳالھ گهربي هئي، ۽ هو يسوع کي ان جو جوابدار ٺهرائي، متس ان جي ڏوه مڙهڻ لاءِ تيار ويٺا هئا.

پر يسوع ڪڏهن بہ ڪا غلط شيءِ ڪانہ ڪئي هئي. هن سيني قانونن تي عمل ڪيو هو. هن ڪو بہ ڪم ڪونہ ڪيو هو سواءِ چڱي ڪم جي. هن جي خلاف سچ پچ ڪا اهڙي شيءِ ڳولي لهڻ ڏاڍي مشڪل ڳالھ هئي.

اهڙن ماڻهن جي سا کوٽ ڪانہ هئي، جيڪي اڳتي وڌي يسوع بابت ڇوڙ لاءِ تيار هجن تہ هن هيئن پئي چيو يا هونئن پئي چيو. ۽ اهڙا ماڻهو ڪيئي نڪري آيا، جن ڪائفا جي ويهاريل عدالت جي آڏو ويهي، هڪٻئي جي پٺيان ڪيئي ڪوڙ ڳالهايا. پر انهن جي ايترن ڪوڙن مان ڪو هڪڙو ڪوڙ بہ اهڙو ڪونہ هو جنهن کي سچي ڪرڻ لاءِ هنن ڪو ٻيو ڪوڙ نہ ڳالهايو هجي. ۽ اهي هڪڙن جي خلاف ٻيا ڪوڙ ٻڌيءِ عدالت پاڻ ئي مونجهاري ۾ پئجي ويئي.

پوءِ ڪائفا پاڻ اٿي بيٺو ۽ ڏاڍي شوخ لهجي ۾ يسوع سان ڳالهائڻ لڳو جيڪو ٻڌل هٿن سان عدالت جي آڏو بيٺو هو. هن ايترو وقت نہ ڪجھ چيو هو ۽ نہ ڪوئي جواب ڏنو هو.

"هاڻي آءٌ توکان ٿو پڇان! اسان کي تون ٻڌاءِ! چا، تون مسيح آهين ۽ خدائي واحد، تبارڪ و تعاليٰ، جو پٽ آهين؟" ڪائفا تڪو تڪو ۽ زور زور سان چئي ويو.

۽ يسوع هڪدم جواب ڏنو "ڪير ڪونهي؟ آءٌ بہ آهيان! ۽ وقت اچڻو آهي، جڏهن اوهين ان آدم جي اولاد، ماڻهوءَ جي پٽ، کي خدا جي قدرت جي ساڄي پاسي ويٺل ڏسندا، ۽ اهو آسمان جي بادلن ۾ ويهي ايندو!"

هي ٻڌي، ڪائفا ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ لڳو ۽ رڙ ڪري چوڻ لڳو. "اهو شرڪ آهي! اها خدائي اقدس تي تهمت آهي! اهو ڪوڙ آهي! اهو ڪوڙ آهي! اسان کي بين شاهدن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هي سڀڪجھ اسان پاڻ پنهنجن ڪنن سان هن جي پنهنجي زبان سان ٻڌو آهي۔ هن پاڻ کي مسيح سڏيو آهي!"

پر يسوع تہ مسيح هو. هو ٻچائيندڙ ڇوٽڪارو ڏيندڙ هو. ۽ هو ڪا خدا تي تهمت، ڪو خدا تي ڪوڙ هڻي ڪونہ رهيو هو. هو تہ سڌو ۽ صاف سچ ڳالهائي رهيو هو. پر اتي ويٺلن مان ڪنهن بہ هن تي اعتبار نہ ڪيو ڇو تہ هنن کي اعتبار ڪرڻو ڪونہ هو. ڪائفا پنهنجي سوڇ تي خوش هو. آخرڪار هنن کي هڪڙي ڳالھ ملي ويئي هئي، جنهن جو هو يسوع تي الزام هڻي سگهيا ٿي ۽ هن تي ڏوهي هجڻ جي فتوا صادر ڪري سگهيا ٿي.

"هاڻي اوهين ڇا ٿا سمجهو؟" ڪائفا رڙ ڪري، عدالت کان سوال پڇيو. ۽ هنن سيني هڪ ئي ڳالھ چئي:

"موت! هن جي سزا موت آهي!"

۽ پوءِ يسوع تي اتي ميڙ ڪري بيٺل ماڻهن چٽرون ڪيون ۽ چرين وانگر حملا ڪيا. هنن هن ڏانهن منهن ڪري ٿُڪون اڇلايون، ۽ هن کي ڌڪ هنيا. هنن هن جي اکين تي پٽي ٻڌي، ۽ پوءِ هن کي پنهنجن هٿن جي

ترين سان چماٽون ۽ چنبا هنيا. ۽ رڙيون ڪندي هن کي چوڻ لڳا: ”تون ٿو چوين تہ تون مسيح آهين! چڱو ٻڌاءِ اسان کي، هاڻي توکي ڪير ٿو چنبا هڻي! تون ٿو چوين تہ تون خدا جو پٽ آهين۔ تہ پوءِ تہ پڪ چئي ٿو سگهين تہ ڪير پيو توکي ڌڪ هڻي!“

۽ ائين، ٿڪل ۽ ماندو هيڪلو ۽ دکي، ٺٺول ۽ چٿر جو مرڪز ۽ سيني جي ڌڪن جو نشان، هيسيل ۽ ماريل يسوع ڪافي وقت اتي بيٺو رهيو. هن اها رات پنهنجن انهن بي مروت ۽ سنگدل دشمنن جي وچ ۾ هيڪلي گذاري، ۽ هو حيرت ۾ هو تہ ٻئي ڏينهن هن تي ڇا اچڻو هو ۽ هن کي ڇا ڪجهہ نہ سهڻو هو!

# 51 : يسوع، رومن گورنر پلاطس جي اڳيان

يهودين کي پاڻ ڪنهن به موت جي سزا ڪاڏل ڏوهيءَ کي مارڻ جو اختيار ڪونه هو. ان لاءِ هنن کي يهوديه جي رومن گورنر پلاطس کان ڀهريائين اجازت وٺڻي هئي، ۽ پوءِ هو ائين ڪري سگهيا ٿي. انهيءَ ڪري هو صبح جو سوير يسوع کي گهلي، يروشلم جي ٻاهران وڏي شاهي قلعي ڏانهن وٺي ويا، جتي پلاطس رهندو هو.

پلاطس هڪڙو ظالم ماڻهو هو ۽ هن کي يهودين لاءِ ڏاڍي نفرت هوندي هئي. هو انهن کان ڪجهه ڊڄندو به هو ڇاڪاڻ ته هن کي خبر هئي ته جيڪڏهن هو انهن تي حد کان وڌيڪ ظلم ڪندو ته هو مٿي، رومن شهنشاهه ڏانهن هن جي خلاف عريضيون موڪلي سگهيا ٿي ۽ مٿس پڪاري سگهيا ٿي.

هن کي صبح جو سوير اطلاع مليو ته يهودي هن ڏانهن هڪڙو ڪو خطرناڪ قيدي وٺيو پئي آيا. انهيءَ ڪري، جڏهن يسوع کي هن جي قلعي ۾ اندر وڏي ميدان تي، وٺي آيا، ته پلاطس معاملي جي نبيرڻ لاءِ اڳي ئي تيار هو. هو پوءِ پنهنجي محل جي ڇڄهريءَ ۾ مٿي نڪري اچي ويٺو جتان هن هيٺ صحن ۾ يسوع کي بيٺل ڏٺو جيڪو هن جي آڏو هڪ قيدي هو ۽ هٿ ٻڌل هئس.

"هن تي اوهان ڪهڙي تهمت رکي آهي؟" پلاطس پڇيو.

يهودي پوريءَ طرح تيار نه هئا ته ڇا چون. جي چون ٿا ته هنن يسوع کي موت جي سزا ڏيڻ تي گهري، انهيءَ لاءِ ته هن پاڻ کي خدا جو ٻالڪ ٿي سڏايو ته اِن تي پلاطس رڳو مٿن چٿر ۽ ٺوڪڙني ڪري سگهيو ٿي.

انهيءَ ڪري پلاطس کي جوٽ ۾ هنن چيو ته ڏوهاريءَ تي ڪهڙي ڏوهه جي تهمت آهي، هاڻي اها ڳالهه اهم ڪانهي، جو ته هنن پاڻ اڳي ئي هن تي ڪيس هلائي، هن کي ڏوهي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان لاءِ هن تي موت جي سزا به ٻڌي ڇڏي آهي. هاڻي پلاطس جو رڳو هي ڪم آهي ته ان سزا تي عمل ڪرائي ۽ ڏوهيءَ کي مارائي ڇڏي— جو ته يهودين کي رومن حڪومت ۾ اهڙو اختيار مليل ڪونهي.

"چڱو تہ ان معاملي کي بہ پاڻ ئي وچي منهن ڏيو". پلاطس، بيزار ٿيندي چيو. هن کي يهودين جي ڳالهائڻ جو اچاترو انداز نہ وڻيو. هن کي اها بہ خاطري هئي تہ هنن وٽ يسوع جي برخلاف ڪا وزندار شڪايت ڪانہ هئي- چاڪاڻ تہ هن کي اڳي ئي يسوع بابت گهڻو ڪجهہ معلوم هو ۽ هن اهو اندازو لڳايو تہ يهودين جي وڏن ربين ۽ سردارن کي يسوع سان گهڻي قدر رڳو حسد ۽ ساڙ هو ۽ اهو رڳو انهيءَ ڪري، جو عام ماڻهو هن جي پٺيان هئا ۽ انهن جو هن سان سڀنڊ ۽ پيار هو.

"پر اوهان کي خبر آهي اسان جي تہ هٿ ۾ ڪنهن کي مارڻ جو اختيار ڪونهي"، يهودين، بيوس ٿيندي، چيو ۽ پوءِ هنن هڪبئي سان سس پس ڪرڻ شروع ڪري ڏني تہ گڏجي اهڙي ڪا ٺوس ڳالهہ سوچي رومن گورنر کي چون جو اها بڌي هڪدم هو سندن چوڻ قبولي سگهي ۽ اتي جو اتي يسوع کي مارائڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏي

"ائين چوڻ بہ ٺيڪ نہ ٿيندو تہ يسوع پاڻ کي مسيح ٿو چوائي"، هڪڙي چيو. پلاطس اهو بڌي اسان تي کلندو. رومن لوڪ هونئن ئي اسان جي مذهب مقدس تي ٺٺوليون ڪندا رهن ٿا. اسان کي ٻي ڪا ڳالهہ سوچڻ کپي."

"پلا، يسوع ڪڏهن رومن لوڪن جي خلاف ڪا ڳالهہ چئي يا ڪئي آهي؟" ٻئي چيو. "پلاطس اهڙي ڳالهہ هڪدم ٻڌندو ۽ ٻڌڻ سان باهہ تي ويندو- آهي ڪا اهڙي ڳالهہ پاڻ وٽ، جا هن کي ٻڌائي سگهون؟"

"هائي، هيئن ٿا چئونس تہ يسوع ماڻهن کي غلط ڳالهيون چوندو ٿو وتي"، ٽئين چيو. "ائين ٿا چئونس تہ هو ماڻهن کي چوي ٿو تہ رومن شهنشاهہ کي محصول نہ ڏيو، چاڪاڻ تہ هنن جو بادشاهہ رومن شهنشاهہ نہ پر هو پاڻ آهي! هو هر ڪنهن سان اهي پنهنجي بادشاهت جون ڳالهيون ڪندو ڪين وتندو آهي؟ جنهن ملڪ تي **هو پاڻ** حڪومت ڪن ٿا، اتي جيڪڏهن بيو ڪو ماڻهو اٿي چوي تہ هو اتان جو بادشاهہ آهي، تہ رومن لوڪ ضرور اهڙي ماڻهوءَ جي پٺيان ڪاهي پوندا ۽ ان کي پوريءَ طرح ختم ڪري ئي ساهہ پٽيندا!"

"هائو اهو خيال تمام سٺو آهي"، ٻين چيو. "پلاطس کي اسان جي ديني قانونن جي پيچيدگين جي ڪهڙي پرواهہ؟ پر جيڪڏهن چونداسين تہ

يسوع جي خلاف اسان جي تهمت اها آهي تہ هو رومن حڪومت جو دشمن آهي، تہ پلاطس هڪدم ٻاهر ٿي ويندو!“

پوءِ هنن پلاطس کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون. ۽ پلاطس جي سيني صلاحڪارن ۽ عملدارن بہ اهي ڳالهيون ٻڌيون. يسوع بہ اهي ٻڌيون، پر هن ڪجھ بہ ڪونہ ڪڇيو. پلاطس هن کي ڳالهائڻ جو وجھ ڏنو ۽ پنهنجي صفائيءَ پيش ڪرڻ لاءِ چيو پر پوءِ بہ هو خاموش رهيو.

پوءِ رومن گورنر يسوع کي اڪيلو پاڻ سان قلعي ۾ اندر وٺي وڃڻ جو ۽ اتي وڃي هن کان پنهنجي منهن پڇا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ٻاهر عام ماڻهن جي آڏو ڪا ڳالھہ معلوم ڪرڻ ڏکي هئي- خاص طرح جڏهن يهودي، جيڪي يسوع جي موت جي حڪمنامي جاري ڪرائڻ لاءِ هن کي اتي وٺي آيا هئا، سي سڄو وقت رڙو واڪا ئي واڪا ڪندا ٿي رهيا. ۽ ٻئي پاسي، خود قيدي پنهنجي واتان اڪر بہ ڪونہ ٿي ڪڇيو.

قلعي ۾ اندر پنهنجي منهن، يسوع سان ڪجھ وقت ڳالهائڻ کان پوءِ، پلاطس دل ۾ اهو فيصلو ڪيو تہ يسوع کي موت جي سزا ڏيڻ ٺيڪ ڳالھہ نہ هئي. ڪو اهڙو ماڻهو ٿي ڪونہ هو جو رومن لوڪن جي خلاف لشڪر گڏ ڪري وڙهڻ چاهيندو هجي! پلاطس ٻاهر اچي يهودين کي انهيءَ پنهنجي فيصلي ٻڌائڻ جو خيال ڪيو.

ائين، هو اندران نڪري، هڪ پيرو ٻيهر ڇڄڙيءَ ۾ اچي بيٺو ۽ اچي پنهنجي عدالت جي ڪرسيءَ تي ويٺو. هن پوءِ هيٺ صحن ۾ بيٺل يهودين جي وڏن ربين ۽ انهن جي سردارن سان وڏي واڪ ڳالهايو.

”آءٌ هن ماڻهوءَ ۾ ڪا بہ خطا ڪانہ ٿو ڏسان“، پلاطس چيو. هن جي مرضي هئي تہ انهن کي پنهنجو اهو فيصلو ٻڌائي، هو يسوع کي آزاد ڪري ڇڏيندو.

پر جڏهن صحن ۾ گڏ ٿيل يهودي ربين ۽ سردارن ۽ انهن سان آيل ماڻهن پلاطس جي واتان اها ڳالھہ ٻڌي، تڏهن هو سخت ڪاوڙجي پيا. ۽ ڦريل ماڻهن ۽ ڦشريل جانورن وانگر رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ گلا ڦاڙي ڦاڙي واڪا ڪرڻ لڳا:

”هو ڏوهي آهي!“

”هو هميشہ ماڻهن کي برغلائي ٿو ۽ باغي ٿو بڻائي!“

”هو يهودين کي رومن سرڪار جي خلاف اياري ٿو!“

”هو سڄي يهوديہ ۾ اهي ڳالهيون پکيڙي ٿو! پهرين هن گليل ۾ اهي ڪم شروع ڪيا، ۽ اتي ماڻهن ۾ بغاوت پکيڙيہ هاڻي هتي آيو آهي.“

پلاطس انهن جا اهي واڪا ٻڌندو رهيو ۽ ٻڌندي ٻڌنديہ اوچتو هن ”گليل“ جو لفظ ٻڌو، ۽ هن جي ذهن ۾ هڪڙو خيال آيو.

گليل جي علائقي جو گورنر هو يعني پلاطس، نہ هو پر هيرادِ هو. جيڪڏهن هيءُ ماڻهو گليل جي علائقي جو هو تہ هيرادِ کي ئي هن جو معاملو نبيرڻ کپي ۽ نہ پلاطس کي. ۽ هيرادِ پاڻ بہ انهن ڏينهن يروشلم ۾ موجود هو. اها ئي ٺيڪ ڳالهہ ٿيندي، جو يسوع کي هيرادِ ڏانهن ڏياري موڪلجي- يلي، هو اهو فيصلو ڪري، ائين هو پلاطس، يهودين جي هن سڄي مسئلي مان ڇٽي پوندو.

ائين يسوع کي، پوءِ اتي يروشلم ۾ ئي هيرادِ جي محل ڏانهن وٺي ويا. هو ڏاڍو ٿڪل، بيوس ۽ دکي هو. هن جا هٿ اڃا تائين ٻڌل هئا. ۽ هاڻي هن کي هيرادِ جي اڳيان آندو ويو.

هن گليل جي گورنر هيرادِ پڻ يسوع بابت گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌيون هيون، ۽ هن کي يسوع جا ڪيترائي اچرج جهڙا ڪم معلوم هئا. ۽ هاڻي، جو هو هنن جي اڳيان آندو ويو هو تہ سچ پچ هو دل ۾ پاڻ خوش ٿيو.

”ممڪن آهي تہ هيءُ مون کي بہ ڪو معجزو ڪري ڏيکاري!“ هيرادِ سوچيو. پوءِ هن ڏاڍي دلچسپيءَ سان يسوع کان سوال ڪرڻ شروع ڪيا.

”پڪ ئي پڪ، پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، هو هڪڙو ڪو سٺو معجزو مون کي بہ ڪري ڏيکاريندو! هيرادِ سوچيو. پر جڏهن يسوع پنهنجي واتان مرڳو هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيو تڏهن هيرادِ کي ڏاڍو تعجب ٿيو ۽ سچ پچ يسوع ڪجهہ چوي بہ ها تہ ڇا چوي ها! ۽ ان مان هن کي فائدو بہ ڪهڙو پوي ها!“

هيرادِ جي آڏو سڄو وقت يهودين جا وڏا پادري ۽ سردار ۽ انهن جا ماڻهو بيٺا يسوع بابت ڇا جو ڇا ڳالهائيندا رهيا، ۽ رکي رکي وڏيون وڏيون رڙيون ۽ واڪا ڪندا رهيا ۽ پنهنجي بغض ۽ ڪيني جا زهر پريا تير هن تي اڇلائيندا رهيا. هيءُ هڪ دردناڪ نظارو هو. نيٺ هيرادِ بہ پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ يسوع تي پاڻ بہ چٿرون ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين.

”سو تون بادشاهہ آهين، ائين نہ!“ هن چيو. ”چڱو چڱو توکي اسين پوشاڪ بہ بادشاهہ جي ئي پهرايون! اڙي، ڪٿي اچو منهنجو هڪڙو چوغو تہ هن وڏي بادشاهہ کي مٿان وجهون! هونئن بہ هيءَ اسان سان ڳالهائي ڪونہ ٿو! وڏي پٽ ٻٽيو ٻينو آهي! من پوءِ ڪنهن لفظ ڪڇڻ جي مهرباني ڪري!“

پوءِ هڪڙو شاندار چوغو ڪٿي آيا. جيڪو آٿي يسوع کي اوڙهيائون. ان ڪان پوءِ، تيئن وڏيڪ هيراڊ ۽ هن جي سپاهين هن کي چيڙايو ۽ هن تي دل دڪائيندڙ چٿرون ڪيون، ۽ ائين ڪندي ڪندي پاڻ جڏهن ٿڪجي پيا، تڏهن هيراڊ جي چوڻ تي انهيءَ ئي چوغي ۾، هن کي واپس پلاطس ڏانهن موڪلي ڏنائين، تہ جيئن، واٽ تي توڙي اتي پلاطس وٽ، هرڪو جيڪو هن کي ڏسي، سو مٿس وڏيڪ کلي ۽ ٺٺول ڪري.

جڏهن پلاطس ٻڌو تہ هيراڊ يسوع کي واپس هن ڏانهن موڪلي ڏنو هو تڏهن هن دل ۾ فيصلو ڪيو تہ هو يهودين کي ٻڌائيندو تہ هو يسوع کي موت جي سزا نٿي ڏيئي سگهيو. ائين، پوءِ هن انهن سان ڳالهايو.

”اوهان هيءَ ماڻهو مون وٽ آندو“. هن چيو. ”۽ هن تي اوهان تهمت هنئي تہ هو ماڻهن کي برغلائي ٿو ۽ باغي ٿو بڻائي. مون هن کان اوهان جي اڳيان پڇا ڪئي، ۽ مون کي هن ۾ ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. ۽ نہ وري گليل جي علائقي جي گورنر، هيراڊ ئي هن ۾ اهڙي ڪا خرابي ڏٺي آهي جنهن لاءِ هن کي موت جي سزا ملي سگهي. انهيءَ ڪري آءٌ هن کي ڪوڙا ٿو هڻايان، ۽ پوءِ هن کي ڇڏي ڏيندس.“

انهن ڏينهن ۾ اتي هڪڙي روايت هوندي هئي تہ ”عيد نجات“ جي ڏينهن، هر سال، يهودين جا ربي ۽ سردار ڪهڙي بہ هڪڙي قيديءَ جي معافي لاءِ رومن گورنر کي سفارش ڪندا هئا تہ هو انهن کي ضرور آزاد ڪري ڇڏيندو هو. پلاطس سوچيو تہ هو يسوع کي ائين آزاد ڪري سگهندو ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو ٿي تہ يهودي ڪانئس ضرور انهيءَ روايت جي قائم رکڻ جي اميد رکندا.

پر يهودي يسوع کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تيار نہ هئا! نہ- بلڪل نہ. هو ڪهڙي بہ ٻئي قيديءَ کي ڇڏائڻ لاءِ تيار ٿي سگهيا ٿي، پر يسوع کي نہ!

”هن ماڻهوءَ کي قتل ڪريو!“ هنن رڙيون ڪيون. ”اسين هن کي آزاد ڏسڻ نٿا چاهيون. تنهن ڪان اسان کي ”برابا“ ڏيو!“

هاڻي، براٻا هڪڙو نامر ڪنيو ڌورو ۽ خوني هو ۽ اها ڳالهه ڏاڍي هڪ حيرت جهڙي هئي تہ يهودين اهڙي ماڻهوءَ کي تہ ورتو ٿي ۽ قبوليو ٿي، جنهن کين ڦريو ۽ لٽيو ٿي، پر يسوع کي هو وٺڻ لاءِ تيار نہ هئا، جنهن حياتيءَ ۾ سڄو وقت نيڪي ئي نيڪي ٿي ڪئي. ۽ هاڻي پلاطس جي محل جي آڏو ماڻهن جو انبوهہ ڪاوڙ ۾ پرجي ڪناتار ٿي چڪو هو ۽ واڪا ڪندي، انهن جي ڳچيءَ جون رڳون ڦاٽڻ تي اچي بيٺيون هيون- هيءُ رومن گورنر، پلاطس، يسوع کي مارڻ لاءِ تہ تيار نہ آهي، پر هن جي ڇڏڻ جون ڳالهيون پيو ڪري!

بنهہ انهيءَ گهڙيءَ پلاطس جو هڪڙو ملازم هن وٽ سندس بيگم جو ڪو پرزو کڻي آيو. هوءَ هڪ سٺي عورت هئي، ۽ هن ضرور پنهنجي مڙس کي ڪا چڱي ڳالهہ لکي موڪلي هوندي! پلاطس پوءِ ڏاڍي چاهہ سان ملازم کان پنهنجي زال جو موڪليل پرزو وٺي پڙهڻ لڳو.

"اِن نيڪ انسان کي ڪا تڪليف نہ ڏيندا!" پلاطس جي زال هن ڏانهن لکيو هو. "مون هن بابت اڄ خواب ڏٺو آهي، ۽ اهو خواب ڏسي، مان ڏاڍي ڏڄي ويٺي آهيان!"

تيستر، سڄو وقت وڏا ربي ماڻهن جي انبوهہ ۾ هتي هتي، تڪا تڪا، هلندا رهيا، ۽ انهن کي اياريندا رهيا تہ جيئن هو براٻا جي آزادي ۽ يسوع جي موت لاءِ رڙين تي رڙيون ڪندا رهن. ۽ ماڻهن کي هنن ڦوڪي ڦوڪي، جوش ۾ بنهہ بيهوش ڪري ڇڏيو هو. هنن جي مراد هئي تہ پلاطس جيڪڏهن وري کڻي پڇي تہ ڪنهن کي هو ڇڏائڻ گهرن ٿا، تہ هو وڏيڪ زور سان وري بہ براٻا لاءِ هن کان گهر ڪن.

"هاڻي، ڀلا، ٻڌايو تہ اوهان کي ڪهڙو قيدي گهرجي؟" پلاطس پويون ڀيرو هنن کان پڇيو. "براٻا- يا يسوع؟"

"براٻا، براٻا، براٻا!" ماڻهن جي انبوهہ واڪا ڪندي چيو.

"پوءِ آءٌ يسوع کي ڇا ڪريان؟" پلاطس پڇيو. هن جو خيال هو تہ براٻا کي ڇڏائڻ کان پوءِ هو يسوع جي ڇڏڻ لاءِ بہ هن کي چوندا.

پر ماڻهن هن کي جيڪو جواب ڏنو سو بيحد هڪ هولناڪ ۽ حيواني جواب هو. "اِهو ماڻهو صليب تي چاڙهيو! اهو صليب تي چاڙهيو!"

”پر هن ماڻهوءَ ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي؟“ پلاطس دانهن ڪندي پڇيو. هو يهودين جي ان نثرپڻي ۽ ڪنورتا تي حيران هو.

”اهو صليب تي چاڙهيو! صليب تي چاڙهيو! صليب تي، صليب تي!“ جوش ۾ ڦاٿندڙ ماڻهن جي انبوهه رڙو رڙ لائي ڏني.

۽ پوءِ پلاطس ڏٺو ته وڏيڪ هو ٻيو ڪجهه به نٿي ڪري سگهيو. ڦورو ۽ خوني برابا کي ڇڏڻو ئي پوندو ۽ يسوع کي قتل ئي ڪرڻو پوندو. پر پلاطس پنهنجي دل ۾ خوش نه هو. هن محسوس تي ڪيو ته يسوع هن معاملي ۾ بلڪل بيڏوهي هو ۽ هو هرگز موت جي سزا جو لائق نه هو.

هن پنهنجي هڪڙي ملازم کي پاڻيءَ جي گينڊي پري آڻڻ لاءِ چيو ۽ هن سيني ماڻهن جي اڳيان ۽ سيني کي ڏيکاريءَ پنهنجا ٻيئي هٿ پاڻيءَ ۾ ڌوتا.

”آءٌ هي پنهنجا ٻيئي هٿ صاف ڌوئي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته آءٌ هن معاملي ۾ پنهنجا هٿ ميرا ڪرڻ نٿو گهران“، هن ماڻهن کي چيو. ”آءٌ هن نيڪ شخص جي خون ۾ شامل نه آهيان. هن جي موت ۾ منهنجو هٿ ڪونهي، اهو اوهان جو فيصلو آهي، منهنجو ناهي!“

۽ سيني يهودين گڏجي، هڪ ئي آواز ۾ زور سان چيو: ”هائو! هائو! ان لاءِ اسين جوابدار آهيون. اهو خون اسان تي آهي ۽ اسان جي اولاد تي آهي!“

## 52 : يسوع جي پيڙا

پلاطس برابا کي ڇڏي ڏنو ۽ هيءُ ڦورو خوش خوش، قيد مان نڪتو هليو ويو۔ هاڻي، هو پنهنجي دل تي، ڦرڻ ۽ مارڻ لاءِ آزاد هو.

پر يسوع کي بي رحميءَ سان مارن ڏيڻ لاءِ سپاهي پاڻ سان وٺي ويا، ۽ سپاهين هن کي سخت ماريو ۽ پوءِ هن کي گهلي پنهنجن بارڪن ۾ اندر وٺي ويا ته اتي هن تي هو دل کولي چٿرون ۽ ٺٺوليون ڪري سگهن. رتوڇاڻ ٿيل ماڻهوءَ لاءِ هنن جي دل ۾ ڪا به ڪهل ڪانه هئي، ڪنهن ٽڪل ۽ ماندي لاءِ، جيڪو سور ۾ پچري رهيو هو ۽ غمناڪ هو هنن وٽ ڪو قياس ڪونه هو.

نہ۔ هنن جي هٿن ۾ هڪڙو ڪو ڏنو ويو هو اهڙو هڪڙو جيڪو پوريءَ ريت سندن وس ۾ هو. هو هن جي بي عزتي ڪندا، هن تي مسخريون ڪندا، ۽ هن کي چيڙائيندا، ۽ پوءِ هن کي قتل ڪري ڇڏيندا!

”هيءُ يار پاڻ کي يهودين جو بادشاهہ تو سڏائي!“ هڪڙي سپاهيءَ چيو. ”اچو تہ هن جي تاجپوشي ڪريون، ۽ هن جي هٿ ۾ ”شاهي لٺ“ ڏيون ۽ ڪوڙ پچائي هن جي آڏو ڪرنش ڪريون!“

پوءِ سپاهين يسوع جا ڪپڙا ڇڪي لاٿا، ۽ انهن جي جاءِ تي هن کي هڪڙو ريٽو ڳاڙهو چوغو پارايائون. هن کي هڪڙي پڳل ڪرسي ڏنائون. اهو هنن ويهڻ لاءِ هن کي تخت ڏنو هو.

”۽ هاڻي، هن کي مٿي ۾ ڪهڙو تاج وجهون؟“ هڪڙي سپاهيءَ کلندي چيو. ”۽ هن جي هٿ ۾ ”شاهي لٺ“ بہ ضرور هئڻ کپي!“

انهن ڏينهن ۾ بادشاهہ پنهنجي تخت تي گهٽو ڪري وڻن جي تازن پتن جون سايون سرهيون سينهيون مٿي ۾ تاج وانگر پائي ويهندا هئا. يسوع لاءِ ان قسم جو تاج ٺاهڻ سولو هو۔ پر ڇو نہ ان ۾ ڪجهہ ڪنڊا هجن تہ جيئن اهي مٿي ۾ چپنس؟

ترت ئي هڪڙي سپاهي اهو ڪنڊن جو تاج ٺاهي ورتو ۽ آٽي يسوع جي مٿي ۾ زور ڪري وڌو. پوءِ هن کي هٿ ۾ هڪڙي ڪاٺي ڏنائون، تہ اها هن جي ”شاهي لٺ“ هئي!

سڀيئي سپاهيءَ هن جي چوڌاري تي بيٺا، ۽ هن تي کلڻ ۽ ٽوڪون ڪرڻ لڳا. ”هاڻي اچو تہ بادشاهہ جي تابعداري ڪريون“. هنن رڙ ڪئي. ”هڪڙو هڪڙو اسان مان ويجهو وڃي، ڪنڌ نمائي، بادشاهہ سلامت جو ادب بجا آڻي!“

۽ پوءِ سپ سپاهي هڪ هڪ تي يسوع جي ويجهو ويا ۽ ٺٺول ڪندي، هن جي آڏو نمڻ لڳا، ۽ چيائون ”مرحبا، اڙي يهودين جا بادشاهہ!“

جڏهن ائين چئي ۽ نمي بس تي ڪيائون تڏهن سڏا تي هن جي آڏو اٿي بيهي، هن جي منهن ۾ ٿڪ اڇلائي تي هنيائون. منجهانئن ڪن هن جي هٿ مان اها ڪاٺي کسي، جيڪا هن کي ”شاهي لٺ“ ڪري ڏني هئائون، هن جي منهن ۾ زور سان ڪيئي ڀيرا هنئي تي. سپاهين لاءِ هڪڙي بيوس ۽ هيٺي ماڻهوءَ کي ائين مارڻ ۽ نيچ ڪرڻ ۾ مزو تي آيو ۽ اهو انهن لاءِ هڪ قسم جو کيل هو.

پوءِ سپاهي يسوع کي ائين ئي، ڳاڙهي چوغي ۾ ۽ ڪنڊن جي تاج سان، پلاطس وٽ وٺي ويا. ڪيڏو نہ هيءُ روح روئاڙيندڙ نظارو هو.

پلاطس يهودين جي ربين ۽ سردارن ۽ سندن آندل ماڻهن سان ڳالهايو جيڪي اتي يسوع کي پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ ترسيا ويٺا هئا. "ڏسو هيءُ ماڻهو يسوع. آءٌ وري اوهان جي آڏو آڻيان ٿو تہ جيئن اوهان کي خبر هجي تہ آءٌ هن ۾ ڪا بہ خرابي ڪانہ ٿو ڏسان." پلاطس شايد اهو ٿي سوچيو تہ جيڪڏهن اهي ماڻهو يسوع کي اهڙي دکي ۽ ايذايل حالت ۾ ڏسندا تہ هو هن جي موت جي وڌيڪ گهر نہ ڪانہ ڪندا.

"هاڻي هن ڏانهن نهاريو!" پلاطس چيو. پر يهودين جي دلين ۾ يسوع لاءِ ڪا بہ ڪهل ڪانہ هئي. هنن جي فقط هڪڙي ئي رٽ هئي:

"اِهو صليب تي چاڙهيو اهو صليب تي چاڙهيو!"

پوءِ انهن مان ڪن جي من ۾ هيءَ ڳالهہ آئي تہ پلاطس اجا بہ يسوع کي ڇڏڻ جا جتن سوچي رهيو آهي- ان جي جواب ۾ وري هنن جي دل ۾ هڪڙو ٻيو خيال آيو ۽ هنن رڙ ڪئي:

"تون هن ماڻهوءَ کي، ڇڏڻ ٿو گهرين! تون شهنشاهہ جو دشمن آهين. ڇا، توکي خبر ناهي تہ هيءُ پاڻ کي بادشاهہ ٿو سڏائي! تنهنجو شهنشاهہ، سيزر ڇا چوندو، جڏهن هن کي اها خبر پوندي؟ تون سيزر جو دوست نہ پر دشمن آهين!"

پلاطس جڏهن هيءُ ٻڌو، تڏهن سڄو ڪنبي ويو ۽ وڌيڪ ڪجهہ نہ ڳالهائي سگهيو ۽ انهيءَ مهل يسوع کي يهودين جي وڏن پادرين ۽ سردارن ۽ سندن آندل ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيائين تہ هن کي وڃي مارين. ۽ هو يسوع کي هٿ ڪري، پاڻ سان وٺي، پلاطس جي قلعي مان نڪتا هليا ويا.

# 53 : غدار جو ڇا حال ٿيو

* هيءُ سارو وقت يهوداه غدار ڪٿي هو ۽ ڇا پئي ڪيائين؟ ڇا، هو ڪٿي ويهي، پنهنجيءَ غداريءَ جو مُلهہ ڳڻي رهيو هو؟ ۽ خوش ٿي رهيو هو تہ سندس آقا، جنهن سان هن دغا ڪئي هئي، سو ايترا عذاب سهي رهيو هو؟

نہ۔ يهوداه تمام گهڻو پڇتائي رهيو هو ۽ جو ڪجهه هن ڪيو هو ان تي هو بيحد افسوس جا هٿ ملي رهيو هو. هن کي معلوم هو تہ يسوع کي ڦوهي ڪيو ويو هو. هن هيءُ بہ ٻڌو هو تہ هن کي پلاطس وٽ وٺي ويئا هئا، تہ رومن گورنر کان هن جي مارڻ جو حڪمنامو جاري ڪرائي سگهن.

يهوداه جي من ۾ ڪيتريون ئي يادگيريون تري آيون۔ يسوع جا ٻاجهہ ڀريا ڪم جيڪي هن ڪيا هئا، هن جا نصيحت ڀريا لفظ جيڪي هن چيا هئا، ۽ هن جي ڪمل ۽ ديا، جيڪا هن جي دل ۾ هر ڪنهن لاءِ هئي۔ اِهي سڀ خيال يهوداه جي من ۾ وري وري ايندا رهيا. هن کي معلوم هو تہ يسوع معصوم هو ۽ ڇاڪاڻ تہ هن جي ساٿيءَ هن سان دغا ڪئي هئي، هيءُ جيڪو يهوداه جي نظر ۾ سڀ کان سٺو ۽ سڀ کان شريف انسان هو، ناحق ۽ ايذي بي مروتيءَ سان خون تي رهيو هو!

يهوداه پاڻ کي ڏاڍو نيچ تي سمجهيو ۽ ڌڪاريو ٿي. هن بيحد پڇتايو ٿي. هن کي اهو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هن اهو سڀڪجهہ ڪيئن ڪيو. يسوع هن کي پائنيندو هو. هن کي پيار ڪندو هو ۽ يهوداه هن کي موٽ ۾ ڇا ڏنو۔ دغا ۽ موت؟

يهوداه ٽيهہ چانديءَ جون مهرون ڪڍي ڏٺيون، جيڪي غداريءَ جي چند لفظن جي عيوض ۾ هن کي هڪ وڏو انعام معلوم ٿيون هيون. اهي هاڻي هن کي ٻرندڙ ٽانڊن وانگر ٿي لڳيون. انهن کي هاڻي هو ڇا ڪندو؟ ڇا، اهي ڪنهن معصوم خون جو ملهہ ٿي سگهيون ٿي؟ پر هاڻي، هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟

هو يسوع کي بچائي نٿي سگهيو۔ اها هن کي خبر هئي. ڳالهہ تمام گهڻي ٿي ويئي هئي. هو بيحد نراس هو. هو ايڏو تہ لڄي هو ۽ دکي هو جو هن کي پنهنجي من کي سانت ڪرڻ لاءِ ضرور ڪجهہ ڪرڻو هو.

”آءٌ عبادتگاهہ جي پادرين وٽ ويندس“، اوچتو هن سوچيو. ”هي ٽيهہ مهرون انهن کي وڃي موٽائي ٿو ڏيان، جيڪي هنن مون کي هن ڪڏي ڪم لاءِ ڏنيون هيون ۽ جن سان هنن منهنجو روح خريد ڪيو هو. جي ڀيو نہ، تہ اهو تہ ڪري ٿو سگهان! سڀيئي ربي تہ پلاطس جي قلعي ڏانهن ڪونہ ويا هوندا. انهن مان ڪي تہ عبادتگاهہ ۾ بہ هوندا ۽ عيد نجات جي جشن جون تياريون پيا ڪندا هوندا! آءٌ هن ئي گهڙيءَ اوڏانهن ويندس.“

پوءِ هو بيحد پريشان، لڄ ۽ پڇتاءَ سبب بنهه بيحال، چڙيل وار لٽل منهن ۽ اوجاڳي ۽ ارمان کان ٻاهر نڪتل سڄيل اکيون کڻي- ان جنوني حال ۾ وڃي عبادتگاهه ڏانهن ڀڳو. اتي جيڪي ربي ويٺا هئا، اهي هن کي ائين ڏسي، دهلجي ويا.

”مون گناهه ڪيو آهي“، يهوداه چيو. هن جي اندر جي پيڙا هن جي منهن مان ڳالهائي رهي هئي. ”مون هڪڙو ڀيانڪ ڏوهه ڪيو آهي. مون هڪڙي معصوم شخص سان دغا ڪئي آهي.“

”توکي ان جو پهرين خيال ڪرڻ کپندو هو“، ربين هن کي چيو. ”اسان جو ان ۾ ڇا؟ ان جو اسان سان ڪو واسطو ڪونهي.“

”هي پئسا توهان جا آهن، سي واپس مون کان وٺو!“ يهوداه دانهن ڪئي، ۽ چانديءَ جون ٽيهه مهرون اتي ”خدا جي گهر“ جي فرش تي اڇلي، انهن کي ڏنائين، ۽ اهي ڇڻڪاٽ ڪنديون، ۽ ٽيڙ ڪائينديون، سيني پاسي پکڙي ويون، ۽ ربي انهن مان هڪ هڪ کي ڏسندا رهيا.

۽ پوءِ غدار يهوداه، جنهن کي معلوم هو ته خوشي ۽ سانت، جنهن جو نالو اها ڪڏهن هن جي من کي ڪانه ملندي، عبادتگاهه مان اٿي ٻاهر نڪري ويو ۽ وڃي پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ماري ڇڏيائين.

وڏيڪ چڱو ٿئي ها، جيڪڏهن هو واپس يسوع وٽ وڃي ها. چاڪاڻ ته يسوع هن کي هن جا سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏي ها، ۽ پوءِ هو جي به سگهي ها، ۽ جنهن آقا سان هن غداري ڪئي هئي، ان جي نيڪ ڪم کي هو جيڪي سو اڳتي ڪري سگهي ها.

# 54 : يسوع صليب تي

جيل ۾ ٻه ٻيا قيدي هئا، جن کي به يسوع سان گڏ انهيءَ ڏينهن مارڻو هوس، اهي ڦورو هئا ۽ برابا جي ٽولي جا هئا. پلاطس حڪم ڪيو ته اهي يسوع سان گڏ صليب تي چڙهن.

هر قيديءَ کي پنهنجي صليب پنهنجي ڪلهي تي پاڻ کڻي مقتل ڏانهن هلڻو هو. صليب ٻن ٽڪرن جي ٺهيل هوندي هئي- هڪڙو ان جو اڀو

ٽڪر هو جيڪو زمين ۾ کپندو هو ۽ پيو ان جو سنئون ٽڪر هو جيڪو اڀي ٽڪر تي، ان جي مٿينءَ چوٽيءَ کان ڪجهه هيٺ، ڪليل ٻن ٻانهن وانگر، ٻڌي يا کپائي ڇڏيو هو- اها سڄي صليب قيدين کي کڻي هلڻي هئي.

قيدين کي پنهنجي پنهنجي ڳچيءَ ۾ تختي ٽنگڻي پوندي هئي، جنهن تي لکيل هوندو هو ته هو ڪير هئا، ۽ سندن ڏوهه ڪهڙو هو جنهن لاءِ کين موت جي سزا ملي هئي. پلاطس يسوع لاءِ به اهڙي هڪ تختي ناهي هئي. هن ان تي لکيو هو: "يهودين جو بادشاهه." پلاطس کي خبر هئي ته انهن لفظن تي يهودين جا وڏا ربي سخت ڪاوڙيا، ۽ سچ پچ اهي ڏاڍا ڪاوڙيا به پر تختيءَ تي جيڪي لکيو ويو هو ان کي ڦيرائڻ لاءِ پلاطس تيار نه هو.

سپاهين جيڪو ريتو ڳاڙهو چوغو يسوع کي پهرايو هو جڏهن هنن مٿس چٽرون ٽي ڪيون، سو ڪانئس هنن لهرائي ورتو ۽ هاڻي هن کي وري پنهنجا اصلوڪا ڪپڙا پهرايا هئائون. پوءِ هنن يسوع جي ڪلهن تي وزندار صليب رکي، ۽ ساڳيءَ طرح ٻن ڦورو قيدين جي ڪلهن تي به صليبون رکيائون.

هنن کي اهي پنهنجون صليبون ڪلهن تي کڻي، ڪافي پنڌ ڪري، ٽڪريءَ تي مٿي وڃڻو هو، جتي اهي بيهارڻيون هيون. يسوع ڏاڍو ٿڪل ۽ ڪمزور هو. هن ننڊ ڪانه ڪئي هئي. هن کي ٻي ترسيءَ سان ماريو ويو هو. ۽ هن کي، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇڪي ۽ گهلي پئي آندو ۽ نيو هئائون. ۽ هاڻي ڪيترائي راهگير هنن ٽن صليب کڻي ويندڙن جي پٺيان لڳا، ۽ واڪا ڪندا ۽ انهن تي ٺٺوليون ڪندا ۽ مٿن لقب لائيندا، انهن سان گڏ هلندا ٿي رهيا.

"ڙي، هن کي ڏسو!" هڪڙي ڪنهن رڙ ڪئي. "ڏسو ته هن جي تختيءَ تي ڇا لکيل آهي: "يهودين جو بادشاهه!" ڏسو ڏسو! لڳي ٿو نه هو بادشاهه؟"

يسوع، صليب کڻي، ٻين ٻن سان گڏ، هلندو رهيو پر هو ڪمزور هو ۽ ان جي ڳري بار هيٺ هو ٿڙڻ ۽ ٿابڙڻ لڳو. هو ڪِري ٿي پيو. ته سپاهين هن کي ٺڏا هڻي اٿاريو ٿي، پر وري وري هو ٿڙڪي ڪِري ٿي پيو. ائين ڏسجي رهيو هو ته هي ننڍڙو جلوس صليبن کوڙڻ واريءَ جاءِ تي تمام دير سان پهچندو. پوءِ رومن سپاهي چوڌاري نهارڻ لڳا ته اهڙو ڪو ماڻهو هجي، جو يسوع جي صليب کڻي هلي، ته جيئن جلوس ڪجهه تيز هلي سگهي.

هو وڏي ماڻهن جي گوڙ ۾ ويا. ۽ وچي هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻانهن مان جهليائون، جنهن جو نالو شمعون هو. "هن ماڻهوءَ جي صليب کڻ!" هن کي حڪم ڪيائون. ۽ شمعون مجبور ٿي، يسوع جي ڀاران صليب کڻي هلڻ لڳو. پوءِ يسوع ڪجهه وڌيڪ سولائيءَ سان اڳتي هلڻ لڳو.

مقتل تائين نيندڙ سڄي وات، ڪي ماڻهو هنن سوريءَ تي ويندڙ تي ڇڙن تي کل مسخري ۽ ٽوڪون ڪندا پئي ويا. ساڳئي وقت ان جلوس سان ڪي عورتون هيون، جيڪي سارو وقت روئنديون ۽ پار ڪڍنديون پئي هليون. انهن مان ڪن يسوع کي عبادتگاهه ۾ ڳالهائيندي ٻڌو هو ۽ بيمارن جي خبرچار لهندي ۽ انهن کي چڱو ڀلو ڪندي به ڏٺو هو. يسوع ڪنڌ ورائي انهن سان ڳالهائڻ لڳو.

"منهنجون مائرون، اوهين مون لاءِ نه روو!" هن ڏکندي آواز ۾ چيو. "اوهين پنهنجن معصوم ٻارن لاءِ روو چاڪاڻ ته انهن لاءِ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن اچڻ وارا آهن!"

يسوع کي شهر مان ٻاهر گلگتا نالي هڪڙي ٽڪريءَ تي وٺي ويا. اتي سپاهين وڏي ڪاٺ جي صليب تي ٻيهاري، هن جي هٿن ۽ پيرن ۾ ڪوڪا هنيا، ۽ هو اتي پنهنجن ٻنهي پاسن کان صليبن تي چڙهيل هڪ هڪ ڦورو جي وچ ۾ نشانبر ٽيون ٽنگيو پيو هو.

يسوع جي ٻنهي پاسن کان صليب تي چڙهيل ڦورن دل ڏاريندڙ سور کان توبهون پئي ڪيون ۽ وري وري سوريءَ چاڙهيندڙ پنهنجن دشمنن کي گاريون پئي ڏنيون ۽ واڪا پئي ڪيا. پر يسوع سڄي پنهنجي پيڙا پوري حوصلي ۽ صبر سان سهندو رهيو.

"منهنجا رب، منهنجا ٻاجهارا ....! هنن کي معاف ڪر، ڇو ته هي نتا ڄاڻن ته ڇا ٿا ڪن"، هن چيو.

پوءِ جيئن اهي اتي مٿي، تيز ساڙيندڙ اس ۾ ٽنگيا پيا هئا، ۽ سور کان انهن جو سنڌ سنڌ وڍجي رهيو هو ۽ بيوس ايترا هئا، جو جيڪو به لڱ تي چوريائون، اهو وڌيڪ تي سور ۾ ٽڪر ٽڪر ٿين. تيئن اتي ڪي اهڙا به ماڻهو هئا، جو رڳو تماشي ڏسڻ لاءِ وٽن پئي آيا، ۽ ڪن اڳتي وڌي مٿن مسخريون ۽ ٺٺوليون پئي ڪيون. انهن سڀني مٿن کان صليب جي ايپي

”تو ۽ مون تہ ڏوهہ ڪيو آهي، ۽ اسين ان جي سزا ڪاٽي رهيا آهيون“، هن چيو. ”پر هن ماڻهوءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ هي تہ بيڏوهو آهي!“ پوءِ هن يسوع ڏانهن منهن ڪيو.

”سائين“، هن چيو ”پنهنجي پاڪ بادشاهت ۾ مون خطاڪار کي نہ وساريندا!“

يسوع جي دل پرجي آئي ۽ ٻاجهارين اکين سان هن ڏانهن ڏٺائين ۽ پنهنجي آواز ۾ اٿليل هاڻ جو پاٻوهہ پري، هن کي چيائين: ”اڄ، جنت ۾ تون مون سان گڏ هوندين.“

ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي لڳل صليبن کان ٿورو پري، يسوع جا ڪي ٿورا دوست بيٺا هئا، ۽ هنن جون دليون ڏک ۾ وسامي رهيون هيون. هنن ڄاتو ٿي تہ هو ڪيڏو سور سهي رهيو هو. هنن ڄاتو ٿي تہ هو ان وقت پويان پساهہ کڻي رهيو هو. پر هو هن لاءِ ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيا.

يوحنا اتي هو، يسوع جو پياري ۾ پيارو ساٿي، ۽ ان سان گڏ مريم بيٺي هئي، يسوع جي ماءُ، ڏاڍي پريشان، ڏاڍي ڏکايل- هوءَ پنهنجو بيڏوهو سدورو پٽ ٻن ڦورن جي وچ ۾ سوريءَ تي چڙهيل ڏسي رهي هئي. يسوع پنهنجي پياري ساٿيءَ ۽ پنهنجي پياري ماناٿي ماءُ ٻنهي کي ڏسي رهيو هو ۽ پنهنجي مجبور ماءُ جي دل جو دک محسوس ڪري رهيو هو. هن جو هو ئي سهارو هو ۽ هو وٽانئس وڃي رهيو هو. ڪير هاڻي هن کي پٽ جو پيار ڏيندو ۽ هن جو خيال رکندو؟

هن ڏٺو تہ يوحنا هن کي پرڀائي رهيو هو- ائين ڄڻ هو هن جو سڳو پٽ هو. پوءِ يسوع هنن ٻنهي سان ڳالهايو.

”ڏس، اهو تنهنجو پٽ آهي!“ هن پنهنجي ماءُ کي چيو. ۽ يوحنا کي چيائين، ”ڏس، اِها تنهنجي ماءُ آهي!“

۽ ٻنهي سمجهيو تہ ان مان هن جو ڇا مطلب هو. يوحنا کي مريم جي سنڀال ائين ڪرڻي هئي، ڄڻ هوءَ سندس پنهنجي ماءُ هئي، ۽ هن کي يوحنا لاءِ ائين سوچڻو هو ڄڻ يوحنا سندس پنهنجو پٽ هو. ائين ان ڏينهن کان وٺي، يوحنا يسوع جي ماءُ، بيبي مريم، کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ پٽ وانگر هن جي سنڀال ڪيائين.

پنهنجي ان عذاب وقت بہ يسوع جي ڪومل من ۾ انهن جو ويچار هو جيڪي کيس پيارا هئا۔ ۽ ان وقت هو سچ پچ تہ ڪيڏي نہ عذاب ۾ هو! يسوع کي سچو اهو عذاب سهڻو هو ڇاڪاڻ تہ هن دل ۾ اهو پڪو ارادو ڪيو هو تہ اهو ئي رستو هو جو هو ماڻهن کي ڏيکاري سگهيو ٿي تہ انهن لاءِ هن جي وشال من ۾ ڪيڏو نہ اٿاهہ ۽ نرمل پيار موجود هو! پر ان مهل هو ايذيءَ تڪليف ۾ هو ۽ هو ايڏو ضعيب هو جو ائين ٿي معلوم ٿيو ڄڻ هن جو روح ڇپ ڇهڙي ڏک جي ڳري بار هيٺان دٻجي ۽ نپوڙجي رهيو آهي. هن محسوس ڪيو تہ هو بنھ هيڪلو هو ۽ پنهنجي حياتيءَ جي ان سڀ کان وڌيڪ اونداهي گهڙيءَ ۾ هن جي زبان تي خدا جي مداح جا اهي لفظ تري آيا، جيڪي هن ننڍپڻ ۾ سکيا هئا. جڏهن هو ماءُ جي دامن وٽي هلندڙ نستو ۽ بي سرتيو ننڍڙو نينگر هو:

"منهنجا مولا، منهنجا مولا، تو مون کي ڇو ڇڏيو آهي!"

اس ڏاڍي تکي هئي، ۽ يسوع اڃايل هو. هڪڙي سپاهيءَ هن جو جهيڻو آواز ٻڌو:

"آءٌ اڃيو آهيان."

هو ڊوڙي، ويجهي پيل ڪاري شراب جي ڪونڊيءَ وٽ ويو ۽ ڪپھ جي پوٽي ڪٽي ان ۾ وڌائين، جنهن پنهنجي مقدار جو پاڻيات ڇهي ورتو. پوءِ ان سپاهي ڊگهي هڪ لٺ جي چوٽيءَ تي اها ڪپھ جي پوٽي رکي، مٿي ڪري، يسوع جي چپن تائين آندي. يسوع پنهنجي ٽاندن جهڙي اڃ لاهڻ لاءِ ڪپھ جي ان پوٽيءَ مان ٿورڙو پاڻيات چوسي سگهيو ۽ هن جي اکين مان سرهائيءَ جا ڏيما آثار بکي اٿيا. هن مشڪل ۽ غمناڪ گهڙيءَ ۾ سپاهيءَ جي ان ٿورڙي مهربانيءَ، هن جي زخميل روح لاءِ مرهم جو ڪم ڏنو هوندو.

پوءِ يسوع چيو "بس، ڳالھ پوري ٿي!" هاڻي واقعي هو گهڙيءَ ٻن جو مهمان هو ۽ اها هن کي خبر هئي. پيار ۽ ٻاجھ ڀريل هن جي املھ حياتيءَ جي هاڻي پڄاڻي ٿي رهي هئي.

هن هڪ وڏي دانهن ڪئي. "منهنجا رب، منهنجا ٻاجهارا ...، آءٌ پنهنجو هيءُ روح توکي ٿو سونپيان!" هن جو ٽڪجي پيل مٿو ڍري پيو ۽ هو ماٺ ٿي ويو. ناصرت جو يسوع دنيا کان موڪلائي ويو.

جنهن گهڙيءَ هي تي ماڻهو صليب تي چاڙهيا ويا هئا. ان گهڙيءَ کان وٺي آخر تائين، سپاهين جو ڪپتان صليبن جي ويجهو ويٺو هو ۽ هن اهو سڀ ڪجهه پئي ڏٺو ۽ ٻڌو جيڪي يسوع اُن وچ ۾ اتي ڪيو تي يا چيو تي. يسوع جي پنهنجي ماءُ کي ڏيکاريل سڪ ۽ سنيهه ۽ هڪڙي ڦوروءَ لاءِ هن جو قياس ۽ قرب سڀ هن پنهنجي اکئين ڏٺا هئا. هن پنهنجن ڪنن سان يسوع جي اهي داڻهن بہ ٻڌي هئي، جيڪا هن پنهنجي آخري دم ڪڍڻ وقت ڪئي هئي، ۽ جيڪا چئي هن جي پوري زندگيءَ جي سوڀ ۽ سڦلتا جي للڪار هئي.

”تحقيق هيءَ هڪ نيڪ ماڻهو هو“، ڪپتان چيو. ”هيءَ سچ پچ خدا جو پيارو ٻالڪ هو.“

نيٺ انهيءَ گهڙيءَ هڪڙو ماڻهو وڏي اڳتي آيو. جنهن جو نالو يوسف هو ۽ اهو ارمتيہ جي ڳوٺ جو چڱو مڙس هو. هو يسوع جو پوئلڳ هو ۽ هن سان بيحد پيار ۽ عقيدت هيس، پر پاڻ کي ظاهر نہ ڪندو هو. ۽ جيسين يسوع جيئرو هو تيسين هن يسوع ۽ يسوع جي تعليم ۾ پنهنجي ايمان جو اعلان نہ ڪيو هو. پر هاڻي هن محسوس ڪيو هو تہ پنهنجي آقا جي گذري وڃڻ کان پوءِ هن کي پنهنجي ايمان جي سلامتيءَ ۽ صداقت لاءِ ضرور ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري، پهرين هو پلاطس وٽ ويو ۽ هن کان يسوع جو مڙهہ گهريائين، تہ جيئن هو ان کي دفنائي سگهي. پلاطس هن کي ان جي موڪل ڏني، ۽ پوءِ هن ۽ ٻين ڪن دوستن گڏجي يسوع جو مڙهہ صليب تان هيٺ لاٿو ان جي هٿن پيرن مان چيندڙ تڪا ڪوڪا هڪ هڪ ڪري ڪڍيا ۽ پوءِ يسوع کي هنن هڪڙي نرم سٽيءَ جي ڪپڙي ۾ ويڙهيو ۽ ان تي هنن چوڌڻ سرهاڻيون ۽ خوشبودار مصالحا ۽ جڙيون ٻوٽيون ڇٽڪاريون.

جنهن هنڌ صليبون کتل هيون، ان جي ويجهو ئي هڪڙو باغ هو. جتي هڪ نئين قبر هئي، جنهن ۾ اجا ڪنهن کي بہ نہ رکيو هئائون. اها ٽڪريءَ جي پاسي ۾ هڪ ننڍي غار وانگر ٺهيل هئي. يوسف اها قبر هٿ ڪئي ۽ يسوع جو مڙهہ کڻائي ان ۾ رکايو ۽ ان جي منهن تي هڪڙو ڳرو پٿر ڏياري ڇڏيائين تہ جيئن اهو بند رهي.

ڪي عورتون، جيڪي صليب جي پرسان بيٺيون هيون، ۽ بيٺي رنائون ۽ پار ڪيڍيائون، تن يوسف ۽ سندس ماڻهن کي اهو ڳرو پٿر ريڙهي، غار جي منهن تي ڏيندي ڏٺو. ”هاڻي اسان کي هتان هلڻ گهرجي،“ عورتن هڪبئي کي چيو. ”هاڻي يسوع لاءِ هتي ٻيو اسان کي ڪرڻو ئي ڇا آهي؟ پر هن جي مڙهه کي مکڻ ۽ سرهي رکڻ لاءِ عود ۽ لوبان ۽ ٻيا سرها مصالحا کڻي سگهوئي موٽي ٿيون اچون.“

# 55 : يسوع موٽي ٿو اچي

يسوع جي ساٿين کي جڏهن اهو سڀ معلوم ٿيو جو سندس پياري آقا سان ٿي گذريو هو، تڏهن هنن جي مٿان دهشت ۽ مايوسي طاري ٿي ويئي. هنن کي ڪا ڳالهه اعتبار ۾ نه پئي آئي. هيءَ نيڪ انسان، سندن پيارو دوست ۽ ايڏو شاناٺتو ۽ اٿموت ساٿي، جنهن هيترا معجزن جهڙا ڪم ڪيا هئا، ۽ جيڪو ايترو ڏاهو ۽ عالي همت ماڻهو هو اهو ائين ٻن ڌاڙيلن جي وچ ۾ بيهاري، صليب تي چاڙهيو ويو هوا ۽ اتي هن دم ڏنو!

يسوع جا ساٿي، ٽڙي پکڙي، يروشلم ۾ زير زمين ٿي ويا. انهن کي ڊپ هو ته هو ڏسبا ته جهلجي پوندا ۽ کين به سوريءَ تي چاڙهيو ويندو. هنن جي دل تان اِها ڳالهه ئي لهي ويئي ته يسوع چيو هو ته ٽي ڏينهن گذرندا ئي ڪين ته هو اٿندو ۽ سندس تعليم هنڌين ماڳين پکڙبي. هنن ائين سمجهيو جڻ هو ۽ هن جو پيغام هميشه لاءِ ختم ٿي ويا هئا.

هو بلڪل نراس ۽ پريشان هئا. شهر ۾ خوشين جا آواز اٿي رهيا هئا. جو ماڻهو وڏي جشن جون تقريبون ملهائي رهيا هئا. ۽ ٻئي پاسي يسوع جا ساٿي هئا، جيڪي بيحد غمناڪ ۽ بيوس هئا. ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو جڻ سندن سڄي دنيا هميشه لاءِ پرزا پرزا ٿي ويئي هئي.

ٽئين ڏينهن، صبح جو سوير. ڪي عورتون، جيڪي يسوع جون بيحد پياسي ۽ معتقد هيون، اهي هن جي قبر تي ويون. هنن گل، خوشبودار وڻن جا پن ۽ ڪيتريون ٻيون سرهاٽيون پاڻ سان کنيون هيون، جيڪي هنن ان غار ۾ ڇٽڪارڻ لاءِ خريد ڪيون هيون، جتي يسوع جو مڙهه پيل هو. هو

جيئن اوڏانهن آيون پئي، تيئن واٽ تي پاڻ ۾ يسوع جي دک جون ڳالهيون بہ ڪنديون پئي آيون.

"مون کي پڪي خبر آهي تہ غار ڪٿي آهي"، هڪڙيءَ چيو. "جتي هنن يسوع جو مڙهہ پئي رکيو اها جاءِ مون پاڻ پنهنجي اکين سان پئي ڏٺي. جڏهن هڪڙو وڏو پٿر ريڙهي، هنن غار جي منهن تي رکيو تہ بہ آءٌ اتي پرسان هيس ۽ سڀ اکئين پئي ڏٺم."

"وڏو پٿر!" ٻيءَ عورت چيو. "اهو تمام ڳرو تہ نہ هو؟ پاڻ ان کي چوري سگهنديوسين؟"

عورتن جڏهن ٻڌو تہ غار جي منهن تي هڪڙو وڏو ۽ ڳرو پٿر ڏنل هو تڏهن هو گهٻرائجي ويون تہ اهو پٿر هو ڪيئن اتان پري ڪري سگهنديون.

"اهو اسان کي اتان ڪير چوري ڏيندو؟" هو پريشان ٿي هڪٻئي کي چوڻ لڳيون.

اها سج اڀرڻ جي مهل هئي، ۽ هي عورتون بہ قبر واري باغ ۾ انهيءَ مهل اچي پهتيون هيون. غار وٽ پهچڻ سان، هنن جيڪي ڏٺو تنهن هنن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. قبر بہ ڪانئن پري ڪانہ هئي- پر ان جي اڳيان، غار جي منهن تي، ڪو بہ پٿر ڏنل ڪونہ هو! ڪنهن ماڻهوءَ اهو اڳي ئي اتان سوري پري ڪري ڇڏيو هو!

هو اتي حيران ٿي، بيهي رهيون- ڳالهائڻ نہ پئي اُڪليِن. نيٺ ڪجهہ اڳيريون ٿي، هو غار ۾ اندر گهڙيون. پر هنن ڏٺو تہ اتي يسوع جو مڙهہ هو ئي ڪونہ! ان جي بدران هنن قبر تي ساڄيءَ ٻانهينءَ وٽ هڪڙو ڪو نوجوان مرد ويٺل ڏٺو جنهن کي هڪڙو ڊگهو چمڪندڙ سفيد چوغو اوڍيل هو!

عورتون ڊپ ۾ وڃي ويون. هنن کي حيرت هئي تہ ڇا ٿيو هوندو! يسوع جو مڙهہ ڪيڏانهن ويو؟ هيءَ عجب جهڙو سهڻو نوجوان ڪير هو؟

هن ساڻن ڏاڍي ٻاجهاري نموني ۾ ڳالهايو- ڇو تہ هن ڏٺو تہ هو ڊپ ۾ ڪنبي رهيون هيون. "اوهين ڊڄو نہ! اوهين يسوع ناصريءَ کي پيون ڳوليو نہ. جنهن کي صليب تي چاڙهيو ويو هو! هو اٿي ويو آهي. هو هتي ڪونهي. ڏسو! هيءَ ئي جاءِ آهي نہ جتي هن جو مڙهہ رکيل هو!"

عورتن هنن جي ڳالهه ٻڌي، هو حيران ٿي ويون، ۽ هنن تي هيبت طاري هئي. هو ڪا ڳالهه سمجهي ڪونه ٿي سگهيون. ڇا، سچ پچ يسوع هليو ويو هو؟ ڇا، هو وري جيئرو ٿيو هو؟ هيءَ قبر جي پرسان عجب جهڙو ماڻهو ڪير هو! جنهن هنن سان انهيءَ نرمائيءَ سان ڳالهايو ٿي، ۽ جنهن نيٺ هنن کي يسوع جي ساٿين کي پهچائڻ لاءِ هڪڙو پيغام به ڏنو هو!

هو پٺي ورائي، وٺي ڀڳيون. ٻاهر صبح جي سج جي پهرين اُس پکڙي رهي هئي، سڄي واٽ هو ڊوڙنديون ويون. هنن جون دليون عجب ۽ خوف کان دڪ دڪ ڪري رهيون هيون. يسوع مري وڃڻ کان پوءِ وري اٿيو هو! هن جا ساٿي هيءَ اڻتيڻي خبر ٻڌي، ڇا چوندا؟

يسوع جي ساٿين عورتن جي خبر ڏاڍي تعجب سان ٻڌي، هنن کي ويسهه ئي نه پئي آيو ته اها ڪا ڳالهه سچي هوندي. پطرس ۽ يوحنا هڪدم اٿي کڙا ٿيا، ۽ وٺي قبر واري باغ ڏانهن ڊوڙ پاتائون. هنن اکين سان ڏسڻ ٿي گهريو ته ڇا ٿيو هو! عورتن جا لفظ هنن جي ڪنن ۾ ٻري رهيا هئا. "هو آقا کي قبر مان ڪڍي ويا آهن! خبر نه آهي ته ڪيڏانهن کڻي ويا اٿس!"

هو ٻيئي يڪساهيءَ ڊوڙي رهيا هئا، پر يوحنا، جيڪو ٻنهي ۾ ننڍو هو، سو تکو تکو اول اچي پهچي ويو. هن ٿورو نوڙي اندر ڏٺو. هو اچرج ۾ هو ته اندر ڇا هوندو! پر هن اتي ته ڪجهه به ڪونه ڏٺو! رڳو ڪفن جا اڇا سٽيءَ جا ڪپڙا اندر غار ۾ هڪڙي پاسي پيا هئا!

اڃا يوحنا اتي بيٺو ئي هو ۽ ٻڌتر ۾ هو ته اندر وڃي يا نه، ته پطرس به سهڪندو سهڪندو اچي پهچي ويو. هو هڪدم غار ۾ اندر گهڙي ويو. اتي هن ڏٺو ته ڪفن جا ڪپڙا پيا هئا، پر يسوع اتي هو ئي ڪونه! پطرس حيران ٿي ويو. عورتن جيڪا ڳالهه ڪئي هئي، سا سچي هئي! هيءَ ڪهڙي نه مبارڪ ۽ ساهه سڌير خبر هئي!

پوءِ يوحنا به اندر قبر ۾ ويو ۽ هن پڻ پڪ ڪري ڏٺو ته يسوع اُتي ڪونه هو. "پاڻ کي هڪدم هلي ٻين ساٿين کي هيءَ خبر ڏيڻ گهرجي"، پطرس چيو. "هاڻي، اسان سمجهيو ته جڏهن آقا چيو ٿي ته ٽي ڏينهن گذرندا ئي ڪين ته هو وري اٿندو، ته ان مان سندس مطلب ڇا هو. اڄ ئي اهو ٽيون ڏينهن آهي."

يوحنا ۽ پطرس پوءِ اتان اُن خالي قبر تان اٿي، ٻين پنهنجن ساٿين کي سڄي ڳالهه ٻڌائڻ ويا، جيڪا هنن ڏٺي هئي. هنن جي دل ۾ رڳو هيءَ تمنا هئي تہ ڪنهن ريت يسوع کي ڪٿي ڏسي سگهن! ۽ پوءِ سچ پچ بہ هنن جي اڳيان ثابت ٿي ويندو تہ هو وري جيئرو ٿي، هن دنيا ۾ اچي چڪو هو.

هڪڙي عورت، جنهن جو نالو مريم مگدليني هو ۽ جيڪا يسوع کي بيحد پيار ڪندي هئي، اها بہ ان ڏينهن صبح جو ان باغ ۾ ويئي، ۽ سڏڪا ڀريندي ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي ان قبر تي ويئي، جنهن ۾ يوسف کي يسوع جو خاموش ۽ بيوس مڙهہ رکندي ڏٺو هئائين. اتي پهچنديءَ هن بہ ڏٺو تہ غار جي منهن تي ڏنل اهو پٿر اتان هٽيو هڪ پاسي پيو هو. هن پوءِ جهڪي غار ۾ جهاتي پائي نهاريو ۽ اندر ٿي، قبر ۾ جوهہ وجهي ڏٺو.

هن جي عجب جي حد نہ رهي، جڏهن هن ڏٺو تہ جتي يسوع جو مٿو رکيل هو اتي هڪڙو فرشتو ۽ جتي هن جا پير هئا، اتي ٻيو فرشتو ويٺا هئا. جيئن ئي حيرت وچان هن انهن ڏانهن ڏٺو تيئن انهن ساڻس ڳالهايو.

"تون ڇو ٿي روئين؟" هنن پڇيو.

"ڇاڪاڻ تہ هو منهنجي آقا جو مڙهہ هتان کڻي ويا آهن، ۽ مون کي خبر ناهي تہ اهو هنن ڪٿي رکيو آهي." مريم مگدلينيءَ ڏاڍي ڏک ڀرئي آواز ۾ چيو.

پوءِ هن محسوس ڪيو تہ ڪو هڪڙو ٻيو ماڻهو هو جو هن جي ويجهو اچي بيٺو هو. سو هوءَ منهن ورائي ڏسڻ لڳي تہ اهو ڪير هو- جيتوڻيڪ هن جون اکيون ڳوڙهن ۾ ڀريل هيون ۽ هوءَ پورو ڏسي بہ ڪانہ ٿي سگهي. هن ائين محسوس ڪيو تہ اهو جيڪو هن جي ويجهو اچي بيٺو هو سو باغ جو مالهي هو.

"تون ڇو ٿي روئين"، هن ڏاڍيءَ ٻاجهہ سان هن کان پڇيو. "تون ڪنهن کي پيئي ڳولين؟"

"او سائين!" مريم دانهن ڪئي- هن جي ڳلن تان ڳوڙها ڳڙندا رهيا. "جيڪڏهن تو هن کي کنيو آهي، تہ تون مون کي رڳو ٻڌاءِ تہ هن کي ڪٿي رکيو اٿئي، تہ آءٌ هن کي اتان کڻي وڃان!"

۽ پوءِ جنهن ماڻهوءَ کي مريم مالهي سمجهيو هو تنهن منهن مان هڪڙو لفظ ڪڍيو - ۽ اهڙي تہ پيار ۽ ٻاجهہ سان هن اهو لفظ اچاريو هو جو هوءَ هڪدم سمجهي ويئي تہ اهو ماڻهو ڪير هو.

"مريم!" هن چيو.

هوءَ ڇرڪجي ويئي ۽ منهن ورائي هن ڏانهن ڏٺائين، ۽ هن جي هردي مان خوشيءَ جي رڙ نڪري ويئي. "منهنجا آقا!" هن کي خبر هئي تہ اهو يسوع جو آواز هو جنهن لاءِ هن جي دل ۾ اٿاهہ پيار هو. هوءَ پنهنجن گوڏن تي ڪِري پيئي ۽ هن جي آڏو ڪرنش بجا آندائين، ۽ هن جو من خوشيءَ ۾ تمتار ٿي ويو.

## 56 : يسوع پنهنجن ساٿين سان ملي ٿو

انهيءَ ڏينهن شام جو يسوع جا ٻہ ساٿي، يروشلم مان نڪري، امائوس جي ڳوٺ ڏانهن پئي ويا، جتي انهن جا گهر هئا. اهي جيئن ويا پئي، تہ پاڻ ۾ ڳالهائيندا بہ پئي ويا ۽ سڄي واٽ هنن جون ڳالهيون اهي ئي هيون، جيڪي گذريل ٽورن ڏينهن ۾ ٿي گذريون هيون.

هنن پنهنجي آقا يسوع بابت ۽ جيڪي سخت تڪليفون ۽ دک هن کي سهڻا پيا هئا، انهن بابت پاڻ ۾ ڳالهايو ٿي. هو ڏاڍا ڏکويل هئا، ۽ جيتوڻيڪ هنن اهو سڀڪجهہ ٻڌو هو جيڪو چيو پئي ويو تہ يسوع جي قبر واري باغ ۾ پوءِ ٿيو هو پر ان سڀ تي اعتبار ڪرڻ هنن لاءِ ڏکيو هو.

جيئن اهي ڳالهيون ڪندا، هو هلندا پئي ويا تہ پوئتان هڪڙو ماڻهو تڪڙو تڪڙو ايندي، اچي کين رسيو ۽ ساڻن گڏجي هلڻ لڳو. اونده لهي رهي هئي ۽ هو پوريءَ طرح هڪٻئي کي ڏسي بہ نہ پئي سگهيا.

اهو يسوع هو جيڪو ساڻن گڏ هلي رهيو هو- هائو، اهو يسوع هو جيڪو امائوس ڏانهن ويندڙ رستي تي هنن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي اڳتي وڌي رهيو هو. ۽ هن ساڻن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"اهو ڇا آهي، جيڪو اوهين هڪٻئي کي چئي رهيا آهيو ۽ جنهن بابت اوهين ايترا دکي ٿا ڏسجو؟"

”تون پڪ ئي پڪ يروشلم ۾ ڌاريون تو ڏسجين، جيڪڏهن توکي اهڙين پيانڪ ڳالهين جي خبر ناهي، جيڪي گذريل ٿورن ڏينهن ۾ اتي ٿي گذريون آهن؟ هڪڙي ساٿيءَ چيو جنهن جو نالو ڪلئوپاس هو.

”ڪهڙيون ڳالهيون؟“ ڌارئين شخص پڇيو.

”ناصرت جي يسوع بابت“، ڪلئوپاس چيو. ”هو هڪڙو حيرتناڪ ماڻهو هو- خدا جي آڏو ۽ سيني ماڻهن جي آڏو قول ۽ فعل ۾ هڪ عظيم انسان. هن کي ربين ۽ حاڪمن ڏوهي ڪري، صليب تي ٽنگي شهيد ڪري ڇڏيو.“

”توکي خبر آهي“، ٻئي ساٿي چيو ”تہ اسان اميد ٿي ڪئي ۽ اسان کي ويساهہ هو تہ هو اسان جي وطن اسرائيل ۽ ان جي ماڻهن کي بچائي سگهندو ۽ آزاد ڪرائي سگهندو. اها اميد اسان جي ختم ٿي ويئي. هاڻي اسان کي اسان وٽ ڪا اُميد باقي ڪانهي.“

”پر هڪڙي ڏاڍي عجيب ڳالهہ ٿي آهي“، ڪلئوپاس چيو: ”ڪي عورتون، جيڪي اڄ صبح جو هن جي قبر تي ويون هيون، تن اتي ڏٺو تہ قبر خالي پيئي هئي. ۽ هنن اتان موٽي اچي اسان کي ٻڌايو تہ هنن اتي فرشتا ڏٺا هئا. جن کين ٻڌايو تہ يسوع جيئرو هو! پوءِ اسان جي سنگت مان ڪي اتي ڏسڻ ويا، تہ جيڪي انهن عورتن ٿي چيو سو سچ هو يا ڪوڙ- پر هنن يسوع کي اتي ڪونہ ڏٺو.“

پوءِ اهو ڌاريون شخص ڏاڍي ڏاهپ ۽ شان سان ڳالهائڻ لڳو. ”اي بي سمجهؤ! جو ڪجهہ خدا جا نبي ۽ نيڪ ٻندا چئي ويا آهن، ان کي سمجهڻ ۾ اوهين ڪيترا نہ ڪُند ۽ ڍرا آهيو! اوهين اهو نٿا ڏسي سگهو تہ پنهنجي مقصد ۽ پنهنجي ڪمال کي پهچڻ واسطي، يسوع لاءِ اهي سڀ تڪليفون ۽ ڏک سهڻ ضروري هئا!“

۽ پوءِ ان ڌارئين شخص انهن کي سندن پاڪ ڪتابن جون ڪيتريون ئي ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ٻڌايون، جيڪي گهڻا گهڻا سال اڳي سندن بزرگ ۽ ڏاها شخص انهن ۾ لکي ويا هئا تہ هو انهن تي عمل ڪري ۽ انهن لاءِ ڏک ۽ تڪليفون سهي، پنهنجي مستقبل جي ڪمال کي پهچي سگهن. هو اهي سڀ ڳالهيون پوري ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا ۽ هنن جون

دليون اڇرج ۾ اتساهه ۾ پرجي ويون. ڪيترين ئي ڳالهين هو چٽيءَ طرح سمجهڻ لڳا، جيڪي اڳي هو ڪڏهن سمجهي نه سگهيا هئا. هاڻي هنن جي سمجهه ۾ هيءَ ڳالهه به ويٺي ته يسوع کي ايڏا سور ۽ ڏک ڇو سهڻا پيا هئا، ۽ ڇو هن پنهنجي طاقت پاڻ کي مدد ڪرڻ ۽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ استعمال نه ڪئي، جيتوڻيڪ هو سدائين ٻين کي بچائيندو ۽ ٻين جي مدد ڪندو رهندو هو.

ترت ئي اهو امائوس جي ڳوٺ ۾ پهچي ويا، ۽ ان ڏارئين شخص ائين ڏيکاءي ڏني، چڻ هو اڳتي وڃي رهيو هو. پر هو هن پنهنجي عجب جهڙي نئين دوست کان ڪنهن به صورت ۾ جدا ٿي نٿي سگهيا.

"اسان وٽ ترسي پئو!" هنن هن کي منٿ ڪئي. ذري گهٽ اڌ رات اچي ٿي آهي ۽ سڄي ڏينهن جي ٿڪ کي آرام به گهرجي!"

پوءِ هنن سان گڏ هو انهن جي گهر ويو ۽ هنن سان ويهي ماني کاڌائين. ۽ جيئن يسوع سدائين ڪندو هو هن پهريائين روٽي کنئي، ان لاءِ شڪر ادائي ڪئي، ۽ ان کي پيجي ٽڪر ٽڪر ڪيو ۽ انهن کي حصو حصو ڪري اهي ڏنائين.

اتي هو سمجهي ويا ته هيءَ هنن جو مهمان، جنهن ساڻن ههڙي ٻاجهاري نموني ههڙيون پيار ۽ ڏاهپ پريون ڳالهيون ٿي ڪيون، سو سندن ئي پنهنجو پيارو آقا يسوع مسيح هوا! هو اکيون ڦاڙي هن کي ڏسڻ لڳا – ۽ جيئن ئي هو هن کي ڏسي رهيا هئا، تيئن هو سندن نظرن کان غائب ٿي ويو!

"هيءَ يسوع هوا" ڪلئوپاس چيو ۽ هن جي دل خوشيءَ ۾ پرجي ويئي. "اسان کي ڄاڻڻ کپندو هو. جڏهن رستي تي هن اسان سان ڳالهايو ٿي ۽ اسان کي هيتريون ڳالهيون ايڏي قرب ۽ ڏاهپ سان سمجهايون ٿي، تڏهن اسان جا آنڊا اٿلي ڪين پئي آيا ۽ اسان جا روح جاڳندا ۽ دلين جا تاڪ کلندا ڪين پئي ويا؟"

"هاڻي اسان کي هڪدم موٽي يروشلم هلڻ گهرجي ۽ هلي هيءَ ڳالهه ٻين پنهنجن همراهن کي ٻڌائڻ گهرجي". هن جي ساٿيءَ چيو. پوءِ جيتوڻيڪ رات گهٽي گذري چڪي هئي، ۽ ڏاڍي اويل هئي، ته به هي ٻه ساٿي انهيءَ ئي مهل اٿي، انهيءَ ئي رستي سان، جنهن سان آيا هئا، يروشلم ڏانهن

روانا ٿيا. هنن جي دل ۾ ايڏي خوشي هئي، جو جيستائين ڪجهه نٿي ڪيائون، تيستائين ڪين آرام ڪونہ ٿي آيو.

جڏهن هو اتي پهتا، تڏهن هنن اتي پنهنجن ساٿين جو وڏو ميڙ گڏ ٿيل ڏٺو ۽ هنن انهن کي سڄي احوال کان واقف ڪيو.

"اسين ايستائين سمجهي نہ سگهياسين تہ هو يسوع هو جيستائين ڪ هن روٽي ڪٽي ان جي شڪرادائي نہ ڪئي ۽ ان کي ڀڃي، ان جا حصا حصا ڪري، ان کي ورهائي نہ ڏنا- جيئن هو سدائين ڪندو هو!" ڪلئوپاس چيو. "پوءِ اسان جون اکيون کليون ۽ اسان هن کي سڃاتو!"

ايتري ۾ جيئن گڏ ٿيل ساٿين پاڻ ۾ انهن عبرت ۾ وجهندڙ شين بابت پئي ڳالهايو ٻولهايو جيڪي انهيءَ ڏينهن اتي ٿي گذريون هيون، تيئن هنن ڏٺو تہ هڪڙو ڪو ٻيو شخص ساڻن گڏ ڪمري ۾ بيٺو هو! هو ڪو اوچتو اتي اچي ويو هو- ڪيئن آيو هو سا بہ هنن کي خبر پئجي ڪانہ سگهي هئي. پوءِ هن انهن سان ڳالهايو- ان آواز ۾ جيڪو هنن جو سڃاتل هو ۽ هنن جي دل کي بيحد سٺو لڳندو هو.

"اوهين سڀ شال سلامت هجو!"

سڀ ساٿي ڇرڪي پيا. هنن جي منهن مان خوف بکي رهيو هو. هو اکيون ڪپائي ان ماڻهوءَ کي ڏسي رهيا هئا، جيڪو چپ چاپ ۾ اوچتو وٽن اچي بيٺو هو. ڇا اهو يسوع هو؟ هنن کي اعتبار نہ پئي آيو. پر آواز تہ هن جو ئي هو!

يسوع ڏٺو تہ هنن کي ويسهہ نہ پئي آيو تہ سچ پچ هو پاڻ اتي هنن وٽ آيل هو. "اوهين ڇا لاءِ ٿا ڊڄو؟" هن پڇيو. "اوهان کي ڇا جو شڪ آهي تہ آءٌ سچ پچ هتي اوهان سان گڏ نہ آهيان؟ منهنجن هٿن کي ۽ منهنجن پيرن کي ڏسو- ڇا، اوهين نٿا سمجهي سگهو تہ سچ پچ آءٌ پاڻ اهو آهيان؟ ڀلي اوهين مون کي هٿ لائي ڏسو! جيئن مون کي هي گوشت آهي ۽ هي هڏا آهن، تيئن ڪنهن روح کي تہ ڪونہ ٿيندا آهن!"

پوءِ هن پنهنجا هٿ ڊگهيري، هنن ڏانهن ڪيا، ۽ پنهنجا پير وڌائي هنن کي ڏيکاريا، ۽ هنن اهي ڏٺا تہ انهن ۾ زخم هئا، جيڪي چيندڙ تکن ڪوڪن انهن ۾ ڪيا هئا، جيڪي انهن ۾ هنيا، هئائون. پوءِ هنن کي خبر

پيئي تہ بيشڪ هو يسوع پاڻ هو. سندن پنهنجو محبوب آقا، جنهن هنن لاءِ ايترين سختيون ۽ ايترا سور سٺا هئا. ۽ اجهل خوشيءَ ۾ هنن کان رڙ نڪري ويئي.

يسوع جو هڪڙو ساٿي، جنهن جو نالو توما هو سو انهيءَ مهل اتي ڪونہ هو جڏهن انهيءَ نموني يسوع هنن کي پاڻ سڃارايو هو ۽ جڏهن ٻين هن کي اها خبر ٻڌائي تہ هن کي ان تي اعتبار اچي نہ سگهيو.

"يسوع فوت ٿي ويو ۽ دفن ٿي ويو"، توما چيو. "هاڻي رڳو ڳالهيون پيون هلن، ۽ عجيب غريب خبرون پيون ٻڌجن، پر منهنجي لاءِ انهن کي مڃڻ مشڪل آهي. هاڻي، اوهين ٿا چئو تہ اوهان مولا يسوع کي ڏٺو آهي! پر آءٌ پاڻ جيستائين هن جي هٿن ۾ ڪوڪن جا نشان نہ ڏسندس، ۽ هن جي زخمن تي پنهنجون آڱريون رکي نہ ڏسندس، تيستائين آءٌ ڪونہ مڃيندس تہ هو ڪو يسوع آهي."

اٺن ڏينهن کان پوءِ يسوع جا ساٿي وري گڏ ٿيا. دشمنن جي خوف کان جاءِ جو دروازو هنن بند ڪري ڇڏيو هو. هن موقعي تي توما بہ انهن سان گڏ اتي موجود هو.

۽ ان موقعي تي يسوع ٻيهر وٽن آيو ۽ چيائين، "اوهين سڀ شال سلامت هجو!" ۽ پوءِ هن توما جي منهن ۾ نهاريو چاڪاڻ تہ هن کي خبر هئي تہ توما ڇا چيو هو.

"هيءَ منهنجو هٿ وٺ ۽ ان ۾ ڪوڪن جا نشان ڏس!" هن توما کي چيو. "پنهنجون آڱريون منهنجن زخمن تي هڻي ڏس! وڌيڪ شڪ نہ ڪر، هاڻي مڃ، ۽ منهنجي مهما کي تسليم ڪر!"

۽ توما کي هاڻي ڪو شڪ ڪونہ هو تہ هو يسوع هو. "منهنجا آقا! منهنجا مولا!" هن دانهن ڪئي.

"توما"، يسوع چيو "تو تہ مون کي ڏٺو آهي ۽ پوءِ مون کي مڃيو آهي، پر مبارڪ آهن اهي، جن ڏسڻ کان سواءِ مون کي مڃيو!"

# 57 : يسوع گليل جي علائقي ڏانهن

هڪڙو ڀيو پيرو يسوع پنهنجن ساٿين سان گليل جي علائقي ۾ مليو. ان پيري ٻه يسوع هنن وٽ اوچتو آيو جڏهن هنن کي هن جي اچڻ جو نه گمان هو ۽ نه آسرو هو. سڀ يروشلم کان موٽي گليل ۾ آيا هئا. ۽ انهيءَ ڏينهن، پطرس، جيڪو بنا ڪنهن ڪم جي، ويٺي ويٺي، ڪڪ ٿي پيو هو. پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، پري سمنڊ ۾ مڇين مارڻ لاءِ نڪري ويو هو.

"آءٌ ته وڃان ٿو مڇيون مارڻ،" هن ٻين کي چيو.

"اسين به ٿا هلون"، انهن چيو. ۽ ائين چئي، هو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺا ۽ ٻاهر سمنڊ ۾ نڪري ويا. اها سڄي رات هو مڇي ماريندا رهيا، پر هڪ مڇي به ڦاسائي نه سگهيا.

جڏهن صبح ٿيو ته هنن ڪناري طرف نهاريو ۽ اتي هڪڙو ماڻهو بيٺل ڏٺائون. ان اوپري ماڻهوءَ اتان سڏ ڪري، هنن سان ڳالهايو.

"اوهان وٽ کائڻ لاءِ ڪا مڇي آهي!" هن رڙ ڪئي.

"نـا" هنن جواب ڏنو.

"پنهنجو ڄار ٻيڙيءَ جي ساڄي پاسي وجهو: اوهان کي گهڻي مڇي ملندي،" ڪناري تي بيٺل ماڻهوءَ چيو.

پوءِ هنن پنهنجو ڄار ٻيڙيءَ جي ساڄي پاسي پاڻيءَ ۾ اڇلايو ۽ هڪدم ان ۾ ايتريون ته مڇيون اچي ڦاٿيون، جو ان کي ڇڪي مٿي ڪڍڻ ئي هنن لاءِ مشڪل ٿي پيو. هيءَ وڏي هڪڙي عجب جهڙي ڳالهه هئي. يوحنا اتان ڪناري تي بيٺل ان اوپري ماڻهوءَ ڏانهن چتائي نهاريو ۽ ڏسي، ڏسي، هن ڏاڍي امنگ ۾ پرجي، پطرس کي دانهن ڪري چيو:

"هو ڏس! يسوع!!"

پطرس، ٻڌڻ سان، ڪناري ڏانهن نگاهه ڪئي، ۽ هڪدم ڪُٽي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنائين ۽ فورا تري ڪناري تي وڃي پهتو. هن کي هر صورت ۾ يسوع وٽ پهچڻو هو. هو هڪ پل به ترسي نٿي سگهيو. ٻيا به هن جي پوئتان ٻيڙيءَ مان ٻتيلو لاهي، ان ۾ چڙهي، جهٽ ۾ اتي پهچي ويا. اهي پاڻ سان مڇين سان ڀريل ڄار به ٻتيلي سان ٻڌيو گهليندا آيا.

هو جڏهن ڪناري تي پهتا، تڏهن ڏٺائون ته باهه پئي ٻري ۽ ان تي مڇي پچي رهي هئي، ۽ پاسي کان مانيون رکيون هيون.

"اوهين جيڪا مڇي ماري آيا آهيو ان مان به ڪا ڪٽي اچو: اها به گڏجي کائينداسون"، يسوع چيو. اهو ٻڌي، پطرس مڇيءَ سان ڀريل چار ڇڪي پاڻيءَ مان ڪڍيو ۽ ان ۾ ڦاٿل مڇيون ڳڻڻ لڳو. جڏهن اهي ڳڻي پوريون ڪيائون ته هڪ سؤ ٽيونجاهه ٿيون. پر ته به چار صحيح سلامت هو ۽ هڪ هنڌان به مڇيون ان کي ڇني نه سگهيون هيون! هڪڙيءَ محل چار ۾ ايترين مڇين ڦاسڻ جي اها ڳالهه يوحنا کي زندگيءَ جي آخري دم تائين، جڏهن هو تمام پيرسن ٿي ويو هو هميشه ياد رهي.

"ويهو ته کائون"، يسوع چيو. پوءِ هو سڀ گڏجي پنهنجي نيرن کائڻ وينا، ۽ چپ چاپ کائيندا رهيا. منجهائن ڪو هڪڙو ساٿي به همت ڪري هن کان پڇي نه سگهيو ته سچ پچ هو سندن آقا يسوع هو، جيڪو وٽن موٽي آيو هو يا هو ڪو ٻيو هو! ترت ئي هنن کي معلوم ٿي ويو ته هو اهو ئي سندن پنهنجو هميشه وارو محبتي دوست، ساٿي ۽ آقا يسوع مسيح ئي هو!

پطرس کان اها ڳالهه وسري ڪانه سگهي هئي ته هو ٽي ڀيرا پنهنجي آقا کان انڪاري ٿيو هو- جڏهن يسوع کي وڏي عبادتگاهه جي سردار ربي، ڪائفا، جي محل ۾ وٺي ويا هئا. هن کي اها ئي ڳڻتي هئي ته يسوع پنهنجي تبليغ جي ڪم لاءِ هن تي وڌيڪ ڀروسو ڪري سگهندو الائي نه! يسوع کي به پطرس جي انهيءَ ڳڻتيءَ جي ڄاڻ هئي. هو پوءِ پطرس کي وٺي، هڪ پاسي ويو ۽ هن سان ڏاڍي پيار واري ۽ گنڀير نموني سان ڳالهايائين.

"شمعون!" هن چيو- يسوع هن کي ان جي اصلي نالي سان پڪاريو- پطرس هن جو پوءِ جو نالو هو جيڪو يسوع هن تي پنهنجي پهرينءَ ملاقات وقت رکيو هو. "شمعون! ڇا، هنن ٻين کان وڌيڪ تون مون کي پيار ڪونه ٿو ڪرين؟"

۽ پطرس چيو "هائو منهنجا سائين! تون ڄاڻين ٿو ته آءٌ توکي ائين پيار ڪريان ٿو."

"ته پوءِ منهنجن گهيٽڙن کي چار ۽ پيار!" يسوع چيو جنهن مان هن جو مطلب هو ته پطرس ٻين انهن ماڻهن جي رهبري ۽ مدد ڪرڻ کپي، جن

کي خدا جي گهٽي خبر ڪانہ هئي. پوءِ يسوع وري هن کي چيو "شمعون، تون مون کي پيار ڪرين ٿو؟"

۽ پطرس ٻيو ڀيرو جواب ڏنو "هائو منهنجا آقا، تون ڄاڻين ٿو تہ آءٌ توکي پيار ڪريان ٿو."

"تہ پوءِ، منهنجين رڍن کي چار ۽ پيار!" يسوع چيو ۽ هن ڀيري هن جو مطلب هو تہ پطرس کي انهن ماڻهن جي رهبري ۽ مدد ڪرڻ کپي، جن کي "گهيٽڙن" کان وڌيڪ ڄاڻ ۽ سمجهہ هوندي آهي.

وري يسوع پطرس کي چيو "شمعون، تون مون کي پيار ڪرين ٿو؟" ان تي پطرس کي ڏک ٿيو ڇاڪاڻ تہ اهو سوال يسوع هن کان ٽيون ڀيرو پڇيو هو.

"منهنجا مولا، تون سڀڪجهہ ڄاڻين ٿو"، هن چيو "۽ انهيءَ ڪري توکي ضرور ڄاڻ هوندي، تہ آءٌ بيحد توکي پيار ڪريان ٿو."

"تہ پوءِ، منهنجين رڍن کي چار ۽ پيار." يسوع چيو.

ٽي ڀيرا پطرس پنهنجي آقا کان انڪاري ٿيو هو ۽ هاڻي ٽي ڀيرا هن اقرار ڪيو هو تہ هو سندس ڇيلن ۽ گهيٽڙن جي سنڀال ڪندو ۽ هن جو پيار هو.

ائين، يسوع وري هن تي اعتماد رکيو. يسوع کي خبر هئي تہ پطرس هڪ اڏول پهاڙ تي بيهندو جنهن تي هن جي سچيءَ دعوت جو دارومدار رهندو ۽ ان جي بنياد تي ئي سندس سچي ڪليسا جي تعمير ٿيندي. پطرس ئي سندس غريب گهيٽڙن ۽ رڍن جي ڌڻ کي چاريندو پياريندو ۽ هو ئي سندس تعليم جي رستي سان ٻين جي رهبري ۽ مدد ڪندو. يسوع جو هيءُ نيڪ ۽ سچو ساٿي ۽ پوئلڳ پنهنجي ان ڀاڳ تي ڏاڍو خوش هو.

## 58 : ڳالهہ جي پڄاڻي

ان کان پوءِ چاليهن ڏينهن تائين يسوع ڌرتيءَ تي رهيو ۽ اهو سڄو وقت هو دوستن ۽ ساٿين وٽ ويندو رهيو ۽ هنن کي همٿائيندو رهيو ۽ ٻڌائيندو رهيو تہ هنن جا ڪهڙا فرض هئا ۽ کين ڇا ڪرڻو هو. هنن کي آسماني بادشاهت جي قائم ٿيڻ جي خوشخبري هر ڪنهن کي ٻڌائڻي













ISBN: 978-969-625-049-4 Rs. 600/=